
دادو ضلعو _ هڪ اپياس

(علمي، ادبي ، سياسي ، سماجي ۽ ثقافتي تذڪرو)

محمد عرس "اظهر" سولنگي



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

دادو ضلعو- هڪ اپياس

(علمي، ادبي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تذڪرو)

محمد عرس "اظهر" سولنگي

واڌارا سڌارا، تصحيح ۽ مقدمو:

دين محمد ڪلهوڙو



سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ

2013ع

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو-

[ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

چاپو پهريون سال 2013ع تعداد 1000

هيءُ ڪتاب الله ڏتي وگهڻي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، پيڪاڊ پرنٽرس ڪراچي مان چپرائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

فهرست

* چپائيندڙ پاران		ب
* مقدمو	ـ دين محمد ڪلهوڙو	ت
* مهاڳ (پهريون چاپو)	ـ عبدالغفار صديقي	ش
* پ لفظ	ـ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري	ض
* پنهنجي پاران		ظ
* اڻپنا		غ

دادو ضلعو: هڪ اڀياس

* **دادو تعلقو**	1
دادو شهر جون بازارون	6
دادو شهر جا رستا	8
محلا، پاڙا ۽ ڪالونيون	11
دادو شهر جا اوتارا ۽ خانقاهون	12
ڪڏون	14
دادو شهر جا علماءِ ڪرام ۽ خطيب	15
دادو شهر جون پراڻيون عمارتون	17
دادو شهر ۾ رهندڙ قبيلا ۽ ذاتيون	20
تعلقي دادو جا ڳوٺ	21
اڳهه پار جو جائزو	22
دادو شهر جا معززين	24
دادو شهر جا تعليمي سربراهه	27
* **جوهي تعلقو**	36
* **خيرپور ناٿن شاهه تعلقو**	42
* **ميهڙ تعلقو**	44
* **دادو ضلعو**	48
اولياءِ ڪرام	68
فقيهه معلم ۽ مدرس	76

ادیبءِ شاعر 152
سیاستدانءِ سیاسي ورکر 293
سیاسي تنظیمون 333
مزاحمتي تحریکون 339
ادبي تنظیمون 352
لائبریریون 357
سماج سڌارک 363
سماجي تنظیمون 405
پیشه ور تنظیمون 419
صحافت 422
پولیس جا شهید جوان 431
ڳائڻا 439
فن جي دنیا ـ ڪلبءِ اداکار 449
ملهه پهلوان 465
متفرق شخصیتون 475
آپیاشي نظام 478
زرعي پیدائش 482
خریف وارا نصل 483
هنر (دستکاریون) 484
برساتونءِ ہوڏون 485
پتڙ 487
ڏندونءِ ڏورا 490
تاریخي ورثو 493
واهڙءِ وسندیون 505
مدڊي ڪتاب 597

چپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ جي شروع کان ئي اها کوشش رهي آهي ته وڏ کان وڏ سنڌ ۾ معياري ڪتاب ڇاپي پڌرا ڪيا وڃن. جيئن بورڊ پنهنجي اصلي مقصد ڏانهن رڪون وڌائيندو هلي. قبلہ سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جن جي بورڊ جي چيئرمن شپ سنڀالڻ کان پوءِ بورڊ انهيءَ رڃا تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. تجويز آيل هئي ته سنڌ جي تاريخ تي نئين سر ڪم ٿئي. پر اُن ڪم جي شروعات تعلقي پوءِ ضلعي کان ڪجي. تجويز بهتر هئي. پر اُن تي ڪير ڪم ڪري نيصلو ٿيو ته سڄيءَ سنڌ مان اهڙن فيلڈ ورڪرن جي لسٽ ناهجي. جيڪي پنهنجن پنهنجن تعلقن ۾ ضلعن مان ڏيڻا گڏ ڪري اسان کي ڏياري موڪلين ۽ پوءِ اها ڏيڻا ماهر اسڪالرن جي ڪميٽيءَ جي آڏو رکجي. جنهن تي ماهر اسڪالر ڪم ڪن. محترم محمد عرس 'اظهر' سولنگيءَ جو ڪتاب هن سلسلي جي پهرئين ڪڙي آهي. هن کان پوءِ انشاءالله بين تعلقن ۽ ضلعن تي انهيءَ نوعيت جا تذڪرا ڇاپي پڌرا ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا.

هن ڪتاب ۾ محمد عرس 'اظهر' سولنگي تعلقي دادو سان نسبت رکندڙ تاريخي ماڳن، مڪانن، شهرن، ڳنڍن، تلائن، شاخن، مندرن، مسانڻن، ادارن ۽ شخصيتن سميت تعلقي جي تاريخ ۽ جاگرافي تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڪتاب جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ ۾ نوجوان محقق ۽ استاد ميان دين محمد ڪلهوڙي سان گڏجي ضروري حاشين سميت واڌارا سڌارا ڪيا جڏهن ته ڪتاب جو مقدمو ميان دين محمد ڪلهوڙي لکيو. هن صاحب به هن ڪتاب کي سهڻو ڪري پيش ڪرڻ ۾ اصل ليکڪ وانگر پرپور ڪوشش ڪئي آهي. ادارو ڪتاب جي اصل ليکڪ ۽ ايڊيٽر ٻنهي جو ٿورائتو آهي ۽ انهن جي محنت کي قدر جي نگاهہ سان ڏسي ٿو. اسان هيءُ ڪتاب شايع ڪري لائق پڙهندڙن کان پڙ راءِ ونڊ چاهيون ٿا ته جيئن اهڙي نوعيت جي ايندڙ ڪتابن ۾ انهن مشورن جي روشنيءَ ۾ بهتر کان بهتر ڪم ڪري سگهون.

الهڏتو وگهيو
سيڪريٽري

جام شورو سنڌ
5 محرم الحرام 1434هـ
اڳاري 20 ـ نومبر 2012ع

بسم الله الرحمن الرحيم

مقدمو

عظيم سنڌ: انساني تهذيبن جو هندورو

عظيم سنڌ ۽ مهان سنڌو تهذيب جا فرزند:

شروع ڪجي ٿو انهن بن مقدم ۽ مقدس هستين جي نالن سان جن جي سنجوڳ کان سواءِ اسان جو وجود ناممڪن هو/آهي:

عظيم سنڌ اسان جي امڙ، مهان سنڌو اسان جو پيءُ!

عظيم سنڌ امڙ جي گود ۾ مون سميت هزارين، لکين بلڪ ڪروڙين فرزند پلجي وڏا ٿي، مَري وري به اُن ئي مهان ۽ شفيق هستيءَ جي هنج ۾ بي اُلڪا ٿي ابدي ننڊ سُمهي رهن ٿا. سنڌ امڙ اسان جي جيئري به پالنا ڪري ٿي، ته مُئي به وساري ڪين ۽ پنهنجي مقدس وجود ۾ اسان کي جذب ڪري ٿي. اِها مهانتا صرف اهڙي ئي هستيءَ کي سونهين ٿي ساڳئي وقت مهان سنڌو جَل ٿل ۽ بڃجي، اسان جي لاءِ طرح طرح جا ميوا، اناج، پاڇيون ۽ ٻيون بيشمار نعمتون تيار ڪري، اسان کي زندهه رکڻ جا نِت نوان جتن ۽ اسباب مُهيا ڪري ڏيئي ٿو ۽ اسان اُن جي نعمتن مان هر وقت سير ابجندا رهون ٿا. اسان سيئي گڏ ٿي، اِنهن ٻنهي مهان هستين جا ڳُڻ ڳائي حق ادا ڪري نه سگهنداسون. اسان کي ايڏا يا ايترا موزون لفظ ئي نه ملندا، جي هنن ٻنهي مقدم مقدس ۽ عظيم هستين جي شان ۾ گڏ ڪري ڪو قصيدو ٺاهي سگهون.

عظيم سنڌ ۽ ان جو اسين اولاد، مهان سنڌوءَ جي مرهونِ منت آهيون. مهان سنڌو جيڪڏهن موج مستيءَ ۾ اچي ته اسان جي عظيم سنڌ امڙ ۽ ان جو اسان اولاد به خوش آهيون. اسان عظيم سنڌ ۽ مهان سنڌوءَ جا وارث ۽ انهن جا تحفظ ڪندڙ پُٽ آهيون. پاڪ هستي سنڌ ۽ مهان سنڌو جيترا اسان کي مٺا، اوترا ئي سنڌن شهر، ڳوٺ، واهڻ، وسنديون، ٽر، بر، جهنگ، جبل، اُتر، ڪاڇو، لاڙ، ڪوهستان وغيره مِٺا ۽ محبوب آهن. انهن سيني تي ڳالهائڻ، لکڻ ۽ بحث ڪرڻ تي دل ور ور تيار ٿئي ٿي ۽ خوشيءَ مان ڀاڀي نه ٿي.

مهان سنڌو تهذيب (سنڌو سيويتا):

دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته سنڌي ماڻهو هزارين نه پر لکين ۽ ڪروڙين سالن کان هن ڌرتيءَ جا رکوال رهيا آهن. هنن ئي ماڻهن "سنڌو سيويتا" (Indus Civilization) جو بنياد رکيو. سندن تهذيب و تمدن عالمگير اثر رکندڙ هئي. هنن ماڻهن "سنڌو سيويتا" کان اڳ وارا سيئي دور ڏٺا، جهنگ ۽ غارن ۾ رهڻ وارو دور، پٿر جو اوائلي ۽ پوءِ وارو دور، ڪِنجهيءَ جو دور ۽ لوهي دور وغيره به ڏٺو. ڪِنجهي واري دور ۾ هي ماڻهو تهذيب يافته (Civilized) بڻيا ۽ نوان نوان شهر آباد ڪيائون. جو پوءِ اڳتي هلي سنڌو سلطنت (Indus Empire) جا بنياد رکيائون. وڻج واپار ڪرڻ ۾ به اڳيرا ٿيا ۽ ٻيڙن وسيلي دنيا جي ٻين آبادين سان به لهه وچڑ ۾ آيا ۽ دنيا وارن تي پنهنجو تهذيبي اثر ۽ ڏاکو به ويهاريائون.

سنڌو تهذيب جي ماهرن (جن ۾ اڪثريت باهرين اسڪالرن جي آهي) جو رايو آهي، ته پهريان تهذيب يافته

ماڻهو سنڌ جا آهن. جن ٻاهر وڃي ٻين نين تهذيبن کي جنم ڏنو. عظيم سنڌ ۽ مهان سنڌوءَ جا ماڻهو 4700 ق.م ڌاري موجوده بلوچستان جي رستي سان ايران، عراق ۽ مصر کان ٽيندا يروشلم (فلسطين) پهتا. جتان يوءِ هو ڪريٽ (Crete) جي ٻيٽن تي پهتا. وري اتان هو يونان ۽ پوءِ اوپر يورپ کان اولهه يورپ سميت سڄي يورپ ۾ ڦهليا ۽ اتي وڃي نوان ملڪ آباد ڪيائون. سنڌ ۾ اهو برفاني دور هو. عظيم سنڌ ۾ ان کان اڳ به ڪي ٻه برفاني دور ٽپيا ۽ مها ٻوڏون آيون. ٻي مها ٻوڏ 5000 ق.م ڌاري آئي ۽ هتان جي ماڻهن وري ٻين خِطن ڏانهن لڏپلاڻ شروع ڪئي. عظيم سنڌ ۾ ڇهن برفاني دورن جي پڄاڻيءَ کان پوءِ موهن جي شهر جو وجود ٿيو. موهن کي آباد ڪرڻ وارا اوائلي سنڌي دراوڙ لوڪ هئا.

اِهي ڳالهيون ٻين پرڏيهي اسڪالرن ۽ عالمن سميت آمريڪا جي جڳ مشهور خاتون محقق اوميل (Aoumiel) به پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ ڄاڻايون آهن. هڪ ٻي آمريڪي خاتون محقق 'ائن مورا' پنهنجي ڪتاب 'Book of Shadows' ۾ عظيم سنڌ جي قدامت جي وڏي ساراهه ڪئي آهي. هُن ته ائين به لکيو آهي ته مهذب انسانذات جي شروعات سنڌ کان ٿي آهي ۽ مغربي ثقافت به عظيم سنڌو ماٿريءَ جي مرهون منت رهي آهي. هن جي تحقيق مطابق: اولهه روم جي ايٽروسڪان (Etruscan) ثقافت دراوڙي ثقافت هئي. هي ماڻهو سنڌوسيويتا جي خاتمي کان پوءِ ليڊيا (ترڪي) ۾ پهتا. اتان وري روم جي ايٽروسڪان ۾ رسيا. هنن ماڻهن جي اُتي رهائش وارو زمانو محقق 'ائن مورا' 1200 ق.م کان 200 ق.م تائين ڏيکاريو آهي. [ائن مورا/عطا محمد پنيرو- "سنڌ ڏرتي مذهبن جي ماءُ" (2010ع) ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن ڪڀيارو ڏسو مترجم جو نوٽ] 'اوميل' ته پنهنجي تحرير ۾ واضح طور لکيو آهي ته:

"سميري پنهنجي واهپي جو سمورو سامان سنڌ مان گهرائيندا هئا. پر سميريا جو ڪوبه وکر سنڌ ڏانهن نه ويندو هو. اهو سنڌ جو ڪلاسيڪي بينڪي انتظام هو ۽ سنڌ ۾ مختلف قسمن جو سامان ناهڻ جي هڪ وڏي تاريخ موجود هئي. سميريا جا ڪيترائي حڪمران سنڌي الاصل ۽ سنڌي النسل مان هئا. جهڙوڪ: سارگان-I ۽ II (اصل نالو سري گياني-I ۽ II*)." ["اِنسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" (جلد-5، 2012ع) ڇپائيندڙ: سنڌي بولي ۽ جو بااختيار ادارو حيدرآباد، ص 79]

ان ريت اسان اهو چئي سگهون ٿا ته عظيم سنڌ ۽ مهان سنڌوءَ جا فرزند، پنهنجي دور ۾ پنهنجي سيهوڳي سيويتائن (Contemprary Civilization) ۾ سڀ کان چست، ترقي يافته، امن ۽ اهنساء پسند ماڻهو هئا. ماهرِ ارضيات موجب: مهان سنڌوءَ جو جنم 70 ملين سال اڳ واري دور جي وچئين عرصي ۾ ٽيو ۽ عظيم سنڌ جو جنم، ان وقت ٽيو جڏهن هماليه جبل ٽهيو ۽ هماليه ٽهڻ جو عرصو 2 کان 7 ملين سال اڳ پلائيوسين عهد (Pliocene epoch) ٻڌايو وڃي ٿو. [بدر ابڙو- "ڪير ٿر جو سفر" (پاڻو-1) ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ص 29، 30، 31، 40]

سنڌ تي اهو نالو ڪيئن ٿيو:

سنڌ جي ان نالي پوڻ تي به روايتون ملن ٿيون:

(1) سنڌ کي اهو نالو مهان 'سنڌو' تان ٿيو. سنسڪرت ۾ 'سنڌو' کي سمنڊ يا وڏو درياءَ سڏين. [پيرومل مهرچند آڏواڻي- "قديم سنڌ" (1992ع)، ڇپائيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو، ص 36]

(2) 'سنڌ'، حام بن نوح عليه السلام جي اولاد مان هڪ فرد ٿي گذريو، جنهن تان هيءُ ملڪ 'سنڌ' سڏيو. [ڏسو- "پيرومل وارو حوالو"، ص 34]

---

* محترم رياڪاهو

سنڌي ۾ سنسڪرت هولين جي ماهر ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ لفظ 'سنڌو' جو ڏاتو (بنياد) 'سيند'(Syand) ڪڍيو آهي. سنسڪرتي لفظ 'سيند' جي معنيٰ آهي- 'وهڻ'. انهيءَ بنياد مطابق 'سنڌو' جي معنيٰ ٿي- "اها ندي جا سدائين پئي وهي." ڪاڪي پيرومل اِها معنيٰ امپيريل گزيٽيئر، بينفي صاحب واري سنسڪرتي لغت، پروفيسر آپٽي واري سنسڪرتي لغت ۽ بين ڪتابن تان ورتي آهي. [ڏسو- "پيرومل"، ص 36]

پروفيسر مئڪس ملر جي راءِ موجب، ان لفظ جو ڏاتو "سِنڌ" آهي. "سنڌ"، جي معنيٰ آهي- "بچاءُ ڪرڻ". مئڪس ملر جي خيال مطابق: سنڌو جن هنڌان وهي ٿو تن هنڌن جي رهاڪن جو ڏارين جي ڪاهن ۽ جهنگلي/وحشي جانورن جي حملن کان بچاءُ ڪري ٿو. [ڏسو- "پيرومل"، ص 36]

منهنجي نظر ۾ اهي ٻئي ڏاتو (بنياد) ڪمزور آهن. پيش ڪيل ٻئي ڏاتو- سيند/سڌ لفظ 'سنڌو' يا 'سنڌ' جي مڪمل طرح صحيح معنيٰ جو تعين نٿا ڪن. جيڪڏهن انهن مان 'سيند' تي جزوي طرح اڪتفا ڪريون ته وري به ان مان هيءُ سوال اُپري ٿو ته ڇا ڪي ٻيئي ندیون سمنڊ ۾ ٿينديا آهن؟ ندي، واهه، درياءَ ۽ سمنڊ وغيره جو مطلب آهي ئي وهندڙ ته پوءِ سنسڪرت ۾ سمورن درياڻن، ندين ۽ سمنڊن کي 'سنڌو' چوڻ ڇڏي ڪاڪي پيرومل مهرچند کان به هن لفظ جي ڏاتو ڪيڻ جي سَهوٽي آهي.

منهنجي اڀياس ۽ سمجهه موجب: سنڌو/سنڌ- لفظن جو بنياد، سنسڪرت جو لفظ 'نڊ' آهي، جنهن جي معنيٰ آهي- 'طرف' ۽ 'س' اُن جي اڳياڙي (Prefix) آهي. 'نڊ' جي اڳيان 'س' ۽ پٺيان 'و' اضافي صورتن ملائڻ سان لفظ ٺهيو- 'سنڌو'، جنهن جي معنيٰ نڪري ٿي- 'سامهون وارو درياءَ'. جڏهن قديم آريا درياءَ ڏيئي سنڌ ۾ گهڙيا هئا، تڏهن هنن درياءَ جي ٻنهي ڪنارن تي آباد دراوڙي لوڪن کي 'سنڌي' ۽ سندن ملڪ کي 'سنڌ' سڏيو. ڇاڪاڻ ته دراوڙن جو هيءُ ملڪ، هنن (آرين) کي سامهون واري طرف کان ٿي نظر آيو. اهڙيءَ ريت هيءُ درياءَ منهنجي نظر ۾ قديم آرين جي آمد کان پوءِ 'سنڌو' جي نالي سان مشهور ٿيو ان کان اڳ هيءُ مهان درياءَ ڪهڙي نالي سان مشهور هو سا ثابتي ايجا تائين نه پئجي سگهي آهي. دنيا جو جهوني ۾ جهونو ڪتاب رگ ويد آهي، هن ۾ "سنڌو" ۽ "سنڌ" جو ذڪر هن طرح ملي ٿو:

"سنڌ، گهوڙن ۾ شاهوڪار رٿن (گاڏين) ۾ شاهوڪار ڪپڙي گنديءَ ۾ شاهوڪار عمدن گهڙيل سونن ڳٿڻ ۾ شاهوڪار ڪاڌي پيتي ۾ شاهوڪار ۽ سدا تازي هوا اُن ۾ شاهوڪار آهي.... ۽ سياڻي سنڌوءَ جا ڪنارا ماڪي ڏيندڙ گلن سان سينگاريل آهن." [رگ ويد، منڊل-10، سُوڪت-75 (بحوالہ- "قديم سنڌ"- پيرومل مهرچند، ص 138]

هي ويد، آرين کان ٿورو پوءِ لکيا ويا، ان کان پوءِ سنڌ ۾ قديم ايراني آيا. هنن جي اچڻ کان پوءِ هي لفظ بگڙجي- 'هندو'/'هند' ٿيو. قديم ايرانين 'س' کي 'هه' ۾ بدلايو. اهڙيءَ ريت 'سنڌ' ۽ 'هند' لفظن جي معنيٰ ٿي:- 'درياءَ جي ماڻر'. بعد ۾ اُهي لفظ اڳتي هلي به الڳ الڳ تومن ۽ خطن جي سڃاڻپ ۾ استعمال ٿيڻ لڳا. قديم ايرانين کان پوءِ يونانين سنڌ (هند) ماڻر ۾ رهندڙن کي 'انڊو' يا 'انڊوئي' ۽ درياءَ کي 'انڊوس' يا 'انڊس' سڏڻ شروع ڪيو. 'انڊو' يا 'انڊوئي' اڳتي هلي 'انڊيا' ۽ 'انڊوس'/'انڊس' ٿيا. 'انڊيا' تي پوءِ 'پارت' جو نالو به پيو. اهو نالو 'شڪنتلا' جي پٽ 'راجا پرت' جي نالي تان مشهور ٿيو.

اسان طويل عرصي کان، انهيءَ مغالطي ۾ پئ رهيا آهيون ته 'هندو' هڪ ڏرم جو نالو آهي، پر متئين بحث مان اِها ڳالهه چڱيءَ طرح واضح ٿي آهي ته "سنڌو" يا "هندو" ڪنهن ڏرم جو نالو نه بلڪ درياءَ جو نالو آهي. جنهن ڏرم کي "هندو ڏرم" چئجي ٿو، اهو اصل ۾ "سناتن ڏرم" آهي. رگ ويد ۾ لفظ "ڏرم" جي معنيٰ آهي- "قاعدو" يعني اهڙو جوڙيل

قاعدو جنهن جي بنياد تي هن ساري سنسار جو چرخو هلي. "سناتن" معنيٰ- آڳاٽو يا اوائلي. "سناتن ڌرم" ڪنهن جاري ڪيو يا ڪڏهن وجود ۾ آيو ٿنهن بابت بہ ڪنهن وٽ صحيح علم نہ آهي، پر سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ هيءَ ئي ابتدائي مذهب/ڌرم آهي. جنهن جو اجراء حضرت آدم عليه السلام جي پيدا ٿيڻ کان پوءِ ٿيو. "سناتن ڌرم" بين لفظن ۾ "هندو ڌرم" ۾ رشي يا اوتار هوندا آهن جي ايشور (ربّ پاڪ) جي طرفان ڌرم جي رکيا ڪرڻ لاءِ مقرر ٿيندا آهن. يا ايشور پاڻ انهن جي صورت ۾ اچي ٿو. اسلام موجب رسول ۽ نبي، رب پاڪ جا موڪليل ٻانها. ڌرتيءَ تي پيدا ٿيا ۽ انهن انسانذات کي صحيح راهہ تي هلائڻ لاءِ الله پاڪ جا قاعدا قانون سيکاريا. "سناتن ڌرم" ۾ سج، چند، تارا، ڳتيون، آسمان، ڌرتي وغيره ديوتا آهن، جيڪي ايشور جي حڪم تي ساري ڪائنات کي هڪ خاص نظام تحت هلائين ٿا. اهي ايشور جي حڪمن جي پوئواري ڪن ٿا. "سناتن ڌرم" موجب ڪوبہ ڌرم ڪنهن فرد ناهي ناهيو، پر جيئن انهن کي الهام ٿيو تيئن سنسار جو چرخو هلايائون. اسلام ۾ بہ اهڙي ئي تعليم ملي ٿي. سناتن ڌرم ۾ ايشور جا ڪئين صفاتي ۽ وجودي روپ آهن، جيئن ڀگوان، رام وغيره. تيئن اسلام ۾ بہ الله تبارڪ و تعالیٰ جا ڪئين صفاتي نالا آهن. هن ڏُکتي ۾ فرق رڳو هيءَ آهي تہ اسلام ۾ الله تبارڪ و تعالیٰ جي ذات واحد ۽ اڪيلي آهي، پر سناتن ڌرم ۾ ائين نہ آهي، هر صفاتي نالو الڳ شڪتي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو.

اسلام اهو الهامي دين آهي، جيڪو حضرت آدم عليه السلام جي ظهور پذير ٿيڻ کان پوءِ بتدريج مختلف رسولن ۽ نبين جي معرفت نافذالعمل ٿيندو رهيو. اسلام، اوائل کان جنهن خطي ۾ پرورش حاصل ڪري، بلوغت تي رسيو اهو خطو هن خطي کان گهٽو اوجهل ۽ ڪٽيل رهيو. تنهنڪري هن خطي ۾ اُتان جا الهامي احڪام- ريتن ۽ رسمن جي صورت ۾ ٽوڙجي مروڙجي پهتا ۽ اهي بتدريج مروج ٿيندا رهيا. هر رسول ۽ نبيءَ جي دور ۾ وقت ۽ حالتن مطابق قاعدا قانون، الله تبارڪ و تعالیٰ جي حڪم ۽ منشا تي مٽبا رهيا. جن قومن ۽ قبيلن انهن حڪمن جي پوئواري ٿي ڪئي، سي راست باز سڏيا ۽ جن انهن جو انڪار ٿي ڪيو اهي ناراست سڏيا ۽ انهن جون اهي ريتون رسمون ۽ طور طريقا سناتن ڌرم ۾ شامل ٿيندا رهيا ۽ پوءِ اهي پنهنجو تهذيبي ۽ ثقافتي سفر ٻئي ڪنڊي هڪ مستقل حيثيت حاصل ڪندا رهيا.

عظيم سنڌ ۾ اوائلي يعني ابتدائي انسان جو وجود گِزري (Gizri) کان وٺي ڪيرٿر ۾ لکين سال اڳ بہ نظر اچي ٿو. انهي آڳاٽي انساني وجود جا ثبوت آڳاٽن غارن وارن انسانن (Cavemen) جي صورت ۾ نظر اچن ٿا. انهن انسانن جو وجود منچر ۽ جابلو نئن (قاٽن) وارن علاقن ۾ پسجي ٿو. [ڏسو- "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" (جلد-5) ص 77] هيءَ ڳالهہ وڌيڪ متوجهہ ڪندڙ آهي تہ دنيا ۾ عظيم سنڌ ۽ مهان سنڌوءَ جا پهريان هي فرزند هئا، جي شِوَ کي واحد (اڪيلو) رب ڪري مڃيندا هئا. هي شِوَ کي سڃي سنسار جو اڪيلو پيدا ڪندڙ سندن اڪيلو حفاظت ڪندڙ انيڪ جهان پيدا ڪندڙ وقت پجاڻان کين ويڙهي (ماري) ڇڏيندڙ دلين اندر رهندڙ ۽ ساهہ جي رڳ کان بہ وڌيڪ سمجهندا هئا. شِوَ ديوتا 28000 ق.م پسوپتي (Lord of Beasts) جي مورتيءَ ۾ پسجي ٿو. سندس مٿي تي بہ سڱ آهن ۽ جهنگلي جانور هن جي چوڌاري بيٺل آهن. [ڏسو- "سنڌ ڌرتي مذهبن جي ماءُ"، ص 44]

مٿين عالمن ۾ سنڌجي جڳ مشهور اسڪالر ايم.ايڇ پنهور جو رايو بنهہ مختلف آهي. هن صاحب جي راءِ موجب: سنڌ جي آڳاٽي انسان جو وجود 5 لک سال اڳ پيو. سرجان مارشل، رچرڊ برٽن، بارٽل فريئر، آسڪوپارپولا، ڪرنل پاٽينجر ۽ ٻيا ڪيترائي عالم ۽ اسڪالر، ان ڳالهہ تي يڪسان متفق آهن تہ سنڌو لوڪ سنڌو ماٿريءَ ۾ آباد

ٽيل نيگرائٽ، آسٽرلائڊ، آسٽرڪ ڪولن، سنٽالن ۽ ٻين انيڪ نسلي رنگن سان گڏ (مهان) سنڌ جي عظيم تهذيب جو بنياد وجهڻ بعد، دجلہ ـ فرات وادي ۾ سميري تهذيب قائم ڪئي.

قديم آثارن جي ماهرن ـ هڙپا، ڊول ويرا، موهن جي دڙي جي قديم شهري ماڳن مان لڌل ڪيراٽين جي ڳوڙهي اپياس ۽ مشاهدي کان پوءِ انهن کي عظيم سنڌ جي جتن/جاٽن جي کوپڙين جهڙو تصور ڪيو آهي. محقق ٽُئمبي (Toymbee) چندر گپت موريا کي موهن جي دڙي جي بادشاهن جو پونئير قرار ڏنو آهي. ڪرنل جيمس ٽاڊ ـ سومرن کي چندرگپت موريا جو پونئير ڪوٺيو آهي. مشهور چيني سياح "هيون شانگ" گُجر قبيلي جي ماڻهن کي جاٽ/جٽ لوڪن جهڙو قرار ڏنو آهي. ڊاڪٽر هينز ۽ ويسٽ فال پنهنجي ڪتاب: 'The Jat' ۾ لکيو آهي تہ سانگي لوڪ، جيڪي مختلف قسمن جا پهرو ڏاڙهي ۽ سانگ خاطر لڏپلاڻ ڪندا هئا، تن مان جيڪي لڏپلاڻ واري ڪِرتِ چڏي ٽانيڪا ٽيا، سي گُجر ۽ راجپوت جي نالي سان مشهور ٿيا.

سنڌو سپيتا ـ سمير، مصر ۽ بابل جي تهذيبن کان گهٽي آڪاڻي آهي، جا موهن جو دڙو ۽ هڙپا جي نالن سان سڃاتي وڃي ٿي. هڙپا پنجاب ۾ آهي. هيءَ شهر، سنڌ ۾ موجود موهن جي دڙي کان پوءِ تعمير ٿيو آهي ۽ دراوڙي دور سان هنن شهرن جو تعلق آهي. سنڌو سپيتا جون حدون همالين کان ونڊي عربي سمنڊ تائين پکڙيل معلوم ٿين ٿيون.

سنڌو ماٽريءَ جا ماڻهو هاري سماج سان لاڳاپيل هئا، جيڪي وسيع آبپاشي نظام ذريعي پوکي راهي ڪندا هئا، جيڪو دنيا جو پهريون مثال هو. ڪڪ، جَوَ مٽر، هنداڻا، گدرا وغيره اُپائيندا هئا، جانور تاتيندا هئا، کاڻ تي اُڪر جو ڪم بہ ڪندا هئا، ڪپڙا بہ اُڻندا هئا، قديم مصري سنڌوماٽريءَ جي لوڪن جا اڻيل سوتي ڪپڙا شوق سان پائيندا هئا. هتان جون ٺهيل ڪيتريون شيون فلسطين مان پڻ هٿ آيون آهن. انهيءَ واپار جو ذڪر پرڏيهي اسڪالرن پڻ ڪيو آهي. اهو مال سنڌوءَ جي چوڙوٽان ٻيڙن ذريعي ويندو هو. جڏهن 1500 ق.م ڌاري ويدڪ آرين سنڌو ماٽريءَ جي وڏن ۽ اهم شهرن تي حملا ڪيا تہ انهيءَ واپار تي هاڃيڪار اثر پيا. پڪا پختا ثبوت ملن ٿا تہ سنڌو سپيتا جو مُک شهر موهن جو دڙو (شهر) 1200 ق.م تائين ميسوپوٽاميا سان واپار ڪندو رهيو آهي.

سنڌي هوليءَ جي موجودگيءَ مان بہ امڪاني طور پتو پوي ٿو تہ ان جو مغرب جي تاريخ تي ڪيترو اثر هو. پرڏيهي اسڪالر 'الائن ڊينيلائو' پنهنجي ڪتابن ـ Gods of Love & Ecstacy ۽ The tradition of Shiva & Dionysus (Rochester, vt. Inner Tradition 1992) ۾ لکيو آهي تہ: دراوڙي هولي (سنڌي هولي) ۽ ثقافت ميڊيٽرانين سمنڊ تائين پکڙيل هئي، جنهن جو موجوده دور ترانڪاڪيشين (Trancaucasian)، جارجين (Georgians) ۽ Iberian Basques جي ثقافتن تي بہ اثر نظر اچي ٿو. ساڳئي وقت سميري هوليءَ تي، پڻ دراوڙي هوليءَ جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. قديم ڪريٽ (Crete)، ليڊيا(Lydia) ۽ ايٽروسڪان (Etruscans) جي هولين ۽ ثقافتن تي بہ سنڌي هوليءَ ۽ ثقافت جو اثر ڏسجي ٿو. سنڌ جي ماڻهن علم هنر ۽ فن ۾ بہ بنيادي ڪردار ادا ڪيو آهي. هنن رياضيءَ کي ترقي ونڊائي. سنڌي رياضيدانن ہڙي بہ ايجاد ڪئي. الجبرا، علم نجوم، فلڪيات، جاميٽريءَ جي علم کي بہ دريافت ڪيو. زمين کي ماپڻ ۽ ان ماپ مطابق سال کي مختلف موسمن ۾ ورهائڻ جو فن بہ هنن سکيو. هنن نباتات سان گڏ حيوانات متعلق بہ آگاهي ڏني. هنن ئي اها ڳالهہ ٻڌائي تہ ڌرتي، هڪ گولو آهي، جو سج جي چوڌاري مسلسل ڦري ٿو. بيل گاڏي ۽ ڦيٿو پڻ سنڌن ايجاد آهي. اولهہ واري دنيا هن ڳالهہ کان بي خبر رهي آهي ۽ هوءَ اُهي اڪثر علم، عربن سان منسوب ڪندي آئي آهي، پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. اصل ۾ عربن جڏهن ننڍي کنڊ تي حملو ڪيو تڏهن هنن اُهي علم هٿ ڪيا، جن جي

معرفت پوءِ اهي يورپ ڏانهن ڦهليا.

نئين پٿر واري زماني جون نشانيون ڳولي لهڻ ۾ مسٽر ڪارٽراءِ سي ايس (اسسٽنٽ ڪليڪٽر) جو وڏو ڪردار آهي. هن 1919ع ڌاري ٽاٽي بولاخان (موجوده ضلعي جام شوري) جي مول نالي هڪ ماٽريءَ ۾ پٿرن جو هڪ ستيل ڊير ڏٺو جنهن تي اُٽن، گهوڙن ۽ ٻين جانورن جون شڪليون اُڪريل هيون. هِن اُن جاءِ کي 'نُل' جونالو ڏنو. سندس خيال هو ته اهو نُل عيسوي سن کان ڪي ڏيڍ سؤ سال اڳ جو آهي. هِنَ اتان پٿر جا ڪيترا اوزار به لڌا ۽ ائين هو کوجنا ڪندو ويو ۽ ڪراچيءَ کان اٽڪپور تائين اهڙا نشان ڪيس نظر آيا. ان راءِ جي پوئواري ڪندي سر جان مارشل پنهنجي ڪتاب: 'Mohen jo Daro & Indus Civilization' (جلد پهرئين) ۾ لکاڻايو آهي ته پٿر جي نئين دور جا نشان (عظيم) سنڌ ۾ لکيءَ وارن جبلن، کيرٿر جابلو سلسلن ۽ روهڙيءَ واربن ٽڪرين ۾ اکيچار آهن. ساڳئي وقت ضلعي قنبر- شهدادڪوٽ جي تعلقي قنبر جي ڪوهستاني کير ٿر واري علاقي ۾ان قسم جون نشانيون ۽ اُڪريل تصويرون پِيرَ جي ڪنبَ لڳ جبل جي هڪ ٽڪريءَ تي به مليون آهن. ان جو ذڪر مون پنهنجي ڪتاب: "قنبر- شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾)" ۾ پڻ ڪيو آهي.

سيوهڙ لڳ لکيءَ جي چشمن جي نزديڪ پٿرن جون پراڻيون قبرون آهن. ڪراچيءَ جي منگهي پير جي پرين شاهه بلاول واري گس تان ۽ پوءِ وري ڪونڙيءَ کان ورندي سيوهڙ ڏانهن ايندڙ رستي تان به ان قسم ۽ جمار جون قبرون آهن. ڇيو وڃي ٿو ته اِهي قبرون هتان جي آڪاڻن انسانن جون آهن. انهن قبرن مان مليل انساني کوپڙيون هوبهو موهن جي دڙي مان مليل کوپڙين سان مِلن جُلن ٿيون. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هي پهريان سنڌي لوڪ هئا، جي پهريان غارن ۾ رهندا هئا، جن جي پونئيرن اڳتي هلي "سنڌو سپيتا" کي جنم ڏنو. ماهرِ ارضيات مطابق آڪاڻي انسان جي پهرئين آبادڪاري سنڌ جي جابلو علاقن ۾ ٿي آهي. يعني اسان جي عظيم سنڌ جي کيرٿر وارو جابلو سلسلو انساني تهذيب جو هندورو رهيو آهي.

دادوءَ جو جنم:

مهان سنڌوءَ جون ٻئي ڪنڌيون ته ابتدا کان ئي سونَ، جواهر ۽ هيرن کان به وڌيڪ قيمتي ۽ شاهوڪار رهيون آهن. پر مهان سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنارن جي اهميت تڏهن نروار ٿي، جڏهن هتي زندگيءَ جو ظهور پذير ٿيو ڇو ته هر زندگيءَ جي جياپي جو دارومدار پاڻيءَ تي آهي. پاڻيءَ کان سواءِ ڪنهن به زندگيءَ جو هجڻ ناممڪن آهي.

دادو عظيم سنڌ ۽ مهان سنڌوءَ جي دل رهيو آهي. بظاهر ته دادوءَ واري ايراضي به ايتري ئي آڪاڻي ۽ قديم آهي، جيتري عظيم سنڌ امڙ. عظيم سنڌ امڙ جي هنج ۾ ۽ مهان سنڌوءَ جي جَلَ تي، کيترن ئي شهرن، ماڳن ۽ وسندين جنم ورتو. مهان سنڌو پُورالو درياءَ آهي. پُور پويس ته رُخ متائي. آباد ۽ شاداب وسندیون کن پل ۾ ويران ۽ برباد ڪري ڇڏي. جي تارَ مستيءَ ۾ اچي، ته ڪئين واهڙ واهوندا وهائي وسندين سميت جهر، جهنگ ۽ برپٽ به ٻوڙي ۽ لوڙهي ڇڏي. ڪائنس پڇڙ وارو ڪير به نه آهي. هِن پُورالي درياءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي ڪيترين ئي وسندیون آباد ٿيون ۽ قِٽيون آهن. جڏهن کان هيءُ مست پُورالو ۽ مهان سنڌو ڪيلاش پربت کان جاري آهي، اهو سلسلو هلندڙ آهي.

انهيءَ تناظر ۾ ڏسبو ته دادو به اسان کي پنهنجي پرپور تاريخ سان نمايان ۽ مُسڪرائيندي نظر ايندو. دادو 24°.37' اُتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 68°.10' اوپر ڏگهائي ڦاڪ تي مهان سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي سوين سالن کان آباد آهي. دادو شهر جي اوپر ۾ مهان سنڌو آهي. اُتر ۾ خيرپورناٿن شاهه ۽ ميهڙ ڏکڻ ۾ سيوهڙ ۽ سن. اولهه ۾ جوهي ۽ کيرٿر جبلن جي قطار آهي.

تاريخي ڪتابن تاريخي آثارن ۽ مليل سيني به سيني روايتن مان خبر پوي ٿي ته هن شهر جو بنيادُ سيد داد محمد شاهه المعروف سيد دادو شاهه ـ ڪلهوڙن جي شروعاتي دور ۾ رکيو. سيدداد محمد شاهه نورجا جي آسپاس جو وينل ۽ ڪلهوڙن جو خاص ماڻهو هو. ڪلهوڙا سرڪارپاران ڪچي جي ديهه چوئيءَ ۾ ڪيس 300 ايڪڙ زرعي زمين به مليل هئي.

دادو شاهه جي نالي سان دادوءَ ۾ ٽي ماڻهو ٽي گذريا آهن. پهريون دادو شاهه جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو لکياري سيدن مان هو ان جي نالي سان دادو شهر ٻڌل آهي. سندس مزار نورجا پرسان ريل واري قبرستان ديهه چوئي ۾ آهي. هيءَ سيد ڪلهوڙا دور حڪومت ۾ ٽي گذريو آهي.

ٻيو دادو شاهه ـ تالپرن جي پوءِ واري دور جو ٻڌايو وڃي ٿو. هن جي مزار دادو شهر ۾ "تڪيه استريٽ" جي پڇڙيءَ تي موجود هئي. اها مزار شايد هينئر گهرن ۾ دٻجي وئي آهي.


ٽيون دادو شاهه ـ منائيءَ وارو هو. هن جي وفات غالباً 1980ع واري ڏهاڪي ۾ ٿي. ان جي مزار امياڻي ڳوٺ جي پرسان هڪ مقام ۾ آهي.

دادو شهر جي بنياد پوڻ بابت وڌيڪ روايتون ملن ٽيون ته سيد دادو شاهه هن نالي سان ٽي ٻيرا ڳوٺ آباد ڪيو. پهريون ٻيرو هو نورجا جي پرسان ڪچي ۾ پنهنجي معتقدن سان ويٺو. ڪجهه وقت کان پوءِ موج ۾ريو سنڌو مستيءَ ۾ اچي اُن ڳوٺ کي پائي ڇڏيو. سيد دادو شاهه اُتان سڪونت ترڪ ڪري اُن ئي ڳوٺ جي ويجهو ٻيو ڳوٺ آباد ڪيو جيڪو "دادوءَ جا پاڻ" جي نالي سان مشهور ٽيو. اها وسندي به ڪجهه عرصي کان پوءِ درياءِ بادشاهه جي نذر ٿي وئي. ٽيون ٻيرو سيد دادو شاهه پراٽي گهاڙيءَ جي ڪپ تي يعني موجوده ماڳ تي پنهنجن مريدن سان رهائش اختيار ڪئي. جا اڄتي هلي 'دادو شاهه' ۽ 'دادو' جي نالي سان مشهور ٿي. اهڙيءَ ريت دادوءَ جو هيءُ ٽيون ٻيرو بنياد ٻيو ۽ دادو اڄ سنڌ جي دِل ليکيو وڃي ٿو.

سيد دادو شاهه جي حسب نسب بابت ٻڌايو ٻيو وڃي ته هو لکياري ساداتن مان هو ۽ پير محمد مراد جو معتقد هو. پير محمد مراد وقت جو عارف ٻڌايو وڃي ٿو سندس مدفن گاهه ۾ دادوءَ وانگر ٽي ٻيرا بدليو. پهريون ٻيرو ڪيس دادو (اول) جي پرسان دفنايو ويو. ان ڳوٺ جي پائڃڻ کان پوءِ ڪيس دادو (ثاني) ۾ دفنايو ويو. ان ڳوٺ جي پائڃڻ کان پوءِ بزرگ جو ٽيون ٻيرو مرقد پيٽيءَ ۾ ڪٽائي موجوده دادو (ثالث) جي پرسان دفن ڪيو ويو.

سيد داد محمد شاهه المعروف سيد دادو شاهه وقت جو عارف ۽ صاحبِ ڪرامت درويش ٻڌايو ٻيو وڃي. شروع ۾ سيد دادو شاهه هڪ ئي پٽيان ۾ شاديون ڪيون. مگر انهن مان ڪيس اولاد نه ٿيو. اهي ٻئي گهروارين سندس ئي حياتيءَ ۾ لاڏاٽو ڪري ويون. انهن مان هڪ بيبي پنهنجن مان. ته بي ڏاهري قبيلي مان هئي. بعد ۾ هِن ٽِين شادي ڪئي جنهن مان ڪيس اولاد ٽيو.

ماستر محمد شجاع سانوٽائيءَ پنهنجي هڪ قلمي نسخي ۾ سيد دادو شاهه جو شجرو هن طرح ڏنو آهي:



سيد داد محمد شاهه المعروف سيد دادو شاهه جي تاريخ وفات جو پتو نه آهي البته سندس مدفن گاهه بابت ماستر محمد شجاع سانوٽائيءَ پنهنجي قلمي نسخي ۾ نورجا واري قبرستان ۾ هُجڻ جي نشاندهي ڪئي آهي. هن لکيو آهي ته: "نورجا واري مقام ۾ سيد دادو شاهه جي مزار آهي. مزار تي قُبو اڏيل هو ۽ ڪاشيءَ جو ڪتبو پڻ لڳل هو هينئر اهو مقبرو ڏهي چڪو آهي."

ماستر محمد شجاع سانوٽائي نهايت قابل ماڻهو هو جنهن دادوءَ جي تاريخ تي قابل تحسين ڪم ڪيو پر هو غريبي ۽ مسڪينيءَ جي حالت ۾ پنهنجا ڪتاب ڇپرائي نه سگهيو. گهر واريءَ جي علاج لاءِ وٽس پيسا نه هئا. پنهنجا سمورا لکيل نسخا وڪڻي زال جو علاج ڪرايائين. انهن مان دادوءَ جي تاريخ وارو نسخو دادوءَ جي نامياري اديب ۽ اسڪالر محمد عثمان ميمڻ کي هٿ اچي ويو جنهن تان مون ڪجهه قدر استفادو ڪيو آهي.

دادو جو تذڪرو هينين ڪتابن/قلمي نسخن ۾ ملي ٿو:

1_ دادوءَ جي تاريخ (اڻ ڇپيل قلمي نسخو ملڪيت: محمد عثمان ميمڻ از: ماستر محمد شجاع 'سُجان' سانوٽائي)

2_ دادو منهنجون يادون از: ڏٽي بخش مگسي

3_ دادو سنڌ جي دل از: الهنواز رُکڻائي

4_ دادو تعلقي جو ماضي ۽ حال از: محمد عرس "اظهر" سولنگي

5_ دادوءَ جا وڇڙيل ستارا سگا

6_ لوهر جو ڏڙو/ماڻڪتارو از: محمد عثمان ميمڻ

7_ دادوضلعو_ جاگرافي ۽ تاريخ جي آئيني ۾ از: تاج صحرائي

8_ دادو ضلعي جا غزل گو شاعر (ايم.فل ٿيسز (اڻ ڇپيل)
از: محمد اشرف دائوديوتو ملڪيت سنڌ الاجي)

9_	منچر گورک گاج دنيا	از: بدر ابڙو
10_	کيرٿر جو سفر	از: بدر ابڙو
11_	ڏاها ڏات ڏٽي	از: بشير سيتائي
12_	جيون سفر سِڪَ جو	از: الهر کيو گورڙ
13_	انسانيت جو خدمتگار	از: پاويل جوٽيجو/نجم جوٽيجو

(الحاج امير بخش خان جوٽيجو)

پير علي محمد راشديءَ سيد دادو شاهه جي پونئير جو ذڪر پنهنجي ڪتاب: "اهي ڏينهن، اهي شينهن" (جلد_2) ۾ ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته:

"گهاڙڻي واهه شهر جي هڪ حصي مان گذرندو هو. واهه جي ڪناري سان ئي سيد مصري شاهه مرحوم جي اوطاق (مڪان) هوندي هئي. شاهه صاحب تڏا وچايون. ڪٽ رکيون. چلم ٽيڪيون. ويٺو_آئي وئي سان ڪچهريون ڪندو هو. سياڻو هوندو ته وچ ڪچهريءَ ۾ باهه جو مچ متل هوندو هو. دادوءَ جو مُهندار هو. دادو اچبو ته مصري شاهه جو ديدار ضرور ڪبو. سيد جيوڻ شاهه سندس ويجهو عزيز هو. هُن جي انگريزن سان ڪاڻ پوندي هئي. سائين مصري شاهه مرحوم خواهه سائين جيوڻ شاهه مرحوم جو تعلق لڪياري سيدن سان هو. سيوهڻ واروعلائقو لڪيارين جو ڳڙهه هوندو هو. اسان ڪان ٿورو اڳ (سندن) سردار حبيب الله شاهه لڪياري وڏي شان ۽ مان جو صاحب ٿي گذريو. سيني لڪياري ساداتن جو سردار ليکبو هو."

سيد مصري شاهه لوڪل بورڊ جو ميمبر ۽ تعلقہ پريزيڊنٽ پڻ رهيو. انگريز سرڪار طرفان ڪيس مئجسٽريٽ جا پاور به حاصل هئا.

دادوءَ جو تاريخي ارتقائي سفر:

ڪلهوڙا دور: دادو جو بنياد، جنهن دور ۾ پيو اهو سياسي طور مغلن جو دور هو. هن ئي دور ۾ اُتر سنڌ جي چانڊڪي پرڳڻي مان، ڪلهوڙا اُسري رهيا هئا. انهن ڏينهن ۾ اُهو علائقو دادو سميت، پنهورن جي رياست ۾ شامل هو. پنهور اُتر سنڌ يعني سيوهڻ کان ويندي شڪارپور ۽ جيڪب آباد تائين، چانيل هئا. تن ڏينهن ۾ سندن سردار پنهوار خان هو جنهن جي رهائش فتح پور موجوده دادوءَ ۾ هئي. قنبر علي خان، فتح پور خان ڳڙهه [جيڪب آباد]، شڪارپور وغيره پنهور رياست جا ڳڙهه هئا. سندن رياست کي 'پنهوارڪي' سڏبو هو. هنن ڏينهن ۾ چانڊڪي پرڳڻي سان واسطو رکندڙ موجوده ضلعي لاڙڪاڻي يعني اوپر واري علائقي تي ابڙا، جتوئي ۽ سانگي زميندار هئا. ابڙا، پنهور ۽ سانگي، اُهي ٽئي خاندان، ڪلهوڙن جا شروع ۾ معتقد هئا. هنن ٽنهي قبيلن جي لساني هڪجهڙائيءَ ۽ بودوباش مان معلوم ٿئي ٿو ته هي ٽئي قبيلا، نسلي طرح هڪ ئي گڙم سان واسطو رکن ٿا.[1]

ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جي موجوده قنبر شهر جي اُتر ۾ ڪوٽلي (ڪوٽ علي) جي بنياد رکڻ ۽ سندس اُتي رهائش کان پوءِ اُنهيءَ علائقي تان پنهورن جو زور ٽُٽي ويو ۽ هو موجوده دادوءَ ڏانهن وڌيا، جتي سندن مرڪز 'فتح پور'

---

[1] 'ابڙا' معنيٰ_ پاڻيءَ تي ڪم ڪندڙ يعني آبادگار. 'پنهور' معنيٰ_ پاڻيءَ وارو. هن لفظ جو اصل بنياد 'پنڌر' آهي. پوءِ اهو لفظ بگڙجي پهنور > پنهور ٿيو. لفظ 'پهنور' [پهون + ور] يعني چوپايومال پالينڊڙ چوپايومال بہ اُتي ئي رکيو جتي پاڻيءَ جي فراواني هوندي. هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ جُوءِ بہ مال جي چاري سبب مٿابي تنهنڪري اُن حالت ۾ جُوءِ مٿائيندڙ ڪي سانگي چئبو. 'سانگ' معنيٰ_ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ چاري خاطر جُوءِ مٿائيندڙ (ايڊيٽر)

هو. هوڏانهن شڪارپور ۾ خان ڳڙهه ۽ ان وقت ڪلهوڙن جي تابع ٿي چڪا هئا. پر ويڙهاند ايڏا جاري هئي. پنهور- مغلن جا ڏن پرو زميندار هئا. جن کي منصبدار چيو ويندو هو. مغل سنڌ ۾ وڏندڙ قوت رکندڙ قبيلي جي سردار کي پنهنجو منصبدار مقرر ڪندا هئا. هڪ ئي وقت ڪيترائي منصبدار سندن ماتحت مختلف رياستن ۾ پرڳڻن تي مقرر هئا. انهن منصبدارن جي مٿان دهليءَ کان هر پرڳڻي ۾ رياست تي هڪ نواب مقرر هو جيڪو منصبدارن تي نظر رکندو هو ۽ مقرر وقت اندر کانئن ڏل ۽ وصول ڪندو هو. ۽ هنگامي حالتن دوران عسڪري قوت ۽ ونڊندو هو. منصبداريءَ جو طريقہ ڪار هي ٿ هوندو هو ته جيڪو منصبدار مغل سرڪار جي تابع هلندو ۽ ڏل وغيره وقت تي ڏيندو هو. اهو وٽن خوشنودي حاصل ڪندو هو. منصبدار جي فوت ٿي وڃڻ جي صورت ۾ انهيءَ زمين جي آباد ڪرڻ جا اختيار مغل سرڪار وٽ پاڻمرادو منتقل ٿي ويندا هئا ۽ مغل سرڪار واسطيدار نواب جي معرفت رپورٽ گهرائي. جائزو وٺي بعد ۾ نئين منصبدار مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڏيندي هئي. ان وچ ۾ جيڪڏهن مري ويل منصبدار جي پونيئر مان ڪو فرد. نواب جي معرفت مغل سرڪار تائين رسائي حاصل ڪري ويندوهو ته ڪيس منصبداري ملندي هئي. نه ته مغل سرڪار وري ڪوبيو وفادار هٿ ڪندي هئي.

سنڌ ۾ مغل ايامڪاريءَ دوران پنهور ۽ ابڙا هڪ قوت هئا. جن کي نسل درنسل اهڙي طريقي سان منصبداري ملندي رهندي هئي. پر ڪلهوڙن جي جڏهن چانبڪي پرڳڻي ۾ رهائش ٿي. تڏهن هنن کي ڪلهوڙن مان خوف ٽيڙ لڳو ڇو ته ڪلهوڙا. مغلن جي منصبداريءَ واري نظام جا سخت خلاف هئا. هو سنڌ ۾ ڪيتي ڪندڙ کي زمين جو اصل وارث سمجهندا هئا. اهڙو نعرو ۽ ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي ميانوال تحريڪ جي پليٽفارم تان بلند ڪيو هو. ۽ ان نعري کي سندس اولاد مان الياس محمد. داؤد محمد. ميان شاهل محمد. ميان نصير محمد ڪلهوڙي تائين زور وڌايو ويو. جنهن نعري اڳتي هلي پوءِ شاهہ عنايت تي اچي معراج ماڻيو.

سنڌ ۾ مغل منصبدار ۽ زميندارن جي ڪلهوڙن سان ڊگهي ويڙهاند کان پوءِ ڪلهوڙن کي فتح نصيب ٿي ۽ سنڌ سمن کان پوءِ هڪ پيرو ٻيهر ڏيهي حڪمرانن جي هٿن ۾ آئي ۽ سنڌ جي ماڻهن طويل غلاميءَ جي پنجوڙ مان آزاد ٿي سُک جو ساهہ ڪنيو ۽ اهڙيءَ ريت سنڌ پنهنجي حقيقي معنيٰ ۽ مزاج ۾ نئون جنم ورتو.

ڪلهوڙن. اُتر سنڌ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي اُتي ڪلهوڙڪي رياست جو بنياد رکيو. هتي هيءَ نُڪتو اُڀاريڻ ٻيحد ضروري آهي ته ڪلهوڙا نج سنڌي هئا. هنن جو ڪنهن ٻ عرب قبيلي سان نسلي واسطو نه هو. سندن وڏوڏاڏو امير چينہ خان هو جنهن جي اولاد مان دائودپوتا ۽ ڪلهوڙا پيدا ٿيا. اهڙيءَ ريت ڪُوهارا ۽ ڪُهاوڙ* گهراٽا پڙ ڪلهوڙا قبيلي جون شاخون آهن. هنن (ڪلهوڙن) جا سنڌ سان ناتا ازل کان ئي جڙيل هئا. پر زماني جي اٿل پٿل سبب هن خاندان ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي رهائش اختيار ڪئي. مولانا غلام رسول مهر ۽ ٻين تاريخ جي جاڙوئن جي تحقيق مطابق: 'ڪلهوڙن جو وڏو ڏاڏو ابراهيم (وفات: 1534ع) موجوده حيدرآباد جي اُتر ۾ واقع 'ڪلور' ٽڪريءَ تي رهيو جنهن سبب سندس اولاد 'ڪلورو' بعد ۾ 'ڪلهوڙو' مشهور ٿيو.'

منهنجي خيال ۾ هيءَ اشارو سيوهڙ جي ڪنهن جابلو سلسلي ڏانهن آهي. جيڪو حيدرآباد جي اُتر- اولهہ ۾

---

* (1) ڪُوهارا = ڪُوهہ وارا - ڪوهہ تي رهندڙ (2) ڪُهاوڙ = ڪُوهہ + آور - ڪوهہ تان آيل. جيڪي ماڻهو ڪُوهہ تي ئي آباد رهيا. اُهي - 'ڪوهارا' سڏيا ۽ جيڪي ماڻهو ڪوهہ تان لڏي ويا. اُهي - 'ڪُهاوڙ' سڏيا. هي ٻئي هڪ ئي قبيلي جون هم زاد شاخون آهن. 'ڪهاوڙ' آخر تائين ڪلهوڙن جا طرفدار رهيا. اهو هڪ ئي خون جو فطري جذبو آهي (ايڊيٽر).

آهي. ٽي سگهي ٿو ته ڪنهن دور ۾ انهيءَ نالي سان ڪا ٽڪري مشهور ٿي هجي. هيءَ مغالطو پنهنجي جاءِ تي برقرار آهي، چوته حيدرآباد جي پرسان اُتر ۾ اهڙي ڪا به ٽڪري موجود نه آهي. حالانڪ دادو ضلعي جي اوائلي تاريخ جاچبي، ته اسان کي آڳاتي انسان جي آبادڪاري- آمري سيوهڙ ۽ منچر جي جابلو علاقن ۾ نظر ايندي سيوهڙ لڳ جهانگارا، باجارا ۽ ڪلهوڙن جي وڏن جا آباد ڪيل شهر آهن. ٽي سگهي ٿو ته ڪنهن دور ۾ انهيءَ نالي سان ڪا ٽڪري مشهور رهي هجي.

تاريخدانن جي تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو ته امير چينه خان پائرن جي ظلم کان تنگ ٿي سنڌ ڇڏي ملتان هليو ويو هو جتان سندس اولاد مان ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي چانڊڪا پرڳڻي ۾ پنهنجي مريدن سميت آمد ٿي. ميان آدم شاهه جي چانڊڪي پرڳڻي ۾ مستقل رهائش کان پوءِ هيءَ گهراڻو پنهنجي منتشر قوت کي گڏ ڪري ورتو هو. 1700ع ۾ هي سنڌ اندر پنهنجي ڏيهي حڪومت ناهي چڪا هئا. دادوءَ جي پرسان خدا آباد شهر آباد ڪري اُن کي سنڌ جي راج ڌاني بڻايو هو. پر ڏاڪڻي سنڌ تي مغلن جو تسلط ٽُٽو نه هو ٿنتي ۾ اڃا مغلن طرفان نواب مقرر هو. پر پوءِ مغلن ڏٺو ته ڪلهوڙن سان پيا ڪيترائي بهادريءَ جنگجو قبيلا گڏ آهن. تڏهن هو 1732ع ۾ ڏاڪڻي سنڌ به خالي ڪري هليا ويا. اُن کان پوءِ سنڌ ۾ مغل منصبداريءَ واري نظام جو خاتمو ٿيو.

هنن ڏينهن ۾ دادو جو سمورو علاقو جنهن ۾ ميهڙ کان وٺي سيوهڙ ۽ منچر تائين اچي ٿي ويو خوشحال ٿيڻ لڳو. نوان ڳوٺ، شهر ۽ وسنديون آباد ٿيون ۽ نيون شاخون ۽ واهه به ڪٽايا ويا. هنن ئي ڏينهن ۾ دادوءَ جو به بنياد پيو. تاريخ جي مطالعي ۽ دادو سان تعلق رکندڙ سينه به سينه روايتن جي آڌار تي انهيءَ چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ته هيءُ شهر، ڪنهن حڪمران جي فرمان يا اشاري تي، ڪونه جُڙيو بلڪ عام ماڻهن جي گڏيل سهڪار ۽ مدد سان جوڙيو ويو. اها الڳ ڳالهه آهي ته جڏهن ڪلهوڙا حڪمران هئا ته هن شهر تي توجهه ڏنائون. ڪلهوڙا، بنيادي طرح آبادگار هئا. سندن واسطو زراعت سان هو. هنن سنڌ ۾ آبپاشيءَ جي نظام کي زور وڌرايو. مهان سنڌوءَ مان نيون نيون شاخون ڪڍيون ۽ مهان سنڌو جا بند بڌا. ان جو پوءِ نتيجو اهو نڪتو جو ڳوٺ مستقل طرح آباد ٿيندا رهيا. ۽ ماڻهو بي اُلڪا ٿي پوکي راهيءَ کي لڳي ويا. ملڪ سائو ٿيڻ لڳو ۽ عوام به حڪومت مان خوش ٿيڻ لڳو. انهن ڪوششن کان پوءِ پين شهرن وانگر دادوءَ جا به پاڻ ڪُلي پيا ۽ هنن ڪلهوڙن جي دور ۾ ترقيءَ جون تڪڙيون پرانگهون پريون.

نامور اسڪالر الهرکيو ٻٽ ڪتاب: "سنڌ جي تاريخي شهرن جي تواريخ" (مرتب: انور فگار هَڪڙو) ۾ دادو بابت لکيو آهي ته:

"ڪلهوڙن جي دور ۾ دادو ضلعو سنڌ جي تاريخ ۽ سياست جو مرڪز ٿيو. ڪلهوڙن هن ضلعي ۾ ڳاڙهي، خدا آباد، محمد آباد ۽ آخر ۾ الله آباد جا شهر آباد ڪيا، جيڪي سنڌ جي گادي جا هنڌ ٿيا. هن ضلعي جو اهو اوج تڏهن ختم ٿيو جڏهن ڪلهوڙن اتان گادي کڻي اچي هالن جي پرسان نئون خدا آباد جو شهر ٻڌايو." هو وڌيڪ لکي ٿو ته: "ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌ زرعي طرح گهڻي ترقي ڪئي. ڪلهوڙن زميندارياڻ جي حيثيت ۾ تعميري ڪم شروع ڪيو. هنن واهه ڪوٽايا ۽ زراعت کي زور وڌرايو."

هن دور ۾ ڪلهوڙن تعليم ڏانهن به پورو ڌيان ڏنو. دادوءَ سميت، خدا آباد، پاٽ، سيتا، امياڻي، پيروز شاهه، پيري سوداري، رهڙو شريف، سيوهڙ ٽلٽي، بوبڪ وغيره ۾ مدرسا ۽ مڪتب کوليا، جتي ماهر عالم ۽ مدرس مقرر ڪيا. هنن ڏينهن ۾ فن خطاطي ۽ ڪتابت کي به خاصي هٿي وڌرائي وئي. اڳ چاپخانا ۽ لٽو نه هئا، اسان جا عالم، اديب ۽ مدرس، اهو

سجو ڪم پنهنجي هٿن سان ڪندا هئا ۽ اهڙيءَ ريت ڪتابن جا ڪتاب پنهنجن هٿ اکرن سان نقل ڪندا هئا ۽ لکندا هئا. اهڙي ڪم ڪندڙ کي خطاط چوندا هئا. پاٽ، سيتا، خدا آباد، ٽلني، بوبڪ ۽ سيوهڙ وڏا مرڪز هئا، جتي هن فن جي آبياري ٿيندي هئي.

هن دور ۾ هتي ڪاشيءَ ۽ عمارت سازيءَ جو ڪم به عروج تي هو. مغليہ عمارت سازيءَ جا نمونا هن علاقي جي سونهن ۾ ويتر اضافو ٿيا. ڪاشيءَ جي ڪم تہ دادو جو پورو علاقو هنن ڏينهن ۾ عروج تي هو. حڪيم نياز همايوني چوائي تہ: "سنڌ ۾ ڪاشيءَ جو رواج تہ اڳ ئي ٻيل هو پر ڪلهوڙن جي زماني ۾ اُن کي وڌيڪ وسعت ملي. هتان جي هر تاريخي مقبري ۽ مسجد جي مشاهدي مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪاشيءَ جا هر هنڌ نرالا نمونا موجود آهن. ڪاڻ جي چٽسالي جو ڪم به انهيءَ دور ۾ عروج کي پهتو. پراڻن ڪاڻ جي درن ۽ دربن تي جيڪا چٽسالي ملي ٿي، تنهن جي ڪمال جو داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهجي."

تالپر دور:

هن دور ۾ دادوءَ کي به ترقي نہ ڪئي، بلڪ زوال ڏانهن ڌڪجڻ لڳو. تالپر ڪلهوڙن وانگر دوراندیش نہ هئا. هو سجو وقت شوق شڪار ۾ بسر ڪندا هئا ۽ ملڪ جو ڪاروبار وغيره منشين جي حوالي هو. زرخيز زمينن جون وڏيون ايراضيون شڪارگاهن ۾ بدلائي ضايع ڪري ڇڏيائون. حصي ۾ مليل زرعي زمينون ٽيڪي ۾ اڪثر هندوئن کي ڏيندا هئا، ۽ ڪافي زرعي زمينون پنهنجن خاص ماڻهن کي به بخشيش ۾ ڏنائون. سنڌ جي زراعت جي اڪاناميءَ سميت سنڌ جي تشخص ۽ وحدت جو زوال تالپرن جي دور کان شروع ٿيو.

تالپرن، تاريخي طور سنڌ لاءِ جيڪو خطرناڪ قدم کنيو اهو هو سنڌ کي ستن حصن ۾ ورهائڻ. انهن ستن حصن مان 4 حصا مير فتح علي خان ۽ سندس ٽن پائرن کي، ۽ حصا مير سهراب خان کي ۽ هڪ حصو مير ٽاري خان کي مليو. مير فتح علي خان حيدرآباد کي، مير سهراب خان خيرپور رياست کي ۽ مير ٽاري خان ميرپورخاص کي پنهنجو دارالحڪومت بڻايو. سنڌ جيڪا ڪلهوڙن جي دور ۾ ذرو ٿي جُڙي تاريخ جي نقشي تي سنڌ ملڪ جي ٽالي سان حيثيت ماڻي هئي، اها سنڌ تالپر حڪمرانن جي غلط پاليسين ۽ فيصلن سبب وري هڪ ڀيرو ٻيهر ذرو ذرو ٿي ٽُٽي وئي ۽ انگريز هنن تي آساني سان حاوي ٿي ويا. انگريز وڏا چالاڪ ۽ مڪار هئا، هو تالپر برادران کي هڪبئي لاءِ هٿيار طور ڪم آڻي، پنهنجا مقصد ماڻيندا هئا ۽ تالپر برادران ايترا تہ اياڻا هئا، جو اِها کين ڪل ئي نہ پوندي هئي، تہ جيڪو ڪجهہ هو انگريزن جي چوڻ تي ڪري رهيا آهن، اها سندن خلاف انگريزن جي سازش آهي.

انگريز دور:

هن دور ۾ دادوءَ وڏي ترقي ڪئي. خاص طرح سان زرعي آبپاشي وارو نظام جيڪو ڪلهوڙن جي دور کان پوءِ بگڙجي ويو هو، اهو سنئين رستي تي اچڻ لڳو. مهان سنڌوءَ مان ڪيترين ئي نيون شاخون/ٻيراجون ڪڍيون ويون ۽ انهن مان ڪٽنال جوڙيا ويا. مثال طور: رائيس ڪٽنال، دادو ڪٽنال، ڪلري ـ بگهياڙ ڪٽنال وغيره. هنن ڏينهن ۾ تعمير ٿيا. هن دور ۾ جيڪو زرعي حوالي سان انقلابي قدم کنيو ويو اهو هو ـ مهان سنڌوءَ جا بند پڪا ڪري ٻڌا ويا. ٻيراج سسٽم چالو ٿيڻ سان پاڻيءَ جي صحيح وند ورڇ ٿيڻ لڳي. ان مان نتيجو اهو نڪتو جو بين ضلعن جيان دادو ضلعي جا اهم فصل ساريون، جوئر، باجهر، مڪئي، ڪڪ، ڪمند، تِر، جَوَ، چڻا، مٽر، جانيو، وونئڙ، گدرا، هنداڻا، تيلي ٻج وغيره پلا ٿيڻ لڳا.

هن ئي دور ۾ ريلوائي نظام قائم ٿيو جنهن سان واپار کي وڏي هٿي ملي. دادو ريلوي اسٽيشن جي قيام کان پوءِ هن شهر جو واسطو سنڌ جي ٻين ڏوراهن شهرن ۽ علاقن سان جُڙي ويو. جديد ۽ انگريزي تعليم جو بنياد به هن ئي دور ۾ پيو. هتي پرائمري اسڪولن ۽ هاءِ اسڪولن جو قيام پڻ عمل ۾ آندو ويو.

انگريزن 1843ع ۾ جڏهن سنڌ فتح ڪئي هئي ته هنن سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو هو ۽ هر هڪ ضلعي تي پنهنجو انگريز عملدار ڪليڪٽر ڪري مقرر ڪيو هو. انگريزن جي اهڙي ورهاست ۾ هيءُ تعلقو انتظامي طور ڪراچيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. 1901ع ۾ جڏهن لاڙڪاڻي کي ضلعي جي حيثيت ڏني وئي، تہ دادو تعلقي کي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو.

ضلعي جو قيام: 1931ع ۾ انگريز سرڪار ضلعن ۾ حد بندين ۾ ڪجھ ڦيرڦار آندي ۽ نوان ضلعا پڻ ٺاهيا، جن ۾ دادو به شامل هو. دادوءَ کي ضلعي جي حيثيت به 1931ع ۾ ڏني وئي. هن ضلعي ۾ 7 تعلقا ـ دادو، ميهڙ، خيرپورناٿن شاهه، جوهي، سيوهڻ، ڪوٽڙي ۽ محال ڪوهستان (ٽاڻو بولاخان) شامل ڪيا ويا.

13 ـ ڊسمبر 2004ع ۾ هن ضلعي کي ٽوڙي نئون ضلعو جام شورو جوڙيو ويو جنهن ۾ (1) ڪوٽڙي، (2) ٽاڻو بولاخان، (3) مانجهند ۽ (4) سيوهڻ ـ تعلقا شامل ڪيا ويا.

طبعي لحاظ کان هيءُ ضلعو پنجن حصن تي مشتمل آهي:

(1) **ميل:** هيءُ حصو ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهه جي ميداني پٽن تي ٻڌل آهي. هتي برساتن، ٻوڏن ۽ واهن وغيره جو پاڻي گڏ ٿئي ٿو. هتان جي زمين هموار نہ آهي.

(2) **ڪاڇو:** هيءُ حصو جابلو حصي جي ڪچ يعني بغل ۾ هجڻ ڪري 'ڪاڇو' سڏجي ٿو. ڪاڇو معنيٰ ـ ڪچ يا بغل وارو. هن حصي ۾ جوهي، خيرپورناٿن شاهه ۽ ميهڙ جي اولهائين جابلو پٽيءَ جي ڪچ واري ايريا، اچي وڃي ٿي. هن حصي جي آبادي جو دارومدار قدرتي چشمن، جابلو سلسلن مان ڦُٽي نڪرندڙ نئن ۽ برساتي وسڪارن تي هوندو آهي.

(3) **پڪو:** هن حصي ۾، دادو، سمورو ميهڙ، خيرپورناٿن شاهه ۽ جوهي جا اوير وارا علاقا شامل آهن. هتان جي آبادي، درياءَ جي پاڻيءَ تي ٿئي ٿي ۽ هتان جي زمين سخت آهي.

(4) **ڪچو:** هيءُ حصو ڇٽني تعلقن ۾ درياءَ جي ير واري پٽيءَ تي مشتمل آهي. هن حصي جي زمين وارياسي، لٽاسي ۽ نرم آهي.

(5) **ڪوهستان:** هيءُ حصو جابلو سلسلي تي ٻڌل آهي. دادوءَ کان علاوه باقي ٽن تعلقن جو اولهائون حصو ڪوهستان ۾ شامل آهي. هيءُ حصو عام طور تي ڪير ٿر وارو جابلو سلسلو سڏبو آهي. هن سلسلي/حصي ۾ جابلو ٽڪرين ۽ ٽڪر مختلف ناالن سان مشهور آهن. هيءُ حصو تفريح گاهه جي حيثيت رکي ٿو. گورک هِل اسٽيشن هڪ وٽندڙ تفريح گاهه هن حصي تي قائم آهي. گورک، ڪيرٿر جبل جي اتاهين چوٽين ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءَ چوٽي، سامونڊي سطح کان غالباً 7 هزار فوٽ اوچائيءَ تي آهي. سياري جي مند ۾ ٿڏ وڌيڪ پوندي آهي. "گورک" بلوچي زبان جي لفظ "گورغ" جو بگاڙ آهي. اِن جي معنيٰ آهي "گورو سھڙيا ڏسڻ جھڙو" اهوئي سبب آهي جو "گورک" وارو علاقو ڏسڻ ۾ بيحد خوبصورت ۽ من کي موهي وجهندڙ آهي. گورک، سياحت لاءِ تمام وٽندڙ تفريحي ماڳ آهي. پڪي روڊ رستي جي

سهوليت نہ هجڻ ڪري هيءَ تفريحي ماڳ عام ماڻهن کان ڪٽيل رهي ٿو.

هن ضلعي سان تعلق رکندڙ ڪوهستان واري پٽيءَ جو جنم ارضيات جي ماهرن مطابق: اڄ کان ڪي 13 ڪروڙ 60 لک سال اڳ ڪريٽيشس زماني ۾ ٿيو. ڪوهستان جي جنم بابت ارضيات جا ماهر ٻڌائين ٿا تہ: اپڪنڊ اتر ڏانهن مسلسل حرڪت ۾ ڊڪاءَ سبب جڏهن يوريشيائي پليٽ/ڪنڊ سان اچي لڳو تڏهن اُن پڪوڙ سبب ڪيرٽر سميت ٻيا ڪي ٽي جابلو سلسلا اُڀري آيا. يوريشيائي ڏرتي ۾ آپڪنڊ جو هيءَ ٽڪراءَ ٽريشري زماني جي وچ واري عرصي ۾ اٽڪل ٽيهہ (30) ملين سال اڳ شروع ٿيو ۾ ان ٽڪراءَ سبب جابلو سلسلن جي ٺهڻ جي ابتدا ٿي. اٽڪل 70 ملين سال اڳ موجوده ڪيرٽر وارو علائقو ٽيٿيس (Tethys) (مهاساگر) هيٺ ڏٻل هو. ڏکڻ کان ڇڇي آيل اُن زمين جي ٽڪراءَ سبب زمين متي اُڀرڻ لڳي ۾ سمنڊ پوئتي هٽندو ويو جنهنڪري هڪ وڏو گهنجدار خِطو ٺهي پيو. سنڌ ۾ ڪيرٽر واري پٽيءَ ۾ ٽنبر- شهدادڪوٽ، دادو ۾ جام شورو- ضلعا اچن ٿا. مهاساگر [ٽيٿيس] 570 ملين کان 65 ملين سال اڳ پيليوزوئڪ ۾ميسوزوئڪ عرصن دوران يوريشيا جي اڪثر حصن تي وريل هو. ان زماني ۾ سمنڊ جي تري ۾ لٽ جا ٽلها تهہ جمڻ شروع ٿيا. لٽ جي انهن ٽلهن تهن جو متيريل ٽيٿيس سمنڊ ۾ ڪروڙين سالن تائين جمع ٿيل سامونڊي مخلوق جي هڏن ۾ ڪوپن مان تيار ٿيو. انهيءَ مواد مان ٽڪرين ۾ جبلن جو ٽلهو (سخت) تهدار مادو تيار ٿيو[ڏسو- "ڪيرٽر جو سفر" پاڻ ڪو- 1. - بدر ابڙو].

ڪوهستان ۾ جيوت: هن حصي تي انساني آبادي ڇڇي ملي ٿي هتي آبادي برساتن، جابلو نئن ۾ باراني چشمن تي ٽڪي ٽي. زمين هتان جي سنئين سڌي نہ آهي. هتي جهنگلي جانورن ۾ قازهو هرڻ گد، سرهہ جهنگلي ٻڪر، گدڙ سوئر، جهنگ ٻلو صحرائي سهو جابلو سهو سياهہ گوش، جهنگراڙ چراخ، لومڙ، ڪوريٽ، سيڙهہ، نور، نوريڙو، جاهو مر، ڪوئو چمڙو وغيره. **جيتن جڻن** ۾ ريڙهيون پائيندڙن ۾ تليهر، ڪاريهر، پدم، پيٽ، وئينس، ارڙ، ٻہ مهين، ڪپر، سرنگهہ، گهوڙيل، تير، لُنڊي، گلوئي، ريگ ماهي، هڙ ڪڙ، سانڊو، ڳوهہ وغيره. ڪنهن زماني ۾ هتي شينهن، بگهڙ، ريڇ، هاٿي سميت ٻيا وحشي جانور ٻہ جام هئا. پر هاٿي اهي هتي اٽلڪ آهن. **پکين** ۾ بان شڪرو عقاب، هِل، ڳڇهہ، چڀ، چهرو، ڪاڻ، ڪيرو، تتر، تلور، پاريهر، هوراندڙي، چڪور، پٽ ڪيري، جهنگلي ڪڪڙ، ٽيٽئو، بگهہ، ڪوڪڙاٽ، ڪبر، گگهہ، ٻاٻيهو، هُدهُد، ڪاڪ ڪُئو، جهرڪي، بلبل، ملاميٽر، قوسي، چنڊول، قدي، ڪيري، چاپاڪو، ملهالو، ٻيٽر، ابابيل، ٽڪلو، ڪٽيچي، ڪوئل، چانهہ، طوطو، هيڙو، هُڙي، چيهو، وهيو، بدڪ، ڪان، لال سر، پُرٽو، ڏگهوش، ڪيٽائي، ڪرڙو، نيرنگ، ٽهٽي، ٽوراندو، پيٽ ڪانئرو، سانهہ، لاڪو، جاجي، ٽيٽيهر، ڪنگري، ٽوبو، ڪُهنگ، آڙي، ڪونج وغيره. آبي **جيوت** ۾ لُڏڙو، سيسر، واڳون وغيره. مڇيءَ ۾ ڳرو، شاڪر، پوپريون، درا، ڊينڊ وغيره ٿين. **جهنگلي وڻن** ۾ **هوڻن** ۾ هيءَ حصو مالدار آهي. هتي ڪجهہ نالا ڏجن ٿا: ڪهنگي، ڪپوهي، ٻيري، ڪور، پُٽ ڪنڊا، پيپر، متيرو، چريو، ڏاتورو، گدڙ ول، ڪتي ڪنو، گاؤزبان، پرسشيان، ڀُوهہ، ڪانديري، ٽونٽيو، پنبري، پيتر، لنب، لار، جهنگلي جَوَ، پٽري، هوتي، ڪورڙ، ڦوڳ، گهوڙا ول، بامٽ، ڪنالڙي، وڻ ويڙهي، پتار، سسئي، اڪ، ليسوڙو، ڪرڙ، سناميڪي، سوناگيڙو، سنگجراج، جوگيڙو، ٽوهہ، ڏنارڪٽوري، گگر، چيڙ، لياري، گولاڙو، پوئي، ڪاهار، چيها، آڪاس ول، ڏرتيءَ ول، ڳنڊير، موٽ، ڊپ، جهنگلي بصر، ڪانهر، ڪير ول، هنجير، باماهو، ڳاڱي، ڇهل، پنور، ڪپ، ديش، نازبو، ناڙو، ٻڪن، اسپنگر، سناپوتي، لوهيڙو، پَنِ، لاٽي، جاڳري، هليرو وغيره. **فصلن** ۾: تِر، مگ، هنداڻا، گدرا، پنگ، مرچ، جَوَ، ڪڪ وغيره ٿئي.

دادو ضلعي جي ايراضي 19070 چورس ڪلوميٽر آهي. 2010ع جي انگن اکرن مطابق هن ضلعي جي آبادي 1689000، خواندگيءَ جي شرح 35.56 سيڪڙو ريڪارڊ ڪئي وئي. هيءُ ضلعو معيشت جي حوالي سان زراعت، ماهيگيري، صنعت ۽ واپار ۾ سڀني اهميت رکي ٿو. هن ضلعي ۾ گيهه، ڪنڊ، سارين ۽ ڪپهه جا ڪارخانا به ڪم ڪري رهيا آهن. هن ضلعي جو مواصلاتي نظام به مضبوط آهي. ٽيليفون، انٽرنيٽ، موبائيل ذريعي سڄي دنيا سان رابطي ۾ آهي. روڊ ۽ ريلوي لائين ذريعي ملڪ جي مڙني شهرن سان ڳنڍيل آهي. هن ضلعي ۾ 1713 ڪلوميٽر پڪا روڊ آهن.

تعليمي لحاظ کان به هيءُ ضلعو بين کان پٺتي نه آهي. پرائمري اسڪول- 1961، مڊل اسڪول- 71، ايليمينٽري اسڪول- 44، سيڪنڈري اسڪول- 52، هاءِ سيڪنڈري اسڪول- 10، ڪاليج- 8، ٽيڪنيڪل ڪاليج- 2 ۽ هنري سکيا جا ادارا- 7 ۽ سنڌ يونيورسٽي دادو ڪئمپس آهن. ان کان علاوه خانگي تعليمي ادارا به ڇهڻي تعداد ۾ ڪم ڪن ٿا. صحت جي حوالي سان هن ضلعي ۾ سول اسپتال- 1، تعلقہ اسپتالون- 3، ڊسپينسريون- 33، بنيادي صحت مرڪز- 46، جانورن جون اسپتالون- 43 آهن.

انتظامي حوالي سان هن ضلعي ۾ هڪ ضلعي ڪائونسل، 4 تعلقا ۽ يونين ڪائونسلون- 52 آهن. ضلعي ۾ 98 سيڪڙو مسلم آبادي ۽ 2 سيڪڙو هندو ڪجهه عيسائي ۽ احمدي برادريءَ جو تعداد به رهي ٿو.

قبيلن ۾: سيد، پير، قريشي، جمالي، ڪلهوڙا، لغاري، عباسي، پنهور، جتوئي، رستماڻي، چانڊيا، رند، ڪوسا، شاهاڻي، مگسي، آلڪاڻي، رودناڻي، نوحاڻي، بروهي، گرماڻي، گراماڻي، بليدي، مزاري، مغيري، ٽالپر، زنگيجا، جڪراڻي، برماڻي، سانگي، هرڙا، ابڙا، سولنگي، ماڇي، ميربحر، ملاح، جت، پرڳڙي، دستي، جانوري، نظاماڻي، برفت، مشوري، جسڪاڻي، سيال، ڏاوچ، لهبر، پلهه، پليجا، ڪورائي، ساند، ڀگهيا، ملڪ، ڪهڙا ڪيڙا، ڪهاوڙ گولا، چن، چنڊ، ٽيبا، قطريا، مغل، ميتلا، شيخ، ڪوري، ڪنپر، گاڏهي، مهيسر، وسطڙا، وگهيا، وڪيا، جاڪرو، ٻاپڙاڻي، لالاڻي، بوزدار، راهوجا، ٽڳا، وٽينس، ميڙا، هُليا، شُهٽا، گبا، حملاڻي، مانجهند، ڪوماڻ، مڱڻيجا، نول، لوهر، لوهڙ، ڏکڻ، سومرا، ڪابورا، ڪوهارا، ٻوڪ، پيچوها، گورشاڻي، ٽينر، لنجار، سرگاڻي، گبول، شاهه، آخوند، پٺي، جويا، ڪاتيار، ٻير، پنهيار، پنگر، پونگر، ڳهڙ، ڄجهه، گوپانگ، چلگري، نوناري، گشڪوري، ڪُڪا، منگي، سهاڳ، پريا، اونا، بهراڻي، آساڻي، ٻلهڙا، ڏيپر، پلي پوٽا، لانبر، هيسباڻي، ڏل، هالپوٽا، دائوديوٽا، بڪيرا، اُجڙ، چنه، ڏيرا، جهتيال، چنجڻي، پهوڙ، پتافي، اسراڙ، چڇڙا، جيسر، ڪوکر، ڪرل، لاشاري، پٺي، ڪوريجا، مناهيا، لاکير، ولها، ميراثي، ميراڻي، ڪاچيلا، جوڪيا، ڏهوٽ، چُٽا، باريچا، چاڙ، مستوئي، ساهڙ، ڳورڙ، سيهڙ، ملڪاڻي، ڪولاچي، خشڪ، چيڙ، سنيهڙ، ترڪ، ڏيٽا، مانجهو، قنبراڻي، ٻنگ، گانڍچا، ڪنير، پند، هندو ٻاليشائي، پيل، ڪولهي، باگڙي، اوڏ وغيره.

تعلقن جو تعارف:

دادو: هيءُ تعلقي ۽ ضلعي جو هيڊڪوارٽر آهي. هن تعلقي جو قيام 1843ع تي عمل ۾ آيو. تعلقي جي ننڍ کان پوءِ جلدئي ميونسپل ڪميٽيءَ جو اجراء ڪيو ويو ۽ انگريز سرڪار پنهنجي معتمد ماڻهن کي هن تعلقي جي سنياڻ ۽ نگرانيءَ لاءِ مقرر ڪيو. هن تعلقي جون حدون، ۽ تڪبنديون وغيره به انگريز سرڪار ناهيون. 1889ع ۾ ڪوٽڙيءَ کان رُڪ اسٽيشن تائين ريلوي لائين وڇائي وئي، جيڪا رٽا 1854ع ۾ تيار ڪئي وئي هئي. 1901ع ۾ دادو ڪئنال جوڙڻ جي رٽا تي عمل ڪرايو ويو جيڪا 1931ع تي پايۂ تڪميل تي رسي. شهر ۾ پهرئين پرائمري اسڪول

جو بنياد 1886ع ۾ پيو. پيو اسڪول 1908ع ۾ ۽ ٽيون مين اسڪول 1916ع ۾ قائم ٿيو. 16 ـ مارچ 1940ع ۾ دادو سول اسپتال جو بنياد رکيو ويو اهو بنياد سنڌ جي انگريز گورنر گراهم جي گهر واري "ليبي گراهم" رکيو. دادو شهر ۾ هڪ وٽرنري اسپتال، ڪيترائي پرائمري اسڪول، مدرسا، طالب المولي هاءِ اسڪول، پرمانند هاير سيڪنڊري اسڪول، استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۽ لاڪاليج وغيره موجود آهن.

دادو شهر ۾ به ڪوٽ هوندا هئا، جن مان هڪ ڪلهوڙن جي دور جو هو جنهن ۾ سرڪاري ڪارندا حڪومت جو ڪاروهنوار هلائيندا هئا، اهو ڪوٽ موجوده ريلوي اسٽيشن دادوءَ وٽ هو. جنهن کي ڏاهي پوءِ ريلوي اسٽيشن ڪاهي وئي. پيو ڪوٽ، سيدن جو هوندو هو جنهن ۾ نازڪ حالتن دوران ماڻهن کي پناهه ڏني ويندي هئي.

دادوشهر، سنڌ جو مڪيه شهر آهي، هن کي سنڌ جو ويٽنام، سڏيو ويندو آهي. واپار جي حوالي سان به هيءُ شهر مشهور آهي ۽ زرعي حوالي سان به آسودو آهي. هتي فصلن ۾ ساريون، ڪڪ، ڪمند، ڪپهه، مڪئي، جوئر، باجهر، مڱ، راهان، چڻا، مٽر، تيلي بج ۽ سبزيون وغيره وافر مقدار ۾ ٿين.

جوهي: هيءُ دادو ضلعي جو اهم شهر ۽ تعلقي هيڈڪوارٽر آهي. لفظ 'جُوهي' جي معني آهي- 'چانورو.' ٻڌايو ويجي ٿو ته اوائل ۾ هتان هڪ نئن وهندي هئي ۽ اتان شاهي رستو به گذرندو هو اُتي ساڻي راحت پهچائيندڙ وٽراهه هئي، ايندڙ ويندڙ قافلا اُتي ڀاڪو ڪندا هئا ۽ آسيس وٺي پوءِ پنهنجي منزل طرف اُسهندا هئا. اُن جوءِ جي پرسان اڳتي هلي ڪي ماڻهو ٻُنو هڻي وينا ۽ پوءِ سندن ڳوٺ 'جُوهي وارو' سڏجڻ لڳو. اهو ڳوٺ اڳتي هلي 'جُوهي' پوءِ 'جوهي' مشهور ٿي ويو. جوهي جي نالي سان هڪ خوشبودار گُل به ٿئي ٿو.

جوهيءَ جو ڪنهن به تاريخ ۾ تذڪرو نه ٿو ملي، جنهن ۾ اها ڳالهه وٹوق سان چئي سگهجي، ته هيءُ شهر/ڳوٺ ڪڏهن وجود ۾ آيو ۽ هن شهر جو باني مباني ڪير آهي. البته جوهيءَ جي پسگردائيءَ وارن قديمي ماڳن ۽ آثارن جي آڏار تي چئي سگهجي ٿو ته هيءُ قديم ماڳ، ٻڌمت جي پيروڪارن آباد ڪيو يا اُن جي علاقي ۾ شامل هو. جوهيءَ جي ڏکڻ ۾ تلاءَ جي ڪپ تي هڪ ٽُل هوندو هو. ڳوٺ ڪنگراڻي ۾ به هڪ پراڻو ٽُل موجود آهي، اهي قديمي ٽُل، ٻڌمت جي پيروڪارن جي عبادتگاهن جا ماڳ هئا. اندازو آهي ته جوهيءَ وارو علاقو راءِ گهراڻي جي وقت ۾ ٻُڌمت جو گهوارو هو. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد-3) ص 90-589 ۾ هن شهر جي قدامت تي تفصيلي ويچار ونڊيا ويا آهن.

مذڪوره جلد ۾ ڄاڻايل آهي ته: "جوهيءَ وارو علاقو راءِ گهراڻي جي ڏاڻن ۾ ڦهليو هو. راءِ گهراڻي کان برهمڻ گهراڻي تائين ٻوڌيه پرڀڪي ۾ چنا قبيلي جي حڪومتن جون تاريخي شاهديون موجود آهن، جيڪي به ٻڌمت جا پيروڪار هئا، ان کان پوءِ برهمڻ، عرب، سومرا، سما دور تائين جوهيءَ بابت تاريخ نه ٿي ملي."

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ۾ وڌيڪ هن طرح بيان ڪيل آهي ته:

"مغل، ارغون ۽ ترخان دور جي تاريخ به هن ڳوٺ تي ڪا روشني نه ٿي وجهي البته ڪلهوڙن جي دور ۾ جوهيءَ بابت مقامي روايتن ۾ تذڪرو ملي ٿو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي حڪومت هن علاقي ۾ اثر رسوخ پيدا ڪيو انهيءَ عرصي ۾ جوهيءَ ۾ ڪوسا آباد هئا. ان وقت ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي حامي ۽ معتمد قبيلن ۾ جمالي ۽ رستماڻي قبيلا نمايان هئا، ميان صاحب جي حامين ۾ ڪوسا به هئا. مقامي روايتن موجب: مختلف قبيلن ۾ زبردست

ويڙهاند هلي ۽ "ڇڏ جوهي، پڇ لوهي" جهڙن محاورن جنم ورتو.

قديم زماني ۾ جوهي جي اوپر لڳ اُتر کان ڏکڻ طرف نئن وهندي هئي. جوهيءَ جو هاڻو ڪو پهريون وارد انهيءَ نئن جي پيٽ ۾ واقع آهي. وارد نمبر - 3 آڪاڻي ۽ قديم ڳوٺ جي ايراضيءَ ۾ آهي.

جوهيءَ جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو انحصار زراعت ۽ چوپائي مال تي آهي. خوشحاليءَ واري دور ۾ "جوهي، مکڻ موهي" سڏبو هو ۽ ڏکر وارن ڏينهن ۾ "جوهي ڪنين کوهي" سڏبو هو.

انگريز دور ۾ جوهيءَ کي بين شهرن وانگر اهميت ملي. هتي انتظامي آفيسون ۽ دفتر قائم ٿيا. 1843ع ۾ انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ جوهيءَ کي بين شهرن/تعلقن سميت ڪراچيءَ سان ڳنڍيو ويو. وري قيرقار ڪري هن کي شڪارپور ۽ بعد ۾ لاڙڪاڻي سان شامل ڪيو ويو. 1931ع ۾ دادوءَ جي ضلعي ٽيڻ کان پوءِ وري هن کي لاڙڪاڻي مان ڌار ڪري دادوءَ ۾ شامل ڪيو ويو جو اڄ تائين هن ضلعي سان پيوست آهي. هن کي تعلقي جي حيثيت به 1931ع ۾ ڏني وئي.

8 - سيپٽمبر 2010ع تي خطرناڪ ٻوڏ جوهي تعلقي ۾ داخل ٿي ۽ جوهيءَ جا 250 کان وڌيڪ ڳوٺ ٻوڙي ڇڏيا ۽ 13 - سيپٽمبر تي پاڻي جوهي شهر کي وکوڙي ويو. ان صورتحال کي ڏسندي انتظاميا شهر خالي ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. ڪافي ماڻهو جوهي شهر خالي ڪري هليا ويا. شهر کي بچاءَ لاءِ رنگ بند ناهڻ جو انتظام شهرين پنهنجي ذمي ڪيو. 15 - سيپٽمبر تي منچر کي 300 فوٽن جو ڪنڌ هنيو ويو. جنهن سان جوهيءَ تان پاڻيءَ جو دٻاءُ گهٽيو. اهڙيءَ ريت شهرين پنهنجي مڙسي ڏيکاريندي پنهنجي شهر جوهيءَ کي ٻڏڻ کان بچائي ورتو.

خيرپورناٿن شاهه: هيءُ ضلعي دادوءَ جو تعلقو ۽ سنڌ جو اهم تاريخي شهر ۽ تعلقہ هيڈڪوارٽر آهي. هيءُ شهر 24°.6 اوپر ڊگهائي ڪاڪ ۽ 67°.44 اُتر ويڪرائي ڪاڪ تي آباد آهي. هن شهر جي مجموعي آبادي 30286 آهي. هن جي اُتر - اوپر ۾ 12 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ميهڙ، 41 ڪلوميٽر ڏکڻ تي دادو جو شهر ۽ اُتر - اوپر ۾ 70 ڪلوميٽرن تي لاڙڪاڻو واقع آهي. 1931ع کان اڳ هن شهر جي حيثيت هڪ تپي جي هئي جيڪو تعلقي ڪچهريءَ ۾ هو ۽ ڪچهري تعلقو لاڙڪاڻي ضلعي ۾ هو. دادوءَ جي ضلعي ٽيڻ کان پوءِ هن شهر کي ترقي ملي ۽ تعلقو ٿيو ۽ ڪچهري سندس جاءِ تي تپوئي رهيو. هن تعلقي ۾ خيرپور سميت، ڪچهري سيتا، گوزو، ڳاڙهي، خانپور وغيره اهم شهر آهن.

سنڌ ۾ خيرپور جي نالي سان ڪافي شهر آهن. جي انگريز سرڪار کان آڪاڻا آباد ٿيل آهن. انگريز دور ۾ جديد ٽپال سرشتي قائم ٿيڻ کان پوءِ نالن جي هڪجهڙائي ٽپال واري محڪمي لاءِ مسئلو بڻجي پئي. اُن مونجهه کي ختم ڪرڻ لاءِ لفظ خيرپور جي پٺيان - 'ناٿن شاهه' لفظ جو اضافو آندو ويو. ناٿن شاهه جي نالي سان هتي هڪ بزرگ جي درگاهه آهي.

سنڌ جا ڪافي قديم آثار هن تعلقي ۾ آهن. جيئن خانپور مسجد، شو مندر، لڳ پورڙي برهان جا قبا، ڪلهوڙن جو اهم ترين قبرستان "ميان نصير جو قبرستان" ۽ هن تعلقي جي ڳاڙهيءَ ۾ واقع آهي. ڳاڙهيءَ لاءِ چون ٿا ته هڪ نيڪ ۽ پرهيزگار عورت هئي. جنهن جو تعلق پنهور قبيلي سان هو. اهو علاقو سندس نالي سان مشهور هو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي اُن نيڪ عورت کان اهو علاقو پئسن تي خريد ڪري اُتي رهائش اختيار ڪئي هئي.

هتان جا ماڻهو محبتي ۽ محنتڪش آهن. هن شهر جا ۽ تعلقي جا ماڻهو سياسي طرح باشعور ۽ سجاڳ رهيا آهن. هتان جي ماڻهن ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتو ۽ ان تحريڪ دوران شهر جي چوڪ تي ڪيترائي بيگناهه ماڻهو شهيد ٿيا.

خيرپورناٿن شاهه 2010ع واري ٻوڏ دوران پاڻيءَ هيٺ اچي ويو جنهنڪري مقامي ماڻهن کي عارضي طور لڏپلاڻ به ڪرڻي پئي. هيءُ شهر ۽ تعلقو جهڙيءَ ريت سياسي طرح سجاڳ ۽ باخبر رهيو آهي تهڙيءَ ريت هتان جي علمي ۽ ادبي تاريخ به شاندار رهي آهي.

ميهڙ:

هيءُ شهر، تعلقي هيڊ ڪوارٽر ۽ دادوضلعي جو نهايت ئي خوبصورت ۽ معتبر شهر آهي. انگريز سرڪار هن شهر جي اهميت ۽ موزونيت کي نظر ۾ رکندي 1872ع ۾ تعلقي جو درجو ڏنو. پاڪستان جي قيام کان 30 سال پوءِ يعني 1977ع ۾ هن کي سب ڊويزن جو درجو مليو.

"ميهڙ" جي بنياد پوڻ ۽ اُن جي تاريخي قدامت بابت ڪو به مستند تذڪرو ڪتي به نه ٿو ملي. جنهنڪري مختلف روايتن تي اڪتفا ڪرڻي پوي ٿي.

هڪ روايت آهي ته "ميهڙ" اصل- "مينهن واڙ" آهي. جيڪو وقت گذرڻ سان تخفيف ڪائيندو- "ميهڙ" ٿيو. هڪ ٻي روايت مطابق: ان لفظ جو بنياد- "ميهر" آهي. "ميهر" نالي هڪ نيڪ ۽ مالدار عورت جا ايندڙ ويندڙ مسافرن ۽ مهمانن کي ماني کارائيندي هئي. ٽئين روايت هڪ عشقيه لوڪ داستان "الڪه مڱڻهار ۽ ميهر راڻي" جي ڪردار سان نسبت ڏيڪاري ٿي. انهيءَ روايت مطابق- "ميهر" موجوده ميهڙ شهر ۾ رهندي هئي ۽ ڪلوند راجا جي راڻي هئي [هن داستان بابت مختصر تذڪرو منهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب- "تنبر- شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾)" (2010ع) ۾ پيش ڪيل آهي]. ڇوٽين روايت مطابق- "ميهر" نالي ٽيبه قبيلي جي هڪ نيڪ مرد هن شهر جو بنياد رکيو.

بظاهر هنن ڇئني روايتن مان آخري روايت، متين ٽنهي روايتن جي پيٽ ۾ وسهڻ جوڳي آهي، پر اُن بابت به ڪي ٺوس ثبوت ۽ شهادتون نه ٿيون ملن.

ميهڙ شهر ۾ تعلقه اسپتال، ڊگري ڪاليج، مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج، هاءِ اسڪول ۽ ڪيترائي پرائمري/مڊل اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن. ان کان علاوه ريونيو ڊپارٽمينٽ سان واسطو رکندڙ آفيس سميت آبپاشي ۽ تعليم کاتي جون ننڍيون وڏيون انتظامي آفيسون ۽ ادارا قائم آهن. هن تعلقي جي ويجهڙ واري تاريخ ۾ جتوئي ۽ جوٽيجا قبيلن جو سياسي اثر رهيو آهي.

هيءُ شهر، مائي ۽ مينديءَ جي ڪري نه رڳو سنڌ ۾ بلڪ پوري ملڪ ۾ مشهور آهي. هن شهر جو مائو سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ بيحد پسند ڪيو ويندو آهي. علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي طور به هيءُ تعلقو سڄيءَ سنڌ ۾ نمايان ۽ ممتاز آهي. زرعي حوالي سان به هيءُ تعلقو شاهوڪار آهي.

هن ڪتاب بابت:

لکڻ ۽ پڙهڻ هڪ قسم جو فن آهي. اهو فن هر پڙهيل لکيل ماڻهوءَ کي نه ايندو آهي. هڪ پڙهيل ماڻهو هڪ سؤ صفحن واري ڪتاب پڙهڻ ۾ 2-1 ڏينهن لڳائيندو آهي، پر ان جي جاءِ تي هڪ بيو پڙهيل لکيل ماڻهو هزار صفحن وارو ڪتاب ٻن ڏينهن اندر بلڪ هڪ ڏينهن اندر پڙهي خلاص ڪندو آهي. پڙهيل ته ٻئي آهن، پوءِ اهو فرق ڇا جو. اهڙيءَ ريت لکڻ به هڪ قسم جو فن آهي، اُهو به هر ڪنهن پڙهيل کي نه اچي ۽ ورهه هر لکندڙ به ڪو اهڙو لکي، جيڪو لکڻ گهرجي. اڪثر ٽيندو ائين آهي ته ماڻهو عبارت پڙهندو ويندو ۽ سندس مغز ۾ هٿوڙا لڳندا ويندا، توڙي جو مضمون/موضوع به سُريلا هجن، پر پڙهندڙ بجاءِ سواد ۽ لسٽ وٺڻ جي، مٿي تي بار ۽ دل ڪچي ٽيندي محسوس ڪندو.

اهو مسئلو هر لکت سان تہ آهي ئي آهي پر گهڻو ڪري تحقيق جي موضوع سان اکثر لاڳو رهي ٿو. تحقيق بنيادي طرح خشڪ موضوع آهي. هن کي سوادي ۽ لذيذ بڻائڻ لاءِ لکندڙ کي به هڪ ڪامياب سُگهڙ ۽ بورچي ٿيڻو پوندو آهي ۽ هر بورچي به سنوراڻو نہ هوندو آهي، ان ۾ به ڪيتيگري ٿئي ٿي.

هيءُ ڪتاب به تحقيقي انداز ۾ اسان جي مهربان دوست محمد عرس 'اظهر' سولنگيءَ لکيو آهي ۽ مواد ۾ ڪافي واڌارو ۽ سڌارو هڪ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ مون به ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ دادو ۽ دادو سان نسبت رکندڙ تعلقن جو بنياد، انهن جي تاريخي پس منظر سميت سندن موجوده ٻيهڪ، پاڙا، محلا، اوتارا، خانگاهون، رستا، عمارتون، بازارون، قبيلا، شخصيتون، سرڪاري نيم سرڪاري ادارا، ڪتبخانا، اولياء ڪرام، فقيه، اديب، مدرس، شاعر، سگهڙ، ڪلاڪار، فنڪار، صداڪار، سماج سڌارڪ، صحافي، پهلوان، سياستدان، ڳائڻا، سماجي علمي، ادبي تنظيمون، تحريڪون، اسپتالون، تاريخي ماڳ مڪان، ڳوٺ، هنر ۽ دستڪاريون مطلب تہ انسانذات سان واسطو رکندڙ اکثر شعبن بابت مواد ڏيڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ هر مواد بتدريج شعبيوار ڏنو ٿس.

هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ محقق کي دادوءَ سان تعلق رکندڙ غالباً هر شيءِ جو اپياس ۽ مشاهدو ڪرڻو پيو هوندو تڏهن وڃي هيءُ آٽ ڪائيو ڪم ٿيو هوندو. حالانڪ تحقيق جو ڪم هلندڙ هوندو آهي، اهو ڪڏهن به آخرين نہ هوندو آهي، پر محقق جي اها ڪوشش هوندي آهي تہ سندس تحقيقي ڪاوش بهتر کان بهتر نتيجا ڏئي ۽ اُهي لکل گوشا ظاهر ٿين، جنهن سان اُن علائقي/خطي جي اهميت نروار ٿئي. محمد عرس "اظهر" سولنگي به دادو ضلعي تي وڏي جذبي ۽ دلجمعيءَ سان تحقيق ڪري نهايت ڪارائتو مواد گڏ ڪيو آهي، جيڪو موجوده دادو ضلعي واري ايراضيءَ تي ڇڪي خاصي روشني وجهي ٿو ۽ اينڊرمحققن ۽ ريسرچ اسڪالرن لاءِ پڙ هڪ ميدان جو ڪم ڏئي ٿو.

ڪنهن به شهر جي تاريخ ۾ فردن جو ڪردار تمام اهم ۽ بنيادي هوندو آهي. شهرَ، فردن سان ليکبا آهن ۽ فردَ، شهرن جي سچاٽپ ۽ ڏيڻ تي. ڪتاب جي مصنف به پنهنجي هن تصنيف ۾ بين موضوعن کان وڌيڪ شخصيت تي گهڻو توجهہ ڏنو آهي. ڪيس معلوم آهي تہ فرد ئي تاريخ جا رُخ تبديل ڪندڙ آهن. مصنف، فردن جو ذڪر، اولياء ڪرام کان شروع ڪيو آهي. دادو ضلعي جي ماضيءَ ۾ هنن پلارن جي فيض کان دادو ضلعي سميت پورو علائقو مستفيض ٿيو آهي. تذڪري ۾ ضلعي جي نامور اولياء ڪرام کي شامل ڪيو ويو آهي، جن جو هن ضلعي تي روحاني طرح وڏو اثر ويٺل آهي. ان کان بعد دادو سان نسبت رکندڙ فقيهہ معلم ۽ مدرسن جو تذڪرو آندو ٿس. ڪنهن به علائقي جي شعور ۽ علم جون ڏياتيون روشن ڪرڻ ۾ معلم ۽ مدرس جو ڪردار نمايان ۽ اهم هوندو آهي. هن شعبي جو پوري اپياس ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ دادو ضلعي ۾ تاريخي شهر پاٽ جي علماءِ فقهاء ۽ معلمن جو تمام وڏو بلڪ شاندار ڪم رهيو آهي. هنن جي علمي، فقهي ۽ تدريسي فضيلت ۽ بصيرت جو چرچو سندَ ٻيي پرڏيهہ تائين به پهتو. پاٽ شريف جا بزرگ مختلف دورن ۾ وڏن وڏن سرڪاري نيم سرڪاري عهدن تي به فائز رهيا ۽ پنهنجي شاندار ڪم ۽ مثالي ڪردار جي ڪري نيڪ نامي حاصل ڪيائون. پاٽ شريف کان پوءِ سيتا ڳوٺ جي آخوندن ۽ معلمن جو ذڪر اچي ٿو. جن به درس و تدريس جي ذريعي هن ضلعي جي وڏي خدمت ڪئي آهي.

سياست جي شعبي ۾ دادو ضلعي پاڻ ملهايو آهي. سندس اثر سجيءَ سندَ سميت سجي ملڪ ۾ چانيل آهي.

هتي جيڪي قبيلا سياسي حوالي سان نمايان رهيا آهن، انهن ۾ صديقي قريشي پير، جتوئي، جيلاني پير، لکياري سيد، جمالي، لغاري، جوٽيجا، لُنڊ، ڪلهوڙا، راهوجا، پنڊ، پنهور، رستماڻي، چنڙ، گهلو، چانڊيا وغيره اهم آهن. سياسي شخصيتن کان پوءِ دادو سان تعلق رکندڙ اديبن، شاعرن ۽ دانشورن جو ذڪر آندو ويو آهي. سماج ۾ اديب ۽ شاعر جو ڪردار هڪ سونهين جي حيثيت رکي ٿو. قومن کي امڪاني خطرن کان باخبر رکڻ ۽ شعور ڏيڻ ۾ جيترو ڪردار سياستدان جو آهي، بنهه اوترو بلڪ ڪن حالتن ۾ انهن کان به وڌيڪ رول شاعر، اديب ۽ دانشور جو آهي. هن ضلعي جي علمي، ادبي، تعليمي سرگرمين جو سهرو علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي سر تي اچي ٿو. قاضي صاحب انتهائي غير معمولي عالم، اديب، فلسفي، دانشور ۽ تعليمدان هو. اديبن ۽ شاعرن جي فهرست ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ سميت ضلعي سان واسطو رکندڙ اديبن ۽ شاعرن جو بيان نهايت دلڪش انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ سگهڙن جو تعارف پيش ڪيو ويو آهي.

لوڪ ادب ۾ سگهڙ شاعريءَ جو مقام متاهون آهي. ادب ته هونءَ ئي انساني سماج جي پيداوار آهي، پر لوڪ ادب ۾ به وري سگهڙ شاعريءَ جون پاڙون انساني سماج جي متئين طبقي کان هيٺئين طبقي تائين، اونهيون کُتل آهن. هن شاعريءَ مان جيتري قدر امير ماڻهو لطف اندوز ٿئي ٿو اوتروئي غريب ماڻهو به محظوظ ٿئي ٿو. ڪتاب ۾ هنن سگهڙ شاعرن جو بيان آندو ويو آهي. جلال ڪٽي، ڪلهوڙن جي دور جو سگهڙ آهي. ۽ سگهڙ شاعريءَ جو امام يعني باني ليکجي ٿو. سگهڙ شاعرن جي تعارف کان پوءِ سماجي شخصيتن بابت ڄاڻ ڏني وئي آهي. انساني سماج ۾ فرد جي اهميت وڌي هوندي آهي ۽ اهو فرد ئي هوندو آهي، جيڪو سماج ۾ پنهنجن سٺن ڪارنامن جي ڪري ماڻهن ۾ مقبول هوندو آهي. اهڙن فردن جي به هن ضلعي ۾ ڪمي نه آهي.

صحافت جو به انساني زندگيءَ سان دامن چوليءَ وارو رشتو آهي. صحافت جي عنوان سان فاضل ليکڪ هن ضلعي سان واسطو رکندڙ صحافين جو تذڪرو آندو آهي. ان کان پوءِ ملهه پهلوانن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن بابت به ليکڪ نهايت دلپذير پيرايي ۾ ذڪر ڪيو آهي. ان بعد دادو ضلعي جا ڪلب ۽ اداڪار جي عنوان تي سٺي معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڳائڻن جو به هن ضلعي ۾ ڪثير تعداد رهي ٿو جن پنهنجي فن جو مظاهرو ڏيهه توڙي پرڏيهه تائين ڪيو آهي. ڳائڻن ۾ منظور سخيراڻي، بالڪ سنڊي، تاراچند، ورندمل، خادم سنجراڻي وغيره شامل آهن. 'پوليس جا شهيد جوان' جي عنوان تي ليکڪ دادو سان تعلق رکندڙ انهن پوليس اهلڪارن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي مختلف واقعن ۾ شهيد ٿيا. ان بعد "دادو جون مزاحمتي تحريڪون" جي عنوان تي دادوءَ سان تعلق رکندڙ انهن تحريڪن جو ذڪر آندو آهي، جيڪي يا ته دادوءَ کان شروع ٿيون، يا انهن جو گهڻو اثر هن علاقي تي رهيو. بلاولي تحريڪ، ميان وال تحريڪ، خلافت تحريڪ، خاڪسار تحريڪ، 1960ع جي ڏهاڪي واريون قوم پرست تحريڪون، ان کان پوءِ دادو ۾ رکم رکندڙ لائبريرين جو تعارف ڏنو ويو آهي.

شهرين جي علم، شعور ۽ آگهي کي وڌائڻ ۽ کين اڀرتي وڃ ۾ لائبريرين جو وڏو رکم هوندو آهي. جن شهرن ۽ علاقن ۾ لائبريريون فعال هونديون آهن، سمجهڻ کپي، ته اتان جهالت جو خاتمو اوس ٿيڻو آهي. سنڌ جي هر ننڍي توڙي وڏي شهر ۾ شعور وند ماڻهو پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري تعليم جي ڦهلاءَ ۽ تعليم جي تبليغ لاءِ هن قسم

جون ڪوششون وٺي رهيا آهن ۽ هن ڪم ۾ سرڪار به ڪم ڪري رهي آهي. دادو جا شعور رکندڙ ماڻهو به پنتي ڪين آهن ۽ هنن به پنهنجن پاڙن، محلن، ڪالونين ۽ شهرن جي اهم مرڪزن تي ڪتبخانا کوليا آهن، جن مان عام توڙي خاص، استفادو حاصل ڪري رهيو آهي. اِها تمام پلي ڳالهه آهي. لائبريرين جي ذڪر کان پوءِ سماجي تنظيمن جو احوال قلمبند ڪيو ويو آهي.

اها ڳالهه به عالم آشڪار آهي ته ڪنهن ٻڌريل ملڪ جو انحصار اُتان جي سول سوسائٽيءَ جي بيدار دماغ فردن تي هوندو آهي. هو سماج کي بهتر کان بهتر حالت ۾ ڏسڻ جا نه رڳو خواهان رهندا آهن پر هو پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ به انهن مقصدن جي حاصلات لاءِ جاکوڙيندا رهندا آهن. هن ضلعي ۾ سماج سڌارڪ پنتي نه آهن، ۽ مختلف تنظيمن جي پليٽفارم تان پنهنجن شهرن ۽ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ ۾ هر وقت رُڌل آهن. سماجي تنظيمن جي تذڪري کان پوءِ 'ادبي تنظيمون' جي عنوان تي دادو سان واسطو رکندڙ علمي ۽ ادبي تنظيمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ان کان پوءِ "پيشور تنظيمون"، "سياسي تنظيمون" جو بيان سلسليوار ڏنو ويو آهي. تنهن بعد "آبپاشي نظام" جي عنوان تي هن ضلعي جو زرعي انفراسٽرڪچر ڏنو ويو آهي. جنهن ۾ نصلن جو به بيان آندل آهي. پٽڻ اهم ڏينهن ۽ ڏورا، برساتون ۽ ٻوڏون تاريخي ورثو ۽ "واهڻ وسنديون" عنوانن هيٺ نهايت مفيد ۽ عمدو مواد ڏنو ويو آهي.

عظيم سنڌ، اُملهه هيرن جي کاڻ رهي آهي. سندس جهولي ڪڏهن به اهڙن انمول هيرن ۽ ماڻڪ پکراجن کان خالي نه رهي آهي. سنڌ جو هر شهر، وسندي واهڻ هيرن جواهرن سان پريو پيو آهي. دادو به اهڙن انمول هيرن سان مالامال آهي. هونءَ ته هر شهر ۾ ڪي چند/مخصوص فرد ڏيکارڻ جهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجي نمايان ڪارڪردگيءَ سبب پنهنجي تر سميت پوري ملڪ ۾ مقبول هوندا آهن. اهڙي ريت موجوده دادو ضلعو به ڪجهه اهڙين نامور شخصيتن جي ڪري سنڌ ۾ وڌيڪ مقبول آهي. هن موجوده ضلعي به سنڌ کي غير معمولي لياقت رکندڙ برجستا ۽ وڏا ماڻهو ڏنا آهن، جن ۾ مخدوم بلاول باغبان، ميان نصير محمد ڪلهوڙو، علامه آءِ آءِ قاضي، شمس الدين بلبل، ايم.ايڇ پنهور، خانصاحب عبدالله چنڙ، جمال ابڙو، مولانا غلام محمد گرامي، استاد بخاري ۽ عبدالله مگسيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

مخدوم بلاول شهيد- عظيم سنڌ امڙ جو بهادر پُٽ، عظيم سنڌ امڙ طرف ميري اک رکندڙ ڏارين ارغونن سان مهاڏو اٽڪائي، پنهنجو پاڻ گهاٽي ۾ پيڙهائي هڪ سچي محب وطن فرزند هئڻ جو هڪ اعليٰ مثال قائم ڪري ڇڏيو جو سندس ڏنل قرباني جو اهڙو لافاني مثال ڪٽي به نه ٿو ملي.

ميان نصير محمد ڪلهوڙو- ميانوال تحريڪ جو سرواڻ ۽ سنڌ امڙ جو غيرتمند فرزند، جنهن سموري حياتي مغل غاصبن سان جهيڙيندي، نيٺ اُنهن کي سنڌ مان هڪالي ڪڍڻ ۾ سوپارو ٿيو. جيڪو خواب مخدوم بلاول باغبان ڏٺو هو اُهو ميان نصير محمد ڪلهوڙي ساڀيان ڪري ڏيکاريو.

علامه آءِ آءِ قاضي- عظيم مفڪر، دانشور، فلاسافر، اديب، تعليمدان، جنهن جي ڪوششن سان سنڌ يونيورسٽيءَ جي لاءِ موجوده جام شوري واري ايراضي تجويز ڪرڻ، ان تي ئي نئون ڪيمپس قائم ڪرائڻ ۽ پاڻ اتي وائيس چانسيلر مقرر ٿي، سنڌ جي نئين نسل جي علمي پرورش ڪرڻ اهي سمورا ڪم ۽ ذميواريون سنياليڻ ڇڳي پلي

ماڻهوءَ جي وس کان ٻاهر آهي، پر قاضي صاحب جنهن اورچائيءَ، دوراندیشيءَ ۽ ڏاهپ سان سنڌ يونيورسٽيءَ جو سمورو ڪاروهنوار هلايو ان جو مثال اڄ ڏينهن تائين نه ٿو ملي.

گرامي صاحب- سنڌي ادب جي تاريخ جو اهڙو ڪردار آهي جنهن کي نظرانداز ڪرڻ سان سنڌ جي ادبي تاريخ کوجهي نظر ايندي. پير علي محمد راشديءَ جي لفظن ۾: 'جنهن ٻوليءَ ۾ هِن قسم جو قلم آهي، اها ٻولي نه مرندي'

شمس الدين 'بلبل' - سنڌي نثر توڙي نظم ۾ ظريفانه لهجي کي فلسفيانه انداز ۾ پيش ڪرڻ جي روايت شمس الدين 'بلبل' وڏي هن کي 'سنڌ جو حالي' ۽ سڏيو وڃي ٿو. اُهو انڪري جو هن مولانا حاليءَ وانگر نظم توڙي نثر جي ذريعي ماڻهن کي اخلاق جي واٽ وٺي هلڻ جو سبق ڏنو.

ايم.ايڇ پنهور- ادیب، عالم، اسڪالر سميت هڪ زرعي سائنسدان هو جنهن پنهنجو گهر تجربيگاهه بڻايو هو. معدنيات ۽ پاڻيءَ تي سندس ڪيل عرق ريز تجربن ڏيهي توڙي پرڏيهي نظرين کي لوڏي ڇڏيو هو. هن زير زمين پاڻي تي 13 ڪتاب لکيا ۽ ڪثير تعداد ۾ تحقيقي مقالا پڙ لکيا، جن پرڏيهه ۾ وڏي مجتا حاصل ڪئي.

جمال ابڙو- سنڌي ٻوليءَ ۾ جديد ڪهاڻيءَ جو باني ليکجي ٿو. هن صاحب، ڪهاڻي لکڻ جو انداز، بيان، ٻولي ۽ منظرنگاري وغيره پيش ڪرڻ جون نيون نيون روايتون متعارف ڪرايون.

خانصاحب عبدالله چنہ- پنهنجي غير معمولي ذهانت، ڏاهپ ۽ قانوني مهارت سبب مشهور هو. هن ڪيترائي غير معمولي ڪارنامه سرانجام ڏنا، جن ۾ هڪ ڪارنامو پاڪستان جي تاريخ ۾ هميشه زنده رهندو اهو هيءَ ته 1965ع ۾ پاڪ- پارت، رن ڪڇ جي مسئلي تي چڪتاڻ ٿي هئي. پارت جو مؤقف هو ته اهو علاقو سندس حد ۾ آهي. ان نبيري ۾ خانصاحب عبدالله چنہ کان قانوني مدد ورتي وئي، نتيجي ۾ اهو ڪيس پاڪستان کٽيو.

استاد بخاري- عوامي شاعر جي حيثيت ۾ اهڙي ته مقبوليت حاصل ڪئي، جو جهڙس ٻئي ڪنهن حاصل نه ڪئي. شاعريءَ ۾ عوامي رنگ پيدا ڪرڻ ۽ ان ۾ حُسن ۽ غنائيت پيدا ڪرڻ جهڙيون ڪمال روايتون ۽ اوصاف، استاد بخاريءَ جهڙي بيدار دماغ شاعر جي طفيلي سنڌي شاعريءَ کي نصيب ٿيا. هن پنهنجي پوري شاعراڻي ڪمال سان سونهن ۽ سنڌ تي لکيو.

پروفيسر عبدالله مگسي- سنڌ جي تاريخ کي جديد ۽ سائنسي انداز ۾ لکڻ ۽ مطالعي هيٺ آڻڻ جون روايتون وجهڻ جون ڪوششون ڪيون. هن اُن بنياد تي "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" جي عنوان سان هڪ قيمتي ڪتاب به لکيو.

مجموعي طرح هيءُ ڪتاب، دادو ضلعي جو هڪ اپياس پيش ڪري ٿو. انهيءَ ڪتاب لکڻ تي ليکڪ مسٽر محمد عرس 'اظهر' سولنگي مبارڪن جو مستحق آهي. مون هيءُ ڪم هڪ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هنگامي بنيادن تي ڪڻي ڪيو آهي. ان دوران مون دادو ضلعي جي چئن ڏينهن جي تڪڙي وزٽ پڻ ڪئي. مواد جي ترتيب ۾ سينئارٽي ۽ جونئارٽي متاثر ٿي آهي. پر جيئن ته تحقيق جو ڪم هلندڙ ٿئي ٿو اهو ڪڏهن به آخرين نه هوندو آهي. تنهنڪري منهنجي محنت ۽ رائيٽر جي ڪم کي به ان تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. پڙهندڙ حضرات جج هوندا آهن. هيءُ ڪتاب- ڪيئن آهي اُن جو فيصلو مهربان پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا.

آخرين لفظ:

مان ٿورائتو آهيان جناب پير مظهر الحق شاهنواز سينيئر وزير، وزير تعليم ۽ خواندگي، حڪومت سنڌ ۽ سنڌ جي سڃاڻ علمي ۽ ادبي اداري سنڌي ادبي بورڊ جي منتظمين جو جن هن ڪتاب جي تصحيح سميت واڌارن ۽ مقدمي لکڻ لاءِ منهنجو نالو تجويز ڪيو. مان پنهنجي لاءِ هيءَ سعادت سمجهان ٿو. حالانڪ مان ڪو عالم اديب يا سنڌ يافته اسڪالر نه آهيان. سنڌ جي نامور عالمن، اديبن، اسڪالرن ۽ سپورنج ماڻهن سان ڪجهه عرصو گڏ گذارڻ جو موقعو نصيب ٿيو آهي، انهيءَ صحبت جي اثر هيٺ هي ڪجهه رندا روڙڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. اميد اٿم ته اداري سميت مهربان پڙهندڙن جي خدمت ۾ هيءَ ڪوشش قبول پوندي

نوٽ: مقدمي لکڻ کان پوءِ ڪتاب جي مواد جي آخري ترتيب ۾ ڪجهه تبديلي اچي ويئي آهي، جنهن سبب مقدمي ۽ متن جو تسلسل برقرار رهي نه سگهيو آهي.

آچر، 10 ـ محرم الحرام 1434ھ
بمطابق 25 ـ نومبر 2012ع

دين محمد ڪلهوڙو
سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (سنڌي)
گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول
موسيٰ ڪٽيار، ضلعو حيدرآباد

مهاڳ

(پهريون چاپو)

قدرت پنهنجي گُجهن ۽ رازن کي پاڻ ۾ جاڻي. ڪائنات ۾ هر گهڙي تبديلي اچي ٿي. انسان، حيوان، نباتات، جمادات مطلب ته هر شيءِ بدلجندي رهي ٿي. وقت ۽ زماني سان گڏ ڪيترين شيون متجي غائب ٿي ويون ۽ ڪيترين ئي نمودار ٿيون. جتي بر هڻا اتي اڄ بازاريون آهن ۽ جتي رونقون هيون، اتي اڄ ويرانيون آهن. هن ڌرتيءَ تي ڪيترين ئي تهذيبن ۽ ثقافتن جنم ورتو ۽ نابود ٿي ويون ۽ هاڻي جا رخ ۽ رواج ئي نرالا پيا پسجن. نيون تهذيبون ۽ نيون ڳالهيون!! جيڪڏهن 200 سؤ سال اڳ جي ماڻهو کي خالق طرفان هن ڌرتي تي وري حياتي ڏئي آندو وڃي ۽ هيءُ سنسار ڏيکاريو وڃي ته هو حيرت جو پتلو بنجي رهجي ويندو. ننڍي هوندي درسي ڪتاب ۾ هڪ بيت پڙهيو هوسين جيڪو اڄا تائين ان ڪري ياد آهي جو ان ۾ قدرت جي تخليق جي ساراهه ڪيل آهي. ان مان ڪجهه سٽون هتي ڏيڻ مناسب لڳن ٿيون:

جڳ جو چرخو عجب چلي،
سپ کو چئي ٿو بلي بلي،
ڪري نه ڪوئي سگهي شمار
جوڙيا سائين سپ جنسار.

ننڍي هوندي اسين جڏهن پرائمري اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين ته استاد اسان کي تعلقي ضلعي ۽ صوبي جا نقشا ناهڻ سيکارينda هئا جن ۾ وري مکيه شهر، ريلوي اسٽيشنون، پٽڻ، ڊنڊون، واهه، جبل، ڪچا رستا، پڪا رستا، ڪوهستان، ڪچو، پڪو وغيره داخل ڪرائيندا هئا. ان وقت ۾ دادو تعلقو اسان کي ڏاڍو وڏو لڳندو هو. ان ڪري به جو اسان اڃا ٻي دنيا کان واقف نه ٿيا هئاسين. هاڻي ته سڄي دنيا ڳوٺ بڻجي وئي آهي. پر ان زماني ۾ اسين جيڪڏهن پنهنجي ڳوٺ پاڻ شريف کان دادو تائين ويندا هئاسين ته گهٽ ۾ گهٽ به ايڏائي ڪلاڪ لڳي ويندا هئا. جڏهن ته مفاصلو فقط 18 يا 20 ميل آهي. ڳوٺ کان پياري اسٽيشن تائين 4 ميل ڪچو رستو هوندو هو جيڪو ٽانگي تي هلندي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ ونڊندو هو. جنهن کان پوءِ ريلوي اسٽيشن تي گاڏيءَ جو انتظار ڪرڻو پوندو هو ۽ گاڏي اچڻ کان پوءِ دادو تائين منو ڪلاڪ لڳندو هو. پر هاڻي ته روڊ ۽ رستا پڪا ٿي ويا آهن. لاريون، ويگنون ۽ ٽيڪسيون جام ٿي ويون آهن. وڏ ۾ وڏ ماڻهو مني ڪلاڪ اندر دادو پهچي ٿو وڃي. اڳي دادو کو حال احوال موڪلڻو هوندو هو ته خط لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ذريعو نه هوندو هو. نه ٽيليفون نه موبائيل ۽ نه تيز رفتار مواصلات. خط دادو تائين پهچڻ ۾ 2 ڏينهن ونڊندو هو. هاڻي هڪ منٽ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائي حال احوال ڏئي وٺي سگهجي ٿو. ان کان سواءِ ٻيون دادو جي ماضي ۽ حال ۾ ڪيترين تبديليون اچي چڪيون آهن. پيارو ڳوٺ اسٽيشن هڪ سڄي ۾ سُجي اسٽيشن هوندي هئي جتي مسافرن کي ته پاڻي ملڻ جو سوال ئي پيدا ڪونه ٿيندو هو پر اسٽيشن ماسٽر کي به ايندڙ ويندڙ ريل گاڏين مان پاڻي ملندو هو. پياري ڳوٺ ريلوي اسٽيشن تي اُتر ـ اوپر ڪنڊ تي لوهه جو ڏڙو هوندو هو جنهن جا نشان چند سال کان متجي چڪا آهن ۽ اتي هاڻي ڳوٺ ۽ زرعي آبادين آهن. پاڻ پراڻي واري ڏڙي جا نشان به متجي رهيا آهن. ريلوي اسٽيشن تي ستر جي ڏهاڪي کان دادو شگر مل لڳائڻ ڪري ڳوٺ ٻڌجي ويو. بجلي آئي، روڊ رستا پڪا ٿيا، آبادي وڌي اسڪول کُليا.

بازاريون ڏيهون. اسپتالون ڪُلي پيون. ڊاڪٽر آيا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي سهولتون مليون. هاڻي تہ اها سُڄي اسٽيشن شاهوڪار ۽ دادو جي مکيہ اسٽيشنن مان هڪ آهي. دادو جي تاريخ تي قلم کڻي محترم اظهر سولنگي تاريخ جي باب ۾ نئين اضافي آڻڻ ۽ جديد معلومات ڏيڻ جو واقعي وڏو همت جو ڪم ڪيو آهي. نارائڻ شيام جو هڪ شعر آهي:

دور بدليا ائين زماني جا،
ڪنهن ورايا ورق فساني جا.

سو هن فساني جي ورقن ورائڻ وارو اسان جي دادو جو هڪ اوڀرچ، محنتي ۽ جاکوڙي استاد محترم محمد عرس 'اظهر' سولنگي آهي. جنهن هن وڏي ڪم کي هٿ ۾ کنيو. بنيادي طور تي پاڻ استاد آهي. درس و تدريس ۽ علم و ادب سان سنڌس تعلق رهندو پئي آيو آهي. سنڌس جنم مراد آباد يونين ڪائونسل جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ميوو خان ۾ تاريخ 13 جنوري 1942ع تي ٿيو. ننڍپڻ ڪان ئي پڙهڻ جو شوق هوندو هئس. ڳوٺ گل محمد واريا سومان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين. سال 1955ع واري ٻوڏ ۾ سنڌس ڳوٺ کي درياءَ پاڻي وٺي جنهن ڪري لڏي اچي جوهيءَ ۾ رهيو جتي ايس. ايم اسڪول جوهيءَ ۾ انگريزي ڪچهه درجا پڙهيو ۽ پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ پڙهي 1962ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1964ع ۾ پرائمري استاد ٿيو ۽ نوڪري دوران ٽريننگ ب- حاصل ڪيائين. جنهن بعد سنڌ يونيورسٽيءَ مان مسلم هسٽريءَ ۾ ايم.اي ب- ڪيائين. سال 1962ع کان ادب جي ميدان ۾ پير رکيائين ۽ عبرت اخبار ۾ هارن جي صفحي لاءِ لکڻ شروع ڪيائين. سنڌس هڪ مضمون 'روزي جا فضائل ۽ مسائل' پهريون دفعو 1967ع ۾ نواءِ سنڌ اخبار ۾ ڇپيو. جنهن بعد سنڌ جي مشهور اخبارن ۾ سنڌس ڪيترائي مقالا ۽ مضمون ڇپجندا رهيا. جن ۾ گاج ڏئم جي اهميت ۽ افاديت کي سنڌ ۾ تمام گهڻو ساراهيو ويو. پاڻ 1962ع کان شاعري ب- ڪئي اٿس. جنهن ۾ پهريائين ڪافي تي طبع آزمائي ڪيائين ۽ جنهن بعد شاعريءَ جون ٻيون صنفون غزل، گيت، چوسٽا، بيت ۽ آزاد نظم ب- سنڌس گهڻائي مشهور ٿيا. "اظهر" سنڌس تخلص آهي. سماجي ۽ ادبي تنظيمن سان ب- سنڌس لاڳاپو رهندو اچي. ڇهن سالن تائين سگا ۾ اطلاعات سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي سنگت ۾ 1974ع کان جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ڪاروباري ڪميٽيءَ جو ميمبر ب- ٿي رهيو. ان کان علاوه سنڌ ويلفيئر ۽ ڪلچرل آرگنائيزيشن جو باني ڪارڪن، پريس سيڪريٽري ۽ جنرل سيڪريٽري جي عهدن تي ب- رهيو.

ڪنهن ب- ڳوٺ شهر، تعلقي ۽ ضلعي وغيره جي تاريخ لکڻ ڪا معمولي ڳالهه ڪانہ آهي. هونءَ ب- هر ڪنهن انسان کي زندگيءَ ۾ ايترا مشاهدا ۽ تجربا ٿين ٿا جيڪي هڪ تہ ڇا پر ڪيترن ئي ڪتابن لکڻ لاءِ ڪافي هوندا آهن. پر هر انسان ڪتاب لکي نٿو سگهي. ان لاءِ ڏاڍو سان گڏ ذات جي ب- ضرورت هوندي آهي. اهو نهايت ئي محنت طلب ڪم آهي. پر ذات ناهي ذات تي جو وهي سو لهي. دنيا ۾ ڪيترين ئي تاريخون ئي واقعا لکيا ويا آهن پر جيڪڏهن انهن تي تحقيق ڪجي تہ اڻ پورا نظر ايندا. ڇاڪاڻ تہ اهي يا تہ ڪنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ لکيا ويا آهن يا ڪنهن کي گهٽ ڏيکارڻ لاءِ پوءِ ايندڙ نسلن کي کهڙي خبر تہ اهي تاريخون ڏنڊ ڪٽائي روايتن ۽ پسند ۽ ناپسند روين تي مبني آهن يا اصل حقيقت ائين آهي. هيءَ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ائين لڳي ٿو تہ اسان جي ليکڪ محترم اظهر سولنگي ذاتي طور تي دلچسپي وٺي جاکوڙ ڪئي آهي ۽ هر ماڳ تي پهچي معلومات ۽ واقفيت حاصل ڪئي اٿس. رڳو مطالعي تي پروسو ۽ اعتبار نہ ڪيو اٿس. مون کي قوي اميد آهي تہ هن ڪتاب مان پڙهندڙن کي گهڻو ڪجهه مواد ۽ نئين معلومات حاصل ٿيندي.

عبدالغفار صديقي

حيدرآباد

ان عشق کي شاباس
(پر لفظ)

تاريخ حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش کان شروع ٿئي ٿي. دنيا جي وجود ۾ اچڻ سان. جيئن جيئن واقعا، حادثا، نيون حقيقتون، تبديليون رونما ٿيندڙيون ويون تہ ڪن عالمن انهن کي قلمبند ڪيو. اهڙيءَ طرح پاڪ صحيفا، پاڪ نبين تي نازل ٿيا. اهي پڻ ماضيءَ جا قصا ۽ حقيقتون آهن جن ۾ هدايت ۽ رهنمائيءَ جا اصول مرتب ڪيل آهن. انهن جو مصنف ۽ تخليقڪار الله تعالي پاڻ ئي آهي.

ماضيءَ جا قصا ڪهاڻيون، حقيقتون سڀ ڪجهہ حال ۽ مستقبل لاءِ روشني ۽ شعور جا سبق آهن. جيئن جيئن معاشري جديد تهذيب ۽ تمدن ڏانهن وڌڻ شروع ڪيو تہ تاريخ ان جي پويان پويان واقعن کي قلمبند ڪيو. واقعن کي نسل در نسل پهچائڻ جو ڪم تاريخدان ڪيو. تاريخدان حڪومتن، حڪمرانن ۽ عوام جي ريتن، رسمن، رواجن، خامين ۽ خوبين کي تاريخ جي سيني ۾ سانڍيو.

تاريخ جو علم سماج جي روئداد آهي. جيڪو قلم بند ڪري اينڊڙ نسل جي ڄاڻ لاءِ محفوظ ڪجي ٿو. اڄ ۽ روزمرهہ جا واقعا، سياڻي تاريخ بنجي وڃن ٿا. مورخ جي پسند آهي تہ هو سماج جي ڪنهن به دور جي ڪنهن به حصي کي قلم بند ڪري مستقبل لاءِ رڪارڊ محفوظ ڪري سگهي ٿو. سماج ۾ رهندڙ قبيلن، ذاتين ۽ قومن متعلق لکي ان جي پس منظر ۾ انهن جي ڪارگذارين، خرابين، خوبين، چڱاين ۽ ڪاميابين کي لکي محفوظ بنائي سگهي ٿو.

اڳئين زماني ۾ نندڙيون وڏيون بادشاهيون هونديون هيون. حملہ آورن جون ڪاهون، فتحون ۽ شڪستون، کي عالم پنهنجي ليکي قلم بند ڪندا هئا. ڪي حڪمران پنهنجا مير منشي رکندا هئا، جيڪي حڪومت جا منتظم وزير، سفير ۽ صلاحڪار هوندا هئا تہ ڪي شاهي حڪيم تہ ڪي عالم ۽ فاضل ۽ درباري شاعر هوندا هئا. وقت جي حڪمران پنهنجي دؤر جي عالمن کي تاريخ نويسيءَ جو ڪم سونپيندا هئا. تاريخ نويس پنهنجي علمي شعور ۽ ڄاڻ موجب تاريخ مرتب ڪندا هئا. اهي ماضيءَ جي بادشاهن جا قصا، چڱاين ۽ خوبين بيان ڪندا هئا. وقت جي حاڪم کي عوام جو همدرد، رحمدل ۽ انصاف پسند بيان ڪندا هئا. انهن تحرين ۾ عوام جون اقتصادي ثقافتي ۽ سياسي حالتون گهٽو ڪري بيان ٿيل نہ هونديون هيون. بلاشڪ اهي درباري شاعر ۽ درباري تاريخدان هئا پر پوءِ به انهن ڪنهن حد تائين ماضيءَ جي رڪارڊ کي محفوظ بنايو آهي. ورنہ اسان پنهنجي ماضيءَ کان ايڏا تائين بي خبر ۽ لاعلم هجون ها!

اڄ جو پڙهيل جوان هڪدم چوندو آهي تہ سندّ جي ڪابہ تاريخ صحيح طرح نہ لکي ويئي آهي. جيڪي پاڻ ڪجهہ نہ ڪن پر جيڪو ماڻهو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري ٿو تہ ان تي يڪدم فتويٰ جاري ڪن ٿا تہ تاريخ صحيح مرتب نہ ڪئي ويئي آهي. "گدڙ ڏاڪ نہ پچي، آکي ٿو ڪتا". انهن کي ساڃاهہ، شعور ۽ سمجهہ ڪٿان آڻي ڏجي؟ تاريخ تہ هڪ پراڻو رڪارڊ آهي. ان رڪارڊ کي امانت سمجهي محفوظ ڪري عوام جي هٿن ۾ ڏيئي مطالعي ڪرڻ لاءِ ڏني وڃي ٿي. تاريخ لکڻ هڪ طويل ترين، ڏکيو ڪم آهي. اهو عشق آهي. جيڪو تاريخ لکرائي ٿو. تاريخ جا عاشق تمام ٿورا آهن. ڇاڪاڻ تہ هن عشق ۾ پگهر سان رت ۽ عمر جو حصو به قربان ڪرڻو پوي ٿو. تاريخ لکڻ لاءِ نہ ڏينهن، نہ هفتا، بلڪ

ڪيئي سال لڳيو وڃن. اهو رات ڏينهن جو پورهيو ته آهي پر عشق به آهي. جيڪو رات ڏينهن اوجاڳا ڏياري ٿو ۽ قوم کي ڪجهه ڏيڻ چاهي ٿو.

"ان عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا".
"حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو"

وطن سان پيار ڪرڻ لاءِ ڪنهن مذهب، علم ۽ عقل جي ضرورت نه هوندي آهي. هر انسان پنهنجي وطن جي پاڻ، نالن، ڏينين، وڻ، ٻوڻ، ڏڻ، رستن، پيچرن ۽ ان زمين جي مٽيءَ ۽ ماڻهن سان بيحد پيار ڪري ٿو. چاڪاڻ ته ان وطن جي مٽي، پاڻي، هوا ۽ اناج هن جي رت ۾ سمايل هوندو آهي. وطن جو جذبو ڪيس جاکوڙي بنجڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. فطرت جي جذبي تحت وطن جي مٽي ۽ ماڻهن سان محبت رهي ٿي. ڳوٺ، ديهه، تپو، تعلقو، ضلعو مطلب ته وطن جي هر شيءِ سميت وطن جا ماڻهو سڀ پيارا ٿا لڳن. اهي سڀ ماڳ، مڪان ۽ انهن ۾ وسندڙ ماڻهو جيڪي وطن واسي آهن چاهي انهن جو مذهب، پوشاڪ ۽ تمدن، مختلف ئي هجي پر آهن ته پنهنجي وطن جا. وطن واسي هڪ ٻئي سان پيار ڪن ٿا. اهائي ته حب الوطني آهي. ان حب الوطنيءَ واري ڪردار کي ئي تاريخ سڏجي ٿو.

صدين گذرڻ بعد لکڻ ۾ ڪو هڪ اڏ هيرو پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي دل ۾ ڪا تڙپ، ڪو شوق، ڪو درد پيدا ٿيندو آهي جيڪي هن اڙانگي سفر تي نڪري پوندو آهي ۽ قوم لاءِ کي تاريخي حقيقتون گڏ ڪرڻ شروع ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت محترم محمد عرس "اظهر" سولنگي سال 2006ع ۾ هيءُ هڪ ضخيم تاريخي ڪتاب لکي دادو جي عوام ۽ سنڌ جي عوام تي وڏو احسان ڪيو آهي. هيءُ تاريخ جو ڪتاب، هڪ بنيادي ڪتاب آهي. مصنف ايندڙ وقت جي ڏاهن، تاريخدانن لاءِ وڏو مواد ڳولي گڏ ڪري ڏنو آهي. وري ٻيا نوجوان دردمند اڻتندا ۽ آئينده جي مڪمل جاڙ سان تاريخ مرتب ڪندا. هن ڪتاب ۾ جيڪا محنت ۽ مشقت ڪيل آهي، اها قابل داد ۽ قابل تحسين آهي.

هن ڪتاب ۾ دادو جا ڳوٺ، انهن ۾ وسندڙ قبيلا، ڏنڏا، اديب ۽ عالم، بزرگ، اولياء، ثقافتي پهلوءِ آثار قديم سڀ سمايل آهن. هن ڪتاب ۾ دادوءَ جي ثقافتي ورثي ۽ سياسي، سماجي ڪردارن کي قلمبند ڪري وڏي جاڙ مهيا ڪئي آهي. مطلب ته هر پهلوءَ کي گهٽي محنت سان گڏ ڪري هڪ انمول تحفو تيار ڪري وطن واسين جي حوالي ڪيو آهي. اظهر سولنگي علم ۽ ادب سان بيحد پيار ڪندڙ آهي. مون کي قوي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب، تاريخ جي ڪتابن ۾ اهم جاءِ والاريندو. مان اظهر سولنگي صاحب جي انهن صلاحڪارن کي به دلي مبارڪون چوان ٿو جن هن جي همت افزائي ڪري اهڙو ڪتاب منظر عام تي آندو آهي.

پروفيسر ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

مورو سنڌ

پنهنجي پاران

سنڌ جي قديم تاريخي ڪتابن جي مطالعي کان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو ته اڪثر ڪتاب فارسي زبان ۾ لکيل آهن، جن جا ترجما سنڌي ۾ ڪري سنڌ جي مختلف ادارن اسان جي آڏو آندا آهن. جيڪي سنڌ متعلق ايڏا به مڪمل ڇاڙ يا مواد نه ڏئي سگهيا آهن. اهي فارسي جا ڪتاب ان وقت جي حاڪمن جي اڪثر ثناخواني ۽ قصن سان پريل نظر اچن ٿا. پر سنڌ جي تهذيب، ثقافت، علم ادب، فن و فڪر، ان وقت جي حالات ۽ حادثات، سياست ۽ سماج، تهذيب و تمدن ۽ حقيقت تي گهٽو ڪري پرداپوشي ڪئي وئي آهي يا وري ڇاڪاڻ واڪاڻ سنڌ جون حقيقتون لڪايون ويون آهن، جنهن ڪري سنڌ جي تاريخ اڄ به مڪمل نظر نه ٿي اچي.

هونءَ به تاريخ ڪڏهن به مڪمل نه ٿيندي آهي، پر تنهن هوندي به سنڌ تاريخدان اهو سمجهيو ويندو آهي جيڪو هر پهلوءَ کي نظر ۾ رکي غير جانبدار ٿي لکي ۽ حق سچ سان لکي. انهن سببن کي نظر ۾ رکندي، ماضي قريب ۾ سنڌ جي تاريخدانن پنهنجي جاکوڙ ۽ جستجو جاري رکي ۽ اسان کي تاريخي حقيقتن مطابق ڪافي مواد مهيا ڪري ڏنو آهي. اهڙن تاريخي ڪتابن جي مطالعي ۾ مون بدين، نواب شاهه، ٽنڊو شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ ڪنبر متعلق مواد نظر مان ڪڍيو پر جڏهن مون 'مورو ناهي ٿورو' ڪتاب جو مطالعو ڪيو ته هڪ احساس جاڳيو ته سنڌ جي ننڍين شهرن تي هڪ بهترين ڪتاب ترتيب ڏئي سگهجي ٿو ته پوءِ چو نه دادو ضلعي تي به اهڙوئي ئي ڪتاب اچڻ گهرجي. اها سوچ پنهنجي دوست ۽ ساڻي سائين ڏڻي بخش مگسي وٽ ڪڍي ويس. صلاح مصلحت بعد اهو طئي ٿيو ته اهڙو تاريخي ڪتاب في الحال تعلقي سطح تي اچڻ گهرجي. اسان ٻنهي ساڻين اهو عهد ڪري قلم هٿ ۾ کنيو ۽ لکڻ شروع ڪيو پر وقت ۽ حالتن هڪ ٻئي جو ساٿ نه ڏنو. هو ويچارو الله پاڪ کي پياروٿي وبو ۽ مون وٽ نه ايترو وقت رهيو ۽ نه وري اهڙا وسيلا هٿ جو تعلقي تي پورو ڪم ڪري سگهان پر تنهن هوندي به دماغ تي اها ڳالهه سوار رهي ته ڪجهه نه ڪجهه ڪريان. نيٺ دادو ضلعي تي مواد گڏ ڪرڻ شروع ڪيم.

مان نه ڪو ايڈو اديب آهيان نه ئي محقق يا تاريخدان. صرف هڪ لگن هئي ته ڪجهه نه ڪجهه لکي وڃان. مڪمل نه ئي سهي، پر بنياد مهيا ڪري وڃان. وڌيڪ ته تاريخ جا جستجو ڪندڙ محقق ۽ تاريخدان پاڻ ئي جستجو ڪندا رهندا. منهنجي فقط اها خواهش هئي ته مان پنهنجي محنت ۽ مواد پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچايان. پنهنجي جاکوڙ جاري رکندي، مون کي ڪن هنڌن تان اهڙا ته ڪتا جواب مليا جو پهرين ته دل شڪسته ٿي پيس، پر ڪن مهربان دوستن جي راين جو احترام ڪندي جاکوڙ جاري رکيم ۽ دل نه هاريم. ڪٿي ته ڳوٺ جي معززين به تعاون نه ڪيو.

هتي اها ڳالهه ڪرڻ برمهل ۽ با موقعي سمجهان ٿو ته جڏهن مون تعلقي سطح تي ڪتاب پورو ڪري مسودو دوستن کي ڏيکاريو ته ڪيترن اديب دوستن منهنجي دل شڪني ڪندي چيو ته اوهان هي فضول ڪاغذ ڪارا ڪيا آهن ۽ پنهنجو وقت ويجايو آهي. ايڈو پاري پر ڪم ڪتاب ڪير پڙهندو هيڏي وٽ پڇان جي دور ۾ هنن پراڻين ۽ فرسوده ڳالهين کي پڙهڻ لاءِ وقت ڪنهن وٽ آهي!! ڪن چيو: هيڏو ڪتاب ڪيئن ڇپائي سگهندين؟ ڪن منهنجي غربت جو مذاق اڏايو ڪن ڪهڙا جملا ته ڪن ڪهڙا محاورا مون تي چسپان ڪيا. جنهن وٽ جو هو ان پنهنجي هٿيءَ جو هوڪو ڏنو پر مون صبر ۽ خاموشيءَ سان ڏٺو ۽ سنو.

ڪتاب لاءِ ڪن سرڪار جي پٽي ٻريل همراهن چيو ته اوهان اهو ڪتاب اسان کي ڏيو اوهان معاوضو ونو ۽ پوءِ ڪتاب اسان جي نالي سان ڇپجندو. ڪن چيو ته ضلعي سرڪار کان گرانٽ وٺي اوهان جو ڪتاب ڇاپرايون ۽ انهن اهو شرط سامهون رکيو ته ڪجهه حقير رقم اوهان کي ڏينداسين ۽ ڪتاب جي مصنف جي نالي بجاءِ پوري

ڪميٽيءَ جا نالا ڏيڻ گهرجن ٿا. ضلعي حڪومت کي ٻڌائيندا سين ته هيءَ سموري معلومات، ڪاميٽيءَ جي ميمبرن وڏي جفاڪشيءَ ۽ محنت سان سهيڙي آهي. تڏهن ته ڪا گرانٽ ملندي. وڏ ۾ وڏا اهو ڪري سگهنداسين ته اوهان ان ڪميٽيءَ جا پڻ ميمبر هوندئو ۽ اوهان جو ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ نالو ڏنو ويندو.

اها سڀ انهن دوستن ۽ اهڙن مهربانن جا نت نوان حربا ۽ منصوبا هئا، ته جيئن ڪتاب منظر عام تي نه اچي. اگر اچي ته غريب مصنف جو نانءُ نشان نه رهي ۽ اسين پڪي پڪائيءَ جا مالڪ ٻڌجي وڃون. افسوس صد افسوس! مون وٽ اهڙن دوستن لاءِ فقط افسوس کان سواءِ ٻيا لفظ ڪونهن جن منهنجي هن پورهئي کي سربازار تين وال ڪرڻ پئي چاهيو ۽ اهڙي ريت منهنجي حساس دل کي رنجيده بنائڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي وئي. مون دادو جي اديبن، شاعرن، فنڪارن، سماجي ورڪرن، سياسي شخصيتن، ڳائڻن ۽ ملهه پهلوانن جو به تعارف حاصل ڪري ڪتاب ۾ ڏنو ۽ ڪتاب 2006ع ۾ خير محمد سولنگي، ڊائريڪٽر نيشنل هاءِ وي اٿارٽي پاڪستان ڇپائي پڌرو ڪيو.

هن ڪتاب جو مواد اصل ۾ تعلقي دادو تائين محدود هو پر 2012ع ۾ عزت مآب سائين محترم پير مظهرالحق شاهنواز صوبائي وزير تعليم ۽ خواندگي جي همٿ ٻڌائڻ ۽ ڪتاب ڇپرائي ڏيڻ جي تسلي ڏيڻ تي هن ڪم ۾ هٿ وڌو ۽ اهڙي ريت هيءَ رڻا سنڌي ادبي بورڊ جي حوالي ڪئي ويئي ۽ مسٽر دين محمد ڪلهوڙي کي هن ڪتاب تي نئين سر ڪم ڪرڻ جي اسائنمينٽ ڏني ويئي. جنهن صاحب وقت ڪڍي عرق ريزيءَ سان ڪم جو تڪرو اُڪلاءِ ڪري ڏنو. جنهن صاحب مقدمو لکيو ۽ ڪتاب ۾ نوان اضافا، واڌارا سڌارا ڪيا ۽ مفيد حاشيه لکي ڪتاب کي ديده زيب ٻڌائڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي. هن موقعي تي محترم دين محمد ڪلهوڙي صاحب کي نٿو ساري سگهان ۽ سندس شڪريه ادا ڪريان ٿو.

هن ڪتاب جونئون ڇاپو:

هيءُ ڪتاب اڳ ۾ "دادو تعلقي جو ماضي ۽ حال" جي عنوان تي ڇاپي پڌرو ڪيو ويو هو. جنهن جو مهاڳ سائين عبدالغفار صديقيءَ ۽ به لفظ ڊاڪٽر محمد لائق زرداري صاحب لکي ڏنا هئا. هن نئين ڇاپي ۾ انهن ٻنهي صاحبن جون تحريرون بحال رکيون ويون آهن. ته جيئن هن ڪتاب جي اصليت برقرار رهي. آءٌ انهن دوستن، مهربانن ۽ سڄڻن جو به مشڪور آهيان جن ابتدائي دور ۾ مون کي همت، پيار ۽ محبت ڏني. سچ پچ ته جيڪڏهن انهن جو ساٿ نه هجي ها ته اڄ مان ڪجهه نه هجان ها. انهن ۾ عبدالعزيز سولنگي رٽائر سپرنٽينڊنگ انجنيئر، استاد محمد چٽل رند، سنڌ جو نامياروشاعر بشير سيتائي، بلوچ صحبت علي ايڊووڪيٽ، استاد محمد ابراهيم گنب جوهي، قاضي محب علي ۽ استاد امام الدين ڳوٽ مبارڪ ڪلهوڙو تعلقو ميرو خان، استاد قادر ڏنو چانڊيو ڳوٽ ينيو خان چانڊيو تعلقو ميرو خان ۽ استاد محمد صديق پالاري ڳوٽ مهندا پالاري ۽ صاحب ڏنو پالاري ڳوٽ ڪاپٽ تعلقو ٽاڪو بولاخان (محال ڪوهستان) شامل آهن.

مون تي وڏ ۾ وڏ ٿورا سينئر منسٽر/ وزير تعليم محترم پير مظهرالحق شاهنواز جا آهن جن هيءُ ضلعي جو ڪتاب، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو طرفان ڇاپرائي منهنجي خوابن کي خوبصورت تعبير ڏني آهي. ان حوالي سان آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري محترم الهڏتو وگهيو صاحب ۽ سندس ڪارڪنن جو ازحد شڪرگذار آهيان.

آخر ۾ آءٌ اها گذارش ڪندس ته هن ڪتاب ۾ ڪي ڪوتاهيون رهجي ويون هجن ته درگذر ڪري منهنجي رهبري ۽ رهنمائي ڪئي وڃي.

ٿورا ڪي ٿورا، مون تي ماروئڙن جا،
پلائي ۽ پيرا، ڳٽي ڳڻيندس ڪيترا.

محمد عرس "اظهر" سولنگي

پير بخش ڪالوني، دادو

ارپنا



ارپيان ٿو
پنهنجي منڙي ماءُ
سياڻيءَ کي
جنهن نپائي، پڑهائي وڏو ڪري
هن منزل تي پهچايو
جنهن جي شفقت جو هٿ ساڻ سايو
هميشہ منهنجي مٿان رهيو.

محمد عرس "اظهر" سولنگي

دادو ضلعو- هڪ اپياس

دادو

منو من موهيندڙ هي منڌار **دادو**
هي دلين جو دلبر، هي دلدار **دادو**

خطو خوبصورت، منا مور ماٿهو
سنو شهر شهرن ۾ شهڪار **دادو**

قديم آ قدامت ۾ پر دور نئين ۾
ترقي ۾ آ تيز رفتار **دادو**

سدا آمريت جو آهي مخالف،
جُهڪيو ناهي ڪڏهين هي خوددار **دادو**

سدا پاسدار آ، عوامي حقن جو
۽ چاهي ٿو جمهوري اقدار **دادو**

جوان ۽ جيالو اڏول ۽ اٽل آ،
۽ هر خطري کان آ خبردار **دادو**

هي ميدان، بريت، جبل، جهنگ، ٻيلا،
نزاڪت نظاري ۾ نروار **دادو**

هي پوکون پياريون زمينون پلاريون،
لڳائي ڇڏي اَن جا انبار **دادو**

سندس ڳوٺ واهڙ ۽ وستيون به وڻندڙ
سدا رشڪ جنت هي گلزار **دادو**

ادب علم جو آهي گهوارو "اظهر"،
ثقافت ۽ ڪلچر جو مينار **دادو**

□

دادو تعلقو

دادو تعلقي جي بيهڪ:

دادو تعلقو لاڙڪاڻ گزيٽيئر موجب سنہ 1843ع ۾ قائم ٿيو. هيءُ تعلقو پهريائين ڪراچي ضلعي ۾ شامل هو. 1901ع ۾ هن تعلقي کي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ شامل ڪيو ويو. هيءُ تعلقو 26.44 ويڪرائي ڦاڪ ۽ 67.49 ڊگهائي ڦاڪ گهيرن تي آباد آهي. دادو تعلقي ۾ 60 ديهون، 22 تپا ۽ 3 سرڪلون آهن. دادو جي اُتر ۾ خيرپورناٿن شاهه تعلقو ڏکڻ ۾ سيوهڻ تعلقو اولهه ۾ جوهي تعلقو ۽ اوپر ۾ مورو تعلقو آتس.

دادو تعلقي جون ديهون:

1. دادو 2. چوئي 3. ٻيلو چوئي 4. سيال 5. سنڌ واهه 6. مخدوم صاحب 7. خاصا چانديا 8. مرڪپور 9. ٻير ڳٽيو 10. باغبان 11. ڪنبي 12. جنگ 13. موندر 14. شاهاڻي 15. خشڪ 16. ڏاوچ 17. باداڻي 18. ڪا 19. بني 20. پيرپنجاڻ 21. بڪراڻي 22. وارياسو 23. سونهيون 24. پيري 25. دوآبو 26. خدا آباد 27. خدا آباد رعيتي 28. پنڌ 29. بٹ مالهو 30. ڪلهوڙا 31. ڪورپور 32. نورجا 33. ملڪاڻي 34. چرٹاٹ جاگير 35. نولکو 36. ڏهي رعيتي جاگير 37. پاٹ 38. ڏورو ڏمريو 39. پڪوسيتا 40. ڪچوسيتا 41. پنبي 42. گهلو 43. پراٹو ديرو 44. پير ترهو 45. رعيتي جاگير 46. ماروي 47. ڪارڙو 48. ڪچو ڪارڙو 49. پڪو ڪارڙو 50. رپ 51. سامهين 52. ڪچورپ 53. پڪو رپ 54. پلها 55. ٽڳا 56. جبيرجي 57. سچارو 58. ڪيڙو 59. ڪينجهر 60. جاکپاري

تپا:

1. دادو 2. اي دادو 3. مخدوم صاحب 4. اي مخدوم صاحب 5. باغبان 6. اي باغبان 7. موندر 8. باداڻي 9. بڪراڻي 10. اي بڪراڻي 11. خدا آباد 12. اي خدا آباد 13. نورجا 14. اي نورجا 15. پاٹ 16. اي پاٹ 17. پراٹو ديرو 18. اي پراٹو ديرو 19. رپ 20. اي رپ 21. جبيرجي 22. اي جبيرجي

سرڪلون:

1. سرڪل دادو 2. سرڪل باداڻي 3. سرڪل پاٹ

دادو تعلقي جون حدون:

دادو تعلقي جي اُتر ۾ ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهه ڏکڻ ۾ سيوهڻ، اولهه ۾ جوهي ۽ اوپر ۾ مورو تعلقا اچي وڃن ٿا.

بيهڪ:

دادو ضلعو سال 1931ع تي وجود ۾ آيو ۽ 13 ـ ڊسمبر 2004ع ۾ هن کي ٽوڙي نئون ضلعو جام شورو وجود ۾ آندو ويو. انهيءَ ڀڃ ڊاهه کان پوءِ صورتحال ڪجهه هن طرح ٿهي: (ايراضي 7866 چورس ڪلوميٽر ۽ آدمشماري 1825000)

دادو شهر جي بيهڪ:

دادو شهر، سورهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري آباد ٿيل معلوم ٿئي ٿو. دادو شهر بابت تاريخي ڪتابن مان صحيح طور تي معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي تاهم هيءُ شهر جيڪو هن وقت ضلع هيڈڪوارٹر جي حيثيت سان

قائم آهي. هن کان اڳ تعلقي ۾ سب ڊويزن جي حيثيت سان پنهنجو وجود قائم ۽ دائم رکندو آيو آهي. اهو ڪڏهن ڪراچي ضلعي ۾ ته ڪڏهن وري لاڑڪاڻي ضلعي سان شامل رهندو آيو آهي.

سنڌ جي نقشي ۾ ڏسبو ته هيءُ شهر، سنڌو درياء جي ساڄي ڪپ تي ٻڌل نظر ايندو. هن شهر جي وچ مان ريلوي لائين پار ڪري ٿي. ريلوي اسٽيشن کان علاوه انڊس هاءِ وي هن شهر مان گذري ٿو. شهر جي وچ مان شاهي رستو جيڪو شير شاهه سوري نهرايو هو، پڻ گذري ٿو. اهو رستو اُتر طرف موندر کان سيتا ڀوٽ طرف ويجي ٿو ۽ ڏکڻ طرف کان سيوهڻ شهر ڏانهن ويجي ٿو. هيءُ قديم شاهي رستو هن وقت ختم ٿي چڪو آهي. پر حڪومت هن کي سيوهڻ تائين پڪي ڪرڻ جي رٿا تيار ڪئي آهي.

دادو شهر جي آدم شماري 145662 آهي. هن شهر جي ماڻهن جو خاص ڌنڌو واپار آهي. ان کان علاوه نوڪريون ڪرڻ پورهيو ۽ مزدوري ڪرڻ پڻ شهرين جو مکيه ڌنڌو آهي.

تعلقي جا طبعي ياڳا:

طبعي لحاظ کان دادو تعلقي کي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، يعني ڪچو ۽ پڪو.

ڪچو:

هيءُ درياء جي اُتل سبب آباد ٿئي ٿو. ڪچي واري زمين لٽاسي ۽ زرخيز آهي. ان ۾ چيٽ يعني ربيع وارا فصل پوکيا وڃن ٿا. ڪجهه پيدائش خريف جي مُند ۾ ٻه پوکي ويندي آهي.

پڪو:

هن علاقي جي زمين پڪي ۽ سخت ٿيندي آهي. هيءُ ياڳو دادو ڪئنال مان نڪرندڙ شاخن، واهن ۽ واٽر ڪورسن ذريعي آباد ٿيندو آهي. ڪجهه زمين، مشينن ذريعي ٻه آباد ڪئي وڃي ٿي.

تاريخي پس منظر:

دادو شهر جي ابتدا سورهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري معلوم ٿئي ٿي. هيءُ شهر، دادو شاهه لکياريءَ جو ٻڌايل آهي. جنهن کي دادن شاهه ٻه ڪري سڏيندا هئا. هن شهر ۾ جتي سيد دادو شاهه جا مريد رهندا هئا، اتي هڪ بزرگ پير محمد مراد ٻه رهندو هو. جيڪو درس و تدريس جو ڪم ڪندو هو ۽ ڪرامت جو مالڪ هو. ان جي عوام ۾ سڻي عزت هوندي هئي. پير محمد مراد جي رحلت بعد ڪيس ان ڀوٽ ۾ دفن ڪيو ويو. ڪجهه سالن کان پوءِ درياء پنهنجي موج ۽ مستيءَ ۾ آيو ۽ ان ڀوٽ کي پائڻ لڳو. انڪري سيد دادن شاهه عرف دادو شاهه ان ڀوٽ مان سڪونت ترڪ ڪري وري ٻئي هنڌ تي اچي سڪونت اختيار ڪئي. جيڪو موجوده نورجا ڀوٽ پرسان واقع هو. جنهن جا نشان اڄ ٻه ٽِڪل ڏٺي جي صورت ۾ موجود آهن. سيد دادو شاهه لکياري پنهنجي مريدن جي سهڪار سان حضرت پير محمد مراد جو لاش جيڪو پيٽي ۾ بند ٽيل هو ڪيرائي وري اچي نئين ڀوٽ ۾ دفن ڪرايو. سيد دادو شاهه هن ڀوٽ ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ پوءِ ڪيترين ئي ڪچين پڪين جايون وجود ۾ اچي ويون. هن ڀوٽ ۾ مسلمانن کان علاوه هندو پڻ آباد ٿيڻ لڳا ۽ هيءُ ڀوٽ سرسبز ۽ آباد ٿي ويو. هن ڀوٽ ۾ ڏاڍي وٽڪار هوندي هئي. پر درياء اتي ٻه پهچي ويو ۽ ان ڀوٽ کي ٻه پائي تباهه ڪري ڇڏيو. سيد دادو شاهه ڀوٽ جي ماڻهن سان صلاح مصلحت ڪري وري ٽيون پيرو نئين شهر ٻڌڻ لاءِ موجوده هنڌ جي چونڊ ڪئي. ڇاڪاڻ ته موجوده هنڌ درياء کان ڪجهه پري هو ۽ درياء جي پائڻ جو امڪان بلڪل گهٽ هو. انڪري صلاح ڪري سڀ لڏي جتي هينئر موجوده دادو شهر آهي، اچي ويٺا ۽ پير محمد مراد جو لاش اُتان ڪڍائي

اڇي هن شهر جي پرسان اوپر پاسي دفن ڪيائون.

دادو شهر جي قائم ٿيڻ جي هڪ ٻي روايت آهي ته هيءُ شهر ڏاتل ميمڻ جو اڏايل آهي ۽ اهو نالو ڏاتو مان ڦري دادو ٿي ويو. دادو شهر بابت سيد هدايت حسين شاهه کان روايت آهي ته هيءُ شهر اصل جهنگل شاهه جو ٻڌايل آهي. جهنگل شاهه جي حويلي ۽ مزار اڄ به مُڪي بازار سان لڳ قائم آهي. ٽئين روايت آهي ته دادو شهر جي اوپر ۾ درياء جي پرسان به ڏورا هوندا هئا. هڪ ڏوري جو نالو- 'ڏا' ٻئي ڏوري جو نالو 'ڏو' هو. ڏا ۽ ڏو ڦري 'دادو' ٿي ويو ۽ انڪري هن شهر کي دادو سڏيو ويو. مگر گهٽن عالمن جي گڏيل راءِ آهي. ته دادو شهر جو باني دادن يا دادو شاهه هو ۽ سندس نالي پٺيان دادو شهر وجود ۾ آيو ۽ اهائي راءِ وڌيڪ موزون ۽ مستند لڳي ٿي.

سيد دادوءَ هيءُ شهر، گهاڙي واهه تي ٻڌايو. پهريائين اُتي ڪچي لائڊي هٽي مڪان تيار ڪرايو ۽ پوءِ هارين نارين ۽ مريدن لاءِ لانڍيون تيار ڪرايائين. اهڙيءَ طرح هيءُ ڳوٺ ارتقائي منزلون طئي ڪندو ويو.

دادو شهر ۾ دادو شاهه لڪياريءَ جي توسط سان مسلمانن سان گڏ ڪيترائي هندو پڻ اچي رهڻ لڳا ۽ هيءُ ڳوٺ وڏندو ويو. هندو واپاري طبقي جا ماڻهو هئا. انڪري هنن دڪان ناهي واپار شروع ڪري ڏنو. اهڙيءَ طرح گهاڙي واهه تي هندن ٽڪاٽو سنان لاءِ حوض ۽ ڏاڪڻيون ٺهرايون. جتي عورتون ۽ مرد الڳ الڳ وهنجندا ۽ سنان ڪندا هئا. ڪپڙا پڻ گهاڙي تي ڏوئيندا هئا. گهاڙي تي پير جا وڏا ۽ گهاٽا وڻ هوندا هئا. جتي گرميءَ جي موسم ۾ ماڻهو آرام ڪندا هئا. هن شهر جي وڏندڙ سونهن ۽ اهميت کي ڏسندي پرپاسي جا ماڻهو لڏي هتي رهڻ لڳا. هيءُ شهر ٽيون پيرو مختلف جاين تي جوڙيو ويو هو ۽ هن پيري مٺاهينءَ تي اڏايو ويو هو ڪچي ۾ ٻوڏ اچڻ سبب ڪيترن ئي راڄن جا ماڻهو لڏي اچي دادو شهر ۾ رهڻ لڳا. اهڙيءَ طرح شهر ۾ واڌارو ٿيندو ويو. گهاڙي واهه تي ٽڪاٽو هوندو هو جتي هندو پنهنجون ڏرمي رسومات ادا ڪندا هئا. ٽِڪاٽي جي سامهون فرش لڳل هوندو هو ۽ زناني تڙ جي سامهون اولهه طرف جانورن جي اسپتال هوندي هئي. مردانه تڙ جي سامهون مصري شاهه جو مڪان هوندو هو. جتي هر وقت سيد مصري شاهه جا مريد ۽ معتقد ايندي ويندي نظر ايندا هئا. گهاڙي واهه ڏکڻ طرف کان گذري اولهه طرف ويندو هو. وچ تي اوڻ واري ڪڏ هوندي هئي. ان ڪڏ ۾ گهاڙي واهه مان پاڻي ايندو هو ۽ ڪڏ پرجي ويندي هئي. پاڻي آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ مست درياء جي اُڀل سبب ايندو هو. انڪري هتي آبڪلاڻي فصل ٿيندو هو. جوئر، باجهري، وونئڙ، تِرَ، مُڱ ۽ ٻيو فصل جام ٿيندو هو.

هن شهر جا ماڻهو سڪيا ستابا هئا. ڪير، ڪڻ ۽ ڏُڏ جام هوندو هو. گهاڙي واهه ابڙن جي ڳوٺ کان پوءِ واڌو واهه ۾ وڃي پوندو هو. سکر بئراج جي قائم ٿيڻ سان دادو ڪئنال وهڻ لڳو. انڪري گهاڙي واهه ڦِٽي ويو.

دادو شهر ارتقائي مرحلا طئي ڪري ڳوٺ مان ڦري هن وقت وڏي شهر جي حيثيت اختيار ڪري چڪو آهي. دادو ۾ هن وقت ميونسپل ڪميٽي ڪم ڪري رهي آهي. دادو کي 1931ع ۾ ضلع جي حيثيت ڏني وئي. جنهن جو پهريون ڪليڪٽر (آر.بي) جڪٽ سنگهه هو. جنهن جي نالي پٺيان هڪ محلو جڪٽ آباد مشهور آهي. دادو ميونسپل ڪميٽي 1886ع ۾ وجود ۾ آئي. اڳي پنج وارڊ ۽ ٻاويهه يونٽ ڪم ڪري رهيا هئا. هاڻي دادو شهر کي چئن يونين ڪائونسلن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. ميونسپل ڪميٽيءَ جي هر چوٽين سال چونڊ ٿيندي آهي. جنهن ۾ عوام پنهنجا نمائندا چونڊي موڪليندو آهي ۽ نمائندا وري چيئرمن ۽ وائيس چيئرمن جي چونڊ ڪندا آهن. بلدياتي چونڊون سال 1979ع ۾ ٿيون هيون. جنهن ۾ پيپلز پارٽيءَ جا اميدوار وڏيءَ اڪثريت سان ڪامياب ٿيا هئا. ان کان پوءِ سال 1983ع ۽ سال 1987ع ۾ پڻ بلدياتي چونڊون ٿيون هيون. سال 1991ع ۾ حڪومت ميونسپل ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي ميمبرشپ ختم ڪري دادو شهر جي مشهور حڪيم بشير احمد چنه کي ائڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو.

حاجي بشير احمد چنہ جي ايامڪاريءَ ۾ وڏي پئماني تي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا، جنهن ۾ روڊن رستن جي تعمير ۽ مرامت سميت مختلف هنڌن تي ڦوهارا تعمير ڪرايا ويا. جنهن سان شهر جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو اچي ويو. 2001ع ۽ 2005ع ۾ بلدياتي چونڊون ٿيون ۽ ناظم، نائب ناظم، جنرل ڪائونسلر چونڊيا ويا. ان کان علاوه عورتن، مزدورن، هارين ۽ اقليت جون مخصوص سيٽون رکيون ويون.

دادو تعلقي جو انتظامي ڍانچو:

نئين نظام کان اڳ ضلعي جو انتظام ڊپٽي ڪمشنر ۽ تعلقي جو انتظام مختيارڪار هلائيندا هئا. نئين نظام جي اچڻ آفيسرن جا نالا تبديل ڪيا ويا، ضلعي جي آفيسر کي ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر رکيو ويو ۽ ان جي ماتحت مختلف ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر رکيا ويا ۽ تعلقي جي سنيال مختيارڪار جي حوالي ڪئي وئي. مختيارڪار جي مٿان ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر روينيو رکيا ويا. مختيارڪار جي ماتحت وري اسسٽنٽ مختيارڪار، سرشتيدار، ڪلارڪ، سپروائيزر ۽ تپيدار مقرر ڪيا ويا، جيڪي هيٺئر ٻه پنهنجون ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن. مختيارڪار جي نظرداريءَ ۾ جيڪو عملو مقرر ڪيو ويو آهي، ان جا ڪم ۽ فرائض هيٺيان آهن:

اسسٽنٽ مختيارڪار:

اسسٽنٽ مختيارڪار جو ڪم آهي تہ مختيارڪار جي غيرحاضري ۾ تعلقي جا ڪم ڪرڻ، روينيو جي رڪارڊ جي چڪاس ڪرڻ، زمينن، پلاٽن ۽ دنگن بابت جيڪڏهن شڪايتون اچن تہ انهن تي نوٽ هڻي چڪاس لاءِ تپيدارن جي حوالي ڪرڻ يا ڪي ضروري ڪاغذ جي صحيح چڪاس ڪري، ٽپال مختيارڪار تائين پهچائڻ. ان کان علاوه ڊوميسائيل ۽ پي. آر. سي جا ڪيس مختيارڪار ڏانهن سفارش ڪري اماڻڻ وغيره شامل آهن.

سپروائيزنگ تپيدار:

سپروائيزنگ تپيدار جو ڪم آهي پوري سرڪل جي سنيال ڪرڻ، زمين جي داخلا رکڻ، تپيدارن جي رڪارڊ جي چڪاس ڪرڻ ۽ پيا بہ سرڪل جا ڪم ڪرڻ.

تپيدار:

تپيدار پوري تپي جي نظرداري ڪندو آهي. آباد ٽيل زمين جي چڪاس ڪرڻ ۽ ان جي داخلا رکڻ يا ڊل وصول ڪرڻ، فوتي ڪاتا تبديل ڪرڻ، نئين داخلا رکڻ، ڪنهن زمين جي دنگن، پلاٽن ۽ گهٽين بابت شڪايتون هونديون آهن تہ ان جي ماپ ڪري صحيح رپورٽ مختيارڪار وٽ پيش ڪرڻ وارا ڪم سندس ذمي هوندا آهن.

مختيارڪار صاحبان:

دادو تعلقو لاڙڪاڻہ ضلع گزيٽيئر موجب 1843ع ۾ وجود ۾ آيو. مون کي صرف سال 1990ع کان مختيارڪار صاحبان جي فهرست ملي آهي، جيڪا قارئين لاءِ پيش ڪري رهيو آهيان.

1. پير بخش اُجڻ	16,05,1991 تائين	12,09,1990
2. غلام قادر ميمڻ	10,07,1992	16,05,1991
3. محمد سليمان اونو	02,08,1992	11,07,1992
4. محمد خان سومرو	10,08,1993	02,08,1992
5. محمد اسحاق ميمڻ	08,03,1994	21,08,1993

6. غلام رسول کهرو	24,04,1994	08,03,1994
7. گل محمد لغاري	10,07,1994	24,04,1994
8. قمر الدين ميمڻ	09,10,1994	10,07,1994
9. احسان علي قريشي	10,11,1994	10,1994,12
10. عبدالجبار ميمڻ	19,02,1995	10,11,1994
11. محمد علي شيخ	26,02,1995	19,02,1995
12. عبدالجبار ميمڻ	06,04,1995	26,02,1995
13. غلام رسول کهڙو	11,04,1995	06,04,1995
14. حاجي محمد سليمان اونو	30,04,1995	11,04,1995
15. نظام الدين نٽيار	21,12,1996	30,04,1995
16. غلام محمد کوسو	27,03,1996	21,12,1996
17. نظام الدين نٽيار	04,10,1999	27,03,1996
18. امداد حسين کٽريو	03,02,2000	04,10,1999
19. لال محمد کلهوڙو	11,04,2002	03,02,2000
20. محمد حنيف خاصخيلي	23,07,2002	11,04,2002
21. غازي خان تالپر	15,05,2004	23,07,2002
22. علي گل ڇڇر	01,11,2004	15,05,2004
23. عبدالغفار سومرو	16,02,2006	01,11,2004
24. محمد حُسين لُنڊ	15,04,2008	16,02,2006
25. محمد اڪرم سومرو	11,7,2008	15,05,2008
26. محمد سومر کلهوڙو	13,08,2009	11,07,2008
27. نعيم اختر وسطڙو	09,12,2011	13,08,2008
28. مخدوم اسدالله عباسي	11,08,2011	18,02,2011
29. نعيم اختر وسطڙو	اڄ تائين	11,08,2011

ميونسپل ڪميٽيءَ جا ايڊمنسٽريٽر:

1. سيد جڙيل شاهه پريزيڊنٽ	2. واحد بخش ايڊمنسٽريٽر	3. شفيع محمد آخوند
4. عبدالمجيد اي خان	5. علي بخش ڪاڪا	6. محمد عرس شورو
7. يعقوب عالماڻي	8. محمد هاشم ايم. قاضي	9. عبدالعليم عقيلي
10. محمد اسماعيل قاضي	11. عبدالعليم عقيلي	12. محمد شفيع
13. عبدالعليم عقيلي	14. محمد هاشم ايم. قاضي	15. سيد امداد علي شاهه بخاري
16. محمد هاشم ايم. قاضي	17. سيد عبدالرحمن شاهه	18. سيد امداد علي شاهه

19. الاهي بخش ايم. لاشاري
20. شيخ علي نواز
21. آغا شهاب الدين
22. الله ڏنو
23. غلام سرور
24. سيد الله ڏنو شاهه
25. محمد انور شيخ
26. ايوب يوسف رضوي
27. بلديو مٹراڻي
28. علي محمد شيخ
29. عبدالحڪيم شيخ
30. اختر احمد پٹو
31. علي نواز افغان
32. محمد امين جي. ملڪ
33. خدا بخش شيخ
34. نورمحمد خان
35. غلام حسين قريشي
36. حاجي رسول بخش ميمڻ
37. غلام حسين ميمڻ
38. شبير احمد سومرو
39. محمد ابراهيم ميمڻ
40. الله ڏنو ايم. هيسباڻي
41. عنايت الله پٹو
42. محمد ابراهيم پٹو
43. محمد حسين ڳاهو
44. محمد حسن قريشي
45. لياقت علي آرائين
46. حاجي رسول بخش ميمڻ
47. سيد ارباب علي شاهه معصومي
48. مهتاب احمد شيخ
49. عبدالسميع شڪيل احمد آخوند
50. مهتاب احمد شيخ
51. بشير احمد چنا
52. گل محمد عمراڻي
53. مير محمد پرهياڙ
54. هادي بخش شيخ
55. ضياءالدين ناريجو
56. هادي بخش شيخ
57. خالي
58. غلام اڪبر لغاري
59. سهيل اديب بچاڻي ايڊمنسٽريٽر
60. امداد حسين ٹٻيو
61. محمد ابراهيم ميمڻ
62. خان محمد چانڊيو
63. محمد ابراهيم ميمڻ

دادو شهر جون بازاريون

شاهي بازار:

هيءَ بازار ڏهلي دروازي کان شروع ٿي. پوءِ سوڙهي ٿي اڳتي هلي پراڻي چوڪ وٽ ختم ٿئي ٿي. شاهي بازار مان ٻه ٻيون بازاريون ڦٽن ٿيون. جنهن کي راءِ بازار ۽ ٽڪي بازار چيو ويندو آهي. شاهي بازار ڏکڻ طرف مڇي مارڪيٽ تائين وڃي ٿي.

راءِ بازار:

راءِ بازار، پراڻي چوڪ کان ڪري ڏمالي چوڪ تائين وڃي ختم ٿئي ٿي. جتي وڏي گوشت جي مارڪيٽ هوندي هئي ۽ فائربرگيڊ جي پڻ آفيس هئي. وڏي گوشت جي مارڪيٽ هن وقت ختم ٿي چڪي آهي اُتي اڳ ينگ سٽيزن ويلفيئر ايسوسيئيشن جي آفيس هئي. هن وقت سڳا جو ڪميونٽي سينٽر هلي رهيو آهي. فائربرگيڊ جي آفيس ۽ سيد نورل شاهه جي اوطاق آهي.

ٽڪي بازار:

ٽڪي بازار پراڻي چوڪ کان شروع ٿي. ڏکڻ طرف ڏاتر ڏني ميمڻ جي دڪان ۽ قاضين جي مسجد وٽ مارڪيٽ روڊ ۾ پوي ٿي. شاهي بازار ۾ ڪپڙي، ڪتابن، بوٽن ۽ منيارڪن جا دوڪان آهن. دوائن جا اسٽور ۽ پنسارين جا دڪان پڻ آهن. جن ۾ حاجي عبدالله خشڪ، سليم خشڪ، دارالنشاط دواخانو جيڪو الله رکئي سومري جو آهي.

حڪيم قادر بخش لاکي ۽ حڪيم محمد بچل ميمڻ جو دواخانو به شاهي بازار ۾ آهي.

ابتدا ۾ دادو شهر ۾ واپار هندن جي هٿ هيٺ هو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ شهر ۾ مهاجر پناهگيرن قبضو ڪيو. سنڌ جي مسلمانن هنن کي شهرن ۾ ورسايو ان ڪري مهاجرن مڪيه شهرن سميت واپار تي قبضو ڪري ورتو. اڪثر پناهگير مهاجرن جا دڪان شهر ۾ هوندا هئا. سنڌين ۾ صرف ميمڻن جا ڪجهه دڪان هئا. 1973ع جي لساني هنگامن بعد مهاجر دادو کي خير آباد چئي ڪراچي ۽ حيدرآباد هليا ويا. پنجابي واپاري به دادو شهر مان واپار بند ڪري پنجاب هليا ويا ۽ ان واپار تي سنڌين پنهنجي گرفت مضبوط ڪري ورتي. وري ٻيو دور آيو جنهن ۾ رهيل ڪُهيل مهاجر لڏي هليا ويا. 1985ع ۾ جنرل ضياء ايم. ڪيو ايم کي مضبوط ڪيو ۽ هنن وري جنرل ضياء جي اشاري تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي حقيقي وارث سنڌين جو قتل عام ڪرايو. ان کان پوءِ پناهگير خوف کان دڪان ۽ جايون وڪرو ڪري ڪراچي ۽ حيدرآباد پهچي ويا. هن وقت دادو ۾ سنڌين جا دوڪان عام آهن.

شاهي بازار کان اولهه طرف رستو ڦٽي ٿو ۽ نئين چوڪ تي ختم ٿئي ٿو. هن رستي تي پڻ مختلف شين جا دڪان. ميڊيڪل اسٽور. فروٽ ۽ پاڇين جا دڪان آهن ۽ ان کان علاوه هٿيارن جو هڪ دڪان هو. شاهي بازار ۾ هڪ رستو ڏکڻ اولهه طرف وڃي ٿو جنهن تي پڻ ميڊيڪل اسٽور. يوسف ميڊيڪل سينٽر. سيد جڙيل شاهه جو مقبرو. نوراني مسجد. عبدالله هوٽل. راهپوتا شاپنگ سينٽر قائم آهي. دهلي دروازي کان هڪ روڊ جڙيل شاهه مارڪيٽ طرف وڃي ٿو. هتي هڪ بازار آهي جنهن کي نظام بازار سڏيو وڃي ٿو. جڙيل شاهه مارڪيٽ ۾ پاڇي. فروٽ. ڪپڙي ۽ مُستيءَ جو نيلام ٿيندو آهي. هتي خاص طرح شام و صبح واپارين جي چهل پهل رهندي آهي. هيءُ رستو اڳي هلي وڃي. نوراني چوڪ وٽ ختم ٿئي ٿو. نوراني چوڪ وٽ ٽلهو ٽهيل هوندو هو جتي بٽنچون ٽهيل هيون. شام جو ماڻهو اتي ويهي تفريح ڪندا هئا. جانهه به اتي ملندي هئي. هيءُ ٽلهو تاريخي حيثيت رکي ٿو. چاڪاڻ جو آمر ضياء جي دور ۾ هڪ نوجوان جيڪو ذات جوجويو هو کي فوجين ڏهه ڀڪا هنيا هئا. ان منظر کي ڏسڻ لاءِ پڙهو گهمايو ويو. ماڻهن جي وڏي تعداد اهو منظر ڏٺو. نوجوان آيو ته ڀڪا ڏيندو مگر ڀڪن لڳڻ کان پوءِ ٽپا ڏيندو مڃون ٽيندو وڃي قيدين واري ويگن ۾ وينو. ان جڳهه تي دادو جي اڳوڻي ائڈمنسٽريٽر حڪيم بشير احمد چنه طرفان ڦوهارو لڳايو ويو هو ۽ ٽلهي تان بٽنچون هٽايون ويون. ڦوهاري لڳڻ جي ڪري نئون ماڻهاڻ ڏسڻ ۾ ايندو هو. هن وقت اهو ڦوهارو بند پيو آهي ۽ لکين رپين جي لاڳت سان ٺهيل هيءُ ڦوهارو شهرين لاءِ ناڪاره بنيل آهي.

نوراني چوڪ کان ڪافي رستا ڦٽن ٿا. هڪ روڊ گرلس ڪاليج طرف وڃي ٿو ۽ ٻيو روڊ اوپر ڏکڻ طرف واڌن شاهه مزار ڏي. ٽيون روڊ چاندني چوڪ طرف وڃي ٿو. نوراني چوڪ جي اولهه ۾ جڳت آباد محلو آهي. هن چوڪ جي پرسان چڙهائيءَ پيسائيءَ جون مشينون آهن. هن ئي چوڪ تي ايڪسري جي مشين. التراساؤنڊ ۽ خانگي ڪلينڪون. دوڪان ۽ هوٽل واقع آهن.

تاج محل سئنيما کان مارڪيٽ روڊ شروع ٿئي ٿو. هن روڊ تي اسٽور. ڦوٽو اسٽوڊيو. چڙهائيءَ پيسائيءَ جي مشين. بوائز ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ دادو. پير الاهي بخش لا ڪاليج ۽ مڇي مارڪيٽ آهي. نوراني چوڪ کان هڪ رستو ڏکڻ اوپر طرف وڃي ٿو. جيڪو ڏمالي چوڪ کان سيد واڌن شاهه جي مزار کان ٽيندو گولائيءَ ۾ هلندو وري ڏکڻ طرف وڃي ٿو ۽ مسڻ روڊ سان ملاح چوڪ وٽ ملي ٿو. هن روڊ جي ڏکڻ ۾ ميمڻ محلو. سرهيا محلو. پير ٽڪيا اسٽريٽ. ڪنيار محلو ۽ اوپر ۾ سونارا محلو. سورج آباد محلو اچي وڃن ٿا. اسٽيشن روڊ تي اچو جي هوٽل کان هڪ روڊ اتر طرف وڃي ٿو. هن روڊ تي تازو گلف هوٽل ۽ شاپنگ سينٽر قائم ڪيو ويو آهي. هيءُ روڊ علامه آءِ آءِ قاضي لائبريريءَ وٽ ختم

ٿئي ٿو. هن روڊ تي ڊڪٽن ۾ لوهرن جا دوڪان، ميڊيڪل اسٽور، سول اسپتال، ڊي ايس پي آفيس، ڪي جي گرلس هاءِ اسڪول، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ويلفيئر ۾ پاپوليشن ويلفيئر جي آفيس آهي.

ڪي بازار جي اولهه طرف سيدن جون حويليون هونديون هيون. جهنگل شاهه جي حويلي به هت هئي. سيد جهنگل شاهه بزرگ شخصيت هو. سندس ڪافي مريد ۽ معتقد هئا. جڏهن سيد جهنگل شاهه وفات ڪئي ته ڪيس اتي ئي دفن ڪيو ويو. سيد جهنگل شاهه جي مزار پرسان ڪجهه قبرون به آهن. جيڪي پڻ سيدن جون آهن. سيد جهنگل شاهه جي عقيدت ۾ هر سال ميلو به لڳندو آهي. شاعر ۽ اديب سندس ورسي جي موقعي تي مقالا ۽ شعر پڙهندا آهن.

ريشم بازار:

ريشم بازار، شاهي بازار ڪان نڪري الله واري مسجد ڪان هلي سڌيما جي سامهون تائين پهچي ٿي. هي بازار جديد ترين سهڻي بازار آهي. هتي زندگيءَ جي آسائش جو سڀ سامان ملي ٿو. ڪپڙو، بوٽ ڪراڪري، راندين جو سامان، عورتن جي سينگار جو سامان، ريڊي ميڊ ڪپڙا ۽ ٻيو سامان جام ملي ٿو.

ٻير بازار:

ٻير بازار ۾ جديد شاپنگ سينٽر ٺهيل آهي، جتي سوٽي، اوني ۽ ريشمي ڪپڙن جا دوڪان، راندين جو سامان، عورتن ۽ بارڻن جا ڪپڙا، گهرو سامان ۽ ٻيون شيون دستياب آهن.

دادو شهر جا رستا

آمدورفت جا رستا:

دادو شهر ڪي سنڌ ۾ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. دادو ڪي آمدورفت جا به ذريعا آهن. ريل جا رستا ۽ 2 خشڪي جا رستا.

ريل جا رستا:

دادو شهر ۾ ريلوي اسٽيشن آهي. هن اسٽيشن تان مسافر مختلف ريل گاڏين ذريعي ملڪ جي ڪنڊ ڪڇ تائين آمد و رفت ڪن ٿا. دادو اسٽيشن کان ڏکڻ طرف مختلف گاڏيون وڃن ٿيون. جيڪي پان، سيوهڻ، ڪوٽڙي ۽ ڪراچي تائين مسافرن کي پهچائن ٿيون. ريل گاڏي جي سواري سستي ۽ سهل آهي. مسافر آرام سان ۽ بنا ڪنهڪي منزل تائين پهچي وڃن ٿا.

دادو اسٽيشن کان اتر طرف ريل گاڏيون وڃن ٿيون. دادو کان پوءِ ڏلجي، پيارو ڳوٺ، سيتا روڊ، راڻڙ، بادهه، ڏوڪري لاڙڪاڻو، مدئجي، رڪ، حبيب ڪوٽ، جيڪب آباد کان پوءِ هڪ ريل گاڏي سکر وڃي ٿي ۽ اتان ملتان، لاهور، راولپنڊي، پشاور تائين پهچي سگهجي ٿو. پي گاڏي جيڪا بولان ميل جي نالي سڏجي ٿي، اها دادو کان حبيب ڪوٽ وڃي ٿي. اتان شڪارپور ۽ جيڪب آباد کان ٽيندي ڪوٽڙيا تائين وڃي ٿي.

خشڪي جا رستا:

دادو شهر جي پرپاسي وارن ڳوٺن ۽ شهرن کان علاوه ملڪ جي مختلف شهرن تائين خشڪي رستي سفر ڪري سگهجي ٿو.

دادو شهر کان هڪ رستو جيڪو انڊس هاءِ وي سڏجي ٿو اهو رستو دادو کان اتر طرف وڃي ٿو. هيءُ رستو خيرپور ناٿن شاهه ميهڙ لاڙڪاڻي کان ٽيندو ڪوٽڙيا تائين وڃي ٿو. دادو شهر کان ڏکڻ طرفان انڊس هاءِ وي وڃي ٿو. اهو رستو پان سيد آباد ۽ سيوهڻ کان ڪوٽڙي تائين وڃي ٿو.

دادو شهر کان هڪ رستو اولهه طرف جوهي ڏانهن وڃي ٿو. وات تي چنبڙ موري وٽ اسٽاپ آهي. دادو شهر کان ڏکڻ طرف روڊ وڃي ٿو. جيڪو مشهور درگاهه امير پير تائين وڃي پهچي ٿو. دادو شهر کان هڪ ٻيو رستو ملاح چؤنڪ کان شروع ٿئي ٿو. جيڪو مشهور ڳوٺ جهلو ۽ ملڪاڻي شريف تائين وڃي ٿو. هن روڊ ذريعي ماڻهو اڪثر ڪري بسن ۽ ڀاڙسن ذريعي سفر ڪن ٿا. دادو شهر کان اوپر طرف هڪ روڊ نڪري ٿو. جيڪو موري تائين پهچندو آهي. هن روڊ تي ويگنون بسون ڀاڙسنون هلن ٿيون. ان کان علاوه سنڌو درياءَ تي شهيد مخدوم بلاول پل ٽپڻ بعد ملڪ جي ڪنڊ ڪڙ تائين پهچي سگهجي ٿو. دادو شهر کان هڪ روڊ اتر طرف وڃي ٿو اهو روڊ موندر تائين وڃي دنگ ڪري ٿو.

دادو شهر جو بس اسٽاپ ريلوي ڦاٽڪ وٽ آهي. اتي بسون ۽ ڀاڙسنون بيهڻ هونديون آهن. انهن بسن ۽ ڀاڙسنن ذريعي مسافر خدا آباد، ڪا، برماڻي ۽ اميناڻي تائين وڃن ٿا.

انڊس هاءِ وي روڊ:

انڊس هاءِ وي رستو ڪوٽڙي کان لاڙڪاڻي وڃي ٿو. هيءُ رستو دادو شهر مان گذري ٿو. هن رستي تان ٽرالا، ٽرڪون، ٽريڪٽر، بسون، لاريون، ويگنون، جيپون، ڪارون ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون سواريون لنگهن ٿيون. قلندر لعل شهباز جا زيارتي ۽ ميلي جا شوقين سڄو سال هن رستي تان گذرن ٿا. دادو- مورو پل (شهيد مخدوم بلاول پل) جي تعمير ٽيهه سال دادو ۽ مورو شهر ڳنڍيندڙ ويا آهن. ان خوشيءَ جي موقعي تي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن مورو ۽ دادو جي ساٿين گڏيل هڪ شاندار پارٽيءَ جو اهتمام ڪيو هو ۽ ان موقعي تي مورو شاخ طرفان سگا دادو کي شيلڊ پڻ عطا ڪئي وئي جيڪا اڄا تائين ڳانڍيل جي نشاني طور ياد ڪري سگهجي ٿي.

شير شاهه سوري روڊ:

هيءُ رستو هندستان جي بادشاهه شير شاهه سوري تعمير ڪرايو هو. جيڪو موندر ناکي کان گذرندو ڏکڻ طرف نئين چؤنڪ کان ٽيندو سيوهڻ طرف وڃي ٿو. هن رستي تي مائڪرو ويو ايگزيڪيوٽو انجنيئر آفيس، ڊپٽي ڪمشنر بنگلو، انسپيڪشن بنگلو، سرڪٽ هائوس، ٽيلي ڪميونيڪيشن آفيس، مختيار ڪار آفيس، جيل، پوسٽ آفيس، نيشنل بئنڪ دادو، پريس ڪلب دادو، ميونسپل ڪاميٽي، مسلم ڪمرشل بئنڪ، نئون چؤنڪ، ماروي هوٽل، يونائيٽڊ بئنڪ، تاج محل سئنيما، گرلس هاءِ اسڪول، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن پرائمري سيڪنڊري آفيس ۽ ڊگري ڪاليج واقع آهن. هن رستي کي نئين چؤنڪ کان ڏکڻ طرف ڪاليج روڊ ۽ نئين چؤنڪ کان اتر طرف ڪچهري روڊ پڻ چيو ويندو آهي.

تاج محل سئنيما جي سامهون ٽانگا اسٽينڊ هوندو هو. ان ٽانگا اسٽينڊ کي 99 سالہ ليز تي سيٺ محمد قاسم پنهور خريد ڪيو. اتي هڪ هوٽل ڪيفي ڊي قاسم جي نالي سان قائم ڪيو. هيءُ هوٽل 1960ع ڌاري قائم ڪيو ويو. اهو هوٽل ڏاڍو هلندو هو. هوٽل هيٺ مٽي هو جتي ڏاڍي سني رکاربنگ هلندي هئي. شام جو پري پري کان ماڻهو اچي هن هوٽل جي چت تي ويهندا هئا ۽ چانهه پيئندا هئا ۽ گانا ٻڌڻ لطف اندوز ٿيندا هئا. تاج محل جي ڏکڻ کان هڪ روڊ اولهه طرف وڃي ٿو جيڪو گولائيءَ ۾ روڪڙ کائي لوڪوشيڊ کان اڳتي ٽپي وڃي ٿو جنهن روڊ تي نيو ٽائون اسڪول ۽ رهائشي جايون آهن.

ٽڏي سڙڪ:

هيءُ روڊ، چاڻي ڪانڪ کان شروع ٿي، اولهه طرف وڃي ٿو. هن رستي تي گهاٽا ۽ ساوا وڻ هوندا هئا. رستي جي ٻنهي پاسن تي سهڻا باغ هوندا هئا. هينئر انهن باغن واري زمين پلاٽ ڪري وڪرو ڪئي وئي آهي ۽ هينئر ان رستي جي ٻنهي پاسن کان وڏا وڏا بنگلا ۽ شاپنگ سينٽر قائم ڪيا ويا آهن. روڊ جي ڏکڻ پاسي نيو بس اسٽاپ، لڇپال پيٽرول پمپ، نيو تاج هوٽل، ارم برائيٽ اسڪول، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي آفيس، لائق هوٽل، گرڊ اسٽيشن، سمال انڊسٽريز ۽ مرڪپور ڳوٺ واقع آهي. هن ئي روڊ جي اتر ۾ چاڻو شاهه آباد، پيا بنگلا، شاپنگ سينٽر، ايڪسائيز ٽيڪسيشن آفيس، ڳوٺ پير بخش سولنگي، جانورن جي اسپتال، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ۽ انڪم ٽيڪس آفيس اچي وڃي ٿي.

اسٽيشن روڊ:

هن روڊ تي نئين ڇوڙڪ وٽ ماروي هوٽل آهي، جيڪو عثمان جمالي جي ملڪيت آهي. هن هوٽل کي ڪنهن زماني ۾ فردوس هوٽل چوندا هئا. اسٽيشن روڊ تي حبيب بئنڪ، الائيڊ بئنڪ، دادو ٽائو واقع آهي. گيهه جا دڪان، پنساري اسٽور، ميڊيڪل اسٽور، لوهه جا دڪان، اليڪٽرڪ اسٽور آهن. طالب المولىٰ هاءِ اسڪول 1952ع ۾ تاج صحرائي جي ڪوشش سان قائم ٿيو. اسڪول جي ميدان تي برصغير جي چوٽيءَ جا سياستدان آيا. سياسي جلسا ڪري عوام کي آگاهي ڏنائون. اهڙن سياستدانن ۾ پنڊت جواهر لعل نهرو جونائ نمايان حيثيت رکي ٿو. انهن کان سواءِ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول جي هن ئي ميدان تي شهيد عوام محمد فاضل راهو ۽ مس اختر بلوچ به 1970ع جي ڏهاڪي ۾ اچي تقريرون ڪيون هيون.

مسڙ روڊ:

هيءُ روڊ، پير الاهي بخش روڊ (ڪاليج روڊ) کان نڪري اوپر طرف مسائڻ وٽ دادو ڪئنال تي ختم ٿئي ٿو. روڊ جي ٻنهي طرفن کان رهائشي جايون ۽ بنگلا آهن. هن روڊ تي استاد شفيع محمد قريشي، محمد نواز قريشي، منير احمد راهوجو وڪيل، لياقت علي آگرو، حسين بخش سولنگي، سيٺ شمس الدين ميمڻ جو بنگلو ۽ احمد خان ملڪاڻي جو ڪارخانو، ڊاڪٽر ڪيپٽن اعجاز سومري جي ڪلينڪ ۽ بين مشهور ماڻهن جا بنگلا ۽ جايون آهن. هن روڊ جي ڏکڻ ۾ ٻٽ محلو، مجيد ڪالوني اتر ۾ شاهاڻي محلو، شمس آباد، سورج آباد ۽ الشفيع ڪالوني آهي.

مارڪيٽ روڊ:

مارڪيٽ روڊ سئنيما کان شروع ٿئي ٿو ۽ مچي مارڪيٽ کان اڳتي هلي حاجي منير احمد چنہ جي بنگلي کان اڳتي وڌي ٻي روڊ سان ملي ٿو. هن روڊ تي به رهائشي ڪالونيون دڪان مرحوم ڊاڪٽر عبدالڪريم قريشي جي ڪلينڪ، ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ بوائز دادو ۽ پير الاهي بخش لا ڪاليج دادو ۽ مچي مارڪيٽ شامل آهي.

استاد بخاري روڊ:

سنڌ جي مشهور عوامي شاعر احمد شاهه 'استاد بخاري' جي ادبي خدمتن عيوض ۽ مجتا طور استاد بخاري روڊ قائم ڪيو ويو آهي. هي روڊ، چاندني ڇوڙڪ کان ورڪشاپ وٽ ختم ٿئي ٿو. هن روڊ تي گورنمينٽ هاءِ اسڪول غريب آباد دادو، گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد دادو اچي وڃن ٿا. ان کان سواءِ روڊ جي چوڌاري جايون بنگلا آهن. شاپنگ سينٽر به قائم ڪيا ويا آهن. هيءُ روڊ، غريب آباد محلي کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري ٿو. هڪ ٻيو روڊ ورڪشاپ کان هلي گلزار مدينہ مسجد کان ٽيندو مساڙ روڊ تي ختم ٿئي ٿو. هن روڊ جي ٻنهي پاسي رهائشي جايون

آهن. روڊ تي غريب آباد محلو سونارڪو محلو سورج آباد الشفيع ڪالوني ۽ واٽر سپلاءِ ڪالونيون واقع آهن.

پير الاهي بخش روڊ:

هيءُ روڊ نئين چوڪ کان شروع ٿئي ٿو ۽ ڪاليج جي پرسان شاخ وٽ ختم ٿئي ٿو. هن روڊ تي تاج محل سئنيما، گرلس هاءِ اسڪول، ايگريڪلچر آفيس، پرمانند هرداس هاءِ اسڪول، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس، ايجوڪيشن ورڪس آفيس ۽ ڊگري ڪاليج اچي وڃن ٿا. هيءُ روڊ، سنڌ ۾ جديد تعليم سرشتي رائج ڪرڻ جي باني ۽ اڳوڻي وڏي وزير پير الاهي بخش قريشيءَ جي نالي تي قائم آهي.

محلا، پاڙا ۽ ڪالونيون

دادو ميونسپل ڪاميٽي سال 1886ع ۾ ٺهي. ميونسپل آفيس جي موجوده عمارت جو سنگ بنياد سيد مدد علي شاهه ڪليڪٽر دادو 23_ مئي 1951ع تي رکيو. ان وقت پير محمد پيرزادو ميونسپل دادو جو ائڊمنسٽريٽر هو. هيءَ عمارت، 1952ع دوران مڪمل ٿي، جنهن جو افتتاح سيد مدد علي شاهه ڪليڪٽر دادو 10_ نومبر 1952ع تي ڪيو.

ورهاڱي کان پوءِ پهريون ميونسپل بورڊ 20 ڪائونسلرن تي مشتمل هو سيد جڙيل شاهه جي اڳواڻيءَ ۾ هيءُ بورڊ چونڊيو ويو. 1952ع کان 1957ع تائين ميونسپل ڪاميٽي ۽ وري 21_ ڊسمبر 1957ع کان 13_ مارچ 1960ع تائين ائڊمنسٽريٽر آرڊيننس 1960ع تحت 5_ يونين ڪاميٽين 18 يونٽن ۾ ورهايو ويو. هر يونين ڪاميٽي جي اڳواڻي هڪ چونڊيل چيئرمين ڪندو هو.

پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس تحت 1972ع کان 1978ع تائين سنڌ ۾ ميونسپل ڪاميٽين جو نالو پيپلز ميونسپل ڪاميٽي رکيو ويو. پوءِ وري ان جو نالو ميونسپل ڪاميٽي رکيو ويو ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 1979ع تحت وجود ۾ آئي. جيڪا 19 چونڊيل ميمبرن تي مشتمل هئي. جنهن ۾ ٽي ٽاڪيل ميمبر، مزدور هاري ۽ اقليت وارا شامل هئا. سال 2000ع ۾ هڪ آرڊيننس تحت ميونسپل کي ٽوڙي دادو شهر 4 يونين ڪائونسلن ۾ ورهايو ويو آهي، جن تي چونڊون ٿيون. هر يونين ڪائونسل تي 21 ميمبر ڪنيا ويا. جنهن ۾ ناظم، نائب ناظم، اٺ جنرل يونين ڪائونسلر، هاري، مزدور، عورتن ۽ اقليت جي هڪ سيٽ رکي وئي.

ميونسپل ڪاميٽي دادو ۾ ڪيترين ئي ڪالونيون محلا ۽ پاڙا وجود ۾ اچي چڪا آهن. جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(1) جڳت آباد محلو
(2) شاهاڻي محلو
(3) غريب آباد محلو
(4) سورج آباد محلو
(5) مزدور آباد محلو
(6) شمس آباد محلو
(7) قلندر آباد محلو
(8) بدر آباد محلو
(9) عزيز آباد ڪالوني
(10) سونارو پاڙو
(11) بٽ پاڙو
(12) نيو چوڪ
(13) قاضي محلو
(14) پراڻو چوڪ
(15) ميمڻ محلو
(16) نجم ڪالوني
(17) مهراڻ ڪالوني
(18) پير بخش ڪالوني

(19) مرکپور محلو
(20) چاڻو شاهہ آباد
(21) مجيد ڪالوني
(22) ڳوٺ گهرام گوپانگ
(23) چارڻ محلو
(24) وحدت ڪالوني
(25) غلام محمد جمالي ڪالوني
(26) الشهباز ڪالوني
(27) ڳوٺ حيات خان سولنگي
(28) ڳوٺ بلاول خان زنئور
(29) ريلوي ڪالوني
(30) توفيق ڪالوني
(31) سڪندر آباد ڪالوني
(32) ڪريم آباد ڪالوني
(33) ڳوٺ مولوي جمالدين سولنگي
(34) ڳوٺ پير بخش سولنگي
(35) الشفيع ڪالوني
(36) ڳوٺ صوف لُنڊ
(37) ڳوٺ مکڙ پنهور
(38) ڳوٺ بچل سولنگي
(39) گلشن منير ڪالوني
(40) جي.ايم ڪالوني
(41) وحدت ڪالوني
(42) ڳوٺ خدا بخش گوپانگ
(43) ڳوٺ مريد خان گوپانگ
(44) تاج ڪالوني
(45) باگڙي ڪالوني
(46) بخاري ڪالوني
(47) محمد شاهہ پاڙو
(48) سومرا ڪالوني
(49) ڳوٺ محمد پريل زنئور
(50) جمالي ڪالوني
(51) وزير آباد ڪالوني
(52) پٽي ڪالوني
(53) بي اينڊ آر ڪالوني
(54) سرهيہ محلو
(55) عبدالله لاشاري ڳوٺ
(56) پرڳڙي ڪالوني
(57) گلشن زيد ڪالوني

دادو شهر جا اوتاراءِ خانقاهون

اوتارا:

جيئندل شاهہ جو اوتارو[1]:

مڪان يا اوتارا دادو شهر ۾ عام جام هوندا هئا. راءِ بازار جي اولهہ ۾ گهاڙي واهہ مان نڪرندڙ نياڻ جي اتر ۾ جيئندل شاهہ جو وڏو مڪان هوندو هو جنهن ۾ وقت بہ وقت راڳ جون محفلون ٿينديون هيون. پري پري کان ڳائڻا ۽

---

[1] جيئندل شاهہ جي اصل رهائش سيوهڻ تعلقي جي ڳوٺ آراضيءَ ۾ هئي. پر هو دادو شهر ۾ ئي رهندو هو ۽ لڪياري ساداتن مان ۽ دادو شاهہ جي پونئرن مان هو. وڏيءَ دل ۽ جگر وارو ماڻهو هو. سائين جي.ايم.سيد سان گهاڻا واسطا هئس. 1946ع جي چونڊ ۾ سائين جي. ايم سيد جو حامي رهيو چونڊ دوران غلام حسين هدايت الله مرحوم جي حڪم تي کيس بي گناهہ کڻي جيل ۾ بند ڪيائون. پر شاهہ صاحب فيصلي ۾ ڪا تبديلي ڪانہ آندي بحوالو۔ "اهي ڏينهن، اهي شينهن" (ايڊيٽر).

راڳي اچي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. هن مڪان ۾ گهاڻا وڄ هوندا هئا ۽ ماڻهو آسائش ڪندا هئا.

مصري شاهه جو اوتارو[1]:

مصري شاهه جو مڪان گهاڙي واهه جي ڪپ تي مرداڻي تڙ جي سامهون اولهه طرف ڪان هوندو هو. مصري شاهه جيئندل شاهه جو ڀاءُ هو. هن مڪان ۾ پڙ وڻڪار هوندي هئي. جنهنڪري سجو ڏينهن ڏڏي ڇانوَ لڳي پيئي هوندي هئي. اوپر ۾ هيٺان گهاڙي واهه وهندو هو ڏاڍي فرحت هوندي هئي. هن مڪان ۾ راڳ روپ جي محفل بہ ٿيندي هئي. مڪان جي اولهه ۾ هڪ ننڍڙي مسجد شريف هوندي هئي. جيڪا ايڏا تائين موجوده آهي. مصري شاهه جي مڪان وٽ هڪ عاليشان مسجد تعمير ڪئي وئي آهي. جيڪا نوراني مسجد جي نالي سان مشهور آهي.

جهنگل شاهه جو اوتارو:

فنا شاهه جي ڪڏ جي سامهون گهٽي ۾ جهنگل شاهه جو مڪان هوندو هو. جنهن ۾ پڙ راڳ رنگ جي محفل ٿيندي هئي. جيئندو ٻالو چڱو ڀائيندو هو. ان کان علاوه پري پري کان ڳائڻا هن مڪان ۾ راڳ ڳائيندا هئا. ان جڳهه تي حافظ قادياني جڳهه ٺهرائي هئي.

جانو شاهه جو اوتارو:

مڇي مارڪيٽ پرسان سلطان شاهه جي مزار سان لڳ جانو شاهه جو مڪان هوندو هو. هن مڪان ۾ هر جمع تي راڳ جي محفل ٿيندي هئي. جنهن ۾ ڳائڻا اچي حاضري پريندا هئا ۽ فن جو مظاهرو ڪندا هئا. ان کان علاوه ٻڌ محلي ۾ سيڏن جو مڪان هوندو هو. جنهن ۾ پڙ راڳ جي محفل ٿيندي هئي.

خانقاهون

ميان نعمت الله قريشي جي خانقاهه:

ميان نعمت الله قريشي دادو شهر جو رهواسي معلم ۽ مدرس هو. سندس مريدن ۽ معتقدن جو وسيع حلقو هو. سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان کان علاوه بين ملڪن ۾ بہ سندس مريد ۽ معتقد رهن ٿا. انڪري سندس مريد هن خانقاهه تي اچي حاضري پريندا آهن. هر سال هن درگاهه تي وڏو اسلامي جلسو ٿيندو آهي جنهن ۾ علماء ڪرام واعظ ۽ تقريرون ڪندا آهن. مولودائي نعتون پڙهندا آهن. ميان نعمت الله قريشي ڪجهه سال اڳ انتقال ڪري ويو. هن وقت سندس صاحبزادو ميان عبدالرحمان قريشي گادي نشين آهي.

مخدوم ملڪاڻيءَ جي خانقاهه:

حضرت مخدوم غلام محمد ملڪاڻي وڏو بزرگ، درويش، معلم، مدرس ۽ فقيهه ٿي گذريو آهي. سندس نالي پٺيان مخدوم ملڪاڻي جي خانقاهه مڇي مارڪيٽ لڳ ميمڻ محلي ۾ واقع آهي. هن خانقاهه تي علمي، ادبي ۽ ديني

---

[1] مصري شاهه دادوءَ جو مهندار هو. دادو وڃبو تہ مصري شاهه جو ديدار ضرور ڪبو هو. شاهه صاحب اوطاق ۾ تڏا وڇايون، ڪٽ رکيون، چلم تيکيون، وينو آڻي وئي سان ڪچهري ڪندو هو. سيارو هوندو تہ وچ ڪچهريءَ ۾اهه جو مڇ متل هوندو هو هو دادو شاهه جي پوئنرن مان هو (پير علي محمد راشدي- "اهي ڏينهن، اهي شينهن (جلد- 2) ص 2، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1993ع).

محفلون ٿيندڙيون آهن. ان بعد هن خانقاهه جو مهتمم مشهور سنڌي ۽ فارسي زبان جو شاعر علامه احمد مجتبيٰ 'غالب' ملڪاڻي هو. هيءُ بزرگ، مخدوم ملڪاڻيءَ جو فرزند هو.

ڪڏون

اوڏن واري ڪڏ:

هيءُ ڪڏ، شاهي رستي جي اولهه ۾ واقع هئي. شهر جي جاين ناهڻ لاءِ اوڏهتان منتي ڪيندا هئا، جنهنڪري هن تي 'اوڏن واري ڪڏ' نالو پئجي ويو. هن ڪڏ جي اولهه ڪان گهاڙي واهه وهندو هو. جنهن مان هن ڪڏ کي پاڻي ملندو هو. ڪافي وڏي ۽ اونهي ڪڏ هئي. اونهاري ۾ گهاڙي واهه جي پاڻيءَ سان پرجي تار ٿي ويندي هئي. پاڻي اچڻ کري هن ڪڏ ۾ مڇي به جام ٿيندي هئي. ڪڏ ۾ ماڻهو وهنجندا ۽ ڪپڙا ڏوئيندا هئا. دادو ڪئنال نڪرڻ کري هيءُ ڪڏ سُڪي وئي. هن وقت ڪڏ واري ايراضيءَ تي ماڻهن جايون ٺهرائي ڇڏيون آهن.

فنا شاهه جي ڪڏ:

هيءُ ڪڏ، مارڪيٽ روڊ جي ڏکڻ ۾ جهنگل شاهه جي مڪان جي سامهون هوندي هئي. شهر جو پاڻي ۽ مينهن جو پاڻي منجهس ٿيندو هو. جتان وري لعل هندي مقام جي پرسان ڪڏ هوندي هئي. ان ۾ پاڻي ويندو هو. انهن ڪڏن مان اوڏ منتي ڪڍندا هئا ۽ انهن ڏورن ۾ جڏهن پاڻي پرجي ويندو هو ته ماڻهو اُتي وهنجندا ۽ ڪپڙا به ڏوئيندا هئا. هن وقت هيءُ ڪڏ، گندي پاڻي سان پريل آهي. سڄي شهر جو گندو پاڻي هن ڪڏ ۾ جمع ٿيندو آهي ۽ اتان واري مشينن ۽ پمپن ذريعي پوکن کي ڏنو ويندو آهي. هن پاڻيءَ تي ڪٽڪ، گاهه ۽ پاڇيون پيدا ڪيون وڃن ٿيون[1].

دادو شهر جا کوهه:

دادو شهر ۾ ڪيترائي کوهه هوندا هئا. جن تان ماڻهو پاڻي پيرندا هئا، تڙ ڪندا ۽ ڪپڙا ڏوئيندا هئا. ان کان علاوه هُرلن ذريعي آبادي ڪندا هئا. دادو شهر ۾ جڳهه جڳهه تي کوهه هوندا هئا. سلطان شاهه جي مزار سامهون اردو مين اسڪول جي اوپر ۾ وڏو کوهه هوندو هو هيءُ کوهه زمينون آباد ڪندو هو. ان جي اوپر ۾ لچيرام جو کوهه هوندو هو. جنهن تي پڻ سڻي آبادي ٿيندي هئي. چيٽ ۽ ڪتيءَ جي چڱي آبادي ٿيندي هئي. شهر جا ماڻهو هن کوهه تان پاڻي پيرندا هئا. کوهه تي نار چڙهيل هوندو هو سندس پرسان مرداڻو تڙ هوندو هو. وري ان جي پرسان ڏکڻ طرف کان چوديواري ڏنل هوندي هئي، جنهن ۾ زنانو تڙ هوندو هو. جتي عورتون اچي وهنجنديون به هيون ته ڪپڙا به ڏوئيندڙيون هيون. شاهاڻي پاڙي جي اوپر ۾ پٽ پيل هوندو هو. اهو پٽ هرداس مل ڊپٽي ڪليڪٽر خريد ڪيو. جيڪو فنا شاهه جي ڪڏ تائين پکڙيل هو. سندس پٽ پرمانند هڪ کوهه تعمير ڪرايو. جيڪو مساڻ روڊ جي اُتر ۾ هوندو هو. کوهه جي پرسان منتي ٽانڪي رکايائين. جنهن ۾ مشينن ذريعي پاڻي پريو ويندو هو ۽ نلڪين ذريعي پاڻي هيٺ آندو ويندو هو. تاج محل سئنيما جي پرسان به هڪ کوهه هوندو هو. پيو کوهه وري ان جي ڏکڻ طرف چيڙي وٽ هوندو هو. جتان مشينن رستي گرلس هاءِ

---

[1] اڇڪلهه ڪاڌي پيتي جي فصلن ۾ سبزين کي نيڪال جي گندي ۽ غليظ پاڻي ڏيڻ جو رواج عام ٿي ويو آهي. هيءُ رجحان، صحت ۽ تندرستيءَ لاءِ ڏاڍو هاڃيڪار آهي. شرعي طور تي به هيءُ هڪ وڏو گناهه ۽ ڏوهه آهي. ڪٿي مجبي ته هن پاڻي تي فصل پلو ٿئي ٿو پر اها پلائي ڪهڙي ڇڪجي، جا صحت ۽ روح جي پاڪيزگيءَ کي خراب ڪري! سرڪار سميت سِول سوسائٽيءَ جي نمائندن ۽ شعور وند شهرين کي هن اهم مسئلي تي سنجيده ٿي سوچڻ گهرجي. (ايڊيٽر).

اسڪول کي پاڻي ڏنو ويندو هو. اهي کوهه هن وقت لٿجي ويا آهن. هڪ کوهه سِٽي ٽاڻي جي پنيان هوندو هو. اتان به ماڻهو پاڻي پريندا هئا. ٽاڻي جي حد ۾ جيڪي هوٽا هوندا هئا، انهن کي انهيءَ کوهه مان پاڻي ڏنو ويندو هو. هن وقت اهو کوهه به لٿجي ويو آهي. هڪ کوهه مولوي عزيزالله ببر جي گهٽيءَ ۾ هوندو هو جتان پاڻي پريو ويندو هو هيءَ کوهه اڃان تائين موجود آهي. موچين واري مسجد جي پُٺ ۾ به هڪ کوهه هوندو هو. اهو هاڻي لٿجي ويو آهي. سڳنيما جي سامهون سيد صابن شاهه جي گهر پرسان ڪُنڊ تي به هڪ کوهه هوندو هو اُتي هن وقت شاپنگ سينٽر تعمير ٿي ويو آهي. هڪ کوهه مزدور آباد پرائمري اسڪول جي پراڻي جڳهه جي اُتر ۾ هوندو هو جيڪو پڻ بند ڪيو ويو آهي. هاڻي ان هنڌ تي هن وقت جڳهه تعمير ڪئي وئي آهي. هوٽل ڪيفي ڊي قاسم جتي ٽانگن جو اسٽاپ هوندو هو. اتي هڪ کوهه هوندو هو جتان ماڻهو پاڻي پريندا هئا ۽ گهوڙن جي حوض لاءِ پڻ هتان پاڻي پريو ويندو هو. ڪيفي ڊي قاسم جي جڳهه تي هن وقت يونائيٽيڊ بئنڪ، ممتاز هوٽل ۽ ٻيا دوڪان آهن. ناليور شاعر حافظ محمد احسن چنه جي جڳهه سامهون کوهه هوندو هو. گرلس ڪاليج جي ڪنڊ وٽ مٿو لاشاريءَ جو کوهه هوندو هو جتان باغ کي پاڻي ڏنو ويندو هو. ان باغ جو مالهي فتح محمد سولنگي هو. ان کوهه تان غريب آباد جا ماڻهو به پاڻي پريندا هئا. ميونسپل پارڪ (شاهه لطيف پارڪ) جي اولهه ڪنڊ وٽ هڪ کوهه هو ۽ ٻيو پارڪ جي ڏکڻ طرف هو جتان پارڪ جي وٽن ۽ ڇپر کي پاڻي ڏنو ويندو هو. ريلوي اسپتال ڊي سي آفيس ۽ بنگلي لاءِ به اتان پاڻي حاصل ڪيو ويندو هو. ان کوهه تي نار به چڙهيل هوندو هو. جتان پاڻي حاصل ڪري دادو جيل اندر پاڇيون پوکيون ويندين هيون. جيل جا قيدي باغ ۽ پاڇين جي سارسنڀال ڪندا هئا ۽ پوکي راهي به ڪندا هئا. پوليس هيڊڪوارٽر ۾ وڏي بڙ وٽ کوهه هوندو هو ان مان سپاهي پاڻي حاصل ڪندا هئا ۽ تڙ به ڪندا هئا ۽ پريڊ واري ميدان کي رنگروٽ سپاهي ڇٽڪار ڏيندا هئا. مسڙ وٽ به هڪ کوهه هوندو هو. غريب آباد جي مسجد جي پٺ ۾ کوهه هو. ميونسپل ڪاميٽي آفيس وٽ به هڪ کوهه تعمير ڪرايل هو ان کوهه مان ماڻهو پاڻي پريندا هئا تڙ به ڪندا ۽ ڪپڙا ڌوئيندا هئا. نمازي وضوع ڪندا هئا ۽ وهنجڻ لاءِ پاڻي ڪتب آڻيندا هئا. جيوڻ شاهه مسجد وٽ به کوهه هوندو هو. حاجي بهرام جي مسجد وٽ به هڪ وڏي کوهي هوندي هئي. دادو ريلوي اسٽيشن جي اوپر ۾ ٽي کوهه هئا، هنن کوهن مان لوڪوشيڊ کي پاڻي پهچايو ويندو هو انجڻين کي به پاڻي انهن کوهن مان ڏنو ويندو هو. پائلٽ هاءِ اسڪول دادو جي پهرين دروازي وٽ کوهه هو ان کوهه مان هاءِ اسڪول لاءِ پاڻي حاصل ڪندا هئا. سيالن واري مسجد جي اُتر ۾ هڪ کوهه هو. ان کوهه مان به پاڙي جا ماڻهو پاڻي پريندا هئا. ميونسپل ڪاميٽيءَ جي پنيان ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي اسٽاف ڪوارٽرن وٽ هڪ کوهه هو. کوهه تي گرٽي لڳل هئي.

اڳ واٽر سپلاءِ يا سيوريج سسٽم نه هو ۽ نه وري نلڪا هئا، ماڻهو پيئڻ وارو صاف پاڻي کوهن ذريعي حاصل ڪندا هئا. گهرن ۾ وري کوهيون هونديون هيون. کوهه ۽ کوهين کي گهٽو ڪري مٽان ڏيڪ ڏبو هو ته جيئن ان ۾ گند ڪچرو وغيره نه پوي. اڳ ڊنڊين ۽ ڪڏن يا وهندڙ شاخن مان پيئڻ جو پاڻي پرڻ معيوب سمجهيو ويندو هو. نلڪن يا نلن جي اچڻ کان پوءِ کوهن جو رواج ختم ٿي ويو.

دادو شهر جا علماءِ ڪرام ۽ خطيب

دادو شهر، علم ۽ ادب جو مرڪز رهيو آهي. هن شهر ۾ ڪيترائي عالمِ دين پڻ پيدا ٿيا، جن پنهنجا ديني فرائض ادا ڪري مسلمانن جي دلين کي منور ڪيو. دادو جا هيٺيان علماءِ ڪرام قابلِ ذڪر آهن:

1. مولانا محمد سليمان ميمڻ (مرحوم)
2. مولانا جمال الدين سولنگي (مرحوم)
3. مولانا محمد سهراب چارڻ (مرحوم)
4. مولانا عبدالوهاب ميمڻ (مرحوم)
5. مولانا محمد اڪبر مغل (مرحوم)
6. مولانا عبدالرحيم مگسي (مرحوم)
7. مولانا علي نواز قاسمي (مدرس مدرسہ بحر العلوم دادو)
8. مولانا عبدالوحيد قريشي (خطيب جامع مسجد ٹڪيار)
9. مولانا نور حسين ناريجو (خطيب جامع مسجد محمدي چاندني چؤڪ دادو)
10. مولانا ولي محمد چانڊيو (خطيب جامع مسجد رباني نيو بس اسٽينڊ دادو)
11. مولانا غلام محمد چارڻ (خطيب جامع مسجد مولوي سهراب چارڻ)
12. مولانا عبدالقيوم هڱورو حسيني (خطيب جامع مسجد حاجي بهران فقير)
13. قادري سيد مقبول احمد شاهہ (خطيب جامع مسجد غريب آباد)
14. مولانا رفيق احمد چانڊيو مولانا غلام مصطفيٰ ٿهيم (خطيب جامع مسجد گلزار حبيب پير بخش ڪالوني دادو)
15. مولانا عبدالرحمان ملڪاڻي (خطيب جامع مسجد غريب آباد)
16. مولانا خادم حسين پٺي (خطيب جامع مسجد غريب آباد)
17. مولانا محمد عظيم مهيسر سڪندري (خطيب جامع مسجد غوثيہ اسٽيشن روڊ)
18. مولانا پير بخش مهيسر غفاري (خطيب الله والي مسجد دادو)
19. مولانا ڏاتر ڏنو چنہ (خطيب مسجد خضري دادو)
20. مولانا غلام الله سومرو (خطيب جامع مسجد ڪنيار محلا)
21. مولانا علي حسن لاشاري (خطيب جامع مسجد قبا)
22. مولانا نثار احمد اشرفي (خطيب جامع مسجد چاڻو)
23. مولانا فقير سيد شبير احمد شاهہ (مدرس مدرسہ بٹ محلا دادو)
24. مولانا محمد نواز بروهي (خطيب جامع مسجد بس اسٽاپ دادو)
25. مولوي منظور احمد سومرو (خطيب جامع مسجد جيوڻ شاهہ دادو)
26. مولوي محمد باقر نجفي ۽ مولوي قادر بخش مري (مسجد حيدري مرڪزي امام بارگاهہ دادو)
27. مولانا جان علي شاهہ ڪاظمي ۽ مولانا محمد رضا نجفي (مدرسہ صاحب العصر دادو)
28. مولوي عبدالرحمان پنهور (خطيب قاضين واري مسجد دادو)

دادو شهر جون پراڻيون عمارتون

اريگيشن ريسٽ هائوس دادو:

ايريگيشن ريسٽ هائوس جو هتان جي تمام قديم ۽ پراڻين عمارتن ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءَ عمارت 1914ع ۾ جڙي راس ٿي. باهران وڏا آفيسر ۽ عملدار جڏهن دادو ۾ منزل انداز ٿيندا هئا تہ هن ريسٽ هائوس ۾ قيام ڪندا هئا. دادو ريسٽ هائوس ۾ پنج ڪمرا آهن. وچ ۾ وڏو هال اٿس. جتي آفيسر ويهي ڪچهري ڪندا هئا. مختلف وقتن سان ملي مسئلا معلوم ڪندا هئا ۽ حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان کان علاوه چار ٻيا ڪمرا اٿس. ان ۾ ڪلارڪن لاءِ آفيسون آهن. سرڪل ڊرافٽس مين جي آفيس به هن ريسٽ هائوس ۾ آهي. هن ئي ريسٽ هائوس ۾ اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر پاٽ سب ڊويزن جي آفيس قائم ڪئي وئي آهي. هن آفيس جي ڪمرن جي جوڙجڪ تمام نرالي قسم جي آهي. هن آفيس جي عمارت ڇهن ڪنڊن تي ٻڌل آهي. چار دروازا ۽ هڪ دري اٿس. باقي عمارت ۾ ٻتا دروازا لڳل آهن ۽ اندران دروازا ڪاٺ جا ٺهيل آهن. جيڪي اندران ڪلندا آهن ۽ اندران ئي بند ڪيا ويندا آهن. باهريان دروازا سنهي جاري سان ٺهيل آهن ۽ باهر ڪلندا آهن ۽ باهران ئي بند ڪيا ويندا آهن. جاري وارا دروازا ڪمرن کي هوادار رکندا آهن. ڇاڪاڻ تہ جاري مان هوا جو گذر آساني سان ٿئي ٿو. هيءَ عمارت وڏين ۽ ٽلهين سرن سان ٺهيل آهي. سرن جي ڊيگهه هڪ فوٽ ويڪر ڇهه انچ ۽ ٿولهه چار انچ آهي. هن عمارت ۾ ڪيترائي سربراهه ۽ نامياريا سياستدان قيام ڪري چڪا آهن. جن ۾ وزيراعظم جي حيثيت سان شهيد ذوالفقار علي ٻٽو غلام مصطفيٰ جتوئي اڳوڻو وزيراعليٰ سنڌ ۽ ٻيا ڪيترائي اڳواڻ شامل آهن. ريسٽ هائوس جي اڳيان ڪوندبيون رکيل آهن. جن ۾ مختلف ٻوٽا رکيا ويا آهن. ڪوندبيون سليقي سان رکيون ويون آهن. ڪوندبين جي باهران چٽسالي ٽيل آهي. عمارت جي اڳيان پارڪ آهي. جنهن ۾ ڇهر پوکيل آهي. ڇهر عمارت جي خوبصورتيءَ ۾ اضافو ڪري ڇڏيو آهي.

ڊاڪ بنگلو:

ڊاڪ بنگلو لوڪل بورڊ طرفان ٺهرايو ويو آهي. جيڪو دادو جي قديم عمارتن ۾ شمار ٿئي ٿو. بنگلي ۾ چار ڪمرا آهن ۽ وچ ۾ هڪ وڏو هال آهي. هن بلڊنگ ۾ هڪ فوٽ ڊيگهه جون سرون استعمال ٿيل آهن. سرن جي ٿولهه چار انچ ۽ ويڪر ڇهه انچ آهي. انگريز هن بلڊنگ کي ٽپال لاءِ استعمال ڪندا هئا. باهران جيڪا ٽپال ايندي هئي تہ هتان مختلف ڪاتن ڏانهن رواني ڪئي ويندي هئي. هن بلڊنگ جي اڳيان ٽلهو ٺهيل آهي ۽ ان ٽلهي تي آفيسر ويهي ڪچهريون ڪندا هئا. بلڊنگ جي بلڪل اڳيان هڪ خوبصورت پارڪ ٺهيل آهي. جنهن ۾ ڇهر بہ لڳل آهي. پارڪ جي ڪنارن سان انبن جا وڻ بہ هوندا هئا. جيڪي هن وقت ختم ٿي چڪا آهن.

ڊاڪ بنگلي جي مکيہ دروازي وٽ وڏا وڻ هوندا هئا ۽ ڇانو ڪيو ويٺا هوندا هئا. ڇانو ۾ شهر جا ماڻهو اچي آسائش ڪندا هئا. هن وقت وڻ وڍائي تباهہ ڪيا ويا آهن. ڊاڪ بنگلو هن وقت قانون نافذ ڪرڻ واري هڪ اداري جي قبضي ۾ آهي.

پرمانند هرداس پائلٽ اسڪول بلڊنگ:

هيءَ عمارت، دادو شهر جي قديم عمارتن ۾ شمار ٿئي ٿي. هن اسڪول جو باني پرمانند هرداس هو. جيڪو اصل دادو شهر جي پرسان سيالن جي ڳوٺ جو رهندڙ هو. پرمانند سٺو هڏ ڪاٺ جو مضبوط قداور مڙس هو. هن

ابتدائي تعليم دادو شهر مان حاصل ڪئي ۽ وڌيڪ تعليم ڪراچيءَ مان ورتي. سندس خاندان شاهوڪار هو. انڪري وڌيڪ تعليم لاءِ ڪيس بمبئي موڪليو ويو. اتي هن ڪليڪٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو ۽ اتي ٽي ٽريننگ ڪرڻ لڳو. ٽريننگ دوران واپس ڳوٺ آيو پئي. ته رات جي وڳڙي ۾ سيالن واري بند تي ٽانگو ڪلٽي ٽيڙ سبب سندس ٻئي ٽنگون ضايع ٿي ويون ۽ پاڻ معذور ٿي پيو. ان وقت سندس عمر 24 سال هئي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ پنهنجي پائرن کي چيائين ته مون کي ملڪيت جو حصو ڏيو. مان ڪجهه ڪرڻ ٿو چاهيان. پائرن ڪيس حصو ڏنو جيڪو هن کي روڪ رقم جي صورت ۾ 3 لک ٻاهٺ هزار رپيا مليا. هن اسڪول لاءِ پلاٽ ونڊ لاءِ دوستن جي ڪاميٽي تشڪيل ڏني ۽ دوستن جي چوڻ مطابق نجم الدين آخوند ڪان ان جي باغ مان پلاٽ ورتو ويو. جيڪو موجوده اسڪول ڪان ونڊي نجم ڪالوني تائين هو. هن وقت اڏ ڪان وڌيڪ پلاٽ تي ماٺهن قبضا ڪري ورتا آهن. آخوند نجم الدين اهو پلاٽ 40 هزار رپين ۾ وڪرو ڪري ڏنو. اُن تي اسڪول لاءِ ڪمرا، هڪ سينٽر هال، هڪ ڊرائنگ هال، هڪ سائنس هال ۽ ورانڊو تعمير ڪيو ويو. بلڊنگ مارچ 1938ع ۾ جڙي راس ٿي. هن بلڊنگ تي ڪل 56 هزار رپيا خرچ آيو. هن بلڊنگ ۾ سرون هڪ فوٽ ڊيگهه 4 انچ ويڪر 6 انچ واريون استعمال ٿيل آهن. هيءَ بلڊنگ هوادار آهي ۽ دريون ۽ ڪشاديون لڳايون ويون آهن. ان ڪري هوا ۽ روشنيءَ جو بهترين انتظام ٿيل آهي.

هن اسڪول جو پهريون هيڊ ماسٽر پي. وي. ڪرمچنداڻي هو. جيڪو فوج جو رٽائرڊ ڪرنل هو. هو شاهاڻي پاڙي ۾ رهندو هو. سندس جاءِ ايگريڪلچر بئنڪ ۽ يونٽلٽي اسٽورز وٽ هئي.

پرمانند باقي بچيل رقم اسڪول جي فنڊ ۾ جمع ڪرائي. ان مان عملي کي پگهار ڏني ويندي هئي. اسڪول جو نالو پرمانند هرداس هاءِ اسڪول رکيو ويو. پاڻ ۽ سال 1938ع ۾ ديهانت ڪري ويو. 1950ع ۾ ڪن حاسدن جي چرچ تي هن اسڪول جو نالو تبديل ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو رکيو ويو ۽ بعد ۾ پائلٽ هاءِ اسڪول ٻڌايو ويو. نالي تبديل ڪرڻ جا ڪهڙا اسباب هئا، ان طرف ڪنهن به توجهه نه ڏنو پر اها ڳالهه 1995ع ۾ ان وقت جي وزير اعليٰ سيد عبدالله شاهه کي ڏيان ۾ آئي، جنهن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ هن اسڪول جو دورو ڪيو ۽ سينٽرل هال ۾ تقرير ڪندي چيو ته 'ڪو آهي مرد مجاهد جيڪو اهڙو سينٽرل هال ٺهرائي؟ مان ان هال تي سندس نالو رکندس' پر هال مان ڪو به سگهه نه ساري سگهيو. ان تي سيد عبدالله شاهه چيو ته 'افسوس آهي جو هن هال مان ڪنهن به همت نه ساري. پوءِ ڪهڙو ڏوهه ڪيو ان ماٺهوءَ جنهن ڪروڙين رپين جي بلڊنگ ڏني ۽ اسان هن جي نالي نشان کي هٽائي ڇڏيو چو ته هن چڱائي ڪئي هئي'. اسان هن مان عبرت حاصل ڪريون يا حسد ڪريون. سخت افسوس آهي. جنهن ماٺهوءَ اسان لاءِ ايتري وڏي قرباني ڏني. تنهنجو نالو نه هجي. چو؟ مان اڄ اعلان ڪريان ٿو ته بلڊنگ کي وڌيڪ سنوارڻ لاءِ پنجاهه لک رپيا سرڪار ڏيندي ۽ اڄ ڪان ونڊي هن اسڪول جو نالو ساڳيو پرمانند هرداس سيڪنڊري اسڪول رکيو ويندو. سياڻي ڪراچي وچي نوٽيفڪيشن ڪيندس'. اهڙي طرح سان هن اسڪول جو اصل نالو ٻيهر زندهه ٿي پيو. هن اسڪول مان ڪيترائي شاگرد تعليم حاصل ڪري وڏن عهدن تي پهچي چڪا آهن. هن اسڪول مان علم جي لات، پري پري تائين پهچي چڪي آهي. جيسين هيءَ ڌرتي آهي، ته هيءَ اسڪول به قائم ۽ دائم رهندو. سندس علم جي ۽ روشني پري پري تائين پکڙجندي رهندي.

لوڪل بورڊ جي بلڊنگ:

لوڪل بورڊ جي عمارت کي به قديم عمارتن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هيءَ عمارت سنہ 1931ع ۾ جڙي راس ٿي. عمارت به ماڙ آهي. تمام ڪشادي ۽ هوادار ٺهيل آهي. ڪمرا ڪشادا آهن ۽ ڇت تمام اوچي پيل اٽس. عمارت ۾

سرون هڪ نوٽ جون استعمال ٽيل آهن. وچ ۾ وڏو هال اٽس. پي منزل تي به ڪمرا اٽس ۽ هڪ وڏو هال اٽس. ان هال ۾ لوڪل بورڊ جا ميمبر ميٽنگون ڪندا هئا. جيڪي پريزيڊنٽ جي صدارت ۾ ٽيندڙيون هيون. ان کان علاوه سٽيزن ڪاميٽيءَ جون به هتي گڏجاڻيون ٽيندڙيون هيون. مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري گڏجاڻيون پڻ هن عمارت ۾ ٽيندڙيون هيون. مٿي وڃڻ لاءِ به ڏاڪڻيون نهيل اٽس. جيڪي ڪاٺ جون نهيل آهن. ڪاٺ اهڙو مضبوط پيل آهي جو تقريباً مني صدي گذري چڪي آهي. تڏهن به هي ڏاڪڻيون صحيح سلامت ۽ مضبوط آهن. جن کي تر جيترو به نقصان نه پهتو آهي.

هن عمارت ۾ پريزيڊنٽ لوڪل بورڊ جي آفيس. ڪلارڪن جون آفيسون به قائم ڪيون ويون هيون. هن ئي عمارت ۾ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس دادو جي آفيس. اينٽي ڪرپشن آفيس. ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن جي آفيس. ڊيموڪريسي آفيس قائم ڪئي وئي هئي. جيڪي هن وقت ٻئي هنڌ منتقل ٿي ويون آهن.

ان کان علاوه فورٽ سول جج جي ڪورٽ. ڏهشتگردن جي انت واري ڪورٽ هئي. جيڪي به ٻئي هنڌ منتقل ٿي چڪيون آهن. هن وقت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ. اسسٽنٽ ڊائريڪٽر رورل ڊيولپمينٽ. ٻراج مختيارڪار آفيس. ٽيڪسيشن برانچ. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادو آڊٽ آفيس ۽ انسپيڪشن برانچ. لوڪل فنڊ آڊٽ آفيس ۽ استاد بخاري لائبريري قائم ڪئي وئي آهي.

دادو ريلوي اسٽيشن:

1843ع تي انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. سپ کان پهريائين مواصلات تي توجهه ڏنو. سڄي سنڌ ۾ سروي مڪمل ڪري. ريلوي جو جال وڇايو. جڏهن جيڪب آباد کان ڪوٽڙي تائين ريلوي لائين وڇائي وئي تہ دادو ۾ به 1890ع ۾ ريلوي اسٽيشن چالو ڪئي وئي. ان کان پوءِ ريلوي ملازمن لاءِ ڪوارٽر. گارڊن. ٽرين ڪلارڪن. بوڪنگ ڪلارڪن. اسٽيشن ماسٽرن ۽ ٻين ملازمن لاءِ بنگلا ۽ ڪوارٽر تعمير ڪرايا ويا. مسافر خانو. بوڪنگ آفيس. به مسجدون قائم ڪيون ويون. واٽر سپلاءِ. پارسل گهر. پاڻي فلٽر جي لاءِ مشين. گارڊ روم. ڊرائيور روم. به قائم ڪيون ويون. استيشن ڪوارٽرن کي پاڻي فلٽر ڪري پهچايو ويندو هو. استيشن جي سامهون اوپر ۾ ريلوي لوڪوشيڊ قائم ڪئي وئي هئي. جتي انجڻين جي مرمت ۽ صفائي ڪئي ويندي هئي. ريلوي لوڪو شيڊ جي ڏکڻ ۾ ڦرٽي لڳل هوندي هئي. جتي انجڻين کي ٻيهاري طرف تبديل ڪيو ويندو هو. هي سيئي ڪم گهڻو ڪري 1890ع کان 1899ع تائين مڪمل ڪيا ويا.

انگريزن جي دور ۾ هيءَ اسٽيشن خوبصورت ريلوي اسٽيشين ۾ شمار ڪئي ويندي هئي. جيڪا هن وقت مڪمل تباهه ٿي چڪي آهي. جڏهن ڪاربون انجڻيون ختم ڪري ڊيزل انجڻيون آنديون ويون. ان وقت کان ريلوي اسٽيشن ڦٽڻ شروع ٿي. جڏهن ڪاربون انجڻيون هلنديون هيون. دادو ريلوي اسٽيسن تي پهچنديون هيون تہ انجڻ کي گاڏي کان جدا ڪري انهي کي وڏي نل ذريعي پاڻي ڏنو ويندو هو. هن وقت ڊيزل تي هلڻ وارين انجڻين کي پاڻي جي ضرورت نه ٿي پوي ان ڪري هيءَ اسٽيشن آهستي آهستي تباهه ٿي رهي آهي.

دادو ريلوي اسٽيشن جي سامهون ٽانگي وارن لاءِ شيڊ قائم ڪيو ويو هو. جيڪو پڻ ختم ڪري اتي پارڪ تعمير ڪيو ويو آهي. ان ڪري گهوڙا ٽنهڙ اس ۾ سهڪندا نظر ايندا آهن. پارڪ تہ ناهيو ويو مگر چپر جو نالو نشان ئي ڪونهي. صرف نالي ۾ پارڪ آهي. مسافر لاءِ بئنچون وغيره به لڳل ڪونهن. انڪري مسافر ويٺكندا رهن ٿا. گاڏين جو ڪوبہ ٽائيم ڪونهي. دادو اسٽيشن تان ڪيتريون ئي گاڏيون بند ڪيون ويون آهن. گارڊن ۽ اسٽيشن ماسٽرن جي لاءِ

بنگلا ۾ بند پيا آهن. ريلوي ڪوارٽرن تي ۽ ٻاهرين ماڻهن قبضا ڪري ورتا آهن ۽ ڪجھ ڪوارٽر مسواڻن تي ٻاهرين ماڻهن کي ڏنا ويا آهن. ڪوارٽر ۽ تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي چڪا آهن. تلاءَ گند جي ڍير ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. سڄي شهر جو گند تلاڻن ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي. ان ڪري صاف ۽ پاڪ پاڻي گندو ٿي رهيو آهي. ريلوي جي پلاٽن تي ٻاهرين ماڻهن قبضا ڪري جايون تيار ڪري ورتيون آهن. ريلوي جو ڪو به ڏٺي سائين ڪونهي. دادو ريلوي اسٽيشن تي اڳ ۾ گاڏا لڳندا هئا. جيڪي پڻ بند ڪيا ويا آهن. ريلوي جي گودام کي به تباهه ڪيو ويو آهي. گودام جي پرسان ريلوي جو وڏو پلاٽ آفيسرن جي ملي ڀڳت سان پگڙن مٽ تي وڪرو ڪيو ويو آهي. جتي هڪ مقامي وڏيري دوڪان تعمير ڪرائي مسواڙ تي ڏني ڇڏيا آهن.

پريس ڪلب دادو:

پريس ڪلب دادو جي عمارت تمام پراڻي ۽ قديم عمارتن ۾ شمار ٿئي ٿي. هيءَ عمارت، اصل ۾ جانورن جي اسپتال هئي. جيڪا 'وادِيا وٽرنري ڊسپينسري' جي نالي سان سڏبي هئي. پريس ڪلب جي عمارت تي جيڪا تختي لڳل آهي، ان ۾ وادِيا وٽرنري ڊسپينسري سنہ 1915ع لکيل آهي. جانورن جي اسپتال نئين عمارت مڪمل ٿيڻ بعد هيءَ عمارت خالي ڪئي وئي آهي. جيڪا پوءِ پريس ڪلب جي حوالي ڪئي وئي. اها هن وقت تائين پريس ڪلب جي حوالي آهي.

پريس ڪلب دادو جي عمارت ۾ هڪ وڏو ڪمرو آهي. جنهن کي عهديدار ۽ ميمبر ڪمر آڻيندا آهن. وڏي ڪمري سان گڏ ڏکڻ ۾ اسٽور روم آهي. عمارت کي ورانڊو به آهي. ان کان علاوه اڳيان ۽ پٺيان اڳڻ اٽس. هن عمارت ۾ فوٽ جون سرون استعمال ٿيل آهن. سرن جي ٿولهه 4 انچ ۽ ويڪر 5 انچ ٿيندي

ڪليڪٽوريٽ بلڊنگ:

هن بلڊنگ جو ڪم سال 1929ع کان شروع ٿيو ۽ سال 1931ع تي هيءَ بلڊنگ جڙي راس ٿي. هن بلڊنگ ۾ هڪ فوٽ جون سرون ڪتب آندل آهن. هن بلڊنگ ۾ ڪليڪٽر، (ڊپٽي ڪمشنر) ۽ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر جي آفيس قائم ڪئي وئي. ان کان پوءِ دربار هال، دفتردار، ڪلارڪن جون آفيسون، خزانہ آفيس، پوليس جو گهاٽ، خزانہ آفيس جي ڪلارڪن جون آفيسون، سيٽلمينٽ جي آفيس، آر. ايم آفيس ۽ ڊپٽي ڪليڪٽر جي آفيس قائم ڪئي وئي. ان کان علاوه سٽي مئجسٽريٽ جي آفيس به قائم ڪئي وئي هئي. ڪجھ عرصو اليڪشن آفيس به قائم ٿيل هئي. ويجھڙ ۾ سول جج جي ڪورٽ به قائم ڪئي وئي. ڪليڪٽوريٽ آفيس جي مٿان به ڪجھ ڪمرا ٺهيل آهن. جن ۾ روينيو جو رڪارڊ محفوظ ٿيل آهي. 2001ع کان نئون ڊسٽرڪٽ گورنمينٽ نظام رائج ٿيو. انڪري مختلف ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسون ۽ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسرن جا دفتر به قائم ڪيا ويا. خزانہ آفيس کي نئين بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو. خزانہ آفيس جي ڪمرن ۾ مختلف ڪلارڪن جون آفيسون قائم ڪيون ويون.

دادو شهر ۾ رهندڙ قبيلا ۽ ذاتيون

دادو شهر ضلعي جو صدر مقام آهي. هن ضلع ۾ ڪيترائي قبيلا ۽ ذاتيون رهائش پذير آهن.

هن شهر ۾ ڪيترائي قبيلا ڏيساور مان لڏي اچي آباد ٿيا. جڏهن عربن سنڌ تي حملا ڪيا تہ انهن سان گڏ

ڪيترائي ڌاريا قبيلا هت آيا. ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ به ڪيترائي قبيلا لڏي آيا. ان کان علاوه بلوچ ۽ بروهي پٽ بلوچستان مان لڏي اچي هت رهائش اختيار ڪئي. هن وقت سنڌ جي سماٽ ۽ بلوچ قبيلن جي ريتن ۽ رسمن ۾ ڪو به فرق نه آهي. سندن رهڻي ڪهڻي، لباس، شادي غميءَ جون رسمون به تقريباً ساڳيون آهن.

ورهاڱي کان پوءِ پارٽي پناهگيرن جي لڏپلاڻ سنڌ جي علاقن ۾ جاري رهي. پناهگيرن ۾ علاقن جيان دادو ۾ به اچي رهائش اختيار ڪئي. سرڪار جي مهربانين سان انهن کي خوب ورسايو ويو. ڪوڙن ڪليمن جون فيڪٽريون ڪُلي ويون. نتيجي ۾ پناهگيرن واپار جائيداد ۽ زرعي زمينن تي قبضو ڪري ورتو. پناهگير جيڪي اڳتي هلي مهاجر سڏائڻ لڳا، هنن هتان جي سنڌي ماڻهن جي شرافت ۽ مهمان نوازي ڏٺي ته پاڻ کي سيد، صديقي، فاروقي، قريشي، عباسي، مغل ۽ شيخ سڏائڻ شروع ڪيو. پناهگيرن کان علاوه پنجابي به هن شهر ۾ آباد ٿيڻ لڳا ۽ شهر ۾ واپار جو ڪرڻ لڳا. مهاجرن ۽ پنجابين سنڌ ۾ رهي سنڌ جو نمڪ کائيندي به پنهنجي الڳ شناخت قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سالن کان سنڌ ۽ سنڌين سان مخاصمانه ورتاءُ پئي رکيو آهي.

دادو ۾ سماٽ قبيلا اڪثريت ۾ رهن ٿا. جن ۾ پنهور، سولنگي، ملاح به وڏي تعداد ۾ رهندڙ آهن. ان کان سواءِ مختلف دورن ۾ ڪيترائي قبيلا، پاڙا ۽ راج آباد ٿيندا رهيا آهن پر سڀني قبيلن گڏجي سنڌ جي سينڌ سنواري آهي. انهن مڙني هن متيءَ کي مشڪ ۽ پاڻيءَ کي آبِ حيات جاتو ۽ سنڌي ثقافت جي آبياري ڪري ان جي ملڪان ملڪ مشهوري ڪيائون. هن شهر ۾ ڪيترائي قبيلا رهن ٿا. جيڪي مختلف ذاتين سان جاتا ۽ سڃاتا وڃن ٿا. دادو شهر ۾ جيڪي ذاتيون پاڙا راج ۽ نڪون آباد آهن ڪجهه هن طرح آهن:

سيد، پنهور، جمالي، ڪلهوڙا، ابڙا، آگرا، اونا، اوڍاڻا، اونوال، آريجا، انصاري، اوڍ، اڙول، شاهاڻي، شينا، چوهاڻ، چارڻ، چنا، چانڊيا، گهلو، ڪوهارا، ڪهڙا، ڪيڙا، ڪرل، ڪوسا، ڪماڻ، روداڻي، ملڪ، ملاڻا، مغيري، مگسي، موچي، مڱڻيجا، مگريا، مشوري، مهيسر، مستوئي، مڱڻهار، ماچي، ميرجت، ملاح، مري، ملڪاڻي، ميراڻي، ميراثي، ميمڻ، منگواڻي، مزناڻي، زنئور، پان، سوير، سوها، سما، سهاڳ، هيسباڻي، دائودپوٽا، دايا، قذاق، برماڻي، سومرا، سميجا، سولنگي، ساند، سيال، ڪوري، ڪولاچي، ڪوريجا، هاتار، خاصخيلي، جانوري، جوڪيا، جويا، جت، هالا، لاڪا، لاڪير، سهول، سيهڙا، ڪورائي، ڪليري ڪنير، پٽي، سرهيا، سخيراڻي، بروهي، برفت، ڏاوچ، بڙدي، بالادي، برهماڻي، گوپانگ، گرماڻي، باريجا، جلباڻي، جتوئي، ڏاهري، ڏهر، ڏهراج، ڏهوٽ، ڪوکر، ٿهيم، ٽڪڙ، ڪورڙ، سهتا، مڱڻهار، ٻهر، ڳڪهيا، ٻوڪ، عباسي، برڙا، ڏوگر، ڏڳر، ڪابورا، نائچ، نوناري، گاڏهي، لغاري، فاروقي، پنهيار، پتوجا، پيچوها، پاٽڻي، پليجا، پلي، پوٽا، پيچارا، هڱورا، حاجاڻا، راهوجا، راهو، راهپوٽا، رند، لُنڊ، لانگاهه، پير، پيرزادا، چڇڑا، چنڙ، صديقي، ڏيرا، خشڪ، قريشي، آرائين، مغل، هاليشاهي ۽ ٻيون ذاتيون رهن ٿيون ان کان سواءِ هندو به رهندا آهن. اهي به مختلف ذاتين ۾ ورهايل آهن.

تعلقي دادو جاڳوٽ

پاٽ شريف، گل محمد مگسي، محمد خان چانڊيو جيئند لاشاري، مينهون خان پنڊ، پير محمد مراد محمد علي مستوئي، سيال، دانو خان چانڊيو، صوف لُنڊ، حاجي پانڊي سيال، دوداڻي جمالي، غلام حيدر برڙو، گلاب شيخ، دوست محمد ابڙو، پائي خان لاشاري، پيري، پيچوها، سياڳو پنهور، فتح پور، فتح خان زنئور، بچل ٻوڪ، گولو فقير، دلاور ديرو، ٽارو خان ڏاوچ، احمد خان ڏاوچ، شير محمد ڏاوچ، لطف علي پنڊ، ڳهيلا، غلام علي پنڊ، پير رکيل، چُٽو ابڙو

بشير اعوان، عبدالرحيم ابڙو سچارو، فيض محمد ملڪ، پير ترهو غلام خان چانڊيو، شادي خان ڪيڙو، قاضي پير محمد سولنگي، پيارو آرائين، پراڻو ديرو، پڪي لانڊي، ڪمال خان جهتيال، قُلجي اسٽيشن، ڪنڊي، نوازيو پنهور، بهادر پنهور، فضل پنهور، تاجو پنهور، اسماعيل اچڙا، باغبان، احمد خان برهماڻي، شير محمد دوداڻي، الهڄڙيو پنهيار، واصل نوناري، الهورايو پنهور، نوڙڪو پوٽو والي جي ميائي، فتح محمد ڪابورو، رب رکيو پنهور، موندر لعل بخش، شاهاڻي، دين محمد شاهاڻي، گل محمد ڪوريجو ڪيڙو موو لُنڊ، وارياسو ملڪاڻي، جاکپاري، حاصل چانڊيو مٽيا، بني، قاضي علي حيدر، گهلو چرٽاٽ، آدم پنهور، نندي سيتا بمبيا، جهلو مرڪپور، دڙو چاڻو شاهه آباد، تاجپور، سون ميائي، بلاول خان زنئور، جمع خان ڇهواڻ، نونر، نبي بخس سولنگي، نبي بخش مگسي، نورجا، برماڻي، ابو طالب شاهه، علي بخش بگهيو، امينائي، ڪريمداد لُنڊ، مڏ شريف، سرائي، محمد اسماعيل ڀٻر، محمد علي بڙدي، محب علي چانڊيو، هيتم جتوئي، الهرڪيو سُهاڳ، سيتا، شير محمد سولنگي، خاصا چانڊيا، ڏاتاڻي چانڊيو، بهرام خان چانڊيو، مِني واهڻ، مشتاق جمالي، آندل چانڊيو، ڪاٺ ڪولاچي، مسو جي ميائي، عارف سمو، صاحب خان لهبر، جڪراجا پنهور، حاجي حسين لُنڊ، محمد خان خشڪ، ڏڙهه، جان محمد خشڪ، فريد خشڪ، پورو خان خشڪ، حسن جمعدار پنهور، دڙي سالار، دڙي خير محمد، احمد خان ڀٻر، شير شاهه، ڏٽي پرتو پنهور، طيب لُنڊ، مرادآباد، علي شير زنئور، مراد خان زنئور، محمد پريل زنئور، پورو خان لُنڊ، سوڍو ماچي، پير الهبچايو ملنگ ماچي، چنگلاڻي، حمزو خان خشڪ، مراد علي خشڪ، سامتياڻي، حاجي عباس پيرزادو، ماڪو پنهور، راوت خان لغاري، فاروق آباد، باداڻي، پير ڪٽيو عيسيٰ ڀٻر، درويشاڻي پنهور، گاجي پنهور، غلام حيدر هڪورو، ڏتي جي ميائي، غلام پنهور، خيرو پنهور، حافظ مير محمد ڪلهوڙو، طالباڻي پنهور، خدا آباد، مڪٽيجا، ڏوتڙا پنهور، محمد ابراهيم چانڊيو، غلام رسول خشڪ، موريو يتي، ڪانهري ڏڪا، خچر، نَوَلڪو ڪاڪڙي، عبدالرحيم جو ڪوهه، ناڙيوال لُنڊ، دوآبو، منڊو ماچي، احمد خان جتوئي، پرڪڙي، محبت جلباڻي، مختيار نگر، شير محمد لڏاڻي، الله آباد (ڪاڻي)، حاجي شير خان ڪلهورو، ابراهيم ڪچي، ٻڌو پنهور، حافظ عرض محمد ڪوسو، گل بيگ پنهور، علي بخش مهرائي، پير بخش ميربحر، ڪوٽ نيباهو، ڪوٽ لالو ماچي، پيارو استيشن، پيارو ڳوٺ، نورپور/گهلپور، پلها، نئين ڪلري، ٽڪا، مني، دبي، چڪ بچل چانڊيو، ميراڻي چانڊيو، سعيد خان چانڊيو، ڪمال پنهور، جبيرجي، نهال چارڻ، سردار پنجابي، بچل خان چانڊيو، ٻلي پير/مراد جوٽيجو.

اڳهه پار جو جائزو

موجوده صورتحال کي سامهون رکي ڏسون ٿا ته شين جا اڳهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. آءِ ايم. ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ ٻين عالمي مالي ادارن پاڪستان جي معيشيت تي ڪنٽرول ڪري، عوام جو جيئڻ ئي جنجال ڪري ڇڏيو آهي. هن وقت شين جي اڳهن جو تقابلي جائزو ونڊاسين ته اسان کي صحيح حقيقتون معلوم ٿي ويندیون.

سال 1957ع ۾ سڳداسي چانور ايائي ڪلو سوا رپئي ۾ ملندا هئا. هن وقت ايائي ڪلو باسپتي سڳداسي ۽ ڪرنل سؤ ربين کان به مٿي وڪرو ٿي رهيا آهن. ڪپڙو به ربيا وال ملندو هو. اهو هن وقت گهٽ ۾ گهٽ سؤ ربين ۾ ملي

رهيو آهي. ڪڪ اٺ ربيا مڻ هو. هن وقت اهو ساڳيو ڪڪ جو مڻ 14 سؤ رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. ڳڙ ۾ مٺائي جو اڳهه 1970ع تائين 8 کان 12 رپين ۾ مڻ وڪرو ٿيندو هو جيڪو هن وقت 1800 سون کان 1900 سؤ رپين ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي. ڪنڊ اڳوڻي صدر ايوب جي دور ۾ هڪ رپيو في ڪلو هئي. هن وقت 60 رپيا في ڪلو وڪرو ٿي رهي آهي. سال 1968ع ۾ ڪنڊ هڪ رپيو ڪلو مان وڌي سوا رپيو ٿي ته پوري ملڪ ۾ مڪمل هڙتال ڪئي وئي. انڪري صدر ايوب مجبور ٿي ڪنڊ ساڳي اڳهه تي وڪرو ڪرڻ جي اجازت ڏني. هن وقت صورتحال اها آهي ته ماڻهو سخت پريشان آهن. هر مهيني تيل جا اڳهه وڌايا پيا وڃن. انڪري گاڏين جا ڪرايا آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن. دادو کان حيدرآباد جو ڪرايو 15 رپيا هو. جيڪو هن وقت ايائي سؤ رپين کان به چڙهي ويو آهي. 1967ع ۾ دادو کان لاڙڪاڻه ريل جو ڪرايو 2 رپيا هو هن وقت 80 رپيا ٿي ويو آهي. شين جا اڳهه روزانه وڌندا رهن ٿا. ماڻهو پريشان ٿي ويا آهن. روزگار جا دروازا به بند ٿي ويا آهن. محترمه بينظير پٽو صاحبه جي دور ۾ وڏي پئماني تي ترقياتي ڪم ٿيا. لکين بيروزگار نوجوانن کي نوڪريون ڏنيون ويون. محترمه بينظير پٽو جي حڪومت 1997ع ۾ ختم ڪري ڪوڙي مئنڊيٽ ذريعي نواز شريف کي وزيراعظم بنايو ويو. ان وقت کان ئي سنڌ جي مٿان قهري ڪاروايون شروع ٿي ويون. لکين ملازمن کي نوڪرين تان برطرف ڪيو ويو. سنڌ ۾ ترقياتي ڪم بند ڪرايا ويا. پنجاب ۾ وڏي پئماني تي ترقياتي ڪم ڪرايا ويا. پنجاب ۾ چوويهه ڪلاڪ ئي ترقياتي ڪم جاري رهيو. سنڌ کي هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو. لاهور کان پشاور تائين موٽر وي تعمير ڪرايو ويو ۽ سڄي ملڪ جو پئسو پنجاب تي خرچ ٿيڻ لڳو. مٿان وري ڪالاباغ ڊيم واري خطرناڪ رٿا منظور ڪئي وئي. انڪري سنڌ جو عوام سراپا احتجاج بنجي ويو. سنڌ جي سڀني سياسي پارٽين گڏجي هڪ مڪمل ملڪ گير هڙتال ڪرائي. جنهن ۾ پنجاب جي سرحد ڪمون شهيد وٽ ڏرٽو هنيو ويو. جنهن ۾ محترمه بينظير پٽو صاحبه ۽ ٻين سنڌ جي سياستدانن بهرو ورتو.

نواز شريف جي حڪومت 12 ـ آڪٽوبر 1999ع تي برطرف ڪري جنرل پرويز مشرف اقتدار سنڀالي ورتو ۽ اها اميد پيدا ٿي ته سنڌ تي ٿيندڙ ظلمن جو ازالو ٿي ويندو ليڪن صورتحال وري به ساڳي رهي. هزارين نوجوانن کي بيروزگار ڪرڻ جو سلسلو جاري ٿيو. سنڌو درياء مڪمل بند ڪري پنجاب کي سرسبز ڪرڻ جا قدم کنيا ويا. درياء ۾ واري اڏامندي رهي. سنڌ ۾ احتجاج جاري آهن. بيروزگاري ۽ مهانگائي سبب هتان جا نوجوان خودڪشيون ڪري رهيا آهن. پاڻي بند ڪري سنڌين جو معاشي قتل عام ڪيو ويو آهي. اڳهه وڌڻ ڪري ۽ بيروزگاريءَ سبب سراسري روزانو ٽن ڪان ڇهه نوجوان پاڻ کي ڦاهو وجهي يا جيت مار دوا پي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اُجهائي رهيا آهن. معاشي طور تي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جا سانباها ٿي رهيا آهن پر جيئن ته سنڌ جي عوام کنهن به دور ۾ همت هاري نه آهي. هو پنهنجي قومي تشخص ۽ ڌرتيءَ جي بچاء لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري سگهي ٿو ان ڪري اڏول بٹيو بيٺو آهي.

2007ع ۾ محترمه بينظير پٽو جي شهادت کان پوءِ مهانگائي ڏاڍي تيزيءَ سان وڌي وئي. جو اسان هڪ صدي پوئتي هليا وياسين. پيپلز پارٽيءَ جي موجوده حڪومت ملڪ کي اهڙي سنگين صورتحال مان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ موجوده حڪومت کي هر هنڌ چئلينجز آهن. صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ سنڌ جو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه پنهنجي ڪابينا سميت سنڌ کي خوشحاليءَ ۽ شادابيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

دادو شهر جا معززين

قديم دور کان سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪجهه ٽيڪ ۽ ڪري ڏيکارڻ جي خصوصيت رهي آهي. جو انهن مان ڪيترائي پرهيزگار متقي، اهل دل ۽ معزز نيڪ مرد پيدا ٿيا آهن. جن پنهنجي قوم، راڄ، پاڻ کي گڏ ڪري سات ڪنيو آهي. غريب ۽ مسڪين ماڻهن جو خاص خيال رکيو آهي ۽ پنهنجي شهر ۽ تر جا مسئلا هٿ ۾ کڻي اهڙا فيصلا ڪيا، جو هر ڪو دنگ رهجي ويو. اهوئي سبب آهي جو سندن نالو اڄ به يادگار طور ورتو وڃي ٿو. دادو شهر ۾ پڻ ڪافي اهڙا نيڪ مرد پيدا ٿيا آهن. جن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. دادو شهر ۾ هيٺيان مشهور نيڪ مرد ٿي گذريا آهن:

سيد جڙيل شاهه آخوند محمد موسيٰ ميمڻ، آخوند محمد حسين ميمڻ، وڏيرو الله بچايو ميمڻ، سيٺ حاجي محمد يعقوب ميمڻ، حاجي شمس الدين ميمڻ، محمد هاشم سومرو، حاجي محمد دين سومرو، حسين بخش ميمڻ، عبدالرحمان عاربي ميمڻ، حاجي غلام حسين سومرو، نصرالله سرهيو، غلام حسين سولنگي، خير محمد ڪنيرو، محمد فقير ڪنيرو، آخوند نجم الدين، پنڊت اڌي پان پريزيڊنٽ ڪانگريس جماعت سنڌ، ڪامريڊ دوارڪاداس ۽ مهوال خان سولنگي.

دادو شهر جا قانون دان:

دادو شهر تمام وڏا قانون دان پيدا ڪيا آهن جن پاڻ کي مجرايو آهي. اڄ به ڪجهه نوجوان ان فيلڊ ۾ پنهنجو نانءُ ڪمائڻ لاءِ نڪتل آهن. نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1. پير الاهي بخش قريشي	(مرحوم)
2. غلام اڪبر قريشي	(مرحوم)
3. عبدالحڪيم عباسي	(مرحوم)
4. شمس الدين ملڪاڻي	(مرحوم)
5. نور محمد پنهور	(مرحوم)
6. ضياءالدين ايس. بلبل	(مرحوم)
7. غلام محمد قريشي	(مرحوم)
8. مظهر حسين گهلو	(مرحوم)
9. صدرالدين جوٽيجو	(مرحوم)
10. سيف الدين پنهور	(مرحوم)
11. آخوند شفيع محمد	(مرحوم)
12. جسٽس عبداللطيف قريشي	(مرحوم)
13. محمد مٺل لغاري	(مرحوم)
14. نصرالله ڪلهوڙو	(مرحوم)
15. آخوند نجم الدين	(مرحوم)

16. غلام نبي شاهه (مرحوم)
17. نياز حسين ٽگو (مرحوم)
18. محمد علي پنهور (مرحوم)
19. رسول بخش شيخ (مرحوم)
20. سرڪواسي آسنداس
21. علي احمد قريشي
22. محمد سليمان سميجو (مرحوم)
23. شير محمد راهوجو (مرحوم)
24. شجاع احمد قريشي
25. امام بخش گهرياڻي
26. منير احمد راهوجا
27. محمد جمن ميمڻ
28. ڪنهيا لال
29. پير مظهر الحق شاهنواز
30. قمر الدين ڪلهوڙو
31. جسٽس غلام نبي سومرو (جسٽس)
32. محمد رمضان خشڪ
33. حسين بخش سولنگي
34. عبدالمجيد جمالي
35. محمد مريد لُنڊ
36. ديوان سيا ڪچند
37. آخوند عبدالمجيد
38. عبدالرسول عباسي
39. نياز علي پنهور
40. نور احمد سومرو
41. خادم حسين شيخ
42. سوداگر علي سولنگي (جج)
43. عزيز الرحمان شاهه
44. سيد سردار علي شاهه
45. قاضي محمد عالم
46. سيد فيض احمد شاهه
47. محمد رمضان چنڊ

48. منير احمد چنڙ
49. محمد پريل برماڻي
50. اسلام الدين راجپوت
51. عبدالڪريم قريشي
52. شبير احمد گهلو
53. محبوب علي سومرو
54. خادم حسين سولنگي
55. محترمہ رشيده پنهور
56. سيده شهناز بيگم
57. عبدالغني سومرو
58. شفيع محمد ميمڻ
59. فياض حيدر پٽي
60. ضمير حسين سولنگي
61. عبدالرحيم راهوجو

ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن دادو جا عهديدار

	صدر	جنرل سيڪريٽري	سال
1.	صدرالدين جوٽيجو		1972ع
2.	صدرالدين جوٽيجو		1973ع
3.	سليمان سميجو	شجاع محمد قريشي	1974ع
4.	شمشاد احمد جوٽيجو	نورمحمد پنهور	1975_76ع
5.	آخوند شفيع محمد	غلام نبي سومرو	1977_78ع
6.	غلام اڪبر قريشي	شمس الدين ملڪاڻي	1979ع
7.	عبداللطيف قريشي	پير مظهرالحق	1980ع
8.	امام بخش گهرياڻي	شمس الدين ملڪاڻي	1981_82ع
9.	نصرالله ڪلهوڙو	قمرالدين ڪلهوڙو	1983_84ع
10.	غلام نبي سومرو	محمد جمن ميمڻ	1985ع
11.	عبداللطيف قريشي	عطاءالرحمن ميمڻ	1986ع
12.	امام بخش گهرياڻي	شفيع محمد ميمڻ	1987ع
13.	شمس الدين ملڪاڻي	غلام علي ٻٽ	1988ع
14.	غلام نبي سومرو	محمد رمضان خشڪ	1989ع
15.	شمس الدين ملڪاڻي	عبدالمجيد جمالي	1990ع

16. شمشاد احمد جوڻيجو	عبدالرسول عباسي	1991ع
17. شمس الدين ملڪاڻي	شفيع محمد ميمڻ	1992ع
18. غلام نبي سومرو	محمد رمضان خشڪ	1993ع
19. عبداللطيف قريشي	عبدالمجيد جمالي	1994ع
20. قمرالدين ڪلهوڙو	ديوان ڪنيا لال	1995ع
21. علي احمد قريشي	عبدالرسول عباسي	1996ع
22. منير احمد راهوجا	نور احمد سومرو	1997ع
23. شفيع محمد ميمڻ	حسين بخش سولنگي	1998ع
24. محمد جمن ميمڻ	فضل حسين جمالي	1999ع
25. عبدالمجيد جمالي	عبدالستار سومرو	2000ع
26. عبدالرسول عباسي	نور احمد سومرو	2001ع
27. محمد رمضان خشڪ	فضل حسين جمالي	2002ع
28. عبدالرسول عباسي	حسين بخش سولنگي	2003ع
29. غلام حسين قريشي	فضل حسين جمالي	2004ع
30. خادم حسين شيخ	نياز حسين پنهور	2005ع
31. عبدالرسول عباسي	سيد عزيزالرحمان شاهه	2006ع
32. شفيع محمد ميمڻ	علامه مصطفيٰ شاهاڻي	2007ع
33. شفيع محمد ميمڻ	رشيده اختر پنهور	2008ع
34. علي انور ساهڙ	غلام مصطفيٰ شاهاڻي	2009ع
35. علي انور ساهڙ	غلام مصطفيٰ شاهاڻي	2010ع
36. علي انور ساهڙ	غلام مصطفيٰ شاهاڻي	2011ع
37. علي انور ساهڙ	غلام مصطفيٰ شاهاڻي	2012ع
38. عبدالرسول عباسي		

دادو شهر جا تعليمي سربراهه

پرنسپال گورنمينٽ پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ دادو:

هيءُ تعليمي ادارو سال 1985ع تي قائم ڪيو ويو. جيڪي پرنسپال تي گذريا آهن انهن جا نالا ۽ دور هيٺ ڏجي ٿو:

نالا	کان	تائين
1. انجنيئر عبدالرؤف	04,03,1985	16,04,1985
2. انجنيئر احسان الحق	16,04,1985,	04,05,1986

3. انجنيئر آندل خان هُليو	04,05,1986	26,12,1989
4. انجنيئر سريچند	27,15,1989	08,02,1994
5. انجنيئر آندل خان هُليو	09,02,1994	,05,03,1994
6. انجنيئر انور جکرو	06,03,1994	18,04,1994
7. انجنيئر محمد اسلم ترڪ	20,04,1994	11,05,1994
8. انجنيئر آندل خان هُليو	11,05,1994	30,07,1998
9. انجنيئر نذير احمد ابڙو	17,08,1998	10,10,1999
10. انجنيئر سريچند هسيجا	11,10,1999	16,01,2001
11. انجنيئر صغير حسين عامر	17,01,2001	

هيءَ تعليمي ادارو بهترين تعليمي ادارن ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءَ عمارت سورهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. مختلف قسمن جا گل ٻوٽا ۽ وڻ رکيل آهن. جيڪي اداري جي سونهن ۾ اضافو ڪن ٿا. هن اداري ۾ سول ٽيڪنالاجي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ اليڪٽريڪل ٽيڪنالاجي جي تعليم ڏني وڃي ٿي. هن اداري ۾ صبح شام ڪلاس هلن ٿا.

استاد بخاري ڊگري ڪاليج جا پرنسپال

1. اي. جي ڪارواٽي	21,07,1955	18,09,1959
2. ايس. ايس حسين	19,09,1959	20,07,1961
3. ايل. اي ڊسوزا	21,07,1961	12,07,1963
4. طاهر علي	24,04,1963	25,09,1963
5. ٽي. ايم خان	26,09,1963	05,12,1963
6. ايم. يو احمد	20,01,1964	30,01,1965
7. ايم. اي انصاري	01,02,1965	25,02,1967
8. پروفيسر ايس. علي وجاهت	08,03,1967	16,10,1970
9. شاهد حسين زيدي	17,10,1970	05,12,1973
10. ايم. اي باطن	08,12,1973	08,03,1975
11. عبدالرحمن پهوڙ	08,03,1975	10,02,1977
12. الطاف احمد شيخ	11,02,1977	03,09,1981
13. نور احمد بلوچ	04,09,1981	31,08,1990
14. ڪنعيا	01,09,1990	30,09,1997
15. جيوڻ خان بلوچ	01,10,1997	13,04,2001
16. عبدالجليل آخوند	14,04,2001	09,09,2001
17. بدرالدين ملڪاڻي	10,09,2001	27,05,2002
18. محمد عثمان ڏاهري	28,05,2002	21,02,2004

19. منظور احمد سولنگي	21,02,2004	09,09,2004
20. غلام نبي چنہ	10,09,2004	01,2005,09
21. پروفيسر علي اصغر برهماڻي	10,01,2005	

پرنسپال گورنمينٽ گرلس ڪاليج دادو

1. پروفيسر رفعت سلطانہ	25,12,1970	26,10,1972
2. نورجهان ميمڻ	27,10,1972	09,04,1973
3. نسيم اختر بروهي	10,04,1973	08,12,1973
4. ڊاڪٽر حسين بانو	08,12,1973	30,11,1975
5. شميم اختر انصاري	01,12,1975	22,07,1976
6. بلقيس افتخار	23,07,1976	11.11,1976
7. نسرين صابر خان	12,11,1976	01,02,1979
8. شميم اختر انصاري	01,02,1979	04,10,1979
9. نصيبا حسين سولنگي	05,10,1979	05,02,1980
10. نسرين صابر خان	06,02,1980	01,02,1981
11. زينت رئوف ميمڻ	01,02,1981	05,06,1981
12. نسرين صابر خان	06,06,1981	15,02,1982
13. زينت رئوف ميمڻ	16,02,1982	06,03,1982
14. نصيبا حسين سولنگي	07,03,1982	13,04,1982
15. زينت رئوف ميمڻ	14,04,1982	16,12,1983
16. غلام فاطمہ چنڙ	17,12,1983	19,10,1998
17. نصيبا حسين سولنگي	20,10,1998	

پرمانند هرداس سيڪنڊري اسڪول جا هيڊماسٽر

1. پي. ڊبليو چيناڻي	02,03,1949	21,05,1953
2. ڊي. ايڇ. آرائين	22,05,1953	14,03,1954
3. ڊبليو ايم شيخ	15,03,1954	03,09,1954
4. آر. ايم سرهيو	04,09,1954	13,10,1955
5. اي ايڇ صديقي	14,10,1955	08,01,1956
6. اي ڪي چنہ	09,01,1956	25,03,1960
7. واءِ ايم قريشي	25,03,1960	20,05,1962

8. ايس ايم انوارالحق	20,05,1962	09,01,1963
9. ايس جي راهوجا	10,01,1963	31,03,1963
10. ايس ايم الياس رضوي	01,04,1963	31,08,1963
11. اين اي ميمڻ	01,10,1963	28,02,1965
12. اي ايم انڙ	12,03,1965	22,04,1965
13. بقا محمد قريشي	23,04,1965	22,11,1966
14. ايس ايم اين ايچ نقوي	23,11,1966	10,11,1967
15. بقا محمد قريشي	11,11,1967	18,03,1969
16. كي ايم منگي	19,03,1969	20,07,1971
17. يو ايم آخوند	21,07,1971	29,03,1972
18. اي اي منگي	30,03,1972	30,06,1974
19. يو ايم آخوند	01,07,1974	13,06,1976
20 قمرالدين پنهور	14,06,1976	1979,05,07
21 اي اي منگي	05,07,1979	28,04,1980
22 حبيب الله بلوچ	29,04,1980	13,08,1984
23 محمد باغ ڊي سهاڳ	13,08,1984	31,05,1986
24 الحاج ثناءالله ميمڻ	31,05,1986	07,03,1987
25 محمد سومر ميمڻ	07,03,1987	13,07,1988
26 سلطان احمد شيخ	14,07,1988	26,01,1989
27 كمال الدين سولنگي	26,01,1989	21,08,1990
28 حاجي غلام حيدر سولنگي	22,08,1990	09,09,1990
29 كمال الدين سولنگي	10,09,1990	28,12,1992
30 محمد صادق قريشي	29,12,1992	12,02,1994
31 محمد خان ڇڇڑو	13,02,1994	31,12,1998
32 روشن الدين ملكاڻي	01,01,1999	09,03,1999
33 شفيع محمد پنهور	10,03,1999	03,04,2000
34 نظير احمد ميمڻ	04,04,2000	31,05,2001
35 علي حيدر پرڳڙي	31,05,2001	10,01,2004
36 علي اكبر شيخ	10,01,2004	11,10,2004
37 عبدالله پنهور	12,10,2004	31.7.2006
38 شاهه محمد گاڏهي	1,8,2006	24,05,2008

39. علي اڪبر پٽي	2,2,2007	17,08,2010
40. حبيب الله سومرو	18,8,2010	اڄ تائين

طالب المولي هاءِ اسڪول جا هيڊ ماستر

1. تاج محمد صحرائي	01,10,1972	19,09,1981
2. ثناءَ الله ميمڻ	20,09,1981	22,08,1982
3. ڪمال الدين سولنگي	23,08,1982	31,08,1985
4. الهرڪيو ڪورڙ	01,09,1985	13,07,1988
5. محمد سومر ميمڻ	14,07,1988	10,11,1989
6. محمد صادق قريشي	11,11,1989	28,12,1992
7. عبدالڪريم قريشي	29,12,1992	07,03,1999
8. خالي پوسٽ	08,03,1999	10,11,1999
9. شفيع محمد پنهور	11,11,1999	01,07,2002
10. خالي پوسٽ	02,07,2002	29,08,2002
11. علي اصغر جتوئي	30,08,2002	25,11,2002
12. شاهنواز سومرو	26,11,2002	12,12,2003
13. مقصود الحق قريشي	12,12,2003	

گورنمنٽ پرائمري ماڊل مين اسڪول دادو جا هيڊماستر

هيءَ اسڪول پراڻن ۾ قديم اسڪولن ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءَ اسڪول سنہ 1930ع ۾ قائم ڪيو ويو. اڄ تائين هيٺيان هيڊماستر مقرر ٿيا آهن.

1. جشن مل عامل	07,09,1945	17,05,1948
2. الهرڪيو ولد گل محمد سهتو	05,1948,18	06,09,1949
3. يالومل نهاڻو	07,09,1949	13,09,1950
4. محمد اسماعيل ولد جمع خان	14,09,1950	16,12,1954
5. محمد رمضان ولد لعل بخش	17,12,1954	01,07,1957
6. محمد يونس ولد محمد ابراهيم	02,07,1957	02,04,1960
7. ڏٽي بخش ولد محمد اسماعيل ميمڻ	03,04,1960	30,09,1985
8. محمد عثمان ولد گل حسن جمالي	01,10,1985	09,08,1986
9. ڏٽي بخش ولد محمد اسماعيل ميمڻ	10,08,1986	31,01,1987
10. محمد صديق ولد حمزو خان سيال	01,02,1987	21,06,1987

11. محمد عثمان ولد گل حسن جمالي	22,06,1987	31,03,1988
12. حاجي خان ولد عبدالڪريم دستي	31,03,1988	09,03,1994
13. غلام قادر ولد منو خان جوٽيجو	10,03,1994	31,01,1995
14. غلام نبي ولد حاجي درمحمد قريشي	01,02,1995	09,10,1995
15. عزيزالله ولد فيض محمد لغاري	10,10,1995	

گورنمينٽ پرائمري اسڪول مزدور آباد جا هيڊماستر

1. چتارام	20,11,1947	15,03,1948
2. محمد رمضان	16,03,1948	15,08,1952
3. حاجي محمد حسن سومرو	16,08,1952	15,03,1959
4. سيد جيوڻ شاهه	16,03,1959	13,11,1959
5. حاجي محمد حسن سومرو	14,11,1959	11,05,1979
6. محمد عارف ميمڻ	12,05,1979	09,10,1980
7. محمد عثمان جمالي	10,10,1980	15,01,1983
8. محمد دائود قريشي	16,01,1983	23,08,1985
9. علي خان سومرو	24,08,1985	27,11,1988
10. محمد هاشم قريشي	28,11,1988	12,05,1991
11. محمد عثمان وگڻ	13,05,1991	13,03,1993
12. عبدالرشيد پنهور	13,03,1993	15,04,1996
13. محمد صالح ڪورائي	16,04,1996	31,03,1997
14. بشير احمد لُنڊ	01,04,1997	

گورنمينٽ پرائمري اسڪول مزدور آباد دادو ويهين نومبر 1947ع تي وجود ۾ آيو. هيءُ اسڪول دادو شهر جي قديم اسڪولن ۾ شمار ٿئي ٿو. اسڪول ڪلڻ ڪان اڳ تائين جيڪي هيڊ ماستر مقرر ٿيا آهن. تن جا نالا مٿي ڄاڻايا ويا آهن.

گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد جا هيڊماستر:

هيءُ اسڪول 25 مئي 1939ع ۾ قائم ٿيو. شروع ۾ هيءُ اسڪول خانگي عمارت ۾ هلندو هئو. 1981ع ۾ هيءُ اسڪول شفٽ ٿي موجوده عمارت ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هن اسڪول جا هيٺيان هيڊماستر ٿي گذريا آهن:

1. محمد يونس ولد محمد ابراهيم لاڙڪ	04,04,1980	30,11,1981
2. محمد عثمان ولد گل حسن جمالي	01,12,1981	30,07,1985
3. ڏڻي بخش ولد محمد اسماعيل ميمڻ	01,08,1985	31,08,1987
4. محمد صديق ولد حافظ حمزو سيال	31,08,1987	30,06,1989

5. لطف الله ولد محمد هاشم قريشي	01,07,1989	04,08,1990
6. سوپو خان ولد حاجي علي محمد ٻهر	04,08,1990	01,12,1991
7. محمد ابراهيم ولد محمد يونس ٽهيم	01,12,1991	18,10,1992
8. محمد عرس ولد محمد عمر سولنگي	18,10,1992	10,06,1993
9. عزيزالله ولد فيض محمد لغاري	11,06,1993	02,11,1994
10. عبدالنبي ولد محمد عارف ڏاوچ	02,11,1994	13,04,1998
11. سائينداد ولد مير محمد سهاڳ	13,04,1998	23,08,1999
12. بشير احمد ولد محمد بخش کرل	24,08,2002	25,10,2002
13. عبدالرشيد ولد غلام محمد پنهور	25,10,2002	13,01,2003
14. عبدالنبي ولد محمد عارف ڏاوچ	13,01,2003	

سرڪاري تعليمي ادارا

1. استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو
2. گورنمينٽ گرلس ڪاليج دادو
3. گورنمينٽ پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ دادو
4. گورنمينٽ ڪمرشيل انسٽيٽيوٽ دادو
5. گورنمينٽ هاءِ اسڪول غريب آباد دادو
6. گورنمينٽ پرمانند هرداس سيڪنڊري اسڪول دادو
7. گورنمينٽ هاءِ اسڪول چاڻو شاهه آباد دادو
8. گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول دادو
9. گورنمينٽ ڪي. جي هاءِ اسڪول دادو
10. گورنمينٽ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ (بوائز) دادو
11. گورنمينٽ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ (گرلس) دادو
12. گورنمينٽ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو
13. آرمي پبلڪ اسڪول اينڈ ڪاليج دادو

خانگي تعليمي ادارا:

گذريل تن ڏهاڪن کان سرڪاري ادارن ۾ تعليم نالي ماتر وڃي رهي آهي. استادن جو تعداد تہ ٽيٽو ڇٽوٽو آهي. پر تعليم پستيءَ طرف گامزن آهي. ٽيوشن جي پرمار آهي. غريبن جي ٻارن کي ٽيوشن جي سگهہ نہ هڻڻ سبب سندن مستقبل اونداهو ٿي رهيو آهي. دادو شهر ۾ پرائيويٽ تعليمي ادارن جو ڄار وڇائجي چڪو آهي. جتي تعليم جو معيار ڪي قدر بهتر آهي. هنن ادارن ۾ ڪي. جي کان اٽين ڪلاس تائين تعليم ڏني پئي وڃي. دادو شهر ۾ هيٺيان تعليمي ادارا قائم ڪيا ويا آهن:

1. پبلڪ اسڪول دادو
2. او پي ايف مشعل اسڪول دادو
3. ارم برائيٽ پبلڪ اسڪول دادو
4. برائيٽ پبلڪ اسڪول دادو
5. ماڊل الیمینٹري اسڪول دادو
6. عبدالله گرامر اسڪول دادو
7. فرحان پبلڪ اسڪول دادو
8. نيو ملينيم اسڪول دادو
9. زبيده پبلڪ اسڪول دادو
10. شاهه عبداللطيف ڪبز يونيورسٽي دادو
11. روشن تارا اسڪول دادو
12. ڪيمبرج پبلڪ اسڪول دادو
13. سني برائيٽ پبلڪ اسڪول دادو
14. منصور پبلڪ اسڪول دادو
15. فيوچر پبلڪ اسڪول دادو
16. بشارت پبلڪ اسڪول دادو
17. پروگريسو انگلش پبلڪ اسڪول دادو
18. يونيڪ پبلڪ اسڪول دادو
19. شهيد مخدوم بلاول پبلڪ اسڪول دادو
20. معصومي اڪيڊمي آف ڪمپيوٽر سائنس دادو
21. ڊيولپمينٽ آرگنائيزيشن دادو
22. ڪريٽو ڪمپيوٽر سينٽر دادو
23. شهيد مخدوم بلاول انگلش سينٽر اينڊ اڪيڊمي آف ڪمپيوٽر سائنس دادو
24. ايڪٽو انسٽيٽيوٽ ڪمپيوٽر سائنس دادو
25. شهباز ڪمپيوٽر انسٽيٽيوٽ ايڪسل انگلش ڪوچنگ سينٽر دادو
26. فائونڊيشن گرامر اسڪول دادو
27. علي انگلش پبلڪ اسڪول دادو
28. پير نجيب الله اڪيڊمي دادو
29. مهراڻ انگلش پبلڪ اسڪول دادو
30. فور ايس ميران بيبي پبلڪ اسڪول دادو

31. سچل پبلڪ اسڪول نجم باغ ڪالوني دادو

دادو شهر جا پرائمري اسڪول:

1. گورنمينٽ پرائمري اسڪول سنڌي مين دادو
2. گورنمينٽ پرائمري اسڪول اردو مين دادو
3. گورنمينٽ پرائمري اسڪول مسڙ روڊ دادو
4. گورنمينٽ پرائمري اسڪول شمس العلوم دادو
5. گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد سنڌي دادو
6. گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد اردو دادو
7. گورنمينٽ پرائمري اسڪول استاد بخاري دادو
8. گورنمينٽ پرائمري اسڪول عبدالستار ڪيڙو دادو
9. گورنمينٽ پرائمري اسڪول بدر آباد دادو
10. گورنمينٽ پرائمري اسڪول فاطمہ بيبي دادو
11. گورنمينٽ پرائمري اسڪول بي اينڊ آر ڪالوني دادو
12. گورنمينٽ پرائمري اسڪول صوف خان لُنڊ دادو
13. گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد ڪالوني دادو
14. گورنمينٽ پرائمري اسڪول سورج آباد دادو
15. گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڊي سي ڪالوني دادو
16. گورنمينٽ پرائمري اسڪول شهباز ڪالوني دادو
17. گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪنيار محلہ دادو
18. گورنمينٽ پرائمري اسڪول واٽر سپلاءِ دادو
19. گورنمينٽ پرائمري اسڪول مڪي مسجد دادو
20. گورنمينٽ پرائمري اسڪول مسلم چاڻو آباد دادو
21. گورنمينٽ پرائمري اسڪول چاڻو شاهہ آباد دادو
22. گورنمينٽ پرائمري اسڪول مزدور آباد دادو
23. گورنمينٽ پرائمري اسڪول پير بخش سولنگي دادو
24. گورنمينٽ پرائمري اسڪول هائوسنگ سوسائٽي دادو
25. گورنمينٽ پرائمري اسڪول بچل سولنگي دادو
26. گورنمينٽ پرائمري اسڪول مولوي جمال الدين سولنگي دادو
27. گورنمينٽ پرائمري اسڪول پوليس هيڊ ڪوارٽر دادو
28. گورنمينٽ پرائمري اسڪول وزير آباد دادو
29. گورنمينٽ پرائمري اسڪول ريلوي لوڪوشيڊ دادو

30. گورنمينٽ پرائمري اسڪول مرڪپور محلو دادو
31. گورنمينٽ پرائمري اسڪول دارالفيوض دادو
32. گورنمينٽ پرائمري اسڪول مکڙ پنهور دادو
33. گورنمينٽ پرائمري اسڪول فتح خان زنئور دادو

گورنمينٽ پرائمري گرلس اسڪول

1. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول بٽ محلو دادو
2. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول سورج آباد دادو
3. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول مزدور آباد دادو
4. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول ميمڻ محلو دادو
5. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول غريب آباد (سنڌي) دادو
6. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول غريب آباد (اردو) دادو
7. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول چاڙو شاهه آباد دادو
8. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول مرڪپور محلو دادو
9. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول هائوسنگ سوسائٽي دادو
10. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول شمس آباد دادو
11. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول پير بخش ڪالوني دادو
12. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول بدر آباد دادو
13. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول مولوي جمال الدين سولنگي دادو
14. گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول مڪي مسجد دادو
15. گورنمينٽ گرلس پرائمري ڪي. جي اسڪول دادو

جوهي تعلقو

جوهي شهر جي ٻيهڪ ۽ جوڙجڪ:

جوهي شهر سنڌو درياء جي اولهه ۾ 26 ڪلوميٽر ۽ دادو شهر کان 19 ڪلوميٽر اولهه طرف واقع آهي. جوهي جو شهر تمام قديم آهي. جوهي تي اهو نالو ڪيئن پيو. ان بابت روايت آهي ته هتي گهاٽا ۽ وڏا وڻ جنهن ۾ ٻهر، لئو ڪنڊي ۽ ٻين قسمن جا وڻ هوندا هئا. جيڪي آسائش جي لاءِ ڪتب ايندا هئا. قديم دور کان واپار اُڻن ذريعي ٽيندو هو واپاري خضدار ۽ ڪائي نئيگ لوهي ۽ ڪاڇي جي ڳوڻن مان ڪچو مال ڏوئي ڪٽي ايندا هئا ۽ انهن کي رهائش ۽ کاڌ خوراڪ، آرام ۽ پاڻي ۽ جي ضرورت پوندي هئي. ان ڪري مقامي رهواسين کان ڇپا ڪندا هئا ته هتي ڪا رهائش لاءِ مناسب جڳهه آهي ته ڪين ٻڌايو ويندو هو ته سڌ پنڌ تي وڻن جو جوهو آهي. اتي رهڻ لاءِ مناسب جڳهه آهي. انهن وڻن جي جوهي يا جهڳٽي سبب هن شهر تي جوهي نالو پئجي ويو. جيڪو اڄ تائين هيءُ شهر جوهي سڏجي ٿو. جوهو يا جوهي جي معنيٰ آهي- وڻن جو جڳهڻو.

جوهي تعلقي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. جوهي شهر تعلقي هيڊڪوارٽر هئڻ سبب وڏي اهميت جو حامل آهن جوهي تعلقي جي اُتر ۾ خيرپور ڏکڻ ۾ سيوهڻ اولهه ۾ ڪيرٿر جبل ۽ اوپر ۾ دادو تعلقو آهي.

جوهي شهر کي "جوهي مکڻ موهي" پڻ چئبو آهي. چاکاڻ ته جوهي ۽ آسپاس وڏي مالداري هئي ۽ زرعي آبادي ۾ ڪڪڙ، جوئر، باجهري، تِر، مڱ، موٺ، سرنهن، جانيو ۽ ٻيا فصل جام ٿيندا هئا. هتي هڪ سرنهن جي جنس جنهن کي گاج سرنهن چئبو آهي، جنهن جو رنگ هلڪو ڪٿيندو هو. وڏي مقدار ۾ پوکي ويندي هئي. هن سرنهن جي تيل کي مقامي ماڻهو ڪنهن ٽڪر جي ٽانڊ ۾ بند ڪري زمين ۾ چاليهه ڏينهن پُوري چڏيندا هئا. چاليهن ڏينهن بعد زمين مان ڪڍي بسرين ۾ ڪتب آڻيندا هئا. ان تيل جو ذائقو گيهه جهڙو هوندو هو. جوهي تعلقي ۾ چوپايو مال به جهجهو پاليو ويندو هو جنهن ۾ ڳئون، مينهون، ٻڪريون، ريڍون اُٺ ۽ ٻيا گهرو جانور شامل آهن ڪاڇي واري علاقي ۾ اُڻن ۽ ڏاچين جا وڳ/ڏڻ پاليا ويندا هئا. شاهوڪاري سبب هن شهر کي جوهي مکڻ موهي سڏيو ويو آهي.

طبعي لحاظ کان جوهي کي بن حصن ۾ ورهايو ويو آهي، پکو ۽ ڪاڇو.

1931ع ۾ انگريزن طرفان نئون آبپاشي نظام آندو ويو ان کري سيتا وٽان دادو ڪئنال مان جوهي برانچ کوٽائي. جوهي تعلقي کي بن پاڳن ۾ ورهايو ويو. جوهي برانچ هن شهر جي اولهه کان وهي. قديم شهر ڇني جي پرسان ڇوڙ ڪري ٿو. جوهي برانچ جي اولهه وارو پاسو ڪير ٿر جبل تائين ڪاڇو سڏجي ٿو ۽ اوپر وارو پاسو پکو سڏجي ٿو. جوهي برانچ تي پٽوڙو شاخ، ڇنجاڻي شاخ، دڙا شاخ، لاکا شاخ، ڇني شاخ، پندرهون واٽر ۽ سورهون واٽر قائم ڪيا ويا آهن. جنهن تي لکين ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. ڪاڇي کي آباد ڪرڻ لاءِ جابلو نئيون جن ۾ گاج، ڪارو واهه، ڳڙ واهه، گل محمد واهه، طالب واهه، نئين تڪي، نئين انگئي هليلي، ڪڙاڻي ۽ ٻيون جابلو نئيون برسات پوڻ سبب وهي ڪاڇي جي زمين کي آباد ڪن ٿيون.

جوهيءَ ۾ هندو به وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. سندن مندر به موجود آهي، جتي هو پوڄا پاٺ ڪندا هئا. اهو مندر اڄ تائين قائم ۽ صحيح سلامت آهي. جوهيءَ ۾ هندن طرفان مسافرن لاءِ هڪ وڏو مسافرخانو قائم ڪيو ويو هو مسافرخاني جي ڇت لوهي چادرن سان ڍڪيل هئي. مسافرخاني جي ڏکڻ ۾ کوهه هو جنهن مان مسافر پاڻي پيرندا هئا ۽ چوپائي مال لاءِ پڻ انهيءَ کوهه مان پاڻي پري حوض ۾ پيرندا هئا ۽ ان حوض مان مال پاڻي پيئندو هو. اهو مسافرخانو ۽ کوهه 1964ع تائين صحيح سلامت هو. اڄڪلهه مسافرخاني جي جڳهه تي قبضو ڪري دڪان تيار ڪيا ويا آهن.

جوهي شهر جي فلاح و بهبود لاءِ ڪيترين ئي سماجي شخصيتن پاڻ پتوڙيو آهي. انهن سماجي شخصيتن ۾ اڳوڻو سپرنٽنڈنٽنگ انجنيئر ڊويزنل ڪائونسل حيدرآباد جي ميمبر ۽ چيئرمن يونين ڪائونسل ڪمال خان عبدالعزيز سولنگي، حاجي باجهي خان ٺهيم، ميرل خان باهوتو قربان ڪوکر، معشوق برهماڻي، فتاح ڏاهري، پاڳچند اوڏ ۽ ٻيا شامل آهن ۽ هتان جي سياسي شخصيتن ۾ رئيس محمد بخش جمالي، رئيس علڻ خان لغاري، پير صالح شاهه نئيگ وارو پيرل خان شاهاڻي، پير غلام شاهه جيلاني، سيد نجف علي لکياري، رئيس گل محمدگاڏهي، وڏيرو محمد ايوب ڏاهري، اعظم رند، جاڙو خان رند، سليمان جسڪاڻي، ابراهيم گنب، ڇتل رند، غلام قادر شينهن رند، وفا برهماڻي، غلام رسول ٺهيم، سيد توقير عالم شاهه، مٺل خان شاهاڻي، گل محمد رودناڻي، اڪبر خان لغاري، رئيس قادر بخش ڇنا، سيٺ محمد بخش ٺهيم، ڊاڪٽر منظور لغاري، سيد مير محمد شاهه، بنده علي لغاري ۽ سجيلا لغاري وغيره شامل آهن.

علمي ۽ ادبي شخصيتن ۾ احمد خان مدهوش، عزيز ڪنگراڻي، سائين بخش رند، طالب لغاري، اڪبر جسڪاڻي، انور قنبراڻي، راهي ڇنا، جاني اسحاق ملاح، خليل عارف سومرو، راز شاهاڻي، تنها جاني، باجهي خان لغاري،

لياقت علي 'لياقت' غلام حسين 'نقاد' تهيم عبدالحميد آس پير غلام حيدر گهايل لغاري اسير امتياز شمن لاشاري گل حسن ساگر ڪوري ۽ پيا شامل آهن.

ديهون:

1. جوهي	2. درّا ماچي	3. نوناري
4. ڪورجامڪ	5. جام پور پنهوارڪي	6. چنا
7. ڳاها	8. آباد	9. پير ڏتاري
10. سونجهڙي	11. وڳيجي رعيتي	12. وڳيجي جاگير
13. بهاولپور	14. ڪات	15. برگهه هيٺئين
16. موٽري	17. شاهه موريو	18. ميان جي ڪنڊي
19. پٽوڙو	20. بڪر شهيد	21. جام پور لنبڪي
22. پٽُ سليمان(1)	23. پٽُ سليمان(2)	24. پٽ سليمان(3)
25. پٽُ سليمان(4)	26. ميرڻ ماچي	27. آراڙو
28. ٽُلهه	29. چني	30. ڪورڪلان
31. ماچڪو	32. ساڪرو	33. ارواني
34. گاهي چارو	35. ڪاڙچ	36. پٽُ ڪانهري
37. ساوڙو	38. طوق قاسم	39. ڪنڊاني
40. بشام فقير	41. بهليل شاهه	42. ٽوڙي
43. انگئي	44. پير گاجي شاهه	45. ڏٽونڪ
46. قادڪ	47. گراندي	48. شاهه حسڻ
49. ڏابيري	50. پير	51. مکڙ پيلو
52. لوهري	53. ڏلجي رعيتي	54. ڏلجي جاگير
55. پهوڙ	56. نورو	57. سڪ نئين
58. دوآبو	59. جهلڪو	60. بڻي
61. پڳياري	62. حاجي خان	63. گاجي خان
64. نوشهرو	65. الهيار ديرو	66. نئين ٽڪي
67. برگهه بالا	68. پئي	69. پوٽو
70. چاڪر ڪوٽ	71. ڦيرو ديرو	72. هليلي
73. ساڪر هاليجو	74. واهي پانڌي	75. جلب ديرو
76. سول جاگير	77. شوري جاگير	78. شادمان
79. نلي	80. ڪوهمانو	81. ڪراني
82. قبو قلندر(1)	83. قبو قلندر(2)	84. قبو قلندر(3)

85. پٽوڙو(1)	86. پٽوڙو(2)	87. خان واهه
88. ڊوري ڪنيري	89. ٽوڙو	90. لالهر
91. راجو ديرو	92. لڏو ديرو	93. قصبو
94. ديڻ پناهه	95. پٽ گل محمد	96. ميرواهه
97. پير ڀگهيو	98. ملڪو جاگير	99. ترڙڻي جادو شهيد
100. ڪوٽ باجو	101. ڪُور فوجو	102. ملهار باراني
103. ڪانيا باراني	104. ٽوڙڻي(1)	105. ٽوڙڻي(2)
106. هيرو خان	107. ڪيٽي نئين	108. مسو ديرو
109. مريد ديرو	110. حسناڻي	111. پٽوڙو(1)
112. پٽوڙو(2)		

تپا:

1. جوهي	2. درّا ماڇي	3. ڪورجامڪ
4. چنا	5. اي چنا	6. سرنجهڙي
7. بهاولپور	8. اي بهالپور	9. قلجي وليج
10. بڻي	11. حاجي خان	12. برگهه بالا
13. واهي پانڊي	14. شادمان	15. قبو قلندر
16. بڪر شهيد	17. چني	18. ساڪرو
19. ڪاڇ	20. اي چني	21. ٽنبو رحيم خان
22. ٽوڙڻي	23. پير گاجي شاهه	24. شاهه حسڻ
25. ٽوڙ	26. راجو ديرو	27. پٽ گل محمد
28. ترڙڻي جادو شهيد	29. اي ترڙڻي جادو شهيد	30. هيرو خان

قديم تاريخي ماڳ مڪان:

1. هيرو خان جو ٽلهه	2. ميرن جو ٽلهه
3. شادڙ جو ٽُلهه	4. جوهي وارو ٽُلهه
5. رودناڻين وارو ٽُلهه	6. ڳنبن وارو ٽُلهه
7. پير غائب غازي چنبڙ	8. ماڙي ڪڙيند
9. ڳوٺ علي مراد شاهاڻي ماڳ	10. پير لاکيو ماڳ (قبرستان)
11. لغارين جو قبرستان	12. لوهڙي ماڳ
13. پير مشائخ جو ماڳ	14. جلب ديري جو مقام
15. جنگو جمالي جو مقبرو	16. جنگواڻي جمالين جا مقبرا
17. پياري ڪوسي جو مقبرو	18. پٽ سليمان جا مقبرا

19. حاجي ابراهيم پلاري جو مقبرو	20. جمال شاهه جو مقبرو
21. آندل شاهه بخاري جو مقبرو	22. ميرڻ سولنگي جو مقبرو
23. چتي جو ڪنب/ماڳ	24. آرائڻي جو قبرستان (قبا)
25. روهل جو ڪنب	26. چني جو قبرستان
27. ڳاهه ڏڙو	28. واهي پانڌي جو ماڳ
29. گورانديءِ ماڳ	30. ڳوٺ علي مراد شاهاڻي جو ماڳ
31. بهليل شاهه جو مقبرو	32. واصل فقير جو مقام
33. الحاج عبدالله باقي بالله درگاهه ٻڏڙا	34. ڏاڏو الهرڪيو فقير جو مقبرو لڳ ٻڏڙا

ڍنڊيون:

ڍنڊ جي مختصر وصف آهي ته چوڌاري پکي زمين ۾ وچ ۾ پاڻي هجي، ان کي ڍنڊ چئجي. جوهي تعلقي ۾ هيٺيون ڍنڊيون آهن:

1. منچر ڍنڊ (ڪجهه حصو)
2. تلو ڍنڊ
3. پچڑي ڍنڊ
4. سرجاري ڍنڊ
5. ڪڙ ڊورو
6. ڪنبياري ڍنڊ

ڳوٺ:

جوهي، بچل رند، جنگو جمالي، قصبو دوست محمد مري، جعفر لُنڊ، دودو برهماڻي، مريد ٻير، چني حاجي پريو جمالي، چارو پٽُ گل محمد، علي شير ڪوسو، شفيع محمد لُنڊ، حاجي ايوب جمالي، بکر جمالي، وچوپٽُ، سومر خان جمالي، ڪمال خان لُنڊ، واهي پانڌي، بهاولپور، برگهه بالا، موندر قنبراڻي، عبدالله رودناڻي، واحد بخش جمالي، بخش علي رند، يوسف سولنگي، ميوو قنبراڻي، فيض محمد لغاري، محمد علي مغيري، چنجاڻي عرس لغاري، گل محمد ڪنب، دلاور پنهور، حسين بخش سولنگي، مرزا گاجاڻي، ايوب ڏاهري، بازمال ڪوسو بري، شادڙ، واهي جا فقير، بلاول لغاري، يامين لغاري، واحد بخش ڪوسو، حافظ عزيزالله جمالي، ڏنو جي ٽڪري، ٽرڙي جادو شهيد، مريد ٻير، الهه بچايو پنهور، ڏلو قنبراڻي، حافظ خوش محمد پنهور، جمع لغاري، حاجي بچل جمالي، فتح محمد بروهي، الهه ڏنو فقير، حاجي خان، تاج محمد دولتاڻي، خدابخش جتوئي، غلام نبي لغاري، فقير محمد گوپانگ، درياءِ خان قنبراڻي، عبدالرحمن ميڙو لانڊي، ٽنبو رحيم خان، سجاول آلکاڻي، مانجهي لئو حسين لُنڊ، ايوب رودناڻي، جهنگل پنهور، گل ٻير، شهداد جمالي، جمع قنبراڻي، بچل شاهه، صدر ڪورائي، عيسيٰ رودناڻي، گل محمد لاشاري، نواز پرڳڙي، رسول بخش جمالي، نوشهرو، ايوب آلکاڻي، پير بخش لاشاري، شيوو جمالي، چارو خير محمد جمالي، پيارو جمالي، ميرا وال قنبراڻي، شاهه موريو، موسيٰ جمالي، شهواڻي لغاري، ڏلجي وليج، فضل جمالي، مرزا چنا، سهري خان رودناڻي، ميوو ٻير، لعل بخش ٻير، خان محمد شاهي، مراد قنبراڻي، طالب قنبراڻي، الهه رکيو قنبراڻي، ڪوٽ باجو، محمد حسين نائچ، درياءِ خان قنبراڻي، بهادر خان نائچ، بهادر خان قنبراڻي، منو خان قنبراني، اتيرا، معروز فقير، مينهون خان گاجاڻي، مريد ديرو، صابو آدماڻي، غلام محمد آدماڻي، مزو فقير، مزاري جت، نبو فقير، صاحب جت، ٻيڙي جو ڪوهه، ڪيڻي اسماعيل، ڪيڻي وسڻ، راجو ديرو، نانگ جو ڪوهه، نئون ڪوهه، لڏو ديرو، دين پناهه، سمر الهندو برهماڻي، نبو برهماڻي، لشڪر خان، الله بخش آرائين، وزير ٻير، ڳوٺ سولنگي، ولي محمد جو

ڳنڍيو صدر پنهور، باگو خان لغاري، باگو خان شاهاڻي، بهاول لغاري، ميرڻ سولنگي، پائي خان، مراد خان، بخشو کوهه رجب لغاري، اڪ سولنگي، فقير محمد جمالي، شير محمد رستماڻي، ميوو پرڳڙي، حاجي خان پهوڙ، عرس سولنگي، ٽنگو بوزدار، بالاچ فقير، لالهر، ملي مريم، ڪنڊياري، مير محمد سولنگي، لعل بخش سولنگي، حاجي حسين سولنگي، ٽمون چانڊيو، سهراباڻي، خدا بخش جمالي، احمد رند، حاجي جڙيو جمالي، جام خان ڀير، بهاول ڀير، ميان بخش چانڊيو، مولوي احمد رودناڻي، مولوي نورمحمد رودناڻي، احمد برهماڻي، وگهيا، رامڙ فقير، قاسم ٽڪري، مولوي خيرمحمد، مصري لُنڊ، حاجي ساماڻو مستوئي، پنهون جمالي، شير محمد جمالي، خميسو جمالي، محمد عمر جمالي، حاجي احمد محمد، حيدر جي مسجد، عزت جي مسجد، حاجي ڏڻي بخش لغاري، شاهه محمد پنجابي، محمد حسين پهوڙ، محمد حسين جمالي، آدم پهوڙ، حسين پنهور، الهڏنه قنبراڻي، حاجي پنهون جمالي، حاجي جمع لغاري، احمد خان ڪارواڻي، ڪرم خان جمالي، شفيع آرائين، شير خان جمالي، عبدالعزيز سولنگي، خدا بخش سولنگي، حاجي محمد علي سولنگي، پٽ ڪانهري، هليلي، وگيجي، حر ڪئمپ، شفيع ٽلهو چني، ڳاهه، ساوڙو سکيو چنو الهه رکيو چنوءِ ٻيا.

جوهي تعلقي کي پاڻي پهچائيندڙ شاخون ۽ نئيون:

جوهي تعلقي کي طبعي لحاظ کان ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي- پکوءِ ڪاڇو.

پکي کي هينيون شاخون سيراب ڪن ٿيون، جوهي برانچ جي 19 ميل کان 47 ميل تائين جيڪي شاخون وهنديون اهي هينئين ريت آهن:

(1) ترڙڻي مائنر (2) ڏلجي مائنر (3) پهوڙ مائنر (4) پٽوڙو مائنر
(5) چنجاڻي مائنر (6) خان مائنر (7) درڙا ڊسٽري (8) نوناري مائنر
(9) لاکا مائنر (10) چني مائنر

ڪاڇي کي آباد ڪندڙ نيون:

(1) نئن گاج (2) نئن ٽڪي (3) نئن سوري (4) نئن نلي
(5) نئن ڪڙاڻي (6) نئن هليلي (7) نئن ڪنڊاني (8) نئن انگئي
(9) نئن نئينگ (10) نئن سول

جوهي تعلقي جا باراني واهه:

(1) نئون واهه (2) ڪارو واهه (3) گل محمد واهه (4) سڪ نئن
(5) ڳڙو واهه (6) پنج واهي (7) حاجي خان واهه (8) ، ڇڙ جي واهي
(9) گهنور واهه طالب واهه

نئين گاج جا ڏڻل ڳنڍيا:

(1) طالب جو ڳنڍيو (2) ولي محمد جو ڳنڍيو (3) بهاول جو ڳنڍيو
(4) جنگو جو ڳنڍيو (5) ڪنڊي ڀير جو ڳنڍيو

خيرپورناٿن شاهه تعلقو

تعلقي جي ٻيهڪ ۽ جوڙجڪ:

سنڌ جو هيءُ قديم ۽ تاريخي شهر سنڌونديءَ جي اولهه ۾ 25 ڪلوميٽر ۽ دادو ضلعي هيڊڪوارٽر جي اُتر ۾ 50 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هن کان اڳ هيءُ شهر تعلقي ڪڙ ۾ هو. 1955ع ڌاري ڪڙ تعلقي کي ختم ڪري خيرپورناٿن شاهه کي تعلقي جو درجو ڏنو ويو. تعلقي خيرپورناٿن شاهه جي اُتر ۾ ميهڙ تعلقي ڏکڻ ۾ جوهي تعلقو اولهه ۾ کيرٿر جبل ۽ اوپر ۾ دادو تعلقو آتس. طبعي لحاظ کان خيرپورناٿن شاهه ڪچو ڪاڇو ۽ ميل تي مشتمل آهي. درياءَ جي پر وارو علائقو درياءَ جي اُتل سبب آباد ٿيندو آهي. ان جي زمين ڪچي ۽ وارياسي آهي. انڪري ڪچو ڇيو ويندو آهي. پڪي واري زمين سخت ٿيندي آهي. ان ڪري هن کي پڪو چئبو آهي. خيرپورناٿن شاهه جو ڪجهه حصي کي ميل ڇيو ويندو آهي. ان علائقي ۾ سارين جو فصل ٿيندو آهي ۽ ان حصي ۾ پاڻي جهجهو هوندو آهي. جبل جي پر واري حصي کي ڪاڇو چئبو آهي. خيرپورناٿن شاهه جو اولهه وارو حصو ڪاڇي تي مشتمل آهي.

خيرپورناٿن شاهه تي نالو ڪيئن پيو ان لاءِ مقامي طور تي ٻه روايتون آهن ـ پهرين اها آهي ته ڪنهن هندو سنت "ناٿ" جي نالي پويان ناٿن سڏيو ويو. هتي ويرناٿ جا مندر خيرپورناٿن شاهه کان 5 ڪلوميٽر جي فاصلي تي واقع آهن. ٻي روايت آهي هتي هڪ درويش ولي ناٿن شاهه جي رهائش کان پوءِ ان کي خيرپورناٿن شاهه جو نالو ڏنو ويو. هن شهر برٽش حڪومت ۾ ئي ترقي ڪئي. باقي هن جو پايو پنج سؤ سال اڳ پئجي چڪو هو. خيرپورناٿن شاهه شهر مان هڪ شاخ "ڪڙ" جيڪا ناري واهه/رائيس ڪئنال مان نڪري شهر جي وچان وهي اڳتي وڃي آبادي ڪرائيندي آهي. ڪڙ شاخ شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هن وقت هيءَ شاخ بند آهي ۽ ان تي رهواسين جايون اڏي واهه تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي.

ديهون:

خيرپورناٿن شاهه، بالپور، فتح پور، جاکرو، بالي ڏڙا، گهلپور رعيتي، گهلپور، جاگير، آباد جاگير، چيجاپور رعيتي، چيجاپور جاگير، بيگو ديرو گاڏهي ڪنبي چگي، شينهن ويڙهو ڪڙ ڪاٽڙي، وسائي، ٽلهو سڪپور، ٽيڪرائو ماها، قومي چارو ٻڙڙا، لڏو ديرو سير آباد، عيسو ماچي، ميرو ڪلهوڙو ماڙي، ڏگر، ڏوگر، پاڻڳنا، رپ ڪچي، راهوجا، پئي ڪڙ درمحمد، ڊرپ تولاڙ ڪاٽ لشڪر پسيا، کارڙو ڪناري خانپور، چوڪنبي، هورڙي، گبرجي، ويجي، گهاري ٻيد، ڪرڪٽ رعيتي، عيسو ناريجو جاگير، عيسو ناريجو رعيتي، آهوري جاگير، آهوري رعيتي، ڪنيڙ نانگڙ، مير محمد، ڪور ٻڊي چنبڙ ڪڙايو، مٺو زنگيجو رعيتي، ڪڙيو مٺو زنگيجو جاگير، گوزو رپ، ڪرڪٽ جاگير، بهادرپور، ڳچل، پيچاهو، هرڙا، بگ، پنگر، سالاري(1)، سالاري(2)، سالاري(3) سالاري(4)، سالاري(5)، اڪر ناري، ڏڳاڻو راڏيون(1)، راڏيون(2)، مڪي(1)، مڪي(2)، ڪرپي(1)، ڪرپي(2) معلم(1)، معلم(2)، ماڏو رعيتي، ماڏو جاگير، ڏنبر رعيتي، ڏنبر جاگير، هوري(1) هوري(2)، ڪور حسين، ڪڙيو غلام الله، ڪور مصري، پنيريون

خيرپورناٿن شاهه جا ڳوٺ ۽ شهر:

خيرپورناٿن شاهه، ڏتل ٻير، هوري، خيرمحمد بلادي، مِئل عالماڻي، مراد چانديو، عيسيٰ خان ٽيپو لونگ راهوجا، جاکرو، پريا،

سيتا روڊ، ٻورڙي، گل محمد چانڊيو گوزو سنڌي ٻڌڙا، ڪڪڙ پريل نائچ، علي اڪبر شاهه، سيد احمد خان لانگاهه، الهه بچايو نائچ، آدم سولنگي، جهان خان سوڍر، پاهي الهه بخش نائچ، مراد علي چانڊيو ڪاٺ لشڪر، محمد علي ڪوٽائي سائينداد لاکير، مير محمد چانڊيو ڪالو ساريو الهه بخش کوسو مراد کوسو محمد بخش لغاري، ڀُڻو چانڊيو عرضي نائچ، بهادر گاڏهي، قومي چارو ڪريم داد لُنڊ، شهمير ٻير، عبدالله بروهي، سهراب خان کوسو چوڙ قنبر، علي بخش کوسو جڙيو لاکير، الله بخش ڪلوئي، وليداد چانڊيو شير محمد چانڊيو جاڙيا، جان محمد لاکير، فتح پور، تاج محمد کوسو نظر محمد چانڊيو رضا محمد ڏيرو پيڃاهو يار محمد پرڳڙي ڪلرائي چانڊيو حاجي عبدالواحد ڀگهيو پنگر، حسين بخش آرائين، محمد يوسف چنا، رسول بخش ڳچل، مٺل قنبراڻي، رحيم جو ڏورو، دادن پير قريشي، غلام قادر کوسو نڙا ماڇي ستار ڏنو ڏيپر، الله بخش بروهي، عمرالدين آرائين، خاڪي کوهارا، گل محمد چانڊيو غلام رسول لغاري، ڀگيو کوسو خير محمد چانڊيو لڏو گاڏهي، هوري لعل بخش واڌو ٻيڙو خان جانوري، مير حسن گاڏهي، رامڙ کوسو لعل بخش خاصخيلي، ٻوڙا لاکير، پار پيو سولنگي، زنگي چانڊيو وسائي، کوهه وارا ڪلهوڙا، فقير محمد برهماڻي عيسيٰ ماڇي، منو ٻير، جڙيو هالو گبرجي، ابراهيم چنو فيض محمد قنبراڻي، عثمان ڀگهيو ڏٽي بخش ڀگهيو پسيا، خانپور پيلو پٽ الهڏنو کوسو شهمير ٻير، رحم علي اوٽوال لڏو ڊيرو وليداد چانڊيو علي محمد چانڊيو ظفر آباد، پريو سمون پريو جوٽيجو نٿو پنجابي، دودو لغاري، صاحب خان کوسو سيوو چانڊيو شاهه نواز کوکر، ويرناٽ وَر وارا هڪورا، چوبار سهراب زرداري، صالح واهڙ، قربان پرڳڙي، هديو کوسو پير جو ڳوٺ، لانڊر باغائي چانڊيو عبدالله کوسو گل محمد چُٽو چپر گاڏهي، حاجي جان محمد ڪوريجو شير محمد گاڏهي، جڳ شينهن لڏاڻ ميرو ڪلهوڙو ڪوڙو رامبڪو ٽلهو پوٽو گل محمد ڏوگر، ڏڳر، بهادرپور، درمحمد ابڙو ننڍي چوبار، علي محمد لاشاري، حاصل چانڊيو لعل بخش راهوجا، راوت خان لغاري، ميان نصير محمد ڪلهوڙو ڦيڪرائو هرڙا، سهراب ڀگهيو ماڏو جهان خان سوڍر، اندريان ٽڪا.

خيرپورناٿن شاهه ۾ رهندڙ قبيلا:

آگاڻي، ٻير، آگرا، انڙ، ابڙا، ايري، اتيرا، اوياڻا، اعوان، آرائين، اهيري، لانگاهه، لاکير، لورا، لغاري، لاشاري، لاکا، لوهر، سيد، سوڍر، سهول، سما، سومرا، سرهيا، سهارڙ، سهاڳ، سولنگي، سيال، سهتا، سميجا، ساهڙ، گوپانگ، گاڏهي، گرماڻي، مشوري، منگواڻي، مگسي، مڱڻيجا، مستوئي، ماڇي، ميمڻ، ماڙيچا، مڱڻهار، مغل، مغيري، چنا، چانڊيا، پرڳڙي، پان، پرٽ، پنهل، پٽي، ڪلهوڙا، ڪولاچي، کهيري، کانڊڙا، ڪچي، ٽيپا، کوهارا، کچي، کوسا، کوکر، کهڙا، ڏيرا، ڏهر، ڏهوٽ، ڏوگر، ڏڳر، جمالي، جانوري، جتوئي، جلباڻي، جوٽيجا، جوڳي، جڪرا، جوڳرا، جوڪيا، گنجا نوڙها، جهتيال، ڳورڙ، ڳن، تنيا، ترڪ، ڳاها، رند، راڄڙ، زرداري، وگهيا، لغاري، بروهي، ڪيرا، پنهور، پلهه پاهي، پيچوها، قنبراڻي، ٻلهڙا، نوناري، پسيا، هرڙا، ٻٽ، ٻپيرا، شيخ، شاهاڻي، چڇڙا، گوپانگ، شر، هيسباڻي، راشدي، پير، پٺاڻ، عباسي، شيخ، چڇڙا، شر، عاليوال، ڏيپر، گانڍچا، ڳچل، راهوجا، تيوٽا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ذاتيون رهندڙ آهن.

خيرپورناٿن شاهه تعلقي جون شاخون:

جوهي برانچ ميل زيرو کان 19 ميل تائين ڪرندر شاخون:

(1) سڪ پورمائينر

(2) ڪڪڙ(1) مائينر

(3) ڪڙ(2) مائينر
(4) قومي چارو
(5) ويجي مائينر
(6) وسائي مائينر
(7) ڪنيڙ مائينر
(8) ميرمحمد ڏستري
(9) بيگو ديرو مائينر
(10) پُسيا مائينر

خيرپور ناٽن شاهه تعلقي جون ڏنڊون:

(1) انيتي ڏنڊ (2) هورڙي ڏنڊ (3) هوڙي ڏنڊ
(4) سنهاري ڏنڊ (5) ڏڻ ڏنڊ (6) رحماني ڏنڊ
(7) راوت لغاري ڏنڊ (8) ڪنبي چڪي ڏنڊ (9) ڪڙ ڏنڊ
(10) ويجي ڏنڊ

ميهڙ تعلقو

تعلقي جي ٻيهڪ ۽ جوڙجڪ:

جي ڊبليو سمٿ جي لکت مطابق هيءُ شهر 27°.11 اُتر ويڪرائي ڦاڪ ۽ 67°.52 اوپر ڏگهائي ڦاڪ تي واقع آهي. ميهڙ شهر سنڌ جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي. هيءُ شهر سنڌونديءَ جي اولهه طرف 15 ڪلوميٽر پنڌ تي ۽ دادو شهر جي اُتر ۾ 50 ڪلوميٽر پنڌ تي موجود آهي. هيءُ شهر واپاري مرڪز آهي. ٻيٽ لونگ مهيس، ٻٽ سرائي، راتڙ ترڙڻ محبت، فريدآباد، قاضي عارف، پيروز شاهه، سوداري، رهڙو شريف ۽ ڪولاچي هن تعلقي جا تاريخي ڳوٺ آهن.

هن جي آدمشماري سال 1911ع ۾ 2045 ڄاڻائي وئي آهي جيڪا موجوده وقت ۾ لک چاليهه هزار آهي سڃي تعلقي جي آدمشماري جنهن ۾ ڪيئي ننڍا وڏا ڳوٺ ۽ شهر شامل آهن. قريباً پنج لک ڪن ٿيندي.

عام روايت مطابق ميهڙ تي اهو نالو مينهن واڙيا يا مينهن واڙو تان پيل آهي. نامور شاعر ۽ اديب جوهر بروهي جي چوڻ مطابق ميهر نالي هڪ عورت تان پيل آهي. سندس چوڻ مطابق- هتي قديم چراگاهه هو ميهر هڪ نيڪ سخي ۽ مالدار عورت هئي ۽ ايندڙ ويندڙ قافلن جي خدمت چاڪري ڪندي هئي. ان جي ديا ۽ سخا کي ڏسي ڪيترائي آسپاس جي وسندين جا قبيلا ۽ پڻ بلوچستان کان ڪهي آيل بلوچ ۽ بروهي هن شهر ۾ آباد ٿيا ۽ سنڌ جي هندو قبيلا هن شهر کي وڏو واپاري مرڪز بڻائي ڇڏيو.

ميهڙ کي تعلقي جي حيثيت 1872ع ۾ ملي. تنهن وقت هن تعلقي کي ضلعي شڪارپور ۾ شامل ڪيو ويو. 1901ع ۾ اُن ضلعي مان ختم ڪري هن کي نئين جوڙيل ضلعي لاڙڪاڻي ۾ شامل ڪيو ويو. وري جڏهن 1931ع ۾ دادو ضلعي جو قيام عمل ۾ آيو تہ هن تعلقي کي لاڙڪاڻي ضلعي مان خارج ڪري، دادو ضلعي ۾ داخل ڪيو ويو. ج

مٽين پنهي ضلعن کان هيءُ سنڌس قريب واقع هو. 1965ع ۾ ميهڙ کي تائون ڪميٽيءَ جو درجو مليو. 1970ع ۾ سب ڊويزن ڪيو ويو 1991ع ۾ ميونسپل ڪميٽيءَ جو درجو ڏنو ويو. 2004ع ۾ ڪيس تعلقي ميونسپل جو درجو مليو.

هيءُ تعلقو تن طبعي ياڳن: (1) ڪاڇو (2) پڪوءِ (3) ڪچو ميل تي مشتمل آهي.

جاگرافيءَ جي لحاظ کان ميهڙ تعلقي جي اُتر ۾ وارهءِ ڏوڪري تعلقا، ڏکڻ ۾ خيرپور ناٿن شاهءِ دادو تعلقا، اولهه ۾ ڪير ٿر جبلءِ اوپر ۾ سنڌو درياءَ آهن.

سون ءِ سونارن جي حوالي سان هن شهر وڏو نالو ڪمايو آهي. ميهڙ جو سون سڄيءَ سنڌ ۾ نجو خالص سون سمجهيو ويندو آهي. ڇو ته هتي جا هندو سونارا پيڙهين کان نج سون جا زيورات ناهي پنهنجي ساک صدين کان برقرار رکندا آيا آهن. ميهڙ شهر هند ـ سنڌ جي ورهاڱي کان اڳ به ڪيئي سال نج ءِ خالص شين کان مشهور رهيو آهي. جنهن ۾ هندو واپارين جو خالص گيهه ۾ نهيل مائو سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهي. ميندي پٽ هن تعلقي جي وڏي زرعي پيداوار آهي. جو اُها (Cash Crop) آهي ءِ اها ميندي سنڌ ءِ هند، سينگاپور، عرب ملڪن تائين مشهور آهي. ان ميندیءَ کي اسان جي لوڪ ادب ۾ پڻ وڏو مقام حاصل آهي. اسان جي گيتن، لاڏن ءِ سهرن ۾ پڻ ميهڙ جي ميندیءَ جو ذڪر بار بار ڪيو ويندو آهي. جنهن سان اسان جي سنڌي قوم جي خوشي ءِ خوشحاليءَ جا جذبا واڳيل آهن. ميهڙ سارين جي فصل يعني چانورن جي اُپت سان مالامال آهي. هتان جا ڀهه به سڄيءَ سنڌ ۾ شوق سان کاڌا وڃن ٿا.

ميهڙ تعلقو زرعي لحاظ کان تمام گهڻو شاهوڪار آهي. هن شهر مان ڪکول واهه وهندو آهي. جيڪو رائيس ڪئنال مان نڪري ميهڙ جي اوپر کان اولهه طرف وڃي چوڙ ڪري ٿو. ڪکول واهه ميهڙ شهر کي ٻن حصن ۾ ورهائي ٿو. هيءُ واهه اونهاري ۾ وهندو آهي ءِ هن تي سارين جي پوک جام ٿيندي آهي.

ميهڙ تعلقي ۾ شاهه پنجو سلطان، شاهه گودڙيو ءِ سعدي موساڻي جون درگاهون آهن جي عام زيارتگاهون آهن.

تعلقي ميهڙ جون ديهون:

گاهي مهيسر، پوراچو ڪنار، قيسرو ڪولاچي، امبار، پٽو لالو ڀاڙهي، اميد ديرو، راڌڻ ڪاڪونجهرو واهه، گاهي ڪونڊي، رونڊي، ڏاڌر، ڏڪاڻي، ٽرڙي محبت، ٻٽ سرائي ڪيرڙو نصاف، بوٽرو ڪانڊڙا، پٽ ڪنڊي، ڪمال پور سيري، پٽيجي، ڪڙيو قاسم شاهه، رپ ناڙي ڪوٽي ڪوکر، نئون ڳوٺ، شاهه پنجو سلطان، نيرهه ناري، مگسي، پيروز شاهه، مريد لاکير، منگواڻي لاکير، بچي جاگير، بچي رعيتي، چالو ٻالڪو ناٿ، ڪوٽي سوداري، لتڙ، ڪمانگر، لنگهاٽو منجڙ، گونگو بندگاهي، ٻليڏائي ڊپ، گرڪڙ، گنيرو ڀاڙهي جاگير، ڀاڙهي رعيتي، گل محمد واهه، هنبار، سعيدپور، استالو فريدآباد، بشارت ڪچيري، فريد آباد، باراني، چارو موجهر باراني، ڊڊ باراني آباد(1)، آباد(2)، بيلو سوناٻندي(1)، بيلو سوناٻندي، پورتي(1)، پورتي(2)، پنڊ ماڙي ءِ بيلو پورتي شامل آهن.

ميهڙ تعلقي جا ڳوٺ ءِ شهر:

ميهڙ، سوجهرو پنڊ، شولا ڪوسا، عاليوال، پٽيجي، عبدالحميد تنيو ڀاڙهي، پيري، ٻٽ سرائي، ٽرڙي محبت، راڌڻ اسٽيشن، راڌڻ وليج، ڪوٽي ڪوکر، نئون ڳوٺ، گرماڻي، سيد واهڻ، بهاول شاهه، وسايو جانوري، سعيدپور، علي مردان جتوئي، ٽڪڻ پير بخش سومرو، ولي محمد ڳورڙ، دائود ديرو، قائم خروس، وسايو جانوري، گنجا، پيروز شاهه، ٽوڙها، فيض محمد چانڊيو، سوجهرو ڳورڙ در محمد سهول، فريدآباد، ٻاڙيا پنهور، محراب لاکير، شريف جوٽيجو ڪولاچي، محبت لاکير، چاکر خان چانڊيو آندل تنيو، شادي خان چانڊيو، قادربخش رند، جاني چانڊيو، شفيع محمد جتوئي، مگيلڏو آگرو، ميهر چنا، ملو آدم، جام جوگرو، بخشل سولنگي، نبن سولنگي، جمع لاکير، سويو خان مگسي،

سعدي موساڻي شاهه پنجو سوجهر ميرواڻي خداداد کوسو سلطان پٽي جمع کانڊڙو ڊرب کوڙو رسول بخش چانديو دودا پور عبدالحڪيم ڊلو جسکاڻي سوڍاري مسجد، رهڙو شريف، گاهي لانگاهه، لونگ مهيسر، مريد تنيو محمد عل کوسو وَريو ماچي، جاڙاهه، واهه، وريام جتوئي، حاصل کوسو لالو ماچي جو ڳوٺ، علي شير شر، فريد هاتار، سجڙ ميرواڻ ڏڙي غلام علي فقير، ناري، تاج محمد زرداري، مير خان کوسو مصري خان کوسو شاهه نواز عباسي، عبدالڪريم پر پوراچو، بابل ڪلهوڙو، مٺياڻي جهتيال، کهڙا وليج، قاضي عارف، غلام حيدر بگٽي، غلام قادر درياڻي، شريف جوٽيج دائود کانڊڙو گاهي مهيسر، پير بخش سوڍر، مگيجا پاڻ آندل تنيو ڪشو چانديو گنهور آباد، باليشاهه، ڊاڪٽر خدا چانديو شاهه پنجو، دودو اوٺوال، خير محمد جانوري، بهاول ڳورڙ لونگ تنيو غلام جانوري، سومر جمالي، عالم الد چانديو ماٽڪاڻي، لعل خان کوسو منور علي پُٽ، مسو جلباڻي، بخش لاکير، پکيئڙا جمالي، گونگو پير، انبر، رحم عل کوسو ٽارو ڏيپر، صديق ڳن، ماهي سهول، غلام حسين خاصخيلي، ڏوتو ماچي، ملوڪ ڪلهوڙو، مياندار چاند روشن ٽيبو گهاڙي، بچو واهڻ، دائود مهيسر، پيٽو چٽو چڃڙو، محمد خان وگهيو، مٺو ماچي، فضل محمد آگرو، مهراب ڳو سعيد خان چانديو، ڏوتو ماچي، ڪڏ جو ڳوٺ، دڙي سومر، قنبراڻي، سهراب پٽي، دڙو شينهڙ، قائم جتوئي، پاهي، بندو/بندڙ محمد عمر سانگي، ڪنب چانديو، غلام پنهور، ٻيرا، حاصل کوسو، وارياسو، نثار کوسو، منجڙ، نبي بخش سهاڳ محمد دين اعوان، نئين شاهه آباد، ورند جا پاڻ پوري جا پاڻ، خان محمد گوپانگ، مزن آگرو، اسحاق سولنگ ڪمون ماچي، مگيلڏو آگرو، گهڙو لکو لاکير، مريد لاکير، خيرو پٽي

تعلقي ميهڙ ۾ رهندڙ قبيلا:

انڙ، ابڙا، اتيرا، ايري، اوداڻا، آرائين، آگرا، آگاڻي، اعوان، پٺ، ٻير، ٻڙا، ٻرڙا، ٻڙڙا، ٻگهيا، ڪلهوڙا، برهماڻ بنگلاڻي، بليڏائي، ٻيبرا، پلها، پان، پٺا، پٽي، پاهي، پليپوٽا، جانوري، جوڪيا، جوگڑا، جوٽيجا، جمالي، جسکاڻي، جتوئ جهتيال، چارڻ، چاوڙا، چوڙيگر، چنا، چنڊ، چهوان، خاڪي، دايا، ڏڳر، ڏوگر، ڏيرا، راهوجا، راوڙا، راجپوت، رانوڙ، راجپر، راڻ رستماڻي، زرداري، زنگيجا، ساريا، ناريجا، سيد، سانگي، ساهڙ، سميجا، سرهيا، سهتا، سها، سومرا، سولنگي، سومرا، سهاڳ سهاڙ، سميجا، سيهڙ، سيلرا، شاهاڻي، پٺا، پرٽ، عيساڻي، عباسي، لاکا، لاشاري، کانڊڙا، کمانگر، کلوئي، کوريج ڪولاچي، کوري، کيهر، کرٽيا، گائنچا، گنجا نوڙها، گوپانگ، گوگاڻي، گلال، کوسا، کوکر، کهاوڙ، ڳورڙ، گا گهانگهرا، ٽيبا، لاکير، لوهاڻا، لانبر، لانگاهه، لنگها، لورا، لڏاڻ، معارڻي، مشوري، ميڙا، ميتلا، مري، مگسي، مهيسر، منگ ميمڻ، ماچي، مسڻ، مينگهواڙ، مگريا، مگٽهار، مگٽيجا، منگواڻا، ماٽڪاڻي، پير، پيرزادا، پيچوها، وگڙ، ڳن، چانديا، پيچو پنهور، پنڙ، پنهيار، پرهياڙ، خشڪ، نائچ، درياڻي، تيوڙا، تنيا، قنبراڻي، خاصخيلي، ڏهوٽ، هيسباڻي، ڇڃڙا، ڇڃر، بروه گهلوءِ، ٻيا قبيلا رهائش پذير آهن.

ميهڙ تعلقي کي پاڻي ڏيندڙ شاخون:

ميهڙ تعلقي کي رائيس ڪئنال ۽ دادو ڪئنال مان نڪرندڙ شاخون آباد ڪن ٽيون دادو ڪئنال مان هيٺيا شاخون نڪري، ميهڙ تعلقي جو وسيع علاقو سيراب ڪن ٽيون:

دادو ڪئنال ميل 85 کان 109 ميل تائين نڪرندڙ شاخون:

1۔ سيري مائنر
2۔ وادا ربيع ڊسٽري
3۔ نئون ڳوٺ ڊسٽري

4_ نانگيہ مائينر

5_ ناري مائينر

رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ شاخون:

نارو ڪڪول واهہ گل محمد واهہ راج واهہ گجڙوٽ مائينر ۽ ٻيون شاخون آهن.

ان کان علاوہ ڪاچي جي ڪجهہ حصي کي برساتي نيون پڻ سيراب ڪن ٿيون.

ميهڙ تعلقي جون ونڊيون:

(1) آڊواٽي ونڊ	(2) آرڙ ونڊ	(3) ٻيرا ونڊ	(4) سوني ونڊ
(5) جهتيال ونڊ	(6) گنجا ٽوڙها ونڊ	(7) گهڙو ونڊ	(8) گنهره ونڊ
(9) ناٽ ونڊ			



دادو ضلعو

ضلعو دادو:

(1) دادو تعلقو (2) ميهڙ تعلقو (3) خيرپور ناٿن شاهه تعلقو (4) جوهي تعلقو.

ضلعو ڄام شورو:

(1) سيوهڻ تعلقو (2) مانجهند تعلقو (3) ٽاڻو بولاخان تعلقو (4) ڪوٽڙي تعلقو

دادو ضلعي جي جاڊرائيائي بيهڪ ڪجهه هن طرح آهي:

اُتر ۾ ڪنبر ـ شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻو اوپر ۾ نوشهروفيروز ۽ نوابشاهه ڏکڻ ۾ ڄام شورو ۽ ٺٽو ـ ضلعا ۽ اولهه ۾ کيرٿر جبلن جون قطارون آهن.

دادو ضلعي جا ڪليڪٽر ڊي سي ڊي سي اوز:

دادو ضلعي 1931ع تي وجود ۾ آيو. هن ضلعي جو پهريون ڪليڪٽر آر. بي جگت سنگهه هو. اڄ تائين جيڪي ڪليڪٽر، ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر آيا آهن. انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

1. آر بي جگت سنگهه	01,10,1931 (ڪليڪٽر)
2. سردار محمد خان	02,08,1933 (ڪليڪٽر)
3. ڪي بي نور نبي	23,04,1934 (ڪليڪٽر)
4. ڪي بي پٽيل	27,08,1935 (ڪليڪٽر)
5. چين راءِ پامناٽي	04,10,1936 (ڪليڪٽر)
6. ڪي بي نور نبي	30,10,1936 (ڪليڪٽر)
7. ڪي بي محمد بخش	01,10,1938 (ڪليڪٽر)
8. ڪي بي عبدالقادر	30,05,1939 (ڪليڪٽر)
9. اي ايڇ هولٽ	1939,31,10 (ڪليڪٽر)
10. ڪي بي محمد بخش	10,04,1941 (ڪليڪٽر)
11. سي بارٽي	13,07,1941 (ڪليڪٽر)
12. اي ايڇ هولٽ	17,09,1941 (ڪليڪٽر)
13. بي آر پٽيل	10,03,1942 (ڪليڪٽر)
14. ڊبليو اين گٽلانگهر	22,07,1942 (ڪليڪٽر)
15. جي ايڇ ڪي آغا	27,09,1942 (ڪليڪٽر)
16. ايم آر ياردي	11,04,1945 (ڪليڪٽر)
17. وي آر پاربيا	09,06,1945 (ڪليڪٽر)
18. اي اي انصاري	20,02,1946 (ڪليڪٽر)

19. اي اي انصاري	14,08,1947 (ڊپٽي ڪمشنر)
20. ڪي. ايس. اي جي آغا	17,10,1947 (ڊپٽي ڪمشنر)
21. نور محمد شيخ	08,01,1948 (ڊپٽي ڪمشنر)
22. آغا محمد يعقوب	29,01,1948 (ڊپٽي ڪمشنر)
23. محمد هاشم عباسي	08,02,1949 (ڊپٽي ڪمشنر)
24. سيد مدد علي شاهه	06,05,1950 (ڊپٽي ڪمشنر)
25. ايم. اي يوسفاڻي	25,05,1951 (ڊپٽي ڪمشنر)
26. محمد هاشم عباسي	03,08,1951 (ڊپٽي ڪمشنر)
27. سيد مدد علي شاهه	09,02,1953 (ڊپٽي ڪمشنر)
28. ايس. اعظم علي	17,03,1953 (ڊپٽي ڪمشنر)
29. محمد هاشم عباسي	01,10,1953 (ڊپٽي ڪمشنر)
30. اي ڪي. ايم موسيٰ	20,04,1954 (ڊپٽي ڪمشنر)
31. عبدالمجيد خان	07,06,1954 (ڊپٽي ڪمشنر)
32. مسيح الزمان	23,11,1954 (ڊپٽي ڪمشنر)
33. عبدالمجيد خان	24,03,1955 (ڊپٽي ڪمشنر)
34. نور محمد پٽي	08,08,1955 (ڊپٽي ڪمشنر)
35. مسيح الزمان	25,09,1956 (ڊپٽي ڪمشنر)
36. محمد الياس يوسفاڻي	11,12,1956 (ڊپٽي ڪمشنر)
37. عبدالمجيد (اي) خان	14,02,1957 (ڊپٽي ڪمشنر)
38. محمد سومار ميمڻ	15,04,1959 (ڊپٽي ڪمشنر)
39. مظهر علي شيخ	04,1960,29 (ڊپٽي ڪمشنر)
40. محمد اسماعيل ميمڻ	15,06,1961 (ڊپٽي ڪمشنر)
41. ايس. اي ڊبليو معيني	11,03,1963 (ڊپٽي ڪمشنر)
42. احمد صادق	16,01,1964 (ڊپٽي ڪمشنر)
43. آغا رفيق احمد	29,09,1965 (ڊپٽي ڪمشنر)
44. آصف فصيح الدين وردگ	21,12,1965 (ڊپٽي ڪمشنر)
45. مظهر رفيع	18,06,1966 (ڊپٽي ڪمشنر)
46. سيد سردار احمد	17,10,1967 (ڊپٽي ڪمشنر)
47. فضل الاهي احمد	21,03,1969 (ڊپٽي ڪمشنر)
48. الهه بخش سومرو	23,10,1969 (ڊپٽي ڪمشنر)
49. طارق محمد امين	18,01,1971 (ڊپٽي ڪمشنر)

50. علي ڏنو پنهور	19,02,1972 (ڊپٽي ڪمشنر)
51. محمد هاشم ميمڻ	26,03,1974 (ڊپٽي ڪمشنر)
52. تاج محمد قريشي	10,06,1976 (ڊپٽي ڪمشنر)
53. الطاف حسين قادري	01,09,1977 (ڊپٽي ڪمشنر)
54. فقير محمد ڏهر	15,05,1980 (ڊپٽي ڪمشنر)
55. محمد شريف	10,05,1983 (ڊپٽي ڪمشنر)
56. حاجي محمد هارون ميمڻ	18,07,1984 (ڊپٽي ڪمشنر)
57. نظر حسين مهر	07,11,1985 (ڊپٽي ڪمشنر)
58. عاشق حسين ميمڻ	26,05,1986 (ڊپٽي ڪمشنر)
59. آفتاب احمد قريشي	29,01,1987 (ڊپٽي ڪمشنر)
60. اشفاق احمد ميمڻ	12,09,1987 (ڊپٽي ڪمشنر)
61. مير محمد پرهيار	28,05,1988 (ڊپٽي ڪمشنر)
62. سبحان ميمڻ	02,06,1989 (ڊپٽي ڪمشنر)
63. خورشيد نعيم ملڪ	24,02,1990 (ڊپٽي ڪمشنر)
64. نظر محمد پٺاڻ	06,08,1990 (ڊپٽي ڪمشنر)
65. آفتاب احمد سومرو	08,01,1991 (ڊپٽي ڪمشنر)
66. گل محمد عمراڻي	19,04,1992 (ڊپٽي ڪمشنر)
67. مير محمد پرهيار	04,08,1993 (ڊپٽي ڪمشنر)
68. محمد يونس ڏاگا	11,07,1996 (ڊپٽي ڪمشنر)
69. آغا جان اختر	09,09,1996 (ڊپٽي ڪمشنر)
70. محمد صديق ميمڻ	16,11,1996 (ڊپٽي ڪمشنر)
71. عبدالرزاق عباسي	05,03,1997 (ڊپٽي ڪمشنر)
72. علم الدين بلو	29,11,1997 (ڊپٽي ڪمشنر)
73. ڊاڪٽر لائق احمد ميمڻ	02,01,2000 (ڊپٽي ڪمشنر)
74. ڊاڪٽر رياض احمد ميمڻ	22,08,2000 (ڊپٽي ڪمشنر)

ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر دادو:

1. محمد قاسم لاشاري	14,08,2001
2. عبدالرزاق عباسي	13,07,2002
3. الهڏتو شر	10,12,2002
4. اعجاز احمد منگي	31,01,2003
5. علم الدين بلو	08,04,2004

6. اعجاز احمد منگي	08,06,2005
7. مختيار احمد سومرو	11,04,2008
8. محمد سليم رضا	22,09,2008
9. محمد اقبال ميمڻ	25,02,2010
10. ڊاڪٽر نياز علي عباسي	27,02,2011 (پي سي)

دادو جا ايس. ايس. پي ۽ ڊي. پي اوز:

قيام پاڪستان بعد جيڪي پوليس جا ضلعي سربراهه مقرر ٿيا آهن. انهن جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي.

1. سردار عبدالرحمان	06,01,1950	15,05,1947
2. ايف. جي ليوس	14,05,1951	07,01,1950
3. الله بخش شيخ	25,10,1951	15,05,1951
4. ايس. اين غني	21,04,1952	26,10,1951
5. محمد رحيم قريشي	28,08,1952	22,04,1952
6. محمود علي خان	17,04,1952	29,08,1952
7. چوڌري نظير احمد	20,08,1954	18,04,1954
8. عبدالروف ايم. اي	17,04,1954	21,07,1954
9. محمود خان	10,03,1955	15,11,1954
10. بهادر علي خان	10,05,1955	11,03,1955
11. ظفر الحق	10,06,1955	11,05,1955
12. مسيح الله خان	20,07,1955	11,06,1955
13. عبدالڪريم ايف	08,03,1956	21,07,1955
14. حسن مصطفيٰ	11,12,1956	09,03,1956
15. خان غلام مصطفيٰ	18,09,1957	12,12,1956
16. شيخ صغير حسين	27,11,1958	19,09,1957
17. محمد رحيم قريشي	25,06,1959	28,11,1958
18. صديق احمد ناگرا	24,01,1960	26,06,1959
19. راجا محمود يار	25,02,1960	25,01,1960
20. ملڪ غلام فريد	13,08,1960	26,02,1960
21. مير بهادر علي خان	01,11,1961	14,08,1960
22. آغا مظهر علي خان	25,08,1963	02,11,1961
23. فضل ڪريم ميان	24,12,1964	26,08,1963
24. عبدالرب ايم. اي	05,07,1965	25,12,1964

25. عمر خان يوسف زئي	07,08,1965	06,07,1965
26. نواب زاده ايچ اي خان	20,06,1966	08,08,1965
27. اي ايم. باجوا	31,10,1966	21,06,1966
28. قاضي محمد شريف	08,06,1969	01,11,1966
29. سردار غلام قادر ڏهر	06,12,1969	09,06,1969
30. اي ايم بروهي	28,02,1970	20,12,1969
31. سردار اي آر. رئيسائي	23,11,1971	09,03,1970
32. واحد امتياز	24,04,1972	10,11,1971
33. سردار اي آر. رئيسائي	04,10,1972	25,04,1972
34. پير بخش بلوچ	1973,28,04	05,10,1972
35. عطا محمد خان	11,11,1973	04,06,1973
36. سروش رؤف علوي	06,03,1974	12,11,1973
37. محمد ادريس خان	03,08,1974	07,03,1974
38. پير بخش پنائ	25,03,1974	09,08,1975
39. عبدالله خان چاچڙ	01,09,1977	09,05,1976
40. غوث بخش ميمڻ	11,02,1978	01,09,1977
41. آفتاب نبي	1979,19,05	15,02,1978
42. حبيب الله خان نيازي	07,09,1980	19,05,1979
43. راجا احمد علي	08,10,1981	16,09,1980
44. محمد يوسف بلوچ	30,04,1982	09,10,1981
45. خادم حسين	06,07,1983	01,05,1982
46. نظر الدين	17,08,1983	07,07,1983
47. خادم حسين	15,09,1983	18,08,1983
48. غلام قادر ميهر	10,03,1984	16,09,1983
49. ميان باز خان آفريدي	05,09,1984	10,03,1984
50. واجد علي خان	13,05,1986	06,09,1984
51. بابر خٽڪ	02,06,1986	18,05,1986
52. دين محمد بلوچ	26,11,1986	02,06,1986
53. سرمد سعيد خان	11,09,1987	27,11,1986
54. دائود احمد	11,09,1987	29,01,1987
55. سرمد سعيد خان	05,06,1988	11,09,1987

56. علي اڪبر پنگوار	03,01,1988	05,06,1988
57. نادر حسين ڪوسو	02,02,1989	04,01,1989
58. محمد اڪبر خان	15,09,1989	14,02,1989
59. سليم اختر صديقي	15,09,1989	02,10,1989
60. دين محمد بلوچ	20,06,1990	22,02,1990
61. سيد ذوالفقار علي شاهه	02,07,1990	21,06,1990
62. سي ڪي چاچڙ	28,08,1990	02,07,1990
63. نادر حسين ڪوسو	19,02,1991	28,08,1990
64. اختر علي جانوري	18,10,1991	19,02,1991
65. غلام حيدر جمالي	13,04,1992	18,10,1991
66. علي اڪبر پنگوار	03,08,1993	22,04,1992
67. مشتاق شاهه	16,12,1993	03,08,1993
68. محمد اڪبر	15,01,1994	18,12,1993
69. عبدالعزيز بلو	17,11,1994	22,01,1994
70. غلام شبير شيخ	11,07,1996	17,11,1994
71. اي پي خواجا	29,09,1996	11,07,1996
72. غلام قادر ٽيپو	06,03,1997	26,11,1996
73. ڪيپٽن ظفر اقبال اعوان	18,06,1998	09,03,1997
74. غلام حيدر جمالي	25,03,1999	18,06,1998
75. سردار عبدالمجيد	1999,31,12	26,03,1999
76. مشتاق احمد مهر	11,04,2002	01,01,2000
77. طاهر نويد	24,07,2002	11,04,2002
78. علي اڪبر پنگوار	10,04,2004	24,07,2002
79. جاويد عالم اوڊيو	10,02,2005	10,04,2004
80. رخسار احمد کهاوڙ	29,01,2006	10,02,2005
81. نادر حسين ڪوسو	13,11,2007	31,01,2006
82. ٽيپو سلطان S.S.P	14,11,2007	13,01,2008
83. محمد ايازخان S.S.P	14,01,2008	06,03,2008
84. منظور علي ڪٽيار S.S.P	11,03,2008	07,08,2008
85. ڪيپٽن پرويز احمد چانديو S.S.P	08,08,2008	10,02,2010
86. غازي صلاح الدين S.S.P	11,02,2010	04,11,2010

87. جاويد سونهارو جسڪاڻي S.S.P	05,11,2010	15,08,2011
88. محمد فاروق اُجڻ S.S.P	16,08,2011	10,11,2012
89. عثمان غني صديقي S.S.P	12,11,2012	اڄ تائين

ڊسٽرڪٽ سيشن جج:

قيام پاڪستان بعد جيڪي ڊسٽرڪٽ سيشن جج صاحبان مقرر ٿيا. انهن جي نالن جي فهرست هن ريت آهي:

1. رحيم بخش منشي	04,01,1949	18,10,1948
2. غلام رسول سومرو	15,06,1949	05,01,1949
3. غلام حيدر مغل	30,04,1950	05,01,1949
4. غلام رسول شيخ	24,04,1953	01,01,1950
5. سيد احمد محمود غزنوي	02,09,1953	25,04,1953
6. قمبر علي بيگ مرزا	09,01,1954	03,09,1953
7. غلام حيدر مغل	22,03,1954	10,01,1954
8. مولا بخش لغاري	13,06,1954	23,03,1954
9. ماما عزيزالله ميمڻ	15,10,1954	14,06,1954
10. غلام حسين شيخ	03,10,1956	16,10,1954
11. قمبر علي بيگ مرزا	07,03,1957	04,10,1956
12. حامد علي ميمڻ	08,04,1957	08,03,1957
13. قمبر علي مرزا	28,02,1958	09,04,1957
14. عزيزالله ميمڻ	06,10,1960	01,03,1958
15. اي ڊي علي حيدر	1963,12,01	07,10,1960
16. اي جي محمد علي	23,02,1964	13,01,1963
17. مولا بخش لغاري	31,07,1965	24,02,1964
18. سيد ضيا حسين	03,10,1965	01,08,1965
19. غلام حسين شيخ	03,11,1965	04,10,1965
20. حامد علي ميمڻ	29,12,1966	21,11,1965
21. جي. اين قادري	31,11,1969	10,03,1967
22. سيد ضيا حسين	22,04,1969	01,12,1969
23. محمد اشتياق حسين	23,04,1971	23,04,1969
24. احمد خان بارڪزئي	13,04,1974	26,04,1971
25. مولا بخش سانگي	15,04,1974	04,04,1974

26. ڏڻي بخش	09,05,1976	16,12,1974
27. علي نواز پيراڻي	06,11,1976	10,05,1976
28. محمد اويس	07,12,1977	17,11,1976
29. خدا بخش قاضي	01,09,1979	08,12,1977
30. سيد اقبال حسين	21,09,1980	19,10,1979
31. ناصر حسين جعفري	30,01,1981	22,09,1980
32. عبدالعزيز ميمڻ	15,08,1981	05,03,1981
33. الله بخش ميمڻ	10,08,1982	16,08,1981
34. امان الله عباسي	03,06,1982	27,02,1982
35. ناظم حسين صديقي	05,09,1984	23,06,1982
36. غلام محمد راجپوت	03,07,1985	13,09,1984
37. شبير احمد	26,02,1986	07,07,1985
38. سليم الدين ميمڻ	02,06,1986	12,03,1986
39. قيصر احمد حامدي	31,10,1986	07,06,1986
40. سليم الدين ميمڻ	01,12,1986	01,11,1986
41. قادر بخش عمراڻي	09,04,1987	01,12,1986
42. قاضي محمد حسين	26,06,1988	04,1987,14
43. عبدالغني گذدر	12,04,1989	04,12,1988
44. اي جي بچاڻي	01,06,1989	12,04,1989
45. لعل چند پيسواڻي	21,08,1990	22,06,1989
46. عبدالحميد ابڙو	29,09,1992	01,09,1990
47. خادم حسين جوڻيجو	13,01,1995	06,10,1992
48. غلام نعمان شيخ	18,08,1996	17,01,1995
49. سيد ارشاد علي شاهه	23,11,1996	21,08,1996
50. محمد شفيق آرائين	22,10,1997	23,11,1996
51. اڪبر ايم. ميمڻ	22,12,1998	22,10,1997
52. رحمت حسين جعفري	06,05,1999	07,01,1999
53. پرويز خان چانگ	20,10,1999	29,05,1999
54. حسين بخش ڪوسو	08,07,2000	20,10,1999
55. سيد حسن فيروز	31,10,2003	04,09,2000
56. اعظم انور بلوچ	13,12,2004	06,12,2003

57. بشير احمد کوسو	09,07,2005	13,12,2004
58. امير علي ٽري		14,04,2005

سول اسپتال جا سول سرجن ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڈنٽ:

دادو سول اسپتال جي حيثيت قديم آهي. هن اسپتال جو سنگ بنياد ليڊي گراهام 16 مارچ 1940ع تي رکيو. سنگ بنياد جي عبارت انگريزيءَ ۾ آهي:

Lady Graham Hospital Dadu
The foundation stone was Laid by:
Lady Graham on 16th March 1940

پهريائين هيءَ اسپتال چند وارڊن تي مشتمل هئي. جنهن ۾ سرجيڪل وارڊ، ميڊيڪل وارڊ، شعبهٔ حادثات ۽ زنانو وارڊ شامل هئا. هيءَ اسپتال آهستي آهستي وڌندي رهي. شهري آبادي وڌڻ سبب اسپتال وچ شهر ۾ اچي وئي آهي. هن وقت وڏي اسپتال جو ڏيک ڏئي رهي آهي. هن اسپتال ۾ ڪيترن ئي علائقن مان مريض علاج ڪرائڻ اچن ٿا. دادو سول اسپتال ۾ ڪيترائي شعبا قائم ڪيا ويا آهن. جن ۾ اڪين جو شعبو، ڀارڻن جو شعبو، دل جو شعبو، گردن جو وارڊ، شعبہ حادثات شامل آهن. هن اسپتال ۾ جيڪو عملو آهي، ان ۾ سول سرجن سيد غوث علي شاهه، ايڊيشنل سول سرجن ڊاڪٽر غلام رسول لاشاري، ايڊيشنل ميڊيڪل سپرنٽينڈنٽ ڊاڪٽر شهناز قريشي، آر. ايم. او ڊاڪٽر عبدالرزاق ابڙو، پيٿالاجسٽ ڊاڪٽر علي احمد سومرو، ريڊيالاجسٽ ڊاڪٽر محمد حسن منگي، اڪين جو ماهر ڊاڪٽر گلزار احمد شيخ، سرجن ڊاڪٽر غلام قاسم چانڊيو، فزيشن ڊاڪٽر علي حسين بالادي، يورالاجسٽ ڊاڪٽر نثار احمد شيخ، چيسٽ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر محمد رفيع صديقي، دل جو ماهر ڊاڪٽر ظهور احمد شيخ، ايس. ايم. او ڊاڪٽر سيف الله سومرو، ڊاڪٽر غلام علي سيال، ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير، ڊاڪٽر نصير احمد سميجو، ڊاڪٽر اصغر پنهور، ڊاڪٽر توفيق احمد ميمڻ، ڊاڪٽر غلام حسين پنهور، ڀارڻن جا ماهر ڊاڪٽر عبدالرزاق جوٽيجو، ڊاڪٽر محمد نواز ڪوکر، ايس. ايم. او محمد اصغر ملڪ، ڊاڪٽر روشن علي چنا، ڊاڪٽر مختيار پنهور، ڊاڪٽر طالب حسين عباسي، ڊاڪٽر ستيش ڪمار، ڊاڪٽر وجئ ڪمار، ڊاڪٽر ياسين ڏاوچ، ڊاڪٽر نياز احمد ڪلهوڙو، ڊاڪٽر نورالدين سولنگي، ڊاڪٽر حفيظ شيخ، ڊاڪٽر محمد ضمير لُنڊ ۽ ڊاڪٽر منظور احمد هڱورو جيڪي سول اسپتال ۾ مريضن جي علاج معالج لاءِ ڪوشان آهن. اڄ تائين سول اسپتال ۾ جيڪي سول سرجن ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڈنٽ آيا، انهن جا نالا هن طرح آهن:

1. خان بهادر ڊاڪٽر عبدالعزيز عباسي	05,09,47	15,03,41
2. ڊاڪٽر اي ايڇ چوڌري	31,06,47	06,09,47
3. ڊاڪٽر ٽي. ايم. اسرائي	02,04,48	03,06,47
4. ڊاڪٽر عبدالرسول	20,09,48	05,04,48
5. ڊاڪٽر اين. ايم سومرو	30,11,48	48,21,09
6. جي. ايم. بارکزئي	25,06,49	01,12,48
7. ڊاڪٽر عبدالرسول	21,06,52	26,06,49
8. ڊاڪٽر امين اي شيخ	26,06,93	01,07,52

9. ڊاڪٽر ايس. ايم. اظهر جعفري	25,01,55	27,06,53
10. ڊاڪٽر مير ممتاز علي تاج	07,01,55	26,01,55
11. ڊاڪٽر سيد غلام مجتبيٰ	05,05,56	08,10,55
12. ڊاڪٽر ايم. اي سولنگي	03,06,56	06,05,56
13. ڊاڪٽر نور احمد ميمڻ	14,03,57	04,06,56
14. ڊاڪٽر محمد رفيق چوڌري	28,09,58	15,03,57
15. ڊاڪٽر عبدالصدر عالم	08,01,59	29,09,58
16. ڊاڪٽر محمد رفيق چوڌري	17,09,60	09,01,59
17. ڊاڪٽر ڪي ڪي پٽو	19,12,60	18,09,60
18. ڊاڪٽر ايم. ايس. سولنگي	31,05,61	20,12,60
19. ڊاڪٽر نور احمد ميمڻ	18,11,63	01,06,61
20. ڊاڪٽر غلام سرور مستوئي	31,05,31	06,11,72
21. ڊاڪٽر احمد علي ڏومڪي	04,04,82	01,07,72
22. ڊاڪٽر غلام سرور مستوئي	16,04,88	05,04,82
23. ڊاڪٽر عبدالقيوم شيخ	18,08,89	16,04,88
24. ڊاڪٽر غلام سرور مستوئي	05,05,90	19,08,89
25. ڊاڪٽر شرف الدين بلوچ	11,09,90	06,09,90
26. ڊاڪٽر غلام قادر قريشي	15,12,90	12,09,90
27. ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ کهاوڙ	28,02,93	16,12,90
28. ڊاڪٽر شرف الدين بلوچ	29,06,95	28,02,93
29. ايم. اي نوراني	23,09,95	29,06,95
30. ڊاڪٽر غلام رسول لاشاري	28,08,97	23,09,95
31. ڊاڪٽر عبدالستار ميمڻ	10,05,99	28,08,97
32. ڊاڪٽر شرف الدين بلوچ	26,12,2000	17,08,99
33. ڊاڪٽر غلام رسول لاشاري	28,01,2002	31,08,2000
34. ڊاڪٽر جاويد ڏاوچ	04,05,2005	28,01,2002
35. ڊاڪٽر سيد غوث علي شاهه		04,05,2002

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ:

1. ڊاڪٽر محمد رفيق چوڌري	19,11,63	15,03,66
2. ايس. اي شيخ	16,03,66	04,08,66
3. ڊاڪٽر محمد سچل ميمڻ	27,01,67	24,11,67

4. ڈاڪٽر آفتاب احمد قريشي	08,12,67	31,01,71
5. ڈاڪٽر خالد رشيد	20,02,71	07,06,71
6. ڈاڪٽر گل محمد ڏاويچ	08,06,71	12,03,72
7. ڈاڪٽر غلام سرور مستوئي	28,03,72	08,10,72
8. ڈاڪٽر عبدالصمد ميمڻ	09,10,72	72,05,11
9. ڈاڪٽر غلام سرور مستوئي	06,11,72	31,05,73

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر، اي ڊي او هيلٿ:

1. ڈاڪٽر ميان فضل رحمان	29,08,1967	23,08,1966
2. ڈاڪٽر گل محمد ڏاويچ	07,06,1971	30,08,1967
3. ڈاڪٽر خالد رشيد	26,07,1972	08,06,1971
4. ڈاڪٽر منصور علي شاهه	31,10,1972	02,08,1972
5. ڈاڪٽر عبدالرؤف سومرو	25,08,1975	02,11,1972
6. ڈاڪٽر غلام سرور مستوئي	24,10,1975	26,08,1975
7. ڈاڪٽر گل محمد شيخ	24,11,1975	25,10,1975
8. ڈاڪٽر احمد علي ڊومڪي	25,07,1975	26,11,1975
9. ڈاڪٽر قاضي نبي بخش	09,02,1978	26,07,1977
10. ڈاڪٽر احمد علي ڊومڪي	26,03,1978	10,02,1978
11. ڈاڪٽر خير محمد شيخ	30,07,1978	27,03,1978
12. ڈاڪٽر احمد علي ڊومڪي	15,08,1978	31,07,1978
13. ڈاڪٽر شمشاد احمد خان	16,12,1978	16,08,1978
14. ڈاڪٽر احمد علي ڊومڪي	07,02,1979	16,12,1978
15. ڈاڪٽر غلام مصطفيٰ کهاوڙ	13,12,1985	08,02,1979
16. ڈاڪٽر رفيق احمد ميمڻ	04,04,1987	12,1985,14
17. ڈاڪٽر مشتاق احمد ميمڻ	20,10,1987	07,04,1987
18. ڈاڪٽر غلام قادر قريشي	18,07,1989	20,10,1987
19. ڈاڪٽر عبدالڪريم نوراني	23,10,1993	18,07,1989
20. ڈاڪٽر غلام مصطفيٰ کهاوڙ	21,08,1996	23,10,1993
21. ڈاڪٽر عبدالخالق جوڪيو	19,03,1997	21,08,1996
22. ڈاڪٽر خادم حسين لاکير	26,02,2000	19,03,1997
23. ڈاڪٽر شرف دين بلوچ	09,03,2001	26,02,2000
24. ڈاڪٽر قلندر بخش کهڙو	13,08,2001	09,03,2001

اي ڊي او هيلٿ:

1. ڊاڪٽر شرف دين بلوچ	13,08,2001	28,07,2002
2. ڊاڪٽر خادم حسين لاکير	22,07,2002	13,05,2003
3. ڊاڪٽر مولا بخش جمالي	03,05,2003	03,11,2004
4. ڊاڪٽر ڏٽي بخش ٽيپو	03,11,2004	اڃ تائين

دادو جا هيلٿ آفيسر:

1. ڊاڪٽر ڏٽي بخش ٽيپو	03,11,2004	26,02,2008
2. ڊاڪٽر ڪيپٽن حفيض الرحمن	26,02,2008	15,03,2008
3. ڊاڪٽر رفيق احمد ڪولاچي	15,03,2008	17,07,2008
4. ڊاڪٽر قلندر بخش ڪيڙ	17,07,2008	31,01,2010
5. ڊاڪٽر جاويد احمد ڏاوچ	01,02,2010	12,05,2010
6. ڊاڪٽر رفيق احمد ڪولاچي	19,05,2010	14,12,2010
7. مولا بخش جمالي	14,12,2010	اڃ تائين

محڪمه آبپاشي جا انجنيئر:

دادو شهر ۾ اريگيشن بلڊنگس روڊس هاءِ ويز ۽ ايجوڪيشن ورڪس جي انجنيئرن جون آفيسون آهن جن جي ڪم جي نوعيت ڪاتن جي حوالن سان مختلف آهي. اريگيشن انجنيئرن جو ڪم آهي واهن، چئنلن، شاخن، مائينرن ۽ ڊسٽريبيوٽرن جي سار سنڀال لهڻ واهن جي کوٽائي ڪرڻ سلٽ ڪليئرنس (لٽ ڪيڻ) انهن جا ڪنارا مضبوط ڪرڻ، پاڻي جي گهربل گيج ۽ وِلاسٽي برقرار ڪرڻ پاڻي جي صحيح ورڇ، هيڊ ورڪس، ريگيوليٽرن کي صحيح حالت ۾ رکڻ، موربن ۽ مادبولن کي صحيح حالت ۾ رکڻ انهن کي ٻيڙ ٻاهر يا ٻاهرين هٿ چراند کان محفوظ رکڻ، فصلن کي مهلائتو پاڻي پهچائڻ، درياءِ ٻوڏن کان شهري آبادين کي بچائڻ، بندن جي حفاظت ڪرڻ ۽ انهن سيني ڳالهين جو رکوار رکڻ، اريگيشن کاتو زراعت لاءِ ريڙهه جي هڏيءَ جو ڪم ڏئي ٿو. ڇو ته زمينون ڪيترين ئي قيمتي ۽ زرخيز ڇونه هجن پر جيڪڏهن پاڻي نه هجي ته اهي ڪابه قيمت نه ٿيون رکن. ان ڪري هن کاتي جو زمينن کي آباد ۽ زرخيز رکڻ لاءِ اهم ڪردار رهي ٿو.

رکاوڊ مان ظاهر آهي ته سڀ کان پهرين دادو ڊويزن جو بنياد 1933ع ۾ پيو ۽ هن ڊويزن ۾ هيٺيان انجنيئر رهيا، جن جي نوڪريءَ جو مدو پڻ اڳيان ڄاڻائيل آهي.

1. ايڇ. پي مٽراڻي	07,04,1929	04,06,1933
2. اين. بي شاهه	04,06,1933	05,10,1933
3. ايڇ. پي مٽراڻي	05,10,1933	07,12,1933
4. جي. اين رگهواڻي	07,12,1933	13,10,1935
5. اين. جي. ڪي مرتي	13,10,1935	30,091936
6. ايڇ. پي مٽراڻي	01,10,1936	03,03,1938

7. هرومل هوتچند	03,03,1938	08,11,1940
8. سيتلداس بي هيراڻي	08,11,1940	14,12,1942
9. ايم. ايڇ گدواڻي	14,12,1942	09,06,1945
10. پي آر گوراجاڻي	09,06,1945	16,06,1946
11. اي آر قاضي	17,06,1947	14,05,1947
12. بولچند بي پنپرا	14,05,1947	05,02,1948
13. ايم. اي لاڙڪ	05,02,1948	21,02,1948
14. اي جي شيخ	22,02,1948	10,02,1949
15. ايف. ڊي نانگراڻي	11,02,1949	03,07,1950
16. ايس. ايم رفيع احمد	03,07,1950	18,04,1951
17. ڪي. ايس. ميمڻ	18,04,1951	14,04,1952
18. آر. ٽي رامچنداڻي	14,04,1952	27,09,1952
19. حاجي محمد هاشم	09,1952,28	10,10,1955
20. آر. ٽي رامچنداڻي	11,01,1955	30,04,1957
21. عبدالحڪيم ميمڻ	30,04,1957	18,09,1957
22. محمود علي ميمڻ	18,19,1957	29,10,1957
23. جي. واءِ شيخ	29,10,1957	08,04,1958
24. آر. ٽي رامچنداڻي	08,04,1958	19,05,1958
25. جي. اي حافظ	19,05,1958	24,11,1958
26. آر. ٽي رامچنداڻي	25,11,1958	28,11,1958
27. اي ايم سومرو	29,11,1958	06,01,1960
28. محمد اسماعيل	06,01,1960	09,05,1962
29. قمرالدين سهتو	09,05,1962	26,05,1962
30. محمود علي ميمڻ	26,05,1962	06,03,1964
31. اي ايم. هيسباڻي	07,03,1964	28,02,1965
32. اي ايڇ عالماڻي	01,03,1965	23,04,1965
33. اي ايم. هيسباڻي	23,04,1965	22,10,1965
34. عبدالحميد شيخ	23,10,1965	25,02,1966
35. اي اين جي عباسي	25,02,1966	25,08,1966
36. عزيز احمد شيخ	25,08,1966	05,10,1966
37. عبدالمجيد شيخ	05,10,1966	01,10,1968

38. منير احمد شيخ	02,10,1968	14,10,1968
39. صادق علي مرزا	14,10,1968	24,12,1969
40. منير احمد شيخ	24,12,1969	13,03,1972
41. شمس الدين ميمڻ	13,03,1972	23,04,1972
42. شمس الدين ميمڻ	24,04,1972	31,12,1972
43. نورمحمد شيخ	31,12,1972	28,02,1973
44. شمس الدين ميمڻ	28,02,1973	29,06,1974
45. رسول بخش شيخ	29,06,1974	09,07,1974
46. جي جي چنواڻي	09,07,1974	26,06,1975
47. ماڏيو آر والا ايتراءِ	26,06,1975	24,12,1978
48. عبدالحميد شيخ	24,12,1978	06,02,1982
49. غلام مصطفيٰ بلوچ	06,02,1982	16,03,1982
50. عزيز جي اختر	16,03,1982	02,03,1983
51. مسعود علي ارباب	02,03,1983	01,11,1984
52. غلام مصطفيٰ بلوچ	01,11,1984	04,02,1987
53. علي انور سيال	04,02,1987	21,11,1989
54. غلام علي عمراڻي .	21,11,1987	04,04,1990
55. آغا اعجاز احمد خان	04,04,1990	17,09,1990
56. نظير حسين مغل	17,09,1990	13,05,1991
57. خالد حيدر ميمڻ	13,05,1991	19,06,1993
58. عبدالغني ميمڻ	19,06,1993	31,10,1993
59. علي انور سيال	31,10,1993	1993,27,12
60. غلام عباس ابڙو	27,12,1993	02,02,1994
61. جاويد احمد طيباڻي	02,02,1994	18,07,1994
62. غلام حيدر اي قريشي	18,07,1994	04,04,1995
63. منظور احمد مگسي	04,04,1995	07,12,1995
64. ارشاد احمد خواجه	07,12,1995	13,06,1997
65. علي دوست رونگهو	13,06,1997	02,09,1997
66. عطا محمد سومرو	02,09,1999	22,04,2000
67. عباس علي اعوان	22,04,2000	28,03,2001
68. آفتاب احمد ابڙو	28,03,2001	03,06,2002

69. صلاح الدين عباسي	03,06,2002	21,06,2002
70. بشير احمد جتوئي	21,06,2002	02,07,2002
71. فيض احمد ميمڻ	02,07,2002	26,07,2002
72. حبيب الله ڪابورو	26,07,2002	25,11,2004
73. اشتياق احمد ميمڻ	25,11,2004	06,06,2005
74. محمد مثل عباسي	14,06,2005	18,02,2006
75. شفقت حسين	18,02,2006	

پراونشيل هاءِ ويز ڊويزن جو قيام:

پراونشل هاءِ ويز ڊويزن جو قيام 1973ع ۾ عمل ۾ آيو. ڪم جو دائرہ ڪار پوري ضلعي اندر آهي. هن ڊويزن کي ضلعي جي اندر مين روڊن، لنڪ روڊن ۽ شهر کان ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن تائين رستن جي چار ويڇائڻ جو ڪم سونپيل آهي. ڪوبہ خطو يا علاقو تيستائين ترقي نہ ٿو ڪري سگهي جيستائين ان جو مواصلاتي نظام صحيح نہ آهي ان حوالي سان هن ڊويزن جو ضلعي ۾ تعلقي جي حدن اندر نهايت رول رهيو آهي. هن ڊويزن ۾ پڻ جفاڪش ۽ محنتي انجنيئر رهيا آهن. جن جا نالا هن ريت آهن:

1. ايس.غيور حسين	25,07,1973	03,08,1974
2. صاحبڈنو ميمڻ	04,08,1974	01,02,1975
3. محمد سليم ميمڻ	02,02,1975	26,03,1975
4. صاحبڈنو ميمڻ	27,03,1975	21,05,1975
5. ايم.اي باري	22,05,1975	06,11,1975
6. غلام رسول برڙي	07,11,1975	07,08,1977
7. عبدالرزاق ڊومڪي	08,08,1977	13,08,1977
8. عزيزالله شيخ	08,08,1977	29,08,1979
9. بشير احمد خان	03,08,1979	12,09,1979
10. عبدالقادر شيخ	13,09,1979	07,10,1980
11. نظر محمد سومرو	08,10,1980	15,11,1980
12. بشير احمد خان	16,11,1980	29,11,1980
13. عبدالقادر شيخ	30,11,1980	15,01,1981
14. بشير احمد خان	16,11,1981	10,04,1981
15. احمد حسين تالپر	11,04,1981	27,08,1983
16. بشير احمد خان	27,08,1983	04,09,1983
17. عبدالڪبير عقيلي	04,09,1983	23,09,1984
18. ميراحمد حسين تالپر	24,09,1984	08,11,1986

19. خالقڈنو ميراڻي	09,11,1986	22,11,1986
20. مير احمد حسين تالپر	23,11,1986	26,01,1987
21. خالقڈنو ميراڻي	26,11,1987	11,08,1988
22. ممتاز علي قريشي	11,08,1988	21,08,1988
23. عبداللطيف ڪلوڙ	21,08,1988	01,04,1990
24. خالقڈنو ميراڻي	01,04,1990	17,09,1992
25. مير احمد حسين تالپر	17,09,1992	17,05,1993
26. بشير احمد ميمڻ	22,05,1993	31,10,1993
27. خالقڈنو ميراڻي	01,11,1993	13,05,1995
28. بشير احمد ميمڻ	14,05,1995	30,06,1996
29. غلام مصطفيٰ قاضي	08,07,1996	16,06,1997
30. لياقت علي بلوچ	17,06,1997	30,06,1997
31. غلام مصطفيٰ قاضي	24,06,1997	27,06,1997
32. منير احمد عباسي	27,06,1997	26,09,1997
33. غلام مصطفيٰ قاضي	26,09,1997	26,09,1999
34. بشير احمد جتوئي	26,03,1999	04,05,1999
35. غلام قادر لغاري	14,05,1999	09,06,1999
36. بشير احمد جتوئي	23,06,1999	18,09,1999
37. تاج محمد مهر	18,09,1999	20,03,2003
38. هدايت الله ميمڻ	20,03,2003	
39. قطب الدين سومرو		
40. زاهد حسين ميمڻ		
41. عبدالله سانگرو		

بلڈنگس کاتي جا انجنيئر:

بلڈنگس کاتي جي انجنيئر جو ڪم آهي. ضلعي اندر جيڪي به سرڪاري جايون، آفيسون، اسپتالون ۽ هيلٿ سينٽر آهن. انهن جي مرمت ڪرڻ ۽ نون آفيسن ۽ بين ترقياتي رٿائن تحت نهندڙ عمارتن جي تعمير جو ڪم ڪرڻ ان کان علاوه سالياني رٿائن تحت ضلعي ۾ جاين جي تعمير ڪرڻ، اهو سمورو ڪم بلڈنگس کاتي جي حوالي آهي. هن کاتي جو اهم رول آهي، رڪارڊ موجب 1954ع کان هن کاتي ۾ ڪم شروع ڪيو آهي. ضلعي ۾ هيٺيان انجنيئر ڊيوٽي تي رهيا.

1. عبدالڪريم شيخ	30,08,1955	09,05,1954
2. اي ايف ڪيريو	26,06,1956	30,08,1955

3. عبدالڪريم ميمڻ	24,04,1959	26,06,1956
4. اي بدرالدين	16,09,1959	24,04,1959
5. حافظ عبدالغفار	05,04,1960	16,09,1959
6. عبدالڪريم شيخ	11,10,1962	24,04,1960
7. نظير احمد	08,12,1962	11,10,1962
8. حافظ حفظ الله	07,08,1963	08,12,1962
9. جي ڪي افغان	14,09,1964	07,06,1963
10. اي اي بيگ	11,08,1965	14,10,1964
11. سيف الله خان	18,11,1966	11,08,1965
12. سلام محمد جوٽيجو	09,12,1967	18,11,1966
13. فصيح الدين عباسي	23,08,1968	09,12,1967
14. اي اي آرائين	24,04,1970	23,08,1968
15. ٽي ايس شريف	13,07,1970	24,04,1970
16. ابوسعيد خان	07,03,1973	13,07,1970
17. سلطان احمد خان	24,01,1977	07,03,1973
18. سردار شفيع محمد ساند	16,12,1979	24,01,1977
19. سلطان احمد خان	09,05,1983	16,12,1979
20 ٽي ايس شريف	21,08,1983	09,05,1983
21 عبدالجبار خان	23,02,1985	22,08,1983
22 محمد ابراهيم سومرو	04,12,1986	23,02,1985
23 حبيب الله ميمڻ	08,07,1990	04,12,1986
24 سردار شفيع محمد ساند	24,05,1993	18,07,1990
25 غلام اڪبر شيخ	12,07,1993	24,05,1993
26 علي محمد شيخ	24,11,1994	12,07,1993
27 عبدالرشيد جتوئي	24,11,1994	15,12,1994
28 قطب الدين سومرو	22,12,1994	24,11,1994
29 مدد علي آرائين	26,04,1995	22,12,1994
30 قطب الدين سومرو	23,07,1995	26,04,1995
31 محمد زمان لاشاري	31,05,1997	23,07,1995
32 روشن علي آگرو	06,06,1997	31,05,1997
33 تاج محمد آرائين	28,06,1997	06,06,1997

34. علي اڪبر ابڙو	12,12,1998	28,06,1997
35. نظير احمد يوسفاڻي	21,05,2001	12,12,1998
36. جاويد اقبال ميمڻ	17,08,2001	21,05,2001
37. عبدالغني ميمڻ		17,08,2001

ايجوڪيشن ورڪس جا انجنيئر:

ايجوڪيشن ورڪس ڪاتي جي آفيس دادو ضلعي ۾ 1987ع ۾ قائم ٿي. جيڪا پهرين لاڙڪاڻي جي ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن تحت سب ڊويزن طور ڪم ڪندي هئي. ان کي ڊويزن جو درجو 1987ع ۾ ڏنو ويو. هيءَ ڪاتو اصل ۾ تعليمي ادارن جي تعمير لاءِ بلڊنگس ڪاتي کان الڳ ڪيو ويو هو ته جيئن تعليمي ادارن جي تعمير ۾ مرمت نهايت تسلي بخش نموني ڪئي وڃي. هن ڪاتي ۾ تمام ٿوري ڪارڪردگي ڏيکاري آهي. موجوده وقت ضلعي ۾ سيني تعليمي ادارن جهڙوڪ: ڪاليج، هاءِ اسڪولن، مڊل اسڪولن، پرائمري اسڪولن جي عمارتن جو ڇڪو خاصو تعداد تعمير ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح تعمير ۾ ڪوالٽي جي حساب سان هيءَ ڪاتو پنهنجي دائره ڪار ۾ نمايان آهي. هن دفتر ۾ هيٺيان انجنيئر ڊيوٽيءَ تي رهيا آهن:

1. معشوق علي بلوچ	16,02,1987	10,08,1989
2. عبدالحليم غوري	11,08,1989	08,12,1989
3. محمد علي ميمڻ	09,12,1989	09,1998,26
4. فيرومل پي روهڙا	26,09,1998	22,08,1998
5. فيرومل پي روهڙا	22,08,2001	18,11,2004
6. محمد يعقوب لُنڊ	19,11,2004	

هاءِ وي ڊويزن جا انجنيئر:

هاءِ وي ڊويزن ڪي. اين شاهه جنهن جي حصي ۾ روڊس جو ڪم مليل آهي ته تعلقي ڪي. اين شاهه جي روڊن جي تعمير ۾ مرمت ڪري اها آفيس پڻ 1996_04_07 تي ڪلي. ان جو دفتر دادو ۾ رکيو ويو ۽ سندس دائره ڪار وڌايو ويو. اها آفيس ضلعي حڪومتن جي قيام تحت ڊسٽرڪٽ آفيسر روڊس دادو جي نئين مالي سال کان ڪم ڪرڻ لڳي آهي. ان آفيس ۾ هيٺيان انجنيئر پنهنجي جاڻايل مدي مطابق رهيا آهن.

1. بشير احمد	04,07,1996	15,12,1996
2. عبدالستار سولنگي	17,12,1996	06,03,1997
3. بشير احمد جتوئي	06,03,1997	30,08,1997
4. عبدالله سانگهرو	09,09,1997	14,10,1997
5. بشير احمد جتوئي	15,10,1997	19,07,2000
6. خالق ڏنو ميراڻي	19,07,2000	29,05,2001
7. غلام قادر لغاري	01,09,2001	31,08,2001

8. غلام قادر لغاري	19,2001	03,10,2002
9. عبدالغني ميمڻ	3,10,2002	

دادو ضلعي جا چيئرمين ۽ ايڊمنسٽريٽر:

اڄ تائين جيڪي پريزيڊنٽ چيئرمين ۽ ايڊمنسٽريٽر مقرر ٿيا، انهن جا نالا هن طرح آهن:

1. خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو	03,09,1935	18,04,1933
2. خانبهادر يار محمد جوٽيجو	01,03,1936	09,1935,04
3. نجم الدين آخوند	30,06,1938	01,04,1936
4. خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو	20,04,1941	01,07,1938
5. سيد گل محمد شاهه	31,10,1946	21,04,1941
6. منارام	31,12,1946	01,11,1946
7. سيد گل محمد شاهه	30,09,1954	01,01,1947
8. الحاج عبدالمجيد جتوئي	22,11,1954	01,01,1954
9. شاهه محمد شيخ (ايڊمنسٽريٽو)	24,11,1954	23,11,1954
10. سيد قطب علي شاهه	26,01,1955	25,11,1954
11. شفيع محمد سهتو	31,03,1955	27,01,1955
12. غلام عمر صديقي	30,09,1955	01,04,1955
13. عبداللطيف پنهور	03,09,1956	01,10,1955
14. نورمحمد پٽي	26,09,1956	04,06,1956
15. مسيح الزمان	1956,10,11	25,09,1956
16. غلام اڪبر	11,12,1956	10,11,1956
17. محمد الياس يوسفاڻي	18,01,1957	11,12,1956
18. ڪشنچند جي گرماني	13,02,1957	14,02,1957
19. عبدالمجيد خان	13,04,1958	14,02,1957
20. الحاج عبدالمجيد جتوئي	03,05,1958	14,04,1958
21. عبدالمجيد اي خان	14,04,1959	04,05,1958
22. محمد سومار ميمڻ	28,04,1960	15,04,1959
23. مظهر علي شيخ	30,06,1961	29,04,1960
24. محمد اسماعيل ميمڻ	10,05,1963	15,06,1961
25. ايس.اي ڊبليو معيني	15,01,1964	11,05,1963
26. ايم.اي صادق	29,09,1965	16,01,1964

27. آغا رفيق احمد	15,12,1965	30,09,1965
28. آصف فصيح الدين	18,06,1966	16,12,1965
29. مظهر رفيع	09,10,1967	19,06,1966
30. علي نواز شيخ	17,10,1967	11,10,1967
31. سيد سردار احمد	21,03,1969	18,10,1967
32. فضل الاهي ملڪ	25,10,1969	22,03,1969
33. الله بخش سومرو	17,01,1971	26,10,1969
34. طارق محمود امين	14,06,1971	18,01,1971
35. طارق محمود امين	18,02,1972	15,06,1971
36. علي ڏنو ايم. پنهور	26,03,1974	19,02,1972
37. محمد هاشم ميمڻ	10,06,1976	27,03,1974
38. تاج محمد قريشي	01,09,1977	10,06,1976
39. الطاف حسين قادري	16,11,1979	01,09,1977
40. پير بخش خاصخيلي	13,11,1983	17,11,1979
41. پير غلام شاهه	29,11,1987	14,11,1983
42. اشفاق احمد ميمڻ	31,12,1987	29,11,1987
43. حبيب رحمان شيخ	05,10,1992	01,01,1988
44. سيد نصير محمد شاهه	02,08,1993	06,10,1992
45. گل محمد عمراڻي	03,08,1993	02,08,1993
46. مير محمد پرهياڙ	05,03,1994	04,08,1993
47. سيد علي رضا شاهه	22,02,1995	06,03,1994
48. مشتاق احمد ميمڻ	17,17,1996	02,1995,22
49. سيد صالح شاهه	07,12,1996	07,07,1996
50. محمد صديق ميمڻ	05,03,1997	08,12,1996
51. عبدالرزاق عباسي	29,11,1997	06,03,1997
52. علم الدين بلو		29,11,1997

ناظم:

53. ملڪ اسد سڪندر آگسٽ 2001ع کان 2005ع تائين
54. ڪريم علي جتوئي 2005ع

□

اولياء ڪرام

سيد حسن شاهه بخاري[1]:

هن سيد زادي بابت "تحفة الڪرام" ۾ هن طرح آهي تہ: "هڪ بي غرض ۽ توحيد جي طريقي جو سالڪ مر آهي. وڏن کان ونيل نيڪن ۽ مشائخن جي سلسلي ۾ داخل. هتي المقدور خدا جي رستي ۾ مشغول ۽ حاجتمندن جي مشڪل ڪشائي ڪندڙ آهي. عباسين ۽ ڪلهوڙن جو گهراٽو سندن مريد آهي." (ص 301)

هيءُ بزرگ ڏڪا جو رهاڪو هو ۽ ڪلهوڙا دور ۾ ٿي گذريو آهي. بزرگ ڪڏهن وفات ڪئي ۽ ڪٿي مدفو آهي ان بابت تفصيل نہ تا ملن.

غفور شاهه(1):

هيءُ بزرگ، سيد حسن شاهه جو پائيٽو هو ڏڪا ۾ ويٺل هو "تحفة الڪرام" ۾ هن بابت چيو ويو آهي تہ: "غفو شاهه پڙ ظاهري ۽ باطني ڪمالين مان موصوف آهي. سندس رهائش ڏڪا ۾ آهي." (ص 301)

هن بزرگ جو واسطو ڪلهوڙا دور سان هو. هن بزرگ جو وڌيڪ تفصيل نہ ٿو ملي.

سيد محسن شاهه:

سيد محسن شاهه جنهن کي موسن شاهه بہ چوندا آهن. سيد فضل شاهه جو فرزند هو. سيد محسن شاهه جا و هجرت ڪري چاٽي شاهه آباد ۾ اچي رهيا. سيد محسن شاهه چاٽي شاهه آباد ۾ ڪلهوڙن جي دور ۾ جائو هو. قبرستا جي اپرندي طرف مڪان ۽ ڏڪل ڪوهه هوندو هو. محسن شاهه ان تي نار چاڙهي پوڪ ڪرائيندو هو. سيد محسن شاهه ج مريد موچي هوندا هئا. جن مان جمع موچي سيد محسن جو خاص مريد ۽ معتقد هو.

سيد محسن شاهه پنهنجي وقت جو وارو وڃائي اجل جي سڏ کي لبيڪ چئي واصل بالله ٿيو. سندس مزا چاٽي شاهه آباد دادوءَ ۾ آهي. جتي عام ۽ خاص لاءِ زيارت جو پڙ مرڪز بڻيل آهي. سندس تربت سان گڏ اوپر ۾ ڏاتر ڏ شاهه جي بہ مزار آهي. ڪي وري هن کي روشن شاهه جي تربت بہ چون ٿا.

بزرگ حاجي بهرام عرف "حاجي بهران"

حاجي بهران جي باري ۾ چون ٿا تہ هو اصل افغاني هو. الله جو نيڪ بانهو بزرگ ٿي گذريو آهي. پنهنجي ملڪ افغانستان مان بغداد ڏانهن سيد عبدالقادر شاهه جيلانيءَ جي درگاهه تي ويو جتي ڪافي عرصو رهيو. پوءِ دادو ۾ مسجد شريف وسايائين. جا اڄ بہ حاجي بهران جي مسجد جي نالي سان مشهور آهي. حاجي بهران دادو ۾ شادي ڪئي. ڪيس هڪ پٽ جائو جنهن جو نالو مولوي محمد يوسف هو جيڪو پنهنجي نيڪنامي ۽ پرهيزگاريءَ ۾ مشهور هو. سندس ڪرامتون اظهر من الشمس هيون. حاجي بهران وٽ ڪيترائي سوالي وٽس ايندا هئا ۽ من جون مرادون ماڻي واپس وينا هئا. حاجي بهرام وفات ڪئي تہ سندس جسم خاڪي کي مسجد جي اتر ۾ دفن ڪيو ويو. مزار متان ڪونو ٺهيل آهي.

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو

سخي سلطان شاهه:

شاهه صاحب وڏي ڪرامت جو مالڪ هو. سندس حسب نسب بابت مستند معلومات نه ملي سگهي آهي. سخي سلطان شاهه جو مقبرو مارڪيٽ روڊ جي اتر ۾ ڇڻي مارڪيٽ جي اوپر ۾ واقع آهي. سخي سلطان شاهه جي مقبري جي اوپر طرف کان دروازو هو. سامهون ميدان هوندو هو جتي هر جمع تي مجلس ٿيندي هئي. ڳائڻا ۽ فنڪار ان ڀڙ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. سخي سلطان شاهه جون ڪيتريون ڪرامتون مشهور آهن.

لعل هندي:

لعل هندي مسلمانزادو ڪلهوڙن جي وقت جو پيو پڌجي. روايت مطابق هو وڏي منزل جو مالڪ هو. سندس مزار جو پٽو نٽو پوي ٿه ڪٽي آهي. لعل هندي ۽ جو مقام دادو شهر جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. هي ۽ مقام ڪافي وڏو آهي. منجهس ڪيترائي عالم زاهد متقي حافظ درويش ۽ ٻيا الله لوڪ ابدي ننڊ ستل آهن. مقام جي ڏکڻ ۾ وڏي عيدگاهه آهي. هن ۾ گهاٽا وڻ ۽ سائي ڇهر آهي. سڄي شهر جا ماڻهو اتي عيد نماز پڙهندا آهن. هي ۽ تاريخي عيدگاهه آهي. جڏهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪي ڦاسي ڏني وئي ته دادو شهر جي هزارين شهرين اتي غائبانه جنازي نماز پوليس ۽ فوج جي گهيري ۾ پڙهي. هن غائبانه جنازي نماز جي امامت مولوي عبدالرحمان پنهور ڪئي.

جَتي سَتي جمال شاهه:

جمال شاهه الله لوڪ بزرگ ٻڌايو وڃي ٿو. هن مجرد زندگي گذاري. سموري زندگي شادي نه ڪيائين. جنهن ڪري ان کي جَتي سَتي چوندا هئا. جتي ستي جمال شاهه جي مزار مرڪپور جي اتر اولهه طرف مرڪپور ۽ جوهي روڊ جي ڏکڻ تي آهي. سندس نالي سان اتي مقام آهي. جَتي سَتي جمال شاهه جي مزار مٽي ڏڙي تي آهي. مٽان ڇاپر و اڏيل اٽس چوڌاري ڪچڙن جا وڻ اٽس. الله جا ٻانها اچي دعائون گهرندا آهن.

پير بخاري:

هن بزرگ بابت مستند احوال نه ٿو ملي. پوليس هيڊ ڪوارٽر جي اوپر ۽ ڏکڻ ڪنڊ ۽ دادو اسٽيشن جي اولهه ۾ هڪ مقام آهي. اتي پير بخاري مدفون آهي. 1947ع ۾ جڏهن پاڪستان ٺهيو ته هندن ۽ مسلمانن جو تبادلو ٿيو. انهن ۾ سيد حبيب شاهه زيدي به آيو. هو خواجه معين الدين چشتي اجميريءَ جو مريد هو. هر سال پنهنجي گهر اڳيان گهٽيءَ ۾ خواجه اجميريءَ جو عرس ملهائيندو هو. جنهن ۾ پاڪستان جا مشهور قوال ايندا هئا ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. حبيب شاهه طرفان خواجه اجميريءَ جي چادر پير بخاري جي مزار تي هر سال چاڙهي ويندي هئي. اهڙي طرح پير بخاريءَ کي ظاهر ڪيو ويو. 1985ع ۾ سيد حبيب شاهه دادو مان لڏي ڪراچيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي. جيڪو ڪجهه عرصو اڳ فوت ٿي ويو. هاڻي پير بخاريءَ جو ميلو هر سال لڳندو آهي. جتي دوڪاندار دوڪان سجائيندا آهن. چوڌول، ڦرٽيون، پينگهه ۽ جهولا لڳايا ويندا آهن. ملاکڙو به لڳندو آهي.

شير شاهه:

ڊاڪٽر ميمونه جي ڪلينڪ جي اتر ۾ جاين جي وچ ۾ هڪ مزار آهي. هي ۽ مزار گهاٽي جي ڪپ تي ڪچي ٽڪر هوندي هئي. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اها ڪنهن مسافر جي مزار آهي. هن مزار جو متولي ڪوڙل فقير ميمڻ هو ان جو چوڻ هو ته هتي شير شاهه نالي هڪ سيد سڳورو مدفون آهي. مزار هن وقت پڪي ٽڪر آهي. هميشه مٽ پاٽي سان پريل هوندا آهن. جتان ماڻهو سبيل ۾ دعائون گهُرندا رهندا آهن. مزار جي پرسان قرآن شريف رکيل آهي.

بعض اوقات ماڻهو اچي قرآن شريف جي تلاوت به ڪندا آهن.

پير محمد مراد:

پير محمد مراد ڪلهوڙن جي دور جو معلوم ٿئي ٿو. پاڻ الله جو نيڪ ۽ صالح بانهو ٿي گذريو آهي. روايت آهي ته سندس لاش مبارڪ پيٽي ۾ بند ٿيل آهي.

سندس پهرين مرقد 'دادو شاهه جا پاڻ' تي هئي. هيءَ ڳوٺ ڪچي ۾ هو. درياء جي پائڻ ڪري سندس لاش کي اتان کڊي، ٻئي هنڌ دفن ڪيو ويو. اُتي به درياءَ موج ڏيکاري ۽ اتان به سندس لاش جيڪو پيٽيءَ ۾ بند هو، دادو شهر جي پرسان موجوده هنڌ تي دفن ڪيو ويو. 1931ع ۾ دادو ڪئنال قائم ٿيڻ سان پير محمد مراد جي مزار ڪئنال جي اوپر ۾ اچي وئي آهي. پير محمد مراد جي مزار پرسان ۾ مزارون ٻيون به آهن. اڳي مزار مٽان چاپرو ٺهيل هو. هن وقت مٽس مقبرو اڏايو ويو آهي. هر سال 27 رجب المرجب تي ميلو لڳندو آهي. ملاکڙو به ٿيندو آهي. رجبي تي تل به ٿيندو آهي. جتي شهر ۽ پس گردائيءَ جا مريد معتقد اچي تل کائيندا آهن. درگاهه جو مجاور پير گلهه هو ڪجهه سال اڳ فوت ٿي ويو آهي.

سيد واڌن شاهه:

سيد واڌن شاهه نيڪ ۽ الله جو پيارو درويش ٿي گذريو آهي. سندس مزار واڌن شاهه روڊ تي واقع آهي. سندس مزار مٽان ڪوٽي ٺهيل آهي. مزار جي پرسان عَلم لڳل آهي. سندس درگاهه تي هر وقت سوالي ايندا آهن ۽ قرآن شريف پڙهندا آهن ۽ دعائون به گهرندا آهن ۽ من جون مرادون حاصل ڪندا آهن. سيد واڌن شاهه جي نالي سان هڪ ننڍڙو مقام به آهي. هن مقام ۾ سنڌ جي ٻلوڙ عوامي شاعر استاد بخاري جي ابدي آرام گاهه به آهي. استاد بخاري جي مزار تي سنڌ جي ڪنڌ ڪڙيچ مان اديب، شاعر ۽ فنڪار ڪهي اچي حاضري پريندا آهن ۽ ڪيس عقيدت جا گل نڇاور ڪندا آهن.

عنايت شاهه فقير:

هن فقير جا حالات ۽ واقعات ملي نه سگهيا آهن. سندس مزار پيارو ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ ريل جي پٽڙيءَ سان لڳ اوپر ۾ واقع آهي. مزار جي مٽان لانديءَ نما چاپرو ٺهيل آهي. هن مزار تي ڪيترائي عقيدتمند ايندا آهن ۽ باسون باسيندا آهن. هن درويش جي مزار تي راڳ رنگ جي محفل به ٿيندي آهي.

امير پير:

امير پير، جنهن کي 'راجل ويرَ' به چوندا آهن. پاڻ ذات جو پنهور هو ۽ سندس والد جو نالو آڏڙو نواب هو. امير پير جي مزار دادو شهر کان ڏکڻ طرف 9 ڪلوميٽر پند تي آهي. هيءَ درگاهه سنڌ جي قديم ڳوٺ امياڻي ۾ آهي. آڏڙي نواب جي مزار دادو شهر کان اولهه طرف اٽڪل چار ڪلوميٽر پند تي واقع آهي. امير پير 'راجل ويرَ' کي مسلمانن کان علاوه هندو به پنهنجو اوتار سمجهندا آهن. روايت ۾ آهي ته امير پير ارڙهين صدي عيسويءَ جي ابتدا ۾ امياڻي ڳوٺ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. پاڻ حافظ قرآن ۽ درويش صفت انسان هو. ڪيترائي مسلمان ۽ هندو ونس ايندا هئا. ۽ من جون مرادون پوريون ڪري، واپس ورندا هئا. امير پير جي رحلت بعد ڪيس ڳوٺ امياڻي لڳ دفن ڪيو ويو. سندس مزار مٽان مقبرو اڏيل آهي. جيڪو چتائون آهي. هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلي ۾ سرڪس، چوڏول، ڦرٽيون ۽ ٽيٽر وغيره ٿيندا آهن. بازارون لڳنديون آهن. شام جو ملاکڙو به ٿيندو آهي. جتي اتر ۽ لاڙ جا پهلوان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هر ماهه پهرين آچر تي هنڌن جو وڏو تعداد سندس مزار تي ايندو آهي. جنهن ۾ عورتن جو به ڪثير تعداد شامل

هوندو آهي. سڄي رات محفل ٿيندي آهي. ڪيترائي سوالي ڪڙ نذراني طور ڪٽي ايندا آهن ۽ درگاهه جي متوليءَ حوالي ڪندا آهن.

نانگو شاهه:

هن درويش جي باري ۾ ڪابه صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي. ڪن بزرگن جو چوڻ آهي ته نانگو شاهه سترهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري ڳوٺ سيال لڳ اچي ديرو جمايو. گهڻا ماڻهو نانگي شاهه کان دعائون گهُرندا هئا ۽ من جون مرادون پوريون ڪري واپس ورندا هئا. روايت آهي ته پاڻ مختصر لباس اوڍيندو هو. ان ڪري مٿس نانگو شاهه نالو پئجي ويو. سندس مزار دادو شهر کان ڏيڍ ڪلوميٽر پنڌ تي اوپر ۾ آهي. نانگي شاهه جي مٿان مقبرو ٺهيل آهي. هر سال مزار تي ميلو لڳندو آهي. سرڪس، چوڌول، قرٽيون ۽ ناٽڪ لڳندا آهن. ملاکڙو به لڳندو آهي. جتي ملهه پهلوان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هن درگاهه جو متولي گلشير ڪوکر فقير هو. جو ويجهڙ ۾ وفات ڪري ويو.

پير بخاري سيد:

پير بخاري سيد جي باري ۾ صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي. خيال آهي ته هيءُ بزرگ ارڙهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري آيل معلوم ٿئي ٿو. پير بخاري سيد جي درگاهه ديهه سونهيون تپي بکراڻيءَ ۾ آهي. سندس مٿان مقبرو ٺهيل آهي. ڪيترائي حاجتمند سندس مزار تي حاضريون پريندا رهندا آهن ۽ دعائون گهري واپس ورندا آهن. پير بخاري سيد جي مزار تي هر ماهه جي چوڏهين تاريخ تي اسلامي جلسو ٿيندو آهي. علماء ڪرام واعظ ڪندا آهن ۽ مداحي مدحون ۽ مولود پيش ڪندا آهن.

پير خيالي:

دادوءَ جي هڪ پنجاسي ورهين جي جهونڙي محمد اسحاق منگيءَ کان روايت آهي ته پير خيالي ذات جو ٻيرزادو هو. ڪن روايتن ۾ آهي ته پير خيالي ذات جو قريشي آهي ۽ حافظِ قرآن هو. هن درويش جو مقبرو ڳوٺ لطف علي پنڌ جي پرسان ديهه پنڌ، تپو خدا آباد ۾ آهي. هن درويش جي مزار تي به ڪيترائي سوالي ايندا آهن. باسون باسيندا آهن ۽ مرادون پوريون ڪري واپس ورندا آهن. هن درويش جي حسب نسب جي ڪابه خبر نه آهي.

پير حاجي اسماعيل:

پير حاجي اسماعيل جي پاڻ شريف جي پرسان مشهور درگاهه آهي. مزار مٿان مقبرو اڏيل آهي. هن درگاهه تي ديني جلسو ٿيندو آهي. جتي عالم سڳورا واعظ ڪرڻ فرمائيندا آهن. ان کان علاوه مولودن جي مجلس به ٿيندي آهي[1]. پير حاجي اسماعيل جي ڏکڻ ۾ پير ناصر شاهه جي درگاهه آهي. ان جي مزار مٿان سيد عبدالله شاهه پنهنجي وڏ وزارت دوران انڪل ڏهه لک رپين جي لاڳت سان مقبرو جوڙايو هو. هنن بزرگن جي درگاهن تي ڪيترائي اڻيل حاضريون پريندا آهن ۽ دعائون گهرندا آهن.

عالي شاهه ۽ ابو شاهه لکياري:

عالي شاهه ۽ ابو شاهه ٻئي ڀائر هئا، جيڪي اصل لکي شاهه صدر جا رهواسي هئا. جن لکي مان سکونت

---

[1] حاجي اسماعيل 7 ـ هجري/ 13 عيسوي صديءَ جو هڪ بزرگ ٿي گذريو آهي. هن بزرگ جي نالي سان پاڻ ۾ هڪ ڳنڍ به آهي جا ضلعي دادوءَ ۾ پراڻي بچاءَ بند ۽ نئين بچاءَ بند جي وچ تي آهي. (ڏسو "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيا" (جلد ـ 4) ص 294).

ترڪ ڪري ڳوٺ لطف علي پنڌ جي ڏکڻ اوپر جي ڪنڊ تي هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي اچي آستانو قائم ڪيو. ٻئي پائر الله لوڪ فقير هئا. قرآن شريف جا حافظ هئا. سندن ڪيترين ڪرامتون مشهور آهن. انڪري ڪيترائي ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيندا هئا. سندن مٿان مقبرو اڏيل آهي. ان کان علاوه هڪ ننڍي ٻار جي به مزار آهي. جنهن مان پتو پوي ٿو ته اهو ٻارڙو سندن اولاد ٿي سگهي ٿو.

سيد عالي شاهه ۽ ابو شاهه جي مزار تي هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلي جي موقعي تي ملاکڙو به لڳندو آهي. جنهن ۾ سنڌ ۽ پنجاب جا ملهه پهلوان فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هن درگاهه جو سجاده نشين سيد ڪامل شاهه هو. جيڪو ملهن جو قدردان ۽ شوقين هو. ملهن کي دل کولي انعام ڏيندو هو. سندس وفات کان پوءِ هن وقت سيد ممتاز شاهه (جيل سپرينٽيڊنٽ) سجاده نشين آهي.

سيد محمد شاهه:

سيد محمد شاهه وڏي ڪاني ڪرامت بزرگ ٻڌجي ٿو. سندس مزار ڳوٺ لطف علي پنڌ ديهه پنڌ تپو خدا آباد ۾ آهي. سندس مزار مٿان مقبرو اڏيل آهي. هن اولياء جي مزار تي ڪيترائي ماڻهو ايندا آهن ۽ دعائون گهرندا آهن. هن درگاهه تي ڪڏهن ڪڏهن راڳ رنگ جي محفل به ٿيندي آهي. جنهن ۾ ڳائڻا صوفي راڳ پيش ڪندا آهن.

دارا شاهه:

هيءَ سيد سڳورو ارغونن جي دور جو وڏو ڪامل ولي ٻڌايو وڃي ٿو. سندس وڏيڪ حالات ۽ واقعات نه ٿا ملن. سندس مزار مٿان چتائون چاپرو نهيل آهي. ماڻهو مزار تي حاضريون پريندا رهن ٿا. ۽ دعائون گهرندا رهن ٿا. دارا شاهه جي نالي تي قبرستان به آهي. قبرستان ۾ ڪيترين ئي معروف شخصيتون مدفون آهن. جن ۾ آخوند محمد صالح پٽي سيتائي. آخوند محمد دائود پٽي سيتائي. مولوي محمد صديق سيتائي. آخوند عبدالرحمان پٽي. آخوند الله بخش پٽي. آخوند محمد موسيٰ پٽي. فقير نياز علي چنو ڪوڙو فقير چنو. سيد دوست محمد شاهه. مولوي عبدالغفور ميمڻ. سيد محمود شاهه ۽ ٻيون قابل ذڪر شخصيتون هتي ابدي ننڊ سُتل آهن. هن قبرستان ۾ هڪ بازيگر جي قبر آهي. جنهن تي ڪنگيءَ جي مرض ۾ مبتلا ٻار وهنجاريندا آهن ۽ ماڻهن جو خيال آهي ته اهي صحتياب ٿي ويندا آهن. هن قبرستان ۾ جاڙا پير به آهن. جن جي مزار تي پڻ ماڻهو حاضريون پريندا آهن.

چوڏنهن شهيد:

دادو شهر کان 3 ڪلوميٽر پنڌ تي چوڏهن شهيدن جون مزارون آهن. جيڪي دادو شهر جي ڏکڻ اوپر جي ڪنڊ تي آهن. چوڏهن شهيدن جون لڳيتيون قطارن ۾ مزارون آهن. مزارن جي مٿان چاپرو نهيل آهي. هنن شهيدن تي راڳ رنگ جون محفلون به ٿيندڙيون آهن. جتي گائڪ صوفيانه راڳ پيش ڪندا آهن. ان کان علاوه مقامي سطح تي ميلو به لڳندو آهي. ان سان گڏ ملاکڙو به لڳندو آهي. جتي ملهه پهلوان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. شهيدن جي باري ۾ ڪابه صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي. ڪجهه روايتون آهن. جن جي آڌار تي ماڻهو هت اچي هنن شهيد کي پيٽا ڏيندا آهن. استاد الهه وسائي لاشاريءَ کان روايت آهي ته چوڏنهن شهيد اصل ۾ شهيد مخدوم بلاول جا معتقد هئا. جڏهن مخدوم بلاول تلتيءَ کي الوداع چئي باغبان ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي ته شاهه بيگ ارغون اتي به سازشون ڪندو رهيو. سندس مريد ارغون جي ظلم ۽ ستر جو سمورو احوال ڪيس پهچائيندا هئا. چوڏهن شهيد به سندس مريد ۽ معتقد هئا. جيڪي تلتيءَ کان پنڌ باغبان طرف اچي رهيا هئا. جڏهن چوڏنهن سرفروش شهيد موجوده هنڌ وٽ پهتا. جتي

سندن مزارون آهن. تہ پٹيان گھوڙن تي شاهہ بيگ ارغون جا سپاهي پھچي ويا. ان جڳھ تي ھنن سان مقابلو ٿيو. جن ۾ هي چوڏنھن ئي سرفروش شهيد ٿي ويا. سندن سر مبارڪ ڏڙ کان ڌار ڪري ڇڏيا ويا. انھن کي شهيد ڪرڻ کان پوءِ شاهہ بيگ ارغون جا سپاهي واپس هليا ويا. مقامي ماڻھن شهيدن جا سر مبارڪ کٹي ھن جڳھ تي دفن ڪيا. ان مقام کي اڄ تائين چوڏھن شهيدن وارو مقام سڏجي ٿو.

سيد محمد شاهہ بخاري:

هن بزرگ جا حالات ۽ واقعات نہ تا ملن. سندس مزار دادو شهر جي غريب آباد محلي ۾ واقع آهي. مزار مٿان ننڍڙو مقبرو ٺهيل آهي. هن درويش جي مزار تي روزانو ڪيترائي ماڻھو زيارت لاءِ ايندا آهن ۽ دعائون گھرندا آهن. ڪجھہ سالن کان درگاھہ جا مجاور علي اڪبر ابڙو ۽ محمد جمن سولنگي آهن. اهي درگاھہ جي نگھباني ڪندا آهن. هن درويش جي مزار تي هر مهيني جي 9 تاريخ تي راڳ رنگ جي محفل گرم ٿيندي آهي ۽ راڳيندڙ صوفيانہ ڪلام ڳائيندا آهن. ان ڏينھن مجاورن طرفان نياز جو بندوبست ٻہ ڪيو ويندو آهي.

سيد غوث حسين شاهہ:

سيد غوث حسين شاهہ جنھن کي غوث پاڪ ٻہ چون ٿا. هيءُ درويش ٻہ ڪرامت جو مالڪ هو. سترهين صدي عيسويءَ جو آيل معلوم ٿئي ٿو. سندس مزار ڀوٽ شير محمد سولنگي تعلقي دادو ۾ آهي. مٿس هڪ عاليشان مقبرو ٺهيل آهي. روزانو ڪيترائي ماڻھو زيارت لاءِ ايندا آهن ۽ باسون باسي دعائون گھري واپس ورندا آهن. هر سال ذوالحج مهيني جي 12 تاريخ کان ٿي ڏينھن ميلو لڳندو آهي. ميلي ۾ ملاکڙو ۽ راڳ رنگ جي محفل ٻہ ٿيندي آهي.

سيد جھنگل شاهہ:

معلوم ٿئي ٿو تہ سيد جھنگل شاهہ (اول) جي ولادت سورهين صدي عيسويءَ ڌاري ٿي آهي. سيد صاحب وڏو نيڪ دل ۽ صاحبِ بصيرت بزرگ هو. تر جي ماڻھن جا فيصلا ڪندو هو ۽ هر هڪ سان انصاف ٿيندو هو. ڪنھن سان ٻہ زيادتي نہ ٿيندي هئي. جھنگل شاهہ جي وفات بعد ڪيس ان هنڌ دفن ڪيو ويو جتي سندس خانقاهہ هئي. ان جڳھ پرسان سندس قريبن جون مزارون آهن ۽ مزارن جي چوڌاري ڪوٽ ڏنل آهي. جھنگل شاهہ جو هر سال ميلو لڳندو آهي. ملهہ پهلوان پنھنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. رات جو مشاعرو ٻہ ٿيندو آهي. جتي شعراء حضرات پنھنجو نڪور ڪلام پيش ڪندا آهن. مشاعري کان علاوه مقالن جي نشست پڻ ٿيندي آهي. جنھن ۾ سيد جھنگل شاهہ جي زندگيءَ ۽ سندن ڪارنامن تي روشني وڌي ويندي آهي.

ميان حبيب حضوري:

ميان حبيب حضوري سن 1624ع تي دادو شهر کان 5 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف ڀوٽ مڌ شريف ۾ تولد ٿيو. ميان حبيب حضوري حافظ معلم مدرس ۽ فقيه هو. هو ولايت جو صاحب هو. ڪيترين ئي ڪرامتون ڏانهس منسوب آهن. ميان حبيب حضوري مڌ شريف ۾ هڪ وڏو مدرسو قائم ڪيو. اهو مدرسو اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي. هن مدرسي ۾ ڪيترائي طالب علم داخل ٿيا ۽ ديني تعليم حاصل ڪري دستار بند ٿي ويجي درس و تدريس جي ڪم ۾ مشغول ٿيا. سندن فيض برڪت جو سلسلو اڄان تائين جاري آهي. ميان حبيب حضوري 60 سالن جي ڄمار ۾ 1687ع ۾ رحلت فرمائي. سندس آخري آرام گاهہ مڌ شريف ۾ آهي. سندن مزار مٿان مقبرو جوڙايو ويو آهي. هر سال 27 ـ رجب المرجب تي سندس عرس ملهايو ويندو آهي. هن درگاھہ جو متولي ميان محمد پيرزادو آهي. ساڻس گڏ محمد عرس ڪنيز.

ڊاڪٽر آر. ڪي ممتاز پنهور، وزير علي عيسيٰ فقير ۽ عبدالغفار فقير، درگاهه جي سنيال ۽ عرس ملهائڻ لاءِ سات نياڻي رهيا آهن.

سيد گل شاهه:

چيو وڃي ٿو ته سندس مزار ڳوٺ سيتا ۾ سيتا مائنر جي ڀرسان آهي. هيءُ سيد، سنڌ تي مدد خان پٺاڻ جي ڪاهه ۾ شهيد ٿيل آهي. مزار تي اڳ ڪچو مقبرو هو جيڪو ڏهي ۽ زمين دوز ٿي ويو آهي. هينئر ان مقام تي سنڌ جو معروف شاعر سيد حاجن شاهه 'هم وطن' سيتائي مدفون آهي ۽ ان جي مزار تي پڪو چاپرو ناهيو ويو آهي.

سيد ناصر علي شاهه لکياري:

هيءُ بزرگ، لکي شاهه صدر جي اولاد مان آهي. 16 صدي عيسويءَ ۾ آيل معلوم ٿئي ٿو. بزرگ ڪامل ولي ۽ درويش ٻڌايو وڃي ٿو. هن بزرگ جي مزار پاٽ شهر کان اڌ ڪلوميٽر پنڌ تي بند جي اندران ڪچي ۾ آهي. سندس مٽار سيد عبدالله شاهه وزيراعليٰ سنڌ هڪ شاندار مقبرو جوڙايو. هن بزرگ جي مزار تي ڪيترائي سوالي اچي پنهنجو مرادون پوريون ڪرائيندا آهن.

پير رکيل ريلائي:

پير رکيل ريلائي پير مخدوم رکن الدين جي اولاد مان هو. مخدوم رکن الدين ۽ مخدوم فخرالدين ٻئي پاڻ ڪوٽ ڪروڙ ۽ ديري جات مان سنڌ ۾ آيا. هنن جو خاندان سلسلو خليفي اول حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رض سان وڃي ملي ٿو. مخدوم نوح رح هالن وارو مخدوم فخرالدين جي ڇهين پيڙهيءَ مان آهي. مخدوم رکن الدين ڳوٺ درس تعلقي موري ۾ اچي ساڪن ٿيو. جتان سندس اولاد وڏي ويجهي سنڌ جي ٻين علاقن ۾ وڃي سڪونت پذير ٿيو. جي ريلائي پير سڏجن ٿا. مخدوم پير خاوند ڏنو پنهنجي سؤٽ مخدوم پير غلام حيدر سان ڪاوڙجي درسن مان لڏي اچي دادو تعلقي ۾ ويٺو. جتي هينئر مشهور درگاهه مخدوم پير رکيل ريلائيءَ جي نالي سان آهي. مخدوم پير خاوند ڏني کي ٻ فرزند هئا. مخدوم پير دورل (اول) ۽ مخدوم پير ڪريم ڏنو (اول) پير ڪريم ڏنو (اول) درسن جي ڀرسان پنهنجي عزيزن مان شادي ڪري آيو. سندس گهرواريءَ جا ٻه يتيم پائٽيا، اتان اچي سندس سنيال ۾ آيا. جن مان هڪ جو نالو هو پير بيگن سائين ۽ ٻئي جو نالو هو ـ پير رکيل سائين.

پير رکيل ريلائيءَ جي ولادت باسعادت ڳوٺ درس تعلقي موري جي ڀرسان هڪ ننڍڙي واهڙ ۾ ٿي جتي ٻه ٽي گهر ريلائي پيرن جا هئا. سندس والد سڳوري جو نالو پير خان محمد هو. سندس جنم جي صحيح تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. ان وقت سندس عمر اٽڪل اسي پنجاسي ورهيه ڇڻي وڃي ٿي. سندس ڪرامتون مشهور آهن. پاڻ هڪ لاطمع درويش مان هو. سالڪ ۽ اهل دل هو. شادي ڪانه ڪئي هئائين ۽ جتي ستي هو. آخر عمر ۾ جڏهن بيمار ٿيو تڏهن لونگ فقير بڙڊي وٽ ڪڙ ۾ رهيل هو. جتان عزيز ۽ مريد ڪيس ڊولي ۾ پنهنجي ڳوٺ کڻي ويا. پهريائين اچڻ کان انڪار ڪيائين، پر جڏهن ڪيس عرض ڪيو ويو ته حالت ضعيف آهي. مبادا هن جهان مان سفر پورو ٿيڻ وارو هجي، ان ڪري پنهنجن ڪکن ۾ هلڻ بهتر آهي. تڏهن صبر ڪري کڻي اکيون ڦوٽيائين[1]. درگاهه تي هر سال تاريخ

---

[1] پير صاحب جي وفات اندازاً 16 ـ 1915ع ۾ ٿي. پائنجي ٿو ته سندس ولادت سنه 1830ع ۾ ٿي هوندي. [وڌيڪ ڏسو 'مهراڻ سوانح نمبر' ص 333 کان 339 تائين، سال 1998ع سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو] (ايڊيٽر).

28،27 ۽ 29 محرم مهيني ۾ وڏو ميلو لڳندو آهي. 27 محرم الحرام پير صاحب جي وفات وارو ڏينهن آهي جنهن ۾ تمام وڏي خلق ايندي آهي.

بيبي ستي جتي

هن بيبي جي مزار پاٽ شهر جي اتر ۾ بچاءُ بند جي اولهه ۾ 2 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي. هن مزار تي ڇتائون مقبرو ڏيل آهي. ڪيترائي ماڻهو زيارت ڪرڻ ايندا آهن ۽ پنهنجي من جون مرادون حاصل ڪندا آهن.

***

[نوٽ: دادو تعلقي جي هر ننڍي وڏي ڳوٺ جي پرسان اوليائن جون مزارون ۽ مقبرا آهن. انهن جو مڪمل تفصيل نه ملي سگهيو آهي. ان ڪري سندن اسم مبارڪ ڳوٺن ۾ شامل ڪيا ويا آهن.]

فقيهه، معلم ۽ مدرس

علامه آءِ آءِ قاضي[1]:

سنڌ جو عظيم مفڪر، دانشور ۽ عالم، جنهن جو تعلق دادو تعلقي جي ڳوٺ پاٽ سان آهي. علامه صاحب جي ذڪر نه ڪرڻ سان هر تاريخ ۽ تذڪرو اڌورو ليکبو علامه آءِ آءِ قاضي جنهن جو سڄو نالو علامه امداد علي امام علي

---

[1] علامه صاحب جو والد قاضي امام علي انصاري سرڪاري ملازمت جي ڪري پاٽ مان لڏي حيدرآباد ۾ اچي رهيو جتي حيدرآباد جي هڪ بااثر شخصيت محمد حافظ جي وڏور نياڻيءَ سان شادي ڪيائين، جنهن مان امداد علي (آءِ آءِ قاضي) جائو. سندس والد ڪجهه عرصي لاءِ دادو ۽ نوشهري فيروز جو ميونسپل ڪمشنر ۽ آنريري مئجسٽريٽ پڻ ٿي رهيو. علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي ابتدائي تعليم لاءِ آخوند عبدالعزيز کي مقرر ڪيو ويو آخوند صاحب، علامه آءِ آءِ قاضيءَ کي قرآن مجيد پڙهايو ۽ ابتدائي سنڌي، فارسي ۽ علم رياضيءَ ۾ پڙهڻ سکيا ڏني. انهيءَ کان علاوه آخوند صاحب کيس 'مفتاح الصلواة' به پڙهايو. علامه آءِ آءِ قاضيءَ 18 سالن جي ڄمار ۾ 1904ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان خانگي طور پاس ڪيو ۽ فارسيءَ ۾ جيڪو ان وقت لازمي سبجيڪٽ هو پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. 1905ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان خانگي طور مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ هو علي ڳڙهه ۾ سر سيد احمد خان جي قائم ڪيل ڪاليج ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويو هڪ سال کان پوءِ علي ڳڙهه مان موتي آيو ۽ تعليمي سلسلو منقطع ڪري ڇڏيائين. 1907ع ۾ پنهنجي ماروٽ ميان عبدالقادر حافظ سان گڏجي اعليٰ تعليم لاءِ لنڊن روانو ٿيو. جتي هڪ سال خانگي طرح ايڪانامڪس (اقتصاديات) جي تعليم ورتائين. 1909ع ۾ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس ۾ داخل ٿيو ۽ ڊاڪٽر ڪنٽن وٽ پڙهيو. علامه صاحب کي مختلف مضمونن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ ۾ جنون جي حد تائين لڳاءُ هو. ڊاڪٽر برائون کان نفسيات جي تعليم ورتائين، فزڪس ۽ بائلاجي به خانگي طور لنڊن ۾ پڙهيو. ڊاڪٽر آرنولڊ کان فلسفي جي تعليم ورتي. 1901ع ۾ "لنڪنس اِن" (لنڊن) ۾ "بار ايٽ لا" لاءِ داخلا ورتي. تعليم دوران علامه صاحب جي ملاقات مس ايلسا نالي هڪ جرمن چوڪريءَ سان ٿي. مِس ايلسا هڪ قابل ۽ بلند پايي جي ليکڪا ۽ شاعرا هئي. طبيعتون هڪٻئي سان ملي ويون ۽ ٻنهي جي پاڻ ۾ پريت ٿي وئي. 1910ع ۾ ايلسا سان شادي ڪيائين. 1911ع ۾ بار ايٽ لا جو امتحان پاس ڪري واپس وريو. واپسيءَ بعد مختلف علمن جو مطالعو جاري رکيائين. ڪجهه عرصي بعد وري انگلنڊ هليو ويو. جتي مطالعو جاري رکيائين ۽ 1919ع ۾ وطن واپس وريو. 1921ع ۾ ڪجهه عرصي لاءِ ٽنڊي جان محمد ۾ مئجسٽريٽ مقرر ٿيو. 1922ع ۾ خيرپور رياست ۾ سيشن جج مقرر ٿيو.

قاضي صاحب 1924ع ۾ هڪ مضمون بعنوان "مشرقي شاعريءَ ۾ غزل جو مقام" (Place of Ghazal in Oriental Poetry) لکيو. هن ليک کي ڏاڍو سراهيو ويو ۽ ڪيس انگلنڊ جي شاعريءَ واري سوسائٽيءَ جو نائب صدر چونڊيو ويو علامه صاحب پهريون سنڌي هو جيڪو هن سوسائٽيءَ جو نائب صدر چونڊيو ويو ۽ هو 1948ع تائين هن عهدي تي رهيو. 1926ع ۾ قاضي صاحب کي خيرپور رياست جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو هوم ميمبر مقرر ڪيو ويو. پر ٿوري عرصي اندر ملازمت کان بيزار ٿي. آگسٽ 1927ع ۾ استعيفيٰ ڏنائين. 1928ع ۾ قاضي صاحب ٻيهر لنڊن ويو جتي ڪجهه عرصي لاءِ لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ بحيثيت استاد ۽ ممتحن، خدمتون سرانجام ڏنائين. 1932ع ۾ شيخ گوما، الازهر ڪان ۽ لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ عربيءَ جي تعليم ورتائين. لنڊن ۾ 1933ع ڌاري 'جمعيت المسلمين' جو بنياد رکيائين ۽ ڪيس جمعيت جو امام مقرر ڪيو ويو. هن جمعيت جو مقصد اسلام جي تبليغ ۽ اُتي جي مسلمانن جي بهتريءَ ۽ پلائيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ هو. 1933ع ۾ ئي قاضي صاحب پنهنجي اهليه ايلسا قاضيءَ جي تعاون سان ڪتاب لکيو جنهن جو نالو آهي: "Adventures of a Brown Girl in Search of God" يعني "پوري چوڪري خدا جي ڳولا ۾" اهو ڪتاب دراصل جارج برنادشا جي لکيل ڪتاب: "A Black Girl in Search of God" "خدا جي تلاش ۾ هڪ ڪاري چوڪريءَ جي جاکوڙ" جي جواب ۾ لکيو ويو هو. قيامِ پاڪستان کان ڪجهه عرصو اڳ علامه صاحب انگلنڊ مان موتي ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو. ان وقت پاڻ هر جمعي تي جناح هاسٽل جي مسجد ۾ اچي خطبو ڏيندو هو. سندس خطبي ٻڌڻ لاءِ هر طبقي جا ماڻهو پري پري کان اينديا هئا.

پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ 1951ع ۾ جي.ايم.سيد جي زور ڀرڻ تي قاضي صاحب لنڊن کي خير آباد چئي اچي سنڌ يونيورسٽي سنياليو ۽ پورا 9 سال سنڌ يونيورسٽيءَ جي بي لوث خدمت ڪيائين. پر جنهن مهل محسوس ڪيائين ته مارشل لا جي غير جمهوري حڪومت ۾ عالمن ۽ دانشورن جي ڪابه اهميت نه رهي آهي ۽ سنڌي زبان ۾ تعليم ڏيڻ خلاف سرڪاري سازشون شروع ٿيون ته علامه صاحب هڪدم وائيس چانسيلريءَ

قاضي آهي. پاڻ 18 ـ اپريل 1886ع تي امام علي قاضي جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو ۽ هن فاني جهان کي ساڍئي مهيني يعني 13 اپريل 1968ع ۾ ڇڏيو. علامہ صاحب هڪ اعليٰ ترين شخصيت، علم ادب جو پنڌار، عظيم مفڪر ۽ فلاسافر هو. سندس فهم ۽ فراست ۾ علم جون وسعتون سمايل هيون. اسلام جو مشهور مبلغ، تعليمي ماهر، عالم، تصوف جو وڏو ڄاڻو ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو به وڏو پارکو ۽ شارح هو. پاڻ وطن دوست ۽ سنڌ جيجل جو شيدائي هو. سندس فڪر انگيز ۽ فلسفيانہ تحريرون زندگيءَ جي هر قدم تي مشعل راهہ آهن. علامہ صاحب پنهنجي سموري زندگي عظيم مقصدن لاءِ وقف ڪئي. جام شوري ڪئمپس ۾ سنڌ يونيورسٽي جو مضبوط بنياد وڌو. پاڻ 19 ـ اپريل 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر مقرر ٿيو ۽ 4 ـ مئي 1951ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ مان حيدرآباد آندو ويو. سانده چار سال جامعہ سنڌ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. 19 ـ اپريل 1954ع تي جامعہ سنڌ جو ڪيس ببهر وائس چانسيلر مقرر ڪيو ويو. ٽيون پيرو وري 19 ـ اپريل 1957ع تي ڪيس اهو عهدو آڇيو ويو. جو پاڻ قبول ڪيائين. پر سندس طبعيت بحال نہ هئڻ سبب 25 ـ مئي 1959ع تي استعيفا ڏنائين. وائيس چانسيلري دوران شاگردن ۽ يونيورسٽي جي استادن ۾ علمي استعداد وڌائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائين ۽ استاد توڙي شاگردن تي شفقت وارو هٿ رکيائين. سندس بيگم ايلسا قاضي فنون لطيف جي ماهر خاتون هئي. درحقيقت علامہ صاحب جهڙا انسان صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن. سنڌ واسي 13 ـ اپريل 1968ع تاريخ وفات جي نسبت واري ڏينهن تي ڪيس زبردست خراج تحسين پيش ڪندا آهن.

شهاب الدين سهروردي پائٽائي:

هيءُ بزرگ، حضرت شيخ الشيوخ محمد بن عمر شهاب الدين سهروردي بغداديءَ جي اولاد مان سنڌ ڏيهہ ۾ مشهور هو.

ميان شهاب الدين سهروردي صديقي ولد نورالدين محمد سهروردي سنڌ جي صديقي خاندان سيوهڻ پاٽ ۽ برهانپور وارن جو وڏو ڏاڏو هو. هن ئي سيڪ کان پهريان پاٽ جو شهر آباد ڪرايو. جنهن کي 'قبة الاسلام' ڪري سڏيندا هئا. مگر هن وقت اهو شهر ڦٽي ويران ٿي ويو آهي ۽ ٻيو نئون شهر آباد ڪرايو ويو. پوئين پاٽ جو بنياد مفتي عبدالواحد ڪبير، مخدوم عبدالواحد سيوستانيءَ جي ڏاڏي جي زماني ۾ رکيو ويو. هن بزرگ جي وفات سال 802هـ بمطابق 1399ع ۾ ٿي. شهاب الدين سهروردي پنهنجي دور جو وڏو عالم هو.

هن بزرگ جي مرقد مبارڪ بکر ۾ حضرت مخدوم نوح بکريءَ جي احاطي ۾ موجود آهي.

شيخ رڪن الدين پائٽائي:

شيخ مخدوم رڪن الدين ولد شيخ معروف (خليفو مخدوم بلاول سهروردي ڪبروي طريقو ۽ بلاولي تحريڪ) 875هـ/ 1470ع ۾ پيدا ٿيو ۽ سال 952هـ/1545ع ۾ رحلت فرمائي. پاڻ جي قديم روايتن ۾ مخدوم بلاول جي آمد ۽

تان استعفيٰ ڏني ۽ پنهنجو پاڻ کي تحقيق ۽ تصنيف ۾ مشغول رکيو. ان ئي زماني ۾ هن حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ؒ جي ڪلام تي تحقيق ڪئي ۽ نئين انداز ۾ شاهہ جو رسالو ترتيب ڏئي جيڪو پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو.

علامہ صاحب 20 صديءَ جو عظيم مفڪر ۽ وڏو قرآن شناس عالم هو. پٽائي صاحب کان پوءِ علمي طرح جن عالمن ۽ اسڪالرن سنڌ جي ماٺهن جي ذهني ۽ فڪري آبياري ڪئي. انهن ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي جي شخصيت نمايان آهي. علامہ صاحب نہ صرف دانشور ۽ مفڪر هو پر عظيم مبلغ ۽ مصلح پڻ هو. هو پنهنجي علم، فڪر، فلسفي ۽ ڪردار ۾ ريڪتا هو. سندس علم ۽ فڪر جو سرچشمو قرآن حڪيم جي حڪمت ۽ هدايت هو. ڪيس يوناني توڙي هندي فڪر ۽ فلسفي سان گڏوگڏ جديد يورپ جي سائنسي ۽ سماجي علمن جي به ڄاڻ هئي. علامہ صاحب، سنڌ جي جن نامور شخصيتن کي متاثر ڪيو تن ۾ اي ڪي بروهي، قاضي فيض محمد، جي. ايم. سيد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر نظام الدين هالپوٽو، پروفيسر حيدر علي لغاري ۽ ٻيا شامل آهن. علامہ صاحب 13 ـ اپريل 1968ع تي وفات ڪئي. سندس مزار سنڌ يونيورسٽي جام شوري ۾ آهي (ايڊيٽر).

جامع مسجد ۾ واعظ ڪرڻ جو احوال اڇي ٿو. جنهن مان اهو دليل ڏنو ٿووجي. ته شيخ رڪن الدين پاڻائيءَ جي دعوت تي مخدوم صاحب آيو هو يا سن 1501ع ۾ شيخ معروف جي وفات تي فاتح ۽ شيخ رڪن الدين جي دستاربنديءَ لاءِ آيل هوندو. مخدوم شيخ رڪن الدين جي حياتيءَ جو عرصو سمن جو اختتامي دور ۾، ۽ مرزا شاهه بيگ ارغون جي حڪومت تي مشتمل آهي. ان عرصي دوران هن نٽي ۾ درس تدريس جي پيشي ۾ پنهنجي ڄمار صرف ڪئي ۽ مڪلي ٽڪريءَ تي مدفون ٿيو.

شيخ الاسلام يوسف سنڌي:

سنڌالاجي ڄام شوري ۾ هڪ قلمي نسخو "انساب مشائخ سيوستان" موجود آهي جيڪو افقه الفقه في السند مخدوم حسن الله شاهه صديقي پاڻائي جو تحرير ڪيل آهي. ان فارسي ڪتاب جو سنڌي ترجمو مصنف جي ڏهٽي مخدوم علي گوهر (المتوفي 1972ع) ڪيو. ان نسخي ۾ شيخ يوسف سنڌيءَ جو ذڪر هنن لفظن ۾ ٿيل آهي.

"شيخ الاسلام محمد يوسف سندهی شهابی که جد حقيقی مسيح الاولیا مذکور است (اولادش) کثير التعداد در ملک هندستان مريدان بسيار داشت که يکے ازان ميان مير بالا پير سيوستانی لاهوری سلسله مرشدی خود از واسطه شيخ خضر سيوستانی بايوسف داشت وابوالفضل و فيضی که نامداران ديار هندستان اند سلسله مرشدی از واسطه جد خود شيخ خضر سيوستانی در شيخ يوسف طور موصول دارند."

يعني ميان مير اصلاً سيوهاڻي ثم لاهوري بن قاضي سائين ڏنو شيخ خضر جي توسط سان سندس (شيخ يوسف) جو مريد هو. هيءَ اهوئي شيخ خضر آهي. جنهن جي حوالي سان ابوالفضل ۽ ملا فيضي به سندس مريديءَ ۾ شامل هو. ميان مير پنهنجي مرشد شيخ خضر جي حڪم سان لاهور منتقل ٿيو ۽ خانقاه قادريه جو بنياد رکيائين. شيخ خضر ناگور ۾ شيخ يوسف سنڌيءَ جي ارادت سان مستقل سڪونت اختيار ڪئي. جتي سن 911هـ ۾ ابوالفضل ۽ ملا فيضي جي والد شيخ مبارڪ جنم ورتو.

شيخ مبارڪ بن خضر پنهنجي فرزند ملا فيضيءَ کي هڪ خط ۾ لکي ٿو ته "پدرم شيخ خضر عنايت و شفقت بسيار داشته اند رفته داد خواهی کرد همچنين بخدام شيخ يوسف سندهی که سيار هفت اقليم است و بيست حج گذاشته بودند، براحوال پدران اطلاع داشت. (بياض رقعات قاضي عبدالرسول سيوستاني موجود سينٽرل لائبريري ڄام شورو) يعني شيخ مبارڪ جي والد شيخ خضر تي شيخ يوسف سنڌي جي عنايت ۽ شفقت تمام گهڻي هئي. انهيءَ ڪري لکي ٿو ته: "اسين سڀ شيخ يوسف سنڌي جا خادم آهيون. جيڪو هفت اقليم جو سيلاني آهي. ويهه حج ڪيل اٿس ۽ اسان جي وڏن جي حال کان واقف آهي.

ابوالفضل آئين اڪبريءَ ۾ رقمطراز آهي: "شيخ يوسف سنڌي جيڪو صورت ۽ معنيٰ جو سير ڪريٰ چڪو هو ۽ بيشمار ڪمالات حقيقي ذيڪاري مخلوص کي هدايت جي راهه تي هلائڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ ۾ پنهنجي زندگي گذاريندو هو ۽ هڪ دنيا کي سندس هدايت مان آخرت جو ذخيرو فراهم ٿي رهيو هو."

غوثي گلزار ابرار ۾ ياد "مخدوم نوح" جي باب ۾ لکي ٿو: شيخ يوسف رسمي علمن جي شروعات ۾ مخدوم نوح جو هم درس هو." بلڪ مقامي قلمي ذريعا ٻڌائن ٿا ته شيخ يوسف جي گهر واري بي بي ڪزبانو حضرت مخدوم نوح جي قريبي عزيزه هئي.

شيخ يوسف پاڻ کان نڪري هندستان ۾ عرب ملڪن جا ڪيترائي سفر ڪيا. ناگور ۾ مدرسو قائم ڪيائين. مختلف ماڳ مڪانن تي رهڻ سبب سندس اولاد سيوهڻ ۾ پاڻ سنڌ، هندستان ۾ عربستان ۾ پڻ ڦهليو. هن بزرگ کي چار فرزند ٿيا: (1) شيخ طيب محدث، (2) شيخ طاهر محدث، (3) شيخ قاسم محدث والد شيخ عيسيٰ الاولياء سنڌي (4) مخدوم عباس پاڻائي ثم هنگورجائي. مدينه پاڪ ۾ اڄ به سندس اولاد مان شيخ مطر عزيزيه ۾ رهائش پذير آهي.

شيخ طيب محدث سنڌي پاڻائي:

محدث طيب بن يوسف پاڻائي صديقي سنڌي علم حديث ۾ تصوف جو وڏو عالم پنهنجي پيءُ ۾ ياءُ شيخ محدث طاهر سان پاڻ مان نڪري شهاب الدين واصل وٽ تصوف جا ڪتاب 'منهاج العابدين' امام غزالي جو پڙهيائين ۾ سفر ڪندي برهانپور ۾ اچي رهيو. 'تذڪره گلزار ابرار' مان معلوم ٿئي ٿو ته هو شيخ طاهر جو وڏو پاءُ هو. گجرات ۾ برار جي سفر ۾ ساڻس گڏ هو. هيءُ بزرگ سن 950ھ/1543ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو به سنڌ کان ٻاهر آهي.

شيخ طاهر محدث بن شيخ يوسف سنڌي پاڻائي:

شيخ طاهر هجري ڏهين صديءَ جي پهرئين ڏهي ۾ پاڻ شهر ۾ تولد ٿيو. طاهر رسمي علم ڪجهه پنهنجي والد وٽ پڙهيو ۾ ڪجهه مخدوم ميران ۾ مخدوم جعفر بوبڪائيءَ وٽ حاصل ڪيو. ان کان پوءِ سندس وڏي پاءُ شيخ طيب کي پنهنجي والد سان سفر جو اتفاق پيش آيو. هي ٽيئي بزرگ وطن کان روانا ٿي هڪ ڳوٺ ۾ پهتا، جو شيخ شهاب الدين سنڌيءَ جي نالي سان مشهور هو. شهاب الدين وڏو عالم پاڻ حقيقتن جو واقف، صاحبِ درس ۽ فيض جو مالڪ هو. سنه 950ھ/1543ع ۾ اتان روانو ٿي ڏکڻ هندستان ۾ سير ڪندي انهيءَ وقت جي وڏي مرشد ۾ پير، مخدوم شيخ محمد ملتانيءَ جي حلقه ارادت ۾ داخل ٿيو. اتان پوءِ موتي اچي ايرج پور ۾ رهيو. سندس مرشد انهي ئي شهر ۾ ڪيس خرقه خلافت عطا ڪئي. ايرج پور (ايلچ پور) ۾ شيخ طاهر تمام گهٽو وقت ماڻهن کي درس ڏيندو رهيو ۾ تصوف جي تلقين به ڪندو هو.

ڪجهه وقت کان پوءِ احمد نگر جي حاڪم مرتضيٰ نظام الملڪ ايرج پور تي ڪاهي اچي قبضو ڪيو ۾ ترنالہ قلعي تي فتح حاصل ڪيائين. ملڪ ۾ روني پاجڙ پئي ۾ پريشان حالي ٿي. ان وقت خانديش جي حاڪم شيخ طاهر کي عرض ڪيو ته اوهين هلي برهانپور ۾ رهو. جنهن کان پوءِ شيخ طاهر هميشه لاءِ اچي برهانپور ۾ رهيو. علي عادل شاهه وقت جي حاڪم سندس درس تدريس ۾ تلقين لاءِ خانقاهه تيار ڪرائي. جتي هيءُ بزرگ ماڻهن کي فيض پهچائڻ ۾ سرگرم رهيو. سندس وجود ان وقت جي حاڪمن عارفن لاءِ غنيمت ليکيو ويندو هو. هن بزرگ ۾ محدث درس تدريس جا هيٺيان ڪتاب تصنيف فرمايا:

1. تفسير مجمع البحار طاهري جو امام قشيري جي ڪتاب اللطائف جي طرز تي آهي ۾ هو صوفياء ڪرام جي

نُڪتن ۾ اشارن تي حاوي آهي.

2. مختصر قوت القلوب
3. انتخاب مواهب لدنيه
4. ملتقط جمع الجوامع سيوطي
5. صحيح بخاري جي شرح قسطلاني جو اختصار جو 12 جلدن ۾ پوروٿيو آهي.
6. تفسير مدارڪ جو مختصر جو پنهنجي ٻن پٽن عبدالله ۽ رحمت الله لاءِ لکيو هئائين.
7. اسماء رجال صحيح بخاري
8. رياض الصالحين هن ڪتاب ۾ 3 روضا (باغيچا) يا 3 باب آهن. جن مان پهرين باب ۾ امت جي بخشش ڪاميابيءَ جون حديثون آهن. ٻئين باب ۾ بزرگن جا ناصحانه اقوال ۽ هدايتون آهن. سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني، شيخ ابوطالب مڪي، شيخ شهاب الدين سهروردي، زين الدين خوافي، شيخ علي متقي هندي، ٽئين باب ۾ توحيد عشق وارن جا اقوال ۽ ارشاد آهن. جيئن شيخ محي الدين عربي عين القضاة همداني، شيخ صدرالدين قونوي وغيره هن بزرگ، صوفي، عارف، عالم ۽ محدث جي وفات سنه 1004هـ بمطابق 1595ع ۾ ٿي.

هن بزرگ پنهنجي مٿان مقبرو ٺهرائڻ جي سخت منع ڪئي هئي. جنهن ڪري عبدالرحيم خان خانان فقط ٻارهن در جوڙائي جيڪا اڄ تائين سنڌي پوره برهانپور ۾ موجود آهي.

شيخ قاسم سنڌي پاٽائي:

شيخ قاسم بن شيخ يوسف محدث پاٽائي سنڌي شيخ طاهر محدث جو نندو پاڻ ۽ وقت جي وڏي عالم، صوفي، مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ پاٽائي برهانپوريءَ جو والد بزرگوار هو. تعليم پنهنجي والد ۽ شيخ شهاب الدين سنڌي وٽ حاصل ڪيائين. تقويٰ، توڪل، زهد، تصوف مطلب ته سموريون نيڪ صفتون منجهس موجود هيون. اڃا هوش سنڀالڻ جو زمانو ڪونه آيو هو جو سندس والد وفات ڪري ويو. سندس خدا شناسي، وحدت الوجود جي مسئلن سمجهه جي ماٺهو تعريف ڪندا هئا ۽ سندس ڪرامتن جون ڳالهيون ڪندا هئا.

مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللهه فرمائي ٿو ته مان پنهنجي چاچي بزرگ کان فرمائيندي ٻڌو ته منهنجي ننڍي پٽ قاسم جو مشرب صوفيانه هو سندس دل آويز گفتار ۽ پسنديده افعال مان اخيارن، ابرارن جون علامتون ظاهر هيون. ميا جمال محمد گجراتيءَ جو هڪ وڏو صوفي ۽ مفسر محدث هو تنهن جو چوڻ آهي ته شيخ قاسم علم ۾ يڪتاءِ زمانه آهي.

شيخ قاسم جي وفات جي تاريخ معلوم ٿي نه سگهي آهي پر اندازو آهي ته هن ڏهين صدي هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ يعني 968هـ/1560ع ڌاري وفات ڪئي. سندس مقبرو پاٽ پراٽيءَ ۾ موجود هو جيڪو درياء جي پاڻ سبب پنهنجا آثار مٽائي ويٺو. البت ان مقبري جي اردگرد طويل قبرستان موجود هو جنهن کي شيخ قاسم جي نالي پٺيا قاسماٽيءَ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي. ان قبرستان ۾ ٻيون به ڪيتريون ئي تاريخي قبرون سمر سبب هاڻ ميسارجي ويون آهن.

مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ پاڻائي[1]:

شيخ احمد سرهندي مجدد الف ثاني جو همعصر شيخ عيسيٰ جنداللہ پاڻائي ولد شيخ قاسم سنڌي پاڻائي برهانپوري لقب مسيح الاولياء 962هـ/1555ع تي جنم ورتو ۽ 1031هـ بمطابق 1621ع تي رحلت فرمائي. شيخ عيسيٰ لاءِ ڪن مؤرخن جو چوڻ آهي ته هن پاڻ ۾ جنم ورتو. ٻين مؤرخن جو چوڻ آهي ته هن بزرگ ايرج پور ۾ جنم ورتو. شيخ عيسيٰ علم جي حصول لاءِ تمام گهڻو سفر ڪيو. پنهنجي مرشد لشڪر محمد عارف کان خرقو ويڪي برهانپور ۾ رهيو ۽ وٺائن ڪيترن ظاهري ۽ باطني علمن جو فيض حاصل ڪيو. ماڻهو کيس مسيح الاولياء مسيح الزمان مسيح القلوب ۽ حبيب الله جي خطابن سان ياد ڪندا آهن. شيخ عيسيٰ جي معتقدن مان هڪ شيخ ابوالخيربن مبارڪ به هو. جيڪو ابوالفضل ۽ فيضي جو ننڍو پاءُ عالم ۽ صوفي هو. شيخ عيسيٰ جنداللہ جي مشهور خليفن مان شاهه ميران شيخ عبدالقدوس شاهه نعمت الله سيد مير ڪلان خواجه علي مسيحي شيخ صدر جهان شيخ اسماعيل ۽ شيخ حافظ صالح شطاري قابل ذڪر آهن. کيس ٽي پٽ هئا: شيخ عبدالستار شيخ شهرالله رمضان ۽ شيخ فتح محمد. انهن مان شيخ شهرالله رمضان سنڌ ۾ رئي رهيو ۽ سندس اولاد پاڻ ۽ سيوهڻ جا صديقي مشهور آهن.

شيخ مبارڪ پاڻائي:

پاڻ جي شهر کي جن بزرگن اچي آباد ڪيو سي شيخ مبارڪ جا ڏاڏا ۽ شيخ عيسيٰ پاڻائي برهانپوري جا وڏا هئا. شيخ مبارڪ، مخدوم عباس (ابن جلال) محدث پاڻائيءَ جو شاگرد هو جنهن وٽ سمورا ظاهري علم ختم ڪيائين. ان کان پوءِ تقدير کيس احمدآباد (گجرات) ۾ پهچايو.

احمدآباد جي ناصرالملڪ جي مشهور مسجد ۾ صدر مدرس مقرر ٿيو ۽ ڪيترا سال درس و تدريس ڏيندو رهيو. ان کان پوءِ برهانپور اچي مقيم ٿيو. ان زماني ۾ صوبي برار جو حاڪم وزيراعظم تفاول خان هو جنهن جي سفارش تي وزير جي ملاقات لاءِ ايلچ پور پهتو. وزيراعظم نهايت عزت سان کيس قضا جي عهدي تي رکيو ۽ آخر قضا جو عهدو ڇڏي طاهر بن يوسف سنڌيءَ جي صحبت حاصل ڪرڻ لاءِ برهانپور ۾ اچي رهيو جتي وٽس شيخ عيسيٰ جنداللہ ڪجهه ڪتاب پڙهيا.

جمع ڏينهن سنه 978هـ/1570ع ۾ هو دار فاني مان لاڏاڻو ڪري دار جاوداني ۾ وڃي آرامي ٿيو ۽ کيس شيخ ابراهيم بن عمر جي گنبذ ۾ دفن ڪيو ويو.

شيخ لاڏ جيو پاڻائي[2]:

شيخ لاڏ جيو پاڻائي 930ع بمطابق 1524ع ڌاري سنڌ جي تاريخي شهر پاڻ ۾ پيدا ٿيو. نوجوانيءَ ۾ اتان لڏي

---

[1] شيخ عيسيٰ جنداللہ وڏي پايي جو عالم، اديب، فاضل ۽ فقيهه هو سندن ڪافي تصنيفون ملن ٿيون. جن جا نالا ڪجهه هن طرح آهن: (1) روضة الحسني (989هـ/1581ع) (2) عين المعاني (997هـ/1588ع) (3) انور الاسرار (قرآن مجيد جو تفسير) (4) رسالہ حواس پنجگانہ (5) حاشيہ بر اشاره غريب ڪتاب انسان ڪامل (6) شرح قصيده برده (فارسي ۾) (7) رساله قبلة المذاهب اربعه معه اشارات اهل تصوف (8) حاشيہ بر شرح فيايئہ (9) فتح محمد درعلوم مايتعلق به التفسير (10) تميه شرح ماه ڪامل (11) رسالہ عقود (13) شرح رباعيات (14) ترجمہ اسرار الوحي (15) رسالہ وحدت الوجود (16) رسالہ تعينات و حقيقت محمديہ.

شيخ عيسيٰ جنداللہ، شيخ محمد غوث گواليارياءِ جو خليفو ۽ شيخ محمد لشڪر جو مريد هو. شيخ برهان شطاري برهانپوري سندن مريد ۽ خليفو هو. سندس تصنيفات مان تفسير "انوارالاسلام" مشهور آهي. سندس پٽ شيخ عبدالستار فضيلت، ڪمال ۽ عمدي حال جو صاحب هو (ص 341، تحفة الڪرام (چاپو چهون)، سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو) (ايڊيٽر).

[2] ايڊيٽر ياران اضافو.

برهانپور هليو ويو. ڪيس سنڌي ڪافيءَ جو موجد (باني) به سڏيو ويو آهي. هو خوبصورت هجڻ سان گڏ سريلي آواز جو مالڪ هو. سنڌي موسيقيءَ ۾ ڪيس درڪ حاصل هو. خاص ڪري ڪافي اهڙي ته وٺندڙ پرسوز آواز ۾ ڳائيندو هو جو ٻڌندڙن تي وجد طاري ٿي ويندو هو. شيخ لاڏ جيو شيخ قاسم بن يوسف سنڌي، شيخ طاهر محدث سنڌي، شيخ مبارڪ سنڌي، مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ پاڻائي شطاريءَ جو همعصر ۽ شيخ مبارڪ سنڌي جيڪو ان وقت جو وڏو عالم، فاضل هو، اهو ۽ شيخ لاڏ جيو گڏجي برهانپور ۾ اچي وڻيا. شيخ لاڏ جيئي جي دم سان برهانپور ۾ راڳ ۽ سماع جون محفلون منعقد ٿيندڙيون هيون. شيخ لاڏ جيو قناعت ۽ توڪل جي پسند ڪندو هو. علامہ غوثيؒ لکي ٿو ته: "سندس حُجرو حضرت مسيح الاولياءؒ جي جامع مسجد جي اُترين ديوار سان گڏ هو. اندازاً ستر سالن جي ڄمار ۾ 1007ھ/1598ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس شيخ ابراهيم بن عمر سنڌيءَ جو مقبري ۾ سان دفن ڪيو ويو.

اسحاق سنڌي قلندر پاڻائي:

هيءُ بزرگ، پات جو رهاڪو هو. دنيا جي سير واسطي قلندرانہ صورت ۾ نڪري پيو. ڪيترائي ويران ۽ وسنديون ووڙيائين. ملڪن جو سير ڪيائين. هر هڪ ملڪ ڪي پوري غور سان ڏسندي، انهن جي اهميت ۽ حقيقت کان واقف ٿيو. 959ھ/1455ع ۾ سير سفر ترڪ ڪري برهانپور (ڏکڻ هندستان) ۾ اچي رهيو ۽ اتي شيخ محمد طاهر بن شيخ يوسف سنڌي محدث جي صحبت ۾ رهي پيو. سندس تصوف ۾ طريقو ارادي جي مضبوطيءَ ۽ استقامت تي ٻڌل هو. آخر ۾ پنهنجي مرشد ۽ شيخ محمد طاهر جي وفات کان پوءِ 7 سال هن دنيا ۾ گذاري سنہ 1010ھ/1601ع ۾ لاڏاٽو ڪري ويو.

مفتي عبدالواحد ڪبير پاڻائي:

مفتي عبدالواحد ڪبير[1] ولد مولانا عبدالرحمان قاري (متوفي 1080ھ/1669ع) بن محمود سهروردي (متوفي 1070ھ/1659ع) بن شيخ عيسيٰ پاڻائي بن مخدوم حسن قاري پاڻائي (1017ھ) بن شيخ رمضان شهر الله بن شيخ عيسيٰ جنداللہ پاڻائي برهانپوري مفتي عبدالواحد سيوهاڻي ۽ پاڻائي مخدومن جو ڏاڏو آهي. جنهن جو فرزند مخدوم دين محمد اچي سيوهڻ ۾ رهيو ۽ ڪجهه وري پات ۾ رهي پيا. جتان نسل جون ٻه شاخون چالو ٿيون.

مخدوم عبدالواحد ڪبير جڏهن سلطان اورنگزيب عالمگير سان دهليءَ ۾ مليو ته هو سندس علمي لياقت کان متاثر ٿي ڪيس جاگير جو پروانو عطا ڪيو. ان فرمان جو ڊاڪٽر گربخشاڻي انگريزي زبان ۾ ترجمو الڳ ايڊيشن طور سنڌ گزيٽ سان شايع ڪيو جنهن جو عڪس پڻ ڏنو ويو آهي. انهيءَ مواد کي مارچ 1915ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي مختلف دورن ۾ ڏنل تصديقي سرٽيفڪيٽن سان گڏي هڪ ٻئي سان ڪيل اهي تصديقين [illegible] (جولاءِ 1893ع) حاجي نورمحمد خان ۽ مير ايوب خان بار ايٽ لاءِ جون هيون. گربخشاڻيءَ جي انهيءَ جو شايع ڪيل فرمان جو انگريزي ترجمو (سنڌ گزيٽ 10 ـ اپريل 1913ع) ۽ بين تصديقي سرٽيفڪيٽن جو يڪجا دستاويز جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، هڪ دفعو وري سنڌ گزيٽ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو آهي ته جيئن ان نايابَ فرمان جي ترجمي کي محفوظ ڪري سگهجي. اها جاگير پات جي علاقي ۾ هئي.

هو وڏو فقيهہ ۽ عالم هو. سلطان اورنگزيب جي زماني ۾ پات جي وسندڙ علاقي جي قضا ۽ فتويٰ سندس سپرد هئي. مفتي صاحب جي تصنيفات مان 'ڪشف الاسرار' فقہ ۾ يادگار آهي. هن بزرگ سال 1123ھ/1711ع تي پات ۾ وفات ڪئي.

---

[1] هيءُ بزرگ، ڪلهوڙا حڪومت ۾ شرعي مشير، مفتي ۽ قاضي هو. گذر معاش لاءِ ڏنل جي گورنر پاران ڪيس ۾ هزار جريب جاگير ۽ ڪجهه پڪا ڪوهہ پروانی طور ملیا، جي پات لڳ ڏيهہ رسول آباد ۾ هڻا (وڌيڪ ڏسو "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد ـ 3) ص 22). (ايڊيٽر)

THURSDAY 10TH APRIL.

SIND GAZETTE

A true copy of the translation of the document granted by the Emperor Aurangzeb to two former members of the still existing family of Pat in Sind published in the Sind Gazette issue of the 10th April 1913, with a note from the Editor.

" A Sind Souvenir of Aurangzeb. Preservation of an ancient document Sind antiquarians will be interested in the translation which we publish below of an original letter of the Emperor Aurangzeb to two former members of the still existing family of Pat in the Larkana District of Sind. It is specially interesting to note that Mukhdum Abdul Karim, who is in possession of the original letter, is one of the Old Boys of Sind Madressah.

"The officers of the present time as also the time to come holding their offices in the District of Sevostan (Sehwan) and Pat are hereby apprised that in accordance with the august injunctions of the most fortunate and glorious of the sovereign of time and earth, the Divine medium of all security and protection, the exhibitor of Heavenly Grace, the shadow of God, issued on the most auspicious day of His Majesty's Coronation fifty-one rupees have been assigned as the daily allowance to be paid to Mukhdum Sheikh Abdul Wahid, Late Chief Justice and the holy Gnostic Sheikh Abdul Kadir, the son and nephew respectively of the Saint of God, the Pole of Poles, the essence of the Divine Sheikh Issa Kassim Sidiki (May the mercy of God be upon him) from the treasury. Since the mind of the Government is in its entirety set upon the furtherance of both the material and spiritual advancement of the Kingdom and whereas the Government ardently desires that persons of high breeding and noble birth should be maintained in a fortunate and happy plight so as to spontaneously pour forth a devout wish and prayer for the prosperity of the state and the welfare of the Divine representative of God on Earth, the Government is pleased to confer ten thousand bigas of land as a substitute for his daily allowance of Rs 25-8-0 on the holy and the most virtuous of gnostic Mukhdum Abdul Wahid Sidiki to serve as a resource of income for his maintenance. The officers in charge of the District are ordered to deem it incumbent upon them to act in accordance with the above orders and entrust the afore-said amount of land to the same most glorious Mukhdum in the District of Pat. He is to be considered as exempt from all the political matters of the state and no contrary wise measures against the above command are under any circumstance to be adhered to."

I hereby certify that the above is a correct rendering of the original Persian document.

(Sd) H. M. GURBAXHIN, M. A.,
Professor of Persian.

D. G. Sind College, Karachi,

An authenticated translation of the certificate of His Highness Mir Muhammed Hussain Ali Khan Talpur one of Chief Amirs of Sind recommending the bearer to the Sind Government.

" During the reign of the former rulers of India up to the Reign of the Amirs of Sindh, the Mukhdum Sahibs of Sehwan have been from generation to generation down to Mukhdum Muhammed Sahib esteemed as the most reverend and chosen persons of the time.

" In recognition of the high regard to which they were held the Emperors of Delhi the Kalhoras and Talpur rulers of Sindh conferred high titles of honour of reverence, and of respect on them made grants of land to them and exempted them from local taxation. "

According to the Sanads in their possession their rights are proved. It will therefore be befitting if the British Government considering the past respect and rights of the said Mukhdum Sahid's family make due provision for Mukhdum Mian Ahmed and Mukhdum Habibullah who belong to the family of the Mukhdums mentioned above.

Dated 7th July 1877

(Signed) MUHAMMED, HUSSAIN ALI KHAN

True Translation.

I certify that the above is a true translation of the original Persian as I have compared the Sindhi translation given to me by Mr. Khushiram Khatanmal, Pleader with the original and I am satisfied that it is correct.

Dated 6th July 1893

(Signed) IMAM ALI,
Special Magistrate.
Second Class, Hyderabad Sind.

True Translation.

The original Persian certificate addressed to the British Government dated 7th July 1877 is given by my father Mir Muhammed Hussain Ali Khan and it bears his signature and seal.

(Signed) HAJEE NUR MUHAMMED KHAN

A true copy of the certificate given by Mir Ayub-Khan Jam Mir Khan of Las-Bela Bar-at-Law *vice* President of Karachi Municipal School Board, and Persian vice-Consul to Makhdum Naruddin Mahomed Anwar of Pat.

Karachi, February 2nd 1915.

"I have known Mr. Noorudin Mahomed Anwar Sidiki for some years. He belongs to the distinguished family of the Mukhdums of Pat in Sehwan Sub-Division who are looked upon with reverence by the Mahomedans of this Province. Even the Mughal-Emperors of Delhi respected this family and gave them grants-in-aid and lands. Any encouragement official or otherwise given to a member of this noble family and specially to Mr. Sidiki whose career at School and College has been such a successful one would only be a step in the right direction.

Personally I have a great liking for this bright youngman and wish him every success in life.

(Sd) MIR AYUBKHAN
Bar-at-Law

ترجمو

صحيح نقل ترجمو دستاويزات سلطان اورنگزيب، عطا ڪيل گذريل ٻن شخصيتن کي، اڄ تائين موجود خاندان پاڻ سنڌ، شايع شده "سنڌ گزيٽ" مؤرخہ 10 اپريل 1913ع، مع نوٽ ايڈيٽر:

"اورنگزيب عالمگير جو سنڌ سوويندڙ، سنڌ جي قديم دستاويزن کي محفوظ ڪرڻ ۾ اُن جو ترجمو متعلقہ ماڻهن لاءِ دلچسپي جو باعث ٿيندو. سلطان اورنگزيب جو اصل فرمان پاڻ لاڙڪاڻو سنڌ (موجوده دادو ضلعو) جي گذري ويل ۾ شخصيتن متعلق اسان هيٺ شايع ڪيون ٿا. اِها ڳالهہ دلچسپي جو باعث آهي تہ مخدوم عبدالڪريم، جنهن وٽ اِنهيءَ فرمان جو اصل موجود آهي، اُهو سنڌ مدرسہ جو پراڻو شاگرد آهي."

فرمان شاهي

"موجوده ۽ ايندڙ وقت ۾ سيوستان ۽ پاڻ جي حڪام بالا کي هن فرمان عالي کان مطلع ڪيو وڃي ٿو تہ مظهر خدا، خلافت پناهہ بادشاهہ سلطنت عظيم ارض و زمان جي حڪم سان مؤرخہ 29 جلوس بروز مبارڪ ڏينهن تاجپوشي 51 روپيہ يوميہ مخدوم و شيخ عبدالواحد ۽ مفتي شيخ عبدالقادر اولاد ۽ پاڻ اولياء الله عزوجل قطب الاقطاب شاهہ جنداالله شيخ عيسيٰ قاسم صديقي عليہ الرحمة جي طفيل شاهي خزاني مان ادا ٿيندا. جيئن تہ سرڪار عاليہ مملڪت جي روحاني ۽ مادي ترقي لاءِ خواهان آهي ۽ هوشدت سان گهري ٿي تہ باوقار خانداني ماڻهو جيڪي اعليٰ مقام ۽ درجو رکن ٿا، اُهي پنهنجي شان وتان زندگي گذاري سگهن تہ جيئن هو دلي طرح مملڪت جي خوشحالي ۽ ظلِ سبحاني جي پلائي لاءِ دعاگو ۽ خواهشمند رهن. بحڪم سرڪار ڏهہ هزار بيگہ زمين بطور نعم البدل روپيہ 0-8-25 روزمره خرچ، ڪمالات دستگاهہ مخدوم عبدالواحد صديقي کي معاشي گذر بسر لاءِ عطا ڪئي وڃي ٿي. متعلقہ پرڳڻي جي حڪام بالا کي حڪم ڪيو وڃي ٿو تہ انهيءَ شاهي فرمان جي مطابق عمل ڪيو وڃي ۽ والاشان مخدوم صاحب کي پرڳڻي پاڻ ۾ حڪم ڪيل اراضي زمين ڏني وڃي. ڪيس هر طرح جي مملڪتي و سياسي اُمور کان بالاتر ۽ مستثنيٰ سمجهندي شاهي فرمان بالا تي هر حال ۾ عمل ڪيو وڃي."

آءٌ تصديق ڪريان ٿو تہ هي متن، اصل فارسي عبارت جو دُرست ترجمو آهي.

ڊي جي سنڌ ڪاليج
ڪراچي، مارچ 1915ع

دستخط
هوتچند مولچند گربخشاڻي ايم. اي
پروفيسر آف پرشين

تصديق شده ترجمي مع سرٽيفڪيٽ رکندڙ لاءِ هزهائينيس ميرمحمد حسين علي خان ٽالپر، امير سنڌ، حڪومت سنڌ ڏانهن سفارش ڪري ٿو:

"هندستان جي گذشتہ حڪمرانن کان وٺي سنڌ جي ٽالپرن تائين پشت بہ پشت مخدومان سيوهڙ مخدوم محمد صاحب تائين پنهنجي وقت جا انتهائي باعزت ۽ باوقار انسان سمجهيا ويندا رهيا آهن. سندن تقدس جو اعتراف ڪندي دهليءَ جا بادشاهہ توڙي سنڌ جا ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حڪمران ڪين اعليٰ لقبن ۽ خطابن سان نوازيندا رهيا ۽ جاگيرات مع معافي ڏيل ۽ ٽيڪس ڏيندا رهيا آهن."

"وٽن موجود شاهي سندون سندن حقن کي ثابت ڪن ٿيون. اهو بلڪل مناسب ٿيندو تہ برٽش گورنمينٽ اِنهيءَ

مخدوم خاندان جي ماضي وارن حقن ۽ وقار کي ڏيان ۾ رکندي، مخدوم ميان احمد ۽ مخدوم حبيب الله جي مراعات جو بندوبست ڪري جيڪي مٿي ذڪر ڪيل مخدوم خاندان سان تعلق رکن ٿا."

7_ جولاءِ 1877ع (دستخط) محمد حسين علي خان

صحيح ترجمو

آءٌ تصديق ڪريان ٿو ته مندرجہ بالا اصل فارسي متن جو دُرست ترجمو آهي، جيڪو ته مون خوشيرام ڪٽلم وڪيل جي ڏنل سنڌي ترجمي مع اصل سان پيتا ڪئي آهي ۽ آءٌ ان کان مطمئن آهيان.

(دستخط) امام علي

اسپيشل مئجسٽريٽ

سيڪنڊ ڪلاس حيدرآباد سنڌ

برٽش گورنمينٽ ڏانهن لکيل اصل فارسي خط مؤرخہ 7 جولاءِ 1877ع منهنجي والد مير محمد حسين علي خان جو آهي، جنهن تي سندس دستخط ۽ مهر آهي.

(دستخط) حاجي نور محمد خان

پاٽ جي مخدوم نورالدين محمد انور وٽ مير ايوب خان، جام مير خان آف لسبيلہ بار_ايٽ_لا ۽ نائب صدر ڪراچي ميونسپل اسڪولبورڊ ۽ پرشين وائيس قانصل جو اصل سرٽيفڪيٽ موجود آهي.

ڪراچي 2_فيبروري 1915ع

سرٽيفڪيٽ

آءٌ مسٽر نورالدين محمد انور کي ذاتي طور تي ڪجهہ سالن کان سڃاڻان ٿو. هُو مخدومانِ پاٽ سب ڊويزن سيوهڻ جي مشهور و معروف صديقي خاندان سان تعلق رکي ٿو جيڪي صوبي جي مسلمانن جي نظر ۾ انتهائي قابل احترام رهيا آهن. حتاڪ دهليءَ جا مغل شهنشاهہ به هن خاندان جي عزت ۽ احترام ڪندا هئا ۽ کين مدد معاش لاءِ لوازمات زمينات ڏيندا رهيا. هن باوقار خاندان جي ڪنهن به فرد کي ڪو به عهدو خاص ڪري مسٽر صديقي کي جنهن جو اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ڪامياب تگ و دو رهي آهي، هڪ صحيح رخ ۾ قدم ٽيندو.

آءٌ ذاتي طور تي هن روشن خيال نوجوان کي پسند ڪريان ٿو ۽ سندس زندگيءَ ۾ هر ڪاميابيءَ جو خواهشمند آهيان.

(دستخط) مير ايوب خان

بار_ايٽ_لا

مخدوم عبدالواحد (صغير) سيوستاني:

مخدوم صاحب جا وڏا اصل پاٽ شريف جا هئا پر سنڌن علمي مجلسن جا مرڪز پاٽ سان گڏ سيوهڻ به نڪ اچي ٿو. مخدوم عبدالواحد صغير سيوستاني جو جنم 1150ھ/1737ع ڌاري مخدوم دين محمد جي گهر ۾ ٿيو هيءُ صرف ظاهري علوم جو ماهر هو بلڪ تصوف سان پڻ شغف هئس. ڪيس فقہ حنفي ۾ مهارت هئڻ سبب امام ابو حنيفہ رحمة الله جي نسبت سان نعمان ثاني به سڏيو ويندو هو. پاڻ فن تحرير ۽ فقہ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي کان پوءِ عوام جو رجوع مخدوم صاحب ڏانهن ئي نظر اچي ٿو. درس و تدريس سان نهايت دلچسپي هئس. مذهب،

ڪيترائي مسئلا حنفي قانون کي سامهون رکي پنهنجي اجتهاد سان حل ڪيائين. ان وقت جا وڏا عالم سندس فيصلن کي مڃيندي ترجيح ڏيندا هئا.

سندس فتوي نويسي وسيع پيماني تي جاري ٿيندي هئي. سندس شاگرد مولانا محمد افضل انهن فتوائن کي گڏ ڪندو رهندو هو جنهن ڪيترن ئي جلدن تي مشتمل هڪ ڪتاب تيار ڪيو. انهيءَ ڪتاب جي بابن کي ڪن ٿن جلدن ۾ ڪن چئن جلدن ۾ ورهايو آهي. ان ڪتاب کي عام طرح 'بياض واحدي' يا 'فتوي واحدي' جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. حالانڪ ان جو نالو 'جمع المسائل اعلي حسب النوازل' آهي. فتوي واحدي جا نسخا اڄ به سنڌ ۾ سنڌ کان ٻاهر هندستان، ڪشمير، افغانستان تائين اهل ذوق جي ڪتبخانن ۾ نظر اچن ٿا. 'بياض واحدي' ۾ عربي ۽ فارسيءَ کان سواءِ سنڌي لفظن جو استعمال پڻ ملي ٿو. بياض واحديءَ کان علاوه مخدوم جا مختلف موضوعن تي ڪيترائي ننڍا وڏا رسالا موجود آهن. بياض واحدي ۾ رسالن جو سنڌي ترجمو مخدوم سليم الله صديقي تازا شايع ڪرايا آهن. رسالن جا نالا هي آهن: (1) اربعون حديثا، (2) احسن الفهم و العقل في جمع الكسب والتوكل، (3) ارشاد الصواب لمن وقع في بغض الاصحاب، (4) تهدير الغافر علي تعذيب الكافر، (5) كشف الكامن في علم الباطن، (6) تفسير القدير في اضحية الفقير، (7) طريق السداد في وجوب الاعتداد، (8) السبيل الوسطي في اعفاء اللحي، (9) ايضاح العاقبة في سوال العافية، (10) بسط المقال في حل الاشكال، (11) انوار الفيوضات الباطنية في امتياز اهل الباطن و الباطنية، (12) ازالة الا شتباه في قطع همزه يالله، (13) القول الجلي في تذكير البغي، (14) جبر السكين في كسر التنوين، (15) تسهيل الصعب في ابيات كعب، (16) امداد النبي في استعداد الولي، (17) اربعون حديثا في باب الجهاد، (18) لطف اللطيف في اعطاء الرغيف، (19) اربعين في رشد الطالبين، (20) رساله في العيد، (21) رش الانوار حاشيه درالمختار، (22) حاشيه الاشباه والنظائر، (23) نص السارب في قطع الشارب، (24) رسالہ در عدالت امير معاويہ، (25) رسالہ در حرمت دخان، (26) ديوان واحدي، (27) انشاء واحدي، (28) قلندر نامہ، (29) اصدق التصديق با صلية الصدق، (30) الازهار المتناثره في الاخبار المتواتره، (31) مراة الحليه، (32) غاية الصراحه في تحريم النياحة، (33) جودة الطب في كثرة السبح، (34) البراهين الغر في منع بيع الحر، (35) فضائل ربيع، (36) سبيل الواسلين، (37) الاستدراك للدراک، (38) اربعين بروايت سراج المسلمين، (39) السير المطلوب في زيارة اكبر محبوب.

وقت جو فقيہ ۽ عالم امام ابو حنيفہ ثاني حضرت مخدوم عبدالواحد جو وصال مير غلام علي خان جي عهد ۾ 14 رمضان المبارڪ 1224هـ مطابق 1809ع تي وفات ڪري ويو. هڪ شعر مان ابجد جي حساب سان سندس تاريخ وفات نڪري ٿي:

رحلت مخدوم عبدالواحد از دنيا نمود
سهروردي گفت هاتف ختم العلماء بود
1224هـ

مخدوم صاحب جي مزار سيوهڻ ۾ چني امراٽيءَ جي پرسان خانداني قبرستان ۾ پنهنجي والد مخدوم دين محمد ۽ ڏاڏي مخدوم عبدالواحد ڪبير پاڻائي سان گڏوگڏ مدفون آهي.

مخدوم حسن الله پاٽائي صديقي[1]:



مخدوم حسن الله پاٽائي
جي مهر

سرتاج العلماء مفتي اعظم قاضي القضاة افقه الفقه في السند حضرت سيدنا مخدوم حسن الله شاهه الصديقي الپاٽائي پنهنجي دور جا عظيم استاد عالم ۽ فقيه ٿي گذريا آهن.

مخدوم حسن الله پاٽائي ولد وهب الله صديقي پاٽائي 1850ع تي جائو. ننڍپڻ ۾ پنهنجي چاچي مخدوم حاجي فضل الله وٽ تعليم ورتي. جيڪو پنهنجي دؤر جو عارف بالله هو. مخدوم صاحب آخري ڪتاب حضرت مولانا نورمحمد ۽ سندس فرزند مولانا گل محمد شهدادڪوٽيءَ وٽ ختم ڪيا. سندس هم درس علمائن مان مولوي محمد حسن حيدرآبادي ۽ مولوي محمد هاشم ٻڙهي ياسيني مولوي عطاءالله فيروزشاهي ۽ ٻيا ڪيترائي علماء شامل هئا.

مخدوم حسن الله جي ابتدائي تربيت اهڙي ماحول ۾ ٿي جو علمي بحث شريعت جي پابندي روحاني محفلون ۽ اخلاقيات جا درس زندگيءَ جي معمولات ۾ شامل هئا. مخدوم محمد شفيع پاٽائي جهڙا وقت جا ولي ۽ جيد عالم سندس خاندان جا بزرگ فرد ۽ سندس ابتدائي رهنما هئا.

تصنيفات: هن بزرگ وٽ هميشه عالمن فاضلن جون مجلسون متل هونديون هيون بزرگ پاٽ شريف کانسواءِ سوني جتوئي، مٽياري دربيلي سيوهڻ وغيره ۾ درس و تدريس ۽ تحقيق جي سلسلي ۾ گهڻو رهيو. مولانا دين محمد وفائي پنهنجي خود نوشت ۾ مخدوم صاحب کان فيض وٽن ۽ علمي استفادي جو ذڪر ڪيو آهي.

مخدوم صاحب جون ڪيتريون ئي فقهي ۽ علمي تصنيفون اڄ ب سنڌ جي قديم ڪتب خانن ۾ موجود آهن. هڪ تصنيف "انساب مشائخ سيوستان" فارسي جو سنڌي ترجمو سندس وڏي ڏهٽي مخدوم علي گوهر صديقي ڪيو. جيڪو سنڌي ادبي بورد شايع ڪيو. ان کان علاوه مخدوم صاحب جو هڪ ٻيو ڪتاب "نورالعينين في اثبات علم الغيب للسيد الثقلين" ۾ مخدوم علي گوهر صديقي جو ترجمو ڪيل آهي. جيڪو اڻڇپيل آهي.

مخدوم حسن الله صاحب جو ٽيون ڪتاب "اسماء الحسنيٰ" ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو آهي. انهن کان سواءِ قاضي هدايت الله متعلوي جي ڪتاب "ڪواڪب السعادت" جو ۾ ۾ رد "تحفة اولي الالباب في رد علي طاعن الاصحاب" تحرير ڪيائون جيڪو انهن ڏينهن ۾ ئي ڪراچيءَ مان شايع ٿيو.

---

[1] مخدوم صاحب، بياض واحديءَ جي قولن کي ترجيح ڏيندو هو. هو هندستان جي 'دارالحرب' هڻڻ جو قائل هو. تنهنڪري مولوي محمد هاشم ٻڙهي ياسينويءَ سان سندس زبردست تحريري مناظرا رهيا. جو هو هندستان جي 'دارالسلام' جو قائل هو. اهڙيءَ ريت مولانا عطاءالله فيروزشاهيءَ سان ب هن عالم جا تحريري بحث جاري رهيا. نوشهري جي مشهور قاضي محمد عالم اهل حديث واري سان ۽ مٽيارين جي فقير محمد محدث سان ب ڪيترن ئي مسئلن تي هن جو تحريري رد ڪد هلندو رهيو. هو تحصيل علم توڙي درس و تدريس جي سلسلي ۾ جدا جدا شهرن ۾ ب رهيو جن ۾ دربيلو ۽ مٽياري شامل آهن. مخدوم صاحب ڏاڍو تکو لکندو هو ۽ ڪنهن ب سوال تي جيستائين متقدمين مان ڪو تائيدي حوالو نه ملندو هئس تيستائين اڳتي نه وڌندو هو. نقشبندي طريقي جا اذڪار ب جاري هئا نه "دلائل الخيرات" "قرآن شريف ورد" ۽ "قصيده برده" ب روزانو پڙهندو هو. گهڻو ڪري نماز ۾ پيش امام نه ٿيندو هو پنهنجي ڪنهن شاگرد جي پويان نماز پڙهندو هو. مدرسه "دارالفيوض" سوني جتوئيءَ ۾ مولانا دين محمد وفائيءَ جي دستاربندي پنهنجي هٿن سان ڪرائي (ايڊيٽر).

مخدوم صاحب جا آخر ظهر تي پڙهڪجهه رسالا تحرير ٿيل آهن. جيڪي سندس علمي ذوق ۽ فقهي جاڻ جو ثبوت آهن. جڏهن ڪائنس علم الغيب متعلق ڪراچيءَ ۾ احمد صديق ڪجهه سوال لکي موڪليا تہ پاڻ ان جو جواب لکڻ ويٺا تہ هڪ رسالو مرتب ٿي ويو جنهن جو نالو پاڻ "ڪحل البصرة" رکيائون.

سڄي سنڌ ۾ اهڙا سوين نالا موجود آهن جن مخدوم صاحب کان علمي استفادو حاصل ڪيو. انهن مان چند نالا هي آهن: (1) مولوي محمد سليمان ٻنوي (2) مخدوم و قاضي بصرالدين سيوهاڻي (3) مولانا ابوالفيض غلام عمر جتوئي (4) مولوي سيد شهاب الدين هالائي (5) مولوي محمد صديق سيتائي (6) مولوي خير محمد جوڻيجو (7) مخدوم محمد داؤد درٻيلائي (8) پيرزادو غلام مجدد سرهندي متعلوي (9) مخدوم معين الدين سيوستاني (10) مخدوم و قاضي نصرالله صديقي پاتائي (11) مخدوم غلام احمد ملڪاڻي (12) حافظ محمد صادق (13) مولانا دين محمد وفائي.

سندس وفات تي الوحيد مؤرخہ 15 ـ ڊسمبر 1920ع تي هيٺئين خبر ڏني:

"هاءِ مخدوم حسن الله"

"صد حيف جو سنڌ جو نامور مولانا مخدوم حاجي حسن الله صاحب صديقي پاتائي 20 ربيع الاول 1339هـ ۾ هن دنيا فانيءَ مان رحلت ڪري دارجاوداني ۾ وڃي آراميو. مرحوم جي هن وفات حسرت آيات جي ڪري سنڌ جي علمي حلقي ۾ وڏو صدمو محسوس ڪيو ويندو. فقه ۽ مختلف علومن جو وڏو عالم ۽ فقهي مسائل جو زبردست محقق فاضل ڪامل هو. ۽ سنڌ ۾ سندس نسخا مختلف تعداد ۾ موجود آهن. سندس متواضعانہ ۽ دوريشانہ زندگي پيروي ڪرڻ جهڙي هئي ۽ هر دلعزيزي جي ڪري پنهنجن ۽ پراين جي دلين ۾ هن مقدس بزرگ جي عزت ۽ تڪريم هئي. افسوس جو هو بزرگ پنهنجو علمي جاءِ نشين چڏڻ کان سواءِ وسيع حلقہ احبابن شاگردن جي سينن تي مفارقت جوداغ ڏيئي ويو. انا لله وانا اليه راجعون."

سندس وفات جي تاريخ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هن طرح لکي آهي:

امثل الدهر بانواع المنن
فات عنا الشيخ مولانا الحسن
كان شيخاً عالما متبحراً
كان في الافضال مفضل الزمن
اشتغل بالجهد في درس العلوم
***
قد تفقه في الشرائع والسنن
بعد فوته قلت في تاريخه
مات مولانا الشريف الحسن
1339هـ

ترجمو: مختلف ڇڳائين جي سبب زماني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو شيخ مولانا حسن انسان کان موڪلائي ويو. پاڻ علم جو وڏو سمنڊ هو زماني ۾ پوري طرح مشغول رهيو. شريعت ۽ حديث جي علمن ۾ مهارت حاصل ڪيائين. ان جي وفات کان پوءِ تاريخ ۾ قحط رجال پيدا ٿي پيو. هاءِ مولانا شريف الحسن گذاري ويو.

مولانا مخدوم حافظ محمد شفيع صديقي پاڻائي:

مولوي قاضي و مخدوم حافظ محمد شفيع صديقي ولد احمدي صديقي دادو ضلعي جي پات شهر ۾ سن 1835ع ۾ جائو. سندن والد قاضي احمدي ميرن طرفان پات جو قاضي مقرر ٿيل هو. کيس ميرن وٽان ڪجهه جاگير به مليل هئي. ٻئي مخدوم عبدالواحد صديقي مفتي سيوستاني ڪي دهلي جي مغلن طرفان جاگير مليل هئي. حافظ محمد شفيع ابتدائي تعليم مخدوم مولوي حاجي فضل الله سيوستاني، جيڪو پوءِ لڏي اچي پاٽ ۾ ويٺو ان وٽان حاصل ڪئي. ٻي پوءِ ڏلجي ۾ رکن وڏن عالمن وٽان وڌيڪ علم حاصل ڪيائين. پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ پاڻ علم جي پڳ ٻڌي. پنهنجي ڳوٺ پات ۾ آيو. ٻي سورهن ورهين جي عمر يعني هڪ سال اندر پنهنجي ذهانت جو ثبوت ڏيندي قرآن شريف ياد ڪري ورتائين. سڄو پڙهيل علم، برزبان ياد هوندو هئس. ايتريقدر جو تفسير، حديث ۽ فقه وغيره جي وڏن وڏن ڪتابن جا حوالا صفحي سميت به ياد ڪري ويندو هو. سندن لکيل ڪتابن جي پڙهڻ مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ سنسڪرت زبان مان چڱي طرح واقف هو.[1] باطني فيض وٺڻ لاءِ پاڻ ڪنياري شريف (ضلعو نوابشاهه) جي نقشبندي خاندان جي ميان محمد يوسف کان ڪجهه فيض حاصل ڪيائين. پنهنجي ڳوٺ پات شريف جي شهر ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين. جو سندن وفات کان پوءِ بند ٿي ويو. ان ۾ ست ستر طالب العلم سندن ئي خرچ تي پڙهندا هئا ۽ اهو خرچ پنهنجي زمين جي برڪت ڪري پورو ٿي ويندو هو.

سنڌ ۾ حق بخشائڻ ۽ قرآن سان شادي ڪرائڻ جهڙيون غلط ۽ غير اسلامي رسمون هلندڙ هيون. پاڻ انهن جي خلاف جهاد ڪيائون. جڏهن کين معلوم ٿيندو هو ته کنهن امير ماڻهو يا وڏيري جي گهر ۾ نوجوان اڻ پرٽيل ڇوڪريون وينيون آهن، ته مختصر جماعت وٺي ڪاهي انهن جي در تي وڃي ڌرٽو هٽندا هئا. تيستائين نه کائيندا هئا نه پيئندا هئا. جيسين ان نياڻي جا وارث ان جي اُتارڻ جو پڪو واعدو نه ڪن. ميڙ جي ٽيهن سان پاڻ اهڙو پهه ڪيو هئائون. پوءِ ته ڪيترن ئي خاندانن جون ويهاريل ڇوڪريون مخدوم صاحب ڏي خط لکي مدد لاءِ طلبيندڙيون هيون. انهيءَ کان علاوه هندو ڪاردار جيڪي فارسي پڙهيل هوندا هئا ته انهن کي فارسي نثر يا نظم ۾ دين حق جي دعوت ڏيندا رهيا. سندن سنڌي، سرائڪي، فارسي ۽ عربي ۾ ڪيترائي شعر ۽ نظم پاڻ موجود آهن.

سندن تحريرن ۾ تفسيرالم، قصيده برده جو منظوم ترجمو شامل آهن، جنهن کان سواءِ فارسي نثر ۾ رساله دربيان اصول طريقه تصوف ۽ تحفه الهند جو سنڌي ترجمو پڻ سندن ڪاوش آهي. سندس ڪتابت ڪيل ڪجهه ڪتاب پڻ مختلف ڪتب خانن ۾ ملن ٿا. انهن مان 1286هـ جو ڪتابت ٿيل هڪ قلمي نسخو مختصر المعاني مؤلف

---

[1] مولانا صاحب، صوفياڻي طبعيت ۽ باڪمال عالم هئڻ باوجود به شرعيت جو سخت پابند هو. سنڌ ۾ حق بخشائڻ ۽ قرآن سان شادي ڪرائڻ جهڙين بدعتن خلاف جهاد ڪيائين. کيس پاڻ علي گوهر پنهنجي وڏن واري مشهور مسجد "اولهه واري مسجد" جي مرمت ڪرائي ڏني ته جيئن مولانا صاحب دين جي تبليغ جاري رکي. مولانا صاحب هميشه اسلام جا حڪم جاري ڪرڻ ۽ حق جي تبليغ جي ڪم ۾ مشغول رهيو. انگريز دور جي شروعات ۾ مولانا حافظ شفيع محمد جي نوجوانيءَ جو زمانو هو ۽ خيرپورناٿن شاهه تعلقي ۾ سندس زميندارى هئي. جڏهن انگريزن کان وٽس ڏل جي سمن پهتي ته ڏل ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيائين ته اهل ڪتاب يعني اسان جو عيسائين تي حق ٿئي ٿو ته ڪانئن ڏل وصول ڪريون. قرآن پاڪ ۾ آهي ته "حتي يعطوا الجزية عن يد وهم صاغرون" (سورة التوبه 9، آيه 29) مطلب ته اهل ڪتاب مغلوب ٿي جزيو ادا ڪن. ان حالت ۾ اسان هتي عيسائين کي جزيو يا ڏل ڪيئن ڏيون. ان موقف اختيار ڪرڻ سان سندس زمين، ڏل ۾ نيلام ٿي وئي، پر هن ان جي پرواهه نه ڪئي ۽ پنهنجي مؤقف تي اٽل رهيو. مولانا صاحب جي تصنيفن ۾ قرآن مجيد جي ترجمي، تفسير کان سواءِ ڏگها نظم، رساله دربيان اصول طريقه تصوف (فارسي) ۽ تحفة الهنديءَ جو سنڌي ترجمو شامل آهي. مولانا صاحب نه رڳو عالم هو پر هو سخنور شاعر به هو. هن "قصيده برده شريف" جو منظوم سنڌي ترجمو به ڪيو. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو (ايڊيٽر).

سعدالدين تفتازاني جو محترم عبدالوهاب چاچڙ جي ڪتبخاني سکر ۾ موجود آهي.

حضرت مخدوم عليه رحمة 63 ورهين جي ڄمار ۾ سنہ 1898ھ ۾ وفات ڪئي. مولانا امروٽي جڏهن پاٽ شريف ۾ سندس مزار تي دعا گهرڻ آيو تہ تقرير ڪندي فرمايائون تہ هيءُ بزرگ، هن صديءَ جو وڏو موحد هو.

علامہ محمود صديقي پاٽائي:

مرحوم محمود صاحب جن جي ولادت ۾ خانداني بزرگيءَ بابت روايتون اهن، تہ مغل بادشاهن طرفان پاٽ ۾ سيوهڻ جا عالم، قاضي ڪري سنڌ ۾ رکيا هئا. فضل الله ۾ حاجي حسن الله سيوهڻ مان لڏي اچي پاٽ ۾ سڪونت پذير ٿيا. حاجي فضل الله عارف بالله ۾ يگانہ روزگار عالم هو. سندن صاحبزادو نظام الدين بہ درويش ۾ عالم هو. انهن جو سلسلہ نسب حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي سان ملي ٿو. پاڻ عربيءَ ۾ فارسيءَ جو اديب بہ هو. عربي ۾ عام مسئلن تي هڪ ڪتاب بہ لکيو اٿن. ان جي لکڻ ۾ سخت انهماڪ سان محنت ڪئي اٿن. فرمائيندو هو تہ: 'اهو ڪتاب لکڻ ۾ محوَ ٿي ويندو هوس. آخر انهي غيرمعمولي مشقت جي ڪري رت وهي چڙيو ۾ مشڪل سان ان مان جانبر ٿيس. انهيءَ ڪتاب جا ورق محبوب جي زلفن وانگر پريشان پيا آهن. وري نٿي همت جو انهن کي ترتيب ڏيان.' مولانا صاحب پنجاهہ ورهين جي عمر ۾ آچر ڏينهن 29 جمادي الآخر 1351ھ جي سج لهڻ وقت وفات ڪئي.

شيخ شهرالله رمضان:

شيخ شهرالله رمضان ولد مسيح الله شيخ عيسيٰ جندالله پاٽائي سال 976ھ/1568ع ۾ تولد ٿيو ۾ 1017ھ/1608ع ۾ رحلت ڪئي. تحقيق مطابق سندن والد جو ننڍپڻ ۾ جواني پاٽ ۾ گذريا. جنهن ڪان پوءِ شيخ شهر الله پاٽ ۾ سندس جانشين مقرر ٿيو. سندس نالو اُنڪري شهرالله رمضان رکيو ويو جو سندس والد شيخ عيسيٰ جندالله کي پاٽ ۾ وڏي گهر واريءَ مان هيءُ فرزند ماهہ رمضان ۾ پيدا ٿيو هو.

مخدوم محمد حسن قاري:

مخدوم محمد حسن قاري پاٽائي ولد شيخ شهرالله رمضان سال 990ھ/1582ع ۾ تولد ٿيو ۾ 1082ھ/1671ع ۾ وفات ڪئي. شيخ شهر الله رمضان برهانپور مان اچي ٻيهر پاٽ وسائي. جتي ٻئي اولاد ڪان علاوه ڪيس 1582ع ڌاري مخدوم محمد حسن قاري پيدا ٿيو.

شيخ عيسيٰ ثاني پاٽائي:

شيخ عيسيٰ ثاني پاٽائي ولد مخدوم محمد حسن قاري پاٽائي 1044ھ/1595ع ۾ پاٽ ۾ تولد ٿيو. 1070ھ/1659ع ۾ رحلت ڪئي. پاڻ پنهنجي وقت جو عالم ۾ معلم هو. حديث فقہ تفسير تي خاص عبور هوس. پنهنجي وٽن جي سَنَدَ قائم رکياٿين ۾ سندن علمي روايت جو وارث ٻڌيو.

شيخ معروف پاٽائي[1]:

شيخ معروف هڪ وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ هو. شيخ طاهر بن يوسف پاٽائيءَ جو سڳو سوٽ هو. ان بزرگ جي پيٽ شيخ طاهر جي ننڍي پاءُ قاسم جي نڪاح ۾ هئي. جنهن مان مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ سنڌي برهانپوري تولد ٿيو هو. سندس نسب هن ريت آهي: معروف بن شيخ عيسيٰ ڪبير پاٽائي بن رڪن الدين بن شهاب الدين سهروردي.

مخدوم عباس پاٽائي:

مخدوم عباس پاٽائيءَ پاٽ شهر ۾ جائو. سندس والد جونالو جلال صديقي پاٽائي هو. تعليم پنهنجي ئي شهر ۾ حاصل ڪيائين ۽ پوءِ 947هـ/1540ع ۾ پاٽ لڏي هگورجن ۾ مقيم ٿيو. تاريخ جي ڪتابن ۾ عباس هگورجو سان به سڏيو ويو آهي. هزارين شاگرد پيدا ڪيائين. جن وٽانئس فيض حاصل ڪري علميت جون سَنَدَون حاصل ڪيون ۽ عالم بنيا. جن مان حڪيم عثمان بوبڪائي ۽ قاضي عبدالسلام برهانپوري سنڌي قابل ذڪر آهن. پاڻ تفسير حديث فقه ۽ ٻين ديني علمن ۾ ماهر هو.[2] 96 سالن جي ڄمار ۾ 14 ـ شعبان 998هـ/ 8 ـ جون 1590ع ۾ رحلت ڪئي.

غوثي ماندويءَ جي مشهور ڪتاب "گلزار ابرار" ۾ ڄاڻايل آهي ته مخدوم صاحب هگورجائي جي وفات کان پوءِ سندس مدرسي ۽ مسجد جو جانشين مسيح القلوب حبيب الله (شيخ عيسيٰ جنداللہ پاٽائي) ٿيو. جنهن مان 998 واري زماني ۾ شيخ عيسيٰ جنداللہ پاٽائي برهانپوريءَ جو سنڌ ۾ هجرت ثابت ٿئي ٿو. حضرت شيخ عيسيٰ جي پهرئين گهر واري حضرت مخدوم عباس پاٽائي ثم هگورجائي جي دختر نيڪ اختر هئي.

مخدوم دين محمد پاٽائي:

مخدوم دين محمد ولد مفتي عبدالواحد ڪبير. پاٽ شهر ۾ 1113هـ ۾ جائو. اڳتي هلي لڏي وڃي سيوهڻ ۾ سڪونت اختيار ڪئي جتي شادي به ڪيائين. وڏو عالم. بزرگ ۽ فقيه هو جنهنڪري سيوهڻ شهر جو قاضي ۽ مفتي ٿيو. سندس به فرزند عبدالواحد صديقي ۽ محمد حسن صديقي پنهنجي دور جا وڏا عالم هئا. مخدوم صاحب جا ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي دور ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان دوستاڻا لاڳاپا هئا. هنن ٻنهي پنهنجون دستارون هڪ ٻئي کي پارائي پڳ مٽ يار بنيا هئا. هن بزرگ 1192هـ ۾ وفات ڪئي.

---

[1] شيخ معروف پاٽائي تصوف جو وڏو جاڻو ۽ مفڪر عالم هو. معروف عالم شيخ طاهر پاٽائيءَ کان روايت آهي ته: "جڏهن اسين سنڌ ۾ هئاسين ته پاٽائي شيخ معروف ۽ شيخ عثمان کان وحدت الوجود جون ڳالهيون ٻڌندا هئاسين. پر منهنجي سمجهه ۾ ڪجهه به نه ايندو هو آءٌ ان وقت "مرساد العباد" پڙهندو هئس. پر اهو ڪتاب به منهنجي سمجهه کان مٿي هو" هي ٻئي مشهور بزرگ. سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي شاعر قاضي قادن بکري کي (958هـ/1551ع) جا هممعصر ۽ دوست هئا. قسمت سان پنهنجي ڳوٺ کي ڇڏي سيتپور ۾ اچي رهيا. جتي انهن جا ڪيترائي ماڻهو مريد ۽ معتقد ٿي ويا هئا. ماڻهو انهن جي موجودگيءَ کي غنيمت سمجهندا هئا ۽ هميشه انهن وٽان فيض حاصل ڪندا هئا. هنن ٻنهي بزرگن سيتپور ۾ ئي وفات ڪئي. هنن جي وصال جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. پر هي بزرگ ڏهين صدي هجريءَ ۾ ٿي گذريا آهن (ايڊيٽر).

[2] ميرمعصوم بکري "تاريخ معصومي" ۾ هن عالم بابت لکيو آهي ته "مخدوم عباس پاٽائي تفسير. حديث. فقه ۽ ٻين علمن ۾ وڏي اهليت رکندڙ هو هڪ مسئلي تي تمام سٺي نموني تحقيق ٿيل هئس. زهد ۽ پرهيزگاريءَ ۾ هن جهڙو ڪو ٻيو نه هو رات ڏينهن عبادت ۽ رياضت ۾ گذارينده هو حديث بيان ڪندي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳندا هئس." [وڌيڪ ڏسو "انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا" (جلد_3) ص 25. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد] (ايڊيٽر).

مخدوم فضل الله پاڻائي:

مخدوم فضل الله پاڻائي سيوهڻ جي صديقي خاندان مان هڪ وڏو عالم ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريو آهي. سيوهڻ کان لڏي پات ۾ اچي رهيو ۽ تدريس جي عمل ۾ مشغول ٿيو. پات ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ سبب پاڻائي مشهور ٿيو. ابتدائي تعليم مخدوم محمد عارف سيوهاڻي ۽ عبدالواحد سيوهاڻي کان سيوهڻ ۾ حاصل ڪيائين. طريقت ۽ خلافت جو خرقو مخدوم محمد يوسف ڪنياروي کان حاصل ڪيائين. مخدوم محمد ابراهيم نٽوي جو وڏو خليفو هو.



مزار مخدوم فضل الله پات شريف

مخدوم فضل الله هڪ وڏو عالم ۽ فارسي جو وڏو شاعر هو. سندس مختلف تحريرن جا مسودا سنڌ جي مختلف قديم ڪتبخانن ۾ موجود آهن. مخدوم فضل الله جي تصنيفن مان "اصلاح المصلح" (فارسي) گهڻي شهرت ماڻي. ان جو ترجمو مخدوم محمد نور لاڙائي ڪيو. هن وڏي فقيهه ۽ محدث 1290هـ/1873ع ۾ وفات ڪئي.

"مخدوم فضل الله جو ڪلام" تازو مخدوم سليم الله صديقي ترتيب ڏنو جيڪو سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايو آهي.

مولانا محمد حسن قريشي:

مولانا محمد حسن قريشي ولد حاجي محمد قريشي ڳوٺ ڪنبي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ديني تعليم پنهنجي والد بزرگوار وٽان حاصل ڪيائين. ٿوري وقت کان پوءِ سندس والد شهدادڪوٽ ۾ مولانا نورمحمد ميڪڻ جي مدرسي ۾ ڪيس داخل ڪرايو. مولانا محمد حسن ديني علم جي تحصيل ڪري پوءِ روحاني تعليم به پنهنجي استاد وٽ ونڊ لڳو. آخر ظاهري ۽ باطني علم حاصل ڪري استاد جي اجازت سان اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائين. ٿوري وقت بعد ڳوٺ بقاپور تعلقي لاڙڪاڻي جي معزز زميندار ميان نورمحمد شاهه پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي ڪيس دعوت ڏيئي اچي مدرس مقرر ڪيو. مولانا محمد حسن قريشيءَ جي رفتي رفتي سڄيءَ سنڌ ۾ ناموس ٿي وئي. انڪري مولانا خواجه عبدالرحمن سرهندي ۽ قاضي فيض محمد ساڪن ٽڻا تعلقو سيوهڻ جيڪو حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر هو انهن ٻنهي صاحبن جي زور پرڻ تي حيدرآباد ۾ مائي خيري واري مسجد ۾ ديني مدرسو قائم ڪيائين. جتي درس و تدريس جو ڪم جاري رکيائين. سوين ماڻهو سندن علم جي درياء مان سيراب ٿيا. انهن مان مولانا غلام محمد ملڪاڻي، مولانا محمد صادق ٽرڙي محبت وارو، مولوي خليفو عبداللطيف هالاڻي، مولوي ميان شاهه محمد مجاور هالاڻي، مولوي عبداللطيف حيدرآبادي ۽ مولانا حسن الله پاڻائي شامل آهن. مولانا محمد حسن قريشي جي ولادت جي تاريخ معلوم نه ٿي سگهي آهي. البته وفات وقت سندن عمر 60 سال هئي. سندن وفات 1309هـ ۾ ٿي. انهيءَ حساب سان سندن پيدائش جو سال 1249هـ بيهي ٿو.

قاضي احمدي ڪبير پاڻائي:


قاضي احمدي ڪبير بن قاضي محمد سعيد بن قاضي مسعود بن مفتي محمود، پات شريف ۾ منصب قضاتي مامور هو. پاڻ سنڌ جي تالپر حڪمرانن طرفان قاضي مقرر ٿيل هو. سندس ولادت جو سال معلوم ناهي. البته سندس

رحلت جو سال ڪتابن ۾ 1842ع ۾ آيل آهي. سندس پٽ فرزند قاضي حاجي علي گوهر 1823ھ/1897ع ۾ مخدوم حافظ محمد شفيع 1826ھ/1898ع پٽ ڪائنس پوءِ قضا جي منصب تي مقرر ٿيا.

قاضي احمدي 'ڪبير' جي فرزند قاضي حاجي علي گوهر کي جيڪو فرزند ڄائو ان تي به قاضي احمدي نالو رکيو ويو جيڪو قاضي احمدي ثاني چيو ويڄي ٿو. جو پٽ قضا جي عهدي تي فائز آنرري مئجسٽريٽ پات رهيو. قاضي احمدي (ثاني) جو جنم سال 1854ع ۾ وفات سنہ 1923ع ۾ ٿي. اهڙي ريت پات جون ٻئي شخصيتون قاضي احمدي ڪبير ۽ قاضي احمدي ثاني پنهنجي دور جو معتبر ۽ مقتدر هستيون ٿي گذريون آهن.


قاضي احمدي ثاني کي ٽي فرزند: قاضي احمد امين قاضي نصرالله ۽ قاضي عبدالقادر پيدا ٿيا. قاضي احمدي جهڙي معتبر نانءَ کي زندهہ رکندي موجوده وقت هڪ تاريخي اسکول قاضي احمدي ماڊل اسکول پات موجود آهي جنهن مان ڪيترائي تعليم سان فيضياب ٿي رهيا آهن.


احمدي قاضي آف پات شريف (ثاني):



ميان احمدي 1854ع ڌاري مخدوم ميان علي گوهر صديقي جي گهر پات شريف ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏو قاضي ميان احمدي (اول) ميرن طرفان پات جو قاضي هو. جڏهن ته سندس نانو سلطان الاولياء مخدوم فضل الله شاهہ صديقي وقت جو مشهور ولي ٿي گذريو آهي، جنهن جي درگاهہ پات شريف ۾ مرجع خلائق آهي. پات شهر جو هي خاندان شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين السهروردي بغداديءَ جي اولاد مان مشهور العصر آهي. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي چاچي شيخ المشائخ، مخدوم محمد شفيع جي مدرسي ۾ پرائي.

سر سيد احمد خان جي عليگڙهہ تحريڪ مسلمانن جي سجاڳي ۽ ڪين جديد تعليم طرف راغب ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. سيڪ ڪان پهرين هن پات شريف ۾ پنهنجي اوطاق واري بنگلي ۾ 1885ع ڌاري پرائمري اسکول کوليو. انهن ڪوششن سان ڪيس هڪ طرف انگريز سرڪار جي ويجهوتڪري ڇڏيو پر ٻئي پاسي عام راءِ مخالف رخ اختيار ڪندي رهي، ڪيس انگريزن جو ساٿاري، منڪر، جاگيردار، پات جو دولتمند وغيره جي نالن سان ياد ڪندا رهيا، جنهن جي جهلڪ اڃ تائين هلي انگريز دشمن اخبار 'الوحيد' ۾ نمايان نظر اچي ٿو. (ڏسو الوحيد 5 ۽ 26 جون 1920ع). اهو سيڪ ڪجهہ ائين هو جيئن عليگڙهہ تحريڪ جي ڪجهہ حلقا مخالفت ڪندا ٿي رهيا، پر هن مجاهد ڪڏهن به ان ڳالهہ ڏانهن ڌيان نہ ڏنو. سندس مستقل مزاجي سان هلايل مهم آخر هڪ ڏينهن اهڙو به رنگ لاتو جو چوڪرن سان گڏ چوڪريون جي هڪ قليل تعداد پڻ جديد تعليم طرف لاڙو ڪائيندي اسکول ۾ داخلا ورتي، ڪجهہ ئي ڏهاڪن ۾ پات جي سئو فيصد آبادي پڙهيل ليکجڻ ۾ آئي ۽ ان ڳوٺ جا چارئي وڏا خاندان جيئن: صديقي جيڪي قاضي ۽ مخدوم جي لقب سان پڻ ياد ڪيا وڃن ٿا، انصاري، جوٽيجا ۽ جنہ آهن. انهن سيني خاندانن علمي ادبي ميدان کانسواءِ انگريزن جي ايامن کان وٺي سرڪاري نوڪرين خاص ڪري تعليمي ادارن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.






(مسلمانن جي جداگانہ رياست جي ضرورت نہ رهي هندستان جي مختلف حلقن ۾ محسوس ڪئي پئي وئي، پر اهل سنڌ

پڙ ان احساس کان خالي نہ هئا. ميان احمدي صاحب جي تحرير کيل ذاتي ورقن مان هٿ آيل هڪ زبون ورق پڙ هڪ خاص ڪيفيت کي ظاهر ڪري ٿو مٿس ڌاهہ ڏوهہ سان لکيل ڪچي ڦڪي شاعري هڪ اعليٰ خيال ۽ مقصد کي ظاهر ڪري ٿي. نومبر 1922ع جي اها تحرير هڪ الڳ وطن جي خواهش جواظهار آهي. جنهن سان هو ان الڳ وطن جو مطالبو ڪندي ان جو نالو 'سنڌستان' تجويز ڪري ٿو.)

ڏسو هي گوڙ اڄ هوم رول جو
گانڌي ڪئي رڙ جلسو ٿيو مسلم جو
پانيا رهندو کين انگريزن پاڻ
ڏسجي ٿو جو ڏيک هاڻي لوڪ جو
جي ڦيرائي هن تڪ کي وري سڏجي سندهستان
... ... ڪري جي ڪجي ... هندهستان
... ... سمونڊ ڪشمور پورو هڪ آستان
ڏسو ندي ڦرندي ناهيندي وئي سندهستان
ماڻهن لڳندي مذاق مون مڙهين واسطا
ڪيسين هي تڪندا آخر مڃندا داستان
رهڻ جو ڏهنگ جدا ڪائڻ جو رنگ جدا
جدا ئي جدا جنهن کي خدا ئي ڪيو جدا
سندهستان ها ها ها سندهستان سندهستان
اڳي اڳي جنهن کي چوندا هئا سندهہ
تنهن کي ڦيرائي چوان سندهستان
هاڻي گهر تون احمدي دُعا اڄ وري
بامراد ڪري من الله تو ... ...

***

قضا مليم ڪورٽ مليم مليو مون ڪتاب
سرڪاري جلسن کي روز ڪيم خطاب
سيکي مليم جڏهن لکيم انگريزن کي جناب
ڪير ٿو جاڻي ڪهڙو تنهنجو حساب
نومبر جو ٽيو مهينو ٻاويهن جو سال
الله هن احمديءَ تي دور ڪر عتاب
چڱا ڪر يارن جا جهن ۾ مير شاهنواز
بلبل کين وساريم فتح ۾ ٿم سام
اَلهندي پڙ ڪيو مون خط و ڪتاب
شل ... ... سپ ... ...



1915ع ۾ قائم ڪيل ميان احمدي قاضي اسڪول، هن جي عمارت ميان صاحب پاڻ تعمير ڪرائي.

ميان احمدي بعد ۾ دادو ڪئنال جي ڪپ تي پات ۾ داخل ٿيندي ئي اسڪول جي هڪ عاليشان عمارت نهرائي، جنهن جي نقاب ڪشائي جيئن ته پات ان وقت ضلعي لاڙڪاڻي ۾ هئي، ان ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر ميڪلن ڪرڪ آيو 1915ع جي ان تقريب ۾ سر شاهنواز پٽو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، شمس الدين بلبل، سيد الهندو شاهه ۽ ڪجهه انگريز ڪامورا پڻ شامل هئا. عليگڙهه تحريڪ جهڙي تاريخ رکندڙ ان اسڪول جو نالو پڻ احمدي قاضي جي نالي تي رکيو ويو. پر افسوس آهي جو تازو جڏهن ان اسڪول جي ناهه نوهه ۽ رنگ روغن ڪرايو ويو ته ميان احمدي صاحب جو ڪيل پيڙهه جو پٿر ۽ نالي جو بورڊ پڻ هٽايو ويو آهي. جيڪو تاريخ کي ميسارڻ جي مترادف آهي. 1914ع ۾ بمبئيءَ جي گورنر هز ايڪسيلينس لارڊ ولنگڊن پوني ۾ هڪ وڏي تعليمي ڪانفرنس ڪوڻائي هئي، انهيءَ مقصد لاءِ ته تعليمي عيب ڪيئن دور ڪيا وڃن ۽ چوڪرن سان گڏ چوڪرين جي تعليم کي ڪيئن اڳيرو ڪيو وڃي. اهو هڪ اتفاق هو جو ميان احمدي ڪنهن سبب بمبئي ۾ رڪيل هو، جتي گورنر سان ملاقات دوران ڪيس دعوت ڏني وئي. پاڻ ڪانفرنس ۾ تقرير ڪندي چيائين:

"عورت ۽ مرد انساني جسم جي انهن ٻن عضون وانگر آهن، جن کي اسين ٻه ٻانهون ٿا چئون. پر ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي جڙ اسان عورت کي فالج زده عضوي وانگر معاشري ۾ گهليندا ٿا وتون، حالانڪ جيڪڏهن مرد شراب خاني تائين وڃي سگهي ٿو ته عورت کي به اهو حق حاصل آهي ته هوءَ تعليم گاهه تائين وڃي. ڪيڏو نه چڱو ٿيندو ته اسان مان هر اهو شخص جيڪو پنهنجي علاقي ۾ اثر رسوخ وارو آهي. اتي تعليم گاهن جو انتظام ڪري ۽ پوءِ ماڻهن کي مجبور ڪيو وڃي ته هو پنهنجي نياڻين ۽ پٽن کي انهن درسگاهن ۾ موڪلين ۽ کين نئين تعليم کان واقف ڪن. ان ڏس ۾ بجاءِ ان جي جو اسين اسڪول هلائڻ لاءِ حڪومت تي ياڙيون، جيڪڏهن هر هڪ ڳوٺ ۾ به زميندار به گڏجي پون ته کين گهٽو خرچ ڪونه ڪرڻو پوندو."

سندس تعليمي خدمتن ۽ عالم فاضل هئڻ سبب، ڪجهه رسالن، اخبارن ۽ خطن ۾ ڪيس 'علامه احمدي قاضي' پڻ لکيو ويو آهي. پاڻ جلدي پات ۾ "لوئيز لارينس انسٽيٽيوٽ" رٿ جي قيام لاءِ ڪوششون وٺڻ لڳو انهيءَ رٿ کي پات شريف ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ پوري سنڌ ۾ ڦهلائڻ جو پروگرام رٿيو ويو انهيءَ رٿ جو مقصد اهو هو ته کن مخصوص

عورتن کي جديد طريقن سان اهڙي تہ سکيا ڏني وڃي جو هو عورتن ۾ ٻارن جي بيمارين کانسواءِ ويم جي جديد طريقن کان واقف ٿين. اهو ٿن سالن جو تعليمي پروگرام رٿيو ويو جنهن لاءِ اسکول جي سامهون عمارت لاءِ ڪم پڻ شروع ڪرايو ويو ائين چئجي تہ سنڌ جي پهرانءِ ۾ ميڊيڪل ڪاليج جي اها ابتدائي شڪل هئي. اهو ڪم هلندڙ ئي هو جو سندس حياتي وفا نہ ڪئي.

ميان احمدي پاٽ شريف جو آنريري مئجسٽريٽ مقرر پڻ ٿيو پر ان سان گڏ علم ۽ ادب جو ذوق رکندڙ ۽ مسلمانن جي پلائيءَ لاءِ پڻ سوچ رکندڙ هو. قاضي ميان جان محمد عارفي ماهنامہ نئين زندگي ڊسمبر 1957ع جي پرچي ۾ ميان احمديءَ لاءِ لکي ٿو تہ: "ميان احمدي پنهنجي دلي دوست رئيس شمس الدين بلبل وانگر آنريري مئجسٽريٽ مقرر ٿيو ۽ نهايت ظريف ۽ هوشيار هو. روزاني اخبار "الحقيقت لاڙڪاڻو" 10 فيبروري 1923ع واري پرچي ۾ سندس هڪ شعر حقيقت حال جي تصوير پيش ڪرڻ لاءِ شايع ٿيو جو هيٺ نموني طور درج ڪجي ٿو سندس شعر ۾ مخلص دوست مرحوم بلبل وانگر نوش کان زياده نيش هوندو هو. انگريزن سان تعاون ڪري سياست کي سنوارڻ جي اصول تي حسن علي آندي وانگر عامل هو پر دل ۾ پڪو مسلمان هو جيئن سندس شعر مان ظاهر آهي:

سرڪار جي مدد ۾ سندم عمر سڀ وئي،
لقبن جي لوس ۾ تہ ٽي ڏاڙهي اڇي وئي.
قرآن جو ويو حفظ اي بي مون ياد ڪئي،
ججمنٽ ۾ نماز پي هئي ترڪ ٽي وئي.
جهڳ جهڳ ڪندي ڪتاب پٽي ۽ سٽي ڪٽي،
قانون 'لا' ۾ شام ٽي سج پي ويو لهي.
ڏورن جا بار سر تي ٻڌائپ ۾ بس ڪٽي،
شيرين زندگي مون پنهنجي تلخ آ ڪئي.
خالي نہ آهي ڪيس سفارش نہ جنهن ۾ ٽي،
انصاف پاٽ ۾ آ ڏکيو ڪرڻ 'احمدي'.

مسلمانن جو هڏ ڏوکي هجڻ جو هڪ مثال خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ پڻ آهي. قاضي فضل الله ماهوار شهباز مارچ 2005ع ۾ هڪ انٽرويو دوران چيو: "منهنجي مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد پاٽ ۾ خلافت تحريڪ جو جلسو ٿيو جيڪو قاضي احمدي جي اهتمام هيٺ ٿيو. قاضي احمدي زميندار هئڻ سان گڏ علم دوست بزرگ پڻ هو. پاڻ ديني دنياوي علمن جو ماهر ۽ قدردان هو. ان ڪري پسگردائيءَ جي ننڍين ننڍين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ قائم ديني مدرسن ۽ تعليم پرائيندڙ شاگردن ۽ استادن جي ڪفالت بہ پنهنجي ذميواري سمجهي سرانجام ڏيندو هو. پاڻ تمام سادي زندگي گذارڻ جو عادي هو. هڪ دولتمند زميندار هئڻ سان گڏ غريبن جو وڏو خيال رکندو هو. پاٽ جي ڪچي جي علاقي ۾ ڪجهه غريب بي گهر حالت ۾ هتي هتي رهندا هئا. تن کي پنهنجي ذاتي زمين تي نہ رڳو گهر اڏڻ جي اجازت ڏنائين بلڪ ڪيترن گهر ناهڻ ۾ مدد بہ ڪيائين. اڄ اهو سندس نالي پٺيان 'احمدي آباد' ڳوٺ جي نالي سان پاٽ جي پير ۾ موجود آهي."

9_ جولاءِ 1912ع تي فتح پور بند ۾ شگاف پوڻ سبب سيلاب چڙهي آيو. سرويئر اسسٽنٽ ڪليڪٽر کي خطرناڪ صورتحال کان آگاهہ ڪيو. اسسٽنٽ ڪليڪٽر ان وقت قاضي احمديءَ جو مهمان هو. جنهنڪري ساڻس

صلاح ڪيائين. ميان صاحب سڄي ذميداري پنهنجي ڪلهن تي کنئي ۽ هزارين رپين جي خرچ سان بند کي مضبوط ڪرائي ڳوٺن ۽ شهرن کي محفوظ ڪري جا اپاءَ ورتا. اسٽيٽ بئنڪ جي اڳوڻي گورنر جناب اي جي. اين. قاضي ڪراچيءَ مان اردو ۾ شايع ٿيندڙ 'وادي سنڌ ڪي مايه ناز شخصيت' پيش لفظ لکندي چوي ٿو: "جناب علامه احمد قاضي جو شمار انهن خوش نصيب ماڻهن ۾ ٿئي ٿو جن خلق خدا جي خدمت کي عبادت جو درجو ڏئي پاڻ کي بني نوع انسان جي فلاح و بهبود لاءِ وقف ڪري ڇڏيو علامه احمدي قاضي سنڌ ۾ پنهنجي دؤر جي هڪ معزز ممتاز ۽ منفرد شخصيت رهيو آهي. پاڻ پنهنجي تمام حيثيتن ۾ پنهنجي منفرد مزاج ۽ جذبي جي طفيل اعليٰ مقام حاصل ڪيو."

هو اڳتي لکي ٿو ته: 'خاص ڪري سنڌ جي روايتي ۽ ڪٽر ماحول ۾ عورتن جي تعليم ۽ انهن جي جائز حقن لاءِ علامه احمدي قاضيءَ جي علمي جدوجهد ۽ ڪاميابي بين لاءِ مثال بڻجي سامهون آئي." مئي 1983ع ۾ ماهوار اديون ڪراچيءَ ۾ اڳوڻي چيف منسٽر قاضي فضل الله جو انٽرويو شايع ٿيو جنهن ۾ ميان صاحب جي حاضر جوابي ۽ خوش مزاجي جو مثال ڏيندي چيو: "جڏهن به ڪو اعليٰ آفيسر ان علاقي ۾ ايندو هو ته علامه قاضي (ميان احمدي) جو مهمان ٿيندو هو اهڙي طرح هڪ هندو ڪليڪٽر سندس مهمان خاني ۾ لٽل هو علامه صاحب سيني مهمانن لاءِ گوشت وغيره تيار ڪرايو ۽ هن لاءِ پاڻي چوجو هو وشنو هو ميان صاحب گوشت کائيندي هڪ هڏي کي ڪافي دير تائين چوسيندو رهيو اهو ڏسي ڪليڪٽر موقعو ڏسندي ٽوڪ هٽي ڪڍيس ته "قاضي صاحب شهر ۾ ڪتا ڪونه آهن ڇا؟" تنهن تي قاضي صاحب نهڪ ۾ جواب ڏيندي وراڙيو: آهن ته گهٽيءَ ۾ سيءَ وشنو آهن".

سنڌ جو هيءُ عالمي مقام درخشان ستارو جنهن لاءِ علامه آءِ آءِ قاضي چيو ته آئمانون پات جي ڪنهن به شخصيت کي سواءِ ميان احمدي جي نه سڃاڻان هيءُ نيڪ انسان 1923ع ۾ وفات ڪري ويو ڪيس پنهنجي اباڻي قبرستان قاضي قاسمائيءَ ۾ دفن ڪيو ويو ميان احمدي قاضي پات سان متعلق تمام دستاويزات سندس اولاد مان مخدوم سليم الله صديقي پاڻائي جي ڪتبخاني ۾ محفوظ آهن.

پروفيسر محمد شفيع صديقي قريشي:

هيءُ ولي صفت انسان پات شريف ۾ 1902ع ۾ حڪيم محمد احسان جي گهر تولد ٿيو. پروفيسر احمد سعيد جي ڪتاب "بزمِ اشرف کے چراغ" مطبوعه مصباح اڪيڊمي لاهور ۾ پروفيسر محمد شفيع صديقي قريشي کي مولانا اشرف علي ٿانوي جو صحبتي ڏيکاريو ويو آهي. هي بزرگ صفت انسان هڪ عرصو مولانا اشرف علي ٿانويءَ سان گڏ رهيو. علي ڳڙهه مان ايم.اي ڪيائين. درويشاڻه ڪردار ۽ شريعت جو صاحب هجڻ سان گڏ سنڌ جي علمي شخصيتن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو. ڊپٽي انسپيڪٽر اسڪولس کان سواءِ گورنمينٽ ڪاليج حيدرآباد ۾ 1952ع کان 1957ع تائين عربيءَ جو پروفيسر رهيو. ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر دائودپوٽو مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مولانا دين محمد اديب سندس صحبتي هئا. هن بزرگ کي چار فرزند ٿيا: (1) پروفيسر عبدالواحد، (2) پروفيسر عبدالاحد، (3) پروفيسر عبدالوحيد جسٽس فيڊرل شريعت ڪورٽ اسلام آباد، (4) محمد احسان

پروفيسر شفيع محمد 1983ع ۾ وفات ڪئي ۽ پات ۾ اباڻي قبرستان ۾ دفن ٿيو.

مخدوم ميان علي گوهر صديقي پاٽائي:


مخدوم ميان علي گوهر صديقي

ميان علي گوهر صديقي 11 ـ آگسٽ 1909ع تي مخدوم ميان نصرالله صديقي جي گهر تولد ٿيا. سندن والده ماجده عالمه فاضله ۽ متقي پرهيزگار عورت هئي. ڪائنس ڳوٺ جي آسپاس جون عورتون ديني مسئلا پڇڻ لاءِ ايندیون هيون. مخدوم صاحب اهڙي علمي ماحول ۾ ابتدائي تربيت حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسي سندن وڏڙن جي ڇڻ مادري زبان هئي. جنهن ۾ هو سنڌي سان گڏ مهارت رکندڙ هئا. مخدوم صاحب به اهي هوليون گهر ۾ ئي پرايون.

پاڻ نہ رڳو مفتي ۽ عالم هوپر تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي زيور سان پڻ آراسته هو پري پري کان ديني مسئلن جو حل يا روبرو اچي ڪائنس ديني مسئلن جو حل پڇندا هئا پاڻ پنهنجي نانيء مخدوم حسن الله شاهه صديقي پاٽائي جا صحيح علمي وارث ثابت ٿيا. سندن قريبي ساٿين ۾ مولانا دين محمد وفائي، مولانا دين محمد اديب فيروز شاهي ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي هئا. سندن چڏيل تحريرن ۾ ڪانئس پڇيل فقهي سوالن جا جواب، انساب مشائخ سيوستان جو سنڌي ترجمو نورالعينين في اثبات علم الغيب للسيد الثقلين" جو سنڌي ترجمو شامل آهن.

پاڻ 11 ـ ڊسمبر 1972ع تي وفات ڪيائين. سندن مدفن پاٽ شريف آهي.

مولانا مخدوم عبدالجبار صديقي پاٽائي:


مولانا مخدوم عبدالجبار

1939ع ۾ مخدوم ميان علي گوهر پاٽائي جي گهر پاٽ شريف ۾ تولد ٿيو 1957ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏنائين. سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ فوج ۾ پرتي ٿيو. ملازمت دوران ڪمانڊر-ان-چيف جنرل محمد موسيٰ جي دور ۾ حلف برداري کان اهو چوندي انڪار ڪيائين ته آءٌ انگريز سرڪار جي نافذ ڪيل قانون ۽ پاڪستان جي موجوده آئين کي غير اسلامي سمجهان ٿو انڪري ان تحت حلف کڻڻ کان انڪاري آهيان ۽ يقين ڏياريان ٿو ته جڏهن ملڪ جي قانون کي اسلامي بڻايو ويو ته آئون ان تحت حلف کڻندس. ان عمل جي پاداش ۾ ڪيس فوج جي نوڪريءَ تان دستبردار ٿيڻو پيو.

پاڻ جلدي سيد صبغت الله شاهه المعروف پير ايراني جو مريد ٿيو ۽ روحاني استفاده حاصل ڪري خليفه ارشد جي مرتبي تي پهتو. پير ايراني فقير جي پڻ حيدرآباد ۾ مائي خيري جي مسجد سان گڏ رهائش پذير هئو ۽ ان مسجد ۾ ئي علمي ۽ روحاني محلفن جو انعقاد ٿيندو هو جنهن جو روح روان مخدوم عبدالجبار هو. مخدوم صاحب ۾ خدمت خلق جو جذبو به درجه امت هو جنهن تحت پهريائين صدر ايوب جي دور ۾ وحدت ڪالوني حيدرآباد جو B.D ميمبر ٿيو. ان کان پو فقير جي پڙمان ڪائونسلر چونڊجندو رهيو.

جڏهن به دين جي خلاف ڪابه ڳالهه ٿيندي ڏسندو آهي ته پنهنجي نالي سان چپايل پمفليٽ جي ذريعي ان جي سدباب لاءِ وقت جي حڪمرانن سان مهاڏو اٽڪائيندو اچي ٿو.

مخدوم صاحب سلسلہ مصطفائيہ جي باني ۽ پنهنجي مرشد پير ايرانيءَ جي اشاري تي پنهنجو ڳوٺ پاٽ شريف ڇڏي ڪافي عرصو مصطفائي تحريڪ لاءِ حيدرآباد ۾ سرگرم رهيا. مرشد جي فيض صحبت ۾ رهڻ دوران خواب ۾ مليل پاڻ ڪريم ﷺ جن جي اشاري تي جهڙڪ سائيڊ جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ مسجد ۽ مدرسہ جو انتظام سنياليل اٿن.

سندن ڪتابن ۾ 1_ قصيده برده جو سنڌي نثر ۾ ترجمو.

2_ الله ماسوي الله ۽ انسان

3_ ڪتاب الحڪمة جو سنڌي ترجمو

4_ عوارف المعارف جو سنڌي ترجمو

5_ مينائي مصطفائي جو سنڌي ترجمو شامل آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر قاضي عبدالشڪور صديقي:



ڊاڪٽر پروفيسر عبدالشڪور صديقي

ڊاڪٽر عبدالشڪور صديقي 1944ع ۾ مخدوم ميان علي گوهر جي گهر ۾ ضلعي دادو جي ڳوٺ پاٽ ۾ جائو علمي ادبي ۽ مذهبي گهرو ماحول سبب عربي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم ڪيس اتان ئي ملي. 1962ع ۾ گورنمينٽ اسڪول دادو مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. 1964ع ۾ انٽر جو امتحان گورنمينٽ ڪالج قليليءَ مان ڏنائين ۽ سجي سنڌ ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين. 1966ع ۾ ميڊيڪل جي شاگرد جي حيثيت ۾ "جو ۽ ڪيئن" فزڪس ۽ ڪيمسٽريءَ تي ڪتاب لکيائين. 1969ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪالج مان M.B.B.S پاس ڪيائين. 1971ع ۾ فوج ۾ ڊاڪٽر پرتي ٿيو ۽ حيدرآباد C.M.H ۾ اسٽاف سرجن جا فرائض انجام ڏنائين. 1974ع ۾ جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ سندس پوسٽنگ ٿي. جتي "ٽٽن ۽ ٻارن جي ڪينسر" تي تحقيق پڻ ڪيائين. ان سلسلي ۾ اٽلي، جرمني، انگلينڊ، هالينڊ ۽ جپان ۾ مختلف ڪورس پڻ ڪيائين. جناح اسپتال جي ڊائريڪٽر جا فرائض انعام ڏيڻ دوران يورپين پيٽالاجي ڪائونسل جو لائف ميمبر پڻ چونڊيو ويو.

2004ع ۾ جناح اسپتال جي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين. ڪيس صدارتي اوارڊ سان پڻ نوازيو ويو.

مخدوم سليم الله پاڻائي:

1_ سيپٽمبر 1960ع ۾ مخدوم علي گوهر صديقي پاڻائي جي گهر پاٽ شريف ۾ تولد ٿيو. 1988ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چنا پيٽيءَ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ سرڪاري عهدن تي فائز ٿي خدمتون سر انجام ڏيندو رهي ٿو علم ۽ ادب جيڪو ورثي ۾ مليو هئس. تنهن کي سانڍي ان جي آبياري ۽ خدمت سمجهي ڪندو رهيو آهي. سندس چواڻي تہ "سهڻو ادب سهڻي نبي ڪريم ﷺ جو ڏنل سوجهرو آهي. جنهن جي روشنيءَ سان اونداهي پڄيو وڃي. پوءِ ماڻهوءَ معاشرو مٿيادار ٿيو پوي"

اداره پاٽ هائوس ناهي ڪتابن جي ڇپائيءَ جي ابتدا ڪيائين. سندس ڇپايل ڪتابن مان ڪجهہ سندس پنهنجون تحريرون آهن. ڪجهہ تي سندس مقدما لکيل آهن ۽ ايڊٽ ڪيل آهن. ڪجهہ شرحون ۽ ترجما پڻ آهن.

انهن جا نالا هي آهن: (1) ڊيبيٽ جو فن (مصنف پاڻ 1977ع) (2) مخدوم بصر الدين جي سوانح ۽ رسالو (مصنف پاڻ 2003ع) (3) انوار الاسرار تفسير (مقدمو تشريح ۽ ايڊيٽنگ 1998ع) (4) عوارف المعارف (مقدمو ۽ ايڊيٽنگ) (5) شرح قصيده برده (شرح ۽ مقدمو 2006ع) (6) بياض واحدي (جلد 2، مقدمو 2007ع) (7) رسائل سيوستاني (2 جلد، مقدمو 2007ع) (8) مخدوم فضل الله جو ڪلام (مصنف پاڻ) (9) مفتاح الصلواة (مقدمو 2012ع) (10) خزينة المخطوطات 2 جلد (مصنف پاڻ 2005ع) (11) مخزن المخطوطات (مصنف پاڻ 2012ع) (12 تفسير آلم (مقدمو) (13) ڪشف الحقائق (مقدمو ۽ تحقيق) (14) انساب مشائخ سيوستان (مقدمو 2005ع) (15) المفيد في العدد الهندي (تحقيق ۽ مقدمو) (16) تعليقات برهانپور ڪي سنڌي اولياء (پاڻ 2006ع) (17) المڪتوب الحبيب (تحقيق ۽ مقدمو 2006ع) (18) گلزار ابرار (تحقيق ۽ مقدمو 2009ع) (19) تشبيهات رومي (مقدمو 2006ع) (20) معيار سالڪان طريقت (تحقيق ۽ مقدمو 2010ع)، (21) مقدمو ۽ سوانح اسماء الحسنيٰ"

مولانا محمد آگرو مرحوم[1]:

هيءَ بزرگ، صورت ۽ سيرت جو محبوب، ڳوٺ فيض محمد آگري تعلقي ميهڙ جو ويڙل هو. مولانا عطاءُ الله فيروز شاهيءَ وٽ فارغ التحصيل ٿيو. مولانا محمد ننديڙ کان ئي نياز ۽ نڙت جو مجموعو هو ۽ هميشه باادب رهندو هو— ايتريقدر جو سندس استاد چوندو هو ته "جي ادب کي صورت هجي ها ته ميان محمد جي صورت اختيار ڪري ها". فارغ التحصيل ٿيڻ بعد، مولانا صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ توڪل عَلي الله گوڏو ڇڪي ويهي رهيو ۽ درس تدريس جو سلسلو شروع ڪري ڏنو ۽ نهايت ئي ڪاميابيءَ سان طالبن کي فيض رسايو. سندس شاگردن مان هيٺيان مشهور آهن: (1) مولوي قادر بخش، ضلعو نوابشاهه، (2) مولانا گلاب الدين چنو فيروز شاهي، (3) مولوي محمد علي، ضلعو نوابشاهه، (4) مولوي فيض الڪريم ساند، ناروشاهي اهلحديث، (5) مولوي نبي بخش، ضلعو نوابشاهه، (6) مولوي محمد صاحب آگرو، ضلعو نوابشاهه، (7) مولوي محمد داؤد آگرو، ضلعو نوابشاهه، (8) مولوي محمد اسماعيل، ضلعو نوابشاهه، (9) مولانا محمد پريل آگرو، (10) مولوي غلام نبي، سندس پائٽيو، (11) مولوي ڪريمداد نوڙهي تعلقي قنبر وارو، (12) مولوي محمد مختار جاگيراڻي، (13) حڪيم مولوي فضل محمد، نوشهري فيروز وارو ۽ (14) حڪيم مولوي عنايت الله، سندس پائٽيو.

مولانا محمد صاحب، پنجاهه ورهين جي ڄمار ۾، 15 رجب سن 1324 هجريءَ ۾ وفات ڪئي.

مائي فاطمه لاکير مرحومه:

تعلقي ميهڙ ۾، ناري ڪٽنال جي ڪپر تي، صفر لاکير نالي هڪ ڳوٺ آهي- مائي فاطمه انهيءَ ڳوٺ جي رهاڪ هئي. مائي فاطمه نهايت ئي پلاري، باخدا ۽ عابد عورت هئي. مسجد ۾ هارن کي قرآن شريف پڙهائيندي هئي. جن هارن کي جوانيءَ ۾ پڙهايائين، تن جي هارن کي پيريءَ ۾ پڙهايائين.

پاڻ ڪٽي پڙهي ڪيستائين تعليم ورتائين ۽ سندس اُستاد ڪير هو، اها ڪا به خبر نه آهي، باقي مائي صاحبه جي علمي ڪمال جو ذڪر سندس شاگرد جي مشهور عالم ٿي گذريا آهن، وقت بوقت ڪندا هئا. منهنجو استاد مولانا الاهي بخش به قرآن شريف ونس پڙهيو. سندس قرآن جو لهجو حافظن جهڙو هو.

---

[1] مولانا دين محمد "اديب" - تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

مائي صاحبہ خدا ترسيءَ جي ڪري رعبدار هئي. رستي ۾ ايندي هئي، تہ مرد ماڻهو اُتي بيهي نہ سگهندا هئا. آخر ـ رات ۾ عبادت بہ مسجد ۾ اچي ڪندي هئي. واقعي هن بيت جو مصداق هئي:

نہ هر زن زن ست و نہ هر مرد مرد
خدا پنج انگشت يكسان نكرد

هڪ رات مسجد ۾ اندران ڪڙو ڏيئي عبادت پئي ڪيائين، تہ اوچتو ڪو ماڻهو اندر گهڙي آيو. دروازي بند هجڻ هوندي آيو ڪيئن...؟ مائيءَ سمجهي ورتو، پڇيائينس تہ "چو آيو آهين؟" چي "اوهان وٽ قرآن شريف پڙهندس." مائي صاحبہ چيس، "نہ ٻار تو (جن) کان ڊجندا". پوءِ هو هليو ويو.

مائيءَ جي ڪمال کي عالم بہ سندس زيارت لاءِ ايندا هئا. مائيءَ کان روايت آهي تہ آسپاس جا سڀ عالم مون وٽ آيا، باقي سيد مصري شاهہ خيرپور ناٿن شاهہ وارو نہ آيو.

مولانا حاجي الاهي بخش مرحوم [1]

مولانا حاجي الاهي بخش صاحب، ولد ميان عبدالحڪيم بلوچ، ميهڙ کان ڇهہ ميل پري ڳوٺ منگواٿن ۾ ڳوٺ راوت خان لغاريءَ جي وچ ۾ هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ٻانهو لاکير" ۾ جائو. مولانا صاحب جن جا وڏا اصل پاڪٽي جا رهاڪو هئا، پر زماني جي گردش ڪري پنهنجي پياري وطن کي خيرباد ڪري اچي ٻانهي لاکير ڳوٺ ۾ رهيا. اڄ تائين بہ سندن قبيلي جا اٽڪل پنج ڇهہ گهر اتي رهندڙ آهن. جي سڀئي زميندار آهن. منجهن حاجي ۽ نمازي گهٽا آهن. مولانا جن ننڍپڻ ۾ ئي "صفر لاکير" جي ڳوٺ ۾ هڪ باڪمال عابده ۽ زاهده عورت مسمات فاطمه لاکير وٽ قرآن شريف پڙهي پورو ڪيو.

مولانا صاحب نهايت ذهين هوندو هو. چوندو هو تہ "پڙهڻ بابت مون کي ڪنهن بہ استاد نہ چينبيو آهي". مولانا صاحب قرآن شريف پوري ڪرڻ بعد، سندس ڳوٺ جي هڪ پيرسن حافظ فتح محمد جي همٿائڻ تي، ڳوٺ راوت خان لغاريءَ جي اسڪول ۾ سنڌي پڙهڻ لڳو. سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ جي تابل شاعر ۽ انشاء پرداز مرحوم ماستر محمد اعظم وٽ فارسي بہ پڙهندو رهيو. ڇهن درجن سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ جا ڪيترائي ڪتاب پورا ڪيائين ـ جهڙوڪ عرفي خاقاني، مينا بازار وغيره. ڪيس انهيءَ زماني ۾ عالمانہ شعور پڻ پيدا ٿيو. ايتري علم حاصل ڪرڻ بعد پاڻ ڪنهن بہ نوڪريءَ کي پسند نہ ڪري، پنهنجي زمين آباد ڪرائي گذر سفر ڪندو رهيو.

سندس روح ۾ صفائي هوندي هئي. اڪثر خواب ۾ حضور پاڪ جن، صحابن ۽ ولين جون ڪين زيارتون نصيب ٿيندڙيون هيون. هڪ دفعي جناب حضور جن ڪيس خواب ۾ فرمايو تہ "غفلت ڇڏ". انهيءَ واقعي کان پوءِ اڪثر روئندو رهندو هو. حضرت قتاده رضي الله خواب ۾ چين تہ "تون (قصص الانبياء) مون کي 'قتاوه' ڪري پڙهندو آهين، پر منهنجو نالو آهي 'قتاده'. حافظ شيرازي رحہ خواب ۾ چين تہ "تو طلب كن وگرنہ من هستم".

مولانا صاحب کي حضور پاڪ جن جي عشق جي آگ اندر ۾ پرندي رهندي هئي. هڪ دفعي سندس عزيز حج تي وڃي رهيا هئا. پاڻ انهن سان ڪراچيءَ تائين موڪلائڻ جي ٻهاني سان آيو ۽ اُتان مائٽن کان موڪلائڻ بنا حج تي هليو ويو. سئو روپيا ڪٽان اڌارا ونی ڇڏيا هئائين. وڃي حضور جن جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪيائين. جتي سرور ڪائنات جن جي ڪيس دوباره زيارت نصيب ٿي. پاڻ چوندو هو تہ انهيءَ سفر ۾ مولانا عبدالرحمان صاحب سکر واري کي

---

[1] مولانا دين محمد "اديب"ـ تماهي "مهران" سراڻ نمبر (چوٻينون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

بہ ظاهر ظهور ڏنم (جو اڳي ئي وفات ڪري ويو هو).

عربستان جي سفر ۾ مولانا صاحب هڪ هنڌ ٽڪجي پوڻ سبب ساهي کڻڻ لاءِ ويهي رهيو. پنڌ ڪيس اهڙو تہ ساٿو ڪري چڏيو هو جو ڪنڌ ڪٽي گوڏن ۾ هنيو هئائين. اهڙيءَ حالت ۾ ڪيس ائين معلوم ٿيو تہ ڪو فرشتو آهي جو هڪ آيت پڙهي رهيو آهي-

(ترجمو) "اي داؤدا اسان توکي زمين تي خليفو ڪيو آهي. پوءِ حڪم حق تي هلائج." مولانا صاحب ان وقت عربي ڪونہ ڄاڻندو هو. اها آيت دلائل الخيرات تي لکي چڏيائين. جڏهن ان جي معنيٰ معلوم ڪيائين. تڏهن مولانا صاحب کي خيال ٿيو تہ 'پلي ملڪ ۾ اها بشارت ملي آهي. سا سچي ٿي رهندي'. ان وقت ۾ مولانا صاحب کي چڪيءَ جي بيماري هئي. هڪ ڏينهن مولانا صاحب جده شهر جي هڪ گهٽيءَ ۾ ويٺو هو تہ هڪ وڏي ماڙيءَ تان ڪيس رسيءَ جي وسيلي ماني ملي: ان جي ڪائڙ کان پوءِ ڪيس هميشہ لاءِ چڪي چڏي ويئي ۽ وري ڪڏهن نہ پيئي!

مولانا صاحب چوندو هو تہ آءٌ (مان) ۽ منهنجو پاءُ بيل (ڏاند) گاڏيءَ ۾ پاڻ کنيو پئي وياسين. تہ هڪ هنڌ گاڏي اڌلي پيئي ۽ پاڻ هارجي ويو. گاڏي سڌي ڪري وري ان ۾ پاڻ پئي وڌوسين. تہ اسان جي ڪوٽ جو هڪ نيڪ بخت اتان لانگهائو ٿيو. ان مون کي چيو تہ 'اڙي فلاڻا! تون تہ عالمن جهڙو دانا ۽ عزت وارو آهين. چو نٿو عربي پڙهين؟ هن پاڻ ۾ پنهنجو حال تہ ڏس- تون ان جو لائق آهين؟... افسوس!' بس انهيءَ ڏينهن رخت سفر ٻڌي آڳرن ۾ مولانا محمد صاحب وٽ ويو. پر مولانا صاحب ان وقت بيمار هو ۽ پڙهائڙ جهڙو نہ هو تنهنڪري مولانا عطاءالله فيروزشاهيءَ وٽ پڙهڻ شروع ڪيائين. علامہ صاحب جن هن جي ذهانت کان ڏاڍا خوش ٿيا. ۽ هڪ دفعي فرمايائون تہ "اسان وٽان ٽوري کان ٽوري عرصي- ڇهن سالن- ۾ مولوي محمد ملوڪ تحصيل ڪري ويو آهي. هن بہ وڏي عمر ۾ اسان وٽ الف – ب کان پڙهڻ شروع ڪيو هو. پر توکي ٻارهن مهينن ۾ مولوي ڪندس". مولانا صاحب وٽ شاگردن کان گهٽو ڪم ورتو ويندو هو ۽ سبقن ۾ ناغو بہ ٿيندو رهندو هو. ان ڪري ڪيس خيال ٿيو تہ 'ڪنهن ٻئي مدرسي ۾ وڃي پڙهان. هتي الائجي ڪڏهن مقصد پورو ٿئي!' اهو خيال ڪري. هڪ دفعي اڌ رات جو اتان نڪري سڌو اچي سويداري پهتو. جتي مولانا شفيع محمد صاحب سمجدي جي شاگرديءَ ۾ اچي تحصيل علم کي لڳي ويا.

مولانا صاحب فيروزشاهيءَ جي دعا ۽ مردم شناسي سچي ثابت ٿي. جو مولانا الاهي بخش صاحب پندرهن مهينا استاد وٽ عربي پڙهي ۽ ان بعد اچي پڙهائڙ لڳو. وٽائس چگهٽا چگهٽا شاگرد تحصيل ڪري ويا- جهڙوڪ: مرحوم مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي ڏيرو. مرحوم مولانا عبدالحليم صاحب بلوچ. مرحوم مولوي نور محمد صاحب. مرحوم مولوي شفيع محمد صاحب ڪوٽ عرضي نائچ. مرحوم مولوي محمد ابراهيم صاحب جمالي. مرحوم مير محمد صاحب قريشي ۽ نيازمند راقم الحروف دين محمد "اديب" فيروز شاهي.

مولانا صاحب شاگردن کي مطالعي جو سخت تاڪيد ڪندو هو ۽ کين چوندو هو تہ مطالعي بنا ڪو بہ سبق نہ پڙهو. مطالعي سان علم ايندو آهي. مولانا صاحب تڪراري ملڪيت جا فيصلا ڏرين جي رضامنديءَ سان تمام قابليت سان ڪندو هو. جي ڏرين کي قبول ڪرڻا پوندا هئا. مولانا صاحب هڪ دفعي گڏيل ملڪيت جو فيصلو ڪيو تہ هڪ پوڙهي. جا ان تي قابض هئي. ان کي تمام ٿورو حصو آيو. جنهن تي تمام درد وچان ان پوڙهيءَ مولانا صاحب کي چيو تہ "اڙي مولوي صاحب! توکي قرآن پڃندو. تو مون سان ظلم ڪري چڏيو آهي!" پوڙهيءَ کي ان تي مولانا صاحب وراڻيو تہ "پوڙهي. توکي بہ قرآن پڙهو آهي. تون تہ ناحق پرائو مال ڦٻايو ويٺي هئينءَ". مولانا مير محمد نورنگيءَ جو هڪ عالم سان ڪنهن مسئلي تي بحث هو. اهو بحث تمام طويل ٿي ويو. آخر مولانا الاهي بخش کي گهرائي ڪيس ڏرين جا بحث

ڏيکاريائون. مولانا صاحب پنهنجي استاد الاستاد مولانا نورنگيءَ کي عرض ڪيو ته حق ٻيءَ ڏر جي طرف آهي. ان ڪري بحث ختم ڪرڻ کپي- ۽ ٽيوبر ائين.

مولانا صاحب کي فارسي نثر و نظر تي ڏاڍي دسترس هئي. خلافت واري تحريڪ کان ٿورو اڳ، پاڻ جي عالم مولانا حاجي حسن الله صاحب کيس چيو ته "بابا، مون کي دادو جي مختيارڪار چيو آهي ته سرڪار جو اڳيون فارسي دفتر سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيو. منهنجو انهيءَ مختيارڪار ۾ پٽن جي نوڪريءَ جو ڪم آهي. مهرباني ڪري اهو ترجمو ڪري ڏي ته منهنجي پٽن کي نوڪري ملي ويندي". مولانا صاحب ادب وچان اهو ڪم قبوليو. ڏهن سالن جو سارو دفتر مولانا صاحب بنا معاوضي ترجمو ڪري ڏنو. آفيس ۾ اڳيئين وقت جي شڪسته فارسي ڪنهن کي به پڙهڻ ۾ نٿي آئي انهيءَ ڪري وري خيرپور ناٿن شاهه جي مختيارڪار کيس حڪم ڪيو ته اڇي اسان جو به ڪم ڪري ڏيو. مولانا صاحب ڪم ڪرڻ لاءِ معاوضو گهريو ته تپيدار کي چيو ويو ته مولانا صاحب جي زمين ڏسي ان تي درّيءَ ڏڪيءَ جي دخل جو ڪو بيقاعدي نشان هجي ته ان تي کيس ڪر. آخر اهڙيءَ ريت مولانا صاحب کي دهمان ٻڌي ڪائنس اهو به ڪم ورتو ويو نه فقط ايترو پر ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر به ميهڙ جو سڀ فارسي دفتر سنڌيءَ ۾ ڪرايو. پچاڙيءَ ۾ ان جي عيوض مولانا صاحب کي ڇا پلئه پيو؟ صرف هڪ لونگي ريشمي ۽ آفرين ناموا!

مولانا صاحب جي صحبت هر خاص ۽ عام ماڻهوءَ سان هئي پر خاص صحبت هيٺين بزرگن سان هئي: مولوي محمد علي ڏيرو زميندار ڏيرا، مولوي الله بخش مهيسر ڳوٺ پيري ۽ مولوي محمد سليمان ٽرڙي محبت جو. ان کان سواءِ حڪيم مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻيءَ جي ساڻن غائبانه محبت ۽ دوستيءَ جو هي عالم هو جو گورنمينٽ کان سنڌ جي هڪ عالم ۽ مصنف کي سئو روپين جي گرانٽ ملندي هئي- اها گرانٽ غالباً مولوي محمد عثمان نورنگ زاده فقه ٽيچر سنڌ مدرسته الاسلام ڪراچيءَ کي ملندي هئي. ان جي وفات کان پوءِ تلاش ٿي ته هاڻ ان گرانٽ جو حقدار ڪير آهي؟ مولوي فتح محمد صاحب ميمبرن کي چيو ته ان جو حقدار مولانا حاجي الاهي بخش آهي. سنڌن چوڻ تي ڊائريڪٽر صاحب تسليم ڪيو ۽ مولانا صاحب لاءِ اها منظور ڪئي ويئي. ان زماني ۾ خلافت تحريڪ جو زور هو. خلافت جا پروانا جتي ڪٿي قطع تعلقات جي تحريڪ کي زور ونائڻ ۾ مشغول هئا. مرحوم شيخ عبدالعزيز مالڪ اخبار "الحق" سکر واري اڇي مولانا صاحب کي چيو ته "اوهان ان گرانٽ وٺڻ کان انڪار ڪريو". مولانا صاحب گرانٽ وٺڻ کان ناڪار ڪئي.

مولانا صاحب وفات کان چند مهينا اڳ سيني شاگردن کي ڏار ڏار گهرائي ديني تعليم کي جاري رکڻ لاءِ تاڪيد ۽ وصيّت ڪئي. آءٌ (راقم الحروف) ان وقت پير جي ڳوٺ ۾ نلاهه پرسان پڙهائيندو هوس. به دفعا تاڪيدي خط لکي گهرائي فرمايائون ته "مون مولوي عبدالحليم کي به پڙهائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو آهي ۽ توکي به چوان ٿو ته تجارت ۽ طبابت صرف روزگار جو ذريعو آهي سو نه ڪجانءِ هن دور ۾ ديني تعليم ئي بهترين جهاد آهي". 27 رجب المرجب 1338 هجريءَ ۾ سيوهڻ ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي هئي. پاڻ اتان موٽي خيرپور ناٿن شاهه ۾ خلافت ڪانفرنس ڪرايائين. ان ۾ ڏاڍي جانفشاني ڪيائين. جنهن کان بيمار ٿي پيو. آخر غرّه رمضان شريف 1338 هـ ۾ جان جانان کي ڏنائين- انالله وانا اليه راجعون. وفات وقت سندس عمر پنجاهه کن ورهيه هئي.

مرحوم مولانا الهه بخش مهيسر[1]

مولانا مولوي الهه بخش مرحوم ولد وڏيرو عمر مهيسر، زميندار ڳوٺ پيري تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ جا بزرگ هئا. سندن ولادت جي تاريخ جي ڪا خبر نه آهي. البت سندن وفات غالباً 1346 هجريءَ ۾ اٽڪل چاليهن سالن جي عمر ۾ ٿي ۽ ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته 1306ع ۾ تولد ٿيا هوندا.

مولوي الهه بخش مرحوم پنهنجي ڳوٺ پيريءَ ۾ مولانا عبدالرحمان فيروزشاهيءَ کان علم حاصل ڪيو. کين ڪمالیت کي رسڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. مسائل جي تحقيق ۽ ڪتابن جي مشڪل مقامات جي حل ڪرڻ جي ولولي سان مولوي صاحب کي مطالعي جو به بيحد شوق هو. موصوف، مولوي ٽيڻ کان پوءِ مولانا همايوني ۽ مولانا مير محمد (جاگيراڻي) نورنگيءَ کان به ڪجهه علم حاصل ڪيو.

مولوي صاحب مرحوم نهايت متقي ۽ نيڪ بزرگ هئا. هڪ دفعي هڪ آنريري مئجسٽريٽ ڪوشش ڪئي ته مولوي صاحب کان هڪ ناجائز فتوا حاصل ڪري. ان سلسلي ۾ مولوي صاحب جي والد بزرگوار به کين چيو ته اسان جا ڪئين ڪم ڪارين مئجسٽريٽ سان پيا پون. ان ڪري چگو ائين آهي ته تون ان جو رايو رک. مگر مولوي صاحب صاف انڪار ڪيو. مولوي صاحب جون صفتون ولين جهڙيون هيون. مڙس نهايت سهڻو ۽ قداور هو. طبعيت جو تمام نرم هو. وصيت ڪيائين ته "آءٌ مران، ته مون کي ڪاٺ جي صندوق ۾ وجهي دفن ڪجو" ـ ۽ ائين ئي ڪيو ويو.[2]

مولانا مرحوم جي همعصرن مان مولوي حاجي الاهي بخش صاحب جو نالو قابل ذڪر آهي. ۽ مولوي محمد لاڙائي سندن لائق شاگرد هو.

مولانا حاجي شفيع محمد "مسجدي" مرحوم[3]:

مولانا صاحب جن هڪ مستند عالم ۽ محقق بزرگ هئا. سندن نالو شفيع محمد بن ولي محمد ۽ تخلص "مسجدي" هو. سوڀاري ڳوٺ جا رهاڪو هئا، جنهن کي اڪثر "مسجد سوڀاري" چوندا آهن. شهر ٻڌڻ کان اڳ ۾ مسجد جوڙائي ويئي ۽ ان کان پوءِ ڳوٺ جي تعمير جو سلسلو شروع ٿيو. انهيءَ ڪري ان ڳوٺ جو نالو سوڀاري مسجد پئجي ويو. انهيءَ ڳوٺ ۾ مسجد جو بنياد به مولانا مسجديءَ جي وڏڻ وڏو. پاڻ انهيءَ ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا. سندن تاريخ ولادت معلوم نه ٿي سگهي آهي. مولانا صاحب جن ذات جا "سوڀر" هئا، مگر جڏهن ته سندن آبا و اجداد قضيءَ جي منصب تي فائز رهيا هئا، انهيءَ ڪري کين 'قاضي' به سڏيندا هئا. انهيءَ خاندان جي ڪوشش سان سنڌ جو مشهور عالم سيد مصري شاهه صاحب خيرپور ناٿن شاهه وارو انهيءَ ڳوٺ ۾ تعليم ڏيندو هو جنهن جي تعليم ۽ تدريس مان سوين ماڻهو فيضياب ٿيا.[4]

مولانا مسجدي جن قرآن ۽ فارسي اشرف سوڀر جي ڳوٺ ۾ پڙهيا. انهيءَ ڳوٺ ۾ ٿي پائر سوڀر عالم هئا ـ مولانا

---

[1] حوالو اڳ ۾ آيل آهي.

[2] مولانا صاحب 24 ـ فيبروري 1927ع تي وفات ڪري ويو. (ايڊيٽر)

[3] حوالو آيل آهي.

[4] مولانا مصري شاهه هالن مان فارغ التحصيل ٿي اچي "سوڀاري مسجد" ۾ پڙهائڻ لڳو. شاهه صاحب جو وڏو ڪتبخانو هو جو پوءِ خورد برد ٿي ويو. سندس ڪيترائي شاگرد ٿيا ـ مثلا مولوي حبيب الله سولنگي، ويڙل "شادي ڏهي" لڳ راوت لغاري، جو پوءِ روهڙيءَ لڏي ويو. حافظ محمد عيسيٰ ٻوڪ، ساڪن ڳوٺ ٻوڪ، تعلقو دادو ۽ ٻيا.

غلام محمد مولانا غلام رسول ۾ مولانا غلام نبي اهي ٽيئي عالم عربي ۾ فارسيءَ جا ماهر هئا. انهن مان پويان ٻه شاعر ٻه هئا. مولوي غلام رسول جو عربي خطبو مشهور آهي جنهن ۾ مطلع ۾ مقطع هي آهن:

ثَنَاءٌ وَفِيرٌ وَحَمدٌ كَثِيرٌ
لِمَن هُوَ عَلىٰ كُلِ شَيءٍ قدِيرٌ
لَيَدعُو بِبَابِكَ غُلَامُ الرَّسُول
فَانَّكَ لَه بِالاجَابَةِ جَدِيرٌ

ان کان پوءِ مولانا مسجدي حافظ عبدالله رضي نابينا پيري (تعلقو ميهڑ) ۾ صرف ۾ ڪجهه نحوَ پڙهيا. حافظ رضي اگرچ ظاهري بصارت کان معذور هو مگر خدا جي فضل سان باطني بصارت سان معمور ۽ پُرنور هو ۽ پڻ پُرگو شاعر هو. هيٺيان بيت حافظ صاحب جا چيل آهن:

بحمد الله اين ميمون مرقوم
ز عبدالله رضي گرديد مختوم
كه باشد "واهۀ مرزا" موطنِ آن
بلاشك و ريب ذاتش "چانديه" دان
شد از شهدادپُر* تحصيلِ علمش
خدا بخشاد اورا عزّ حلمش

ان کان پوءِ مولانا مجسدي ميهڑ تعلقي ۾ مگسين جي پرسان ڳوٺ فيض محمد آگري ۾ مولانا محمد پريل آگري وٽ پڙهڻ ويو. اتي منطق ۽ ڪجهه فقه ۽ ڪجهه نحوَ پڙهائين. مولانا محمد پريل جن وڏا فقيهه ۽ نحوَ جا ماهر هئا. ان هوندي ٻه مولانا مسجدي کانئن رخصت ٿي وڌيڪ منطق ۽ معقولات وغيره جي تحصيل لاءِ مولانا مير محمد نورنگيءَ جي خدمت ۾ تعلقي قنبر ۾ نورنگ ڳوٺ ۾ آيو. اتي باقي رهيل ڪتاب پڙهي پورا ڪري اتي ئي دستاربندي ڪيائين. ڳوٺ نورنگ واري زماني ۾ ڪجهه وقت منطق مولانا محمد اسماعيل ابڙن واري وٽ ٻه پڙهيا. اتي "ميبذي" وغيره پڙهيائون.

تحصيل علم جي فراغت کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ۾ في سبيل الله متوڪلا علي الله تعليم جو ڪم شروع ڪيائون. شب و روز درس تدريس ۾ مشغول رهيا. گهٽا ماٹهو سندن فيض جي سرچشمي مان سيراب ٿي ويا ـ خاص ڪري هيٺ ذڪر ڪيل ونّائن دستاربند ٿيا: (1) مولانا حاجي الاهي بخش، مدرس ڳوٺ ٻانهو لاکير، تعلقو ميهڑ. (2) مولانا محمد عالم سومرو، ويڙل پنيور، تعلقو ميهڑ. (3) مولانا الاهي بخش بروهي، ساکن ملڪ نال. (4) مولانا حبيب الله پيرزادو، ويڙل سيد جو ڳوٺ، تعلقو ميهڑ. (5) مولانا عبدالرحمان تيوٽو ساکن ڳوٺ باگو تعلقو ميهڑ. (6) مولوي غلام حسين خلف مولانا الاهي بخش ٻانهي لاکير وارو. (7) مولانا عبدالواحد مگسي، ويڙل ڳوٺ ساهڙ. (8) مولانا محمد بروهي ملڪ خراسان. (9) مولوي محمد محسن تيوٽو ڳوٺ مرزا جو واهه (ميهڑ)، ۽ (10) مولانا نظام الدين بلوچ مرڙاٹي ڳوٺ مرزا جو واهه.

تدريس سان گڏ مولانا صاحب جن تحرير ۾ فتوا نويسيءَ جو ڪم به ڪندا رهيا. سندن فتوائن جي حقانيت

---

* انهيءَ "شهدادپُر" کي هاڻي "شهدادڪوٽ" چئجي ٿو. (ايڊيٽر).

ڪري سنڌ تہ سنڌ، پر بلوچستان ۽ خراسان کان بہ استفتائون ايندیون هيون. انهيءَ ڪري مقبول عام ۽ خاص ٿيا. ڪهڙا بہ پيچيده مسئلا وٽن ايندا هئا، تہ نور بصيرت ۽ خداداد لياقت سان انهن جي عقده ڪشائي جلد ڪندا هئا. انهيءَ ڪري وڏين خانگاهن ۽ سردارن جي طرفان ميراث جي مسئلن لاءِ امين مقرر ڪيا ويندا هئا. سندن فتوا ۽ تحرير تي ايتريقدر اعتماد هو جو جيڪڏهن ڪنهن تحرير تي سندن تصديق نہ هوندي هئي، تہ اُن تي پروسو نہ ڪيو ويندو هو: مطلب تہ پنهنجي آبا و اجداد جي پراڻي قضيءَ جي منصب کي اوج ۽ ترقيءَ تي پهچايائون.

مولانا صاحب سيني علمي فنونن ۾ باڪمال ماهر هئا: باالخصوص ادب، منطق، حڪمت، فلسفي ۽ فقه ۾ ڪمال رکندا هئا، نثر ۽ نظم ۾ ماهر هئا، عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ بي تڪلف پختا شعر چوندا هئا، پُرگو ۽ پختہ گو هئا. تنهي زبانن جي شعر جو نمونو عرض آهي:

لَقَد ضَاقَت عَلَي الَارضُ طُرّاً،
وَ اَهلُ الارضِ مَا عَرَفوا دَوَائي.
قَدِ اَنقَطعَ الرَّجآءُ فَقُلتُ رَبِي،
رَجآئِي اَنتَ، حَقق لِي رَجَائِي.

* * *

خوش قسمت آنکه شبليء دوران بداو رسيد،
آري جنيدِ وقت حسن جان من بود
پيوسته باد رونق اسلام اي خدا،
تا آسمان ست ماه درخشانِ من بود
زين هرج ومرج باد مهون "مسجدي" کزان،
مانندِ بيدِ لرزه بايمان من بود

* * *

عمر منهنجي وئي هلي مون ڪنہ ڪو توشو ڪيو،
جن ڪمن کان جهل هئي تن کان نہ مون گوشو ڪيو.
سيڪنهن جي بار ۾ نيڪيءَ سندو انبار آهہ،
ڪم نصيبيءَ کان ميسّر مون نہ هڪ خوشو ڪيو.
ڪامياب "مسجدي" توکي اگر منظور آهہ،
وٺ روش ۽ راهہ تن جي جن عمل توشو ڪيو.

1942ع ۾ ٻوڏ ٿي آئي هئي، ان بنسبت پڙ سنڌيءَ ۾ هڪ بهترين نظم لکيو اٿن. کين تصوف سان بہ گهڻي دلچسپي هُئي. تصوّف جا ڪتاب "احياء العلوم"، "فتوحات مڪيه" وغيره، سدائين سندن مطالعي ۾ رهندا هئا. اڪثر اوقات سندن گفتگو جو موضوع تصوّف جون ڳالهيون هونديون هيون. هڪ ناقص صوفيءَ سان ظاهري توجهہ جي تاثير ڪري (جنهن کي عام طرح ڪمال جي علامت سمجهي ويندي آهي) مُريديءَ جو تعلق پيدا ڪيائون، پر جيئن تہ هو بعضي فرضن ۾ قاصر هو ڪانئس اهو تعلق ڇني ڇڏيائون.

مولانا مرحوم سياست ۾ ڪافي دلچسپي رکندا هئا. روزانہ اردو اخبار "مدينہ". جا ان وقت هندوستان ۾ صحافت جي نُڪتہ نظر کان بلند درجو رکندي هئي سا پڇاڙيءَ تائين گهرائيندا رهيا. ٻي عظيم جنگ جي وقت هٽلر شاهيءَ جي فتحن ڪري دنيا جي ملڪن ۾ جيڪا ردوبدل ٿيندي پئي رهي ان کي جاڻڻ ۽ وقت ۽ حالتن جي جائزي ونڊ خاطر سندن اوطاق ۾ ايشيا، يورپ ۽ دنيا جا نقشا ٽنگيل نظر ايندا هئا. هڪ دفعي، پنهنجي عقيدتمند ماسٽر يار محمد پنهور طرفان جنگ متعلق پڇڻ تي فرمايائون "ابا، هي ظالم نازي دنيا مٽان وري ٻيهر غلاميءَ جو دور مڙهڻ ٿا چاهين ـ خدا کين شڪست ڏئي ۽ برباد ڪري!"

مولانا مرحوم شاهہ ولي الله محدث دهلويءَ کي پنهنجو روحاني امام تسليم ڪندا هئا. ۽ سندن طريقہء فڪر جا پيرو هئا: فرمائيندا هئا تہ 'شاهہ ولي الله جي فڪر پڙهڻ کان پوءِ قرآن ۽ حديث جي سمجهڻ ۾ ڪا به دقت نہ ٿي ٿئي. پاڻ غريبن تي هر وقت مهربان هوندا هئا. ڪوبہ ضرورتمند جڏهن وٽن ايندو هو تہ ان جي هر طرح مدد ڪندا هئا.

1938ع ۾ حج کان به مشرف ٿيا. چوندا هئا تہ 'حج جي سفر ۾ مصري منهنجي ڏاڙهي چمندا هئا. ۽ چوندا هئا تہ مصر ۾ فقط هڪ شيخ الاسلام کي ڏاڙهي آهي. ٻيا مولوي تہ ڏاڙهيءَ جو بار گِران ڪٽي نٿا سگهن' چياٿون تہ 'مصر يا ٻين ملڪن جا ڇگا مولوي به قصرِ نماز جي احڪامن کان پوريءَ طرح واقف نہ هئا (اهي غير مقلد هئا) مون انهن کي چيو تہ فقہ جو هڪ ڪتاب "قدوري" پڙهي ڇڏيو تہ ڇڙي معمولي غلطي اوهان کان نہ ٿيندي'.

مولانا جن کي موروثي زرعي زمين ڪافي هئي، مگر شروعات ۾ پاڻيءَ جي قلت ڪري زمينون آباد ڪونہ ٿيندیون هيون، تہ به صبر سان وقت گذاريندا هئا. هڪ دفعي پنهنجي شاگرد، اسان جي استاد الاستاد مولانا اِلاهي بخش ڏانهن انهيءَ قِسم جو خط لکياٿون، ان جي پڇاڙيءَ ۾ هيءَ فقرو لکياٿون: "فَلاَ شکوي فَاَنّ خَيرَالزَّادِ التقوي" ـ (تنگدستيءَ جي ڪري شڪايت ڪرڻ نہ گهرجي، ڇو تہ بهترين توشو تقوي آهي). نيٺ انهيءَ تقوي جي برڪت ڪري پوئين وقت، سندن زمينون بيراج جي نڪرڻ ڪري آباد ٿيون ۽ سندن تنگي خوشحاليءَ ۾ بدلجي ويئي. پاڻ بالڪل سخي ۽ مهمان نواز هئا.

کين ٻہ صاحبزادا ٿيا ـ ميان محمد شافع، ۽ ميان ولي محمد. پويون صاحبزادو گذاري ويو. باقي ٻهريون ميان محمد شافع سندن نقش قدم تي هلي رهيو آهي. شل خدا کيس وڌيڪ توفيق ڏئي تہ عربي مدرسو قائم ڪري ۽ ان جي خدمت ڪري!

مولانا صاحب جن 13 رمضان مبارڪ 1364هـ ۾ وفات ڪئي. اهو ٻوڏ جو زمانو هو جنهن ۾ زمين وارن تي آسمان جا دروازا کليل هئا: جابجا هر طرف موج در موج هئي. بحرن کي بُحران هو طوفان کان طغيان هو: اوچتو موت جو سڏ ٿيو جنهن تي مولانا صاحب جن جان جانان کي سُپاري ـ انا لله وانا اليه راجعون. سندن آخرين آرامگاهہ مسجد جو ڏاکڻين طرف آهي ـ شل متن رحمت جا مينهن سدائين وسندا رهن ۽ سندن پوين کي علم ۽ عمل جو ورثو عطا ٿيندو رهي! وفات وقت مولانا صاحب جن جي عمر عزيز سٺ ۽ ستر جي وچ ۾ هئي. مولوي دين محمد صاحب "اديب" سندن وفات تي هيٺيون قطعہ تاريخ چيو:

مولويّ معنويّ مسجدي رفت از دنياي دون سوي خدا:
صاحبِ علم و عمل پرهيزگار حق پرست و حق نيوش و پارسا،
در فنِ تدريس و تحرير او فريد شاعرِ شيرين مقال وخوش لقا،

صاحبِ سحرِ حلال و باڪمال، صاحبِ صدق و صفاءَ بي ريا:
بست در رمضان بروز سيزده، رختِ رحلت بهرِ ديدارِ خدا.
بخشش انعام اي خداي ذوالڪرم، از طفيلِ سرورِ هَر دوسَرا.
آرزو دارد "اديب" از لطفِ حق، "باد در محشر شفيعم مصطفيٰ"

مولانا محمد سليمان واعظ مرحوم[1]

مولوي محمد سليمان صاحب جي ولادت، ڳوٺ ٽرڙي محبت تعلقي ميهڙ ۾ ٿي. مولوي صاحب پنهنجي ڳوٺ جي هڪ بزرگ مولانا حافظ محمد صادق وٽ تعليم حاصل ڪئي. ان بعد، رتيديري ۾ مولانا مولوي عبدالله صاحب جن وٽ پڙهڻ لاءِ ويا. تعليم و تدريس ختم ڪرڻ بعد، پاڻ ميهڙ جي پرسان ٽيبن زميندارن کي پڙهايو. پڇاڙيءَ واري عمر ۾ ٽرڙي جي پرسان "جهتيالن" جي ڳوٺ ۾ ڪيترائي سال تعليم ڏنائون. اتي سندن خدمت، حڪيم محمد موسيٰ جو والد ميان فتح محمد صاحب ڪندو هو.

مولانا صاحب پنهنجي وقت ۾ وعظ جي فن ۾ يڪتا هئا. پاڻ هميشه بلند آواز ۾ خوش الحانيءَ سان وعظ ڪندا هئا. سندن وعظ ۾ ڏاڍي ڪشش هوندي هئي. آسپاس جا ماڻهو ڄجهي انداز ۾ سندن واعظ ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا. ۽ سندن وعظ جو اثر عوام تي تمام گهرو پوندو هو. ساڳيءَ طرح سان، خواص به سندن انداز بيان کان بيحد متاثر ٿيندا هئا. مطلب ته مولانا صاحب وقت جو لائق ۽ پُر اثر خطيب هو. رحلت کان پوءِ اڄ تائين ڪنهن به خطيب يا واعظ سندس جاءِ نه پري آهي.

مولانا صاحب چوندا هئا ته ڪين چار پنج سؤ حديثون چڱيءَ طرح ياد آهن. منجهن تمام گهٽو اخلاص هو. وڏن ماڻهن جا خاندان جهيڙا ۽ ضد، جي ڪيتري ئي عرصي کان هلندا ايندا هئا، سي هن بزرگ پنهنجي خداداد قابليت سان لاهي ڇڏيا، ۽ سيني کي پرچائي سرچائي ڪير – ڪنڊ ڪري ڇڏيندو هو.

مولانا صاحب جن شب برات سن 1367هـ ۾ وفات ڪئي. چون ٿا ته ڪين وفات جي اڳي ئي چاڻ هئي ۽ قبرستان ۾ پنهنجي قبر لاءِ جاءِ ڏيکاري آيو. سندن رحلت به هوش ۽ حواس جي حالت ۾ ٿي.

مولوي دين محمد "وفائي" مون کي چيو ته "مولانا محمد سليمان جي وفات جو قطعه تاريخ لک"؛ جنهن تي مون چيومانس ته "مون پنهنجي بزرگن جا ئي قطعا نه لکيا آهن. سو ٻين لاءِ ڪيئن لکان؟" ان تي مولوي صاحب جن چيو ته "جنهن مولانا جي وعظ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هزار ماڻهو بارگاهه الاهي ۾ گناهن کان توبهه تائب ٿيا آهن. اهڙي شخص لاءِ قطعو ضرور لکڻ گهرجي." مولوي "وفائي" صاحب جي اخلاص جي برڪت سان هيٺ ذڪر ڪيل قطعه تاريخ چڱيءَ ريت لکجي ويو.

قطعه تاريخ وفات

مائيم جهان جهان پريشان، از رحلتِ حضرتِ سليمان،
اي ذاتِ تو بود فيض گستر، فيّاض پيءِ عيالِ يزدان،
موقوف پيءِ صلاحِ انسان، مشغوف پيءِ فلاحِ انسان،
از لطفِ لطائفِ تو خلقي، خندان شده گاه و گاه گريان.

---

[1] مولانا دين محمد "اديب" ـ تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

گشتي ز تو خلق در يکي وقت، خندان چوگل و چوابر گريان.
از وعظِ بليغ تو زن و مرد، در راهِ حق اند چست پويان.
از يمنِ مواعظِ تو لاريب، راجع بحق اند صد هزاران.
همپايهء تو نديد ديده، در طرزِ بليغ خوش بيانان.
کرده لقبِ تو 'واعظ دين'، مخصوص بر اي تو مسلمان.
مسحور و اسير هم نمودي، با سحرِ حلال نفس و شيطان.
اي وعظِ تو خاتمِ سليمان، شد ديو و پري مطيع فرمان.
نفاقيء تو حريف کرده، بي نيلِ مرام ماند حيران.
در نقلِ تو جهد کرد واعظ، از عجز شده نديمِ حرمان.
در نقل کمر ببست ناصح، در گل چو حمار در بماندآن.
در صلح اصاغر و اکابر، حق داد مهارتت فراوان.
دلهاي بغيض ز اهتمامت، گرديده حميم و مثل اخوان.
تو دانشمند و هم خردمند، دانش بخرد چو مهر تابان.
جذّابِ جهان بحسنِ دلکش، نخچيرِ اداي تو عقيلان.
اي مرگِ تو گشت مرگِ عالَم، ابن رمز بداند اهلِ عرفان.
هر خرد و کلان ست ماتر آرا، صف بسته بشهر و در بيابان.
هان ياد ترا مدام دارد، نَسلاً مِن نسلِ انسان.
در ليل برات انتقالت، فال است بر اي فضل رحمان.
پر نور خدا کناد گورت، در خلد برين کناد مهمان!
بخشاد حقت نجاتِ کلّي، از برکتِ شافعِ اثيمان!

در فکرِ "اديب" ماده آمد،
از بهر سَنت — "بخلد رفت آن".
1367هـ

مولانا عبدالڪريم مرحوم ڏيرو[1]

هي عالم رباني زاهد الزمان ساده طبع، تڪلف ۽ تصنع کان عاري هڪ ننڍي ڳوٺ نالي "رضا محمد ڏيرو" (تعلقو ڪڪ، ضلعو دادو سنڌ) ۾ سن 1315 هجري ۾ تولد ٿيو. سندن والد بزرگوار جو نالو حاجي الهورايو هو جو نيڪ ۽ تهجد گذار شخص هو. ابتدا کان انتها تائين ڳوٺائٽن مدرسن ۾ تعليم ورتائون. ابتدائي تعليم قرآن شريف، فارسي ۽ عربيءَ جا اڪثر ڪتاب، پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾، مولانا مولوي محمد اسماعيل صاحب ڪنڀي واري کان پڙهيائون جو عربي علم خاص طرح صرف و نحوَ ۽ ادب جو وڏو ماهر هو. ان کان پوءِ باقي عربي علم اديب الزمان فصيح اللسان

[1] مولوي محمد قاري ـ تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو پيون) سنڌي ادبي بورڊ، چام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

رئيس الشعراء حضرت مولانا مولوي الاهي بخش صاحب ساڪن ڳوٺ "پانهون لاکير" تعلقي ميهڙ جي خدمت اقدس ۾ رهي حاصل ڪيائون.

سندن طبع کي شهرت پسند نه هئي. ان ڪري ڪافي زور ورڻ تي به مروج دستاربنديءَ کان انڪار ڪيائون الله في الله تعليم جو ڪم شروع ڪيائون. پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو قائم ڪيائون. سندن تعليم جي عمدگي ۽ پختگي کي جلد شهرت ٿي ويئي. ان ڪري طالب علم شمع تي پتنگن وانگر اچڻ لڳا. ڪين تعليم ۾ ايتريقدر مهارت هئي جو سندن شاگرد عربي زبان ۾ تقرير ڪري سگهندا هئا، ۽ عربي زبان ۾ مضمون نويسي ڇڱيءَ طرح ڪري سگهندا هئا.

انهيءَ زماني ۾ ڪين طريقت جو به شوق ٿيو. پاڻ خاص انهيءَ مقصد لاءِ هندستان جو سفر ڪيائون. گهڻن الله وارن سان صحبت ڪيائون. پر آخري طرح طريقت جي سلوڪ لاءِ حضرت خواجه جواجگان مرجع اهل زمان خواجه محمد عمر جان صاحب چشموي رحمة الله عليه جا دست بيعت ٿيا. هر سال ڪجهه وقت حضرت صاحب جي صحبت ۾ وڃي رهندا هئا.

تعليم سان گڏ طالبن جي اخلاقي تربيت ڪندا هئا – گويا منجهن صحيح تصوف جو روح ڦوڪي چڏيندا هئا. علم تصوف ۽ اخلاقي ڪتابن جي پڙهائڻ جو ڪين گهڻو اهتمام هو: "بداية الهداية" امام غزالي جي ۽ "ڪيميء سعادت" وغيره پڙهائيندا هئا. "احياء علوم دين"، ۽ "اربعين في اصول الدين" طرف توجهه ڏيارينداهئا. حضرت سيد علي اڪبر شاهه جن "اسلامي اخلاق" نالي "الاربعين في اصول الدين" ڪتاب جو ترجمو ڇپايو سو حضرت ڏيروي جي توجهه سان پڙهايو ويندو هو. علم اخلاق جي رواج ڏيارڻ لاءِ پوريءَ طرح ڪوشان رهيا. ته جيئن صحيح تصوف رائج ٿئي.

قرآن شريف جي صحيح قرائت جي قاعدن سان پڙهڻ جو رواج سنڌ ۾ بلڪل گم ٿي چڪو هو ان کي تماه وڌيءَ ڪوشش سان رواج ڏيارپائون. سنڌي زبان ۾ قرائت جا ڪتاب لکيائون. پنهنجن شاگردن کي وڌن قارين وٽان قرآن ڪريم صحيح پڙهايائون ـ حتاڪ عربستان تائين سندن شاگرد ويا، ۽ قران ڪريم صحيح پڙهي آيا. انهن کي تعليم ڏيڻ لاءِ همٿايائون. قرائت ۽ تجويد جا دورا قائم ڪرايائون. تان جو سندن حياتيءَ ۾ تجويد ۽ قرائت جي تعليم لازمي ڪئي ويئي. بين علمن جي معلمن وانگر هن علم جا جاڻندڙ قاري معلم مقرر ڪيا ويا: سنڌ لاءِ هيءُ ڪارنامو "تجديدي" چئجي ته بجا ٿيندو.

حقوق العباد جي ادائگيءَ بابت ڪين تمام گهڻو خيال رهندو هو. صفائي معاملات ۽ آداب المعاشره وغيره جي ڪتابن جي مطالعي لاءِ پاڻ توجهه ڏيارينداهئا. انهيءَ لاءِ ته طالبن ۾ به حقوق جي ادائگيءَ جو جذبو پيدا ٿئي. پاڻ وٽ هڪ وصيتنامو رکندا هئا، جنهن ۾ حقوق لکندا رهندا هئا ـ حتاڪ ڪنهن کان ڪو ڪتاب مطالعي لاءِ ونڊندا هئا. ته ار جي مٿان به مالڪ جو پورو نالو ۽ پتو لکي چڏيندا هئا ۽ پهچائڻ لاءِ پورو پورو انتظام ڪندا هئا.

تواضع سندن خاص شيوو هو: هر هڪ ماڻهوءَ سان تمام عزت سان ملندا هئا، ۽ پوريءَ طرح خدمت ڪندا هئا پنهنجن شاگردن سان به مهمانيءَ وغيره ۾ پوريءَ طرح خدمت ڪندا هئا. گويا ان وقت خادم ۽ سبق وقت استاد هوندا هئا هر هڪ مسلمان جا پاڻ خير خواهه رهندا هئا. ساري عمر شريعت جي ڪمن ۾ "اللّهم فاالّهم" تي عمل ڪندڙ هئا. دينو تعليم ۾ به اول شاگردن کي ديني فرضي علمن جي سنڌي، اردو عربي ۽ فارسي زبانن ۾ تعليم ڏيندا هئا، ته جيئن دينو ضروري علمن جي خبر پئجي وڃين. انهيءَ لاءِ پاڻ هڪ ديني نصاب به تيار ڪيائون. جو اڄا تائين موجود آهي. اهو نصاب پوءِ سيني علمائن جي خدمت ۾ موڪلڻ جو ارادو به ڪيو هئائون. پر سندن حياتيءَ وفا نه ڪئي.

ڪنهن خصوصي نالي سان تردید ڪرڻ کان پرهيز ڪندا هئا ۽ عمومي طرح عقائد باطله جي تردید ڪندا هئا. سندن تردید جو ڍنگ نرالو هو: علماي سلف جون عبارتون لکي ڪتاب جوڙيندا هئا ۽ ان ۾ انهن جي تردید ڪندا هئا ـ جيئن ته لواريءَ جي عقائد باطله جي تردید، رسمي پيري ـ مريديءَ جي تردید، حضرت امام رباني مجدد الف الثاني جي مڪتوبات مان عبارتون چونڊي ڪتاب "اعتقاد نامه امام رباني" لکيائون. "ڪتاب فضائل آل و اصحاب" لکي ان ۾ مختصر مگر قوي دليلن سان مخالفن جي تردید ڪيائون. پاڻ هر هڪ معاملي کي شريعت مطهره جي ميزان تي تورينda هئا ۽ ان موجب فيصلا ڪندا هئا. شادي غمي، خريد فروخت، ڪائڻ پيئڻ، سترپردو، وغيره ـ سڀ ڳالهين ۾ شريعت موجب رهندا هئا: پنهنجي همعصر علمائن کان انهيءَ ۾ ممتاز هئا.

تصنيفات جو سلسلو اول کان ئي جاري رکيائون. هينيان ڪتاب سڀ سندن تصنيف ۽ تاليف ٿيل آهن:

عربي زبان ۾: (1) مقدمه تفسير قرآن، (2) الـ ڪاتب الجديده، (3) صفيحة الخشوع ۽ (4) راحة القلوب في لسان المحبوب.

فارسيءَ ۾: (1) اخلاق نامهء امام غزالي، (2) اعتقاد نامه امام رباني، (3) فوائد دينيه، (4) هدايت نامه امام رباني، (5) تعليم قرآن، (6) معلم القرات، (7) فضائل آل و اصحاب، (8) قصو پير دستگير، (9) نصيحت نامه پير دستگير، (10) قصو امام رباني، (11) نصيحت نامه امام رباني، (12) کرامات اولياءالله، (13) نصيحت نيڪ، (14) نصيحت قرآن، (15) نصيحت ذڪر، (16) ضروري مسئلات، (17) ديباچه فقه حنفي، (18) کتاب الصلواة سنڌي، (19) قواعد عربيه، (20) قواعد فارسي، (21) دلائل وجوب التجويد، (22) معجزن جو ڪتاب، (23) مولودن جو ڪتاب، (24) عريضه اصغف العباد في مسئله الضاد، (25) اعلام العباد في مسئله الضاد.

پاڻ اول پنهنجي ڳوٺ رضا محمد ڏيري ۾ مدرسو قائم ڪيائون ۽ ڪيترا سال اتي تعليم ڏنائون. سن 1341 هـ ۾ حضرت خواجه خواجگان اهل زمان خواجه محمد حسن صاحب سرهندي تنڊي سائينداد وارن جي ڪوشش سان هڪ مدرسو ڳوٺ گاهي مهيسر لڳ ميهڙ ۾ قائم ٿيو ان لاءِ خواجه صاحب جن کي قابل عالم جي ضرورت هئي: سندن نظر انتخاب حضرت مولانا ڏيرويءَ تي پيئي ۽ کين خواجه صاحب جن گهٽو اصرار ڪيو ان ڪري پاڻ مدرسي عربيه گاهي مهيسر ۾ آيا. ۽ اتي 1349 هـ تائين تعليم ڏيندا رهيا. ان کان بعد سيد علي اڪبر شاهه صاحب جن سان مشورو ڪري ميهڙ ۾ عربي مدرسو قائم ڪيائون. جو اڄ تائين جاري آهي ۽ هن وقت "مدرسه دارالقرآن" جي نالي سان مشهور آهي. جنهن ۾ ڇهه مدرس ڪم ڪن ٿا ۽ سيني علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي.

سندن شاگردن جو سلسلو تمام گهڻو آهي، پر ڪجهه نالا هي آهن: (1) مولانا عبدالغفور خدا بخش بلوچ، بهاولپور ضلعو دادو سنڌ، (2) مولانا محمد يوسف صاحب، ڏيپر، پيش امام مسجد انجمن شيد، ڪوٽڙي، (3) مولانا قاري احمد صاحب چارڻ، مدرس مدرسه اسلاميه، مولهڻ لڳ ٺارو شاهه سنڌ، (4) مولانا دين محمد صاحب "اديب" فيروزشاهي، معلم دينيات، نور محمد هاءِ اسکول، حيدرآباد، (5) مولانا عرض محمد "سانگي"، معلم عربي، جامعه عربيه حيدرآباد، (6) مولانا در محمد صاحب پنهور، معلم عربي، مدرسه دارالقرآن، ميهڙ، دادو، (7) مولانا علي محمد صاحب گلال، معلم مدرسه رباني تاتري لڳ بادهه، (8) مرحوم مولانا عبدالڪريم صاحب ڊڪڻ، سابق مدرس مدرسه عربيه لنڊ ڳوٺ، مورو، (9) مولانا حڪيم قطب الدين صاحب، ڳوٺ ٻڙڙا، تعلقو ميهڙ، دادو ۽ (10) راقم آثم (قاري) محمد، ڏيرو مهتم مدرسه عربيه دارالقرآن، ميهڙ، دادو.

سندن وفات حسرت آيات 8 ـ رجب المرجب 1373 هـ مدرسہ دارالقرآن ميهڙ ۾ ٿي. تاريخ ولادت جي حساب سان سندن عمر ٽيهٺ (63) ورهيہ ٿي. حضرت مولانا مرحوم، پنهنجي آخري وقت ۾، حضرت مولانا مولوي در محمد صاحب کي فرمايو تہ "هاڻي عمر حضور پاڪ ﷺ جي عمر موافق ٿي آهي: جيڪڏهن هن وقت خاتمو ٿيو تہ موافقت عمر جو شرف بہ حاصل ٿي ويندو" ـ ٿيو بہ ائين. سندن مزار، ميهڙ شهر جي مغربي قبرستان ۾ آهي.

قطعہ تاريخ وفات

بشد عبدالكريم آن عالمِ دين، ز دنيا سوي درگاهِ خدائي
فقيه و مصلح و فيّاضِ دوران، دريغ از دوستان كرده جدائي
ز بدوِ عمر از پاكيِ طينت، بزد چنگل بحبلِ پارسائي
نموده ترك لذّاتِ جهان را، بحق مي باخت نردّ آشنائي
مدرّس هم مصنّف ناشرِ دين، ز بدعت داد مردم را رهائي
كمالاتِ طريقت كرد حاصل، دلش شد مطلع نورِ خدائي
خدا كردش طبيبِ جسم و جانها، عطا كردش خواصِ كيميائي
فنِ تجويد را ترويج بخشيد، نمود اين علم را مشكل كشائي
"اديبا" چون نمودم فكر تاريخ، خرد گفتا: "زخاصانِ خدائي".

1313

(2)

'عبدالكريم ديروي' آن عارفِ خدا، رفت از جهان بجنتِ فردوس دلكشا
بنمود چون "اديب" ز هاتف سوالِ سال، ايما بلطف كرد "بآغوشِ انبيا".

حاجي عمر الدين چنو مرحوم[1]

هيءَ بزرگ هڪ بااثر عالم هو. خيرپور ناٿن شاهہ جي پرسان ابراهيم چني جي ڳوٺ (تعلقو ڪڪڙ ضلعو دادو) جو باشندو هو. سن 1288 هجري ۾ جائو. سندس منظر ۽ نظر جاذب هئا. فيروزشاهہ ۾ مولانا خير محمد وٽ، پوءِ ان جي فرزند مولانا عطاءالله ۽ ان جي شاگرد مولوي محمد صاحب آگري وٽ تعليم ورتائين. آخر ۾ گهونڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين انڍڙ وٽ تعليم ورتائين. ۽ 1317 هـ ۾ وٽس دستاربندي ڪيائين. مولوي صاحب جي عمر پنجاسي سال هئي. اڪثر وبيشتر لاڙ ۾ پڙهايو اٿس. ۽ ڇڄ وقت عمر ڪوٽ تعلقي ۾ رتي ڪوٽ ۾ پڙهايو اٿس. وٽس شاگرد گهڻا پڙهڻ ايندا هئا. ڪن مشهور شاگردن جا نالا هي آهن: مولوي محمد صاحب آڙهوٽو وٺل ڳوٺ احمد شاهہ گروهڙي (ڪپرو)، مولوي محمد يعقوب صاحب هڪورجو وٺل رتو ڪوٽ، ڪپرو. مولوي عبدالحليم پنهور، وٺل ورند جا پاڻ (ميهڙ)، مولوي محمد علي صاحب لانبر سانگهڙ. مولوي غلام محمد صاحب ٻير، ڳوٺ لڏاڻ (ڪڪڙ دادو)، مولوي نجم الدين صاحب مهر ريگستاني (ضلعو ٿرپارڪر)، ۽ مولوي عبيدالله مرحوم (مولانا جو عزيز ۽ ڳوٺائي). آخر عمر ۾ مريد بہ ڪيائين. پاڻ مولانا

---

[1] مولانا دين محمد "اديب" تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

غلام صديق شهداد ڪوٽيءَ جو مريد هو.

مولوي صاحب سخنِ شناس ۽ هڪ روئي هو. مرحوم نور محمد تي لکيل مرثيو مون کين ڏنو پاڻ پڙهي ٻڌائين ته "هن بيت ۾ ڏاڍو درد آهي" ـ هو ۽ اٿين ٿو ته مون کي ان بيت جي جوڙڻ مهل گهڻو درد محسوس ٿيو هو. مولوي صاحب منهنجي والد جو ماسات هو. مون سان ۽ سندس محبت گهڻي هئي.

تاريخ 16 ـ ربيع الاول سن 1374 هـ برابر 13 ـ نومبر 1954ع تي وفات ڪيائين. مون سندس وفات تي هيٺيون قطعه تاريخ لکيو:

فاني ست اين مکان و زمان ارض و آسمان
باقي ست تا ابد ز ازل ذاتِ ذوالجلال:
رفتند انبيا، نه بمانند اوليا،
تو کيستي که غرّه شوي بر متاع و مال!
علامهء زمان عمرالدّين يا خدا،
رفت از جهان بسوي خداوندِ لايزال.
عمرِ تمام صرفَ بتعليمِ دين نمود
عمرِ عزيز يافته هشتاد و پنج سال.
اي صورتت مسخّرِ دلهاي مردمان
و اي سيرتت بنام فگنهء همه رجال.
سيراب شد ز بحرِ علومت جهان جهان
اهل جهان ز مغرب و مشرق، يمين، شمال.
گريند در فراقِ تو دلدادگانِ تو
هم مهرو ماه انجم و شب روزو ماه و سال.
وابستگانِ فيضِ تو نالند چون سحاب،
آن ذاکرانِ نامِ خداوندِ بي مثال.
گفهٔ "اديب" سال تو "غَفَرَ الوَحِيد لَه"،
بابي نعم که نامهء در وهم در خيال.

مولانا محمد ملوڪ[1]

مولانا مولوي محمد ملوڪ صاحب اصل سهاڳ ڪمانگر تعلقي ميهڙ جا ويٺل آهن. علامه حاجي عطاءالله صاحب فيروزشاهيءَ کان تعليم حاصل ڪيائون. مولانا محمد ملوڪ صاحب راقم الحروف سان پنهنجي مختصر سوانح حيات هن طرح بيان ڪئي:

"آءٌ ڳوٺ گهلو (تعلقو دادو) ۾ رهندو هوس. ڪنهن جي ڪرت ڪندو هوس. هڪ رات خواب ۾ هڪ دلڪش صورت جي عورت ڏٺم. جا حسن و جمال ۾ بيمثال هئي ۽ زيورن ۽ زربفت جي لباس سان آراسته پيراسته هئي.

---

[1] مخدوم امير احمد ٽماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

مون کي مخاطب ٿي چيائين ته 'منهنجو نالو آهي "هدايت"، ۽ آءٌ تو لاءِ آهيان' انهيءَ خواب مون کي بيخواب ڪري ڇڏيو. ڪمرڪار ڪوٺ پيو پُڇي! ڪاڪيءَ تي ويس ته ڪاڪيءَ کان به ڪٽوٽي پيس: يا ته اڳ سيني کان اڳ ۾ هوندو هوس، ۽ اڄ سيني کان ڪاڪيءَ ۾ پنتي هوس. ماڻهن کي به منهنجي هن حالت تي عجب پئي لڳو.

"انهن ڏينهن ۾ هڪ عرب مسافر گهلن ۾ آيل هو ان سان اهو خواب ۽ پنهنجي دل جو حال بلا حجاب بيار ڪيم. ان چيو ته 'تون فيروزشاهه وڃي ديني علم پڙهه'. مان سندس صلاح موجب فيروزشاهه ويس. ڪوٺ کان ٻاهر مولانا عطاءالله فيروزشاهي مون کي مليو ۽ مون کيس طلب علم جو مقصد ٻڌايو. مولانا صاحب مون کي قرهيءَ تي الف ـ ب لکي ڏني ۽ پنهنجن اُڻن جي ڏنارپ ۾ منهنجي سپرد ڪيائين. چنانچه آءٌ اهو ڪم به ڪندو هوس ـ اُڻن سان گڏ پڙهندو به هوس. بزرگ باڪمال هو ان جي برڪت سان منهنجي قسمت جاڳي پيئي. ڇهن سالن جي عرصي ۾ فارسي ۽ عربيءَ جي تحصيل ڪيم. انهيءَ کان پهرين مولانا فيروزشاهيءَ وٽ ڪوبه دستاربند ڪونه ٿيو هو.

"دستاربنديءَ کان ٿورو اڳ، مون خواب لڏو ته فيروزشاهه جي مسجد يا حجري ۾ سرور ڪائنات، فخر موجودات، سيدنا رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن رونق افروز آهن، ۽ مولانا فيروزشاهي به اتي موجود آهي. آءٌ به ان مجلس ۾ حاضر آهيان، ۽ گفتگو اشارن ڪتابن ۾ ٿي رهي آهي. استاد صاحب مون لاءِ التجا ڪئي، جن مان ڪي سفارشون قبول ڪيون ويون، ۽ ڪي نه."

مولوي محمد ملوڪ صاحب ڪٽي ڪٽي پڙهايو ان جو مون کي علم نه آهي. هالن ۾ مولوي هدايت الله، سندس والد مولوي محمد حسن کي پڙهايو اٿن.

مولانا محمد ملوڪ صاحب اڇڪلهه ضلعي دادو ۾ پياري ڪوٺ اسٽيشن جي پرسان رهن ٿا: اتي زمين خريد ڪئي اٿن، ۽ پنهنجو ڪوٺ آباد ڪيو اٿن.

مولانا محمّد هاشم انصاري[1]:

حضرت استاذي و استاذالعلماء مولانا هاشم صاحب انصاري، 12 ربيع الاول 1305 هجريءَ ۾ قلجي تعلقو جوهي ضلعي دادوءَ ۾ ڄاوا. سندس وڏو ڏاڏو خواجه ڪرم الله، مدينه منوره زادها الله شرفا وتعظيما ۾ رهندو هو ۽ مدينو منوره جي انصارن مان هو.

حضرت مولانا جي وڻن ۾ اها روايت مشهور هئي ته خواجه ڪرم الله جي لواريءَ جي مشهور نقشبندي خاندان جي مورث اعليٰ حضرت خواجه محمد زمان عليه الرحمة سان پهرين ملاقات مدينه شريف ۾ ٿي جتي هو صاحب خواجه محمد زمان جي ولايت ۽ بلند مقامات ڏسي متن موهجي پيو ۽ سندن مريد ٿيو. هو صاحب خواجه صاحب جي محبت، عقيدت جي زنجير ۾ اهڙو ته جڪڙجي ويو جو وطن جي وڻن کي خيرباد چئي، ساڻن گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ سندس صحبت ڪيميا ـ اثر ۾ رهي رچي ريٽو ٿيو. سنڌ کي پنهنجو دائمي وطن بڻايائين.

پير صاحب جي هڪ مريد، بلال ملاح، جي نياڻيءَ سان شادي ڪيائين. بلال ملاح قلجيءَ جو رهاڪو هو. تنهنڪري خواجه ڪرم الله انصاريءَ به قلجيءَ کي پنهنجو مستقل سڪونت گاهه بنايو. خواجه ڪرم الله، حضرت خواجه محمد زمان عليه الرحمة جي وڻن خليفن مان شمار ٿيندو هو. سندس مزار مبارڪ قلجيءَ ۾ اڄ تائين موجود آهي، ۽ عام خاص ماڻهن جو زيارت گاهه آهي، خصوصاً لواريءَ شريف جي جماعت جي اتي تمام گهٽي آمد رفت رهي ٿي.

---

[1] مولانا دين محمد "اديب" تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو بيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

خليفي ڪرم الله کي بلال ملاح جي نياڻيءَ مان پٽ فرزند ـ حاجي هدايت الله ۽ مولوي عبدالصمد ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿيا. ٽنهي جو اولاد ايڏا تائين موجود آهي. اسان جو مولانا محمد هاشم صاحب، مولوي عبدالصمد صاحب جي اولاد مان آهي. سندن سلسلہ نسب خواجہ ڪرم الله سان هن طرح ملي ٿو: محمد هاشم بن ملا محمد بن حافظ الهڏنو بن حاجي احمد بن مولوي عبدالصمد بن خواجہ ڪرم الله مدني انصاري

مولانا محمد هاشم صاحب جا وڏا، خليفي ڪرم الله انصاري عليه الرحمة جي وفات کان پوءِ ٻه اڍائي ڏهاڪا ڏلجيءَ ۾ رهندا هئا: اگرچ سندن والد ملا محمد صاحب، ڪن سببن ڪري، ٽورو عرصو ڏلجي شهر ڪي ڇڏي، اچي ڏلجيءَ جي اسٽيشن جي قريب هڪ تمام ننڍڙي ڳوٺ، "اوباهيي فقير جو ٽلهو"، ۾ بودوباش اختيار ڪئي هئي، اُتي جاءِ ٻ ٺهرائي هئائين، ۽ سندس مولانا صاحب جي ڪوشش سان اتي هڪ مسجد ٻ ٺهي تيار ٿي هئي، مگر آخر ڪار، والد صاحب جي وفات کان پوءِ مولانا صاحب وري وڃي پنهنجي اباڻي وطن ڏلجيءَ کي وسايو. هن وقت سندن مستقل رهائش ڏلجيءَ جي شهر ۾ آهي. پاڻ جي مشهور معروف نيڪ نيت انسان قاضي غلام مصطفيٰ رٽائر ڪليڪٽر جي نيڪ ڪوشش سان ڪين سندن اباڻي زمين ٻ واپس ملي آهي، جنهن تي سندن مائٽ ناجائز قبضو ڪري ويا هئا، ۽ مولانا صاحب خواهہ سندس والد مرحوم يا پائرن کي ويجهو ٻ اچڻ نٿي ڏنائون. قاضي صاحب، مولانا جي هيءَ مدد انهيءَ وقت ۾ ڪئي هئي جڏهن پاڻ دادوءَ جو ڊپٽي ڪليڪٽر هو.

مولانا صاحب جي والد ملا محمد کي چار پٽ ڄاوا: (1) مولانا محمد هاشم صاحب، (2) ميان محمد حسن (3) مولوي عبدالله صاحب، ۽ (4) ميان محمد عيسيٰ. هن وقت چارئي خدا جي فضل سان حيات آهن. پيو ۽ چوٿون نمبر پٽ، زماني جي گردش ۾ گرفتار ٿي علم جي نعمت کان بي بهره رهجي ويا، باقي پهريون ۽ ٽيون نمبر خدا جي فضل سان علم جي دولت سان ڇڪيءَ طرح مالا مال آهن.

مولوي عبدالله صاحب، پنهنجي پاڻ مولانا محمد هاشم جو شاگرد آهي. راقم الحروف سان هم سبق هو. سڄي عمر مجرد رهي گذاري اٽس. هن وقت ماتلي ضلعي حيدرآباد ۾ رهي ٿو. فارسي ۽ عربيءَ جو وڏو اديب ۽ ماهر آهي. سندس تصنيفات مان شاهہ ولي الله صاحب جي معرڪة الآرا ڪتاب "حجة الله البالغ" جو عربي حاشيو مشهور آهي. جو قلمي صورت ۾ وٽس موجود آهي. پاڻ سنڌي ۽ فارسي زبانن جو تمام سٺو شاعر آهي. سندس مولود ڪافيون ۽ غزل مشهور ۽ مقبول آهن.

مولانا محمد هاشم صاحب، ننڍپڻ ۾ پنهنجي شهر ڏلجيءَ ۾ قرآن پاڪ ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪري عربي وڃي جوهي شهر جي مشهور معروف عالم ۽ مدرس مولانا محمد حسن صاحب ڪوسي بلوچ وٽ پڙهڻ شروع ڪئي ـ (مولانا محمد حسن جو مدرسو انهيءَ وقت "ڏڳهہ بالا" تعلقي جوهيءَ ۾ هوندو هو).

مولانا محمد حسن صاحب، مولانا عبدالرحمان ڏامراهي جو شاگرد هو. ڏامراها، هڪ ننڍڙو ڳوٺ، لاڙڪاڻي جي پسگردائيءَ ۾ آهي. مولانا عبدالرحمان رياست بهاولپور جي نامي گرامي عالم مولانا نظر محمد صاحب ٻُنگ واري وٽان فارغ التحصيل ٿيل هو. مولانا محمد حسن صاحب، هونئن تہ سيني رواجي عربي ۽ ديني علمن ۾ وڏي دسترس رکندو هو، پر خاص طرح ميراث جي علم ۾ نانءَ چڙهيل هو.

مولانا محمد هاشم صاحب وڃ ۾ سندن جي پين بزرگن کان ٻ استفادو ڪيو: جهڙوڪ مولانا عطاءُ الله نيروزشاهي، جو حضرت مولانا شهداد ڪوٽيءَ جو شاگرد هو ۽ وڏو صاحب فيض ۽ علم ۾ باعمل هو مگر آخر وري ٻ اچي مولانا محمد حسن وٽ پڙهڻ لڳو ۽ اتي ئي رواجي نصاب جي تڪميل ڪيائون.

پاڻ تمام ذهين ظالب هئا. مولوي دين محمد صاحب "اديب" ڳالهه ڪئي ته سندن جو مشهور عالم اديب ۽ شاه مولانا الاهي بخش صاحب ٻانهي لاکير وارو چوندو هو ته 'مون وٽ پڙهڻ لاءِ گهٽائي طالب علم آيا، پر مولوي محمد هاشم جهڙو ذهين شاگرد ڪو ڪونہ آيو' ياد رهي ته مولانا محمد هاشم صاحب جن ڪو ٿورو وقت مولانا الاهي بخش صاحب وٽ پڙهيا هئا. طالب علميءَ جي زماني ۾ ڪين علم جو نهايت عشق هوندو. پاڻ ڳالهه ڪندا هئا ته 'ڪيترا دفعا ائين ٿيو جو سومهٽيءَ جي نماز کان پوءِ آءٌ ڪنهن ڪتاب جي مطالعي کي لڳي ويس، ماني پر ۾ رکي هئي، پر محويت جي عالم ماني کائڻ وسري ويئي۔ خبر تڏهن پيئي، جڏهن مؤذن اچي صبح جي بانگ ڏني! مان چرڪ پري هيڏانهن هوڏانهن نهاريو لڳس، ۽ عجب وچان زبان مان نڪري ويو ته "مار هيتري ۾ رات گذري ويئي"!'

تحصيل ڪري ڪان پوءِ پاڻ دادوءَ ۾ قاضين واريءَ مسجد ۾ اچي درس تدريس جو شغل جاري ڪيائون. ٿوري ئي وقت ۾ سندن هاڪ سندن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويئي ۽ پري پري جا طالب العلم هن علم جي شمع تي پروانا وانگيان اچي جمع ٿيا. پاڻ سندن ۾ مختلف جاين تي تعليم جو شغل جاري رکيائون۔ جهڙوڪ (1) "ميان جو پٽ"، لڳ استيشن هماپون ضلعو سکر: هتي پاڻ علامہ عبدالغفور همايوني رحمةالله عليه جي شاگرد ميان مبارڪ، جي فرزند ميا عبدالحي کي پڙهڻ آيا، ۽ انهيءَ سان گڏ ٻيا ٻه ڪيئي علم جا پياسا پنهنجي پياس لاهيندا رهيا؛ (2) کهڙا، رياسه خيرپور: هتي پاڻ راقم الحروف ۽ کهڙن جي مخدومن جي ٻين ٻارن کي پڙهڻ لاءِ مقرر ٿيا، مگر هتي ٻه ٻاهران طالب چگ تعداد ۾ آيا ۽ فائدو ونندا رهيا؛ (3) قاضيءَ جي ڪنڊي لڳ استيشن قلجي: هتي پاڻ مولانا محمد حسن ڪنڊياڻي ؒ حيدرآبادي جي فرزند قاضي حاجي محمد ۽ قاضي خاندان جي پگدار قاضي ميان عبدالله جي پڙهڻ لاءِ رهيا، تڏهن سندن علم جي درياهه مان فيض پرائڻ جي منع ڪنهن کي ڪانہ هئي؛ (4) دادوءَ جي شهر ۾ ميان جيوڻ شاهه جي مسجد هتي ڪنهن خاص ماڻهوءَ جو پڙهڻ مدنظر ڪونہ هو بلڪ هڪ عام مدرسو هو. هتي ٻه شهر خواهه ٻاهر جا ڪافي طالب علم پنهنجي مقصود جي گوهر هٿ ڪرڻ لاءِ اچي جمع ٿيا؛ (5) شڪارپور: هتي حضرت پير ضياءُ معصوم سرهندي عليه الرحمة جي فرزند مولوي پير غلام مجدد جي پڙهڻ لاءِ اچي رهيا، پر سندن مفتونن هتي ٻه سندن پٽ نہ چڏي (ا ڪاهي ڪنديا، لڳ نوشهرو فيروز: هتي پاڻ سندن جي مشهور ولي سيد ميان نورشاهه جي درگاهه جي سجاده نشين پير مي امام بخش شاهه جي فرزندن۔ سيد ميان نور شاهه ۽ سندن پائرن۔ جا استاد مقرر ٿي آيا. سندن فيض جو دروازو هتي عام طرح کليل هو.

ڪاهي ڪنڊين کان پوءِ ڪو ٿورو وقت نوشهرو فيروز ۾ اتي جي مشهور حڪيم ۽ عالم قاضي ميان احمد جي فرزند ميان عبدالهاديءَ کي تعليم ڏنائون. پوءِ ستت ئي نوابشاهه جي جامع مسجد جا پيش امام مقرر ٿيا، ۽ ايڇا تائين اتي رهندا اچن ٿا۔ متعنا الله تعالي وَسائر المسلمين بطولِ بقائه!

سندن تعليم ۽ تربيت جي ڪهڙي تعريف ڪجي۔ گويا امير خسروءَ جو هيءُ مصرعو سندن حق ۾ چ آهي:

"آفاقها گرديده ام سحرِبتان ورزيده ام
بسيار خوبان ديده ام ليکن تو چيزي ديگري!"

پاڻ شاگردن جي تعليم کان وڌيڪ انهن جي تربيت کي مقدم سمجهندا آهن. انگريزي ڪونہ ڄاڻن، م انگريزيءَ جي هڪ مقولي۔ "Character lost, every thing lost" تي ڪين پورو پورو اعتقاد آهي. انهيءَ ڪري، پ شاگردن جي اخلاق، اطوار ۽ عادات جي تمام سخت نگراني ڪندا آهن. ۽ ڪنهن شاگرد جي ٿوري ٻ ناموزون حرڪ

ڏسندا، ته بروقت ٽوڪڻ ۾ دير بلڪل نه ڪندا آهن.

شاگردن جي طبيعت، رجحانات ۽ استعداد کي جاچي ونڻ جو ڪين خاص ملڪو حاصل آهي. بن ٽن صحبتن ۾ جاچي ونڻندا آهن ته هي‌۽ ماڻهو علم پرائڻ جي اهليت رکي ٿو يا نه: ڪين معلوم ٿيو ته هي‌۽ نااهل آهي، ته انهي‌۽ کي هڪدم ٽڪيٽ ونائيندا ۽ فرمائيندا ـ "تربيت نااهل را چون گردگان برگنبد ست"، باقي جنهن کي اهل ڏسندا، پوءِ انهي‌۽ سان ڪيتري به محنت ڪرڻ ڪان ڪين گُسندا ـ يلي ته ڪين ڪيتري به قيمت ڏيڻي پوي، مگر شاگرد جي حياتي وڃائڻ نه پسند ڪندا. مون کي پنهنجو مثال ياد آهي: پاڻ جڏهن اسان مخدومن جي ٻارن کي پاڙهڻ لاءِ ڪهڙن جي شهر ۾ تشريف فرما ٿيا، ۽ مخدومن واريءَ مسجد جي حجري ۾ رهي اسان کي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائون، تڏهن اسين جملي پنج ڇٽا نندڙا مخدوم، ونن تعليم ونڻ لڳاسين. مون کي ته پنهنجي منڍيءَ امڙ (جا ڪهڙن جي مشهور عالم ۽ فاضل مخدوم ميان محمد عاقل عرف پير محمد جي نياڻي هئي) پنهنجي پيءُ کان تعليم پرايل هيس، ۽ فارسي ـ عربيءَ کان به ڪنهن حد تائين واقف هئي) پهرئين ئي ڏينهن پنهنجي پير ۾ ويهاري علم جي فضيلت، استاد جي ادب، ۽ سندس آڏو بافضيلت رهڻ تي هڪ وڏو وعظ فرمائي، هنڌ (بسترو) مٿي تي کڻايو ۽ فرمايو ته "وڃي مولانا صاحب جي خدمت ۾ رهه ۽ نهايت ادب ۽ اخلاص سان سندن هر خدمت جي بجاآوري آڻيندو رهج. خبردار متان ڪا تنهنجي شڪايت مون وٽ آئي آهي!" مون ته انهي‌۽ تي ڪاربند ٿي دل و جان سُان مولانا صاحب جن جي خدمت ڪرڻ شروع ڪئي، ۽ ٻين ڏڏن کان فارغ ٿي رات ڏينهن علم پرائڻ کي لڳي ويس. مگر ٻيا صاحبزادا....؟ انهن جي مغز ۾ واءُ ٻريل سي ڪٿي ٿا استاد جي خدمت ڪن، يا آٽ ئي پهر علم جي طلب ۾ صرف ڪن! وري خدا جي فضل سان منهنجو ذهن ۽ ذڪاءُ به ٻين کان ڪٽر هو. هوڏانهن، ونن مخدومن وٽان مولانا صاحب کي حڪم پهتو ته "ڏسج، متان هي‌۽ ڇوڪرو اسان جي فرزندن کان اڳي نڪري وڃي!" مگر مولوي صاحب جن فرمايو ته "مون کان اهڙو ظلم هرگز نه ٿيندو: مان استعداد هوندي ڪنهن شاگرد جي زندگي خراب ڪرڻ گناهه ٿو سمجهان". نتيجو اهو ٿيو جو انهي‌۽ گناهه جي پاداش ۾ مولانا صاحب کي گهڻيون تڪليفون سهڻيون پيون ۽ آخر ڪهڙن جا وڻ ڇڏڻا پيون. پاڻ اهو سڀ ڪجهه برداشت ڪيائون، مگر پنهنجو اصول نه ڇڏائون.

سندن اها به خوبي آهي، جو پاڻ تعليم ڏيڻ وقت شاگرد جي ليول (سمجهه) تي لهي ايندا آهن: شاگرد جيڪڏهن ابتدائي ڪتاب پيو پڙهندو ته انهي‌۽ کي وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪين ٻڌائيندا، بلڪ سبق پاڙهڻ وقت ڪيس ڪتاب جي لفظن ۽ معنيٰ وغيره متعلق مختصر ۽ واضح سمجهاڻي ڏيندا آهن. جو ڪتاب جو متن هن کي پوريءَ طرح ذهن نشين ٿي ويندو. سبق جي اڳواٽ مطالعي ڪرڻ تي تمام گهڻو زور ڏيندا آهن: جيڪڏهن کين معلوم ٿي ويندو ته شاگرد سبق مطالع ڪونه ڪيو آهي، ته انهي‌۽ کي ڪتاب اڇلائي ڏيندا ۽ سبق بالڪل نه پاڙهيندا آهن. منتهي طالب العلمن سان سندن پاڙهڻ جو طريقو بحث ۽ تمحيص جو هوندو آهي: اڄ شاگردن کي سڏي چوندا ته "سياڻي هن صفحي کان ونهي هن صفحي تائين پڙهنداسون، هر هڪ شاگرد تيار ٿي اچي"، ٻئي ڏينهن صبح جو هڪڙو شاگرد پڙهڻ شروع ڪندو ۽ ٻين سيني شاگردن کي عام اجازت هوندي ته جتي ڪنهن کي ڪو سوال ڪرڻو، اعتراض ڪرڻو يا سمجهاڻي گهرڻي هجي ته پنهنجي پڙهڻ واري رفيق کان گهري سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح، ڪتاب جي اهم مقامات تي بحث چڙي پوندو آهي، ۽ هر هڪ شاگرد پنهنجو خيال آزاديءَ سان پيش ڪندو ويندو آهي. آخر ۾ فيصلو پاڻ ڏيندا آهن. سندن فيصلي تي به شاگردن کي اعتراض ڪرڻ جو پورو حق هوندو آهي. ڪيترا دفعا ائين به ٿيندو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شاگرد سندن راءِ کي قوي دليلن سان رد ڪيو ته پاڻ پنهنجي راءِ کان رجوع ڪرڻ ۾ دير بلڪل نه ڪندا آهن، ۽ نهايت

خنده پيشانيءَ سان انهيءَ شاگرد کي آفرين ڪندي فرمائيندا تہ 'بيشڪ تون صحيح آهين'. مگر انهيءَ بحث ۽ تمحيص ۾ ڪنهن بہ شاگرد کي لايعني يا اجائي ۽ بي بنياد سوال ڪرڻ جو حق نہ ڏيندا آهن ۔ بلڪ اهڙي واهيات سوال واري تي سخت ناراض ٿيندا آهن. پاڻ ائين بہ ڪندا آهن جو وڏن وڏن ڪتابن جي ڏکين مقامن جو شاگردن کي اڳواٽ اطلاع ڏيندا آهن تہ 'سياڻي جيڪو سبق آهي سو نهايت ڏکيو ۽ منجهائيندڙ آهي: اها جاءِ مڙس ماڻهو ٿي مطالع ڪجو ڏسون تہ ڪير ٿو سمجهي اچي!' پوءِ ٻئي ڏينهن هڪ هڪ کان پڇندا، ۽ جيڪو محنت ڪري سمجهي آيو هوندو تنهن کي آفرين ڪندا آهن ۽ ٻين شاگردن جي اڳيان ان جي تعريف ڪندا. بعضي وقت تي ڪنهن مشڪل مقام جي حل ڪرڻ تي انعام بہ رکندا آهن ۽ شاگردن کي ڏيندا آهن. آءٌ (مان) هتي هڪ مثال پيش ڪرڻ تي اکتفا ڪريان ٿو شڪارپور ۾ آءٌ مولوي عبدالله صاحب، پير غلام مجدد صاحب شڪارپور وارو مولوي محمد اعظم ۽ مولوي محمد صالح صاحب، هر ۔ سبق هڪاسون. خدا جي فضل سان سيبيئي ذهين ۽ محنتي هڪاسون. مٿيان ڪتاب ٿي پڙهياسون. هڪ ڏينهن پاڻ "شرح عقائد نسفي" جي حاشيہ "خيالي" جي هڪ مقام بابت فرمايائون تہ 'هيءَ عبارت نهايت مشڪل ۽ پيچيدي آهي ۽ اڪثر طالب علمن کي سمجهاڻ ڪان پوءِ بہ سمجهڻ ۾ نہ ايندي آهي: توهان مان جيڪو بہ اها عبارت سمجهي ايندو تنهن کي ڏهہ روپيا انعام ڏينداسون'. ٻئي ڏينهن صبح جو اُهو سبق پڙهڻو هو. رات جو تيار ٿي ڪتابن جا ڍير گڏ ڪري مطالعي تي ويناسون. انعام جي لالچ تي ڪو ڪنهن کي ڪجهہ ڏسي بہ ڪونہ پيو ۔ جنهن جيڪي سمجهيو انهيءَ تي خوش. صبح جو اچي حاضر ٿياسون. ٻئي تہ ڪنهن کي بہ استاد جي سامهون تقرير ڪرڻ جي جرأت ڪانہ ٿي. مون ۽ مولوي عبدالله صاحب الڳ الڳ انهيءَ مقام جي سمجهاڻي ڏني. اسان جي سمجهاڻيءَ تي پاڻ ڏاڍا خوش ٿيا. فرمايائون تہ 'هينئر مون کي يقين آهي تہ توهان عربيءَ جي ڪنهن بہ ڏکئي ڪتاب ۾ نہ منجهندا'. اسان ٻنهي کي انعام مليو. جو استاد جو تبرڪ سمجهي کڻي چمي اکين تي رکيوسون.

پاڻ ٻنهنجن شاگردن کي اولاد کان بہ وڌيڪ پيارو سمجهندا آهن: شاگرد جي خوشي ٻنهنجي خوشي ۽ شاگرد جو غم ٻنهنجو غم ڪري تصور ڪندا آهن. مون کي تحصيل ڪرڻ کان پوءِ ابتدائي دور ۾ ماڻڻ جي حسد ۽ زماني جي ناسازگاريءَ ڪري ڪي تڪليفون رسيون ٿئي، تہ ڪين هر وقت انهن جو انتظار رهندو هو ۽ رب جي درگاهہ ۾ رات ڏينهن دعائون گهرندا رهندا هتا ۔ بلڪ ٻين پيارن کان بہ دعائون گهرائيندا هتا. نيٺ سندن دعائن جي برڪت سان اُهي تڪليفون جو ڪڙ هٿي دور ٿيون. مولا مهربان اطمينان جون گهڙيون نصيب ڪيون. اڄ تائين پنهنجي اورين خواهہ پرين شاگردن جي خبرچار وٺندا رهندا آهن. ڪڏهن بہ ڪنهن کي وساريندا نہ. خداوندڪريم شال سندن پاڇو اسان جهڙن خادمن تي گهڻو وقت قائم رکي!

مڪي شريف ۽ مديني شريف سان خاص محبت اٿن. پاڻ پهريون حج سن 1341 هـ ۾ ڪيائون. ان سال مون پير غلام مجدد صاحب سرهندي شڪارپوري ۽ مولوي عبدالله صاحب علم جي تحصيل کان فارغ ٿي دستاربندي ڪئي. تڏهن حجاز مقدس تي شريف حسين جي حڪومت هئي. اتي مديني شريف جي وڏي عالم حضرت مولانا عبدالباقي انصاريءَ ('فرنگي محل' لکنؤ وارو) جي خدمت ۾ علم حديث جي سند حاصل ڪيائون. مولانا عبدالباقي انصاري اصل 'فرنگي محل' لکنؤ جو هو ۽ لکنؤ جي وڏي ۾ وڏي عالم مولانا عبدالباري فرنگي ۔ محليءَ جو شاگرد هو هندستان جي گوڙ ۽ گمسان کان تنگ ٿي هجرت ڪري وڃي مديني شريف ۾ رهيو هو ۽ اتي حرم نبويءَ ۾ حديث جو درس ڏيندو هو. وري ٻيو دفعو حجاز ۾ نجديءَ جي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ حج ڪيائون. انهن ڏينهن ۾ سندن جو مشهور مفڪر ۽ عالم حضرت مولانا عبيدالله سندي مڪي شريف ۾ جلا وطنيءَ جا ڏينهن گذاري رهيو هو. پاڻ انهي

جي خدمت ۾ رهي. حڪيم الامت حضرت شاهه ولي الله محدث دهلويءَ جا ڪتاب ـ "حجة البالغة"، وغيره ـ پڙهيائون. مولانا سنڌيءَ سنڌن اهليت ۽ استعداد ڏسي، ڪين ازخود سيني علمن جي سند عطا فرمائي. هن حج تي سنڌن پاءُ مولوي عبدالله به ساڻن گڏ هو. پاڻ ته حج جي موسم ڪان پوءِ موٽي آيا. باقي مولوي عبدالله صاحب اُتي سڄو سال رهي ٻيو ۽ 'حجةالبالغة' جو حاشيه به اُتي لکيائين. جو مولانا سنڌيءَ جي نظر مان نڪتو ۽ پاڻ پسند فرمايائون.

حضرت مولانا محمد هاشم صاحب جن، تقريباً سن 1936ع ڪان نوابشاهه ۾ رهڻ لڳا آهن. نوابشاهه ۾ اچڻ ڪان پوءِ ڪين قرآن شريف جي حفظ جو شوق ٿيو ۽ پنهنجي منهن محنت ڪري قرآن شريف ياد ڪري ورتائون. جيستائين ڪين طاقت هئي، تيستائين رمضان شريف ۾ تراويحن ۾ جماعت کي قرآن شريف ٻڌائيندا رهيا.

گهٽي وقت ڪان پوءِ جڏهن پاڻ اٽڪل سن 21ـ1920ع ۾ دادوءَ ۾ ميان جيوڻ شاهه واري مسجد ۾ پاڙهيندا هئا، تڏهن ڪين معدي جي بيماري ٿي پيئي هئي ۽ رفتي رفتي انهيءَ بيماريءَ هڪ مستقل بيماريءَ جي صورت اختيار ڪئي. هاڻي اٽڪل ڏهن سالن ڪان، انهيءَ بيماريءَ تمام شدت اختيار ڪئي آهي. سنڌن هاضمو نهايت ڪمزور آهي ـ ڪنهن خاص نرم يا زود ـ هضم کاڌي کان سواءِ پي کا به شي هضم کانه ٿي ٿئي. بدن ۾ نهايت نحيف ۽ ضعيف ٿي ويا آهن. تڏهن به حرمين شريفين جي محبت جي اها ئي تار ٻيڻي اٿن. هينئر ته ساڻن رب پاڪ جو اهڙو لطف آهي، جو تقريباً هر سال حج جي موسم ڪان اڳ غيبي امداد سان اهڙا اسباب پيدا ٿي وڃن ٿا. جو پاڻ حرمين شريفين جي زيارت جو شرف حاصل ڪري اچن ٿا. هن وقت تائين پاڻ ڏهه دفعا هيءَ سعادت حاصل ڪري آيا هوندا. تازو هن سال به حج تي ويل آهن ـ مولا پاڪ ڪين باسلامت واپس آڻيندو ـ هيءَ سنڌن يارهون حج ٿيندو.

تفسير حديث ۽ فقه جي علمن سان سنڌن خاص شغف ۽ شوق آهي. ڇهڙي پيرانه سالي ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ به طالبن کي مٿين علمن جو درس ڏيندا رهن ٿا. طالب علميءَ جي زماني ڪان ئي ڪين علم تصوف ۽ سلوڪ جو شوق هو. انهيءَ زماني ۾ پنهنجي والد مرحوم سان گڏ وڃي حضرت خواجه محمد سعيد مڪي لواريءَ شريف جي مشهور بزرگ جي بيعت ڪيائون. مٿئين بزرگ جي فوت ٿيڻ ڪان پوءِ جڏهن سنڌن فرزند پير احمد زمان لواريءَ وارو ابتا پير هليو تڏهن انهيءَ جي بيعت فسخ ڪري، وڃي حضرت مولانا خادم حسين رتيديري واري سان (جيڪب آباد جي پرسان پليڏنه آباد ۾ رهندو هو) صحبت ڪيائين، ۽ اتي رهي نقشبندي سلسلي جي اجازت حاصل ڪيائون. حضرت مجدد الف ثانيءَ جي مڪتوبات خواهه بين تصوف جي ڪتابن جو اڀوڪي زماني ۾ حضرت مولانا محمد هاشم صاحب کي بهترين جاڻو تسليم ڪيو ويو آ.

مولانا خادم حسين صاحب، مولانا نظرمحمد صاحب ٻُنگ واري جو شاگرد ۽ حضرت خواجه محمد عمر صاحب چشمي شريف واري جو خاص خليفو هو عام طور سيني عربي ۽ ديني علمن جو ماهر هو ۽ خصوصي طور علم ڪلام جو وڏو جاڻو هو. انهيءَ وقت جي طالب العلمن ۾ هيءُ بيت مشهور هوندو هو ته

"خيالاتِ خيالي بس بلند ست، بر اي حل آن خادم حسين ست".

حضرت مولانا جي دعا تير بهدف آهي. سنڌن زبان مبارڪ مان لفظ نڪرندو الاهي درگاهه ۾ قبول ٿيندو. هزارين عقيدتمند سنڌن دعا جو فائدو وٺي چڪا آهن ۽ وٺندا رهن ٿا.

پاڻ حضرت مولانا خادم حسين جا خليفه مجاز آهن، مگر جيئن ته سنڌن خاص شوق ۽ توجهه ظاهري علم ـ خصوصاً قرآن، حديث ۽ فقه ـ ڏانهن رهيو ۽ رهندو آيو آهي، تنهنڪري سنڌن بيعت جو سلسلو ايڏو دراز ڪونهي ـ بلڪ چند خاص اهل علم سنڌن بيعت ۾ داخل آهن ۽ سنڌن رهنمائيءَ ۾ سلوڪ جون منزلون طي ڪري چڪا آهن ۽

ڪندا رهن ٿا. هتي مثال طور مولانا صاحب جن جي هڪ مريد جو جنسي خط نقل ڪجي ٿو جنهن مان معلوم ٿيندو ته سندن نظر ڪيميا-اثر هر ڪيڏو نه آهي.

هن وقت مولانا صاحب جن نوابشاهه جي جامع مسجد جا خطيب ۽ پيش-امام آهن[1]. وعظ نصيحت ۽ درس قرآن پاڪ جو سلسلو جاري رهي ٿو. سندن وعظ ۾ الله تعالىٰ تمام گهٽو تاثير رکايو آهي. پري پري جا ماڻهو شوق مان اچي سندن وعظ ٻڌندا آهن. سندن وعظ نه آهي، پر هڪ صيقل آهي، جو قلب جي ڪس ۽ ڪٽ لاهي انهيءَ کي صاف ڪري، نوراني بڻائي ٿو ڇڏي.

حضرت مولانا صاحب جن موجوده گنديءَ سياست کان هميشه پري رهندا آيا آهن. البت خلافت تحريڪ جا پهرينءَ عالمي جنگ کان پوءِ سال 19 – 1920ع ڌاري شروع ٿي هئي. تنهن ۾ دل کولي ڪم ڪيو هئائون. سندن تقريرون ۽ تحريرون نهايت مؤثر هوندون هيون. انهيءَ وقت ۾ منعقد ٿيل تقريباً جملي ڪانفرنسن ۾ پاڻ شريڪ رهيا- جهڙوڪ حيدرآباد واري خلافت ڪانفرنس جا شاهه جي قدمن وٽ جناب پير غلام مجدد صاحب ۽ ميان عبدالجبار وڪيل ۽ ٻين خلافت جي گهٽگهرن جي ڪوشش سان منعقد ٿي. ۽ ٻيون لاڙڪاڻي دادو وغيره جون ڪانفرنسون. 'خلافت' سان سندن خاص شغف هو مگر تڏهن به پاڻ اندي جذبي ۽ جوش جو شڪار ٿي ڪڏهن به خلافتي بزرگن جي غلط قدم جي تائيد ڪانه ڪيائون. مثلاً انهيءَ زماني ۾ انگريزن جي مخالفت جي جوش ۾ هندستان جي مسلمانن کي افغانستان ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ اپاريو ويو هو: هڪ طرف مذهبي فتوائن سان کين ٻڌايو ويو ته جيڪڏهن هجرت نه ڪندا ته ڪافر ٿي مرندا. ۽ ٻئي طرف وري کين اُهي سبز باغ ڏيکاريا ويا ته افغانستان ۾ کين هڻڻا سک ۽ آرام ملندا. وغيره. اسان جي مولانا صاحب انهيءَ وقت هن تحريڪ جي زباني خواهه عملي مخالفت ڪئي - ۽ پاڻ جيئن فرمايائون ٿي. آخر اُهوئي نتيجو نڪتو ۽ هجرت واري تحريڪ سخت ناڪام ٿي.

انهيءَ وقت مولانا ابوالڪلام "آزاد" جهڙن هندستان جي جوشيلن عالمن شرعي فتوا شايع ڪئي جنهن ۾ قرآن، حديث ۽ فقه کي مروڙي سروڙي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته ولايتي ڪپڙي جو استعمال ڪرڻ قطعي حرام آهي. سنڌ جي عالمن جي اڪثريت به انهن سان همنوا ٿي پيئي. مگر مولانا محمد هاشم صاحب، جو هڪ پڪو خلافتي ۽ ڪٽر ڪدر پوش هو، تنهن بلڪل صاف ۽ واضح لفظن ۾ اعلان ڪيو ته 'شريعت محمديءَ جي ڪنهن به دليل سان ولايتي ڪپڙي جي حرمت ثابت ڪانهي. تنهنڪري خواهه مخواهه الله ۽ رسول تي افترا پردازي نه ڪئي وڃي. باقي بيشڪ مسلمانن کي ٻڌايو وڃي ته هندستاني ماڻهن جي بهتري انهيءَ ۾ آهي ته ولايتي ڪپڙو استعمال نه ڪن'. پاڻ اهڙي تحرير لکي، وقت جي عالمن آڏو رکيائون. مگر مجموعي خواهه انفرادي ڪوششن جي باوجود به سندن تحرير جو جواب لکجي نه سگهيو.

شعر ۽ شاعري سندن کو خاص شغل ناهي. مگر حضور ڪريم ﷺ جي عشق جا اُڀا ڪڏهن ڪڏهن شعر جي صورت ۾ سندن زبان مبارڪ مان نڪري نروار ٿيندا آهن. سندن ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

(فارسي)

نعت شريف

شدم در عشقِ تو حيران، پريشان، يا رسول الله،
فتاده خشک لب در تب چومستان، يا رسول الله

---

[1] هيءَ سوانح، مخدوم امير احمد صاحب 58_ 1957ع ڌاري لکي جڏهن مولانا محمد هاشم انصاري صاحب جن حيات هئا. (ايڊيٽر)

کسي کز عشقِ تو عاري بلاشک بيکس و ناري
نہ زائد زين زبان کاري بدوران يا رسول الله
چو باغِ حسنِ تو ديدم چو لاله داغ در دل شد
ز گل وصلت بکن مارا تو خندان يا رسول الله
ز گريه من چه برخيزد که از صدمهء يکي شويد
شعاعت کن چو بيحد شد گناهان يا رسول الله
'عمر دين' را نشد ديگر بجز "لا تقنطوا' تکيهء
رهائي ده تو "هاشم" راز هجران يا رسول الله

('عمردين' سندن وڏي فرزند جو نالو آهي. ابتدا ۾ جيڪو شعر چوندا هئا، تنهن ۾ عمردين جو نالو شامل ڪندا هئا.)

(سنڌي)

مولود شريف

ادا قاصدا خبر ڏج هيءَ عرب جي تون عجيبن کي
سڀائج حال تون هڪدم مديني جي حبيبن کي
ادا قاصد، عرض ڪج هيءَ وڃي تون مير مرسل کي:
گهرايو سندّ مان سائين هينئر پنهنجي مريدن کي
آهي اُمت منا تنهنجي غرق غفلت گناهن ۾
شفاعت جو دلاسو ڏيو پرين پنهنجي غريبن کي
مرض ماري وڌو آهي درد ڳاري ڇڏيو آهي-
وڃي ڪج ڳالهه هيءَ منهنجي مديني جي طبيبن کي
دوا هن درد منهنجي جي آهي ديدار دلبر جو
ڪري ڪو حال "هاشم" جو مديني جي حڪيمن کي

حضرت مولانا صاحب 'بقية السلف' جي حيثيت رکن ٿا. سندن علمي فيض جي درياهه ڪيئي اجايل ڌاوا، ۽ ڪيئي بٽ ساوا ڪري ڇڏيا آهن. سندن شاگردن جو تعداد ڳڻڻ کان ٻاهر آهي -- مختصر چند نامي گرامي حضرات جا نالا هيٺ ذڪر ڪجن ٿا ل (1) حضرت مولانا صاحب الحاج سيد امير شاهه ساکن امينائي لڳ دادو: هيءَ بزرگ حضرت مولانا محمد هاشم جي پهرين شاگردن مان آهي. وڏو عالم آهي. چاليهن پنجيتاليهن ورهن کان وٺي پنهنجي ڳوٺ ۾ عربي مدرسو هلائي رهيو آهي. ۽ سندن مدرسي مان هن وقت تائين سوين شاگرد فيضياب ٿي چڪا آهن. شاهه صاحب به نقشبندي سلسلي ۾ داخل آهي. ۽ حضرت مولانا خادم حسين صاحب رتيديري واري جو خليفه مجاز آهي. الله تعالي کيس وڏي حياتي عطا ڪري (2) مولوي ابوبکر صاحب، ساکن رياست لسبيلو: هي صاحب به وڏو عالم ۽ فقه حنفيءَ ۾ نهايت مهارت رکندڙ هو. ڪيترو عرصو رياست لسبيلي جو مفتي ٿي رهيو. پوءِ وفات ڪري ويو. (3) مولانا محمد قاسم صاحب پنهور، ساکن اسٽيشن قلجي، هڪ نامي گرامي عالم آهي. وٽانئس ڪيترائي شاگرد فيضياب ٿيا آهن. جن مان ڪيترائي ايجا تائين تدريس جو ڪم ڪندا رهن ٿا. (4) مولانا مولوي عبدالله صاحب، مولانا صاحب جن

جو پاڻ – سندس مختصر تعارف ڪرائي چڪا آهيون. (5) مولانا مولوي امام الدين صاحب ڏندي وارو: هن لاڙ ۾ چشمهء فيض جاري ڪيو جنهن مان ڪيئي فيضياب ٿيا. ازان سواءِ مولوي قاضي حاجي محمد صاحب ڪنڀيءَ وارو_ (هاڻي ساڪن دادو)، مولوي علي محمد صاحب حڪيم (دادوءَ وارو)، مولوي محمد عظيم صاحب شڪارپوري، مولوي محمد صالح صاحب ڪڙهي خيري جماليءَ وارو مولوي پير غلام مجدد صاحب سرهنديءُ شڪارپوري، وغيره بزرگن جا نالا پڻ قابل ذڪر آهن.

مولانا محمد هاشم صاحب جن ۾ شاديون ڪيون – پهريائين هڪ شادي پنهنجن مائٽن مان ڪيائون. جنهن مان هڪ فرزند نالي ميان عمرالدين پيدا ٿيو. انهيءَ گهر واريءَ جي فوت ٿيڻ کان پوءِ وري بي شادي ڪيائون. انهيءَ مان ڪيس ٻي فرزند آهن. دعا آهي ته خداوند ڪريم کين پنهنجي والد بزرگوار جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ توفيق عطا فرمائي_آمين!

مولانا دين محمّد "اديب" فيروز شاهي[1]

مولانا دين محمد صاحب، تخلص "اديب"، تاريخ ولادت شب جمعه، 15_ شوال 1314هـ مطابق 21_ مارچ 1897ع آهي. تاريخي نالو "منظور حسن" آهي. سجعه (مؤلفه حضرت مولانا ثانوي رحـ): "شرف يافت دنيا ز دين محمد".

سنڌ جو مردم خيز خطو فيروز شاهه تعلقو ميهڙ آهي. ميهڙ جيڪي چند شاعر، اديب، اهلِ قلم ۽ فاضل شخص پيدا ڪيا آهن. تن ۾ حضرت مولانا 'اديب' هڪ خاص خصوصيت جو مالڪ آهي. سندن نسبي تعلق حضرت غوث الحق مخدوم بهاءُ الدين زڪريا ملتاني رحـ جي خليفي ۽ وقت جي ڪامل بزرگ ۽ عارف زمانه حضرت مخدوم عبدالله صاحب عرف پيروج اُچ واري سان لڳي ٿو. حضرت مخدوم عبدالله صاحب پيروج کي ٽي صاحبزادا – مخدوم محمد ابراهيم، مخدوم احمد، ۽ مخدوم اسحاق هئا. حضرت مخدوم پيروج وڏيءَ عمر وارو بزرگ هو. سندس عمر 125 سال هئي. سندس مزار پر انوار اڄ به مرجع انام خاص و عام آهي. سندس وچيون پٽ، مخدوم احمد، وڏو عالم ۽ درويش هو. پاڻ مخدوم محمد عثمان دربيلي واري وٽان علم جي تحصيل ڪئي هئائون. سندس اولاد ۾ به وڏا وڏا عالم ۽ درويش پيا ٿيا – جيئن ته مخدوم عبدالمجيد صاحب جنهن مخدوم محمد عثمان شهيد متعلويءَ وٽان علم حاصل ڪيو هو، مخدوم ميان خير محمد صاحب، بن مخدوم عبدالمجيد، مخدوم ميان خير محمد جو فرزند، علامه دوران حضرت مولانا عطاء الله فيروز شاهي، جو پنهنجي وقت جي علماي ڪرام ۾ هڪ جيّد عالم ۽ سيني فنن ۾ متبحّر 'استاذ العلماء' هو. سندس استادن ۾ مولانا عبدالرؤف صاحب مورائي ۽ مولانا نور محمد ۽ مولانا گل محمد شهدادڪوٽي مشهور آهن. مولانا عطاءالله فيروز شاهي، سنڌ جي وڏن عالمن مان هڪ وڏو عالم هو. سندس پهريون ۽ مشهور شاگرد، حديث ۽ فقه جو ماهر، مولانا حاجي حامد الله صاحب ميمن رحـ (هيلي تعلقي سجاول جو) آهي. ان کان سواءِ هيا به ويهارو ڪن سندن فارغ التحصيل شاگرد آهن، جن اطراف سنڌ ۾ وڃي الله جي آسري تي مدرسا کوليا، ۽ قرآن حديث ۽ فقه جي خدمت ڪئي. مولانا 'اديب' فيروز شاهي به مخدوم احمد صاحب جي اولاد مان آهي، ۽ ان علمي ۽ روحاني خاندان مان ڪيس هر وجهه بخرو مليل آهي.

حضرت علامه عطاء الله صاحب جن جي مدرسي ۾ مولانا 'اديب' ابتدائي تعليم حاصل ڪئي، ۽ فارسي شروع ڪئي. جا مولانا جي وفات کان پوءِ سندن مدرسي جي ٻئي عالم مولانا عبدالرحمان صاحب وٽ "پند نامه" ۽ "تحفه نصائح" تائين پهتي. پوءِ سنڌ جي مشهور استاذ العلماء حضرت مولانا الاهي بخش صاحب رحـ (ويٺل ڳوٺ ٻانهو لاکير، تعلقو ميهڙ) جي مدرسي ۾ داخل ٿيا. حضرت مولانا الاهي بخش صاحب تعليم جي فن ۾ واقعي ماهر هو ۽ فارسيءَ ۾

---

[1] مولانا غلام محمد گرامي تماهي "مهران" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع

يگانہ وقت هو. شاعر به هو. اديب به هو. ان سان گڏ عالم باعمل. متشرع ۽ فقيه هو. سندس شاگردن مان استاذ العلماء حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي جهڙو يگانہ عصر عالم ۽ صوفي. محقق ۽ فقيه آهي ۽ جناب سيد حاجي علي اڪبر شاهہ صاحب باني "جامعہ عربيہ" جهڙو سياستدان ابوالبيان. فصيح اللسان اديب. مقرر ۽ مذهبي پيشوا آهي. مولانا اديب صاحب. حضرت مولانا الاهي بخش صاحب جي شهرت ۽ شفقت. ڪمالات علمي ۽ فيوضات باطني ڏانهن ڇڪجي آيو. پندرهن مهينن ۾ "گلستان"، "بوستان" "زليخا" هرسه دفتر. "انشاء ابوالفضل"، "بهار دانش"، "سڪندر نامہ"، "تحفة الاحرارجامي" ۽ "انوار سهيلي" وغيره وغيره تائين پڙهيا. مولانا 'اديب' ننڍائيءَ ڪان وٺي ذهين ۽ صالح هو تنهنڪري ايترن ڪتابن کي مطالب ۽ معاني. بديع ۽ بلاغت سميت تقريرن ۽ تشريحن سان پڙهي. فارسيءَ ۾ وڏو استعداد حاصل ڪيائين. تحرير ۽ تقرير تي عبور حاصل ڪري فارسيءَ ۾ شعر گوئي به شروع ڪيائين. ان کان پوءِ عربيءَ جو مروج نصاب شروع ڪري. شوال 1334هـ ۾ پنجن سالن جي مسلسل محنت شاقہ کان پوءِ دستاربنديءَ تائين پهتا.

مولانا 'اديب' جي طبع ننڍائيءَ کان وٺي صلاحيت ڏانهن مائل هئي. سندن صحبت جن بزرگن سان رهي سي زماني جا نہ فقط عالم ۽ عارف هئا. پر وڏا شاعر ۽ اديب. سخن سنج ۽ سخن شناس هئا. حضرت علامہ عطاء اللہ رحہ ڪان پوءِ حضرت مولانا الاهي بخش صاحب رحہ وڏو عالم ۽ شاعر هو جنهن جي شاعراڻہ فيوضات ۽ اديباڻہ ڪمالات مولانا 'اديب' جي لڪل ادبي قوتن کي زندگي بخشي ۽ گوشہ عافيت مان ڪڍي بزم شاعريءَ ۾ آندو. مولانا الاهي بخش صاحب رحہ جي فارسي توڙي سنڌي تحرير. شستہ ۽ شائستہ هئي. سندن ڪلام فيض انجام ۾ جدت ۽ قدرت هئي. فصاحت ۽ بلاغت هئي. سلاست ۽ رواني هئي. شگفتگي ۽ سادگي هئي. اهي جوهر هئا. جي مولانا 'اديب' کي به مليا. ۽ مولانا جي شعر گوئي ان عالم ۾ شروع ٿي. صالحن جي صحبت ڪري. مولانا 'اديب' کي حضرت نبي ڪريم ﷺ - فداه امي و ابي - جن جو اشتياق ما لا يطاق نصيب ٿيو. ان وقت پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن جي شان اقدس ۾ نعتيہ ڪلام چيائون جو سوز ۽ درد. فراق ۽ اشتياق جي عاشقاڻہ تصوير آهي. سندن نعتيہ ڪلام اڄ تائين موجود آهي. جو هر وجہ عروضي ۽ شاعراڻہ ڪمالات جو دليل ۽ سندن پختہ گوئيءَ جو زندهہ ثبوت آهي۔

"يا رسولِ خدا ترحّم كن،
زاريء من ببين تكلّم كن،
مشكل آسان كن از سرِ شفقت،
مه جبينم نما تبسم كن.

هڪ صحابيہ جي هن عربي نظم جو سندن فارسي ترجمو ملاحظہ ڪريو:

"يَا مَن لَمْ يَشْبَعْ مِنْ خُبْزِ الشَّعِيْرِ،
يَا مَنِ اخْتَارِ الْحَصِيْرَ عَلَى السَّرِيْرِ،
يَا مَنْ لَمْ يَنَمِ اللَّيْلَ كُلَّهُ،
مِنْ خوفِ عَذَابِ رَبِّ السَّعِيْرِ"

فارسي ترجمو:

(الف) نمودي نہ سيري زنانِ شعير، گزيدي به دل بوريا بر سرير،
نخفتي همه شب شفيع الوريٰ، ز خوفِ عذابِ خداي سعير.

(ب) اي نكردي سيري ازنانِ شعير، اي گزيدي بوريا را بر سرير
اي نخوابيدي همه شب تو گهي، از هراسِ بطش مولاي سعير.

تحصيل ۽ تڪميل کان پوءِ مختلف عربي مدرسن ۾ پاڻ درس تدريس شروع ڪيائون – خاص طور پاڻ شريف ۾ حضرت علامہ مخدوم مولانا محمود صاحب صديقي رح جهڙي عالم ۽ عارف جي ڪشش ۽ محبت کين پاڻ ۾ ڪافي وقت رهايو. اتي عربي نصاب پوريءَ طرح پڙهايائون[1] ۽ علوم عربيہ تي عبور حاصل ڪيائون. ان سان گڏ تحرير ۽ فتويٰ نويسي به ڪيائون ان وقت کي ياد ڪري اڄ به هي بيت پڙهندا آهن:

"بِلَادٌ بِهَا كُنَّا وَكُنَّا نُحِبُّهَا، اِذَا النَّاسُ نَاسَوَالزَّمَانُ زَمَانُ".

(يعني، اسان کن شهرن ۾ رهندا هئاسين ۽ انهن سان محبت رکندا هئاسين. جنهن وقت ان جا ماڻهو ڪامل ماڻهو هئا ۽ زمانو به سٺو زمانو هو.)

مولانا 'اديب' جي ڪمالات علمي لاءِ واهٽن جي محدود زندگي موزون نہ هئي. قدرت گهريو ٿي تہ سندن جوهر باطن ۽ ڪمالات علمي مان ادب ۽ اهل ادب مستفيد ٿين. تنهنڪري ڪنهن جسماني عارضي جي علاج خاطر حيدرآباد سنڌ ۾ آيا ـ ۽ اهڙو آيا، جو وري نہ موٽيا – اڄ تائين حيدرآباد ۾ آهن[2]. مرحوم نور محمد صاحب وڪيل جو رڳو علوم ظاهري جو جاڻوءِ قانوندان نہ هو، پر مردم شناس به هو. تنهن مولانا 'اديب' جي صحبت ۽ معيت کي پاڻ لاءِ برڪت پريو سمجهي، مولانا کي پنهنجي هاسٽل ۾ پيش امام مقرر ڪيو. اتي سايا تي سال امامت ۽ خلق جي خدمت جا فرائض انجام ڏيندا رهيا.

حيدرآباد سنڌ جي شهري زندگي، جديد علوم ۽ فنون ۽ مغربي تهذيب جي مصنوعي چمڪ دمڪ مولانا تي ڪو اثر نہ ڪيو. هي پاڪ نهاد، صوفي طبع، عارفن ۽ عالمن جو صحبت يافتو صالح مرد، جو وقت حيدرآباد سنڌ ۾ مقيم هو، اهو دين جي شغف، مطالعہء ڪتب، مصروفيت اوراد و اشغال ۽ صالحن جي صحبت گذارينو رهيو. نيڪيءَ جو بيج پوکيل هو، بزرگان دين جي تصنيفات ۽ روحاني اتصال ۽ برڪت، آبياريءَ جو ڪم ڪيو ۽ـ

"باران كه در لطافتِ طبعش خلاف نيست،
در باغ لاله روید و در بوم شور خس"

جي مصداق، سندن خزينہء قلب ۾ الله جي سچي محبت ۽ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي والهانہ محبت پيدا ٿي: عشق عربي رسول، برق جان سوز جي لمعاتي ۽ فيوضات عرفاني کان سندن نيانخانہء قلب "بيت المعمور" بنجي پيو. ان زندگيءَ ۾، دوباره، حيدرآباد کي چڏي، مرحوم نورمحمد جي والد جي استدعا تي مرحوم نور محمد جي ڳوٺ واپسر

---

[1] مرحوم مولوي ميان رحمت الله ولد حافظ عبدالله چنو ويئل وڪڙو تعلقو ڏوڪري مولانا 'اديب' جي ماسات. وٽس فارسيءَ ۽ عربيءَ جو سمور نصاب پڙهي پورو ڪيو ۽ وٽس دستاربند ٿيو. هيءَ ڏاڍو نيڪ، صالح ۽ ذڪي هو. سندس سڀ خواب سچا هوندا هئا. ۽ ان جون استخارائون صحيح هونديون هيون. دستاربنديءَ کان پوءِ پنهنجي مسجد ۾ پڙهائيندو رهيو. افسوس جو سندس عمر عزيز ٿوري هئي: دستاربنديءَ کان پو سال ٻن ۾، 12 شعبان المعظم 1345 ۾ وفات ڪري ويو – انا لله و انا اليه راجعون!

پهول تو اپني بهار جانفزا دکهلا گئي حسرت ان غنچون په هي جوبن کهلي مرجها گئي!

سندس وفات جو تاريخي مادو آهي – "فارغ البال" (1345هـ).

[2] هيءَ سوانح تڏهن لکي وئي جڏهن "اديب" حيات هو. (ايڊيٽر)

آيا. ذڪر ۽ فڪر سان گڏ، ديني ڪتابن جي مطالعي ۽ نصاب نظامي جي درس و تدريس ۽ امامت، خطابت ۽ خدمتِ خلق ۾ وقت گذارڻ لڳا. حيدرآباد مان هجرت ۽ دوري مرحوم نور محمد لاءِ ناقابل برداشت رهي: پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ جي اصلاح ۽ ديني خدمت جي بجاءِ مولانا کي هميشہ لاءِ انگريزي دان گروهہ جي اصلاح ۽ ديني تربيت لاءِ واپس حيدرآباد آندو ويو ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

علماء اسلام ۽ صوفياء ڪرام ۾، دور جديد جو عارف ڪامل، حڪيم الامت، حضرت مولانا شاهہ محمد اشرف علي ٿانوي رحمة الله عليه جي ذات گرامي ڪنهن به تعارف جي محتاج نہ آهي. سندن تصنيفات ۾ تفسير، حديث، فقه فلسفه حڪمت تصوف ۽ اصلاحي نُڪتہ نظر سان اٽڪل سون کان زياده قابل قدر ڪتاب ۽ رسالا موجود آهن. سندن مواعظ حسنه، تڙياق القلوب جي حيثيت رکن ٿا. هر طبع، هر ذوق، ۽ هر استعداد واري شيخ، معمر ۽ جوان پُر شباب لاءِ سندن تصنيف اڪسير جوڪر ڪيو آهي. سندن معتقدين ۽ متوسلين ۾ مولانا ظفر احمد ٿانوي، عبدالماجد دريابادي، مولانا مفتي محمد حسن لاهوري، سيد سليمان صاحب ندوي، قاري محمد طيب ديوبندي، مولانا حاجي شير محمد صاحب گهوٽڪيءَ وارا مهاجر مدني، مولانا عبدالباري ندوي، مولانا عبدالرحمان صاحب ڪيملپوري ۽ مفتي محمد شفيع صاحب وغيره آهن.

مولانا "اديب" اهڙي عارف ۽ روحاني حڪيم جو نہ فقط معتقد آهي پر مريد صادق، سندس اخلاقي ۽ اصلاحي مواعظ ۽ رسالجات جي مطالعي ڪرڻ سان مولانا سان ڪين قلبي رابطو روحاني ۽ مريدانہ تعلقات پڪا پيدا ٿي ويا: پاڻ ارڙهن سالن جي عمر ۾ "ٽانہ پون" پهتا، ۽ حضرت جي دست بوسيءَ ۽ صحبت مان مستفيد ٿيا. بيعت لاءِ درخواست ڪيائون. جاڪن مصلحتن ۽ طالب العلمي جي مناسب نہ هجڻ سبب قبول نہ ڪيئي ـ پر دور طالب العلمي کان پوءِ قبول فرمايائون. مولانا ٿانوي، رسمي پيري ـ مريديءَ جي خلاف هو. نااهل، ناپختہ، هرڪائي ۽ رياپسند کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندا هئا. ان کان سواءِ سندن معيار موجب، چڱي انداز ۾ استعداد ۽ صلاحيت وارا ماڻهو پيدا ٿيا، جن کي سندن بيعت جو شرف حاصل ٿيو آهي ـ باقي معتقدن جو انداز لکن کان ٻاهر آهي. الحمدلله، جو مولانا 'اديب' اهڙي عارف ۽ حڪيم الامت جي معيار تي پورو آيو ۽ ڪين حلقہء ارادت ۾ داخل ڪيو ويو. مولانا 'اديب' ادب ۾ پاڻ کي ايڏا تائين طالب العلم ۽ تصوف ۽ طريقت جو نوسفر سالڪ سمجهن ٿا: اها سندن انڪساري آهي، ورنہ سندن باطن گهڻو چڱو آهي. پاڻ رڳو قال جو صاحب نہ آهي، پر حال جو صاحب به آهي، ۽ جذب ۽ وصال جو طالب پڻ.

شعر و شاعري: تصوف ۽ شاعريءَ جو تعلق، جسم ۽ جان وارو واسطو آهي. مشرقي شاعري، تصوف جي ترجمان آهي. بالخصوص فارسي شاعريءَ ۾ "سنائي"، "عطار"، "رومي"، "حافظ"، "سعدي"، "خسرو" ۽ "جامي" جو ڪلام عارفانہ نڪات ۽ صوفيانہ تعليمات جو بيش بها خزانو آهي. مولانا هڪ صالح ۽ باذوق طالب العلم هو: نفاست ۽ نزاڪت هئي، خيالات ۾ پاڪيزگي هئي، زبان ۾ شگفتگي هئي، ڪلام ۾ روانيءَ ۽ برجستگي هئي، سارو ماحول عالمانہ ۽ شاعرانہ هو، استادن ۾ سڀ استاد وڏا شاعر ۽ اهل زبان هئا، تنهنڪري ڪين شستہ ۽ شائستہ ملڪو پيدا ٿيو: رڳو سان گڏ جذبات ۾ شوقيہ حدت پيدا ٿي، شاعريءَ جو چشمو جاري ٿيو. حضرت مولانا الاهي بخش مرحوم جي صحبت ۾ شاعريءَ جي شروعات ٿي ۽ هاڻي رويترقي آهي- اَللّٰهُمَّ زِدْ فَزِدْ!

1330 هـ ۾، فارسيءَ سان گڏ سنڌي شاعري به شروع ٿي. اڪثر ڪري نعتيہ ڪلام چيو ويو. ان کان پوءِ اصلاحي، قومي، اخلاقي ۽ تاريخي ڪلام چيو ويو جو ان وقت جي سنڌي رسالن ۽ اخبارن ـ "آفتاب"، "الحق"، "الامين"،

"الاسلام" ۽ الڪاشف"۔ ۾ شايع ٿيندو رهيو. مولانا فتح محمد مرحوم جي مدير هجڻ جي دور ۾ "الحق" اخبار ۾ نظ سان گڏ نثر به موڪليندا هئا. مولانا فتح محمد مرحوم، مولانا اديب جي ڪلام ۽ مضمونن کي خاص طور نمايان جاءِ ت شايع ڪندي تعارفي ۽ تعريفي نوٽ لکي. مولانا جي همت افزائي ڪندو هو ۽ مولانا کي مشق جاري رکڻ جو تاڪ ڪندو هو.

هن هلندڙ دور ۾ مولانا جي سخن فهمي ۽ سخن سنجي تسليم ٿيل آهي. شاعريءَ جي هر صنف تي سند معياري ڪلام موجود آهي. "الوحيد" "توحيد"، "اديب" ۽ بين رسالن ۾ سندن ڪلام شايع ٿيندو رهيو آهي ۽ نهايت قاب تحسين عالمانه ۽ پختہ پايي جي شاعري آهي. سندن فارسي ڪلام هاڻي سنڌ يونيورسٽيءَ هڪ فارسي ايم. اي. ج متعلم جي ذريعي جمع ڪرائي يونيورسٽيءَ ۾ محفوظ رکيو آهي. جنهن کي يونيورسٽي شايع ڪرائيندي.

انهيءَ ايم. اي. جي فاضل شاگرد مولانا 'اديب' جي گڏ ڪيل فارسي ڪلام تي فل اسڪيپ سائيز پني ت ايڪهٺ صفحن ۾ انگريزيءَ ۾ تبصرو لکيو آهي. اهو پڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ محفوظ آهي. اهو شاگرد خوش نصيب چئبو جو انهيءَ ڪلام جي خدمت ڪرڻ جي برڪت سان پنهنجن سينيءَ همدرسن ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيو.

فن تاريخ گوئيءَ ۾ پاڻ عديم المثال آهن. سر زمين سنڌ ۾ هڙو تاريخ گو شاعر ڪين ٿيو آهي. 'مادها تاريخي' جا سوين مثال موجود آهن جي لاجواب آهن. اهڙا اهل فن هندستان ۾ به ٿورا ملندا. مولانا جي همه دانيءَ جو ا هڪ دليل آهي. اڇڪلهه غزل چوڻ تي شاعريءَ جو ڪمال آهي. پر مولانا غزل کي به افاديت لاءِ استعمال ڪري ٿو. ا سان گڏ مثنوي، تاريخ، قطعه، مسدس، ترجيع بند ۽ ترڪيب بند ۾ به يدطوليٰ رکي ٿو. مرثيہ گوئي ۽ واقعي نگاريءَ ۾ بيمثال آهي. مرحوم نور محمد تي چيل مرثيو هندستان جي وڏن وڏن مرثيہ نويس شاعرن کان مٿي آهي.

حضرت خواجہ مولانا محمد حسن جان صاحب سرهندي رحمةالله عليه، مولانا 'اديب' جو هڪ طالب علم جي زماني جو غزل ڏنو: پاڻ ڏاڍو خوش ٿيا، ۽ فرمايائون تہ "هنوز آغازست، خوش کلاميش متوقع" (اڃا آغاز آهي، سڻ شاعريءَ جي اميد آهي). حضرت مولانا الاهي بخش 'سندن استاد' هيءَ مصرعه "کاربد اعمال بد سبب خجالت کرده ا ڏسي، طالب علميءَ جي زماني ۾، مولانا 'اديب' تي اعتراض فرمايو تہ "ڇا خجالت جي ڪري ڪاربد ڪيا اٿئي؟" ا تي مولانا 'اديب عرض ڪيو تہ "کاربد' کي خجالت جو ڪارڻ بنايو اٿم". مولانا ٿوري فڪر کان پوءِ فرمايو تہ "تون س شعر چوندين!" اهو سندن چوڻ مقبول ٿيو.

تصنيف ۽ تاليف: مولانا صاحب شعر و شاعري درس و تدريس، اوراد ۽ اشغال، سلوڪ ۽ طريقت سان گ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم به خاموش نموني ۾ ڪندا رهيا آهن. سندن تصنيف زياده تر مولانا ثانويءَ جي ترجمي ت مشتمل آهي، ۽ پاڻ مولانا ثانويءَ وانگر "بلامعاوضہ" ڪتاب وقف ڪيا آهن. ۽ هر شخص کي ڪتاب بنا معاوض چپائڻ ڏيندا آهن: جيڪڏهن ڪوسني ڪاغذ تي صحيح نموني ۾ چاپڻ جي ضمانت ڏيندو تہ پوءِ ان کي اجازت ڏين آهن. سندن مخلصانہ جذبو ۽ استغنا مولانا ثانويءَ جي برڪت ڪري آهي. ان بزرگ به پنهنجي تصنيفات کي وقا عام فرمايو آهي. سندن ڪتابن جو مختصر تعارف ڪرائڻ مناسب سمجهان ٿو.

(1) **"جزاء الاعمال"**: مولانا ثانويءَ جي اصلاحي ۽ اخلاقي رسالي جو ترجمو "اصلاح الاحوال" نالي ٿيو آهي منجهس دنيا ۾ چڱن ڪمن مان فائدا ۽ برائين مان نقصان بيان ٿيل آهن. (2) "بهشتي ڪوثر": مولانا ثانويءَ جي مشهو معروف ضخيم ۽ مبسوط ڪتاب "بهشتي زيور" جي پهرئين حصي جو شگفتہ ۽ پر اثر سنڌيءَ ۾ ترجمو. شايع ٿيل آهي

هينئر ڪياب آهي. (3) "علاج القحط والوبا": هيءُ مولانا ثانويءَ جي اصلاحي رسالي جو ترجمو آهي. نهايت عمدوءِ پر اثر آهي. ايڊا شايع نه ٿيو آهي. (4) "زاد السعيد في الصلواة علي النبي الوحيد": فضائل صلوات ۾ مفيد اصلاحي رسالو آهي. ايڊا اڻڇپيل آهي. (5) "نُورُعلي نور ترجمه خاتم الانبياء": مولانا مفتي محمد شفيع ديوبنديءَ جو سيرت نبويءَ ۾ هڪ معياريءِ مختصر رسالي جو ترجمو آهي. جو اسڪولن ۾ داخل نصاب ٿي چڪو آهي. (6) "علم الاخلاق عرف اسلامي اخلاق": امام غزالي رحـ جي اربعين جي پوين ٽيهن فصلن جو شستهءِ ڪامياب ترجمو آهي. زبان اصليت تي قائم آهي. نهايت معياري ترجمو آهيءِ عربي يونيورسٽي حيدرآباد سنڌ جو شايع ٿيل آهي. قديمءِ جديد تعليم يافته بزرگن لاءِ نهايت ڪارآمد ءِ سبق آموز اصلاحيءِ اخلاقي چيز آهي. هاڻي ٻيو دفعو ڇپيو آهي. (7) "چهره ڪشاي مثنوي، ترجمه 'رونماي مثنوي'": مولانا رومي رحـ جي "مثنوي" جي ديباچي وارن چاليهن بيتن جو نظم ۾ شرح آهي. ٻه دفعا شايع ٿيو آهي. (8) "اختتام مثنوي": مثنويءَ جي ڇهين دفتر جو تتمه آهي. مولانا الاهي بخش ڪانڌلويءَ، مولانا روميءَ جي منامي ارشاد موجب 1216 هـ ۾ لکيو آهي. ان جو منظوم ترجمو مولانا 'اديب' ڪيو آهي. (9) "حيات المسلمين". حڪيم الامت ثانوي رحـ جو اصلاحي رسالو آهي. آيات قرآنيءِ احاديث نبوي سان پورا 25 باب رڙيل آهن. مومن زندگيءَ جي لاءِ عارفانه دستور العمل آهي. زير طبع آهي. (10) "منع الانام عن وضع الايدي علي الاقدام": فارسي زبان ۾ آهي. پيرن پوڻ جي تعظيمي رسم بابت عدم- جواز جو فيصلو دليلن سان ڏنل آهي. مڻس وڏن عالمن جون تصديقون آهن. ايڊا اڻڇپيل آهي. (11) "مجموعة الاشعار (فارسي): هيءُ مولانا جو بياض آهي. جنهن ۾ مختلف شاعرن جا اٺ سؤ ڪن اشعار گڏ ٿيل آهن. تصوفءِ اخلاق 'ادبءِ تهذيب' اصلاحءِ تربيت لاءِ نهايت مفيد مجموعو آهي. ايڊا اڻڇپيل آهي. (12) بهشت جي ڪنجي- نماز ۾. (13) "معلم الاسلام"، چار حصا، عقائدءِ ارڪان اسلام ۾. (14) چاليهن دعائن جو ترجمو. (15) "ڪليات اديب"، نظم. (16) صبحءِ شام جون دعائون. (17) "خلفاء راشدين"؛ (18) "ڪشف المحجوب" جو ترجمو- ايڊا تشنه تڪميل آهي. (19) "اخلاق النبي"؛ (20) "اشرف العلوم"، ترجمه منظوم مثنوي مولانا روم، ڇهه دفتر: مولانا 'اديب' جو هي معرڪة الاراشاهڪار آهي. جو مولانا جي حيات جاودان جو ضامن آهي[1].

مثنوي شريف ڏانهن توجههءِ ذوق پيدا ٿيڻ جا ڪيئي سبب آهن: فيروز شاهه جو مولانا جو زادبوم آهي. جتي سندس تعليمءِ تربيت ٿيءِ جو علامهءِ زمان استاذ العلماء حضرت مولانا حاجي عطاءالله رحمةالله عليه جي وقت، علمءِ فضل، ادبءِ فيض جو شهره آفاق مرڪز هو: اتي سوين اهل الله ءِ اهل دل عالمءِ بزرگانِ دين ايندا هئا، ءِ حضرت علامه جي "فقيهاڻه محفل" متجي. "فقيراڻه مجلس" ٿيندي هئي. پاڻ بنا ساز جي سماع ڪندا هئا، ءِ فراغت جي وقت ۾ "مثنوي شريف" نهايت رقت آميزءِ دلڪش لهجي ۾ ويهي پڙهندا هئا، ءِ روحاني طمانيتءِ وجدانگيز ڪيفيت حاصل ڪندا هئا. مولانا 'اديب' جهڙو ذڪيءِ ذهين طالب پنهنجي استاد محترم جي ان تاثرءِ جذب ڪان متاثر ٿيندو هو- غالباً 'مثنوي' سان قلبي رابطي جو پهريون دور اهو ئي هو. ساڳئي وقت، مولانا عطاءالله رحـ درس نظامي جي خلاف قانون، منتهي ظالبن کي مطول سان گڏ مثنويءَ جي عارفانه رموزءِ اسرار مان به سيراب ڪندا هئا، جنهن کي ڏسيءِ ٻڌيءِ مولانا 'اديب'

---

[1] پروفيسر سعيد نفيسي ايراني، "'مولوي' در پاکستان" جي عنوان سان، لکي ٿو:

"در سراسر اين کشور بزرگ و درميان اين هشتاد ميليون جمعيت هيچ کتابي بشهرت مثنوي مولانا نيست. در حيدرآباد سند پير مرد خميده، خوش سيما، باريش سفيد و چهره گيرا، مولوي دين محمد 'اديب' فيروز شاهي، يک دوره ترجمه منظوم شش دفتر مثنويءِ مولانا را که بهمان بحر رمل بزبان سندي منظوم کرده است باکمال خضوع و مهرباني بمن يادگارداد. (ص 47، 48، رساله "هلال" ڪراچي، نومبر 1956ع)

جي دل تي مثنويءَ جي عظمت ۽ جلالت جو غير فاني اثر پيدا ٿيو. اهو سبب آهي جو ان زماني جا عالم اڳتي هلي قال سان گڏ حال جا صاحب ٿيا ـ مگر اڃڪلهه رڳو "قال ۽ تال" آهي "حال" ڪونه آهي.

"مصرعه ۾ لڳولڳ تي اضافتون هجن. انهن جو سنڌي اضافت جي نشانين ظاهر ڪرڻ سان گڏ ترجمو ڪرڻ حوصلي شڪن نه آهي تہ ڇا آهي؟ ڏسو هڪ بيت جي پوئين مصرعه:

"عکس مهرويانِ بستانِ خدا ست"

ـ پر انهن ڏکين چاڙهين هوندي به هڪ بيت جو ترجمو هڪ بيت جي التزام سان نہ ڇڏيم: راتيون جاڳيس، اسر جواٽيس، مشڪل جاين تي نااميديءَ ڪري رئڻ جهڙو ٿيس. مگر ان مبدء فياض عين نااميديءَ ۾ رئڻ نہ ڏنو بلڪ رئڻ جي بجاءِ يڪدم ڪلايو ۽ مشڪل کي يڪدم آسان ڪري ڏنو. انهيءَ ڪري معمولي بيتن کان به بعضي مشڪل بيتن جو ترجمو فصيح ٿيل آهي. جنهن تي نہ صرف زبان الحمدلله ٿي چيو بلڪ ان سان گڏ قلم به اهو فرض ادا ٿي ڪيو."

مولانا 'اديب' جي متين لفظن مان سندن همت، خلوص، محنت ۽ دلي شغف جو پتو پوي ٿو. ان سان گڏ "تائيدِ غيبيءَ" جي به خوشخبري معلوم ٿئي ٿي. الله تعالىٰ کين توفيق عطا فرمائي جو "اشرف العلوم" پايه تڪميل کي پهچي. ويو سنڌي ادب ۾ تصوف ۾ نمايان اضافو ٿيو ۽ مولانا لاءِ نجات اُخروي جو باعث بڻيو! خدا مولانا کي حيات خضري عطا فرمائي. اعمال صالح ۾ مشغول رکي. ۽ خاتمو بالخير ڪري ـ بحرمت سيدالمرسلين، و امام المتقين، صاحب التاج والمعراج والبراق والعَلم. ـ آمين!

مولانا 'اديب' جي منظوم ڪلام جا جملي بيت تقريباً ايڪٽيهه هزار ۽ ڪجهه زياده آهن ـ چوويهه هزار ڇهه سؤ ۽ سٺ بيت "مثنوي" جي ترجمي جا، ٻارهن سؤ اختتام 'مثنوي' جا، ڏيڍ هزار سنڌيءَ ۾ مختلف نظمن جا، هڪ سؤ بيت عربيءَ جا، ڏيڍ سؤ بيت اردوءَ جا، هڪ سؤ ايڪيهه بيت "چهره ڪشاي مثنوي" جا، ۽ ڏيڍ هزار فارسي بيت.

نمونہ ڪلام

(فارسي)

عاجز از تفسيرِ شمس و ليل تو ابنِ جرير!
از حديثِ حسنِ تو 'مسلم' 'بخاري' در نفير،
عقل کل بلبل صفت در باغِ علمت در صغير،
جبرئيل از حق تعالىٰ در جنابِ تو سفير،
چشمِ صدّيق از جمال و حسنِ تو روشن، بصير،
ديدهء بوجهل از برقِ جمالِ تو ضرير،
در صِبا گشته 'علي' از عشقِ ذاتِ تو جوان
'باب شهرِ معرفت' زان آمده شاهِ شهير،
لوحِ محفوظ ست تعبيرِ دگر بهر دِلت،
ذرّه کرد روشن پيش تو مهرِ منير،
از ازل گل را رسيده شمه از خوشبوي تو
بلبل ازسوزِ دلت دريافته سوزِ ضمير،

دفترِ پارينه ني بل گم شده جمله کتب،
در شبستانِ جهان قرآن بود شمع منير؛
سوي فهمي سوي فهمان را نموده بدحواس،
نار را دانند نارو نور را نارِ سعير،
چون شود فضلِ اجل شامل بحالِ عاصيان،
گردد از يمنِ شفاعت نار عکسِ زمهرير؛
مهر تازي کرد نورِ 'فارسي' را بر فلک،
ديدنِ اين نور بر خفّاش گرديده عسير؛
ذات پاکت مظهرِ کامل براي ذوالجلال،
مُنصبغ در رنگِ تو مصبوغ رنگِ بي نظير؛
جِئتَنَا مولايَ رَءُوفاً رَاحماً مِن رَبِّنَا،
رَبَّنَا رَبَّ کرِيم نِعمَ مولينَا النَّصير؛
از کمالِ فضلِ تو يک تارِ مو گفته نشد،
گرچه در هر دور جهدي ميکند جمّ غفير؛
التجا دارد بدرگاهِ رفيعت سگ "اديب"،
بهرِ حق گردان دلم را تا ابد در حق اسير!

* * *

(سنڌي)

بلند اخلاقيءَ جو نادر مثال

حورو پري جي رشڪ هئي هڪ عرب ۾ زال،
حسن و جمال ۾ نه سندس ثاني و مثال؛
مشهور ان جي سونهن عرب ۽ عجم ۾ ٿي،
ورد زبان خلق سندس حسن جي مقال؛
جاري انهيءَ جو حڪم ٿيو مُلڪ حسن ۾،
ٿي هاڪ ان جي حسن جي منجهه بحر بر جبال؛
مژگان انهيءَ جا تير، ڪمان جان پرون ٿيا،
گيسو انهيءَ جا دام ٿيا، دانه ان جا خال؛
گيستو انهيءَ جا سنبل رخسار رشڪِ گُل،
بدرِ منير چهرو پرون ان جا جڙ هلال؛
رمضان جي عيد جاڻ ڏسڻ هن هلال جو،
ان کي ڏسي ٿيا ٿي ڏنئون چولين جان چال؛

علم و هنر نہ تاب جهلي ان جي حسن جو
عابد مثانس شيفتہ مجنونَ با ڪمال
صاحب نظر انهيءَ جي نظر سان ٿيا شهيد
هن تيغ حسن سان ڪيا صدها جوان حلال
بجلي جان ان جي جلوي ڪيا ڪيترا هلاڪ
ڪيئي رسايا زهرِ نظر ان جي در زوال
ڪسيو بصر جو نور انهيءَ شمع جي شعاع
نورِ نظر ڪسڻ ۾ هئس برق جو ڪمال
پڻ گفتگو انهيءَ جي هئي جاذبِ قلوب
يا در حقيقت ان جو بيان سحر هو حلال
سحرِ بيان سان ڪيا مسحور ان بليغ
ان جي سخن جي پيٽ ۾ ٻڌيا فصيح لال
دشمن جي قتل لاءِ سندس سيف ٿي زبان
لب دلنوازِ دوست، بدخشان جا خاص لال
آواز قوتِ روح، سندس حسن حظّ نفس
نامرد ڪيا ٿي زالِ انهيءَ سحر سان رجال
هر ملڪ جا حسين انهيءَ ڪان سڪڻ لڳا۔
ناز و خرام غمزہ اداڪاري و دلال
ٿوٻا انهيءَ جي چاهِ ذقن ۾ پُڌي ويا
سرخيءَ گلن کي داغ ڏنو لاله جي مثال
رخ زلف ان جو ڪافر مؤمن جي دل جيان
مؤمن ۽ ڪافرن جي وٺس فوج لءِ قتال
هن ڪان بچاءَ جا نہ ٿيا ڪارگر اُپاءَ
تقويَ سندي نہ جوشن همت سندي نہ ڍال
آبِ گهُر ڪان وڌ ٿيو ڏنڻ جي ڏُر جوآب
آبِ حياتِ حسن جي لءِ آهہ هي زُلال
هاروت ان جا هائر ماروت مبتلا
زهره نچيِ فلڪ تي ڏسي ان سندو جمال!
دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ منجهان آئيا آپار۔
ديدار لاءِ شائق هسوار ۽ رِجال
عقل و هنر جا حيلا ڪيائون هزار پر

ان سنگدل صنم سان ڪنهين جِي گهري نہ ڏال
ڪر مختصر ڪلام "اديبا" نہ ڪر دراز
روز قيامت آهه اهو يا شبِ فصال؟
منهنجي سخن جان حسنِ پري بي نهايت آهه
عشرِ عشير کي نہ رسي منجهه هزار سال!
آهن انهيءَ جي وصف ۾ طومار بيشمار
هان ڏيکهه کي ڇڏي ٿو وڃان راه اعتدال
آهن 'مطوّل' ان جي ثنا مدح ۾ ڪتاب
نازڪ ٿين نہ تنگ ڪيا 'مختصر' مقال:
تون غنچه ٿي نہ منهنجي نسيم ڪلام کان
ان کان شگفته شاد ٿين غنچا، پُرملال!
ابرِ بهار آهه سندم دُرفشان سخن
نَشو و نُما انهيءَ کان لهن تازه نونهال
ٿي سير شعر منهنجي کان ڏيڏوق! ڪونہ تون
ڏيڏوق وٺ وڏي نہ سخن لاءِ ٿي مجال

ماستر محمّد اعظم "اعظم" مرحوم[1]

هيءُ بزرگ خيرپور ناٿن شاهه جو رهاڪو هو. سنڌي فائينل پڙهيل هو. فارسي معدن جو گرانمايه گوهر، بينظير انشا پرداز ۽ بلند پرواز شاعر هو. طبيعت جو صالح ۽ ديندار هو. مولانا حاجي بخش ونس اسڪول جي زماني ۾ فارسي سکيو. مولانا صاحب اگرچ عربي پڙهيل هو تہ بہ هو پنهنجي طرز تحرير کي ان کان وڌيڪ سمجهندو هو.

"اعظم" جو سنڌي ڪلام گهٽو هو، پر گم ٿي ويو. مون سندس فارسي ديوان پڙ نقل ڪيو هو، پر اهو مون کان بہ گم ٿي ويو. ۽ فارسي قصيدا مولوي محمد ابراهيم جماليءَ کان گم ٿي ويا. ائين جملي ڪلام پکڙجي گم ٿي ويو.

اسان جي استاد مولانا الاهي بخش ڏي 'عتاب نامو' لکيائين تہ تون "اسان ڏي اچين ئي ڪونہ ٿو". طبع جو سخت تيز هوندو هو. مولوي صاحب لکيس تہ 'اوهان منهنجي طنب ئي ڪانہ ڪئي نہ تہ آءٌ اچان ها". ان جواب جي آخر ۾ هيءُ بيت لکيائون:

"بلبل زادب پا نہ نهد در صفِ گلزار تا گل بطلبگاريء اولب نکشايد".

جڏهن محمد اعظم کي اهو خط پهتو تڏهن ان جو منظوم جواب لکي موڪليائين. جنهن جا ڪي بيت هي آهن:

اي بلبلِ بي شوق! ترا خواند بسي گل
ني آمدي و از گل بديوئي تو داري
من جاهل و تو عالم و استاد هم عالم

---

[1] مولانا دين محمد "اديب"، تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو پيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

اين نفرت از جاهل ڙان روئي تو داري،
صد حيف که از "اعظم" استاد پريدي،
با اصغر پيوند نجوشخوئي تو داري

مرحوم محمد اعظم نهايت خوددار ۽ مستغني هوندو هو. نهايت ئي حال – مست ۽ فاقه مست هو. سيد امير علي شاهه راشدي، پٽ سرائين واري، ماڻهو موڪليس ۽ لکيس ته مون کي اچي فارسي پڙهايو. ماستر صاحب جواب ۾ لکي موڪليو 'پگهار جو شرط منهنجي طرفان ڪونهي. فقط هڪ شرط آهي اهو پورو ڪري سگهو ته آءٌ اچي پڙهايان. اهو هي آهي ته 'شاگرد ۽ استاد ۾ فرق هجڻ گهرجي. يعني شاگرد هيٺ ويهندو ۽ استاد مٿي'." جڏهن پير صاحب کي اهو خط پهتو تڏهن فرمايائون ته "اهو شرط بلڪل واجبي آهي ۽ مون کي ان جي تعميل ڪرڻ ۾ ڪا به هيڪ نه آهي. پر مريد ائين ڪرڻ ڪونه ڏيندا". مولوي حڪيم قادر بخش شيخ، پينشنر، سنڌيءَ جو ماستر. ميرپور خاص وارو. به مرحوم ميان محمد اعظم ونٽ فارسي پڙهيو ۽ خيرپور مان بدلي ٿي ڏوڪريءَ ويو ته اتي مولوي فيض محمد صاحب وٽ عربي پڙهي مولوي ٿيو.

ماستر صاحب جي عمر نوي ورهين کان وڌيڪ هئي. اکين کان معذور ٿي ويو هو. تنهنڪري امر تسر مار اکيون ڪرايون هئائين. هڪ دفعي مون لکيو مانس ته "مون کي تخلص ڏسيو." جواب ۾ لکيائين ته "شعر اهو چوي جيڪو سو ڪن شعر چئي وڃي ۽ پوءِ ويهي لکي. شعر منحوس آهي. اسان کي جيڪي مصيبتون پهتيون آهن. سي ار "زازخائيءَ" جو نتيجو آهن. هائو شعر خدا ۽ رسول جي سارا هم ۾ پيلي چئجي."

سنڌس وصال جي تاريخ 1 ـ رجب المرجب 1333ھ برابر 16 ـ مئي 1915ع آهي ۽ کيس ٻانهي لاکير جو پرسان حاجي رحمت الله واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. وفات کان پوءِ پنهنجي پائٽي محمد عيسيٰ کي خواب ۾ چيائين ته 'وفات وقت مون کي گهل وٽي وئي نه ته ماجرا موت جي ٻڌايانو ها. فرشتن مون کي سوال ڪيو ته مون جواب ۾ چيو

"يا الاهي شد پريشان حالِ من، رحم فرما بر خراب احوال من."

فرشتا اهو ٻڌي هليا ويا!'

سنڌن ڪلام جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

يا رب، من بندهٔ بدکارِ تو، "اعظم" آلوده گنگهار تو،
بخش گناهم که تو بخشنده اي، توبه پذيرم، که پزيرنده اي،
راه نمايم که توئي رهنما، معرفتِ خويش بما کن عطا،
ظلمتِ شک نورِ يقينم ببرد، گردِ گنه رونقِ دينم ببرد،
ساز شکم دور بعلم اليقين، پاک ز آلايشِ عصيان دين،
از همه اوهام دلم پاک سان، تابابد چشمِ يقين دار بان،
تابک بينم و يک دانم ترا، از دل و جان خوب بخوانم ترا،
سهل سوالات بگورم کني، گور بانوار چو هورم کني،
روزِ قيامت که بود پر عذاب، هيچ عذابم ندهي در حساب،

يا رب، بخشيده مرا بي سخن، خوش بنشانم بحديقه عدن،
دعوتِ اين بنده نمائي قبول، "اعظم" را بخش بنامِ رسول!

قطعه تاريخ

سلطانِ سخن محمّد اعظم — در چينِ بيان بديع فغفور
آن خسرو کشورِ بلاغت — در ملکِ سخن براند منشور
در ملکِ ادب سرير آرا — بر طرزِ سخنورانِ مشهور
آن خازنِ گوهرِ معاني — کانِ سخنِ بسفته منثور
استادِ ازل سطور دانش — بر ناصيه اش نمود مسطور
قسامِ ازل ذکاي عالي — در قسمتِ او نمود مقدور
بافضل عظيم گشت "اعظم" — حق کرد عطاش سعيء مشکور
مسرور بفضلِ علمِ دين بود — نگريست بجاه و مالِ مغرور
برداشت دل از مکانِ ويران — افراشت عَلم بجاي معمور
محشور بصالحان بگردد — در خلد رسد بحورِ مقصور
داعي ست "اديب" بهرِ استاد — از لطفِ غفور "باد مغفور!"

1333هـ

آخوند مولانا چُنوپٽي سيتائي:

سيتا ڳوٺ ۾ پٽين جي مدرسي جو بنياد انگريز دور کان اڳي جو پيل هو پر آخوند مولانا چُٽي پٽيءَ ان مدرسي جو نئين سر نصاب ۽ نظام مقرر ڪري ان کي باقاعده ۽ باضابطا بٽايو هو. آخوند چُٽي جو جنم سندس خانداني روايت مطابق سنہ 1247هـ /1831ع چيو وڃي ٿو. آخوند مولانا چُٽي پٽيءَ جي والد بزرگوار جو نالو آخوند گاهي هو. ديني تعليم ۽ عربي فارسي زبان سان وابستگي کيس خانداني ورثي طور ملي هئي. هو کيترا سال درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو ۽ هن پٽي پيل خطي ۾ ڪيترن شاگردن کي تعليم جي روشنيءَ سان منور ڪيو ۽ پنهنجي وقت جا بهترين معلم، مدرس ۽ عالم پيدا ڪيا. کيس پهريائين هڪ نياڻي پيدا ٿي ۽ پوءِ ست پٽ. باالترتيب: عبدالرحمان، الهه بخش، محمد صالح، الهڏنو گاهي، عبدالرحيم ۽ دائود پيدا ٿيا. سندس ستن پٽن مان چار پٽ علم ۽ فضيلت سان بهرور ٿي آخوند جي لقب سان نمايان ۽ نروار ٿيا. جن جا نالا آهن: آخوند عبدالرحمان پٽي، آخوند الله بخش پٽي، آخوند محمد صالح پٽي، آخوند محمد دائود پٽي. اهي چارئي افراد پنهنجي دور جا عالم، فاضل، معلم ۽ مدرس ٻٽيا. اهي عالم دين نه رڳو ديني علوم ۾ يڪتاءِ روزگار هئا، بلڪ بهترين خوشنويس ۽ خطاط هئا. آخوند مولانا چُٽو پٽي سيتائي 68 سالن جي ڄمار ۾ سنہ 1317هـ بمطابق 1899ع ۾ وصال ڪري ويو.

انهن جي ترڪات ۾ ڇڏيل ڪجهه قلمي نسخا مليا آهن، جيڪي سندن بهترين خوشنويسي ۽ رسم الخط جا اعليٰ نمونا آهن. سندن ڇپل قيمتي ڪتاب ۽ ڇڏيل علمي آثار گردش زمانہ جي رخ چڙهي ويا. انڪري هن علمي درسگاهہ جو هڪ پورو عهد آخوند محمد دائود پٽيءَ کان پوءِ پنهنجي پڇاڻي تي پهتو جنهن جي وفات 1973ع ۾ ٿي.

آخوند مولانا چُٽي پٽي جون ڪيل ديني ۽ علمي خدمتون ۽ سندس اولاد طرفان هڪ صديءَ جي عهد تائين سندس جلايل جوت کي قائم رکڻ واريون ڪوششون تاريخ ۾ ياد رهنديون.

آخوند عبدالرحمان پٽي سيتائي:

آخوند عبدالرحمان پٽي ولد آخوند مولانا چُٽو پٽي سال 1272هـ/ 1855ع تي سيتا ڳوٺ ۾ جنم ورتو. پنهنجي والد بزرگوار کان علم جي تحصيل ڪيائين. اسلامي علوم ۾ ماهر ٿيو ۽ عربي فارسيءَ تي عبور حاصل ڪيائين. فقہ حديث ۽ تفسير ۾ ڪچ شاگرد پيدا ڪيائين. پاڻ سٹو خوش نويس ۽ خطاط هو. سندس چڌيل ترڪات مان هڪ ڪتابچو سندس هٿ اکرن سان لکيل مليو آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي هٿ اکرن سان "محمود نامہ" لکيو آهي. هيءُ ننڍڙو فارسي قلمي نسخو سچو ڪاري مس سان لکيو اٿس. جنهن تہ مشڪل فارسي لفظن جي معنيٰ بہ فارسيءَ ۾ لکي اٿس. جنهن لاءِ ڳاڙهي مس استعمال ڪئي اٿس. ان ڪتابچي جو پهريون پنو يعني پهريون غزل گردش زمانہ سبب گم ٿيل آهي. باقي سمورا غزل صحيح سلامت آهن. آخر ۾ هيئيان الفاظ لکي. اهو ڪتابچو پورو ڪيو اٿائين:

"تمام شدازدست پرتقصير مسکين عبدالرحمان

الاهي هر آنکس که آنخط نوشت گناهش کني عفو بخشي بهشت".

ان کان پوءِ هيءُ شعر لکيو اٿائين:

"مرنويسنده را خداي عليم برهانيش ازعذاب اليم".

آخوند خاندان جو هيءُ عظيم فرزند چاونجاهہ سالن جي ڄمار ۾ سال 1329هـ/1911ع ۾ رحلت ڪري ويو. کانئس پوءِ سندس پاءُ آخوند مولانا الله بخش پٽي مڪتب هلايو.

آخوند مولانا الله بخش پٽي سيتائي:

آخوند مولانا الله بخش ولد آخوند چٽو پٽي سيتائي سن 1279هـ/1862ع تي ڳوٺ سيتا ۾ جنم ورتو ۽ سال 1356هـ/1937ع تي رحلت ڪئي. پنهنجي دور جو جيد عالم. مدرس ۽ خطاط هو. ديني علوم جي مڪمل تحصيل ۽ دستار بندي پنهنجي وڏي پاءُ آخوند مولانا عبدالرحمان پٽيءَ کان حاصل ڪئي ۽ ان جي رحلت کان پوءِ مدرسي کي اوج تي پهچايائين.

آخوند الله بخش پٽي فقيرانہ مزاج رکندڙ شهرت کان گريزان ۽ گوشہ نشين عالم هو. درس تدريس کان پوءِ سندس باقي وقت عبادت ۽ مطالعي ۾ گذرندو هو. کيس ڪتابن سان بيحد محبت هئي. جن ۾ عربي صرف نحو منطق. حڪمت. اصول فقہ. تفسير ۽ حديث جا ڪتاب اچي وڃن ٿا. کيس ڪليات جامي ۽ شرح جامي سان گهٽو لڳاءُ هو. فارسي شعر و ادب سان کيس خاص شغف هو. ان شوق ۽ شغف سبب هڪ فارسي ديوان ابوطالب ڪليم کي پنهنجي هٿ اکرن سان لکي پورو ڪيائين. جيڪو سندس چڌيل ورثي مان دستياب ٿيو آهي. سندس طرز تحرير جو ڪيترو ذخيرو زماني جي دستبرد کان بچي نہ سگهيو تاهم سندس هٿن سان لکيل مٿيون ديوان سندس املهہ يادگار آهي. سندس وفات کان پوءِ سندس علمي ورثي جو وارث آخوند محمد صالح پٽي ٿيو جنهن پنهنجي والد کان سواءِ پنهنجي ٻن وڏن ڀائرن يعني آخوند عبدالرحمان پٽي ۽ آخوند الله بخش پٽي کان علم جو استفادو حاصل ڪيو. بلڪ همايون شريف وڃي مولانا عبدالغفور مفتون همايونيءَ وٽ پڙهيو هو ۽ آخر ۾ درٻيلي جي درسگاهہ مان دستاربندي حاصل ڪئي. جيتوڻيڪ آخوند مولانا الله بخش پٽي پنهنجي عمر جو آخري حصو نهايت گوشہ نشيني ۾ گذاريو. پنهنجي پيارن دوستن ۽ همعصرن سان بہ ملڻ ترڪ ڪري چڌيو تاهم سندس ڪيل علمي ۽ ديني خدمتون وساريڻ جوڳيون ناهن.

مولانا مخدوم غلام محمد ملڪاڻي:

مخدوم غلام محمد صاحب نہ رڳو پنهنجي وقت جو جيد عالم هو بلڪ پنهنجي صديءَ جو مجدد عالم ۽ عارف هو. سندن ولادت 14 رمضان المبارڪ 1276هـ بمطابق 5_اپريل 1860ع تي ڳوٺ ملڪاڻي تعلقي دادوءَ ۾ ٿي. والد صاحب سندن نالو غلام محمد رکيو فرمايو نہ معلوم اها ڪهڙي مبارڪ ساعت هئي جنهن ۾ هڪ عاشقِ رسول جو ايتري قدر موزون نالو رکيو ويو جو حرف بحرف صحيح ثابت نڪتو. پنهنجي مهر تي لکرايو هئائين:

(نازم ببخت خود ڪہ غلام محمدم) (سرور ڪائنات جي غلامي سبب مون کي پنهنجي بخت تي ناز ۽ فخر آهي)

ستن اٺن سالن جي عمر ۾ ڪيس قرآن مجيد پڙهڻ لاءِ ڳوٺ جي نزديڪ هڪ مڪتب ۾ موڪليو ويو جتي هڪ سال جي عرصي ۾ قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪيائين. سندن استاد هڪ فياض شخص آخوند عبدالڪريم نالي مخدوم جنيد هڪ جيد عالم جي پوين مان هو. ان کان پوءِ دادو جي لڳ سيالن جي ڳوٺ ۾ بهار دانش انوار سهيلي تائين فارسي پڙهيو. ساڳئي ئي وقت ۾ دادو جي پرائمري اسڪول ۾ سنڌي ستن درجن جو امتحان پڻ ڏنائين. ملڪاڻي صاحب فارسي پڙهڻ کان پوءِ عربي علم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. سن 1302هـ ۾ 25 ورهين جي عمر ۾ حضرت مولانا محمد حسن صاحب حيدرآبادي جي حلقہ درس ۾ عربيءَ جي دستاربندي فرمايائين. هن مدرسي ۾ ملڪاڻي صاحب جن تعليم حاصل ڪئي. انهن استادن مان جيڪي بزرگ هئا، انهن ۾ حضرت مولانا حاجي حسن الله صاحب پاٽائي. حضرت مولانا عطاءالله صاحب فيروز شاهي ۽ حضرت مولانا محمد حسن صاحب حيدرآبادي هنن ٽنهي حضرات جي حلقہ درس ۾ پاڻ اگرچ ڇڪو عرصو رهي جدا جدا علوم و فنون جي تعليم حاصل ڪئي هئائين. مگر جيئن تہ آخري عبور مولانا محمد حسن صاحب جن جي ئي حلقہ تدريس ۾ فرمايو هئائين. تنهن ڪري سڀني عالمن کان مولانا محمد حسن صاحب کي ئي پنهنجو استاد ڪري ڄاڻندو هو. پنهنجي تعليم جو مستند سلسلو ۽ سڀ کان وڌيڪ نسبت شهدادڪوٽي بزرگن سان ڳنڊيندو هو. ڇو تہ حضرت مولانا محمد حسن صاحب حضرت مولانا نور محمد صاحب جن جو شاگرد هو. ملڪاڻي صاحب ڪم بيش 40 سالن تائين درس و تدريس ۾ مشغول رهيو. سندن خدمت ۾ رهي تفسير حديث فقہ ادب معاني ۽ بديع جي اعليٰ تعليم حاصل ڪندو رهيو.

هن کان پوءِ سندس زندگي ۾ اهم انقلاب آيو. جنهن ۾ بيروني ملڪن ۾ هندستان، پنجاب، عراق وغيره جي سير سفر ۾ گذاريائين. ان دوران هن گهڻن بزرگن جون خانقاهون ڏٺيون ۽ گهڻن مشائخين طريقت شريعت جي خدمت ۾ علوم ظاهري ۽ باطني ۾ ڪمال حاصل فرمايو. عراق ۽ حجاز جي سفر ۾ جو سن 1307هـ ۾ فرمايو هئائين. بغداد شريف پهچي حضرت محبوب سبحاني جي درگاهہ فلڪ بارگاهہ ۾ عبادت الاهيءَ ۾ مشغول رهيو.

مخدوم صاحب عراق جي دوران سفر سيد مصطفيٰ قادري کان طريقہ عاليہ قادريہ ۾ دستِ بيعت ٿيو. هن سلسلي جي سَنَدَ حاصل فرمائي. مگر پين سلسلن ۾ ايڪا ڪيس مشائخين طريقت جي جستجو هئي. پاڻ ايڪا هندستان ۽ پنجاب جي سفر تي پوءِ روانو ٿيو هئو. ان کان اڳ سنڌ ۾ آغا عبدالرحمان سرهندي مجددي کان طريقہ دستِ بيعت ٿي خلافت حاصل ڪيائين. هيءُ سن 1315هـ جو زمانو هو جو هن هجرت ڪئي هئي. انهي ئي سال جڏهن خواجہ ولي محمد جي حلقہ ارشاد ۾ ويهي ويهر طريقہ نقشبنديہ ۽ سهروردیہ جي تڪميل ڪيائين. تنهن کان پوءِ وري مهڙا شريف واري مشهور اولياء حضرت خواجہ محمد قاسم نقشبنديءَ جي خدمت ۾ پڻ نقشبندي طريقي جو گهڻو فيض حاصل ڪيائين ۽ ان طريقي ۾ حضرت مولانا خواجہ سيد ميهر شاهہ جيلاني گولڙي شرف واري کان سند ورتائين.

تصوف ۾ پاڻ اگرچ چئن طريقن جو صاحب هو. جن جو مٿي بيان ٿي چڪو آهي مگر پاڻ اجازت حاصل ڪرڻ بعد فقط طريقه عاليه نقشبنديه کي ترويج ۾ آندائين. پنج وقت نماز جا ڪڏهن به هٿان نه وڃائيندو هو. ازان سواءِ جن صاحبن کائنس عظيم محنتون ڪري مڪمل فيض حاصل ڪيو اهي خلفاء ڪاملين ۾ درج ٿيل آهن. جن جو انداز پڻ بي انداز آهي. مگر انهن حضرات مان جيڪي بزرگ خانقاهن جا مالڪ آهن ۽ جن دنيا ۾ فيض الاهي جا واهڙ وهائي ڇڏيا. اهي هيٺيان آهن:

(1) حضرت مولانا فقير محمد ويهڙائي (دادو)
(2) حضرت مولانا حافظ محمد صالح ڪرمپور (دادو)
(3) حضرت مولانا شير محمد اباوڙائي (سکر)
(4) حضرت مولانا سيد خير شاهه جلباڻوي (دادو)
(5) حضرت مولانا عبدالهادي بوبڪائي (دادو)
(6) حضرت مولانا محمد عبدالله (نواب شاهه)
(7) حضرت مولانا عبدالرحمان منچرائي. (دادو)
(8) حضرت مولانا الحاج محمد موسيٰ منچرائي (دادو)

تاريخ 22 جمادي الثاني سن 1354هـ مطابق 22 ـ سيپٽمبر 1935ع آچر ڏينهن هيءَ آفتاب علم و معرفت هن دارناپائدار مان هميشه لاءِ غروب ٿي ويو.

آخوند محمد صالح پٽي سِيتائي:

دادو تعلقي جي قديم تاريخي ڳوٺ سيتا وليج ۾ هڪ غريب مسڪين خاندان ۾ آخوند محمد صالح پٽي سال 1282هـ/1865ع ۾ جنم ورتو جو پنهنجي دور جو بهترين مدرس، معلم ۽ عالم دين هو. سندس والد بزرگوار جو نالو آخوند مولانا ڇٽو پٽي هو. جنهن کان هِن ابتدائي ديني علم حاصل ڪيو ۽ پنهنجي بزرگ پائرن: آخوند عبدالرحمان پٽي ۽ آخوند الله بخش پٽيءَ کان به علمي استفادو حاصل ڪيائين. ۽ پوءِ همايون شريف ۾ مولوي عبدالغفور مفتون همايونيءَ کان ڪجهه علمن جي تحصيل حاصل ڪئي. ان بعد هو درپيلي ۾ مخدومن جي علمي درسگاهه ۾ پڙهي قرآن، حديث، فقهه، منطق ۽ مناظره تي دسترس حاصل ڪئي. حصول علم بعد، هن پنهنجي ڳوٺ ۾ مڪتب قائم ڪيو. جتي هو هر عمر جي مردن، چوڪرن ۽ نياڻين کي ديني تعليم جي زيور سان آراسته ڪندو رهيو. وٽانئس ڪيترائي طالبِ علم عربي، فارسي، قرآن، حديث، فقه ۽ تفسير جي تعليم وٽي فيضياب ٿيا. مولانا آخوند محمد صالح پٽي سيتائي طبعيت ۾ تمام سادڙو دل جو فياض ۽ مهمان نواز هو. اسلام ۾ اخوت ۽ رواداري جو وڏو قائل هو. ان سبب ڳوٺ جا هندو به سندس عقيدتمند هوندا هئا. هن غريب مسڪين هوندي سيني جي هڙان وڙان مدد ڪئي ۽ جهالت خلاف جهاد ڪيو. آخوند کي ڪنهن به مسئلي کي دليلن سان سمجهائڻ جو ملڪو حاصل هو. هن جو منطقي انداز ۽ استدلال ماڻهن جي دلين تي ايترو تہ اثرانداز ٿيندو هو جو اهي سڄي ڄمار قرب جي ڪرِيءَ ۾ قابو ٿي ويندا هئا. آخوند صاحب وٽ روزانو ماڻهن جي اچ وڃ هوندي هئي. هن جي همعصرن ۾ دوستن ۾ مولانا عبدالرزاق گهوٽڪي وارو مولانا غلام رسول هاشم شڪارپوري، حافظ محمد صادق ڪنير ٽرڙي محبت، مولانا خادم حسين رتوديرو مولانا الاهي بخش ايري بانهو لاکيو، مولوي الهڏتو تندو شهبازي سيوهڻ، مولوي عنايت الله آگرو، مولوي فضل محمد نوشهرو فيروزائي، حافظ نور محمد ڳڙهي ياسينوي، مولانا

غلام احمد ملڪاڻي مولوي محمد ملوڪ نزد ميهڙ مولانا محمد سليمان ترڙي محبت، مولوي محمد آگرو فيروز شاهه مخدوم محمد دائود درٻيلائي حاجي شفيع محمد ڳوٺ سوڍاري ۽ مولوي عبدالله بنگلديرائي وغيره شمار ٿين ٿا. ان کان علاوه آخوند صاحب سان پنهنجي همدرسن جو جيڪي هڪ ئي استاد مولانا همايوني وٽ پڙهيا، روحاني رشتو هو انهن ۾ مولوي عبدالرحيم شڪارپور، مولانا الله بخش مهيسر ڳوٺ پيري ميهڙ، مولانا عبدالرحمان ڳوٺ پيروز شاهه ۽ مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسين (جيڪو فارسي زبان جو بهترين شاعر هو) ۽ مولوي عبدالرحمان ڏامراهو ضلعو لاڙڪاڻو وغيره شامل آهن.

مولانا عبدالرحمان ڏامراهو ۽ مولانا محمد قاسم ڳڙهي ياسينوي ته ڪيترائي ڏينهن وٽس رهيا پيا هوندا هئا ۽ منجهن ديني موضوعن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي هئي. مولوي الهرڪيو معرفاڻي چانڊيو قنبر جي ڳوٺ ڊگهه سومر خان چانڊئي جو رهاڪو ته وٽس وڏيءَ ڄمار ۾ پڙهيو ۽ پنهنجي وقت جو وڏو عالم ٻڌيو. جنهن جو ذڪر ٽ ماهي مهراڻ 3، 4، (1957ع) ايڊيٽر مولانا غلام محمد گرامي پڻ ڪيو آهي[1]. آخوند محمد صالح پٽي صاحب جي وفات وقت عمر 73 سال هئي. هن 1343هـ/1938ع ۾ دارفاني ڇڏيو ۽ پوئتي پنهنجي هٿ جو لکيل قرآن شريف جو قلمي نسخو مڪمل صورت ۾ ڇڏيو. ان کان پوءِ سندس ٻاءُ آخوند محمد دائود پٽيءَ مدرسو هلايو. پر ان جي پڻ وفات کان پوءِ سندس قائم ڪيل مدرسو جاري رهي نه سگهيو. آخوند محمد صالح پٽيءَ جي شاگردن ۾ مولوي الهرڪيو معرفاڻي مولوي خان محمد سرڪي مولوي علي نواز سرڪي آخوند محمد دائود پٽي ۽ آخوند محمد موسيٰ پٽي قابل ذڪر آهن.

آخوند صاحب جن جو مٿي ذڪر ڪيل هٿ جو لکيل قرآن پاڪ جو هيءُ قلمي نسخو سندس ئي خاندان جي فرد سندن جي مشهور معروف شاعر بشير سيتائيءَ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. جنهن کي سنڌالاجيءَ جي تحقيقي لائبريريءَ ۾ نمبر 99039 تحت داخل ڪري محفوظ ڪيو ويو آهي. آخوند صاحب جو هي نسخو قلمي قرآن جي نسخن ۾ سندس ڪيل ڪاوش جو بهترين نمونو ۽ هڪ قابل قدر ڪارنامو آهي. جنهن کي صدين تائين قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. سندس ٻيون به علمي ۽ ادبي تحريرون هيون. جيڪي پويان سنياڻي نه سگهيا ۽ گردش زماني جي نذر ٿي ويون.

مولوي محمد صديق سيتائي:

مولوي محمد صديق سيتائي ولد عبدالرحمان عرف عبدالرزاق سولنگي هڪ ماهر عالم ۽ وقت جو فقيهه هو. سيتا ننديي ۾ تعلقي دادو ۾ 1283هـ/1866ع ۾ جنم ورتائين. هن پنهنجي عمر جي وڏي حصي ۾ ديني علم حاصل ڪيو ۽ مخدوم حاجي حسن الله پاڻائيءَ کي پنهنجو استاد ٻڌايو. پنهنجي خداداد صلاحيتن سان جلد ئي مناظر ۽ عالم ٻڌيو. علم طب ۾ پڻ مهارت حاصل ڪيائين ۽ پنهنجي ڪٽنب کي پڻ ان علم کان آشنا ڪيائين. جنهن سبب طب ۽ حڪمت جي حوالي سان ڪيئي ماڻهو وٽس رجوع ڪندا هئا. ڳوٺ سيتا ننديي ۾ مدرسو قائم ڪيائين.

هن بزرگ وڏن مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ علامه دائودپوٽو به پڙهيو. درس تدريس جي حوالي سان

---

[1] مولانا الهرڪيو عرف ڪريم داد چانڊيو پنهنجي دور جو وڏو متبحر عالم هو. پنگ شريف، سهارنپور ۽ ديوبند (هندستان) مان به تعليم حاصل ڪئي. وٽس پنهنجي ملڪ سميت هندستان، ايران، افغانستان مان طالب علم پڙهڻ آيا. سندس مدرسو نوڙهي بجار تعلقي قنبر ۾ هو. مولانا صاحب نقشبندي طريقي جو عالم ۽ محمد عمر جان چشميءَ جو عقيدتمند هو. 11 ـ سيپٽمبر 1937ع ۾ وفات ڪيائين. سندس آخري آرامگاهه "نوڙهي بجار" قنبر ۾ آهي (ايڊيٽر).

سندس ڪيترائي شاگرد آهن. جيڪي علم ۽ فضيلت جا صاحب بڻيا. سندس شاگردن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ دائودپوٽي کان علاوه مولوي عبدالرزاق بوبڪائي، مولوي عبدالله سيتائي، مولوي عبدالعزيز ملڪاڻي، مولوي عبدالقيوم بختيارپوري ۽ مولوي عبدالرحيم بختيارپوري مشهور آهي. مولوي محمد صديق سال 1352هـ/1933ع ۾ وفات ڪئي.

مولوي صاحب جي قائم ڪيل مدرسي ۾ تدريس جو سلسلو سندس وفات کان پوءِ به ڪجهه سال جاري رهيو ۽ پوءِ بند ٿي ويو.

آخوند محمد دائود پٽي سيتائي:

آخوند محمد دائود پٽي سيتائي ولد آخوند ڇٽو پٽي سنڌ جي هڪ قديم تاريخي علمي ۽ ادبي ڳوٺ سيتا ۾ سال 1304هـ/1886ع ۾ جنم ورتو. هن عربي ۽ فارسي جي تعليم پنهنجي بزرگ پاءُ آخوند محمد صالح پٽي سيتائيءَ کان حاصل ڪئي. سندس بزرگ پاءُ جي رحلت بعد ساڳي مدرسي ۾ معلم ۽ مدرس جون ذميواريون سرانجام ڏنائين. ان کان علاوه پنهنجي ڳوٺ جي پاڙي واري مسجد ۾ پيش امام جون ذميواريون به نيائڻ لڳو. آخوند صاحب بهترين معلم، مدرس، خطيب ۽ خطاط ۽ فارسي زبان جو بهترين شاعر هو. وٽانئس جن علمي فيض حاصل ڪيو انهن ۾ ملا محمد ڏٽي بخش چنه، محمد ڇٽل پٽي، احمد خان سيال، ڊاڪٽر غلام قادر چنه، ماستر نبي بخش پٽي، محمد بخش چنه، بشير سيتائي ۽ ٻيا ڪيترائي طالب علم ۽ ڳوٺ جون نياڻيون شامل آهن.

آخوند محمد دائود پٽي مهمان نواز اهل علم ۽ اهل دل انسان هو. سندس مدرسي ۽ اوطاق ۾ عالمن ۽ اڪابرن جي اڇ وڇ رهندي هئي. آخوند صاحب 1393هـ/1973ع ۾ رحلت ڪئي. سندس آخري آرامگاهه قديم قبرستان دارا شاهه ۾ آهي. هن مور ماٺهوءَ جي رحلت بعد هيءُ مدرسو ڪجهه سال هلي بند ٿي ويو. سندس شاگرد آخوند محمد موسيٰ پٽي، مدرسي کي آخر خيرآباد ڇڻي فقط مسجد جي پيش امامي جون خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ درس تدريس جو سلسلو هميشه لاءِ بند ٿي ويو. سندس گهاٽن دوستن ۾ مولوي احمد ملاح (ڪنڀي شريف)، مولوي عبدالله اثر چانڊيو (ڳوٺ ٻيڙو چانڊيو)، مولوي عبدالله بنگل ديرائي، مولانا عبدالغفار صابري ميهڙ، محمد عالم شبنم ڏوگر، مولوي عبدالغفار ميمڻ (سيتا ڳوٺ)، محمد جمع خان غريب، محمد سومر سومرو (سيتا ڳوٺ)، مولوي حاجي احمد خان جمالي (ڳوٺ بکر جمالي) ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمن ۽ استادن جا نالا قابل ذڪر آهن.

مولانا سيد امير محمد شاهه:

مولانا سيد امير محمد شاهه ولد سيد سوڌل شاهه 1310هـ/1892ع ۾ ڳوٺ امينائي تعلقي دادو ۾ ڄائو. عربي ۽ فارسي سميت ٻيا ديني مذهبي علوم حاصل ڪري ڳوٺ امينائي ۾ مدرسو قائم ڪيائين. پاڻ هڪ ئي وقت معلم، مدرس ۽ مفتي هو. سندس مشهور استادن ۾ ميان الهندو تنيو، مولوي محمد عارف (ڳوٺ پرهياڻا)، مولوي عبدالواحد جلباڻي دري ديرو، مولوي محمد هاشم انصاري وغيره شامل آهن. سندس ڪيترائي طالب علم جيڪي ديني علوم حاصل ڪري معلم ۽ مدرس بڻيا، انهن طالب علمن مان هيٺيان مشهور آهن:

مولوي علي گوهر ملڪاڻي (مورو)، علي حسن ملڪاڻي، ميان الهورايو، مولوي فيض محمد پرڳڙي (ٽلهو لڳ سيتا)، مولوي محمد امين جلباڻي (پارو جو ڳوٺ لڳ ڪا)، مولوي محمد صادق گلال (پارو جو ڳوٺ)، مولوي حاجي محمد موسيٰ ڇڇرو (جهلو)، مولوي حافظ نور محمد ٻوڪ، مولوي حاجي محمد اڪترائي، مولوي عبدالله شاهه ملتاني، سيد علي

گوهر شاهه امياڻي، مولوي حاجي محمد قاسم پيرزادو (مڏ)، مولوي محمد علي برهماڻي (واهي پانڊي جوهي)، مولوي محمد عثمان چڇڙو (جهلو)، مولوي محمد دائود بگهيو (پاڻپوتو مورو)، مولوي حافظ عبدالقيوم راچپر (نوشهروفيروز)، مولوي محمد رمضان شاهاڻي (تعلقو جوهي)، مولوي حڪيم عزيزالله ببر (دادو)، مولوي عبدالڪريم حيدرآبادي، مولوي حاجي محمد عابد بگهيو (نزد پان)، مولوي محمد ابراهيم بختيارپوري، مولوي محمد صديق گلال (جوهي)، مولوي حاجي محمود بگهيو (تعلقو مورو)، مولوي عبدالباقي (سيوهڻ)، مولوي محمد رفيق خوشنويس (لاڙڪاڻو)، مولوي محمد رحيم سومرو (ٽر)، مولوي فيض محمد سيئر (مورو)، مولوي حاجي عثمان ميمڻ (گچير مورو) مولوي محمد موسيٰ بگهيو (تعلقو سيوهڻ)، مولوي عبدالغفور بگهيو (لڳ پان)، مولوي سيد مير محمد شاهه (جوهي)، مولوي محمد اسماعيل بروهي (ڪوئيٽا)، مولوي عبدالله بروهي (درگهه بالا)، مولوي تاج محمد بگهيو پير غلام نبي جان سرهندي (ٽنڈو سائينداد)، مولوي غلام رسول چڇڙو (تعلقي دادو)، مولوي حافظ محمد بلوچ (دادو) مولوي ميان حمزو بگهيو (مورو) مولوي محمد بگهيو (دادو)، مولوي سيد چٽل شاهه (دادو)، مولوي ڪريم بخش آگرو (ميهڙ)، مولوي محمد سهراب چارڻ (دادو)، مولوي قاضي نور احمد ديهات، مولوي در محمد بلوچ (مورو)، مولوي محمد بخش عمراڻي (سيوهڻ)، مولوي محمد حسن پنهور (دادو)، مولوي نجم الدين چڇڙو (دادو)، مولوي محمد دائود پنهور حاجي خان (جوهي)، مولوي محمد الياس پنهور (دادو)، مولوي محمد الياس بروهي، مولوي امان الله (ڏلجي)، مولوي عبدالرحيم لغاري (مورو)، مولوي گل محمد چانڊيو (سيال) ۽ ٻيا شامل آهن. مولانا امير احمد شاهه تاريخ 29 شوال 1379هـ 26_اپريل 1960ع تي وفات ڪري ويو.

مفتي نجم الدين چڇڙو:

مولانا مفتي نجم الدين چڇڙو ولد مولوي حاجي محمد موسيٰ چڇڙو سنه 1941ع تي ڳوٺ جهلو تعلقي دادو ۾ جائو. ڪيس مولانا سيد امير محمد شاهه امياڻي جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو. قرآن حديث فقه ۽ ٻيا ديني علوم حاصل ڪري، مولوي عالم ۽ فاضل جي سند حاصل ڪيائين. ان ئي مدرسي ۾ درس تدريس جو شغل جاري رکيائين. ان کان علاوه ڪجهه وقت ڪنري ۾ پڻ علمي ۽ ديني خدمتون سرانجام ڏنائين. پاڻ معلم، مدرس، خطيب ۽ مفتيءَ جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. وٽس ڪيترائي ماڻهو ايندا ويندا هئا. ديني نقطئه نگاهه سان مسئلا پڇي فتوائون جاري ڪندو هو. مولانا صاحب 11 آگسٽ 2002ع تي وفات ڪري ويو.

مولوي عبدالرحيم مگسي:

مولوي عبدالرحيم مگسي ولد سرائي پريو خان مگسي، ڳوٺ پريو خان مگسي، تعلقي دادو ۾ سال 1879ع تي جائو. ڇهن سالن جي ڄمار ۾ سندس چاچي ڏٽي بخش مگسي ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مخدوم محمد ابراهيم عباسي (ڳوٺ سيال) وٽ ويهاريو. جتي هو قرآن شريف ناظره پڙهيو ان کان پوءِ مولوي غلام صديق سولنگيءَ وٽ فارسي پڙهيو. فارسي جي تعليم مڪمل ڪري پوءِ مخدوم مولوي غلام محمد ملڪاڻيءَ وٽ عربي پڙهيو. تنهن کان پوءِ ڳوٺ رپ تعلقي بدين ۾ درس نظاميءَ جي تعليم مڪمل ڪري، دستاربندي ڪيائين. مولوي صاحب تعليم مڪمل ڪري ڪجهه عرصو لسبيلي ۾ نائب قاضي مقرر ٿيو. 1910ع ۾ مولوي صاحب کي سنڌ مدرسي ۾ معلم ۽ مدرس جي ملازمت ملي وئي. ان مدرسي ۾ مولوي صاحب 30 سال علم ادب ۽ ڏهب جي خدمت ڪئي. مولوي صاحب 1940ع ۾ نوڪري تان رٽائر ٿيو ۽ 1943ع ۾ وفات ڪيائين. سندس آخري آرام گاهه اباڻي قبرستان پير محمد مراد ۾ آهي.

مولوي محمد سهراب چارڻ:

مولوي محمد سهراب ولد محمد آچر چارڻ دادو تعلقي جي ڳوٺ ڪنڊي شريف ۾ 1924ع تي جنم ورتو. مولانا صاحب ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. ان بعد ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سيد جيوڻ شاهه جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتي مولانا محمد سليمان ميمڻ وٽ عربي، فارسي ۽ تفسير پڙهي دستاربندي ڪيائين. مولانا محمد سهراب چارڻ ديني علوم حاصل ڪري پنهنجي پاڙي ۾ مدرسو 'شمس العلوم' قائم ڪيو. ان مدرسي ۾ ناظره قرآن شريف کان علاوه عربي ۽ فارسي جي پڻ تعليم ڏني ويندي هئي. اهو مدرسو اڄ تائين قائم آهي. مولانا صاحب زهد ۽ تقويٰ جو قائل ۽ پرهيزگار عالم هو. مولانا صاحب 4- مئي 1964ع تي وفات ڪئي. ڪيس مسجد شريف جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو. سندس شاگردن ۾ مولوي احمد ڪوهستاني، مولوي عطا محمد ۽ مولوي علي حيدر شاهاڻي قابل ذڪر عالم آهن.

مولوي ميان محمد قاسم پيرزادو:

مولوي ميان محمد قاسم پيرزادو ولد مولوي يوسف پيرزادو 1323هـ/1905ع تي ڳوٺ مڏ شريف تعلقي دادو ۾ جائو. سندس استاد سيد مولانا امير محمد شاهه هو. جتي عربي، فارسي، تفسير، فقه ۽ ٻيا ديني علوم حاصل ڪيائين. امينائي شريف ۾ دستاربندي ڪيائين. پاڻ معلم، مدرس، فقيه ۽ مفتي هو. سندس ڪيترائي طالب هئا. جن ۾ حافظ قربان علي وگهيو ۽ ميان محمد پيرزادو شامل آهن. سندس نالي تي ٿي وڏا مدرسا آهن. انهن ۾ مدرسه 'قاسم العلوم' مڏ شريف تعلقو دادو، مدرسو 'قاسم العلوم' ڳوٺ طيب پيرزادو تعلقو سيوهڻ ۽ مدرسو 'قاسم العلوم' هوسڙي ضلع حيدرآباد شامل آهن. هنن مدرسن ۾ درس نظامي جي تعليم ڏني وجي ٿي. سندس وفات 26- جون 1985ع بمطابق 6 شوال 1405هـ ۾ ٿي.

مولوي ميان احمد پيرزادو:

مولوي ميان احمد پيرزادو ولد مولوي محمد عالم پيرزادو 25- ڊسمبر 1920ع تي ڳوٺ مڏ شريف ۾ جائو. ديني تعليم ميان محمد قاسم پيرزادي وٽان حاصل ڪيائين. عربي، فارسي، تفسير ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو. پاڻ عالم، فاضل، معلم ۽ مدرس هو. سندس به وڏا مدرسا 'قاسم العلوم جوهي' ۽ 'فيض العلوم' ڄان سيدآباد ۾ قائم آهن. هن وقت اهي مدرسا سندس ڀاءُ حافظ ميان عبدالخالق پيرزادو سنيالي رهيو آهي. مولانا ميان احمد پيرزادو 22- ڊسمبر 1988ع تي وصال ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه ميان حبيب حضوريءَ جي قبرستان ۾ آهي.

مولوي محمد حسن ڪلهوڙو:

مولوي محمد حسن ولد مولوي محمد ابراهيم ڪلهوڙو سال 1874ع تي ڳوٺ سيال تعلقي دادو ۾ جائو. عربي ۽ فارسي مخدوم محمد هاشم وٽ حاصل ڪري دستاربندي ڪيائين. مولانا صاحب ديني تعليم سان گڏ حڪمت جو ڪم به سکيو. حڪمت ۾ وڏو جاڻو ۽ نبض شناس هو. مولوي محمد حسن پنهنجي ڏاڏي ۽ والد جي وفات بعد مدرسي طرف متوجهه ٿيو ۽ اهو مدرسو هلائڻ لڳو. سندس مدرسي مان ڪيترائي طالب علم فيض حاصل ڪري، پنهنجن ڳوٺن ۾ وڃي درس و تدريس جي ڪم ۾ مصروف ٿي ويا. انهن نامور طالب علمن مان مولوي محمد عمر لاکير (ميهڙ)، مولوي محمد اسماعيل شاهاڻي موندر، مولوي عبدالله بروهي (خضدار بلوچستان)، مولوي عبدالستار مري (ڪوٽڙ)، مولوي رحيم داد گبول (ڪراچي) ۽ ٻيا شامل آهن.

مولوي محمد حسن فقير طبع انسان هو. پنهنجي پگهر جي ڪمائيءَ مان شاگردن کي کاڌ خوراڪ ۽ ڪپڙا وٺي ڏيندو هو. ۽ سندن علاج به مفت ڪندو هو. مولوي محمد حسن سال 1957ع تي وفات ڪئي. ڪيس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

آخوند محمد موسيٰ پٽي سيتائي:

آخوند محمد موسيٰ پٽي ولد آخوند مولانا الهه بخش پٽي سيتا ڳوٺ ۾ 15 ـ اپريل 1907ع تي جنم ورتو. ڪيس ننڍپڻ ۾ پنهنجي خانداني مدرسي ۾ آخوند محمد صالح پٽي سيتائيءَ وٽ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. جتي ڪيس قرآن، تفسير ۽ حديث جا درس ڏنا ويا ۽ ان سان گڏ فارسيءَ ۾: ڪريما، گلستان ۽ بوستان پڻ پڙهايا ويا. جوانيءَ جي مستيءَ ۽ ترنگ ۾ ڪنهن پري ٻيڪر محبوبا سان سندس اک اڙجي وئي. هن ديني علوم: عربي ۽ فارسي جي تعليم اڏ ۾ ڇڏي ڏني ۽ وڌيڪ پڙهڻ کان نابري واري ڇڏي. والدين ۽ خاندان جي وڏڙن مٿس زور پريو. پر پاڻ مزدوري ڪري پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندو رهيو ۽ انهن جي ڪجهه به نه ٻڌي.

سندس اکيون ڏکئي هنڌ اڏيل هيون. توڙي محبت جي موٽ محبت سان ملي. مگر ان عشق لاحاصل مان ڪيس ڪجهه پلئه پوڻو نه هو. جواني ۾ ئي سندس حالت دگرگون هئي. انڪري ان عشق سبب شاعري ڪرڻ لڳو ۽ ڏاڍيون سوز پريون ۽ درد انگيز ڪافيون ٺاهيائين. ڪيس پنهنجي وڏڙن پنهنجي خانداني مدرسي جو مدرس، معلم ۽ آخوند ڏسڻ پٽي چاهيو. نيٽ وڏڙن ڪيس شاديءَ لاءِ آماده ڪيو ۽ پنهنجي ئي خاندان مان آخوند محمد صالح پٽيءَ جي پڙهيل لکيل نياڻي عظميه بتول سان شادي ڪرائي وئي. جيڪا سگهڙ سياڻي ۽ نيڪ سيرت خاتون هئي. هن خاتون ساڻس ڏک سور ۾ خوب نيايو ۽ اڳتي هلي آماده ڪيو ته هو پنهنجي اڏ ۾ ڇڏيل ديني تعليم مڪمل ڪري. هيءَ خاتون گهريلو هنرن ۾ قابل هئي. هن پورهيو ڪري پرت، رليون هار سڳيون، اڇڻ، ٽوپيون ۽ موڙ ٺاهي گهرو خرچ جو پورائو ڪيو ۽ ڪيس ان قابل بڻايو ته هو ٻئي فڪر کان آزاد ٿي رهيل تعليم مڪمل ڪري. پنهنجي ان وفادار ۽ نيڪ سيرت زال جي چوڻ تي هن نئين سر تعليم جو آغاز ڪيو ۽ ان وقت مدرسي جي نائب معلم آخوند محمد دائوديٽي وٽ پڙهڻ شروع ڪيو. جنهن وٽان عربيءَ ۽ فارسيءَ جو نحوَ ۽ صرف، تفسير ۾ فوزالڪبير، تفسير جلالين ۽ تفسير بيضاوي جا درس پڙهي مڪمل ڪيا. ۽ فقه ۾ هدايه، سراجي، قدوري ۽ ڪنزالدقائق پڙهي پورا ڪيا. جنهن تي سندس والدين خوشيءَ جو اظهار ڪيو.

تعليم ڏانهن شوق وڌڻ ۽ علم جي تحصيل ۾ مصروف رهڻ ڪري سندس ماضي جا زخم پرجڻ لڳا ۽ زندگيءَ جي ڏميوارين ڏانهن سندس ڌيان وڌندو ويو. سندس زندگيءَ ۾ ڪافي سنجيدگي آئي. عالمن جي صحبت ۾ رهندي سندس علم جي پياس وڌندي رهي. تان جو هُو پنهنجي علمي زندگيءَ ۾ اچي هڪ برڪ عالم، انسان دوست ۽ علم دوست بڻجي ويو.

سال 1937ع ۾ سندس سُهري آخوند محمد صالح پٽي ۽ هڪ سال بعد يعني 1938ع ۾ سندس والد آخوند مولانا الهه بخش پٽي به وفات ڪئي ۽ سمورو بار سندس ڪُلهن تي اچي ڪڙڪيو. سال 1949ع ۾ سندس رفيقه حيات به ڪيس داغ جدائي ڏئي راهه عدم وٽي روانو ٿي وئي. زندگيءَ جي انيڪ ڏميوارين، ذاتي ڏکن ۽ دردن سبب وڌيڪ حساس بڻجي ويو. پاڻ جواني ۾ جيترو زندگيءَ کان لاپرواهه رهيو اوترو ئي اڏ عمر کان پوءِ علمي زندگي اختيار ڪري مانُ ۽ مرتبو ماڻيائين.

1973ع ۾ آخوند محمد دائود پٽيءَ جي وفات کان پوءِ انهيءَ مسجد جو پيش امام ۽ پٽين جي مدرسي جو معلم

ٻڌيو ۽ اهي ديني ۽ علمي خدمتون آخري دم تائين سرانجام ڏنائين. ازدواجي زندگيءَ جي خال پورڻ لاءِ مائٽن کيس ٻه شادي ڪرائي. سندس اها گهر واري کوکر برادريءَ مان هئي.

پاڻ نهايت ذهين، زيرڪ، محبتي، انسان دوست، مجلسي، مهمان نواز ۽ پيارو ماڻهو هو. علم دوست ماڻهن سا سندس دلي لڳاءُ هو. زندگي جي اوائلي حصي ۾ مزدور رهڻ سبب پورهيت ماڻهوءَ جي ڏاڍي عزت ڪندو هو: مزدور طبقم لاءِ دل ۾ درد، احساس، محبت ۽ همدردي رکندو هو. ان سان نهايت پيار ۽ پاڻهه سان پيش ايندو هو ۽ ملڻ وقت مُرڪ چوندو هو 'الڪاسب حبيب الله' (پورهيت الله جو دوست آهي). عالمن توڙي عام ماڻهن سان پاڪرپائي ملندو هو. وٽس ڪيترائي ديني مسئلا پڇڻ ايندا هئا. اختلافي مسئلن کان گريز ڪندو هو. فراغت جو وقت اڪثر مطالعي ۾ گذاريندو هو. وٽس وڏڙن جو ڪتبخانو هو، جنهن ۾ عربيءَ ۽ فارسي ڪتابن جو ڇپل ذخيرو هو.

سيتا ڳوٺ ۾ ريٽين جي مدرسي جو هيءُ آخري معلم، علم دوست ۽ انسان دوست ماڻهو 81 سالن جي ڄمار ۾ 15 ـ مارچ 1988ع بمطابق اڳارو 26 رجب المرجب 1408هجري تي پنهنجن ۽ پراون کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. سندس وفات جي پهرين خبر مولانا عبدالغفار صابريءَ پنهنجي اخبار 'فيض' ۾ شايع ڪئي. آخوند محمد موسيٰ پڻ درس و تدريس جي مصروفيت سبب پنهنجي ڪا علمي ادبي تصنيف نه ڇڏي البته سندس سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون جن جو تعداد هڪ سؤ کان گهٽ ٿيندو محفوظ آهن، جن ۾ سندس دلي ڪيفيت جو اظهار نمايان آهي. رحلت وقت پوئتي پنج پٽ ۽ چار نياڻيون ڇڏيائين. سندس پهرين گهر واري مان بشير سيتائي سنڌ جو نامياروشاعر اديب آهي.

مولانا محمد سليمان ميمڻ:

مولانا محمد سليمان ميمڻ ولد محمد صالح ميمڻ دادو شهر کان ڏکڻ طرف 7 ڪلوميٽر پري ڳوٺ دوآهو ۾ سا 1911ع ۾ جنم ورتو. پنجن سالن جي عمر ۾ سندس والد بزرگوار انتقال ڪري ويو. ڳوٺ ڇڇڑا تعلقي قنبر ۾ سندس پرورش ٿي. ۽ اتي ئي ابتدائي تعليم ورتائين. اتان پوءِ عربي ۽ فارسي جي تعليم جامع نور الهدي نيڑهي جي مدرسي ما حاصل ڪئي. جتي سندس ديني تعليم مولانا حبيب الله جي نگرانيءَ ۾ ٿي. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مدرسه مظهر العلوم ڪڏو ڪراچيءَ ۾ داخل ٿيو. جتي پاڻ مولانا محمد صادق ۽ مولانا محمد صديق جهڙن استادن جي ز نگرانيءَ ۾ ديني تعليم مڪمل ڪئي. ان کان پوءِ مولانا صاحب هندستان جي درسگاهه دارالعلوم ديوبند ۾ داخلا ورتم جتي مولانا محمد سليمان ندوي، مولانا مفتي محمد شفيع، مولانا اعزاز علي وٽ مختلف موضوعن جي تعليم پرائي. ا کان پوءِ مولانا محمد سليمان درسگاهه نعمانيه امرتسر ۾ داخل ٿيو. اتان فارغ تحصيل ٿي واپس ڳوٺ آيو ۽ ڇڇڑن ج ڳوٺ ۾ درس و تدريس جو ڪم شروع ڪيائين. اتان پوءِ مدرسه نورالهدي نيڑهي ۾ استاد مقرر ٿيو. اتي چار سال عربي فارسي، فقه، تفسير ۽ بين علومن جي تعليم ڏني. اتان پوءِ مدرسه مظهر العلوم ۾ استاد مقرر ٿيو. ڪجهه سالن کان پوءِ دا موتي آيو ۽ جيوڻ شاهه مسجد ۾ صدر مدرس مقرر ٿيو. مولانا محمد سليمان ميمڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۽ طاله انمولي هاءِ اسڪول ۾ پڻ استاد جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون. مولانا صاحب عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي آهي. پاڻ شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص صدائي استعمال ڪندو هو. پاڻ وڏو مقرر هو ۽ دليلن سان مسئ سمجهائيندو هو. مولانا صاحب کي استاد محمد صالح ميمڻ، غلام مصطفيٰ ميمڻ، علي اڪبر ميمڻ ۽ محمد خالد ميم نالي 4 فرزند آهن. جيڪي تعليم ڪاتي ۾ اعليٰ عهدن تي آهن.

مولانا محمد سليمان ميمڻ 1984ع ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس جامع مسجد جيوڻ شاهه جي پر ۾ دفن ڪيو ويو.

غلام مصطفيٰ دادوي[1]:

نامياري تعليمدان، استاد ۽ ليکڪ غلام مصطفيٰ دادوئ جو پورو نالو غلام مصطفيٰ ولد جمعو خان پنهور هو. سندس جنم ڳوٺ قل پنهور ضلعي ۾ تعلقي دادوءَ ۾ ٿيو. هن ابتدائي ديني تعليم محمد سليمان صدائيءَ جي مدرسي 'درالفيوض' دادوءَ مان حاصل ڪئي. بعد ۾ درس نظامي ۽ اديب عالم جو امتحان پاس ڪيو. ان دوران ڊائريڪٽر انسٽرڪشن سنڌ، شمس العلماء عمر بن محمد داؤدپوٽي سان ملاقات ٿي، جنهن کيس تعليم ڪاتي ۾ عربيءَ جو استاد مقرر ڪيو. غلام مصطفيٰ دادوي پنهنجي تدريسي سفر دوران ضلعي نئٽي، ٽنڊي باگي، ميهڙ ۽ دادو جي مختلف هاءِ اسڪولن ۾ عربيءَ جي ٽيچر طور پنهنجون ذميواريون نيائيندي گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوسائٽي-1، حيدرآباد مان رٽائر ٿيو.

صدر اسڪندر مرزا جي دور ۾ حيدرآباد ۾ ڪل پاڪستان عربي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ڪانفرنس ۾ سڄي ملڪ مان عربيءَ جا عالم شريڪ ٿيا. شمس العلماء عمر بن محمد داؤدپوٽو پڻ ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو. هن ڪانفرنس کي منعقد ڪرائڻ ۾ غلام مصطفيٰ دادوئ پرپور ڪردار ادا ڪيو. ان سلسلي ۾ مولانا فضل احمد عزنوي، غلام مصطفيٰ دادوئ سان پرپور سهڪار ڪيو، جنهن غزنوي هوٽل حيدرآباد ۾ هڪ ڪمرو دادوئ جي حوالي ڪري ڇڏيو، جنهن کي هو ذاتي استعمال ۾ آڻڻ بجاءِ عربيءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻيندو رهيو ۽ پاڻ ان تنظيم جو جنرل سيڪريٽري رهيو. مولانا سليمان صدائيءَ وٽ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ صدائي ديوبند جو عالم هو. تنهنڪري دادوئ تي سندس گهرواثر هو.

دادوئ ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا، جن ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جو عربيءَ ۾ ترجمو، تعارف القرآن، درس القرآن جا 30 پارا، قرآن شريف جون تشبيهون، وسيلا سپ وسار ۽ توحيد جو سبق، سوانح عمري علامه عمر بن محمد داؤدپوٽو، سوانح عمري مولانا جلال الدين رومي وغيره قابل ذڪر آهن. هئ پهريون سنڌي عالم ۽ اديب هو- جنهن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو. سندس ان ڪم ۾ خرطوم يونيورسٽي سوڊان جي وائيس چانسيلر ساٽس پرپور سهڪار ڪيو هو. سندس چپيل ڪتاب "تعارف القرآن" کي سنڌي پوليءَ جي بااختيار اداري پاران انعام ڏنو ويو.

غلام مصطفيٰ دادوئ تعليم ڪاتي مان رٽائر ٿيڻ بعد پنهنجون تدريسي سرگرميون برقرار رکيون. ڪيس پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ عربي ٽيچر مقرر ڪيو ويو ان کان سواءِ ڪافي عرصي تائين هو پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ شاگردن کي قرآن مجيد جي تعليم پڻ ڏيندو رهيو. غلام مصطفيٰ دادوي منظور چيمبرس حيدرآباد ۾ مفت عربي سيکارينڊو هو ۽ شاگردن کي مفت ڪتاب پڻ فراهم ڪندو رهيو. امام ابن تميم جي سوانح عمري تحرير ڪرڻ تي انعام طور سعودي عرب جي بادشاهه شاهه خالد کيس تعريفي خط لکيو ۽ آڇ ڪئي ته "جيڪو ڪجهه گهرڻو آٿئ سو گهُرو" پر غلام مصطفيٰ دادوي ڪجهه وٺڻ کان انڪار ڪيو.

غلام مصطفيٰ دادوي 2002ع ڌاري وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ قل پنهور دادوءَ ۾ آهي.

---

[1] ا.ا.ا.ا. ط فلڊ اضافو.

مولانا عزيزالله ڀٻر:

مولانا عزيزالله ڀٻر ولد شهداد خان ڀٻر سال 1903ع تي ڳوٺ ولوڀٻر تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو ابتدائي تعليم مولانا امير محمد شاهه جي مدرسي مان حاصل ڪري وڌيڪ تعليم مولانا محمد قاسم درويشاڻي پنهور ۽ مولانا عبدالرحمان ڀٻر وٽ ويو ۽ دستاربندي حاصل ڪيائين.

مولانا کي حڪمت سکڻ جو شوق هو انڪري امياڻي ڳوٺ ۾ حڪيم علي گوهر شاهه وٽ حڪمت سکيو. ان کان پوءِ واپس ڳوٺ اچي ديني مدرسو کولي درس و تدريس جو سلسلو شروع ڪيائين. درس و تدريس سان گڏ حڪمت جو ڪم به شروع ڪيائين.

مولانا صاحب 1949ع ۾ پنهنجي ڳوٺ کي الوداع چئي دادو شهر ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. دادوءَ ۾ ڀٻر برادريءَ طرفان چڱو مڙس ڪري ڪيس پڳ ٻڌرائي وئي. چڱ مڙسيءَ جو بار کلهن تي اچڻ بعد فيصلا ڪندو هو. پاڻ قرآن شريف ۽ حديث ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ فيصلا ڪندو هو. مولانا عزيزالله کي ٽي پٽ ۽ ٽي نياڻيون تولد ٿيون. سندس پٽن جا نالا عبيدالله، سعيدالله، عنايت الله آهن.

مولانا عزيزالله ڀٻر 4- ڊسمبر 1984ع تي وفات ڪئي. ڪيس جوهي تعلقي جي مقام عنايت شاهه ۾ دفن ڪيو ويو.

مولوي حافظ محمد عيسيٰ ٻوڪ:

مولوي حافظ محمد عيسيٰ ولد حافظ محمد چُنڙ ٻوڪ دادو شهر کان 4 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ ڳوٺ ٻوڪ تعلقي دادو ۾ سن 1801ع ۾ جنم ورتو. سندس والد ڪيس هالا ۾ مخدوم نوح رحه جي مدرسي ۾ ديني تعليم لاءِ ويهاريو. ان مدرسي ۾ قرآن شريف حفظ ڪيائين ۽ دستار بندي به اتي ئي ڪيائين. ديني تعليم مڪمل ڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کوليائين.

هن مدرسي ۾ حافظ خدا بخش ڊيپر (موروِ) حافظ محمد اسماعيل جيسر (موروِ)، حافظ موربهڻ (موروِ)، حافظ غلام سرور سومرو (موروِ)، حافظ محمد عثمان لاکو (پيري دادو)، حافظ محمد انور لاکو (پيچوها)، حافظ منظور احمد ڏامراهه پنهور، مولوي حافظ محمد عيسيٰ ٻوڪ جو فرزند حافظ نور محمد ٻوڪ ۽ ٻيا شامل آهن. هن حافظ جي خاندان ۾ ستن پيڑهين کان حافظ ٽيندا پيا اچن. حافظ نور محمد ٻوڪ جو فرزند حافظ محمد امين ٻوڪ ۽ سندس فرزند حافظ ضمير احمد ٻوڪ، منير احمد عرف عطاءالله ٻوڪ ۽ ان جو ننڍڙو صغير پٽ حافظ نورمحمد ٻوڪ جنهن پڻ قرآن شريف حفظ ڪيو آهي. سندس پوئنڌ اڃان تائين مدرسو هلائي رهيا آهن.

مولوي حافظ محمد عيسيٰ 1890ع ڌاري وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ ٻوڪ ۾ انڊس ڌاءِ وي سان گڏ اوير ۾ واقع آهي. مزار جي چوڌاري ڪٿهڙو ڏنل آهي. ساڻس گڏ حافظ نورمحمد ٻوڪ، سيد نظر محمد شاهه ڳوٺ (پيچوها)، حافظ محمد نواز آرائين جيڪو پنجاب جو رهواسي هو ۽ حافظ صاحب جو پوٽو حافظ اسدالله مدفون آهن. هيءَ قبرستان هڪ جريب ۾ پکڙيل آهي ۽ قبرستان سندس نالي پٽيان سڏجي ٿو.

مولانا منظور احمد سومرو:

منظور احمد سومرو ولد عبدالهادي سومرو اصل رهاڪو ميمڻ محلو ڪنڊيارو 1944ع تي ڪنڊياري ۾ جائو. 1978ع کان وٺي دادو شهر جي عظيم ديني درسگاهه جامعه عربيه دارالفيوض المحمديه ميمڻ محلي دادو ۾ علم و عرفان

جا موتي پکيڙي رهيو آهي. ديني ۽ دنياوي تعليم سان سينگاريل فرقه واريت ۽ مذهبي چيڙچاڙ کان نفرت رکندڙ آقاء دوجهان حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن جي محبت سان سرشار عالم دين آهي. سندس اصلاحي تعلق سنڌ ڏرتي جي عظيم روحاني ۽ سماجي شخصيت عبدالڪريم قريشي پير شريف وارن سان آهي. سنڌي، اردو، فارسي، عربي، انگريزي ٻولين ۾ ڳالهائڻ، لکڻ، تقرير ڪرڻ ۾ دادو ضلعي اندر سندس ڪو مٽ ناهي. تفسير، علم حديث، علم ميراث، علم الصرف، علم النحو، علم الغيب، علم فقه، علم تاريخ، علم منطق، علم تصوف، معاشيات ۽ سماجيات تي پڻ مهارت رکندڙ آهي.

سنڌي هجڻ جي ناتي سنڌ ۽ سنڌي عوام جو همدرد ۽ هڏوڪي پڻ آهي. سنڌ ۽ سنڌي عوام جي سياسي، سماجي ۽ علمي ترقي لاءِ سدائين فڪرمند ۽ ڪوشان رهندو آهي. غير متنازعه هجڻ سبب علمي، سماجي، سياسي تنظيمن طرفان دادو ضلعي جي تعميري سياسي سماجي جلسن، سيمينارن ۾ پڻ ڪيس دعوت ڏني ويندي آهي. جن ۾ شريڪ ٿي پاڻ دادو ضلعي جي اهم مسئلن جو بهترين حل ڪڍيڏيندو آهي. جنهن ۾ دادو ضلعي جي تقسيم ۽ صحت ڪاتي ۾ ڪرپشن جو مسئلو سرفهرست آهي. سياست تي گهري نظر هجڻ سبب دادو ضلعي سان لاڳاپيل سياسي رهنما جهڙوڪ: محمد بخش جمالي هاڻوڪو وزير تعليم جناب بيريسٽر پير مظهر الحق شاهنواز سان ويجهو تعلق رهيو آهي. ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ پڻ سندس ڪيئي ڪارناما آهن. جامعيه عربيه دارالفيوض المحمديه ميمڻ محلي دادو جنهن مان سوين شاگرد ديني ۽ دنياوي تعليم پرائي دادوضلعي جي عوام جي خدمت ڪري رهيا آهن. نياڻين لاءِ ديني ۽ دنيوي تعليم جو بندوبست ڪيو ويو آهي. جنهن مان هن سال 10 نياڻيون تعليم پوري ڪري پاڙي جي نياڻين ۾ ديني ۽ دنياوي تعليم جو شعور بيدار ڪري رهيون آهن.

مولانا قاضي عبدالقادر سرهيو:

مولانا قاضي عبدالقادر سرهيو ولد الهورايو خان سرهيو شهر ۾ درگهه بالا تعلقي جوهي ۾ سال 1344ھ/1925ع تي جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ديني علوم حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا حاجي محمد حمزه سرهيو صاحب جي مدرسي ۾ داخل ٿيو جتي قرآن شريف، عربي، فارسي، فقه ۽ فتاوي جي سَنَدَ حاصل ڪيائين. مولوي محمد حمزه جي وفات بعد وڌيڪ تعليم مولانا عبدالله بروهي بلوچستاني مستواني وٽان حاصل ڪيائين. پوءِ ڪتاب علم ميراث مولانا امير محمد شاهه امينائي شريف وٽ پورا ڪري سَنَدَ ميراث حاصل ڪيائين.

مولانا عبدالقادر سرهيو صاحب کي علم ميراث ۽ علم فقه ۾ خاص الخاص عبور حاصل هو. ايتريقدر جو سندس شمار مشهور فقيهن ۽ عالمن ۾ ٿيڻ لڳو ۽ مولانا صاحب کي مناظره جي حيثيت ۽ حاضر جوابيءَ ۾ خاص ملڪو حاصل هو. مولانا صاحب وٽ عوام جا فيصلا ايندا هئا ته هو اُهي پنهنجي خداداد صلاحيتن سان حل ڪندو هو. ڪيس وڌيرا ۽ رئيس پنهنجو امين مقرر ڪندا هئا ۽ سندن فيصلا قبول ڪندا هئا.

مولانا عبدالقادر سرهيو پنهنجي ڳوٺ ۾ ديني مدرسو قائم ڪيو جتي تقريباً ويهه سال درس و تدريس جو شغل جاري رکيائين. سندس مدرسي مان ڪيترائي طالب علم عالم ۽ حافظ ٿي ويا. مولانا صاحب ملان ڪاتيار وارن بزرگن جا مريد هئا، انڪري بزرگ ملان ڪاتيار وارن پنهنجي صاحبزادن جي تعليم لاءِ پاڻ وٽ گهرايو. پاڻ تقريباً 30 سال ڪم بيش بزرگن وٽ خطيب ۽ مدرس جي حيثيت ۾ رهيا ۽ درگاهه جي مريدن جا فيصلا ۽ تحريرات جو ڪم ڪندا رهيا، جتي آخري الوداع جي تاريخ تائين درگاهه تي رهيا.

مولانا صاحب 5 ـ جولاءِ 2003ع مطابق 4 ـ ربيع الاول 1424ع بروز چنچر بعد نماز مغرب رحلت فرمائي ويو سندس جنازه نماز ملان ڪاتيار وارن بزرگن پڙهائي. سندس آخري آرامگاهه ملاڪاتيار ۾ آهي.

مولانا چاڪر علي ڪوسو:

مولانا چاڪر علي ڪوسو ڳوٺ بازمال ڪوسو تعلقو جوهي ۾ سال 1293هـ/1876ع تي جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪيس والد مولانا محمد حسن ڪوسي جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو. ان مدرسي مان دستار بند ٿيو ۽ واپس اچي ڳوٺ بازمال ۾ مدرسو ڪوليائين. پاڻ ملا اسڪول ۽ ڪوليو اتي استاد ٿي رهيو ۽ ديني تعليم سان گڏ ٻارن کي سنڌي تعليم به ڏيڻ لڳو. هيءُ مدرسو ۽ ملا اسڪول 1973ع ۾ بند ٿي ويو.

مولانا چاڪر علي ڪوسو سال 1364هـ/1944ع ۾ انتقال ڪري ويو.

مولوي الله بچايو ڪوسو:

مولانا الله بچايو ڪوسو ولد محمد اسماعيل ڪوسو سال 1349هـ/1930ع ۾ ڳوٺ مينهون ڪوسي تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. سندس عمر 8 سال ٿي ته وزيرِ تعليم پير الاهي بخش سنڌ ۾ زوري تعليم رائج ڪئي. ان ڪري سندس ڳوٺ ۾ اسڪول قائم ڪيو ويو ۽ ڪيس ان اسڪول ۾ ويهاريو ويو. جتان هو چار درجا پڙهيو. ان کان پوءِ پنهنجي ڏاڏي مولانا محمد حسن ڪوسي جي مدرسي ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ٿيو. پنهنجي ڏاڏي وٽ قرآن شريف پڙهيو سندس ڏاڏي وفات ڪئي ته سندس والد 1946ع ۾ مولانا حمزو خان سرهيو درگهه بالا واري مدرسي ۾ داخل ڪرايو. اتي ڪجهه وقت پڙهيو. ان کان بعد ميان عبدالله بروهي ۽ مولانا نبي بخش ٻير ڳوٺ بهاول ٻير واري مدرسي مان تعليم حاصل ڪندو رهيو. آخر ۾ سيد امير محمد شاهه امياڻي واري مدرسي ۾ داخل ٿيو جتان سندس دستاربندي ٿي.

مولانا الله بچايو ڪوسي صاحب دستاربند ٿيڻ بعد سيٺ عبدالرحمن ميمڻ پانن واري ڪيس پاڻ وٽ گهرائي مدرسو ڪولي ڏنو ۽ اتي مولانا صاحب 10 سال درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيو. پوءِ پير سرهندي مٺيارين واري ڪيس دعوت ڏني پنهنجي مدرسي ۾ مقرر ڪيو. ڪجهه سال مٺيارين واري مدرسي ۾ رهيو. ان کان پوءِ ٽنڊي سائينداد وارن پيرن ڪيس دعوت ڏني ۽ وڃي ويا. جتي به 17 سال درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيائين. 1990ع ۾ واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ اچي مدرسو قائم ڪيائين. جيڪو اڄا تائين قائم آهي. هن مدرسي ۾ 30 طالب علم زيرِ تعليم آهن. مولانا الله بچايو ڪوسو هن وقت حال حيات آهي.

مولانا محمد حسن ڪوسو:

مولانا محمد حسن ڪوسو ولد مينهون خان ڪوسو سال 1271هـ/1854ع ۾ ڳوٺ مينهون ڪوسي تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ سندس والد ڪيس رهڙو شريف تعلقي ميهڙ ۾ مولانا عبدالرحمن جي مدرسي ۾ ويهاريو. جتي عربي، فارسي، تفسير ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪري دستاربند ٿيو. دستاربند ٿيڻ بعد پنهنجي استاد جي اجازت سان درگهه بالا تعلقي جوهي ۾ تالپرن واري مسجد ۾ درس و تدريس جو ڪم جاري رکيائين. ان کان پوءِ درگهه بالا ۾ ئي ڏاهرين واري مسجد ۾ مقرر ٿيو. اتي به مدرسو قائم ڪري ديني علوم سان طالب علمن کي آراسته ڪيو. ڪجهه سالن کان پوءِ مولانا محمد حسن ڪوسو درگهه بالا مدرسي کي چڏي اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو ڪوليو. جتي عربي، فارسي، فقه ۽ تفسير جي تعليم ڏني ويندي هئي.

مولانا محمد حسن کوسي صاحب وٽ ڪيترائي طالب پڙهي ديني علوم جي خدمت ۾ مصروف ٿي ويا. انهن طالب علمن ۾ مولانا دين محمد اتيرو (بگ)، مولوي محمد صالح ٻهر (ڪاڇو)، مولوي علي محمد (چاڪر ڪوٽ)، مولوي محمد سالار ڏاهري (درگهه بالا)، مولوي قيصر خان (راجو ڳنڍيو)، مولوي محمد مغيري (جوهي)، مولوي محمد هاشم انصاري (ڪنڊي)، مولوي گل محمد سيال (ڳوٺ سيال)، مولوي نظر محمد، مولوي محمد صديق گلال (جوهي)، مولوي محمد سلطان مغل (جوهي) ۽ ٻيا شامل آهن.

مولانا محمد حسن کوسو 76 سالن جي ڄمار ۾ سال 1360ھ/1941ع ۾ وفات ڪئي ڪيس ڳوٺ واري مسجد شريف ۾ سان دفن ڪيو ويو. مولانا محمد حسن کوسي جو ونڊو ڪتبخانو هو. جنهن ۾ سنڌي، عربي ۽ فارسيءَ جا ڪيترائي قيمتي نسخ شامل هئا. 1942ع واري ٻوڏ ۾ سندس اهو قيمتي ڪتبخانو پاڻيءَ جي نذر ٿي ويو.

مولانا مير محمد شاهه:

مولانا مير محمد شاهه ولد سيد نبي بخش شاهه سال 1319ھ/ 1901ع تي ڳوٺ پيرل شاهه تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. مولوي مير محمد شاهه پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ سندس والد امينائين واري مدرسي ۾ سيد امير محمد شاهه وٽ ويهاريو. جتان عربي، فارسي، تفسير ۽ فقه جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ ان ئي مدرسي ۾ دستاربندي ٿيو ۽ اُتي ئي استاد مقرر ٿيو. وقت امينائين واري مدرسي ۾ درس و تدريس جو شغل جاري رکيائين. جڏهن سندس والد جو انتقال ٿيو تہ مدرسي کي الوداع چئي، اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. ۽ ڳوٺ ۾ مدرسو قائم ڪري درس و تدريس جو شغل جاري رکيائين. درس و تدريس کان علاوه راج پاڳ جا فيصلا ٻه ڪرڻ لڳو. ڪيترن ئي ماڻهن کي فتوائون ۽ تحريرون جاري ڪري ڏيندو هو. راج پاڳ جي فيصلن سبب سندس واکاڻ ٿيڻ لڳي. ان کري انگريز سرڪار کيس آنريري مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا. مولوي صاحب ان منصب کي ٻه خوش اسلوبيءَ سان نيايو. کيس سياسي، سماجي، ادبي، مذهبي شخصيت طور تي سڃاتو ويو ٿو.

سيد مولانا مير محمد شاهه ڪلمڪ، يار ويس، اوطاقي ماڻهو هو. سندس اوطاق تي سڄو ڏينهن ننگر هلندو هو. پاڻ مهمان نواز هو. سندس دوستن جو وسيع حلقو هو. مولانا سيد مير محمد شاهه ٻه شاديون ڪيون. پهرين گهروارين مان کيس هڪ فرزند سيد دوست محمد شاهه تولد ٿيو. بي گهروارين مان کيس ٻه فرزند ـ سيد محمد شاهه ۽ سيد علي اڪبر شاهه تولد ٿيا. سيد دوست محمد شاهه ۽ سيد محمد شاهه زميندارين پيشي سان منسلڪ آهن. باقي سيد علي اڪبر شاهه محڪمه ورڪشاپ ۾ انجنيئر رهيو جيڪو تازو رٽائر ٿيو آهي.

سيد مير محمد شاهه 1986ع ۾ انتقال ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه ڳوٺ پيرل شاهه ۾ آهي. آخري آرامگاهه سندس اوطاق جي پرسان مسجد لڳ آهي. قبر مٿان مقبرو تعمير ڪيو ويو آهي.

مولانا غلام محمد گرماڻي:

مولانا غلام محمد گرماڻي ولد حاجي علي محمد گرماڻي سال 1930ع ۾ ڳوٺ گرماڻي تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پاڻ مولانا امير محمد شاهه امينائي واري مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتان عربي، فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڪري فارغ تحصيل ٿيو. پاڻ فارغ تحصيل ٿيڻ بعد مختلف مدرسن ۾ ديني علوم جي تعليم ڏيندا رهيو. پاڻ معلم ۽ مدرس هو ۽ تبليغ جو شغل جاري رکيائين. مولانا غلام محمد گرماڻي 22 ـ ڊسمبر 2012ع تي وفات ڪري ويو.

مولانا عبدالرحمان ڀٻر:

مولانا مفتي عبدالرحمان ڀٻر ولد دوست محمد ڀٻر ڳوٺ گل ڀٻر تعلقي جوهي ۾ 1304هجري تي جنمر ورتو پاڻ غريب گهراڻي جو فرد هو سندس والدين ننڍپڻ ۾ انتقال ڪري ويا. انڪري سندس ننڍپڻ بمطابق 1886ع ۾ يتيميءَ ۾ گذريو. يتيم ٿيڻ سبب مال چارڻ لڳو. پڙهڻ جو شوق ننڍپڻ ۾ ئي هئس. ڳوٺ جي نيڪ بخت هڪ عورت ڪيس همٿايو انڪري مولانا غلام حسين دريشاڻي جي مدرسي ۾ داخلا ونڊي قليل عرصي ۾ قرآن شريف ناظره ۽ حفظ مڪمل ڪري پنهنجي استاد جي اجازت سان مولانا محمد قاسم لڌاڻي جي مدرسي ۾ اڇي عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪرڻ لڳو. اتي عربيءَ جا ڪيترائي ڪتاب پڙهيائين. ارادو ڪيائين ته ڪٿي مدرسو کولي درس و تدريس جو شغل جاري ڪريان. ان عرصي دوران ڳوٺ وڳڙ (تعلقي وارهه) جا ڪي نيڪ مرد ڪيس ونڊي ويا. جتي تقريباً 3 سال قرآن شريف، عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏيندو رهيو.

مولانا مفتي عبدالرحمن دوستن جي اسرار تي ۽ زور پرڻ تي ياروديرو ۾ وڃي مدرسي ۾ درس و تدريس جو شغل جاري ڪيو. جتي ٻارهن سال اهو شغل جاري رکيائين. اتان پوءِ ڳوٺ دريشاڻي ۾ اچي اهو سلسلو جاري رکيو. ٻيهر وري تنيا برادريءَ جي ماڻهن ڪيس زور پري ٻيهر ڪيس ياروديرو ونڊي ويا ۽ اتي مولانا صاحب ٽي سال ديني تعليم ڏيندو رهيو. اتان حج جي سعادت حاصل ڪرڻ لاءِ حرمين شريفين ويو. هن سفر ۾ پٽي شريف جو معزز شخص حافظ الهوراڻو جوٽيجو رفيق هئس. جنهن حجاز مقدس ۾ مولانا صاحب تي زور پريو ته هو پٽي شريف ۾ هلي تدريسي خدمتون سرانجام ڏئي. مولانا صاحب هن شرط تي هائوڪار ڪئي ته اوهان ياروديرو جي دوستن کي راضي ڪريو ته پوءِ پٽي شريف اچي سگهبو. حجاز مقدس جي سعادت کان واپس اچي پٽي شريف ۾ ديني خدمتون سرانجام ڏنيون. ۽ 1961ع ۾ وفات ڪئي.

مولانا قاري حاجي محمد جمالي:

مولانا قاري حاجي محمد جمالي ولد حاجي غلام محمد جمالي ڳوٺ بکر جمالي تعلقي جوهيءَ ۾ سال 1927ع ۾ تي جنمر ورتو. پاڻ ننڍڙوئي هو ته ڪيس والدين ڳوٺ ميوو لُنڊ تعلقي دادو ۾ مولانا محمد عثمان لُنڊ وٽ ديني تعليم لاءِ ويهاريو. جتان قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪيائين. اتان پوءِ واپس ڳوٺ بکر جمالي آيو. اتي مشهور ۽ نامور استاد محمد يوسف ڀگهڻي صاحب وٽ فارسي جي تعليم حاصل ڪيائين. ستت ئي پوءِ ڀرگهه بالا تعلقي جوهيءَ ۾ مولانا عبدالله بروهي ۽ مولانا محمد سالار ڏاهري جي مدرسي ۾ فارسي ۽ عربي پڙهيو. ان کان علاوه دادو شهر ۾ مشهور عالم ديندار مولانا محمد سليمان ميمڻ جي ديني مدرسي ۾ داخل ٿيو. جتي عربي ۽ فارسي جي وڏيڪ تعليم حاصل ڪندو رهيو. ان کان پوءِ ٻين مدرسن جن ۾ امينائي شريف، منياڻي خانپور ڪٽورا، حيدرآباد ۽ ڪراچي شامل آهن. اتان تعليم مڪمل ڪري عالم، حديث، فقه، تفسير، علم منطق ۽ ٻين ديني علمن جي تحصيل حاصل ڪري واپس ڳوٺ آيو.

مولانا قاري حاجي محمد جمالي ڪيترن ئي مدرسن ۾ معلم ۽ مدرس جي حيثيت سان فرائض سرانجام ڏيندو رهيو.

مولانا احمد خان جمالي:

اسلامي علوم عربي ۽ فارسي زبان جو اعليٰ پايئه جو عالم مولانا احمد خان جمالي ڳوٺ بکر جمالي تعلقو جوهي ۾ 1934ع ۾ جنمر ورتو. سندس والد جو اسم گرامي حاجي غلام محمد جمالي هو. مولانا صاحب پنهنجي وڏي پٽ

مرحوم حاجي محمد خان ۽ مولوي ولي محمد بٿورائي کان علم جي تحصيل ڪئي. فقه، حديث، تفسير معقول ۽ منقول تي آخوند محمد دائود پٽي سيتائي وٽ مڪمل دست رس حاصل ڪئي ۽ پنهنجي عملي زندگيءَ جي ابتدا پرائمري ٽيچر سان ڪئي ۽ سنڌ جي مختلف حصن ۾ علم ۽ تدريس جا فرائض سرانجام ڏنا. پاڻ عربي ۽ فارسي ۽ بين اسلامي ڪتابن کان علاوه عربي ۽ فارسي ادب جو به گهرو مطالعو ڪيو آهي. ٻئي زبانون رواني سان ڳالهائڻ ۾ ڪيس پورو ملڪو حاصل آهي.

مولانا صاحب هڪ ساده دل ۽ فقير طبع جو مالڪ آهي. هن پنهنجي شعبي ۾ سوين شاگردن کي علم ۽ فضيلت سان مالا مال ڪيو آهي درس و تدريس سان گڏوگڏ وٽس تخليقي جوهر به آهي. سندس به ڪتاب ڪليد فارسي ۽ اغصان العبرت وٽس اڃ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن. جيڪي هن مڪمل صورت ۾ پاڻ تحرير ڪيا آهن.

پاڻ شعري ذوق جو به مالڪ آهي ۽ سنڌي ۽ فارسي زبان ۾ شاعري به ڪئي اٿس. سندس هڪ مشهور فارسي غزل جو مطلع هن ريت آهي:

نهادم سر بکوی تو، اگرچه واقفِ دینم
بگردم باز مست تو، اگر بیزار باکینم.

شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص "منتظر" استعمال ڪندو آهي. موجوده وقت پيرسنيءَ ۾ پنهنجي ڳوٺ بکر جمالي ۾ درس و تدريس جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ويجهي تر ۾ سندس معيار جو عالم ملڻ محال آهي. الله کيس وڌي جمار ڏئي.

❑

اديب ۽ شاعر

شمس الدين 'بلبل'[1]:

شمس الدين 'بلبل' ولد بهادر خان شينو ابڙو 21- فيبروري 1857ع تي ميهڙ ۾ جائو. پاڻ قابل قدر شاعر بينظير نثر نويس ۽ ڪامياب صحافي ٿي گذريو. شمس الدين 'بلبل' جو مائٽاٽو نالو محمد پريل هو. مرشد جي چوڻ تي اهونالو بدلائي شمس الدين رکيو. 'بلبل' سندس تخلص هو.

شمس الدين 'بلبل' جا وڏا اصل پاڪنائڻي بلوچستان جا ويڙل هئا. جتان لڏي اچي فريدآباد ميهڙ ۾ رهيا هئا. هن دستوري تعليم- عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ حاصل ڪري انجينئري ڪاتي ۾ داروغو مقرر ٿيو پر پوءِ سال 1889ع ۾ ڪراچي روانو ٿي ويو جتي خانبهادر حسن علي آفنديءَ سان سندس ملاقات ٿي. جنهن کيس "معاون الاسلام" اخبار جو ايڊيٽر ڪري رکيو. اخبار جي ايڊيٽريءَ واري زماني ۾ سندس لکيل ظريفانه ۽ فلسفيانه مضمون سڄيءَ سنڌ ۾ وڏا پسند ڪيا ويا. دراصل هن اديب جي لکڻي ئي سنڌي نثر ۾ انقلاب آندو. 'سنڌ مدرسة الاسلام' جي باني خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي چوڻ تي محمدن ايسوسيئيشن ۾ هن تمام گهڻي علمي ۽ ادبي خدمت ڪئي.

'بلبل' لاءِ مشهور آهي ته پاڻ جڏهن ڪراچيءَ ۾ رهندو هو تڏهن هن جي هڪ پارسي چوڪريءَ سان محبت ٿي وئي. جنهن جو نالو 'گل' هو. اُن نسبت سان شاعريءَ ۾ هن 'بلبل' جو تخلص رکيو. چو ته 'گل' ۽ 'بلبل' جو رشتو ئي پياروٽئي ٿو. بلبل پوءِ اُن چوڪريءَ کي ميهڙ ۾ وڃي اچي شادي ڪئي.

شمس الدين 'بلبل' کي سنڌ جو حالي به سڏيندا آهن. اهو انڪري جو هن مولانا حالي وانگر نثر توڙي نظر جي ذريعي "سنڌ جي سر سيد"، يعني حسن علي آفندي جي مدد ڪئي. 'بلبل' پنهنجي ناصحانه ڪلام ذريعي مسلمانن کي اخلاق جي وات وڻي هلڻ جو سبق ڏنو. سندس ڏنل تعليم ۾ انسانيت، وطنيت، قوميت، اورچائي، سرويچي ۽ سوريهائي جي درس ڏيڻ سان گڏ عمل ۽ جاکوڙ جي اپٽار ڪيل آهي.

حسن علي آفنديءَ جي وفات کان پوءِ 'بلبل' صاحب ڪجهه وقت لاڙڪاڻي جي اخبار "خيرخواهه" ۽ حيدرآباد جي اخبار "مسافر" جو ايڊيٽر ٿي رهيو ۽ آخر ۾ سکر مان "آفتاب" اخبار سندس ادارت ۾ جاري ٿي. هن اخبار ذريعي "بلبل" عيسائين جا دليل رد ڪيا ۽ مزاحيه ڪالمن ذريعي عيسائين جا چوڻا لاٽا. جو اُن وقت سکر شهر جي چؤڪن تي عيسائي پادري پوليس جي پهرن ۾ پنهنجي مذهب جي پرچار ڪندا هئا.

'بلبل' 1906ع تي ميهڙ ۾ 'مدرسة السلام' جو بنياد وڌو. جيڪو پوءِ مڊل اسڪول ۽ 1934ع ۾ هاءِ اسڪول جي درجي تي پهتو. شمس الدين 'بلبل' تمام گهڻو ڪلام چيو آهي. سندس ديوان به ڇپيل آهي ۽ ٻيو رهيل ڪلام ورڻ "ڪلامِ بلبل" جي نالي سان سنڌي ادبي بورڊ سال 1969ع ۾ ڇپرايو. سندس مشهور تصنيفون هن طرح آهن:(1) ديوان بلبل، (2) ڪريما نيچرل، (3) رحيما ما مقيما، (4) قلندر جو ميلو، (5) جهٽ سوال پٽ جواب، (6) ڪلياتِ بلبل، (7) مزاحيات بلبل، (8) جامِ جم، (9) بهارِ عشق، (10) آئينه تجارت، (11) بخت بازي، (12) انگريز ۽ مسلمان، (13) مداءِ سرور، (14) احسن التواريخ وغيره.

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو

هن صاحبِ طرز اهلِ قلم جدتِ طراز شاعر، صحافي، قومي ڪارڪن ۽ باڪمال طنز گو شاعر 13 ـ سيپٽمبر 1919ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه ميهڙ شهر ۾ آهي.

ضياءالدين "ضياء" ايس. بلبل[1]:

رئيس ضياءالدين 'ضياء' ولد شمس الدين "بلبل" 15 ـ ڊسمبر 1910ع تي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ مشهور شاعر، اديب، صحافي ۽ وڪيل ٿي گذريو آهي. 9 سالن جي ڄمار ۾ سندس والد بزرگوار جي وفات ٿيڻ کان پوءِ 'ضياء' جي تعليم ۽ تربيت جو بار مولانا غلام سوير نالي هڪ بزرگ جي ڪلهن تي آيو. جيڪو رئيس شمس الدين جو صحبتي ۽ وٽس رهندو هو.

رئيس ضياء الدين 'ضياء' ابتدائي تعليم ميهڙ ۾ حاصل ڪئي. مٽرڪ جو امتحان 1931ع ۾ لاڙڪاڻي مان پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ علي گڙهه مسلم يونيورسٽي ۾ داخل ٿيو جتي آگسٽ 1931ع کان 1938ع دوران بي.اي ايم.اي ۽ ايل.ايل.بي جا امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪري وطن واپس آيو. هن ايم.اي فلسفي ۾ ڪئي هئي. علي گڙهه يونيورسٽيءَ ۾ سندس فلسفي جو استاد عالمي شهرت يافته فلسفي ڊاڪٽر ظفرالحسن هو. اهوئي سبب آهي جو ضياء جي تحريرن ۽ تقريرن تي آخر تائين فلسفيانه اثر قائم رهيو.

تعليم مڪمل ڪري ڪاڻ پوءِ رئيس ضياء پهريان ڪجهه سال ميهڙ ۾ وڪالت جي پريڪٽس شروع ڪئي ۽ گڏوگڏ ادبي سرگرمين ۾ پڻ حصو ونڊ لاءِ عالمن، اديبن ۽ عارفن جي صحبت ۾ گذارڻ لڳو. انهن سان دوران عملي مشاهدي ۽ وسيع مطالعي سبب سندس شاعراڻه طبع ۾ هڪ قسم جو نئين سر ذوق پيدا ٿيو ۽ پاڻ پنهنجي والد جي نسبت سان "بزمِ بلبل" قائم ڪيائين. هن بزم جي مشاعرن ۾ سنڌ جا وڏا وڏا عالم ۽ شاعر شرڪت ڪندا رهيا، جن ۾ طرحي ۽ غير طرحي ڪلام پيش ڪيو ويندو هو.

رئيس ضياء 1943ع ۾ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. بعد ۾ دادوءَ ۾ اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ پوءِ 1953ع ۾ ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو. 1957ع ۾ سرڪاري ملازمت ڇڏي وڪالت شروع ڪيائين ۽ دادو جي سرهيه پاڙي ۾ مستقل طور رهائش اختيار ڪيائين ۽ زمينن سنياليڻ جو بار پنهنجي ننڍي پٽ نظام الدين جي حوالي ڪيائين.

رئيس ضياء ملازمت ۽ بين مصروفيتن سان گڏ ادبي خدمتن کي به جاري رکيو. ڪيئي تحقيقي مضمون، مقالا، ڪتاب ۽ ادبي خط لکيائين. سندس لکڻيون ان وقت جي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ مخفي تخلص "سيار سنڌ"، فرضي نالي "پروفيسر بي استاد" ۽ حقيقي نالي سان شايع ٿينديون رهيون. ڪيس انگريزي زبان ۾ مهارت حاصل هئي. انگريزيءَ ۾ لکيل سندس مضمون ۽ مقالا لنڊن جي اخبارن ۾ پڻ ڇپجندا هئا، جن مان ڪجهه سندس وارثن وٽ محفوظ آهن. هن اٽڪل 20 ڪن ڪتاب لکيا، جن مان تحفه ميهڙ، خطبه ضياء، ضياءالقلندر ۽ قرب قلندر ڇپيل آهن.

هن دادو مان هڪ هفتيوار اخبار 'تنظيم عوام' جي نالي سان جاري ڪئي. ان کان سواءِ پاڻ ماهوار "اديب سنڌ" جو ايڊيٽر "انجمن آفتاب ادب" دادو جو نائب صدر ۽ بار ايسوسيئيشن ميهڙ ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن دادو جو صدر به رهيو.

رئيس ضياء الدين 'ضياء' ايس. بلبل 16 ـ سيپٽمبر 1966ع تي دادوءَ ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس ميهڙ ۾ والد بزرگوار جي پير ۾ دفنايو ويو.

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

غلام محمد "گرامي"[1]:

گرامي صاحب سنڌي ادب جي تاريخ ۾ پنهنجي علمي ۽ ادبي خدمت ۽ فڪر و نظر جي تنوع جي حيثيت سان خاص مقام حاصل ڪيو. پير علي محمد راشدي جي لفظن ۾:

"جنهن هولي‌ءَ ۾ هن قسم جو قلم آهي اها هولي نه مرندي!"

سندس تحريرن جو دفتر ايڏو ته منتشر آهي جو ڪير سهيڙي ۽ ڪير پڙهي؟ فڪر و نظر جي حيثيت سان فڪ انگيز ۽ انقلابي نظريات جو حامل ۽ جديد کان جديد ترين خيالات جو عالم ۽ مبلغ. علم ۽ فن جي هر موضوع سان وابستہ ۽ دينيات، تصوف، فلسفي، سياست، تنقيد، ادب، تاريخ ۽ شاعري‌ءَ کان ويندي راڳ تائين سندس ناقدانہ نگاھ خيالات ۽ نظريات جو تنوع ۽ هم گيري ان حد تائين جو:

زاهدِ تنگ نظر نے مجھے کافر جانا
اور کافر یہ سمجھتا ہے مسلمان ہوں میں!

جو مصداق. سندس انقلاب آفرين تحريرن سان اختلاف ڪندي نہ فقط ڪتابن جا ڪتاب لکيا ويا آهن، پر مضمونن جا سلسلا هلايا ويا آهن ۽ سوين قسطون لکيون ويون آهن. ان کان سواءِ ڪيس 'فتوائن' سان بہ نوازيو ويو - پر پاڻ پنهنجي نصب العين ۽ فڪر و نظر تان تِر جيترو بہ نہ هٽيو. سندس چوڻ هو تہ "مقصد، تحقيق ۽ تصديق جي اهڙي مقام تي پهچڻ گهرجي، جتي هماليہ هتي سگهي تہ پلي هتي، باقي پنهنجي عقيدي ۾ ڪوبہ فرق نہ اچڻ گهرجي."

سنڌي ادب ۾ سندس اسلوب تحرير ۽ انداز بيان، پنهنجي حسن ۽ زيبائش جي سببان انفرادي مقام پيدا ڪيو. انداز بيان جي ندرت ۽ افراديت ايتري تہ نمايان آهي، جو سندس تحرير تي پلي سندس نالو نہ هجي، ان هوندي بہ هر ڪو پڙهندڙ سمجهي وڃي ٿو تہ هي‌ءَ تحرير ڪنهن جي آهي.

سندس طرز نگارش ۾ صوري ۽ معنوي حسن ۽ لطافت آهي. ائين چوڻ ۾ ڪوبہ مبالغو نہ آهي تہ سندس طرز نگارش شاعرانہ آهي. گرامي صاحب نثر ۾ بہ شاعري ڪندو هو. سندس تحريرن ۾ خوبصورت ۽ حسين تشبيهون، حسين ۽ دلنشين استعارا، لطيف ۽ معنيٰ خيز ڪنايا، بي ساخته ۽ پخته ترڪيبون، برجسته ۽ روح پرور جملا ملن ٿا، جو هوند شاعري‌ءَ لاءِ استعمال ڪري سگهجن. سندس تحرير ۾ توازن ۽ تسلسل رهندو هو جنهن ۾ نظر جي رواني ۽ غزا جي ترنم ريزي محسوس ٿئي ٿي. گرامي صاحب 'مهراڻ' لاءِ گذارشون لکيون اهي 'ادب عاليہ' جو اعليٰ مثال آهن. علم، فن جي گهٽوڪري هر مسئلي تي بحث ڪيائين. انداز بيان ۽ اسلوب تحرير اهڙو حسين ۽ دلنشين، ولولہ انگيز ۽ جاذب نگاھ هو جو افساني ۽ ڊرامي ناول ۽ ڪهاڻي‌ءَ کان بہ وڌيڪ دلڪش ۽ روح آفرين محسوس ٿيندو هو. سندس تحرير فڪر انگيز خيال بہ آهي، صوري تناسب بہ آهي، منطقي توازن بہ آهي، دليل جي پختگي بہ آهي، نتيجي جي صحت آهي ۽ بيپناھ رواني ۽ برجستگي بہ آهي. سندس تحرير جي خصوصيت، جا پڙهندڙ کي متوجهہ ٿي ڪري، سا استعارات ۽ تشبيهات، اشارت ۽ ڪنايات، تلميحات ۽ تمثيلات جي ڪثرت ۽ فراواني ۽ ان جي ظاهري حسن سان گ معنوي حسن بہ آهي، جنهن ۾ دلبري ۽ دلاويزي، دلڪشي ۽ دلفريبي موجود آهي. سندس نظريات ۽ خيالات سان اختلاف رکندڙ بہ سندس حسن بيان کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهي.

---

[1] راج محمد پلي- تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو بيون) سنڌي ادبي بورڊ، چام شورو 1992ع

ٻيو ته سنڌس تحرير جذبات انگيز لفاظيءَ توڙي لفظن جي طلسم انگيزيءَ تي مشتمل نظر ايندي پڙهندڙ هڪ معنوي روح محسوس ڪندو جو لفظن جي حسن ۽ تناسب جي لباس ۾ نظر ايندو. اسان وٽ اردوءَ ۾ مولانا 'آزاد' جو نثر ان معيار جو موجود آهي جنهن اڳيان شاعري به هيچ آهي. بقول حسرت موهاني:

جب سے دیکھی ابوالکلام کی نثر،
نظم حسرت میں کچھ مزہ نہ رہا۔

خيالات جي تنوع ۽ رنگينيءَ ۾ مقصد ڏانهن جا دعوت آهي. اها سنڌس وسيع مطالعي ۽ تجربي جي پيداوار هئي. چالاءِ ته سنڌس نظر ۾ زندگي ظاهري به هئي ۽ معنوي به مذهبي به هئي ۽ روحاني به هئي. هن ذڪر ۽ فڪر سان گڏ سوز و ساز سنڌس خيال انگيز دنيا کي رنگين به بنايو آهي ۽ حسين به سنڌس خيالات ۾ روميءَ جو سوز و ساز به آهي ۽ رازيءَ جو پيچ و تاب به آهي. لطيف جي وجد انگيزي به آهي ۽ سچل جي سرمستي به آهي. بهرحال سنڌس شعاري نظر ۽ غزل کان وڌيڪ 'فڪر ۽ خيال' جي آهي ـ اها نثر ۾ موجود آهي. سنڌس عبارت ۾ نظر جو تسلسل ۽ بندش ۽ غزل جو ترنم آهي. جملي کان پوءِ ايندو ٻيو جملو ائين معلوم ٿيندو جيئن آبشار جو صاف ۽ شفاف پاڻي پنهنجي خوش رفتاريءَ سان روان ۽ دوان هجي. اها آهي سنڌس "شاعري"! باقي رهي سوانح حيات، اها مختصر هن ريت آهي:

نالو: غلام محمد 'گرامي' بلوچ. والد جو نالو جاڙو خان بلوچ. ولادت: ميهڙ ۾ 30 ـ ڊسمبر 1920ع. تعليم: ڪنهن به اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ نه ورتل. جو ڪجهه به ونس هو اهو ذاتي مطالعي، تجسس، تلاش، مشاهدي ۽ تجربي ۽ صحبت سان پيدا ٿيل هو.

سنڌس وڏن مان خاندان جو پريو مڙس برادي خان اول، شورڙ ـ چوٽي ديري غازي خان مان آيو ۽ 1840ع ڌاري ميرن جي ڏنل جاگير ڊگهه بالا (ضلعي دادو) ۾ رهيو ۽ اتي جي لغارين سان متي ماٽي ڪيائين. ممڪن آهي ته اها جاگير ماٽڪاڻي ميرن وٽان مليل هجي. جي به ڊگهه بالا ۾ رهندا هئا ۽ پوءِ ميرپور خاص ڏي آيا. خانه جنگيءَ ڪري اهو سارو خاندان منتشر ٿي ويو ۽ لاڙڪاڻي، ميهڙ ۽ قنبر تائين وڃي نڪتا. اڄ انهن زمينن تي سنڌس ڪي عزيز ۽ ٿر جا مشهور زميندار قابض آهن.

سنڌس وڏن جو ڪٽنب هن طرح آهي: جاڙو خان بن ماهي خان بن شهداد خان بن مراد خان بن برادي خان اول.

ماهي خان کي هي اولاد ٿيو: لونگ خان ۽ جاڙو خان ۽ ٽي نياڻيون. وڏي نياڻي پنهنجي خاندان ۾ پريل خان لغاريءَ کي ڏني وئي. ٻي نياڻي ٻٽ سراين (ميهڙ) ۾ بخاري سادات ۾ ڏنل هئي ۽ ٽين نياڻي به ساڳئي شهر ۾ قريشي خاندان ۾ ڏنل هئي. ٽنهي جو اولاد موجود آهي.

هن خاندان جا باقي مانده عزيز هن وقت جوهي، ڊگهه بالا، پٽ گل محمد، هيرو خان جمالي، ميهڙ، قنبر ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهن ٿا. ڊگهه بالا مان آيل هڪ شاخ جهڏي (ٿرپارڪر) جي پرسان آباد آهي سي اثنا عشري شيعا آهن ۽ پنهنجا ڳوٺ اٽن.

شادي: سنڌس شادي 1936ع ۾ سنڌس استاد بزرگن استاد العلماء حضرت مولانا عبدالڪريم ديروي رحـ ۽ جناب سيد حاجي علي اڪبر شاهه صاحب، ۽ رئيس ڪالي خان لغاري، رئيس غلام علي لغاري، حاجي عبدالمجيد جتوئي ايم. ايل. اي مرحوم ۽ رئيس ضياءالدين اي 'بلبل' مرحوم جي ڪوششن سان ٻٽن سراين جي قريشين مان سنڌس پڦاٽ سان ٿي. نڪاح خود شاهه صاحب پڙهايو ۽ ميهڙ شهر جي سڀني عالمن ۽ ديندارن، دوستن ۽ عزيزن شرڪت ڪئي.

اولاد: امان الله قريشي اڳ جائو فرزند، جنهن جي والد علي محمد مرحوم جي وفات تي چار سال عمر هئي. ان جي پرورش ڪيائين. ڪاليج ۾ پڙهي ٿو ۽ روزانه "هلال پاڪستان" ۾ ڪم ڪري ٿو. ٻيو پٽ محمد شبير اٽس ۽ به نياڻيون رضيه ۽ ممتاز اٽس.

ناناڻا: سندس ناناڻا پلي ۽ پوٽا خاندان مان آهن. ان خاندان مان مشهور درويش رحيم فقير پلي ۽ پوتي (مائٽي تعلقو ميهڙ) جي نياڻي ۽ (وفات 1967ع) مان گرامي صاحب پيدا ٿيو. ڪيس ٻيا ٻائر ۽ ٻيئر هن ريت آهن: علي محمد ۽ غلام رسول. غلام حسين. مائي بصران ۽ مائي عائشه وفات ڪري چڪا آهن.

حيدرآباد ۾ اچڻ: گرامي صاحب حيدرآباد ۾ 1943ع ۾ جامع عربيه تحريڪ ۾ آيو. ان کان پوءِ هت هيمشه لاءِ رهيو. 1951ع کان 1954ع تائين ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ فارسي جو استاد رهيو.

صحافت: 1943ع کان قلمي ۽ صحافي زندگيءَ جو آغاز 'هلال پاڪستان' جي افتتاح سان ڪيائين. ۽ 'عبرت' جي ٻئي دور ۾ ڪالم نويس رهيو. ان سلسلي ۾ رساله 'آفتاب' ڪراچي. 'عرفان لطيف' حيدرآباد 'پاسبان' هالا. 'الزمان' هالا ۽ 'ترجمان' ميرپور خاص جو ايڊيٽر رهيو. 1955ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ" ۾ آيو ۽ رسالي 'مهراڻ' جو مئنيجنگ ايڊيٽر مقرر ٿيو. 56_1957ع ۾ 'شاعر' حيدرآباد جو ايڊيٽر ٿيو. 1958ع کان 'مهراڻ' رسالي جو ايڊيٽر رهيو[1]. ان طرح سڄي عمر ادب ۽ صحافت سان وابسته رهيو. سندس تعلقات جو سلسلو وسيع آهي. مخدوم محمد زمان صاحب 'طالب المولا' سان محبت ۽ عقيدت وارو تعلق هوس. ان طرح تاجپور جي نوابن. خاص طرح نواب نور احمد خان لغاري ۽ ٻين سان سزيزن وانگر تعلقات هئس. هيءُ سنڌ جو اعليٰ پايي جو اديب محقق 15_ سيپٽمبر 1976ع تي وفات ڪري ويو.

مخدوم عبدالمجيد فيروز شاهي مرحوم[2]:

هيءُ بزرگ. علامه عطاءُ الله فيروز شاهيءَ جو ڏاڏو هو. مخدوم صاحب ننڍيءَ عمر ۾ ئي يتيم ٿي پيو. ان زماني ۾ مولانا محمد صادق ڳڇيري (تعلقو مورو) وارو انهيءَ ڳوٺ ۾ آيو. شايد مير صاحبن جو ملازم هويا ڪو ٻيو ڏندو ڪندڙ هو. بهرحال مخدوم عبدالمجيد جي پرورش ڪندڙ ڪيس پڙهڻ لاءِ مولانا محمد صادق جي حوالي ڪيو. مخدوم صاحب ڳڇيري ۾ مولانا موصوف وٽ فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم نحو تائين حاصل ڪئي. انهيءَ وقت ۾ مولوي صاحب وٽ سندس سبقن ۾ ناغا پوڻ لڳا. تنهنڪري مولوي صاحب کان رخصت گهرائين. جنهن تي مولوي صاحب ڪيس تنبيهه ڪئي ۽ رخصت نه ڏني.

مولوي محمد صادق صاحب کي خواب ۾ ڪنهن مماتي واري بزرگ (غالباً سيدنا عبدالقادر) فرمايو ته هن (مخدوم عبدالمجيد) کي اجازت ڏي ته ڪٽي وڃي پڙهي. انهيءَ خواب کان پوءِ مولانا محمد صادق هن کي اجازت به ڏني ۽ هڪ روپيو راهه خرچ طور ۽ هڪ چادر ڏني. مخدوم صاحب ان کان پوءِ مٽيارين ڏانهن رخ ڪيو. ان زماني ۾ مولانا محمد عثمان شهيد متعلوي، جو مدرسو برڪ هو. ان ڪري وٽس آيو. جڏهن مولانا محمد عثمان کيس ڏٺو تڏهن چيائين ته "بابا! دير سان آيو آهين. تنهنجي لاءِ ته اڳيئي مون کي سفارش ٿيل آهي!" پوءِ هن بزرگ. مخدوم صاحب کي شفقت سان پڙهايو ۽ پنهنجو خاص خادم ڪيو. آخر فارغ التحصيل عالم ٿيو. انهيءَ زماني ۾ مٽيارين ۾ 'الهه بندو' نالي هڪ فقير

---

[1] مولانا غلام محمد گرامي 15_ سيپٽمبر 1976ع ۾ لاڏاٽو ڪري ويو. وصيت مطابق ڪيس ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي مقبري جي پرسان دفنايو ويو. (ايڊيٽر)

[2] مهراڻ "سوانح نمبر" تان ورتل (ايڊيٽر).

هوندو هو جنهن مخدوم عبدالمجيد کي چيو ته "بابا! هڪ هوا لڳندي، ان مان توکي سِلهه ٿيندي، جنهن مان جانبر ٿي نه سگهندين." خدا جي قدرت ٿيو برائين.

جڏهن مخدوم صاحب گچيري ۾ پڙهندو هو تڏهن ان وقت جو ڪنيارين وارو بزرگ اتي آيو. ان وقت مولانا عبدالمجيد "هداية النحو" پڙهندو هو. ڪنيارين واري بزرگ اول پنهنجي صاحبزادي کان کو قاعدو پچيو يا ڪتاب مان کو مڪان هو جنهن جو جواب صاحبزادي کي نه آيو. ان کان پوءِ مولانا عبدالمجيد کان پچيائين، جنهن جواب صحيح عرض ڪيو. ان تي بزرگ فرمايو ته "ذالک فضل الله يؤتيه من يشاء". ـ(اهو الله جو فضل آهي، وٽيس تنهن کي ڏئي).

دستاربنديءَ بعد مخدوم صاحب ڳوٺ فيروز شاهه جي پرسان ٻن ميلن پنڌ تي "ناري" نالي هڪ ڳوٺ ۾ جتي سادات عظام رهندا آهن، انهن کي پڙهائڻ لاءِ مدرسو کوليو. فيروز شاهه ۽ ناري جي وچ ۾ ان زماني ۾ رستي جي ٻنهي پاسن سخت جهنگ هوندو هو. مگر مولانا عبدالمجيد هر جمعي جي رات پنهنجي ڏاڏي مخدوم عبدالله پيروج جي مزار تي ايندو هو ۽ چاليهه دفعا ياسين شريف پڙهندو هو. تلاوت جي دوران ۾ هڪ ڪاريهر نانگ به ظاهر ٿي ويهندو هو مگر هي بزرگ بنا هراس جي ورد پورو ڪري ناري ڳوٺ ڏانهن موٽي ايندو هو. سندس پٽ ميان خير محمد به وٽس عالم ٿيو. باقي سندس ٻين شاگردن جو علم نه آهي.

آباديءَ جي ڏينهن ۾ جبل ۽ ڪاڇي جا مالدار ڳوٺ فيروز شاهه ۾ سانگ تي ايندا هئا. هڪ مسافر جوڙين يا ڪرين جو ڏڻ چورائجي يا وڃائجي ويو. اُن ماڻهن کي چيو ته مون کي ڪنهن مماتي واري بزرگ جو ڏس ڏيو ته اتي وڃي هن مشڪل لاءِ دعا گهران. جيئن ته هن کي "حضرت پيروج" جو پتو ڏنائون. تنهنڪري اهو مسافر "پيروج" جي بجاءِ وڃي مخدوم عبدالمجيد جي تربت تي دعا گهرڻ لڳو ۽ سمهي پيو. خواب ۾ مخدوم عبدالمجيد چيس ته "منهنجو شاگرد فقير محمد عيسيٰ ڪلهوڙو اڳهماڻين جي ڳوٺ ۾ آهي. ان کي وڃي منهنجا سلام ڏي ۽ هيءَ احوال ڪرينس. ته توکي ڏڻ هٽ ڪري ڏيندو". جڏهن شاگرد کي مماتي واري استاد جا سلام مليا ته وجد ۾ ٻڌجي ويو ۽ انهيءَ مسافر کي ڏڻ هٽ ڪري ڏنائين. مرحوم مخدوم صاحب جي جمڙ ۽ وفات جي سال بابت کا به پڪي خبر ملي نه سگهي آهي. پر هو ٻارهين صديءَ جي آخر ۽ تيرهين صدي هجريءَ جي اوائل جو بزرگ هو.

مرحوم مولانا محمد اسماعيل سومرو فيروزشاهي[1]:

مولانا صاحب فيروزشاهه جي پرسان ميل ڏيڍ پنڌ تي "تنيا" نالي هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. اتي ئي جائو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. پيروج جي مقام ۾ آرامي آهي. جمڙ جي سال جي خبر نه آهي. باقي وفات جي تاريخ 19 محرم الحرام 1336 هـ آهي.

مرحوم نهايت ئي غريب هو. جيتوڻيڪ سندس والدين کي ڪمائيءَ مان هن جي پڙهائيءَ تي خرچ ڪرڻ جي توفيق ڪانه هئي، پر هنن مولانا جو ذهن ۽ علم ڏانهن لاڙو پروڙي، ڪيس مدرسي فيروزشاهي ۾ پڙهڻ لاءِ ڇڏيو. جتي هو محنت سان پڙهڻ کي لڳي ويو. آخر ڪار فارسي ۽ عربيءَ ۾ مولانا عطاءالله کان عبور حاصل ڪيائين. ايڏا دستاربندي ڪانه ٿي هئي، مگر ڪتاب نصاب وارا سڀ پڙهيا هئائين. ته سندس استاد رحلت ڪري ويو. تنهنڪري دستاربنديءَ جي رسم مولانا عبدالرحمان مرحوم وٽ ڪيائين.

مولانا صاحب درسيات پڙهائڻ جو قابل مدرس هو ۽ فارسيءَ جي انشاءپردازيءَ ۾ استاد جو رنگ حاصل هوس.

---

[1] مولانا دين محمد "اديب"ـ ٽماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

فارغ التحصيل ٿيڻ بعد، اول اول پياري ڳوٺ اسٽيشن جي پرسان درويشاڻن جي ڳوٺ ۾ مولوي غلام حسين کي پڙهائڻ وينو. اتي عربيءَ جا تمام گهڻا شاگرد وٽس پڙهندا هئا. فراغت کان پوءِ فيروزشاهه جي نزديڪ سوپي خان مگسيءَ جي ڳوٺ ۾ مدرسو جاري ڪيائين. جيئن ته هو مشهور فاضل هو ان ڪري وٽس تمام گهڻا شاگرد پڙهيا، جن مان مشهور هي آهن: (1) مولوي غلام حسين درويشاڻي پنهور، (2) مولوي محمد چنو ساڪن جبيرجي، ضلعو دادو، (3) مولوي محمد ڳوٺ پان ضلعو دادو، (4) مولوي نور محمد ڪلهوڙو دادو، (5) مولوي محمد قاسم پنهور، تعلقو دادو، (6) مولوي محمد قاسم لانگاهه ۽ (7) مولوي محمد هاشم لانگاهه واعظ (ٻئي پائر) ويڙل رڪ، (8) مولوي محمد يوسف ڳوٺ بخش لاکير ميهڙ ۽ (9) مولوي فيض محمد سيال ويڙل لنڊو شهبازي سيوهڻ.

علامه حاجي عطاءُ الله مرحوم فيروز شاهي[1]:

مولانا حاجي عطاءُ الله جن جي نسب جو سلسلو حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني قدس سره جي خليفه پيروج سان ملي ٿو. مولانا صاحب جن ڳوٺ فيروز شاهي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم فيروز شاهه ۾ پنهنجي والد مولانا خير محمد وٽ ورتائين. مولانا عبدالرؤف مورائيءَ وٽ "شرح جامي" تائين پڙهيو ۽ حضرت مولانا نور محمد ۽ مولانا گل محمد شهدادڪوٽيءَ وٽ دستار فضيلت ٻڌائين. مولوي محمد صديق سنڌن شاگرد جي روايت آهي ته ٻه سال موري ۾ پڙهيا، ۽ انهيءَ وچ ۾ ڳوٺ ڪونه آيا. شهدادڪوٽ ويندي، نئين ڳوٺ جي پتڻ کان درياءَ عبور ڪيائون. فيروز شاهه انهيءَ مقام کان چار ميل پري هو ان هوندي به ڳوٺ والدين جي زيارت تي نه آيا ۽ سڌو شهدادڪوٽ هليا ويا. اتي ساندهه ٻه سال پڙهي تحصيل ڪيائون. سنڌن همدرس مولانا حسن الله صاحب پاڻائي هو پر هو شادي واسطي ڪجهه ڪتاب رهائي، اڳي ئي دستاربندي ڪري ويو. مولانا صاحب سارو نصاب پورو ڪري، پوءِ دستاربندي ڪئي. سنڌن استاد ڪين ڏاجي ۽ حاجي حامد الله صاحب ميمڻ ٻيلي وارو (جو پڻ شهدادڪوٽ پڙهندو هو) ڏنو. مولانا حاجي حامد الله تمام ذڪي هو. وڏن ڪتابن جي مشڪل مقامات ۾ سندس تشفي نه ٿي ان ڪري فيروز شاهه مان موڪلائي وري شهدادڪوٽ ۽ سڪر پڙهڻ ويو. اتي جو حال ڏسي، وري فيروز شاهه آيو ۽ چيائين ته "مولانا فيروز شاهيءَ کان وڌيڪ کو به تشفي ڏيئي نه سگهيو."

مولانا عطاءُ الله ڏينهن جو پڙهائيندو هو ۽ رات جو عبادت ڪندو هو. سنڌن زبان وات ويندي به ذڪر خدا ۾ مشغول هوندي هئي. "ايّاڪ نعبد و اياک نستعين" گهڻو پڙهندو هو. سنڌن دستاربند شاگرد اتڪل به درجن آهن، جن مان پهريون مولانا حامد الله صاحب ۽ پويون مولانا محمد اسماعيل سومرو آهي. انهن ٻنهي بزرگن خوب پڙهايو ۽ وٽائٽن بيشمار شاگرد دستاربندي ڪري نڪتا. سنڌن شاگردن مان ميان محمد آگرو به نهايت فياض ۽ متقي هو. مولانا چوندو هو ته "جي ادب کي صورت هجي ها، ته ميان محمد جي شڪل اختيار ڪري ها". مولانا صاحب مقبول دعا ۽ صاحب همت هو. سنڌن مقبول دعائون مشهور آهن. هڪ دفعي باراني نماز پڙهائڻ سان ايترو مينهن وٺو جو واهه وهي هليا! درياءِ فيروز شاهه کي پاتو ٿئي: شهر لڏي ويو مگر مولانا نه لڏيو ـ ۽ آخر درياءَ چڏي ويو!

مولوي محمد صديق هڪ خط ۾ مون کي لکيو ته مولانا صاحب پاڻ چوندا هئا ته "منهنجي عمر نبوي عمر جيتري ٿي چڪي آهي." پاڻ صاحبِ ڪشف هوندا هئا. چوندا هئا ته "مخدوم پيروج جي مزار تي وڃي، آءٌ آساني سان مشڪل ڪم حل ڪري اچان ٿو."

---

[1] مولانا دين محمد "اديب" ـ تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

سندن ڳوٺ ۾ ٻڌو مڪ نمازي شخص هوندو هو. اهو مري ويو تہ ان جي قبر تي وڃي چيائون تہ "ٻڌو مغفور آهي!" اهي لفظ تمام تعجب سان چئي رهيا هئا. ڪين عرب مسافرن سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. عرب هفتن جا هفتا سندن محبت ڪري وٽن رهندا هئا. ڪائن پڇيو ويو تہ "عربن سان ايتري محبت ڪرڻ جو سبب؟" چيائون تہ "اهي شينهن جا پٽ آهن — سندن خدمت نہ ڪرڻ ڪري متان شينهن ناراض ٿئي!"

پاڻ صاحبِ سوز هئا. سماع سان گهڻي محبت هوندي هئن. مولوي محمد هاشم صاحب خطيب جامع مسجد نوابشاهہ جو وٽن پڙهيو هو سو چوي ٿو تہ "تهجد جي وقت مون کي اٺاريندا هئا. پاڻ نماز ۾ مشغول هوندا هئا ۽ آڳ غزل چوندو هوس. مون کي ننڊ وڻي ويندي هئي تہ وري مون کي جاڳائيندا هئا".

ڪين آخري عمر ۾ آڳر ۾ ننائو نڪتو ان جي علاج لاءِ دادو ويا هئا. ڪين ڏاڍي تڪليف هئي. اتي بہ مولوي حاجي محمد هاشم ساڻن گڏ هو. آخر انهيءَ بيماريءَ مان جانبر نہ ٿيا. ۽ 16 رجب المرجب 1325هـ جان جان آفرين جي سپرد ڪيائون. سندن مزار تي هڪ ڪوٺهيل آهي.

مولوي هدايت الله هالائيءَ سندن وفات بابت فارسيءَ ۾ قطعہ تاريخ لکيو. ۽ پنهنجي هٿ سان ڪاشيءَ جي سر تي منقش ڪري قبر تي چسپان ڪيائين. مولوي هدايت الله صاحب سندن تاريخ جو مادو "مغفره" (1325) ڪڍيو آهي. ۽ مون بنده (دين محمد "اديب") سال وفات "تذڪره" (1325) ڪڍيو آهي.

مولانا صاحب کي نرينو اولاد ڪونہ ٻڇيو. سندن هڪ نياڻي هئي. جنهن سان مولانا عبدالرحمان جو پوءِ نڪاح ٿيو. انهن جو بہ اولاد ڪونہ ٻڇيو. مولانا مرحوم کي ظاهري حسن بہ هو. ۽ ان سان گڏ منجهن جاهہ باطني ۽ رعب يزداني بہ هو. وٽن وڏا آفيسر بہ هيٺ اچي ويهندا هئا. پاڻ صاحبِ ڪرامت بہ هئا.

مولانا مرحوم جا بيشمار شاگرد هئا. جن مان هينين جا نالا قابل ذڪر آهن: (1) مولانا حاجي حامد الله صاحب ميمڻ ڳوٺ ٻيلو تعلقو سجاول. نٽو. (2) مولانا مولوي احمد صاحب ڏاهري. ڳوٺ ڪرمپور. تعلقو سيوهڻ. (3) مولوي حزب الله هالاڻي وارو. (4) مولوي سرائي الله ڏتو صاحب. تنڊو شهبازي. تعلقو سيوهڻ. (5) مولوي محمد صاحب آگرو. نزديڪ فيروز شاهہ. (6) مولوي محمد پريل آگرو. نزديڪ فيروز شاهہ. (7) مولوي سيد قطب شاهہ. نزديڪ فيروز شاهہ. (8) مولوي محمد اسماعيل سومرو. (9) مولوي مسعود صاحب کوکر. (10) مولوي حافظ محمد صادق صاحب ڪنير. ٽرڻي محبت. (11) مولوي الله بخش. تعلقو ڪنڊيارو. (12) مولوي محمد لقمان. تعلقو مورو. (13) مولوي محمد ادريس راجپر. تعلقو مورو. (14) مولوي محمد صديق. ڳوٺ پنجو چنو. نزديڪ سيوهڻ. (15) مولوي رضا محمد. دولتپور. تعلقو مورو. (16) مولانا غلام محمد ملڪاڻي. ۽ (17) مولوي محمد ملوڪ. نزديڪ ميهڙ.

مولانا جي همعصرن ۾ مولانا حاجي حسن الله پاڻائي. حضرت مولانا پير سعيد حسن صاحب لواريءَ وارو. مولوي شفيع محمد پاڻائي. ۽ مولانا عبدالغفور همايونيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

مرحوم مولانا عبدالرحمان فيروزشاهي[1]:

مولانا عبدالرحمان. ولد خليفو خدا بخش مرحوم. فيروزشاهہ تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ جا وينل هئا ـ ابتدائي تعليم پنهنجي وڏي پاءُ مولانا خليفي گلاب الدين ۽ مولانا عطاالله صاحب کان ورتائون. مگر سندن طبيعت جي پياس پوري نہ ٿي. ان ڪري دوباره شهدادڪوٽ. همايون ۽ پوءِ گهوٽڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين انيڙ وٽ وڌيڪ علم حاصل

---

[1] حوالو اڳ ۾ آيل آهي (ايڊيٽر).

ڪيائون. مولانا عبدالرحمان صاحب ڳوٺ پيري تعلقي ميهڙ ۾ به تعليم حاصل ڪئي ۽ مولانا عطاءالله صاحب ج وفات کان پوءِ وري اچي فيروزشاهه ۾ رهيا.

مولانا صاحب مرحوم نهايت مسافر نواز ۽ غريب پرور هئا. سيرت ۽ صورت جا سهڻا هئا. فيروزشاهه جي عالم مان هي آخري چراغ هو جنهن جي گل ٿيڻ کان پوءِ شهر اجڙي ويو. مولانا مرحوم 1347ع ۾ وفات ڪئي ۽ فيروزشا جي قبرستان ۾ مولانا حاجي عطاءالله صاحب مرحوم جي پرسان مدفون آهن.

مولانا مرحوم جي شاگردن ۾ مولوي الهه بخش مهيسر (ڳوٺ پيري تعلقو ميهڙ)، مولوي محمد قاسم ولد مولو محمد حمزه ڏيپر (ڳوٺ پيري تعلقو ميهڙ)، مولوي محمد صادق صاحب مورائي ۽ مولوي محمد صاحب چيچاپوري (تعلا ڪڙ)، وغيره ڪافي مشهور آهن.

علامه علي خان ابڙو[1]:

علي خان ابڙو ولد عمر خان فقير سانگي (ابڙو) 1888ع ڌاري تعلقي ميهڙ جي سانگي ڳوٺ ۾ ڄائو. عمر فق صوفي منش، عقل فهم جو مالڪ هو پر شريعت ۽ روزي نماز کان پاسيرو هو. دوزخ کي ڊڪو ۽ بهشت کي دلا سمجهندو هو. هن پنهنجي سيني پٽن کي پڙهائڻ جو فيصلو ڪيو. ان طرح علي خان ابڙو اسڪول وڃڻ لڳو ۽ 2 ورهين جي ڇمار ۾ 1901ع تي سنڌ مدرسي ۾ داخل ٿيو. 1906ع ۾ سنڌ مدرسي مان مئٽرڪ ڪيائين. پرنسپال وائٽ صاحب جي همت افزائيءَ سان جهونا ڳڙهه ۽ بمبئيءَ مان تعليم ورتائين ۽ فيلو ٿي رهيو. 1912ع ۾ ايم.اي ڪيائين.

علامه علي خان ابڙو تعليمي ڪيريئر ۾ مئٽرڪ کان ايم.اي تائين سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نم ايندو رهيو. هن سوچي ويچاري تعليم ڪاتي کي پسند ڪيو ۽ تعليمي خدمتن جو آغاز اين.جي.وي هاءِ اسڪول ماستريءَ سان ڪيائين. رات ڏينهن ڪتابن جي انبار ۾ مستغرق رهيو. ادب، مذهب، تاريخ ۽ يورپي مفڪرن جا هزار ڪتاب شوق سان پڙهيائين. مولانا حاليءَ جو مسدس پڙهڻ کان پوءِ اسلام ڏانهن عملي رغبت ۾ اضافو ٿيس. ان وق شايد ئي ڪو اهڙو انگريزي، فارسي يا اردو زبان ۾ شايع ٿيل ڪتاب سندس مطالعي کان رهجي ويو هجي. خاص دلچسپي وٺي عربيءَ ۾ مهارت حاصل ڪيائين ۽ قرآن شريف جي سيني مشهور تفسيرن جو مطالعو ڪيائين. ان کان پ هن اسلام ۽ الله تعالىٰ جي جمالياتي پهلوئن تي لکيو ۽ وقت جي ڪن پيرن، گادي نشينن، مجاورن ۽ مولوي صاحبن ج دنياوي علمن کي بنياد بنائي "رسومات تباهي" جي عنوان سان هڪ ڪتاب لکيو. ان کان پوءِ تڏهوڪن مولوين مٿ ڪافر هجڻ جون فتوائون جاري ڪيون. هن نه رڳو قلم پر مباحثن ۽ تقريرن ۾ هر جاءِ تي تمام نهنائيءَ سان پنهنجو مؤقف رکيو. سندس چوڻ هو ته "اسلام ملائيت، فرعونيت ۽ قارونيت کي ختم ڪرڻ لاءِ آيو آهي." سندس آخري اڇپو مضمون (آگسٽ 1953ع) جون ڪجهه سٽون هن طرح آهن: "جيڪو به بئي تي حڪومت ٿو هلائي، سو پاڻ کي خ ٿو سڏائي ۽ جيڪو به بئي جي غلامي ٿو ڪري، سو به خدا کي ڇڏي بين جي پوڄا ٿو ڪري" سندس عقيدو هو "انقلاب جو بنياد انقلاب آهي."

علي خان ابڙي جي ڪجهه ڪتابن جو تفصيل هن طرح آهي: (1) حالات نبوي (2) احاديث نبو (3) رسومات تباهي (4) تعليمات اسلام (2 ـ حصا)، (5) اسلام ۽ ترقي (4 حصا)، (6) اخلاقي گلدستو (7) اسلام چوندون (8) اسلام ۽ ڪميونزم (9) اسلام جو مالي نظام (10) اسلام ۽ ڪميونزم (انگريزي)، (11) يوسف زلي

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو

(ڊراموا)، (12) علم ۽ ديني علم، (13) سولي سنڌيءَ جي تاريخ، (14) ائٽلس جاگرافي (15) ٽئون اروگيه وگيان (علم صحت)، (16) اخلاقي ۽ مذهبي تعليم، (17) قرآن ۽ ڪانسٽيٽيوشن، (18) ترقي سنڌ مسلم، (19) پيسٽالازي (20) سنڌي گرامر، وغيره شامل آهن.

ان کان سواءِ علامه ابڙي صاحب جا ڪافي مضمون ملا اسڪول مخزن، توحيد، الوحيد اخبارن ۾ شايع ٿيا. سندس مضمونن جو هڪ مجموعو- "انساني پلائين جو ديني شعور" سنڌيڪا اڪيڊميءَ شايع ڪيو آهي. ويجهڙ ۾ سندس علمي خدمتن جو تقريباً سمورو رڪارڊ جمع ڪيو ويو آهي، جيڪو "علي خان ابڙو علمي خدمتون" جي عنوان سان شايع ڪيو ويو آهي.

علي خان ابڙي جي لکڻ ۾ طنز يا ٽوڪ نه هئي، هو "علم براءِ اصلاح" جي اصول جو قائل هو. عمل ۽ اعمال وٽس ڪسوٽي هئا. تعليم جو شعبو سندس تحريرن ۽ جهاد جو پيو اهم ترين محاذ آهي. تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ هو سنڌ جي چپي چپي ۾ ويو. ڪانفرنسون ڪرايائين، ليڪچر ڏنائين. ڪچي ڪاچي ۽ ٽر جي ڏوراهن علاقن ۾ اُٺن تي ويندو هو هر هنڌ ماسترن ۽ مولوين صاحبن کي ٻارن جي نفسيات سمجهائيندو، پڙهائڻ جا طريقا ٻڌائيندو هو هن ايتري جانفشانيءَ سان ڪم ڪيو جو وقت جي هڪ انگريز آفيسر لکيو ته: "He works with missionary spirit" علامه ابڙي صاحب جي ذاتي لائبريري 1942ع واري وڏي ٻوڏ ۾ لُڙهي وئي. سندس دوستي علي بخش چنا، الله بخش 'انيس' انصاري خانبهادر محمد صديق ميمڻ ميان شمس الدين قريشي سان هئي. علامه دائودپوٽي سان سندس دلي دوستي هئي محمد عثمان ڏيپلائي کانئس گهڻو متاثر هو. مولانا عبدالحق نصرپور واري ۽ مولانا محمد اسماعيل مسڻ واري وٽس ملڻ ايندا هئا، باقي مولانا محمد صادق ڪڏي واري وٽ پاڻ وڃي علم ۽ فيض حاصل ڪيائين. مولانا تاج محمود امروٽي صاحب کان گهڻو متاثر هو ۽ اڪثر وٽن ويندو هو.

1930ع ۾ مستقل لاڙڪاڻي لڏي ويو ۽ شهر جي ڪرمان باغ پاڙي ۾ رهائش اختيار ڪيائين. تعليم ڪاتي ۾ مختلف اسڪولن ۾ پرنسپال جي حيثيت سان ملازمت ڪيائين، جن ۾ مدرسو هاءِ اسڪول ميرپورخاص به شامل هو. 1941ع ۾ رٽائر ڪيائين. تعليمي خدمتن جي ميڙتا طور انگريز سرڪار ابڙي صاحب کي خانبهادر جو لقب ڏيڻ چاهيو پر هن اهو قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. بعد ۾ نواب غيبي خان چانڊئي، ابڙي صاحب کي پنهنجي پوٽي سلطان احمد خان جو اتاليق مقرر ڪيو جيڪو پوءِ چانڊيين جو نواب ٿيو.

علي خان صاحب 1945ع ڌارين قرآن پاڪ جو تفسير ۽ ترجمو لکڻ شروع ڪيو ۽ جون 1954ع ۾ مڪمل ڪيائين، اهو "تفسير المنير"، اٽڪل 12 سؤ صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو 1998ع ۾ سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ پاران شايع ٿيو. علي خان ابڙو صاحب تاريخ 16- جولاءِ 1954ع تي لاڙڪاڻي ۾ دل جي تڪليف سبب وفات ڪري ويو. سندس آخري آرامگاهه لاڙڪاڻي شهر ۾ درگاهه قائم شاهه بخاري لڳ قبرستان ۾ آهي. سندس اولاد ۾ شمس الدين ابڙو وڪيل لاڙڪاڻي جو مشهور ۽ قانوندان شخصيت رهيو. ٻيو نمبر فرزند نامياروليڪ جمال ابڙو عدليه جي شعبي سان وابسته رهيو ۽ ٽيون فرزند انجنيئر ڪمال الدين ابڙو هو.

جان محمد 'فدا' عباسي(1):

شاعر جان محمد عباسيءَ جو جنم 4- سيپٽمبر 1885ع ڌاري تعلقي (اڳوٽي) ڪڪڙ لڳ ڳوٺ ٻورڙي ۾ ٿيو. ورنيڪيولر فائنل ۽ ٽي سال ٽريننگ جا پاس ڪيائين. تعليم جي حصول کان پوءِ هن پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز

استاد جي حيثيت سان ڪيو. سنہ 1909ع کان 1910ع تائين اسسٽنٽ ماستر رهيو. اتان بدلي ٿي ڪراچي ضلعي جي مختلف اسڪولن ۾ استاد جي حيثيت سان پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهيو. ڪيس ننڍي هوندي کان ئي شعر ۽ شاعريءَ سان شوق هو. شاعريءَ ۾ سندس تخلص "فدا" هو. سندس ٻه ڪتاب ڇپيل آهن. جن ۾ "ديوان فدا" ۽ "بحث مسئلہ ناسخ" شامل آهن.

هن شاعر 1921ع ۾ وفات ڪئي. پورڙيءَ ۾ مدفون آهي.

حڪيم محمّد صادق "طالب":[1]

حڪيم خليفو محمد صادق ولد خليفو گل محمد، ڪلهوڙو تخلص "طالب"، خيرپور ناٿن شاهہ ضلعي دادوءَ جو ويڙل هو. 10 ـ نومبر 1903ع ۾ راوت خان لغاريءَ جي ڳوٺ ۾ ڄائو. سندس وڏا شرعي ۽ علمي حيثيت رکندا هئا. ايا ايائي ورهين جو مس ٿيو تہ سندس والد بزرگوار رحلت ڪري ويو. ۽ هيءُ يتيم نينگر رهجي ويو. سال 1908ع ۾ سنڌي تعليم وٺڻ لڳو. چئن درجن پڙهڻ بعد ڪيس ڳوٺ مير حسن گاڏهيءَ ۾ اچي رهڻو پيو. جتي ان وقت ڪو بہ اسڪول نہ هو. سندس وڏي پاءُ حڪيم شفيع محمد صاحب ديني تعليم واسطي شهر ۾ اسلامي مدرسو کولايو ۽ ان ۾ مولوي غلام محمد صاحب بوبڪائيءَ کي ماهوار تنخواهہ سان مقرر ڪري رکيو. طالب، مولوي صاحب وٽ فارسي ڪتاب "بهار دانش" ۽ عربيءَ ۾ صرف "بهائي" تائين تعليم ورتي. ان کان پوءِ ڪجهہ وقت، مدرسو بند ٿيڻ ڪري، ڳوٺ ڪنيارن جي مدرسہ نور العلوم ۾ مدرس اعظم مولانا مولوي دين محمد "اديب" فيروز شاهيءَ وٽ عربي تعليم "تفسير جلالين" ۽ "شرح جامي" تائين حاصل ڪيائين. دوران تدريس ۾ متواتر ٽي سال برابر روزانہ ڇهہ ميل پنڌ ڪندو رهيو ۽ خانگي معاملات کي بہ منهن ڏيندو آيو. انهيءَ وچ ۾ پنهنجي پاءُ وٽان طبي ڪتاب "ميزان الطب"، "طب اڪبر"، "نير اعظم"، وغيره پڙهندو ۽ مطب ۾ مشاهدو ڪندو آيو. مولانا دين محمد "اديب" جيئن تہ هڪ بلند پايي جو شاعر ۽ تاريخي مادي ڪيڻ جو ماهر هو. تنهنڪري طالب صاحب بہ سڀ خوبيون سندس صحبت مان حاصل ڪيون ـ ۽ ان ڪري هن پنهنجي اولاد مان گهڻن جا نالا تاريخي رکيا آهن. علم عروض ۾ ڪتاب "چار گلزار" ۽ "نصاب الصبيان" وغيره پڻ مولانا "اديب" صاحب وٽ پڙهيو ۽ سال 1926ع کان شعر و شاعري ڪرڻ لڳو. ڳوٺ ناري ۽ ميهڙ جي مشاعرن سان دلچسپي رکندو رهيو. هن زماني ۾ ماستر جمع خان "غريب" اتي جو ممتاز شاعر هو.

سال 1948ع ۾ پنهنجي ڳوٺ مير حسن کي ڇڏي، خيرپور ناٿن شاهہ ۾ هڪ قيمتي جڳهہ خريد ڪري اچي سڪونت پذير ٿيو. جنهن جي خريد جو تاريخي سال 1368 هجري هيٺئين نظم مان ملي ٿو:

ساقي بيار جامِ شراب کهن برو
مطرب بيا بيا تو سخن تازه را بگو
برپا ست بزمِ عشرت در شهرِ خيرپور
در ماهِ نو خريدم باغِ شداد نو
(محرم) 1368 هـ

سندس ڏنڏو حڪمت هو. شهر جي شاهي بزار جي آخر ۾ سندس دوا خانو "بيت الشفا پاڪستاني" (1368هـ) چڱي نموني هلندڙ هو.

---

[1] محمد رمضان "آزاد" تماهي "مهراڻ سوانح نمبر" (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

باوجود ڪثرت مشاغل جي ڪيس ميٽنگن ۾ بزمن برپا ڪرڻ جو شوق دامنگير رهيو. چنانچہ سال 1930ع ۾ 'بزم مشاعره راشدي'، زير صدارت حضرت حاجي غلام شاهہ راشدي، پيرن جي ڳوٺ ۾ برپا ڪرايائين. جا گهٽو وقت زور ۾ شور سان هلندي رهي ۽ سيڪريٽري شپ جا فرائض سندس حوالي هئا. سال 1950 'بزم احباب' خيرپورناٿن شاهہ ۾ منعقد ڪرايائين. جنهن ۾ شهر جا شاعر ۽ اديب، مهاجر ۽ انصار دلچسپي رکندا هئا. ۽ ماهوار مشاعرا پڙهڻ اردو ۽ سنڌي ۾ ٿيندا رهندا هئا. سال 1954ع ۾ خيرپورناٿن شاهہ ۾ مدرسہ خيرالعلوم جاري ڪرايائين. ازان سواءِ 'سنڌي سڌار سوسائٽي' ۽ 'جمعيت الشعراء سنڌ' جو معاون ۽ ميمبر رهيو.

سندس تصنيفات – "صادق الامين" (طبع شده)، "ديوان طالب"، "طالب جو ترانو عرف قصہ مهربانو"، "طب روحاني ترجمہ قصيده حمداني"، قابل قدر آهن. پاڻ 27_ جون 1969ع تي وفات ڪيائين.

انتخاب ڪلام

بلبل ۽ باغبان

هڪ شخص شاهوڪار کي سرسبز باغ هو
اُن باغ جي خوشي کان سدا باغ باغ هو
ڪنهن ڏينهن آئي ان کي نظر شاخ گل مٿان
بلبل جا گل چني هئي رهي سخت چنهب سان
هيءَ ڀالهہ آئي اُن جي طبيعت کي ناپسند
ڦاسائي ڪنهن طرح سان ڪيائين قفس ۾ بند
هڪ وقت ان کي بلبل ناشاد ٿي چيو:
'مون کي اجايو آهہ ميان قيد تو ڪيو
'توکي جي منهنجي راڳ ٻڌڻ جو خيال آهہ
آزادگيءَ جو پهريون ان ۾ سوال آهہ
'ڪيو بند مان تہ توکي ٻڌايان مان سُر هزار
باجو به مون کي پنهنجو آ پنهنجي اٿم ستار'
ان کي چيائين 'بلبل نادان بيوفا!
گل جي چنڻ جي آهہ ملي توکي ٻيءَ سزا'
مسڪين عندليب چيا هي چگا اکر:
'بيشڪ چنا مون هوندا ۽ تي گل جا پن مگر
'مون کي ٻڌاءِ تو جو ڪئي دل ٽڪر ٽڪر
ڪهڙيءَ سزا جي لائق آهين اي بي خبر؟'
تون پاڻ ساڻ "طالب" ڪڏهين ڪرين نہ جُٺ
باقي گناهہ تنهنجو ڪيو مون پرن جي مُٺ

ايم. ايچ پنهور:

سنڌ جي مهان شخصيت محمد حسين پنهور (ايم. ايچ پنهور) 25 ـ ڊسمبر 1925ع تي ڳوٺ ابراهيم پ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ تائين هاءِ اسڪول دادو ۾ پڙ ان کان پوءِ ڪراچيءَ مان انٽر پاس ڪري، اين.اي.ڊي مان انجنيئرنگ جي ڊگري ورتائين ۽ ايگريڪلچر مشينري ڪ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. سال 1953ع ۾ انجنيئر جي حيثيت ۾ ملازمت شروع ڪيائين. ان کان پوءِ سپرنٽينڈ انجنيئر طور پروموشن ٽيس. ڪيس سنڌ گهمڻ جو موقعو مليو ۽ هن سنڌ جو چپو چپو گهمي ڏٺو. سنڌ ۽ بلوچستان جابلو ڪوهستاني علاقن ۾ پاڻي جي شرح بابت وڏي ڄاڻ حاصل ڪيائين. ان عرصي دوران سنڌ جي تاري جاگرافي هائڊرولاجي جيالاجي ۽ قديم آثارن جي وڏي معلومات حاصل ڪيائين. ان موضوع تي هن تقريباً 13 ڪ لکيا. سندس ڪوششن ۽ ڪاوشن سان ايگريڪلچر ڪاتي جي ورڪشاپن جو بنياد پيو. پاڻ سنڌ ۾ نوان نوان مي فروٽ متعارف ڪرايا.

محمد حسين پنهور پاڪستان ۾ ايگريڪلچر جي دنيا ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو[1]. هن ارڙهن انبن جا قسم ۽ ڪيترائي فروٽ برازيل ۽ دنيا جي ڪيترن ٻين ملڪن کان آڻي هتي پوکيا. محمد حسين پنهور گريپ فروٽ ج ڪيترائي قسم متعارف ڪرايا. پنهور صاحب جي لائبريري ۾ هزارين ڪتاب آهن جيڪي سنڌ جي زراعت، تا قدم آثارن ۽ جاگرافي جي متعلق آهن. پاڪستان سرڪار سندن خدمتن ۽ خاص طور تي سائنسي خدمتن ۾ ڪ ستاره امتياز سان پڻ نوازيو آهي.

---

[1] پنهور صاحب پنهنجي شعبي ۾ جاتل سڃاتل عالم، محقق ۽ زرعي سياستدان هو. سندس ذاتي ڪتبخاني ۾ سنڌ بابت مواد تي 6 هزا وڌيڪ ڪتاب آهن. ازانسواءِ 3 هزارن کان وڌيڪ نقشا پڻ موجود آهن. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايڊوائيزر انجنيئر طور به ڪم ڪيو. ا علاوه سوين جي تعداد ۾ سندس عالمانه مقالا لکيل آهن. پاڻ مهراڻ يونيورسٽيءَ جو وزيٽنگ پروفيسر به رهيو.پنهور صاحب 969 سرڪاري نوڪري ڇڏي، پنهنجي مدد پاڻ تحت سنڌ جي تاريخ، جاگرافي، قديم آثارن، معدنيات ۽ پاڻياڻ تي نهايت عرق ريزيءَ سان ت ڪرڻ ۾ رڌل رهيو. هن زير زمين پاڻيءَ تي 13 ڪتاب لکيا. ايم. ايچ پنهور صاحب 21 ـ اپريل 2007ع ۾ گذاري ويو. سندس تصنيفر ڪجهه مکيه ڪتاب هيليان آهن:

(1) مسلمان عورت (1945ع).

(2) سنڌ ۾ آبپاشيءَ جا پنج هزار سال

Ground water in Hyderabad & Khairpur Division (1964).

Material on Sindh (1977).

Sindh cutch relation (1980).

Heroic Struggle of Sindh Against Freedom 1500_1843 (1979).

Causes of Decline of Persion in Pakistan (1975).

Chronological Dictionary of Sindh (1983).

Soomra Dynesty.

ايم. ايچ پنهور جي وفات کان پوءِ، سندس فرزند سني پنهور جيڪو ڪيليفورنيا آمريڪا جو وڏو واپاري آهي، پنهنجي والد صاحب سموري ملڪيت تي مشتمل هڪ ٽرسٽ قائم ڪئي آهي. انهيءَ ٽرسٽ ذريعي سندس نالي سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ "ايم. ايچ پنهور ج قائم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ونيل رهيو آهي، جنهن لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ 3 سؤ ايڪڙ زمين پڻ ڏني آهي (ايڊيٽر).

ستاد بخاري:[1]

سيد احمد شاهہ استاد بخاري، تاريخ 16 جنوري 1930ع تي سيد حاجن شاهہ جي گهر ڳوٺ غلام چانڊيو لقي دادوءَ ۾ اک کولي ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو پرائمري تعليم مڪمل ڪري فائينل جي تياري ڪيائين. 1944ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪري 1947ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1951ع ۾ ٽيچرس ٽريننگ اسڪول مٽياڻيءَ مان ايس.وي جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ انٽر ۽ بي.اي جو امتحان به پاس ڪري ڏاڻين. ان کان علاوه اديب سنڌي، اديب عالم ۽ اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيائين. سُال 1965ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ايم.اي پاس ڪري لاڙڪاڻي ڪاليج ۾ سنڌي جو ليڪچرار مقرر ٿيو. ان کان پوءِ دادو جي ڪاليج ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان درس و تدريس جو ڪم شروع ڪيائين.

استاد بخاري 1942ع کان شاعري شروع ڪئي. استاد بخاري ٿوري عرصي ۾ پنهنجي همعصر شاعرن ۾ وڏو نام حاصل ڪري داد حاصل ڪندو رهيو. سندس باقاعده شاعريءَ جي شروعات 1950ع ۾ انجمنِ آفتاب ادب جي شاعرن ۾ شرڪت سان ٿي. استاد ڪيترن ئي ادبي تنظيمن سان وابستہ رهيو. جن ۾ انجمن آفتابِ ادب دادو بزمِ طالب مولوي ۽ سنڌي ادبي سنگت شامل آهي. مولانا غلام محمد گرامي سندس اصلاح ۽ تربيت ڪئي ۽ نہ ماهي 'مهراڻ' ۾ سندس ڪلام اصلاح ڪرڻ کان پوءِ شايع ڪندو رهيو.

استاد بخاريءَ جو ڪلام اڪثر جدت پسنديءَ ڏانهن مائل آهي. 1970ع واري ڏهاڪي ۾ سندس ڪلام جو مجموعو 'گيت اسان جا جيت اسان جي' منظر عام تي آيو. ان ڪتاب کي اولهہ پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان انعام ڏنو ويو. ان کان علاوه سنڌالاجي طرفان ڪيس پنج سؤ روپيا انعام ڏنو ويو. استاد بخاري شعر جي مختلف صنفن جي طبع آزمائي ڪئي آهي.

سندس ڪلام جا ڪيترائي مجموعا شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ ڪوڪڙ ۽ ڪليان، اوتون جوتون، گيت لابي ٻارن جا، ڪاري ڪڪر هيٺ، لهر لهر درياءِ ڏرتي سرتي، ماندي ٿي نہ مارئي، ولولو ۽ ووڪ، وطن ۽ ويساهہ جستجو لا تقنطو گيت اسان جا، ميلا ملهلا، لهري لهري ۾ زندگي، سوچون پٽڪا واڪا، ولولو ۽ ووڪ، وطن ۽ ويساهہ جستجو لا تقنطو گيت اسان جا، ميلا ملهلا، لهري لهري ۾

استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جا ڪيترائي مجموعا ڇپجي پڌرا ٿيا آهن، جي هن طرح آهن: گيت اسان جا، جيت اسان جي (1971ع)، هي ت گلابي ٻارن جا (1980ع)، اوتون جوتون (1985ع)، ڪوڪڙ يا ڪليان (1986ع)، سوچون پٽڪا واڪا (1990ع)، لهر لهر درياءِ 199ع)، ڪاري ڪڪر هيٺ (1991ع)، ڏرتي سرتي (1991ع)، زندگي زندگي (1992ع)، نہ ڪم نبريو نہ غم نبريو (1993ع)، جستجو قنطو (1993ع)، ماندي ٿيءَ نہ مارئي (1994ع)، ولولو ۽ ووڪ (1994ع)، ميلا ملهالا (1996ع)، وطن ۽ ويساهہ (1997ع)، ڏوڙ دل تي درد جي 200ع)، گلدستي ۾ گيت (2007ع)، بخاريءَ جا قطعا (2008ع)، پير نہ هٽن پوئتي (2007ع)، ڳائي پيو جاڳي پيو (1999ع)، لهري لهري ۾ ڻ (1998ع)، گهڙياسي چڙهيا (2007ع)، هي گجر! هي گولا (1997ع)، هڙئي هيج وطن جا (1998ع)، ۽ تڙ تڙ تيڏيان ڳالهايان (سرائڪي غلام 2001ع)، استاد بخاري جي شاعريءَ جي لغت اڪر اڪر آرسي، عزيز ڪنگرائيءَ تيار ڪئي، جا سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ 2009ع ۾ ڇاپي پڌري ڪئي آهي. ازانسواءِ سندس شخصيت ۽ فن تي تاج جويي جو ڪتاب "تور چوي ٿي هوَل" سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 19ع ۾ ڇپيو ويو. علي دوست عاجز "آديسي استاد" نالي ڪتاب لکيو جيڪو روشني پبليڪيشن ڪنڊياري 2005ع ۾ ڇپي پڌرو ڪيو. رويوئن، نثري لکڻين ۽ مهاڳن تي آزاد انور ڪانڊڙي هڪ ڪتاب "سمي دريا، سمي صحرا" 2007ع ۾ ڪويتا پبليڪيشن پاران ڇپائي رو ڪيو. سنڌي زبان جي هڪ دور جو نمائنده شاعر استاد بخاري ڪئنسر جي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي، ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ 9 آڪٽوبر 19ع تي وفات ڪري ويو ڪيس دادوءَ ۾ دفن ڪيو ويو. (ايڊيٽر)

لالاڻ شامل آهن.

استاد بخاري ڪجهه عرصو بيمار رهيو ۽ 9 ـ آڪٽوبر 1992ع ۾ وفات ڪري ويو.

عبدالله چنه[1]:

عبدالله چنه 23 ـ مئي 1902ع تي ڳوٺ پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. عبدالله چنه سنڌي ادب ۽ سان پيار ڪندڙ پنائي سرڪار جو عاشق ۽ سماجي خدمتگار ٿي گذريو آهي. عبدالله چنه کي شاگرديءَ واري دور ۾ ادب سان چاهه هو. پاڻ جڏهن علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ زير تعليم هو تہ ان وقت مولانا شبلي نعمانيءَ جي مشهور تصن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جيڪو ترديدالزامات عالمگير جي نالي سان ڪراچيءَ ۾ شايع ٿيو. سندس زندگ جيڪي شاندار ادبي سرگرميون اوج تي پهتيون انهن ۾ سنڌي ادبي سنگت جون رهاڻيون جشن روح رهاڻ وارا جشن قابل ذڪر آهن. هن پنهنجي شريڪ حيات زينت چنه کي مارئي رسالي جي جاري ڪرڻ ۾ تمام گهڻي ڪئي.

عبدالله چنه تاريخي ڪارنامن ۾ 'ڪچ جي رڻ' متعلق اها پورٽ دستاويز جي حيثيت رکي ٿي. جيڪا ر سال 1965ع ۾ رڻ ڪچ تي هندستاني فوج جي جهڙپ ۽ تعلقي چاچري جي ڪن ڏيهن تي قبضي کان پوءِ ۽ جن منعقد ٿيل بين الاقوامي ٽريبيونل جي ميمبر جي حيثيت ۾ مرتب ڪئي هئي. هن اهم رپورٽ کي بنياد بنائي حڪ پاڪستان اهو ڪيس کٽي ورتو. ۽ اهو رڻ ڪچ سان لاڳو سرسبز علاقو پاڪستان کي مليو. ان رپورٽ تي تبا ڪندي سوئيلن جي اخبارن لکيو تہ مڪرڻ پاڪستان کي مليو آهي ۽ لسي هندستان کي.

عبدالله چنه 1957ع تي 60 سالن جي عمر ۾ سرڪاري ڪاتي مان رخصت ٿيو. سندس انتقال 23 ـ جنوري 1989ع حيدرآباد ۾ ٿيو.

---

[1] عبدالله چنه دادو جو نہ بلڪ سنڌ جو وڏو دماغ رکندڙ شخص هو. سنڌ ۾ جيڪڏهن اهڙن ڏهين ۽ وڏو دماغ رکندڙ ماڻهن جي فهرست ٺاه ان ۾ خانصاحب عبدالله چنه جو نالو وڏي احترام سان لکيو ويندو. عبدالله چنه 1925ع ۾ عليگڙهه يونيورسٽيءَ مان بي.اي ڪرڻ کا 1927ع ۾ مختيارڪار ٿيو. سندس اعليٰ ذهانت ۽ لياقت کي ڏسندي ان وقت جي روينيو وزير پير الاهي بخش کيس 1938ع ۾ پن پرائيويٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو. ست ٿي 1939ع ۾ سنڌ جي وزيراعظم ميربنده علي خان هن کي پنهنجو پرائيويٽ سيڪريٽري ڪيو. 1942ع تي لاهور ۾ سول آفيس ڪاليج ۾ هوائي جهازن جي بچاءَ جو آفيسر اول مقرر ٿيو ان کان پوءِ ڪوئٽريءَ ۾ ڊپٽي ڪليڪ هوائي جهازن جو آفيسر مقرر ٿيو. 1945ع ۾ ڪيس ڪورٽ آف واردس جو اسسٽنٽ مئنيجر بنايو ويو. خانصاحب عبدالله چنه 1948ع ۾ لا ڪاليج جو بنياد رکيو جنهن ۾ هو روينيو جا قانون پڙهائيندو هو. ڪيترا سال هو ان ڪاليج جي بورڊ جو چيئرمن پڻ رهيو. 955 جيڪب آباد جو ڪليڪٽر مقرر ٿيو ان بعد سيڪريٽريٽ ۾ روينيو ڪاتي جو ڊپٽي سيڪريٽري، تعليم ڪاتي جو سيڪريٽري رهيو. ا سواءِ ڪجهه عرصي لاءِ لوڪل سيلف گورنمينٽ ۽ صحت ڪاتي ۾ به رهيو. 1956ع ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر ۽ 1957ع ۾ خيرپ ڪليڪٽر رهيو. 16 ـ آگسٽ 1957ع تي رٽائر ڪيائين. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سرڪار عبدالله چنه جي صلاحيتن سان پرپور فائدو ونڊڻ کي 1960ع ۾ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو چيئرمن مقرر ڪيو ويو. چنه صاحب شهرين جي ونڊر ورونهن لاءِ راڻي باغ تي خاص توجهه هارڻن جي تفريح لاءِ جانور رکرايا. چنه صاحب پنهنجي ايامڪاريءَ دوران گدوءَ لڳ هڪ هاءِ اسڪول تعمير ڪرايو ۽ گڏوگڏ شهرين جي روند ۽ تفريح لاءِ نياز اسٽيڊيم جو بنياد وڌو. حيدرآباد جو اوپن ايئر ٿيٽر به عبدالله چنه جي محنتن جو ثمر آهي. 1962ع تي هن ميونسپ جي عهدي تان استعفيٰ ڏني. 1962ع ۾ ڪيس سنڌ يونيورسٽيءَ جو اعزازي ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. 1965ع ۾ پاڪ ـ پارت رڻ ڪ مسئلي تي چڪتاڻ ٿي تہ. ان نبيري ۾ عبدالله چنه کان قانوني مدد ورتي وئي. نتيجي ۾ اهو ڪيس پاڪستان کٽيو. 1974ع ۾ ڪيس ٽيڊرا ڪميٽين جو ميمبر مقرر ڪيو ويو. 1979ع جي هن کي لوڪل گورنمينٽ جي قانون ٺاهڻ لاءِ ڪميشن جو ميمبر ٿيڻ جي آڇ ٿي، جا هن نہ ڪئي. هن 1989ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه قاسم آباد فيز ـ 1 جي قبرستان ۾ آهي (ايڊيٽر).

"دادن" فقير:

داد محمد جويو ڳوٺ ميان داد چنجڻي تعلقي وارهه موجوده ضلعي لاڙڪاڻي (موجوده ضلعي قنبر- شهدادڪوٽ) ۾ (نصير آباد لڳ) ڏڻي بخش جويو جي گهر ۾ 17- جنوري 1906ع تي جنم ورتو. جويا قبيلي جا ماڻهو اڪثر زراعت پيشه ۽ سونارڪو ڏنڏو ڪندا هئا.

دادن فقير ابتدائي پرائمري تعليم پرائمري لاءِ استاد الشعراء حڪيم جمع خان "غريب" ڪان ۽ درجا پڙهيو بعد ۾ ڳوٺ محراب سنديلو ضلعي لاڙڪاڻي مان چار درجا سنڌي ۽ قرآن شريف ناظره ۽ فارسي بوستان تائين پڙهيائين. والد صاحب جي وفات بعد مستقل طور راڻڙ اسٽيشن تي لڏي آيو ۽ سلطان احمد سولنگيءَ جي صحبت ۾ رهڻ لڳو.

دادن فقير سادي طبعيت جو ماڻهو هو. فقيرن، صوفين ۽ ڳائڻن جي صحبت ۾ ڪيس شاعريءَ جو شوق جاڳيو. حڪيم جمع خان "غريب" ڳوٺ مريد لاکير جي صحبت ۾ رهي ڪانئس شاعريءَ جي اصلاح ونندو هو. ان کانسواءِ مشهور صوفي شاعر ۽ تارڪ الدنيا هدايت علي نجفي (تارڪ) جو مريد ۽ شاگرد ٻڌيو. ان کانسواءِ صوفي فقير خير محمد هيسباڻي جو پڻ معتقد رهيو. ٻنهي صوفي شاعرن جي صحبت ۾ فقيري ۽ روحاني رمزن ۾ رچي شاعري ۽ ڳائڻ ۾ مشغول رهيو.

دادن فقير هارمونيم پاڻ وڄائيندو هو. علمي ۽ ادبي تقريبن ۽ فقيرن ۽ صوفين جي محفلن ۾ ڳائيندو هو.

دادن فقير شعر جي اڪثر سيني صنفن تي شاعري ڪئي آهي. پنهنجو ديوان ترتيب ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. سندس ڪلام جي هڪ ڇوپڙي "هڻ ڪڻ" نالي ڇپايل هئي. پر اها به اڻلڀ آهي. سندس شاگردن ۾ الطاف لاکير ولد سردار احمد خان لاکير شمار ٿيندو آهي. جو پڻ مريد لاکير ڳوٺ جو رهاڪو ۽ چگو مڙس هو. موجوده وقت اياز لاکير سندس ڪلام ڇپرايو آهي. ان ڪتاب جو عنوان آهي: "دادن فقير جو ڪلام". دادن فقير راڻڙ اسٽيشن ۾ 19- آڪٽوبر 1979ع تي وفات ڪري ويو ۽ ڪيس گهڙڻا مقام ۾ لڳ راڻڙ اسٽيشن تي ئي دفن ڪيو ويو.

احمد خان "آصف"[1]:

احمد خان 'آصف' ولد محمد اسماعيل ولد امام بخش ولد لعل بخش ولد محمد اسماعيل ولد محمد اسحاق مصراڻي، ويڻل ڳوٺ مٺو پهر، تعلقو خيرپور ناٿنشاهه، ضلعو دادو.

ولادت، اسڪولي داخلا موجب 8- جولاءِ 1922ع/13- ذوالقعد 1340هـ. اسڪول ڪانيا ۾ داخلا ٻاراڻي ڪلاس ۾ 7- سيپٽمبر 1927ع ان اسڪول ۾ ئي ورنيڪيولر فائينل پاس ڪري اٺڪل ڏهن سال رهي 16- آڪٽوبر 1936ع ۾ نڪتو. 1936ع ۾ سنڌي فائينل پاس ڪرڻ کان پوءِ سال 1939ع تائين محمد يوسف صاحب چانڊيي ۽ حافظ جمال الدين برهماڻي وٽ قرآن شريف، ڪجهه عربي، اردو ۽ پارسي پڙهيو. سيپٽمبر 1939ع ۾ جناب پير الاهي بخش صاحب ان وقت جي تعليمي وزير سنڌ جي تعليم بالغان ۾ سينٽر احمد خان رودناڻي ۾ پرائمري ٽيچر ٿيو.

تعليمي لياقت: سنڌي فائينل سال 1936ع.

پهريون سال ڪاليج 1942-1943ع ٽريننگ ڪاليج فار مين حيدرآباد.

---

[1] غلام محمد گرامي- تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع

پيو سال ڪاليج 1948_1949ع ٽريننگ اسڪول لاڙڪاڻو.
ادیب سنڌي 1954_1955ع سنڌ يونيورسٽي.
ادیب عالم 1955ع سنڌ يونيورسٽي.
ادیب فاضل 1959ع سنڌ يونيورسٽي.
فائنل اردو 1962ع ميهڙ سينٽر.
ان سروس ڪورس 1968ع حيدرآباد.

ادبي حالات: شاعري 1937ع ۾ شروع ڪيائين. علم عروض جا سبق حافظ محمد احسن ۽ مرحوم جمعي خان 'غريب' وٽان ورتائين. مضامين حاجي محمود 'خادم' لاڙڪاڻوي جي اثر هيٺ لکيائين. سنڌي اشعار و مضامين شروعات ۾ "ادیب سنڌ" رسالي ۾ شايع ٿيا. مختلف ادبي انجمنن، جهڙوڪ: انجمن آفتاب ادب دادو جميعت الشعراء سنڌ، سنڌي سڌار سوسائٽي ڪڪڙ ۽ "بزم طالب المولیٰ" وغيره ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتائين سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم ۾ فيبروري 1957ع کان سپٽمبر 1958ع تائين ڪم ڪندو رهيو ۽ سندس خدمات کي لوڪ ادب اسڪيم جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر جناب نبي بخش خان بلوچ صاحب وقتاً فوقتاً گهٽو ساراهيو آهي. سندس تصنيفات و تاليفات هن طرح آهي:

چپيل ڪتاب: گلزار چنبيلي (ٻه حصا)، همايون نامو سيرت زيب النساء شڪسته حال شهزاديون، سيرت حضرت بلال، سيرت خواجه اويس قرني، قصص الانبياء، رومیءَ جون رهاڻيون، ارمغان آصف، جاگرافي ضلعو دادو (انعام يافته)، جاگرافي ضلعو دادو بطرز سوال جواب، جاگرافي تعلقو خيرپور ناٿنشاهه ۽ سنڌي ٽئين درسي ڪتاب لاءِ نظم جي اسڪولن ۾ پاڙهيا وڃن ٿا.

اڻڇپيل ڪتاب: خانخانان جون خوبيون، تزڪ بابري، زرين اقوال املهه ماڻڪ وغيره وغيره.

هن وقت تعليمي ڪاميٽي يونين ڪڪڙ جو چيئرمن ۽ بزم طالب المولیٰ شاخ رڪيل پير ريلائيءَ جو جنرل سيڪريٽري رهيو. هيءَ علم و ادب جو تابناڪ ستارو 13_جولاءِ 1989ع تي ڏاڙيلن هٿان شهيد ٿيو.

"آثر" ناٿنشاهي:

"آثر" ناٿنشاهيءَ جو سڄو نالو غلام رسول ولد الله بخش سولنگي آهي. سندس جنم 2_جنوري 1937ع تي ڳوٺ ڪاٽڙي تعلقي خيرپور ناٿنشاهه ۾ ٿيو. ننڍپڻ کان ئي شاعرانه طبيعت هئس. 1962ع ۾ سيد محسن ڪڙائيءَ سان خيرپور ناٿنشاهه ۾ ملاقات ٿيس، جنهن دوستانه اصلاح سان سندس فن کي چمڪايو. ان طرح "بزم طالب المولیٰ" شاخ خيرپور ناٿنشاهه سان وابسته ٿي علمي ادبي سرگرمين قائم ڪرڻ ۾ قابل قدر ڪم ڪيائين. "بزم طالب" سندس ئي ڪوشش ۽ دوستن جي تعاون سان قائم ٿي. بزم طرفان 'درسِ ادب' شعبو قائم ڪري شاعريءَ سان شوق رکندڙ نوجوان طبقي کي سکيا ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ويو ۽ پاڻ سيڪريٽري مقرر ٿيو. خيرپور ناٿنشاهه ۾ علم و ادب ۾ اهڙن چرچن کان متاثر ٿي ڪيئي نوآموز ۽ نو مشق شاعر اڇي وٽس اصلاح وٺڻ لڳا. 1963ع جي آخر ۾ محسن ۽ پاڻ "اداره فلاح و بهبود خيرپور ناٿنشاهه" قائم ڪري هڪ لائبريري کوليائون، جنهن مان عوام ڪافي فائدو حاصل ڪري رهيو آهي.

'آثر' جديد سنڌي شاعريءَ ۾ قابل قدر تجربا ڪيا آهن. هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. "مهراڻ"، "نئين زندگي"، "روح رهاڻ" ۽ سيني سنڌي رسالن ۾ سندس بهترين ڪلام آيل آهي. "ڪتين ڳر موڙيا" پنهنجي ڪلام جو

مجموعو تيار ڪيائين. "تاريخ جو مطالعو"، "مظلوم ڪربلا"، "پرتال" ۽ "به روپ" اڃا چپيل ڪتاب اٿس. مصروف لکندڙ هو. خيرپور ناٿنشاهه ۾ خانگي ملازمت سندس معاش جو ذريعو هئي[1].

فني خيال کان 'آثر' جو فن سدا شاهوڪار ۽ زرخيز آهي. مختلف اصناف سخن تي نهايت رنگين ۽ دلاويز تجربا ڪيا اٿس. نظم آزاد نظم ۽ غزل تي استادانه دسترس اٿس. سندس پختگيءَ ۽ برجستگيءَ کي ڏسي استادانِ سخن به تحسين ڪرڻ کان رهي نٿا سگهن. هيئت جي پراڻن قالبن ۾ نئين رنگ ريڙ ۽ پراڻي مضمون کي نئون لباس پهرائڻ 'آثر' جي رنگين فن جو هڪ ڪرشمو چئي سگهجي ٿو. هيءُ انمول شاعر تاريخ 6 ـ آڪٽوبر 2006ع تي وفات ڪري ويو.

آثر جو شمار سنڌ جي نالیوارن شاعرن ۾ ٿئي ٿو. آثر جا مٿين ڪتابن کان علاوه شاعريءَ جا 4 ڪتاب ڇپ شايع ٿيا آهن. (1) جڏهن اولا اُپ ۾ (1994ع)، (2) لهرون لهرون لاٽ (1998ع)، (3) چا چيس آئيني؟ ۽ (4) چُلڪيا نيڙ ڪنورا ادبي خدمتن جي مجتا طور ڪيس "ڪينجهر ادبي اوارڊ" (1994ع) ۽ سنڌي ادبي سنگت طرفان سندس ڪتاب تي نقد انعام مليا.

"وفا" ناٿنشاهي:

'وفا' ناٿنشاهي سنڌيءَ جي جديد شاعرن ۾ پنهنجي جدت پسند طبع ۽ خيالن جي ڪري سڏو نالو ڪڍيو. 15 ـ مئي 1944ع تي امرتسر ضلعي جي شهر بنڊيالا ۾ خيرات علي قريشيءَ جي گهر پيدا ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ سندس والدين سنڌ ۾ اچي ڇوٽ گوڙي ۾ سڪونت پذير ٿيا ۽ پوءِ خيرپور ناٿنشاهه ۾ مستقل طور رهيو. اسڪولي تعليم دوران سندس طبع شعر و شاعريءَ ڏي آماده ٿي. ننڍپڻ ۾ فلمي گانن جي طرزن سنڌي گيت لکي شوق جي تڪميل ڪندو رهيو. اسڪولي پڙهائ ۾ ڪردار ادا ڪرڻ سان گڏ گيتن جون ڌُنون تيار ڪندو رهيو. سندس شاعريءَ جو باقاعدي آغاز 1962ع کان ٿيو. 'محسن' ڪڙائي سندس ڪلام جي اصلاح ڪندو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ غزل، نظم، قطعه، رباعيءَ ۾ سڀٽا تجربا ڪيائين ۽ ڪافي رسالن ۾ سندس ڪلام چپيل آهي.

'وفا' اصل ته پنجاب جي سرزمين جي پيداوار آهي، پر جسم ۽ روح جي نسبت سان خالص ۽ ٽيڪ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ غرق ٿي ويو. سندس ڪلام اهل زبان کان ڪنهن به حيثيت ۾ گهٽ نه آهي. سندس انداز بيان ڏاڍو رنگين ۽ پياروآهي. ذوق جماليات جو عنصر به سندس ڪلام ۾ جام آهي.

هر صنف تي 'وفا' جا تجربا موجود آهن: غزل، نظم، آزاد نظم، رباعي، قطعي وغيره ۾ سندس خيال آفريني پسنديده حدن تائين موجود آهي. سنڌ جو هي شاعر 3 ـ جنوري 2005ع تي وفات ڪري ويو. سندس شعري مجموعا 'اکين ۾ الماس' ۽ 'وفا' چپيل صورت ۾ موجود آهن.

"نشتر" ناٿنشاهي[1]:

محترم غازي الدين "نشتر" ناٿنشاهي، پنهنجي ديس ۾ مشهور شاعر، لغاري بلوچ قبيلي جي گليائي خاندان مان آهي. ضلعو دادو تعلقي خيرپور ناٿنشاهه جي ڳوٺڙي گهاري ۾ سندس مستقل رهائش آهي، جتي کيس ڪافي ملڪيت

---

[1] غلام محمد گرامي ـ تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو پيون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

[1] غلام محمد گرامي ـ تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو پيون) سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو 1992ع (ايڊيٽر).

آهي. 15 ـ مارچ 1929ع تي تولد ٿيو ۽ انٽر آرٽس تائين تعليم ورتل اٿس. سندس طبعيت هميشه خوددار، سخاوت ڏانهن مائل، خدا تي پروسو ڪندڙ رهي آهي. پاڙ يارن سان وفادار رهڻ، دوستي ۾ نفعي ـ نقصان کي نه ڏسڻ ۽ ڪنهن کائڻ کي پنهنجو شعار سمجهندو آهي.

شاعريءَ ۾ سندس استاد مشهور شاعر مولوي محمد عبدالله 'اثر' لاڙڪاڻوي آهي، جنهن جي عنايت سان غالباً 1948ع کان موزون شاعريءَ ۾ قدم رکيائين. انهيءَ کان اڳ لوڪ ادب سان چگو واسطو رهيس. سندس ڪلام هر سنڌي رسالي، اخبار توڙي مخزن ۾ نظر ايندو رهي ٿو. سندس خاص اُنس سماهي "مهراڻ" سان آهي.

"بزم طالب المولىٰ" شاخ خيرپور ناٿن شاهه جو روح روان ۽ خاص رڪن ۽ ڪافي وقت کان بزم جو سيڪريٽري رهندو ٿواچي. سندس جدوجهد سان بزم نه صرف علمي ادبي ترقي ڪئي آهي، بلڪ ڪيترا نوان شاعر پڻ پيدا ڪيا آهن. "جميعت الشعراء سنڌ" جو ڪافي وقت کان جوائنٽ سيڪريٽري رهندو ٿواچي.

"نشتر" ناٿنشاهي پنهنجي فن جي حيثيت سان ادبي دنيا ۾ سٺو مقام حاصل ڪيو آهي. سندس هيئت ۽ اسلوب اگرچه قديم فن مان پيدا ٿيل آهن، پر ان سان گڏ فن جي افاديت، زبان جي صحت، ۽ خيال جي ندرت، سندس فن کي جديد دور ۾ پسنديده مقام تي پهچايو آهي.

'نشتر' به هر صنف تي لکيو آهي: غزل، نظم، آزاد نظم، قطعا ۽ رباعيات سندس پسنديده اصناف آهن. سندس ذوق جي فراواني، مطالعي ۽ سخن جي مشق تڪميل فن جي ان مرحلي تي آهي، جتي قادرالڪلام شاعر پهچي چڪا آهن.

محمد ايوب جوڻيجو[1]:

سگهڙ شاعر محمد ايوب جوڻيجو ولد محمد پيجل جوڻيجو 18 ـ جنوري 1965ع تي ڳوٺ بچو واهڻ تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ ڄائو. سندس تعليم ايم.ايس (فزڪس) آهي. پاڙ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جام شوري ۾ سائنس جي سيڪشن ۾ پروف ريڊر آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان 1975ع ۾ ۽ مٽرڪ جي تعليم بورڙي ڳوٺ مان 1981ع ۾ حاصل ڪئي. بي.ايس سي فزڪس 1986ع ۾ ۽ ايم.ايس سي 1993ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي.

محمد ايوب جوڻيجي جو لوڪ ادب شاعريءَ ڏانهن لاڙو 2004ع ۾ ٿيو. شاعريءَ ۾ سندس استاد علي اڪبر 'شائق' يوسف زئي هو. محمد ايوب جوڻيجو مختلف علمي ۽ ادبي تنظيمن سان به لاڳاپيل رهيو آهي. جن جو تفصيل هن طرح آهي: (1) سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)، سپريم ڪائونسل جو ميمبر 2007ع ۾، (2) سنڌي ادبي سنگت جام شورو ڪاڪ، ميمبر 2007ع ۾، (3) بزم روح رهاڻ ميمبر 2004ع ۾، (4) ٽي.آر.ڊي (ٽرسٽ فار رورل ڊولپمينٽ) رضاڪارانه ميمبر (99ـ1998ع)، (5) شلوا (شاهه لطيف ويلفيئر ايسوسيئيشن) رضاڪارانه ميمبر 2007ع

مذهبي تنظيمون: (1) دعوة تبليغ (1998ع ۾)، (2) تنظيم اسلامي پاڪستان (دعوت تبليغ پاڪستان) 2000 کان 2005ع تائين، (3) تحريڪ اسلامي پاڪستان (02ـ2001ع)

ڇپيل ڪتاب: متيءَ جي خوشبو (لوڪ ادب/ شاعري) 2010ع، ڇپائيندڙ: بتول پرنٽنگ پريس حيدرآباد

محمد ايوب جوڻيجو هن وقت روزگار سبب سنڌ يونيورسٽي سوسائٽيءَ ۾ رهي ٿو.

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

محمد بچل جوٽيجو:

محمد بچل ولد فتح محمد جوٽيجو 1942ع ڌاري خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ بچو واهڙ ۾ جائو پاڻ سگهڙ شاعر آهي. ڏورٻيت، پرولي، ڏٺ، ڳجهارت جا بيت چيا اٿس. محمد بچل جوٽيجو ايگريڪلچر ورڪشاپ ۾ بلڊوزر جو ڊرائيور رهيو. هو سنڌ جي ڪچي ۽ ڪاچي جي علاقن ۾ ڪافي وقت تائين سرڪاري نوڪري ڪندو رهيو. هن اتان جي سگهڙن ۽ شاعرن سان ڪچهريون ڪيون. جنهنڪري لوڪ ادب سان سندس لڳاءُ پيدا ٿيو ۽ سگهڙ شاعريءَ طرف متوجهه ٿيو. لوڪ شاعريءَ جو هو سلسلو هلندڙ آٿس.

غلام قادر عطاش:

غلام قادر عطاش ولد ڏهيسر خان گاڏهي 1 ـ جنوري 1924ع ۾ ڳوٺ پيڙو خان گاڏهي تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پرائمري فائينل جو امتحان پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. هن ادب ۾ 1952ع ۾ پير پاتو. هن ۾ عدد ڪتاب اڇپيل ڇڙيا آهن. جنهن ۾ الفت جي استدعا (شاعري)، ۽ تقديم الحروف (نثر) شامل آهن.

محمد عالم شبنم ڏوگر:

محمد عالم شبنم ڏوگر ولد محمد علي ڏوگر 1 ـ جنوري 1926ع تي ڳوٺ گل محمد ڏوگر تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ پرائمري تعليم مڪمل ڪري فائينل جي تياري ڪيائين. فائينل پاس ڪري زمينداري سنياڻ لڳو. شاعريءَ جي شروعات 1948ع کان ڪيائين. شاعريءَ جو هڪ ڪتاب "جهرمر" جي عنوان تحت لکيو. محمد عالم شبنم ڏوگر 28 ـ جولاءِ 1988ع تي انتقال ڪري ويو. پاڙ بزم غريب سيتا وليج جو صدر رهيو. جنهن جي زير سايه سنڌ ليول تي مشاعرا ڪرايائين.

جان محمد "شاد" عباسي پورڙائي:

ميان جان محمد عباسي ادبي نالو شاد عباسي پورڙائي ولد ميان حسن علي عباسي 25 ـ جولاءِ 1934ع تي ڳوٺ پورڙي تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪري فائينل جي تياري ڪيائين. فائينل جو امتحان پاس ڪري استاد مقرر ٿيو. هن شاعريءَ جي شروعات 1957ع کان ڪئي. شاعريءَ ۾ سندس استاد حافظ محمد احسن چنا هو. شاعريءَ کان علاوه نثر ۾ به لکيائين.

شاعريءَ ۾ هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو هئائين. جيڪو قلمي صورت ۾ پوين وٽ موجود آهي. شاد عباسي پورڙائي 19 ـ سيپٽمبر 1981ع تي انتقال ڪري ويو.

حبيب سنڌي:

حبيب سنڌي 1 ـ مارچ 1948ع تي استاد امير بخش چنا جي گهر ڳوٺ چوڪنڊي تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. مئٽرڪ سائنس گروپ ۾ ڪيائين. پاڻ واپڊا آفيس ۾ ڪلارڪ رهيو. ان کان علاوه سنجهوري جي هڪ ڪاٽن فيڪٽري ۾ ملازمت ڪيائين. هن اديب فاضل جو امتحان ڏيئي مسجد اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو.

هيءُ نهايت دلير ۽ خوددار هو. سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي تنظيمن سان وابسته پڻ رهيو. دليري ۽ خوداري سبب وڏيرن کيس اغوا ڪرايو ۽ پوليس هٿان کيس شهيد ڪرايو ويو. هيءُ رومانٽڪ شاعر هوندي اڏول دلير ۽ انقلابي هو. هن شاعري پڻ ڪئي. سندس پاءُ غلام رسول چنا سندس مختصر ڪلام "ريلا ريلات جا" سال 1993ع ۾ چپائي پڌرو ڪيو.

فياض بلوچ:

شاهه پسند ادبي نالو فياض بلوچ ولد فيض محمد چانڊيو 1 ـ جنوري 1952ع تي ڳوٺ مصري چانڊيو تعلقو خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. تعليم ايم.اي تائين حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد استاد مقرر ٿيو. لکڻ جو شروعات 1980ع ۾ ڪيائين. نثر کان علاوه شاعريءَ ۾ به طبع آزمائي ڪئي اٿس. وٽس ٻن ڪتابن جيترو مواد موجو آهي. شاعريءَ ۾ سندس رهنمائي پيرل پرديسي ڪئي. سندڙي ادبي سنگت سيتا روڊ جو سيڪريٽري پڻ رهيو آهي شاعريءَ سان گڏ سنڌو نثر نويس آهي هن ڪيترا مضمون ڪالمن ۾ تبصرا لکيا آهن.

بخشل لڌاڻي:

بخشل خان لڌاڻي ادبي نالو بخشل لڌاڻي ولد امير بخش چانڊيو 10 ـ نومبر 1962ع تي ڳوٺ لڌاڻ تعلقو خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪئي. سندس مڪمل تعليم بي.اي. سي.ٽي آهي پيشي جي لحاظ کان پاڻ استاد آهي. 1978ع ادبي دنيا ۾ پير پاتائين. شاعر جي حيثيت سان مشاعرن ۾ پاڻ مڃرايائين. هن وقت وٽس ٽن ڪتابن جيترو شعري مواد موجود اٿس.

مجبور ميمڻ:

غلام قادر ولد محمد علي ميمڻ ڳوٺ ويجي تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ 11 ـ مارچ 1960ع تي جنم ورتو ۽ پو ويجي ڳوٺ مان لڏي مستقل طور تي سيتا روڊ ۾ اچي رهيو. 1979ع کان پيرل پرديسي جي رهبريءَ سان شاعر جي حيثيت سان ادبي دنيا ۾ قدم رکيائين ۽ ٿوري عرصي ۾ سنڌ جي ادبي حلقن ۾ هڪ سڃي شاعر طور پاڻ کي مڃرايائين. سندس شاعري ۾ رومانس سان گڏ سماجي ۽ انقلابي پهلو نمايان نظر اچن ٿا. سندس مجموعه ڪلام پريس ۾ ويل آهي جيڪو عنقريب ڇپجي منظر عام تي اچي ويندو.

آزاد سچل اعوان:

محمد سچل اعوان ولد رانجهو خان اعوان جيڪو آزاد سچل اعوان جي نالي سان لکندو رهي ٿو سندس جنم ڳوٺ بيگو ديرو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ 14 ـ آگسٽ 1962ع تي ٿيو. تعليم ايم.اي تائين اٿس. وڪالت جي پيشي سان منسلڪ آهي. 1987ع کان ادبي دنيا سان واڳيل آهي. هن شاعري کان علاوه ڪالمن ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. وٽس ڪافي مواد موجود آهي.

ذوالفقار گاڏهي:

ذوالفقار علي ادبي نالو ذوالفقار گاڏهي ولد امداد علي گاڏهي 1 ـ سيپٽمبر 1966ع تي ڳوٺ شير محمد گاڏهي تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. سندس تعليم ايم.ايس. سي آنرس. ايم.ايڊ آهي بنيادي طور تي هو استاد آهي. هو 1990ع کان ادب ۾ پير پاتو. هن شاعري کان علاوه مضمون، مقالا ۽ ڪالم پڻ لکيا آهن. هن جي ڇپيل ڪتابن ـ ما اماس ۽ چنڊ، محبتون ٻيالا ۽ پٽمانا مشهور آهن.

گلزار سيال:

گلزار احمد ولد شاهنواز سيال 8 ـ اپريل 1965ع تي ڳوٺ ٽلهو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ اٿس. پاڻ ۾ سيڪنڊري استاد آهي هن ادب جي ابتدا 1993ع کان ڪئي. بنيادي طور هي هڪ استاد ۽ شاعر آهي. وٽس شاعريءَ جو ڪافي مواد گڏ ڪيل آهي.

علي زاهد[1]:

نئين ٿهيءَ جو نوجوان شاعر، ليکڪ، صحافي ۽ سماج سڌارڪ زاهد علي ولد ميان غلام محمد عباسي ادبي نالو علي زاهد جي نالي سان لکندو رهي ٿو. پاڻ 15 ـ آگسٽ 1973ع تي ڳوٺ خانپور تعلقي خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم بي.اي ۽ ڊي.ايڊ. هن ادب جي ابتدا 1990ع کان ڪئي. هن شاعري تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ان کان علاوه مضمون، مقالا، ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. ان کان علاوه اين.جي.او ۾ پڻ ورڪر جي حيثيت سان منسلڪ آهي. هن جو هڪ شاعري جو ڪتاب "ناچڻي" (2001ع) جيڪو ڪنول پبليڪيشن قنبر چپائي پڌرو ڪيو آهي. سنڌي شاعريءَ کان علاوه اردو ۾ پڻ شاعري ڪئي آهي. علي زاهد صحافت ۾ ڪئي آهي ۽ ڪي.ٽي.اين تي ڪجهه ڊرامن ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪري چڪو آهي.

علي زاهد جي اڻ ڇپيل ڪتابن جو تفصيل ڪجهه هن طرح آهي: (1) برف ورنا خواب، سنڌي نثري نظمن جو مجموعو (ترتيب ڏنل) (2) هينڊز اوڻي ويگ جيئن، سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو (ترتيب ڏنل)، (3) ڪٿا ضمير جي، چونڊ ڪالمن جو مجموعو (ترتيب ڏنل)، (4) الفاظ کي خانه بدوشي، اردو شاعريءَ جو مجموعو (ترتيب ڏنل)، (5) لڳي ناٽڪ ۾ مهارت (سنڌ ۽ پنجاب اندر ڪيترن ئي ٻڌندڙ مامرن بابت سجاڳي آڻڻ لاءِ ڪيترائي ڳلي ناٽڪ ڪيا)، (6) اسٽيج ڊراما، (7) ڪي.ٽي.اين جي ڊرامي "هوءَ اڪيلي" ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو. صحافت ۾ روزاني سچ، سنڌو تعمير سنڌ ۾ ايڊيٽر ۽ ايڊيٽوريل انچارج رهيو. عبرت مئگزين ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر جا فرائض ڏنا. ڪالم لکڻ جي شروعات جاڳو اخبار کان ڪئي.

مشهور ميمڻ:

خادم حسين ادبي نالو مشهور ميمڻ ولد خميسو خان ميمڻ 17 ـ سيپٽمبر 1973ع تي ڳوٺ ويجي تعلقي خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم بي.اي.اٽس. بنيادي طور تي هيءُ هڪ دڪاندار آهي. هن شاعريءَ جي ابتدا 1990ع کان ڪئي. شاعري جو هڪ ڪتاب اڻڇپيل موجود اٽس. مشهور ميمڻ جي هن وقت رهائش سيتا روڊ تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ آهي. غريبن جو دڪ درد رکندڙ سماجي ورڪر پڻ آهي.

جاويد لانگاهه:

جاويد لانگاهه ولد حاجي غلام حسين لانگاهه 1 ـ مارچ 1969ع تي ڳوٺ گوزو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪيائين. تعليم ايم.ايس سي ۽ ايم.اي (اڪانامڪس) تائين ٽيل اٽس. هن سال 1986ع کان ادب ۾ پير پاتو. هن شاعري کان علاوه مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکيا آهن ۽ ايجا به لکندو رهي ٿو. وٽس ٻن ڪتابن جيترو مواد موجود اٽس. هن وقت خانگي ڪاروبار سان گڏ صحافت سان لاڳاپيل آهي. سندس بي باڪ لکڻين ۽ تبصرا پڙهڻ وٽان آهن.

سرور نواز ٻگهيو:

غلام سرور ٻگهيو ادبي نالو سرور نواز ٻگهيو ولد محمد نواز ٻگهيو 15 ـ جولاءِ 1948ع تي ڳوٺ ڏٽي بخش ٻگهيو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم ايم.اي (انگريزي)، ايم.اي (سنڌي)، ايل.ايل.بي

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

۾ ايم.ايڊ ٽيل اٽس پاڻ استادي پيشي سان منسلڪ آهي هن ادب جي ابتدا شاعري سان ڪئي. ان کان علاوه مضمون مقالا ۽ ڪالم پڻ لکيا آهن ۽ لکندو رهي ٿو. ان کان علاوه ٻيو ڪافي مواد وٽس موجود آهي. هن وقت سندس رهائش ڪوٽڙيءَ ۾ آهي.

نور احمد ناشاد:

نور احمد ولد واحد بخش چانڊيو جيڪو نوراحمد 'ناشاد' جي نالي سان لکندو رهي ٿو جنهن 15 ـ مارچ 1949ع تي ڳوٺ بهادرپور تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري انگريزي پڑهڻ لاءِ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو مٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ پرائمري استاد مقرر ٿيو هن لکڻ جي شروعات 1970ع ۾ ڪئي. شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪئي. وٽس ٽن ڪتابن جيترو مواد موجود آهي.

نسرين سيد:

نسرين سيد ڏيءُ سيد غلام علي شاهه 1 ـ جولاءِ 1978ع تي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. هن ادب ۾ ابتدا 1999ع کان ڪئي. هن شاعري کان علاوه ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. سندس شاعريءَ جو هڪ ڪتاب "ڪنهن ڪنهن جي نند چورائي" ڇپيل آهي. ان کان علاوه "حويلي ۾ گم ٿيل وجود" ۽ "من انڌر ۾ قيد" ڪتاب ڇپيل اٽس پاڻ گرلس هاءِ اسڪول خيرپورناٿن شاهه جي هيڊ مسٽريس آهي. علمي ۽ ادبي سرگرميون جاري رکندي پئي اچي.

مولانا احمد علي 'مشتاق' ڏيرو:

مشهور عالم احمد علي ڏيري خيرپورناٿن شاهه ۾ سان ڏيرن جي ڳوٺ ۾ 1917ع تي جنم ورتو. ابتدائي تعليم کان وٺي دستاربنديءَ تائين علم پنهنجي ڳوٺ جي عالم استادن جي نگرانيءَ ۾ حاصل ڪيو. سندس والد مولوي محمد علي وڏو عالم ۽ حڪيم هو. هن پيءُ کان حڪمت پڻ سکي ۽ پاڻ به سٺو حڪيم ثابت ٿيو.

مولانا احمد علي شاعر به هو سندس تخلص "مشتاق" هو. هو بزم خليل ميهڙ جي مشاعرن ۾ پيرپور حصو ونندو هو. گڏوگڏ بزم آفتاب ادب دادوءَ جي مشاعرن ۾ به شرڪت ڪندو هو. لاڙڪاڻي مان نڪرندڙ "اديب سنڌ" رسالي ۾ سندس شاعري ڇپبي هئي.

مولانا "مشتاق" علي 29 سالن جي ڪوهه جواني ۾ مئي 1946ع تي وفات ڪئي. کيس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

سيد علي انور شاهه 'اجمل'[1]:

شاعر سيد علي انور شاهه 'اجمل' 1 ـ اپريل 1939ع تي سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي گهر ۾ ٽلهو سيدن جي لڳ بهادرپور ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول گوزي مان 1950ع ۾ حاصل ڪئي. مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان 1959ع ۾ انٽر جامعه عربيه حيدرآباد مان 1963ع ۾ بي.اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان 1966ع ۾ ۽ ايم.اي (سنڌي ادب) 1968ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي.

سيد علي انور شاهه 'اجمل' ملازمت جي شروعات 1 ـ آڪٽوبر 1964ع تي گورنمينٽ مڊل اسڪول لطيف آباد ـ 6 ۾ اسسٽنٽ ٽيچر طور ڪئي. اهو اسڪول ترت پوءِ هاءِ اسڪول ٿيو. هو 1967ع ۾ بدلي ٿي گوزو ۾ آيو جتي

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

هن زندگيءَ جو گهڻو حصو نوڪري ڪئي. هو خيرپورناٿن شاهه تعلقي جو ايس.ڊي.او به ٿيو. 1997ع ۾ گورنمينٽ برانچ هاءِ اسڪول سهراب ڳٺيو ۾ هيڊماستر رهيو جتي هو 1 ـ اپريل 1999ع تي رٽائر ٿيو.

سيد علي انور شاهه 'اجمل' لکڻ جي شروعات 1959ع کان ڪئي. سندس شاعريءَ ۾ استاد خيرپورناٿن شاهه جو رهاڪو حڪيم محمد صادق 'طالب' عباسي هو جيڪو پنهنجي دور جو قادرالڪلام شاعر هو. هن خيرپور مان 'تحفه خيرپورناٿن شاهه' جي نالي سان هڪ ڪتاب ڇپرايو جنهن ۾ سيد علي انور شاهه جو ڪلام به شامل آهي. سيد علي انور شاهه غزل جو شاعر آهي. سندس غزل ۾ حسن ۽ عشق جا نت نوان موضوع ۽ خوبصورت تمثيلون ۽ استعارا ملن ٿا. رهبر ڊائجسٽ، تحفه خيرپورناٿن شاهه، بادل (حيدرآباد)، رسالن سميت هلال پاڪستان ۽ مهراڻ اخبارن ۾ قطعا ۽ رباعيون ڇپيون. هو علم عروض جو پڪو پختو شاعر آهي. سندس بياض گم ٿي ويو.

سيد علي انور شاهه "اجمل" دادن فقير، استاد بخاري احمد خان آصف ۽ غلام حسين مشتاق سُچاروي کان متاثر آهي. پنهنجي ضلعي سميت سيوهڻ، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿيل اڪثر مشاعرن ۽ ميڙاڪن ۾ شعر پڙهيو اٿس. سندس موجوده رهائش شهباز ڪالوني خيرپورناٿن شاهه ۾ آهي.

قادربخش "قلندر" ميمڻ[1]:

استاد قادر بخش ميمڻ ولد ڏٽي بخش ميمڻ ڳوٺ ويجي لڳ سيتا روڊ تعلقو خيرپورناٿن شاهه ۾ 16 ـ فيبروري 1938ع تي جنم ورتو. اديب، عالم، فاضل پرائمري استاد آهي. 1962ع کان "قادن" ۽ "قلندر" تخلص سان ادبي دنيا ۾ قدم رکيائين ۽ قلندر ڪچڪول نالي ڪتاب سندس تخليق آهي. هن شخصيت جا ڪئين پاسا آهن. استاد، شاعر، سگهڙ، سماج سڌارڪ ۽ بيو گهڻو ڪجهه!

جن ماڻهن علم ۽ قلم جو پورهيو ڪري قوم جو آئيندو سڌاريو آهي. پنهنجي استادي پيشي سان سؤ سيڪڙو صاف ۽ صادق رهيا آهن. قوم جي ٻچن کي پنهنجي اولاد جي نظر سان ڏٺو آهي. اسڪولن کي پنهنجي گهر جيان پيار ۽ پاڻهه سان هلايو آهي. ان حد تائين جو کين پنهنجي ذاتي زندگي ۽ ان سان لاڳاپيل هر قسم جي الڪن ۽ اوسيئڙن جي پرواهه به نه رهي هجي. فقط اها ڏن سندن ڏهنن تي سوار هجي ته هنن معصوم جانين جو ڇا ٿيندو. اهڙن بي لوث محبت ڪندڙ ۽ پارڙن جي همدردن ۽ وفادارن مان هڪڙو نانءُ استاد قادر بخش ميمڻ آهي جيئن سندس تخلص "قلندر" آهي. ائين واقعي قلندرانه طبع جو مالڪ آهي. پنهنجي ذاتيات کان بالاتر ٿي سوچيندڙ آهي ۽ اها سين کي خبر آهي ته اهڙي صاف، سچي ۽ قلندر طبع انسان سان هن سماج جو ورتاءُ ڪهڙو هوندو. تاهم به "مست اپني ڌُهن مين هي اور غير کي سنتا نهين" واري مقولي تي عمل ڪري قادر بخش پنهنجي حصي جو هر اهو ڪم ڪيو آهي جو عام خاص لاءِ قابل قبول آهي. هُن ڪيترن اسڪولن ۾ استاد جا فرائض سرانجام ڏنا پر ميمڻ محلي اسڪول جو باني مباني آهي. هن اهو خرچ ڪري اسڪول مسواڙي جايون وٺي. پنهنجي هڙان وڙان ڪو ڪلاس ڪٽي ڪو ڪلاس ڪٽي قائم ڪري ثابت ڪري ڏيکاريو ته هيئن به اسڪول هلندو آهي. آخر سندس محنتون بار آور ثابت ٿيون ۽ سرڪار ان اسڪول لاءِ سرڪاري بلڊنگ ڏيئي اسڪول کي هڪ هنڌ ٽانيڪو ڪيو. اسڪول جڏهن ان بلڊنگ ۾ منتقل ٿي ويو ته ڪيس ان جي سربراهي ڏني وئي. هن هيڊماستر واري آفيس کي ننڍڙي سنڊالاجي ۾ تبديل ڪري چڏيو جتي بلند پايه اديبن، شاعرن، سگهڙن ۽ قومي ڪارڪنن جون تصويرون ديوارن تي آويزان ڪري چڏيون. هن سنڌ جي ثقافت ۽ هنرن جا

---

[1] بشير سيتائي ـ "سيتا جا سدا بهار ماڻهو" تان ورتل (ايڊيٽر).

نمونا رکيا. قديم ۽ نادر شيون ميڙي چونڊي آڻي رکيون ۽ اسکول جو انتظام اهڙي ريت هلائي ڏيکاريو جو خود تعليمي آفيسر حيران رهيا تہ هيءَ استاد الائي ڪٿان جي پياري مخلوق آهي. هينئر هو ميمڻ محلہ سيتا روڊ ۾ رٽائر زندگي گذاري رهيو آهي. نهايت گوشہ نشين، پر وٽس خلوص ۽ محبت، عاجزي ۽ انڪساري، مروت ۽ مهمان نوازي، علم ۽ حلم ساڳئي جو ساڳيو آهي. راڳ رنگ جو شوق سندس رڳ رڳ ۾ پريل آهي. پاڻ نہ فقط نثر نگار، شاعر، سگهڙ ۽ سخنور پر وڏو سخن شناس پڻ آهي. تعليمي سرٽيفڪيٽ ۽ ڊگريون، اوارڊ ۽ سلور ميڊل بہ وٽس موجود آهن. سعدي، حافظ رومي کان وٺي پٽائي، سچل سامي تائين بيدل، بيڪس، روحل ۽ مصري شاهہ کان ويندي عام سگهڙن تائين، اياز ۽ استاد کان ويندي مجبور ميمڻ تائين سيني شاعرن جي شاعريءَ مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪيس ياد هوندو. ڪو پيارو ملي ويس تہ ماني ۽ ڪچهريءَ کان سواءِ نہ ڇڏيندو.

محسن ڪڪڑائي[1]:

سيد نياز علي شاهہ محسن ڪڪڑائي جو جنم شهر ڪڪڑ تعلقي خيرپورناٿن شاهہ ضلعي دادو ۾ 4_جولاءِ 1937ع ۾ سيد احمد شاهہ "تراب" لکياري جي گهر ۾ ٽيو پاڻ پرائمري سنڌ تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ سنڌي ورنيڪيولر فائينل امتحان بہ سال 1952ع ۾ پاس ڪيائين. ان بعد ڪيس سال 1954ع ۾ پرائمري استاد مقرر ڪيو ويو. ملازمت دوران اديب سنڌي، اديب عالم ۽ اديب فاضل پاس ڪيائين. 1970ع ۾ مئٽرڪ، 1971ع ۾ انٽر آرٽس، 1972ع ۾ بي.اي ۽ 1974ع ۾ بي.ايڊ ۽ 75_1974ع ۾ ايم.اي ۽ سي.ٽي امتحان خانگي طرح پاس ڪيائين.

محسن ڪڪڑائي 1951ع کان شعر و شاعري ۽ نثر لکڻ جي شروعات ڪئي سندس پهريون شعري مجموعو "امنگون" ۽ ٻيون شعري مجموعو "سونهن جي ساڃاهہ" ڇپيو. 1968ع دوران لاهور ۾ قومي نغمي جي مقابلي سنڌي شعر لکڻ تي ڪيس گورنر طرفان پهريون نمبر انعام مليو. محسن ڪڪڑائي، تمام ذهين، جفاڪش ۽ شاگردن جو هڏوڪي استاد هو ۽ بنا معاوضي شاگردن کي فارغ وقت ۾ پنهنجي اوطاق تي پڙهائيندو هو ۽ انهن کي اعليٰ مقام تي پهچائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. فقير ۽ درويش قسم جو سادو پهريندڙ ۽ سادو کائيندڙ شخص هو. ٻين ڇپيل ڪتابن ۾ "ليلا جا خط" "سوريءَ چڙهيو سچ" ۽ اڻڇپيل ڪتابن ۾ "مجنون جي ڊائري"، "انارڪلي"، "ڪنهن جي ڳالهہ ڳرانٽي"، "مقبوليت ڏک سکن جي سونهن"، "ديوان محسن" ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب شامل آهن.

هيءَ زنده دل انسان 68 ورهين جي عمر ۾ 2_اپريل 2005ع تي هن فاني جهان مان هميشہ لاءِ دارالبقا ڏانهن راهي ٿي ويو هن پويان ڇهہ پٽ ۽ بہ نياڻيون وارث ڇڏيا آهن.

"ميرل فقير" جويو[1]:

حاجي مير محمد عرف "ميرل فقير" جويو جو جنم سنہ 14_مارچ 1930ع ۾ حاجي عبدالرسول خان جويو جي گهر ۾ ڳوٺ ٻيلو پٽڻ لڳ ڳوٺ خانپور تعلقي خيرپورناٿن شاهہ ضلعي دادو ۾ ٽيو ڪيس ننڍپڻ کان ئي ڳائڻ جو شوق هوندو هو. پرائمري اسکول جي اسيمبلي دوران ڪانئس حمد ڳارايو ويندو هو سندس سُريلي آواز ۾ ڪلام کي پڌرڻ لاءِ پرسان گذرندڙ ماڻهو بيهي پڌندا هئا. سيڪنڊري تعليم دوران ڪيس ڊرامن ۾ حصو وٺڻ جو شوق هوندو هو هن بسنت

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

منورما هڪ برامو اسٽيج ڪيو جنهن ۾ مير محمد بسنت جو پارٽ ۽ منورما جا پارٽ تلوڪ چند ادا ڪيو جنهن کان پوءِ تلوڪ چندسان سندس دوستي عشق واري حد تائين پهچي ويئي. نيٽ 1974ع ۾ پاڪستان ٽيٽ بعد تلوڪ چند هندستان هليوتہ ميرل فقير جدائي ۾ گهٽ رُنو.

ميرل فقير شاعريءَ جي باقاعده شروعات 1945ع ۾ ٿي. سندس عشق هڪ عورت "نيڪان" سان ٿي ويو جنهن ڪيس مجاز جي موجن ۾ اُڇلي ڇڏيو. نيٽ ان عشق هن کي اهڙو گهائي وڏو جو ماستري ڇڏي وڃي ڳائڻن جي ٽولي سان گڏيو. ميرل فقير ۽ ماهي جي دوستي عشق ۾ بدلجي وئي ۽ بدائپ تائين سندن محبت جو ساٿ سلامت رهيو. عشق جي چپيٽ اچڻ کان پوءِ شاعري ڪندي ڪيس ڪنهن استاد شاعر جي رهبريءَ جي ضرورت محسوس ٿي. نيٽ طالب لغاريءَ کان رهبري ونڊ ۽ شاگرديءَ جو ڳانو ٻڌائڻ لاءِ وٽس ويو ان بعد ڪيس حج بيت الله جي ادائگيءَ جو شوق ٿيو نيٽ 1964ع ۾ پنهنجي عزيز حاجي محمد سليمان جي سنگت ۾ روانو ٿيو ۽ خشڪي رستي ڏکيا سفر ڏوري مڪه مڪرمه پهتو ۽ حج ادا ڪيائين. اُتي جده ۾ رهندي سندس ملاقات محمد حسن عرف ميهر فقير سان ٿي. جنهن کانئس شاگرديءَ جو ڳانو ٻڌايو. ميرل فقير سعوديه ۾ رهندي به راڳ جون محفلون مشاعرا ڪرائيندو رهيو. شعر جي سيني صنفن ۾ طبع آزمائي ڪيائين. 1973ع ۾ سندس والد صاحب جيڪو سپروائيزنگ ٽيپيدار جي عهدي تي فائز هو بيمار ٿي پيو تہ سندس علاج ۽ خدمت خاطر سعودي عرب کي الوداع چئي پنهنجي وطن واپس موٽي آيو.

سليم پٽو لطيفي[1]:

سليم پٽو ولد حاجي محمد عظيم پٽو 1 ـ آڪٽوبر 1961ع تي ڳوٺ ٻيلو پٽ ضلعي خيرپورناٿن شاهه ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم 1971ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان 1976ع ۾ پاس ڪئي. انٽر 1978ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج ڪي. اين. شاهه مان پاس ڪئي. هن پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت ۾ بي.اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪاري موريءَ مان 1982ع ۾ پاس ڪئي ۽ ايم.اي (انگريزي) جي ڊگري 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي.

سليم پٽو لطيفي عملي زندگيءَ جي شروعات 1978ع ۾ جونيئر اسڪول ٽيچر جي حيثيت ۾ ڪئي. هن جي مقرري ميهڙ ۾ ڪئي ويئي. جتان پوءِ هن سنڌ جي مختلف شهرن: راڻڻ ٽاڪو بولاخان سن ٽنبو حيدر لالو رانڪ نصير آباد ۽ حيدرآباد ۾ 1983ع تائين درس و تدريس جون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. 1985ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ايم.اي ڪرڻ کان پوءِ هن کي سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو جتي هو 6 مهينا انگريزي پڙهيندو رهيو. 1987ع ۾ هن C.S.S ڪوالي فاءِ ڪئي. 1988ع ۾ P.C.S پاس ڪري ايڪسائيز ڪاتي ۾ E.T.O مقرر ٿيو. ڪيس ڪراچيءَ جي ليارياءَ واري علاقي ۾ مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ هن سنڌ جي مختلف ضلعن ـ حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، نوابشاهه، خيرپور ميرس، سانگهڙ، دادو، شڪارپور، جامشورو، ٺٽياري ۽ گهوٽڪيءَ ۾ نوڪري ڪري چڪو آهي. هن وقت ڪراچيءَ ۾ ڊائريڪٽر پراپرٽي ٽيڪس طور ڊيوٽي سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

سليم پٽو لطيفيءَ جو لطيف سائينءَ ڏانهن لاڙو ايم.اي انگريزي ڪرڻ دوران پيدا ٿيو. هن ايم.اي انگريزيءَ جو شعبو اُن ڪري ئي چونڊيو تہ جيئن هو لطيف سائينءَ کي انگريزي ادب ۾ متعارف ڪرائي سگهي. سليم پٽي لطيفي لکڻ جي ابتدا ڪاليج واري زماني کان ڪئي. شاهه لطيف جي سُر مارئي تي سندس لکيل ڀهريون مضمون سال

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

1988ع ۾ روزاني عوامي آواز ۾ ڇپيو ان کان پوءِ هو باقاعده شاهه لطيف جي ڪلام تي ڪم ڪرڻ لاءِ مسلسل لطيف سگهڙن سان ڪچهريون ڪرڻ شروع ڪيون. لطيفي سگهڙن ۾ جن هن جي رهنمائي ڪئي، تن ۾ فقير محمد جمن مگٽهار (ٺٽو)، مبارڪ لغاري مگيلڏو لغاري (ٽنڊو محمد خان)، محمد عمر جوڪيو (ٺٽو)، سلطان احمد چانڊيو ولد خميسو چانڊيو (ميرپوربٺورو)، هيءُ سگهڙ فقير محمد جمن ۽ محمد رمضان جت سميت شاهه لطيف جي بيتن کي هٿ ڪرڻ لا ۾ پيرا انديا به ويو ڪرم جت (ڪيڙ- بدين)، محمد عثمان نهڙيو ذوالفقار نهڙيو محمد حسين چانڊيو اسماعيل جت نورمحمد جت (ڪيڙ)، قلندر بخش جمالي، غلام حيدر جمالي (ڪيڙ)، ڏٽي بخش نوحاڻي (ٽنڊو غلام علي) وغيره شامل آهن. هي اُهي لطيفي سگهڙ آهن، جن سليم پٽو کي لطيفي عشق ۾ رڱي رٽو ڪري چڏيو ۽ هو انهن جي صحبت ۾ پا کي لطيفي سڏائڻ شروع ڪيو.

سليم پٽو لطيفي لطيفيات جي شعبي ۾ پنهنجي هڪ الڳ شناخت رکي ٿو. هن انهيءَ شعبي ۾ مختلف موضوعن تي ليکچر ڏنا آهن. هو شاهه عبداللطيف پٽائي چيئر ڪراچيءَ جي پراجيڪٽ انسائيڪلوپيڊيا آف شاه عبداللطيف پٽائيءَ جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر آهي. هن مهراڻ ۽ سنڌ ٽي وي سيٽ لائيٽ چئنلن تي لطيف شناسي جي حوالي سان ڪيئن پروگرام ڪيا آهن. هن 2004ع ۾ پارٽن جي علمي ۽ ادبي تربيت ۽ نشونما لاءِ ماهوار "انڊلڻ رسالو جاري ڪيو جيڪو ڪجهه سال هليو. ڪراچيءَ مان ماهوار "پورب" 1992ع کان 1995ع تائين هلايو جنهن لطيفيات سان گڏ ٻين موضوعن تي به مفيد مضمون، مقالا ۽ شاعري شامل ڪئي ويئي. ماهوار "جاکوڙ" 1996ع ۾ جار ڪيو جنهن جا به پرچا ڪيائين. 2008ع ۾ مرحوم رسول بخش جتوئي لطيف شناسيءَ جي حوالي سان سليم پ لطيفيءَ جي آواز ۽ تربيت ۾ صوفي يونيورسٽي پٽ شاهه پاران 'درس لطيف' جي عنوان سان 2 سي. ڊي پروگرام ڪيا.

سليم پٽو لطيفي شاهه سائين جي اڻڇپيل بيتن جي ڳولا، سهيڑ ۽ تحقيق جي حوالي سان مختلف ضلعن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي لطيفي سگهڙن سان ڪچهريون ڪري لطيف سائين جا ٻن هزارن کان وڌيڪ بيت هٿ ڪري چڪو آهي ۽ اهو سلسلو هلندڙ آهي. هن شاهه سائين جي موضوعاتي ڪتابچن جو سلسلو شروع ڪيو آهي جنهن ۾ پهريون ڪتابچو- "شاهه عبداللطيف جا دعائيه بيت" ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. سندس لطيفيات جي موضوع تي ڇپيل ڪتاب هن طرح آهن:

(1) شاهه جي شاعريءَ جو جديد فڪر (1990ع)
(2) لطيفي لات جا (1991ع)
(3) Shah Abdul Latif Bhittai_ A star just before the Dawn (1992)
(4) شاهه جي شاعريءَ جو سچ (1993ع)
(5) Horizons of Shah Latif's Poetry (1994)
(6) لات جا لطيف جي (1994ع)
(7) حقيقت هن حال جي (جلد _4) (1997 _ 1995ع)
(8) هڙا سيڙ سُڌير (2003ع)
(9) قدر ڪيميا اُن جو (2005ع)
(10) اسان جو شاهه لطيف (جلد _5) هيءُ ڪتاب، سگا جي اسڪولن ۾ چوٿين کان اٺين ڪلاس تائين 2004ع کان اضافي ڪورس ۾ شامل آهي.

(11) شاهه سائين جي چپيل ۽ انڇپيل رسالن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس (2007ع)

(12) شاهه جي شاعريءَ ۾ سنڌ جا هنر (2008ع) شاهه عبداللطيف يٽائي چيئر پاران چپيل (ڊاڪٽر الهرکئي ٻٽ سان گڏجي ڪم ڪيل)

(13) سائُو هلن سامهان (2009ع)

(14) ڳالهه پريان جي ڳجهه جي (2013ع)

(15) شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪرتڪار ڏندا، پيشا (چپائيءَ ۾ ـ ڊاڪٽر الهرکئي ٻٽ سان گڏ ڪم ڪيل)

سليم يٽو لطيفيءَ جو لطيف سائين سان عشق تمام گهرو آهي. سندس سمورين لکڻين جو محور ۽ مرڪز شاهه لطيف ئي آهي. هو لطيف سائين جي عشق کان سواءِ پنهنجي وجود جي نفي ڪري ٿو.

سليم يٽو لطيفي عام زندگيءَ ۾ ملنسار ۽ پُربهار شخصيت جو مالڪ آهي. هو اجائي وڏائي ۽ ناڻ کان پري پڃندڙ آهي. هو سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي واري رهائشگاهه تي "لطيفي تحقيقي تکيو" جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو آهي جتان لطيف سائين تي سندس لکيل ڪتاب چپائي پڌرا ڪري ٿو. سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي ڄام شوري واري رهائش "لطيفي واهيرو" جي نالي سان مشهور آٿس.

سليم يٽو لطيفي کي اولاد ۾ 6 ڌار ـ سرويچ، سنگهار، سارنگ، سنڌ سونيٽي سورٺ ۽ سمڪ فاطمه آهن.

سيد علي اڪبر شاهه[1]:

گلستانِ علوم سنڌ ۾ جيڪي دريگانه وجود هستيءَ ۾ آيا، تن ۾ حضرت الحاج سيد علي اڪبر شاهه جو نالو سرفهرست لکجي ته جهجڪ محسوس نه ٿيندي. موصوف جي شخصيت ۾ اهي سيئي خوبيون گڏوگڏ موجود هيون جيڪي ڪنهن مڪمل انسان ۾ هئڻ گهرجن. جلسي جي اسٽيج تي هڪ جادو مان مقرر، علم جي ميدان ۾ هڪ نامور عالم، تصوف ۾ صوفي لاڪوفي، جهد جي ميدان ۾ هڪ پرهيزگار بندو، قومي سطح تي هڪ بلندپايه مفڪر، مطلب ته زندگي جي هر شعبي ۾ هڪ ڪامل ۽ مڪمل ليکيو ويندو هو.

هن بزرگ سيد جي ولادت 2 ـ فيبروري 1901ع ۾ سيد محمد مڪي جي گهر ۾ ٿي. ديني تعليم شروع ۾ پنهنجي والد سيد احمد شاهه وٽ بعد ۾ علامه عبدالڪريم ديروي عليه الرحمة وٽ پرايائون. ديني علوم ۾ فارغ التحصيل ٿيڻ بعد اي وي اسڪول ميهڙ مان انگريزي تعليم به حاصل ڪيائون. سندن علمي زندگي جي شروعات 1916ع ۾ ٿي جڏهن پاڻ "انجمنِ اصلاح المسلمين" ۽ "ينگ مسلم ايسوسيئيشن" جو بنياد وڌو. بعد ۾ سيد صاحب جن خلافتِ تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي سنڌي مسلمانن ۾ انقلابي روح ڦوڪبائون. 1935ع ۾ مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي سان سنڌ جي بمبئي کان آزادي وٽڻ ۾ پاڻهن پيلي ٿيا. 1939ع ۾ سيد سڳورا مسجد منزل گاهه واري تاريخي موقعي تي، خانبهادر کهڙو، محترم جي.ايم.سيد، آغا عبدالنبي پٺاڻ ۽ مرحوم پير غلام مجدد سرهندي سان هم رڪاب رهيا. نتيجي ۾ کين گرفتار ڪيو ويو.

سيد جي معاصرن جو حلقو ڏاڍو وسيع آهي جنهن ۾ قائداعظم، خان لياقت علي خان، سر حاجي عبدالله هارون، پير علي محمد راشدي، سيد سليمان ندوي، علامه محمود احمد عباسي، مولانا حسرت موهاني، علامه شبير احمد عثماني وغيره قابل ذڪر آهن.

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

سيد سڳوري جي زندگي علم، ادب ۽ دانش لاءِ جڙ تہ وقف ڪيل هئي تہ ايترين مصروفيتن جي باوجود سن صاحب تدريس جو ڪم سرانجام ڏيندا رهيا، جنهن جي نتيجي ۾ مرحوم غلام محمد گرامي جهڙا گوهر پيدا ٿيا. پا ميڙ ۾ هڪ مدرسو بہ قائم ڪيائون. ازانسواءِ ميڙ ۾ اورينٽل ڪاليج ۽ حيدرآباد ۾ جامع عربيہ سندس خيرچاري شامل آهن. سيد سڳورو بستري علالت تي بہ پنهنجي مشن کان ٻيگانو نہ ٿيو جيڪو هيو سنڌي مسلمانن جو حسين درخشان مستقبل.

آخر زندگي ڪيس ساڻ نہ ڏنو. 22 ـ جون 1971ع جو صبح بادِ صبا سان گڏ هڪ خاموش غم ڪني آيو ۽ هي ۽ علم جو روشن ڪتاب هميشہ لاءِ سميٽجي ويو ۽ روشني جو مينار اکين کان اوجهل ٿي ويو. سندس مزار اڄ بہ جاه مسجد ميڙ ۾ سان هر عام و خاص جي حاضري جو مرڪز آهي.

سنڌ جي مايہ ناز و فڪر ۽ نقاد رئيس ضياءالدين بلبل سندس قدآور شخصيت ۽ نيڪ زندگيءَ جو اعترا ڪندي لکيو "چگو هاڻي ڪن ڏئي ٻڌ. ادا تنهنجي سپ کان وڏي خامي هي آهي تہ تو ڪابہ خامي نظر نہ ٿي اچي."

سيد علي اڪبر شاهہ جن تہ داغ ـ رفاقت ڏئي ويا. ۽ سندس پوئان اميد جو آخري ڪرٽو اڃان تابنده آهہ جيڪو آهي سندس فرزند ارجمند سيد محمد شاهہ صاحب سيد محمد شاهہ ۾ پڙ سندس والد مڪرم جهڙين خوبيو موجود آهن. اميد تہ هن قحط الرجال دور ۾ سيد سائين هڪ باوقار شخصيت ٿي اپرندو ۽ شهرين جي اميدن جو مڪ پورائو ڪندو.

محمد منير چنا:

سنڌ جي مشهور عالم دين ۽ شاعر شيرين بيان حضرت مولانا دين محمد صاحب "اديب" فيروزشاهيءَ ج نوجوان فرزند محمد منير چنا وڪيل 21 ـ آڪٽوبر 1967ع مطابق 16 ـ رجب المرجب 1387هہ تي وفات فرمائي.

مرحوم هڪ رلٽو ملٽو ۽ زنده دل نوجوان هو. سندس پيشو اگرچہ وڪالت هو پر ان سان گڏ ادب سان بہ دا چاهہ هوس. ان سلسلي ۾ سندس ڪيترا ڪتاب شايع ٿيل آهن. جن مان "اسلامي اڪابر (9 حصن مان 7 حص چپيل) ڏاڍا مقبول ٿيا آهن. سندس ٻيا ڪتاب "سيرت الرسول"، "عشق حقيقي"، "انگريزي ـ سنڌي ڊڪشنري" ۽ "عر گرامر" اڃا اڻڇپيل آهن.

امام الدين "ضامن":

سنڌ جو مشهور مزاح نگار ميان امام الدين "ضامن" 12 ـ فيبروري 1959ع تي وفات ڪري ويو. مرحوم مي جي پرسان ڏهيءَ جهڙي ننڍڙي واهڻ ۾ 1909ع ڌاري پيدا ٿيو. سندس وڏا پنهنجي مچيءَ مانيءَ وارا هئا ۽ سندس وا ڇگو زميندار هو. 'ضامن' اڃا ڇڻن سالن جو مس ٿيو تہ سندس والد وفات ڪئي. ۽ پاڻ 4 ـ 5 درجا پڙهي. فقيريءَ ج تلاش ۾ ويجي قلندر جو ملنگ ٿيو سالن جا سال قلندر لال شهباز تي رهيو ۽ ان کان پوءِ ٽپال کاتي ۾ ملازمت اختي ڪيائين. جا پڇاڙيءَ تائين هلندي آئي.

"ضامن" جي طبعيت نهايت خودار ۽ قلندرانہ هئي. تنهنڪري خوشامد پسند آفيسرن کيس ڏاڍو تنگ ڪيو کيس ڪوئينا ۽ پشين تائين بدلي ڪيائون. پر هي مرد قلندر پيرين اگهاڙو برف کي لتاڙيندو ڪلائيندو ۽ وندرائيندو ٿي ورهائيندو وتندو هو! ايتري تنگ گذر ۾ بہ والده ۽ اولاد جي خدمت ڪندو آيو. ٿنّ کي تسا ڏيئي پٽ کي اعليٰ تعلي ڏرائين. سندس شاعري مرحوم شمس الدين 'بلبل' جي صحبت ۽ اصلاح سان شروع ٿي. جو بلند مرتبہ اديب ۽ شا

هو ۽ خاص طرح ظريفانه نڪته سنجيءَ ۾ بيمثال هو. 'ضامن' جو مزاج نهايت نمڪين لڏيندڙ دلنشين ۽ سنجيدو هوندو هو. سندس مزاج زندگيءَ جي تلخين جي پيدا وار هو.

سيد علي اصغر شاهه:

سيد علي اصغر شاهه ميهڙ جي مردم خيز خطي ۾ پيدا ٿيو. سندس جي مشهور عالم فاضل ۽ سياستدان جناب سيد علي اڪبر شاهه جي صحبت ۾ سندس تربيت ٿي. جيتوڻيڪ ان دور ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جون سهوليتون گهٽ هيون، ان باوجود بي.اي جي ڊگري علي ڳڙهه مان حاصل ڪيائين. شاهه صاحب پنهنجي حليم ۽ هڏ ڏوکي طبعيت سبب تعليم ڪاتي جي ملازمت سان وابسته رهيو ۽ پاڻ کي مثالي استاد ثابت ڪيائين خاص طور جاگرافي جو ماهر استاد هو. شاهه صاحب جي تعليمي ۽ سماجي خدمتن کان سندس جا ماڻهو واقف آهن. سيد علي اصغر شاهه صاحب جامعه عربيه تحريڪ ۾ پڻ شريڪ رهيو ۽ بنا معاوضي خدمتون سرانجام ڏنائين. ان تحريڪ دوران جامعه عربيه مدرسي وسيلي عام پهراڙي جي ماڻهن جي علمي خدمت ڪيائون. خاص طور عربي زبان ۽ انگريزي ٻولي جي خاص خدمت ڪيائين. هن مدرسي ۾ هر سال ٻه درجا پڙهائي. ٽن سالن اندر مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪرايو ويندو هو. هن ڪم ۾ حاجي غلام مصطفيٰ خاصخيلي ۽ حاجي پير محمد ابڙي صاحب جهڙن محنتي ۽ تعليمي ماهر استادن جي موجودگي ۾ تعليم کي عڙش تائين پهچائي تمام قابل شاگرد پيدا ڪيا.

شاهه صاحب گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ استاد ۽ پرائمري تعليم لاءِ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس به رهيو. آخر ۾ شاهه صاحب گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ڪامياب منتظم هيڊماسٽر جي عهدي تي رهيو. نيڪ سيرت ۽ بااخلاق استاد هو. 1967ع ۾ هيڊماسٽر جي عهدي دوران اوچتي بيماري سبب وفات ڪيائين. شاهه صاحب پٺيان وارثن ۾ چار پٽ ڇڏيا.

جن جا نالا اسلم شاهه عرف علي انورشاهه (جو مئجسٽريٽ ۽ ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تائين خدمتون سرانجام ڏيئي رٽائر ڪيائين)، اظهر شاهه، اطهر شاهه ۽ عبدالقيوم شاهه آهن.

شمس الدين شمسي:

شمس الدين ولد غلام حسين ناريجو ڳوٺ بخش لاکير تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. سندس جنم سال 1921ع هو. پنهنجي وقت جو بهترين شاعر هو ۽ سندس جي ڪيترن مشاعرن ۾ حصو ورتي داد حاصل ڪيائين. سندس ڪتابن ۾ شاهه مدينه، نوراڻو محلات، گلزار شمسي سرهاڻ ۽ هو جمالو قابل ذڪر آهن. سندس شاعري ۾ استاد محمد رمضان ثاقب منگي هو. هي بهترين شاعر 1994ع ۾ وفات ڪري ويو.

سيد محمد تقي شاهه "حنفي":

سيد محمد تقي شاهه حنفي تاريخ 1 ـ جنوري 1904ع تي ڳوٺ ناري تعلقو ميهڙ ۾ سيد جان محمد شاهه عرف عبدالله شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ناري مان حاصل ڪرڻ بعد ڳوٺ سويو مگسي ۾ جهوني استاد لعل بخش لاکير وٽ ورنيڪيولر فائنل امتحان 1923ع ۾ پاس ڪرڻ بعد 1928ع ۾ پرائمري استاد ٿيو 1935ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان ٽريننگ ورتائين 1939ع تائين نوڪري جاري رکيائين پر زمينداري ڪمن سبب نوڪري تان استعيفيٰ ڏنائين ان دوران فارسي ٻولي جي به سکيا ونئي عبور حاصل ڪيائين. شاهه صاحب 1921ع کان شاعري جي ابتدا ڪئي ان ۾ سندس استاد حڪيم جمع خان غريب هيو. شاعري ۾ سندس قلمي بياض ترتيب ڏنل

آهي. سيد محمد تقي شاهه حنفي 1925ع کان 1938ع تائين معاون اخبار جو ايڊيٽر پڻ رهيو نثر ۾ به ڪيس عبور رهيو. 1925ع ۾ هن ناري جهڙي ڳوٺ ۾ بزم مشاعره قائم ڪئي جنهن جي مشاعرن ۾ سنڌ جا وڏا شاعر به شرڪت ڪندا هئا. سنڌي ادب جو خاص خدمتگار 31 ـ مئي 1997ع تي هن جهان مان الوداع ڪري ويو.

خدابخش "خادم":

خدا بخش 10 ـ جنوري 1904ع ۾ ميهڙ شهر ۾ لعل بخش لُنڊ جي گهر ۾ جنم ورتو ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول ميهڙ ۾ حاصل ڪري مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان 1921ع ۾ پاس ڪيو.

سنہ 1922ع کان پوسٽ کاتي ۾ نوڪري شروع ڪري 1940ع ۾ پوسٽ ماسٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. ان دوران هن شاعريءَ جي شروعات ڪئي ۽ بزم اڪبر ميهڙ جو صدر رهيو. ان کان سواءِ سيد علي اڪبر شاهه صاحب جي صحبت ۾ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ به سرگرم رهيو. مشاعرن ۽ ادبي محفلن ۾ سرگرم رهندو هو. جيڪي بزم اڪبر جي قيام بعد منعقد ڪرايون ويندیون هيون. جن ۾ سنڌ جا چوٽيءَ جا شاعر ۽ ادیب شريڪ ٿيندا هئا. جن ۾ مولانا غلام محمد گرامي، غالب سنڌ فيض بخشاپوري، مرن محزون، استاد بخاري، عبدالله خان "همدم"، احمد خان "آصف"، "احمد خان "مدهوش"، ظفر سيوهاڻي، محسن ڪڙائي، اسحاق "راهي"، نشتر ناٽن شاهي، الهنواز رُکڻائي، محمد عرس بُرڙ، ملنگ ابراهيم حيدري، دادن فقير، بشير سيتائي، سرڪش سنڌي، شاهنواز "مسافر" ۽ ناظر منگي شامل ٿيندا هئا. خدا بخش "خادم" 17 ـ مئي 1982ع تي وفات ڪري ويو.

آخري جمار ۾ ميهڙ ۾ بانڊ رائيٽر ۽ اسٽئمپ وينڊر هو. ته اديبن جون وٽس ڪچهريون ٿيندیون هيون. هو تمام ملنسار ماڻهو هو. هر آئي وئي جو ڪُليءَ دل سان آدرياءُ ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس فرصت ۾ ڏسي ڪيس شعر جي فرمائش ڪندا هئا ته دل کولي شاعري ٻڌائيندو هو. سندس شاعريءَ ۾ سماجي پهلو هئا ۽ ڪافي اصلاحي نوعيت جي هئي.

عبدالله خان "همدم":

عبدالله خان ولد محمد يوسف سهاراڻي، ريواڻي چانڊيو 8 ـ مئي 1914ع تي ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. سندن وڏا اصل غيبي ديري جا رهاڪو هئا. سندس ڏاڏو عبدالله خان اول وڏو سالڪ ۽ سُڃاڻ ماڻهو هو.

"همدم" صاحب پرائمري تعليم ميهڙ ۾ حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ امتحان ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ بمبئي يونيورسٽي مان 1934ع ۾ پاس ڪيو ۽ پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين. ان بعد 1942ع ۾ ڪيس سب رجسٽرار مقرر ڪري رٽيديري تعلقي ۾ رکيائون. هن شاعري جي شروعات نوڪري دوران ڪئي ۽ وڏن وڏن مشاعرن ۾ حصو وٺي داد حاصل ڪندو رهيو. هن شاعري جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري جو مجموعو "ارمغان همدم" ڇپيل آهي.

عبدالله خان "همدم" ذهين ۽ لائق انسان ٿي گذريو آهي. بزم اڪبر ميهڙ جو صدر به رهيو. هو 7 ـ سيپٽمبر 1988ع ۾ 74 ورهين جي جمار ۾ وفات ڪري ويو.

مولانا ڪريم بخش مگسي:

علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي سنہ 1925ع ۾ ڳوٺ سوپو مگسي ۾ مولانا غلام مصطفيٰ مگسي جي گهر ۾ پيدا ٿيو ۽ جو پڻ عالم دين هو. سندس والد صاحب کي خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺڻ ڪري خليفو سڏيندا هئا. سندس

نندپٹ ۾ سندس والد صاحب وفات ڪري ويو جنهن بعد سندس تربيت چاچي ڪئي. سندس والده ڪيس مدرسي ۾ ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرايو ڪجهه وقت کان پوءِ سندس چاچو به انتقال ڪري ويو علامہ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي علمي ۽ سماجي خدمتن کان متاثر ٿي سيد علي اڪبر شاهہ صاحب مدرسي ميهڙ ۾ ڪيس مهتمم ۽ مدرس مقرر ڪيو مدرسو ۽ مسجد اوقاف ڪاتي جي حوالي ٿيڻ کان پوءِ به جامع مسجد جو خطيب رهيو اٽڪل ٽيهارو سالن کان مسلسل هن مدرسي ۾ درس و تدريس جو ڪم جاري رکيو ۽ ڪيترائي عالم دين پيدا ڪيا. پنهنجي پگهار به مدرسي تي خرچ ڪندو هو. سندس فتويٰ کي ڪورٽون به ميجينديون هيون. سڄي ڄمار درس و تدريس ۽ تصنيف ۾ گذاريڻ پاڻ 2006ع ۾ 29 ـ نومبر تي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو.

مولانا عبدالغفار صابري:

مولانا عبدالغفار صابري ولد رئيس عطا محمد خان مهيسر 'عطا' تاريخ 4 ـ جنوري 1930ع تي ڳوٺ سيد پير محمد شاهہ تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو هن سنڌ مدرسة الاسلام ۾ ديني تعليم ۽ به درجا انگريزي پڙهي ۽ پوءِ مدرسہ مظهر العلوم ڪڏي ڪراچيءَ مان فاضل درسي نظامي جو ڪورس مڪمل ڪيو. ڪيس عربي سان گڏ فارسي زبان تي ڪافي دسترس هئي. هُن عالم هئڻ سان گڏ پنهنجي زندگيءَ جو آغاز صحافت سان ڪيو. اخبار شمشير الاسلام ڪيڏائين ان کان پوءِ اخبار فيض جو ڊڪليريشن وٺي ميهڙ مان اها اخبار جاري ڪيائين جنهن سان آخر دم تائين منسلڪ رهيو. پاڻ سچو موحد ۽ بيباڪ قلمڪار هو. سچ لکڻ ۽ سچ چوڻ کان ڪڏهن به نہ ڪيبايائين. سنڌي زبان تي ڪيس ايترو تہ عبور هيو جو ڪنهن به موضوع تي قلم کڻڻ وقت ائين لڳندو هو تہ لفظ ۽ جملا جڙ تہ سندس اڳيان قطار ناهيو بيٺا آهن ۽ چند منٽن اندر ان موضوع تي ڪپل صفحا لکي ونندو هو. سندس مطالعو ۽ مشاهدو وسيع هو عالمن ۽ اديبن سان اٺڻ ويهڻ سندس محبوب مشغلو هو. نام نهاد ملن ۽ دين اسلام ۾ في سبيل الله فتنا ڦهلائيندڙن کي ڪڙو سچ منهن تي ڦهڪائي ڏيندو هو. پنهنجي صاف گوئي سبب دوستن بدران پنهنجا دشمن پيدا ڪيائين. پر ان ڳالهہ جي هو ذري پر جي پرواهہ نہ ڪندو هو سندس دوستن ۾ رئيس ضياءالدين بلبل، آخوند محمد موسيٰ پٽي سيتائي، احمد خان سيال، چنيسر جهتيال، عبدالعزيز ٻُرڙو، خدا بخش خادم ۽ عبدالله همدم قابل ذڪر گهاٽا يار هئا. ميهڙ ۾ پيٽرول تي سندس سبحان پرنٽنگ پريس ڪيترن عالمن اديبن ۽ شاعرن جي ڪچهريون جو مرڪز هئي. سندس چپيل ڪتابن ۾ جواهرت اسلام، خدا جو تصور، دنيا جو باڪمال انسان، عالمگير انقلاب، محبت جا مهراڻ، امن ۽ انسانيت جو نظام شامل آهن. جڏهن تہ پنج ڪتاب اڻچپيل صورت ۾ وٽس موجود هئا. چند سال اڳ هي بهترين عالم، صحافي ۽ نثر نگار دوستن کي داغ مفارقت ڏئي ويو آهي.

احمد خان سيال:

پنهنجي ذهني فڪري علمي ۽ ادبي صلاحيتن ڪري خوب سڃاتو ويندڙ قابل استاد ۽ بيباڪ اديب، علم ۽ ادب ۾ مانائتو مقام ماڻيندڙ احمد خان سيال، تاريخ 15 ـ سيپٽمبر 1930ع تي ڳوٺ گنجا تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ محراب خان سيال جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي پرائمري تعليم چار درجا پرائمري اسڪول نوڙها تعلقي ميهڙ ۾ پاس ڪري ثانوي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ حاصل ڪيائين. 1955ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. 1957ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ استاد جي حيثيت سان ملازمت اختيار ڪيائين ان کان علاوہ هاءِ اسڪول ميهڙ جي هاسٽل لڳ موجوده ٽائون ڪميٽي گهٽتا گهر ميهڙ جو انچارج به ٿي رهيو انهن ڏينهن ۾ هڪ سؤ کان وڌيڪ شاگرد هاسٽل ۾ رهندا هئا.

سائين احمد خان سيال ڳوٺ ترڙي محبت، پٽ سرائي ميهڙ راڻن ڏُلجي اسٽيشن ۾ ڪڙ ۾ استادي جا فرائض پنهنجي قابليت ۽ محنت سان سرانجام ڏنا. نوڪري دوران 1962ع ۾ بي.اي ۽ 1964ع ۾ ايم.اي پاس ڪيائين. 1969ع ۾ بي.ٽي امتحان پاس ڪيائين. ان دوران آخوند محمد دائود پٽي سيتائي کان ڇپل عربي ۽ فارسي جو پڙ ڇاڙ حاصل ڪيائين ۽ خاص طور تي فارسي تي سڻي دسترس حاصل ڪيائين. آخوند صاحب جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو ۽ ڪيس سينيئر استادن ۾ اعليٰ حيثيت ڏيندو هو. سائين احمد خان سيال جي پڙهائڻ جي انداز تماه معلمانه ۽ مدبرانه هوندو هو جنهنڪري سندس شاگرد به ڏکي ڳالهه سولائي سان سمجهي سگهندا هئا.

احمد خان سيال جمع خان غريب ۽ رئيس ضياءالدين بلبل جي صحبت ۾ گهڻي علمي ادبي ترقي ڪئي. 1952ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين شاعري ۾ علم عروض جو ڄاڻو هو پر سندس گهڻو لاڙو نثر نويسي ڏانهن هيو. ڪيترن ئي موضوعن تي مضمون ۽ مقالا لکيائين جي وقت بوقت ماهوار رسالن "اديب سنڌ" نئين زندگي ۽ ان دؤر جي ٻين رسالن جي زينت بڻيا. پاڻ هفتيوار "فيض" ميهڙ جو سال 1952ع کان 1956ع تائين ڪالم نويس رهيو جن ۾ ڪجهه پنهنجي اصل نالي سان ۽ ڪجهه فرهاد ڪوهستاني جي فرضي نالي سان مزاحيه ۽ تنقيدي ڪالم لکيائين. "شيشه و سنگ" جي سري هيٺ معاشري جي اوٽاين تي لکي هفتيوار فيض جو صحافتي ميدان ۾ مان مٿانهون ڪيائين. مزاحيه نگاري ۾ شمس الدين بلبل جي انداز تحرير ۽ ظرافت نگاري کان متاثر هو ۽ ان جي شخصيت جو مٿس گهرو اثر هو. سنڌ سڌار سوسائٽي جي گڏجاڻين ۽ جمعيت الشعراء جي ادبي ڪانفرنسن ۾ حصو ورتائين. پاڻ محبتي ملنسار خودار، بلند خيال ۽ مهذب انسان هو.

حق پرستي ۽ حقيقت نگاري ڪائنس ڪيترا دوست ناراض ڪيا پر سچ چوڻ ۽ سچ لکڻ ۾ ڪڏهن به مصلحت کان ڪم نه ورتائين. پاڻ علم ۽ ادب جي خدمت ۾ 20_ نومبر 1983ع تي پنهنجن دوستن ۽ عزيزن کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو. سندس علمي ادبي دوستن ۾ حڪيم جمع خان غريب، رئيس ضياءالدين ايس بلبل، محمد رمضان ثاقب، رسول بخش دوست، قربان علي نقشبندي، قادربخش بشير، خادم لاڙڪاڻوي، مراد علي ڪاظم، سيد حاجن شاه هم وطن سيتائي، امام الدين ضامن، احمد خان آصف، الهه بخش سرشار عقيلي، عطا محمد حامي، غلام محمد گرامي، عبدالله همدم، خدا بخش خادم، آخوند محمد موسيٰ پٽي سيتائي، مولوي عبدالغفار صابري، چنيسر جهتيال، محمد نواز محزون ۽ سعدالله سومرو قابل ذڪر آهن.

محمد نواز پٽي "محزون":

ميهڙ جي ميندين واري خوشبوءِ ۽ رنگ واري زرخيز ڌرتي ڪيترائي ملهه انسان پيدا ڪيا جن جو هڪ هڪ هو تاريخ علمي روشني سجي سنڌ ۾ پکڙيل آهي. جن مان محمد نواز "پٽي" محزون به هڪ هو هو تاريخ 10_ جولاءِ 1933ع ۾ ميهڙ ۾ شفيع محمد پٽي جي گهر ۾ پيدا ٿيو.

پرائمري ۽ ڪجهه ديني علوم پنهنجي اباڻي ڳوٺ ميهڙ ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ثانوي تعليم سنڌ مدرسه الاسلام ڪراچي ۽ بي.اي سنڌ مسلم ڪاليج مان پاس ڪئي. ان بعد ايم.اي ۽ ايل.ايل.بي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪرڻ بعد فوج ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ جي پوسٽ تي چونڊجي ويو پر ميڊيڪل ٽيسٽ ۾ آن فٽ قرار ڏنو ويو ان بعد ڪسٽمز ڪاتي ۾ پروويٽو آفيسر مقرر ڪيو ويو پر اها نوڪري به ڪيس طبعيت ۽ ذهن کي نه آڻڻي. تنهنڪري ٻيو ڪيترن ئي ڪاتن ۾ نوڪري ڪندي ۽ چڏيندي آخرڪار تعليم ڪاتي ۾ ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ڪيو ويو

انگريزي ٻولي ۾ ادب تي ڪيس عبور حاصل ڪيو. پنهنجي علمي لياقتن، جفاڪشي ۽ ذاتي اخلاق سبب شاگردن ۾ سندس وڏي عزت پيدا ٿي. خانداني طور ناناڻن طرفان "بلبل" جهڙي روشن خيال ۽ علم جي پنڌار جي نسبت هئڻ سبب پاڻ به ديني توڙي دنوي علمن ۾ فيض ڏيڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏيائين.

درس و تدريس سان ادب ۽ شاعري توڙي مصوري ۾ وڏو نالو ڪمايائين. خليل جبران ۽ ابوالڪلام آزاد کان گهڻو متاثر ٿيو تنهنڪري سندن ڪتابن جو مطالعو ڪري ترجمو ڪيائين ۽ ڪافي ڪتاب لکيائين. علم و ادب ۾ شروعات تحقيق، ترجمن ۽ شاعري سان ڪيائين. خوش پوشاڪ ۽ بااخلاق ماڻهو هو. تمام ايماندار ماڻهو هو هن جي دوستن جو حلقو اديب ۽ شاعر دوستن تي مشتمل هو. تعليم ڪاتي جي نوڪري مان رٽائر ٿيڻ بعد ٻن سالن اندر تاريخ 8 ـ نومبر 1995ع تي ذيابطيس جي بيماري سبب هيءُ جهان ڇڏي ويو هن ڪيترائي ڪتاب ڇپيل ۽ اڻڇپيل ڇڏيا.

ڇپيل ڪتاب: (1) ڪنوار جي سيج، (2) پڳل ڪنيڙائيون، (3) مجنون، (4) پيغامبر جو باغ، (5) مرشد جو نيهن ۽ نياپو، (6) پيغامبر، (7) انسان ۽ شيطان، (8) لڙڪ ۽ مُرڪ، (9) خالد بن وليد، (10) سلطان صلاح الدين ايوبي، (11) درس محبت ابوالڪلام آزاد، (12) هڪ ڏوڙ جو ماتم، (13) پرنس ميڪاولي، (14) بائيبل قرآن ۽ سائنس، (15) سائين جو سوگنڌ، (16) هڪ مجرم جو اعتراف اڻڇپيل ڪتاب: (1) سمنڊ ۽ جهڳ، (2) محبوب ڏانهن خط، (3) ديوتا، (4) خزانا خدا جا، (5) آسماني آواز، (6) عصمت چغتائي جا ڪتاب، (7) امرتا پريتم جو ڪتاب هڪ هئي ساراهه، (8) سيرت سيد المرسلين، (9) ريسرچ ورڪ، (10) الله ۽ الله جي رسول ﷺ فرمايو، (11) سيرت النبي ﷺ، (12) دهشتگرد، (13) ڏوهي قبوليو ڏوهه، (14) ماءُ جو انتقام، (15) چي گويراجي ڊائري، (16) سنڌ جي تاريخ ريسرچ ورڪ، (17) مٽيءَ جا خواب فلسطيني (ناول)، (18) ان کان علاوه سندس ڪيترائي ڪتاب پبلشرز کي ڇپائيءَ لاءِ ڏنل آهن.

فن مصوري سان شوق هئڻ سبب ڪيترائي "ٽائيٽل" ٺاهيائين. بشير سيتائيءَ جي ٻن شعري مجموعن "سج سريکو سچ" ۽ "ڪات نه ٽيندي مات" جا ٽائيٽل پڻ سندس ٺهيل آهن جيڪي سندس املهه يادگار آهي.

"ناظر" منگي:

امان الله "ناظر" منگي ولد محمد بچل تاريخ 10 ـ آڪٽوبر 1939ع تي ڳوٺ ترڙي محبت تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پرائمري اسڪول نئين گڏ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پوري ڪرڻ بعد ثانوي تعليم مٽرڪ تائين گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪيائين. انٽر سائنس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين، جنهن بعد زرعي ڪاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ طور ملازمت ڪيائين جتان خيرخوبيءَ سان سٺ سال عمر پوري ڪري رٽائرڊ ڪيائين. سموري ملازمت دادو ضلعي ۾ ڪيائين.

'ناظر' نندپڻ کان سلجهيل محبتي ۽ طبعيت ۾ سنجيده ۽ مائيٽو هوندو هو ۽ اڪثر سوچ ۾ رهندو هو يا رويس ۽ پيارو ماڻهو هوندو هو. نندپڻ کان سندس مزاج شاعراڻو هوندو هو. هن شاعري جي شروعات مرحوم اسحاق راهي جي صحبت ۾ ڪئي ۽ موزون شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. 1972ع کان استاد الشعراء شهيد احمد خان آصف مصراڻيءَ کان اصلاح ۽ رهبري ونڊ شروع ڪيائين. ٿوري عرصي ۾ سندن ذات کي علمي حلقي ۾ وڏو مان مليو. هن ڪافي شاعرن جي ڪلام جي اصلاح ڪئي ۽ ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيائين. ان ريت ميهڙ ۾ بزمِ لطيف پاران باقاعده ادبي ڪلاس هلايا.

علائقي ۾ ادبي ميڙاڪن جو روح روان رهيو سال 1972ع کان بزم لطيف ٽرڻي محبت ۽ بزم لطيف ميهڙ سان وابستہ رهيو ڪيسيٽي شاعري جي لحاظ سان سنڌ ۾ ڪيس عوامي مقبوليت حاصل ٿي. پنهنجن شاعراڻن جذبن جي بنياد تي گهڻن شاعرن کان سٺو لکيو آهي. سندس ڪافيون فني توڙي فڪري لحاظ کان سٺو اثر ڇڏين ٿيون.

ناظر صاحب "داستان محبت" جي نالي ڪافين جو هڪ ننڍڙو ڪتاب ڇپايو ان بعد "سنڌو چولين" عنوان سان مجموعو ڇپايو جنهن ۾ سيني صنفن جا شعر ڇپيل آهن. ناظر صاحب 1996ع ۾ ملازمت تان رٽائرڊ ٿيو 9 ـ جولاءِ 1998ع ڏينهن شديد گرمي سبب ڪيس فالج جو اثر ٿي پيو ۽ دماغ ۾ متاثر ٿيو جنهنڪري مسلسل بي هوش رهڻ کان پوءِ 13 ـ جولاءِ 1998ع جي شام 4:00 وڳي مهراڻ ميڊيڪل سينٽر لاڙڪاڻي ۾ هن فاني جهان کان موڪلائي دوستن ۽ عزيزن کي ڏاڍو ڏڪيو ويو. سندس فرزند تاج الملوڪ پرائمري استاد آهي.

محبوب علي ڏيپر:

محبوب علي ڏيپر تاريخ 10 ـ آگسٽ 1947ع تي ڳوٺ قادربخش ڏيپر تعلقي ميهڙ ۾ محمد صادق ڏيپر جي گهر ۾ جنم ورتو. سنڌ سونهاري جي سرزمين اهڙا املهه ماڻڪ ڏاها ماڻهو پئي پيدا ڪيا آهن. جن پنهنجي خداداد صلاحيتن ۽ سوچ مان پنهنجي خاندان، علائقي ۽ ڌرتي جو نالو روشن ڪيو آهي. محبوب علي "محبوب" ڏيپر به اهڙن مان آهي جنهن شاعري جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ان کان علاوه سگهڙن جي ست جو ساٿاري به آهي جنهن ڏور ۽ سينگار جا انيڪ بيت چيا آهن. سندس استاد اسحاق راهي هو.

سندس شاعري جو ڪتاب "منا هول محبوب جا" ڇپيو.

سڪندر "آه":

سڪندر علي ولد محمد بخش سومرو 31 ـ مارچ 1950ع تي ڳوٺ گهاڙي تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو. ايم.اي اقتصاديات ۾ ڪيائين ۽ پوءِ ڪراچيءَ ۾ ملازمت ڪيائين. علم ۽ ادب سان شوق بچپن کان ئي هوس. ادب ۾ ابتدا 1968ع کان ڪيائين. شاعري کان علاوه ڪيترا مضمون، مقالا ۽ بي لاڳ تبصرا لکيائين. پاڻ موسيقي سان گهرو لڳاءُ رکندو هو.

سڪندر "آه" مهمان نواز ۽ ملنسار ماڻهو هو سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "مست گيت لعل جا، "عيد تنهنجي انتظار" ۽ "تنهنجي شهر جي فوٽ پاٽ تي" قابل ذڪر آهن جڏهن ته ڪوڙسارا ڪالم ۽ مضمون ڇپجڻ جا منتظر آهن. سنڌ جو هڪ بيباڪ ليکڪ، نقاد، تجزيہ نگار ۽ رونامنٽ شاعر 27 ـ سيپٽمبر 2009ع تي گذاري ويو.

ملنگ حيدري:

مزاحيہ شاعري جو سرواڻ شاعر ملنگ حيدري جو اصل نالو محمد ابراهيم هو سندس والد جو نالو محمد اسماعيل ڏيپر هو. پاڻ 1935ع ۾ ڳوٺ عرضي ڏيپر تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتائين. ۽ 1951ع کان شاعري ۾ قدم رکيائين.

ملنگ حيدري جي تعليم سنڌي فاضل ۽ اديب عالم تائين هئي. جيتوڻيڪ سندس سنجيده شاعري ڪافي مقدار ۾ آهي. پر مزاحيہ شعرن سبب تمام گهڻي مشهوري ماڻيائين. هر اهو مشاعرو جنهن ۾ ملنگ حيدري نہ هوندو هو ٻُسو ٻُسو ۽ اڌورو لڳندو هو. سندس مزاح ۾ به اصلاحي پهلو ضرور هوندو هو پاڻ ڪجهه وقت اڳ گذاري ويو آهي.

صرير پنهور:

محمد انور "صرير" پنهور جو جنم 21 ـ جون 1962ع تي ميهڙ ۾ پٽائي محلي ۾ غلام محمد پنهور جي گهر ۾

پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم توڙي مٿرڪ ۾ انٽر کان پوءِ ايم.ايس سي ايگريڪلچر ڪيائين. ڪالم نگار شاعر، ڪهاڻيڪار ۽ مصور طور مقبوليت حاصل ڪيائين. سندس هڪ ڪتاب "جي دور دنيا جا" چيپل اٽس صريو 14 ـ اپريل 1990ع تي وفات ڪئي. سندس مزار ميهڙ جي حاجن شاهه قبرستان ۾ آهي.

نرمل جيوتاڻي[1]:

نرمل جيوتاڻي ورهاڱي کان اڳ واري دور جو نالياورو شاعر ۽ ناول نگار هو. سندس جنم ميهڙ تعلقي جي ترڙي محبت شهر ۾ 21 ـ سيپٽمبر 1920ع تي ٿيو. هن ابتدائي تعليم ترڙي محبت ۾ حاصل ڪئي ۽ مٿرڪ تائين ميهڙ ۾ پڙهيو. بعد ۾ هن وڌيڪ تعليم ڊيارام گدومل نئشنل ڪاليج حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. سندس ابتدائي شعر "قليلي" مئگزين ۾ ڇپيا. ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ادبي سرگرمين ۾ حصو ورتائين ۽ لطيف باري ٽئگور آرٽ سرڪل نالي تنظيمون قائم ڪري باقاعده پبليڪيشن جو بنياد وڌائين. ان وقت سياسي تحريڪن خاص طور آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتائين ۽ نومبر 1942ع ۾ حيدرآباد ۾ جهنڊي جي سلامي ڪرائيندي نند گدواڻي ۽ ٻين سان گڏ گرفتار ٿيو ۽ 6 مهينا قيد ۽ ڏنڪن جي سزا ملي. بعد ۾ ٻيهر 9 ـ آگسٽ 1943ع ۾ گرفتار ٿيو. نرمل جيوتاڻي جي ڇپيل ڪتابن ۾ "سرڳ ڏانهن عرف منهنجو موت"، "تي ساٿي"، شعري مجموعو "نرمل لات"، "ٻنڊڻ"، ناول "ٻينا"، "ست پرش" ۽ ٻيا شامل آهن. نرمل 24 ـ سالن جي ڪوهه جواني ۾ 1944ع ۾ ديهانت ڪئي.

علي محمد مجروح:

غزل جي بادشاهه علي محمد "مجروح" جو جنم ميهڙ ۾ 1925ع ۾ خير محمد پنهور جي گهر ۾ ٿيو. سندس پڙڏاڏو حاجي دائود ۽ سندس پاءُ حاجي رمضان روزگار سانگي لڏي ويا ۽ ڪراچيءَ جي نئون آباد پاڙي ۾ رهيا. مجروح سنڌي ٻوليءَ جو قادرالڪلام شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام ريڊيو ۽ ٽي.وي تي نشر ٿيندو رهي ٿو. پاڻ نئين سنڌ اخبار جو سب ايڊيٽر ۽ آفتاب ۽ ناخدا رسالي ڪراچي ۽ انفرميشن ڪاتي ۾ به ڪم ڪيائين. ڪيس ادبي خدمتن جي مڃتا طور 1995ع ۾ صدارتي اوارڊ ڏنو ويو. هو ڪراچي ڪان جيڪب آباد تائين مشاعرن جو ڪامياب ۽ هردلعزيز شاعر هو. مجروح جو شعري مجموعو "سڪ جو سموند" سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو. 6 ـ فيبروري 1997ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين.

گوورڌن شرما "ڪهايل":

شري گوورڌن نامديو شرما "ڪهايل" جو جنم 1 ـ ڊسمبر 1940ع تي ميهڙ ۾ ٿيو. ايم.اي هندي ۽ سنڌي تائين تعليم ورتل اٽس. آديپور، گانڌيڌام، ڪنڊلا، بڙودي ۽ پوني ۾ پڙهائڻ کان پوءِ 1983ع کان انڊين هاءِ اسڪول ڊبئي ۾ هندي اڌياپڪ طور ڪم ڪري رهيو آهي. جتي ڪيس بهترين اڌياپڪ جو گولڊ ميڊل به ملیل آهي. سندس تخليقون مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل آهن ۽ هند ۾ تعليمي نصاب ناهڻ لاءِ به ڪم ڪيو اٽس. ڪيترائي ناٽڪ لکي ڊائريڪٽ ڪيا اٽس. سندس ڪهاڻيون طبعزاد ۽ ترجمو به ڪيل آن. سنڌي هندي ۽ انگريزي اخبارن ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو آهي. سندس چيپل ڪتابن ۾ "ڇيڙ سکي سرگم"، "اهي مائر پلي مرڪن"، "ڪونجون ٿيون ڪڪڻ"، "قلم جو سپاهي"، "بکري ڪيڻ"، "بيوس درشن"، بيوس ـ هڪ اڀياس"، "بڙودا جا سنڌي ساهتيڪار" ۽ ٻيا شامل آهن.

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

عبدالستار "عبد" مگسي:

عبدالستار مگسي "عبد" 1 ـ جنوري 1951ع تي ڳوٺ سوپو خان مگسي تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ محمد علي مگسي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم ڳوٺ سوپو خان مگسي ۾ پرائمري بعد مڊل جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪيائين. ڪجهه ڏينهن مولانا ڪريم بخش مگسي جي ديني مدرسي سوپو مگسي ۾ فارسي ابتدائي سبق به پڙهيو.

عبدالستار "عبد" مگسي مڊل پاس ڪرڻ کان پوءِ تعليم ڪاتي ۾ استاد جي حيثيت سان قدم پاتو جتي تعليم جي مختلف مرحلا طئي ڪندي بي.اي ايم.اي سياسيات ۽ اسلامڪ ڪلچر ۾ پاس ڪرڻ کان علاوه بي.ايڊ پاس ڪرڻ بعد هن وقت ايڇ.ايس.ٽي آهي.

پاڻ نندي هوندي کان شاعري ڪرڻ لڳو شاعري ۾ سندس استاد اسحاق "راهي" ۽ نشترناٿن شاهي آهن. علم ادب سان دلچسپي هئڻ ڪري ڳوٺ سوپو مگسي ۾ سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌائين ۽ ادبي پروگرام ڪرائيندو رهيو. سنڌي ادب سنگت شاخ سوپو مگسي جو جنرل سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي سنگت ضلعي دادو جو رابطا سيڪريٽري به رهي چڪو آهي. سماجيات سان دلچسپي هئڻ ڪري پنهنجي ڳوٺ سوپو مگسي ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جو بنياد وڌائين. مفت ٽيوشن سينٽر کولي ضرورتمند شاگردن کي تعليم ڏيندو رهيو. عبدالستار مگسي شاعري جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. سندس ڪلام مختلف رسالن ۾ چپبو رهي ٿو.

سندس شعري مجموعو "صحرا ۾ سج" 2012ع ۾ چپيو.

بدر جمال ابڙو:

ڪاهوڙي محقق ۽ مهر جو بدر جمال ابڙو مشهور ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جو فرزند آهي. سندس جنم 19 ـ ڊسمبر 1953ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو. ڀر سندس آباڻو ڳوٺ سانگي تعلقو ميهڙ آهي. پاڻ مشهور صحافي ۽ نثر نويس آهي.

بدر ابڙي ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ جيئن ته سندس والد نوڪري سبب مختلف شهرن ۾ رهيو ان ڪري هن ان سان گڏ رهندي سنڌ جي مختلف شهرن مان انٽر تائين تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ بي.ڪام ڪراچيءَ مان 1975ع ۾ پاس ڪيائين.

بدر جمال ابڙو 1975ع کان لکڻ جي شروعات نندڙين کهاڻين جي لکڻ سان ڪئي. پاڻ ان وقت سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ پڻ پابندي سان شامل ٿيندو رهيو ۽ سندس ادبي سنگت ڪراچي جي شاخ جو پريس سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري جنرل به ٿي رهيو. ڪميونسٽ پارٽيءَ سان به سندس واسطو رهيو جنهن لاءِ ڪيس چار سال (1980ع کان 1984ع تائين) جيل به پوگهڻو پيو. جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ هن صحافت جو پيشو اختيار ڪيو. پهريان پاڻ 1985ع کان روزانه هلال پاڪستان ڪراچي ۾ ڪم ڪرڻ لڳو ان کان پوءِ 1990ع ۾ روزانه "پڪار" سکر جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. بعد ۾ جڏهن "پڪار" سکر بدران ڪراچيءَ مان جاري ڪئي وئي ته هو ڪراچي ۾ به ان جو ايڊيٽر رهيو. آگسٽ 1993ع ۾ هن پنهنجو ادبي، سياسي، سماجي ۽ گهريلو رسالو "روح رهاڻ" جاري ڪيو جنهن جا ڪل نو پرچا نڪري سگهيا. 1997ع ۾ پاڻ روزانه "برسات" جو ايڊيٽر مقرر ٿيو جڏهن اخبار جو مالڪ يوسف شاهين ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ٿي ويو ته بدر جمال ابڙو 1998ع ۾ اخبار کان الڳ ٿي ويو ۽ پنهنجي اٺپورن ڪتابن کي مڪمل ڪرڻ واري ڪم ۾ لڳي ويو. بدر جمال ابڙي آڪسفورڊ پريس ڪراچيءَ ۾ به ڪم ڪيو آهي اُتي هن کان لغت نويسيءَ جو

ڪم ورتو ويو. سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ به ڪجھ وقت هن انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا سيل ۾ پراجيڪٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو. ايم. آر. ڊي جدوجهد تي سنا س تاريخي ڪم ڪيل آهي. اهو ڪتاب عنقريب ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچڻ وارو آهي.

بدر جمال ابڙو جا هيل تائين مختلف موضوعن تي ٽَو ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ ڏهه ڪتاب ڇپائيءَ جي اوسيٽڙي ۾ آهن. ڇپيل ڪتاب هن ريت آهن: تنقيد نگاري (1985ع)، رني ڪوٽ (1989ع)، هنگلاج ۽ لاهوت (1992ع)، رياست جهنگل جي آکاٽي (کهاڻيون 1992ع)، جيل جي ڊائري (1994ع)، سنڌوءَ جو سفر (1994ع)، پڳوان جي پونءِ (نيپال جو سفر نامو (1996ع)، رني ڪوٽ (اردو ۾ 1997ع)، ۽ ماٺهو (1998ع)، ڪيرٿر جو سفر (پاڻو پهريون 2010ع)، منچر گورک گاج دنيا (2011ع).

بدر جمال ابڙي کي سندس قلمي پورهيي جي مجتا طور تي ڪيترائي اوارڊ ملي چڪا آهن.

پاويل جوٽيجو[1]:

پاويل جوٽيجي جو جنم ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ ڏهاڙي ۾ 3_مئي 1962ع تي محمد سليمان جوٽيجي جي گهر ۾ ٿيو. سندس اصل نالو الهڏنو جوٽيجو آهي. هن جي تعليم بي.اي آهي. هو 1979ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڳوٺ ۾ ڪاپي ڏر جي نالي واري اڳوٽي اڳواڻ مير ٿيبو جي پائرن مختيار ٿيبو ۽ شهزاد ٿيبو جي سياسي تربيت سبب سياست ۾ آيو ۽ ڳوٺ جي دوستن معشوق ملاح، شبير سومرو، اقبال ملاح، مرحوم عبدالقادر پٽو سان گڏ نوجوان سماجي تنظيم گهاڙي جوڙي، ڳوناڻن ۾ سياسي ۽ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ لاءِ ڪچهريون منعقد ڪيون. ان ڪچهرين ڪري ڪيس مقامي وڏيرن جي عتاب جو شڪار بنجڻو پيو ۽ وڏيرن جي دباء ڪري مائٽن سياست کان پري ڪرڻ لاءِ سختي ڪئي ۽ سختيءَ سبب ڪيس مائٽن جي گهر مان نڪرڻو پيو پر هن سياست جو رستو نه ڇڏيو. دوستن جي مدد سان گڏ سفر لاءِ ڪراچيءَ ۾ هڪ گهر ۾ نوڪري ڪئي. بعد ۾ ڳوٺ واپس اچي ڊگري ڪاليج ڪي.اين.شاهه ۾ داخلا ورتي ۽ 1983ع ۾ ايم. آر. ڊي جي تحريڪ دوران 15 _ آگسٽ تي ميهڙ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن _ حاجي ظفر علي لغاري مرحوم رفيق احمس مهيسر سان گڏ گرفتاري ڏيئي عملي سياست ۾ پير پاتو. 11 مهينا سينٽرل جيل ۾ رهيو. اتي ڪاپي ڏر جي شاگرد اڳواڻن _ ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش، شبير لاشاري، علي حسن چانڊيو ۽ امداد چانڊيو جي سياسي تربيت ۾ رهيو.

پاويل جوٽيجو 1984ع ۾ جيل مان آزاديءَ کان ترقي پسند شاگرد تنظيم ڊيموڪريٽڪ استوڊنٽس فيڊريشن جي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ٽيندڙ صوبائي چونڊن ۾ صوبائي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري منتخب ٿيو. پڙهائي ختم ڪرڻ کان پوءِ دادو ضلعي ۾ پي.اين.پي غوث بخش بزنجو جي دور ۾ دادو ضلعي جو جوائنٽ سيڪريٽري بڻيو. 1985ع ۾ غير جماعتي بنيادن تي ٽيندڙ بلدياتي چونڊن ۾ يونين ڪائونسل ڪولاچيءَ جي ميمبر طور ڳوٺ گهاڙي ۾ ريٽو. مقامي وڏيرن جي اميدوار کي شڪست ڏيئي ميمبر بڻيو.

هن 1979ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي. پاويل جوٽيجو جا عوامي آواز سوال الڪ، سچ، ڪوشش، عبرت مئگزين، سنڌو مئگزين، بين الاقوامي ملڪي علاقائي سياسي، سماجي، معاشي صورتحال تي ڪالم ۽ مضمون ڇپيا

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

آهن ۽ ڇپيا رهندا آهن. هن 1984ع ۾ ميهڙ ۾ باک ڏني پبليڪيشن جو بنياد وڌو جنهن پاران مشهور ڪاهي ڏرجي اڳواڻ ڪامريڊ جام ساقيءَ جو ڪتاب ـ 'قومي سوال' ڇپايو. ان بعد به مڱزين 'انقلابي نوجوان'، 'عوامي جمهوريت' ناليسان پڌرا ڪيا. هفتيوار اخبار جو ايڊيٽر رهيو آهي. هن وقت سالار مڱزين جو ايڊيٽر آهي.

پاويل جوڻيجو هڪ متحرڪ سياسي ورڪر ۽ رهيو آهي. سياست ۾ هن پنهنجي ڪردار اخلاق ۽ سچائيءَ سبب مقامي وڏيرن سان ٽڪر کائي. کين بلدياتي چونڊن ۾ شڪست ڏني. هو هڪ سٺو ليکڪ آهي ۽ هن وقت پرائمري استاد آهي. پاويل جوڻيجو جيترو سٺو ليکڪ آهي، اوترو سٺو استاد پڻ آهي. هو مخلص دوست ۽ محبتي انسان آهي. سندس ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب ـ "ڏينهن ڏني جا سپنا" ۽ سياسي مضمونن جو ڪتاب ـ "پاڪستان ڪهڙي طرف وڃي رهيو آهي" آهي.

اقبال ملاح[1]:

اقبال ملاح جو جنم فيبروري 1970ع ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم جا 5 درجا حيدرآباد مان پڙهڻ بعد اٽين درجي تائين ڳوٺ ولي داد چانڊيو ۾ تعليم حاصل ڪئي. هن بي.اي (آرٽس) سنڌ يونيورسٽيءَ جي پوليٽيڪل سائنس واري شعبي ۾ ڪئي ۽ فرسٽ ڪلاس سيڪنڈ پوزيشن کڻي نمايان ڪاميابي حاصل ڪئي. سياست جي شروعات هن ساڻي ٻارڙا سنگت کان شروع ڪئي. مختلف عهدن تي ذميواريون نيائڻ بعد هو ٻارڙا سنگت جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري رهيو. مڙني تائين تعليم ميهڙ هاءِ اسڪول ۽ انٽر خيرپورناٽن شاهه ۾ حاصل ڪرڻ دوران هو ڪميونسٽ ڪارڪن طور سياست کي پنهنجو مقصد سمجهي جدوجهد ۾ جاکوڙ ڪندو رهيو. ان سياسي سفر ۾ هن ڊي.ايس ايف سنڌ جي جنرل سيڪريٽريءَ طور فرض پڻ نيايا ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي سرگرم ڪارڪن طور احتجاجن مظاهرن ۽ ڏرتي جي حوالي ڪيا. ڪيس ان انقلابي سفر دوران بهترين سياسي ڪارڪن جو اوارڊ پڻ مليو.

هو ڪميونسٽ سياست جي نراسائين ڪري پاسيرو ٿي صحافت ۾ آيو. ڪاوش جو 1991ع ۾ استاف رپورٽر، سنڌ جو خاص آواز جو بيورو چيف رهيو. صحافتي سفر ۾ هو 'پاڪ' اخبار جو ايڊيٽر رهيو. هن روزاني 'دعا' اخبار پڻ جاري ڪئي پر سخت گير مؤقف ۽ پاليسي هٿ ڪري هو پنهنجي اخبار کي وڌيڪ هلائي نه سگهيو. اڄ ڪلهه هو حيدرآباد ۾ عوامي آواز جو بيورو چيف ۽ حيدرآباد پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري آهي. سنڌ ۾ هن سنڌ جرنلسٽ آرگنائيزيشن جو بنياد پڻ وڌو. سندس رهائش حيدرآباد ۾ آهي.

امتياز عادل سومرو:

امتياز عادل سومرو ولد عبدالخالق سومرو 14 ـ آگسٽ 1967ع تي ميهڙ ۾ جنم ورتو. تعليم بي.ايس سي اٽس. 1990ع کان ادبي دنيا ۾ پير پاتائين. سنڌ جي نون شاعرن ۾ ڪيس منفرد مقام حاصل آهي.

پيشي جي حوالي سان پاڻ هڪ خانگي اسڪول ۾ استاد آهي. سندس رهائش سومرا محلي ميهڙ ۾ آهي.

حبيب الله ڏيرو:

حبيب الله ڏيرو ولد محمد عثمان ڏيرو 15 ـ جون 1959ع تي ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. اسلامڪ ڪلچر ۾ ايم.اي ڪيائين ۽ استاد جي حيثيت سان پنهنجي زندگي جو آغاز ڪيائين. ننڍي وهيءَ ۾ ادب ۾ پير پاتائين ۽ هڪ

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

سڀ شاعر ۽ ادیب جي حیثیت سان ڄاتوسجاتو وڃي ٿو سندس هڪ ڪتاب سوانح جي موضوع تي "موهيا ڪنهن نہ مال" ڇپيل آهي.

گوهر علي "گوهر گل" ڀورڙ:

گوهر علي ڀورڙ 12 ـ ڊسمبر 1962ع تي ڳوٺ وليد ڪوسو تعلقي ميهڙ ۾ ڈاڪٽر نياز علي ولد محمد بخش ڀورڙ جي گهر ۾ جنم ورتو بنيادي پرائمري تعليم ڳوٺ وليد ڪوسو مان حاصل ڪرڻ بعد مٹرڪ امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪيائين ان بعد بي.اي امتحان خانگي طرح پاس ڪيائين.

"گوهر گل" ڀورڙ ننڍي هوندي کان شاعري ڪندڙ آهي هن وقت سندس مشغولي شاعري علم ادب ۽ زمينداري آهي. سندس والد ڈاڪٽر نياز علي ڀورڙ سنہ 1958ع ۾ مٹرڪ امتحان پاس ڪيو سنہ 1966ع ۾ ايم.بي.بي.ايس ڈگري پاس ڪري ڈاڪٽر ٿيو ڀورڙ قبيلي ۾ پهريون ڈاڪٽر آهي. سندس هڪ فرزند به ڈاڪٽر آهي. هڪ نياڻي ڈاڪٽرياڻي ۽ هڪ نُنهن پٽ ڈاڪٽرياڻي آهي جيڪا سنڌ جي مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيت عبدالعزيز ٻُرڙڻي جي نياڻي آهي. گوهر گل ڀورڙ شاعريءَ ۾ سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو ڇپائيءَ هيٺ آهي. پاڻ قومپرست ماڻهو آهي ۽ قومي شاعري ڪندو آهي. سماجي ورڪر ۽ پيارو ماڻهو آهي.

علي دوست 'عاجز':

فريدآباد ڪاڇي جي ڳٺ تي سهڻو ۽ ننڍڙو ڳوٺ آهي. اتان ئي شاهہ گودڙيي لاءِ گس نڪري ٿو ان ڀونڙي جي ڪکن جي ڇانوَ ۾ محمد گانڌڻي جي گهر (جنهن کي سڄو ڳوٺ مامو محمد ڪري ڪوٺيندو آهي). جنم ٿيو سرٽيفڪيٽ موجب جنم جي تاريخ 2 ـ سيپٽمبر 1964ع آهي. ديرسان مدرسہ عربيہ محمديہ ۾ قرآن شريف پڙهيو فريدآباد ۾ ئي پرائمري ۽ مڊل جي تعليم حاصل ڪئي. 1982ع ۾ سائين عبدالرحمن شاهہ جي زير نگراني پيارو ڳوٺ هاءِ اسڪول مان مٹرڪ پاس ڪئي. انٽر ۽ بي.ايس سي دادو ڈگري ڪاليج مان ڪئي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي.ايڊ. ايم.اي اسلامڪ ڪلچر ۽ ايم.ايس سي رياضيءَ ۾ ڪئي تقريباً ڏهہ سال تعليمي شعبي ۾ تدريس جو ڪم سرانجام ڏنو. هن وقت سيلز ٽئڪس ۾ سينيئر آڊيٽر طور ڪم ڪري پيو. ادب ڈاڻهن دلي لاڙو پرائمري جي زماني کان هو. توڙي جو شعر و شاعريءَ جي ڄاڻ نہ هئي پر جيئن سڀ استاد وٽندا هئا. تيئن شاعر، ادیب ۽ سُگهڙ به وٽندا هئا. ذاتي ۽ ادبي علمي حوالي سان سائين عبدالرحمن شاهہ ۽ استاد بخاري جن جي صحبت ۽ محبت به سندس روح کي ڈاڍو واسيو.

علي دوست عاجز جا ڇپيل ڪتاب: (1) خوشبو خوشبو خواب (2000ع) شاعري (2) اڇن پونر پنيولیا (2003ع شاعري)، (3) جهڙا تارا اجرڪ (2002ع شاعري)، (4) سوني باگو منظوم اوپيرا (2004ع)، (5) آديسي استاد محترم بخاري جيون ڪٿا (2005ع)، (6) پر نہ هٽن پوئتي (2004ع)، (استاد بخاري جا چؤسٽا) ترتيب ڏنل (7) رنگ رتو آڪاس (شاعري).

سليم مگسي:

سليم مگسي 18 ـ آڪٽوبر 1968ع تي ڳوٺ سويو مگسي تعلقو ميهڙ ۾ محمدمومن مگسي پرائمري استاد

جي گهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ حسين ٻيلي تعلقي گهوٽڪي ضلعي سکر ۾ حاصل ڪيائين. ان ۾ مٿترڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول راڻڙ انٽر ميڊيئيٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ بي.اي امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. فطري لاڙن ۾ صحبت سبب سياست ۾ استوڊنٽس فيڊريشن ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ ڊي.ايس.ايف ڊيموڪريٽڪ استوڊنٽس فيڊريشن جو سوشل سيڪريٽري پڻ رهيو. سياست سان گڏ علم ادب جي مطالع سبب گورڪي ٽالستاءِ دوستووسڪي ڪرشن چندر سعادت حسن منٽو خليل جبران، قرة العين حيدر، سارتر ۽ لرڪ ادب نورالهدي شاهه امر جليل ۽ موهن ڪلپنا جو گهرو مطالعي ڪندو رهيو ۽ انهن کان تمام گهڻو متاثر رهيو.

سن 1999ع کان لکڻ جي شروعات ڪيائين. عبرت ميگزين ۾ روزانه عوامي آواز ۾ سندس مضمون ڪهاڻيون ڇپجندڙيون رهيون. گوري جي عنوان سان ڪهاڻي پڻ شايع ٿي. هڪ ڪتاب "پياسو درياءُ پياسا ماڻهو" جو عنوان سان مارئي اڪيڈمي ترتيب ڏيئي سال 2000ع ۾ شايع ڪرايو. ان بعد باباڻين سين ٻول، ووٽ ۽ شڪن ڪار عنوان سان ڪهاڻيون عبرت ميگزين ۾ ڇپيون. ان کان علاوه عراق جنگ کان متاثر ٿي ڪجهه هيءُ لاڳيتو چار سا سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جو سيڪريٽري ۽ بعد ۾ جوائنٽ سيڪريٽري رهي چڪو آهي. عملي طرح مجاهد ايماندار ۽ اصول پرست ماڻهو آهي. انسان جي عظمت ۽ خدمت جو قائل آهي. 1984ع کان سينيئر ڪلارڪ جي حيثيت سان هاءِ ويز ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي. اڇڪلهه مدينه ڪالوني ميهڙ شهر ۾ مستقل رهي ٿو.

اختر بروهي:

عبدالڪبير اختر ولد محمد يوسف بروهي 12 ـ جولاءِ 1971ع (اسڪول جي سرٽيفڪيٽ موجب) فريدآباد شهر ۾ ڄائو. پنج درجا پرائمري اسڪول فريدآباد ۾ ۽ اٺ درجا مڊل اسڪول فريدآباد مٿترڪ هاءِ اسڪول ميهڙ ۽ ڊگري ڪاليج ڪي.اين.شاهه ۽ بي.اي ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪئي.

اختر بروهي پيشي جي حوالي سان پرائمري ٽيچر هو. شاعريءَ پنهنجي وڏي ياءُ مولانا عبدالقيوم 'جوهر' بروهيءَ کان سکي. نثر ۽ نظم لکندو رهيو. هن سنڌيءَ سان گڏ براهوي ۾ به شاعري ڪئي. ادب سان گڏ سوشل ورڪر رهيو. هو مهراڻ ويلفيئر ايسوسيئيشن فريدآباد جو صدر به رهيو. هو ويجهڙ ۾ 12 ـ ڊسمبر 2012ع تي وفات ڪري ويو.

اياز حسين لاکير:

اياز حسين لاکير ولد محمد يوسف لاکير وينل صفر لاکير 15 ـ مارچ 1973ع تي ڳوٺ صفر لاکير ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ورتائين. مٿترڪ ميهڙ هاءِ اسڪول مان انٽر ميهڙ ڪاليج مان پاس ڪيائين. هن وقت سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم.اي سنڌي ادب (آخري سال) ۾ ڪري رهيا آهن.

اياز حسين لاکير شاعريءَ جي شروعات 1988ع کان ڪيائين. سندس والد محمد يوسف لاکير جو پڻ هڪ شاعر ٿي گذريو آهي. ننڍپڻ ۾ ان جو مٺس ڪافي اثر رهيو. پهريائين شعر جي اصلاح خليل لاکير کان ورتائين ۽ ان ڪ هن کي ميهڙ جي شاعرن، اديبن سان متعارف ڪرايو. سندس نظم ۽ نثر ۾ باقاعده استاد سنڌ، بلوچستان جو بهترين اديب ۽ شاعر جوهر بروهي آهي. سندس ڪلام سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ وقت به وقت ڇپجندو رهي ٿو. نظم جي هر صنف ت

طبع آزمائي ڪئي اٿس. نثر ۾ به لکندو رهي ٿو. هن وقت بزمِ لطيف جو جوائنٽ سيڪريٽري آهي ٻين سماجي تنظيمن سان به سنڌس واسطو آهي.

لطيف سائين جي ڪلام بابت اردو ۾ "آئينہ جمال" ترتيب ڏنو جيڪو ڪيڊٽ ڪاليج لاڑڪاڻي پاران ڇپيو. دادن جو ڪلام جي نالي سان به سنڌس ڪتاب ڇپيو.

سرمد بروهي:

احمد خان سرمد ولد محمد سومر بروهي جولاءِ 1970ع تي قائم جتوئيءَ ۾ ڄائو. هڪ وڏي عرصي کان سنڌس گهراٽو ڳوٺ قائم جتوئي تعلقي ميهڙ ۾ آباد ٿيو. ابتدائي ديني تعليم سان گڏ هن فارسي ۽ عربي تعليم به حاصل ڪئي. ان سان گڏ پرائمري اسڪول قائم جتوئي مان پنج درجا پاس ڪيا. ان کان پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان مٽرڪ ڪئي. ويڪسينيٽر جي حيثيت سان بيسڪ هيلٿ يونٽ فريد آباد ۾ سرڪاري ملازمت ڪري رهيو آهي.

جوهر بروهيءَ جي رهنمائيءَ ۾ 1987ع کان سنڌي شاعريءَ سان گڏ براهوي شاعري پڻ ڪري رهيو آهي. سنڌس شاعري اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي ٿي. سنڌس براهوي شاعري ٽي وي ڪوئٽا ۽ ريڊيو پاڪستان ڪوئٽا يا خضدار تان نشر ٿيندي رهي ٿي. بزمِ لطيف ميهڙ جو ميمبر هسٽاريڪل سوسائٽي سب ڊويزن ميهڙ جو پريس سيڪريٽري به رهي چڪو آهي.

علي گل ڪوسو:

علي گل ولد مير محمد ڪوسو تخلص ڪروڙپتي تاريخ 8- مارچ 1977ع تي ڳوٺ ڪوندي تعلقي ميهڙ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان جملي ٽي درجا پاس ڪيائين. شاعريءَ جي شروعات 1990ع کان ڪيائين سنجيده ۽ مائڻي طبعيت وارو علي گل ڪروڙپتي شروعات کان شاعراڻي طبعيت جو مالڪ هو. شاعريءَ ۾ سنڌس استاد ناظم منگي هو پر هاڻي شاعري ڪڏهن ڪڏهن نوجوان شاعر ايار لاکير کي ڏيکاريندو آهي. سنڌس ڪلام سنڌي جي ڪافي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيو آهي. هن وقت سنڌ جي ميڙن ٽي بوڪ اسٽال هٿندو آهي. بزمِ لطيف ميهڙ سنڌي ادبي سنگت راڻڻ ۽ ماروئڙا سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سان لاڳاپيل آهي.

آزاد انور ڪانڊڙو[1]:

آزاد انور ڪانڊڙو جو جنم ميهڙ پرسان ڳوٺ احمد خان ڪانڊڙو ۾ معزز شخصيت محمد هاشم ڪانڊڙي جي گهر ۾ 6- مارچ 1980ع ۾ ٿيو. بي.اي ايم.اي (سنڌي ادب) پاس آزاد انور ڪانڊڙي لکڻ جي شروعات پرائمري تعليم حاصل ڪرڻ دوران ڪئي ۽ هاڻي جي مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ هاڻي جي صفحن ۾ لکڻ سان ڪئي. سنڌس تحقيقي، تنقيدي ۽ مختلف شخصيتن جي ادبي خدمتن بابت اٽڪل 200 مضمون، مقالا مختلف رسالن- مهراڻ، نئين زندگي، عبرت مٺگزين، ڪينجهر، سوجهرو، امرتا، ڪاوش دنيا ۾ ڇپيل آهن. سنڌس ڪيترائي مضمون ڪالم ۽ تاثر

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو

سنڌ جي سمورين اخبارن ۾ مختلف وقتن تي شايع ٿيندا رهن ٿا. هن ڪيترائي مضمون ۽ شعر ترجمو ڪيا آهن.

آزاد انور ڪانڌڙو نه صرف نوجوان اديب، ليکڪ، محقق ۽ شاعر آهي پر هو جاکوڙي ۽ متحرڪ ادبي ورڪر به آهي. سنڌي ادبي سنگت سان گذريل ڪيترن سالن کان وابسته آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جو باني سيڪريٽري ۽ ڪائونسلر پڻ رهيو آهي ۽ هو سنڌي ادبي سنگت مرڪز جو 1994ع کان 1996ع تائين مرڪزي آڊيٽر، 2001ع کان 2004ع تائين مرڪزي خزانچي، مختيار ملڪ جي سيڪريٽري جنرل جي دور ۾ 1999ع کان 2001ع ۽ تاج جويي جي سيڪريٽري جنرل شپ ۾ 2004ع کان 2006ع دوران مرڪزي پريس ترجمان به رهيو آهي.

آزاد انور ڪانڌڙي جي ترتيب ڏنل ۽ ڇپيل ڪتابن جي وچور هن طرح آهي: (1) ڏرتي جو شهيد- سميع الله ڪلهوڙو (2005ع)، (2) اعجاز جتوئي محبِ وطن سياستدان (2006ع)، (3) سمي صحرا سمي درياء (نثر) 2007ع)، (4) سنڌي هوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (ڊاڪٽر الهداد هوهئي جا مضمون 2008ع)، (5) مولانا گراميءَ جون تحريرون (2009ع)، (6) استاد بخاري فن ۽ شخصيت (2010ع)، (7) مگر تون مان نه هونداسين (اسحاق راهيءَ جي شاعري 2011ع)، (8) شهيدِ سنڌ بشير خان قريشي (2012ع)، (9) سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر (2012ع).

سندس ترتيب ڏنل ڪتابن: "سمي صحرا سمي درياء" (استاد بخاريءَ جو نثر)، ڏرتيءَ جو شهيد سميع الله ڪلهوڙو، اعجاز علي جتوئي محبِ وطن سياستدان جا مهاڳ سنڌ جي برڪ دانشورن، اديبن، سائين محمد ابراهيم جويي، عبدالواحد آريسر ۽ تاج جويي لکيا آهن ۽ سندس ترتيب ڏنل ڪتاب: سنڌي هوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (ڊاڪٽر الهداد هوهئي جا مضمون)، مولانا گراميءَ جون تحريرون، استاد بخاري فن ۽ شخصيت، سنڌڙيءَ جو شهباز قلندر ڪتاب سنڌي لئنگئيج اٿارٽي سنڌي ادبي بورڊ ۽ ثقافت کاتي جهڙن ادارن ڇپرايا آهن. سندس 4 ڪتاب (1) سنڌ جون مشهور شخصيتون (تحقيق ۽ تاريخ)، (2) ميهڙ مٽياادار (تحقيق ۽ تاريخ)، (3) مولانا گراميءَ جون تحريرون (حصو ٻيو)، (4) شيخ اياز- سنڌ جو آواز (تخليق، تحقيق ۽ تاريخ) ڇپائيءَ هيٺ آهن.

آزاد انور ڪانڌڙو سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ جي پليٽ فارم تان ميهڙ جائي نامياري شاعر گورڌن گهايل شرما جو ڪتاب: "۽ مان سنڌ پهچي ويس"، نامياري شاعر ورند واٽيو جو جوهر بروهيءَ پاران ترتيب ڏنل ڪتاب "ورند جو ڪلام"، نامياري شاعر جوهر بروهيءَ جو پهريون شعري مجموعو "ڪاڇي پئي ڪوڪ" به ڇپرايا آهن. جيڪو به سندس مثالي ڪم آهي.

آزاد انور ڪانڌڙو مختلف اشاعتي ادارن سان به وابسته رهيو آهي. سنگت پبليڪيشن جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ميمبر طور 2001ع کان 2003ع ۽ 2004ع کان 2006ع ترقي پسند رسالي ماهوار 'ساجاهه' جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ 1994ع کان 1998ع سنڌ جو آواز پبليڪيشن جو 1997ع کان 2007ع تائين اعزازي ايڊيٽر، ميهڙ جو آواز جو 2000ع کان 2012ع تائين اعزازي ايڊيٽر به رهيو آهي.

آزاد انور ڪانڌڙي کي ادبي خدمتن، تحقيقي، تخليقي پورهئي تي ڪيترائي اوارڊ مليل آهن، جن ۾:

(1) ڪينجهر ترجمو اوارڊ 1994ع

(2) سنڌي ادبي سنگت مرڪز سرتيفڪيٽ 1997ع
(3) سنڌي ادبي سنگت مرڪز شيلڊ 1997ع
(4) سنڌي ادبي سنگت شاخ قلجي اوارڊ 1998ع
(5) سنڌي ادبي سنگت شيلڊ 2000ع
(6) صوفي شاهه عنايت شهيد سنگت فريد آباد اوارڊ 2002ع
(7) جشن ميهڑ اوارڊ 2005ع
(8) ميان نصير محمد کلهوڑو اوارڊ 2006ع
(9) سنڌ جرنلسٽ فائونڊيشن اوارڊ 2008ع
(10) قلندر لعل شهباز شيلڊ 2012ع
(11) شهيد سنڌ بشير خان قريشي اوارڊ 2012ع

رسول بخش ڏيرو:

فريد آباد تعلقي ميهڑ جو رهاڪو وڏيرو رسول بخش ڏيرو فيبروري 1901ع ڌاري پيدا ٿيو. هوائجا ننڍوئي هو ته سندس والد وفات ڪري ويو. سندس پالنا والده ڪئي. مختلف مدرسن ۾ اسڪولن ۾ فارسيءَ جي تعليم ورتائين. ۾ پوءِ فريد آباد ۾ زميناري سنڀالڻ لڳو.

رسول بخش ڏيري کي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ سان وڏو شغف هو. زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ شاهه سائين جي رسالي مان ٻن سُرن- سُر ڪليان ۾ سُر يمن ڪليان جي تفصيلي شرح لکيائين. جنهن مان "ٽئين شرح لطيف" جي عنوان سان سُر ڪليان جي ٻن فصلن/داستانن جي شرح ڇپجي چڪي آهي. ان جي اڀياس کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته وڏيري رسول بخش ڏيري جو مطالعو وسيع هو.

رسول بخش ڏيري 28- جولاءِ 1982ع تي فريد آباد ۾ وفات ڪئي. سندس قبر پنهنجي ئي جوڙايل جامع مسجد فريد آباد جي ويجهو واقع آهي.

بادام ناتوان[1]:

سنڌي ٻوليءَ جي نامور ليکڪا "بادام ناتوان" جو جنم 1930ع ڌاري شڪارپور ۾ ٿيو. هن ننڍڙي ڄمار ۾ ئي لکڻ شروع ڪيو. بادام ناتوان جو هڪ انٽرويو گهڻو وقت اڳ ماهوار "اديون" ۾ شايع ٿيو هو جنهن ۾ هن پنهنجي نالي جي باري ۾ چيو هو ته "نالو بادام اٿم. جنهن لاءِ اڪثر ماڻهو پڇندا آهن ته هيءَ نالو ڇو؟ حقيقت هن طرح آهي ته شڪارپور ۾ ڪوئيٽا جا پٺاڻ سرد موسم ۾ ايندا هئا. جن جون نياڻيون تعليم ونڊ ايندڙيون هيون. انهن پٺاڻين جا اهي نالا هوندا هئا ۾ امان اسڪول جي هيڊ مسٽريس هوندي ئي ۾ انهن مان هڪ نالو يعني "بادام" مون لاءِ منتخب ڪيائين".

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو

بادام ناتوان جي تعليم مئٽرڪ (بمبئي يونيورسٽي) هئي. پرسندس مطالعو وسيع هو. هن پنهنجو تخلص "ناتوان" يعني ڪمزور رکيو. هوءَ "بادام ناتوان" جي ادبي نالي سان ادبي حلقي ۾ مشهور ٿي. بادام ناتوان جي پهرين تصنيف جو نالو "شڪسته زندگي" آهي. اهو ڪتاب ٻن ياڳن ۾ آهي ۽ ڪتاب جو هر هڪ ياڳو اڌائي سؤ صفحن تي آهي. سندس ٻي تصنيف آهي "خوش خصلت خاتون"، هن پهريون ڪتاب ڪراچيءَ مان ڇپرايو ۽ پيو ڪتاب سنڌ ادبي بورڊ ڇپيو جنهن جون 2 سؤ ڪاپيون ۽ انعام به ان وقت جي سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري محمد ابراهيم جويو ڏانهس موڪليو هو. بادام ناتوان جي ٽئين تصنيف "قلبي اُڄ" آهي. جيڪا شڪارپور مان شايع ٿي. جنهن تي به دانشور ۽ اسڪالر علامه آءِ آءِ قاضي مرحوم تبصرو ڪيو هو ان کان علاوه سندس تصنيفن ۾ - "نماڻي ناز"، "خلوت ۽ "رنم رت ڏڙا" قابل ذڪر آهن. هن پنهنجي پيڙ روشن آرا مغل جي وفات تي سندس سڪ ۾ هڪ رسالو "تنهنجي ۾" ڇپايو هو. بادام ناتوان سنڌي ادب جي پهرين عورت هئي. جنهن مضمون کي فڪشن جو روپ ڏنو.

بادام ناتوان جي شادي ميهڙ تعلقي جي اهل علم ٽيبا قبيلي ۾ ٿي. سندس خاوند جو نالو عبدالباقي ٽيبو جنهن مان هن کي سنڌي زبان جي نامور ڪهاڻيڪارا نسيم ٽيبو نياڻي ۽ ٿي فرزند: شهزاد گلزار ۽ مير ٽيبو پيدا ٿيا.

بادام ناتوان 8 - فيبروري 1988ع تي وفات ڪئي.

نسيم ٽيبو(ا):

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ڪهاڻيڪارا ۽ دانشور نسيم ٽيبو 1 - اپريل 1948ع تي اهل علم ۽ سماجي شخصيت عبدالباقي ٽيبو جي گهر لڳ گهاڙي، ٽيبن جي ڳوٺ، تعلقي ميهڙ ۾ اڪيون ڪوليون. سندس والده بيگم بادام ناتوان پنهنجي دور جي سڻي ليکڪا هئي جنهن "خوش خصلت خاتون" جهڙو هڪ آدرشي ڪتاب لکي ادبي ميدان مجتا حاصل ڪئي. اهو ڪتاب پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي پڌرو ڪيو.

نسيم ٽيبو ملڪ جي ممتاز سياستدان رسول بخش پليجي جي گهر واري ۽ نالبور ڪميونسٽ اڳواڻ مير ٽ جي پيڙ هئي. پليجي صاحب سان سندس شادي 1968ع ۾ ٿي. جنهن مان ڪيس تانيا ۽ انيتا نالي ٻه نياڻيون پيدا ٿ جي ٻئي ادبي ڪيٽر ۾ جاتل سڃاتل ليکڪائون آهن. نسيم ٽيبو پيشي جي حوالي سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اقتصاد جي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي رهي ۽ 2000ع ۾ رٽائر ورتي.

نسيم ٽيبو سنڌي ادب جي سڻي ليکڪا هئي. خاص ڪري ڪهاڻيءَ ۾ ڪيس مخصوص سڃاڻپ ۽ حيثيت حاصل هئي. هن 80-70 وارن ڏهاڪن ۾ تمام سٺيون ۽ چرڪائيندڙ ڪهاڻيون لکي. ادبي حلقي ۾ پنهنجو ڏاهپ ويهاريو. هن اٽڪل 25 ڪهاڻيون لکيون. 80 واري ڏهاڪي کان پوءِ محترمه آهستي آهستي لکڻ گهٽائي ڇڏ رٽائرمينٽ کان پوءِ هن ڪراچيءَ ۾ سچل ڳوٺ واري علاقي ۾ رهائش اختيار ڪئي. نسيم ٽيبو جا ناناڻا شڪارپور ويڙل آهن. تنهنڪري هن جو ننڍپڻ ۽ جواني به شڪارپور ۾ گذري.

نسيم ٽيبو 19 - مارچ 2012ع تي 64 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي.

نسيم ٽيبو جي لکيل ڪهاڻين جو مجموعو - "اُير چنڊ پس پرين" نوجوان اديب ۽ محقق دين محمد ڪلهوڙي ترتيب ڏنو آهي. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڇپائيءَ جي مرحلي ۾ آهي.

زاد قاضي[1]:

نامياروادیب، شاعر ۽ اسڪالر عبدالاحد المعروف آزاد قاضي 15 ـ نومبر 1956ع تي قاضي دڙا، تعلقي ڪري ۾ محمد حسن جوٽيجي جي گهر ۾ اڪيون ڪوليون. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان 1966ع ۾ وٺڻ بعد ٽرڪ 1971ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول بادهه مان پاس ڪيائين. لائبريري سائنس ۾ ماسترس 1983ع ۾ ۽ ايم.اي سنڌي ادب) 1995ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ پنجن الن لاءِ پروجيڪٽ ريسرچ طور ٻه ڪر ڪيائين. ان عرصي دوران چيئر طرفان ڇهن ڪتابن ڇپرائڻ ۾ سندس هٿ ييو. ماهوار "جياپو" ڪراچيءَ جي ايڊيٽر طور 6 پرچا ۽ مومل پبليڪيشن جي ايڊيٽر طور 4 پرچا ڇپائي چڪو آهي.

آزاد قاضيءَ 1973ع کان شاعريءَ جي ابتدا ڪئي. هن شاعريءَ جي ابتدا ۽ اراٽي ادب کان ڪئي. نثر جي ابتدا کاٽين لکڻ سان 1975ع ۾ ڪيائين. هن پنهور اشاعت گهر حيدرآباد، رني ڪوٽ پبليڪيشن حيدرآباد، فڪر نئو لمشنگ هائوس ڪراچي، جي.ايم.سيد لٽريري سوسائٽي ڪراچيءَ طرفان 50 کن ڪتاب ڇپايا آهن.

سندس طبعزاد، ترجمي ۽ ترتيب ڏنل ڪتابن مان ڪجهه اهم ڪتاب هي آهن: "سوپ سدائين سچ جي نقيد)، "سنڌ جون انقلابي عورتون"، "انقلابي ماءُ" (ترجمو)، "قول فيصل" (ترجمو)، "لبرل ازم ۽ انقلاب دشمني" سياسي تنقيد)، "لامون تنهن وڻ سنديون" (ترتيب)، "سنڌ جو آواز" (ترتيب)، "جي.ايم.سيد جي جدوجهد ۽ نيشنلزم" رتيب)، "جي.ايم.سيد، ڊاڪٽر درشهوار سيد جي نظر ۾" ترتيب وغيره.

آزاد قاضي 1980ع ڌاري قاضي دڙا تعلقي ڏوڪريءَ مان لڏي ميهڙ تعلقي جي راڄڌ شهر ۾ مستقل سڪونت ير ٿيو. هو هينئر سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شعبي جو استاد آهي. ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ رهائش پذير آهي.

ياسي نظر چانڊيو:

هن شاعر جو جنم 1 ـ جنوري 1978ع تي خيرپور ناٿن شاهه ۾ ٿيو. مئٽرڪ 1986ع ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. 1990ع کان شاعريءَ ڏانهن لاڙو ڪيائين. روزگار سانگي سعودي عرب ويو جتي 199ع ۾ سرمد سنڌي سان ملاقات ٿيس. جنهن هن جا ڪافي گيت ڳايا. شاعريءَ ۾ سندس استاد سرڪش سنڌي هو. ندس شعري مجموعو "ڏوٿيئڙن جو ڏيهه" 2001ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آهي.

پياسي نظر چانڊيو هن وقت جده، عربستان ۾ رهي ٿو.

دار علي سيال[1]:

ديدار علي سيال ميهڙ جو سڀ سگهڙ شاعر هو. هو 1962ع ۾ ڳوٺ دائود ديري ۾ محمد حسين سيال جي گهر ۾ ائو سگهڙ شاعريءَ ۾ سندس استاد محمد ملوڪ عباسي هو. هن سگهڙ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي خاص طور ڏوربيت، پرولي، ڏٽ، ڳجهارت وغيره تي سندس سٽي شاعري ٿيل آهي.

هن جا هيئيان 4 ڪتاب پڻ ڇپيل آهن:

(1) ديس وسي، ديدار اسان جو (شاعري/لوڪ ادب) (اپريل 2002ع)

(2) فيصلا انصاف جا (عبدالحميد جتوئيءَ جي شخصيت تي لکيل)

(3) ڪل جڳ رهندا ڪاپڙي (فقير نورمحمد سيال جي شخصيت تي لکيل)

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

(4) ڪنهن کي ڏجي دانهن (شاعري/لوڪ ادب) (2008ع)

ديدار علي سيال ويجهڙ ۾ وفات ڪري ويو.

شاهنواز "مسافر":

الحاج شاهه نواز "مسافر" احمد بخش جوڪيو جي گهر ۾ ميهڙ شهر ۾ 12 ـ اپريل 1937ع تي جنم ورتو. مئٽرڪ امتحان سال 1957ع ۾ پاس ڪرڻ کان پوءِ هاءِ ويز ڪاتي ۾ 1958ع کان ملازمت شروع ڪئي. 18 ـ آگ 1975ع ۾ عمري ۾ حج جي سعادت لاءِ سعودي عرب روانو ٿيو. جتي حج ادا ڪرڻ بعد رياض شهر سعوديه ۾ ڪ اداري ۾ سيڪريٽري جي عهدي تي ملازمت حاصل ڪيائين. 23 ـ نومبر 1980ع ۾ ملازمت اختيار ڪرڻ ب 1995ع ۾ رٽائر ڪيائين.

الحاج شاهه نواز "مسافر" 1967ع کان شاعري شروع ڪئي. جنهن ۾ سندس استاد ۽ رهبر حافظ محمد ا چنا هو. شاعري ۾ هن 350 غزلن تي مشتمل "ديوان مسافر" هڪ سؤ (100) عدد نعتن تي مشتمل ڪتاب ۽ 3 صفحن تي مشتمل ڪلام، ڪافيون، وايون، ڏوهيڙا ۽ اردو غزل لکيا آهن.

حضرت عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جو لکيل ڪتاب "بادشاهه بغداد" شعر ۾ ترجمو ڪري چڪو آ انڪل ٽي هزار قطعه ٻه لکي چڪو آهي. سڄي شاعري بحر ۽ وزن تي ڪئي اٽائين. ڪافي رسالن ۽ اخبارن ۾ سن شاعري ڇپجندي رهي ٿي. شعر ۾ منظوم "سوانح عمري" لکڻ تي ٻه طبع آزمائي ڪري چڪو آهي. سندس من پ شاعر: دادن فقير، مخدوم محمد زمان طالب المولي، شيخ اياز.

مسافر صاحب 1995ع ۾ سعودي عرب کي الوداع چئي پياري وطن سنڌ ۾ اچي ميهڙ ۾ پوءِ قاسم آباد ۾ رهه اختيار ڪئي.

ڊاڪٽر محمد خان شيخ:

ڊاڪٽر محمد خان شيخ سماج سڌارڪ، اديب ۽ مترجم آهي. پاڻ ڪونج رسالي جو چيف ايڊيٽر ب آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ ميهڙ ۽ سگا ميهڙ ۾ خدمتون انجام ڏنائين. سندس مضمون مختلف اخبارن ۾ ڇپيا آ تقريرون ۽ تحريرون جو صاحب آهي. گذريل 16 سالن کان وٺي ميهڙ ۾ اکين جي بيماري ۾ ورتل ماڻهن جو مفت علاج ۽ سنڌن دعائون ڪتي ٿو. اڄوڪي دور ۾ جڏهن ماڻهو مايا ميڙڻ ۾ پويان آهن، تڏهن اهڙي سماج ۾ ڊاڪٽر صاحب مخلصانه وجود قابل تحسين آهي.

آدم پٽ:

پروفيسر آدم پٽ جو جنم ڳوٺ پٽ سرائي ۾ ٿيو. پاڻ ڊگري ڪاليج ميهڙ جو پرنسپال ب رهي چڪو آ نامياروليکڪ، محقق، اديب ۽ ڪالم نگار آهي. سندس ڪيترائي مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا ٿا. هن وقت شمس الدين بلبل جي ادبي خدمتن تي پي ايڇ. ڊي ڪري رهيو آهي. سنگت شاخ ميهڙ جو روح روان آهي.

اختر رند[1]:

ڪهاڻيڪار، شاعر ۽ ناٽڪ نويس اختر رند جو اصل نالو اختر علي رند آهي. هن 4 ـ فيبروري 1964ع

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو

ڳوٺ ميرر رند تعلقي ميهڙ ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪوٽڙيءَ مان 1981ع ۾ پاس ڪئي.

اختر رند سچل آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان 1986ع ۾ گريجوئيشن ڪرڻ بعد پرائمري استاد مقرر ٿيو. سنڌي ادبي سنگت سان 1987ع کان وابسته آهي. هو ڪوٽڙي شاخ جو سرگرم ڪارڪن ۽ سيڪريٽري پڻ رهيو آهي. 100 کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکي چڪو آهي. جيڪي مختلف ادبي رسالن ۽ مخزنن ۾ ڇپجي چڪيون آهن. سندس لکيل ڪهاڻين جا ٻه مجموعا ـ "ڪال گرل" (1998ع)، ۽ "ڪنوارا ڇپ" ڇپيا آهن.

اختر رند پي.ٽي.وي لاءِ ٻه بهترين ڊراما لکيا آهن. هن پهريون ڊرامو 1996ع ۾ لکيو. پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سينٽر تان سندس هڪ سيريل "اوڙاهه" (آرٽ پلي) "پرهه کان پوءِ"، "نباهه" ۽ "جيئڻ" وغيره نشر ٿي چڪا آهن. هن وقت ٻه سنڌي چئنلن لاءِ ڊراما لکندو رهي ٿو. سندس رهائش ڪوٽڙيءَ ۾ آهي.

جمن چارڻ[1]:

مدح جي موجد ۽ نامور شاعر جمن چارڻ ولد محمد بخش چارڻ لاءِ مشهور آهي ته هو اصل تعلقي گنبٽ جي ڳوٺ کهڙن جو ويڙل هو. پر اها روايت درست نه آهي. هيءُ اصل ڳوٺ فتح پور. تعلقي دادوءَ جو ويڙل هو. زندگيءَ جي پچاڙيءَ واري حصي ۾ لڏي وڃي ڳوٺ کهڙن ۾ سڪونت اختيار ڪئي. جمن چارڻ جي وفات جي تاريخ سنه 1151هـ/1738ع ڄاڻايل آهي. سينه به سينه مليل روايت مطابق هن اٽڪل 80 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ان حساب سان جيڪڏهن هن جي ڄمڻ جو سال ڪڍيو ته اهو غالباً سنه 59_1658ع ٻڌائيندو. جمن چارڻ جي پونيرن مان ڊاڪٽر نظير احمد چارڻ مشهور هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر آهي. جيڪو ڪراچيءَ ۾ رهندو هو موجوده رهائش دادو شهر ۾ آهي.

جمن چارڻ مدح جي ڪري گهڻو مشهور آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نامور ۽ لاڪيٽي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو همعصر شاعر هو. هو نابين ۽ بي اولاد هو. ڏٺيءَ در دعا گهرياٽين ته: سوني ٻانهينءَ سان ننهن ڀٽ جهوليءَ ۾ ڪير ولوڙيندي ڏسان." سندس هيءُ سوال مشهور ٿيو ۽ درگاهه ايزديءَ ۾ پڻ قبوليت جو شرف حاصل ڪيو. جمن چارڻ جا مقولا ٻه مشهور آهن. اُهي آهن: پنج ئي بدنام، پنج ئي مئي مت، پنج ئي سهنج ۽ پنج ئي گهوچائي.

سندس چيل گلن بابت نظم جو ٻه حوالو آيو آهي ۽ ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي قلات جي حاڪم عبدالله خان سان جنگ بابت ٻه نظم چيل اٽس. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌيءَ جي هن ڪلاسيڪل شاعر جي تاريخ وفات پنهنجي ڪتاب "مداحون ۽ مناجاتون" ۾ هن طرح ڄاڻائي آهي:

"تاريخ وفات غفران (پناهه) رضوان جائگاهه ميان جمن مداح بتاريخ چهاردهم ماهه رجب و اربعا 1551هـ/1738ع"

سندس مدفن گاهه پير ڪٽپر جي قبرستان ضلعي خيرپورميرس ۾ آهي.

شمن لاشاري:

شمن لاشاري اصل نالو شمس الدين لاشاري 12 ـ مارچ 1972ع تي واهي پانڌي شهر ۾ حاجي عبدالله لاشاري جي گهر ۾ جنم ورتو. تعليم ايم.اي ۽ بي.ايڊ ٽيل اٽس. استادي پيشي سان لاڳاپيل آهي. هن 1994ع کان شاعري ڪئي

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

آهي. شاعريءَ ۾ غزل، گيت، چوسٽا، نظم لکيا آهن. ان سان گڏ ڪهاڻيڪار پڻ آهي. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن. ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب- 'يادن جو ڪوهيڙو' ترتيب ڏئي شايع ڪرايو اٿس. سندس ادبي ذوق جاري آهي.

چاڪر خان رستماڻي:

چاڪر خان رستماڻي ولد جبل خان رستماڻي ويٺل ڳوٺ ڇني تعلقي جوهيءَ ۾ سال 1843ع تي جنم ورتو. ان ئي سال انگريزن سنڌ تي ميرن کان حڪومت کسي غاصبانو قبضو ڪيو. چاڪر خان رستماڻي زميندار طبقي سان تعلق رکندو هو. مهمان نواز سخي انسان ۽ پنهنجي قبيلي جو نيڪ مرد هو. انڪري راڄ پاڻ جا فيصلا به ڪندو هو. فيصلن ۾ ڪنهن سان به رعايت نه ڪندو هو.

چاڪر خان رستماڻي شعر و شاعري به جواني ۾ شروع ڪئي. هن گهٽو ڪري سگهڙپائيءَ جي سيني صنف تي طبع آزمائي ڪئي. جنهن ۾ ڏوڙ، بيت ۽ ڇجهارتون شامل آهن. هن پنهنجي بيتن ۾ چاڪر تخلص استعمال ڪيو آهي.

چاڪر خان رستماڻي شادي پنهنجن عزيزن مان ڪئي. ڪيس ٿي پٽ ۽ به نياڻيون تولد ٿيون. چاڪر خان رستماڻي 1930ع تي وفات ڪري ويو. ڪيس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

طالب لغاري:

محمد علي لغاري ولد امام علي لغاري 'طالب لغاري' جي نالي سان شعر شاعري ڪري ٿو. هو 12- نومبر 1928ع تي ڳوٺ حاجي خان لغاري تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. پهرين درجي کان فائينل تائين حاجي خان ڳوٺ ۾ پڙهيو. فائينل جو امتحان ڏئي پرائمري استاد مقرر ٿيو. استادي پيشي سان گڏ ادبي سرگرمين ۾ به حصو ونڊندو رهيو. سال 1965ع کان باقاعده شعر و شاعري ڪرڻ لڳو.

سندس شاعريءَ جا پنج ڪتاب ترتيب ڏنل آهن. انهن مان هيٺيان ٽي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. "دانهون درد فراق جون" ۽ "مرڪ تُساڏي لڙڪ اسان ڏي" شامل آهن.

احمد خان مدهوش[1]

سنڌيءَ جو نامياروشاعر احمد خان مدهوش ولد حاجي خان (حاجي فقير شغلي) ذات سومرو 05- اپريل 1931ع تي خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ سلطان چانڊئي ۾ ڄائو. 1932ع ۾ سندس خاندان 'جوهي' شهر ۾ اچي آباد ٿيو. 1949ع ۾ سنڌي فائينل، 1957ع ۾ انٽر ۽ 1965ع ۾ اديب فاضل سنڌيءَ جا امتحان پاس ڪيا. ڪافي عرصو جوهيءَ ۾ استاد رهيو.

هن شاعريءَ جي سکيا سيد نجف علي شاهه لکياريءَ ۽ فيض بخشاپوريءَ کان ورتي. سندس شاعريءَ جا 3 مجموعا- "دل جون ڳالهيون" (1993ع)، ۽ "اکين جا سنيها" (2010ع) سنڌي ادبي بورڊ پاران ۽ "نظر ۾ نظربند" (2003ع) سنڌي اڪيڊمي ڪراچيءَ طرفان چپجي پڌرا ٿيا.

احمد خان 'مدهوش' کي اوارڊ به مليا، جن مان هڪ اوارڊ تعليم ڪاتي طرفان لائيف اچيومينٽ اوارڊ (2010ع

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو

جيڪو هن پاڻ وصول ڪيو. ٻين اوارڊن ۾: (1) اوارڊ ڪي. ٽي. اين شاعري (2011ع)، (2) بهترين شاعر اوارڊ (2011ع) شامل آهن. اهي اوارڊ سنڌس فرزند خليل عارف سومري وصول ڪيا.

احمد خان مدهوش نثر نويس به هو. هن ڪافي مضمون ۽ مقالا به لکيا ۽ ڪجهه ڪتاب به ترتيب ڏنا. جن ۾: "ديس ڌرتي" (قومي شاعري)، سانول يار (سرائڪي شاعري) ۽ مضمونن ۽ مقالن تي مشتمل: "مدهوش جا مضمون" وغيره شامل آهن. اهي سڀئي انڊيپنڊينٽ سنڌس پونئرن وٽ موجود آهن.

احمد خان مدهوش سنڌي هولي‌ءَ جي استاد شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. ٻين صنفن سميت غزل ۽ نظم تي سنڌس ملڪو حاصل رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر به رهيو. پاڻ نهايت شفيق، ڪشاده دل، بااخلاق، خوش گفتار ۽ دوراندیش انسان هو. هو 26_ جون 2010ع تي وفات ڪري ويو. سنڌس آخري آرام گاهه جوهي‌ءَ جي اصل فقير قبرستان ۾ آهي.

سير امتياز:

امتياز علي برهماڻي 29_ مارچ 1986ع تي ڳوٺ دودو برهماڻي تعلقي جوهي ۾ جائو ٻن ڪتابن جو تخليقڪار آهي. سنڌس اهي ڪتاب آهن نگاهون شام جو منظر، نثر بيقراري جو. شاعري ۾ پنهنجو تخلص اسير استعمال ڪندو آهي.

عاجز جمالي:

عاجز جمالي جي نالي سان لکندڙ چٽو خان پٽ بخشل جمالي تمام سنو ليکڪ آهي. سنڌي ادبي سنگت جوهي جو سيڪريٽري رهيو. سنڌس ڪيترائي ڪالم عوامي آواز عبرت، ڪاوش ۽ ٻين اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن. ي آر. واڻ جو رپورٽ پڻ آهي. هن وقت ڪراچي ۾ رهي ٿو جتي صحافتي ۽ ادبي ڪم ڪري رهيو آهي.

نور قنبراڻي[1]:

علي انور ولد ميوو خان قنبراڻي 1963ع تي قلوءَ جي ڳوٺ تعلقي جوهي/ڪاڇي ۾ جائو. 1967ع ۾ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان 5 درجا پاس ڪري ٻني پاري جي ڪم ڪي لڳو. 20 سالن جي ڄمار ۾ ڳوٺ ڇڏي دادو شهر ڏي آيو. ابتدا ۾ استاد بخاريءَ کان شاعريءَ جي اصلاح ورتائين.

انور محبت ۽ وچوڙي تي تمام گهڻي شاعري ڪئي ۽ سنڌ ۾ آڈيو ڪئسٽ جو منهوڙ شاعر ٿي اُپريو. منظور سخيراڻيءَ جو سنڌس ڳايل ڪلام "ڪونہ بچسان درد تيڏي وچ رو رو مر ويسان" کان پوءِ ڪافي مشهور ٿيو. هن جي شاعري_ منظور سخيراڻي جلال چانڊئي الهداد زرداري سرمد سنڌي ۽ ٻين فنڪارن ڳائي. سنڌس رهائش دادو ۾ آهي.

ڪبر جسڪاڻي[1]:

ڀاراڻي ادب جو وڏو نانءُ اڪبر جسڪاڻي ولد ڄام خان جسڪاڻي 1957ع تي جوهي شهر ۾ جائو. نئڻپ ۾ سنڌس والد سعودي عرب ۾ وفات ڪري ويو. اڪبر کي ناناڻن پاليو. اڪبر کي چاچو يا مامو نہ هو. نانو ۽ نانيءَ هٿ، جن من جي پرورش ڪئي. زندگيءَ جا اٺانگا پيچرا طئ ڪري 1975ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جو ميمبر ٿيو. ان کان پوءِ جيئي سنڌ پروگريسو اسٽوڊنٽس فيڊريشن (وطن دوست پارٽي) ۽ سنڌ هاري ڪميٽيءَ لاءِ ڪم ڪيائين. هن جوهي

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو

شهر ۾ ترقي پسند ۽ قومپرست شعور پکيڙڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سنڌي ادبي سنگت جوهي شاخ جو بنياد به هن وڏن ذوالفقار علي ٻٽي شهيد خلاف چاڪنگ ڪرڻ جي ڏوهه ۾ جيل ۾ ڪمايائين. اڪبر کي مشهور اديب ڪهاڻيڪار سيد ظفر حسن جي دور ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ لائبريرين مقرر ڪيو ويو. بعد ۾ هو بارڻ جي نمائندہ ماهه رسالي "گل ڦل" جو اسسٽنٽ ايڊيٽر ۽ 1987ع ۾ ايڊيٽر مقرر ٿيو.

اڪبر جسڪاٽي ۽ فتاح هاليپوٽي (شرجيل) جي همٿائڻ تي ڪهاڻين لکڻ جي ابتدا ڪئي. هن جي شروعاتي ڪهاڻيون ماهوار "سوجهري" ۾ بارڻ جي صفحي ۾ ڇپيون. ان کان پوءِ روزاني آفتاب، عبرت ۽ سنڌ نيوز ۾ لکيائين. هن جي باراٽي ڪهاڻين جا مجموعا "بتين واري نانيِ" (ناوليٽ)، "رمون پينيِ" ۽ "خير و حجم" جي نالي سان نثار حسينيءَ ڇپرايا. جن مان "رمون پينيِ" ۽ "بتين واري نانيِ" کي سنڌي بارائي ادب جي حوالي سان سنڌالاجيءَ طرفان بهترين ڪتاب طور انعام ڏنو ويو. اڪبر جو ڪتاب "گلڙن جا گهاءُ" هالا جي دوستن ڇپرايو. ان کان سواءِ اڪبر جا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪالم ۽ ڪهاڻيون ڇپيل آهن.

اڪبر جسڪاٽيءَ شادي نه ڪئي. هن فوت ٿيڻ کان اڳ سگا شاخ جوهيءَ پاران جوهي شهر ۾ قائم ڪ گاج لائبريري (هاڻي اڪبر جسڪاٽي ميموريل لائبريري) لاءِ پنهنجا سانديل ڪتاب ڈاڪٽر حميد سومري جي حوا ڪيا. اڪبر جسڪاٽيءَ جو لاش حيدرآباد جي سحرش نگر واري ويران گهر مان 13 ـ آگسٽ 1999ع تي سڙ حالت ۾ مليو. سندس موت اڄ ڏينهن تائين هڪ راز بڻيل آهي.

عزيز ڪنگراٽي:

عزيز ڪنگراٽي 4 ـ جنوري 1958ع تي ڳوٺ حاجي ماڻڪ ڪنگراٽي تعلقي جوهي ۾ سومار ڪ ڪنگراٽيءَ جي گهر جنم ورتو. پنجون ڪلاس پنهنجي پر واري ڳوٺ مان پاس ڪري هاءِ اسڪول جوهي ۾ دا ٿيو. جتان مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ هن وقت سندس تعليم ايم.اي آهي. تعليم دوران استادي پيشو اختيار ڪيائين. وقت گورنمينٽ ڪاليج جوهي ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

هن ادب جي شروعات 1974ع کان ڪئي. شروعات ۾ شعر و شاعري تي طبع آزمائي ڪئي. جيڪا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع به ٿي. مقالا ۽ ڪهاڻيون به لکيون اٿس. ان کان علاوه هن ڪيترائي ڊراما لکيا آهن ۽ هن وقت سندس ڊراما PTV ۽ KTN تي نشر ٿي رهيا آهن.

جاني اسحاق ملاح:

محمد اسحاق ملاح ولد احمد خان ملاح جيڪو جاني اسحاق ملاح جي نالي سان لکندو هو. 1 ـ اپريل 1967ع ۾ ڳوٺ رحيم ملاح تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. تعليم انٽر تائين حاصل ڪيائين. هن 1986ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو. جاني اسحاق ملاح شاعريءَ کان علاوه نثر ۾ به پاڻ موکيو. ڊراما ۽ ڪهاڻيون به لکيون. شاعريءَ ۾ غ گيت، چوٿسٽا ۽ نظم لکيائين. 17 ـ مئي 2001ع تي هميشه لاءِ جدا ٿي ويو.

راهي چنا:

محمد پريل چنا ولد محمد چٽل ادبي نالو راهي چنا، 6 ـ جنوري 1950ع تي جوهي شهر ۾ جنم ورتو. پنج ڪلاس جوهيءَ ۾ پڙهيو. ميٽرڪ به جوهيءَ مان ڪيائين. ان سان گڏ اديب فاضل جو امتحان به امتيازي حيثيت ۾ پاس ڪيائين. هن لکڻ جي ابتدا 1970ع کان ڪئي. شعر و شاعري ڪندو هو. سندس شاعريءَ جو استاد حافظ مح

احسن چنا هو چانڊوڪي جي گهاگهر راهي رڙ پٽ جا. ڏرتيءَ ۾ ڪتل شمعدان ۽ گهنگهر گهاريون ڏينهڙا سندس لکيل ڪتاب آهن. جيڪي ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن.

راهي چنا ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد 16 ـ فيبروري 1997ع تي هن دنيا کي ڇڏي راهه رباني اختيار ڪري ويو.

خليل 'عارف' سومرو[1]:

نوجوان شاعر ۽ اديب خليل 'عارف' سومرو سنڌ جي نامور شاعر احمد خان مدهوش جو فرزند آهي. سندس پورو نالو خليل حسين سومرو آهي. هو ڪاڇي جي مشهور شهر جوهيءَ ۾ 18 ـ نومبر 1965ع تي ڄائو. هن ابتدائي تعليم پرائمري مين اسڪول جوهيءَ مان حاصل ڪئي. انٽر. استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ مان. بي.اي ۽ ايم.اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان ڪيائين.

خليل لکڻ جي شروعات 1978ع کان ڪئي. سندس پهرين تخليق ٻاراڻي رسالي "گل قل" جي جنوري 1980ع واري شماري ۾ ڇپي. هن 1986ع ۾ پنهنجي والد جي نالي سان "احمد خان مدهوش اڪيڊمي" جو بنياد رکيو جتان هن ڪيترائي پروگرام ڪرايا. کيس شاعر طور ۽ ادبي مجتا ۾ ڪيترا اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آهن. جن ۾: گاج ادب ۽ آرٽ ڪلب جوهيءَ پاران بهترين شاعر اوارڊ (1986ع) جنگ پبلشرز ڪراچيءَ پاران "مصنف اوارڊ" (1992ع)، آندل شاهه بخاري آرٽ سرڪل جوهي پاران "بهترين شاعر اوارڊ" (2001ع)، ٻاراڻي ڪتاب "موتي ۽ مڪڙيون" تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سال 2010ع جو بهترين ڪتاب اوارڊ (2011ع) ۽ 50 هزار رپيا روڪ وغيره اچي وڃن ٿا.

سندس ٻارڙن جي شاعريءَ جا ٻه ڪتاب: (1) مهڪار (1984ع)، ۽ (2) "موتي ۽ مڪڙيون" (2010ع) سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيا. سندس پهرئين ڪتاب جا 4 ڇاپا پڌرا ٿي چڪا آهن.

خليل عارف سومرو پيشي جي اعتبار کان پرائمري استاد آهي ۽ جوهي شهر ۾ رهي ٿو.

راز شاهاڻي[1]:

نوجوان شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار، ريڊيو ٽي وي، رائيٽر ۽ صحافي راز شاهاڻي، اصل نالو ريڙنو ولد سائين بخش شاهاڻي 15 ـ جولاءِ 1976ع تي تعلقي جوهيءَ جي ڳوٺ جمل خان شاهاڻيءَ ۾ ڄائو هيءُ ڳوٺ جوهيءَ جي ڏکڻ ۾ 18 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي منچر ڍنڍ، ڪيرٿر ۽ گورک جبل جي نزديڪ آهي. راز شاهاڻي پرائمري تعليم 1988ع ۾ پنهنجي ڳوٺ مان مٽرڪ 1993ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهيءَ مان. انٽر 1996ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج جوهيءَ مان. بي.اي 2001ع تي گورنمينٽ استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ مان ۽ 2003ع ۾ ايم.اي (سنڌي) خانگي شاگرد جي حيثيت ۾ سچل سرمست آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي.

راز شاهاڻيءَ سرڪاري نوڪريءَ جي ابتدا 1998ع ۾ فزيڪل ٽريننگ انسٽرڪٽر جي حيثيت ۾ ڪئي. سندس مقرري گورنمينٽ هاءِ اسڪول بوبڪ ۾ ٿي. پر اُن ئي سال سياسي بنيادن تي هن کي نوڪريءَ تان بي دخل ڪيو ويو. نوڪري ختم ٿيڻ کان پوءِ راز شاهاڻي حيدرآباد اچي صحافت اختيار ڪئي ۽ 2004ع تائين انهيءَ پيشي سان

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

لاڳاپيل رهيو. ان عرصي دوران هو مختلف سنڌي اخبارن، رسالن ۾ اسٽاف رپورٽر، سب ايڊيٽر ۽ انچارج جي حيثيت ۾ فرض سرانجام ڏنا، جن ۾: تعميرِ سنڌ، سنڌو، هفتيوار سنڌو شام، هلچل، سوپ، طلوع وغيره شامل آهن.

راز شاهاڻي 2004ع ۾ هفتيوار 'سنڌو' جي انچارج واري ذميداريءَ کان آجو ٿي، سنڌ جي نامور علمي ۽ ادبي اداري سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي سرڪاري نوڪري اختيار ڪئي، جتي سندس صلاحيتن کي ڏسي پبلڪ رليشن آفيسر مقرر ڪيو ويو. اُتي هو آگسٽ 2006ع تائين پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندو رهيو. ان دوران هو خبرنامي جو ايڊيٽر به رهيو. آگسٽ 2006ع ۾ هن انهيءَ نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏني ۽ ايڊهاڪ جي بنياد تي تعليم ۽ خواندگي کاتي ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار پرتي ٿيو. ڪيس استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ ۾ مقرر ڪيو ويو. جتان ڪجهه عرصي لاءِ هُن پريٽ آباد حيدرآباد ۾ به نوڪري ڪئي. هُو 2009ع ۾ گورنمينٽ استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ مان بدلي ٿي، حيدرآباد جي سنڌ ڪاليج آف ڪامرس ۾ آگسٽ 2010ع تائين سنڌيءَ جو استاد مقرر رهيو. ايڊهاڪ جي مُدي پوري ٿيڻ کان پوءِ، هن وري صحافت اختيار ڪئي. هن پيري راز شاهاڻيءَ سنڌ ٽي وي چئنل لاءِ حيدرآباد جو رپورٽر مقرر ٿيو. ڪجهه عرصو اُتي ڪم ڪرڻ کان پوءِ هو مهراڻ ٽي وي چئنل تي اسٽاف رپورٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. آگسٽ 2011ع ۾ فزيڪل ٽريننگ انسٽرڪٽر جي پراڻي ختم ٿيل نوڪري بحال ٿيڻ جنهنڪري هو "مهراڻ" ٽي وي چئنل جي نوڪري ڇڏي گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيتا وليج ۾ فزيڪل ٽريننگ انسٽرڪٽر مقرر ٿيو.

راز شاهاڻيءَ جولاءِ 2012ع ۾ پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچرز ايجوڪيشن (P.I.T.E) لاءِ ايڊيٽر (گريڊ-18 جي عهدي تي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪيو ۽ هن وقت هو نوابشاهه ۾ (P.I.T.E) ۾ گريڊ-8 جي آفيسر طور ڪم ڪري رهيو آهي.

راز شاهاڻيءَ لکڻ جي شروعات 1995ع کان ڪئي. هو اُنهن ڏينهن ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جوهيءَ جو ميمبر ٿيو. جاني اسحاق ملاح ۽ عزيز ڪنگراڻيءَ شاعريءَ ۾ سندس رهنمائي ڪئي. راز شاهاڻيءَ شاعريءَ ۾ به مجموعو ترتيب ڏنا آهن. سندس ٻين تصنيفن ۾: لطيفي معلومات (2003ع)، بلوچ ۽ عشق (ترجمو) (2003ع)، قرت العين جي اردو ناول جو ترجمو هي ٽئي ڪتاب - سنڌ بڪ ڪلب چپائي پڌرا ڪيا.

راز شاهاڻيءَ جو ريڊيو پاڪستان جي مختلف اسٽيشنن سان به قلمي ساٿ رهيو آهي. ريڊيو پاڪستان خيرپور سال 2003ع ۾ سندس لکيل هڪ ڊراما نشر ڪيو ان کان پوءِ هو حيدرآباد اسٽيشن لاءِ لکندو رهيو. ان اسٽيشر تان سندس لکيل 3 ڊراما نشر ٿيا. سندس لکيل هڪ ڊرامي ۾ هڪ صداڪار جي نه اچڻ ڪري، ان جي جاءِ تي هِنَ پار صداڪاري ڪئي، جيڪا پسند ڪئي وئي. ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي 2003ع کان 2010ع تائين نوجوانن ۽ عورتن جي مسئلن تي هن ڪافي اصلاحي فيچر لکيا، جيڪي نشر ٿيا. ساڳئي اسٽيشن تي سنڌ جي نامور ڳائڻن: استاد امير علي، استاد سوڊو جوڳي ۽ شبير شاهاڻيءَ جي آوازن ۾ سندس غزل ۽ گيت ريڪارڊ ٿيل آهن. ريڊيو اسٽيشر حيدرآباد جي مشاعرن ۾ سينئر ۽ برڪ شاعرن سان گڏ ڪلام پڙهيو. 2010ع ۽ 2011ع تائين هن ريڊيو پاڪستان لا ملير اسائنمينٽ تحت رپورٽنگ ڪئي، جا قومي نشرياتي رابطي تي سڄي ملڪ ۾ ٻُڌي وئي.

راز شاهاڻيءَ جا ڪي ٽي اين چئنل تي 3 سولو پلي هلي چڪا آهن. راز شاهاڻي صحافت دوران پريس ڪلب حيدرآباد جو ميمبر به رهيو ۽ گڏوگڏ ڪلب جي مختلف ڪميٽين تي عهديدار به رهيو. هو پريس ڪلب حيدرآباد، سنڌي ادبي سنگت جوهيءَ جي ميمبر هئڻ سميت سنڌي اديبن جي سُجاڻ تنظيم "سنڌ رائيٽرز فورم" جو ميمبر به آهي.

عمر ۾ تجربي جي لحاظ کان راز شاهاڻيءَ جون خدمتون خاص طور تي ادب، صحافت ۾ درس و تدريس ۾ وڏيون آهن. جڏهن هو سنڌي ادبي بورڊ ۾ نوڪري ڪندو هو تہ هِنَ پي. آر. او سميت ٻيون اضافي ادبي ذميواريون بہ ادا ڪيون. 2006ع ۾ نامياري اديب طارق عالم ابڙي جي غير موجودگيءَ ۾ ماهوار "گل قل" رسالي جو هڪ پرچو بہ ڪڍيو. هن بورڊ ۾ رهي پاراٽي ادب جي بہ خدمت ڪئي ۽ هڪ ڪتاب "پارڙن جو شاهہ" بہ ترتيب ڏنو جيڪو بورڊ جي پبليڪيشن شعبي ۾ اڻڇپيل صورت ۾ رکيل آهي.

عبدالحميد "آس" ٻہر:

عبدالحميد ٻہر ولد واحد بخش ٻہر ادبي نالو عبدالحميد "آس" ٻہر تاريخ 5- مارچ 1977ع تي ڳوٺ حُر ڪئمپ تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ هاءِ اسڪول جوهيءَ مان حاصل ڪئي. اٽس. مئٽرڪ پاس ڪرڻ بعد انٽر جي ڊگري بہ حاصل ڪري چڪو آهي. هن وقت سنڌس پيشو زراعت آهي. هن شعر و شاعري ڪري 1990ع کان شروع ڪئي آهي. اڄ تائين غزل، گيت، نظم ۽ ڪافي چوسٽا لکيا اٽس. سنڌس ادبي پورهيو ڏهن ڪتابن جيترو ٿيندو. جيڪو ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهي.

ذلفي جمالي:

ذوالفقار علي جمالي ولد محمد حسين جمالي ادبي نالو 'ذلفي' جمالي 1- اپريل 1979ع تي ڳوٺ جنگو جمالي تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پر واري اسڪول مان ۽ مئٽرڪ هاءِ اسڪول جوهي مان حاصل ڪيائين. هن وقت سنڌس تعليم انٽر آهي. سال 1999ع کان ادبي دنيا ۾ آيو آهي. شاعري ڪري ٿو. سنڌس شاعري جو هڪ ڪتاب 'سڏڪا ۽ واکا' ڇپائيءَ جو منتظر آهي.

حيدر سيال:

حيدر سيال ولد پير بخش سيال 5- جون 1965ع تي جوهيءَ شهر ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس ۽ مئٽرڪ جوهي مان حاصل ڪئي. اٽس. هن وقت سنڌس تعليم بي.اي آهي. تعليم مڪمل ڪري پنهنجي خانگي ڪاروبار ۾ لڳي ويو آهي. ادبي دنيا سان واڳيل آهي. هن سال 1988ع کان ادبي دنيا ۾ پير پاتو آهي. ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم لکيا آهن. هڪ ڪتاب جيترو مواد وٽس موجود آهي. صحافت سان بہ وابستہ آهي. صحافيءَ جي حيثيت سان هن ڪالم، تجزيا ۽ فيچر بہ اخبارن لاءِ لکيا آهن.

غلام رسول پرديسي ٻہر:

غلام رسول ٻہر ولد محمد خان ٻہر جيڪو غلام رسول پرديسي ٻہر جي ادبي نالي سان لکي ٿو. هو 7- ڊسمبر 1971ع ۾ ڳوٺ ٽرڙي جادو شهر تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس پرائمري اسڪول ٽرڙي جادو شهيد مان حاصل ڪري انگريزي پڙهڻ لاءِ هاءِ اسڪول ٽرڙي جادوشهيد ۾ داخلا ورتائين. جتان مئٽرڪ جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. هن وقت سنڌس تعليم بي.اي آهي. تعليم دوران محڪمہ صحت ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هن وقت ڊسپينسر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض نيائي رهيو آهي.

غلام رسول پرديسي ٻہر ملازمت سان گڏ ادبي سرگرمين ۾ بہ ويڙهو وٺندو اچي ٿو. هن 1993ع کان ادبي دنيا ۾ پير پاتو شعر و شاعري ڪري ٿو. ان سان گڏ مضمون ۽ ڪهاڻيون بہ لکيون آهن. وٽس هڪ عدد ڪتاب جيترو مواد موجود آهي، جيڪو ڇپائيءَ جو منتظر آهي.

گل حسن 'ساگر' ڪوري:

گل حسن ولد حاجي غلام محمد ڪوري گل حسن 'ساگر' ڪوري جي نالي سان لکي ٿو هو تاريخ 14- سيپٽمبر 1975ع تي ڳوٺ جنگو جمالي تعلقي جوهيءَ ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم پنهنجي پرواري اسڪول مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ جوهي هاءِ اسڪول مان حاصل ڪري انٽر جو امتحان ڏنائين. انٽر امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. هن وقت جوهيءَ ۾ بيڪريءَ جو دڪان هلائي رهيو آهي.

هن ادبي دنيا ۾ 1990ع کان پير پاتو. شعر چوڻ لڳو. غزل، گيت، چوسٽا لکيا آهن. ان سان گڏ کاڻيون به لکيون آهن. سندس به عدد ڪتاب لکيل آهن.

انور ٻهر:

انور ٻهر اصل نالو سعدالله ٻهر ولد عبدالواحد ٻهر 26- ڊسمبر 1965ع تي ڳوٺ بهاول ٻهر تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پنجون درجو پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان ۾ مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول جوهيءَ مان حاصل ڪيائين. سندس فائنل تعليم گريجوئيشن آهي. تعليم مڪمل ڪري سرڪاري ملازمت اختيار ڪئي اٿس. هن شاعريءَ 1987ع کان شروع ڪئي آهي. وٽس شاعريءَ جو ڪافي مواد موجود آهي. جيڪو ڇپائيءَ جي اوسيٽيءَ ۾ آهي.

ٻاجهي خان لغاري:

ٻاجهي خان لغاري ولد عبدالرحمن لغاري 5- آگسٽ 1970ع تي ڳوٺ خير محمد لغاري تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. تعليم صرف پنجين درجي تائين حاصل ڪئي اٿس. هن وقت خانگي ڪاروبار سان منسلڪ آهي.

1970ع کان شاعري ڪري ٿو. هن هڪ شاعريءَ جو ڪتاب 'لاحاصلات محبت جا نوحا' لکيو آهي. هن شاعريءَ ۾ غزل، گيت، چوسٽا ۽ نظم پڻ لکيا آهن.

پروانو غفور لغاري:

عبدالغفور ولد مصري خان لغاري ادبي نالو پروانو غفور لغاري تاريخ 19- جون 1981ع تي ڳوٺ چاڪر ڪوٽ تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. انگريزي اٺ ڪلاس مقامي هاءِ اسڪول مان حاصل ڪري خانگي ڪاروبار ۾ لڳي ويو آهي.

هن شاعريءَ جي شروعات سال 1998ع کان ڪئي آهي. وٽس هڪ عدد ڪتاب جيتر و مواد موجود آهي.

تنها جاني:

جانب علي ولد حمزو خان ڪوسو ادبي نانءُ تنها جاني سال 1982ع تي ڳوٺ لال بخش ڪوسي (ڪاڇو) تعلقي جوهي ۾ اک کولي. پنجون ڪلاس پنهنجي پرواري ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. پنجون ڪلاس پاس ڪري انگريزي پڙهڻ ويو جتان مٽرڪ پاس ڪري ڪاروبار سان لڳي ويو آهي. هن شاعري 2001ع کان شروع ڪئي. شاعريءَ ۾ غزل، گيت، نظم ۽ چوسٽا لکيا آهن. وٽس شاعريءَ جو ڪافي مواد موجود آهي.

لياقت علي "لياقت":

لياقت علي لُنڊ ولد داد محمد لُنڊ 1952ع تي ڳوٺ ٽپائي لُنڊ تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. لياقت علي 'لياقت' صرف پنج درجا پڙهيو اڳتي تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. هن وقت ٽيلر ماسٽر جو پيشو اختيار ڪيو اٿس. لياقت علي لياقت ادبي دنيا سان واڳيل آهي. ادب ۾ 1990ع کان پير پاتو آهي. هن غزل، گيت، نظم، چوسٽا لکيا آهن. انهن کانسواءِ

نعر جي پين صنفن تي به طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو ۽ٽس ٽن ڪتابن جيترو مواد موجود آهي. جيڪو ڇپائيءَ جو منتظر آهي.

محمد يامين "غمگين":

محمد يامين غمگين ولد مولوي نبي بخش ٻهر 1 ـ اپريل 1983ع تي ڳوٺ ڪنڀو ٻهر تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. هن پرائمري تعليم ڳوٺ واري اسڪول مان ۽ مٽرڪ هاءِ اسڪول حاجي خان مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ديب عالم ۽اديب فاضل جا امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. هن پنهنجي اباڻي پيشي زراعت کي ترجيح ڏني ۽ زراعت سان منسلڪ ٿي ويو.

محمد يامين غمگين 1971ع ۾ ادبي دنيا ۾ آيو شعر و شاعري ڪري ٿو ۽ٽن شاعري جو ڪافي موجود آهي. جيڪو ٽن ڪتابن کان وڌيڪ ٿيندو. شاعريءَ جو مواد اڃا تائين ڇپائي جي اوسيٽڙي ۾ آٿس.

محمد عالم گوپانگ:

محمد عالم ولد ڏتل خان گوپانگ ويڙل ڳوٺ مبارڪ فقير گوپانگ تعلقي جوهي سال 1944ع تي جنم ورتو. تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. هن ڏور، بيت، ڇجهارت، نصيحت، پهاڪا، سينگار، مرثيہ، منقبت تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس استاد عبدالله لُنڊ هو. هن قلندر لعل شهباز پٽائي سرڪار سچل سرمست ۽ پين ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي ن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو. هن کي استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي ورسيءَ ۾ مجتا طور اوارڊ سان نوازيو ويو. هن وقت حال حيات آهي ۽ پنهنجون ثقافتي سرگرميون جاري رکندو پيو اچي.

غلام حيدر گهايل لغاري:

غلام حيدر گهايل لغاري 15 ـ نومبر 1976ع تي جنم ورتو. هن لکڻ جي شروعات 1993ع کان ڪئي. هن غزل، گيت، چوسٽا لکيا آهن. نثر ۾ به لکندو رهي ٿو. ۽ٽس هڪ ڪتاب جيترو مواد موجود آهي. جيڪو ڇپائيءَ جي وسيٽڙي ۾ آهي.

وفا قابل جمالي:

وفا قابل جمالي 10 ـ آگسٽ 1978ع تي جنم ورتو. هن لکڻ جي شروعات 1993ع کان ڪئي. هن غزل، گيت، وائي، نظم ۽ چوسٽا لکيا آهن. ان کان علاوه نثر ۾ به لکندو رهي ٿو. ۽ٽس هڪ ڪتاب جيترو مواد موجود آهي. جيڪو ڇپائيءَ جو منتظر آهي.

خادم جسڪاڻي:

خادم جسڪاڻي 20 ـ جولاءِ 1974ع تي جوهي شهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم جوهيءَ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ به جوهي هاءِ اسڪول مان ۽ انٽر جو امتحان جوهي ڪاليج مان حاصل ڪئي آٿس. هن لکڻ جي شروعات 1993ع کان ڪئي. هن غزل، گيت، نظم ۽ پين صنفن تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. ۽ٽس هڪ ڪتاب جيترو مواد موجود آهي.

ڏودو خان جمالي "ناشاد":

ڏودو خان جمالي تخلص "ناشاد" 16 ـ فيبروري 1981ع تي ڳوٺ فضل جمالي تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري انگريزي اسڪول ۾ پڙهڻ وينو جتان مٽرڪ جو امتحان پاس

ڪيائين. وڌيڪ تعليم لاءِ ڪاوشون جاري اٿس.

هن لکڻ جي شروعات 1999ع کان ڪئي آهي. هو غزل، گيت کان علاوه ٻين صنفن تي پڻ طبع آزم ڪندو رهي ٿو. وٽس هڪ ڪتاب جيترو مواد موجود آهي.

سائينداد سولنگي:

سائيداد سولنگي ڳوٺ مير محمد شاهه تعلقي جوهي ۾ سال 1920ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ هڪ سٺو ڪهاڻيڪ هو ۽ ماهي مهراڻ ۾ ٻين رسالن ۾ سندس ڪهاڻيون ڇپيو. پاڻ 2006ع ۾ 86 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.

سائين بخش رند:

سائين بخش ولد محمد ايوب رنگ ڳوٺ بخش علي رند تعلقي جوهيءَ ۾ 1 ـ ڊسمبر 1962ع تي جنم ورتو. 1983ع کان ادب ۾ پير پاتائين پيشي جي لحاظ کان پروفيسر آهي. سٺو ڪهاڻيڪار، ليکڪ ۽ ڪالم نويس آهي. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ڪاروپاٽي ڇپيل آهي. سندس ڪيترائي مواد ڇپجڻ جو منتظر آهي.

ابراهيم ملاح:

محمد ابراهيم ملاح ولد حاجي غلام محمد ملاح ادبي نالو ابراهيم ملاح 7 ـ جون 1982ع تي ڳوٺ غ محمد ملاح تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. صرف پنج درجا تعليم حاصل ڪيائين. هن وقت سندس پيشو زراعت آهي.

هن ادب جي ابتدا 2000ع ۾ ڪئي. غزل، گيت، چوسٽا لکيا اٿس. وٽس هڪ عدد ڪتاب جيترو مواد مو آهي. جيڪو ڇپائيءَ جي اوسيڙي ۾ آهي.

محرم علي سومرو:

ابن لائق سومرو اصل نالو محرم علي سومرو 13 ـ ڊسمبر 1961ع تي محمد لائق سومرو جي گهر اڪ کو سندس جنم جو هنڌ جوهي شهر آهي. ابتدائي تعليم جوهي مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ به جوهي مان حا ڪيائين. هن جي فائنل تعليم ايم.اي ۽ ايم.ايڊ آهي. ڪيس نٽيپڻ کان درس و تدريس سان لڳاءُ هو. انڪري است پيشو اختيار ڪيو اٿس.

هن ادب جي شروعات 1995ع کان ڪئي. شعر و شاعريءَ کان علاوه نثر ۾ به لکي رهيو آهي. شاعرو سندس استاد احمد خان مدهوش هو. هن غزل، گيت، چوسٽا به لکيا آهن. وٽس ٻن عدد ڪتابن جيترو مواد موجود آ جيڪي ايڊٽ ڇپائي نه سگهيو آهي.

ناشاد ٺهيم:

ناشاد ٺهيم جو اصل نالو لال بخس ٺهيم آهي. سندس والد جو نالو محمد چٽل ٺهيم آهي. 10 ـ مئي 1982ع تي جوهي شهر ۾ اڪ کولي. پنجون ڪلاس جوهي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪري، جوهي اسڪول ۾ داخلا ورتي. مٽرڪ پاس ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو آهي. هن وقت جوهي ۾ خاند ڪاروبار ۾ رُڌل آهي. ناشاد ٺهيم سن 2000ع کان ادبي دنيا ۾ آيو آهي. شاعري ڪري ٿو. شاعريءَ ۾ غزل، گيت، چوسٽ نظم لکيا آهن. هن وقت به شعر جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪري رهيو آهي. وٽس هڪ عدد ڪتاب جيترو موجود اٿس. انهن کي ڇپائڻ لاءِ ڪوشان آهي.

يوسف باهوٽو:

محمد يوسف باهوٽو ولد اميد علي باهوٽو 25 ـ اپريل 1969ع تي ڳوٺ خان جي ڪور تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو تعليم انٽر تائين ڪري حاصل ڪيو آهي. هن وقت زميندار پيشي سان وابسته آهي. زميندار پيشي سان گڏ ادبي دنيا سان به واسطو اٿس.

يوسف باهوٽو 1995ع کان ادبي دنيا ۾ آيو آهي. هن شعر و شاعري کان علاوه ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. وٽس شاعريءَ کان علاوه هڪ عدد ڪهاڻين جو ڪتاب موجود آهي.

مير الهيار رودناڻي:

مير الهيار روداني ولد حاجي گهنور رودناڻي 1 ـ مئي 1976ع ۾ ڳوٺ شهڪ رودناڻيءَ تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. مير الهيار رودناڻي پنجون درجو پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان پاس ڪيو. پنجون درجو پاس ڪري وڌيڪ تعليم جاري رکيائين. هن وقت سندس تعليم ايم.اي(سنڌي) آهي.

تعليم دوران مير الهيار رودناڻي ڊسپينسر ٿيو هن وقت ميڊيڪل جو به اسٽور هلائي رهيو آهي. ڪيس نئڊپڻ کان ادب سان لڳاءُ هو انڪري 1998ع کان ادبي دنيا ۾ آيو. هن مضمون ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. وٽس ڪهاڻين جو هڪ مجموعو آخري ونجهه قلمي صورت ۾ موجود آهي. جيڪو ڇپائيءَ جي اوسيڙ ۾ آهي.

مير نغاري:

مير لغاري ادبي نالو محرم لغاري 9 ـ آڪٽوبر 1974ع تي ڳوٺ ميان بخش لغاري ۾ ميان بخش لغاري جي گهر ۾ اڪ ڪولي. پنجون ڪلاس پر واري اسڪول مان پاس ڪري جوهي هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ ڪيائين. انٽر سائنس ۾ پاس ڪري استادي پيشو اختيار ڪيو اٿس.

مير لغاري استادي پيشي سان گڏ ادبي دنيا ۾ به پير پاتو. 1990ع کان شاعري ڪرڻ لڳو آهي. ڪيس هڪ شاعريءَ جو مواد موجود آهي. جيڪو اڃا تائين ڇاپجي نه سگهيو آهي.

خليفو عبدالحميد چانڊيو[1]:

نالياورو محقق، اديب ۽ 'حڪيم' خليفو عبدالحميد چانڊيو ولد حڪيم خليفو عبدالمجيد چانڊيو 2 ـ ڊسمبر 1938ع تي ڳوٺ ستاڻي چانڊئي ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو. سندس والد خليفي عبدالمجيد چانڊئي سميت سندس ونڊا، نواب گهراڻي جا شاهي حڪيم ٿي رهيا آهن. 19 صديءَ جي چانڊيا سردار نواب ولي محمد چانڊني کان ويندي نواب غيبي خان تائين ڪين هنن گهراڻي جي محبت حاصل رهي آهي.

خليفي عبدالحميد کي حڪمت پنهنجي والد کان ورثي طور ملي آهي. هن حڪمت جي تعليم پنهنجي والد محترم کان ورتي. تاريخ سهيڙڻ ۾ سندس خاصي دلچسپي رهي آهي. سندس پهريون ڪتاب ـ "سنڌ جو اترڪاچو عرف چانڊڪو ڪاچو" (2000ع) شفا خانه حڪيم عبدالحميد خان ماڻي تعلقي ميهڙ طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن ۾ هن چانڊڪي پرڳڻي جي تاريخ، قديم آثارن، ماڳن مڪانن ۽ شخصيتن کي سهيڙيو آهي. جڏهن ته هن جو ٻيو ڪتاب "نواب غيبي خان چانڊيو" جي سوانح بابت جامع تحقيق تي ٻڌل آهي. هيءُ ڪتاب 2006ع ۾ روشني پبليڪيشن

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو

ڪنڊياري طرفان چڇجي پڌرو ٿيو.

خليفي صاحب جا ٻئي ڪتاب تحقيق جي حوالي سان ڪارائتا آهن. خليفي صاحب جا جڳ مشهور اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، غلام رباني آگري ۽ ٻين علمي شخصيتن سان گهرا تعلق ٻئي رهيا آهن. هن کي ماڻي شهر ۾ حڪمت جو حڪمت جو دواخانو آهي، جيڪو سڄيءَ سنڌ ۾ مشهور آهي.

سيد حاجي علي اڪبر شاهه[1]:

برصغير هند و پاڪ کان وڻي عرب ۽ عراق، مصر ۽ ايران تائين شهرت يافته عالم دين، حضرت مولانا الحاج سيد علي اڪبر شاهه صاحب مدظله جي شخصيت ڪنهن به تعارف جي محتاج ناهي. سندس علمي، ادبي، ديني ۽ تعليمي خدمات کان سنڌ جو ٻچو ٻچو واقف آهي. جامع عربيه سندس پرجوش ۽ مخلصانه خدمات جو ثمر شيرين آهي. پاڻ هن دور ۾ نهايت پر وقار ۽ سنجيده، صاحب دل ۽ اهل نظر شخص آهي، جنهن جي نگاهه جديد ۽ قديم مسائل ۽ حالات تي ناقدانه ۽ عالمانه آهي. پاڻ پرجوش خطيب، سنڌي زبان جو اديب ۽ ان سان گڏ رنگين ۽ شسته اسلوب بيان جو مالڪ آهي. ساري عمر ديني ۽ علمي خدمت ۾ گذاري چڪو آهي. مخلص ۽ بي لوث، ساده لوح ۽ ساده مزاج آهي. ذاتي ملڪيت نه ٺاهي سگهيو. توڪل ۽ زهد تي پاڻ به هليو ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجن احبابن کي به هلايائين. چوندو آيو:

گنـــدي ۽ گراهـــ جنهـــين ســـاميءَ ســـانيوو

تنـــين کـــان الله اڇـــا آڇـــانهون ٿيـــو.

سندس روح پرور حيات سان اسان جي سنڌ جي علمي، ادبي، قومي ۽ تعليمي تاريخ جو هڪ روشن باب وابسته آهي، جو اميد ته آءٌ (مان) ئي لکندس. سندس مختصر خود نوشته سوانح حيات هن طرح آهي:

ولادت: 2- فيبروري 1901ع[2] ۾. تعليم: والد صاحب وٽ قرآن شريف، سنڌي، اردو فارسي بندنامه تائين، باقي عربي فارسي گاهي مهيسر لڳ ميهڙ ۾ پڙهيو. استاذ العلماء حضرت مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي وٽ عربي ۽ مولانا عبدالوهاب وٽ فارسي پڙهيو. ان طرح سرڪاري سنڌي سڪول ۾ ۽ انگريزي سڪول مدرسه الاسلام ميهڙ ۾ (جو بلبل مرحوم جو برپا ڪيل هو) اتي باقاعده تعليم ورتم. 1916ع ۾ ممبر ۽ محراب ۾ بيٺس. شروع ۾ اصلاح رسوم لاءِ انجمن اصلاح المسلمين، شاگردن جي تنظيم لاءِ ينگ مسلم ايسوسيئيشن، جامع مسجد ۾ لائبريري ۽ ريڊنگ روم ۾ نائيٽ سڪول جاري ڪيم. جامع مسجد جي نئين عمارت ۽ شاندار عيدگاهه تعمير ڪرايم. فيبروري 1920ع ۾، جڏهن لاڙڪاڻي ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا شوڪت علي ۽ مولانا عبدالباري، فرنگي محلي وارو پهرين خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا، تڏهن کان باقاعده خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿيس. ۽ باقاعده ميهڙ ۾ خلافت تحريڪ جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيم. ۽ صدر وڏيرو رضا محمد خان مهيسر ٿيو. ان سلسلي ۾ سالياني ڪانفرنسون پڻ وڏي پيماني تي ٿيون، جن جو انتظام ڪيو ويو.

شڏي ۽ سنگهڻ جي اثرات کان بچڻ لاءِ تبليغ ۽ تنظيم جو ڪم جڏهن سنجوگي شيخن ۾ ڪيو ويو ان ۾ به عالمن جي وفدن جي تنظيم جو ڪم مون ڪيو. هڪ وڏو مناظرو ٿرڙي محبت جي آريه سماج سڪول ۾ ٿيو جنهن ۾ پنڊت ايوڌيا پرشاد جي مقابلي لاءِ دهليءَ مان مولانا عثمان فارقليط گهرايو ويو جو وڏن جو عالم هو. ان ۾ فارقليط کٽيو ۽

---

[1] مولانا غلام محمد گرامي- ٽماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو ٻيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع

[2] هن 22- جون 1971ع ۾ وفات ڪئي. (ايڊيٽر)

پنڊت هارايو. ان کان پوءِ ساريءَ سنڌ ۾ اهڙا مناظرا ۽ جلسا ڪرايا ويا. ان سلسلي ۾ دهليءَ امرتسر، اجمير، ڪانپور ۽ لاهور جا دورا ڪيا ويا. 1925ع ۾ امرتسر وياسين ۽ اتي عالمن سان مليا سين. 1926ع ۾ جامع مسجد ميهڙ جي پٽيان ست دڪان ٺهرائي وقف ڪيا ويا، ۽ عيدگاهه جي پرسان پڻ دڪان ٺهرايا ويا ۽ وقف ڪيا ويا.

1927ع ۾ جامع مسجد ميهڙ سان گڏ عربي مدرسو تعمير ڪرايو ويو ان جا صدر مدرس ۽ مهتمم استاذ مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي رحه جن ٿيا. ان مان ڪيترائي عالم ۽ حافظ اديب ۽ خطيب (مولانا گرامي صاحب به ان مدرسي جو تربيت يافته آهي) ٿيا. ان کان پوءِ مسجد جي پرسان حجرو ٺهرايو ويو ان ۾ تصوف ۽ طريقت تي مطالع ۽ غور و فڪر لاءِ چلا ڪشي ۽ عبادات جو شغل جاري رکيو ويو. ان کان پوءِ سنڌ، هند، پنجاب ۽ حجاز جي زيارتن لاءِ سفر ڪيو ويو. نيٺ رامپور يو- پي جي هڪ اهل الله جي هٿ تي 1934ع ۾ بيعت ڪئي وئي ۽ باقاعده سلوڪ طريقت کي حاصل ڪيو ويو.

1938ع ۾ پنهنجن چاليهن رفيقن سان سفر حجاز ڪيو ويو ۽ اتي هڪ سال رهيس. روحاني فيوضات کان مستفيض ٿيس.

1939ع ۾ واپس ورڻ تي مسجد منزلگاهه جو معاملو شروع ٿيو ان ۾ جماعت سميت شرڪت ڪئي ويئي. 1939ع ۾ جا وڏي جماعت ميهڙ مان مون سان گڏ هلي ان ۾ مولانا گرامي به اسان سان شامل هو. اڳتي هلي اها تحريڪ باقاعده هلي. جي. ايم. سيد، غلام مجدد سرهندي ۽ غلام نبي پٺاڻ پارا شريڪ رهيا. ان تحريڪ تي الله بخش سومري مرحوم جي وزارت ڏهي پئي.

1940ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس لاهور ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ٿيو. ان کان پوءِ باقاعده پاڪستان تحريڪ ۾ ڪم ڪندي ساري هندستان جو دورو ڪيم. ۽ آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميمبر جي حيثيت سان قائداعظم ۽ لياقت علي خان ۽ نواب بهادر يار جنگ سان قريبي تعلقات رهيا. ان سلسلي ۾ حڪيم الامت مولانا ٿانوي، مولانا سيد سلمان ندوي، مولانا شبير احمد عثماني جهڙن عالمن سان پاڪستان تحريڪ تي تبادلہ خيالات ڪيا ويا.

1940ع ۾ حيدرآباد شهر ۾ آل سنڌ عربي ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي عالمن ۽ تعليمي ماهرن جي موڪليل تجويزن جي روشنيءَ ۾ جامع عربيه جي تشڪيل ڪئي وئي. ان ۾ شمس العلماء دائود پوٽو پير هاشم جان سرهندي، مخدوم نظام الدين پاتائي، نواب محمد علي لغاري، مولانا گرامي، مرحوم پير محمد صاحب، ميان غلام مصطفيٰ، حاجي محمد حسين شاهاڻي، بنيادي طرح سان ان تحريڪ جا سربراهه رهيا. ان ۾ مون کي آنرري سيڪريٽري چونڊيو ويو. ان مرحلي تي پهچي مان حيدرآباد ۾ اچي رهيس. ۽ تعليم ۽ انتظام جي سيني ڪمن ۾، گرامي صاحب مون سان گڏ ڪم ڪيو. اول ڏوسل بلڊنگ ۾ ۽ پوءِ گرلس ڪاليج ۾ جامع عربيه کي منتقل ڪيو ويو. ۽ مولوي امير احمد صاحب پرنسپال رهيو.

1945ع ۾ مسلم ليگ جي اليڪشن جي اميدوار جي حيثيت سان ساري برصغير هند و پاڪ ۾ پهريون نمبر ڪاميابي حاصل ٿي. آل انڊيا مسلم ليگ جي هڪ ڪتابچي ۾ ساري اليڪشن جا انگ اکر شايع ڪيا، جنهن ۾ اسان جي ڪاميابيءَ کي اوليت جو درجو ڏنو ويو.

46_1947ع ۾ پاڪستان تحريڪ ۾ پوري برصغير هند و پاڪ جا دورا ڪيا ويا، ۽ پاڪستان ٿيڻ لاءِ قائداعظم

سان گڏ ڪيو ويو. پاڪستان ٽيڪ ڪان پوءِ تبليغي، ديني علمي ۽ ادبي مشاعرن ڪانفرنسن جون صدارتون ڪيو ويون ۽ جامع عربيه اداري کي وڏي معيار تي پهچايو ويو. مسلسل علالت ۽ ضعف جي ڪري هن وقت ميهڙ ۾ قيام آهي. ه حال ۾ به ديني علوم، ادب ۽ تبليغ لاءِ قلم ۽ دماغ سان ڪم ڪري رهيو آهيان. صحبت نصيب ٿي ته پوءِ انشاءالله:

بيتا گل بـ يفشانيم مئـــے در ساغر انـدازيم
فلک را سقف بشگافيم طرح نو در ساغر اندازيم. (حافظ)

"راز" ناٽنشاهي[1]:

علي شير ولد نور محمد ميراڻي ادبي دنيا ۾ 'راز' ناٽنشاهي جي نالي سان متعارف. 7 ـ آگسٽ 1947ع تي ضلع دادو جي مشهور شهر خيرپور ناٽنشاهه ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم خيرپور ناٽنشاهه ڪان سواءِ خيرپور ميرس جي نار ه اسڪول ۾ پڙهڻ حاصل ڪيائين. ڪيس ادب سان لڳاءُ پنهنجي نانيءَ مرحوم محمد اعظم 'اعظم' ميراڻيءَ ڪان ورثي ۾ ملي

'راز' ناٽنشاهي ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻي نويس جي حيثيت سان آيو. پاڻ پهريان 'علي شير' ۽ 'عين ـ شين' ج نالن سان ڪهاڻيون لکندو هو. سندس ڪهاڻيون سنڌي روزنامن، هفتيوار اخبارن ۽ مختلف ماهوار رسالن ۾ شا ٿيندیون رهيون آهن. هڪ سال ڪهاڻيون لکڻ ڪان پوءِ سندس لاڙو شاعريءَ ڏانهن ٿيو جنهن بعد ئي هن شعر ج مختلف صنفن تي لکڻ شروع ڪيو. وقت جي تقاضا موجب ۽ طبعيت جي رجحان سبب ابتدا ڪان ئي جديد شا آهي. سندس شعر سنڌي زبان جي سيني مشهور رسالن ۾ چپيا رهيا آهن. سندس نظمن مان 'فنڪار'، 'قرباني'، 'پرد 'الوداع'، 'فرياد'، 'همسفر'، 'فيصلو' ۽ 'وقت جي هنج' خاص پسند ڪيا وڃن ٿا. پاڻ شاعر هڻ سان گڏ هڪ بهتر ڪريڪٽ پليئر، اسٽيج فنڪار ۽ عمدو مصور پڻ آهي.

'راز' هڪ رنداڻ طبع جو شاعر، خاص طرح خمريات پسند فنڪار آهي. هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. مجموع خيال ڪان سندس ڪلام ذوق جماليات ڪان گهٽو بخرو لڏو آهي. ان معيار کي اگر حدن اندر نه رکيو ويو ته پوءِ ممڪ آهي ته محتاط ۽ معتدل راهه قائم رهي نه سگهي. خيال جي رنگيني ۽ زبان جي پختگيءَ مان ظاهر آهي ته اڳتي هلي 'را هڪ باڪمال شاعر جو مقام حاصل ڪري وڃي اها ئي اميد آهي.

احمد خان مدهوش[2]:

سنڌيءَ جو نامياروشاعر احمد خان مدهوش ولد حاجي خان (حاجي فقير شغلي) ذات سومرو 15 ـ اپريل 1931 تي خيرپورناٽن شاهه جي ڳوٺ سلطان چانڊئي ۾ ڄائو. 1932ع ۾ سندس خاندان 'جوهي' شهر ۾ اچي آباد ٿيو. 1949 ۾ سنڌي فائينل، 1957ع ۾ انٽر ۽ 1965ع ۾ اديب فاضل سنڌيءَ جا امتحان پاس ڪيا. ڪافي عرصو جوهيءَ ۾ اسڪ رهيو.

هن شاعريءَ جي سکيا سيد نجف علي شاهه لکياريءَ ۽ فيض بخشاپوريءَ ڪان ورتي. سندس شاعريءَ جا مجموعا ـ "دل جون ڳالهيون" (1993ع)، ۽ "اکين جا سنيها" (2012ع) سنڌي ادبي بورڊ، پاران ۽ "نظر ۾ نظر بند

---

[1] غلام محمد گرامي ـ تماهي "مهراڻ" سوانح نمبر (چاپو بيون) سنڌي ادبي بورڊ، جام شورو 1992ع

[2] ايڊيٽر پاران اضافو

(2003ع) سنڌيڪا اڪيڈمي ڪراچيءَ طرفان ڇپجي پڌرا ٿيا.

احمد خان مدهوش سنڌي هوليءَ جي استاد شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. ٻين صنفن سميت غزل ۾ نظم تي سندس ملڪو حاصل رهيو. سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر به رهيو. پاڻ نهايت شفيق، ڪشاده دل، بااخلاق، خوش گفتار ۽ دوراندیش انسان هو. هو 26_ جون 2010ع تي وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه جوهيءَ جي قبرستان ۾ آهي.

خليل 'عارف' سومرو(1):

نوجوان شاعر ۽ ادیب خليل 'عارف' سومرو سنڌ جي نامور شاعر احمد خان مدهوش جو فرزند آهي. سندس پورو نالو خليل حسين سومرو آهي. هو ڪاڇي جي مشهور شهر جوهيءَ ۾ 18_ نومبر 1965ع تي ڄائو. هن ابتدائي تعليم پرائمري مين اسڪول جوهيءَ مان حاصل ڪئي. انٽر، استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادوءَ مان، بي.اي ۽ ايم.اي (سنڌي) سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان ڪيائين.

خليل لکڻ جي شروعات 1978ع کان ڪئي. سندس ڀرين تخليق ٻاراڻي رسالي "گل قل" جي جنوري 1980ع واري شماري ۾ ڇپي. هن 1986ع ۾ پنهنجي والد جي نالي سان "احمد خان مدهوش اڪيڈميءَ" جو بنياد رکيو. جتان هن ڪيترائي پروگرام ڪرايا. ڪيس شاعر طور ۽ ادبي ميڙ ۾ ڪيترا اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ملي چڪا آهن، جن ۾: گاج ادب ۽ آرٽ ڪلب جوهيءَ پاران بهترين شاعر اوارڊ (1986ع) جنگ پبلشرز ڪراچيءَ پاران "مصنف اوارڊ" (1992ع)، آندل شاهه بخاري آرٽ سرڪل جوهي پاران "بهترين شاعر اوارڊ" (2001ع)، ٻاراڻي ڪتاب "موتي ۽ مڪڙيون" تي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران سال 2010ع جو بهترين ڪتاب اوارڊ (2011ع) ۽ 50 هزار رپيا روڪ وغيره اچي وڃن ٿا.

سندس ڀارڙن جي شاعريءَ جا ٻه ڪتاب: (1) مهڪار (1984ع)، ۽ (2) "موتي ۽ مُڪڙيون" (2010ع) سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيا. سندس ڀرئين ڪتاب جا 4 ڇاپا پڌرا ٿي چڪا آهن.

خليل عارف سومرو پيشي جي اعتبار کان پرائمري استاد آهي ۽ جوهي شهر ۾ رهي ٿو.

فقير نياز علي چنو سيتائي:

فقير نياز علي ولد قيصر علي چنو اصل ڳوٺ ڏامڙي لڳ ڏارو شاهه جو ويڙل هو. پاڻ اڪيلو ڳوٺ ڇڏي سيتا ۾ پنهنجي عزيزن وٽ اچي رهيو ۽ شادي ڪري مستقل رهائش اختيار ڪيائين. پاڻ فقيريءَ ڏانهن مائل ٿي ويو. صوفي مسلڪ رکيائين ۽ شاعر ٻڌيو. يڪتاري تي پنهنجون ۽ صوفي عارفن جون ڪافيون ڳائي ٻڌندڙن تي وجد جي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو هو. هن جي اوطاق ڪچي لائيي هميشه عارفانه ڪلام ڳائيندڙن سان آباد هوندي هئي. پنڌائي سچل، روحل بيدل، بيڪس، مصري ۽ مهدي شاهه سائين جو ڪلام هٿي ئي عام جام ٻڌو ويندو هو. ماٺهو عارفانه راز ۽ نياز جا نقطا ۽ محبت جا موتي ميڙي روانا ٿيندا هئا. فقير نياز علي چنا حال ۽ قال جو صاحب هو. هو پاڻ سچو انسان پرست هو. با مسلمان الله الله با برهمڻ رام رام تي عمل ڪندڙ صلح ڪل جو قائل هو. ان ڪري سندس اوطاق عام و خاص لاءِ نگاهن جو مرڪز ٻڌيل رهي. فقير صاحب پنهنجي حال ۽ قال، قول ۽ فعل سان ڪنور دل ماٺهو جي دل ۾ ميڙ ڪري وجهندو هو. 80 ورهين جي ڄمار ۾ سال 1958ع ۾ وفات ڪيائين. وصال کان هڪ ڏينهن اڳ پنهنجي پٽ محمد امين چنه کي گهرائي چيائين ته بابا فقير سيائي پيالو پيئڻ وارو آهي ۽ هن کي ڪجهه هدايتون ۽ وصيتون

ڪيائين. پئي ڏينهن تي ان وقت تي دم ڏنائين. سندس پٽ امين چنو حال حيات، اولادي ۾ ڪلڻو ملڻو انسان آهي.

مولوي عبدالغفور سيتائي:

مولوي عبدالغفور سيتائي جڏهن جو تعلق بچو واهڻ لڳ سيتاوليج سان هو. علم، ادب ۽ خاص طور تي صحافت جي دنيا ۾ وڏو نانءُ هو. مولوي صاحب پر مغز مقالا، تحريرون، تبصرا، اخباري ڪالم، ايڊيٽوريل لکيا، جيڪي بهترين علمي خزانو آهن. ڪيس حالات تي تبصري ڪرڻ ۽ سياست جي نبض سڃاڻڻ ۾ مهارت حاصل هئي. طنز ۽ نشتر ڇپائيندو ضميرن کي ڇهندڙيون پائيندو پنهنجي اندر جي ڀالهه صاف صاف ڇئي ويندو هو. هن جون تحريرو سڃائيءَ جو پاسو ۽ صحافت جو اصل روح هيون. هن جي صحافتي خدمتن جي قوم معترف آهي ۽ رهندي صحافت جي ميدان ۾ هن کوڙسارا شاگرد پيدا ڪيا. سندس زندگيءَ جو مختصر احوال هن ريت آهي:

مولانا عبدالغفور سيتائي ولد گل محمد سولنگي ڳوٺ بچو واهڻ ۾ 15 ـ جنوري 1910ع تي جنم ورتو. مولانا عبدالغفور ابتدائي تعليم پنهنجي وڏي ياءُ مولانا نثار احمد سيتائيءَ وٽ حاصل ڪئي. مولانا عبدالغفور سيتائي ڪيترائي سال پنهنجي ياءُ وٽان تعليم حاصل ڪندو رهيو. پوءِ پاڻ مولانا محمد صادق ڪڏي واري جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. اتي ئي تعليم مڪمل ڪئي ۽ اتي ئي مدرس مقرر ٿيو. مولانا پنهنجي صحافت جو آغاز سنڌ جي مشهور اخبار 'الوحيد' سان ڪيو. مولانا صاحب جي قلم ۾ روانگي هئي. سندس مضمون ۽ مقالا نهايت تحقيقي معياري ۽ معلوماتي هوندا هئا. مولانا جي ان صلاحيت جي بنياد تي ڪيس 'الوحيد' اخبار ۾ ترجمي واري سيڪشن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آنا ويو. ان سان گڏ ڏٽي بخش سجاولي ۽ ٻين کي به اخبار ۾ آندو ويو. مولانا صاحب انتهائي خوش اسلوبيءَ سان ترجمي وارن فن کي نيايو. ان زماني ۾ محمد ايوب کهڙي جي اخبار "سنڌ زميندار" نڪرندي هئي. مولانا عبدالغفور سيتائيءَ کي ان ۾ ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو. پاڻ ان اخبار کي شاندار نمونو هلايائين. ان کان پوءِ مولانا کي روزانه اخبار "الوحيد" ۾ ايڊيٽر مقرر ڪيو ۽ هن الوحيد جي معيار کي ڪِرڻ نه ڏنو. ان کان پوءِ مولانا پنهنجي ذاتي اخبار 'نواءِ سنڌ' کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ پهچايو ۽ مقبول ڪرايو. اها اخبار سنڌ جي ماڻهن جي ۾ پور نمونو ترجماني ڪندي رهي. ان ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ مولانا جي قلمي پورهئي جو هو. هيءَ اخبار سال 1968ع تاري بند ٿي وئي ۽ مولانا واپس اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي. مولانا عبدالغفور سيتائيءَ جو فرزند محمد اشرف خان سولنگي دادو ضلعي جي مشهور و معروف شخصيت آهي. سياسي سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊو اچي ٿو. هن شخص پنهنجي قبيلي کي يڪجاءِ ڪري هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو. سڄي سنڌ ۾ دورا ڪري ٽڙيل پکڙيل قبيلي کي منظم ڪري هڪ طاقت مهيا ڪئي آهي. سان گڏ پاڻ پيپلز پارٽيءَ ۾ ان وقت شامل ٿيو جڏهن جام صادق علي جو ظلم بربريت ۽ ڏهڪاءُ هو. پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن ۽ ڪارڪن کي ڳولي ڳولي تشدد ذريعي سياسي وفاداريون تبديل ڪرايون پئي ويون. هن ان وقت دليرانه فيصلو ڪري پارٽيءَ کي نئون حوصلو ڏنو. مولانا عبدالغفور سيتائي 24 ـ مئي 1981ع تي وفات ڪري ويو.

محمد رمضان ثاقب:

محمد رمضان ثاقب ڳوٺ مريد خان لاکير لڳ سيتاوليج ضلع دادو ۾ تاريخ 2 ـ نومبر 1902ع تي جنم ورتو. سندس والد جونالو قادر بخش منگي هو. محمد رمضان ثاقب منگيءَ کي ننڍي عمر هوندي به سنڌي ماستريءَ جو اهل قرار ڏئي آرڊر ڏنو ويو. ثاقب صاحب تعليم جي ميدان ۾ قليل پگهار تي ڳوٺ کان پري پرائمري اسڪول وگڙ ضلعو لاڙڪاڻي ۾ نائب ماستر رهي پنهنجي زندگيءَ جو آغاز ڪيو. ان کان پوءِ هو ٽيبا ۽ گوزو جي اسڪولن ۾ نائب ماستر ۽

رهيو. سال 1918ع کان کيس ٽريننگ ڪاليج روانو ڪيو ويو. سال 1920ع جي آخر ۾ ٽريننگ مڪمل ڪيائين. 1924ع ۾ ڪيس پرائمري اسڪول ميرحسن ڪڙ ۾ هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. پوءِ باقي اسڪولن جهڙوڪ ناري اگهاماڻي ۽ مريد خان لاکير ۾ هيڊماستر ٿي رهيو. نوڪريءَ دوران آخوند محمد دائود پٽي سيتائي کان ڳچ فارسي سکيو ۽ انگريزي ماهر استادن جي صحبت ۾ لکڻ جيتري انگريزي پڙ سکيو. سال 1952ع ۾ اسسٽنٽ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر اتر دادو مقرر ڪيو ويو. ان عهدي تان هن 1957ع ۾ رٽائرڊ ڪيو.

ثاقب صاحب ادب جي آسمان تي به هڪ آفتاب وانگي چمڪيو سندس پختو ۽ قابل تحسين ڪلام ان وقت جي سنڌي رسالن ۾ ڇپجندو هو. تعليم ڪاتي سان منسلڪ هجڻ ڪري سندس ڪلام ملا اسڪول مخزن ۽ اخبار تعليم ۾ شايع ٿيندو رهيو. ادبي ذوق سبب پنهنجي استاد مرحوم جمع خان غريب سان گڏ پري پري جي مشاعرن ۾ حصو ورتائين.

ثاقب صاحب وقت جي نون لاڙن کان متاثر ٿي فطري شاعري شروع ڪئي. ثاقب جي نظمن ۾ قدرتي نظارن جي عڪاسي ۽ فطرت جو گهرو رنگ سمايل آهي. ثاقب جو ڪلام پراڻن رسالن کان علاوه ڪتاب ادبي سوغات ۾ پڙ ڇپيل آهي. جيڪو قربان علي غالب نقشبندي سنہ 1956ع ۾ ڇپايو. ثاقب صاحب تعليم ۽ شعر و ادب جي بي انتها خدمت ڪري 4- اپريل 1965ع تي انتقال ڪري ويو. مرحوم پويان ڇهه پٽ، ٽي نياڻيون ۽ لاتعداد شاگرد ۽ ڪافي دوستن جو حلقو ڇڏي ويو. ثاقب جي ادبي دوستن ۾ محمود خادم، محمد بخش واصف، عبدالله خواب، غالب نقشبندي، حاجي محمد خان لاکير، حاجن شاهه 'هم وطن' سيتائي، ضياءُ الدين بلبل، ورندمل، مراد علي ڪاظم، هاسارام، مولا بخش مسڪين پٽو احمد خان سيال، رشيد احمد لاشاري، شفيع محمد خطيب، محمد عالم شبنم ڏوگر، ۽ مولوي عبدالغفور سيتائي قابل ذڪر هئا.

مٺو فقير ناڙيوال:

دادو شهر جي ڏکڻ ۾ اٽڪل 5 ڪلوميٽر پري ناڙيوال ڳوٺ آهي، ان ڳوٺ ۾ مٺو خان فقير ولد گل حسن لُنڊ بلوچ 1895ع ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين ۽ سنڌي فائينل جو امتحان به اتان ڏنائين ۽ سنڌي کان علاوه فارسي به پڙهيو. فارسي زليخا تائين پڙهيو. مثنوي رومي سڄي برزبان ياد هئس. هڪ سڪئي ستابي گهر ۾ پرورش پاتائين. سندس والد پوليس کاتي ۾ انسپيڪٽر هو.

مٺو خان لُنڊ پاڻ به پوليس ۾ پير تي ٿيو. ضلع جي مختلف تالڻ تي رهيو. اتان ترقي ڪري پوليس ۾ جمعدار ٿيو. جوهي ۾ جمعداري واري عرصي دوران مجاز جي مهميز لڳس. جنهن ڪري نوڪري کي الوداع چئي ويجي ڳوٺ جا وڻ وسايائين. ان کان پوءِ شعر چوڻ لڳو. هميشه ڪارو لباس اوڍيل هوندو هئس. ڪارو ڏاڙهو هٿ ۾ هوندو هئس. فقير صاحب کي اڪين مان هميشه نار پيا ٽمندا هئا. فقير صاحب جو ڪلام عارفاڻو آهي. پاڻ 60 سال جي ڄمار ۾ 1955ع ۾ گذاري ويو.

سومرو سودائي:

غلام الرسول سومرو ادبي نالو سومرو سودائي، دادو شهر ۾ 10-اپريل 1938ع تي جنم ورتو. ابتدائي تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان به دادو مان پاس ڪري ميونسپل ڪاميٽي دادو ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. ملازمت سان گڏ شعر شاعري به ڪرڻ لڳو. اڪثر مشاعرن ۾ شرڪت ڪندو هو ۽ مزاحيه شاعري پيش ڪري خوب داد

حاصل ڪندو هو. سومري سودائيءَ جا ٽي ڪتاب شايع ٿيا. جيڪي مزاحيہ شاعري تي مشتمل آهن. جن ۾ 'ڇهنبڙيون'، 'تاکوڙا' ۽ 'تنهنجا ڏاڍ منهنجي ماڻ' شامل آهن. انهن مزاحيہ ڪتابن سڄي سنڌ کان علاوه هندستان ۾ وڏي شهريت حاصل ڪئي. آل انديا ريڊيو ۽ آڪاشواڻي احمدآباد ۽ بڙودا ريڊيو تي به تبصرا نشر ڪيا ويا ۽ ڪيس شاندار خراج تحسين پيش ڪيا ويا. هندستان ۾ ڪيترن ئي اديبن سندس شاعريءَ تي تبصرا لکيا آهن ۽ پنهنجي ڪتابن ۾ حوالا ڏنا آهن.

سومرو سودائي 14 ـ اپريل 1992ع ۾ وفات ڪري ويو.

بخشل شاهاڻي:

بخشل شاهاڻي ولد محمد سومر شاهاڻي ڳوٺ موندر تعلقي دادو ۾ 15 ـ جولاءِ 1951ع ۾ ڄائو. تعليم ايم. اي (سنڌي) ايم.ايڊ ٽيل آهي. تعليم ڪاتي ۾ سيڪنڊري استاد آهي. شاعريءَ جي ابتدا 1980ع کان ڪئي آهي. پاڻ شاعر، موسيقار ۽ ڪهاڻيڪار آهي. غزل، گيت، ڪافي ۽ چوسٽن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ڪجھ ڪتاب ڇپيل آهن. جن ۾ سهڻا سخن ۽ انگريزي گرامر شامل آهن. ان کان علاوه سوانح عمري، منهنجي ڪهاڻي، منهنجي زباني سنڌ جون شاديون ۽ ساڻ سوڻ ڪهاڻيون جو مجموعو اڃ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي.

ابل اداس ٻهر:

ابل اداس ٻهر، سنڌي جديد شاعريءَ جو نمائندو شاعر آهي. سندس نالو عبدالله ولديت محمد سچل ٻهر آهي. 16 ـ مارچ 1980ع تي ڇاڻو شاهہ آباد محلي دادو ۾ جنم ورتائين. تعليم مٽرڪ تائين ڪئي آهي. هن شاعريءَ جي ابتدا 1995ع کان ڪئي آهي. سنڌ جي رسالن، مئگزينن ۾ سندس شاعري ڇپجندي رهي ٿي. سنڌ جي ڄاتل سڃاتل شاعر بشير سيتائيءَ کان شاعريءَ ۾ رهنمائي حاصل ڪئي آهي ۽ شاعريءَ ۾ سندس جوهر ڏيکاري رهيو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ خيال جي گهرائي ۽ فني پختگي ٻئي نمايان آهن. ڪتاب "موکي مٺ اپٽيا" ۾ ٻين شاعرن سان گڏ سندس ڪجھ ڪلام شايع ٿيو آهي. تازو 2012ع ۾ سندس شعري مجموعو "اسان کي اکيون جڙ ڙُئڻ لاءِ مليون" منظرِ عام تي آيو آهي.

ذوالفقار شاهاڻي:

ذوالفقار شاهاڻي ولد بخشل شاهاڻي ادبي نالو ذوالفقار شاهاڻي تاريخ 8 ـ آڪٽوبر 1974ع تي شاهہ آباد ڇاڻو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم ڇاڻو شاهہ آباد مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ ۽ دادو شهر مان حاصل ڪيائين. هن شاعري جي ابتدا 1992ع ۾ بشير سيتائيءَ جي رهبريءَ هيٺ ڪئي. غزل، گيت، چوسٽن ۽ آزاد نظم تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري مهراڻ ادب، رم جهم، هالار، سنڌ رنگ ۽ روزانہ هلال پاڪستان ۾ شايع ٿي آهي. شاعريءَ جو ڪافي مواد گڏ ٽيل آهي. جيڪو اشاعت جي اوسيڙي ۾ آهي.

بلوچ صحبت علي:

بلوچ صحبت علي ولد محمد يعقوب لُنڊ بلوچ 1 ـ جنوري 1974ع تي شاهہ آباد محلہ ڇاڻو دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول گورنمينٽ ڇاڻو شاهہ آباد مان ۽ انگريزي تعليم گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري هاءِ اسڪول دادو مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ تعليم لاءِ ڊگري ڪاليج دادو ۾ داخلا ورتائين. اتان ئي بي.ايس سي گريجوئيشن سائنس انجنيئرنگ پاس ڪيائين. ان کان سواءِ پير الاهي بخش لا ڪاليج دادو مان ايل.ايل.بي جو فائينل امتحان سڀني نمبرن ۾ پاس ڪري اعليٰ ڊگري لاءِ هن ايم.ايم لا ڪاليج

ڪراچيءَ ۾ داخل ورتي ۽ هينئر ايل.ايل.ايم فائنل جو امتحان ڏئي چڪو آهي ۽ سڌي ڪورٽس ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪري پيو. سنڌس ادبي دنيا ۾ اڇاڻ ته 1990ع کان ٿيو. پر باقاعدي لکڻ جي شروعات 1995ع کان ڪيائين. جنهن ۾ ملهه عروض جي سکيا سنڌ جي برڪ شاعر ۽ غزل جي ماهر بشير سيتائيءَ کان ورتائين. سرجٽهار پبليڪيشن دادو لاءِ ايڊيٽر جا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. پاڻ 10 ڪتابن جو ليکڪ آهي ۽ اهڙي طرح سرجٽهار پبليڪيشن دادو سنڌس نگرانيءَ ۾ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري رهي آهي.

بلوچ صحبت علي سنڌ جي برڪ معتبر ۽ مشهور شاعرن جا انٽرويو ڪرڻ ۽ بعد ۾ انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشان رهيو ۽ سنڌس اهو ڪتاب سوجهرن جا سفير جي نالي سان منظر عام تي اچي ويو آهي. سنڌس شاعري سنڌ جي مختلف رسالن جهڙوڪ: ادب، رم جهم، نئين سوچ، سنڌ رويو، سرجٽهار، جوت، ڪشڪول ۽ خوشبوءِ سوجهرو، نئين زندگي، وغيره ۾ ڇپجي چڪي آهي. ان کان علاوه سنڌ مان نڪرندڙ سنڌي توڙي اردو اخبارن ۾ لکيو ٿس. سنڌي اخبارن ۾ هلال پاڪستان، شام آفتاب، عوامي آواز سچ، برسات، هٿور ۽ پاڪ وغيره، جڏهن ته ڪراچي مان نڪرندڙ هفتيوار اخبار ۾ به سنڌس اردو شعر شايع ٿيندا رهن ٿا. ڪتاب سيتا جا سدا بهار ماڻهو شايع ٿيو اٿس. پاڻ کڻڻ سان گڏ مطالع جو جنون جي حد تائين شوق رکي ٿو ۽ مختلف موضوعن جي ڪتابن سان سنڌس لائبريري سجايل آهي. سنڌس طبعيت آزاداڻو فڪر بلند آهي. سنڌس اپرندڙ صلاحيتن کي ڏسي منجهس وڏيون اميدون رکي سگهجن ٿيون.

هارون برهماڻي:

هارون برهماڻي تاريخ 25- فيبروري 1963ع تي دادو ۾ جائو. پرائمري تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم به دادو مان حاصل ڪئي اٿس. هن وقت تائين گريجوئيشن ڪري چڪو آهي. هارون ابتدا کان ئي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو. هن انجمن طلبه اسلام جو اهم رڪن رهيو. سنڌي ادبي سنگت جو ڪاروباري ڪميٽيءَ ۾ ميمبر به رهيو. فنڪار آرٽ سرڪل دادو جو جنرل سيڪريٽري. سنڌ نيشنل يادگار هيروز اڪيڊمي ڪراچي، ينگ سٽيزن ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ميمبر ۽ سيڪريٽري، دادو سماجي فورم آرٽ اڪيڊمي دادو، استوڊنٽ ويلفيئر آرگنائيزيشن جو ميمبر به رهيو آهي. هن وقت مهراڻ جا موتي چلڊرين ويلفيئر آرگنائيزيشن دادو جو باني ۽ سرپرست آهي. سنڌي ادبي سنگت جو عهديدار به رهيو آهي.

هارون برهماڻي سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺندو اچي ٿو مهراڻ جا موتي، چلڊرين ويلفيئر آرگنائيزيشن جي پليٽ فارم تان پارٽن جي مطالعاتي دورا ڪرائڻ، فري ڪوچنگ ڪلاس هلائڻ جنهن ۾ پرائمري کان هائر ڪلاسن تائين تعليم ڏيڻ ۽ بيا تعليمي ۽ سماجي ڪم سرانجام ڏيڻ شامل آهن.

نياز ديوانو ميراڻي:

نياز حسين عرف نياز ميراڻي ديوانو دادو شهر ۾ جائو. ابتدائي تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم ادو مان حاصل ڪرڻ بعد هن فني دنيا ۾ قدم رکيو. 1976ع ۾ هن اسٽيج ڊراموَ 'بيروزگار عاشق' پيش ڪيو. جنهن جي کاڻي به هن پاڻ لکي.

نياز ديواني ڪيترين ئي کاڻيون لکيون آهن. جن ۾ عزت غريب جو شان، قاتل ڪير، عاشق معشوق، هنگلي، طوفان، درنده، احسان، دادلي ڪنوار، ڪتراڳ، فشري، ڪنگلون کي بارات (اردو)، ڇٽ جي شادي ڇڇ سان

تعدي پئسي جو ڪمال. اڳيان ڏوڪڙ پويان جوڪر. بيروزگار عاشق. مستر چيو رلي ڪلهي تي. ڏيل سواري تي پابند عشق عبادت آ. ڪوڙ ڪنهن جي پيءُ جو ناهي. واهر ڏي يار تنهنجي ياري. ڪک پتي مان لک پتي. شامل آهن.

نياز ديواني هندستان وڃي اتي جي فنڪارن سان واقفيت حاصل ڪئي. مگر سال 1992ع ۾ بابري مسج جي معاملي تي هندو مسلم فساد ٿيا. انڪري واپس وطن آيو.

طارق قريشي:

طارق قريشي ولد نيڪ محمد قريشي 7 ـ سيپٽمبر 1969ع تي دادو شهر ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ ماڊل مين اسڪول دادو ۾ حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم به دادو مان حاصل ڪئي. تعليم مڪمل ڪري سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين.

طارق قريشي ڪيترائي مضمون. ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن ۽ اڃا تائين لکندو رهي ٿو. هن سنڌ جا ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ لکيو آهي ۽ اڃا سندس مواد ڇپجندو رهي ٿو. هن وقت ڪي ٽي. اين تي اسڪرپٽ رائيٽر آهي.

هما. ايس:

هما ايس جو اصل نالو فرزانه آهي. سندس والد جو نالو غلام نبي سانوٽائي آهي. سندس جنم 1 ـ فيبروري 1983ع ۾ ڄاڻي شاهه آباد ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم ڄاڻو شاهه آباد مان پاس ڪيائين. سندس تعليم بي. اي آهي ۽ سندس تعليم جو سفر اڃڪتي روان دوان آهي.

هما. ايس ادبي دنيا ۾ 1997ع کان پير پاتو. هن وقت تائين سندس ڪوڙ ساريون تحريرون ڪهاڻيون ۽ ڪي ناول قسطوار مختلف رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. هما ايس ڳچ شاعري به ڪئي آهي. پر سندس اصل سڃاڻپ ناول ڪهاڻين جي حوالي سان آهي. هما شعر سان گڏ علم جي حصول کي پنهنجو شعار بڻايو آهي.

ليلارام 'شاعر' سيتائي:

هن شاعر جو نالو ليلارام ۽ تخلص 'شاعر' هو. سيتا وليج ۾ 1890ع ۾ جنم ورتائين. هو هڪ قابل استاد شاعر هو. شاعري ۾ هن جي اصلاح مرحوم جمع خان غريب ڪندو هو. نهايت عمدو ۽ پختو غزل لکندو هو. استاد سڏجي 'جمعيت الشعراء سنڌ' جي مشاعرن ۾ حصو ورتائين. سندس ڪلام 'اديب سنڌ' ۾ ان دور جي بين ادبي رسالن ۾ آيل آهي. تقسيم هند و پاڪ وقت هندستان لڏي ويو. سندس هيٺيون شعر اديب سنڌ جي ڪانفرنس نمبر اپريل ۽ 1944ع واري شماري ۾ شايع ٿيل آهي. جيڪو هتي پيش ڪجي ٿو:

غزل

عشق هن جي ۾ مان اهڙو ٿي ويو مدهوش هوس.
منهن جي دولت هن لٽي ٿي مان مگر خاموش هوس.
آهه زاري بيقراري مون ڪئي تاهم مگر.
تير مژگان پيو هٽي ڏاڍو ڪو مون تي جوش هوس.
هن هنيا پيڪان ڇاتي مون جهلي ڪو ڏوهه ٿيو
هن مون کي عاشق بڻايو مان صفا نردوش هوس.

شعر شاعر جي اثر اهڙو ڪيو محبوب تي
هو سندم آغوش ۾ هو هن سان هم آغوش هوس
(جلد 4، ص 294)

سيد حاجن شاهه 'هموطن' سيتائي:

سيد حاجن شاهه 'هموطن' سيتائي 5 مارچ 1913ع تي سيتا ڳوٺ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. سندس والد بزرگوار جو نالو سيد فتح محمد شاهه هو جو پنهنجي خطي جو هڪ بااثر زميندار هو. سيد حاجن شاهه 'هموطن' ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي ۽ خانداني دستور مطابق ڪجهه عربي ۽ فارسي تعليم به پرايائين. سندس والد جي وفات کان پوءِ هن جي تعليم جو سفر منقطع ٿي ويو ۽ پوءِ پنهنجي پاءُ عالم شاهه جي زير سايه رهيو. سيد عالم شاهه راڳ رنگ جو شائق ساز ۽ سنگيت جون محفلون رچائيندڙ ۽ برڪ گائڪ هو.

هموطن صاحب کي پنهنجي پاءُ وٽان راڳ جو علم حصي ۾ آيو جنهن ۾ اڳتي هلي پنهنجو پاڻ موڪيائين. سندس جواني ۾ سيد عالم شاهه وصال ڪيو. پاءُ جي اوچتي جدائيءَ سبب هموطن حساس ٻڌجي ويو. سندس ڪلهن تي اندروني بيروني بار ڪڙڪي ويو. پنهنجي پاءُ جي غير موجودگيءَ جي احساس ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ محبوب جي دام محبت ۾ گرفتاريءَ جي مليل جليل اثر سبب جواني ۾ ئي شاعري جي ميدان ۾ پير پاتائين. ڪيس جمع خان غريب، محمود خادم ۽ محمد رمضان ثاقب جي گهري صحبت نصيب ٿي ۽ 1939ع ڌاري لاڙ جي بلند شاعر محمد صديق مسافر جي ادبي معاونت ڪيس ملي. جنهن سبب 'هموطن' سيتائي بهترين شاعر ثابت ٿيو. ڊراما لکيائين. پنهنجا لکيل ڊراما اسٽيج ڪرايائين ۽ انهن جي آمدني غريب شاگردن کي ڏنائين. هيءُ برڪ شاعر فياض طبعيت رکندڙ ملوڪ مالهو 14 ـ مئي 1970ع تي پنهنجن پراون کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

لونگ خان "لائق" سيتائي:

لونگ خان ولد محمد پريل سولنگي سيتا وليج جي پر ۾ واقع ننڍڙي ڳوٺ وريو سولنگيءَ ۾ 21 ـ جون 1932ع ۾ پيدا ٿيو. هن ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول سيتا وليج مان ورتي ۽ سنڌي فائينل جو امتحان 1947ع ۾ پاس ڪري 11 ـ جون 1948ع کان استادي پيشو اختيار ڪيو. شاعري جو شوق ڪيس شاگرديءَ جي زماني ۾ لڳو. ڪافيون ڪلام ناهي پنهنجي ذوق جي تڪميل ڪيائين. ان دور جي مشهور معروف شاعر ۽ اديب حڪيم جمع خان غريب جي زير تربيت رهي. شاعريءَ جي وزن بحر ۽ فني لوازمن جي باضابطه ڄاڻ حاصل ڪيائين ۽ ان جي وفات کان پوءِ ان دور جي قادرالڪلام شاعر عبدالله اثر لاڙڪاٽوي کان به اصلاح ونڊندو رهيو. پنهنجي محنت، مشق آزمائي ۽ ذهني صلاحيتن سبب علم عروض تي عبور حاصل ڪري شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين.

سنڌ جي جنهن پهرئين مشاعري ۾ هن شرڪت ڪئي اهو حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو هو ۽ ان جي طرح هئي "قصهٔ منصور" تي يا طور جو افسانه" تي. اهڙي طرح لونگ لائق سيتائي جمعيت الشعراء سنڌ ۽ بين مختلف بزمن ۽ ادبي انجمن طرفان منعقد ٿيندڙ مشاعرن ۾ وڏي جوش خروش سان حصو ونڊندو رهيو. سنڌ جي ان دور جو ڪو شايدئي اهڙو مشاعرو هجي جنهن ۾ لائق سيتائي حصو نه ورتو هجي. ان ڳالهه جو ثبوت پنڌتي ڇڏيل ڪثير التعداد ادبي دعوت نامن مان ملي ٿو. شاعريءَ سان ڪيس بيحد لڳاءُ هو جتي به ويهندو ته دوستن احبابن کي موقعي جي مناسبت سان شعر ٻڌائيندو هو. سندس وفات 21 اپريل 1987ع ۾ ٿي. (جلد ـ 2، ص 657)

بولچند سيتائي:

بولچند جنهن کي بولومل پٽ چوندا هئا. سال 1982ع ۾ سيتا ڳوٺ تعلقي دادوءَ ۾ جنم ورتائين. قابل استاد ۽ تعليم جي ميدان ۾ هن وڏو نالو ڪمايو. سيتا ڳوٺ جو هي ئي رهاڪو هندو فرد نه فقط درس و تدريس جي سلسلي ۾ ماهر هو بلڪ تمام بهترين شاعر، ڊراما نگار، مصور، ڊزائينر ۽ بت تراش به هو. بهترين پورٽريٽ، لئنڊ اسڪيپ ۽ اسڪيچ ناهي سگهندو هو. هنن جي دور ۾ سنڌن گهرن جي ڊزائين، مورتين ۽ تصويرن سينگاريل واري عمل ۾ بولچند جو وڏو هٿ هو. هنن جا اڪثر گهر، مندر، پانشالاٽون ۽ پٽنچائت گهر هن جي تصويرن ۽ ڊزائين سان سينگاريل هوندا هئا. هن سيتا ڳوٺ جي پرائمري اسڪول جي هڪ ڪمري ۾ هڪ هندو عورت ۽ ڪاز پکي جي خوبصورت تصوير پينٽ ڪئي هئي. جيڪا هن جي انديا لڏي وڃڻ پڇاڻان به پنجاهه سالن تائين سنڌس ياد تازه ڪندي رهي. ان ئي تصوير کان متاثر ٿي بشير سيتائيءَ هڪ نظم "بولچند جي نانءَ" ۾ هن عظيم مصور کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. اسڪول جي مرامت وقت ڪن بدذوق ماڻهن ان تصوير جو خيال نه رکندي اها تصوير مسمار ڪري ڇڏي.

بولچند سيتائي شاعري به ڪندو هو ۽ ڪجهه ڊراما لکي اسٽيج ڪرائين. هڪ هندو ناري ديا ڀائي سان سنڌس عشق مشهور هو جنهن، سان پوءِ شادي ڪيائين. تقسيم هند و پاڪ وقت سيتا ڳوٺ کي هميشه لاءِ ڇڏي پارڪ هليو ويو.

حافظ محمد احسن چنڙ:

استاد الشعراء حافظ محمد احسن چنڙ ولد جمع خان چنڙ 12 ـ اپريل 1900ع ۾ ڳوٺ ملڪاڻي شريف تعلقو دادو ۾ ڄائو. سنڌس نالو محمد رکيو ويو ڪجهه عرصي بعد سنڌس نالو محمد هاشم رکيو ويو. سنڌن ڳوٺ ۾ پير مدد علي شاهه جيلاني راڄپور وارو آيو. جنهن سنڌس نالو محمد احسن رکيو ۽ دعا ڪيائين ته نيڪ، صالح، پرهيزگار حافظ وڏي احسن عمل وارو ٿيندو.

حافظ صاحب جڏهن ڇهن سالن جو ٿيو ته کيس علامه مخدوم غلام محمد ملڪاڻي جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو ويو جتي قرآن شريف ناظره حافظ نصرالله وٽ پڙهيو ان کان پوءِ فارسي ۽ عربي علامه غلام محمد ملڪاڻي صاحب وٽ پڙهيو. ڪتابن جي وسيع مطالعي کان پوءِ تصنيف و تاليف شعر گوئي ۽ مقالا نگاري جو ذوق پيدا ٿيو. 1918ع ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو کولي درس و تدريس جو آغاز ڪيائين. اهو مدرسو 1951ع تائين قائم رهيو. حافظ صاحب مڪتب ۾ نهايت محنت ۽ لگن سان ڪم ڪندو رهيو. سنڌس ڪيترن ئي شاگردن فائينل پاس ڪري ماسٽري ۽ ٻيون نوڪريون حاصل ڪيون ۽ ڪي شاگرد انگريزي پڙهي اعليٰ عهدن تي پهتا. حافظ صاحب شاگردي واري زماني کان شعر و شاعري ڪندو رهندو هو. سنڌس پهريون قومي نظم لاڙڪاڻه مان نڪرندڙ اخبار الحقيقت ۾ شايع ٿيو. ازانسواءِ 1920ع ۾ ملا اسڪول مخزن جيڪا ماهوار حيدرآباد ٽريننگ ڪاليج مان شايع ٿيندي هئي. ان ۾ تعليم جي عنوان سان سنڌس شعر شايع ٿيو.

حافظ صاحب ترغيب العلم نالي ڪتاب شمس العلماء مرزا قليچ بيگ کي نظرثاني لاءِ موڪليو جنهن ان کي پسند ڪيو ۽ اهو اسڪول بوڪ ڪاميٽي بمبئي کي موڪليو ۽ اهو ڪتاب اسڪولن لاءِ منظور ڪيو ويو. اهو ڪتاب پوڪرداس بوڪ سيلر شڪارپور واري 1922ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو جيڪو اسڪولن ۾ پڙهايو ويندو هو. سال 1930ع ۾ ويڙهومل ڪنڌ مل ڪتب فروش لاڙڪاڻي واري پنهنجي خرچ سان به سؤ شعرن جو مجموعو ديوان احسن جو

نالي سان چپائي پڌرو ڪيو. جيڪو تعليم کاتي اسڪولن ۾ ٽريننگ ڪاليجن لاءِ منظور ڪيو ويو. حافظ محمد حسن چنہ ماستر علي حيدر ملڪاڻي جمع خان غريب ۽ امام الدين ضامن جي تعاون سان دادو شهر ۾ 'انجمن آفتاب ادب' جو پايو وڌو. ان جو پاڻ وفات تائين جنرل سيڪريٽري رهيو. حافظ صاحب دادو ۾ ڇهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس 1940ع ۾ ڪوٺائي. جنهن جو پاڻ جنرل سيڪريٽري هو. هن ڪانفرنس ۾ سڄي سنڌ مان ڪافي اديب شاعر ۽ وڏا دانشور شريڪ ٿيا. هن ڪانفرنس جي صدارت رئيس ضياءالدين ايس بلبل ڪئي.

حافظ صاحب 1948ع ۾ ڳوٺ ملڪاڻي کان لڏي دادو شهر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي.

دادو ۾ ٻارهين آل سنڌ ادبي ڪانفرنس انجمنِ آفتاب ادب جي طرفان منعقد ڪرائي. جنهن جي صدارت علامہ آءِ آءِ قاضي ڪئي. حافظ صاحب کي شعر و شاعري تصنيف تاليف ۽ مضمون نگاري سان لڳاءُ هو. مضمونن ۽ شعرن تي کيس ڪيترائي انعام مليا. حافظ محمد احسن چنہ جو ڪلام ريڊيو ۽ ٽي وي تان ۽ نشر ٿيندو رهندو آهي. حافظ صاحب کي 1973ع کان وٺي پاڪستان سرڪار طرفان ماهوار وظيفو ملندو رهي ٿو. ان کان علاوه سال 1974ع کان سنڌ حڪومت پڻ ماهوار وظيفو مقرر ڪري ڏنو.

حافظ جو ڪلام هر صنف تي آهي. غزل. قصيدو. رباعي. قطعات. مسدس. مخمس ۽ قطع تاريخ لکڻ ۾ مشهور هو. سندس شعر سنڌ جي مشهور رسالن گلدستہ سنڌ اديب. سنڌ الجامعہ. علمي دنيا. سنڌو. نئين زندگي ۽ ماهي مهراڻ روح ادب. فردوس. تعليم اخبار ۽ ٻين رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

حافظ صاحب جا نظم ۾ هيٺيان ڪتاب شايع ٿيا آهن. ديوان احسن. گلزار شعر. احسن الاخلاق. رباعيات احسن. گلدستہ احسن. لطيفي لات ۽ ٻيا نثر ۾ سندس هيٺيان ڪتاب قابل ذڪر آهن. سچن تي ستہ. سوانح مخدوم بلال. بنات الرسول. شاهہ جو پيغام. اصلاح المسلمين. سنڌي گرامر ۽ سنڌي سونهون وغيرہ.

حافظ صاحب ادب جي ميدان ۾ وڏو جاکوڙي انسان هو. هن صاحب دادو شهر ۾ هڪ اخبار 'آواز سنڌ' جاري ڪئي. جنهن جو پاڻ پبلشر ۽ ايڊيٽر هو. حافظ صاحب 19 جون 1988ع تي وفات ڪئي.

حافظ صاحب جي شعر جو نمونو پيش ڪجي ٿو:

ڏکن کان پوءِ سک آهن اهو ضرب المثل آهي
خزان ويندي اجهو ايندو وري وارو بهاري جو
صبا جو واءُ گهلندو ۽ ڪر ڪارا هٽي ويندا
جڏهن سورج ڪيبون شاخون ويو غم رات ڪاري جو.

ڏٽي بخش مگسي:

ڏٽي بخش مگسي 1920ع ۾ ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادو ۾ قادربخش جي گهر ۾ اڪ ڪولي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. ان کان پوءِ سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتائين. اتي پنج درجا پڙهي واپس دادو آيو ۽ فائينل جو امتحان ڏٽي استاد جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. استاد جي حيثيت سان جهانگارا باجرا. ڳوٺ خچر. ڪا ۽ ٻين اسڪولن ۾ رهيو. ان کان علاوه گورنمينٽ پرائمري مين اسڪول دادو ۾ ڏهن سالن تائين خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ درس و تدريس ۾ ماهر هو. سندس ڪيترائي شاگرد اعليٰ عهدن تي پهچي چڪا آهن. ڏٽي بخش مگسي ٻائيتاليهہ سال تعليم کاتي سان وابسته رهيو ۽ 1983ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين. ڏٽي بخش درس و تدريس کان علاوه سماجي ۽ ادبي خدمتن ۾ پاڻ ملهايو. پاڻ ڳوٺ سڌار تنظيم چنڊتارا ڪلب ميمبر. عورتن جي فلاحي تعليم بالغان

آرگنائيزيشن جو سرپرست اعليٰ ميان يارمحمد کلهوڙو يادگار ڪاميٽيءَ جو ميمبر پڻ رهيو. ان کان علاوه سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن سواڪا دادو جو باني ڪارڪن، سرپرست اعليٰ ۽ صدر پڻ رهيو. سواڪا 1978ع ۾ قائم ڪئي وئي. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان سنڌ جي قومي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي وئي. هن تنظيم کي اهو اعزاز حاصل آهي جو حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس جي موقعي تي سڄي سنڌ ۾ عام موڪل ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. ۽ هن تنظيم جي ڪوشش سان پوري سنڌ ۾ عام موڪل ڪئي وئي. ان کارنامي تي روزانه اخبار 'عبرت' حيدرآباد ايڊيٽوريل نوٽ لکي سواڪا کي سراهيو.

ڏڻي بخش مگسي سماجي خدمتن کان علاوه ادبي خدمتن ۾ پاڻ ملهايو. سندس ڪيترائي مضمون سنڌ جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. هن تقريباً 20 ڪتاب لکيا آهن. جن ۾ عورت ۽ مرد جا حق دادو ضلعي جي متعلق ڪتاب ۽ پيا مسودا شامل آهن. ڏڻي بخش مگسي 31- جنوري 1996ع ۾ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا هئڻ سبب سول اسپتال ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويو ۽ ڪيس اباڻي قبرستان پير محمد مراد ۾ مٽي ماڻ حوالي ڪيو ويو سندس فرزندن ۾ پروفيسر عبدالله مگسي، غلام نبي مگسي ايڊووڪيٽ ڊاڪٽر لياقت مگسي، دين محمد مگسي جوڊيشل مائجسٽريٽ، انجنيئر سهيل مگسي، اقبال احمد مگسي ۽ سڪندراعظم شامل آهن. سندس ڪتاب 'دادو منهنجون يادون' منظر عام تي آيو آهي.

پروفيسر عبدالله مگسي:

پروفيسر عبدالله مگسي ولد ڏڻي بخش مگسي 17- ڊسمبر 1947ع تي ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان ۽ انگريزي گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. انٽر ۽ بي اي ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. ايم اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

پروفيسر عبدالله مگسي پهريائين پي ڊبليو ڊي ڪاتي ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. بعد ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري علم سياسيات واري شعبي ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڊيڪيٽ جو ميمبر پڻ رهيو. ان کان علاوه سنڌي ادبي سنگت دادو سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن دادو هسٽاريڪل اينڊ ڪلچرل سوسائٽي دادو سپلا دادو، ميان يارمحمد کلهوڙو يادگار ڪاميٽي ۽ ڪاڇو بچاءِ تحريڪ سان پڻ لاڳاپيل رهيو.

پروفيسر عبدالله مگسي کي نندپڻ کان ئي ادب سان چاهه هو. سندس پهريون مضمون هفتيوار اخبار شهباز دادو ۾ شايع ٿيو. ان کان علاوه سندس پيا ڪيترائي مضمون مقالا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا آيا آهن جن ۾ روزانه 'جاڳو' ڪراچي روزانه 'عوامي آواز' ڪراچي ۽ ماهي 'مهراڻ' جام شورو وغيره شامل آهن. سندس مقالا مضمونن ۽ ڪالمن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي. سندس ڪتاب "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" "جان جان هئي جيئري"، "عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو"، سڀ ڪتابن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.[1]

پروفيسر عبدالله مگسي ڪيڏ عرصو بيمار رهيو ۽ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي 1- اپريل 1993ع ۾

---

[1] پروفيسر عبدالله مگسي سنڌ جي جديد دور جو سڀ مؤرخ، اديب ۽ نقاد هو. هن خاص طور تي سنڌ جي تاريخ کي نئين انداز ۾ لکڻ ۽ مطالعو هيٺ آڻڻ جون روايتون رکڻ جون ڪوششون ڪيون. هو روايتي طور لکيل سنڌ جي تاريخ تي ناقدانه نظر رکي "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" جي عنوان تي هڪ ڪتاب لکيو. ان کان علاوه هن "عالمي امن ۾ سنڌي اديبن جو حصو" ۽ "جان جان هئي جيئري" جي عنوانن تي پڻ موجارا ڪتاب لکيا (ايڊيٽر).

وفات ڪري ويو. ڪيس اباڻي قبرستان پير محمد مراد ۾ دفن ڪيو ويو.

ابوبڪر خان مگسي:

ابوبڪر خان مگسي ولد مولوي عبدالرحيم مگسي 1920ع ۾ ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو. تعليم به ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. بي.اي ۽ ايل.ايل.بي جا امتحان پاس ڪري استاد جو پيشو اختيار ڪيائين. هن اين.جي.وي اسڪول ڪراچي گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۽ گورنمينٽ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ به استاد جي حيثيت سان درس و تدريس جا فرائض سرانجام ڏنا. ان کان پوءِ وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين. هن وڪالت دادو سيوهڻ ۽ عمرڪوٽ ۾ ڪئي. وڪالت کان علاوه صحافت ۾ به رهيو هن هفتيوار قلندر دادو ۾ ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو. ميان ابوبڪر مگسي کي علم ادب سان گهرو لڳاءُ هو هن ڪجهه ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيا. مضمون ۽ مقالا به لکيا. جن ۾ ولايت سنڌ، حيدرآباد جي تاريخ، عربي (پاڪستان کي قومي زبانين: اردو 1970ع)، عربن جي جديد تاريخ، اسلامي تهذيب و تمدن، اسلامي فلسفو ۽ تصوف 2001ع)، ڪتب ذاتي ملڪيت ۽ رياست (فريڊرڪ اينگلس جي ڪتاب جو ترجمو 1996ع شامل آهن.

ابوبڪر مگسي 4-اپريل 1981ع ۾ وفات ڪئي.

پروفيسر زاهد علي مگسي:

پروفيسر زاهد علي مگسي ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادو ۾ 4 اپريل 1942ع ۾ پيدا ٿيو. سندس والد مولانا عبدالرحيم مگسي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۾ عربي ۽ اسلاميات جو استاد هو. هو وڏو عالم ۽ اندازاً 30 ڪتابن جو ليکڪ هو. پروفيسر زاهد علي مگسي پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري مين اسڪول دادو مان حاصل ڪئي. پوءِ سيڪنڊري تعليم لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ داخل ورتي. پر سندس وڏو پاءُ محبوب مگسي ڪيس حيدرآباد وٽي آيو ۽ ڪيس نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا وٽي ڏني. جتي هن 1962ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان امتيازي پوزيشن ۾ پاس ڪيو. ان کان پوءِ 1964ع ۾ سچل ڪامرس ڪاليج حيدرآباد مان انٽر ۽ بعد ۾ ساڻگي ڪاليج مان 1966ع ۾ بي. ڪام جي تعليم مڪمل ڪري سنڌي يونيورسٽيءَ ۾ ايم. ڪام ۾ داخلا ورتي. سال 1970ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي.اي ڊگري ورتي. ملازمت جو باقاعده آغاز 1970ع ۾ سنڌ مسلم ڪامرس ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان ڪيو. جتي آخري وقت تائين پروفيسر جي حيثيت سان تعليمي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

پروفيسر زاهد علي مگسي درس و تدريس کان علاوه ادبي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو هو. آرٽس سائنس قانون ۽ تاريخ تي سڀ ڄاڻ هيس. پاڻ مهراڻ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو سرگرم ڪارڪن هو. ڪجهه عرصو ان جو سيڪريٽري به رهيو ڪجهه وقت سنڌ ماڊل اسڪول ڪراچيءَ جو اعزازي پرنسپل به رهيو. سگا ۾ به سنڌن شموليت رهي. زاهد علي مگسي ترقي پسند اديب ۽ ڪابي ڊرجي سياست جو حمايتي هو. هو جاگيرداري نظام کي سنڌ جي زوال جو ذميوار سمجهندو هو.

پروفيسر زاهد علي مگسي ڪيترائي ڪتاب لکيا. اخبارن ۽ رسالن ۾ مختلف موضوعن تي مضمون لکيا. انگريزيءَ ۾ لکيل ڪجهه ڪتاب ۽ مضمونن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيائين. پروفيسر زاهد علي مگسي کي 22- جون 1998ع تي رات جو 4 وڳي ڊاري ڪراچيءَ ۾ سندس گهر ۾ گهڙي دهشتگردن گولين جو شڪار بنائي شهيد ڪري ڇڏيو. ڪيس تي پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي.

عادل سخيراڻي:

غلام رسول ولد محمد خان ادبي نالو عادل سخيراڻي جو جنم اسڪول رڪارڊ موجب 10 ـ مارچ 957. سومر جي ڏهاڙي ريلوي ڪالوني دادو ۾ ٿيو. پرائمري تعليم لوڪوشيڊ اسڪول دادو ۾ ورتائين. پرائمري ۾ سندس اس محمد هاشم سومرو هو. پنجون ڪلاس پاس ڪري گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول دادو ۾ داخلا ورتائين ان ڪلاس تائين پائلٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ تعليم حاصل ڪيائين. اسڪالرشپ جي امتحان ۾ ويٺو ۽ اسڪالرشپ ج امتحان ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ سندس پيءُ جي بدلي ڪوٽڙي ٿي. جتي هن محنت ک مٽرڪ جو امتحان پوزيشن ۾ پاس ڪيو. انٽر 1977ع ۾ بي. اي. 1979ع ۾ ۽ ايم.اي سيڪنڊ ڪلاس ۾ پا ڪيائين. 14 ـ فيبروري 1974ع تي ميونسپل ڪميٽي دادو ۾ عارضي طور جونيئر ڪلارڪ پرتي ٿيو. پوءِ ا استعيفا ڏئي سنڌ ايگريڪلچر سپلاءِ آرگنائيزيشن ساسو ۾ ڪلارڪ مقرر ٿيو. ڪلارڪ ٿيڻ کان پوءِ ترقي ک آفيس اسسٽنٽ ٿيو.

عادل سخيراڻي ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ پرپور طريقي سان حصو ونڊندو آيو. سال 1986ع کان 988. تائين سنڌي ادبي سنگت دادو جو ٻه سال لڳاتار سيڪريٽري ٿي رهيو. آخري ڏينهن ۾ ڪارواري ڪميٽي جو سرگ ميمبر هو. هن ڪيترائي مضمون مقالا ۽ ڪالم لکيا. جن ۾ سنڌ جون راندیون اڻ ڇپيل ڪتاب ۽ ٻيا مقالا مضم شامل آهن. هن جا ڪيترائي مضمون مقالا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. جن ۾ روزانه عبر مهراڻ ماهوار نئين زندگي ۽ ڏ ماهي مهراڻ شامل آهن.

عادل سخيراڻي سماجي سرگرمين ۾ ٻ پرپور حصو ونڊندو آيو. سگا شاخ دادو جو ٻ جنرل سيڪريٽري مرڪز ۾ وائيس چيئرمين جي عهدي تي ٻ سال رهيو. ساسو ايمپلائيز يونين حيدرآباد ڊويزن جو صدر ۽ جن سيڪريٽري ٻ رهيو. عادل سخيراڻي کي تاريخ 23 مارچ 1992ع ۾ شهيد ڪيو ويو. سندس مڙهه کي بخاريءَ ج قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

تاج صحرائي:

تاج محمد صحرائي 11 ـ سيپٽمبر 1921ع ۾ شڪارپور ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو نور محمد مي هو. تاج صحرائي صاحب ابتدائي تعليم ۽ ثانوي تعليم لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعي جي مختلف اسڪولن ۾ پرا مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان 1942ع ۾ پاس ڪئي. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ ڪراچي ويو. سال 1945ع ۾ سندس والد جي وفات بعد واپس اچي سيوهڻ هاءِ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. سال 948 ۾ سيوهڻ کي ڇڏي دادوءَ ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين.

تاج صحرائي صاحب 1952ع ۾ دادو ۾ طالب المولي هاءِ اسڪول قائم ڪيو. جنهن جو سرپرست مخد طالب المولي هو. هيءُ اسڪول سنڌ جي مشهور هاءِ اسڪولن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. هن اسڪول مان شاگرد تعل حاصل ڪري اعليٰ عهدن تي پهچي چڪا آهن. تاج صحرائي هڪ جفاڪش، محنتي بلند حوصلہ باشعور شاع تاريخدان جي حيثيت سان پاڻ کي متعارف ڪرايو. سندس زندگيءَ جو اڪثر حصو تعليم حاصل ڪرڻ مطا ڪرڻ ۽ سير سفر سان وابسته رهيو. پاڻ صحافت سان ٻ وابسته رهيو. صحافت ۾ سندس هفتي وار اخبار آواز دلڪ مضمونن ۽ ادب لطيف تي مشتمل هوندي هئي. اها اخبار طويل عرصي تائين دادو مان شايع ٿيندي رهي. تاج صحرا

کي آثار قديم سان گهرو لڳاءُ رهيو آهن سنڌ جو چپو چپو گهمي ڦري ڏٺو.

هن ڪاڇي ڪوهستان ۾ ٿر جي قدرتي نظارن ۾ آثارِ قديم جو بذاتِ خود مشاهدو ڪيو. انهن ماڳن ۾ ٻڌين ڪوٽن، ڪوٽيرن، ڏڙن، بندرن، چشمن، واهن، غارن ۾ قبرستانن جو عيني مشاهدو ڪيو. هن صاحب آمري ۾ ڪوٽڙجي جي تهذيب، ڪائي پرسان ست گهرين، سيوهڙ پرسان يڪ ٽنيي، خون جي قرباني ۾ سنڌو ماڙيءَ بابت معلومات گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

تاج صحرائي صاحب جي ڪوشش سان دادو ۾ سال 1968ع ۾ علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريريءَ جو بنياد پيو. هن لائبريريءَ مان تعليم يافتہ نوجوان ۾ محقق ڪافي لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن. هن سنڌ صدين کان سيمينار ۾ حصو ورتو. سن 1977ع ۾ تاج صحرائيءَ جو نالو ٽريپوليءَ ۾ دنيا جي ماهر نمائندي جي حيثيت سان منتخب ڪيو ويو. سال 1981ع ۾ رني ڪوٽ تي هڪ قومي سيمينار ٿيو. سندس ڪوشش سان هيءُ سيمينار ڪامياب ٿيو. هن سيمينار ۾ ملڪي ۾ غير ملڪي ماهر شامل ٿيا ۾ رني ڪوٽ کي دنيا ۾ متعارف ڪرايو ويو. تاج صحرائي 1964ع کان شهباز ميلا ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهيو. تاج صحرائي يار ويس انسان هو. سندس زندگيءَ ۾ جن دوستن جو ساٿ رهيو. انهن مان امام بخش گهرياڻي، وڪيل حافظ خليل احمد طارق، نواز رکڙائي، بشير سيتائي، نظر محمد شيخ، علي احمد قريشي، وڪيل صلاح الدين پنهور، اعجاز قريشي، منير احمد چنہ، مٺا خان مري، صاحب خان چنو، جمال ميراڻي، انور سولنگي، بخش علي شاهہ، جيئندل شاهہ ۽ بلوچ صحبت علي شامل آهن.

تاج صاحب وٽ ٻاهرين ملڪن جا ڪيترائي محقق مهمان ٿي رهيا ۽ انهن سان گڏجي ڪوهستان (ڪاڇو) منجهہ ۽ لاڙ جو سير ڪيو. انهن ٻاهرين محققن ۾ ڊاڪٽر لوئس فليم آمريڪا، ڊاڪٽر مائيڪل جانسين پروفيسر ليبي اليگزينڊريا جانسين، ڊاڪٽر هنس لنسان جرمن، ڊاڪٽر جي ويرار ڊي اٽلي، پروفيسر ماساتوشي ۽ تاڪيشي گوتوهہ جپان ۽ ايل لاويزي سئٽزرلئنڊ شامل آهن. تاج صحرائيءَ جا ڪيترائي مقالا ۽ مضمون سنڌ جي مشهور رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا. سندس ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا آهن. جن ۾ سنڌو تهذيب، سنڌ جي پٽي لوڪ، نيٽين نند اکوڙ انگريزيءَ ۾ ڪتاب "ليک منجهہ" مشهور آهن.

تاج صحرائي کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سان محبت هئي ۽ ڀٽائيءَ جي ڪلام کي پرکڻ ۽ پرجهڻ جو ماهر هو. تاج صحرائي سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ننڍي هوندي کان ئي حصو ونڊندو آيو. هن خاڪسار تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ ان جي پليٽ فارم تان ڪافي سماجي ڪم سرانجام ڏنائين. 1942ع ۾ بنگال ۾ ڏڪار واري زماني ۾ شاگردن جو هڪ جٿو ونڊي اتي وڃي ڏڪار ماريلن جي مدد ڪيائين. هن آزادي واري تحريڪ ۾ پڻ پرپور حصو ورتو. انڪري انگريز سرڪار کيس گرفتار ڪري جيل موڪليو. 10 آگسٽ کان 26 ڊسمبر 1947ع تائين ڏهلي جيل ۾ قيد رهيو.

تاج صحرائي کي علم ادب تهذيب ثقافت سياست ۽ تاريخ سان محبت هئي. پاڻ 28_ آڪٽوبر 2002ع تي وفات ڪري ويو.

مخدوم احمد مجتبيٰ غالب ملڪاڻي:

مخدوم احمد مجتبيٰ ولد مخدوم غلام محمد ملڪاڻي 15_ مئي 1930ع ۾ دادو ضلعي جي ڳوٺ ملڪاڻي ۾ اک کولي. جڏهن سندن عمر پنجن سالن جي ٿي تہ سندن والد بزرگوار کين حافظ محمد احسن چنہ وٽ مڪتب ۾ ويهاريو. ان سان گڏ پوءِ کين قرآن شريف عربي ۽ فارسيءَ جا بنيادي ڪتاب کين پاڻ پڙهايائون. ان کان پوءِ کين عربيءَ جي وڌيڪ تعليم لاءِ سجاول شهر ۾ حاجي حسين شاهہ جي مدرسي ۾ مولانا حمادالله صاحب جن وٽ موڪليو اتي ب

سخت محنت ڪري دستاربند ٿيا. عربيءَ جي تعليم دوران فائينل جو امتحان نمايان نمبرن ۾ پاس ڪيائون ۽ ان سار گڏ مٿرڪ به پاس ڪيائون. دستاربندي بعد واپس اچي پنهنجي والد بزرگوار جن وٽ تصوف جا طريقا جهڙوڪ: قادريءِ نقشبندي حاصل ڪيائون. ان کان پوءِ کين سرڪاري نوڪري جو شوق پيدا ٿيو ۽ گورنمينٽ جي مختلف شعبر جهڙوڪ: روينيو پوليس ۽ تعليم ڪاتي ۾ تقريباً اٺ سال نوڪري ڪيائون سندن گهراٽو درس و تدريس سان منسلڪ هو. ان ڪري کين ماستريءَ جو شوق جاڳيو. سال 1950ع ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1980ع ۾ درگاهه ملڪاڻي شريف ج سجاده نشين مقرر ٿيو.

غالب ملڪاڻي صاحب جي طبعيت ننڍپڻ کان ئي شاعرانه هئي. ان جو سبب اهو به هو ته سندن والد بزرگوا جن علم ادب سان گڏوگڏ روحاني پير پڻ هئا. تنهنڪري غالب ملڪاڻي به شاعريءَ سان گڏوگڏ نثر ۾ طبع آزمائ ڪئي ۽ مضمون لکيا. سندس لکيل ڪتابن جو تعداد 40 آهي. شاعريءَ ۾ سندس استاد جنهن هن کي غالب ج تخلص ڏنو سو محمد بخش واصف هو. غالب ملڪاڻي ڇهن زبانن ۾ شاعري ڪئي شاعري جا ڇهه ڪتاب جهڙوڪ ديوانِ غالب، ڪلامِ غالب، آتشڪده رباعيات، قلمي صورت ۾ وٽس موجوده هئا. غالب ملڪاڻي ادبي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونڊندو آيو. دادو شهر جي جهوني انجمن آفتاب ادب جو ميمبر ٿي رهيو. هن انجمن جو جنرل سيڪريٽري به رهيو.

سال 1954ع ۾ دوستن جي تعاون سان غالب ملڪاڻي سنڌي ادبي سنگت جو بنياد وڌو ۽ سنيڪريٽري ج فرائض سرانجام ڏنائين. 1956ع ۾ شفيع محمد سولنگي ۽ ابوبڪر مگسيءَ جي سهڪار سان هڪ ادبي تنظيم جوهر ادب جو بنياد رکيائين. سندس دوستن ۽ شاگردن گڏجي بزمِ غالب جو بنياد رکيو. غالب صاحب ادب جي ميدان ۾ ڪافي شاگرد پيدا ڪيا آهن. جن ۾ اشرف منصور دائودپوتو عبدالله همدم ملنگ حيدري، ذوالفقار ذلفي، تابش بخاري، عاشق دادوي، رجب آزاد، دانش ملاح، امداد جوڪيو ۽ بيا شامل آهن. غالب ملڪاڻي جن جي همعصري ۾ احسن الهاشمي، تاج صحرائي، نواز رکڪائي، سومرو سودائي ۽ شفيع محمد سولنگي شامل آهن. غالب ملڪاڻي سنجيده طبعيت ۽ مهمار نواز هو. هو نه رڳو سنڌيءَ جو پختہ ڪلام شاعر هو پر ان سان گڏ فارسيءَ جو به پختہ ڪلام شاعر به هو. پاڻ انجمنِ دوستداران فارسي ضلع دادو جو سرپرست اعليٰ رهيو. هن انجمن جو دائره ڪار پورو دادو ضلعو آهي ۽ سال 1995ع کا فارسي ادب لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. فارسي ادب جي حوالي سان سندس رهاڻيون همينه بشير سيتائي ۽ حافظ خليل احمد طارق سان رهيون. هيءَ عالم ۽ علم دوست 21 ـ جنوري 2008ع تي وچڙي ويو.

شفيع محمد سولنگي:

شفيع محمد سولنگي ولد غلام حسين سولنگي 7 ـ آڪٽوبر 1920ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين دادو مان پاس ڪئي. دادو مان انگريزي جا ٽي درجا پاس ڪري ورنيڪيولر فائينل جي امتحان ۾ ويٺو. سخت محنت سبب سڄي سنڌ مان ستون نمبر حاصل ڪيائين. جڏهن سندن عمر 21 سال ٿي تہ استاد پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. 1952ع ۾ اديب فاضل جو امتحان پاس ڪيائين.

شفيع محمد سولنگي سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ درس و تدريس جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو نوڪري دوران ماستريءَ جي تربيت لاءِ ڪيس چونڊيو ويو. اتي به سخت محنت ۽ لگن سان ٽريننگ ڪاليج فارميل حيدرآباد مان پهريون اعزاز حاصل ڪيائين. ٽريننگ ڪاليج تان موٽڻ بعد مين اسڪول دادو ۾ استاد مقرر ٿيو. پهريو ٽي چار سال فائينل جا شاگرد تيار ڪندو هو. فائينل جي بند ٿيڻ کان پوءِ چوٿون ڪلاس پڙهائيندو هو.

شفيع محمد سولنگي ڪيترائي مضمون ڪالم ۽ ڪهاڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ڪي موڪليون جيڪي شايع ٿيندڙ رهيون سندن لکڻين مان يادگار لکڻي مغربي پاڪستان جو ثقافتي اتحاد آهي. هن لکڻي سڄي سنڌ جي 370 لکڻين مان پهريون نمبر حاصل ڪيو ۽ ان مضمون تي ڪيس تي سؤ روپيا انعام طور ڏنا ويا. جيڪا پاڻ ادبي سرگرمين تي خرچ ڪيائين.

شفيع محمد سولنگي ڊرامن ۽ موسيقيءَ جي به ڄاڻ رکي ٿو. هن وقت بزمِ غالب ملڪاڻي جو صدر هو. شفيع محمد سولنگي سنڌي ۽ اردو تي عبور رکندو هو انڪري اردو اسڪول دادو جو ڏهه سال هيڊ ماستر ٿي رهيو. ان سان گڏوگڏ مانٽيسوري جي ٽريننگ حاصل ڪندڙ استادن کي سنڌي مادري زبان ۾ مضمون پڙهائيندو هو. پاڻ واحد پرائمري استاد هو جنهن انگريزي استادن سان گڏ بيورو آف ڪريڪيولم جي ٽيندڙ ضلعي ٽريننگ ۾ حصو ورتو. انهي اداري سندن خدمتون رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به حاصل ڪيون. هي استاد ۽ علم دوست 2 ـ فيبروري 2011ع تي وفات ڪري ويو.

الهنواز رکڻائي:

الهنواز ادبي نالو نواز رکڻائي ولد محمد عرس ملاح دادو جي ڳوٺ رُکڙ ۾ 10 ـ مئي 1930ع تي ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. پرائمري تعليم مڪمل ڪري فائينل جي تياري ڪيائين. فائينل جو امتحان پاس ڪري استادي پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. ڪجهه سالن جي سروس کان پوءِ مٹياڻي ڪاليج ۾ ايس.وي امتحان پاس ڪيائين. نوڪري دوران ڪيترن ئي اسڪولن ۾ استاديءَ جا فرائض نڀايائين. وڌيڪ تعليم جاري رکندي اديب جو امتحان پاس ڪيائين. علوم مشرقي جا ٽئي سال فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين.

الهه نواز رکڻائي 1951ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪئي. سندس شاعريءَ تي مرحوم حافظ محمد احسن چنه جو اثر نمايان آهي. قديم ۽ جديد شاعريءَ تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. نواز رکڻائي جي ڪوشش سان بزمِ طالب المولي شاخ پير بخش ميربحر جو بنياد پيو. پاڻ ان شاخ جو صدر به رهيو. سال 1979ع ۾ بزمِ شعراء جو جنرل سيڪريٽري به رهيو. بزمِ نواز رکڻائي جو سرپرست رهيو. ادبي سرگرمين ۾ پڻ حصو ورتائين. پاڻ سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن، شعبه ڪلچر جو عهديدار به رهيو.

سندس شعرن جو مجموعو "ڪُليون منجر چوليون" 1999ع ۾ پڌرو ٿيو ۽ سندس ٻيو ڪتاب "دادو سنڌ جي دل" سيد هدايت علي شاهه جي مالي معاونت سان شايع ٿيو. نثر ۾ هڪ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو درپائي لهجو" 2007ع دادو تعلقي جي تاريخ تي "دادو منهنجي دل" 2007ع ۾ ڇپيو. نواز رکڻائيءَ جي شاگردن جو وسيع حلقو آهي. جيڪي ڪائنس ڪلام جي اصلاح ڪرائيندا رهيا. هو 13 ـ فيبروري 2007ع تي لاڏاڻو ڪري ويو.

سيد حاڪم علي شاهه بخاري:

سيد حاڪم علي شاهه 15 ـ فيبروري 1938ع تي ڳوٺ غلام چانڊيو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو سيد حاجن شاهه هو. جمڻ وقت سندس نالو سيد علي اڪبر شاهه رکيو ويو. پر اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ وقت سندس نالو حاڪم علي شاهه لکرايو ويو. غلام چانڊيو اسڪول مان سنڌي فائينل جو امتحان سال 1950ع ۾ پاس ڪيائين ۽ ساڳئي سال ماٽين انگريزي پڙهڻ لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ پهرين درجي ۾ داخلا ونڊي ڏنس. جتان 1957ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين.

سال 1957ع ۾ ئي ڊرائنگ جو انٽرميڊيٽ امتحان پاس ڪيائين. ساڳئي سال ڊپٽي ڪمشنر دادو جي دفتر ۾

ڪلارڪي ملي ويس. روينيو ڪاتي جي 1962ع ۾ نوڪري ڇڏي واپس آيو. 1964ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل اسڪول جوهيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو. جتي 1966ع تائين نوڪري ڪيائين. ان وچ ۾ سنڌ يونيورسٽي اختياري وارن ڪ اسڪالرشپ ڏئي پشاور يونيورسٽي مان آرڪيالاجي ۾ پوسٽ گريجوئيٽ ٽيٽ لاءِ منتخب ڪيو. انڪري جوهي اسڪول مان نوڪري ڇڏي پشاور روانو ٿيو. سال 1968ع ۾ پشاور يونيورسٽيءَ مان آرڪيالاجي ۾ پهريون نمبر حا ڪري واپس وريو. سنڌ يونيورسٽي اختياري وارن ڪيس نوڪري ڏيڻ کان انڪار ڪيو. انڪري آرڪيالاجي ڪاتم نوڪري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. نتيجي ۾ 1969ع ۾ سندس مقرري بحيثيت گيلري اسسٽنٽ موهن دڙي تي ٿي. اهڙي ريت 29 سال نوڪري ڪري 14 ـ فيبروري 1998ع تي اوٽيهين گريڊ ۾ رٽائرد ٿيو.

سيد حاڪر علي شاهه ڪي نوڪري دوران مختلف وقتن تي اٽلي جپان ۽ برطانيه وڃڻ جو موقعو م نوڪري دوران سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ سير سفر ڪرڻ جا انيڪ موقعا مليا. سيد حاڪر علي شاهه تعليم تربيت ۽ اضافي ڪورسن جي سلسلي ۾ درجن کان وڌيڪ اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مليا آهن.

سيد حاڪر علي شاهه بخاري کي ننڍپڻ کان ئي راڳ رنگ ۽ عوامي ڪچهرين سان دلچسپي رهي آهي. راڳ رنگ موسيقي سان کي قدر سچاڻپ اٽس. سيد حاڪر علي شاهه فنون لطيفه سان به وابسته رهيو آهي. هن ڪيترن ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ ڪجهه ڊراما لکيا به آهن. جيڪي پوءِ ٻين مختلف هنڌن تي اسٽيج ڪيا ويا.

سيد حاڪر علي شاهه ڪيترين ئي ننڍين وڏين سماجي، ادبي، تاريخي ۽ ثقافتي تنظيمن جو رڪن ۽ عهديدار سربراهه به رهيو آهي. کيس لکڻ جو شوق 1965ع کان هو. ان کري سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ سندس ڪيتر مضمون ۽ مقالا شايع ٿي چڪا آهن. اڃڪلهه دادو جي قديم تاريخي، ثقافتي، مذهبي ۽ فطري ماڳن تي ڪم پيو ڪ انهيءَ کان سواءِ ٻين ڪن ڀالي وارن اداارن لاءِ ضلعي بابت مختلف قسمن جي ڄاڻ ڪڻي ڪرڻ ۾ مصروف آهي.

سيد حاڪر علي شاهه بخاري سنڌ جي عوامي شاعر استاد بخاري جو سڳو ياءُ آهي.

محمد عثمان ميمڻ[1]:

زنده دل، ملنسار، مهمان نواز ۽ علمي، ادبي ڪمن ڪارين ۾ سهڪار ڪندڙ سنڌي ٻوليءَ جي نامور اد محقق، ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامه نويس محمد عثمان ميمڻ ولد محمد بچل ميمڻ 1 ـ اپريل 1952ع تي منچر ڪنڊيءَ واقع تاريخي شهر بوبڪ ۾ جنم ورتو. سندس نانائا ٽيپا آهن. سندس ڏاڏو ورهاڱي کان اڳ لڏي اچي دادوءَ ۾ و جنهنڪري سندس ڏهني اوسر دادوءَ ۾ ٿي. هن پرائمري کان فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم مدرسي دارالفيوض دادوءَ محمد سليمان صدائيءَ ۽ محمد مصطفيٰ ملڪاڻيءَ کان. قرآن پاڪ ۽ قرائت جي تعليم قاري محمد قاسم چانڊئي حاصل ڪيائين. ٽي درجا انهيءَ مدرسي جي پرائمري اسڪول مان پڙهي. پرائمري مين اسڪول دادوءَ مان ماسٽر عب ميمڻ ۽ ڏٽي بخش ميمڻ جي شاگرديءَ ۾ پنجون درجو پاس ڪيائين. بعد ۾ چهون ڪلاس پرمانند هرداس پائلٽ اسڪول دادوءَ ۾ داخل ٿي. مئٽرڪ تائين پڙهيو. جتي کيس عبيدالله آخوند ۽ بقا محمد قريشيءَ جهڙا لائق ۽ شفيق ا مليا. ذهانت ۽ صلاحيت سبب هو هميشه فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيندو رهيو. انٽر سائنس جامعه ملير ڪاليج ملير س مان ڪيائين. جتي کيس وقت جي وڏن عالمن سيد ابوالاعلي مودودي ۽ سبط حسن جي صحبت نصيب ٿي ۽ ڪاه نازش سان ويجهڙائيءَ ڪري ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ به حصو ورتائين. پر بعد ۾ پي. ٽي. وي لاءِ عبدالڪريم بلوچ ۽ ها

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

رند آديشن ورتي. ڪيترا سال تي. وي تي سنڌي پروگرام ۽ ڊراما اسڪرپٽ لکيائين. سندس والد سنڌ جي جيلن جو وڏو مودي هو جنهنڪري پاڻ ڪراچيءَ مان موتي اچي پيءُ جو ڀانهن ٻيلي ٽيو اُتي قيدين کي کاڌ خوراڪ پهچائيندو هو. ان دوران ان وقت جي وڏن اسيرن خان ولي خان، جنرل شيروف ۽ نعپ جي ٻين اسيرن سان لاڳاپا جڙيا.

هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1975ع ۾ والد جي وفات بعد ڪئي. روڊن عمارتن وغيره جي ٺيڪيداريءَ جو ڪم شروع ڪيائين، پر اتي به دل نه لڳس ۽ ٻيا مختلف روزگار ڪرڻ لڳو جن ۾ ميڊيڪل اسٽور، لوهه جو ڪم، ڪاغذ جو ڪم، ڪمپيوٽر ناهڻ ۽ وڪڻڻ شامل آهن. پر ڊراما ۽ ڳائڻ سندس ورونهه رهيا. بعد ۾ هن وري ڊرامي جي دنيا ڏانهن موٽ ڪاڏي. هن ڊرامي لکڻ جي شروعات 1975ع کان ڪئي. سندس پهريون ڊراميو 'پسي ڳاڙها گل' ۽ ٻيو ڊراميو 'چريو' آهي. اهڙيءَ طرح هن وقت تائين سندس لکيل 30 کن ڊراما پي. ٽي. وي. تي نشر ٿي چڪا آهن. جڏهن ڪي. ٽي. اين ۽ سنڌ ٽي. وي پنهنجي نشريات شروع ڪئي تہ 2005ع کان هن اتي لکڻ شروع ڪيو. سندس ڊراميو 'پاٽيءَ مٽي جهوپڙا' مشهور ويو جيڪو ڪي. ٽي. اين طرفان منان عباسيءَ جي ڊائريڪشن ۾ منيجر جي پس منظر ۾ رکارڊ ٿيو جيڪو موضوع توڙي ٻوليءَ جي لحاظ کان ڪي. ٽي. اين جي مُک سيريل ۾ شمار ٿئي ٿو. ان کان سواءِ هن ڪي. ٽي. اين تي حوا، آئينو نالي سيريل ۽ ڪيترائي فائيو ڊيز لکيا آهن. هن وقت به سندس 80 قسطن تي مشتمل سيريل روپ راڻي جيڪا سنڌ جي محبتي ڪردار سونيتي ۽ ان دور جي سياسي عڪاسي آهي. ساڳئي وقت پاڻ سنڌ ٽي. وي ۽ لاءِ به ڪافي لکيو آهي جن ۾ گهٽو ڪري سيريل ۽ فائيو ڊيز آهن. سيريل ۾ وارث ۽ شانتي سندس بهترين سيريل آهن. فائيو ڊيز ۾ سندس ڊراميو 'اڄ جي نوران' گهٽو پسند ڪيو ويو. ان کان سواءِ هن نسيم ڪرل، ايياز قادري، ڪرشن چندر ۽ هندستان جي مرهٽي ۽ تيليگو زبانن جي ڪهاڻين کي سنڌي ويس پارائي ڊراماٽائيز ڪيو آهي. ان کان سواءِ آرڪيالاجي، قديم آثارن توڙي سنگيت وغيره تي تحقيق پڻ ڪري چڪو آهي ۽ سندس تحقيق جا ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن ۾ سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري (سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل)، ڏکڻ ايشيا جي ٻوبين جي ڊائريڪٽري (سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل)، سنگيت سنسار (سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل)، تعميرات جي لغت (سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل)، ڏيهي پرڏيهي ساز (سنڌالاجيءَ پاران ڇپيل)، ٻنڪاري ۽ واپار جي لغت (سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپيل) وغيره شامل آهن. ان کان سواءِ بلوچستان جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري ڇپائيءَ هيٺ ۽ ڏکڻ ايشيا جا ناچ، منيجر جي آبي جيوت، سنڌو سلطنت، سنڌي گائڪن ۽ وجوتن جي ڊائريڪٽري، قديم آثارن جي ماهرن جي ڊائريڪٽري ۽ سنڌ جي قديم آثارن جي ڊائريڪٽري (پاڪو ٻيو) پڻ ڇپائيءَ لاءِ تيار آهي.

محمد عثمان ميمڻ شاعري به ڪئي. جڏهن هو نئين درجي ۾ پڙهندو هو شاعريءَ ۾ "بيخود" تخلص رکندو هو. سندس شاعري ان وقت جي مختلف مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپي. محمد عثمان ميمڻ ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم به لکيا آهن. وٽس سنڌ جي ڪيترن عالمن، شاعرن، مصورن، اديبن، فنڪارن، جانورن ۽ پکين جي آوازن جون خاصي تعداد ۾ ڪافي ڪيسٽون موجود آهن.

پاڻ فنون لطيف جي سني واقفيت رکي ٿو. طبلو شرناءِ ۽ بين وڄائي ڄاڻيندو آهي. هن وقت سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيا سيل ۾ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جا فرض سرانجام ڏئي رهيو آهي. مستقل رهائش دادوءَ ۾ آٿس.

ڊاڪٽر لياقت مگسي:

دادو شهر جي اوپر ۾ ڳوٺ گل محمد مگسي واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ ڊاڪٽر لياقت مگسي 1 ـ اپريل 1953ع ۾ علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيت ڏٽي بخش مگسيءَ جي گهر ۾ اڪ ڪولي. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول گل محمد مگسيءَ ۾ حاصل ڪيائين. ابتدائي تعليم حاصل ڪري مٽرڪ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مار حاصل ڪيائين. گريجوئيشن ڊي وي ايم ڊاڪٽر آف وٽنري ڪاليج آف اينيمل هسبنڊري لاهور مان پاس ڪيائين هن وقت ڊاڪٽر اينيمل هسبنڊري طور پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر لياقت مگسيءَ کي ابتدا کان ادب سان واسطو رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته سندس والد ڏٽي بخش مگسي بهترين استاد ۽ اديب ٿي گذريو آهي. سندس پاءُ پروفيسر عبدالله مگسي پڻ سنو اديب، دانشور ۽ تاريخ جو ڄاڻو هو ازانسواءِ ابوبڪر مگسي ۽ پروفيسر زاهد علي مگسي جو پڻ ادبي دنيا سان تعلق رهيو آهي. انڪري ڪيس ابتدا کان ئي ڪيس ادبي ماحول مليو. هن مضمونن، مقالن ۽ تنقدي ڪالمن ذريعي پنهنجو ادبي سفر شروع ڪيو. سندس جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ مضمون لکيا آهن.

رجب آزاد سولنگي:

رجب علي ولد محمد بچل سولنگي تاريخ 15 ـ سيپٽمبر 1961ع ۾ ڳوٺ ننڊي سيتا ضلعي دادو ۾ ڄائو. جڏهن ته رڪارڊ موجب سندس جنم ڳوٺ آباد تعلقو وارهه (موجوده ضلعو قنبر ـ شهدادڪوٽ) آهي. سندس ادبي نالو رجب آزاد سولنگي آهي. ابتدائي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول نصير آباد مان پاس ڪيائين. هن وقت سندس تعليم ايم. اي اڪانامڪس ۽ بي.ايڊ آهي. موجوده وقت ۾ مين اسڪول دادو ۾ استادي جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڪاليج ۾ پڙهائيءَ دوران ڪجهه دوست ڪيس مليا جن هتان جي ڪنهن مشق شاعر حافظ محمد احسن چنا سان متعارف ڪرايو. هتان جي معزز استاد شفيع محمد سولنگيءَ جي شفقت جي ڇانوَ هيٺ رهي مطالعي جو شوق ٿيس. ان سان گڏ شعر شاعريءَ ڏانهن ڪرڻ لڳو. شعر شاعريءَ کان علاوه مضمون، ڪالم ۽ خاڪا پڻ لکڻ لڳو ۽ اهي هفتيوار اخبار 'آواز سنڌ' دادو ۾ شايع ٿيندا هئا. ادبي سرگرمين کان علاوه فني دنيا سان پڻ وابستو ٿي ويو ۽ اسٽيج شو، ڊرامن ۾ پڻ مختلف ڪردار ۾ ڪم ڪيو اٿس. هن ٽي وي ٽي پڻ ڪم ڪيو آهي.

دادو ۾ ادبي سرگرميون جمود جو شڪار ٿي ويون هيون. انڪري سال 1989ع ۾ بزم غالب ملڪاڻي وجود ۾ آئي. هيءَ ان جو عهديدار پڻ رهي چڪو آهي. ازانسواءِ نيو انجمن آفتاب ادب جو عهديدار به آهي. سنڌي ادبي سنگت دادو جو سيڪريٽري رهي چڪو آهي ۽ سنگت سان اڃا تائين واڳيل آهي.

تابش بخاري:

سيد غلام شبير ولد رسول بخش شاهه تخلص تابش بخاري تاريخ 12 جولاءِ 1965ع تي ڳوٺ شير محمد ڏاوچ تعلقي دادو ۾ ڄائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول شير محمد ڏاوچ ۾ حاصل ڪيائين ۽ مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول قلجي اسٽيشن مان حاصل ڪيائين. انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان ۽ ايم. اي سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو مان پاس ڪئي اٿس. هن وقت گورنمينٽ هاءِ اسڪول طالب المولىٰ دادو ۾ استاد آهي. تابش شعر شاعريءَ تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي. هن 1968ع کان باقاعده شاعري جي ابتدا ڪئي. تابش بخاريءَ جو پهريون شعر روزنامه "آفتاب" حيدرآباد ۾ شايع ٿيو هو.

ماهوار "گل قل" جام شورو ۾ ڪيترائي ٻارائا شعر چپيا اٿس. ان کان علاوه غزل، گيت، وائي ۽ بيت وغيره لکندو اچي ٿو. تابش بخاري مختلف ادبي تنظيمن سان وابسته رهندو آيو آهي. جن ۾ بزم غالب ملکاڻي ۽ بزم نواز رکاڻي جو سيڪريٽري رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت دادو جو سيڪريٽري به رهيو آهي. هن بزم غالب ملکاڻي ۾ ڪيترائي مشاعرا ڪرايا. تابش بخاري هن بزم جو چار سال سيڪريٽري رهيو آهي.

عاشق دادوي:

عبدالغفور ولد حاجي عبدالڪريم ذات چارڻ تخلص عاشق دادوي 12 ـ مارچ سال 1958ع تي دادو شهر ۾ پيدا ٿيو. پنج درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد دادو مان پاس ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪري نه سگهيو آهي. هن وقت محنت ۽ مشقت ڪري رهيو آهي. ادبي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهيو آهي. عاشق دادوي سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ پنجابي ۾ شاعري ڪئي آهي.

عاشق دادوي جو مختلف تنظيمن سان تعلق رهندو آيو آهي. بزم غالب ملکاڻيءَ جو بنياد وجهندڙ ۽ باني آهي. ازانسواءِ ماروئڙا ادبي فورم، بزم نواز رکاڻي، بزم طالب المولىٰ ينگ ستيزن ويلفيئر ايسوسيئيشن، سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو، شهيد مخدوم بلاول ادبي ثقافتي فورم، استاد بخاري اڪيڊمي، بزم آصف مصراڻيءَ جو ميمبر ۽ عهديدار رهيو آهي. هنن تنظيمن جي پليٽ فارمن تان ڪيترائي ادبي، ثقافتي ۽ سماجي پروگرام ترتيب ڏئي چڪو آهي.

عاشق دادوي ڪلمڪ ۽ يار ويس آهي. سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندو آهي. سائين جي.ايم.سيد جو معتقد آهي. هن وقت سنڌ قومي محاذ سان تعلق رکي ٿو. قوم پرستيءَ جي سوچ رکندڙ آهي.

اختر لکياري:

سيد عباس علي شاهه ولد عالم شاهه تخلص اختر لکياري، تاريخ 21 ـ ڊسمبر 1948ع ۾ ڳوٺ دين محمد شاهاڻي تعلقي دادوءَ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ 1965ع ۾ اسلاميه هاءِ اسڪول پاٽ مان حاصل ڪيائين. انٽر 1968ع ۾ بي. اي 1975ع ۾ ايم. اي 1987ع ۾ بي. ايڊ 1985ع ۾ پاس ڪيائين.

اختر لکياري 1965ع ۾ مڊل اسڪول پيارو ڳوٺ ۾ استاد مقرر ٿيو. هن اسڪول کي سرتاج سنگت هلائيندي هئي. 1971ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. مختلف اسڪولن ۾ شاگردن کي تعليم سان همڪنار ڪندو رهيو. 1996ع ۾ سيڪنڊري استاد جي حيثيت سان رٽائر ڪيائين.

اختر لکياري شاعريءَ جي شروعات 1965ع ۾ ڪئي. هن شاعريءَ ۾ نظم، غزل، وائي، بيت، ٽيڑو، نعت، مرثيه وغيره تي طبع آزمائي ڪئي. غزل وڌيڪ لکيل اٿس. سندس شاعري مختلف رسالن ۾ چپي. ڪافي مواد موجود اٿس جيڪو چپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهي.

اختر لکياري ادبي سرگرمين ۾ پرپور انداز ۾ حصو وٺندو رهيو. سنڌي ادبي سنگت دادو، سرتاج سنگت دادو، بزم نواز رکاڻي دادو، بزم طالب المولىٰ شاخ پير بخش ملاح ۽ بين تنظيمن ۾ مختلف عهدن تي رهندو آيو. ڪيس موسيقيءَ سان دلچسپي هئي. خاص طرح ڪلاسيڪي موسيقيءَ سان گهرو لڳاءُ هوس. اختر لکياري سماجي سرگرمين ۾ پڻ پرپور انداز ۾ حصو وٺندو رهيو. تاريخ 24 ـ آگسٽ 2010ع تي وفات ڪري ويو.

غلام مصطفيٰ مگسي:

غلام مصطفيٰ ولد حبيب الرحمن مگسي تاريخ 1 ـ ڊسمبر 1976ع ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول گل محمد مگسي تعلقي دادو مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ گورنمينٽ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. غلام مصطفيٰ مگسي لکڻ جي شروعات 1993ع کان ڪئي. سندس شعر سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.

غلام مصطفيٰ مگسي جو دادو جي ڪافي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان واسطو رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت دادو شاخ ۾ عهديدار آهي. ان کان علاوه شهيد مخدوم بلاول ادبي ثقافتي فورم جو عهديدار به رهيو آهي. هن دوستن سان گڏجي ڪيترائي ليڪچر پروگرام ڪرايا. انهن ليڪچر ڪارن ۾ رسول بخش پليجو ڊاڪٽر دودو مهيري ۽ تاج صحرائي شامل آهن. غلام مصطفيٰ مگسي غزل، گيت، نظم، چوسٽن ۽ ڪافي تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

ذوالفقار علي 'ذلفي' ميمڻ:

ذوالفقار علي ولد جيئندل خان ميمڻ تخلص ذلفي 22ـ ڊسمبر 1972ع ۾ دادو شهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين دادو ۾ پڙهيو. مٽرڪ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان ڪيائين. هن وقت ڪمپيوٽر سائنس ۾ ڊپلوما ڪئي اٿس.

ذلفي ميمڻ کي ادب سان چاهه آهي. هن غزل، ڪافي، گيت ۽ چوسٽا لکيا آهن ۽ انهن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. هن اڪثر مزاحيه شاعري ڪئي آهي. سندس مزاحيه شاعري جو ڪتاب "تنهنجا ٽينگ منهنجا ٽپا" شايع ٿيو آهي.

عبدالنبي آزاد جوٽيجو:

عبدالنبي ولد محمد عارف جوٽيجو ڳوٺ محمد مراد جوٽيجو تعلقي دادو ۾ تاريخ 1 ـ مارچ 1966ع تي جنم ورتو. پنجون درجو پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول مان پاس ڪري، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪڙ ۾ داخلا ورتائين. مٽرڪ پاس ڪري استادي جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. نوڪري دوران انٽر، بي.اي پاس ڪيائين ۽ ان سان گڏ پي.ٽي.سي گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج منياڻيءَ مان پاس ڪيائين.

عبدالنبي جوٽيجو سال 1992ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر ٿيو. سال 1995ع ۾ ساڳي شاخ جو خزانچي ۽ سال 1997ع ۾ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري چونڊيو ويو. هن غزل، نظم، گيت ۽ چوسٽن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪجهه ڪهاڻيون ۽ مضمون به لکيا اٿس. سندس ادبي نالو آزاد جوٽيجو آهي.

بشير سيتائي:

بشير سيتائيءَ جو اصل نالو بخشل خان آهي. سندس والد جو نالو آخوند محمد موسيٰ پٺي آهي. بشير سيتائي تاريخ 8 ـ جولاءِ 1949ع تي سيتاوليج تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. سندس تعليم ايم. اي (سنڌي ادب) ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ آهي ۽ ايل. ايل. بي به ڪيل اٿس. فارسي زبان جي ڄاڻ به پنهنجي وڏڙن جي مدرسي مان حاصل ڪيائين. جنهن ۾ پڻ ايم.اي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين.

بشير سيتائي شاعريءَ جي ابتدا 1966ع کان ڪئي ۽ هن وقت تائين سندس اٺ ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ سچ سريکو سچ (شاعري) ذات نه ٽيندي مات (شاعري)، جهرڻو منهنجو جيءُ (شاعري) ۽ اکر اکر ۾ اٿاهه الفت

(خط)، ڏاها ڏات ڏٽي فارسي گرامر اداس من جي اداس موسم (شاعري) ۽ رباعيون عمر خيام جون (ترجمو) شامل آهن.

ان کان علاوه اڻ ڇپيل ڪتاب جن ۾ جيون گهاڻي جيئن (کهاڻيون)، منهنجو آئينو (يادون)، مون جي ڏٺا ماڻ (خاڪا) گوهر ناياب (فارسي غزلن جو سنڌي ترجمو) خوشبو جدا جدا (فارسي بيتن جو سنڌي ترجمو) ڏاها ڏات ڏٽي (حصو ٻيو) (ڊائريڪٽري) گوهر ناياب (پاڻ ٻيو)، اکر اکر ۾ اٽاهه الفت (پاڻ ٻيو)، اچو ته فارسي سکون، ابو سعيد ابوالخير جون رباعيون (ترجمو)، امير خسرو جي چونڊ بيتن جو انگريزي (ترجمو)، شامل آهن. انهن اڻ ڇپيل ڪتابن کان علاوه ڪيترائي مقالا ۽ مضمون وغيره جيڪي سالن کان مختلف رسالن ۽ مئگزينن ۾ ڇپيل آهن.

پاڻ پختہ ڪلام شاعر، محنتي اديب آهي. سنڌي کان سواءِ پاڻ فارسي زبان ۾ بہ ڪجهہ شاعري ڪئي آٿس. جيڪا مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان اسلام آباد طرفان شايع ٿيندڙ ٽ ماهي رسالي فصل نامہ دانش ۾ ڇپجندي رهي ٿي.

بشير سيتائي ڪيترين ادبي ۽ سماجي تنظيمن ۾ عهديدار رهيو آهي. موجوده وقت سرجٹهار پبليڪيشن دادو جو سرپرست اعليٰ ۽ انجمن دوست داران فارسي ضلعي دادو جو صدر پڻ آهي. ڪيس ڪجهہ اوارڊ ۽ مجتا سرٽيفڪيٽ بہ ملي چڪا آهن. سندس موجوده رهائش شاهہ آباد محلي دادو ۾ آهي. وٽس چونڊ ڪتابن تي مشتمل پنهنجي ذاتي لائبريري آهي. جنهن ۾ ڪتابن جو تعداد 5000 کان مٿي ٿيندو. جيڪا آخوند محمد صالح پٽي سيتائي لائبريري دادو جي نالي سان موسوم آهي.

وزير منگي:

وزير احمد ولد محمد فاضل منگي، تاريخ 10 ـ مارچ 1965ع تي جنم ورتو. پرائمري تعليم دادو ۾ پڙهيو. ثانوي تعليم بہ دادو مان ئي حاصل ڪيائين. بي.اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري استاد پيشي سان منسلڪ ٿيو. سماجي ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين ۾ بہ حصو ورتائين. سنڌي ادبي سنگت دادو شاخ جو سيڪريٽري بہ رهيو. مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکيائين. شعر و شاعري بہ ڪندو رهيو. غزل، گيت، نظم، چوسٽا ۽ آزاد نظم بہ لکيائين. سگا جو ميمبر بہ هو. صحافت سان بہ واسطو هوس. وٽس ڪجهہ ڪتاب ترتيب ڏنل آهن. جيڪي ڇپجڻ جا منتظر آهن. پاڻ 30 ـ مئي 2010ع تي گذاري ويو.

مقبول گهلو:

مقبول گهلو دادو شهر ۾ جنم ورتو. تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ بہ دادو شهر مان پاس ڪيائين. انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪري بي. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. مقبول گهلو شروع کان ئي ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو. سنڌي ادبي سنگت دادو ۾ شموليت اختيار ڪيائين. هن ڪيترائي مضمون مقالا ۽ کهاڻيون ڪالم لکيا، جيڪي بيحد پسند ڪيا ويا. سندس مضمون کهاڻيون مقالا ۽ ڪالم سنڌ جي مڙني اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. ڪجهہ وقت صحافت سان بہ وابستہ رهيو. هن وقت بہ سندس مضمون ڪالم مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

نور گهلو:

دادو شهر ۾ ڪيترين ئي ادبي شخصيتن جنم ورتو. ان ۾ نور گهلو جو نانءُ بہ شمار ڪري سگهجي ٿو. نور گهلو دادو شهر جي مشهور محلي جڳت آباد ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ بہ دادو مان پاس ڪري

گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. تعليم مڪمل ڪري استاد جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. تعليم سان گڏ ادبي سرگرمين ۾ حصو ونڊ لڳو. ان عرصي دوران هن ڪيترائي مضمون، مقالا، ڪالم لکيا، جيڪي بيحد پسند ڪيا ويا. ايا تائين ٻراما، ڪالم، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکندو رهي ٿو. سندس ڪافي ٻراما ٽيليڪاسٽ ٿيا آهن.

فاروق سولنگي:

فاروق سولنگي ولد ڪريم بخش سولنگي تاريخ 10 ـ آگسٽ 1947ع تي سيتا روڊ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ جنم ورتو ۽ پوءِ مستقل دادو شهر ۾ رهيو. پرائمري تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ ۽ انٽر به دادو مان ڪيائين گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪري سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. فاروق سولنگي ابتدا کان ادبي سرگرمين ۾ حصو ونڊ لڳو. هن مضمون، مقالا، ڪالم ۽ ڪهاڻيون به لکيائين. جيڪي سنڌ جي ڪيترن ئي نامور اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيون. فاروق سولنگي ڪيترائي ٻراما لکيا، جيڪي پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچي تان نشر ٿيا. انهن ٻرامن ۾ گامون سچار بيحد پسند ڪيو ويو. 13 ـ جون 2009ع تي گذاري ويو.

دانش ملاح:

غلام شبير ولد محمد هاشم ملاح، ادبي نالو دانش ملاح. تاريخ 26 ڊسمبر 1964ع تي دادو شهر ۾ جائو مئٽرڪ تائين دادو شهر ۾ پڙهيو.

مئٽرڪ پاس ڪري پنهنجي خانگي ڪاروبار سان لڳي ويو آهي. شاعريءَ جي شروعات 1983ع کان ڪيائين. شاعري ۾ سندس استاد مخدوم احمد مجتبيٰ غالب ملڪاڻي آهي. بزم غالب جو پايو وجهندڙ آهي. بزم غالب ملڪاڻي جو خزانچي، نائب صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو. بزم غالب ملڪاڻي جي پليٽ فارم تان ڪيترائي مشاعرا ڪرائي چڪو آهي.

هن غزل، گيت، بيت، وائي، دوها، قطعا، مخمس ۽ ڪافي تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس ڪلام سنڌ جي مختلف فنڪارن ڳايو آهي. جنهن ۾ امام بخش زرداري، پناڻ ملاح، غلام حسين ميراڻي، روشن جلالاڪبر بروهي، خاده حسين سخيراڻي ۽ شهمير لُنڊ شامل آهن.

دانش ملاح جو شعر ماهوار ادب، نئين سوچ، خوشبوءِ جوت، چولين ۽ مڪ ڏڙا ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو. ان کان علاوه هفتيوار انصاف پاڪستان لاڙڪاڻه رفتار ڪوٽڙي ۽ هڪ تاثر مرحوم لقمان حڪيم تي روزانه آفتاب حيدرآباد ۾ ڇپيو آهي. ان کان سواءِ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان پروگرام شعر ۽ نغمو ۾ سندس شاعري هلي آهي.

شاهد علي سولنگي:

شاهد سولنگي ولد محبوب علي سولنگي 1972ع تي دادو شهر ۾ اک کولي. ابتدائي تعليم گورنمينٽ ماڊل اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. مئٽرڪ به دادو مان پاس ڪري انٽر جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. هن وقت پرائيويٽ فارم ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي.

شاهد سولنگي شاگرديءَ واري دور کان ئي ادبي سرگرمين ۾ حصو ونڊ لڳو. سنڌي ادبي سنگت دادو ۾ شموليت اختيار ڪيائين. سنڌي ادبي سنگت دادو ۾ ڪارواري ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهيو. شاهد سولنگي شعر و شاعري ۾ ڪندو رهي ٿو. غزل گيت چوسٽا ۽ آزاد نظم لکيا اٿس ۽ انهن تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. ان کان علاوه روزانه سنڌ جو ضلع رپورٽر به رهيو آهي.

دلشاد پٽو:

دلشاد پٽو ولد محمد بخش پٽو تاريخ 1 ـ اپريل 1972ع تي ڳوٺ سعيد خان پٽو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پر واري ڳوٺ جان محمد خشڪ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ پرمانند هرداس سيڪنڊري اسڪول دادو مان حاصل ڪري ڪلارڪ مقرر ٿيو. هن کي شروع کان ئي ادب ۽ سياست سان لڳاءُ رهيو آهي.

اسڪول جي زماني ۾ هارڻن جي تنظيم ساڻي هارڙا سنگت جو بنياد وڌائين. مٽرڪ کان پوءِ وطن دوست انقلابي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو. پاڻ ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ضلعي دادو طرفان نظرياتي شعبي جو انچارج به رهيو. ان کان علاوه ترقي پسند پارٽي جو ضلعي سينئر نائب صدر، مهراڻ سوشل ويلفيئر ايوسيئيشن سنڌ جو مرڪزي وائس چيئرمين، روزاني عبرت حيدرآباد جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، پريس ڪلب دادو جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ٽريڊ يونين ايڪشن ڪاميٽيءَ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري به رهيو.

دلشاد پٽو روزانه امن جنگ ۽ نواءِ وقت ۾ فرضي نالن سان ملڪي ۽ بين الاقوامي صورت حال تي اردو ۾ مضمون ۽ ڪالم لکيا. هن جو صحافت سان به تعلق رهيو آهي. هن روزانه پڪار ۽ سنڌ ايڪسپريس ۾ نمائندي جي حيثيت سان ڪم ڪيو آهي. ان کان علاوه سنڌي ادبي سنگت دادو جو ميمبر به رهيو آهي. دلشاد پٽو ڪافي مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکيا، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن جي زينت بڻيا آهن. دلشاد پٽو سنڌ نيشنل پارٽي جو باني مرڪزي سيڪريٽري رهيو. 9 سال ان عهدي تي رهيو. هن ڪيترائي مضمون پڻ لکيا. لکڻ جي حوالي سان هي ۽ اديبن ۾ متنازعه رهيو آهي. لکڻ سبب هن کي تمام گهڻيون تڪليفون آيون، جنهن سبب هو ڏکوئارو صورتحال ۾ رهيو ۽ مٿس ڪيس پڻ داخل ٿيا. لکڻ ۾ تنقيد سندس صنف آهي. هن تمام گهڻا مضمون لکيا. هن جو ڪتاب ڇپائيءَ هيٺ آهي.

بهزاد سنڌي:

رحمت الله ولد عبدالمجيد ملاح ادبي نالو بهزاد سنڌي، 12 ـ ڊسمبر 1971ع تي جنم ورتو. مٽرڪ تائين دادو شهر ۾ پڙهيو. هن وقت حڪمت جي پيشي سان منسلڪ آهي. بهزاد سنڌي لکڻ جي شروعات 1990ع کان ڪئي. هن شاعري، مقالا، مضمون ۽ ڪالم لکيا آهن. سندس قلمي پورهيو ماهوار ادب مٽگزين ماڪ ڏڙا، چولين خوشبوءِ ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي. صحافت سان به واسطو هڻس. جن ۾ روزانه عبرت، روزانه سنڌو سنڌ سجاڳ بختور ۽ پڪار اخبارون شامل آهن.

بهزاد سنڌي، احمد مجتبيٰ، غالب ملڪاڻي، الهنواز رکڻائي ۽ وحيد الزمان قريشيءَ کان پنهنجي شعري اصلاح ڪرائي.

مشتاق پرڳڙي:

مشتاق علي پرڳڙي ولد محمد چٽل پرڳڙي 16 ـ سيپٽمبر 1974ع تي ڳوٺ انين شاخ تعلقي جوهيءَ ۾ جائو. تعليم دادو شهر مان حاصل ڪيائين. لکڻ جي باقاعده شروعات 1990ع کان ڪيائين. سندس ڪيترائي مضمون خاڪا ۽ ڪالم سنڌ جي ڪيترن رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. مشتاق پرڳڙي دادو شهر مان به ماهي "رمجهر" جاري ڪيو آهي. جنهن جو پاڻ چيف ايڊيٽر آهي. رمجهر جا ست پرچا شايع ٿي چڪا هئا. ان کان علاوه پنهنجي اداري رمجهر پبليڪيشن طرفان نئين ٿهي جي شاعر مانجهي زرداريءَ جو شعري مجموعو "جوپن رت جون سوکڙيون" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو. مشتاق پرڳڙي جا به ڪتاب "پاڇي" ۽ "لفظ نه آهن ڪيڏوٽا" ڇپجي چڪا آهن. پاڻ سنڌي ادبي سنگت دادو جو سيڪريٽري به رهي چڪو هو. تاريخ 18 ـ جولاءِ 2007ع تي هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

اطهر منگي:

اطهر منگيءَ جو اصل نالو علي نواز آهي. 28 ـ اپريل 1948ع تي جنم ورتائين. سندس والد جو نالو محمد فاضل منگي آهي. ادبي دنيا ۾ اطهر منگي جي نالي سان ڄاتل سڃاتل آهي. اطهر منگي پرائمري تعليم دادوءَ ۾ پڙهيو. ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم به دادوءَ مان حاصل ڪيائين. تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان شامل ٿيو. 1986ع ۾ تعليم کاتي کي چڏي پاڪستان ٽيليوزن سينٽر تي پروڊيوسر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. اطهر منگيءَ شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جنهن ۾ غزل، گيت، چوسٽا، آزاد نظم شامل آهن. ان سان گڏ تنقيدي مضمون، ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکيون اٿس. سندس مواد شايع ٿيندو رهي ٿو. نئين ٿهي جي شاعرن ۾ جيڪا 1971ع کان پوءِ سنڌي ادبي افق تي اپري آئي ۽ چانڊجي وئي. ان ۾ اطهر منگيءَ جو نانءُ به شامل آهي.

صدف حسيني:

شمس الدين ولد الله داد پنهور 15 ـ فيبروري 1964ع ۾ شاهاڻي پاڙي دادو شهر ۾ ڄائو. سندس تخلص صدف حسيني آهي ۽ زين پنهور جي نالي سان به لکندو آهي. ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول مين دادو مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ هاءِ اسڪول دادو مان پاس ڪئي اٿس. تعليم انٽر اٿس. علم ادب سان ڇاهه رکي ٿو. هن غزل، گيت، چوسٽي ۽ نظم تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪافي وقت کان سنڌي ادبي سنگت دادو سان لاڳاپيل آهي. 1997ع ۾ سنڌي ادبي شاخ دادو جو سيڪريٽري به رهي چڪو آهي.

صالح فقير:

صالح فقير جو اصل نالو سوڍل پنهور آهي. سندس والد جو نالو محمد عرس پنهور آهي. 8 ـ فيبروري 1953ع تي جنم ورتائين. جمڙ جو هنڌ محمد خان خشڪ تعلقو دادو اٿس. پرائمري تعليم پنجين ڪلاس تائين پڙهيو آهي مطالعي جو شوق اٿس. اردو سنڌي ۽ انگريزي پڙهي لکي سگهي ٿو. هن ڊراما، ڪهاڻيون ۽ مقالا پڻ لکيا آهن. شعر و شاعريءَ سان دلچسپي اٿس. ننڍپڻ کان هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. هن وقت شاعريءَ جو ڪافي ذخيرو اٿس جن ۾ ڪافيون، ڪلام، گيت، غزل، ڇيل اٿس. ان کان علاوه هن نعتون، قصيدا، مولود، بيت، رباعيون به ڇيون آهن. هميشه ترنم سان شعر پڙهندو آهي.

عبدالله اداسي ڪوسو:

عبدالله اداسي ولد محمد صالح ڪوسو 21 ـ جولاءِ 1958ع تي ڳوٺ لعل بخش ڪوسو تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. سندس تخلص اداسي آهي. صرف پنج درجا پڙهي سگهيو. اداسي شعر و شاعري کان علاوه سگهڙ پڻ آهي. ڏور بيت تي به طبع آزمائي ڪئي اٿس. فنڪار ۽ اسٽيج اداڪار پڻ آهي. هيءَ ايگريڪلچر ريسرچ يونين ضلع دادو جو صدر به رهي چڪو آهي. هن وقت سگهڙ يونين ضلعي دادو جو سيڪريٽري آهي ۽ دادوءَ ۾ رهي ٿو.

حاجي محمد حسن سومرو:

حاجي محمد حسن ولد حاجي دين محمد سومرو قلجي وليج تعلقي جوهيءَ ۾ 9 ـ جنوري 1921ع ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم دادو ۾ حاصل ڪيائين. فائينل جو امتحان 1938ع ۾ ڏنائين. ان امتحان ۾ امتيازي حيثيت سان پاس ٿيو. 1 ـ مئي 1943ع ۾ استاد مقرر ٿيو. پاڻ سيال ابراهيم ڪچي پيري جيئند لاشاري غريب آباد شيخ گلاب ۽ مزدور آباد اسڪول ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏنائين.

حاجي محمد حسن سومرو درس تدريس کان علاوه علمي ۽ ادبي خدمتون پڻ سرانجام ڏيندو آيو آهي. هن کيترائي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن. جن ۾ سومرا دور جا واقعا، ڪنڙال مفردات (طبي)، تاريخ انقلاب عالم ورونهن وايون وڻجارن جون، مداحون ۽ مولود شريف، دادو شهر، سنڌ ۽ سومرا، جامع لغات (ترجمو)، رهاڻ حڪايات رومي، پاڳو پهريون ۽ ٻيو تنوارون، سدوري (افسانو)، شاهه جون وايون، علامه عنايت الله مشرقي، بلها شاهه، انمول جهونگار، سنگ پارس ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن.

حاجي محمد حسن سومرو 1980ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ سال 1999ع ۾ انتقال ڪري ويو.

صلاح الدين پنهور:

صلاح الدين پنهور 8 ـ جون 1947ع ۾ ڳوٺ ابراهيم پنهور عرف ابراهيم ڪچي ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو حڪيم محمد صالح پنهور آهي. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين دادو ۾ حاصل ڪئي. مٽرڪ جو امتحان طالب المولي هاءِ اسڪول مان نمايان حيثيت سان پاس ڪيائين. مٽرڪ کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ داخلا ورتائين. جتان گريجوئيشن ڪري بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.اي سوشل ورڪ ۾ نمايان پوزيشن حاصل ڪيائين. ڪجهه وقت دادو ۾ سوشل ويلفيئر آفيسر ٿي رهيو. هن وقت ڪراچيءَ ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي.

صلاح الدين پنهور کي ابتدا کان ئي علم ادب سان چاهه رهيو آهي. هن هارن جي هاريءَ ۾ پرپور حصو ورتو. جتي هن نديڙن هارڙن ۾ ادبي چاهه پيدا ڪيو. ان سان گڏ اداره منچر ادب قائم ڪيو. سندس ڪيترائي مضمون اخبارن رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. ادب سان گڏ شعر و شاعري پڻ ڪندو آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو سان وابسته آهي. هن کان اڳ مورو ۽ سانگهڙ ۾ پڻ سنڌي ادبي سنگت سان وابسته رهيو آهي. ڪيس ساهت سنگت سانگهڙ جي باني ڪارڪنن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

صلاح الدين پنهور کي ابتدا کان ئي سماجي، ثقافتي، سرگرمين سان چاهه رهيو. اهو ئي سبب آهي جو هن محڪمه سوشل ويلفيئر ۾ ملازمت اختيار ڪئي. هن سانگهڙ ۽ مورو ۾ روشن تارا اسڪول ڪولائڻ لاءِ پرپور ڪوشش ورتي. دادو ۾ ثقافتي سرگرمين کي اجاگر ڪرڻ لاءِ دل و جان سان ڪوشش ڪئي. سندس ڪوشش سان ڪيترائي ثقافتي پروگرام ڪامياب ٿيا آهن. حضرت قلندر لعل شهباز جي عرس جي موقعي تي محفل سماع زرعي ۽ صنعتي نمائش کي ڪامياب ڪرڻ ۾ سندس ڪاوشون من و عن شامل رهيون آهن. هن وقت دادو ۾ رهائش پذير آهي.

الهه رکيو ڀٽو:

الهه رکيو ڀٽو ولد بشارت خان ڀٽو 14 ـ جون 1935ع تي ڳوٺ سوجهرو ڀٽو تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪري ميهڙ هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. جتان مٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. پوءِ ايم. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ بي. ٽي پنجاب يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. الهه رکيو ڀٽو 1962ع ۾ استاد جي حيثيت سان مقرر ٿيو. ان کان پوءِ 1963ع ۾ ٽريننگ اسڪول لاڑڪاڻي ۾ استاد جي حيثيت سان ڪم ڪيو. بعد ۾ ڪيس بدلي ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ مقرر ڪيو ويو. 1978ع ۾ سب ڊويزنل ايڊيوڪيشن آفيسر ميهڙ مقرر ٿيو. 1979ع ۾ هيڊماسٽر هاءِ اسڪول ڪڙ مقرر ڪيو ويو. ان کان علاوه راڌڻ جوهيءَ ۾ پڻ هيڊماسٽريءَ جا فرائض سرانجام ڏنائين. الهه رکيو ڀٽو ادبي دنيا سان وابسته رهيو.

پاڻ سنڌي ادبي سنگت ميرپور بٺوري جو سيڪريٽري به رهي چڪو هو. سنڌي ادبي سنگت دادو سان واڳيل رهيو ۽ پنهنجي يادن تي مشتمل هڪ ڪتاب لکيائين. تاريخ 13 ـ مارچ 2012ع تي داغ مفارقت ڏئي راهي عدم ٿي ويو.

ڪمال الدين سولنگي:

ڪمال الدين سولنگي ولد مولوي جمال الدين سولنگي 21 ـ ڊسمبر 1932ع ۾ ڳوٺ شاهه آباد تعلقي دادو جنم ورتو. ڪمال الدين سولنگي جو والد عالمِ دين هو. جنهن جون ديني خدمتون به نمايان حيثيت رکن ٿيون.

ڪمال الدين سولنگي ابتدائي تعليم مسلم اسڪول چاڻو شاهه آباد دادو مان حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ ويٺو جتان مئٽرڪ جو امتحان 1951ع ۾ پاس ڪيائين. سندس شروڪان لاڙو درس و تدريس طرف هو. اهوئي سبب هو جو هن استاد جهڙي معزز پيشي کي اختيار ڪيو. 26 سال نونهالن کي تعليم جهڙي زيور سان آراسته ڪيو. سندس ڪيترائي شاگرد پڙهي اڄ اعليٰ عهدن تي پهچي چڪا آهن. ان عرصه دوران هن بي. اي، ايم. اي ۽ بي. ٽي جا امتحان به پاس ڪيا. 1975ع ۾ ڪيس سب ڊويزنل ايڊيوڪيشن آفيسر دادو مقرر ڪيو ويو. اتان ترقي ڏئي ڪيس ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن تعليم ضلعي دادو مقرر ڪيو ويو. هن پان هاءِ اسڪول، طال المولىٰ هاءِ اسڪول ۽ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ پڻ هيڊماسٽريءَ جا فرائض نڀايا. ۽ 1990ع ۾ رٽائر ٿيو.

ڪمال الدين سولنگي راڳ جو ماهر ۽ چاڻو هو. ان کري دادو آرٽ ڪلب سندس ڪوشش سان قائم ٿي.

ڪجهه نصابي ڪتاب ۽ گائيڊون لکيائين. سندس انگريزي پوئٽري تي لکيل هڪ ڪتاب کي هڪ مقامه استاد ٿوري قير قار کري پنهنجي نالي سان ڇپائي ڇڏيو آهي.

ڪمال الدين سولنگي 4 ـ جون 1999ع تي وفات کري ويو.

ڏٽي بخش ميمڻ:

ڏٽي بخش ميمڻ ولد محمد اسماعيل ميمڻ 12 ـ فيبروري 1927ع تي دادو شهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ فائينل جي تياري ڪيائين ۽ اهو امتحان پاس ڪري استادي جي پيشي سان وابسته ٿي ويو ۽ تعليمي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺڻ لڳو. محڪمه طرفان ڪيس 1951ع ٽريننگ ڪورس لاءِ منتخب ڪيو ويو. جتي محنت ۽ لگن سان دادو ضلعي ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين.

درس و تدريس کان علاوه ادبي سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺڻ لڳو. سندس ڪيترائي مضمون ادبي رسالن مئگزينن ۾ شايع ٿيا. صدر ايوب خان جي دور ۾ ڪيس انعامي مقابلي ۾ انعام سان نوازيو ويو. 1987ع ۾ حڪومه پاڪستان طرفان اسلام آباد طلب ڪيو ويو جتي تعليمي نصاب کي ترتيب ڏيڻ لاءِ سندس خدمتون حاصل ڪيون. علمي ۽ ادبي خدمتن کان علاوه سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺندو آيو ازانسواءِ قربان ڪلب دادو جو سنگ بنياد وجهندڙ آهي.

ڏٽي بخش ميمڻ 1989ع ۾ وفات کري ويو.

غلام رسول پردیسي ڀٻر:

غلام رسول ولد محمد خان ڀٻر 7 ـ ڊسمبر 1971ع ۾ ٽرڙي جادو شهيد ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم لاءِ انگريزي اسڪول ۾ داخل ٿيو. بي. اي تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آهي

ادب سان چاهه رکي ٿو ۽ پرديسي تخلص استعمال ڪري ٿو.

هن ڪجهه ڪهاڻيون لکيون آهن. غزل ۽ گيت تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو. تفريحي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. هي سنڌ تنظيم جو اڳوڻو نائب صدر رهيو آهي. هن تنظيم جو مقصد نوجوانن کي تاريخي جاين جو سير ڪرائڻ انهن ۾ شعور جاڳائڻ آهي. غلام رسول ببر جي هن وقت رهائش دادو شهر ۾ آهي.

پرديسي ببر، سنڌي ادبي سنگت دادو جو ميمبر آهي ۽ دادو شهر ۾ جيڪي ادبي سرگرميون ٿين ٿيون انهن ۾ پرپور حصو وٺندو اچي ٿو.

اداسي امير بخش:

امير بخش ولد فيض محمد لُنڊ تخلص "اُداسي" سال 1942ع ۾ ڳوٺ ميوو لُنڊ تعلقي دادو ۾ جائو ابتدائي تعليم به پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري، سگهيو. امير بخش اُداسي کي ننڍي کان ئي شعر و شاعريءَ سان دلچسپي هئي.

هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي جنهن ۾ غزل، گيت، ڪافيون، چؤسٽا، بيت، شامل آهن. امير بخش اُداسي سعودي عرب ۾ وڏو عرصو گذاريو. جتي ميرل فقير جا به جده ۾ وڏا وڏا ادبي ميڙاڪا ٿيندا هئا، ان ۾ شرڪت ڪندو هو. ڪجھ عرصي کان سعودي عرب مان سڪونت ترڪ ڪري دادو شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئائين. دادو ۾ به مشاعرن ۽ ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندو هو.

امير بخش اُداسي 25_ مئي 2004ع ۾ وفات ڪري ويو.

ميهر فقير لُنڊ:

محمد حسن عرف ميهر فقير لُنڊ ولد سانوڻ خان لُنڊ سال 1940ع ۾ ڳوٺ ميوو لُنڊ تعلقي دادو ۾ جائو. شروعاتي تعليم ڳوٺ ميوو لُنڊ مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. ميهر فقير شاعر ۽ فقير گهراڻي جو فرد هو. سندس پڑ ڏاڏو سخي عالم خان هڪ شاعر، درويش ۽ بزرگ تي گذريو آهي.

هن شاعراڻي ماحول ۾ اک کولي. ميهر فقير زندگيءَ جو وڏو حصو جدي (سعودي عرب) ۾ گذاريو. سندس اوطاق تي ڪيترائي مشاعرا ٿيندا هئا، جن ۾ ميرل فقير جويو، امير بخش اُداسي ۽ ٻيا اديب ۽ شاعر شريڪ ٿيندا هئا. پنهنجو ڪلام پيش ڪندا هئا. آخري وقت سندس رهائش دادو شهر ۾ هئي. دادو جي ادبي ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ قلندر جي ميلي ۾ عقيدت جا گُل نڇاور ڪندو هو.

ميهر فقير غزل، گيت، وائي، ڪافي ۽ ٻين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي هئي. سندس شاعريءَ جا ڪجهه مجموعا شايع ٿيا آهن. پاڻ سال 2010ع ۾ وفات ڪري ويو.

نظير نياز جويو:

نظير احمد جويو ولد حاجي علي بخش جويو تخلص نظير نياز جويو 7_ مئي 1959ع تي ڳوٺ ٻيلو پٽ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ جائو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ هاءِ اسڪول ڪڙمان حاصل ڪيل اٿس. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو آهي. سال 1982ع کان ادبي ڪيتر ۾ پير پاتو اٿس. هن شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس شاعري مختلف رسالن ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي.

نظير نياز جويو ملڪ کان ٻاهر سعودي عرب ۾ به رهيو آهي. اتي به هن سماجي، ثقافتي ۽ ادبي سرگرميون جاري

رکيون. هن جدي ۾ مکي پاڪ ۾ ڪيترين ئي علمي، ادبي ۽ ثقافتي شخصيتن سان رهاڻيون رچايون. جن ۾ عنايت بلوچ، غلام مصطفيٰ شاهه (اڳوڻو وفاقي وزير تعليم)، خير محمد کوکر (مرحوم) (ايڊيٽر روزانه عبرت)، اشفاق احمد ميمن ڊائريڪٽر حج ۽ اوقاف مصطفيٰ قريشي، روبينه قريشي (گائڪ) ۽ اداکار اڇي وڃن ٿا. نظير نياز جي رهائش دادوءَ آهي.

ڏکي دائود سومرو:

محمد دائود ولد ساماٽو خان سومرو تخلص ڏکي دائود 16 ـ اپريل 1961ع ۾ شادڙ تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پنجون درجو شادڙ مان پاس ڪري طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ داخلا ورتي. جتان مئٽرڪ جو امتحان سال 1980ع ۾ پاس ڪيائين. هن وقت پنهنجي خانگي ڪاروبار ۾ مشغول آهي.

ڏکيءَ ادب سان واسطو رکي ٿو. هن غزل، گيت، وائي، قصيدو، نعت، حمد ۽ قطعه تي طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ ٽس کان وڌيڪ شاعريءَ جو مواد موجود آهي. استاد بخاريءَ کان شاعريءَ جي اصلاح ڪرائيندو هو. اهو ئي سندس استاد هو. هن هڪ غزل 'پٽسي کي سلام' پيش ڪيو. ان شعر جي ڪري سال 1997ع ۾ جي. ايم. سيد اوارڊ مليس.

هن وقت مرڪپور دادو ۾ رهي ٿو.

علي محمد سولنگي:

علي محمد ولد مير محمد سولنگي تاريخ 21 ـ نومبر 1965ع تي ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگي تعلقي دادو ۾ جائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان مڪمل ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪُلجي استيشن مان مئٽرڪ پاس ڪيائين ۽ ڊپلوما جو ڪورس ڪراچي بورڊ مان حاصل ڪيائين. هن وقت استاد جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

علي محمد سولنگي ادبي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت ۾ به پرپور نموني سان حصو وٺندو رهي ٿو. هن غزل، گيت، وائي، بيت ۽ چوسٽا لکيا آهن. سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ لکيو آهي. روزا هلال پاڪستان ڪراچيءَ ۾ 'تون چا چاڻين' جي عنوان تحت هفتيوار ڪالم ڪافي وقت تائين شايع ٿيندو رهيو. ا کان علاوه اسلام آباد مان نڪرندڙ ماهوار رسالي 'السنڌ' ۾ به مواد شايع ٿيندو رهيس ٿو. علي محمد سولنگي هڪ مٺگزين 'نئين خوشبوءِ' جي نالي سان جاري ڪئي آهي جا دادو شهر مان شايع ٿيندي رهي ٿي.

علي نواز عباسي:

علي نواز عباسي ولد خدابخش عباسي 16 ـ نيبروري 1941ع ۾ ڳوٺ عرض محمد لغاري تعلقي مورو ضلعو نوابشاهه ۾ جنم ورتو. تعليم مڪمل ڪري 1962ع ۾ استاد مقرر ٿيو. 34 سال استادي جهڙي معزز پيشي سان وابسته رهيو. 1996ع ۾ رٽائر ٿيو. ادبي سرگرمين ۾ پڻ سرگرميءَ سان حصو وٺندو پيو اچي.

سنڌي ادبي سنگت سان واڳيل رهيو آهي. غزل، گيت، وائي ۽ چوسٽن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس. ادبي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو. تقريرن ۽ تحريرن ذريعي سنڌ جي هرندڙ مسئلن تي بحث مباحثن ۾ شرڪت ڪندو آهي ۽ اتي هو پنهنجو چٽو موقف بيان ڪندو آهي.

هن وقت سندس رهائش دادو ۾ آهي.

مسڪين ملاح:

محمد ابراهيم ولد احمد ذات ملاح تخلص مسڪين ملاح تاريخ 1 ـ مئي 1947ع تي ڳوٺ ملڪ تعلقي موري ضلعي نوشهروفيروز ۾ جائو. پرائمري تعليم دادو ۾ اختيار ڪيائين. پرائمري تائين تعليم حاصل ڪيائين. مسڪين ملاح جو والد به ڏور بيت جو شاعر هو. سندس پاڻ مرحوم گلاڻ ملاح پڻ شاعري ڪندو هو.

گلاڻ ملاح جا ڪيترائي ڪلام ۽ گيت مختلف فنڪارن ڳاتا آهن. انهن مان ڪيترائي ڪلام مشهور ٿيا. مسڪين ملاح پنهنجي پاڻ جي وفات بعد شاعري شروع ڪئي. سندس ڪيترائي گيت، غزل ۽ چوسٽا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. مسڪين ملاح سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ۾ شاعري ڪئي آهي. هن نوحا به لکيا آهن. محرم مهيني ۾ سندس لکيل نوحا اڪثر پڙهيا ويندا آهن. سندس شاعريءَ جا ڪتاب بار ايسوسيئيشن دادو طرفان نور احمد سومرو ايڊووڪيٽ ڇپائي رهيو آهي.

مسڪين ملاح جي رهائش دادو شهر ۾ آهي.

پير علي محمد "اظهر":

پير علي محمد اظهر ولد پير ڪريم ڏنو صديقي قريشي ريلائي درگاهه پير رکيل شاهه ريلائي تعلقي دادو جو رهواسي هو. سندس ولادت 10 ـ اپريل 1923ع تي ٿي. پاڻ هارهن سالن تائين عربي، فارسي ۽ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪئي. پرائمري تعليم لاءِ اسڪول ڪيڙو ۾ داخلا ورتائين. جتان فائينل جو امتحان سال 1939ع ۾ پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1942ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ احمد خان آصف مصراڻيءَ جي صُحبت ۾ رهي شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيس. شاعريءَ ۾ سندس استاد جمع خان غريب هو. هن ڪيترائي تاريخي ۽ تحقيقي مقالا ۽ مضمون لکيا. ان کان علاوه ضلعي دادو جي جاگرافي به لکي.

پير 'اظهر' کي مخدوم طالب المولىٰ ونڊان ادبي حسن ڪارڪردگيءَ تي چانديءَ جو تمغو ۽ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو سرٽيفڪيٽ به عطا ٿيو. پاڻ مئي 1982ع تي رٽائر ڪيائين. ۽ طويل بيماريءَ بعد 21 ـ فيبروري 1985ع تي انتقال ڪري ويو.

محمد وريل سومرو:

محمد وريل سومرو 'ايم. وي سومرو' جي نالي سان مشهور هو آخوند حاجي احمد جو وڏو پٽ هو. سندس جنم 1921ع تي چاٽي ڳوٺ ۾ ٿيو. ابتدائي تعليم مسلم اسڪول چاٽومان حاصل ڪيائين. جتان فائينل جو امتحان پاس ڪري، ان ئي اسڪول ۾ والد جي وفات بعد هيڊ معلم ٿيو. ننڍپڻ کان ئي کيس سنڌ جي مشهور آرٽسٽ، مصور استاد علي نواز امير البحر سيوهاڻي جي حوالي ڪيو ويو. جنهن سندس ذات ۾ صلاحيتن جي ديانتداريءَ سان تربيت ڪري، کيس رنگن جي سچاڻپ سان گڏ شيشي تي پينٽنگ جي ڪم ۾ ماهر بڻايو. 1938ع ۾ ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ هڪ سال هيڊ معلم جي تربيتي ڪورس دوران ڊرائنگ جو امتحان استاد الله بخش آرٽسٽ جي زير نگرانيءَ ۾ ڏنائين، جنهن ۾ نمايان پوزيشن سان ڪاميابي حاصل ڪيائين. فنڪارانه صلاحيتون منجهس موجود هيون. ان ڪري استاد شفيع محمد سولنگي، استاد قربان لاشاري ۽ تاج محمد عرف تاجو حجم سان گڏجي سنڌي تاريخي ڊراما اسٽيج ڪيائين. جنهن ۾ مڪيه ڪردارن سان گڏ فنڪارن جي ميڪ اپ جي ذميواري خوبصورتيءَ سان نيبايائين.

محمد وريل سومري درس و تدريس کان علاوه دادو ۾ هن پينٽنگ جو ڪم ۽ ماڻهن جا پورٽريٽ ناهڻ واري فن

کي بہ خوب سنواريو. تاج محل سئنيما دادو ۾ هلندڙ فلمن جا بئنر ۽ اداکارن جون تصويرون ٺاهڻ ڪري سندس شهر
وڻندي رهي. ان ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو جي هيڊماسٽر پي. ڊبليو چيناڻي پنهنجي اسڪول ۾ مئٽرڪ پا
جي شرط کان سواءِ ڪيس 1949ع ۾ ڊرائنگ ٽيچر مقرر ڪيو.

اسڪول ۾ استادي واري زماني ۾ هن هر قسم جي سرگرميءَ ۾ پرپور حصو ورتو. جنهن ڪري راند جي دنيا
والي بال جا وڏا راندڳر پيدا ٿيا ۽ ڊرائنگ جي فن ۾ عبدالفتاح هاليپوٽو، عاشق عارباڻي، عيسيٰ مهدي، عباس، جميل، ش
محمد سومرو (سندس پاڻ) جهڙا مصور پيدا ڪيائين. مصور جي فن ۾ ڪيس پورٽريٽ اسڪيچنگ ۾ وڏي مهارت حاص
هئي. وڏي اعتماد سان روبرو ويٺل ماڻهن جي تصوير پنجن منٽن اندر اسڪيچ ڪري ويندو هو. جڏهن ڪان قلندر لا
شهباز جي درگاهہ اوقاف ۾ آئي، ان سال کان حڪومت طرفان هر سال نمائش جو آغاز ٿيو. محمد وريل سومري ک
خصوصي استال الاٽ ٿيندو هو. جتي سندس چترڪاريءَ جي شاهڪارن تي ماڻهن جا انبوهہ نظر ايندا هئا. پاڻ اسٽ
اڇيان چٽليئنج سان ماڻهن جا پنجن منٽن اندر پورٽريٽ ٺاهي حيرت ۾ وجهي ڇڏيندو هو.

1977ع ۾ شاهہ فيصل جي آمد جي موقعي تي محمد وريل سومري کي اسلام آباد ۾ بين وڻن آرٽسٽن سان
گهرايو ويو. جتي محمد وريل سومري پنجن منٽن اندر ٿوٽو اسڪيچ ڪري قدرت جي ڏنل ڏات جو پرپور مظاهرو ڪ
سندس محنت سبب قلندر لعل شهباز اوارڊ ۽ بيا ڪيترائي انعامات حاصل ڪيا. محمد وريل سومري جي جدوج
سان دادو ضلعي ۾ اسڪائوٽنگ جو رجحان وڌيو ۽ وڌيڪ سان گڏ ضلعي جو اسڪائوٽ سيڪريٽري بہ رهيو. فن
لطيفہ سان وابستگيءَ سبب شعر و ادب ۽ موسيقي ۾ بہ چڱي طبع آزمائي ڪيائين.

پاڻ ڪلمڪ هئڻ ڪري تقرير ۽ ڪامينٽري ڪرڻ وقت ظريفانہ انداز بڻائي ماڻهن کي مسرور ڪري ڇڏيند
هو. هو پاڪستان تحريڪ ۾ مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن رهيو. سندس لاءِ اهو وڏو اعزاز ۽ خوش نصيبي هئي
ڪراچيءَ ۾ قائداعظم سان جن بہ هٿ ملايو انهن ۾ محمد وريل سومرو بہ شامل هو.

محمد وريل سومرو 14 ـ آگسٽ 1993ع تي هيءَ دنيا ڇڏي پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي:

هن علمي ۽ ادبي شخصيت جو تعلق پڻ دادو تعلقي جي تاريخي شهر پاٽ سان آهي. حبيب الله صديقي نہ ر
علمي ميدان ۾ پنهنجون بيش بها خدمتون سرانجام ڏنيون آهن ۽ اعليٰ عهدن تي فائز رهيو آهي. بلڪ ادب جي افق تي
هڪ درخشان ستاري جيان چمڪيو آهي. سندس زندگيءَ جو وچور هن ريت آهي.

ڊاڪٽر حبيب الله صديقي ولد ڪريم بخش صديقي پاٽ تعلقي دادو ۾ تاريخ 1 ـ جنوري سنہ 1937ع
جنم ورتو. سندس تعليم ايم.اي ايم.ايڊ فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۽ پي ايچ.ڊي گولڈ ميڈلسٽ آهي. هن پنهنج
ڪيريئر جي ابتدا جولاءِ 1953ع کان انگريزي استاد جي حيثيت سان ڪئي. ڪجهہ وقت سپروائيزر ايڊيوڪيشن
رهيو. ان کان پوءِ ڊسمبر 1972ع کان سب ڊويزنل ايڊيوڪيشن دادو 1976ع کان ڊپٽي ڊائريڪٽر سيڪنڊ
اسڪول 1979ع کان ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر. مئي 1988ع کان سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جام شو
1990ع ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر بدين. فيبروري 1991ع کان پراجيڪٽ ڊائريڪٽر سيڪنڊري پرائمر
ايجوڪيشن حيدرآباد. جولاءِ 1993ع کان ڊائريڪٽر سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻي. آڪٽوبر 1993ع ک
چيئرمين سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جام شورو. جولاءِ 1994ع کان ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم ا

ايڪسٽينشن ونگ جام شورو ۾ آگسٽ 1996ع کان ايڊيشنل سيڪريٽري اڪيڊمڪ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي ۾ رهيو. هن وقت ڊاڪٽر اين. اي بلوچ ريسرچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ۾ ڊائريڪٽر جا فرض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

ادبي حوالي سان صديقي صاحب بهترين عالم، اديب ۽ نقاد آهي. سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. ٽماهي "مهراڻ" ۾ ماهوار "نئين زندگي" جام شورو ۾ تحقيقي مقالا شايع ٿيا اٿس. هيٺ سندس تخليقون ادبي ۽ تحقيقي سرمايو آهن.

1. Education in Sindh past and present.
2. Allama I. I Qazi A Missionary Scholar of Islam and Pioneer of University Education in Sindh.
3. Life on River Banks and Sea Shores.
4. رچنائون
5. وارڙاتون
6. تاريخ باب الاسلام سنڌ (پاڻ ڦهريون)
7. انسان جي تاريخ (پاڻ ڦهريون ۽ ٻيو)

شير محمد سومرو:

شاهه آباد جاڙو ۾ دادو جي عالم دين آخوند احمد سومري جو ٻيو نمبر پٽ شير محمد سومرو 15 ـ فيبروري 1937ع تي سومر جي ڏينهن جنم ورتو. سندس پرائمري تعليم پنهنجي والد جي مسلم اسڪول جاڙو پوءِ انگريزي تعليم پرمانند هرداس مل هاءِ اسڪول دادو ۾ ٿي. 1955ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان ڏئي هاءِ اسڪول سيوهڻ ۾ ٽرائنگ ٽيچر جي حيثيت سان استاد مقرر ٿيو. مالي وسيلن جي ڪمي سبب ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ ريگيولر پڙهڻ بجاءِ ملازمت دوران ايم.اي. بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ تائين تعليم حاصل ڪري سترهين گريڊ تائين پهتو. نندپڻ کان ڀهراڙي ۽ شهر جي هر راند کيڏيو. ادبي ذوق ته ڪيس ورثي ۾ مليل هو. ان کي اجاگر ڪرڻ ۾ عاشق عارباڻيءَ جي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر غلام علي (لُنبن) جو وڏو هٿ هو.

شير محمد هوش سنڀالڻ سان مضمون نويسي، افسانه نگاريءَ شاعريءَ ۾ طبع آزمائي شروع ڪئي. شاگرديءَ استاديءَ واري دور ۾ نصابي ۽ غير نصابي سرگرمين ۾ پرپور حصو ورتائين. مصوريءَ جي ذات کي سندس وڏي ڀاءُ محمد وريل سومري سئو سنواريو. عبدالفتاح هاليپوٽي ۽ عاشق عارباڻيءَ جي محبت پڙ ڪيس چار چنڊ لڳايا. حيدرآباد جي استاد الله بخش قريشي ۽ استاد فدا حسين پٽاڻ سندس باڊي بلڊنگ ۾ تربيت ڪئي. پاڙي ۾ رهندڙ استاد رجب علي سخيراڻيءَ کان ساز وڄائڻ سکيو ۽ مشهور گويه استاد صالح محمد ساند (خان صاحب بيبي خان جي شاگرد) کان موسيقي جي تعليم حاصل ڪيائين.

شير محمد سومرو مختلف موقعن تي اسٽيج ۽ ٽيليويزن پروگرامن ۾ حصو ونندو رهيو. فنون لطيفه سان سرشار ۽ دلداده استاد شير محمد سومرو جتي راندين، اسپورٽس، اسڪائوٽنگ ۽ فنڪاري جي حوالي سان سيڃاتو ويو اتي درس و تدريس جي حوالي سان پڻ خوب مان ۽ مرتبو ماڻيائين. پيغمبري پيشه کي سهڻو نپايائين. دادو ضلعي جي مختلف

اسڪولن ۾ سنڌس پيشوراڻ مهارت ۽ علمي قابليت شاگردن استادن ۽ اعليٰ عملدارن وٽ هڪ جهڙي قابل تعر
رهي. سڄي عمر پنهنجون سڀ صلاحيتون شاگردن ڏانهن منتقل ڪرڻ جي ڪوششن ۾ رهيو. هرفن مولا هئڻ ڪ
ملازمت دوران اسڪولن جي غير نصابي ۽ ثقافتي سرگرمين جو هميشه انچارج رهيو.

فنون لطيفه جي حوالي سان تعليمي درسگاهن ۾ باصلاحيت شاگردن جو انتخاب ڪري کين اسٽيج
روشناس ڪرائڻ ۾ سنڌس قابل تعريف ڪاوشون رهيون. هن حقيقتن جو علم تمام گهٽ ماڻهن کي هوندو ته سنڌ
مشهور و معروف راڳي قمر سومرو منظور سخيراڻي خادم حسين سخيراڻي حسين بخش سخيراڻي اسٽيج ۽ ٽي
آرٽسٽ احمد ميمڻ مزاحيه فنڪار فني دنيا ۾ استاد شير محمد سومري جا دريافت يافته آهن. استاد شير محمد سو
گهڻ رخو ذات ڏٺي هو اشعار ۽ مضمونن ۾ هن مختلف تخلص استعمال ڪيا آهن. ڪڏهن شير شاهه آبادي ڪ
استاد شير ۽ ڪٽي وري ولائتي تخلص استعمال ڪيائين.

سال 1995ع کان حضرت قلندر لعل شهباز جي ميلي تي مختلف اسڪولن طرفان ٽيندڙ چلڊرين شو جي من
ڪرائڻ جو مشورو پڻ استاد شير محمد سومري جو ڏنل آهي. انهيءَ سال 1995ع ۾ ڪيس مختلف شعبن ۾ بهتر
ڪارڪردگيءَ جي ميڙتا طور شهباز ڪاميٽيءَ طرفان قلندر اوارڊ ڏنو ويو. اپريل 2002ع ۾ سنڌ جي مشهور ڊراما نگار شاعر
اديب نور گهلو ميڊيا پبليڪيشن طرفان شير محمد سومري جي والي بال تي لکيل تاريخي ڪتاب 'والي بال کان شوٽنگ
تائين' ڇپائي پڌرو ڪيو. هن ڀوٽ ڇاڻو شاهه آباد ۾ خانگي درسگاهه فور ايس ميران ببي اڪيڊمي جي نالي سان قائم ڪ
جنهن ۾ ديني ۽ جديد علمن جي اعليٰ تعليم ڏني وڃي ٿي. پاڻ 31- جنوري 2012ع تي گذاري ويو.

سيد عبدالرحمٰن شاهه "اظهر":

سيد عبدالرحمٰن شاهه ولد جان محمد شاهه 12- ڊسمبر 1931ع تي پيارو ڀوٽ تعلقي دادو ۾ جنم ۽ پ
پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول پيارو ڀوٽ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ سنڌ يونيورسٽيءَ مان انٽر
اي ايم. اي به سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين.

"اظهر" ادب سان واسطو رکي ٿو. هن شهيد مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت شهيد صوفي تي مقالا لکيا آهن.
عبدالرحمٰن شاهه انجمن مخدوم بلاول جو جنرل سيڪريٽري ۽ ڀوٽ سٽار سنگت پيارو اسٽيشن جو سرپرست اعليٰ به آ
سنڌس مشغلو پڙهڻ پڙهائڻ آهي. پاڻ ٽيچرس ٽريننگ اسڪول دادو ۾ استادن کي تربيت ڏيندو هو. اهو سلسلو سا
ڪيترائي سال جاري رکيائين. سنڌس رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ ۾ هزارين استاد ٽريننگ ونڊي وڃي پنهنجي اسڪولن ۾ نونهالن
تعليم ڏيندا رهيا. اڄ تائين اهي استاد جيڪي ڪاليج مان پڙهي نڪتا آهن سنڌس عزت ۽ احترام ڪن ٿا.

هن وقت ارم برائيٽ اڪيڊمي دادوءَ جو پرنسپال آهي.

حاجي محمد جتوئي:

حاجي محمد جتوئي ولد بدرالدين جتوئي 31- ڊسمبر 1930ع ۾ ڀوٽ احمد خان جتوئي تعلقي دادو ۾ ج
ورتو. چوٿين درجي تائين استاد عبدالغني پليه وٽ پڙهيو. ستون درجو استاد الهندي جوڪيي (ڪن واري) وٽ پڙ
فائينل جي تياري استاد الهه بچائي پنهور وٽ ڪيائين. فائينل پاس ڪري 1951ع ۾ ڀوٽ قائم جتوئي تعلقي ميو
استاد مقرر ٿيو.

اتان بدلي ٿي مين اسڪول جوهيءَ ۾ آيو. 1953ع ۾ پرائمري اسڪول ميوو لُنڊ مقرر ٿيو. وري اتان

195: ع ۾ اسڪول گل محمد واريا سو تعلقي دادو ۾ آيو. سال 1956ع ۾ ٻوڏ اچڻ سبب ڪيس بدلي ڪري پرائمري سڪول ٽڪا ۾ مقرر ڪيو ويو. جتان هيڊماسٽر جي حيثيت سان سال 1982ع ۾ رٽائر ٿيو.

استاد حاجي محمد جتوئي جو نانءُ بهترين استادن ۾ مضمون نگارن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس اڪر موتيءَ جا داڻا آهن. هن ڪيترن ئي شاگردن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو جيڪي هن وقت اعليٰ عهدن تي فائز آهن. مصنف کي به سندس شاگردي ۾ جو اعزاز حاصل آهي. علم ۽ ادب کان علاوه راڳ رنگ سان به لڳاءُ اٿس. ننڍپڻ کان باجو ۽ ڍولڪ ۽ وڄائيندو هو. ڪيس پٽائي سرڪار جي ڪيترن ئي سرن ڀگائڻ ۾ لطف ايندو آهي. جنهن ۾ پيروي، تلنگ، سارنگ، راڻو ۽ ڪوهياري شامل آهن.

نياز وگهيو:

نياز حسين ولد محمد جمن وگهيو تاريخ 14 ـ مئي 1969ع تي 'ڳوٺ عبدالرحيم جو ڪوهه' تعلقي دادو ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ پرمانند هرداس مل سيڪنڊري اسڪول دادو مان. انٽر. بي.اي. ايم.اي. ڊگري ڪاليج دادو مان. بي.بي.ايڊ سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان حاصل ڪيائين ۽ اتان ئي ايم.اي انگلش) جي ڊگري ورتي اٿس.

نياز جو ادب سان واسطو آهي. ادب ۾ معروف اديب ۽ شاعر بشير سيتائيءَ جي رهنمائيءَ سان قلم رکيائين. سندس به ڪتاب "سيوهڻ تاريخ جي آئيني ۾" ۽ "ڳوٺ عبدالرحيم جو ڪوهه" ڇپيل آهن.

محمد اسماعيل چارڻ:

محمد اسماعيل "حاجي" ولد غلام عباس چارڻ 12 ـ اپريل 1959 تي شاهاڻي محلي دادو شهر ۾ جنم ورتو. بتدائي تعليم دادو مان پرائي انگريزيءَ ۾ داخلا ورتائين. مٽرڪ دادو مان ڪيائين ۽ پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم.اي به ڪيائين. بي. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت سان پاس ڪيائين. استادي پيشي سان منسلڪ هيو پر گهٽ پگهار هئڻ ۽ پُورت نه ٿيڻ سبب نوڪري ڇڏي خانگي روزگار ڪري رهيو آهي.

چارڻ صاحب ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. سنڌي ادبي سنگت دادو ۽ انجمن آفتاب ادب دادو سان ڳنڍيل رهيو. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن دادو جو ميمبر ٿيو ۽ انهي ناتي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. سپورٽس جي سيني ڪلبن سان واسطو اٿس ۽ راندين ۾ خاص دلچسپي رکي ٿو.

عبدالغفار صديقي:

عبدالغفار صديقي ولد نجم الدين صديقي تاريخ 7 ـ جون 1939ع تي سنڌ جي علمي ۽ ادبي شهر پاٽ شريف ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم به پاٽ جي مدرسي مان حاصل ڪيائين. ابتدائي تعليم مڪمل ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ نوشهري فيروز مدرسي هاءِ اسڪول ۾ انگريزي پڙهڻ ويو. به سال نوشهري مدرسي ۾ پڙهيو. ان کان پوءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين ۽ 1957ع ۾ امتيازي حيثيت سان مٽرڪ پاس ڪري.

صديقي صاحب 1957ع ۾ استاد جي حيثيت سان درس و تدريس جي پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. جنوري 1974ع ۾ بيورو آف ڪريڪيولم ۾ ماهر مضمون جي حيثيت ۾ سندس مقرري ٿي ۽ سال 1982ع کان سنڌ صوبي جي مسجد اسڪولن جو چيف ڪو آڊينيٽر مقرر ٿيو. انهيءَ اهم اداري ۾ صديقي صاحب صوبي جي سربراهه جي

حيثيت سان وڏي جاکوڙ ڪئي ۽ هزارين اسڪول ڪولي تعليم جو معيار بلند ڪيائين.

صديقي صاحب کي سال 1989ع ۾ ترقي ڏئي تعليم کاتي ۾ ڊپٽي سيڪريٽريءَ جي عهدي تي مقرر ڪيو. جتان پوءِ 1991ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري مقرر ٿيو. اتان وري بدلي ڪري ڪيس ڊسٽرڪٽ ايڊيوڪيشن آفيسر مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڪيس 1994ع کان انسپيڪٽر ٽيچرس ٽريننگ ڪاليجز مقرر ڪيو ويو. پاڻ تعليمي ماهر سان گڏ هڪ سٺو مقرر ۽ برڪ اهل قلم آهي. 2008ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي BOG جي ميمبر طور ڪم ڪيائين. سال 1965ع کان وٺي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ تان تعليم، تاريخ، مذهب، قرآن، حديث ۽ لطيفيات تي ڪيئي تقريرون ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه ڪراچي ٽيليويزن سينٽر تان به سنڌس ڪيترائي پروگرام نشر ٿي چڪا آهن. علم و ادب سان سنڌس شغف اڃان تائين جاري آهي. ان کان علاوه اخبار تعليم جو سرپرست به آهي. سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ سنڌس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا مختلف اخبارن رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

صديقي صاحب دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا دورا پڻ ڪري چڪو آهي. انهن ۾ فلپائين، سنگاپور، ٿائيلينڊ، هندستان، سري لنڪا، افغانستان، ايران، سعودي عرب، لبنان، اٽلي، جرمني، ڪويت، انگلينڊ، بنگلاديش، ملائشيا، آسٽريليا، اسڪاٽلينڊ، ويلس، سئيٽزرلئنڊ، فرانس، جاپان ۽ آسٽريا ملڪ شامل آهن.

عبدالغفار صديقي جا ڪيترائي ڪتاب تصنيف ٿيل آهن. جن ۾ مقالا ۽ تقريرون، اسلاميات (پي. ٽي. سي. ڪورس لاءِ) ڪلاس پهرين کان بارهين ڪلاس لاءِ اسلاميات، سماجي اپياس جا سبق، سنڌي مادري زبان جا سبق، سائنس جا سبق شامل آهن. ان کان علاوه ترجمو ڪيل به ڪافي ڪتاب شايع ٿيل اٿس. سنڌي ادبي بورڊ ۾ سنڌ سيڪريٽري شپ دوران ٽ ماهي "مهراڻ"، "گل ڦل"، "سرتيون" ۽ ٻيا ڪتاب ۽ رسالا باقاعدگيءَ سان شايع ٿيندا رهيا. ڪيس مليل ازاربن ۾ شاهه عبداللطيف پٽائي اوارڊ، قلندر شهباز اوارڊ، سچل سرمست اوارڊ، سگا اوارڈ شامل آهن.

صديقي صاحب انسپيڪٽر ٽيچرز ٽريننگ اداري سنڌ ۾ رهڻ دوران ماهوار اخبار تعليم 1908ع کان 1911ع تائين 48 شماره (پيو چاپو) ۽ ماهوار اخبار تعليم سال 1994ع کان 1999ع تائين جملي سٺ شماره (پيو چاپو) شايع ڪرايا. اهو صديقي صاحب جو عظيم ڪارنامو چئجي ته بيجا نه ٿيندو. چاڪاڻ ته اهي قديم ۽ ناياب نسخا هڪ ڪري ٻيهر شايع ڪرايا.

صديقي صاحب جو علم ادب سان چاهه اڃان به جاري آهي. سنڌس رهائش حيدرآباد ۾ آهي.



عبدالوحيد صديقي

عبدالوحيد صديقي، پاٽائي[1]:

عبدالوحيد صديقي ولد شفيع محمد صديقي قريشي پاٽائي پاٽ ۾ 1939ع ۾ جائو. سنڌس والد تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل آفيسر فار مسلم اسڪولس، ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس ۽ آخر ۾ سچل سرمست آرٽس ڪاليج تلڪ چاڙهي حيدرآباد ۾ پروفيسر ٿيو. والد جي ملازمت دوران عبدالوحيد مختلف هنڌن تي تعليم حاصل ڪئي. اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ان دوران سي.ايس.ايس جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽيڪس آفيسر ٿيو ڪجهه عرصي کان پوءِ ملازمت ڇڏي روحانيت جو سفر

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

اختيار ڪيائين. ان ڏِس ۾ هو چوندو هو ته ناگا پربت تي رياضت ڪندي ڪيس الهامي آواز آيو جنهن سندس ڪايا پلٽي ڇڏي پوءِ هن سائنسي روحانيت جي تحريڪ شروع ڪئي. ان سلسلي ۾ هن ڪيترائي پترا ۽ ڪتابڙا شايع ڪيا. ان کان اڳ ڪجهه عرصو هو انقلابي ساٿين سان گڏجي ون يونٽ خلاف ۽ سنڌ جي ٻين قومي مسئلن تي 'فولاد فقير' جي نالي سان پمفليٽ لکيا. جيڪي وقت جي سرڪار ضبط ڪيا. ملازمت ڇڏڻ ۽ سائنسي روحانيت جي سفر کان پوءِ جنرل ضياء الحق جي ڏينهن ۾ مجلس شوريٰ جو ميمبر ٻڌيو ڪجهه عرصي لاءِ وفاقي شرعي عدالت ۾ جج به مقرر ٿيو.

پاڻائي صاحب وڪالت دوران تصنيف ۽ تاليف جي ڪم ۾ مشغول ٿيو. سندس تصنيفن ۾ (1) 'اسان جا ابا ڏاڏا' (1960ع)، 'سچوارين' (1960ع)، 'تاريخ اسلام- 5 جلد' (1962ع)، 'پٽر جي دور جو انسان' (1967ع) ڇپيل آهن. سندس ٻيون ڪيتريون ئي تحريرون مذهب، تاريخ ۽ پاراٿي ادب بابت منظر عام تي اچي چڪيون آهن.

عبدالشڪور چارڻ:

عبدالشڪور ولد حاجي عبدالڪريم چارڻ 25- آگسٽ 1974ع تي محلي غريب آباد دادو شهر ۾ اڪ ڪولي. پنجون ڪلاس گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد مان پاس ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول غريب آباد دادو مان ۽ انٽر استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. انٽر پاس ڪرڻ بعد استادي پيشي سان منسلڪ ٿي ويو.

عبدالشڪور چارڻ شعر و شاعري به ڪندو آهي. گيت، غزل، وائي ۽ چؤسٽن تي به طبع آزمائي ڪئي اٿس. نندپڻ کان ڳائڻ جو شوق هئس. ان ڪري محفل ۾ به ڳائيندو آهي. علڻ فقير، مائي پاڪي، سرمد سنڌي، محمد يوسف، فقير عبدالغفور سندس پسنديده گائڪ رهيا آهن. شاعرن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، روحل فقير، مهدي شاهه، مصري شاهه، مخدوم طالب المولىٰ ۽ ٻيا صوفي شاعر تمام گهڻا پسند اٿس.

محمد عابد ابڙو:

محمد عابد ابڙو ولد ڪالو خان ابڙو تخلص عابد ابڙو 17- فيبروري 1927ع تي ڳوٺ فقير محمد ابڙو تعلقي دادو ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ابتدا کان ستين درجي تائين پنهنجي ڪلاس ۾ اول نمبر آيو. فائينل جي تياري نامياري استاد محمد بخش سولنگيءَ جي نگرانيءَ هيٺ ڪيائين. فائينل پاس ڪري 1- فيبروري 1948ع تي استاد مقرر ٿيو. استاديءَ دوران اديب فاضل ۽ ايس.وي جا امتحان 1952ع ۾ امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. عابد ابڙو بهترين استاد ۽ بهترين مقرر هو. اڪر موتيءَ جا داڻا هئس.

عابد ابڙو استادي پيشي سان گڏ شعر و شاعري تي به طبع آزمائي ڪئي. سٽن سٽن طرحي مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ شعر پڙهي سامعين کان داد حاصل ڪندو هو. برساتن ۽ ٻوڏن جي آيل افراتفري ۾ سندس ڇپيل ڪلام جهڙوڪ ديوان عابد ۽ متفرق ڪلام، ڪافيون، غزل، گيت، مرثيه، ٽيڑو ۽ چؤسٽا سڀ جا سڀ جهانگين جي جهوپن سان گڏ بحر بيپايان جي نذر ٿي ويا.

سندس همعصر شاعر حضرات ۾ ميرل جويو، لونگ خان لائق، امام الدين ضامن، طالب لغاري، نشترناٿن شاهي، پير علي محمد "اظهر" ۽ ٻيا شامل آهن. عابد ابڙو 37 سالن پڄاڻا ڦوهه جوانيءَ ۾ 31- ڊسمبر 1964ع تي رحلت ڪري ويو. ڪيس نرينه اولاد ڪونه هو. باقي ٽي نياڻيون هڪ ٻيواهه ۽ امڙ پٺتي سرڪوار ڇڏيون.

عبدالستار ڪوسو:

عبدالستار ڪوسي جو نالو نڻين ٿهيءَ جي نمائنده شاعرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن دادو شهر جي ننڍڙي ڳوٺ گهرا خان گوپانگ ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو عبدالله خان ڪوسو هو. تاريخ 10 ـ جنوري 1980ع تي جنم ورتو هٿائين تعليم انٽر تائين هئس.

شاعريءَ ۾ سندس رهنمائي بشير سيتائي ڪئي. عبدالستار ادبي حوالي سان غزل جي ڪيٽر ۾ پنهنجو پا موڪيو. هيءُ نوجوان اڳتي هلي غزل جو بهترين شاعر ٿي سگهي ها. پر زندگيءَ ساٿ وفا نه ڪئي ۽ نوجوانيءَ ۾ 22 ڊسمبر 2005ع تي وفات ڪري ويو.

شوڪت سنڌي:

شوڪت علي عرف شوڪت سنڌي 3 ـ جنوري 1939ع تي حاجي محب علي قريشيءَ جي گهر ۾ اڪ ڪولهي سندس والدين اصل ڳوٺ امياڻي تعلقي دادو جا رهواسي هئا. اتان سڪونت ترڪ ڪري دادو شهر ۾ رهائش اختيار ڪيائون. شوڪت سنڌي پرائمري تعليم دادو مين اسڪول مان حاصل ڪئي. مٽرڪ ۽ انٽر دادو مان پاس ڪري بي.اي ۽ ايم.اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل.ايل.بي سنڌ لاڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪيائين.

شوڪت سنڌي سماجي سرگرمين ۾ پرپور رهيو. اداره تنظيم سماجي بهبود جو باني ۽ جنرل سيڪريٽر رهيو. هن تنظيم معرفت مفت لائبريري قائم ڪئي. ٽانگا ويلفيئر يونين ۽ بگي يونين قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. 1963 ۾ سنڌي ادبي سنگت دادوءَ کي سرگرم ۽ منظم ڪيائين. ان جو باني ۽ پهريون سيڪريٽري رهيو. ان جي زير اهتما 1963ع ۾ هڪ عظيم الشان يوم سنڌي زبان ملهايو ويو. دادو ميونسپل پارڪ ۾ مشاعرو ڪرايائين. جنهن ۾ مها ڪوي شيخ اياز، تنوير عباسي، فتاح ملڪ، شمشيرالحيدري، تاج بلوچ، نياز همايوني، محمد جمن هالو، علي محم مجروح ۽ ٻيا ڪيترائي اديب ۽ شاعر شريڪ ٿيا.

شوڪت سنڌي سنڌ ڪائونسل ڪراچي سڪر ۽ حيدرآباد ۾ شرڪت ڪئي. جشن روح حيدرآباد ۾ ملها ويو. ان ۾ به شريڪ ٿيو. دادو جي ڪيترين ئي اخبارن ۾ مضمون ۽ ڪالم لکيائين. انهن اخبارن ۾ اظهار، قلندر، ڏ گزيٽ ۽ شهباز قابل ذڪر آهن. هن مزدور عورتن جي حقن ۽ بين الاقوامي حالات تي مضمون لکيا.

شوڪت سنڌي ادبي ۽ سماجي سرگرمين کان علاوه سياسي سرگرمين ۾ به حصو ونڊندو آيو. سن 1960ع سنڌ عوامي محاذ جو ڪنوينئر رهيو ۽ پوءِ وري سنڌ متحده محاذ دادو جو ڪنوينئر ۽ سينٽرل ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهيو. ان کان علاوه عوامي ليگ ضلعي دادوءَ جو ميمبر، نيشنل عوامي پارٽي "نعپ" ضلعي دادو جو جنرل سيڪريٽر رهيو. جيئي سنڌ محاذ جو ضلعي ڪنوينئر، انجمن نوجوانانِ ضلعي دادو جو باني ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو.

اهڙيءَ طرح شوڪت سنڌي کي گهڻ پاسائين شخصيت چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. شوڪت سنڌي 1960ع ج قوم پرست تحريڪن جو روح روان هو. اردو سان گڏ سنڌي ۾ به ووٽر لسٽون شايع ڪرائڻ ون يونٽ خلاف جلسا جلوس ڪيرائڻ، استيشن تي سنڌي نالا لکائڻ ۽ سنڌي پوليءَ کي قومي پولي قرار ڏيڻ لاءِ جاکوڙ ڪيائين. صدر ايوب خلا تحريڪن ۾ حصو ورتائين. ڪيترائي دفعا جيل ويو. هن کي دادو جيل کان علاوه سکر، خيرپور ۽ حيدرآباد جيل ۾ به ب ڪيو ويو. سال 30 ـ جون 2002ع تي وفات ڪري ويو.

سر شفيع محمد قريشي:

سر شفيع محمد قريشي ولد عبدالڪريم قريشي ڳوٺ ٽڪا تعلقي دادو ۾ ڄائو. سندس جنم جي تاريخ سرڪاري رڪارڊ موجب 1 ـ اپريل 1918ع آهي. پاڻ جنهن دور ۾ پيدا ٿيو انهيءَ وقت ۾ تعليم عام نه هئي. آسپاس ۾ ڪوبه سرڪاري اسڪول نه هو. ليڪن سندن ڳوٺ ۾ وڏن جو هڪ مدرسو هو جنهن ۾ ديني تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسي جي تعليم ڏني ويندي هئي. سر شفيع محمد کي تعليم سان ڏاڍي دلچسپي هوندي هئي. هن تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف مدرسن جو رُخ ڪيو. هن مهيسرن واري مدرسي ۾ داخلا ورتي. ان ۾ مولانا محمد قاسم مشوري صاحب به سندس هم ڪلاسي هو. پاٽ شريف جي مدرسي ۾ ڪجهه عرصو پڙهيو ان بعد ڪراچيءَ جو رخ ڪيائين ۽ ڪڏي واري مدرسي ۾ چار سال رهيو ۽ ان ئي مدرسي ۾ سندن دستاربندي ٿي. ان کان پوءِ واپس موٽي پنهنجي ڳوٺ ٽڪا ۾ آيو. سندن عمر وڏي ٿي چڪي هئي، پر انگريزي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق رکندو هو. ان سلسلي ۾ لاڙڪاڻي تائين به پنڌ ويو. لاڙڪاڻي ۾ ڪيس داخلا نه ملي جو پاڻ وڏي عمر جو ٿي چڪو هو. واپس ڳوٺ پهتو ۽ اڻ فيصلو ڪيائين ته انگريزي تعليم حاصل ڪري سرڪاري نوڪري وٺي پوءِ واپس ڳوٺ موٽبو. ان کان پوءِ منياڻي ويو. اتي به ڪيس وڏي عمر سبب داخلا نه ملي. اتان پنڌ حيدرآباد ويو. رستي ۾ ڪيس زبردست تڪليفون آيون. بوٽ گسي ويا، پيرين اگهاڙو پنهنجي منزل ڏانهن هلندو رهيو. حيدرآباد پهچڻ بعد نور محمد هاءِ اسڪول ۾ داخلا ونڊ لاءِ پهتو پر اتي به وڏي عمر سبب داخلا نه ملي. پوءِ ٽنڈي محمد خان ويو. اتي هڪ نيڪ مرد وٽ رهيو. ان جي ٻچن کي عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ڏيڻ لڳو. ان بعد ميرواهه گورچاڻي پهتو جتي انگريزيءَ جا ڪتاب وٺي پنهنجو پاڻ پڙهڻ شروع ڪيائين. آخر سال 1937ع ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 11 سال مختلف اسڪولن ۾ استادي جهڙي پيشي سان منسلڪ رهيو. جن ۾ ميرواهه گورچاڻي، گجو حاجي پير شاهه بودر فارم، ڪرم علي ٽنڈو جان محمد، ٽنڈو غلام علي ۽ پيا اسڪول شامل آهن. اتان واپس اچي ٽڪا ۾ اسڪول قائم ڪيائين. اتي پري پري کان شاگرد تعليم ونڊ ايندا هئا ۽ انهن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست پاڻ ڪندو هو.

سر شفيع محمد 1956ع ۾ خانگي طور بي. اي پاس ڪئي ۽ انگريزيءَ جو ٽيچر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس مقرر ٿيو. ان عهدي تي جنگ شاهي ضلعي ڏٽو سيوهڻ ڪڙ ۽ بين بيٽن تي به رهيو.

اهڙيءَ طرح 23 سال انهي عهدي تي رهي 31 ـ مارچ 1976ع ۾ نوڪريءَ تان رٽائر ڪيائين.

سر شفيع محمد رٽائر ٿيڻ بعد به درس ۽ تدريس جو شغل جاري رکيو. 1985ع ۾ پيارو ڳوٺ اسٽيشن تي مڊل اسڪول قائم ڪيائين. اهڙيءَ طرح هن پنهنجو علمي ۽ ادبي سفر جاري رکيو. سر شفيع محمد جون علمي، ادبي خدمتون ياد رکيون ويندیون. ننڍا خواهه وڏا، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل سڀ کيس سر شفيع محمد طور ياد ڪندا آهن.

پاڻ 18 ـ مارچ 1995ع تي هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. کيس 3 پٽ ـ منظور علي قريشي، مقبول احمد قريشي ۽ مقصودالحق قريشي آهن.

سر شفيع محمد کيترائي هوشيار ۽ سٺا شاگرد پيدا ڪيا.

همسفر گاڏهي:

همسفر گاڏهي 15 ـ جنوري 1970ع تي ڳوٺ بيد تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول گوزو مان، انٽر ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۽

بي. اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. نندپڻ کان سندس لاڙو ادب ڏانهن هو. هن شاعري کان علاوه ڪجهه ڪالم، مضمون ۽ مقالا به لکيا آهن. جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيا آهن.

همسفر پنهنجي باقاعده عملي زندگيءَ جو آغاز صحافت سان ڪيو. صحافت جي شوق شروع ۾ ڪيس عوامي آواز سان وابسته ڪيو. عوامي آواز ۾ نيوز ايڊيٽر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سنڀالڻ لڳو. سندس صلاحيتن جي ڪري ڪيس ايڊيٽوريل صفحي جو انچارج مقرر ڪيو ويو. ان ئي اخبار ۾ ڪجهه وقت سينيئر سب ايڊيٽر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض نڀايا. ان کان پوءِ روزانه جاڳو جي ادبي صفحي جو انچارج پڻ رهيو. ان کان پوءِ باک پبليڪيشن جو اعزازي مئنيجنگ ڊائريڪٽر به رهيو.

همسفر گاڏهي اخبارن سان گڏوگڏ ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي اسڪرپٽ پڻ لکندو رهيو آهي. اخبارن ۽ رسالن جو ڪافي معلومات کان پوءِ ڪيس ڪيترن ئي ادبي اشاعتي ادارن جون ذميواريون ڪيس سونپيون ويون. ان ۾ ايڊيٽر سنڌ سجاڳ، اعزازي ايڊيٽر سنڌيڪا اڪيڊمي ۽ بيا ادارا شامل آهن.

همسفر جا ڪيترائي ڪتاب زير طباعت آهن. انهن ۾ سنڌ جي ڏاهپ کان انٽرويو جنهن ۾ پنجاهه کان مٿي مشهور اديبن ۽ عالمن جا انٽرويو شامل آهن.

همسفر جي رهائش دادو جي مرڪپور پاڙي ۾ آهي.

عطيه جوٽيجو:

عطيه جوٽيجو 10 ـ اپريل 1953ع تي پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. سندس والد جو نالو عصمت الله جوٽيجو آهي. جيڪو پاٽ جي برڪ زميندارن ۾ شمار ٿئي ٿو. عطيه جوٽيجو پڑهيل ڳڙهيل ۽ تعليم يافته آهي. پاٽ ايم اي ۽ ايم.ايڊ جون ڊگريون حاصل ڪيون اٿس. ڪيس استادي پيشي سان لڳاءُ هجڻ ڪري درس ۽ تدريس جي پيشي سان وابسته ٿي وئي. پاٽ گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ميهڙ جي هيڊ مسٽريس به رهي آهي. ان عرصي دوران شعر شاعري به ڪرڻ لڳي. سندس پهريون شعر جيجل مارئي رسالي ۾ شايع ٿيو. ان کان پوءِ سندس شعر ماهوار 'اديون' نئين زندگي روزانه عبرت ۽ سنڌ اخبار ۾ چپجندا رهيا.

عطيه جوٽيجو گهٽو ڪري حب الوطني ۽ اسلامي جذبي تحت لکيو آهي. سندس آتم ڪهاڻي ترتيب ڏنل آهي. جا اشاعت جي اوسيئڙي ۾ آهي.

پروفيسر اعجاز قريشي:

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان پيار ڪندڙ اعجاز احمد قريشي دادو جي نامياري قانون دان علي احمد قريشيءَ جي گهر 1 ـ جنوري 1948ع ۾ ڳوٺ آراضي تعلقي سيوهڻ ۾ جنم ورتو. سندس والد جڳت آباد دادو ۾ رهائش پذير آهي.

اعجاز قريشي پرائمري ۽ مئٽرڪ دادو مان پڙهي. وڌيڪ تعليم يونيورسٽي مان حاصل ڪئي. ايم. اي اڪانامڪس لنڊن يونيورسٽيءَ مان پڙهي واپس آيو. سنڌ يونيورسٽي ۾ پروفيسر رهيو. سندس ڪيترائي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. جن ۾ تاريخ سنڌ، ارغون ۽ ترخان دور، هو جي واڪا واءُ ۾، ۽ اچو ته نئين سنڌ تعمير ڪريون وغيره شامل آهن.

اعجاز قريشي بهترين مقرر آهي. ڪيترن ئي سيمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ حصو وٺندو اچي ٿو. پروفيسر اعجاز قريشي سيڊا حيدرآباد ۾ ڊائريڪٽر طور به ڪم ڪري چڪو آهي. هن وقت ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ شهيد بينظير ۽

چيئر جو ڊائريڪٽر آهي.

پروفيسر اعجاز احمد قريشي سنڌ دوست اديب، دانشور ۽ اسڪالر آهي. علمي، ادبي ۽ سماجي ڪمن ۾ وڏي چڙهي حصو وٺڻ قريشي صاحب جي خاص سڃاڻپ ۽ خوبي آهي. هن حال سارو سنڌي هوليءَ جي وڏاءَ ۽ ڦهلاءَ لاءِ به پٽ ڪوششون ورتيون آهن ۽ ايڏا تائين پاڻ پتوڙي رهيو آهي. سنڌي هوليءَ تي ڪجهه ننڍڙا ڪتاب به ڇپايا اٿس.

پروفيسر صاحب جي مستقل رهائش حيدرآباد ۾ آهي.

اعظم چٽڪو:

محمد اعظم ولد غوث خان ترين پنهاڻ 14 ـ فيبروري 1961ع تي دادو شهر ۾ ڄائو. تعليم صرف پرائمري تائين اٿس. ادب ۾ ابتدا 1998ع کان ڪيائين. مزاحيه شاعري ڪندو آهي. سنڌي ادبي سنگت جو فعال ميمبر آهي ۽ هر محفل مشاعري ۾ حصو وٺندو رهي ٿو.

اڪبر شاهه:

سيد علي اڪبر شاهه ولد سيد لعل محمد شاهه تخلص اڪبر شاهه 2 ـ آگسٽ 1964ع تي ڳوٺ ڪيڙو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم بي ايس سي تائين حاصل ڪري چڪو آهي.

هو ادبي دنيا ۾ سال 1987ع کان آيو آهي. هن ڪجهه ڪهاڻيون، تاثر ۽ ڪيترائي مضمون لکيا آهن. شاگرديءَ جي زماني ۾ سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ڀرپور حصو ورتائين. هن وقت ايجوڪيشن ورڪس ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي.

الطاف ملڪاڻي[1]:

الطاف ملڪاڻي ولد غلام هادي ملڪاڻي تاريخ 19 اپريل 1967ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو علي گوهر ملڪاڻي آهي پر ادبي حوالي سان الطاف ملڪاڻي جي نالي سان مشهور آهي. الطاف ملڪاڻي مضمون، مقالا، ڪهاڻيون ۽ شعر لکندو رهي ٿو. هن جا ڪيترائي ڪتاب مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن.

الطاف ملڪاڻي 1984ع ۾ ڀاراڻي شاعري ڪرڻ سان ادب ۾ پير پاتو. اڳتي هلي ڪهاڻيڪار طور نالو ڪڍيائين. سندس مختصر ڪهاڻين جو مجموعو 'ساڃيائن کان رُنل سپنا' سنڌي ساهت گهر حيدرآباد پاران 1996ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ٻيو ڪتاب 'شانتي' (اجيت ڪور جي ناولٽ جو ترجمو) 1996ع ۾ سوپ پبليڪيشن طرفان ڇپايو ويو. الطاف ملڪاڻي پبلشر ۽ ايڊيٽر به رهيو آهي. هو مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد جو سرپرست رهيو آهي. عبرت گروپ آف پبليڪيشنز حيدرآباد پاران هارن جي رسالي 'ارڇڪ مرڇڪ' جو پهريون نگران ۽ پوءِ 1997ع ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر ٿيو. هارن جي مخزن ماهوار 'لات' جو چيف ايڊيٽر (1993ع)، ماهوار 'گلستان' جو ايڊيٽر (1993ع)، هارڻ جي "سنڌ رنگ" جو سب ايڊيٽر (1995ع)، هارن جي مئگزين "دوستيءَ" جو اعزازي صلاحڪار (1995ع)، ۽ "سنڌباد" ڪتابي سلسلي جو سب ايڊيٽر رهي چڪو آهي.

ملڪاڻي صاحب جي ڇپيل ڪتابن جي وچور ڪجهه هن طرح آهي:

(1) پلئه پايو سچ (شاهه لطيف جي زندگيءَ بابت سوال جواب) لطيفي لات پبليڪيشن دادوءَ پاران ڇپيل

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

(2) سوريءَ سزاوار (صوفي شاهه عنايت شهيد جي زندگيءَ بابت سوال جواب) مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد پاران چپيل.

(3) سوري سڏ ڪري (لطيف سنگت سنڌ جي ٻارڙن ڏانهن آزاد سمي جا خط مهراڻ پبليڪيشن حيدرآباد پاران چپيل.

ان کان علاوه نهج البلاغه (ترجمو)، عشق چا آهي؟ تصوف عشق ۽ سائين جي ايم سيد، درنايابَ، داستان حلاج، فلسفو چا آهي؟ حضرت عليءَ جا قول، شيخ سعديءَ جا قول، عورت، جنس ۽ مذهب وغيره شامل آهن.

الطاف ملڪاڻي سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) پاران سنڌ مان نڪرندڙ مئگزين "سنگت ورلڊ" جي ايڊيٽوريل بورڊ جو ميمبر (1990ع) ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ٿيندڙ ماهوار "سنڌ رنگ" جو ايڊيٽر پڻ رهيو. ڪيس سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد پاران معاون ايڊيٽر اوارڊ (1993ع) پڻ مليو. ڪجهه عرصو هن ڪرزما ڊائجسٽ ۾ به ڪم ڪيو.

الطاف ملڪاڻي پيشي جي حوالي سان زرعي ڪاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ آهي.

الهه ڏنو مهيسر:

الهه ڏنو مهيسر ولد دوست محمد مهيسر 1981ع ۾ ڳوٺ شيخ درٻو تعلقي دادو ۾ ڄائو. تعليم انٽر تائين اٽس. شعر و شاعري ڪندو آهي. سندس ڪلام ڪيترن فنڪارن ڳاتو آهي.

امر سنڌي:

غلام عباس عرف بخشل ولد غلام حسين لغاري تخلص 'امر سنڌي' 8_ مارچ 1978ع تي مزدورآباد محلي دادو شهر ۾ ڄائو. تعليم ايم.اي اٽس. ادب ۾ ابتدا 1990ع کان ڪيائين. شعر و شاعريءَ کان علاوه ڪهاڻيون به لکيون اٽس.

امير النساء مگسي:

امير النساء مگسي ڊيءُ ڏٽي بخش مگسي 21_ جنوري 1961ع ۾ ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم ايم. اي تائين ڪري چڪي آهي. هن ادب ۾ ابتدا 1990ع کان ڪئي آهي. هن ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. جن مان ڪجهه اخبارن ۾ به چپيا آهن.

امينه ناز:

امينه ناز پٽي ڊيءُ حاجي نبي بخش پٽي 5_ آڪٽوبر 1978ع ۾ دادوءَ ۾ جنم ورتو. تعليم ايم. اي تائين ڪئي اٽس. تعليم دوران ملازمت اختيار ڪئي اٽس. ادبي دنيا ۾ سال 1998ع ۾ آئي آهي. شعر و شاعريءَ کان علاوه ڪهاڻيون به لکيون اٽس.

آسي الطاف حسين پلهه:

آسي الطاف حسين ولد عبدالرسول پلهه 2_ اپريل 1973ع ۾ ڳوٺ پائي خان پلهه تعلقي دادوءَ ۾ جنم ورتو. تعليم جي لحاظ کان بي.اي الیکٽرانڪس ۾ پاس ڪيائين. هن وقت واپڊا دادو ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي.

آسي الطاف 1994ع کان شعر و شاعري سان گڏ ڪهاڻيون به لکندو پيو اچي. سندس ڪهاڻين جو مجموعو 'اداس شامون' لکيل آهي.

هن جي مستقل رهائش دادو ۾ آهي.

احسن ابڙو:

محمد هارون ابڙو ولد حافظ دين محمد ابڙو 28 ـ آڪٽوبر 1972ع تي ڳوٺ عبدالرحيم ابڙي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم مٽرڪ تائين اٽس. سال 2001ع کان شعر و شاعري ڪري رهيو آهي. احسن ابڙو جي نالي سان لکندو آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ پيارو ڳوٺ جو ڪائونسلر به رهي چڪو آهي.

اخلاق چارڻ:

اخلاق احمد ولد حاجي نصرالله چارڻ 1 ـ مارچ 1976ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. تعليم انٽر تائين حاصل ڪئي اٽس. 1996ع کان ادب ۾ پير پاتو اٽس. شاعري ڪري ٿو.

اداس پريمي:

خالد حسين ولد حاجي ارباب قنبراڻي ادبي نالو اداس پريمي 12 ـ آگسٽ 1974ع تي ڳوٺ شهيد مخدوم بلاول تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ادب ۾ ابتدا 1987ع کان ئي ڪئي اٽس. هن شعر ۽ ڪهاڻيون به لکيون آهن.

امين پٽو:

محمد امين ولد سومر خان پٽو 1 ـ اپريل 1986ع ۾ بداڻي جيڪب آباد ۾ جنم ورتو. سندس ادبي نالو 'امين' پٽو آهي. دادو شهر ۾ مستقل تي رهائش پذير آهي. ڪهاڻيون لکندو رهي ٿو. ان کان علاوه شعر و شاعري به ڪري ٿو. ڪجهه ڪالم به لکيا اٽس. هفتيوار سنڌو جو سب ايڊيٽر به رهندو پيو آچي.

محمد اسلم پاڻائي:

محمد اسلم ولد محمد اسماعيل پاڻائي ادبي نالو اسلم پاڻائي 23 ـ مارچ 1986ع ۾ پاٽ شريف ۾ جنم ورتو. هن ادب ۾ ابتدا 1999ع کان ڪئي آهي. شاعريءَ ۾ سندس استاد پيرل پرديسي آهي.

اصغر جمالي:

اصغر جمالي ولد غلام نبي جمالي ڳوٺ شاهه محمد جمالي تعلقي دادوءَ ۾ 1 ـ مارچ 1986ع تي جنم ورتو. هن ادب ۾ شروعات 2001ع کان ڪئي آهي. هن شعر و شاعريءَ کان علاوه ڪالم به لکيا آهن.

اعجاز سيف:

اعجاز ولد سيف الدين پنهور 25 ـ اپريل 1966ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. تعليم بي. اي. ايل. ايل. بي اٽس. نثرنگار آهي. هن انگريزيءَ ۾ به لکيو آهي. ان کان علاوه سوشل اسٽڊيز جا ڪتاب به ترتيب ڏنا آهن. موجوده وقت سندس نگراني ۾ پروگريسو انگلش فائونڊيشن جي نالي سان خانگي تعليمي ادارو هلي رهيو آهي. پوليٽيڪل انسٽيٽيوٽ ۾ پڙهڻ استاد آهي.

بينظير ملڪاڻي:

بينظير ڏيءُ روشن علي ملڪاڻي تاريخ 26 ـ اپريل 1981ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم دادو مان حاصل ڪئي اٽس. تعليم بي. اي تائين اٽس. 1990ع کان ادبي دنيا سان لاڳاپيل آهي. هن ڪيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا آهن. مقالن تي مشتمل هڪ ڪتاب مڪمل ٿي چڪو اٽس. جيڪو اشاعت جي اوسيئڙي ۾ آهي.

برج لال بيوس:

برج لعل سيٺ تارا چند لهاڻي جي گهر ۾ 27 ـ مارچ 1955ع تي دادوءَ ۾ جنم ورتو. پرائمري ۽ ثانوي تعليم دادو مان حاصل ڪئي اٿس. تعليم بي.ايس.سي تائين اٿس. ادب سان چاهه رکي ٿو ۽ ادبي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو. 2000ع کان شعر و شاعري ڪندو رهي ٿو. سندس تخلص برج لال بيوس آهي.

پروانو فيروز ميمڻ:

فيروز احمد ميمڻ ولد عبدالحميد ميمڻ تخلص پروانو 5 ـ آڪٽوبر 1978ع تي ڳوٺ دوآبو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو ۽ پرائمري سيڪنڈري تعليم دوآبي مان حاصل ڪري ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. اتان بي.اي. اڪنامڪس جي ڊگري حاصل ڪري چڪو آهي. شاعري ڪندو آهي. شاعري 1996ع کان شروع ڪئي اٿس. شعري مجموعو 'نيٺ نه ننڊون ڪن' شايع ٿي چڪو اٿس.

ايم. بچل ڪلهوڙو:

محمد بچل ڪلهوڙو ولد پير بخش ڪلهوڙو 7 ـ جنوري 1984ع تي پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ادبي نالو ايم. بچل ڪلهوڙو اٿس. 1998ع کان ادبي دنيا ۾ آيو آهي. سندس ادبي سجاڻپ ليکڪ، ڪالم نويس، شاعر ۽ ڪهاڻيڪار آهي. هڪ عدد ڪتاب جيترو مواد ونس محفوظ آهي.

بخت رضا:

بخت علي ولد محبت علي گوپانگ ادبي نالو بخت رضا 1 ـ جنوري 1982ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. شاعري 1998ع کان شروع ڪئي اٿس. سندس اڃيهل ڪتاب يادن جا پل (شاعري) ونس موجود آهي.

بدر جاگيراڻي:

بدرالدين جاگيراڻي ولد غلام حيدر جاگيراڻي 12 ـ جون 1981ع تي ضلع لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن وقت مستقل رهائش دادو شهر ۾ اٿس. ادب ۾ ابتدا 2000ع کان ڪئي اٿس. ادب ۾ استاد بشير سيتائي اٿس. شاعري ڪري ٿو. سندس اڃيهل ڪتاب 'مقدس محبت جو رشتو پرين' موجود آهي. جيڪو شاعريءَ تي مبني آهي. غزل ۾ خاص مهارت رکي ٿو.

بلقيس نازگل:

بلقيس ناز گل ڏيءُ گل حسن مگسي 15 ـ ڊسمبر 1978ع ۾ ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم ايم.اي تائين اٿس. هن ادب جي ابتدا 1998ع کان ڪئي. شعر و شاعريءَ کان علاوه ڪهاڻيون به لکندي رهي ٿي.

مسڪين پاتائي:

شبير احمد ولد الهداد چانڊيو ادبي نالو 'مسڪين پاتائي' ڳوٺ بهرام خان چانڊيو تعلقي دادو ۾ 19 ـ مئي 1962ع تي جنم ورتو. مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي اٿس. ادبي دنيا ۾ 1984ع کان آيو آهي. ادب ۾ سندس استاد شمس الدين شمسي آهي. شاعريءَ کان علاوه ڪهاڻيون ۽ ڪالم به لکيا اٿس. هن به ڪتاب آسون اڌوريون (غزل)، منهنجي سوچ، منهنجا جذبا (ڪهاڻي) لکيا آهن. جيڪي قلمي صورت ۾ موجود اٿس.

مقبول انجم ميمڻ:

مقبول احمد ميمڻ ولد محمد بخش ميمڻ 1 ـ جون 1958ع تي ڳوٺ پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ادبي دنيا سان واسطو اٽس. سندس ادبي تخلص مقبول انجم ميمڻ آهي. 1973ع کان لکندو اچي ٿو. سندس کاڻيون ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. کاڻين جو هڪ مجموعو 'لڙڪ ۽ سڏڪا' شايع ٿي چڪو آهي. هڪ ڪتاب جيترو مواد جيڪو ناول جي صورت ۾ موجود اٽس. ڇپائي جي اوسيئڙي ۾ آهي.

مقبول انجم ميمڻ ورڪس ۽ سروس ڊپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

منظور برهماڻي:

منظور علي برهماڻي ولد حسين بخش برهماڻي 15 ـ اپريل 1967ع تي شاهه آباد چانڊو دادو ۾ اک کولي. تعليم بي.اي ايل.ايل.بي تائين حاصل ڪري چڪو آهي. پوليس کاتي ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي. 1992ع کان لکندو رهي ٿو. کاڻيون. مضمون ۽ ڪالم لکيا اٽس. شاعري به ڪري ٿو. غزل. گيت. نظم ۽ ڇوٽڪن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آهي. هن کاڻين ۽ شاعريءَ تي ٻه ڪتاب لکيا آهن. جيڪي اڻ ڇپيل آهن.

مارو جمالي:

ماروجمالي جو اصل نالو سڪندر علي جمالي آهي. سندس پيءُ جو نالو فيروز خان جمالي آهي. مارو جمالي 1 ـ مارچ 1970ع تي ڳوٺ فقير محمد جمالي تعلقي جوهي ۾ ڄائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ تائين هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو. هن وقت ايم.اي ڪري چڪو آهي. استاد جهڙي پيشي سان منسلڪ آهي.

مارو جمالي 1989ع کان ادبي دنيا ۾ آيو. غزل. گيت. ڇوڪنا ۽ نظم لکيا اٽس ۽ انهن تي طبع آزمائي ڪري رهيو آهي. سندس هڪ ڪتاب 'پرين جون اکيون' (شاعري) شايع ٿي چڪو آهي. ڪجهه مجموعا ڇپائيءَ جي انتظار ۾ اٽس. ان کان علاوه هڪ مخزن 'اڏام' جو چيف ايڊيٽر ۽ اڏام پبليڪيشن جو چيئرمن پڻ آهي.

مارو جمالي 20 سالن کان دادوءَ ۾ رهائش پذير آهي.

محمد عثمان ٽڪو:

محمد عثمان ولد امير بخش ٽڪو 23 ـ جون 1940ع تي ڳوٺ ٽڪا تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم ايم.اي ۽ بي.ايڊ اٽس. تعليم کاتي ۾ انگريزي استاد جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو. 1961ع کان ادبي دنيا ۾ آيو آهي. مضمون مقالا ۽ ڪالم لکيا اٽس.

محمد نواز 'ناز':

محمد نواز ولد حاجي نور محمد چانڊيو 16 ـ نومبر 1968ع تي ڳوٺ پير ترهو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري استاد آهي. بي ڪام ۽ بي.ايڊ تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آهي.

شاعري 1990ع کان باقاعده شروع ڪئي اٽس. شاعري کان علاوه کاڻيون ۽ مضمون به لکندو رهي ٿو.

فدا ڪلرائي:

فدا حسين چانڊيو ولد احمد خان چانڊيو 2 ـ مئي 1961ع تي ڳوٺ ڪلري تعلقي دادو ۾ اک کولي. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ هاءِ اسڪول قُلجي استيشن مان ۽ ايم.اي (سنڌي) ايم.اي (انگلش)

ايم.ايڊ جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. تعليم دوران استادي پيشي سان منسلڪ ٿيو. هن وقت سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (سنڌي) گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول ٽاڻي بولا خان ۾ ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو آهي.

فدا ڪرائي ادبي دنيا ۾ 1980ع کان آيو. هن شاعريءَ کان علاوه مضمون، مقالا ۽ ڪالم به ڪهاڻيون لکيون آهن.

فرحانہ قريشي:

فرحانہ قريشي ڏيءُ عبدالله قريشي 1 ـ مارچ 1981ع تي دادو شهر ۾ جائي. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم دادو مان حاصل ڪئي اٿس. هن وقت ايم.اي تائين تعليم پرائي چڪي آهي.

فرحانہ ادبي دنيا ۾ 1994ع کان آئي. هن مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڪالم وغيره لکيا آهن. پاڻ ٽيچر آهي.

فقير غلام مصطفيٰ آرائين:

فقير غلام مصطفيٰ ولد علي محمد آرائين 1 ـ اپريل 1963ع تي ڳوٺ رسول پور تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. هو وقت تائين تعليم جاري رکندو پيو اچي. واپڊا ۾ جونيئر سول انجنيئر آهي.

فقير غلام مصطفيٰ تعليم سان گڏ علم و ادب سان دلچسپي رکندو پيو اچي. 1995ع کان شعر و شاعري رکندو پيو اچي.

فيض پنهور:

فيض محمد ولد محمد اسماعيل پنهور 1 ـ جنوري 1917ع تي ڳوٺ ملڪاڻي شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. فائينل 1931ع ۾ پاس ڪري استاد مقرر ٿيو.

فيض پنهور 1941ع کان شاعري ڪرڻ لڳو. سندس شاعريءَ ۾ استاد حافظ محمد احسن چنڊ ۽ علي حيدر حيدري ملڪاڻي هئا. شاعريءَ ۾ هڪ ڪتاب 'ڪلام فيض' 1985ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائين.

فيض پنهور 6 ـ فيبروري 2001ع تي هن فاني دنيا مان رحلت فرمائي ويو. پاڻ پختہ ڪلام شاعر ۽ مشاعري جان هو.

فيض لغاري:

فيض محمد لغاري ولد غلام اصغر لغاري 24 ـ مارچ 1984ع تي ڳوٺ لالهر تعلقي جوهيءَ ۾ جائو. تعلق مڙئن ڪ تائين ڪري چڪو آهي. 1999ع کان بشير سيتائيءَ جي رهنمائي سان ادب ۾ حصو وٺي رهيو آهي.

فيض لغاري شاعريءَ کان علاوه ڪهاڻيڪار به آهي. سندس ڪيترين ئي ڪهاڻيون مختلف رسالن، ڇپجندين رهن ٿيون. فيض لغاري ڪيترن ئي اديبن شاعرن ۽ فنڪارن جا انٽرويو به ڪري چڪو آهي ۽ اهي رسالن ۾ ڇپجي چڪا آهن.

فيض هن وقت دادو شهر ۾ رهي ٿو. هن ڊراما به لکيا آهن. جيڪي ڪي. ٽي. اين تي هليا آهن. گذريل 20 سالن کان دادو ۾ رهي ٿو.

قمر النساء پٽي:

قمر النساء معروف شاعر بشير سيتائيءَ جي نياڻي آهي. 1 ـ مئي 1988ع تي ڇاڻو شاهہ آباد ۾ جنم ورتائين. آرمي پبلڪ اسڪول دادو مان تعليم حاصل ڪيائين. 2000ع کان ادبي دنيا ۾ قدم رکيائين. شاعري به ڪندي آهي. کان علاوه مضمون به لکيا اٿس.

قمرالنساء ڪجهه ڪهاڻيون ۽ مضمون انگريزي ادب مان سنڌي ۾ ترجمو ڪيا آهن. ادبي رهبري سندس والد بزرگوار ڪري رهيو آهي.

گلزار ڪلهوڙو پاڻائي:

غلام حيدر ولد پير بخش ڪلهوڙو ادبي نالو گلزار ڪلهوڙو 24- آڪٽوبر 1971ع تي ڳوٺ پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري ۾ سيڪنڈري تعليم پاٽ مان حاصل ڪيائين. گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي اٿس. هن کي تعليم سان چاهه هو. انڪري استادي پيشي کي ترجيح ڏنائين.

گلزار 1989ع کان ادبي دنيا ۾ پير پاتو آهي. ادب ۾ سندس استاد ڊاڪٽر قربان علي جهتيال (مرحوم) ۽ انور شاد رهيا. هن شاعريءَ کان علاوه ڊراما به لکيا آهن ۽ عدد ڪتاب پڻ ترتيب ڏنا اٿس.

لعل لکياري:

علي اڪبر شاهه ولد غلام حيدر شاهه المعروف لعل لکياري 16- مارچ 1958ع تي دادو ۾ جنم ورتو. 1972ع کان ادبي دنيا ۾ آيو آهي. هڪ ڪتاب جيترو مواد ونس موجود آهي. جيڪو قلمي صورت ۾ آهي.

سنڌو ميراڻي:

محمد صالح ميراڻي ولد محمد حسين ميراڻي 15- فيبروري 1948ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. سندس ادبي نالو سنڌو ميراڻي آهي. پرائمري ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم دادو مان حاصل ڪئي اٿس. تعليم ايم.اي انگريزي اٿس. ڪاليج ۾ ليڪچرار جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏنا اٿس.

سنڌو ميراڻي 1962ع کان ادبي دنيا ۾ آيو. هن ڪهاڻيون ۽ ڪيترائي مضمون لکيا اٿس. شاعري به ڪندو آهي. هن جو هڪ سائيڪلو اسٽائيل ڪارٽون جو ڪتاب شايع ٿيل آهي. ٽن ڪتابن جيترو مواد جن ۾ ڪهاڻيون شاعري ۽ طب شامل آهن ۽ اشاعت جي اوسيئڙي ۾ آهن.

سيد پرنم ڪاظمي:

سيد ڇُنل شاهه ولد سيد حسين شاهه سيد پرنم ڪاظمي جي نالي سان ادبي دنيا ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. سيد پرنم ڪاظمي 23- سيپٽمبر 1963ع تي ڳوٺ پيراڻي ديري تعلقي دادو ۾ اک کولي. تعليم بي.اي بي.ايڊ اٿس. جونيئر ڪلارڪ جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. سال 1982ع کان شعر و شاعري ڪري رهيو آهي.

شاعريءَ ۾ گيت، غزل، ڇوٺتا آزاد نظم تي طبع آزمائي ڪندو رهي ٿو.

سرتاج لکياري:

سيد حسين شاهه ولد سيد ڇُنل شاهه 2- جون 1940ع تي ڳوٺ دين محمد شاهاڻي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. سرتاج لکياري جي نالي سان ادبي دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو ويو. تعليم مڪمل ڪري استادي جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. هاءِ اسڪول ۾ هيڊ ماسٽر جي حيثيت سان به خدمتون سرانجام ڏنائين 1960ع کان شاعري ڪرڻ لڳو. شاعريءَ کان علاوه ڊراما به لکيائين. نثر جو هڪ ڪتاب ترتيب ڏنل اٿس. جيڪو قلمي صورت ۾ ونس موجود آهي.

سرتاج لکياري 4- آگسٽ 1992ع تي وفات ڪري ويو. سندس ياد ۾ هر سال 4- آگسٽ تي ورسي ملهائي ويندي آهي.

شاهد کوسو:

شاهد حسين کوسو ولد محمد کوسو ڳوٺ گهرام خان گوپانگ دادو شهر ۾ 1 ـ جولاءِ 1980ع ۾ جنم ورتو. شاهد کوسي جي نالي سان شاعري ڪيائين. شاعريءَ ۾ سندس استاد عبدالستار کوسو هو.

شاهد کوسو 2000ع کان شاعري ڪري رهيو هو جنهن ۾ چوسٽا، گيت ۽ غزل شامل آهن. پاڻ 13 ـ سيپٽمبر 2007ع تي گذاري ويو.

شجاع محمد سانوٽاڻي (محمد سجان):

نامور محقق، اديب ۽ اسڪالر محمد سجان ولد ڏٽي بخش سانوٽاڻي 1 ـ جون 1922ع تي ڳوٺ غلام چانڊيو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري کان ستين درجي تائين ڳوٺ غلام چانڊيو ۾ پڙهيو ۽ فائينل جو امتحان ڏئي پرائمري استاد مقرر ٿيو. هيڊماسٽر ٿي رهيو. سال 1965ع کان ادبي دنيا ۾ آيو.

شجاع کيترائي مضمون ۽ مقالا لکيا. ان کان علاوه تاريخ ڪلهوڙا ۽ سما، دادو جي تاريخ ۽ سنڌ جون ذاتيو وغيره قلمي صورت ۾ موجود آهن. پر وقت جي ستم ظريفي ۽ غريب هجڻ سبب شايع نه ڪرائي سگهيو.

محمد سجان سانوٽاڻي 6 ـ جون 1999ع تي وفات ڪري ويو.

شمس سومرو:

شمس الدين سومرو ولد غلام حيدر سومرو 1 ـ جون 1954ع تي دادو شهر ۾ اڪ ڪولي. پرائمري تعليم سان گ ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم پڻ دادو مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتائين. جتان ڊاڪٽري جي سَنَدَ وٺي آيو. شاعريءَ کان علاوه مضمون ۽ مقالا لکيا. ڊاڪٽر شمس سومرو ڪيترن ئي ادبي تنظيمن سان وابسته رهيو. سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جو سيڪريٽري به رهيو. ان کان علاوه ٻين مختلف تنظيمن سان به سندس تعلق رهيو. ڊاڪٽر شمس سومرو سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سيڪريٽري جنرل به رهيو. شمس سومرو ترقي پسند سوچ رکندڙ سنڌي اديب هو. هن پنهنجي دور ۾ سنڌي ادبي سنگت کي فعال ڪرڻ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو ۽ سنگت ۾ ترقي پسند روايتن پيدا ڪرڻ جون ڪوششون پڻ ڪيون.

شمس سومرو 13 ـ ڊسمبر 2003ع تي وفات ڪري ويو.

عبدالله شاهه آزاد:

عبدالله شاهه ولد حاجي امام علي شاهه 8 ـ ڊسمبر 1954ع تي سيتا وليج تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري سيڪنڊري تعليم سيتا وليج مان حاصل ڪيائين. تعليم بي.اي تائين آڻس. پاڻ استادي جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ آهي. ادب ۾ سندس تخلص عبدالله شاهه آزاد آهي. بشير سيتائيءَ جي صحبت ۾ رهي ادب ۾ پير پاتائين. سنڌي ادبي ثقافتي سنگت سيتا وليج جو مالياتي سيڪريٽري به رهيو آهي. ان کان علاوه آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن دادو جو نائب صدر به رهي چڪو آهي.

علي حيدر حيدري:

علي حيدر خان ملڪاڻي ولد احمد خان ملڪاڻي سال 1 ـ جنوري 1918ع ڏاري ڳوٺ ملڪاڻي شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. سنڌس ادبي نالو علي حيدر حيدري هو. پرائمري تعليم ملڪاڻي شريف مان پاس ڪئي. پرائمري چوٿون درجو پاس ڪري فائينل جي تياري ڪيائين. فائينل پاس ڪري پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1930ع کا

ي سفر شروع ڪيائين.

علي حيدر حيدري علم عروض جو ماهر هو. غزل، گيت، وايون، حمد ۽ نعت تي طبع آزمائي ڪيائين. ڪيترن مشاعرن ۾ شرڪت ڪيائين. مشاعرن ۾ شعر پڙهي داد حاصل ڪندو هو. شعر کان علاوه نثر نويسيءَ ۾ ڪافي مواد ڇوڙيو آهي. سندس شاعريءَ جو مجموعو 'زيب محفل' ڇپيل آهي. شاعريءَ تي ٻيو ڪتاب 'ديوانِ حيدري' اڻڇپيل قلمي صورت ۾ پوئتي ڇڏيائين. علي حيدر حيدري 11 ـ ڊسمبر 1950ع ۾ وفات ڪري ويو.

ران سومرو:

عمران ولد علي حسن سومرو تخلص عمران سومرو 1 ـ اپريل 1970ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس پرائمري اسڪول غريب آباد مان پاس ڪري، انگريزيءَ ۾ داخلا ورتائين. جتان مئٽرڪ پاس ڪري انٽر ڪامرس ڊويزن پاس ڪيائين. استاد جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. سروس دوران بي.اي، بي.ايڊ ڪري امتحان پاس ڪري چڪو آهي. 1996ع کان شاعري ڪري ٿو. شاعريءَ کان علاوه نثر نويسيءَ ۾ پاڻ ملهايو اٿس. سندس ڪجهه عالمي مضمون قلمي صورت ۾ لکيل آهن. جيڪي اشاعت جي اوسيئڙي ۾ آهن.

عمران سومرو مشهور سگهڙ جلال ڪٽيءَ جي اولاد مان آهي.

ڪئپٽن غلام حسين "مشتاق" سُچاروي:

غلام حسين "مشتاق" سُچاروي ولد رئيس ٻيدو خان سچاروي 10 ـ مئي 1937ع تي ڳوٺ سچارو شهداد خان جماڻي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ مئٽرڪ دادو مان حاصل ڪيائين. اهڙي طرح انٽر جو سلسلو جاري رکيائين. هن ايم.اي عربيءَ ۾ نمايان پوزيشن ۾ پاس ڪيائين. جنهن لاءِ ڪيس گولڊ ميڊل ڏنو ويو. کان علاوه ايم.اي (اردو) ايل.ايل.بي منشي فاضل فارسي، فاضل عربي ۽ دستار فضيلت، دستار نظامي جي سنَدَون به حاصل ڪري چڪو آهي. يارهن سال ڪاليج ۾ پروفيسر جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنائين. 1968ع ۾ پاڪستان آرمي ۾ ڪئپٽن جي حيثيت ۾ رٽائرڊ ڪيائين. پاڻ ڏهه سال ميرپورخاص ۾ اعزازي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي حيثيت سان فرائض سرانجام ڏنائين. ان کان سواءِ ڏهه سال روزانه "سرواڻ" حيدرآباد جو چيف ايڊيٽر به رهيو آهي.

ڪئپٽن غلام حسين "مشتاق" سُچاروي 1962ع کان ادبي دنيا ۾ آيو. نثر کان علاوه شعر و شاعري به ڪندو رهيو آهي. هن سنڌي سميت فارسي، عربي، انگريزي ۽ اردو ۾ به شاعري ڪئي آهي. مولوي نبي بخش نحيف، پير علي محمد اظهر ريلائي ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي سندس استاد رهيا آهن. هن ڪافي ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ جامِ ڪوثر، شرح قصيده برده، عقيدت جا گل، حضرت علي عليه السلام جو نظام حڪومت شامل آهن. جيڪي منظرِ عام تي اچي چڪا آهن. سندس اڻڇپيل ڪتاب سنڌي، اردو ۽ فارسي ۾ لکيل آهن جيڪي ايجان تائين ڇپجي نه سگهيا آهن[1]. سُچاروي صاحب سنڌي ادبي بورڊ مان نڪرندڙ نامور رسالي "مهراڻ" جو ريگيولر لکندڙ رهيو آهي.

سُچاروي' جي شاعريءَ ۾ جدت پسنديءَ جو عنصر نمايان نظر اچي ٿو. هو هڪ ئي وقت ڇهن هولين تي روائيءَ سان شاعريءَ ڪرڻ جو نرس رکي ٿو. پاڻ علم عروض جو پڪو پختو شاعر آهي. غلام حسين "مشتاق" سُچاروي جا 5 ڪتاب: آدابِ رسول، معراج النبي ، آبِ ڪوثر، موتي مٽياداري ۽ اڪر اڪر عشق تازو ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. جن جي مهورتي تقريب 6 ـ آڪٽوبر 2012ع تي انڊس هوٽل ۾ ٿي، جنهن جي صدارت مظهرالحق صديقي ڪئي. مهمان خاص ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ هئي. (ايڊيٽر)

سُچاروي صاحب جي موجوده رهائش جي.او.آر ڪالوني حيدرآباد ۾ آهي.

غلام مصطفيٰ شاهين:

غلام مصطفيٰ ولد نورمحمد عرف نورل ڪنير ڳوٺ محب علي چانديي تعلقي دادو ۾ سال 1937ع ۾ ورتو. سنڌي فائينل ڳوٺ مان پاس ڪري استادي پيشو اختيار ڪيائين. سال 1955ع کان شعر و شاعري ڪندو ٿو ڪتابن جيترو مواد موجود آٿس. جيڪي شايع نه ٿي سگهيا آهن. غلام مصطفيٰ شاهين 1992ع تي وفات ويو.

سقراط سيتائي:

شبير احمد ولد محمد حسن سومرو 15 ـ ڊسمبر 1963ع تي ڳوٺ مرڪپور تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ۽ سندس خاندان سيتا ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. سندس ادبي نالو سقراط سيتائي آهي. 1979ع کان ادبي دنيا ادب ۾ سندس استاد پيرل پرديسي سيتائي آهي. شاعريءَ کان علاوه نثر ۾ به لکي ٿو. صحافت سان به آهي. سقراط سيتائي سنڌي ادبي سنگت دادو شاخ جو سيڪريٽري به رهيو آهي. ۽ هن سنڌي ادبي سنگت جي فارم تان ڪافي ادبي پروگرام به ڪرايا جيڪي يادگار سمجهيا وڃن ٿا. هن وقت سندس رهائش ڪراچيءَ ۾ آهي پريس فوٽوگرافر جي حيثيت سان فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

سڪايل شوڪت شاهه:

سڪايل شوڪت شاهه ولد سيد نبن شاهه 1 ـ جنوري 1968ع تي ڳوٺ پيري تعلقي دادو ۾ جنم پرائمري تعليم حاصل ڪري پوءِ مئٽرڪ دادو مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو آهه وقت سندس رهائش دادو ۾ آهي. 1980ع کان شاعري ڪري ٿو. غزل، گيت، چوسٽا ۽ نظم تي طبع آزمائي ڪر آهي.

خليل ميمڻ:

خليل الله ميمڻ ولد الله بخش ميمڻ 1 ـ نومبر 1977ع تي سنڌ جي تاريخي شهر پاٽ شريف تعلقي جنم ورتو. پرائمري ۽ ثانوي تعليم پاٽ شريف مان حاصل ڪيائين. هن وقت ايم.اي ڪري چڪو آهي. 1995 ادب ۾ پير پاتو آٿس. سندس ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم اڇپيل صورت ۾ موجود آهن. جيڪي اشاعت جا منتظ سندس ادب ۾ استاد نصير ميمڻ آهي. جيڪو هڪ استاد صحافي ۽ اديب آهي.

دوست محمد شاهه عرف درويش سيتائي:

سيد دوست محمد شاهه ولد سيد خان محمد شاهه 3 ـ مارچ 1906ع ۾ سيتا وليج تعلقي دادو ۾ جنم ور ۾ سندس ادبي نالو درويش سيتائي هو. سنڌي فائينل پاس هو. فارسي جي تعليم به حاصل ڪئي هئائين. 1926 ادب جي دنيا ۾ آيو. هن ڏوهيڙن ۽ بيتن تي طبع آزمائي ڪئي.

درويش سيتائي 25 ـ آگسٽ 1986ع ۾ رحلت ڪري ويو ۽ پنهيان هڪ ڪتاب جيترو مواد ڇڏي ويو آ

سائل سنڌي:

محمد صالح ڀٽو ولد محمد عرس ڀٽو 16 ـ مارچ 1964ع تي ڳوٺ ڪانهري تعلقي دادو ۾ پيدا ٿيو.

مس سائل سنڌي آهي. ايم.ايس سي ۽ ايم.ايڊ تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آهي. ليڪچرار جي حيثيت سان مي خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

محمد صالح ڀٽو 1995ع کان شاعري ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه مضمون مقالا لکيا اٿس. سندس ري ۽ جو مجموعو قلمي صورت ۾ موجود آهي جيڪو ڇپائيءَ لاءِ منتظر آهي.

ظ خليل احمد طارق:

حافظ خليل احمد طارق، ولد الهرکيو ميربحر سال 5 ـ مئي 1938ع تي ڳوٺ پير ڪٽيو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ، مدرسي ۾ عربي ۽ فارسي هولي به پڙهيو عربي ۽ فارسي ۾ دسترس حاصل ڪيائين. ادب جي ابتدا 1950ع کان ائين ٿي ڪتاب مختلف موضوعن تي لکيل اٿس. شاعري به ڪيائين. مطالعي جو شوقين هو هڪ هزار ڪتابن شتمل سندس ذاتي لائبريري پوئتي ڇڏيائين. 18 ـ نومبر 2010ع تي گذاري ويو.

ظ قربان علي وگهيو:

حافظ قربان علي ولد عبدالرحمان وگهيو 1947ع ڳوٺ عبدالرحيم جو کوهه تعلقي دادو ۾ پيدا ٿيو. تعليم ي عربيڪ اورينٽل ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. سندس قلمي پورهيو هڪ ڪتاب جيترو وٽس موجود . پاڻ هڪ عالم جي حيثيت رکي ٿو.

ر زنئور:

خادم حسين ولد شاهه علي زنئور ويڙل ڳوٺ فتح علي زنئور تعلقي دادو ۾ 7 ـ آڪٽوبر 1961ع تي جنم ورتو. ۾ ابتدا 1998ع کان ڪيائين. شعر و شاعري ڪندو آهي ۽ هڪ عدد ڪتاب جيترو مواد وٽس موجود آهي. سندس ر ايم. اي آهي ۽ پاڻ ڊويزنل اڪائونٽس آفيسر آهي.

ب علي پلهه:

ارباب علي پلهه ولد عبدالرسول پلهه تاريخ 22 ـ جون 1978ع تي ڳوٺ پائي خان پلهه دادو ۾ جنم ورتو. تعليم ي اٿس. هن وقت استادي جهڙي معزز پيشي سان وابسته آهي. سال 2001ع کان ڪهاڻيون لکي ٿو. ان کان علاوه ، لاءِ انگريزيءَ ۾ سوالن جوابن تي مشتمل هڪ ڪتاب به شايع ٿيل اٿس. هڪ سائنس جو ڪتاب 'پروگريسو ن سائنس' اڃ ڇپيل صورت ۾ موجود اٿس.

ر سنڌي:

محمد سلطان ولد محمد علي ڪوريجو ادبي نالو جگر سنڌي 2 ـ آگسٽ 1932ع تي ڳوٺ رکڙ پراڻي ي دادو ۾ جنم ورتو. پنهنجي ڳوٺ مان پرائمري ۽ فائينل جو امتحان ڏئي استادي جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ادو جي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ استاد جي حيثيت سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنائين. پاڻ آل سنڌ پرائمري س ايسوسيئيشن ضلع دادو جو صدر به رهيو. هن استادي پيشي سان گڏ ادبي دنيا ۾ پنهنجون سرگرميون جاري ن هن 1953ع کان شعر و شاعري کان علاوه مقالا به لکيا آهن.

ن چارڻ:

عبدالرسول ولد حاجي عبدالڪريم چارڻ غريب آباد محلي دادو ۾ سال 1961ع ۾ جنم ورتو. ادبي نالو حاجن ، اٿس. 1982ع کان ادب سان واسطو اٿس.

مولا بخش آزاد:

مولا بخش آزاد ولد محمد بخش عرف بخشل سولنگي 7 ـ آڪٽوبر 1973ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. انٽر تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آهي. 1992ع کان لکڻ جي شروعات ڪئي اٿس. شاعري ۽ ڪري ٿو ۽ ڪهاڻين جو هڪ مجموعو 'محبت جو دنگ ڪٽي ٽيندو' اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود اٿس.

مير ممتاز برهماڻي:

ممتاز علي برهماڻي ولد محمد نواز برهماڻي تاريخ 7 ـ ڊسمبر 1984ع تي ڳوٺ پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ ڄائو. انٽر تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آهي. سال 1988ع ۾ ادبي دنيا ۾ آيو آهي. مير ممتاز برهماڻيءَ جي نالي سان ناول ۽ ڪهاڻيون لکي ٿو. شعر شاعري ۽ ڪندو آهي.

نبي بخش ساحل:

نبي بخش ولد فيض محمد ذات لغاري 20 ـ نومبر 1977ع تي جنم ورتو. نبي بخش ساحل جي نالي سان شعر و شاعري ڪري ٿو. سال 1995ع کان ادبي لڏي سان شامل ٿيو آهي. سندس مستقل رهائش دادو شهر ۾ آهي.

نورالدين چنہ سيتائي:

نورالدين ولد محمد ايوب چنہ تاريخ 15 ـ سيپٽمبر 1972ع تي سيتاوليج تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪري هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. هن وقت بي. اي ڪري چڪو آهي.

هن ڪهاڻيون، مضمون ۽ ڪالم لکيا آهن. ان سان گڏ شاعري ۽ ڪري ٿو. شاعري ۾ سندس استاد بشير سيتائي آهي. سال 1990ع کان لکڻ شروع ڪيائين. ونس ۽ن ڪتابن جو مواد موجود آهي.

نصير ميمڻ:

نصير احمد ميمڻ ولد محمد بخش ميمڻ، نصير سارنگ جي نالي سان لکندو رهيو آهي. تاريخ 5 ـ آگسٽ 1970ع تي سنڌ جي مشهور ۽ تاريخي شهر پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ اک کولي. پرائمري تعليم پاٽ شريف مان پڙهي گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين. جتان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين. مسلم ڪاليج حيدرآباد مان انٽرميڊيئٽ جو امتحان پاس ڪري، مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي جام شوري ۾ داخلا ورتائين ۽ اتان ئي سِول انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين ۽ مهراڻ يونيورسٽي ۾ ئي ليڪچرار مقرر ٿيو. ڪجھ عرصي بعد ڪيس پروموشن ڏئي ساڳيءَ يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر مقرر ڪيو ويو. هن وقت خيرپور ميرس، هڪ پروجيڪٽ ۾ ارڙهين گريڊ ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

نصير ميمڻ ادبي سرگرمين ۾ پرپور انداز سان حصو وٺي رهيو آهي. 1987ع کان ادبي ۽ صحافتي لڏي شامل ٿيو. ڪيترائي مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکيا اٿس. هيءُ باقاعدگيءَ سان سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ لکندو رهي ٿو. خاص طرح سان اخبارن ۾ سندس مضمون شايع ٿيندا رهن ٿا. نصير ميمڻ ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف آهي انگريزيءَ ۾ 3، اردوءَ ۾ 3 ۽ سنڌيءَ ۾ 8 ڪتاب لکيل اٿس. هيءُ گهڻو ڪري سياسي ۽ سماجي مسئلن تي لکندو آهي ا کان علاوه هن جا سنڌ جي سياست، معاشي ۽ قدرتي وسيلن تي لکيل انيڪ مقالا منظر عام تي اچي چڪا آهن. روزاڊ 'ڪاوش' جو ريگيولر لکندڙ آهي. نصير ميمڻ IUCN جو ميمبر پڻ آهي.

وشاد ڪوسو:

نور نبي جنهن جو ادبي نالو نوشاد ڪوسو آهي. تاريخ 13 ـ آڪٽوبر 1966ع تي دادو ۾ غلام نبي ڪوسي جي گهر ۾ اڪ ڪولي. 1983ع ڪان شاعري ڪري ٿو تعليم بي. اي تائين حاصل ڪئي اٿس. هن غزل، گيت، چوسٽا ۽ نظم ڪيا آهن. پاڻ هوميوپيٿڪ ڊاڪٽر آهي.

وحيد قريشي:

وحيد الزمان قريشي ولد لطف الله قريشي 12 ـ فيبروري 1962ع تي ڳوٺ ڪنبي تعلقي دادو ۾ پيدا ٿيو. تعليم انٽر تائين اٿس 1978ع ڪان شاعري ڪري ٿو. مضمون ۽ ڪالم به لکندو رهندو آهي.

وفا بهادر چانڊيو:

بهادر چانڊيو ولد الهداد خان چانڊيو تاريخ 28 ـ جنوري 1973ع تي ڳوٺ بهرام خان چانڊيي لڳ پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ اڪ ڪولي. بي. اي تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آهي. ادبي سرگرمين ۾ 1993ع ڪان حصو وٺي رهيو آهي. شاعري ڪان علاوه مضمون به لکندو آهي. سندس استاد فدا ڪلرائي آهي. نالو وفا بهادر چانڊيو اٿس ۽ ان نالي سان شعر و شاعري ڪندو آهي.

وفا ياسين آرائين:

وفا ياسين آرائين ولد محمد حسين آرائين 2 ـ مارچ 1970ع تي ڳوٺ پيارو آرائين تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم بي.ايس سي تائين حاصل ڪري چڪو آهي. 1990ع ڪان شعر و شاعري ڪندو اچي ٿو. نثر ۾ به ڪيترائي ڪالم، مضمون ۽ مقالا لکيا اٿس.

وفا ياسين چارڻ:

غلام ياسين ولد حاجي محمد صالح چارڻ وفا ياسين ۽ ڪڏهن "ياسين يگانو" جي نالي سان لکندو آهي. هن تاريخ 8 ـ سيپٽمبر 1971ع تي غريب آباد محلي دادو ۾ اڪ ڪولي. انٽر تائين تعليم ٿيل اٿس. 1990ع ڪان شاعري ڪري ٿو ۽ هڪ عدد ڪتاب جيترو مواد وٽس موجود آهي.

لهه ڏنو برهماڻي:

الهه ڏنو ولد بيگو خان برهماڻي 1 ـ جنوري 1935ع تي ڳوٺ سچارو شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم گائينل ۽ ادیب فاضل ٿيل اٿس. شعر و شاعريءَ سان شغف اٿس. نعتيه شاعري ڪندو آهي. سندس جو مشهور نعت خوان آهي. سندس نعتن جا به ڪتاب شايع ٿيا آهن. سندس سنڌي فائينل جو استاد سر شفيع محمد قريشي ۽ سيد عبدالرحمن شاهه آهن. ۽ شاعريءَ ۾ سندس استاد محمد مصطفيٰ ملڪاڻي آهي.

ڊاڪٽر نظير احمد چارڻ:

نظير احمد ولد رسول بخش چارڻ 2 ـ جون 1947ع تي ڳوٺ ٻڌڙا پنهور تعلقي جوهي ۾ جائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد دادو مان مٽرڪ فرسٽ ڪلاس گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو مان بي.اي فرسٽ ڪلاس ٿين پوزيشن سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان حاصل ڪيائين. ان کان علاوه ڊي.ايڇ.ايم.ايس هوميوپيٿڪ چار سال جناح هوميوپيٿي ڪالج ڪراچيءَ مان چار ئي سال پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين. ان کري

کيس گولڊ ميڈلسٽ عطا ڪيو ويو. هن ييچلر آف هوميوپيٿڪ ميڊل ۽ ييچلر آف هوميوپيٿي اسپيشلسٽ آ گائناڪالاجي ۾ جي ڪيئسر تي جرمنيءَ مان ڊگري حاصل ڪئي.

سال 1992ع کان 1998ع تائين روزانه 'جاڳو' ۾ هوميوپيٿي تي ڪالم لکيائين ۽ مشهور ڪا 'هوميوپيٿڪ ڪلينڪ' جي حوالي سان پڙهندڙن جي خطن جا جواب هر هفتي ڪالم ۾ ڏيندو رهيو جنهن ۾ جم پندرهن هزار خطن جا جواب ڏنا ويا، جن ۾ ڪجهه خط اخبار ۾ شايع ٿيا ۽ باقي ٻين کي سڌو سنئون جواب ڏنا ويا.

سال 1998ع کان 1999ع تائين روزانه 'برسات' ڪراچي ۾ هوميوپيٿڪ ڪلينڪ ۽ روزانه 'عبرت مٽگزي ۾ به هوميوپيٿڪ ڪلينڪ جي حوالي سان سندس خط شايع ٿيندا رهيا. هيڪڙ ٻيڪڙ ٻين ڪيترن ئي رسالن بيمارين ۽ انهن جو هوميوپيٿي علاج جي حوالي سان به ڪيترائي ڪالم شايع ٿيندا رهيا آٿس. ان کان علاوه دادو ۾ پ ۾ سنڪڻي جي هڏن تي چڻن ڪالمن تي مشتمل تحقيقاتي مضمون روزانه خبرون اخبار ۾ شايع ٿيو آهي. ڊاڪٽر نظ احمد چارڻ هڪ ئي وقت چار ڪتاب ترتيب ڏئي رهيو آهي. (1) ڄاتي جو ڪئنسر ۽ ان جو هوميوپيٿي ۾ علاج، (عام بيمارين ۽ ان جو هوميوپيٿي علاج، (3) زنانيون بيمارين ۽ ان جو هوميوپيٿي علاج، (4) ٻارن جون عام بيمارين ۽ جو هوميوپيٿي علاج. ان کان علاوه هوميوپيٿي جي جڳ مشهور مٽيريا ميڊيڪا جيڪا انگريزيءَ ۾ ڊاڪٽر وليم بورو جي لکيل آهي. ان جو سنڌي ترجمو ڪري رهيو آهي.

ڊاڪٽر نظير احمد چارڻ سماجي سرگرمين ۾ به ڪم ڪري رهيو آهي. هوميوپيٿي علاج جي حوالي س ڪيترائي پيرا ڪيمپون هٿائي چڪو آهي. جتي غريب ۽ مسڪين مريضن جو مفت علاج ڪيو ويو آهي. دادو شهر (ليشمينيا) چمڙي جي بيماري تي به پيرا سنڊس پاران ڪيمپون قائم ڪيون ويون. اهڙي طرح ادبي ۽ سماجي سرگرم ۾ پرپور حصو ونڊندو اچي ٿو. سندس رهائش دادو جي بٽ پاڙي ۾ آهي.

شهباز سومرو:

عبدالستار سومرو ولد محمد صديق سومرو 15 ـ فيبروري 1977ع تي قلجي اسٽيشن تعلقي دادو ۾ ڄا سندس ادبي نالو شهباز سومرو آهي. شهباز سومري پنجون درجو قلجي اسٽيشن مان مٽرڪ به هاءِ اسڪول قل اسٽيشن مان حاصل ڪيائين ۽ گريجوئيشن استاد بخاري ڊگري ڪاليج مان پاس ڪيائين. شاگردي واري دور کان ا ۾ پير پاتائين. سندس ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم مختلف روزانه اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. جن ۾ روزانه بخت الڪ، عبرت، سنڌو حيدرآباد، روزاني رياست، ايڪسپريس خبرين (اردو)، عوامي آواز پاڪ، سنڌ سجاڳ، ها پاڪستان ۽ ماهوار نئين سوچ وغيرهشامل آهن. شعر و شاعري به ڪئي آٿس. غزل، گيت ۽ چوسٽن تي طبع آزما ڪندو رهي ٿو. سندس به گيت رحمت ميراڻي ۽ شمن ميراڻي به ڳايا آهن. ان کان علاوه فنڪار سرور سخيراڻي به ڪ گيت ڳايا آٿس. شهباز سومرو صحافت سان به وابسته رهيو آهي.

وفا ڪوڙڙ چنڙ:

وفا ڪوڙڙ چنڙ ولد محمد چٽل چنڙ 1 ـ مارچ 1977ع تي ڳوٺ ابڙان ۾ جنم ورتو. هن وقت دادو شهر ۾ رهاڻ پذير آهي. تعليم بي. اي تائين حاصل ڪئي آهي. دادو شهر ۾ سندس ذاتي ڪاروبار آهي. 1993ع کان ادب ۾ ر رکڻائيءَ جي رهبري ۾ پير پاتو. غزل، گيت، بيت، نظم، چوستا چيا آٿس. شاعريءَ جو هڪ ڪتاب 'نيٺ نه ننڊون ڪ شايع ٿيو آٿس. ٻيو شاعريءَ جو ڪتاب اڃ ڇپيل موجود آٿس.

سرور ڪنڈر[1]:

عذرا دادو ضلعي جي تاريخي شهر پاٽ ۾ جنم ورتو سندس والد جو نالو ڪريم بخش چنا آهي. جو سنڌ جو هڪ اعليٰ دماغ انسان هو ۽ ڪيترن اعليٰ عهدن تي رهيو. عذرا اهڙي علمي ۽ ادبي خاندان ۾ جنم ورڻ سبب پاڻ به علم ۽ ادب ڏانهن راغب رهي. سندس شاعريءَ جو ڪتاب منظرِعام تي اچڻ ڪري ڪيس وڏي ميجتا ملي. عذرا شاعري کان علاوه ڪهاڻيون ۽ مضمون به لکيا آهن. پاڻ تعليم جي موجوده فرسوده نظام کي بدلائڻ لاءِ ڪوشان آهي. نئين سماج جي اڏاوت لاءِ هوءَ انسان جي سوچ فڪر ۽ عمل جي آزادي جي حق ۾ آهي ۽ ان جي لاءِ معاشي ۽ سماجي شعور مڙئ لازمي سمجهي ٿي.

عنايت لغاري[1]:

عنايت لغاري ولد غلام عباس لغاري ڳوٺ لالهر تعلقو جوهي ۾ تاريخ 7 ـ ڊسمبر 1986ع تي جنم ورتو. 1995ع کان سندس ڪٽنب لالهر کي ڇڏي دادوءَ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. عنايت مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي تعليم جاري رکي نه سگهيو ۽ دڪان کولي پنهنجي ذريعه معاش ٻڌايو. 2002ع کان هو ادب ڏانهن راغب ٿيو ۽ آسي بدر چنا جي صحبت ۾ گيت، غزل چوڻ لڳو. سندس شاعري سنڌ جي مختلف رسالن ۾ چپجندي رهي ٿي. شاعري کان علاوه ڪيس راڳ رنگ سان به گهري دلچسپي آهي. ان ڪري سنڌ جي ڪيترن ئي پلوڙ شاعرن جي گيتن ۽ غزلن کي ڪمپوز ڪري سر ۽ س از بخشيندو رهي ٿو. هينئر تائين پاڻ به بهترين غزل ناهي ۽ ڳائي چڪو آهي. جن ۾ رومانس سان گڏ سماجي رڪ درد به شامل آهي.

امداد سومرو:

امداد ولد عطا محمد سومرو تاريخ 14 ـ ڊسمبر 1970ع تي سيتا ڳوٺ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. امداد سومرو هڪ قابل محنتي ليکڪ، قلمڪار ۽ صحافي آهي. هن پهريائين روزانه عبرت اخبار ۾ پوءِ روزانه ڪاوش حيدرآباد ۾ پنهنجون صحافتي خدمتون سرانجام ڏنيون. هن ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۾ لکيا. امداد سومرو عبرت لاءِ سکر جو بيورو چيف آهي. هن صحافت کي باقاعده ذريعه معاش بنايو. هن ڪرنٽ افيئرس تي ڪيترين ئي اسٽورين ۽ فيچر لکيا آهن. جن مان سندس صحافتي صلاحيتون نمايان آهن. هن روزانه عبرت اخبار ۽ عبرت مئگزين کان علاوه ٻيلي ڊان ڊي نيشن ۽ ٻين انگريزي رسالن ۾ پنهنجا مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکيا آهن. موجوده وقت ۾ سنڌ چئنل تي ڊاڪيومينٽري سيڪشن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي.

امداد سومرو صحافت کان علاوه شعر و شاعري به ڪندو آهي.

جمع خان فريب:

سنڌ جي جنهن به ادبي تاريخ ۾ جمع خان فريب جو ذڪر نه هجي ته اها تاريخ اڌوري ليکي ويندي. مرحوم جمع خان ولد ستار ڏنو پيرزادو 15 ـ جنوري 1885ع تي ڳوٺ مريد خان لاکير لڳ سيتاوليج تعلقي ميهڙ دادوءَ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم سيتا ڳوٺ مان حاصل ڪئي. سنڌي فائينل پاس ڪري استاد جو معزز پيشو اختيار ڪيائين. سنڌ جي مشهور شاعرن: محمد صديق مسافر ۽ شمس الدين 'بلبل' جي اصلاح سان پنهنجي وقت جو بهترين شاعر ۽ اديب

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو

بٹيو. پاڻ مثالي استاد سان گڏ سٺو حڪيم به هو. طب ۾ حڪمت جي ڄاڻ قاضي عبدالوهاب شڪارپوريءَ کان ورتائين. 1940ع ۾ استاد جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين. سندس ڪلام نهايت فصيح، بليغ، سلاست ۽ رواني وارو آهي. هو پنهنجي دور جو هڪ انقلابي شاعر هو. سنڌ جي هر ڳوٺ، وستي، واهڻ ۾ ٿيندڙ ادبي ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ آخر تائين سندس مشاعرن ۽ ادبي مجلسن سان علمي تعلق رهندو آيو. سندس شاعريءَ جو ڪتاب "گل نوبهار" وقت جي سرڪار هاءِ اسڪولن لاءِ ڪورس طور منظور ڪيو.

پاڻ اڳتي هلي 'اديب سنڌ' جو ايڊيٽر بٹيو ۽ 'مسلمان' جو سب ايڊيٽر بٹيو. پاڻ هڪ رسالو 'طالب المولىٰ' سيتا روڊ مان پڌ جاري ڪيائين. انهن رسالن جي ايڊيٽر دوران ان وقت جي نو آموز شاعرن کي لکڻ تي همٿايائين. سنڌ کي ڪوڙسارا ليکڪ پيدا ڪري ڏنائين. سندس دوستن، ادبين ۽ شاعرن جو هڪ وڏو حلقو هو ۽ هميشہ محفلن جي جان رهيو. جمعيت الشعراء سنڌ ۽ علم ادب هالا جو سرگرم ڪارڪن رهيو. ادبي محفلن سجائڻ ۾ اڳواڻ رهيو. 7 ـ آگسٽ 1953ع تي هيءُ شاعريءَ جو شمس غروب ٿي ادبي دنيا کي غريب ڪري ويو.

رسول بخش دوست:

رسول بخش دوست سنڌ جي مشهور شاعر جمع خان غريب جو فرزند هو. جيڪو پڻ انقلابي سوچ رکندڙ ۽ بلند پايہ جو ادبي ڪارڪن هو. پنهنجي والد کان رهبري حاصل ڪيائين. ۽ 1942ع کان علم عروض سکي پختي شاعري ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي دور جي برجسته شاعرن جي زير سايہ رهي ادبي محفلن ۾ حصو ورتائين. پنهنجو تخلص 'دوست' رکيائين ۽ ان تخلص جي حوالي سان عام ۽ ادب سان نپايائين. سندس مختصر تعارف هيٺئين ريت آهي:

رسول بخش ولد جمع خان پيرزادو سال 1924ع ۾ ڳوٺ مريد خان لاکير لڳ سيتا ڳوٺ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتي ۽ گريجوئيشن بمبئي يونيورسٽيءَ مان ڪئي ۽ روينيو کاتي ۾ ڪلارڪ ٻڌجي پنهنجيءَ زندگيءَ جو آغاز ڪيو. نوڪريءَ سان گڏ هو پنهنجي زمين جو ڪم ڪار سنڀالينڊو هو. ادبي ڪمن ۾ جهڙوڪ: ماهوار "طالب المولىٰ" سيتا روڊ جي ايڊيٽنگ ۽ مواد سهيڙڻ ۾ پنهنجي والد جمع خان غريب جي مدد ڪندو هو.

رسول بخش دوست سان زندگي جواني ۾ ئي بيوفائي ڪئي ۽ 36 سالن جي ڄمار ۾ 24 ـ آگسٽ 1960ع ۾ هن دنيا کي هميشہ لاءِ الوداع چئي ويو. سندس نظم ۽ غزل ان وقت جي رسالن ۽ اخبارن جي زينت ٻڌيا. هن پنهنجي والد وانگر هميشہ اصلاحي ۽ انقلابي شاعري ڪئي.

دلبر جمالي:

شمس الدين 'دلبر جمالي' ولد محمد ابراهيم جمالي ڳوٺ امام بخش جمالي 12 ـ جنوري 1950ع ۾ جنم ورتو. پوءِ مستقل طور تي دادو ۾ رهيو. دادو ۾ نوٽري پبلڪ، اوٿ ڪمشنر رهيو. سندس تعليم ايم. اي، ايل. ايل. بي هئي. ادبي محفلن ۽ مشاعرن ۾ وڏي چڙهي حصو ورتائين. ترنم سان شعر پڙهندو هو. ادب سان ڪيس گهرو لڳاءُ هو.

آخري سالن ۾ ذيابيطس جو مريض رهيو ۽ سال 2004ع ۾ وفات ڪري ويو. سنڌي ادبي سنگت دادو جو فعال ڪارڪن رهيو. 'بزمِ دلبر جمالي' ۾ پنهنجي زندگيءَ ۾ قائم ڪيائين. بزم غالب دادو طرفان پڻ ڪافي مشاعرا ڪيائين ۽ هڪ مشاعري ۾ پڙهيل شاعري ترتيب ڏئي ڪتاب 'ماڪ ڦڙا' جي نالي غالب ملڪاڻي صاحب جي تعاون سان ڇپرايائين.

يار محمد جهانگي:

يار محمد جهانگي ولد محمد عمر پنهور 17 ـ جولاءِ 1936ع تي دادو ۾ جنم ورتو. سندس تعليم مٽرڪ

آهي. 30 سال پرائمري استاد رهيو ۽ 1986ع ۾ رٽائر ڪري اسٽيٽ لائيف انشورنس ۾ سيلز مئنيجر ٿيو. پاڻ جواني ۾ ڪان وٺي شاعري ڪندو پيو اچي. وٽس مظلوم زبيده، غريب جي عيد، غريب جو انصاف ۽ ٻيا ڪتاب اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن.

يار محمد جهانگي سماجي ورڪر، فقير المزاج، صحافي، اديب ۽ پيارو شاعر آهي. سندس شاعري ۾ روحانيت، تصوف جا نڪتا سمايل آهن. سندس شاعري ۾ خودي کي مارڻ جو درس ملي ٿو.

يارمحمد جهانگي مزدور آباد محلي دادو ۾ رهائش پذير آهي.

ناز ڪاظمي:

ڊاڪٽر ڪرم علي شاهه ولد سيد عالم شاهه ادبي نالو ناز ڪاظمي، اصل ڪوسا وليج نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. پوءِ مستقل رهائش دادو ۾ ڪئي. پاڻ 7 ـ مارچ 1955ع تي جنم ورتائين. ايم. بي. بي. ايس تائين تعليم حاصل ڪري ڊاڪٽر ٿيو. پاڻ سينيئر ميڊيڪل آفيسر طور فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ناز ڪاظمي 1967ع ڪان ادب ۾ پير پاتو ۽ وٽس شاعري جا هينئر تائين ٽي مجموعا اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن. شام جو پٽائي ڪلينڪ شاهه آباد (چاڙو) ۾ ادبي دوستن ۽ فنڪارن سان سندس رهاڻيون هونديون آهن. اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن جي خاطر تواضع توڙي علاج معالجي ۾ تمام فراخ دل آهي.

سيد محمد شاهه 'فيروز':

سيد محمد شاهه ولد سيد علي شير شاهه سيتا ڳوٺ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين ۽ بعد ۾ ثانوي تعليم هاءِ اسڪول قلجي ۾ حاصل ڪيائين. انگريزي استاد ٿيو ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيتاوليج مان ئي رٽائر ڪيائين. علم ۽ ادب سان ڪيس چاهه رهيو آهي. پاڻ گيت، ڪافي وائي ۽ غزل جو شاعر آهي ۽ 'فيروز' تخلص استعمال ڪري ٿو. وٽس شاعري جو ڪافي مواد آهي. هيل تائين سندس ٻه ڪتاب ڇپجي منظرعام تي اچي چڪا آهن.

ڪريم ميمڻ:

عبدالڪريم ميمڻ ولد عبدالحڪيم ميمڻ 7 ـ فيبروري 1954ع تي ڳوٺ دين محمد شاهاڻي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. سندس تعليم ايم. اي آهي ۽ سرڪاري ملازم آهي. 1983ع ڪان شاعري جي دنيا ۾ پير پاتائين. وٽس شاعري جو ڪپل مواد آهي. پاڻ سنڌي ادبي سنگت دادو جو فعال ڪارڪن آهي.

منير گوزائي:

چانڊ منير احمد راهوجو ولد شمس الدين راهوجو 20 ـ جولاءِ 1941ع تي زندگي جي ايوان ۾ قدم رکيو. سندس جنم هنڌ ڳوٺ حاجي لعل بخش راهوجو تعلقو خيرپور ناٿن شاهه آهي. پر ڪافي سالن کان سندس مستقل رهائش دادو ۾ آهي. سندس تعليم ايم. اي ايل. ايل. بي ۽ ڪجهه ڊپلوما ڪورس ڪيل اٿس. ڪجهه وقت پير الاهي بخش لا ڪاليج دادو جو پرنسپال رهيو.

سال 1959ع ڪان ادبي ميدان ۾ پير پاتائين. بحيثيت شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾: پانڊي، منهنجي منزل تنهنجي مرڪ ۽ چند ڦرين چوڳول، شامل آهن. وٽس اڻ ڇپيل صورت ۾ به ڪجهه ڪتاب آهن. پاڻ ادب دوست شخصيت آهي. ان ڪري اديبن ۽ شاعرن سان سندس گهاڻو ۽ گهرو سُهنڌ آهي. سنڌي ادبي سنگت جو فعال ڪارڪن آهي.

رياض شاهه:

پير رياض احمد ولد محمد عارف شاهه 10 ـ فيبروري 1967ع تي ڳوٺ پير بدرالدين شاهه ۾ جنم ورتو. تعليم بي.اي اٽس پاڻ استاد ۽ 1991ع کان لکندو پيو اچي. کهاڻيون خاڪا ۽ مضمون لکندو رهي ٿو. سندس مستقل رهائش دادو ۾ آهي.

غلام محمد درمنگي:

غلام محمد ولد محمد صالح منگي 4 ـ اپريل 1947ع تي ڳوٺ پيارو آرائين تعلقي دادو ۾ پيدا ٿيو. سنڌي فائينل 1952ع ۾ پاس ڪيائين ۽ سال 1960ع کان محسن ڪڙائيءَ جي رهبريءَ ۾ شاعري ڪيائين. 'عشق' ۽ 'آدرش' سندس ڇپيل ڪتاب آهن. سندس ڪلام ڪيترن فنڪارن ڳاتو آهي. پاڻ به ترنم سان شعر پڙهندو آهي ۽ پنهنجا غزل سريلي انداز ۾ ڳائيندو آهي.

اقبال شينو:

اقبال حسين ولد محمد مٺل شينو 1973ع کان بحيثيت شاعر جي ادبي ڪيٽر ۾ آيو ۽ هميشه مشاعرن جي جان رهيو آهي. پاڻ 26 ـ جون 1953ع تي جنم ورتائين. انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما ڪيائين ۽ هينئر هاءِ وي ڊپارٽمينٽ ۾ سب انجنيئر آهي. ٻاراڻي شاعريءَ تي مشتمل هڪ ڪتاب "جهڙا گل گلاب جا" ڇپيل اٽس. شاعريءَ جا ٽي مجموعا وٽس اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن. سندس ادبي رهبري الهه نواز رکڻائي ڪئي. دادو شهر ۾ رهائش اٽس.

ڊاڪٽر قربان علي جهتيال:

ڊاڪٽر قربان علي جهتيال ولد احمد خان جهتيال 1 ـ جنوري 1957ع تي ڳوٺ ڪمال خان جهتيال دادو ۾ جنم ورتو. 1975ع کان ڪالیجي دور ۾ شاعري شروع ڪيائين. تعليم ميڊيڪل ۾ ايم.بي.بي.ايس ڪيائين. پيشي جي حوالي سان هڪ ڊاڪٽر هو. شاعريءَ کان علاوه هن کهاڻيون ۽ مضمون لکيا. مٽگزين ريڊيو پبليڪيشن جو ايڊيٽر به رهيو. سنڌي ادبي سنگت لاءِ سندس ڪيل خدمتون نمايان رهيون. سنڌي ادبي سنگت ضلعي دادو جو ضلعي رابطا سيڪريٽري به رهيو. سگا سان به سندس واسطو هئس.

ڊاڪٽر قربان علي جهتيال 21 ـ آگسٽ 2012ع تي وفات ڪئي.

صائب ميمڻ:

غلام مصطفيٰ ولد عبدالغفور ميمڻ جيڪو صائب ميمڻ جي نالي سان لکندو پيو اچي. صائب ميمڻ 11 ـ جنوري 1965ع تي ڳوٺ دوآهو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم بي. اي اٽس ۽ واپڊا ۾ ملازم آهي. سندس ادبي سفر 1990ع کان بحيثيت شاعر ۽ کهاڻيڪار جي جاري آهي.

ضميره شيخ:

علم ۽ ادب سان دلي لڳاءُ رکندڙ ضميره شيخ ڪافي عرصي کان شاعري ڪندي اچي ٿي. شاعريءَ کان علاوه هن کهاڻيون ۽ مضمون به لکيا آهن. ضميره شيخ جي لکڻين ۾ عورتاڻي احساس ۽ جذبي جي خوبصورت نموني سان عڪاسي ڪيل هوندي آهي. سندس ڏوڪ ۽ شوق ادب جيڏ حوالي سان ڏينهون وڌ آهي. شعري ادب ۾ سندس نالو نمايان رهندو پيو اچي.

ملڪ وحيد:

غزل جي پختي ۾ باهنر شاعر ملڪ وحيد 12 ـ مارچ 1981ع تي جنمر ورتو. سندس والد جو نالو حاجي الهه ورايو ملڪ آهي. سندس اباڻو ڳوٺ فيض محمد ملڪ تعلقو دادو آهي. جتان سندس والد لڏي مستقل طور تي دادو شهر ۾ اچي رهيو. ملڪ وحيد دادو ۾ جنمر ورتو ۽ شهري فضا ۾ پليو. سندس تعليم ايم. اي سنڌي ادب آهي. موجوده وقت پرائيويٽ جاب ڪري ٿو. ڪيس شاعريءَ سان لڳاءَ آهي.

ملڪ وحيد سال 2000ع کان بشير سيتائيءَ جي رهبري ۾ شاعري ڪري ٿو. ڳچپل شعري مواد ڪنوٽي چڪ اٽس. هڪ شعري مجموعو "آئون منسوب تنهنجي نالي سان"، ترتيب ڏئي ڇپايو اٿائين. ۽ ٻيو مجموعو پريس ۾ ويڃڻ وارو آهي ۽ عنقريب منظر عام تي اچي ويندو.

ثنا.ايس:

شبانه ڏيءَ غلام نبي سانوٽاڻي جو جنمر دادو شهر ۾ 1984ع ۾ ٿيو. پاڻ شاعرا ۽ ڪهاڻيڪارا آهي. ليڪڪ هما.ايس سندس پيءُ آهي. ثنا.ايس جي تعليم جو سفر ايجا جاري آهي. ادب جي ميدان ۾ 1998ع کان پير پاتائين سندس ڪجهه لکڻيون ڪجهه اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيون آهن.

جاويد اختر:

جاويد اختر 4 ـ ڊسمبر 1979ع تي دادو شهر ۾ جنمر ورتو. سندس والد جو نالو محمد بخش عرف بخشل سولنگي آهي. 1995ع کان ادبي سفر جي ابتدا ڪيائين. ڪهاڻيون ۽ شاعري تخليق ڪري ٿو. انٽر پاس آهي ۽ هر وقت خانگي ملازمت ڪري ٿو. وٽس تخليق ڪيل مواد ڪافي آهي. جو ڇپجڻ جو منتظر آهي.

تبسم ماجد علي چنه:

سليم رضا چنه ولد محمد ابراهيم چنه دادو ۾ 2 ـ آڪٽوبر 1975ع تي جنمر ورتو. تبسم ماجد علي چنه سال 1987ع کان لکندو اچي ٿو. سندس تعليم انٽر سائنس آهي. خانگي ڪاروبار ڪري ٿو. هڪ شاعر ۽ ڪهاڻيڪار طور سندس ادبي سفر جاري آهي. وٽس ٻن ڪتابن جيترو مواد اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي.

گلشن سنڌو[1]:

گلشن سنڌو سولنگي دادوءَ ۾ رهائش پذير آهي ۽ ڪافي وقت کان لکندي پئي اچي. شاعريءَ ۾ سندس جذبي ۽ احساس جي شدت محسوس ٿئي ٿي. خاص طور تي هن سماجي مسئلن کي هاڻ لائيٽ ڪيو آهي. شاعريءَ کان سوا، هن ڪيترا مضمون به لکيا آهن. سندس ڪهاڻيون ۽ انٽرويو به ڇپيل آهن. سنڌي ادب ۾ عورتن واري حصي ۾ سندس نالو سئين ليکڪائن ۾ ڳڻجي ٿو.

ساگر شهزاد جاگيراڻي:

شهزاد خان جاگيراڻي ولد غلام اڪبر جاگيراڻي 4 ـ آگسٽ 1986ع تي لاڙڪاڻي ۾ جنمر ورتو ۽ پوءِ دادو شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي. تعليم مٽرڪ تائين اٽس. سال 2001ع کان سنڌ جي نامياري غزل گو شاعر بشير سيتائي کان علم عروض جي جاڻ ونئي شاعريءَ جي ميدان ۾ قدم رکيائين ۽ هڪ سٽي غزل گو شاعر جي حيثيت سان پاڻ کي

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

ميرايائين. پاڻ هڪ ذهين ۽ جدت پسند شاعر آهي. سندس شعري مجموعو "خواب نڏا نيٽن ۾ ماپن" تيار آهي.

صائمہ مگسي:

صائمہ مگسي. ڊاڪٽر لياقت مگسيءَ جي دختر نيڪ اختر آهي. ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادوءَ ۾ 24_ مارچ 1982ع تي جنم ورتائين. ايم.بي.بي.ايس ڊاڪٽرياڻي آهي.

صائمہ 2001ع کان ادب جي ميدان ۾ قدم رکيا. ادبي لکڻين جي اصلاح پنهنجي والد صاحب کان وٺندي رهي ٿي. سندس ڪجهہ لکيون ڇپيون آهن.

رفيق جتوئي:

رفيق احمد ولد امام الدين جتوئي 3_ اپريل 1984ع تي ڳوٺ گهرام خان گوپانگ ۾ جنم ورتو. سال 2000ع کان عبدالستار ڪوسي کان ادبي رهبري حاصل ڪيائين ۽ هڪ غزل گو شاعريءَ جي حيثيت سان اپريو آهي.

رفيق جتوئي محلي قلندر آباد دادو ۾ مستقل طور رهي ٿو ۽ تنس هڪ عدد ڪتاب جيترو مواد آهي.

راهي سانوڻاڻي:

سندس اصل نالو فدا حسين ۽ سندس والد جو نالو محمد بخش سانوڻاڻي آهي. پاڻ 15_ فيبروري 1971ع تي دادوءَ ۾ جنم ورتو ۽ بي. اي تائين تعليم حاصل ڪري سرڪاري ملازمت اختيار ڪيائين. هو واپڊا ڪاتي ۾ ملازم آهي. پاڻ وائي، بيت، گيت ۽ غزل جو سٺو شاعر آهي. سندس رهائش چاڻو شاهہ آباد محلي ۾ آهي.

سعيد سچائي:

عبدالله پنهور ولد قلندر بخش پنهور 6_ مارچ 1980ع تي جنم ورتو. سعيد سچائيءَ جي نالي سان شاعري ڪري ٿو. سندس اصل جنم هنڌ خيرپور ناٿن شاهہ آهي. پر سندس مستقل رهائش شهباز ڪالوني نزد موندر ناڪو دادو ۾ آهي. 1998ع کان ڪيس شاعريءَ سان لڳ لڳي. جنهن سان هينئر تائين نيائيندو اچي ٿو.

زمان سومرو:

محمد زمان ولد محمد الياس سومري سنڌ جي تاريخي ڳوٺ پاٽ ۾ جنم ورتو. سندس جنم تاريخ 1_ مارچ 1979ع آهي. گريجوئيٽ آهي ۽ ملازمت ڪري ٿو. 1998ع کان گلزار ڪلهوڙي پانائيءَ جي رهنمائيءَ ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ قدم رکيائين. پاڻ ڳچل شاعري ڪري چڪو آهي.

ساقي جتوئي:

محمد يوسف ولد علي محمد جتوئي 18_ اپريل 1984ع ۾ جنم ورتو. سندس پيدائش سندس ڪتب جي سعودي عرب رهائش دوران ٿيو. هينئر سندس مستقل رهائش دادو ۾ آهي. تعليم انٽر تائين آهي. سنڌي ۽ اردو زبان ۾ پختہ ڪلام شاعر آهي.

ساقي 1997ع کان شعر چوڻ شروع ڪيا. فارسي به سکيو. انجمن دوستداران فارسي ضلعي دادوءَ جو سيڪريٽري پڻ آهي. نهايت ذهين، زيرڪ ۽ ترقي پسند سوچ جو مالڪ آهي.

شمس چارڻ:

عبدالفتاح ولد عبدالستار چارڻ غريب آباد دادوءَ ۾ 1982ع ۾ جنم ورتو هو. شمس چارڻ جي نالي سان لکندو رهي ٿو. تعليم انٽر اٽس ۽ وڌيڪ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي.

شمس چارڻ شاعر جي حيثيت سان 1999ع کان ادبي ميدان ۾ پير پاتا ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. وٽس شاعريءَ جو ڪافي مواد موجود آهي.

مست علي گوپانگ:

مست علي گوپانگ ولد ڪفايت علي گوپانگ ڳوٺ گهرام خان گوپانگ دادو شهر ۾ 12 ـ اپريل 1981ع ۾ جنم ورتو. سندس تعليم مٽرڪ آهي. سال 2000ع کان عبدالستار ڪوسي جي رهبريءَ ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ قدم رکيائين. هينئر تائين ڪافي غزل، قصيده ۽ نظم لکي چڪو آهي. پاڻ محلي قلندرآباد دادو ۾ مقيم آهي. سندس شاعريءَ سان چاهه بدستور قائم آهي.

نور محمد ڪنير:

نور محمد ڪنير ولد محمد اسماعيل ڪنير ڳوٺ محبت علي چانديو ۾ 30 ـ آگسٽ 1980ع ۾ جنم ورتو. تعليم بي.اي اٽس. سال 1993ع کان بحيثيت شاعر ڪهاڻيڪار ۽ ڊراما نويس جي ادب ۾ پير پاتائين. ڪيترين ڪهاڻين ۽ اسٽيج ڊراما لکيا اٿائين.

محبوب سنڌي:

محبوب عالم ولد غلام مصطفيٰ ڪنير 24 ـ مارچ 1982ع تي دادو ۾ جنم ورتو. انٽر تائين تعليم حاصل ڪيائين. 1995ع کان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان ادب جي آڪاش تي اپريو. سنڌ منهنجي جند سندس اڻ ڇپيل ڪتاب آهي. شاعريءَ سان گڏ ڊراما ۽ افسانا لکيا اٿائين. ۽ سندس ادبي شوق بدستور قائم آهي.

ظفر احمد لهبر:

ظفر احمد ولد حاجي غلام رسول لهبر 10 ـ مارچ 1982ع تي پيارو ڳوٺ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پاڻ گريجوئيٽ آهي. 1996ع کان بحيثيت شاعر ۽ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان ادب ۾ پير پاتائين. هينئر تائين شاعريءَ کان علاوه ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون اٿس. پاڻ ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ وڌي چڙهي حصو وٺندو رهي ٿو.

ظفر احمد لهبر روزگار خاطر ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي ۽ اُتي تعليم کاتي ۾ اسٽاف آفيسر آهي.

غني ٻهر:

عبدالغني ٻهر ولد حاجي نياز حسين ٻهر ڳوٺ ستين شاخ تعلقي جوهيءَ ۾ 11 ـ مارچ 1977ع تي جنم ورتو. سندس خاندان دادو جي چاڻو شاهه آباد محلي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. سندس تعليم بي.اي آهي. 1998ع کان ادبي دوستن سان رهاڻين ڪندي ڪيس شاعريءَ سان چاهه پيدا ٿيو. چاڻو شاهه آباد روڊ سان سندس ٽيلر شاپ آهي. سندس ڪلام فنڪارن پڙهي ڳايو آهي.

قادر شيخ:

غلام قادر شيخ ولد محمد بخش شيخ 1 ـ جنوري 1968ع تي دادو ۾ جنم ورتو. سندس جنم جو هنڌ ڳوٺ وليد شيخ آهي. پنهنجو ذاتي ڪاروبار ڪري ٿو. تعليم انٽر سائنس اٽس.

قادر شيخ 1995ع کان بحيثيت شاعر جي ادبي ميدان ۾ پير پاتا. گيت، غزل ۽ ڪافيون ناهي. ڪيترن ئي فنڪارن کان ڳارايون اٿائين. شاعريءَ سان سندس شوق بدستور جاري آهي.

گلاب گل ابڙو:

گلاب گل ابڙو ولد حاجي خان ابڙو 3 ـ جون 1981ع تي ڳوٺ شير محمد ابڙو تعلقو دادو ۾ پيدا ٿيو. سال 1998ع کان ڪيس شاعري ادب جي ميدان ۾ وڻي آئي. ڪافي ڪلام تخليق ڪري چڪو آهي. وٽس شاعريءَ جو مجموعو "ڪلام گل" اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهي.

گلاب گل محمد سومرو:

گلاب گل محمد ولد احمد خان سومرو سيتا روڊ ۾ جنم ورتو. سندس جنم جي تاريخ 1 ـ آڪٽوبر 1949ع آهي. سيتا روڊ کي ڇڏي راڻي بازار دادو ۾ پنهنجو مسڪن بڻايائين. سول اسپتال دادو ۾ ڪجهه وقت ملازم رهيو. مضمون ۾ ڪهاڻيون لکيائين جن مان ڪجهه مختلف رسالن ۾ پڻ ڇپيون آهن. موجوده وقت قرآن پاڪ جو سنڌي ۾ سرائڪيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو آهي.

عبدالغفار ملڪ:

عبدالغفار ولد محمد بچل ملڪ انٽر پاس آهي ۽ شاعريءَ سان شوق کيس سال 2000ع کان ٿيو. پاڻ دادو ۾ 15 ـ جون 1983ع تي جنم ورتائين. شاعريءَ سان سندس شوق بدستور قائم آهي. ادبي ۽ علمي سرگرمين ۾ حصو وٺندڙ آهي.

گلاب چانڊيو:

گلاب خان چانڊيو ولد حاجي محمد سومر چانڊيو تاريخ 2 ـ اپريل 1968ع تي ڳوٺ خير محمد چانڊيو لڳ سيتا ڳوٺ ۾ جنم ورتو. پاڻ استاد آهي. تعليم انٽر اٽس. ڪافي، گيت، غزل ۽ بيتن جو شاعر آهي. سندس ڪلام فنڪارن پڻ ڳايو آهي.

'وفا' مشتاق سيتائي:

مشتاق حسين ولد محمد روشن سومرو 1 ـ نومبر 1975ع تي سيتا ڳوٺ ۾ ڄائو. 1992ع کان اسحاق راهي ۽ پيرل پرديسي کان رهنمائي وٺي شاعريءَ جي دنيا ۾ قدم رکيائين. پاڻ ادب کان علاوه سماجي تنظيمن ۾ پڻ سرگرم عمل رهيو آهي.

مقسوم ٿناگر:

محمد اسماعيل ولد حاجي محمد ادريس ملاح مقسوم ٿناگر جي نالي سان شاعري ڪري ٿو. مقسوم ٿناگر دادو شهر ۾ 3 ـ مارچ 1976ع تي جنم ورتو. بي. اي تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آهي. وٽس شاعريءَ جو ڪافي مواد موجود آهي.

امان الله لهبر:

امان الله ولد الهرکيو لهبر ڳوٺ صاحب خان لهبر تعلقي دادو ۾ 2 ـ نومبر 1983ع تي جنم ورتو. تعليم مٽرڪ تائين حاصل ڪئي اٽس. 1990ع کان لکڻ شروع ڪيو اٽس. غزل، نظم، چوسٽا، افسانا ۽ ڪهاڻيون لکندو رهي ٿو. ادب ۾ سندس اصلاح ظفر احمد لهبر ۽ احسن ابڙو ڪندا رهن ٿا.

غلام عباس سومرو:

غلام عباس سومرو ولد تاج محمد سومرو 30_ ڊسمبر 1960ع تي سيتاولیج تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. سندس تعليم بي.ايس سي. ايم.اي ۽ ايل. ايل. بي آهي. پنهنجي زندگيءَ جو آغاز استاد جي حيثيت سان ڪيائين. پر پوءِ اتان استعيفيٰ ڏئي ڪسٽم ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هن وقت ڪسٽم ۾ ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. ادب جي ميدان ۾ 1976ع کان پير پاتائين. سندس ادبي رهنمائي بشير سيتائي ڪئي آهي. هڪ نثر نگار شاعر ۽ فيچر رائيٽر جي حيثيت سان سندس تحريرون ڪيترن ئي ماهوار رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيون آهن. انهن اخبارن ۽ رسالن ۾ منيجر رسالو عبرت مٽگزين. روزانه عبرت ۽ روزانه خلق اخبارون شامل آهن.

غلام عباس سومري جون ادبي ۽ سماجي خدمتون نمايان رهيون آهن. سنڌي ادبي سنگت ۽ سنڌي ادبي ثقافتي سنگت سيتاولیج جو عهديدار به رهيو آهي. ڪوٺ ستار سنگت سيتاولیج جو سرگرم ڪارڪن به رهيو آهي. ان کان علاوه سگا جي پروگرامن ۾ پڻ حصو ونندو اچي ٿو. هيءَ ڪلمڪ. يار ويس ۽ مهمان نواز ماڻهو آهي.

اداسي قلجائي:

ڏاتل خان عرف اداسي قلجائي ولد غلام قادر چنه تاريخ 1_ مئي 1969ع تي ڪوٺ محمد عثمان چنا لڳ قلجي وليج تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم قلجي وليج مان مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪڙمان انٽر ۽ بي.اي ڊگري ڪاليج دادو مان حاصل ڪيائين. سماجي سرگرمين ۾ حصو ونندو اچي ٿو. آل پاڪستان چنه ويلفيئر ايسوسيئيشن جو صدر. ذيشان انٽرنيشنل ريڊيو لسنرز ڪلب جو صدر. شهيد مخدوم بلاول پبلڪ لائبريريءَ جو صدر ۽ ٻين ڪيترن ئي تنظيمن سان وابسته آهي. ادبي سرگرمين ۾ به حصو وٺي رهيو آهي.

اداسيءَ جا ڪالم ۽ شعر مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. اداسي قلجائي ڪافي وقت کان دادو شهر ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي. هن وقت هو دادو ۾ رهي ٿو. وٽس ٻن هزار ڪتابن تي ذاتي لائبريري موجود آهي.

شير زمان سومرو:

شير زمان ولد شير محمد سومرو 2_ اپريل 1962ع تي ڪوٺ شاهه آباد چاڻو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون درجو چاڻو شاهه آباد مان حاصل ڪيائين. هن وقت تائين ايم.اي. ايم.ايڊ ۽ ايل.ايل.بي جون ڊگريون حاصل ڪري چڪو آهي. پاڻ ادبي ۽ چترڪار گهراڻي سان تعلق رکي ٿو. 15 سالن جي ننڍي وهيءَ ۾ شاعريءَ جي دنيا ۾ پير پاتائين. گورنمينٽ پرائمري هاءِ اسڪول دادو طرفان شاگردن جي مشاعري واري مقابلي ۾ پنهنجو پهريون انقلابي ۽ قومي ڪلام جوش جذبي سان پڙهي حاضرين کان خوب داد حاصل ڪيائين. ان وقت کان ننڍين وڏين ادبي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ لڳو.

شير زمان سنڌ جي مشهور مصور مرحوم محمد وريل عرف ايم. وي سومري جو وڏو پائٽيو ۽ معروف استاد شير محمد سومري جو فرزند آهي. شير زمان سومرو 2006ع کان تعليم کاتي ۾ آفيسر آهي. سندس اڻ ڇپيل شاعري ۽ انسانا پريس ۾ اڇي رهيا آهن.

حيدر ڪلوچ پاڻائي:

حيدر ڪلوچ مشهور فارسي شاعر ٿي گذريو آهي. ڪلوچ. ڪليچه ۽ ڪليچ. انهن تنهي لقبن سان مشهور آهي. سندس ولادت جي جاءِ 'ڪلوچ' نالي هڪ ڪوٺ آهي. جيڪو طارم جي آس پاس خراسان ۾ آهي. حيدر وڏو ٿي

پوءِ اچي هرات ۾ رهيو. هو شاهه اسماعيل ۽ شاهه طهماسب صفوي جي زماني جو شاعر هو. هو پوري طرح لکي پڙهي ڪونه سگهندو هو پر موزون ڪلام چوندڙ ۽ پڪو پختو شاعر هو. عروض جي بحرن جو واقف هو. هرات ۾ مرزا شاهه حسن بيگ حاڪم سنڌ جي هاڪ ٻڌائين ته تمام گهٽي شوق سان سندس دربار ۾ اچي حاضر ٿيو. مگر درباري آدابن کان تنگ ٿي آخر پاڻ ڳوٺ ۾ اچي رهيو. ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. ڪيس پاڻ ۾ دفن ڪيوويو. حيدر ڪلوڄ تي نالو ڪيئ پيو. ان بابت روايت آهي ته پاڻ جيرا پچائي روزگار ڪندو هو[1]. سندس سموروڪلام فارسيءَ ۾ آهي. جيڪو 10 هزار کان مٿي ٿيندو.

ڪريم بخش چنه:

ڪريم بخش چنه ولد عبدالعليم چنه 5- سيپٽمبر 1916ع تي پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ٻڌيو. سندس ڪيترين تحريرون ۽ تصنيفون مشهور آهن. جن ۾ مختصر تاريخ تمدن اسلام- 2 پاڳا (1951ع) تاريخ تمدن اسلام- 2 پاڳا (1953ع) تاريخ اسلام- 2 پاڳا (1966ع) قابل ذڪر آهن.

زينت چنه:

زينت بيگم 1919ع ۾ سيوهڻ ضلع دادو ۾ جنم ورتو. موصوفه عبدالله خان چنه جي گهر واري هئي. صحافت قدم رکيائين. ڪيترائي مقالا، مضمون ۽ فيچر لکيائين. پاڻ سڌي ڪهاڻيڪارا به هئي. ماهوار رسالي 'مارئي' جي ايڊيٽر به رهي. سندس تصنيف يادگار لطيف (1958ع) لطيفيات جي موضوع تي ترتيب ڏنل آهي. پاڻ 12- جولاءِ 1974ع وفات ڪري وئي.

تنوير جوٽيجو:

تنوير صاحبه صدرالدين جوٽيجي جي نياڻي 6- فيبروري 1952ع ۾ ڄائي. سندس تعليم ايم.اي آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. سندس شمار سنڌ جي نامياري ڪهاڻيڪارائن ۾ شمار ٿئي ٿو. "امرت منجه ڪڙاڻ" سندس ڪهاڻين جو مجموعو 1974ع ۾ شايع ٿيو جنهن ادبي حلقن ۾ مقبوليت ماڻي.

گلبدن جاويد مرزا:

گلبدن جاويد مرزا، شهيد احمد خان 'آصف' مصراڻيءَ جي نياڻي 8- جولاءِ 1964ع تي ڳوٺ مٺوبهر تعلقه خيرپورناٿن شاهه ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو. زولاجي ۾ ايم.ايس سي ۾ ڪيائين. هاڻي وهيءَ ڪان وٺي علم ۽ ادب ڏانهن راغب ٿي چوته هن هڪ اهلِ علم ۽ اديب جي گهر ۾ اک کولي. جتي چوطرف ڪتاب ئي ڪتاب هئا. سندس والد جو پنج هزار ڪتابن تي مشتمل لائبريري هئي ۽ هو سنڌ جو هڪ جاڻل سُجاڻل برک ۽ باهنر شاعر ۽ اديب هو. انڪري گلبدن جو لاڙو ادب ڏانهن ٿيو ۽ ڏسندي ڏسندي پاڻ شاعرا، مضمون نگار ۽ ڪهاڻيڪارا ٻڌجي وئي. ادب ۾ رهنمائي سندس والد ئي ڪئي. ضياء دور حڪومت ۾ سنڌ خصوصاً دادو ضلعو ڏاڍيلن جو آماجگاهه ٻڌجي ويو هو. ڳوٺ مٺوبهر

---

[1] تحفة الڪرام ۾ هن شاعر جو ذڪر 'حيدر هروي' جي نالي سان ملي ٿو. جاڻايل آهي ته: "تحفهء سامي" ۾ سندس لقب 'ڪليجه' (جيرو ڪليل آهي. چاڪاڻ ته ابتدا ۾ جيرن پچائڻ جو ڪم ڪندو هو. ڪيس "ڪليج" جو لقب پڻ ڏينداهئا. فرهنگ رشيديءَ ۾ "ڪلوج" کا مفتوح ۽ وارو معروف سان معنيٰ وڏو جيرو لکيل آهي. هو هڪ ديوان جو سالڪ شاعر آهي. مرزا شاهه حسن جي ڏينهن ۾ پنهنجي ملڪ کي سنڌ ۾ آيو ۽ هميشه لاءِ اچي پاڻ ۾ رهي گذاري ويو." (ص 296) "تحفة الڪرام" مير علي شير قانع (چاپو چهون). سنڌي ادبي بورڊ. جام شورو (ايڊيٽر).

ـس گهر ۾ ڏاڙيل گهڙيا، سندس والد جي ڏاڙيلن سان مزاحمت ڪندي شهادت ٿي ۽ نہ رڳو سيني گهرپاتين لاءِ هرام برپا ٿيو مگر سڄيءَ سنڌ ۾ ادبي حلقن ۾ ماتم برپا ٿي ويو. والد جي تدفين ۽ تڪفين کان پوءِ گلبدن جو سڄو ٽنب پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي آيو ۽ دادو شهر ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي.

سندس والد جي شهادت کان پوءِ گلبدن جي شادي مشهور اديب ممتاز مرزا جي فرزند جاويد مرزا سان ٿي ۽ هوءَ ـرآباد ۾ پنهنجي وَرَ سان زندگي گهارڻ لڳي. پاڻ اڄ تائين اُتي ئي مڪين آهي. سنڌي ادبي بورڊ ۾ سندس ملازمت ۾ جتي هوءَ ماهوار رسالي "سرتيون" جي ايڊيٽر آهي. گلبدن شاعريءَ ۽ ڪهاڻيءَ جي فيلڊ ۾ پنهنجو پاڻ ملهائي رهي ۾ ماهوار "سرتيون" جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ هُن عورتن کي سچ لکڻ لاءِ اُتساهيو آهي ۽ انهن مان احساس ڪمتري ڀڻ لاءِ جاکوڙيو آهي. "سرتيون شهيد بينظير ٻٽو نمبر"، "سرتيون نصرت ٻٽو نمبر"، "سرتيون انترويو نمبر" سندس انيءَ ۾ ڇپجي پڌرا ٿيا آهن.

گلبدن جي رهائش قاسم آباد حيدرآباد ۾ آهي.

نانہ ملاح:

عرفانہ ملاح قابل استاد غلام محمد سيتائي جي گهر سيتا وليج تعلقي دادو ۾ اک کولي. ابتدائي تعليم پرائمري ڪول سيتا وليج مان حاصل ڪئي. ثانوي تعليم بہ هاءِ اسڪول سيتا وليج مان حاصل ڪيائين. جتي سندس والد ، ماستر هو. هن ايم.ايس سي (ڪيمسٽري) ڪرڻ کان پوءِ مختلف نوڪريون ڪيون. تحقيق لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ـل پئي ڪئي تہ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان ليڪچرار لاءِ اشتهار آيو. هوءَ سڄيءَ سنڌ ۾ پهريون نمبر آئي. ـس پهرين ملازمت آگسٽ 2000ع نڊرت ڪاليج ۾ ڪيمسٽريءَ جي ليڪچرار طور ٿي. ليڪچرشپ دوران هن نجي تعليم بہ جاري رکي. هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڪيمسٽري جي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر آهي. جتان هن ايچ.ڊي بہ ڪئي آهي.

هن هيل تائين ڪيترين ئي اين.جي.اوز ۾ بہ ڪم ڪيو آهي. هن عورتن کي شعور ۽ سڃاڻپ ڏيڻ لاءِ "وومين رچ ۽ پبليڪيشن" نالي هڪ ادارو بہ کولي. ان کان علاوہ هڪ فيمنسٽ فورم پڻ کوليو. جنهن جي پليٽ فارم تان جهه ورڪشاپ، سيمينار ۽ بحث مباحثن جا پروگرام جاري ڪيا. عورت جي درجي کي سمجهڻ لاءِ هن ڪافي ـدي ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ هن پنهنجي ملڪ اندر ٽيندڙ سيمينارن ۽ اسٽڊي سرڪلن ۾ شرڪت پڻ ڪئي ي. هن ان سلسلي ۾ ڪجهه آرٽيڪل پڻ لکيا آهن. ۽ عورتن جي سلسلي ۾ هلندڙ توڙي ٻين ڪرنٽ اشوز بابت ي.ٽي.اين چئنل تي هلندڙ پروگرامن جي ميزبان رهندي اچي ٿي. عرفانہ ملاح هڪ متحرڪ شخصيت آهي.

عرفانہ ملاح جي رهائش جام شوري ۾ آهي.

ينا جوٽيجو:

روزينا جوٽيجو دادو شهر ۾ جنم ورتو. پرائمري کان انٽر تائين تعليم دادو ۾ حاصل ڪيائين. ڪيس چهه پيٽيون ڪ پاءِ آهي. پاڻ چوٽين نمبر تي آهي. روزينا نندپڻ کان ئي نڊر ۽ چُست رهي آهي. هن يونيورسٽي جي تعليم دوران ئي .جي.اوز ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي ۽ ڪيس اين.جي.اوز ۾ ڪم ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو. جنهن دوران سنڌي سماج ۽ ماحول تن جي اڻوجهائپ ۽ گهٽ تعليم بابت ڪافي ڪجهه ٻڌو ۽ پڙهيو. عورتن جي سڃاڻپ ۽ شعور لاءِ جدوجهد ڪئي هيومن رائيٽس تي پڻ پرپور اسٽڊي ڪئي. سندس تنظيم عورتن جي آرگنائيزيشن آهي. جنهن ۾ هن نہ رڳو عورتن

جا مسئلا هاڻ لائيٽ ڪيا آهن. بلڪ مردن جي مسئلن جي حل لاءِ پڻ وس ۾ وٺ آهر پاڻ پتوڙيو آهي. سندس آهي ته پهراڙي جون عورتون وڌيڪ سجاڳ ٿين. سندس جيون ساٿي ظفر جوڻيجو پڻ متحرڪ شخص آه ڪيترين ئي تنظيمن ۾ ڪم ڪيو آهي. هن وقت هو ٽريڊيپ جو روح روان آهي.

روزينا هڪ سٹي ليڪڪا پڻ آهي. ڪتابن جو مطالعو سندس پسنديده مشغلو آهي. سندس ڪافي ته رسالن ۾ اين.جي.اوز طرفان نڪرندڙ جريدن ۾ شايع ٿي چڪيون آهن.

ريحانا نظير :

ريحانا نظير، سيتا ڳوٺ تعلقي دادو ۾ 1 ـ آگسٽ 1971ع تي جنم ورتو. پيشي جي لحاظ کان هوءَ هڪ آهي. ادب جي ميدان ۾ ڪهاڻيڪارا جي حيثيت سان ڄاتي سڃاتي وڃي ٿي. هن شاديءَ کان پوءِ به پنهنجي جاري رکي. ريحانہ نظير سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ايم.فل پڻ ڪئي آهي. استاد هئڻ سان گڏ هڪ سماج س پڻ آهي ۽ هن ٻين سماجي مسئلن سان گڏ عورتن جي سجاڳيءَ لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ ، اوٽاين جي نشاندهي پڻ ڪيل آهي. هن پنهنجي ڪهاڻين ۾ سماجي براين، انساني اڻ برابري ۽ طبقاتي فرق کي طور بيان ڪيو آهي.

ريحانہ نظير عرفانہ ملاح جي وڏي ڀيڻ آهي.

ارشادِ پنهور :

ارشادِ پنهور گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج دادو جي پروفيسر رهي آهي. هن مٽرڪ گورنمينٽ گر اسڪول دادو مان ڪئي. اڄ ان اداري جي هيڊ آهي. سندس جيون ساٿي به ڊگري ڪاليج ۾ پروفيسر آهي.

ارشاد پنهور نهايت شفيق ۽ مهربان عورت آهي. تعليم لاءِ بهتر کان بهتر اونو رکندڙ محنتي مه شاگردياڻين سان ماءُ وارو سلوڪ ڪندڙ عورت آهي ۽ شاگرديائين جي هر مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهي. سندس زندگيءَ جو مقصد اهو آهي ته هر عورت شان احترام ۽ عزت لائق هجي. هوءَ ڪارو ڪاري جي رسم خلاف آهي. جنهن لاءِ هن عملي ڪم ڪيو آهي. پاڻ مطالعي جو شوق رکي ٿي ۽ ڪجهہ مضمون پڻ لکيا آ

ڊاڪٽر تبسم جوڻيجو:

ڊاڪٽر تبسم جوڻيجي جو اباڻو ڳوٺ پاٽ آهي. پاڻ انٽر سائنس تائين تعليم دادوءَ مان ورتي. ايم.بي.ب ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهہ مان ڪئي. هاڻي لياقت يونيورسٽي اسپتال ڄام شورو جي پئٿالاجي ليبارٽريءَ ڪري رهي آهي. ڪيس پنهنجي سبجيڪٽ ۾ ڪافي ڄاڻ حاصل آهي. شام جو پنهنجي ڪلينڪ هلا جيتوڻيڪ سندس فيلڊ ميڊيڪل سائنس آهي، پر اُن هوندي به سندس ادب ڏانهن به لاڙو آهي. ڪيس ادبي رسال جو شوق آهي. هن پنهنجي سبجيڪٽ تي ڪجهہ مضمون پڻ لکيا آهن. جيڪي ڇپجڻ جا منتظر آهن.

اسحاق سميجو[1]:

نوجوان تهيءَ جو نامور شاعر، صحافي ڪمپيئر ۽ ٻارن جو ليکڪ اسحاق سميجو 18 ـ مارچ 975 دادوءَ جي ڳوٺ فضل پور ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ طالب المولي هاءِ ا

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

ان ايم.اي (سنڌي ادب) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين.

ننڍيءَ هوندي کان ئي ادب سان گهرو لڳاءُ هئس لکڻ جي شروعات پاراٽي ادب کان ڪيائين. پارڻن لاءِ گهڻا گيت يون ۽ ڪالم لکيائين. 1990ع کان باقاعدي شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. سندس ترتيب ڏنل ۽ ڪتاب: 'دنيا جون آڪاڻيون' ۽ 'تاريخي ماڻهو تاريخي ڳالهيون' ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چڪا آهن. اسحاق سميجو حيدرآباد مان ڊ ماهوار 'گلستان' ۽ 'پارڻن جي سنڌ رنگ' جو ايڊيٽر پڻ رهيو آهي. ڪيس سنڌي ساهت گهر حيدرآباد طرفان جهر تنقيد اوارڊ 1996ع" مليو. روزاني عوامي آواز عبرت، ڪاوش ۽ پاڪ اخبارن ۾ صحافتي خدمتون سرانجام ڏيئي آهي ۽ ڪجهه وقت روزاني "سنڌ" ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو اٿس. ان سان گڏوگڏ ريڊيو ستان حيدرآباد تي پندرنهن روزه ادبي پروگرام "ادبي سنگت" ۾ سلسلي 'سرجٹهار' جو ڪمپيئر پڻ رهيو آهي. هن وقت يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

سنڌي اديبن ۽ قلمڪارن جي وفد سان 2008ع ۾ پارت جو دورو ڪري چڪو آهي. هن شيخ ايياز جي غزلن ڪتاب "گيڙو ويس غزل" (2004ع) ۽ سنڌي رومانوي غزلن تي مشتمل ڪتاب "دل جو رستو" (2003ع) ترتيب ڏنا جيڪي روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران ڇپايا ويا آهن. سندس تنقيدي مضمونن جو ڪتاب "شاعريءَ سان ي" (2005ع) ۾ ڇپجي چڪو آهي. سندس شاعريءَ جا ٻه مجموعا "صدا بيچين آهي" (2001ع) ۽ "گناهه جا (2005ع) پڻ ڇپيا آهن. ان کان سواءِ هن وقت تماهي "سارنگا" پبليڪيشن جو ايڊيٽر آهي جنهن جا 18 پرچا ي چڪو آهي. جن ۾ هڪ شمارو سنڌي هوليءَ جي ٻن نامور اديبن: طارق عالم ابڙو ۽ حسن درس جي زندگي ۽ علمي ڪارنامن تي خاص نمبر ڪري ڇپيو آهي.

'سفير' لغاري:

ارشاد علي ولد روشن علي لغاري 9- مئي 1969ع تي ڳوٺ فتح محمد لغاري ائين شاخ تعلقي جوهي ۾ جنم هينئر مستقل دادوءَ ۾ رهي ٿو. پاڻ هڪ سٺو شاعر ۽ نثر نويس آهي. سنڌي ۽ اردو ٻولين ۾ شاعري ڪري ٿو. پاڻ غزل، نظم کان علاوه منقبت ۽ نوحي جو بهترين شاعر آهي. ترنم سان شعر پڙهڻ وقت سندس سوز ۽ گداز پڌندڙن ين تي اثر ڇڏي ٿو. پاڻ يار ويس ۽ خوش مزاج ماڻهو آهي. ادبي ميڙاڪن ۾ پڻ حصو وٺندو رهي ٿو. وٽس ٻن ن جيترو مواد ترتيب ڏنل آهي. جيڪو ڇپجڻ جو منتظر آهي.

28- جولاءِ 1990ع کان پاڪستان ريلوي ۾ ملازم آهي ۽ ٽڪيٽ ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ اڄ تائين ا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

پيرزادو:

ٽمينه پيرزادو سنڌ جي اُپرندڙ شاعرائن ۾ هڪ خوبصورت نالو آهي. سندس شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي ۽ ادبي سلسلن ۾ شايع ٿي چڪي آهي. پاڻ ڪجهه ڪهاڻيون به لکيون اٿائين. ادب سان گڏ پنهنجي نصابي ڪي به جاري ساري رکيو اچي ٿي.

ٽمينه پنهنجي والد جي حوصلہ افزائي سبب علم ۽ ادب جي ميدان ۾ اڳ کان اڳيري آهي. تعليمي سرگرمين ڏ ادبي سرگرمين ۾ به وڏي چڙهي حصو وٺي رهي آهي. سندس اباڻو ڳوٺ "سيتا" آهي. جتان سندس خاندان لڏي ي دادوءَ ۾ رهي ٿو.

فاطمه لغاري:

فاطمه لغاري جو تعلق به دادو شهر سان آهي. فاطمه اُپرنڈ ليڪارين ۾ پنهنجو پاڻ موڪي رهي آهي. سڀ
ڳوڙهي مطالعي سبب سندس لکڻيون ڪافي جاندار آهن. پاڻ ڪتابن جي مطالعي جو شوق رکي ٿي ۽ خصوص
علمن ۽ سماجي سائنس سان چاهه اٿس.

فاطمه لغاريءَ ڪجهه ڪالم مضمون ۽ ڪهاڻيون لکيون آهن. جيڪي ماهوار سوجهرو ۽ ٻين ادبي
چپيون آهن.

آسي بدر:

بدرالدين ولد حافظ شاهه محمد جنهن نيو ڪدري لڳ پيارو ڳوٺ تعلقي دادو ۾ 16 ـ فيبروري 1984ع
ورتو. سندس تعليم بي.اي آهي ۽ تعليم کاتي ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي. 2007ع کان بشير سيتائيءَ جي ر
ادب ۾ پير پاتائين ۽ ٿوري ئي وقت ۾ سندس جي سٽن شاعرن ۾ شمار ٿيڻ لڳو آهي. پاڻ ادبي سرگرمين ۾ وڌي چڙهه
وٺي رهيو آهي.

آسي بدر جي خاندان ڪافي سالن کان دادو شهر ۾ مستقل رهائش ڪئي آهي. پاڻ دادو جي
ڪالونيءَ ۾ مقيم آهي. علم ۽ ادب سان گڏ ترقي پسند سوچ جو مالڪ آهي ۽ سندس شاعريءَ مان به اهو رنگ
نظر اچي ٿو. سندس ڪلام سندس جي هر رسالي ۽ اخبار ۾ وقت به وقت ڇپجندو رهي ٿو.

ثريا سولنگي:

ثريا سولنگي شفيع محمد سولنگي جي گهر دادوءَ ۾ جنم ورتو. شفيع محمد سولنگي ڪليل ذهن وارو ا
انڪري هن پنهنجي نياڻيءَ کي انهن حالتن ۾ تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو جڏهن نياڻين جي تعليم لا
مشڪلاتون ۽ رڪاوٽون هيون.

ثريا سولنگي ابتدائي ۽ سيڪنڈري تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1975ع ۾ ايم.اي(اڪانامڪس)
تعليم کاتي سان منسلڪ هئڻ ڪري سي.ٽي ۽ بي.ايڊ به ڪئي. هُن اهي سڀ امتحان ان دور ۾ پاس ڪ
ڪاپيءَ جو سُرواڇا تعيلم کي نه لڳو هو انڪري پاڻ پنهنجي سروس دوران به ڪاپي ڪلچر خلاف پتوڙيو
۽ توڙي جو ڪيس ڪافي باهرين اثرن رڪاوٽن ۽ مشڪلاتن سان منهن ڏيڻو پيو. اها تعليم ۽ تربيت سندس وا
حصي ۾ آئي جو پاڻ به هڪ خودار انقلابي ذهن رکندڙ انسان رهي چڪو هو.

ثريا پنهنجي والد جي نقشِ قدم تي هلندي تعليم جي فرسوده، زنگيل طريقه ڪار ۽ نظام کي تبديل ڪ
به سرتوڙ ڪوششون پئي ڪيون آهن. پاڻ علمي ۽ ادبي تنظيمن ۽ تحريڪن سان به وابسته رهي آهي. سگا
ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ پڻ شريڪ ٿيندي رهي آهي. هن سماج جي ڪيترن اهم مسئلن تي پڻ لکيو آهي.

وزيران سولنگي:

وزيران سولنگي ڏيءُ محمد جمن سولنگي 15 ـ مارچ 1985ع ۾ سورج آباد لڳ پير محمد مراد داد
ورتو. پنجون ڪلاس گورنمينٽ پرائمري اسڪول گل محمد مگسي تعلقي دادو مان حاصل ڪيائين.
گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول دادو مان انٽر ۽ بي.اي گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج دادوءَ مان پاس ڪيائين.

وزيران سولنگي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو شوق آهي. انڪري هن اُستادي پيشو اختيار ڪيو آهي.

راچيءَ ۾ سنڌي لئنگئيج ٽيچر مقرر ٿي آهي ۽ اتي علم و ادب جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. ڪيس ڪتابن ۾ جو شوق نندپڻ کان هو. انڪري اهو شوق ادبي دنيا ڏانهن راغب ڪيو. هن مضمون، ڪالم ۽ ڪهاڻيون لکيون ن، ڪجهه شايع به ٿي چڪيون آهن. ايڇا تائين سندس ادبي سفر جاري آهي. ادبي سفر ۾ رهنمائي سندس چاچو ممد عرس "اظهر" سولنگي (راقم) ڪري رهيو آهي.

نڻ سونارو[1]:

جانڻ ولد خانڻ سونارو پنهنجي وقت جو سٺو عوامي شاعر ٿي گذريو آهي. هن دادو شهر ۾ 1892ع ڌاري جنم ڏو. سندس مادري زبان سرائڪي هئي. هن جي شاعري سنڌيءَ ۾ آهي پر اُن ۾ عربي فارسي لفظن ۽ محاورن جو جوگو ستعمال ٿيل آهي. ڪلام جو ڪافي حصو مذهبي رنگ ۾ رڱيل آهي. سندس ڪلام وقت جي نامور ڳائڻن: استاد عاشق ي خان، استاد الهڏني نوناريءَ ۽ مائي جيوٽيءَ ڳاتو. سندس ڪلام رڪارڊ ٻ ٿيا. جيڪي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ي ميوزڪ لائبريريءَ ۾ موجود آهن.

عمر جي پچاڙيءَ ۾ هن جي صحت ٺيڪ نه رهي ۽ 1950ع ۾ اڪين کان وڏو ۽ ڪنن کان گهٻرو ٿي پيو. بهرحال ني جي قيرين گهيرين ڪري اباڻو ڳوٺ ڇڏي سنڌو درياءَ جي اوپرندي پاسي شاهپور جهانيان کان ٽورو پرپرو 'انگڙي ٽ' ۾ وڃي مائٽن جي پاڙي ۾ رهيو جتي سندس نياڻي پرٽيل هئي. اتي ئي 60 سالن جي عمر ۾ 1952ع ۾ وفات ڪيائين. ڪيس پرواري قبرستان ۾ دفنايو ويو. هن سرائڪي ڪلام ٻ ڇپيو ۽ اردوءَ ۾ ٻ طبع آزمائي ڪئي. سندس ڪلام ل پکڙيل صورت ۾ ڪجهه لکيل ۽ ڪجهه برزبان ملي ٿو.

صور قادر جوٽيجو(1):

ليکڪ، پبلشر سياسي ۽ سماجي ڪارڪن منصور قادر جوٽيجي جو پورو نالو عبدالقادر ولد محمد يوسف ٽيجو آهي. هن 15 ـ مئي 1958ع تي ڳوٺ گهاڙي تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ جي مُلان اسڪول ۾ پرايائين. مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول تنڊي جام مان ڪيائين. هن ايم.ايس سي (فزيالاجي) سنڌ يونيورسٽي ۾ شوري مان 84ـ1983ع ۾ ڪئي. سنڌ نيوز ۽ مهراڻ اخبارن ۾ اسسٽنٽ ايڊيٽر رهيو ۽ مختلف ادارن ۾ مضمون ۽ عالم لکندو رهيو. هن خانگي طرح 80 واري ڏهاڪي ۾ پبلشنگ جو ڪم شروع ڪيو. سندس پهريون ڪتاب سطين جي قومي جنگ" هو.

منصور قادر سال 1990ع ۾ سنڌ جي نگران حڪومت ۾ وزير تعليم جو اوايس ڊي رهيو ۽ ٻيو پيرو 2003ع ۽ 2006ع تائين وزارت تعليم ۾ پرسنل اسٽاف آفيسر رهيو. ان کانسواءِ اجرڪ پبليڪيشن مارڪي فائونڊيشن مٽر ۽ پبلشرز ۽ آڪاش پرنٽرز ۽ پبلشرز نالي ادارن جو بانيڪار رهيو. هن ڪيترائي ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا آهن ۽ جو تعداد 30 ٽيندو جن مان اهم ڪتاب هيٺيان آهن:

(1) بنگال جو لطيف (رابئندر ٽئگور 1983ع)، (2) بغاوت ۽ آزادي (خليل جبران، ترجمو: 1991ع)، (3) سطين جي قومي جنگ (1982ع)، (4) جرنيل هوش محمد شيدي (1993ع)، (5) شيخ اياز: تاريخ جي ڪٺڙي ۾ 200ع)، (6) سنڌ ورهاڱو ۽ سازشون (2002ع)، (7) سنڌ جا شهيد (1985ع)، (8) سنڌي ٻوليءَ جا شهيد (1985ع)،

ٻيٽر پاران اضافو

(9) دنيا جا عظيم فلسفي (2004ع)، (10) حُر تحريڪ (2004ع)، (11) جناح پور تقسيم سنڌي کي سازش (994

ان کان علاوه هن محترمہ حميده کهڙو جا هيٺيان ڪتاب ڇپايا ۽ ترتيب ڏنا: (1) تاريخ جو پلائڊ، (2) ه
ايوب کهڙو: جرئتمندانہ سياسي زندگي (2000ع)، (3) سنڌ، ماضي، حال، مستقبل (2006ع)، (4) نوڙي قائد سـ
عدالتي بيان (1990ع).

منصور قادر جوٽيجي جي رهائش حيدرآباد ۾ آهي.

جمال ابڙو[1]:

سنڌيءَ ۾ جديد ڪهاڻيءَ جو باني جمال ابڙو ولد علي خان ابڙو 2 ـ مئي 1924ع تي ميهڙ جي ڳوٺ سانگ
پيدا ٿيو. علي اڪبر ابڙو پنهنجي وقت جو وڏو تعليمدان، اديب ۽ ليکڪ ٿي گذريو آهي.

جمال ابڙي ابتدائي تعليم ڳوٺ منگواڻيءَ جي اسڪول مان حاصل ڪئي. ثانوي تعليم ميونسپل هاءِ اسـ
لاڙڪاڻي ۽ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان پرائي. جمال ابڙي، ڪاليج جي تعليم، بهاءالدين ڪاليج جهونا گ
ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪئي. 44ـ1943ع تي بنگال ۾ آيل ڏڪار دوران رضاڪارانہ خد
سرانجام ڏيڻ لاءِ بنگال ويو. اتان موٽي هن اين. اي. بي انجنيئرنگ ڇڏي "لا" ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جمال ابڙي ڪ
عرصي تائين خاڪسار تحريڪ ۾ ڪم ڪيو ۽ پوءِ سنڌ هاري ڪاميتيءَ ۾ شامل ٿيو. ان کان علاوه هو پين
تنظيمن جو به ميمبر رهيو. سندس والد وٽ هڪ سٽي لائبريري هئي. جنهنڪري هن ننڍپڻ ۾ ئي ٽڪگور، منشي
چند، ٽالستاءِ ۽ پين ڏيهي پرڏيهي نامور اديبن ۽ ليکڪن جا ڪتاب پڙهي ڇڏيا هئا. هن پهرين ڪهاڻي "هو حُر هو
سالن جي ڄمار ۾ 1949ع ۾ لکي. 24 سالن جي عمر ۾ 1948ع کان لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين. هو
1949ع ۾ شهدادڪوٽ جو پوليس پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو جتي 1951ع تائين رهيو. 1952ع ۾ سنڌ پبلڪ س
ڪميشن جو امتحان پاس ڪري سول جج ڪپرو مقرر ٿيو جنهن کان پوءِ ساڳئي حيثيت ۾ سکر، لاڙ
خيرپور ميرس، سجاول، ٽنڊي الهيار ۽ حيدرآباد ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. بعد ۾ ڪيس سيشن جـ
عهدي تي ترقي ڏني وئي ۽ ترقي ڪندو 1972ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽريءَ مقرر ٿيو ۽ ان عهدي تي 78
تائين رهيو. 1978ع کان 1980ع تائين ليبر ڪورٽ جج. 1981ع کان 1982ع تائين فيڊرل سروسز ٽريبيونل
آباد جو ميمبر. 1984ع کان 1985ع تائين سنڌ اسيمبليءَ جو سيڪريٽري ۽ 1985ع کان 1986ع تائين
ڪرپشن ڪاميٽيءَ جو چيئرمن رهيو. 10 ـ اپريل 1986ع تي سرڪاري ملازمت مان رٽائرمينٽ حاصل ڪيائين

جمال ابڙو شيخ ايازجي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر هجڻ دوران سينڊيڪيٽ جو ميمبر ۽ ه
ادبي بورڊ جو ميمبر پڻ رهيو. سندس لکيل شاهڪار ڪهاڻين جو مجموعو "پشو پاشا" هن جيڪو تمام گهڻو مشهـ
هن ضياء جي مارشل لا دور ۾ "مارشل لا ۽ اسلام آباد" جي عنوان سان ڪهاڻي لکي. اها ڪهاڻي بعد ۾ "فرشتو
عنوان سان "هرسات" ۾ ڇپي.

جمال ابڙي جي ڪهاڻين مان پشو پاشا، پيراڻي، مان مراد، بدتمين شاهه جو ڻ، بدمعاش، منهن ڪارو
پاڻي مهرباني، خميسي جو ڪوٽ، لاري، سينڊ، فرشتو ماڻ جي جهولي، لاٽ ۽ ٻيون اهم آهن. سندس ڪهاڻين ۾ سـ
مسئلن جي اپٽار ڪيل آهي.

---

[1] ايڊيٽر ياران اڳيان.

هن ڪيترائي شاهڪار مضمون ۽ ڪالم پڙ لکيا، جن ۾ "شاهه محض صوفي نه هو"، "پاڪستان ٺهراءُ اصل حقيقتون"، "عورت جي اسلام ۾ عزت ۽ آزادي" ۽ ٻيا اهم آهن. ان کانسواءِ سراج جي ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" جو مهاڳ لکيو ۽ فهميده حسين جي لکيل ڪهاڻين جي مجموعي "هڪ حوا ڪيئن ڪهاڻيون" جو پڙ مهاڳ لکيو. جمال ابڙي جي ڪهاڻين جا ترجما: اردو انگريزي ۽ جرمن ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. هن 1974ع ۾ روس ۾ ٿيندڙ بين الاقوامي ڪانفرنس ۾ پڙ شرڪت ڪئي. سندس آتم ڪٿا جا پنج جلد: (1) ڏسي ڏوهه اکين سين، (2) اونهي ڳالهه اسرار جي، (3) ٽوهر ۾ ڳاڙهل گل، (4) ايندو نه وري هي وڻجارو، (5) مَ ر پيا مينهن وسن شايع ٿيل آهن.

جمال ابڙي 30 ـ جون 2004ع ۾ 80 سالن جي ڄمار ۾ دل جي تڪليف سبب ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪيو جتي ڪيس گذريءَ جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

مولوي محمد علي پنهور:

هيءُ صاحب، ميان غلام حسين پنهور جو فرزند هو. 10 ـ مئي 1924ع تي ڳوٺ راهوجا ضلعي دادوءَ ۾ ڄائو. سندس تصنيفون هن طرح ملن ٿيون: (1) شان: حق (مذهبيات)، (2) اڻتمر بم، (3) وٽوهڙ ۽ (4) هائڊروجن بم.

حاجي غلام نبي مهيسر[1]:

سنڌي ٻوليءَ ۾ مولود ۽ نعت جو زبردست شاعر ۽ نعت خوان، حاجي غلام نبي مهيسر 1938ع ڏاري ڳوٺ پاڪئي تيوٽي تعلقي ميهڙ ۾ ڄنم ورتو. ننڍپڻ ۾ والد جي وفات سبب سندس ناناڻن پالنا ڪئي. ڪجهه وقت مدرسي ۾ فارسي پڙهيائين. ٽي درجا سنڌي پڙهيو غربت سبب وڌيڪ پڙهي نه سگهيو ۽ دڪان تي مزدوري ڪرڻ لڳو. جنهن دوران شعر چوڻ شروع ڪيائين. سنڌي نه پڙهڻ سبب صورتخطيءَ جون غلطيون ٻين کان درست ڪرائيندو هو. غلام نبي مهيسر بعد ۾ ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ لڏي ويو ۽ زندگيءَ جي آخرين لمحن تائين اتي رهيو. هن اڪثر هلي نعت گوئيءَ ۾ وڏو ملڪو ۽ دسترس حاصل ڪيو. پوريءَ سنڌ ۾ نعت گوئيءَ ۾ سندس مٽ مشڪل ملندو. هن نعت سان گڏ مجازي مزاحمتي قومي ۽ مزاحيه شاعري به ڪئي آهي. سندس شاعريءَ جو رنگ عوامي هو ۽ اها سنڌ جي نالي وارن راڳين ۽ نعت خوانن ڳائي آهي. سندس نعت چوڻ جو انداز نرالو ۽ هڪدم اثر ڪندڙ هو جڏهن هو ڪنهن محفل ۾ هي ٻول:

پنهل پاءِ ڪيرو منهنجا فقيراڻا حال ٿئي
سڪندي سال لنگهي ويا، منهنجي لڏي نه سنيال ٿئي

چوندو هو ته ٻڌندڙ تي رُڪ طاري ٿي ويندي هئي.

حاجي غلام نبي مهيسر، ڪافي حج ڪيا. پهريون پيادل حج سال 1958ع ۾ 2 سال 14 ڏينهن پيادل سفر ڪري اهو حج ڪيائين. ان وقت سندس هڙ ۾ فقط 13 روپيا هئا.

حاجي غلام نبي مهيسر 5 هزارن کان وڌيڪ شعر چيا، جن ۾ حمد، نعت، منقبت، قصيدا، ڪلام، ڪافيون، غزل ۽ گيت شامل آهن. سندس مولودن جون 500 کان وڌيڪ ڪيسٽون نڪتل آهن. سندس ڪتابن ۾ پهريون ڪتاب "ثنا سرور ڪائنات" 1965ع ۾ ڇپيو. عقيدت جا گل، پنج خدا جا گنج، رنگي تنهنجا رنگ، حق مدينه سونهن ۽ ساراهه محفل ۽ ميلاد وغيره شامل آهن. هن عوامي شاعر 64 سالن جي ڄمار ۾ 26 ـ نومبر 2000ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه گاهي مهيسر تعلقي ميهڙ ۾ آهي.

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

قاضي اياز مهيسر[1]:

نوجوان ليکڪ ۽ سماجي ڪارڪن قاضي اياز مهيسر 27- فيبروري 1971ع تي تعلقي ميهڙ جي ڳوٺ قاضي محمد عارف ۾ جنم ورتو. 1995ع ۾ ڪامرس ۾ ماسٽرز ڪيائين. هن "رورل ڊولپمينٽ" ۾ ماسٽرز جي ڊگري ب ڪئي. 1992ع کان ٽماهي "مهراڻ" ۾ بين رسالن ۾ سندس لکڻيون شايع ٿيندڙ رهيون آهن. محترمہ بينظير پٽو صاحبہ جي ياد ۾ "شهيدن جي علمبردار" نالي سندس ڪتاب 2008ع ۾ ڇپجي پڌروٽيو آهي.

جوهر بروهي[1]:

جوهر بروهيءَ جو اصل نالو عبدالقيوم بروهي آهي. هن 29- جنوري 1950ع تي ٽريچاڻي تعلقي پني عاقل ضلعي سکر ۾ جنم ورتو. مٿرڪ درس نظامي ۽ دوره تفسير جا امتحان پاس ڪيا اٽس ادبي لحاظ کان نامياروَ محقق شاعر ۽ نقاد آهي. هن بنيادي تعليم مختلف ديني مدرسن مان حاصل ڪئي. هن مدرسہ عربيہ فريدآباد، مدرسہ عربيہ دارالقرآن ميهڙ، مدرسہ عربيہ قاسم العلوم گهوٽڪي ۽ مدرسہ عربيہ انوارالرحمان دريا خان مري نوابشاهہ مان ديني تعليم پرائڻ بعد جامعہ اشرفيہ سکر مان سال 1970ع ۾ درس نظامي جي تڪميل ڪئي ۽ ميهڙ ويجهو مدرسہ حفظ القرآن ۾ استاد مقرر ٿيو. هن مٿرڪ جو امتحان 1992ع ۾ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪرڻ بعد 1996ع ۾ بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي، اسلام اباد ۾ "دعوة ڪورس" مڪمل ڪيو. ان دوران مدرسہ عربيہ العلوم رحيم يار خان ۽ شيخ التفسير حضرت مولانا عبدالغني جاجرويءَ کان ٻہ دفعا قرآن پاڪ جو تفسير پڙهيو ۽ تجويد ۾ استاد قاري محمد مدنيءَ وٽ تعليم پوري ڪئي. سال 1974ع کان مدرسہ عربيہ محمديہ فريدآباد ۾ ديني معلم جي حيثيت سان درس و تدريس جي عمل ۾ مصروف آهي.

جوهر بروهي 1972ع کان سنڌي ۽ براهوي ادب جي دنيا ۾ داخل ٿيو. ان حوالي سان براهوي ٻوليءَ ۾ محترم نورمحمد "پروانہ" سندس رهنمائي ڪئي ۽ سنڌي زبان ۾ الحاج رسول بخش خان ڏيرو سندس رهبر رهيو. ادب، مذهب، تاريخ ۽ ثقافت سان گڏوگڏ عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ براهوي ٻولين ۾ هن گهٽي رخي ڊارائن ۾ نمايان ڪم ڪري وڏو نالو ڪمايو آهي. هيءَ پهريون براهوي شاعر آهي، جنهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪيترن ئي سرن جي براهوي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري براهوي قوم کي لطيف جي پيغام کان روشناس ڪرايو.

جوهر بروهي پنهنجي قلم ذريعي براهوي قوم، زبان ۽ ادب جي بي مثال خدمت ڪئي آهي. سنڌي، براهوي ۽ اردو جي گهڻن رسالن، اخبارن ۽ يادگار شمارن ۾ مختلف صنفن ۾ سندس مضمون، مقالا، انشائيہ ۽ شاعريءَ سان گڏ سنڌ، بلوچستان، ڪوهستان جي قديم آثارن بابت سندس مضمون ڇپيا آهن. جوهر بروهي ڪاڇي ۽ ڪوهستان بابت وسيع ڄاڻ رکي ٿو. ان حوالي سان هو ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي هلندڙ گهمندڙ انسائيڪلوپيڊيا آهي. جوهر بروهي هستاريڪل سوسائٽي سب ڊويزن ميهڙ جو چيئرمن ٻہ آهي. ان کان سواءِ بزمِ لطيف ميهڙ جو سرپرست اعليٰ ۽ براهوي پبليڪيشن سنڌ جو سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي سنگت ميهڙ جو ڪائونسلر آهي. سندس هيٺيان ڪتاب ڇپيل آهن: (1) احوال غم (براهوي شاعري: 1976ع)، (2) گوريج (براهوي نثر/انشائيہ: 1980ع)، (3) ختمِ نبوت (مذهبيات: 1986ع)، (4) شيموش (براهوي شاعري: 1991ع)، (5) روشنائي (براهوي شاعري: 1992ع)، (6) دردانہ (براهوي شاعري:

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

1981ع، (7) شاد و زياد (قومي شاعري: 1992ع)، (8) طوبي نارند (مرثيه: 1995ع)، (9) ڪاروان (مثنوي: 1995ع)، (10) شڪر قل (انشائيه: 1996ع)، (11) احوالِ غم (باردگر: 1999ع)، (12) لولي (هارن جي شاعري: 2000ع)، (13) براهوي تخليقڪار اور سوانح (2000ع)، (14) امام العصر (2001ع)، (15) گلدسته سنڌه (سنڌه کي براهوي شعراء (2001ع).

جوهر بروهي فريد آباد تعلقي ميهڙ ۾ رهي ٿو.

انور قنبراڻي[1]:

علي انور ولد ميوو خان قنبراڻي 1963ع تي قلوءَ جي ڳوٺ تعلقي جوهي/ڪاڇي ۾ ڄائو. 1967ع ۾ ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان 5 درجا پاس ڪري ٻني ٻاري جي ڪم کي لڳو. 20 سالن جي ڇمار ۾ ڳوٺ ڇڏي دادو شهر لڏي آيو. ابتدا ۾ استاد بخاريءَ کان شاعريءَ جي اصلاح ورتائين.

انور محبت ۽ وچوڙي تي تمام گهڻي شاعري ڪئي ۽ سنڌ ۾ آڊيو ڪئسٽ جو مشهور شاعر ٿي اُپريو. منظور سخيراڻيءَ جو سندس ڳايل ڪلام "ڪونہ بچسان درد تيڏي وچ رو رو مر ويسان" کان پوءِ ڪافي مشهور ٿيو هن جي شاعري ـ منظور سخيراڻي جلال چانڊيو، الهداد زرداري، سرمد سنڌي ۽ ٻين فنڪارن ڳاتي سندس رهائش دادو ۾ آهي.

محمد عرس "اظهر" سولنگي (ڪتاب جو مصنف)[1]:

نالي واري اديب اظهر سولنگيءَ جو اصل نالو محمد عرس ولد محمد عمر سولنگي آهي. هن 13 ـ جنوري 1942ع ۾ ڳوٺ ميوي خان تعلقي دادوءَ ۾ جنم ورتو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان ۽ ثانوي تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ پرمانند هرداس مل سيڪنڊري اسڪول دادوءَ مان انٽر ۽ بي.اي ڊگري ڪاليج دادوءَ مان خانگي طور پاس ڪيائين. بعد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان مسلم هسٽريءَ مان ماسٽرس ڪيائين. عملي زندگيءَ ۾ استادي پيشي سان وابسته رهيو جتان 1993ع ۾ رٽائر ڪيائين.

اظهر سولنگي 1967ع ڌاري علم و ادب جي دنيا ۾ پير پاتا ۽ ڪيترائي علمي ۽ تحقيقي مضمون، مقالا ۽ شعر مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپائيندو رهيو. سندس مضمونن، مقالن ۽ ڪالمن جو تعداد 250 کان مٿي آهي. انهيءَ مان گهٽا شايع ٿيل آهن. محمد عرس "اظهر" سولنگيءَ جو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان واسطو آهي. هيءُ سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا) دادو جو باني ۽ [illegible] رهيو. هن کي ڪيترائي اوارڊ ملي چڪا آهن. ان کان سواءِ سگا، سنڌي ادبي سنگت ۽ ٻين تنظيمن سان لاڳاپيل رهيو آهي. سواڪا تنظيم جي پليٽفارم تان سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سالياني عرس لاءِ سنڌ ۾ عام موڪل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو ۽ اهڙو ٺهراءُ سال 1982ع ۾ پاس ڪري گورنر سنڌ ڏانهن موڪليو. جنهن اهو مطالبو منظور ڪندي عام موڪل جو اعلان ڪيو ۽ ان تنظيم کي لکت ۾ اهڙو جواب موڪليو. روزانہ عبرت ان تنظيم جي ان عمل کي اداريہ لکي واکاڻيو ۽ تنظيم جي ڪارڪنن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

محمد عرس "اظهر" سولنگيءَ دادوءَ جي ماضي ۽ حال جي سموري منظرنامي کي تفصيل سان تحقيق ڪري هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو جنهن جو نالو "دادو تعلقي جو ماضي ۽ حال" آهي. اهو ڪتاب سرجٽهار پبليڪيشن دادوءَ مان 2006ع ۾ ڇپايو ويو.

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

محمد عرس "اظهر" سولنگي هن وقت دادوءَ ۾ رهائش پذير آهي ۽ علم ۽ ادب جي خدمت ۾ مصروف آهي (ايڊيٽر).

ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ[1]:

سنڌي ٻوليءَ جو نامور محقق، اسڪالر ۽ اديب الهرکيو ٻٽ ولد شاهه محمد ٻٽ 1 ـ ڊسمبر 1946ع تي ڳوٺ ٻٽ سرائي تعلقي ميهڙ ۾ جائي شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ ثانوي تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي. پاڻ لائبريري سائنس ۾ پي.ايڇ.ڊي هئڻ سان گڏ سنڌ يونيورسٽيءَ جو گولڊ ميڈلسٽ پڻ آهي. سندس بهترين تصنيفن ۾: "سنڌ ۾ ڪتبخانن جي تاريخ"، "سنڌي رسالن جي تاريخ"، "سماٽ"، ۽ "سنڌي طباعت ۽ اشاعت" شامل آهن.

ڊاڪٽر ٻٽ صاحب سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ لائبريري ۽ انفارميشن سائنس شعبي جو چيئرمن به رهيو آهي. قديم ڪتابن، لائبريري سائنس، سنڌي ٻولي ۽ ادب تي ڪم ڪندڙ انگريز عالمن تي سندس ڪيترائي تحقيقي مضمون اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن. سنڌي ڇپيل ڪتابن جي فهرست ناهڻ ۾ به ڊاڪٽر ٻٽ صاحب جون وڏيون تحقيقي خدمتون آهن. اهڙا سلسليوار مضمون "مهراڻ" ۾ پڻ زينت بڻيا آهن. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جي لائبريري ڪاميٽيءَ تعليمي ۽ رٿابندي ڪاميٽيءَ جو ميمبر رهي چڪو آهي. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جي ايڊيٽرن ۾ به شامل آهي.

سندس رهائش ڄام شوري ۾ آهي.

اسحاق راهي[1]:

اسحاق راهي، سنڌ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس اصل نالو محمد اسماعيل سومرو ۽ تخلص راهي. والد جو نالو محمد صالح سومرو هو هو 9 ـ اپريل 1935ع تي ميهڙ ۾ جائو پرائمري تعليم ميهڙ مان ئي حاصل ڪئي. پوءِ ڏهين ۽ ٻيون درجو مشهور محقق ۽ عالم مرحوم غلام محمد گراميءَ وٽ ۽ مٽرڪ مشهور اديب مرحوم محزون وٽ پڙهيو. مٽرڪ کان پوءِ پرائمري استاد مقرر ٿيو. گڏوگڏ مختلف سماجي ۽ ادبي تنظيمن سان واڳيل هو جن ۾ بزم لطيف (نصير آباد)، بزم اڪبر (ميهڙ)، سنڌ ڪلچرل ڪائونسل (ضلعو دادو)، بزم شعراءِ بزم طالب المولىٰ، سنڌي ادبي سنگت، رابيل شر ادبي فورم ۽ ٻيا ادارا شامل آهن.

هُن ڪهڙ مشق شاعر جي شاعري سنڌ جي اڪثر ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي چڪي آهي. پاڻ هڪ اشاعتي اداري "سرمد پبليڪيشن" جو پڻ بنياد وڌائين. جتان علامه مستاني سيوهاڻيءَ جو ناول "ٻير جي ڏنگهري" ۽ هڪ سؤ ادیب ۽ شاعرن جي سوانح عُمرين تي مشتمل هڪ ڪتاب "وڻجارا" ڇپايائين. سندس ذاتي تصنيفن ۾ "گلدستو"، "مجموعه غزل"، "رباعيات راهي" وغيره شامل آهن.

سنڌ جي هن بي باڪ شاعر، محقق ۽ پبلشر 6 ـ جون 1996ع تي وفات ڪئي.

پروفيسر سليم سولنگي[1]:

پروفيسر سليم سولنگي، محمد هاشم سولنگي جي گهر ۾ 14 ـ جنوري 1945ع ۾ ڳوٺ دين محمد شاهاڻي تعلقي دادوءَ ۾ اک کولي. پنهنجي ذهانت، فهم ۽ فراست سان علمي ۽ ادبي حلقن ۾ مٿانهون مانُ ماڻيو. ۽ دادو ڪاليج ۾ پاڻ

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

انگريزيءَ جو پروفيسر رهيو ۽ انگريزي زبان جا سئا چاٽو شاگرد پيدا ڪيا، جن مان ڪيترا پنهنجا خانگي اداري ڪولي نوجوانن کي انگريزي سيکاري رهيا آهن.

سليم صاحب جو انگريزي زبان تي سٺو عبور هيو. وٽس عالمي ادب جو سٺو مطالعو هو. عالمي صورتحال ۽ دنيا جي اهم مسائل تي سندس عقابي نظر هئي. ادب انقلاب، فلسفو ۽ جديد سائنس سندس من پسند موضوع هئا. نظرياتي طور تي ترقي پسند ۽ سوشلسٽ خيالن جو ماڻهو هو. هن نصابي تعليم سان گڏ انقلاب ذهن پيدا ڪيا ۽ ڪيترن دوستن ۽ همعصرن کي پڻ نظرياتي تعليم ڏني هن شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز جي ڪجهه چونڊ شاعري جو پڻ انگريزي ۾ ترجمو ڪيو جيڪا ڪن رسالن جي زينت بڻي. هيءَ تدريسي مشغولي سبب گهٽو تحريري ڪم ڪري نه سگهيو. تاهم سندس علمي خدمتون نمايان ۽ ناقابلِ فراموش آهن. هيءَ مور ماڻهو تاريخ 18 ـ جنوري 2008ع تي هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

سرڪش سنڌي[1]:

عبدالمجيد ولد مولوي عبدالله 'عبد' چانڊيو 1 ـ آڪٽوبر 1940ع تي ڳوٺ پلي پوٽا لڳ سيتا ضلعي دادوءَ ۾ جائو. سرڪش سنڌي فارسي ۽ عربي تعليم مدرسي مان پنهنجي والد جي نگرانيءَ ۾ حاصل ڪئي. جيڪو پنهنجي دور جو وڏو مجيل ديوبند عالم ۽ علم منطق جو ماهر هو. سرڪش سنڌي پيشي جي لحاظ کان هڪ استاد هو. سال 1961ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو ۽ 13 سال خدمتون ڏنائين. ان کان پوءِ هو انگريزي استاد مقرر ٿيو ۽ اتي به 13 سال خدمتون ڏيئي 1987ع ۾ رٽائر ڪيائين. هن تعليم 1954ع کان 1971ع تائين واري عرصي ۾ سنڌي فائنل مٽرڪ انٽر، بي.اي، بي.ايڊ جا امتحان پاس ڪيا هئا.

سرڪش سنڌي نندپڻ ۾ ئي لکڻ جي ابتدا ڪئي. هو شروع ۾ پنهنجي لکڻين جي اصلاح پنهنجي والد صاحب کان ڪرائيندو هو. سرڪش سنڌي باقاعده سنڌي قومي شاعري لکڻ جي ابتدا سال 1954ع کان ڪئي. هو سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ شاعر هو. سندس شاعراڻي ٻولي ۽ لهجو منفرد هو. هو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر هو. سندس شاعريءَ جو محور سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو هئا. پيار ۽ مزاحمت ۾ نهايت ئي ڪڙو تڙو هو. متضاد شخصيت هوندي به هو دل ۽ درتيءَ جو شاعر تسليم ڪيو ويندو هو. هن درتيءَ ۽ سرتيءَ کي خوب ڳاتو. هن جا ڇپيل ڪتاب 11 کان وڌيڪ آهن. جن مان کجهه نالا هن طرح آهن:

(1) درد دل، (2) امن آب حيات، (3) پيار ۽ آزادي، (4) سنڌو ٻڪائي ٿو. ان کان سواءِ سندس سهيڙيل، (4) ڪتاب ـ ٻانهن وراکا (غزل)، پريم پاشا (غزل)، اکيون اوطاقون (نظم) ۽ ساٿيه جي سنگ (گيت).

سرڪش سنڌي، سٺو نثر نويس به هو هن کجهه ڪهاڻيون، اخباري ڪالم، مختلف شاعرن جي ڪتابن جا مهاڳ لکيا ۽ آخر ۾ هن ساروٽيون به لکيون.

هن شاعر کي پيٽا طور کجهه اوارڊ به مليا جن ۾: مهراڻ آرٽس اوارڊ 1992ع نوابشاهه رشيد رک اوارڊ 94 ـ 1993ع گهوٽڪي ۽ چانڊڪا آرٽ سنڌ ڪلچرل گروپ اوارڈ (1998ع) لاڙڪاڻو وغيره شامل آهن.

سرڪش سنڌي پهريان "مجبور" پوءِ "پاور سعد واهي" ۽ آخر ۾ "سرڪش سنڌي" ادبي نالو استعمال ڪيو. هو 72 سالن جي جمار ۾ 5 ـ مارچ 2012ع تي لاڙڪاڻي شهر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. کيس وصيت موجب سنڌو درياء جي

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

پاڻيءَ سان غسل ڪرائي لاڙڪاڻي جي علي بحر قبرستان ۾ دفنايو ويو. سندس موت ڪئنسر وگهي ٿيو.

ذوالفقار شاهه[1] :

نوجوان ليکڪ، سماجي ورڪر ۽ مختلف اين.جي.اوز جو سرگرم اڳواڻ ذوالفقار شاهه 28- جون 1977ع راڄڻ ضلعي دادو ۾ جائو. ايم.اي 2004ع ۾ فلاسافيءَ جي مضمون ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. هن وقت ڊيولپمينٽ اسٽڊيز جي موضوع تي سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان پي.ايڇ.ڊي ڪري رهيو آهي.

هن 1995ع ۾ روزاني "ڪاوش" ۾ سب ايڊيٽر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان کان پوءِ لڳاتار روزاني عبرت، ڊبليو ڊبليو ايف (World Wildlife Fund Karachi) ۾ بطور ڪنسلٽنٽ، فشر فوڪ فورم ۾ ريسرچ ڪوآرڊينيٽر 2004ع پي.اي.پي فائونڊيشن آمريڪا ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڊيولپمينٽ ڪوآرڊينيٽر 2005ع فشر فوڪ فورم جو پروگرام مئنيجر 2006ع، سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ پاڪستان، سماجي تنظيم جو صوبائي ڪوآرڊينيٽر 2009 سائوٿ ايشيا پارٽنر شپ پاڪستان جو پروگرام مئنيجر 2010ع ۾ رهي چڪو آهي. هن وقت هيءُ انسٽيٽيوٽ آف سوشل موومينٽ- پاڪستان جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر آهي.

ذوالفقار شاهه ننڍي هوندي کان سماجي ڪمن ۾ متحرڪ ڪارڪن طور ڪم ڪيو. مختلف مئگزينز جهڙوڪ: سوشل موومينٽ جرنل پاڪستان ڪنٽري گائيڊ، نيوز اينڊ اوپينين جو ايڊيٽر رهيو. سنڌ ٽوٽي عالمي سطح تي ڪيترين ڪانفرنسن جو آرگنائيزر رهيو آهي. هيءُ علاقائي ۽ بين الاقوامي معاملن بابت سنڌ يونيورسٽيءَ سميت جواهر لعل نهرو دهلي يونيورسٽي، پنجاب يونيورسٽي چنڊيگڙهه، پريس ڪلب چنڊيگڙهه، ماهدال يونيورسٽي، بئنڪاڪ وغيره ۾ ليڪچر ڏئي چڪو آهي. ۽ مختلف ملڪي ٽوڙي عالمي ورڪشاپن ۾ سماجي ورڪرن کي سکيا ڏيندو رهيو آهي. هيءُ موومينٽ فار پيس اينڊ ٽالرنس پاڪستان جو ڪنوينر، سنڌ ايگرين رفارمس ايسوسيئيشن ڪميٽيءَ جو ڪوآرڊينٽر، پاڪستان ليبر ڪوايشين جو صلاحڪار، انٽرنيشنل انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز برطانيا جو پن سالن جي مدي لاءِ ميمبر، انٽرنيشنل سوسائٽي فار فلاسافر، شفلڊ يونيورسٽي برطانيا، سائوٿ ايشيا ريسرچ فورم لنڊن برطانيا جو ميمبر پڻ آهي. سندس ڪالم سنڌي ۽ انگريزي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس هڪ ڪتاب: "An Envionmental Assessment Indus Delta" (2006ع) ۽ هڪ بيو ڪتاب: Vatar People & Protest" ڇپيل آهن.

ذوالفقار شاهه سنڌ جي سول سوسائٽيءَ ۾ متحرڪ اڳواڻ طور سڃاتو وڃي ٿو. سنڌ ۾ سماجي جاڳرتا ڪيل سندس ڪم اهميت جوڳو آهي. ذوالفقار شاهه ڪجهه عرصو نيپال ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي.

نوراحمد 'حيدري' چانڊيو[1]:

نوجوان اديب ۽ اسڪالر نور احمد 'حيدري' چانڊيو ولد محمد صفر المعروف نورنبي چانڊيو 1- جنوري 1968ع تي پير ترهو شريف تعلقي دادوءَ ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم 1979ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ پير ترهي ۾ حاصل ڪري گورنمينٽ پائليٽ سيڪنڊري اسڪول دادوءَ ۾ داخل ٿيو. جتي هن 1984ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي. ڪان پوءِ هن دادو ڪمرشل انسٽيٽيوٽ مان ڊپلوما اِن ڪامرس جي ڊگري 1988ع ۾ حاصل ڪئي. ان بعد هن 1991ع

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان بي.ڪام پاس ڪئي. ان ئي عرصي دوران هن خانگي طور تي بي.اي جي ڊگري به حاصل ڪئي. 1996ع ۾ هن بي.ايڊ جي ڊگري علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد مان حاصل ڪئي ۽ 1998ع ۾ خانگي شاگرد جي حيثيت ۾ ايم.اي (اڪانامڪس) جي به ڊگري حاصل ڪئي. هن اُن ئي بنياد تي 1999ع ۾ ايم.ايڊ به ڪئي. نوراحمد چانڊئي (هڪ ريگيولر شاگرد جي حيثيت ۾) سال 2001ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان ايم.اي (اسلامڪ ڪلچر) فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪئي. هن اُن ئي شعبي مان عربيءَ ۾ "طوالع الانوار شرح درالمختار" جي عنوان تي پروفيسر ثناءالله پٽي جي نگرانيءَ ۾ پي ايڇ.ڊي مقالو به لکي رهيو آهي.

نور احمد 'حيدري' چانڊئي انگريزي تعليم دوران خانگي طور ديني تعليم به حاصل ڪئي. هو "دارالعلوم انوارالاسلام" دادوءَ مان 1990ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو ۽ اهڙيءَ ريت هن مولوي عالم فاضل عربيءَ جي سَنَدَ پڻ حيدرآباد بورڊ مان حاصل ڪئي.

نور احمد 'حيدري' چانڊئي 2004ع ۾ ٽريننڊ گريجوئيٽ ٽيچر جي گزيٽيڊ پوسٽ (اسڪيل- 16) تي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري 2005ع ۾ ايف.جي پبلڪ اسڪول منهوڙا ڪينٽ ڪراچيءَ ۾ (ايڇ.ايس.ٽي) مقرر ٿيو جتي هو 4- ڊسمبر 2012ع تائين ڏميواريون نيائيندو رهيو. 2012ع ۾ هو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ هيڊماسٽر چونڊيو ويو. سندس مقرري 5- ڊسمبر 2012ع تي گورنمينٽ هاءِ سيڪنڊري اسڪول موسيٰ ڪٽياڻ لڳ ٽنڊو جام حيدرآباد ۾ ٿي. جتي هينئر پنهنجون تدريسي خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

نور احمد 'حيدري' چانڊئي جو علم و ادب سان به واسطو رهيو آهي. سندس علمي ۽ ادبي خدمتون ڪجهه هن طرح آهن:

(1) قرآن پاڪ جو سنڌي ترجمو (اڻڇپيل)
(2) قصيده برده شريف (سرائڪي ترجمو اڻ ڇپيل)
(3) استاد الصرف سنڌي (ترجمو ۽ تدوين)
(4) ڪتاب الصرف ۽ ڪتاب النحو (سنڌي ترجمو)
(5) طوالع الانوار شرح درالمختار (عربيءَ ۾)
(6) نهج البلاغه سنڌي ترجمو (صدف حسينيءَ سان گڏ)

نور احمد "حيدري" هن وقت ملازمت سبب عارضي طور ٽنڊي جام ۾ رهائش پذير آهي.

غلام الدين چانڊيو:

غلام الدين چانڊيو ولد مرحوم محمد موريل خان چانڊيو ادبي نالو "غلام" تاريخ 10- مئي 1958ع تي ڳوٺ پير ترهو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان پاس ڪيائين. مٿرڪ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو مان ۽ باقي تعليم ڊگري ڪاليج دادو مان پرايائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان ريلويز ۾ ملازمت اختيار ڪئي. هن اها نوڪري ڇڏي زمين سنياڻڻ لڳو. هن وقت سندس پيشو زمينداري آهي. هن سومرو سودائي جي صحبت ۾ رهي شاعري ڪرڻ لڳو. سندس علم عروض جو استاد الهنواز رکڻائي هو. هن غزل، گيت، بيت، ٽيڑو چوستا، رباعي ۽ قطعا پڻ لکيا آهن. گذريل ٽيهن سالن کان دادو ۾ رهي ٿو.

پروانو پٽي[1]:

نامياري شاعر ۽ صحافي پروانو پٽيءَ جو اصل نالو ميوو خان پٽي آهي. هن 16 ـ فيبروري 1934ع تي پيا ڳوٺ، تعلقي دادوءَ ۾ جنم ورتو. سندس تعليم سنڌي فائينل (1948ع) اديب فاضل (1961ع) ۽ تپيداري ڪور (1953ع) آهي. پروانو پٽي 1949ع کان 1953ع تائين پرائمري استاد رهيو ۽ 1959ع ۾ 6 مهينا تپيدار رهيو.

پروانو پٽي سنڌ جو گهڻ مشق شاعر آهي. سندس شمار سنڌ جي اهم شاعرن ۾ ٿئي ٿو. هو شاعر هڻڻ سان هڪ سٺو نثر نويس پڻ آهي. سندس مضمون، تاثر، ڪالم ۽ رپورتون اخبارن ۽ رسالن ۾ چپجندیون رهيون آهن. حوالي سان هڪ سٺو تجزيه نگار، ڪالم نگار ۽ نقاد به آهي. ڪيترن سالن کان عبرت ۽ پين اخبارن ۾ سندس هزار قطعا چپجندا رهيا، جن کي وڏي عوامي مقبوليت حاصل رهي آهي.

پروانو پٽيءَ جا به ڪتاب "ٽرنڊڙ ٽڪڙيون" (ترتيب: 1959ع) ۽ "هي زندگيءَ جا ميلا"، "سنڌ جي درگاهه ٽيندڙ ميلن جو اڪين ڏٺو احوال" ڇپيل آهن. سنڌي شاعريءَ جو اڃا تائين ڪو مجموعو شايع ٿيل نه آٿس. پروانو پٽي وقت حيدرآباد سنڌ ۾ قائم ٿيل اداري امسا (Institute of Modern Scienc & Arts) ۽ انيس حسن اڪيڊ (پرائيويٽ) ۾ سنڌي پڙهائيندو آهي. ڪجهه سال اڳ پبلڪ اسڪول حيدرآباد ۾ به سنڌيءَ جو استاد رهيو. "امسا مختلف عالمن، ادبين ۽ تعليمدانن کان "شاهه لطيف جي فن ۽ فڪر" جي حوالي سان ليڪچر ڏيارڻ جو انتظام ڪ رهيو آهي. انهن پروگرامن ۾ امسا جا شاگرد شاهه جي مختلف سُرن مان درست تلفظ سان بيت ياد پڙهندا هئا. ان پروانو پٽي شاگردن کي اڳواٽ تياري ڪرائيندو هو ۽ ان نموني هن لطيف شناسيءَ کي عام ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪ آهي.

پروانو پٽي، سنڌي ادبي سنگت جو مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري حيدرآباد شاخ جو سرگرم ڪارڪن، طالب المولي جو ميمبر ۽ پين ڪيترن ادبي تنظيمن ۽ بزمن جو سرگرم رڪن رهيو آهي. هن جو ريڊيو پاڪس حيدرآباد سان ان جي قيام کان وٺي لاڳاپو رهيو آهي. اتي مشاعرن، تبصرن، تجزين، پارٽن جي هاريءَ، فتح خان ڪڇهي ۽ پين پروگرامن ۾ سندس پرپور ڪردار رهيو آهي. هڪ سينئر صحافيءَ جي حيثيت ۾ روزاني عبرت، سنڌ نيوز خ وطن ۾ مسلسل رڪندو رهيو آهي. ماهوار "امرتا" ۾ سندس آتم ڪهاڻي "ڪتاب زندگي جا ورق" عنوان سان ڪ حصا ڇپيا آهن.

پروانو پٽي ڪجهه وقت اڳ سنڌي ادبي بورڊ آف گورنرس ۾ ميمبر به رهيو ۽ گڏوگڏ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ ب جي نصاب ڪميٽيءَ ۾ ميمبر طور به ڪم ڪيو آهي. هن وقت سندس رهائش عبدالله سينئر قاسم آباد حيدرآبا آهي.

آمنه خميساڻي(1):

تعليمي ماهر ۽ استاد پروفيسر آمنه خميساڻي، پات شهر ۾ 16 ـ اپريل 1919ع تي سکر جي اڳ ڪليڪٽر علي بخش چنه جي گهر ۾ اڪيون کوليون. هن مئٽرڪ جو امتحان ڪراچيءَ جي سينٽ جوزف اسڪول پاس ڪيائين. بي.اي 1943ع ۾ پنجاب يونيورسٽيءَ مان ۽ ايم.اي انگلش، 1955ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائي

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

ساڳئي ئي سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي شعبي جي ليڪچرر مقرر ٿي. سموري حياتي تعليم جي خدمت لاءِ وقف ڪندڙ هن خاتون 1963ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان "سترهين صديءَ جي انگريزي ادب" جي عنوان تي ڊپلوما ڪئي. 1969ع کان 1974ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي انگريزي شعبي سان وابسته رهي. هن سبجيڪٽ ايڪسپرٽ طور پشاور يونيورسٽي، بلوچستان يونيورسٽي ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي جام ۾ پڻ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون. 1983ع ڌاري اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي اٽڪيهين اجلاس ۾ نمائندگي ڪيائين. پاڻ عورتن واري رتبي جي پاڪستان ڪميشن جي ميمبر ۽ ساڳي ڪميشن جي 1984ع واري چيپل رپورٽ جي سهڪاري ايڊيٽر پڻ رهي.

آمنہ خميساڻي 1985ع ۾ وزيٽنگ پروفيسر جي عهدي تان رٽائر ٿي. سندس وڏو ڪارنامو شاهه جي رسالي جو نثر ۾ مڪمل انگريزي ترجمو آهي، جيڪو ثقافت ڪاتي سنڌ پاران 2001ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. آمنہ خميساڻي 2007ع ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات ڪري ويئي.

آمنہ خميساڻيءَ مختلف موضوعن تي ڪيترائي تحقيقي مضمون لکيا، جن مان "سنڌ جي عورت"، "ڪربلا کان اڳ ۽ پوءِ"، "اسلام ۾ عورت جو مقام" ۽ ٻيا موضوع شامل آهن. ان کان سواءِ انگريزي ادب ۾ ڏيهي ۽ پرڏيهي معاملن تي ڪيترائي مفيد ڪتاب لکيائين، جن ۾ 3 اهم ڪتاب هي آهن:

(1) Drama Between Two English Literature.
(2) Casual Peeps at English Literature.
(3) Sindh's contribution to English.

ڊاڪٽر پرسو جي. گدواڻي[1]:

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ليکڪ، محقق ۽ لسانيات جي ماهر، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ جو مڪمل نالو پرسو جيسومل گدواڻي هو. هن 13 ـ آگسٽ 1937ع تي دادوءَ ۾ جنم ورتو. ورهاڱي وقت دادوءَ جي پرائمري اسڪول ۾ چوٿون درجو پڙهندو هو. ورهاڱي کان پوءِ پارت لڏي وڃي پوني شهر ۾ آباد ٿيو. 1962ع ۾ دهلي يونيورسٽيءَ مان هنديءَ ۾ ايم.اي ڪيائين. پوني يونيورسٽيءَ مان 1971ع ۾ ايم.اي لسانيات ۾ ڪري، پوني جي مشهور ڊيڪن ڪاليج ۾ 1971ع کان 1986ع تائين ليڪچرار رهيو. 1986ع ۾ ساگر يونيورسٽيءَ مان هنديءَ ۾ پي ايڇ. ڊي جي ڊگري ورتائين. سندس مقالي جو عنوان هو ـ "هندي ۽ سنڌي صوفي شاعرن جو تقابلي اڀياس" (A Comparative Study of Hindi & Sindhi Sufi Poets) هو. 1986ع کان ڊيڪن ڪاليج جي سنڌي شعبي جو هيڊ ۽ ريڊر رهيو. هن پوني جي انسٽيٽيوٽ آف لئنگئسٽڪ مان ايسوسيئيٽ پروفيسر طور جولاءِ 1996ع ۾ رٽائر ڪيائين. سندس مستقل رهائش پوني ۾ هئي، پر سنڌي ٻوليءَ ۽ لوڪ ادب تي تحقيق جي سلسلي ۾ ڪڇ ۾ عارضي گهر ٺهرائي، اتي ٻه رهائش اختيار ڪيائين، جتي پاڻ ۽ سندس پٽني پشپا گدواڻي ڪافي تحقيق ڪئي. اتي هنن ٻنهي ڪڇ جي ڪولهي ميگهواڙ ۽ اوڏ ذاتين بابت ڪافي ڪارائتو ڪم ڪيو. هن ساڏو واسواڻي ٽرسٽ سڃي هندستان ۾ جتي سنڌي رهن ٿا، اتي ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ ذريعي سنڌي سيکارڻ جو ڪورس شروع ڪيو هو، جنهن رٽا هيٺ 10 هزار سنڌي استاد تيار ڪرڻا هئا، پر

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

زندگيءَ هن جو ساٿ نہ ڏنو.

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري اسڪالر 24 ـ نومبر 2004ع تي پرلوڪ پڌاريو. سندس ڏرم پتني پُشپا گدواڻي نياڻي ڊڪٽر چارو گدواڻي به ادبي ذوق رکن ٿيون. سندس نياڻيءَ ڊاڪٽر چارو گدواڻيءَ والد جي پرلوڪ پڌاري وڃڻ ک پوءِ سندس ڪتاب "لوڪ گيت" هنديءَ ۾ سهيڙيو جيڪو سنڌي لٽنگئيج اٿارٽي 2010ع ۾ ڇپايو جنهن کي سنا ويس سنڌي لٽنگئيج اٿارٽيءَ جي ڪارڪن پارسا رضويءَ ڏنو آهي.

پرسي گدواڻيءَ جي ڇپيل ڪتابن جا نالا هن ريت آهن:(1) شاهه جو شعر (1973ع)، (2) سنڌيءَ جا 30 س (1979ع)، (3) سنڌي ٻوليءَ جي زيارت (1989ع)، (4) ڳيچ يا ڳيجهه (1990ع)، (5) ڳجهارتون (1990ع)، (6) سنا لوڪ ورثو (1992ع)، (7) Similarties in Sindhi & Dravidian Languages (1996) (8) اچو ته سنا سکون (1997ع)، (9) Let's Learn Sindhi (1998) (10) Sindhi Self Tutor (11) سنڌي اپياشائن جا چ لفظ (1999ع) (12) Glimpses of Sindhi Language (2001) (13) سنڌي لوڪ گيت: ٻوليءَ جي او (2010ع)

ابنِ حيات پنهور[1]:

يارمحمد ابنِ حيات پنهور 1920ع ڏاري دادوءَ جي ڳوٺ 'ڪارڙي' ۾ ڄائو. پاڻ بهترين اديب ۽ مصنف هو. ا وقت تائين سندس 23 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن ۽ به ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن. پاڻ 1949ع ڏاري 'اداره ا انجمن' قائم ڪيائين. 1951ع ڏاري 'پرهه ڦُٽي پبليڪيشن' قائم ڪيائين. جنهن هيٺ ڪتابي سلسلا منظرِ عام آندائين.

ابنِ حيات پنهور سنڌي ادبي سنگت جي ٻئي دور جي ابتدائي ميمبرن مان رهيو آهي ۽ ان جون ڪيتريون شاخون قائم ڪرڻ ۾ سرگرم حصو ورتائين. ابنِ حيات پنهور ابتدا ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو بعد ۾ اُتان استعيفا ڏ سنڌي ادبي بورڊ ۾ پروف ريڊر مقرر ٿيو ۽ 20 سالن کن بورڊ ۾ خدمتون سرانجام ڏنائين. ان کان سواءِ هن مختلف ڪت جا پيش لفظ، مهاڳ، ڪهاڻيون، تاثر، تبصرا وغيره به لکيا.

پنهور صاحب جڳ مشهور تاريخي ڪتاب "تاريخ سنڌ ـ ڪلهوڙا دؤر" جي مترجمن مان به آهي. نثر کان س شاعري به ڪيائين. ڇهين ڪلاس لاءِ سماجي اپياس لکڻ ۾ به حصو ورتائين. ڪجهه عرصو سائين جي.ايم.سيد : "سنڌ متحده محاذ" جو حيدرآباد ۾ آفيس سيڪريٽري به رهيو. "اسان جو ادب ۽ اديب" ۽ "قومي گيت" (ترتيب)، "پ جن پروڙ" (ترجمو ـ ڪهاڻيون)، "چار داڻا" (ترجمو ـ ڪهاڻيون)، "مارڪسي فلسفو"، "بدوي قومون" ۽ "ايجا اڳاهو سندس مشهور ڪتاب آهن. حيدرآباد جي تنبي ميرمحمود ۾ محمدي مسجد لڳ ضعيفيءَ جي حالت ۾ 13 ـ جنو 2003ع ۾ وفات ڪيائين.

غياث الدين جوٽيجو[1]:

موصوف 6 ـ جون 1940ع تي ڳوٺ پات ۾ ڄائو. تعليم بي.اي (آنرز) ۽ ايم.اي.اڪس. هيءَ صوبائي سول سرو ۾ ملازمت تان سيڪريٽري صحت طور رٽائر ٿيو آهي. بهترين ڪهاڻيڪار طور سندس ڪيتريون ڪهاڻيون مختا رسالن ۾ ڇپيون آهن. سندس ڪتاب 'علم معاشيات' 1962ع ۾ ڇپيو هو.

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

پيرل پرديسي سيتائي[1]:

مشهور شاعر پيرل پرديسيءَ جو مڪمل نالو پيرل ولد محمد پريل سولنگي هو. سندس جنم 1 ـ نومبر 1947ع تي ڳوٺ گرماڻي چانڊئي دادوءَ ۾ ٿيو جتي هو پنج درجا سنڌي پڙهيو ۽ وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. بعد ۾ اباڻو ڳوٺ ڇڏي سيتا روڊ ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين. جتي ٻيڙين ۾ تماڪ جو دڪان کولي گذر سفر ڪيائين.

ادب جي دنيا ۾ هن پيرل پرديسيءَ جي نالي سان 1965ع کان شاعريءَ جي شروعات ڪئي. سندس استاد سعدل صوفي ۽ بشير سيتائي رهيا. پيرل پرديسيءَ جي شاعريءَ جو ڪتاب "دل آئينو پٿر دنيا" سال 1992ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو جنهن جو مهاڳ استاد بخاريءَ لکيو ۽ ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي بشير سيتائيءَ جا تاثرات آهن. هن 29 ـ ڊسمبر 2002ع تي وفات ڪئي.

اظهر ريلائي[1]:

پير علي محمد "اظهر" ولد پير ڪريم ڏنو صديقي قريشي ريلائي درگاهه پير رکيل ريلائي جو ويڙهل هو. سندس پيدائش 10 ـ اپريل 1923ع تي ٿي. پاڻ ڏهن سالن تائين عربي، فارسي ۽ قرآن پاڪ جي تعليم حاصل ڪيائين. پرائمري تعليم لاءِ اسڪول ڪيڙي ۾ داخلا ورتائين. 1938ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪري 1939ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. 1942ع ۾ ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ احمد خان "آصف" مصراڻيءَ جي صحبت ۾ شاعريءَ جو شوق پيدا ٿيس. شاعريءَ جو استاد مرحوم جمع خان غريب هئس. ڪيترائي مقالا، تاريخي ۽ تحقيقاتي ڪتاب ۽ دادو ضلعي جي جاگرافي لکيائين.

اظهر ريلائي "بزمِ طالب المولىٰ" جو بنياد وجهندڙ هو. مخدوم طالب المولىٰ سان والهانه عقيدت رکندو هو ڪيس قبل طالب المولىٰ وٽان سندس ادبي حسن ڪارڪردگيءَ سبب چانديءَ جو تمغو ۽ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو سرٽيفڪيٽ پڻ عطا ٿيو.

پاڻ 15 ـ مئي 1982ع تي رٽائر ڪيائين ۽ طويل بيماريءَ بعد 21 ـ فيبروري 1985ع تي وفات ڪيائين.

اصغر سيتائي[1]:

اصغر سيتائي شعري مجموعي "اڪڙيون اوسيٽڙا" جو تخليقڪار آهي. پاڻ ڳوٺ عيسو ماچيءَ ۾ جنم ورتائين ۽ پوءِ سيتا روڊ ۾ رهائش اختيار ڪري پيرل پرديسي جي رهنمائي ۾ شاعريءَ جي دنيا ۾ قدم رکيو ۽ 1978ع کان باقاعدي سنڌي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجڻ لڳو ۽ 1980ع کان سنڌي ادبي سنگت سيتا روڊ جو فعال ڪارڪن رهيو. سندس شعر فني حوالي سان نهايت پختو ۽ وزندار آهي ۽ جديد فڪر سان همڪنار آهي. هن وقت محڪمه پوليس ۾ ڊيوٽي ڪري رهيو آهي.

قمر پان[1]:

سنڌ جو هيءُ هڏ ڏوکي ادبي ورڪر جنهن سنڌي ادبي سنگت سيتا روڊ شاخ جي بنياد وجهڻ ۾ تمام اهم رول ادا ڪيو سيتا روڊ سان تعلق رکي ٿو پيرل پرديسي جي رهبريءَ ۾ شاعري ڪيائين ۽ ڪجهه مضمون مقالا به لکيائين. پاڻ سنڌي ادبي سنگت ضلعي دادو جو ضلعي رابطا سيڪريٽري به رهي چڪو آهي. وٽس هڪ عدد ڪتاب جيترو مواد

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

ترتيب ڏنل آهي. پاڻ تعليم کاتي ۾ ايڇ. ايس. ٽي طور فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

بينظير عادل سخيراڻي:

بينظير عادل سخيراڻيءَ جو نالو سنڌ جي جديد شاعرائن ۾ کڻائيندڙن ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ سنڌ جي شاعر شهيد عادل سخيراڻي جي نياڻي آهي. 8- آگسٽ 1981ع تي جنم ورتائين. سندس پهرين تخليق کي 1995ع ۾ روزانو اخبار 'آفتاب' حيدرآباد ۾ شايع ٿي. هن وقت تائين سندس ڇپيل مواد سنڌ جي مختلف اخبارن رسالن، ميگزين جي زينت بڻيو آهي. ڪتابن تي بي لاگ تبصرا به لکيا اٿس. جنهن مان ظاهر آهي ته تنقيد جي اصل روح کي سمجهي ٿي. سندس کڻائيون معاشري جي موضوعن تي هونديون آهن. هن اهڙن موضوعن کي زير بحث آڻي آهي، جن جي موجوده وقت ۾ اشد ضرورت آهي. سندس تعليم انٽر پري انجنيئرنگ آهي ۽ هڪ پرائيويٽ تعليمي اداري ۾ ٽيچر آهي.

❑

سياستدان



جناب پير الاهي بخش صديقي قريشي

(سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير 49- 1948ع)



جناب پير مظهر الحق شاهنواز

(سينيئر وزير، وزير تعليم ۽ خواندگي حڪومت سنڌ 2008ع کان .....)



عبدالحميد خان جتوئي



شفقت مهيسر




الحاج امير بخش جوٹيجو



ڪامريڊ محمد حسن رستماڻي



ماروي مظهر



فياض علي ٻٽ



پير سيد غلام شاھ جيلاني




مظهر حسين گهلو




سيد محمد شاھ



منير احمد چنہ



رفيق احمد جمالي




نواب لغاري



عبدالعزيز برڑو



عمران ظفر لغاري



طلعت مهيسر



نور نبي راهوجو




سجيلا لغاري



رشيده پنهور



ڪلثوم چانڈيو



سردار اشرف سولنگي

سياستدان ۽ سياسي ورڪر

مخدوم بلاول باغبان:

عالم، عارف، محدث ۽ مفسر مخدوم بلاول شهيد، محب وطن، انسان دوست، هڪ وڏو بهادر انسان ٿي گذريو
ي. سمن جي دور ۾ ڏارئين حملي آور حاڪم شاهه بيگ ارغون ۽ ساڻين جي خلاف سنڌ جي محب وطن حاڪم جام
ام الدين سمي سنڌ جي عوام سان گڏجي پنهنجي وطن جي آزاديءَ لاءِ مزاحمتي جنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي
واڻي مخدوم بلاول جهڙي جوڌي ۽ عالم شخص ڪئي هئي.

مخدوم بلاول بن مخدوم حسن بن مخدوم ادريس سمو جام نظام الدين سمي جو سڳو پاءُ، اصل ٺٽي جو رهاڪو
، مگر هن صاحب درويشي اختيار ڪري باغبان دادوءَ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. زندگيءَ جو وڏو حصو خلق جي
مت لاءِ نصيحت ۽ ارشاد ۾ گذاريندو هو. زهد ۽ تقويٰ جي معاملي ۾ سندس ڪوبه مٽ ثاني ڪونه هو. علم حديث ۽
سير جو وڏو ماهر ۽ يڪتا هو.

جام فيروز جي زماني ۾ جڏهن شاهه بيگ ارغون سنڌ تي ڪاهه ڪئي ۽ باغبان وٽان اچي لنگهيو تڏهن قومي
رت سبب مخدوم بلاول جي مريدن ۽ جماعت سندس زبردست مقابلو ڪيو. شاهه بيگ ڪاميابيءَ سان وڌندو وڃي
ي پهتو. ٺٽي ۾ مرزا شاهه بيگ جام فيروز سان معاهدو ڪري اڌ ملڪ سندس حوالي ڪري ۽ اڌ پنهنجي قبضي ۾
يو. جڏهن ٻيهر سيوهڻ جي رستي کان موٽيو. تڏهن ٽلٽيءَ ۾ منزل انداز ٿي انهيءَ علاقي جي زمينداڻن ۽ معزز ماڻهن
ي گهرايائين. ڪيس ڪنهن منافق ٻڌايو ته هتي جا ماڻهو اوهان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ تيار آهن. مگر مخدوم
ول حد جو وڏو عالم ۽ شيخ آهي، سو ماڻهن کي روڪي رهيو آهي. بلڪ هو جنگ ۽ مقابلي لاءِ ماڻهن کي تيار پڻ
ڪري رهيو آهي. هيءُ بنيادي سبب هو جو شاهه بيگ ارغون مخدوم بلاول کان ويڙ وڻڻ جو ارادو ڪيو. آخر جڏهن سنڌ
ري طرح ارغونن جي هٿ ۾ اچي وئي تڏهن مخدوم بلاول کي 1 ـ محرم الحرام سن 929هـ يا سن 935هـ جي شام تي
ندس شهر باغبان ۾ گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪرايو ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو.

شهيد مخدوم بلاول جي قبر مٿان شاندار مقبرو تعمير ڪرايو ويو آهي. مقبري تي شيشي جو ڪم نفاست
ن ٿيل آهي. هتان جي سماجي شخصيت محمد بخش پنهور 1990ع ۾ مقبري جو ڪم مڪمل ڪرايو. مقبري تي
بشي جو ڪم ملتان جي مشهور نقاش محمد يوسف ولد خدا بخش ڪيو آهي.

ميان نصير محمد ڪلهوڙو[1]:

17 صدي جي پوئين اڌ (1692ـ1657ع) دوران سنڌ تي بادشاهي ڪندڙ ميان نصير محمد ڪلهوڙي، ميان
اس محمد پٽ ميان آدم شاهه جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس جنم بکر ۾ ٿيو. سندس ڏاڏي ميان آدم شاهه جي آمد 16
دي عيسويءَ جي ابتدائي ڏينهن دوران چانڊڪا پرڳڻي ۾ موجوده هٽڙي (تعلقي ڏوڪري) ۾ ٿي. تنهنڪري قوي گمان
ي ته ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي پيدائش به انهن ڏينهن ۾ ٿي.

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

1657ع ۾ بکر ۽ سيوستان جي مغل صوبيدارن ميان شاهل محمد کلهوڙي جي وڏندڙ قوت تي حسد ڪ مقامي زميندارن جن ۾ سانگي ۽ ابڙا قبيلي جا ماڻهو شامل هئا، تن ميان صاحب جي ڪوٽ تي حملو ڪيو جيڪو ق جي پر اُتر طرف موجود هو وڏي جنگ لڳي، ان ۾ ميان شاهل محمد خود به شهيد ٿيو ۽ سندس وڏو فرزند ميان ش حسن پڻ شهيد ٿيو هن جنگ ۾ ميان صاحب جا سوين مريد ۽ معتقد پڻ شهيد ٿيا.

ميان نصير محمد کي 1657ع تي خاندان ۽ روايتي مسند نشينيءَ جي پگ ٻڌائي ويئي، ان کان پوءِ م شاهل محمد جي ٻيون نمبر فرزند: پاڳو شاهه المعروف ميان پاڳ محمد وقت جي حالتن کي مدِنظر رکندي هاڻوڪي ض ضلعي جي ڪاري جبل تي پنهنجو دائرو قائم ڪيو جنهن کي اڄ به "ميان جو ڪارو ڪوٽ" سڏيو وڃي ٿو اُ پنهنجي اهل ۽ عيال سميت سوين مريدن جي فوج ناهي دشمن جي مقابلي لاءِ تيار رهيو. هيءَ علاقو نئين گاج جي پا ۽ رستي جي لاءِ اهم لڪ هو ان بعد هن ڳاڙهيءَ ۾ تاريخي جامع مسجد ٺهرائي اُن مسجد کي انهيءَ وقت اسلا يونيورسٽيءَ جو درجو حاصل هو جتي هر سال 5000 هزار طالب علم اسلامي تعليم سان گڏ فوجي تربيت حاص ڪندا هئا. ميان صاحب جي انهي فوجي گوريلا تحريڪ جو نالو "ميان وال تحريڪ" هو. تحريڪ جو نعرو الله تو هو. مختلف جاين تي ڪوٽ ڪڙا ٺهرايا ويا، جن ۾ مشهور 'راجي جو ڪوٽ' جنهن جا نشان نئين گاج جي اوپر ۾ تائين موجود آهن. مير صوبدار تالپر جي نسبت سان نئين مُکيءَ تي ٺهيل ڪوٽ جيڪو جبل جي چوٽيءَ تي اڄ به مو آهن، فريد پاڳت جو ٺهيل فريد آباد ۾ ڪوٽ جنهن جا نشان دڙي جي صورت ۾ موجود آهن.

ميان پاڳ محمد جي فرزند ميان لشڪر خان کلهوڙي جو ڪوٽ 'ڪات لشڪر خان' ۾ موجود آهي ۽ لشڪ خان موجوده 'خانپور' شهر اڏائي اُتي هڪ عاليشان جامع مسجد ٺهرائي، اهڙي طرح چنيءَ ڪان سڀي يادِير تائين فو ڪمڪ پهچائڻ لاءِ ميان نصير محمد فوجي چانوڻيون ٺهرايون ۽ دريائي آمدورفت لاءِ پتڻ قائم ڪرائي اُتي پنه جانثار جرنيل مقرر ڪيا، جنهن ۾ پراڻو ديرو، راجو ديرو ٽلٽي، پنجو ديرو وغيره اهم پتڻ هئا، جتان ميان وال تحريڪ جانثار ـ راجو ليکي، پنجو فقير، ڦل فقير، جنهن جي نالي تي 'ڦلجي' شهر اڏيو. هنن پتڻن تي ايندڙ غورابن ڪان محص پڻ وصول ڪيو ويندو هو. ميان نصير محمد جو پائيتو ميان لشڪر خان سيني پتڻ جو نگهبان هو. ميان نصير مح کلهوڙي جي سڌ تي گاجي شاهه ۽ ميان لشڪر خان کلهوڙو هزارين فوجي جوان لشڪر جي صورت ۾ مهيا ڪ هئا.

ميان نصير محمد کلهوڙو سنڌ جو "گڙ واڙ" بادشاهه منتظم ۽ زرعي ماهر ثابت ٿيو. ميان نصير مح کلهوڙو 17 صدي عيسوي ۾ نه رڳو بادشاهه ٿي گذريو بلڪ هن هڪ زرعي ماهر جي حيثيت ۾ سنڌ جي زرعي معيشت کي به خاصي هٿي ونڀائي. هي اهي ڏينهن هئا جڏهن مغل بادشاهت ۾ بغاوت پوڻ شروع ٿي اورنگ زيب عالمڳ پنهنجي پيءُ شاهجهان کي تخت تان لاهي قيدخاني ۾ وجهي چڏيو ۽ پائرن سميت سمورن مخالفن خلاف گهرو لڙائي مصروف هو. شهزادو داراشڪوه شڪست کائيندو ملتان کان سنڌ طرف آيو ۽ ڪچ مان وري موٽ کائي سنڌ بلوچستان ويندي گرفتار ٿي دهلي پهتو ۽ 21 ـ ذوالحج 1069هـ /30 ـ آگسٽ 1659ع تي شهيد ڪيو ويو. هنن ڏينهن ۾ ميان نصير محمد کلهوڙي انهيءَ صورتحال مان فائدو ونندي سنڌ ۾ پنهنجي قوت کي گڏ ڪرڻ ۾ لڳي ۽ منصبدارن ۽ زميندارن کي پنهنجي تسلط ۾ آڻڻ لاءِ مٿن حملا ڪيا. سندس آڏو مقابلن ۾ پنهنجو ابڙا ۽ سانگي قبيلا هنن قبيلن گڏجي بکر جي گورنر کي شڪايتون ڪيون. نتيجي ۾ ڪي خونريز لڙايون لڳيون. پر هر لڙائيءَ ۾ ه

حب کي فتح نصيب ٿي.

"تحفة الڪرام" ۾ بيان آيو آهي تہ: "هو (ميان نصير محمد) مرشديءَ ۾ پنهنجن وڏن کان ب اڳتي نڪري ويو ۽ ت جا ماڻهو ساڻس حسد ڪرڻ لڳا. هنن تڪرار ڪري بکر جي مغل حاڪمن کي ورغلايو جنهنڪري هو لاچار ٿي بو ويو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ موتي اچي پنهورن جي حد ۾ رهڻ لڳو. پنهورن جو سردار مير پنهوار خان بکر جي حاڪم ن هم صلاح ٿي. هڪ وڏو لشکر وٺي آيو جنهن ۾ سوي جو حاڪم مرزا خان پٽي پڻ شامل هو. مرزا خان صورتحال ور ڪندي ميان صاحب کي صلح لاءِ گهرائي. گرفتار ڪري پنهنجي چاچي محبت خان جي هٿان اورنگزيب مگير جي دربار ڏانهن اُماڻي چڏيو جتي هو ڪافي عرصو قيدخاني ۾ بند هو. ان دوران هيڏانهن هوڏانهن بچيل فقيرن ڪيئي دفعا حملا ڪيا ويا. ڪافي وقت کان پوءِ ميان نصير محمد قيد مان آزاد ٿي پنهنجي جاءِ تي آيو."

آزاديءَ کان پوءِ ميان نصير محمد ڪلهوڙي پنهنجو مرڪز بکر ۾ ڳٺي جي اولهه طرف بنهه آخري حدن ۾ ڏهي" چونڊيو. جيڪو علاقو ڪيرٽر جي پاڙ ۾ اهڙي جاءِ تي آهي. جتي جابلو نئن جي پاٽي ۽ برسات تي پوڪ ٿئي ٿي لاءِ چارو به هو ۽ دشمن لاءِ پناهه گاهه ۽ مورچو به هو. ميان نصير محمد اهو علاقو پنهورن جي هڪ نيڪ عورت ڏهي" کان پئسن تي خريد ڪري ورتو ۽ ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ۽ پنهنجي اصلوڪي مرڪز هنڌڙيءَ تي ي فقير کي فوج سان مقرر ڪيو ۽ ڪاڇي تي وري عنايت فقير (عنايت شاهه) کي ڪمانبر ڪري رکيو.

ميان نصير محمد پنهنجي ڏينهن ۾ موجوده دادو ضلعي جي مختلف علاقن ۾ شهر، ڳوٺ، ڪوٽ ۽ قلعا آباد ڪرايا ۽ اتي پنهنجا معتمد ماڻهو ويهاريا. موجوده گورڪ هِل اسٽيشن ۽ سان ڪوٽ نئہ نلي لڳ هن پنهنجي ڪاريءَ دوران اُتي هڪ مضبوط مورچو قائم ڪيو هو. اهو مورچو ڪيرٽر جبل جي دامن ۾ اڄ بہ 'ڪوٽ نئہ نلي' جي ي سان مشهور آهي. هتي اُن وقت ميان صاحب پنهنجي معتمد جرنيلن مان رستمائي قبيلي جي ماڻهن کي ويهاريو ي اُن قبيلي جا ماڻهو اڄ بہ صدين کان آباد آهن. ان علاقي جي اوريان واهي پانڊي جو شهر آباد آهي. اهو بہ ميان نصير مد پنهنجي معتمد جرنيل پانڊي خان لغاريءَ کي ويهاري آباد ڪرايو. جيڪو اڄ بہ پنهنجي پراڻي تاريخ جا ورق ٿي رهيو آهي. جوهيءَ جي اولهه ۾ پٽ سليمان (لُنڊ)، بکر شهيد (بکر خان پنهور)، ٻٽا قبا وغيره سندس دور تي روشني هن ٿا.

هن بادشاهه جو سمورو عرصو سنڌ ۾ ڏارين ۽ غاصب مغل حڪمرانن خلاف جنگ ڪندي گذريو. اسان جا بجهه محقق حضرات پنهنجي هڪ طرفي ۽ مخاصمانہ روش اختيار ڪندي، انهيءَ ڳالهه تي هروپرو ڳنڍ ڏئي ٻيهن ٿا ن دور ۾ مقامي زميندارن کان زمينون ڦريون ويون. مقامي قبيلن کي ترار جي ڏڪ ۽ مرشديءَ جي ڀيٽي سان ماري يع ڪيو ويو. هي سيئي ڳالهيون، سنڌن سطحي ۽ متاڇري سوچ ۽ سمجهه جو نتيجو آهن. هو دراصل نتيجو ڪيڻ ن ان وقت جي معروضي ۽ زميني حالات کي نظرانداز ڪري ويهن ٿا، جنهنڪري هنن کي فقط متاثر قبيلن سان ٽيل ڏتيون ئي نظر اچن ٿيون.

ميان نصير محمد ڪلهوڙي پنهنجي حڪومتي دؤر ۾ ڪافي ننڍيون وڏيون جنگيون لڙيون. ڪيس هڪ دفعي ڪتار بہ ڪيو ويو. پر هن حڪمت عمليءَ سان آزادي حاصل ڪئي. ان دوران هُن شاهه پنجي کي سلطان جو لقب ڏيئي نوال تحريڪ جو سرواڻ بنايو. ميان وال تحريڪ جو ڪوڊ ورڊ نعرو "الله توآهر"، ويس ڪٽي هٿيار- تلوار، تير، گز ڪمان، ڀالو، زره، ڍال وغيره بانس جي 4 فوٽ لڪڙي کي گز هٽي ميڙ ۾ پچائي گندرف ۽ پوتاش کي جدا جدا گهوٽي، اُن ۾

متيءَ جا گليلا پچائي، ان جي مُنهن ۾ گندرف ۽ پوتاش رکي باهه ڏيندا هئا، تہ اُهي پکل گليلا هاٿيءَ کي به ماري وجهه هئا، اُن وقت جو اهو هٿيار اڄ جو راکيٽ لانچر هو.

ميان نصير محمد کلهوڑو وڏو ذهين، ڏاهو دليل، دوراندیش، زاهد، پرهيزگار حاڪم هو. سندس دور حڪومت ۽ شخصيت موجوده دادو ضلعي تي تمام گهرا اثر ڇڏيا. جن جي ذڪر نہ ڪرڻ سان هيءَ ضلعو پنهنجي اصل سڃاڻپ، تشخص ڪڏهن به نہ ناهي سگهندو. گهاڙيءَ ۾ سندس نالي قبرستان هن ضلعي جي اوائلي تاريخ ۽ قدامت کي چڱيءَ طرح اجاگر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿو بلڪ هيءَ قبرستان انهيءَ دور جي دستاويزي سَنَدَ ثبت ڪري ٿو.

ميان نصير محمد کلهوڑي ڳاڙهيءَ ۾ يارنهن سال حڪومت ڪئي ۽ 1103هـ/1692ع تي وفات ڪيائين. سندس مقبرو ڳاڙهي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ آهي. کيس اولاد ۾ ٽي فرزند ـ دين محمد، يار محمد ۽ مير محمد ٿيا.

ميان دين محمد کلهوڑو[1]:

سنڌ جو بادشاهه ميان دين محمد کلهوڑو 17 صدي جي ٻئي يا ٽئين ڏهاڪي ۾ ميانوال تحريڪ جي سربراهه ۽ سنڌ جي حاڪم ميان نصير محمد کلهوڑي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. 1692ع ۾ ميان نصير محمد کلهوڑي جي وفات کان پوءِ هيءَ تخت تي ويٺو. تاريخ ۾ هن بادشاهه جو مختصر سياسي دور وڏيءَ اهميت جو حامل آهي. هو سنڌ جو پهريون ليڈر هو جنهن پنهنجي سياسي جماعت ۾ تنظيم سازيءَ جو باضابطا رواج وڌو. جماعت ۾ سپاهي پرتي ڪرڻ انهن کي ذهني تربيت ڪرڻ سندن لياقت آهر مختلف يونٽن ۾ مقرر ڪرڻ واريون سموريون ڪارگذاريون ۽ ڪم وغيره سندس ئي دور ۾ ٿيڻ شروع ٿيا، ان جو هڪڙو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي آسپاس وارا علائقا جيڪي هن منصبدارن جي تصرف ۾ هئا، ٻيهر فتح ٿيڻ لڳا. سندس ڏينهن ۾ پنهورن جو مرڪز فتح پور (دادو) فتح ٿيو.

هنن ڏينهن ۾ دهليءَ مان وڏي ڪٽڪ سان چڙهي آيل مغل نواب شيخ جهان ڪيرپلي (موجوده تعلقي باقراڻي) پرسان هڪڙي لڙائي ۾ مارجي ويو. مغل نواب جي مارجڻ کان پوءِ نہ رڳو مقامي زميندارن جون دليون هارجي ويون پر ده ٻه دهلجي وئي. لاچار شهزادو معزالدين ملتان مان پاڻ اچي بڪر جي نواب، الله يار خان جي معرفت اٽڪل سان ميان محمد کلهوڑي کي گرفتار ڪرائي پاڻ سان گڏ ملتان وٺي ويو ۽ اتي ئي هن کي شهيد ڪرائي ڇڏيائين. اهڙيءَ ريت هيءَ فتح ڪيل علائقو دادوءَ واري علائقي سميت ٻيهر مغلن جي تسلط ۾ اچي ويو. شهزادي معزالدين چانڊڪي پرڳڻي سميت دادو واري علائقو به افغان باروزئين جي امير بختيار خان جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ مقامي زميندار ويچارا خالي هٿ پير هٽندي رهجي ويا. انهيءَ ساري علائقي ۾ موجوده لاڙڪاڻو ۽ دادو ضلعا اچي ٿي ويا. بختيار خان کي مليو جنهن هن اچي پهرين تہ ڏاڍي قُرلُٽ ڪئي، پر پوءِ هتان جي ماڻهن تي نرمي ڪرڻ لڳو.

ميان دين محمد کلهوڑي جي شهادت جو واقعو سنہ 1700ع ۾ رونما ٿيو. هن جي شهادت کان پوءِ سندس ڏاڏي ميان يار محمد کلهوڑو تخت نشين ٿيو. ميان دين محمد کلهوڑي کي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جي تاريخي قبرستان ڳاڙهيءَ ۾ سندس والد ميان نصير محمد کلهوڑي جي پرسان دفنايو ويو.

ميان يار محمد کلهوڑو[1]:

18 صدي عيسوي جي شروعات ۾ سنڌ جي گاديءَ تي ويهندڙ ميان يار محمد کلهوڑي (دور 1718

---

[1] .ايڊيٽر پاران اضافو.

1700ع) سنڌ جي بادشاهه ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي گهر ۾ غالباً 17 صدي عيسويءَ جي ٻئي يا ٽئين ڏهاڪي ۾ جنم ورتو. هو انهن ڏينهن ۾ پيدا ٿيو جڏهن سنڌ ۾ مغلن جو دور عروج تي هو سنڌ ۾ ڪچي، پڪي سميت هر شيءِ جا وارث ڏاريا مغل هئا. هتان جون سياسي حالتون ڏاڍيون نازڪ صورت مان گذري رهيو هيون. سنڌ ۾ مغلن جو اهڙو ته منصبداري نظام قائم هو جو اُن جي خلاف ڪنهن کي ڳالهائڻ جي به طاقت نه هئي چو ته مغلن جا منصبدار هتان سنڌ جا ئي زميندار ۽ جاگيردار مقرر هئا، جيڪي مقامي قبيلن کي پنهنجي عتاب ۾ رکيو ٿي آيا ۽ مغل آقائن جي اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ پنهنجي ماڻهن تي ظلم ٿئي ڪيا. ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي ننڍپڻ ۾ جواني جا ڏينهن به اُن ئي دور ۾ گذريا. هو ننڍپڻ کان وٺي سنڌ تي ڏارين جي ٿيندڙ انهن ظلمن سميت ديس واسين جي غلاميءَ کي به ڇڳيءَ طرح ڏسي چڪو هو هن کي پنهنجي وطن ۽ وطن واسين جي غلاميءَ جو پورو پورو ادراڪ هو. هن پنهنجي پاءُ ميان دين محمد ڪلهوڙي جي شهادت بعد سنه 1700ع ۾ سنڌ جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ ڪئي ۽ سنڌ جي گاديءَ لاءِ نئون شهر خدا آباد، دادوءَ جي پرسان قائم ڪري اُتي رهائش اختيار ڪئي. اهو دور سنڌ ۾ پنهورن جي منصبداريءَ وارو دور هو. پنهور- مغل شهنشاهت جا منصبدار هئا. سندن سردار پنهوار خان هو. هنن مغلن جي اشاري تي ميان دين محمد ڪلهوڙي کي مارائي سامتاڻي پرڳڻو انعام ۾ حاصل ڪيو هو.

ميان يارمحمد ڪلهوڙو نئين گاج جي ڪنڊيءَ تي مغلن جي لشڪر سان وڙهيو ۽ انهن کي شڪست ڏيئي سندن سورمن- ڪجسنگ پٽي ۽ سورج مل اڌيپوري کي قتل ڪيو. ان جنگ ۾ ميان يارمحمد جي لشڪر جا نامياريا جرنيل- تاجو فقير، بختاور فقير اونوال، جدو فقير، بلاول نائچ، شهداد کهاوڙ ۽ پيا شامل هئا. اها جنگ سنه 1111هـ/1700ع ۾ لڳي. يعني ان سال ئي ميان يارمحمد تخت نشين ٿيو ۽ خدا آباد جو بنياد رکيائين. خدا آباد کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪرڻ جو سبب اتان جي جاگرافي صورتحال هئي چو ته خدا آباد کي هڪ طرف کان سنڌو درياءَ هو ٻئي طرف کان ڪيرٿر جبلن جي قطار ۽ منچر ويندي. ڏکڻ کان ڀڳي ٽوڙي وارو لنگهه ۽ جبل اُتر کان ميداني علاقو هو. ان ڪري ميان يارمحمد گاديءَ جو هنڌ ڳاڙهيءَ مان متائي "خدا آباد" ڪيو.

ميان يارمحمد ڪلهوڙو 10 سال ڏهه ڀي ۽ رعب تاب سان حڪومت هلائيندي، 1718ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس مقبرو 'خدا آباد' جي نزديڪ ڳوٺ "ڦڪا" ۾ موجود آهي. سندس وفات کان پوءِ هن جو وڏو پٽ ميان نورمحمد ڪلهوڙو سنڌ جو حڪمران ٿيو.

شاهه پنجو سلطان[1]:

شاهه پنجو سلطان ڏهوٽ قبيلي سان تعلق رکندڙ ڪلهوڙا دور جو فوجي جرنيل هو. هو ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وڏن فقيرن/جرنيلن ۾ اهم حيثيت رکندڙ هو. ميان نصير محمد جي اسيري وقت شاهه پنجو سلطان، گاجي شاهه سان گڏجي ميانوال تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي. ميان نصير محمد ڪلهوڙي جڏهن مغلن کان آزادي حاصل ڪري ڳاڙهيءَ کي پنهنجي عبوري انقلابي حڪومت جو مرڪز بنايو ته شاهه پنجي کي سلطان جو لقب ڏئي کيس خيرپور ناٿن شاهه ۽ ميهڙ جي ميداني علاقن سميت ڪاچي ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو. نالي واري محقق پروفيسر عبدالله مگسي لکيو آهي ته:

"شاهه پنجي سلطان جي ڪوششن سان سنڌ جي انهن علاقن ۾، جتي ميانوال تحريڪ پنهنجي اوج تي

---

[1] آزاد انور ڪانڊڙي جي مضمون- "شاهه پنجو سلطان ۽ عبدالله شاهه گودڙيو" (ڪلهوڙا دور جا به عظيم جرنيل) تماهي مهراڻ 1-2/2011ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄام شورو تان ورتل (ايڊيٽر).

هئي مغلن جي عدالتي سرشتي کي مفلوج ڪيو ويو چون ٿا ته هن بزرگ دهليءَ جي ستن قاضين کي عورتو بڻائي ڇڏيو."

ٻين لفظن ۾ شاهه پنجي سلطان پنهنجي حڪمت ۽ فراست سان مغل قانون کي عورت جيان ڪمزور ۽ نسو ڪري وڌو جنهن ڪري مغلن جون ست عدالتون بند ٿي ويون. تنهن ڪري عوام انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ شاهه پنجو جي برپا ڪيل عوامي عدالتن ۾ فيصلي ڪرائڻ کي ترجيح ڏيڻ لڳو. شاهه پنجي سلطان جي حسب نسب، ڄمار وفات بابت ڪابه وڌيڪ معلومات ناهي ملي سگهي. سندس مقبرو ميهڙ تعلقي جي شاهه پنجو سلطان جي نالي سان قائم ڳوٺ ۾ آهي. جيڪو ان وقت درياءَ جو اهم ۽ مکيه بندر هو. ڇيو وڃي ٿو ته ميان نصير محمد ڪلهوڑي انهيءَ اهميت جو ڪري ئي شاهه پنجي سلطان کي اتي منتظم مقرر ڪيو جيڪو علاقو اڄ تائين شاهه پنجو سلطان جي نالي سا سڏجي ٿو. تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيو ويو آهي ته ميان نصير محمد ڪلهوڙو جڏهن شاهي قيدخاني مان فرار ٿي سن پهتو هو ته پاڻ ڳاڙهي ۾ پنهنجي عبوري انقلابي حڪومت قائم ڪري ڪجهه علاقن کي پنهنجي تحويل ۾ ڪي ميان صاحب شاهه پنجي سلطان جي قابليت، انتظامي عدالتي، سياسي بصيرت ۽ مهارت تي ڪيس "سلطان" جو لقب ڏئي ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهه جي ميداني، ڪچي ۽ ڪاڇي واري علاقي تي ڪيس پنهنجو نائب مقرر ڪيو ته جيئ درياهي پٽڻ تي سندن قبضو برقرار رهي ۽ ڪوبه رخنو نه پوي. درياهي پٽڻ تان محصول وٺڻ جا اختيار به شاهه پنجو سلطان وٺ هئا.

سندس جي هن عظيم جرنيل جو ذڪر ميان صاحب جي آزيءَ ۾ به هن ريت ملي ٿو:

بسم الله

الله تو آهر!

چئو ساڻيوا الله تو آهر!!

آزي ڪيون ٿا، الله جي در تي:

ان جي پاڪ رسول،

۽ پنجتن پاڪ جي صدقي،

صدقي سيني بزرگن، ولين ۽ شهيدن جي،

صدقي شهيد ميان آدم شاهه جي،

صدقي ميان شاهل محمد جي،

صدقي ميان نصير جي،

صدقي ميان دين محمد جي،

صدقي ميان يار محمد جي،

ميان نور محمد،

ميان غلام شاهه،

ميان سرفران

ميان عبدالنبي شاهه جي،

ميان غلام نبي،
صدقي شاهه گودڙيي جي،
شاهه پنجي،
سيني سڳورن ولين ۽ شهيدن جي،
اچو تہ ساڻيو آزي ڪريون،
چئو الله تو آهر!

ڪلهوڙا تحريڪ ۾ آزي جيتوڻيڪ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وقت کان شروع ٿي پر ان ۾ تحريڪ جي سرواڻن شهيد ميان آدم شاهه ميان شاهل محمد، ميان نصير محمد، ميان دين محمد، ميان يار محمد، ميان نورمحمد، ميان غلام شاهه ميان سرفراز ميان غلام نبي ميان عبدالنبي شاهه ميان الياس محمد سان گڏوگڏ ميانوال تحريڪ جي خاص اهميت وارن فقيرن جرنيلن جو ذڪر پڻ ملي ٿو. اهي فقير ۽ جرنيل ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ ميانوال تحريڪ جا سرموڙ سپاهي هئا، انهن پنهنجي سرواڻ ميان نصير محمد سان گڏجي دشمن سان نہ رڳو جنگيون ڪيون پر انهن جرنيلن ۽ فقيرن ميان نصير محمد جي قيد دوران تحريڪ جون سموريون ذميواريون پنهنجي ڪلهن تي کڻي بهادريءَ سان سرانجام ڏنيون. ان ڪري ئي ميان صاحبن کان پوءِ آزيءَ ۾ سندن ذڪر ملي ٿو.

شاهه پنجو سلطان تحريڪ جو هڪ بهادر سچو سپوت فقير ۽ جرنيل هو. سندس شمار تحريڪ جي سرواڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي خاص فقيرن ۽ جرنيلن ۾ ٿئي ٿو. ان ڪري سندس ذڪر ميانوال تحريڪ ۾ خاص اهميت سان ڪافي هنڌن تي توڙي مختلف آزين (آزين جا انڪل ڏهه کان وڌيڪ مختلف نمونا آهن) ۾ ملي ٿو.

ڪلهوڙن جي انهيءَ تحريڪ جا ماڻهو پنهنجين دعائن ۾ ميان وال تحريڪ جي سرواڻ جي نالن کان پوءِ گاجي شاهه ۽ شاهه پنجي سلطان ۽ عبدالله شاهه گودڙيي جا نالا وٺڻ اڄ بہ ضروري سمجهن ٿا. ميانوال تحريڪ سان وابستہ عورتون پنهنجن ٻارڙن تي وڏي ڪنگهہ جي بيماري وقت شفا لاءِ پنهنجي آواز ۾ اڄ بہ هيءَ دعا پڙهنديون آهن:

ڪر ڪنگهہ لوڙها لنگهہ ميان نصير ٿي دستگير،
گاجي شاهه ڪر نگاهه پنجا پير سهٽا وير،
عنايت شاهه تيڏا رنگم ڪر ڪنگهہ لوڙها لنگهہ.

هن جرنيل جو عاليشان مقبرو راڻا اسٽيشن کان اوپر ۾ سندس نالي پويان سڏجندڙ ڳوٺ ۾، شاهه پنجي ريلوي اسٽيشن کان 4-3 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي موجود آهي. مقبري جي مرمت ٿيندي رهي ٿي. جنهنڪري اصل صورت ۾ مقبرو نہ رهيو آهي، پر پوءِ بہ مقبري ۾ ڪلهوڙا دور جي اڏاوتن جون ڪافي وصفون موجود آهن. روضو چورس آهي، جنهن ۾ وڏا لنگهہ موجود آهن. ۽ مقبرو احاطي اندر آهي. اصل لنگهہ مقبري جي ڏکڻ ۾ آهي. اندر پيون بہ قبرون آهن پر چڻيءَ سان قبر شاهه پنجي سلطان جي آهي. سال 1876ع ۾ هڪ انگريز ڪليڪٽر جي رپورٽ موجب هيءَ مقبرو سال 1730ع ۾ جوڙيو ويو هو. ماهه پهرين آچر تي هتي ميلو لڳندو آهي.

عبدالله شاهه گودڙيو[1]:

شاهه گودڙي جو اصل نالو عبدالله هو پر ڪيس شاهه گودڙي جو لقب مليل هو ان ڪري هو پاڻ کي شاهه گودڙيو سڏائيندو هيو. پروفيسر عبدالله مگسي پنهنجي ڪتاب "سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو" ۾ عبدالله ڪلهوڙي جي روايت جي حوالي سان ڄاڻايو آهي ته شاهه گودڙيو ذات جو ڪلهوڙو هو جيڪو اصل ۾ لاڙ جي شهر ولهار جو رهواسي هو....(اڄ به ڪيترائي ڪلهوڙا خاندان هن بزرگ کي پنهنجن ابن ڏاڏن کان پنهنجو ڏاڏا پير سڏيندا پيا اچن). سنڌ جو نامياري محقق ۽ شاعر جوهر بروهي ڄاڻائي ٿو ته: هيءَ درويش سيد هو سندس مقبرو ميهڙ تعلقي جي ڪاڇي جي يونين ڪائونسل فريد آباد جي شاهه گودڙي جي ڳوٺ ۾ آهي... خيرپور ميرس وارو ادهم سلطان سندس سڳو پياءُ هو. سندس تربت ڏيگهه ۾ 33 فوٽ ۽ موڪر ۾ 13 فوٽ آهي. ايڏي وڏي تربت سنڌ ۾ ڪٿي به ڪانهي. ايڏي وڏي تربت جي لاءِ ڪجهه روايتون آهن. ساڳئي وقت ان وڏي تربت جي هن پاسن کان قبرون موجود آهن. هڪ قبر ته اوپر. اولهه رکيل آهي. جڏهن ته سنڌ ۾ قبرون اتر ڏکڻ هوندیون آهن. عام ماڻهن جي روايت آهي ته اهي قبرون شاهه گودڙي جي يارن جون آهن. جوهر بروهي ڄاڻائي ٿو ته اهي قبرون نه آهن بلڪ شاهه گودڙي جي تربت جي چوڌاري پٿرن جو ڪوٽ ڏنل هو. ان پٿرن واري ڪوٽ جي ٻاهران ان وقت درگاهه جي سجاده نشين فقير محمد حسن چانڊئي ڪوٽ ڪٽايو ۽ اهي آثار پراڻي ڪوٽ جا ايجا باقي آهن. نامياري محقق حڪيم عبدالحميد چانڊئي پنهنجي ڪتاب "اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو" ۾ برڪ محقق ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي سان ڄاڻايو آهي ته: قبرن جي ڏگهائي انهيءَ ڪري آهي ته هي قبرون پٿر وجهي ڏگهيون ڪيون ويون آهن. پٿرن وجهڻ جو سبب اهو آهي مبادا قبرون گهر ٽين يا زمين ۾ پيهي نه وڃن."

عبدالله شاهه گودڙيو ميان وال تحريڪ جي سرواڻ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو خليفو ۽ ميان نصير محمد جي معتبر خليفن، خاص فقيرن ۽ جرنيلن مان هو. ميان صاحب ڪيس ميهڙ تعلقي جي فريد آباد جي جابلو لڪ جي نظرداريءَ لاءِ مقرر ڪيو هو. شاهه گودڙيو جي درگاهه لڳ اتر ۾ هڪ ٽڪري آهي. جنهن کي چوياري چيو ويندو آهي ان چوياريءَ کان اڌ ڪلوميٽر اوپر طرف هڪ ٽل ٽهيل آهي. جنهن کي نشان چيو ويندو آهي. عقيدتمندن چواڻي: شاهه گودڙيو پنهنجي يارن سان ان چوياري تي ويهي سامهون جبل جي ٽل تي چڊي سان نشان ونندو هو. اهڙو گول پٿر شاهه گودڙيو جي قبر وٽ سيراندیءَ ۾ رکيو ويو آهي. جڏهن ته ڪيترئي جبل ۾ هن وقت اهڙا گول پٿر ايجا به ملن ٿا. حقيقت هن ريت آهي ته: اهي ٻئي جايون ان وقت مورچي جو ڪم ڏيندیون هيون جو اتي ويهڻ سان پري پري تائين نگاهه پوندي هئي ۽ دشمن جي چڙپر معلوم ٿيندي هئي. چو ته ان جڳهه کان فقط به ڪلوميٽر اولهه طرف ڪاپي کان قلات ويندڙ تاريخي رستو آهي جيڪو سنڌو درياءَ جي اولهه واري وهڪري کان به اولهه طرف آهي. شاهه گودڙيو ان رستي جي نگرانيءَ لاءِ ميان نصير محمد ياران سپهه سالار مقرر هو. شاهه گودڙي سان اُنن جو ڏڳ به منسوب هو جيڪو اڄ کان 50 سال اڳ به قائم هو پر هاڻي اهو ختم ٿي ويو آهي. جتي پاڻ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهيو ۽ ڪيترائي فوجي جوان ميانوال تحريڪ ۾ پير تي ڪري موڪلیندو هو. ميان جي آزيءَ (ميانوال تحريڪ وارن جي دعا) ۾ به سندس ذڪر ملي ٿو.

بسم الله

الله تو آهر!

چئو ساڻيو! الله تو آهر!!

---

[1] حوالو مٽي ڏنل آهي (ايڊيٽر)

آزي ڪيون ٿا الله جي در تي:
ان جي پاڪ رسول،
۽ پنجتن پاڪ جي صدقي،
صدقي سيني بزرگن ولين ۽ شهيدن جي،
صدقي شهيد ميان آدم شاهه جي،
صدقي ميان شاهل محمد جي،
صدقي ميان نصير جي،
صدقي ميان دين محمد جي،
صدقي ميان يار محمد جي،
ميان نور محمد،
ميان غلام شاهه،
ميان سرفراز
ميان غلام نبي،
ميان عبدالنبي شاهه جي،
صدقي شاهه گودڙي،
. شاهه پنجي،
سيني سڳورن ولين ۽ شهيدن جي،
اچو ته ساڻيو آزي ڪريون،
چئو الله تو آهر!

عبدالله شاهه گودڙي ميان وال تحريڪ ۾ نهايت بهادريءَ سان پنهنجون ذميواريون نيايون. هن شاهه پنجي سلطان، گاجي شاهه فوجو فقير، فتو پخالي، يارو ريبار وانگر ميان نصير محمد ڪلهوڙي سان گڏ ميان وال تحريڪ ۾ مغلن کان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ پرپور جدوجهد ڪئي ۽ ميان نصير محمد جي موجودگي توڙي سندس قيد دوران ميان وال تحريڪ ۾ پنهنجو پرپور ڪردار ادا ڪيو. ميان وال تحريڪ ۾ سندس ان تاريخي ڪردار ۽ قرباني سبب ئي ميان وال تحريڪ جا فقير اڄ به ڪنهن مصيبت، بيماري، ڏکئي وقت ۾ ميان صاحبن سان گڏ شاهه گودڙي ۽ ٻين فقيرن کي سنڌي توڙي سرائڪي هوليءَ ۾ ياد ڪن ٿا. ماڻهن جو اڄ به عقيدو آهي ته شاهه گودڙي توڙي ميان وال تحريڪ سان وابسته ٻين سنڌ جي سپوتن کي ياد ڪرڻ سان آيل مصيبت، بيماري ڏکئي وقت مان چوٽڪارو ملي ٿو.

ميان وال تحريڪ سان وابسته ماڻهو اڄ به پنهنجن وڏڙن سان گڏ شاهه گودڙي ۽ ٻين فقيرن جي نيت ڪري پهرين ماني ورهائين ٿا ۽ ٻارن توڙي وڏڙن کي کارائين ٿا. عبدالله شاهه گودڙيو ميان وال تحريڪ ۾ ٻين فقيرن ۽ جرنيلن وانگر خاص اهميت جو حامل آهي. ان ڪري ئي ميان وال تحريڪ جي آزي (مختلف هنڌن تي ميان صاحبن جي مزارن ۽ فقيرن جي درگاهن تي پڙهي ويندڙ آزين) ۾ سندس ذڪر ملي ٿو. آزيءَ ۾ ميان صاحبن کان پوءِ سندن خاص وڏن فقيرن ۽ جرنيلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. عبدالله شاهه گودڙيو به اهڙن فقيرن ۽ جرنيلن ۾ شمار آهي.

عبدالله شاهه گودڙيي جي زندگيءَ ۾ سندس ڪارنامن جو وڏيڪ احوال ملي ناهي سگهيو. سندس مزار تعلقي ميهڙ ۾ آهي. سندس مقبري تي ڪنهن وقت پيرزاده ذات جا فقير موجود هوندا هئا. هن وقت چانڊيا قبيلي سان تعلق رکندڙ فقير شاهه گودڙيي جي درگاهه جي سنياڻ ڪن ٿا ۽ متولي سڏائين ٿا.

پير الاهي بخش صديقي قريشي:

سنڌ جي اڳوڻي تعليم جي وزير، وڏي وزير پير الاهي بخش 1 ـ جنوري 1895ع تي پير نواز علي شاهه جي گهر، پير جو ڳوٺ لڳ ڀان سيدآباد ۾ جنم ورتو. پير الاهي بخش سنڌ جي ممتاز بزرگ هستي غوث الحق مخدوم نوح سرور جي پنجين فرزند مخدوم موسيٰ جي پيڙهيءَ مان هو. پير صاحب ابتدائي تعليم ڀائن مان حاصل ڪئي. مٹرڪ خيرپور ميرس هاءِ اسڪول مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ علي گڙهه ڪاليج ۾ داخلا ورتائين.

ڪجهه وقت علي گڙهه ڪاليج ۾ پڙهي پوءِ جامعيه مليه ۾ تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ واپس موٽي آيو ۽ ڪراچيءَ ۾ سڏايل خلافت ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي جيڪا 8 کان 10 جولاءِ 1921ع تائين جاري رهي. خلافت تحريڪ جهڪي ٽيڙ بعد وڪالت جو امتحان پاس ڪري لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. وڪالت دوران جلسن، جلوسن ۽ عام ڪانفرنسن ۾ پرپور حصو وٺڻ لڳو.

سنڌ جي بمبئيءَ کان علحيدگيءَ بعد 1937ع ۾ سنڌ اسيمبلي جون عام چونڊيون ٿيون. پير الاهي بخش ان ۾ پرپور حصو ورتو. سندس مقابلو تڪ جي بااثر شخصيت خان بهادر يار محمد خان جوڻيجي سان ٿيو. پير صاحب کيس شڪست ڏئي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو.

پير الاهي بخش سنڌ اتحاد پارٽيءَ جو سرگرم ميمبر ٻ رهيو. شهيد الله بخش سومري جي جڏهن وزارت ٺهي تہ ان ۾ ڪيس روينيو جو وزير مقرر ڪيو ويو. پير صاحب مختلف وقتن تي مختلف وزارتن جا عهدا ماڻيا. ڪيس وزير تعليم جو عهدو ٻ ملیو ۽ ان عرصي دوران هن سنڌ ۾ زوري تعليم رائج ڪئي. ان کري ڪيترائي ٻار تعليم حاصل ڪري اعليٰ عهدن تي پهتا جيڪي والدين ٻارن کي اسڪول نہ موڪليندا هئا. انهن تي ڪيس داخل ڪري ڏنڊ يا جيل جون سزائون ڏنيون ويندیون هيون. سنڌ جي ڏوراهين علاقن ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا. ان سان گڏ اڻ پڙهيل ماڻهن لاءِ تعليم بالغان سينٽر ٻ قائم ڪيا ويا.

پير الاهي بخش جون تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ نمايان خدمتون آهن. سال 1939ع ۾ سکر جي ڪليڪٽر طرفان مجتا طور لٽريسي ٽاور جو سنگِ بنياد رکيائون. سال 1939ع کان 1940ع تائين پير صاحب سنڌ مدرسة الاسلام جو صدر رهيو. ان عرصي دوران هو مدرسي ۾ تعليم جي ترقي ۽ فروغ لاءِ ڪوشان رهيو. پير صاحب، لياريءَ ۾ سنڌ مدرسي جي شاخ جو قيام 1940ع ۾ عمل ۾ آڻي. لياري وارن کي تعليمي سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون. 21 ـ جون 1945ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج قائم ڪيائين. جنهن جو افتتاح قائداعظم محمد علي جناح ڪيو.

پير الاهي بخش سنڌ يونیورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ 1944ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ بل پيش ڪيو. 1947ع ۾ سنڌ مسلم لا ڪاليج ۽ ڊائو ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيائين. ساڳئي سال سکرنڊ ۾ زرعي ڪاليج قائم ڪيو. هن 1951ع ۾ سروري اسلاميه ڪاليج هالا جو سنگِ بنياد رکيو.

پير صاحب ذاتي طور تي ملٽو جلٽو ڪفايت شعار، سادگي پسند، يارن جويار، خوش خلق ۽ غريب عوام سان ميل جول رکڻ وارو انسان هو. پير الاهي بخش پنهنجي وزارت دوران ڪيترائي يادگار ڪم ڪيا، جن ۾ سنڌ مسلم

ڪاليج برپا ڪرڻ سندس زوري تعليم رائج ڪرڻ بالغن جي تعليم برپا ڪرڻ اين. جي. وي هاءِ اسڪول لاءِ بلڊنگ تعمير ڪرائڻ ۾ نامور ادبي اداري سندي ادبي بورڊ جي قائم ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

ڪراچيءَ ۾ پارت مان آيل پناهه گيرن کي آباد ڪرڻ لاءِ پير الاهي بخش جون نمايان خدمتون آهن. پارت مان ايندڙ پناهه گيرن کي حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي ديڳيون چانورن جون رڌائي مهاجرن حوالي ڪيون ۽ انهن کي رهڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ پير الاهي بخش نالي ڪالوني قائم ڪري انهن کي پلاٽ ۽ جايون مهيا ڪري ڏنيون ويون. جيڪي اڄ بنگلن ۽ ڪارخانن جا مالڪ ٿيا وينا آهن. پير الاهي بخش جي علمي ادبي سياسي سماجي ۽ تاريخي ڪارنامن جو ذڪر ڪنداسين ته سندن ڪردار نمايان نروار ۽ عظيم نظر ايندو.

هيءُ اڏول ۽ اعليٰ خوبين جو مالڪ 8 ـ آڪٽوبر 1975ع تي انتقال ڪري ويو. مرحوم پنهنجي پٺيان ٻه نياڻيون 5 پٽ: پير محمد نواز پير شاهنواز پير عبدالمجيد پير عبدالحميد ۽ پير عبدالرشيد سوڳوار ڇڏيا.

رئيس علڻ خان لغاري:

رئيس علڻ خان لغاري 1910ع تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ حاجي خان تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو ۽ پنهنجي والد سان گڏ زميندااري سنيالڻ لڳو. جڏهن سندس والد وفات ڪئي ته برادي ۾ بين اوڙي پاڙي جي راڄن ڪيس پڳ ٻڌائي ۽ پوءِ هو راج پاڳ جا فيصلا ڪرڻ لڳو. سندس فيصلا ضرب المثل سمجهيا ويندا هئا. اهڙن فيصلن سبب رئيس علڻ خان مشهور ٿي ويو. سندس هيءُ مقولو مشهور آهي ته ٻڪري کي زيور ۽ ڳهه ڳٽا پارائي جوهي برانچ ٽپائي ڪاڇي ۾ ڇڏي وڃو. مون وٽ صحيح سلامت پهچي ويندي سندس دور ۾ لچ لوفر کي همت نه ٿيندي هئي جو ڪاڇي ۾ ڏوهه ڪري. رئيس علڻ خان سماجي ڪمن ۾ به پرپور حصو وٺندو هو. غريب ۽ مسڪين ماڻهن جا ٻار پڙهندا هئا. انهن کي فيون. ڪپڙا ۽ ڪتاب فراهم ڪندو هو.

رئيس علڻ خان لغاري ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جو ميمبر ٿي سياست جي شروعات ڪئي. سال 1953ع ۾ صوبائي سيٽ تي بيٺو. سندس مدمقابل سيٽ محمود هارون ۽ عبدالعزيز سولنگي رٽائرڊ ايس. اي هئا. ان اليڪشن ۾ مخالفن کي شڪست ڏئي وڏيءَ اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. 1960ع ۾ به اليڪشن ۾ حصو ورتائين ۽ ڪامياب ٿيو. 1977ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي صاحب پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ ڏنس ۽ بنا مقابلي ڪامياب ٿيو. ساڳئي سال پٽي صاحب کيس حج وفد ۾ موڪليو. سندس سڄو خرچ گورنمينٽ ادا ڪيو. رئيس علڻ خان لغاريءَ کي چار پٽ: رئيس اڪبر خان لغاري، ڊاڪٽر مقبول احمد لغاري ۽ ممتاز علي لغاري آهن. رئيس علڻ خان لغاري جو اڪثر وقت دادو ۾ ئي گذريو.

رئيس علڻ خان لغاري 1980ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙو[1]:

دادو جو مشهور سياسي ۽ سماجي اڳواڻ خانبهادر محمد پريل ولد ميان قادر بخش ڪلهوڙو 10 ـ آڪٽوبر 1884ع اڳهاماڻي تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو. سندس والد رواجي ملڪيت وارو ماڻهو هو پر مقاطعن کڻڻ محنت ڪرڻ ۽ ڪفايت شعاريءَ ذريعي ڇڳي ملڪيت ٺاهي ويو. ميان صاحب ابتدائي تعليم مقامي اسڪول ۾ حاصل ڪئي جتان

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

وربنڪيولر فائنل پاس ڪري تپيداريءَ جو ڪورس پاس ڪيو. ڪيس تپيدار مقرر ڪيو ويو. 27- مئي 1935ع تي والد جي وفات ڪري وڃڻ کان ڪجهه وقت اڳ نوڪري ڇڏي اچي پنهنجون زمينون سنڀالڻ ۽ مقاطعي ڪڍڻ جي ڪاروبار ۾ مشغول ٿيو. سگهوئي جفاڪشيءَ ۽ هوشياريءَ سان زمين وڌائي ڪافي ملڪيت گڏ ڪري ويو. پوءِ اگهاماڻيءَ مان لڏي بالي شاهه اسٽيشن تعلقي دادوءَ ۾ پنهنجو ڳوٺ ٻڌائي ويٺو. گهر ۾ مهمان خاني لاءِ پڪيون عمارتون جوڙايائين. دسترخوان جو ڪشادو هو ڪامورن سان سڄا لاڳا هئس. مهل سر ماٺهن جا ڪم ڪار ڪري نالو ڪڍايائين.

1931ع ۾ دادو جي ضلعي ٽيڻ بعد آفيسرن جي راضپي ڪري ضلعي ۾ وڏي رهائي ڪري ويو. 1933ع ۾ ضلعي لوڪل بورڊ جي پريزيڊنٽيءَ جي چونڊ ٿي. سندس مخالفن ميان يارمحمد جوٽيجي کي ٻيهاريو ٻئي طرف جي. ايم. سيد به اميدوار هو پر آفيسر جي مدد ۽ رسوخ سان ميان محمد پريل ڪلهوڙو پريزيڊنٽ چونڊجي ويو. سندس دور اوج وارو هو. هن پنهنجي عزيز موسيٰ خان ڪلهوڙي کي اسڪول بورڊ جو چيئرمن چونڊرايو. سندس فرزند ميان شمس الدين کي ميهڙ تعلقي لوڪل بورڊ جو صدر چونڊرايو. ضلعي لوڪلبورڊ جي اجلاس وقت سوين ماڻهو لوڪل بورڊ جي ميٽنگ ڏسڻ ايندا هئا. خانبهادر محمد پريل انهن لاءِ ديڳيون رڌائي ماني کارائيندو هو. انهن مان کي نوڪرين جا طالب هوندا هئا. ڪن کي بندوق جا پروانا ڪپندا هئا. اهي سڀ ڪم هن جي معرفت ٿيندا هئا.

محمد پريل ڪلهوڙو نماز ۾ روزي جو پابند هو. علاقي ۾ هڪ عاليشان مدرسو قائم ڪيو. جنهن ۾ غريب شاگردن جي رهائش، کاڌي خوراڪ ۽ پوشاڪ جو خرچ پريندو هو. علاقي ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايائين. هڪ سچ ٻه پاڇا آهي. اڄتي هلي لوڪل بورڊ جي چيف آفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جي مقرريءَ تان اختلافن سبب ۽ گهڻ خرچائو هئڻ ڪري مٽس آگريون ڪڍڻ لڳيون. انڪوائري ڪميٽي ويهاري وئي. جنهن خانبهادر محمد پريل خان خلاف رپورٽ ڏني. ان بعد هو پهريان موڪل وٺي ويو پر پوءِ بمبئي سرڪار جي حڪم تي استعيفيٰ ڏنائين.

ٻيو پيرو جڏهن جي. ايم. سيد سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊيو ته ڪليڪٽر خانبهادر نورنبيءَ جي مدد سان خانبهادر محمد پريل ڪلهوڙي کي ضلعي لوڪل بورڊ جو صدر چونڊيو. پر سندس اڳيون اوج نه رهيو. محمد پريل خان 7 آڪٽوبر 1946ع تي وفات ڪئي.

عبدالحميد خان جتوئي:

عبدالحميد خان جتوئي ڳوٺ ٻيٽو خان تعلقي ميهڙ ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو رئيس ڪريم بخش خان جتوئي هو. جيڪو تر جو وڏو زميندار هو. عبدالحميد خان جتوئي پنهنجي تعليم جو آغاز مقامي اسڪول کان ڪيو. پر پوءِ تعليم اڏ ۾ ڇڏي زمينداري سنڀالڻ لڳو. سندس فيصلن جي هاڪ ملڪان ملڪ مشهور هئي. سندس فيصلن ۾ سچائي ۽ ديانتداري وارو عنصر ايتري قدر شامل هو جو راڄن جا نيڪ مرد به ڪانئس فيصلا ڪرائيندا هئا. پاڻ خودار طبيعت جو مالڪ هو. فيصلي ۾ ڪنهن سان به رعايت نه ڪندو هو ۽ حقي فيصلا ڪندو هو.

عبدالحميد خان جتوئي زميندارياءَ سان گڏ سياست ۾ بهرو ونڊ لڳو. پاڻ ذهين، ڏاهو ۽ وڏو زيرڪ انسان هو. تنهن ڪري پنهنجي ذهانت، ڏاهپ جي بنياد تي سياست جي ڏکين ۽ اٽانگن گرن کي آساني‌ءَ سان سمجهي ورتو. 1953ع ۾ سنڌ اسيمبلي مان سياستدانن ون يونٽ جو بل پاس ڪرايو. پر هن سياستدان پنهنجي همت، جرئت ۽ بهادريءَ سان ون يونٽ جي بل تي صحيح نه ڪئي. واضح رهي ته سنڌ اسيمبليءَ جي 110 ميمبرن مان 98 ميمبرن

صحيحون ڪيون باقي ميمبر ڪجھ موڪل تي هئا ۽ ڪجھ جايون خالي هيون ۽ سائين جي ايم سيد جيل ۾ هو. جن ميمبرن بل تي صحيحون نہ ڪيون انھن جا نالا هي آهن.

1. عبدالحميد خان جتوئي 2. غلام مصطفيٰ پرڪڙي

3. پير الاهي بخش صديقي قريشي 4. شيخ خورشيد احمد

عبدالحميد خان جتوئي 1956ع ۾ اولھ پاڪستان اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ حصو ورتو ۽ ميمبر چونڊجي ويو. 1965ع 1970ع ۽ 1985ع ۾ قومي اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو. عبدالحميد خان جتوئي 1970ع جي عام چونڊن ۾ پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبلي جو ميمبر منتخب ٿيو. ان دوران مارشل لا جي مسئلي تي پيپلز پارٽيءَ سان اختلاف ٿيس. ڪجھ وقت جيل ۾ به رهيو. جتوئي صاحب هميشہ سنڌ جي مسئلن تي پرپور نموني احتجاج ڪيو. اسيمبليءَ ۾ سندس تقريرون تاريخي حيثيت رکن ٿيون. ضياءُ الحق جي دور ۾ سنڌ تي ٿيندڙ ظلمن خلاف قومي اسيمبلي ۾ سندس تقريرون يادگار ليکيون ويندیون.

جتوئي صاحب ڪجھ سال اڳ رحلت فرمائي ويو. جتوئي صاحب جا فرزند به سياست ۾ پرپور حصو وٺي رهيا آهن. لياقت علي خان جتوئي صوبائي وزير خزانہ ۽ سنڌ جو وزير اعليٰ به رهيو. ان سان گڏوگڏ پاڻي ۽ بجلي جو وفاقي وزير به رهيو. سندس پيو فرزند اعجاز علي جتوئي به اسيمبلي جو ميمبر رهيو. صداقت علي جتوئي سينيٽر به رهيو آهي. ان سان گڏ سندس پيا فرزند به سياست ۾ حصو وٺندا اچن پيا. عبدالحميد خان جتوئي جو پوٽو ڪريم علي جتوئي سال 2005ع کان ڊسٽرڪٽ دادو جي ناظم جي حيثيت سان منتخب ٿيو آهي.

حاجي امير بخش جوٽيجو[1]:

هن نيڪ دل ۽ نيڪ سيرت انسان جو جنم 24- ڊسمبر 1916ع ۾ ڳوٺ علي بخش جوٽيجي تعلقي خيرپورناٿن شاھ ۾ ٿيو. سندس والد جو نالو حاجي امام بخش جوٽيجو آهي.

حاجي امير بخش خان جوٽيجو پنهنجي والد جو اڪيلو ۽ لاڏلو پٽ هو. هيءُ پنجن ڇهن سالن جو ٿيو تہ هن کي پڙهڻ لاءِ ڳوٺ لڳ خانپور شهر جي گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. جتي هن 1927ع ۾ پنج درجا پاس ڪري وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ڪڙ شهر جي هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ٿيو. پر اُتي هيءُ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري نہ سگهيو تہ استاد ڊالومل جو سندس وڏڙن جو نيازمند هو تنهن هن کي هورڙي هاءِ اسڪول ۾ داخل ڪيو جتي استاد ڊالومل هن تي محنت ڪئي ۽ ائين هو اُن شفيق استاد جي محنت سان 1939ع ۾ سنڌي فائنل پاس ڪئي. فائنل تعليم کان پوءِ نندڙي امير بخش وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪئي.

حاجي امير بخش خان جوٽيجي جو والد صاحب پوليس کاتي ۾ ملازم هو تنهنڪري هُن پنهنجي فرزند کي به 1941ع ۾ پوليس کاتي ۾ پرتي ڪرايو جتي هن 5 سالن تائين نوڪري ڪئي ۽ بعد ۾ والد صاحب جي چوٽ تي پنهنجون زمينون سنياليون لاءِ 1946ع ۾ پوليس کاتي جي نوڪري ڇڏي اچي ڳوٺ ۾ والد صاحب سان زمين جي ڪمن ڪارين ۾ مدد ڪرڻ لڳو.

حاجي امير بخش جوٽيجي 1946ع ۾ قائداعظم محمد علي جناح جي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي عملي

---

[1] انسانيت جو خدمتگار- الحاج امير بخش خان جوٽيجو- مرتب: پاويل جوٽيجو نجم جوٽيجو چپائيندڙ: باک ٿلي پبليڪيشن ميهڙ اپريل 2007ع. تان ورتل (ايڊيٽر).

سياست جي شروعات ڪئي. سندس چوائٽي تہ هو ان دور ۾ مسلم ليگ ۾ 2 آنا ميمبر شپ في ڏيئي ميمبر ٿيو. هن پاڪستان ناهڻ واري تحريڪ ۾ بہ حصو ورتو ۽ بعد ۾ جڏهن مسلم ليگ لياقت علي خان جي قتل ڪري اختلافن جو شڪار ٿي تہ هيءَ خاموش ٿي ويهي رهيو. جڏهن وري ملڪ ۾ ايوب ۽ يحييٰ خان جي مارشل لا جو دور آيو تہ هو ان دور ۾ بہ پنهنجي ماڻهن جي سماجي مسئلن جي حل لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو ۽ بعد ۾ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان جو ساٿ ڇڏي روٽي، ڪپڑا اور مڪان جو نعرو هٽي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو بنياد رکيو تہ هيءَ ان ۾ شامل ٿيو. ذوالفقار علي ڀٽي هن جي تر ۾ مقبوليت ڏسي 1970ع جي عام چونڊن ۾ ميهڙ ۽ ڪي.اين.شاهہ تڪ تي سنڌ اسيمبلي جي سيٽ جي ٽڪيٽ ڪيس ڏني ۽ ان وقت ۾ ميهڙ ۽ ڪي.اين.شاهہ بنهي تعلقن ۽ صوبائي اسيمبلي جو هڪ تڪ هو. هن تڪ تان حاجي صاحب وڏيءَ اڪثريت سان کٽيو. وري جڏهن ڀٽي صاحب جي حڪومت ختم ٿي ۽ مارشل لا لڳي تہ هن ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهہ سميت پوري دادو ضلعي ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي حق ۾ مهم هلائي. حڪومت سان مهاڏو اٽڪايو. جڏهن جنرل ضياءالحق ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪرايو تہ هيءَ دادو مان ان مزاحمتي تحريڪ جو سرواڻ هو. جڏهن مارشل لا جي خاتمي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ 1983ع ۾ ايم.آر.ڊي جي تحريڪ هلي تہ دادوضلعي مان حاجي امير بخش خان ان ۾ هر اول دستي طور اڳئين مورچي تي رهي جدوجهد ڪئي. هن ايم.آر.ڊي جي تحريڪ دوران گرفتاري بہ ڏني.

جنرل ضياءالحق سال 1985ع ۾ غير جماعتي بنيادن تي چونڊون ڪرايون تہ پاڪستان پيپلز پارٽي ان چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو پر هن پاڪستان پيپلز پارٽي جي بائيڪاٽ کي رد ڪندي چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ پر مخالف اميدوار لياقت علي خان جتوئي کان هارايو. وري جڏهن 1988ع ۾ عام اليڪشن ٿي تہ محترمہ بينظير ڀٽو حاجي صاحب کي خيرپور ناٿن شاهہ جي صوبائي تڪ تي نامزد ڪيو. انهيءَ اليڪشن ۾ حاجي صاحب عبدالحميد جتوئيءَ جي فرزند اعجاز علي خان جتوئيءَ کي شڪست ڏيئي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1990ع جي عام چونڊن ۾ وري پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي قاضي شفيق احمد مهيسر کي شڪست ڏيئي ايم.پي.اي ٿيو. 1993ع ۾ عام چونڊن جو اعلان ٿيو تہ هن وري عبدالحميد خان جتوئيءَ سان چونڊ ناهہ ڪري مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو پر ان چونڊ ۾ هن پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار حاجي ظفر علي خان لغاريءَ جي هٿان شڪست کاڌي ۽ 1997ع جي چونڊن ۾ مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي ٻيهر پ.پ جي اميدوار حاجي ظفر علي لغاري سان چونڊ مقابلو ڪيو ۽ هن ان چونڊ ۾ حاجي ظفر علي لغاريءَ کي شڪست ڏيئي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. جڏهن محمد نواز شريف جي حڪومت ختم ڪئي ويئي تہ هو سياسي طور تي اتحادي رهيو. 2004ع جي چونڊن ۾ جنرل پرويز مشرف اميدوار لاءِ گريجوئيشن جو شرط رکيو تہ حاجي صاحب گريجوئيٽ نہ هجڻ ڪري انهن چونڊن ۾ بہ سگهيو پر هن لياقت علي جتوئيءَ جو سياسي اتحادي بنجي، ان جي مدد ڪئي. انهن ڏينهن ۾ هن نثار کهڙي کي ووٽ ۾ دعوت ڏيئي پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو پر بعد ۾ لياقت علي خان جتوئيءَ جي پرچائڻ تي وري پاڪستان پيپلز پارٽي ڇڏي ڏني.

حاجي امير بخش خان جوڻيجي هر وقت سياست کي سرڪاري عهدو ونڻ ۽ دولت گڏ ڪرڻ جو ذريعو بنائڻ بجاءِ عوام جي خدمت ڪرڻ وارو ادارو سمجهي ڪئي آهي. جنهنڪري هن جي 50 سالن جي سياسي زندگيءَ ۾ ڪير هن تي آڱر نہ ٽو ڪڻي سگهي. حاجي صاحب، شخصيت جي حوالي سان نهايت ئي ساده مزاج، پر طبيعتاً تيز نيڪوڪار، متقي، تهجد گذار، سخي ۽ اوطاقي مڙس، غريبن ۽ بي سهارن جو پرجهلو هو. هو جمعة المبارڪ جي ڏينهن

تاريخ 8 ذوالقعد 1432هـ مطابق 7 ـ آڪٽوبر 2011ع تي لاڙاڻو ڪري ويو ڪيس اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو. هن ۾ شاديون ڪيون. پهرئين گهرواري مان هڪ پٽ ۽ ٻه نياڻيون ۽ ٻي گهر واري مان ٻه پٽ ۽ 5 نياڻيون جو اولاد ٿيو.

پير مظهر الحق شاهنواز

نامياري سياستدان پير مظهرالحق ولد پير شاهنواز صديقي قريشي 14 ـ سيپٽمبر 1947ع تي حيدرآباد ۾ جائو. پير صاحب سنڌ جي اڳوڻي وزير ۽ تعليم جي وزير پير الاهي بخش صديقي قريشيءَ جو پوٽو ۽ نامور سياستدان قاضي محمد اڪبر ڪلهوڙي جو ڏوهٽو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي سينئر ميمبرن ۾ شمار ٿيندڙ پير مظهرالحق شاهنواز ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مزدورآباد دادو ۽ پريڪٽسنگ اسڪول ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان، انٽر گورنمينٽ مسلم ڪاليج حيدرآباد مان حاصل ڪئي ۽ گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن (سياسيات) سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. پير مظهرالحق شاهنواز ان دور ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو جنهن دور ۾ ڪيترائي پ.پ.پ ميمبر ضياءالحق جي مارشل لا جي دور ۾ پارٽيءَ کان ڪناره ڪش ٿي رهيا هئا.

پير مظهرالحق شاهنواز نوجوانيءَ ۾ صحافت ۾ ڪئي. روزاني عبرت اخبار حيدرآباد ۾ 'هارن جي هاريءَ' ۽ 'ماما موجيءَ' جي نالي سان هارن جي صفحي جو انچارج ۾ رهيو. هن مختلف رسالن ۾ افسانا ۽ ليک به لکيا. هارن جو ڪتابي سلسلو گل پبليڪيشن حيدرآباد مان جاري ڪيائين. هن سجيءَ سنڌ ۾ هاڻو جا ڪنوينشن ڪوڪايا. ان ۾ هارن جي نشونما ۽ ادبي ذوق کي اجاگر ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي.

پير مظهرالحق شاهنواز سياست جي شروعات پاڪستان پيپلز پارٽي سان ڪئي. پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي دادو جو صدر ٻه رهيو. 1983ع ۽ 1986ع جي ايم.آر.ڊي تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتو ۽ جيل ۾ ٻه رهيو. پير مظهرالحق شاهنواز سال 1988ع، 1990ع، 1993ع ۽ 1997ع جي عام چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي دادو تڪ مان صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ تي ٻيٽو ۽ ڪاميابي ماڻيائين. پاڻ وزير قانون، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ ٿي رهيو. نواز شريف جي دور ۾ حزب اختلاف جو ڊپٽي پارليماني ليڊر ٻه رهيو. 2008ع جي عام چونڊن ۾ جڏهن پ.پ.پ پوري ملڪ ۾ اڪثريت سان ڪٽيو ته پير صاحب ٻه سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي پارلياماني ليڊر منتخب ٿيو. هن وقت هو سنڌ جو سينئر وزير آهي ۽ وٽس سنڌ جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو قلمدان ٻه آهي. ان دوران پير صاحب ڪجهه عرصي لاءِ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمن ٻه رهيو.

پير مظهرالحق سنڌ جي مسئلن کي بهادريءَ ۽ جرئت مندي سان ايوان ۾ پيش ڪندو رهي ٿو.

حاجي ظفر علي لغاري:

حاجي ظفر علي لغاري ولد پريل خان لغاري سيتا روڊ تعلقي خيرپور ناٽن شاهه ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم سيتا روڊ مان حاصل ڪيائين. پوءِ انگريزي ۾ داخلا ورتائين. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. هن سياست جي شروعات پيپلز پارٽي سان ڪئي. پيپلز پارٽي ضلعي دادو جو صدر رهيو. حاجي ظفر علي لغاري صوبائي ۽ قومي اسيمبلي جو ميمبر ٻه رهي چڪو آهي. ان کان علاوه صوبائي ۽ وفاقي وزير ريلوي ٻه رهيو.

حاجي ظفر لغاريءَ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪيترن ئي بيروزگار نوجوانن کي روزگار ڏنو. 1983ع ۽ 1986ع جي ايم.آر.ڊي تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتائين ۽ جيل ٻه ويو. حاجي ظفر علي لغاري پٽي صاحب جو شيدائي آهي. بينظير صاحبه جو مٿس اعتماد ۽ پروسو هو.

سيد جڙيل شاهہ:

سيد جڙيل شاهہ جو شمار دادو شهر جي اهم ۽ معزز شخصيتن ۾ ٿئي ٿو. ڪنهن کي به تڪليف نہ ڏيندو هو. صابرين سيد هو. هندو خواهہ مسلمان هن جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا. پاڻ ميونسپل ڪميٽيءَ جو پريزيڊنٽ به رهيو. پنهنجي ايامڪاري ۾ شهرين جي فلاح و بهبود لاءِ ڪوشان رهيو. شهر ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايائين. سير و سياحت جو شوقين هو. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو سير ڪيائين. جيڪي شيون ايجاد ٿيندیون هيون تہ پهريائين پاڻ گهرائيندو هو. اڳي فونا هوندا هئا جن تي رڪارڊ کي هلائبو هو تہ آواز ٻڌبو هو. ان وقت به پهريائين فونو پاڻ گهرايائين. جڏهن ريڊين ۽ ڪارن جو رواج پيو تہ سڀ کان پهريائين پاڻ ريڊيو ۽ ڪار خريد ڪري آيو. سندس آخري ڏينهن ۾ ٽيليويزن جو رواج پيو تہ پهريائين پاڻ ٽيليويزن خريد ڪري بنگلي تي آندي. شام جو ٽيليويزن ڪولينڈو هو تہ شهر جا ڪيترائي ماڻهو ٽيليويزن تي اچي پروگرام ڏسندا هئا. هن وقت ڏش جو رواج عام ٿي ويو آهي. ڪيبلون به لڳي ويون آهن. ٽيليويزن تي سڄي دنيا جا پروگرام ڏسي سگهجن ٿا.

سيد جڙيل شاهہ کي ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. سندس وفات کان پوءِ نوراني مسجد جي دروازي پرسان دفن ڪيو ويو. جتي سندس مزار مٿان مقبرو اڏيو ويو آهي. سيد جڙيل شاهہ پنهنجي جيئري ڪجهہ زمين ۽ ڪجهہ دڪان وقف ڪري ڇڏيا هئا. هر سال رمضان مهيني ۾ سيد جڙيل شاهہ ٽرسٽ طرفان غريب ۽ هوشيار شاگردن کي اسڪالرشپون ڏنيون ويندیون آهن. سيد جڙيل شاهہ جي نالي تي جڙيل شاهہ مارڪيٽ به قائم ڪئي وئي آهي.

سردار الحاج رئيس محمد بخش جمالي

سردار الحاج رئيس محمد بخش جمالي جوهي تعلقي جي ڳوٺ بهاولپور ۾ جنم ورتو. فائينل جو امتحان پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪيائين. هن سياست جي شروعات پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان ڪئي. سال 1970ع جي عام انتخابات ۾ دادو جوهي سيٽ تان صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ تي بيٺو. جتان وڏيءَ اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. رئيس 1988ع، 1990ع، 1993ع ۽ 1997ع جي عام چونڊن ۾ دادو ـ جوهي تڪ تان قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي بيٺو ۽ ڪامياب ماڻي. سندس فرزند رفيق احمد خان جمالي هن وقت پيپلز پارٽي جو صدر آهي. الحاج محمد بخش جمالي پنهنجي جمالي قبيلي جو سردار آهي.

پير غلام شاهہ جيلاني:

پير غلام شاهہ جيلاني سنڌ جي نامياري سياستدان درگاهہ نئيگ شريف جي گادي نشين پير صالح شاهہ جو پوٽو آهي. پير غلام شاهہ جيلاني سياست جي شروعات ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبريءَ کان ڪئي. ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو چيئرمين به رهيو. هن 1990ع ۾ پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ ان ئي جماعت جي پليٽ فارم تي جوهي تڪ مان وڏيءَ اڪثريت سان ڪامياب ماڻيائين. پير غلام شاهہ جيلاني 1993ع ۽ 1997ع جي عام چونڊن ۾ حصو ورتو ۽ وڏيءَ اڪثريت سان ڪامياب ٿيو.

پير غلام شاهہ جيلاني مائيٽي طبعيت جو مالڪ آهي. سندس سنڌ ۽ بلوچستان ۾ لکين مريد آهن. نئيگ شريف ۾ هر سال ميلو لڳندو آهي. هن ميلي ۾ سندس لکين مريد اچي حاضري پرينda آهن.

رفيق احمد جمالي:

رفيق احمد جمالي ولد رئيس حاجي محمد بخش جمالي دادو شهر ۾ جائو. پرائمري تعليم دادو مان حاصل

ڪيائين. مٿترڪ ۽ دادو مان پاس ڪري اعليٰ تعليم سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان ڪيائين. سندس والد رئيس حاجي محمد بخش جماليءَ جو پيپلز پارٽي سان تعلق رهيو ان ڪري پاڻ ۽ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي عملي سياست ۾ حصو ورتو. رفيق احمد جماليءَ 2003ع جي اليڪشن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي قومي اسيمبلي جي سيٽ تي بيٺو ۽ ڪامياب ٿيو.

رئيس رفيق احمد جماليءَ پيپلز پارٽي ضلعي دادو جو صدر ۽ آهي. سياست سان گڏ مختلف راڄن جا فيصلا ڪندو آهي. هن وقت ۽ سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو.

پير مجيب الحق:

سنڌ جي علمي، ادبي، سماجي ۽ سياسي پير خاندان مان نوجوان ۽ سياسي اڳواڻ پير مجيب الحق ولد پير مظهرالحق دادو ۾ جنم ورتو. پنج درجا پرائمري گورنمينٽ پرائمري مين اسڪول دادو مان پڙهيو. وڌيڪ تعليم دادو ۽ ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. ابتدائي تعليم ڪجهه عرصو مصنف وٽ ۽ پڙهه حاصل ڪئي. ايل.ايل.بي ڪرڻ بعد هو اعليٰ تعليم لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويو جتان بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪري واپس ملڪ آيو. هن وقت وڪالت جي معزز پيشي سان وابسته آهي. وڪالت سان گڏ سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺندو اچي ٿو.

پير مجيب الحق جو سياسي طرح پيپلز پارٽي سان تعلق آهي. هو پنهنجي والد صاحب سان گڏ سياسي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهيو آهي. گڏوگڏ سماجي سرگرمين ۾ پڻ پرپور حصو وٺي رهيو آهي. غريب مسڪينن ۽ بيواه عورتن جي مالي سهائتا ڪندو رهي ٿو. ان کان علاوه غريب ۽ يتيم شاگردن جي مالي مدد پڻ ڪندو رهي ٿو.

رئيس نبي بخش خان لُنڊ (رئيس نبن خان):

رئيس نبي بخش خان لُنڊ (رئيس نبن خان) ڳوٺ ڪريم داد لُنڊ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. دادو ضلعي جي لُنڊ برادريءَ طرفان ڪيس سرداريءَ جي پگ ٻڌائي وٺي ۽ راج پاڻ سندس حوالي ڪيو ويو.

رئيس نبي بخش خان لُنڊ سياسي سرگرميون پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان شروع ڪيون. سال 1988ع ۾ پيپلز پارٽي جوهي تڪ مان ڪيس صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ ڏني. جتان وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪيائين.

رئيس نبي بخش خان لُنڊ آڪٽوبر 2005ع تي دادو تعلقي جي ناظم سيٽ تي اميدوار بيٺو ۽ وڏي اڪثريت سان ناظم چونڊجي آيو. چارج وٺڻ شرط دادو شهر جي صفائي طرف خصوصي توجهه ڏنو.

ڪُلثوم چانڊيو:

دادو شهر ۾ جن عورتن سياسي ۽ سماجي سطح تي ميڙتا ماڻي آهي، انهن ۾ ڪلثوم چانڊيو جو نالو امتيازي حيثيت رکي ٿو. ڪلثوم چانڊيو دادو شهر ۾ جائي، دادو شهر ۾ پڙهي. هن وقت گريجوئيشن ڪري چڪي آهي. ڪلثوم چانڊيو سياست جي شروعات پيپلز پارٽي جي پليٽ فارم تان ڪئي. پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ ڪلثوم چانڊيو سياست ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو. هن ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتو. احتجاجي جلسن جلوسن جي پرپور نموني سان قيادت ڪئي. دادو جي عورتن کي گڏ ڪري زبردست احتجاجي مظاهرا ڪيا ۽ پنهنجي مرد پاٽرن سان گڏ ڪلهو ڪلهي سان ملائي ڪامياب هڙتالون ڪرايون. هن وقت ۽ دادو شهر جي مسئلن تي همٿ اڳ پري آهي.

رشيده پنهور:

رشيده پنهور دادو شهر جي مشهور وڪيل سيف الدين پنهور جي گهر ۾ 15 ـ جون 1958ع تي اڪ ڪولي ابتدائي ڪان گريجوئيشن تائين تعليم دادوءَ مان حاصل ڪيائين. ايل.ايل.بي لا ڪاليج حيدرآباد مان ۽ ايم.اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. شروع ڪان ئي ڪيس سياسي ماحول مليو سندس والد سيف الدين پنهور پيپلز پارٽي جو بنيادي ميمبر ۽ ضلعي دادو جو صدر به رهيو.

ضياء جي دور ۾ سيف الدين پنهور ايڊووڪيٽ ڪيترين ئي صعوبتون برداشت ڪيون. رشيده به پنهنجي والد جي رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ ۾ سياست ۾ پير پاتو. 1983ع ۽ 1986ع ۾ جيڪا ضياء شاهي خلاف تحريڪ هلي ان ۾ دادو شهر جي مردن سميت عورتن به پرپور نموني سان تحريڪ ۾ حصو ورتو. رشيده پنهور ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ اڳيري رهي. 1988ع جي عام چونڊن جي مخصوص سيٽن تان رشيده پنهور ڪاميابي ماڻيائين. 1986ع ڪان 1988ع تائين محترمه بينظير ڀٽو جي محافظ رهي. سپاف (ليڊيز) سنڌ جي صدر به رهي. 2008ع جي عام چونڊن ۾ به هوءَ ٻيهر ايم.پي.اي چونڊجي.

هن وقت هوءَ صوبائي اسيمبلي طرفان S & G.A.C.D بابت اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جي ميمبر آهي هوءَ مشهور سماجي تنظيم عورت فائونڈيشن جي ميمبر پڻ آهي سنڌ اسيمبلي ميمبر ٻڌي دادو شهر ۾ قانون جي پيشي سان به وابسته رهي آهي. دادو شهر جي سياسي سماجي ۽ ٻيا جيڪي به مسئلا سامهون اچن تا، انهن ۾ دليريءَ سان حصو وٺي رهي آهي.

منير احمد چنو:

منير احمد چنو ولد شفيع محمد چنو 26 ـ جنوري 1947ع تي دادو شهر ۾ جائو. سندس وڏا اصل ڳوٺ مرادآباد تعلقي دادو جا رهواسي هئا. هن ابتدائي تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ 1963ع ۾ دادوءَ مان حاصل ڪئي. 1968ع ۾ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان گريجوئيشن ڪئي ساڳئي سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پوليٽيڪل سائنس ۾ داخلا ورتي. هڪ سال پڙهڻ ڪان پوءِ سندس والد وفات ڪري ويو جنهن ڪري هو وڌيڪ پڙهي نه سگهيو ۽ ڳوٺ اچي زمينداري سنڀالڻ لڳو. هن سياست جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ ڪان ڪئي. 1969ع ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو. 1977ع ۾ دادو مان صوبائي سيٽ تي بنا مقابلي ڪامياب ٿيو. ضياء شاهي دور ۾ ڪجهه عرصو سياست ڪان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي. عبدالحميد خان جتوئيءَ سان دوستيءَ جي ناتي مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪيائين. جتوئين سان سندس ناتو اڃا جاري آهي. پاڻ ترقي پسند زميندار آهي. زميندارياءَ سان گڏ وڪالت واري پيشي سان به منسلڪ آهي. هن ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪيا آهن جن ۾ آمريڪا، برطانيه، دبئي، سعودي عرب، سويڊن، جرمني ۽ ٻيا ملڪ شامل آهن.

سيد محمد شاهه:

سيد محمد شاهه دادو ضلعي جي مشهور زميندار سيد راضي شاهه جي گهر ۾ 1951ع تي اڪ ڪولي سيد محمد شاهه ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. سيڪنڊري تعليم پبلڪ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. بي.اي ۽ ايم.اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. هن 1970ع ۾ سياست ۾ پير پاتو 1970ع ۾ مڪاني چونڊن ۾ ٻيڻو ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ 1983ع تائين ميمبر رهيو. سال 1985ع ۾ دادو مان

صوبائي سيٽ تي اميدوار بيٺو ۽ ڪاميابي ماڻي. هن سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنهنجي علاقي جي پرپور نمائندگي ڪئي. ڪيترن ئي بيروزگار نوجوانن کي نوڪريون وٺي ڏنيون. روڊ رستن جو ڄار وڇايو. هو 2005ع کان 2007ع تائين دادو جو ضلع نائب ناظم به رهيو.

سيد محمد شاهه کي سير و سياحت سان گهري دلچسپي رهي آهي. هن ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪيا آهن جن ۾ ازبڪستان، سري لنڪا، سويڊن، ناروي، ترڪي، آسٽريليا، آمريڪا، برطانيا، هالينڊ، فرانس، جرمني، انڊيا، دبئي، سعودي عرب شامل آهن.

محمد اشرف سولنگي:

محمد اشرف سولنگي سنڌ جي مايه ناز مشهور صحافي مولوي عبدالغفور سيتائيءَ جو فرزند آهي. جو هڪ اعليٰ تعليم يافته فرد آهي. پاڻ سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. ۽ سولنگي قبيلي کي يڪجاءِ ڪري هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪيائين. ۽ ٽڙيل پکڙيل قبيلي کي طاقت مهيا ڪئي. ان سان گڏ پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ ان وقت شموليت اختيار ڪئي جنهن وقت ان پارٽي تي رياستي ادارن جو ظلم ۽ ڏهڪاءُ هيو. هن ان وقت پارٽي کي نئون حوصلو فراهم ڪيو. اڄ ڏينهن تائين ان پارٽي ۾ سرگرم عمل آهي.

ڊاڪٽر منظور حسين لغاري:

ڊاڪٽر منظور حسين لغاري ولد رئيس علڻ خان لغاري دادو شهر ۾ ڄائو. پرائمري ۽ سيڪنڈري تعليم دادو مان حاصل ڪيائين.

انٽر ڊگري ڪاليج مان پاس ڪري ايل. ايم. سي جام شوري ۾ داخلا حاصل ڪيائين. ايل. ايم. سي مان ڊاڪٽري پاس ڪري دادو آيو. هن سياست جي شروعات شاگرديءَ واري دور کان ڪئي. سپاف ۾ به رهيو. ان کان پوءِ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو. پارٽي قيادت سان اختلافن سبب پارٽيءَ تان استعيفيٰ ڏنائين. سياسي گهراٽي سان تعلق هٽڻ سبب پرپور طريقي سان سياست ۾ حصو وٺندو رهي ٿو.

سال 2003ع جي عام چونڊن ۾ جوهي تعلقي مان دادو اتحاد جي حمايت سان صوبائي سيٽ تي بيٺو ۽ ڪامياب ٿيو. سندس سياسي تعلق سردار فاروق احمد لغاري جي پارٽي سان به رهيو. ڊاڪٽر منظور لغاري خوش طبع ۽ ملنسار شخصيت آهي. هر ماڻهوءَ سان سٹي نموني پيش ايندو آهي. راڄ پاڳ جا فيصلا به ڪندو رهي ٿو.

نواب لغاري[1]:

نواب علي ولد عبدالمجيد لغاري 1963ع تي ڳوٺ راوت خان لغاري تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ ڄائو. هن پرائمري پنج درجا ڳوٺ راوت خان لغاريءَ ۾ پاس ڪيا. مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول خيرپورناٿن شاهه ۾ 1980ع ۾ پاس ڪيائين. انٽر ڊگري ڪاليج دادوءَ مان 1982ع ۾، بي. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1985ع ۾ پاس ڪئي. ايم. اي جي ڊگري خانگي اميدوار جي حيثيت ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٹي خيرپور مان 2007ع ۾ پاس ڪئي.

هن سياست جي ابتدا 1981ع ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽفارم تان ڪئي. 1983ع ۾ هن ڪي جساف تعلقي ڪي. اين. شاهه جو صدر مقرر ڪيو ويو. 1984ع ۾ ضلعي دادو جو صدر چونڊيو ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

پڑهڻ دوران هو سرگرم رهيو. جناب جي.ايم.سيد 1986ع تي سنڌ جي دوري تي نڪتو هو تہ نواب لغاري سندس سڪيورٽي گارڊ رهيو. 1986ع ۾ جيئي سنڌ تحريڪ ۾ جڏهن گروپنگ ٿي تہ دوران نواب لغاري پنهنجي دوستن- ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ پين سان گڏجي پهرئين جيئي سنڌ اسٽڊي سرڪل بعد ۾ جيئي سنڌ ترقي پسند ونگ آخر ۾ جيئي سنڌ ترقي پسند جي بنياد رکندڙن ۾ شامل رهيو.

1996ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو اليڪشن مهم دوران خيرپور ناٿن شاهه ۾ جلسو ڪيو ان موقعي تي نواب لغاري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي. ان کان پوءِ هو آصف علي زرداري ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا جي ويجهن ساٿين ۾ شمار ٿيڻ لڳو. اهوئي سبب آهي جو ڪيترن ئي ڪيسن ۾ رياستي ادارن آصف علي زرداريءَ سان گڏهن کي بہ مڪ جوابدار طور نامزد ڪيو ويو.

هن وقت نواب لغاري سنڌ جي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه جو خاص مددگار طور ڪم ڪري رهيو آهي. سندس رهائش پنهنجي اباڻي ڳوٺ سميت ڪراچيءَ ۾ آهي.

ڪامريڊ محمد حسن رستماڻي[1]:

محمد حسن رستماڻي ڪاڇي جي پروقار شهر واهي پانڌيءَ ۾ عبدالله رستماڻيءَ جي گهر ۾ 1935ع تي جنم ورتو. ڪامريڊ محمد حسن رستماڻي سنڌ جي صحافت ۽ سنڌ جي سياست جو هڪ وڏو ڪردار هو ليڪن هو تمام گهٽو گمنام رهيو. هو هارين، مزدورن ۽ شاگردن جو پرجهلو هو.

ڪامريڊ محمد حسن جسماني لحاظ کان تہ ڪمزور هو پر فڪري لحاظ کان هو رُڪ وانگر انتهائي سگهارو ماڻهو هو. هو ايوبي آمريت کي للڪاريندي سياست ۾ آيو هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن صدر ايوب خان سان اختلاف ڪري ان خلاف تحريڪ هلائڻ لاءِ سنڌ ۾ آيو تہ ڪاڇي جي برٽ مان سپ کان پهرئين ساٿي ڪامريڊ محمد حسن رستماڻيءَ ان ۾ پرپور حصو ورتو. ان کان پوءِ هن پنهنجي هم خيال ساٿين- ڪامريڊ باقر سنائي، ڪامريڊ ڦوٽو رستماڻي ۽ پين سان گڏجي سنڌ ڪميونسٽ پارٽي سنڌ هاري ڪميٽي جي پليٽفارم تي گمنامي ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. 1972ع جي سنڌي- اردو هولي فسادن کان پوءِ هن عوامي تحريڪ ۾ رسول بخش پليجي، ڪامريڊ مرحوم شير خان لُنڊ ۽ پين هم خيال ساٿين سان گڏجي سنڌ جي مظلوم سنڌي ماڻهن جو ڪيس کنيو. هن ڪاڇي جي اندر سياسي ڪارڪن ۽ اڳواڻ سان گڏ واهي پانڌي شهر ۾ صحافت جو بنياد بہ رکيو. سندس لائبريريءَ ۾ عالمي سطح جي اڳواڻن- ڪامريڊ مائوزي تونگ، ڪامريڊ ڪارل مارڪس، ڪامريڊ لينن، جي.ايم.سيد جا ڪتاب، پٽائيءَ جو رسالو بہ رکيو.

ڪامريڊ محمد حسن ڪاڇي ۽ سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي قومي، طبقاتي ۽ سماجي مسئلن لاءِ زبردست جدوجهد ڪئي. هو ڪيرتر جي پهاڻن وانگر انتهائي مضبوط ۽ اڏول انسان هو. هو رات جي اونداهين ۾ پنهنجي ساٿين سان گڏجي جبلن ۽ جهنگن ۾ لالٽين جي روشنيءَ ۾ غريب ماڻهن سان گڏجاڻيون ڪندو هو پنهنجن ساٿين سان گڏجي نظرياتي ۽ انقلابي ڪتابن جو مطالعو ۽ بحث مباحثو ڪندو هو.

جڏهن بلوچستان ۾ بلوچن آزاديءَ جو نعرو لڳايو هو ۽ جبلن تي چڙهي ويا هئا تہ ان وقت جي حڪومت بلوچن کي سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن مان اٿو ڪڍڻ، ڪنڊ وغيره ڏيڻ تي پابندي لڳائي چڏي هئي. اهڙي پابنديءَ ڪري

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

ڪيرٿر جي گود ۾ رهندڙ بلوچ ۽ بروهي خاندان بک وگهي مرڻ لڳا هئا پر ڪامريڊ محمد حسن رستماڻي رات جي وڳڙي ۾ انهن مسڪين ماڻهن لاءِ راشن جو سامان اُنن ۽ گڏهن تي ڪٽي جبلن ۾ پڄائيندو هو. ڳڙ مانيءَ ڳنڍ ۾ ٻڌي هارين ۽ مزدورن سان وڃي ڪچهريون ڪندو هو. ان ڪري ڪاڇي ڪوهستان ۽ ڪيرٿر جا ماڻهو هن کي ڪاڇي جو مائوزي تونگ چوندا هئا. هو ڪاڇي جو مائو هو هن پنهنجي زندگيءَ ۾ آرام کي ڪڌهن به اهميت نه ڏني. هو ڏينهن رات ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي ماڻهن جي انساني بنيادي حقن، پاڻي، بجلي، خوراڪ، روڊن، رستن، گئس، تعليم ۽ صحت جي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو. پاڻ ڪيترا ڀيرا شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان ملڻ ويندو هو. ڪاڇي ۽ ڪوهستان جا مسڪين ماڻهو جڏهن بنگلي تي پهتا تہ ڀٽي صاحب کي ٻڌايو ويو تہ ڪاڇي مان محمد حسن رستماڻي پيدل وفد سان. هتي عوامي مسئلا ڪٽي آيو آهي. ڀٽو صاحب هن کي ذاتي طور سڃاڻندو هو هن کي هلندڙ اجلاس ۾ گهرايائي چيائين تہ اوهان پنهنجا احوال ڏيو تہ هن نهايت دردناڪ انداز سان مسڪين ماڻهن جا مسئلا رکيا. هن ڪيس ٻڌايو تہ هو جوهي، ڪاڇي مان پيرين پنڊ مسڪين هارين ۽ پورهيتن کي ساڻ ڪري هتي انڪري پهتو آهي تہ جيئن ڪاڇي ۽ ڪوهستان جا مسئلا حل ڪرائي سگهجن. ڪاروائي هلائيندڙ شخص چيو تہ اسان وٽ وقت گهٽ آهي. مسئلا مختصر ٻڌايو تہ ڀٽي صاحب ڪاروائي هلائيندڙ کي چيو تہ منهنجي ٽائيم مان 10 منٽ ڪامريڊ محمد حسن رستماڻيءَ کي ڏيو. ائين ئي هو ڀٽي صاحب کي ڪاڇي ۽ ڪوهستان جا مسئلا ٻڌائڻ ۾ ڪامياب ويو.

اڄ ڪاڇي ۾ روڊ رستا، بجلي، هاءِ اسڪول، اسپتال، ڪامريڊ محمد حسن رستماڻيءَ جي اٿڻ ڪ جدوجهد جو ثمر آهن. هو هڪ سچو پچو انقلابي اڳواڻ هو. هن عوامي تحريڪ جي پليٽفارم تان 78_1977ع جي اعلانيہ اليڪشن ۾ دادو جوهي تڪ تان صوبائي سيٽ تي اميدوار طور فارم پرايو. ڪيس سندس عوام دوست نظرين ۽ عوامي جدوجهد سبب ڪيترائي ڀيرا جيل ياترا پڻ ڪرڻي پئي. 28_فيبروري 1989ع تي ڪاري ڪامڻ جي بيماريءَ سبب دادو سول اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس واهي پانڊي لڳ سندس اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

ڪامريڊ ڦوٽو رستماڻي[1]:

سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو اڳوڻو صدر ۽ هارين مزدورن جي حقن لاءِ ساري زندگي جدوجهد ڪندڙ ڪامريڊ ڦوٽو رستماڻي ولد منو خان رستماڻي 1930ع ڏاري ڳوٺ واهي پانڊي تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو هن پرائمري پنج درجا مين پرائمري اسڪول جوهيءَ ۾ پاس ڪيا. هو پنهنجي والد سان گڏ ٻني ٻاري تي ڪم ڪرڻ سبب وڌيڪ پڙهي نہ سگهيو. هن سياست جي شروعات 1960ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي پليٽفارم تان ڪئي. 1962ع ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ سندس ميمبر شپ منظور ڪئي. سنڌ هاري تحريڪ 1930ع تي وجود ۾ آئي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪامريڊن ۽ هاريءَ اڳواڻن ڪامريڊ جمشيد مهتا کي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو سربراهہ چونڊيو ويو.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ باباءِ قوم ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ ڏيڻي ڪمشنر جي عهدي تان استعفيٰ ڏيئي اچي سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ شموليت ڪئي. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جدوجهد ۾ سر جو سانگو لاهي اهڙي جدوجهد ڪئي جو اُن جدوجهد جي جيتري به تعريف ڪجي، گهٽ آهي. ڪامريڊ کان سيئي متاثر ٿي ان کي سنڌ هاري ڪميٽيءَ جو مرڪزي صدر چونڊيو ويو ۽ ڪيترائي سنڌ مان هاري مزدور ۽ شاگرد طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي مقناطيسي شخصيت ڏانهن ڇڪجي ويا. انهن ۾ ڪامريڊ ڦوٽو رستماڻي به

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

شامل هو.

1960ع کان پوءِ ٽنڊوالهيار ۾ چمبڙ ۾ هاري تحريڪ شروع ٿي ته ان ۾ ڪامريڊ ڦوٽو رستماڻي پنهنجن تنظيمي ساٿين ـ ڪامريڊ احمد لغاري ڪامريڊ نبي بخش همدرد شاعر ۽ استاد ڪامريڊ پانڙي ڪيچاڻي ڪامريڊ فضل ڪيچاڻي ڪامريڊ عثمان لغاري ڪامريڊ صديق خان جرواڙ ڪامريڊ شهيد جمن ڪيچاڻي ڪامريڊ مرزو خان لغاري ڪامريڊ آچر ماچي سميت ڪجهه ٻين ڪامريڊن کي مسلسل جدوجهد جي ڏينهن ۾ جنرل يحييٰ خان جي دور ۾ مارشل لا چاپو هڻي کين گرفتار ڪري 9 ڏينهن تائين لاڪيتو جيل ۾ بکيو رکيو ويو بعد ۾ کين 10ـ10 ڪوڙا 10ـ10 ڏنڪا ۽ هڪ سال سخت پورهئي جي سزا ٻڌائي وئي. جيل ۾ هر ڪامريڊ کي اگهاڙو ڪري ماريو ويندو هو. ڪيترا ڪامريڊ جيل ۾ بيهوش ٿي ويندا هئا. ڪامريڊ ڦوٽي رستماڻيءَ کي به ڪوڙا لڳا، پر هن ڪڏهن به هيٺي نه ٻولي ۽ جيل ۾ قيدي ساٿين سان گڏ "جيئي هاري جيئي پورهيت، مارشل لاءِ مرده باد هاري زنده باد" جا نعرا هنيا.

ڪامريڊ ڦوٽو رستماڻي 1983ع واري ايم. آر. ڊي جدوجهد ۾ نهايت سرگرم رهيو ۽ ان تحريڪ ۾ به هو جيل ويو. ڪامريڊ ڦوٽو رستماڻي پنهنجي اٽڪ جدوجهد ۽ مستقل مزاجيءَ سان غريب ۽ پورهيت طبقي جي سياست ڪري رهيو آهي. ڪيس پختو ويساهه آهي ته سندس جدوجهد آخر رنگ لائيندي ۽ هن ڌرتيءَ تي اصل قوت جو سرچشمو رکندڙ غريب ۽ پورهيت طبقي جي پائدار حڪومت قائم ٿيندي.

نور نبي راهوجو[1]:

نور نبي راهوجو ولد محمد صالح راهوجو 11 ـ مارچ 1963ع تي ڳوٺ لعل بخش راهوجو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول حاجي لعل بخش راهوجو مٿرڪ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول گوزومان حاصل ڪئي. بي ايس سي (آنرز) زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام مان حاصل ڪئي اٿس.

نور نبي راهوجي سياست جي شروعات 1978ع ۾ ڪئي جڏهن لاهور هاءِ ڪورٽ ذوالفقار علي ڀٽي کي قاسيءَ جي سزا ٻڌائي هئي. اُن وقت هن انهيءَ فيصلي خلاف ٻين دوستن سان گڏجي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول گوزي کان خيرپورناٿن شاهه تائين 5 ڪلوميٽر پيادل مارچ ڪيو. مير حسن چوڪ تي آرمي هن کي گرفتار ڪري ڪيس 2 ڏينهن ملٽري ڪئمپ ۾ ۽ 8 ڏينهن خيرپورناٿن شاهه جي جڊيشل لاڪپ ۾ رکيو ويو. مائٽن جي ضمانت تي هن کي آزاد ڪيو ويو. ان کان پوءِ هو ڪنبر وڃي رهيو جتي سندس مائٽ رهندا هئا. ڪنبر شهر ۾ هن جو تعلق ڊاڪٽر ذوالفقار راهوجي جي معرفت سنڌي شاگرد تحريڪ جي پهرين چونڊيل مرڪزي صدر ڊاڪٽر محبت برڙي، ڊاڪٽر عبدالرحمان سومري، ظفر قادري ۽ پائو درمحمد ٻُرڙي سميت ٻين دوستن سان ٿيو. انهن دوستن جي صُحبت ۾ اچي، هن سنڌي شاگرد تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪئي. 1979ع ۾ سندس داخلا سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي جام ۾ ٿي. اُتي جن دوستن کان هيءَ متاثر ٿيو انهن ۾ اسد گاڏهي، امير بخش چانڊيو، ڊاڪٽر اسلم پرويز کهاڙيڪار اڪبر سومرو، خالد پرويز 'مارو' ڪنير (ليڪڪ حفيظ ڪنير جو وڏو ڀاءُ) گل هيسباڻي، سرويچ ساجناڻي، محمد خان لغاري ۽ ٻين دوستن جي سنگت ۽ صُحبت ۾ هو سياسي طرح وڌيڪ سرگرم ٿيو. 1981ع ۾ هو S.S.T جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبر ٿيو. ان کان بعد 1982ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري ۽ پوءِ صدر به ٿيو.

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

1982ع ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽيءَ فيصلو ڪيو تہ SST جا سمورا مرڪزي اڳواڻ سڄي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ 5 اڻ پڙهيل هاري ۽ پورهيت پارٽي ميمبرن کي لکڻ پڙهڻ سيکارينداَ. ان مهم ۾ نورنبي راهوجي پنجن پارٽي ساٿين گلاب خان پنڌ، روشن برهماڻي، ممتاز علي پنڌ، محمد پناهه برهماڻي ۽ عزيز الله برهماڻي کي پڙهايو. جنهن مان گلاب خان پنڌ، دادو جو نامياروصحافي ۽ حافظ استاد بخاري آهي. روشن برهماڻي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول چام شورو ۾ H.S.T آهي. ممتاز علي پنڌ ريلوي ۾ ملازم آهي ۽ محمد پناهه برهماڻي پرائمري استاد ۽ عزيزالله ٺيڪيدار آهي.

نورنبي راهوجو 1983ع ۾ ايم.آر.ڊي پاران 12 ـ سيپٽمبر 1983ع تي خيرپورناٿن شاهه جي جڳ مشهور واقعي جنهن ۾ 9 ماڻهو شهيد ٿيا، کيس مک جوابدار طور ايف.آءِ.آر ۾ نامزد ڪيو ويو ۽ دادو جوهي، واهي پانڌي، ڪي.اين.شاهه سيتا، ميهڙ ۾ ٽيندڙ ريلين، جلسن جلوسن ۾ عوامي تحريڪ جي نمائندگي ڪندي، نهايت جوشيلون تقريرون ڪيون ۽ ڪيترن ئي پارٽي ڪارڪنن کان گرفتاريون ڏياريون. انهيءَ ڏوهه ۾ ڪيس گرفتار ڪرڻ جا وارنٽ جاري ٿيا. پارٽي فيصلي تحت هن روپوشي اختيار ڪئي. پوليس، سندس والد محمد صالح کي، جيڪو اُن وقت سنڌ سيڪريٽريٽ ڪراچيءَ ۾ ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي پلاننگ ۽ مانيٽرنگ سيل ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪري رهيو هو کي گرفتار ڪيو. سندس ڏاڏو محمد پناهه راهوجو، چاچو محمد حسن راهوجو ۽ ڀُهرو محمد يوسف راهوجو پڻ گرفتار ڪيا ويا ۽ انهن کي ملٽري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو ويو اتي کين ٽمڪايو ويو تہ جيڪڏهن اُهي نورنبيءَ کي 15 ڏينهن اندر پيش نہ ڪندا تہ کين ٻيهر گرفتار ڪري چالان ڪيو ويندو. پر پارٽي فيصلي موجب هن گرفتاري پيش نہ ڪئي. نتيجي ۾ ملٽري ڪورٽ دادوءَ هن کي اشتهاري ملزم قرار ڏيئي، سندس غير موجودگيءَ ۾ 10 ڪوڙا، هڪ لک روپيا ڏنڊ سميت هڪ سال سخت پورهئي سان ٽيپ جي سزا ٻڌائي. اُن دوران نورنبي راهوجو سکر، شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ فرضي نالي سان عوامي تحريڪ ۽ سنڌي شاگرد تحريڪ جو ڪم ڪندو رهيو. هو 1985ع ۾ سندس شاگرد تحريڪ جو مرڪزي سينئر جوائنٽ سيڪريٽري چونڊيو ويو. 1986ع ۾ رسول بخش پليجي جي صدارت ۾ سندس ئي اباڻي ڳوٺ، جنگشاهيءَ ۾ مرڪزي ڪنونشن ٿيو هو ان موقعي تي نورنبيءَ کي سنڌي شاگرد تحريڪ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. 1987ع ۾ سنڌي عوام جي قومي اتحاد ۾ ميمبر تنظيم جي اڳواڻ طور هو حيدرآباد ۽ سکر جي وڏن عوامي ميڙن ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان وقت ڪراچيءَ ۾ ٽيندڙ تاريخي مارچ ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري طور خطاب ڪيو. ان کان پوءِ جناب جي.ايم.سيد جي ميزبانيءَ ۾ سال 1988ع ۾ جڙندڙ 'سنڌ قومي اتحاد' جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر رهيو. سندس روپوشي ۽ سزا 1988ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي پهرين دور اقتدار ۾ ختم ڪئي وئي. انهيءَ سال هن کي سنڌي شاگرد تحريڪ جو مرڪزي آرگنائيزر (ٽن مهينن لاءِ) ۽ اليڪشن ڪميشن جو چيئرمن چونڊيو ويو. 91ـ1989ع تائين هو تحريڪ جو صدر رهيو. ان دوران پاڪستان جي جڳ مشهور شاگرد اتحاد "پاڪستان پروگريسو اسٽوڊنٽس الائنس" جو چيئرمن رهيو ۽ ايشيا جي 11 ملڪن جي 36 شاگرد تنظيمن جي اتحاد "ايشين اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن" جي ايڊيوڪيشن ڪميشن جو پڻ چيئرمن رهيو.

سال 1991ع سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ مان بي.ايس سي (آنرز) جي ڊگري حاصل ڪري هو وڌيڪ تعليم پرائيوٽ بجاءِ سياسي سرگرمين کي ترجيح ڏيندي باقاعدي طور عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 1991ع ۾ عوامي تحريڪ پاران سکر کان ڪراچيءَ تائين پهرين پيرو ڪالاباغ ڊيم خلاف پيادل لانگ مارچ ڪيو

ويو. جنهن ۾ هو هڪ سرگرم اڳواڻ طور شريڪ رهيو ۽ ڪراچيءَ ۾ وڏي عوامي احتجاج کي خطاب ڪيو. ان دوران قائم مقام گورنر کي رسول بخش پليجي جي سربراهيءَ ۾ هڪ وفد ملاقات ڪري، اُن کي ميمورنڈم پيش ڪيو اُن وفد ۾ نورنبي به شامل هو. انهن ڏينهن ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف ڳوٺن ڳوٺن تائين ۽ ڳوٺن کان شهرن تائين ٽيندڙ شارٽ ۽ ميڊيم مارچن جي نورنبي راهوجي اڳواڻي ڪئي. بک هڙتالون ۽ مظاهرا ڪيا. خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪونايل هڪ وڏي عوامي پاٽي ڪانفرنس جي هن پڙ صدارت ڪئي. ان ڪانفرنس جو مهمان خاص رسول بخش پليجو هو.

نورنبي راهوجو 2001ع کان 2003ع تائين عوامي تحريڪ جي مرڪزي هيڊ آفيس "عوامي هائوس" جو انتظامي انچارج ۽ عوامي تحريڪ حيدرآباد جو جنرل سيڪريٽري رهيو. 2003ع ۾ عوامي تحريڪ جو مرڪزي پريس ترجمان رهيو. 2004ع کان 2007ع تائين عوامي تحريڪ ڪراچي ڊويزن جو صدر رهيو. ان دوران پٽ شاهه کان ڪراچيءَ تائين ٽيندڙ لانگ مارچ ۾ پرپور شرڪت ڪئي ۽ لانگ مارچ جي ڪراچي پهچڻ تي، تي ڏينهن تائين سڄي مارچ جي ميزباني ڪئي ۽ پريس ڪلب ڪراچيءَ آڏو ٽيندڙ عوامي اجتماع ۾ اسٽيج سيڪريٽري طور فرض سرانجام ڏنا. ڪراچي ڊويزن جي صدارت دوران سنڌي ڳوٺن کي ڊاهڻ خلاف 'ڳوٺ بچايو ايڪشن ڪميٽي' جوڙي وئي جنهن جو ڪنوينر اُن وقت پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو هو جنهن ۾ عوامي تحريڪ ۽ نور نبيءَ جو مثالي ڪردار رهيو. جڏهن ڪراچيءَ ۾ پوليس ۽ شهري غنبن جي سربراهيءَ ۾ سڪندر ڳوٺ کي ڊاهڻ لاءِ هٿين خالي ڳوناٿن تي فائرنگ ڪئي وئي تہ مولانا اسدالله پٽي ۽ زين انصاريءَ سان گڏجي هن پنهنجي سياسي سپاهين سميت سهراب ڳوٺ واري تاڻي جو گهيراءُ ڪيو ۽ آپريشن ۾ شهيد ٿيل هڪ نوجوان جي ايف آءِ آر بلڊرن تي ڪٽائي. ان ئي دوران نيو ڪراچيءَ جي هڪ ٻئي سنڌي ڳوٺ الهڪيو برفت ۾ ٿيل آپريشن ۾ شهيد ڪيل ٻن نوجوانن ۽ 30 جي لڳ ڀڳ زخمي ڳوناٿن جي نور نبي راهوجي پنهنجي ساٿين سان گڏجي مالڪي ۽ وارثي ڪئي ۽ انهن کي بروقت اسپتالن ۽ تاٿن تي پهچي مريضن جي علاج معالج ۽ قيدين جي ڪاڌ خوراڪ جو پڙ بندوبست ڪيو.

اينٽي گريٽر ٽل ڪنال ۽ ڪالا باغ ڊيم ايڪشن ڪميٽيءَ جي عوامي رابطا مهم جي سلسلي ۾ هن حيدرآباد کان بدين، حيدرآباد کان مٽي اسلام ڪوٽ، ڇاچرو حيدرآباد کان ميرپورخاص عمرڪوٽ حيدرآباد کان نوابشاهه سانگهڙ نوشهروفيروز خيرپورميرس تائين ۽ حيدرآباد کان سيوهڻ دادو لاڙڪاڻي تائين نڪتل ڪار ريلين ۾ هيءُ پڙ سرگرميءَ سان شريڪ رهيو. ڪمون شهيد وٽ ڪالاباغ ڊيم خلاف لڳل تاريخي ڌرٽي ۾ عوامي تحريڪ جي اڳواڻ طور عوامي رابطا مهم ۽ جلسئ عام ۾ هو شريڪ رهيو.

نورنبي راهوجي کي 2007ع ۾ تنظيمي معاملن تي اصولي اختلاف رکڻ جي ڏوهه ۾ غير آئيني طور ڪيل شخصي فيصلي تحت عوامي تحريڪ مان هڪ سال لاءِ معطل ڪيو ويو. سال 2008ع ۾ نورنبي راهوجي کي وري بحال ڪري عوامي تحريڪ جي ذيلي تنظيم- سنڌي مزدور تحريڪ ۾ سندس نالو مرڪزي پريس ترجمان طور نامزد ڪيو ويو. سندس انڪار سبب هن کي انهيءَ تحريڪ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. ان کان پوءِ هو عوامي مزدور فيڊريشن جو چيئرمن مقرر ٿيو. ٿوري ئي عرصي ۾ روزاني "ڪوشش" اخبار ۾ ابراهيم ڪنير جي هڪ چيپل مضمون، جنهن ۾ عوامي تحريڪ ۽ رسول بخش پليجي تي تنقيد ٿيل هئي، کي جواز بڻائي عوامي تحريڪ منجهان سندس بنيادي ميمبرشپ خارج ڪئي وئي. دليل اهو ڄاڻايو ويو تہ اُهو مضمون نورنبي راهوجي لکرائي ڇپرايو آهي.

نورنبي راهوجي سال 2009ع ۾ سياسي سرگرميءَ جي نئين سر شروعات ڪئي. هن عوامي تحريڪ مان نڪتل ۽ چڊي ويل ڪارڪنن سان رابطا ڪري جام شوري ۾ "لطيف ادبي فورم" نالي هڪ سنڌ ليول تي ادبي تنظيم ناهي ۽ ان پليٽفارم تان مختلف دوستن وشنومل، ابرار قاضي، حريف خان چانڊيو، ڊاڪٽر نذير احمد شيخ، مقبول جوڻيجو، مظهر اُجڻ، مير نعيم تالپر، غوث جتوئي، ممتاز جروار، حسين جروار، جبار حبيباڻي، احمد مشتاق راڄپر ۽ ٻين ساٿين سان گڏجي علمي، ادبي ۽ سياسي سرگرميون شروع ڪيون ۽ مختلف موقعن تي عوامي تحريڪ مان خارج ڪيل ۽ چڊي ويل ساٿين سان مسلسل رابطا ڪري ڪراچيءَ جي سچل ڳوٺ ۾ هڪ گڏيل اجلاس ڪوٺايو جنهن ۾ عوامي جمهوري ڪائونسل جوڙي ويئي، جنهن جو پهريون ڪنوينر ڪرم حسين وساڻ کي مقرر ڪيو ويو. 10 ـ جنوري 2010ع ۾ ڪراچيءَ جي سچل ڳوٺ ۾ عوامي جمهوري ڪائونسل جو مرڪزي ڪنوينشن ٿيو جنهن ۾ ابرار قاضيءَ کي صدر ۽ نورنبي راهوجي کي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو. دوستن جي گڏيل صلاح مشوري ۽ فيصلي تي عوامي جمهوري ڪائونسل کي عوامي جمهوري پارٽيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو. جنهن جو پهريون ڪنوينشن 8 ـ آگسٽ 2010ع ۾ حيدرآباد جي انڊس هوٽل ۾ وڏي ڌام ڌوم سان ڪيو ويو. جنهن ۾ نورنبي راهوجي کي هن نئين جمهوري پارٽيءَ جو پهريون سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو. 19 ـ نومبر 2011ع تي پي ڪنوينشن ۾ ڪيس مرڪزي رابطا سيڪريٽري طور چونڊيو ويو. ان دوران ملڪ ۾ گهر شماريءَ ۾ آدم شماريءَ جي متضاد معاملي تي سنڌجي قومپرست ڌرين وچ ۾ "سينسز مانيٽرنگ ڪميٽي" ٺهي. ان ڪراچيءَ کان بدين تائين ۽ بدين کان حيدرآباد تائين مهم هلائي. اهڙي سرگرميءَ ۾ عوامي جمهوري پارٽيءَ جي اڳواڻن ـ حريف خان چانڊيو، ڪرم حسين وساڻ، خادم تالپر سان گڏ نورنبي راهوجو به شريڪ رهيو.

2012ع ۾ سنڌ اندر ٻڌي بلدياتي نظام خلاف ٺهندڙ قومپرست ڌرين جي اتحاد "سنڌ بچاءِ ايڪشن ڪميٽي" جو هو متحرڪ اڳواڻ رهيو. هو سال 2012ع ۾ عوامي جمهوري پارٽيءَ طرفان سنڌ جي تعليم کي بچائڻ لاءِ "عوامي تعليمي رابطا مهم" جي پهرئين ڪڙيءَ طور پٽ شاهه کان علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي مزار سنڌ يونيورسٽيءَ تائين ٽيندڙ ڇهن ڏينهن جي پيادل ميديم مارچ ۾ شريڪ رهيو ۽ ننڍن وڏن استاپن تي تعليم بابت پارٽيءَ جا ويچار، تقريرن جي صورت ۾ عوام تائين پهچائيندو رهيو.

2012ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وس.سي نذير مغل کي هٽائڻ ۽ پروفيسر بشير چنڙ جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ 'المنظر' جام شوري کان علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار سنڌ يونيورسٽيءَ تائين، ٻين ساٿين سان گڏجي شارٽ مارچ ڪيو. ان ئي اشوءَ تي سول سوسائٽي حيدرآباد طرفان سنڌ يونيورسٽي کي بچائڻ ۽ وي سي هٽائڻ لاءِ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ سنڌ يونيورسٽي بچاءِ ايڪشن ڪميٽي جوڙي ويئي، جنهن جو نورنبي راهوجو متحرڪ اڳواڻ رهيو ۽ علامه آءِ آءِ قاضي جي مزار کان سپر هاءِ وي باءِ پاس تائين شارٽ مارچ ڪري سپر هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو، جنهن جو هيءَ به ٻين ساٿين سميت سرگرم رهيو.

سال 2012ع ۾ هن نئين پارٽيءَ پاران عوامي تعليمي رابطا مهم هلائي وئي، جنهن ۾ حيدرآباد کان متياري، نوابشاهه، نوشهروفيروز، خيرپورميرس، سکر، گهوٽڪي، اوباوڙو، ڪشمور ڪنڊڪوٽ، جيڪب آباد، شڪارپور، لاڙڪاڻو ضلعن ـ شهدادڪوٽ، دادو، جام شورو تائين هلايل 10 ڏينهن جي رابطا مهم ۾ (9) ڏينهن شريڪ رهيو. ان دوران هن هر ننڍي وڏي شهر جي پريس ڪلبن کي ساٿين سان گڏ خطاب ڪيو ۽ ننڍن وڏن شهرن ۾ عوامي ميڙن کي خطاب

ڪيو ۽ هينڊ بل ورهايا. هن تنظيم پاران شروع کان ٻئي مرحلي دوران حيدرآباد کان ننو ڪيني بندر تائين اتان وري بدين، ٽنڊي محمد خان تائين، ٽنهي ضلعن جي سمورن ننڍن وڏن شهرن ۾ پريس ڪلبن کي ساڻين سان گڏ خطاب ڪيو ۽ هينڊ بل ورهايا ۽ پنجن ڏينهن تائين رابطا مهم جاري رکي. ٽئين مرحلي ۾ حيدرآباد کان سانگهڙ، عمرڪوٽ، ميرپورخاص ۽ مٺي جي تقريباً سمورن ننڍن وڏن شهرن جي پريس ڪلبن ۾ ميٽ ڊي پريس ۽ عوامي ميڙن کي ساڻين سان گڏ خطاب ڪيو ۽ هينڊبل ورهايا. اهو مرحلو به پنج ڏينهن جاري رهيو. چوٿين مرحلي ۾ حيدرآباد ۽ ٽنڊي الهيار ضلعن جي ننڍن وڏن شهرن ۾ ٽن ڏينهن تائين رابطا مهم جاري رهي. 9 ـ ڊسمبر 2012ع تي ڪراچيءَ جي سچل ڪوٺ ۾ عوامي جمهوري پارٽيءَ جي ٽيل ٽئين ڪنوينشن ۾ نورنبي راهوجي کي ٻن سالن لاءِ مرڪزي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو جو هن وقت تائين انهيءَ عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي.

نور نبي راهوجي جون سياست کان پوءِ ادب ۾ به خدمتون سارهه جوڳيون آهن هو ادب جي ميدان ۾ 'نور' راهوجو جي نالي سان مشهور رهيو آهي پر سندس نالو ادب کان سياسي حوالي سان وڌيڪ نمايان ۽ نشانبر رهيو آهي. نور راهوجو سٺو نثر نويس، مقرر ۽ خوبصورت شاعر پڻ آهي. هن لکڻ جي ابتدا علي انور شاهه 'اجمل' ۽ ڪريم بخش گلال کان متاثر ٿي ڪئي. اهي ٻئي استاد سندس اسڪول ۾ پڙهائيندا هئا. هيءَ 76 ـ 1975ع وارو زمانو هو. شاعريءَ ۾ استاد بخاري، شيخ ايازَ ۽ آڪاش انصاريءَ کان متاثر ٿيو ۽ شاعريءَ جي اصلاح ڪن حالتن ۾ بشير سيتائيءَ کان وٺندو هو. نور راهوجي جي سنڌي ٻوليءَ جي نامياريءَ ۽ عوامي شاعر استاد بخاريءَ سان گهٽي لڳندي هئي. هڪ هنڌ استاد کي هن ٻنهنجو هڪ نڪور غزل ٻڌايو. غزل ٻڌي اُستاد ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائينس ته هن غزل ۾ منهنجي شاعريءَ جي خوشبوءِ آهي. شاعريءَ ۾ سندس پسنديده صنف آزاد نظم آهي. 1980ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران "ساهت وارو سال" ڪري ملهايو هو ان جو مکيه پروگرام سنڌ زرعي يونيورسٽي جي آڊيٽوريم هال ۾ ٿيو ان پروگرام جون 4 ويهڪون ٿيون. هڪ ويهڪ ۾ نورراهوجو اعزازي مهمان طور شريڪ ٿيو ان ۾ هن ٻنهنجو شعر به پڙهيو. ان سموري پروگرام جي آڊيو ريڪارڊنگ سنڌالاجي طرفان ڪئي وئي. هن 1996ع ۾ ڪي.اين.شاهه ۾ "عوامي ادبي فورم" نالي هڪ ادبي فورم ٺاهيو جنهن جو هو سرپرست اعليٰ مقرر ٿيو ان فورم طرفان خيرپورناٿن شاهه جي نامياڻن شاعرن آثر ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، نشتر ناٿن شاهي، وقار ناٿن شاهي ذوالفقار گاڏهي ۽ ٻين شاعرن سان شامون ۽ رهاڻيون ملهايون ويون. سال 1998ع ۾ سنڌي ادبي سنگت 'سيتا' ۾ هڪ وڏو مشاعرو ڪرايو. جنهن جو مهمان خاص نور راهوجو هو انهيءَ مشاعريءَ جي صدارت نامور شاعر الهنواز رکٻائيءَ کان ڪرائي وئي.

1999ع ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪي.اين.شاهه ٻنهنجي شهر ۾ ڪاروڪاري تي هڪ سيمينار ڪرايو ان جي صدارت آزاد قاضيءَ ڪئي ۽ مهمان خاص 'نور' راهوجو هو. ان سيمينار ۾ 'نور' راهوجي هڪ عاليشان مقالو پڙهيو جيڪو سال 2000ع ۾ نامور دانشور ۽ اُن وقت جي عبرت جي ايڊيٽر انچارج جامي چانڊئي روزاني 'عبرت' اخبار ۾ چپيو. 2006ع ۾ سنڌي ادبي سنگت ڪوٽڙي شاخ پاران اصغر سيتائيءَ جي غزلن جي چپيل مجموعي جي مهورتي تقريب ٿي هئي جنهن جي صدارت نور راهوجي کان ڪرائي وئي. جڏهن ته مهمان خاص سرور نواز ٻگهيو هو.

نورراهوجو 2001ع کان 2003ع تائين جڳ مشهور ماهوار "تحريڪ" رسالي جو ايڊيٽر رهيو. ماهوار "نئون ويساهه" رسالي جو ايڊيٽر (2011ع) رهيو. ان کان علاوه هن سال 1990ع واري ڏهاڪي ۾ عبرت، تعميرِ سنڌ، سنڌ عوامي آواز روزاني اخبارن ۽ ماهوار رسالن ۾ ڪالم ۽ مضمون لکيا.

سندس ادبي ڪاوشون ڪجهه هن طرح آهن:

(1) منهنجا خواب، منهنجون خواهشون (غزل، وائي ۽ آزاد نظم) ـ شعري مجموعو (چپائيءَ هيٺ)

(2) ڪهاڻين تي مشتمل مجموعو "درد جو رشتو" (اڻڇپيل)

(3) سياسي مضمون تي مشتمل مجموعو (اڻڇپيل)

مختيار عباسي[1]:

عوامي تحريڪ ضلعي دادوءَ جي اڳوڻي مرڪزي اڳواڻ ۽ موجوده عوامي جمهوري پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻ مختيار علي عباسيءَ جو جنم 17 مارچ 1963ع تي محمد پناهه عباسيءَ جي گهر خيرپور ناٿن شاهه جي محلي ناٿن شاهه ۾ ٿيو. انٽر تائين سندس تعليم پنهنجي ئي شهر ۾ ٿي. هن 1975ع، 1980ع ۽ 1983ع دوران پرائمري، مئٽرڪ، ۽ انٽر پاس ڪئي. بي. اي جي ڊگري هن گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان سال 1985ع ۾ ورتي.

مختيار عباسي ملازمت جي ابتدا، 1986ع ۾ هيلٿ ۾ ليبارٽري اسسٽنٽ طور ڪئي. سندس مقرري هيلٿ ڊپارٽمينٽ مڪلي ۾ ٿي. جتي هن 6 مهينا ڪم ڪيو. ان بعد هو 1986ع ۾ دادو شگر مل پيارو گوٺ ۾ سيزنل ڪلارڪ ٿيو جتي هن 2001ع تائين ڪم ڪيو. 2001ع ۾ هو مقامي چونڊن ۾ هو يونين ڪائونسل ڪي. اين. شاهه جو نائب ناظم چونڊيو ويو. جتي هن 2005ع تائين عوام جي عملي خدمت ڪئي. ان کان پوءِ هو اڄ تائين گورنمينٽ جو ڪانٽريڪٽر آهي ۽ سول ورڪس جا ٺيڪا کڻندو آهي.

مختيار عباسي عملي سياست جي شروعات 1979ع ۾ پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ ڪئي. جڏهن هو نائين ڪلاس ۾ پڙهندو هو. هو شروع ۾ 20 ـ اپريل 1979ع تي سجاڳ ٻار تحريڪ ۾ ميمبر ٿيو ۽ اُن ئي تاريخ تي کوليل انهيءَ يونٽ جو سيڪريٽري ٿيو. سال 1981ع ۾ هو سنڌي شاگرد تحريڪ مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر ٿيو. 1983ع ۾ عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ اُن ئي سال ايم. آر. ڊي جي تعلقي ڪي. اين. شاهه جو جوائنٽ سيڪريٽري هو.

14 ـ آگسٽ 1983ع کان ايم. آر. ڊي جي تحريڪ شروع ٿي ۽ هن 4 ـ سيپٽمبر 1983ع تي ڪي. اين. شاهه مان گرفتاري پيش ڪئي ۽ 10 ـ سيپٽمبر 1983ع تي هن کي ڪي. اين. شاهه ٽاٽي تان سينٽرل جيل حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. مختيار عباسي 14 ـ فيبروري 1984ع تائين سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند رهيو. 1985ع ۾ آمر جنرل ضياء الحق ملڪ ۾ ريفرنڈم ڪرايو. ان دوران سندس گهر تي ڇاپو هنيو ويو. جنهن دوران هن روپوشي اختيار ڪئي. صدر جنرل پرويز مشرف جي شروعاتي دور 01، 2000ع ۾ ڪالا باغ ڊئم رٿا ۽ سنڌ اندر پاڻيءَ جي هٿرادو ڪوٽ خلاف ڪي. اين. شاهه ۾ ميرحسن کان بس اسٽاپ تائين هزارين ماڻهن جو جلوس ڪڍيو ويو. جنهن جو ڪيس پين سان گڏ هن تي به لڳايو ويو. 31 ـ ڊسمبر 2010ع تي AJP پاران حيدرآباد ضلعي جو ڪنونشن ٿيو. جنهن ۾ هن کي ضلعي حيدرآباد جو صدر ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 19 ـ نومبر 2011ع تي حسين آباد ۾ AJP جو مرڪزي ڪنونشن ٿيو. جنهن ۾ هن کي مرڪزي خزانچي چونڊيو ويو. 9 ـ ڊسمبر 2012ع تي سچل گوٺ ڪراچيءَ ۾ AJP جي ٽيل ڪنونشن ۾ هن کي مرڪزي پريس ترجمان چونڊيو ويو. هيءَ عوامي جمهوري پارٽي پاران تعليم لاءِ هلايل "عوامي تعليمي رابطا مهم" ۾ سرگرم اڳواڻ طور شريڪ رهيو.

مختيار عباسيءَ جي موجوده رهائش نسيم نگر حيدرآباد ۾ آهي.

---

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

بخش علي پنڀ[1]:

عوامي تحريڪ ضلعي دادوءَ جو اڳوڻو صدر مرحوم بخش علي پنڀ 11 ـ جنوري 1949ع تي ڳوٺ سلطان پنڀ، دادوءَ ۾ محمد پريل پنڀ جي گھر ۾ اڪيون ڪوليون. هن ابتدائي تعليم سال 1959ع ۾ مٺترڪ طالب المولي هاءِ اسڪول دادوءَ مان سال 1965ع ۾، ۽ ڊپلوما اِن ڪامرس ڪمرشل ڪاليج دادوءَ مان سال 1967ع ۾ پاس ڪئي. اڻڀڻءَ ريت هن بي.اي جو امتحان سال 1969ع ۾ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان پاس ڪيو.

هن سياست جي شروعات سال 1979ع ۾ عوامي تحريڪ جي پليٽفارم تان ڪئي. جلدئي هن کي پوءِ دادوءَ جو صدر مقرر ڪيو ويو. هن ڪافي وقت تائين اُن عهدي تي ڪم ڪيو. سال 1983ع ۾ ايم.آر.ڊي تحريڪ ۾ هن تي جيل جي قيدين کي مانيءَ پهچائڻ جي ذميواري رکي وئي. هن ننڊپڻ ۾ اسٽيج ڊرامن ۾ ڀ ڪم ڪيو.

بخش علي پنڀ عملي زندگيءَ جي شروعات سال 1968ع ۾ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان ۾ ڪيشئر طور ڪئي. سندس مقرري سيتا ۾ ٿي. پر پوءِ هن اها نوڪري سال 1969ع ۾ ڇڏي ڪراچيءَ ۾ هوم ڊپارٽمينٽ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ ٿيو. اها ڀ نوڪري سال 1971ع تائين ڪيائين. سال 1971ع ۾ اتان استعفيٰ ڏئي سوئي سدرن گئس ڪمپني ڪراچيءَ ۾ سپروائيزر ٿيو. سال 1973ع تائين اُن محڪمي ۾ ڪم ڪيائين. اُتي ايم.بي سان مزدورن جي حقن جي ڀالهه تان سندس جهڳڙو ٿي پيو ان کي مار ڪُٽ ڪيائين. پوءِ اتان ڀ نوڪري ڇڏي سعودي عرب هليو ويو. اتان 1974ع ۾ واپس موٽي آيو ۽ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ دادو ۾ اسٽينوٽائپسٽ ٿيو. اتي ڀ فاريسٽ آفيسر سان جهڳڙو ٿي پيس. پوءِ اها ڀ نوڪري ڇڏي ڏنائين ۽ سال 1979ع ۾ سياست ڏانهن رُخ ڪيائين. هن مارچ 1998ع ۾ خودڪشي ڪئي.

بخش علي پنڀ انتهائي حساس ۽ جذباتي نوجوان هو. ظلم، زيادتي ڏسندي برداشت ڪري نه سگهندو هو ۽ هڪدم مزاحمت ڪندو هو. اهوئي سبب هو جو هو ڪنهن ب اداري ۾ فٽ ٿي نوڪري ڪري نه سگهيو. مرحوم پنهنجي پٺيان هڪ گهرواري 3 نياڻيون ۽ 5 فرزند سوڳوار ڇڏيا. سندس گهرواري محترمه ست پرائي سنڌياڻي تحريڪ ضلعي دادوءَ جي صدر ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبر ب رهي چڪي آهي. سندس هڪ فرزند منصور علي پنڀ سجاڳ ٻار تحريڪ جو ضلعي صدر ۽ مرڪز ۾ جوائنٽ سيڪريٽري ب رهيو آهي. سندس وڏي نياڻي سنڌي شاگرد ياڻين جي نمائنده تنظيم S.G.S.O ضلعي دادوءَ جي صدر ب رهي آهي.

سميع الله ڪلهوڙو[1]:

قوم پرست اڳواڻ سميع الله ڪلهوڙو 5 ـ جنوري 1966ع تي ميهڙ شهر ۾ مرزا شاهه محلي يعني لوهرن جي پاڙي ۾ مشهور سماجي شخصيت عبدالواحد ڪلهوڙو عرف واڌل لوهار جي گهر ۾ جنم ورتو. واڌل لوهار يارويس ۽ ملنسار هئڻ سان گڏ بندوقن جو مشهور ڪاريگر هوندو هو ۽ پنهنجي اولاد کي ب علم سان گڏ عملي طرح بندوقن جي مرمت جو ڪم ۽ لوهار ڪو هنر سيکاريندو هو.

سميع الله ڪلهوڙو ابتدائي پرائمري تعليم مين پرائمري اسڪول ميهڙ مان حاصل ڪرڻ بعد مٺترڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان سنه 1982ع ۾ پاس ڪيائين. سياست جي شروعاتي چٽنگ سنگت کان 1970ع

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

واري ڏاهڪي کان لڳي هئس. ان کان علاوه لطيف سنگت ۾ جساف ۾ بہ ڪم ڪيائين. سميع الله ڪلهوڙو عوامي ڏهن ۾ سوچ رکندڙ هو سنڌ ڏرتي ۾ سنڌي ماڻهو سان بي پناهہ محبت ڪندو هو. سنڌ جي آزادي ۾ حقن جي حاصلات لاءِ سر ڏرَ جي بازي لڳائيندي شهادت ماڻيائين. پر ظالم سامراج اڳيان سر ڪونہ جهڪايائين. پاڻ بنيادي طرح جيئي سنڌ پورهيت سنگت ميڙ جو آرگنائيزر بہ رهيو. ان وقت پورهيت سنگت جو مرڪزي صدر سجڻ سنڌي هو.

سنہ 1987ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ورڪشاپ ۾ ٽيڪنيشن طور ملازمت جي شروعات ڪيائين. ان دوران پاڻ سنڌي پورهيت سنگت جام شورو ۾ ڪونڊي جو صدر پڻ رهيو.

ضياء جي مارشل لا دوران ٽوڙهي ڦاٽڪ واقعي خلاف ميڙ ۾ احتجاج ۾ شٽر بند هڙتال ڪرايائين. جنهن ۾ گرفتار پڻ ٿيو معافي قبول نہ ڪيائين پر ڏهہ سال ضلعي بدري اکين تي رکيائين ۽ سزا طور جيل ۾ قيد ڪاٽيائين. سنڌ جي مسئلن جي ڏوهہ ۾ مٿس (30) ڪيس مڙهيا ويا. جيئي سنڌ تحريڪ ۾ جيئي سنڌ محاذ ۾ بہ ڪم ڪيائين.

سنہ 1995ع ۾ جي.ايم.سيد جي وفات بعد جيئي سنڌ قومي محاذ ضلعي دادو جو آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ جسقم ضلعي دادوجو سيڪريٽري، ضلعي نائب صدر ۽ جسقم ضلعي دادو جو صدر پڻ رهيو. سائين جي.ايم.سيد جي رهبري ۽ عبدالواحد آريسر جي شخصيت کان گهڻو متاثر هو. جنهن کي فڪري استاد تسليم ڪندو هو. پر جيئي سنڌ قومي محاذ جي قيادت سان اختلافن سبب 25 ـ ڊسمبر 2000ع تي سن ۾ قائم ٿيل جيئي سنڌ متحده محاذ ۾ شامل ٿيو ۽ پيرا ان جو وائيس چيئرمن رهيو. ان دوران ڪيترن ئي احتجاجي جلسن جي اڳواڻي ڪيائين.

سميع الله ڪلهوڙو علم سان وڏو شوق رکندو هو. سندس مطالعو وسيع هو سياست، ادب، فلسفي، شاعري، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ ٻين علمي موضوعن جي گهڻي ڄاڻ رکندو هو. ميڙ ۾ سندس وڏو ڪتبخانو موجود آهي. پاڻ سٺو ليکڪ پڻ هو. سندس مضمون ۽ مقالا ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهندا هئا. پاڻ سچو ۽ ڪرو انسان هو. سٺو مستري، وايڊو ۽ بندوقن جو ڪاريگر پڻ هو.

سميع الله ڪلهوڙي کي 30 ـ نومبر 2004ع تي ڏيوتي دوران گرفتار ڪري ايذائي مهينن تائين حساس ادارن تي پڇا ڳاڇا هيٺ رکيو ۽ ان سان گڏ جدا جدا ٽائٽن تي ڪيس اذيتون ڏيندا رهيا. 13 ـ فيبروري 2005ع تي هالا ٽائي مان وڃڻ وٽي پڄي نڪتو ۽ لاڳيتو علاج ڪرائيندو رهيو. پر اذيتن سندس جسم کي چور چور ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڪري ڪينسر ڪيس لاءِ علاج ڪري ڇڏيو. آخرڪار اذيتن ۽ زخمن جا سُور نہ سهي سميع الله ڪلهوڙو آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ علاج دوران 5 ـ مارچ 2005ع تي وفات ڪري ويو پنهنجي ڏرتي ماءُ جي ٿڃ ملهائيندي پاڻ کي حلالي ۽ وفادار پٽ ثابت ڪيائين. ڪيس 6 ـ مارچ 2005ع تي جام شورو ۾ ٽوڙهي ڦاٽڪ جي شهيد مٺو بُليديءَ جي پير ۾ سوين قومي ڪارڪنن ۽ قومپرست اڳواڻن جي موجودگيءَ ۾ جيئي سنڌ جي جهنڊي واري ڪفن ۽ سنڌي قومي ترانيءَ سان مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

سورٹ ٽيپو[1]:

مسلم ليگ (ن) سنڌ جي اڳواڻ سورٹ ٽيپو دادو شهر ۾ محمد عمر جي گهر ۾ سال 1968ع ڏاري جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم سال 1980ع ۾ دادوءَ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول خيرپورناٽن شاهہ مان 1985ع ۾ انٽر گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج خيرپورناٽن شاهہ مان 1987ع ۾ ۽ بي.اي (آنرز) سنڌ يونيورسٽي

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

جام شوري مان 1990ع ۾ حاصل ڪئي.

سورٺ ٽيبي سياست جي شروعات 1990ع تي سنڌ نيشنل فرنٽ (ليبيز ونگ) ضلعي دادو جي صدر ٽيڻ سان ڪئي. هُن سال 1993ع تائين انهيءَ عهدي تي ڪم ڪيو. ان کان بعد هوءَ سنڌ نيشنل فرنٽ کي ڇڏي مسلم ليگ (نواز گروپ) ۾ شامل ٿي. ڪيس مسلم ليگ (ن) ليبيز ونگ سنڌ جي جوائنٽ سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويو جتي 1999ع تائين هوءَ ڪم ڪندي رهي. ان کان پوءِ سورٺ ٽيبو سال 2000ع کان 2009ع تائين مسلم ليگ (ن) ليبيز ونگ جي صوبائي صدر رهي. سال 2010ع کان 2011ع تائين ۽ سال سنڌ جي آرگنائيزر به رهي. سورٺ ٽيبو هن وقت ميمبر ۽ ڪارڪن جي حيثيت ۾ ساڳي پارٽيءَ ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

سورٺ جي شادي سال 1995ع ڏاري ميهڙ جي معروف ليکڪ بيگم بادام ناتوان جي فرزند گلزار احمد ٽيبي سان ٿي. مشهور ڪميونسٽ اڳواڻ مير ٽيبو سندس ڏير ٽئي. ٽيبا خاندان جون سنڌ ۾ سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي خدمتون رهيون آهن. ايم. آر. ڊي جي تحريڪ ۾ بيگم بادام ناتوان جي فرزند گلزار جي ڊرائيور تي پوليس جو وحشيانو تشدد ٿيو.

سورٺ ٽيبو سياسي حوالي سان سنڌ ۾ سنڌ نيشنل فرنٽ توڙي مسلم ليگ (ن) تنظيمن جي پليٽفارمن تان سرگرم رهي آهي. هن مختلف وقتن تي پارٽيءَ طرفان ٽيندڙ جلسن جلوسن تحريڪن ۽ ريلين ۾ پرپور حصو وٺندو آهي. انهيءَ پاداش ۾ هن کي 2006ع ۾ راولپنڊيءَ جي جيل ۾ به وڌو ويو. هن عدليه جي آزاديءَ لاءِ 2011ع ۾ پنهنجي پارٽيءَ جي پليٽفارم تان سنڌ ۾ ڪافي لانگ مارچ ڪيا. صدر پرويز مشرف جي دور ۾ هن جي ڪوششن سان پارٽي طرفان اسلام آباد هڪ تعليمي ڪنوينشن ٽيو هو جنهن ۾ سنڌ جي عورتن جي نمائندگي سورٺ ڪئي. سندس قيادت ۾ سنڌ جي عورتن جي وڏي تعداد انهيءَ ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪئي هئي. 2010ع جي مهاوڏ دوران سورٺ پارٽيءَ ورڪرن سان گڏجي سنڌ جي متاثر علاقن ۾ وڃي ٻوڏ سٽيل ماڻهن کي ٻيڙين ذريعي کڻي محفوظ جاين تائين رسايو. هن 2012ع واري برسات ۾ به سنڌ جي متاثرن جي واهر ڪرڻ لاءِ پارٽيءَ طرفان سڄيءَ سنڌ جو دورو ڪيو ۽ ماڻهن جي ڏکن ۾ سورن ۾ شريڪ ٿي.

سورٺ ٽيبو سنڌي عورتن سان ٽيندڙ ناانصافين تي پارٽيءَ يا پارٽيءَ کان ٻاهر رهندي به آواز اُٺاريندي رهي آهي. هن 1996ع ۾ 'عورت اتحاد' جي نالي سان هڪ سماجي تنظيم به ٺاهي هئي. هن انهيءَ تنظيم جي پليٽفارم تان عورتن سان ٽيندڙ ڏاڍاين ۽ ناانصافين خلاف قانون سازيءَ جو هڪ مسودو پڻ تيار ڪيو هو جيڪو اُن وقت جي گورنر سنڌ معين الدين حيدر جي حوالي ڪيو هو. هن اُنهن ڏينهن ۾ عورتن سان ٽيندڙ ظلم ۽ زيادتين تي روزاني ڪاوش اخبار ۾ زوردار ڪالم ۽ مضمون لکيا، بيان ڏنا ۽ سيمينار ڪرايا. سال 2012ع ۾ سنڌ اندر ٿيل بلدياتي نظام خلاف پارٽيءَ طرفان جيڪي به ريليون ۽ جلسا جلوس ٿيا آهن، انهن ۾ سورٺ ٽيبو هر وقت صفِ اول رهي آهي.

سورٺ ٽيبو سنڌ جي بهادر ۽ ويڙهو عورت آهي. 1989ع ڏاري سندس گهر تي ان وقت جي ڏاڙيل لاڻي چانڊئي جي ٽولي مان نون (9) ڏاڙيلن حملو ڪيو هو. موٽ ۾ سورٺ به انهن تي جوابي فائرنگ ڪئي هئي ۽ ان فائرنگ ۾ به- ٽي ڏاڙيل به زخمي ٿي پيا هئا.

سورٺ ٽيبو کي اولاد ۾ 2 فرزند ۽ 2 نياڻيون آهن. سندس رهائش ڪراچيءَ ۾ آهي.

سعيده گوپانگ[1]:

سنڌياڻي تحريڪ جي اڳوڻي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ۽ عوامي جمهوري پارٽي جي موجوده مرڪزي نائب صدر سعيده گوپانگ 15 ـ جون 1979ع تي تعلقي جوهيءَ جي ڳوٺ بچل خان رند ۾ محمد رمضان گوپانگ جي گهر ۾ اڪيون ڪوليون. هن ابتدائي تعليم جا 5 درجا، پنهنجي ڳوٺ ۾ 1989ع ۾ پاس ڪيا. ڇهين کان ڏهين جماعت تائين پنج درجا انگريزي جوهيءَ مان 1995ع ۾ پاس ڪيا. انٽر (پري ميڊيڪل گروپ) 1998ع ۾ گورنمينٽ زبيده ڏگري ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. 2003ع ۾ بي.اي جي ڏگري گورنمينٽ گرلز ڪاليج نٿي مان حاصل ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان سوشالاجيءَ جي مضمون ۾ ايم.اي جي ڏگري ورتي. ان کان علاوه هن ڪراچيءَ مان ڪمپيوٽر ۽نرسنگ جا ڪورس پڻ ڪيا. هن ڪجهه عرصو ڪراچيءَ جي هڪ غير سرڪاري ريسرچ اداري 'Collective for Social Science & Resarch' ۾ ريسرچر طور ڪم ڪيو.

سعيده گوپانگ سياست جي شروعات نندپڻ ۾ پرائمري تعليم دوران سجاڳ ٻار تحريڪ جي پليٽفارم تان ڪئي. انٽر جي امتحان پاس ڪرڻ کان پوءِ هوءَ 1998ع ۾ سنڌي شاگرد ياڻين جي اُن وقت جي نمائنده تنظيم سنڌي گرلز استوڊنٽس آرگنائيزيشن (S.G.S.O) حيدرآباد يونٽ جي ميمبر ٿي. اڳتي هلي 2009ع کان 2010ع تائين سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري رهي. 2011ع ۾ سعيده گوپانگ سنڌياڻي تحريڪ (پليجو گروپ) کي ڇڏي عوامي جمهوري پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي جتي هوءَ 2012ع کان مرڪزي نائب صدر طور ڪم ڪري رهي آهي.

سعيده گوپانگ مٿرڪ ۽ انٽر دوران مختلف ٻالڪ ادبي پروگرامن جي ڪمپيئرنگ ۾ ڪئي ۽ مختلف تقريري مقابلن ۾ ڊبيٽن ۾ ۽ حصو ورتو ۽ انعام کٽيا. هن 96_1995ع دوران پاڪستان ٽيليويزن جي مشهور پروگرام "روشن تارا" جي ڪمپيئرنگ ۽ ڪئي جا سنڌ ۾ بيحد سراهي وئي.

سعيده گوپانگ نندڙي وهيءَ کان وٺي پنهنجن ارادن ۾ سنجيده ۽ بردبار فيصلن ۾ مضبوط ۽ اڏول رهي آهي. هن جنهن به محاذ تي ڪم ڪيو آهي، ان کي پنهنجي ذميداري يا پنهنجي حصي پتيءَ جو ڪم سمجهي ڪيو آهي. هن جڏهن به ڪي فيصلا ڪيا آهن، اهي دل ۽ دماغ جي سچائيءَ سان ڪيا آهن. هن سياست دوران ڪڏهن به پنهنجي ذاتي مفاد کي اجتماعي مفادن تي اوليت نه ڏني آهي. هن پارٽيءَ ۾ رهي پارٽي ضابطن جو لحاظ ۽ ادب ڪيو. هن سنڌياڻي تحريڪ ۾ رهي مختلف قومي اشوئن تي ٽينڈڙ جلسن جلوسن ۾ پنهنجي پارٽي ساٿين سان گڏ سرگرم رهي. ڪالاباغ ڊيم خلاف پٽ شاهه کان گورنر هائوس ڪراچيءَ تائين عوامي تحريڪ جي لانگ مارچ ۾ شريڪ رهي. گهگهر ڦاٽڪ کان گورنر هائوس تائين لانگ مارچ ڪيو. ان مارچ ۾ لاٺي چارج دوران زخمي ٿيڻ بعد قائدآباد مان ٻين سنڌياڻين حفيظان تالپر ۽ غلام فاطمه پليجو سميت گرفتار ٿي. ڪيس لاڏيڻ تي رکيو ويو ۽ شام جو سياسي قيديءَ جي حيثيت ۾ ڪيس آزاد ڪيو ويو.

سعيده گوپانگ سنڌ جي پنتي پيل مزدور طبقي جي ماٺهن سان ٽينڈڙ زيادتين خلاف هر وقت آواز اُٺاريندي رهي آهي. فشر فوڪ فورم جي پليٽفارم تان ماهيگيرن جي حقن لاءِ ٺيڪيداري نظام خلاف چار سال مسلسل وڙهندي رهي. هن انهيءَ فورم تان ڪيترائي آرٽيڪل لکيا ۽ جلسن جلوسن ۾ آواز اُٺاريو. سنڌي عورتن سان ٽينڈڙ ناانصافين

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

تي ب سعيده گوپانگ ڪڏهن ب ماڻ ڪري نہ ويني آهي. هن مظلوم هندو نياڻي وجنتيءَ واري ڪيس ۾ ب زوردار ڪالم لکيا ۽ سڄيءَ سنڌ ۾ سول سوسائٽيءَ سان لاڳاپيل ذميدار فردن کي مدد لاءِ اپيلون ڪيون.

سعيده گوپانگ سڀي ليکڪا ب آهي. هن مختلف موضوعن تي مضمون، ڪالم ۽ ڪهاڻيون ب لکيون آهن. هن سنڌي ادبي سنگت شاخ حيدرآباد ۾ هڪ مبصر ۽ همدرد جي حيثيت ۾ ڪجهہ عرصو ڪم ڪيو آهي ۽ گڏوگڏ هن صحافت ب ڪئي آهي. جوهي جهڙي ننڍي پيل شهر جي تاريخ ۾ هيءَ پهرين سنڌي نياڻي آهي جيڪا 1995ع ڌاري روزاني "سنڌ" اخبار ۾ جوهيءَ جي تعلقي رپورٽر ب رهي. رپورٽنگ دوران هوءَ هڪ نياڻي ٽي ڪري نهايت بهاديريءَ ۽ جرئت سان مقامي ۽ لوڪل مسئلن کي پنهنجي قلم ذريعي بي نقاب ڪيو.

سعيده گوپانگ جي موجوده رهائش گلشن حديد ڪراچيءَ ۾ آهي.

مظهر حسين گهلو:

دادو شهر ۾ جيڪي معروف وڪيل ٽي گذريا آهن. انهن ۾ مظهر حسين گهلو جو نالو ب شمار ڪري سگهجي ٿو. مظفر حسين گهلو ولد رئيس غلام حيدر گهلو 1918ع تي ڳوٺ غلام حيدر گهلو ۾ جنم ورتو. مظهر حسين گهلو ابتدائي تعليم نوشهروفيروز ۽ لاڙڪاڻي مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ لاڙڪاڻي، مان حاصل ڪري جهونا ڳڙهہ ڪاليج ۾ داخلا ورتي ۽ ان اتان انٽر پاس ڪري ايل.ايل.بي ڪرڻ لاءِ ايس.ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي. ايل.ايل.بي دادو ۾ وڪالت جي پيشي سان منسلڪ ٽي ويو.

وڪالت ۾ هن پنهنجي پيشي کي صحيح طريقي سان نپايو. مظهر حسين گهلو وڪالت سان گڏ سياست ۾ ب حصو ورتو. هن مسلم ليگ ڪنوينشن ۾ شموليت اختيار ڪئي. 1964ع ۾ صدر ايوب ڪيس ڪنوينشن مسلم ليگ جي ٽڪيٽ ڏني ۽ اولهہ پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ميمبر منتخب ٽي ويو. هيءَ سيٽ، دادو جي 4 تعلقن دادو، جوهي، خيرپور ناٿن شاهہ ۽ ميهڙ تعلقن تي مشتمل هئي. انهيءَ سيٽ تي هو 1968ع تائين ميمبر رهيو. اتان هن ڪامياب حاصل ڪئي. هن پنهنجي ايامڪاريءَ دوران پنهنجي حلقي جي مسئلن کي حل ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. مظهر حسين گهلو مائيٽي سياءَ جو مالڪ هو.

ماروي مظهرالحق:

دادو جي سياسي گهراڻي جي عورتن جن نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي، انهن ۾ ماروي مظهرالحق جو ڪردار ب نمايان رهيو آهي. ماروي مظهرالحق جو ڏاڏو پير الاهي بخش سنڌ جو وزير تعليم ۽ وزيراعليٰ ب رهيو. سندس والد پير مظهرالحق صوبائي اسيمبلي جو 3 دفعا ميمبر ۽ 2 دفعا وزير ب رهي چڪو آهي.

ماروي مظهرالحق پرائمري تعليم مين اسڪول دادو مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ انگريزي ۾ داخلا ورتائين. هن وقت تائين گريجوئيشن ڪري چڪي آهي. محترمہ سياست جي شروعات پيپلز پارٽي سان ڪئي. سال 2003ع ۾ صوبائي اسيمبلي سيٽ تي ٻيڻي ۽ ڪامياب ٽي.

ماروي مظهرالحق سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهي آهي.

انجنيئر عبدالعزيز پُرڙو[1]:

اديب، محقق، اسڪالر، تبديلي پسند ۽ ترقي پسند سياسي ۽ سماجي اڳواڻ عبدالعزيز ولد پير بخش پرڙي، 1 ـ مارچ تي ڳوٺ بلهڑا تعلقي ميهڑ ضلعي دادوءَ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾، مٿرڪ دادوءَ مان، انٽر گورنمينٽ سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪرڻ بعد بي.اي (B.E)، سِول انجنيئرنگ اين.اي.بي ڪاليج ڪراچيءَ مان 1960ع ۾ ڪيائين. ۽ سال گورنمينٽ آف سنڌ بلڊنگس ۽ اريگيشن کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. آڪٽوبر 1962ع ڌاري فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ريلوي کاتي ۾ اسسٽنٽ ايگزيڪيٽو انجنيئر مقرر ٿيو مختلف عهدن تي ڪم ڪندو رهيو ۽ پروموشن ذريعي 1989ع ڌاري ڊويزنل سپرنٽينڈنٽ ريلوي مقرر ٿيو 15 ـ اپريل 1992ع تي نوڪريءَ جو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ئي موڪل تي لهي رٽائر ڪيائين.

نوڪريءَ دوران عوامي پلاٽي ۽ سڌاري لاءِ مهراڻ ريلوي ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئيشن جوڙيائين. جنهن جو سرپرست اعليٰ ٿيو. هن ايسوسيئيشن جي قيام کان وٺي اُن کي فعال ڪرڻ تائين، جن ٻڙڙا قبيلي جي فردن جو ساٿس ساٿ رهيو انهن ۾ ڪامريڊ محمد ايوب ٻرڙو، ڪامريڊ محمد پناهه ٻرڙو، پروفيسر محمد خان ٻرڙو، ڪامريڊ روشن ٻرڙو، غلام ياسين ٻرڙو، غلام حيدر ٻرڙو وغيره جا نالا شامل آهن.

عبدالعزيز ٻرڙي 21 ـ آگسٽ 1993ع تي ڳوٺ مبارڪ ٻرڙي، تعلقي موري ۾ هڪ تاريخي ڪنوينشن ڪوٺرايو جنهن ۾ محترمه بينظير ڀٽو صاحبه خاص مهمان جي هيثيت سان شريڪ ٿي. 1994ع ۾ سيد عبدالله شاهه جي وڏي وزارت دوران 1994ع کان 1996ع تائين خاص صلاحڪار رهيو. 21 ـ آگسٽ 1987ع تي دوستن سان گڏجي آل ٻرڙا ويلفيئر ايسوسيئيشن جو بنياد رکيائين، جنهن جو پهريون چيئرمن ٿيو هن پليٽ فارم تان پهرائڻيءَ جي ڪن خاص وڻن ڳوٺن ۾ ڪتبخانا کولرايائين. شروع کان علم و ادب ۽ مطالعي جو ڪافي شوق هو. هن مختلف موضوعن سميت ڪرنٽ افيئر تي مضمون لکيا، جيڪي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا. سندس لکيل مضمونن جو هڪ ڪتاب "هاهر ڪندو هل" 2006ع ۾ پي.بي.ايف پبليڪيشن ڪراچيءَ طرفان ڇپيو.

انجنيئر عبدالعزيز ٻرڙو 1 ـ شعبان المعظم 1433ھ بمطابق 4 ـ جولاءِ 2011ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. کيس ڪراچيءَ ۾ ملير جي مشهور چوڪنڊي واري قبرستان ۾ دفنايو ويو.

سيد جيوڻ شاهه[1]:

سيد جيوڻ شاهه ولد سيد نجب علي شاهه 1295ھ/1878ع تي دادوءَ ۾ جنم ورتو. سيد جيوڻ شاهه عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم مولوي محمد ابراهيم عباسي سيالن واري کان ورتي. شاهه صاحب روزي ۽ نماز جو پابند ۽ متقي هو. جڏهن ترڪيءَ تي انگريزن قبضو ڪيو تہ هن انگريزن خلاف تحريڪ ۾ حصو ورتو. ساٿس گڏ محمد هاشم سومرو وڏيرو الهڃايو ميمڻ، محمد رمضان ميربحر ۽ ٻيا ڪيترائي ساٿي شامل هئا.

سيد جيوڻ شاهه مسجدن ۾ وڃي واعظ ڪندو ۽ تلقين ڪندو هو تہ انگريزن کان جان ڇڏائجي. هن چندا گڏ ڪري حسن علي آفنديءَ جي معرفت ترڪيءَ جي مالي مدد لاءِ موڪليا. سيد جيوڻ شاهه دادو ضلعي جي قيام لاءِ ڪوششون ورتيون. هن هڪ عاليشان مسجد به ٺهرائي جيڪا اڄ به جيوڻ شاهه مسجد جي نالي سان مشهور آهي. سيد جيوڻ شاهه 1361ھ/1942ع ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس پنهنجي جوڙايل مسجد جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو.

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

سيد لال شاهہ[1]:

خيرپورناٿن شاهہ جي نئين ٿهيءَ ۾ وڌيڪ مقبوليت رکندڙ سياسي ۽ سماجي اڳواڻ سيد لال شاهہ ولد حاجي جمن شاهہ 30_ مئي 1975ع تي سيدن جو ٽلهو ڳوٺ بهادر پور يونين ڪائونسل ڇوڙ قنبر تعلقو خيرپورناٿن شاهہ ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم جا شروعاتي 3 درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيا. چوٿون ۽ پنجون درجو بهادرپور لڳ ڳوٺ ماٿو خان چانڊئي مان پاس ڪيو. مٽرڪ 1992ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول گوزي تعلقي خيرپورناٿن شاهہ مان پاس ڪئي 1996ع ۾ انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپورناٿن شاهہ مان بي.اي(اڪنامڪس) 1996ع ۾ خيرپورناٿن شاهہ جي ڊگري ڪاليج مان ۽ ايم.اي(اڪنامڪس) سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان 1998ع ۾ پاس ڪئي. هن ايل.ايل.بي جي ڊگري 2003ع ۾ لاڙڪاڻي لا ڪاليج مان حاصل ڪئي.

سيد لال شاهہ عملي زندگيءَ جي شروعات وڪالت سان ڪئي هو سال 2008ع ۾ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي دادو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج جي آفيس دادوءَ ۾ ڊپٽي ڊسٽرڪٽ اٽارني مقرر ٿيو جتي هن 2008ع کان 2009ع تائين ٻه سال ڪم ڪيو. ان بعد ۾ هن هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت شروع ڪئي ۽ هن وقت تعلقي بار خيرپورناٿن شاهہ جو صدر آهي.

سيد لال شاهہ سياست جي شروعات سال 1996ع ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي پليٽفارم تان ڪئي هو 1998ع کان 2000ع تائين سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي دادوءَ جو صدر رهيو. 2000ع کان 2001ع تائين ساڳيءَ تنظيم جو مرڪزي نائب صدر رهيو. سال 2002ع کان 2005ع تائين عوامي تحريڪ ضلعي دادو جو صدر رهيو. ان دوران هن پاٽيءَ جي هٿرادو ڪوٽ خلاف ميونسپل پارڪ دادوءَ ۾ "پاٽي ڪانفرنس" ڪرائي جنهن ۾ سياسي شخصيتن سميت سنڌ جي نامور علمي ۽ ادبي شخصيتن شرڪت ڪئي. سيد لال شاهہ 2000ع کان 2003ع تائين شهري اتحاد خيرپورناٿن شاهہ جو جنرل سيڪريٽري به رهيو. هن 2000ع ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي پليٽفارم تان زڪوات جي غير قانوني ڪٽوتي خلاف خيرپورناٿن شاهہ جي ايس.ڊي.ايم ۽ مختيارڪار خلاف بک هڙتالون ۽ مظاهرا ڪيا. انهيءَ تحريڪ دوران سندس اڳواڻيءَ ۾ خيرپورناٿن شاهہ کان ڊي.سي آفيس دادو تائين مارچ ڪيو ويو. جنهن دوران هن کي گرفتار ڪري هن مهينن لاءِ ايم.پي.او تحت سينٽرل جيل دادوءَ ۾ بند ڪيو ويو.

سيد لال شاهہ عوامي تحريڪ جي پليٽفارم تان به هر وقت سرگرم رهيو. هو 2003ع ۾ پاٽيءَ جي هٿرادو ڪوٽ ۽ ڪالاباغ ڊيم رٽا خلاف پٽ شاهہ کان ڪراچيءَ تائين ٽيل لانگ مارچ ۾ شريڪ رهيو. هن انهيءَ اشوءَ تي تعلقي اندر ڳوٺن کان ڳوٺن تائين 17 شارٽ مارچ ڪيا. انهيءَ پاداش ۾ هن کي ايم.پي.او تحت 2_3 ڏينهن سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ رکيو ويو. ٻيو پيرو ساڳئي اشوءَ تي گورنر هائوس جي آڏو ڏرٽو هڙتالي گرفتار ٿيو. کيس ٻن ڏينهن لاءِ آرٽلري صدر ٽاٽي ۾ رکيو ويو. 2006ع ۾ عدليہ جي بحاليءَ لاءِ صدر پرويز مشرف خلاف جيڪا وڪيلن جي تحريڪ هلي ان ۾ سيد لال شاهہ وڏو سرگرم رهيو. ان تحريڪ ۾ هن کي گرفتار ڪري دادو سينٽرل جيل ۾ 15 ڏينهن لاءِ رکيو ويو.

2010ع تي جڏهن سنڌ ۾ عوامي جمهوري پارٽيءَ جو بنياد پيو تہ هيءَ ان نئين پارٽيءَ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ ضلعي دادو جو صدر منتخب ٿيو. 2010ع جي مهاپوڙ دوران سيد لال شاهہ عوامي جمهوري پارٽيءَ جي پليٽفارم تان ٻين دوستن_ نو نبي راهوجي نذير احمد کوسي سميت ٻين سائين سان گڏجي پارٽي قيادت جي سهڪار

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

سان خدا ڪي بستي ڪوٽڙيءَ ۾ اسپيشل چلڊرين اسڪول (معزور ٻارڙن جو) ۾ ٻوڏ متاثرين جي ڪيمپ قائم ڪئي ان اسڪول ۾ ٻوڏ متاثرن جي ٻارڙن کي تعليم ملندي رهي. هيءَ ڪيمپ لڳاتار 4 مهينا ڪم ڪندي رهي. هن ڪيمپ مختلف ڏيهي توٽي پرڏيهي اين جي اوز يءَ صاحب حيثيت ماڻهن جي سهڪار سان ٻوڏ متاثرن جي هر لحاظ کان سهائتا ڪئي. هن ڪيمپ ٻوڏ متاثرن کي تعليم سميت، کاڌي پيتي لٽي ڪپڙي يءَ ٻين روزمرهه جي شين يءَ ضرورتن جو سامان مهيا ڪري ڏيڻ جو اهڙو ته باترتيب يءَ منظم انداز ۾ مظاهرو ڪيو جو اها ڪيمپ هام شوري جي ٻين مڙني رليف ڪيمپن ۾ مثالي سمجهي وئي. اُن ئي ٻوڏ دوران خيرپورناٽن شاهه کي بچائڻ لاءِ عوامي جمهوري پارٽي "ٻوڏ بچاءِ ڪميٽي" ٺاهي يءَ سيد لال شاهه کي ان جو صدر مقرر ڪيو ويو. سيد لال شاهه خيرپورناٽن شاهه جي شهرين کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ اڳواڻ آگاهي ڏيندو رهيو. جڏهن ٻوڏ خيرپورناٽن شاهه کي نقصان رسايو تڏهن سيد لال شاهه پنهنجي تنظيمي ساٿين سان سلهاڙجي شهر مان پاڻيءَ جي نيڪال يءَ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ حيدرآباد ۾ سٽي گيٽ ڪان پريس ڪلب تائين هزارين ماڻهن تي مشتمل هڪ زبردست مارچ ڪرايو سيد لال شاهه هن مارچ ۾ مرڪزي قيادت سميت سرواٽيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. انهن ئي ڏينهن ۾ سندس اڳواٽيءَ ۾ ڪوٽڙي ڦاٽڪ تي ڌرٽو به هنيو ويو.

سيد لال شاهه عملي سياست سان گڏوگڏ سماجي ڪمن ۾ به نهايت اڳيرو رهيو آهي. هن 1998ع ۾ يقين شاهه روول سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن جو بنياد رکيو يءَ اُن ئي پليٽفارم تان پرائمري اسڪول يءَ ٽيوشن سينٽر کوليو. اهي ٻئي ادارا اڄا تائين هلن ٿا. انهيءَ سماجي تنظيم پاران سيد لال شاهه خيرپورناٽن شاهه ۾ بدامني يءَ فحاشيءَ جي خلاف ٻين دوستن سميت مظاهرو ڪيو جنهن جي ڏوهه ۾ هن کي چئن ڏينهن لاءِ جيل ۾ رکيو ويو. سيد لال شاهه خيرپورناٽن شاهه جي شهرين جي صحت واري معاملي جي حل لاءِ "Society for illuminations of injustice & poverty" نالي هڪ سماجي تنظيم جو بنياد رکيو يءَ هيءَ ان جو صدر ٽيو. سيد لال شاهه انهي سماجي تنظيم پاران هڪ ڪلينڪ هلائي جنهن کي انهيءَ اين جي اوز جي رکن ڊاڪٽر فرزانه جوکيو آهي. ڊاڪٽر صاحبه جو خاوند نعيم خالد جوکيو هن اين جي اوز جو جنرل سيڪريٽري آهي.

سيد لال شاهه جو ادبي حوالي سان به خيرپورناٽن شاهه ۾ چئو ڪم ٽيل آهي. هو پنهنجي هم خيال دوستن- نورنبي راهوجي، سجڙ ڪوسي، وقار ناٽن شاهي، واجد علي قاضي، رسول بخش بروهي يءَ ٻين سان گڏجي 2000ع تي خيرپورناٽن شاهه ۾ هڪ ادبي فورم قائم ڪيو يءَ ان پليٽفارم تان اديبن يءَ شاعرن سان رهاٽيون ملهايون يءَ ادبي ميڙاڪا ڪرايا. اهي پروگرام هر مهيني ٽيندا هئا يءَ گهٽو ڪري علي محمد خان گاڏهي لائبريريءَ ۾ ٽيندا هئا.

سيد لال شاهه 1998ع کان 2000ع دوران سنڌي ادبي سنگت شاخ خيرپورناٽن شاهه جو ميمبر به رهيو. هن هڪ ميمبر جي حيثيت ۾ پنهنجي شاخ طرفان تمام سٺا ادبي پروگرام ڪچهريون يءَ مشاعرا منعقد ڪرايا، جيڪي ان دور جا يادگار پروگرام ليکجن ٿا.

سيد لال شاهه جي مستقل رهائش خيرپورناٽن شاهه شهر ۾ آهي.

رسول بخش بروهي[1]:

رسول بخش بروهي ضلعي دادو جو مصروف سياسي اڳواڻ آهي. هو 1 - فيبروري 1953ع تي حاجي خدا بخش بروهيءَ جي گهر خيرپور ناٽن شاهه ۾ جائو. هن پرائمري تعليم 1963ع ۾ مئٽرڪ جي تعليم 1968ع ۾ انٽر

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

1972ع ۾ پنهنجي ضلعي ۾ حاصل ڪئي ان کان بعد هن بي اي 1985ع ۾ خانگي شاگرد جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي ايل ايل بي 2000ع ۾ لاڙڪاڻا ڪاليج ۾ پاس ڪئي

رسول بخش بروهي عملي زندگيءَ جي شروعات سال 1975ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ جي حيثيت ۾ ڪئي هن جي مقرري ايجوڪيشن ڪاليج سکر ۾ ٿي هوأتي هڪ سال ملازمت ڪري استعيفيٰ ڏيئي ذاتي ڪاروبار ۾ لڳي ويو.

هن سياست جي ابتدا 1976ع ۾ پيپلزپارٽيءَ جي پليٽ فارم تان ڪئي هن کي ڪي اين شاهه جو پريس سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. هن انهيءَ عهدي تي 8 مهينا ڪم ڪري پيپلزپارٽي جي سياست ڇڏي سال 1977ع ۾ عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيو. 1983ع ۾ ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ فيصلي تحت هن گرفتار ڏني. ڪيس 9 مهينا حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ رکيو ويو. سال 85 ـ 1984ع ۾ هو سنڌي هاري تحريڪ ضلعي دادو جو اڳواڻ رهيو. سال 88 ـ 1987ع دوران عوامي تحريڪ ضلعي دادو جو جنرل سيڪريٽري رهيو. سال 1984ع ۾ سنڌي هاري تحريڪ ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر رهيو. سال 1999ع ۾ سنڌي هاري تحريڪ جو مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهيو. هن جي ڪوشش سان 2011ع ۾ ضلعي دادوءَ ۾ وڪيلن جي حقن جي حاصلات لاءِ عوامي لاءِ يرز فورم جو بنياد پيو جنهن جو هو باني ميمبر ۽ پهريون صدر چونڊيو ويو.

رسول بخش بروهي سال 1976ع کان ولي مختلف ضلعي تحريڪن ۾ سرگرم رهيو آهي ۽ انهيءَ پاداش ۾ ڪافي پيرا جيل جون صعوبتون به سهي چڪو آهي. رسول بخش بروهي هن وقت قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهي ٿو.

جنگو خان جمالي:

جنگو خان جمالي ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي فوج جو لائق جرنيل هو. سندس نالي سان ڳوٺ، جوهيءَ جي ڏکڻ ۾ اٽڪل هڪ ڪلوميٽر جي پنڌ تي اڄ به موجود آهي. روايت آهي ته جوهيءَ جي ڪوسن جڏهن شورش برپا ڪئي، تڏهن ميان نصير محمد اُن بغاوت کي ڪچلڻ لاءِ جنگو خان جماليءَ جو انتخاب ڪيو جنهن پنهنجي فوج ولي ڪوسن کي سيکٽ ڏيئي کين مطيع ڪيو. انهن جنگين دوران هڪ محاورو "ڇڏ جوهي، وڃ لوهي" به عام ٿيو. ميان گاجي شاهه جي وفات کان پوءِ ميان نصير محمد لوهيءَ جي لک سنيالڻ لاءِ جنگو خان جمالي کي اتي مقرر ڪيو جتي هن 96ـ1693ع ڌاري وفات ڪئي. سندس آخري آرامگاهه نئين ڪليلي جي ڪناري تي ٺڪريءَ مٿان آهي. اهو قبرستان پڻ سندس نالي سان تر ۾ مشهور آهي. سندس نالي سان ڳوٺ جنگو خان جمالي اڄ به قائم آهي.

انجنيئر عبدالعزيز جوٽيجو[1]:

عبدالعزيز جوٽيجو 7 ـ ڊسمبر 1961ع تي حاجي امير بخش جوٽيجي جي گهر ۾ ڳوٺ علي بخش جوٽيجي تعلقي خيرپور ناٽن شاهه ۾ جائو. هن پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ علي بخش جوٽيجي ۾ حاصل ڪئي ۽ بعد ۾ پلبڪ هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ داخلا ورتي ۽ مئٽرڪ ۽ انٽر اتان پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ اين اي ڊي (N.E.D) يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي جتان بي اي (سول) جي ڊگري ورتي ۽ اريگيشن کاتي ۾ بطور ايس ڊي او پرتي ٿيو. بعد ۾ مختلف پوسٽن تي رهندو آيو. بعد ۾ ايڪسين (XEN) هالائيوب ويل ڊويزن ـ2 ٿيو.

---

[1] انسانيت جو خدمتگار ـ الحاج امير بخش خان جوٽيجو (حوالو جاڻايل آهي). تان ڪنيل (ايڊيٽر)

هو شخصي حوالي سان هڪ رحمدل ۽ پيار ڪندڙ انسان آهي. سندس خواهشون ۽ خيال به پنهنجي وڏڻ جي نقش قدم تي هلي عوام جي پاڻ لاءِ ڪم ڪرڻ وارا آهن. سندس شخصيت ۾ خلوص ۽ پنهنجائپ سمايل آهي. هن جو خاندان دادو ضلعي جي چٽني تعلقن ۾ سياسي طور اثر رکي ٿو.

عبدالعزيز جوٽيجو مختلف راندين جو شوقين ۽ ماهر به رهيو آهي. هيءُ 1976ع ۾ باسڪٽ بال ٽيم جو سنڌ سطح تي ڪئپٽن به رهيو آهي ۽ ملڪ اندر ڪيترين ئي ميچون به کيڏي چڪو آهي.

محمد حسن رستماڻي[1]:

محمد حسن رستماڻي ولد حاجي ڪرم علي رستماڻي 2 ـ اپريل 1911ع تي جوهي تعلقي جي ڪير ٿر زون جي ڳوٺ شير محمد رستماڻي ۾ جائو. هو 1970ع واري ڏهاڪي ۾ ڪاڇي جا رڻ پٽ جهاڳي نوابشاهه ويٺو جتي هن عظيم ڪالوني ۾ رهائش اختيار ڪئي. هو اڻ پڙهيل هاري هو تنهنڪري هن پنهنجي ٻچن کي شهر ۾ رهائي ڪين تعليم جي زيور سان آراسته ڪيو. هن نوابشاهه ۾ ديهه 89 نصرت ۽ ديهه 90 نصرت ۾ ڪجهه وقت پوکي راهي ڪئي. ڪجهه وقت بچيري ۾ رسول بخش ڪلهوڙي وٽ هارپ ڪئي. هن پنهنجي نياڻين کي پڻ جيان تعليم ڏياري غربت ۽ تنگدستيءَ باوجود هن جو هڪ فرزند ڪرم علي رستماڻي ايل.ايم.سي ۾ پڙهي ڊاڪٽر ٿيو. هڪ نياڻي کي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪمپيوٽر سائنس ۾ ماسٽر ڪرايائين. سندس پوٽين ۾ سونهن رستماڻي ايم.بي.اي ڪري اسڪالرشپ تي آمريڪا وڃي پينسيلوينيا جي ڪلرين يونيورسٽيءَ مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري واپس وري آهي.

محمد حسن رستماڻي مهمان نواز خوش اخلاق، خوش ڪردار انسان هو. هو انسانيت ۾ يقين رکندڙ انسان هو. هو لازوال قومي ۽ طبقاتي تحريڪ جو بهترين انسان هو. هن جي طبعيت ۾ قدرت واري اهڙو تہ رنگ رکيو هو جڏهن ڪو هڪ دفعو سائس مليو تہ پوءِ سڄي زندگي ڪيس نہ وساري سگهيو. سنڌ جي سياسي سماجي جدوجهد ۾ هو ڪيترن ئي موقعن تي ثابت قدم رهيو. سندس ڇهري تي سدائين پر بهار مُرڪ رهندي هئي. هو 10 ـ فيبروري 1989ع ۾ دل جي دوري پوڻ سبب وفات ڪري ويو. ڪيس اباڻي قبرستان تعلقي جوهيءَ ۾ دفنايو ويو.

ڏاڏون رستماڻي[1]:

ڏاڏون رستماڻي جي والد جو نالو فتح خان رستماڻي ۽ والده جو نالو زرني رستماڻي هو. سندس پيدائش 3 ـ مارچ 1926ع تي ڪيرٿر جبل جي شفاف آبشارن يعني "ست ڪلير" وٽ ٿي. سندس نندپڻ انگڻي ڇني ۽ جوهي تعلقي ۾ گذريو. سندس شادي قومي ڪارڪن محمد حسن رستماڻي سان ٿي. شاديءَ کان پوءِ گهڻو عرصو ڳوٺ شير محمد رستماڻي ڏيهه سوري تعلقي جوهيءَ ۾ گذريو هوءَ پنهنجي ڪٽنب سان گڏ نوابشاهه بچيري ۽ جام شوري ۾ به ڪافي عرصو رهي.

سنڌ جي سماجي، سياسي ۽ ماحولياتي تحفظ لا ڏاڏون رستماڻيءَ جي جدوجهد مثالي آهي. هوءَ سنڌ جي ڪاڇي ڪوهستان جي مظلوم مسڪين ماڻهن لاءِ پنهنجي زندگيءَ جي آخرين گهڙين تائين جدوجهد ڪندي رهي جيتوڻيڪ پاڻ اڻپڙهيل هئي پر پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪاڇي ڪوهستان کان لڏي ڪجهه وقت نوابشاهه ۾ رهائش اختيار ڪيائين. جتي پوءِ هيا پاڻ ڪري ٻارن کي تعليم ڏياريائين. ڪاڇي ۽ ڪوهستان کان ايندڙ بيمار

---

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

مريضن کي سول اسپتال نوابشاهه ۾ داخل ڪرائڻ، انهن جي تيمارداريءَ ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائيندي هئي.

هارين، مزدورن شاگردن ۽ عورتن جي حقن لاءِ مختلف وقتن تي پنهنجي سڄي ڪنبب سميت جدوجهد ۾ سيني سان شامل رهندڙ ڊاڪٽرن رستماڻي انساني ۽ جمهوري حقن لاءِ جدوجهد ۾ هر وقت شامل رهندي هئي. هوءَ وطن دوست بهادر عورت هئي. هوءَ انسان ذات جي خوشحاليءَ ۽ پلاڻي لاءِ درد رکندي هئي. سماجي تنظيم سنڌ گرين ڊيوپيلمينٽ آرگنائيزيشن جي ماحول دوست ۽ انسان دوست تحريڪ جي روح روان هئي. آمريت جي دور ۾ هڪ احتجاج دوران هن کي مٿي ۾ اهلڪارن هٿان هڪ ڊڪ لڳو هو جنهن سان سندس دماغ اندر زخم رسيو هو ان کان پوءِ هوءَ بيمار رهڻ لڳي هئي.

ڊاڪٽر رستماڻي 12 ـ ڊسمبر 2006ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي.

ميرٽيپو:

ميرٽيپو جو جنم ميهڙ لڳ ڳوٺ گهاڙي ۾ 15 ـ ڊسمبر 1946ع تي عبدالباقي ٽيپو جي گهر ۾ ٿيو. سندس والده بيگم بادام ناتوان سنڌ جي پهرئين خاتون افسانه نگار هئي. ننڍي وهيءَ کان قومي سياست جي شروعات ڪندڙ ميرٽيپو ڪميونسٽ پارٽي ۽ ان جي شاگرد ونگ "سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن" جو سرگرم اڳواڻ رهيو. ڪاپي ڏُر جي هڪ متحرڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ قومي جاڳرتا واري مقصد ماڻڻ خاطر ڪيترائي ڀيرا جيل پوگيا اٿس. لکڻ جي شروعات 1990ع کان ڪيائين. هڪ ناولٽ به لکيائين. جنهن مقبوليت حاصل ڪئي. ڪيترائي ترجما ڪيا اٿس. برڪ کهاڙيڪار "ماڻڪ" تي ڪيترائي آرٽيڪل لکيائين. سنڌ جي سياسي، سماجي مسئلن ۽ بين الاقوامي جديد رجحانن تي به اهم مضمون لکيا اٿس ۽ لکندو رهي ٿو.

غلام رسول عرف ڪامريڊ بگن چانڊيو[1]:

سنڌ جي مردم خيز مٽيءَ مان جنم ونڊندڙ ڪامريڊ غلام رسول عرف ڪامريڊ بگن چانڊئي 1948ع ۾ ڪاڇي جي هڪ غريب هاري الهندي خان چانڊئي جي گهر ۾ ميهڙ جي ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ جنم ورتو. هن جا وڏا اصل ڪاڇي جي ڳوٺ شيخ نوتيءَ جا رهاڪو هئا. جيڪي 1942ع واري مهاوڏ ۾ ميهڙ لڏي آيا. هن جو ننڍپڻ مٽي پيءَ گذاري ويو.

ڪامريڊ بگن چانڊئي ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول گاهي مهيسر ۾ حاصل ڪئي. عربي ۽ فارسي قاري محمد ڏيرو وٽ پڙهيو. پيءُ جي وفات ۽ غربت سبب اڳتي پڙهي نه سگهيو ۽ پنهنجي پائرن سان هارپو ڪرڻ لڳو. ڪامريڊ بگن چانڊيو گهڻ رخي شخصيت جا مالڪ 60 واري ڏهاڪي ۾ مشهور هاري اڳواڻ ڪامريڊ قاضي غفار نامياري اديب ۽ مترجم مرن محزون، انور ضياء عباسي سان دوستيءَ جو پيچ پائڻ بعد پاڻ سنڌي ادب ۽ تاريخ جو وڏو مطالعو ڪيائين. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ فاضل راهوءَ جي هاري هلچل کان متاثر ٿي ڳوٺن ۾ هارين ۽ مزدورن کي متحد ۽ منظم ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي ظلمن کان نجات ڏيارڻ لاءِ هن هارين کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جو سڏ ڏنو. ان سان گڏ ڪامريڊ بگن چانڊئي پنهنجي علاقي ۾ توهم پرستي، پير پرستي کي للڪاريو ڪڇي ۽ ڪاڇي جي ڳوٺن ۾ روڄي هن هارين سان ڪچهريون ڪري کين منظم ڪيو.

ڪامريڊ بگن چانڊيو باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي ۽ فاضل راهو جو وڏو عاشق هو هن کي لطيف

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

سائين جا ڪيترائي سُر معنيٰ ۽ مفهوم سان برزبان ياد هوندا هئا. قرآن مجيد، گيتا، انجيل تي به ڪيس وڏي دسترس حاصل هئي. ڪامريڊ بگن چانڊيو عملي انسان هو جنهن سماج جي ڪڍين ۽ مُڊي خارج ريتن رسمن جي خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو. مذهبي متيبد کان مٿيرو هيءُ صوفي لاڪوفي باگڙين ۽ پيلن سان گڏ ڪائيندو پيئندو هو. هو چوندو هو ته ڪوبہ انسان گهٽ نہ آهي. سمورا انسان پاڻ ۾ پائر آهن. هن ارڏي انسان وڏيرا شاهي ۽ پير پرستيءَ خلاف تمام وڏو جهاد ڪيو. علم و ادب ۽ فڪر ۾ تر اندر ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيا. ضيائي آمريت خلاف هلچل جو هيءُ ڪاهوڙي ڪردار اصول پسند ۽ گمنام سپاهي 25_ جنوري 2005ع شام جو 5:00 وڳي اسان کان هميشہ لاءِ موڪلائي ويو.

ممتاز علي پنڀ(1):

ممتاز علي پنڀ ولد محمد حيات پنڀ 27_ سيپٽمبر 1966ع تي ڳوٺ مينهون خان پنڀ ۾ ڄائو هن پرائمري پنج درجا پنهنجي ڳوٺ مان 1976ع ۾ پاس ڪيا. مٽرڪ گورنمينٽ پرمانند پائلٽ اسڪول دادو مان 1981ع ۾ پاس ڪئي. انٽر 1983ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان پاس ڪئي. 1993ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام مان ايم.ايس سي جي ڊگري حاصل ڪئي.

ممتاز علي پنڀ سياست جي شروعات 1983ع ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ جي پليٽفارم تان ڪئي. سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ دوران هو يونٽ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو بعد ۾ صدر به ٿيو. 1988ع ۾ هو سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿيو. 90_1989ع دوران مرڪزي سينئر جوائنٽ سيڪريٽري ٿيو. 91_1990ع دوران مرڪزي سيڪريٽري جنرل رهيو. مرڪزي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ هن تن ملڪن_ سائپرس، پارٽ ۽ بنگلاديش جو تعليمي دورو ڪيو. اهو دورو "ايشين استوڊنٽس ايسوسيئيشن" پاران ڪيائين. دراصل اها ايسوسيئيشن ايشيا جي 11 ملڪن جي 36 شاگرد تنظيمن جو هڪ اتحاد هو. جنهن ۾ سنڌي شاگرد تحريڪ به شامل هئي. S.S.T انهيءَ اتحاد جي ايڊيوڪيشن ڪميشن جي چيئرمن هئي ۽ پاڪستان جي جڳ مشهور اتحاد_ پاڪستان پروگريسو استوڊنٽس الائينس جي چيئرمن به هئي. هن تنظيم پاران ممتاز علي پنڀ پاڪستان جي وڏن ۽ اهم شهرن جا تعليمي دوران پڌ ڪيا.

ممتاز علي پنڀ 1991ع کان پوءِ سنڌي شاگرد تحريڪ کي الوداع ڪري پيپلز پارٽي (شهيد پٽو) ۾ شموليت اختيار ڪئي. هو اليڪشن 1997ع ۾ شهيد پٽو گروپ پاران دادو_ جوهي تڪ تان ايم.اين.اي جي اميدوار طور بيٺو. سندس مقابلو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻ رئيس محمد بخش جماليءَ سان ٿيو ان چونڊن ۾ ممتاز علي پنڀ 6 هزار ووٽن تان هارائي ويو.

ممتاز علي پنڀ ڪانٽريڪٽر هو. سرڪاري عمارتن جا ٺيڪا کڻندو هو هن ٺيڪن جي ابتدا 1989ع کان ڪئي. ممتاز علي 1991ع ڌاري قاسم آباد حيدرآباد ۾ رهائش اختيار ڪئي. هو طبعيت ۾ وڻندڙ خوش اخلاق، رحمدل نندڙن ۽ارڙن سان بيحد پيار ڪندڙ ۽ خاص طور تي ٻارڙن جي تعليم تي گهڻو سوچيندڙ ۽ لوچيندڙ ماڻهو هو. هن پنهنجي ڪيسي مان پنهنجي ڳوٺ ۽علاقي جي تعليم تي ڪافي سيمينار ڪرايا. غريب ٻارڙن کي يونيفارم، ڪتاب ۽ في جو بندوبست ڪري ڏنو. سندس تعليمي سرگرمين سبب هن جي قبيلي ۽ خاندان ۾ تعليم جي لاءِ چٽا پيٽيءَ وارو ماحول پيدا ٿيو ۽ تعليم يافتہ نوجوانن جو رجحان نوڪرين ۽ ڏنڊن ڏانهن وڌيو. هن قبيلي ۾ جيڪي ذاتي قبيلائي جهيڑا

ڪافي عرصي کان هلندڙ هئا. اهي انهن سياسي ۽ تعليمي سرگرمين سبب ختم ٿي ويا.

ممتاز علي پنڌ 7 ـ جون 1998ع تي ٽنڊوالهيار ـ نصرپور ريلوي ڦاٽڪ ڪراس ڪندي ريل حادثي ۾ وفات ڪري ويو. ٽنڊيو ياڻ وزير علي پنڌ به سائس گڏ هو. اهو به هن حادثي ۾ وفات ڪري ويو. بنهي کي دادوءَ ۾ پير سرفو جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

وزير علي پنڌ[1]:

سياسي ۽ سماجي اڳواڻ وزير علي پنڌ 1969ع ۾ محمد حيات پنڌ جي گهر، ڳوٺ مينهون خان پنڌ ۾ ڄائو. هن پرائمريءَ جي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان 1979ع ۾ پرائي. مٽرڪ، انٽر دادوءَ ۾ پڙهيو. 1987ع تي سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ داخلا ورتائين.

وزير علي پنڌ سياست جي شروعات، سنڌي شاگرد تحريڪ جي پليٽفارم تان 1985ع ڌاري ڪئي. هو انهن ڏينهن ۾ پنهنجي وڏي ياڻ ممتاز علي پنڌ سان گڏجي تعلقي دادو ۾ سياسي سرگرميون شروع ڪيون. تعلقي ليول کان پوءِ ضلعي سطح تي به ڪم ڪيائين. جڏهن سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي جام ۾ داخلا ورتائين. تہ اُتي به سنڌي شاگرد تحريڪ جي پليٽفارم تان شاگرد سياست ۾ وڏو سرگرم رهيو. سندس ڏينهن ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ 1990ع ۾ جشن لطيف منعقد ٿيو جنهن جو مهمان خاص رسول بخش پليجو هو ۽ صدارت نورنبي راهوجي ڪئي هئي.

وزير علي پنڌ پنهنجي ڳوٺ ۾ تعليمي حوالي سان پنهنجي وڏي ياڻ سان گڏجي ڪم ڪيو. وڏا وڏا سيمينار ۽ ورڪشاپ ڪرائي پنهنجي خاندان ۾ تعليمي رجحان پيدا ڪرڻ ۾ هاڪاري ڪردار ادا ڪيو. وزير علي پنڌ 7 ـ جون 1998ع تي وفات ڪري ويو سندس وفات ڪار حادثي ۾ ٿي. هو پنهنجي وڏي ياڻ ممتاز علي پنڌ سان ڪار ۾ ٽنڊوالهيار نصرپور ريلوي ڦاٽڪ ڪراس ڪري رهيو هو تہ سندس ڪار سان ريل جو ٽڪر ٿي پيو جنهن ۾ هي بئي پائر موقعي تي ئي وفات ڪري ويا.

وزير علي پنڌ کي ياڻ سميت دادو جي پير سرفو قبرستان ۾ دفنايو ويو.

❑

[1] ايڊيٽر پاران اضافو

سياسي تنظيمون

پاڪستان پيپلز پارٽي:

پارٽ ـ هميشہ پاڪستان کي نقصان پهچائڻ جون ڪوششون ڪندو آيو آهي ۽ پاڪستان کي هن دل سان قبول نہ ڪيو آهي. 1965ع ۾ پارٽ ڪشمير ۾ مداخلت شروع ڪري ڏني. ڪشميرين جو قتل عام ڪرايو. پاڪستان بار بار پارٽ کي ڪشمير ۾ مداخلت بند ڪرڻ جو مشورو ڏيندو رهيو. تڏهن بہ پارٽ ڪشمير ۾ مداخلت بند نہ ڪئي. 6 ـ سيپٽمبر 1965ع تي پارٽ بنا اعلان جنگ جي. رات جي تاريڪيءَ ۾ ڇهہ سؤ ٽينڪن جي مدد سان لاهور تي حملو ڪري ڏنو. پارٽ جي وزيراعظم شاستري ۽ وزير خارجہ سردار سورن سنگهہ اعلان ڪيو تہ لاهور فتح ڪرڻ کان پوءِ شالامار باغ ۾ جشن ملهائيندا سون. پارٽ جون فوجون ڇهہ سؤ ٽينڪن سان جڏهن راوي نديءَ جي پل وٽ پهتيون تہ پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ لاهور جا نوجوان پنهنجي وطن جو دفاع ڪندي جان سان بہ هٿي ٽينڪن اڳيان پاڻ کي اُڇلايو ۽ ان اوچتي حملي سبب پارٽ جون ڇهہ سؤ ٽينڪون تباهہ ٿي ويون ۽ پارٽ جا فوجي هراسجي پوئتي پجي ويا. ان ڏينهن 1:00 وڳي ريڊيو پاڪستان تي صدر ايوب اعلان ڪيو تہ پارٽ حملو ڪري ڏنو آهي. پاڪستان جا ڏهہ ڪروڙ عوام جن جي دلين ۾ 'لا اِلٰہ اِلا الله محمد رسول الله' جو ڪلمو دل ۾ سمايل آهي اُهي ان وقت تائين چين سان نہ ويهندا جيستائين دشمن جي توبن جا منهن هميشہ لاءِ خاموش نہ ٿي وڃن. اهڙي طرح 6 ـ سيپٽمبر کان 23 ـ سيپٽمبر 1965ع تائين جملي سترهن ڏينهن لڙائي هلي. جنهن ۾ پارٽ جا هڪ سؤ پنج هوائي جهاز ڪيرايا ويا ۽ هزارين ميل ايراضي تي مسلح فوج قبضو ڪري ورتو. پاڪستاني فوج سان گڏ قوم بہ ٻڌي ۽ ايڪي جو ثبوت ڏنو. پارٽ سان وڙهڻ لاءِ لکين نوجوان رضاڪارانہ خدمتون آڇيون. هن لڙائيءَ ۾ سنڌي قوم فوج سان گڏ هٿي رڻ ڪ۾ جي محاذ تي حُر مجاهدن معمولي هٿيارن هوندي بہ پارٽي فوج جا ڏند ڪٽا ڪري چڏيا ۽ رڻ ڪ۾ جي وڏي ايراضي تي قبضو ڪري ورتو. پارٽ ايڏي جاني ۽ مالي نقصان پوڻ تي پاڻ مرادو جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو. جنگ بنديءَ جي اعلان کي پاڪستان بہ قبول ڪري ورتو. جنگ بنديءَ جي ٽياڪڙي روس طرفان ڪئي وئي.

روسن ٽياڪڙي ڪندي ٻنهي ملڪن جي سربراهن کي روس اچڻ جي اپيل ڪئي. جنوري 1966ع تي گول ميز ڪانفرنس تي. ان ڪانفرنس ۾ اهو فيصلو ٿيو تہ ٻئي ملڪ جنگي قيدي واپس ڪن ۽ پاڪستان طرفان هزارين ميل پارٽ جي زمين تي ٿيل قبضو ختم ڪري پارٽ حوالي ڪيو وڃي. هن ڪانفرنس ۾ پارٽ جي نمائندگي وزيراعظم شاستري ۽ وزير خارجہ سردار سورن سنگهہ ڪئي. پاڪستان جي نمائندگي صدر ايوب ۽ وزير خارجہ ذوالفقار علي ڀٽي ڪئي. اهو فيصلو ٻڌي پارٽ جي وفد کي بيحد خوشي ٿي. 9 ـ جنوري 1966ع تي وزيراعظم شاستري انهيءَ خوشيءَ ۾ دل جي دوري سبب فوت ٿي ويو. ڇاڪاڻ جو وڃايل علاقو ۽ جنگي قيدي ميز تي ڳالهين ۾ حاصل ڪري ورتا. ان موقعي تي ذوالفقار علي ڀٽي صاحب صدر ايوب وٽ احتجاج ڪيو ۽ واپس اچي وزارت خارجہ تان استعيفيٰ ڏيئي چڏيائين ۽ صدر ايوب خلاف محاذ کڙو ڪري ڏنائين. شهيد ڀٽي هم خيال دوستن ۽ ساٿين سان صلاح مصلحت شروع ڪئي. جيئن صدر ايوب کان چوٽڪارو حاصل ڪجي.

30 ـ نومبر 1967ع تي سڃي پاڪستان مان دوستن ۽ ساٿين کي گهرايو جنهن ۾ جي. اي رحيم، مخدوم

محمد زمان طالب المولي، عبدالحفيظ پيرزادو، غلام مصطفيٰ جتوئي، غلام مصطفيٰ کو ملڪ معراج خالد، خورشيد ميمن، ڊاڪٽر مبشر حسن، معراج محمد خان، حيات محمد شير پاءُ، نواب گنبداپور، مير رسول بخش تالپر (شير سنڌ) ۽ بيا اڳواڻ شريڪ ٿيا ۽ 30 ـ نومبر 1967ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو ان کان پوءِ سڄي ملڪ ۾ تنظيم سازي ڪئي وئي. سنڌ ۾ مير رسول بخش تالپر کي سنڌ جو صدر مقرر ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ پٽي صاحب سڄي ملڪ ۾ طوفاني دورا ڪيا ۽ عام جلسا ڪيا ۽ صدر ايوب خلاف تحريڪ شروع ڪئي. آخر صدر ايوب صدارت تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي.

پاڪستان مسلم ليگ:

مسلم ليگ پاڪستان جي خالق جماعت آهي. قائداعظم محمد علي جناح جي قيادت ۾ هيءَ تنظيم پروان چڙهي، ملڪ جي گوشي گوشي ۾ هن تنظيم جون شاخون قائم ڪيون ويون. دادو ۾ به مسلم ليگ جي شاخ قائم ڪئي وئي. دادو جي عوام طرفان به جوش خروش سان جدوجهد ڪئي ۽ آخر ڪار 14 ـ آگسٽ 1947ع تي پاڪستان وجود ۾ آيو. قائداعظم محمد علي جناح جي وفات کان پوءِ هيءَ تنظيم جوڙ ٽوڙ جو شڪار ٿي وئي. صدر ايوب جي دور ۾ ٿي ڏڙا وجود ۾ اچي ويا. ڪائونسل مسلم ليگ جنهن جو سربراهه ممتاز محمد خان دولتانه هو. ڪنوينشن مسلم ليگ جو سربراهه صدر ايوب ۽ پاڪستان مسلم ليگ جو سربراهه خان عبدالقيوم خان هو.

ان کان پوءِ اڄ تائين مسلم ليگ جا ڪيترائي ڏڙا وجود ۾ اچي ويا آهن. نواز شريف پنهنجي نالي پٺيان (نواز ليگ) لکرايو ۽ ان جي پليٽ فارم تان چونڊ وڙهيو. پير صاحب پاڳاري به پنهنجو هڪ الڳ ڏڙو پاڪستان مسلم ليگ (فنڪشنل) جي نالي سان قائم ڪئي. صدر پرويز مشرف وري نئون تجربو ڪري پاڪستان مسلم ليگ (قائداعظم) گروپ تشڪيل ڏنو آهي. جنهن جو صدر چوڌري شجاعت کي مقرر ڪيو ويو. سال 2002ع ۾ سڀ ڏڙا گڏ ڪري مسلم ليگ جي نالي سان پارٽي کي منظم ڪيو ويو آهي. ٿوري وقت اندر پير پاڳارو الڳ ٿي ٻيهر پنهنجي مسلم ليگ کي منظم ڪري ڇڏيو آهي.

بهرحال دادو تعلقي ۾ مسلم ليگ جون ڪجهه شاخون ڪم ڪري رهيون آهن.

عوامي تحريڪ[1]:

سنڌ ۾ جمهوريت پسند ۽ عوامي دوست پارٽي عوامي تحريڪ جو بنياد سال 1970ع ۾ پرڳڙي هائوس حيدرآباد ۾ پيو. جنهن جو پهريون ڪنوينر (مرڪزي) حفيظ قريشي (سينيئر) ۽ سيڪريٽري جنرل (مرڪزي) رسول بخش پليجو مقرر ٿيو هيءَ تنظيم سنڌ اندر ڪم ڪندڙ مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن جي ڳڙيل سياسي ڌرهئي. جنهن جو مقصد ۽ نعرو ڳڙيل قيادت، قومي، عوامي جمهوري انقلاب، قومي طبقاتي جمهوريت ۽ سامراج مخالف جدوجهد هئي. هيءَ تنظيم خالص سنڌي ماڻهن تي مشتمل آهي.

ضلعي دادوءَ ۾ هن تنظيم جو پهريون ڪنوينر سعيد سولنگي هو. هن تنظيم کي پنهنجي شروعاتي دور ۾ ڪامريڊ محمد حسن رستماڻي، اصغر رستماڻي، ابراهيم رستماڻي، جمن لغاري، ڏوڏو رستماڻي، علي حسن برهماڻي، غلام قادر المعروف شينهن رند، بخش علي ينڊ، رسول بخش بروهي، وقار ناٿن شاهي، مختيار عباسي، شهاب عباسي، سليمان پنهور، غلام نبي ڪوسو ڪامريڊ بگن چانڊيو، سيف الله پرڳڙي، پير محمد مشوري، نورمحمد مشوري، نورنبي

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

راهوجو جهڙا قابل ۽ عوام دوست ماڻهو مليا. جن ضلعي اندر عوامي سجاڳي ۽ پورهيت هاري ماڻهن جي حقن جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ 1983ع ۾ هلايل مارشل لا مخالف تحريڪ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو جنهن سبب ان وقت عوامي تحريڪ کي عوامي توڙي سياسي ۽ صحافتي حلقن ۾ ڪافي پذيرائي ملي.

هن وقت عوامي تحريڪ ضلعي ۾ هيٺين ڏيلي تنظيمن ۾ ڪم ڪري رهي آهي:

(1) سجاڳ پار تحريڪ، (2) سنڌي شاگرد تحريڪ، (3) سنڌي گرلز اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن، (4) سنڌياڻي تحريڪ، (5) سنڌي مزدور تحريڪ، (6) سنڌي هاري تحريڪ

هنن سڀني تنظيمن جو سربراهه رسول بخش پليجو آهي. پر هن وقت عوامي تحريڪ (مرڪز) جو صدر اياز لطيف پليجو آهي.

عوامي جمهوري پارٽي[1]:

عوامي جمهوري پارٽيءَ جو بنياد تاريخ 8 ـ آگسٽ 2010ع تي انڊس هوٽل حيدرآباد ۾ رکيو ويو. هن پارٽيءَ ۾ سنڌ جي لکيل پڙهيل ۽ ماضيءَ ۾ جدوجهد مان پچي راس ٽيل ڪارڪنن جي وڏي اڪثريت شامل آهي. هن پارٽيءَ جي بنيادي نُڪتن ۾ اهم حيثيت سنڊس جمهوري اصولن کي حاصل آهي. جنهن موجب: (1) اختلافن باوجود گڏ هلڻ، (2) هر معاملي ۽ مسئلي تي ڪليل ۽ تفصيلي بحث ڪرڻ بعد اتفاق/اڪثريت راءِ سان فيصلا ڪرڻ (3) موروثيت ۽ ملوڪيت جي مخالفت ڪرڻ (4) ڪنهن به فرد جو شخصي نعرو نه هڻڻ، (5) گڏيل قيادت تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ (6) هر سطح جي عهديدار کي ساڳئي عهدي تي ٻه ڀيرا چونڊجي اچڻ کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعي جي وقفي لازمي هوندو. (7) هن تنظيم جي وڏي ۾ وڏي خوبي اها آهي ته سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ سڀ کان اهم ۽ بنيادي مسئلي 'تعليم' تي عملي جدوجهد ڪرڻ آهي. (8) هن تنظيم جو نعرو آهي ـ "تعليمي انقلاب سڀني انقلابن جو پيش خيمو آهي. بهتر تعليم سان ئي قوم جي تعمير ۽ ترقي ڪري سگهجي ٿي"

هن تنظيم پنهنجي ابتدائي سالن ۾ تعليم جهڙي مسئلي تي شارٽ مارچ، ميڊيم مارچ ۽ 30 ڏينهن جي عوامي تعليمي رابطا مهم هلائي سنڌ جي ننڍين وڏن شهرن ۾ ڪوڙن تائين رسائي حاصل ڪئي. جنهن سبب سنڌ جو اهلِ علم ۽ ساڃاهه وند ماڻهو هن پارٽيءَ کي سنڊس نڪتئه نظر ۽ عوامي جدوجهد سبب انتهائي قدر جي نگاهه سان ڏسي ٿو ۽ سنڊس تعليمي مهم ۾ عملي طرح هٿ وٽائي ٿو. هن تنظيم جو مرڪزي صدر ڪرم حسين وساڻ ۽ مرڪزي سيڪريٽري جنرل نورنبي راهوجو آهي.

دادو ضلعي ۾ هن تنظيم جو قيام سال 2010ع ۾ پيو. هن تنظيم جا يونٽ به چئن ئي تعلقن ۾ آهن. ضلعي جو پهريون صدر ايڊووڪيٽ سيد لال شاهه ۽ جنرل سيڪريٽري منظور مهيسر هو. هن وقت ضلعي صدر ايڊووڪيٽ اياز چانڊيو آهي. هن تنظيم جو دادو ضلعي ۽ سنڊس پسگردائيءَ ۾ چڱو چوکو حلقئه اثر آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽي (ش پ):

پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو گروپ) 15 ـ مارچ 1994ع تي وجود ۾ آئي. ان جو صدر مير مرتضيٰ ڀٽو هو. جڏهن ته ضلعي دادو جو صدر ڪامريڊ علي محمد جماليءَ کي مقرر ڪيو ويو جيڪو اڃان تائين صدارت جا فرائض سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو

سنڌ نيشنل فرنٽ:

سنڌ نيشنل فرنٽ جو سربراهه ممتاز علي پٺو آهي. هن تنظيم جون شاخون سڄيءَ سنڌ ۾ قائم ڪيون ويون آهن. دادو ۾ به هيءَ تنظيم ڪم ڪري رهي آهي. هن وقت سنڌ ۾ هن تنظيم مسلم ليگ (نواز گروپ) سان اتحاد ڪيو آهي.

جمعيت العلماء اسلام سنڌ:

جمعيت العلماء اسلام وفاقي سطح جي پارٽي آهي جنهن جو اڳواڻ مولانا فضل الرحمن آهي. سڄيءَ سنڌ ۾ هن تنظيم جا دفترِ يونٽ آهن. دادو ۾ به هيءَ تنظيم فعال آهي. مولانا منظور احمد سومرو دادو جو صدر آهي.

جماعت اسلامي:

جماعت اسلامي وفاقي تنظيم آهي. هن جو اڳواڻ مولانا مودودي مرحوم هو. دادو شهر ۾ به هن جي آفيس قائم هئي. پر هن وقت جماعت جون سرگرميون محدود ٿي ويون آهن.

جيئي سنڌ محاذ:

سائين جي. ايم سيد 18 ـ جون 1972ع ۾ سنڌو ديش جو نعرو هنيو ۽ جيئي سنڌ محاذ نالي پارٽيءَ جو بنياد وڌو. جيئي سنڌ قومي محاذ جا بنيادي نُڪتا هي آهن:

1. قومي پرستي، سيڪيولرزم، جمهوريت ۽ سوشلزم هوندا.
2. جيئي سنڌ قومي محاذ، سنڌ ملڪ جي قومي آزادي (سياسي، ثقافتي، اقتصادي ۽ جاگرافيائي آزادي) لاءِ قومي پڌريءَ قومي جذبو جهد ۾ ايمان رکي ٿو.
3. جيئي سنڌ قومي محاذ جو نصب العين، آزاد سنڌو ديش ۾ طبقاتي، نسلي، مذهبي، جنسي ۽ ٻئي هر قسم جي استحصال کان پاڪ قومي رياست جو قيام آهي.
4. جيئي سنڌ قومي محاذ، قومي آزادي ماڻڻ لاءِ سنڌي قوم جي هيئنئين ۽ وچولي طبقي کي اصلي ۽ متحرڪ قوت سمجهي ٿو.
5. جيئي سنڌ قومي محاذ، آزادي پسند زميندار ۽ محب وطن اسرندڙ قومي سرمائيدار کي پنهنجي اتحادي سگهه سمجهي ٿو.
6. جيئي سنڌ قومي محاذ، سنڌ جي قومي آزادي جي تحريڪ جو رهبر سائين جي.ايم.سيد کي سمجهي ٿو ۽ سندس سنڌو ديش جي آزاديءَ ۾ دنيا جي اتحاد امن ۽ ترقيءَ لاءِ ڏنل فڪر کي پيغام سنڌ جي.ايم.ازم جي اصطلاح ۾ اظهار ڪندو.
7. آزاد سنڌ رکڻ ۽ سمورا ملڪي وسيلا سنڌي قوم جي ترقي، تعمير ۽ تحفظ لاءِ ڪم آڻڻ.

1972ع کان جيئي سنڌ هلچل جي باني سائين جي.ايم.سيد جي فڪر جا فڪري پوئلڳ ڪردار ۽ شخصيتون جن ۾:

1. علي احمد قريشي وڪيل
2. مرحوم شوڪت سنڌي
3. ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ آريجو
4. غلام مصطفيٰ جانوري
5. اقبال پنهور
6. منير احمد ڪوريجو

7. مجيب الرحمن شيخ
8. سهراب مگسي
9. خان شيخ
10. حبيب الله ڪابورو
11. حبيب جمالي
12. اعجاز احمد شيخ
13. ولي محمد شاهه
14. ذوالفقار شيخ
15. منظور سخيراڻي
16. سڪندر اعظم مگسي
17. عمر الدين زرداري
18. پير مڱ
19. عاشق علي پتافي
20. بشير مگسي
21. مجيد مگسي
22. سڪندر مگسي
23. ضمير احمد ڪوريجو
24. جبل سنڌي
25. نظام الدين شيخ
26. غوث جهتيال
27. پير خان
28. وزير پٺي
29. ظفر ڪوريجو
30. عبدالرزاق پنهور
31. علي اڪبر نثار باغي
32. ڊاڪٽر نثار چارڻ
33. ڊاڪٽر نظير احمد چارڻ
34. ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ ڪوسو
35. سرفراز احمد ڪوسو
36. ڪبير احمد پنهور
37. عبدالڪريم ٻهر
38. الطاف سهاڳ
39. سرور سهاڳ
40. نبي بخش هالپوٽو
41. غلام حسين لُنڊ
42. نبي بخش هالپوٽو
43. سعيد احمد ٽڪو
44. مختيار علي خشڪ
45. روشن علي خشڪ
46. عزيز احمد ڪوسو
47. گلزار علي انصاري
48. غلام نبي لُنڊ
49. محمد هاشم لُنڊ
50. خان محمد ساڻي
51. نياز حسين پنهور
52. لياقت علي لغاري
53. روشن علي جهتيال
54. خادم حسين جويو
55. منور علي جهتيال
56. سڪندر علي جهتيال
57. شوڪت علي پنهور
58. ستايل ڪوسو
59. عبدالرحيم پنهور
60. سڪندر علي ڇڇڑو
61. سليم رضا ڪوريجو
62. شفيق احمد شيخ
63. علي خان جمالي
64. ذوالفقار علي ساڻي وڪيل
65. غلام رسول مگسي
66. شاهد حسين مگسي
67. غازي عاشق ڇهواڻ
68. اعجاز ميمڻ

69. محمد علي پنهور
70. مختيار علي پنهور
71. غلام رياسين چانڊيو
72. اقبال ديشي لاشاري
73. علي سنڌي جمالي
74. منير ديشي جمالي
75. غلام رسول زنئور
76. مجيب الرحمن پنهور
77. حبيب احمد ڪوريجو
78. خالد حسين پنهور
79. امر سنڌي ٿهيم
80. سني ڪمار بجاج
81. چندر لعل آسيجاڻي
82. سڪندر ڪوريجو
83. اڪبر علي ڪوريجو
84. مقبول احمد ملاح
85. اعجاز علي ڪوسو
86. اعظم ڪوسو
87. قاسم لغاري
88. ذوالفقار علي ڪوسو
89. عاشق دادوي
90. سيد قربان علي شاهه مرحوم
91. احمد پنهور
92. ممتاز علي پنهور
93. غفار پنهور
94. شاهنواز سومرو
95. آس رمضان پنهور
96. ظهير احمد پنهور
97. ذوالفقار علي ابڙو فقير
98. ڊاڪٽر ذوالفقار پنهور
99. محمد حيات پنهور
100. نياز احمد چنو
101. ڊاڪٽر خادم حسين لاکير ۽ پيا شامل آهن.

موجوده سرگرم دوست:

1. ڊاڪٽر عبدالجبار ٻهر
2. منصور احمد جمالي
3. غلام مصطفيٰ پنهور وريام سنڌي
4. محبوب علي لاشاري
5. سرفراز ڪوريجو
6. انجنيئر مير مقصود احمد چانڊيو
7. سردار الهه بخش ڇڇڙو

❑

مزاحمتي تحريڪون

بلاولي تحرڪ:

سنڌ ۾ جيڪي مزاحمتي تحريڪون هليون انهن ۾ دادو هميشہ اڳيرو رهيو آهي. انهن سڀني ۾ بلاولي تحريڪ کي نمايان حيثيت حاصل آهي. مخدوم بلاول جي زندگيءَ جو پورو احوال نہ ملي سگهيو آهي ليڪن روايتن مان ايترو معلوم ٿيو آهي ته هو ذات جو سمون ۽ ننڍي جي شاهي خاندان سان واسطو رکندڙ هو. سندس جنم جي درست تاريخ ملي نہ سگهي آهي. پر امڪان آهي ته هو 9 صدي هجريءَ جي پوئين اڌ ۾ جائو هو. انهي وقت تعليم جا مڪيہ مرڪز ننڍو سيوهڻ پات ۽ ٽلٹي وغيره هئا. مخدوم بلاول ابتدائي تعليم ننڍي مان حاصل ڪئي. پوءِ وڌيڪ تعليم ٽلٹي جي ڳوٺ ۾ مخدوم عمر وٽ اچي حاصل ڪئي. شادي بہ اتي ڪيائين. پوءِ باغبان ۾ اچي رهيو جتي سندس آخري آرام گاهہ آهي.

معلوم ٿئي ٿو ته هو مذهبي علوم، تفسير، فقہ ۽ حديث ۾ خاص ماهر هو. جنهن ڪري دور دراز پنڌ تان طالب علم وٽس علم پرائڻ ايندا هئا. شروع کان وٹي سلسلي طريقت ۾ دلچسپي وٺندو هو. جنهن ۾ هو جاڻائي ٿو ته سنڌ ۾ ان وقت ٽي مکيہ طريقت جا ادارا هئا: 1. قلندر شهباز ؒ، 2. مخدوم بلاول ؒ، 3. مخدوم نوح ؒ. مخدوم بلاول جا ڪيئي مکيہ خليفا هئا. جن مان مخدوم ساهڙ، سيد حيدر سنائي، مخدوم رڪن الدين، مخدوم حسين بلاولي، مخدوم سعد عرف مخدوم ساند، مخدوم هڪورو وغيره.

بدقسمتي سان ملفوظات يا مڪتوبات ضايع ٿي ويا آهن. مخدوم صاحب انهن بزرگن مان هو جن شريعت اسلام جي پيروي، صاحب طريقت لاءِ ضروري ٿي ڄاتي. جنهن ڪري هن جو توجهہ زياده تر عوام جي اخلاقي درستي ۽ نفسياتي اصلاح طرف هو. مخدوم جي طريقي جا مکيہ اصول هيئيان هئا:

1. صاحبِ طريقت کي معتقدن ۽ مريدن جو نذر نياز کان پاسو ڪري ڏنڊو ڪري گذر معاش اختيار ڪرڻ گهرجي.
2. مذهب ۽ سياست کي عليحده رکڻ ضروري آهي.
3. سندس گروهہ قوم پرستيءَ جي بنياد تي سنڌ دوستيءَ جو هو. ان وقت دستور هو ته مدرسہ يا ته حڪومت جي مدد تي هلندا هئا يا معتقدين ۽ مريدن جي نذر نياز تي هلندا هئا. اهي ٻئي طريقا نقص کان خالي نہ هئا. حڪومت جي مدد کين حاڪمن جو محتاج ٿي بنايو ۽ مريدن جي نذر نياز انهن کي گذر معاش جو ذريعو بنايو ٿي. ان ڪري هن ڪورڪو ڏنڊو اختيار ڪيو.

مخدوم بلاول کي اسلامي تعليم تي پوري دسترس هئي. ان ڪري ڪيس معلوم هو ته مذهب ۽ سياست جي گڏجڻ ڪري اڪثر عالمن وقت جي حاڪمن جو هٿيو بنجي اسلامي قانون کي مروڙي سندن حاڪمن جي مرضيءَ مطابق هلايو ڪيس پتو هو ته حاڪمن ۽ ملن سندن مستقل مفاد جي خلاف راءِ ڪي نہ صرف مذهب جي آڙ ۾ دٻايو هو پر ڪيترن ئي عالمن ۽ درويشن کي قتل ڪرايو هو. شمس تبريز ۽ منصور وغيره جا مثال سندس اڳيان هئا. ازانسواءِ ان وقت سندس چوطرف مسلمان حڪومتون هيون جن جون پاڻ ۾ سامراجي ۽ بين گروهي مفادن ڪري جنگيون ٿينديون هيون. جن کي هر گروهہ جي طرفدار عالمن جهاد جي فتوي ڏيئي جائز بلڪ لازمي ٺهرايو ٿئي. جنهن ڪري هزارين بلڪ لکين مسلمان انهن حاڪمن ۽ ملن جي ظلم جو شڪار بٹيا ٿئي. هن کي اهو بہ معلوم هو ته شريعت اسلام يعني فقهي معاملن ۾ مسلمانن اندر ڪيترائي فرقا ۽ گروهہ پيدا ٿي پيا هئا.

ان وقت سنڌ ۾ هندن جو خاصو تعداد هو اهي مڪاني تعلقات سبب سيني مسلمانن سان گڏجي ٻاهرين حملي آورن خلاف وڙهيا. سنڌ کي دهلي ۽ افغانستان جي مسلمان حاڪمن کان جنگين ۽ قرلٽ جو هميشه خطرو هوندو هو. مذهب ۽ سياست کي گڏڻ سبب قوميت جو بنياد مذهب تي بيهڻ وارو هو. مذهب ۽ حڪومتن جي طرفدار ايجنٽن ۽ ملڪي مفاد جي دشمنن کي مسلم قوم جي نالي ۾ سنڌ جي ملڪي مفاد خلاف غداري ڪرڻ جو هميشه امڪان هو. مٿي ذڪر ڪيل نُڪتہ نگاهہ صحيح اسلامي تعليم حقائق ۽ سنڌي مفاد جي خيال کان مخدوم بلاول مسلمانن جي جداگانہ قومي تصور کي غلط فرسوده ۽ غير اسلامي سمجهڻ لڳو. هن چوٽرف ڏنو تہ ڪي حاڪم مغل هئا، تہ ڪي ترڪ هئا، تہ ڪي وري ايراني هئا، تہ ڪي وري عرب، پر اهي سيئي مسلمان هئا. سندن گروهي مفاد خاطر جنگين کري ملڪ فتح کري قرلٽ ڪئي ٿي. ليڪن اهڙن ڪارنامن کي اسلام جي نالي ۾ جهاد سڏي اسلام جي سهڻي نالي تي ٽڪو لڳايو ٿي. ملن محمود غزنوي تيمور لنگ ۽ علاؤالدين خلجيءَ جي جنگين، قرلٽن ۽ قتل عام کي جهاد سڏي انهن کي غازين ۽ صاحب قران جا لقب ڏنا هئا. ان کان علاوه بني اميه بني عباسين ۽ ٻين مسلمان حاڪمن جا ڪارنامه ماڻهن جي اکين هئا. هو اهل نظر ۽ اهل دل هئڻ سبب اهڙين دعوائن کي اسلام جي نالي سان تعبير ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. مخدوم بلاول سنڌ ۾ جائو هو. منصف مزاج ۽ مهذب حاڪمن جي هٿ ۾ سنڌ جي حڪومت جي واڳ هئي. ان جي پر وارا راڻا ۽ گڏيل ملڪي مفاد کي معاون ۽ مددگار هئا. تنهن ڪري مخدوم بلاول ان نتيجي تي پهتو تہ سنڌ جا رهاڪو وطن، زبان، گڏيل ملڪي مفاد ۽ روايت جي نُڪتہ نگاهہ کان الڳ قوم آهن. مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو ڏارين مسلمان حڪمرانن جي سنڌ تي تسلط قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڏوڪو آهي. تنهنڪري هي پاڻ سندس خليفا ۽ نواب دريا خان انهيءَ نتيجي تي پهچڻ بعد مذهب جي نالي ۾ جملي مسلمانن کي هڪ گڏيل قوم تسليم ڪرڻ جي خلاف هئا. تاريخي حقيقتون ان جي خلاف ڏنيون هئائون. جڏهن سيد ميران محمد شاهہ جونپوري سن ۾ آيو ۽ مهدوي تحريڪ شروع ڪئي ۽ پاڻ کي مهدي سڏائي بيعت وٺڻ لڳو تہ ان نظريي کي سنڌي مفاد لاءِ نقصانڪار سمجهي ان جي مخالفت ڪري سيد ميران محمد شاهہ جونپوري جون پيڙيون سندس خليفي سيد حيدر شاهہ سنائي رحہ هٿان درياءَ ۾ هوڙائي چڏيون ۽ مهدوي تحريڪ کي سنڌ ۾ وڌيڪ پرچار ڪرڻ کي روڪي چڏيو[1]. هن کي افغانستان وڃڻ تي مجبور ڪيو.

---

[1] مهدوي تحريڪ، مخدوم بلاول جي خلاف نہ هئي. پر بلاول تحريڪ کي، مهدوي تحريڪ بابت ڪي خدشا هئا. جنهن جي بنياد تي سيد حيدر شاهہ سنائي اهڙو قدم کنيو. اها هڪ فطري ڳالهہ آهي تہ جڏهن ماڻهوءَ کي پنهنجن معتبر ذريعن وٽان پڪ ٿيندي آهي، تہ پوءِ هو پنهنجي بچاءَ ۾ ڪي قدم کڻندو آهي. جيڪي ڪيس ان وقت درست نظر ايندا آهن. سيد حيدر سنائي به ائين ئي ڪيو. پر امڪاني خطرن جو علم تہ فقط رب العزت کي ئي آهي. سيد حيدر سنائيءَ جو ڪنيل اهو قدم فائديمند ثابت نہ ٿيو بلڪ سندن تحريڪ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيو. هتي پڙهندڙن کي اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ مهدوي تحريڪ ڪنهن به ريت ڏارين جي طرفدار نہ هئي. هيءَ تحريڪ سنڌ ۾ ديسي حڪومت ناهڻ جي زبردست حامي هئي. سنڌ ۾ ان وقت مهدوي تحريڪ جي اُپرڻ کي بلاولي تحريڪ پنهنجي لاءِ خطرو سمجهي رهي هئي. پر جيڪڏهن انهن ڏينهن ۾ هتن پنهي تحريڪن جو اتحاد يا الحاق ٿي وڃي ها، تہ شايد سمن کان پوءِ ڏارين يعني ارغونن، ترخانن ۽ مغلن کي سنڌ ۾ اچي حڪومت ناهڻ جو وجهہ نہ ملي ها. جيستائين قاضي قادن جي مهدوي تحريڪ ۾ هجڻ وارو سوال آهي تہ اُهو به ڪافي منجهيل ۽ تحقيق طلب مسئلو آهي. هِن نُڪتي کي سمجهڻ لاءِ هيءَ ڳالهہ به زيرِغور ڪرڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو فرد، پنهنجي تنظيم/تحريڪ جي ضابطن ۽ قاعدن جي پيڪڙي ڪري ٿو تہ اُهو هڪ پاسي کان اُن تنظيم/تحريڪ جي آڏو جوابده هوندو آهي. تہ ٻئي پاسي کان اُن ڏُر جو به مجرم هوندو آهي. البتہ تنظيم اُن جي ڪردار ۽ ڪارنامي لاءِ متاثر ڏُر جي آڏو اصولاً جوابده نہ هوندي آهي. پر اُن هوندي به تنظيم/تحريڪ طرف آڱر ضرور کڄندي آهي. هتي قاضي قادن جو ملوث هجڻ هڪ ڏار معاملو آهي. هن کي مهدوي تحريڪ سان ملائي ڏسڻ نہ گهرجي. مخدوم بلاول باغبان جي شهادت ۾ مهدوي تحريڪ جي ملوث هجڻ جا ڪي به مستند ثبوت نہ ٿا ملن. اها هڪ مفروضي تي ٻڌل راءِ آهي. جنهن کي پوءِ اسان جي ڪجهہ مؤرخن بنياد بڻائي تشريحون ڪري تاريخ رقم ڪئي. هن لاءِ ڏسو: تاريخ مظهر شاهجهاني، تاريخ مير معصوم بکري ۽ تحفة الڪرام وغيره. (ايڊيٽر)

مخدوم بلاول کي خبر هئي ته سيئي مسلمان صحيح هئا ۽ نه وري سيئي غير مسلم ڪافر حق تي هئا. ڪيترائي غير مسلم خدا پرست صالح العمل هئا ۽ ڪيترائي مسلمان حڪمران ظالم ۽ غاصب هئا. ان ڪري هن سنڌين جي جداگانه قوم جي بنياد تي سنڌ جي سما حڪومت جي ارغونن خلاف مدد ڪئي. سندس معتقد ارغونن خلاف هنڌن سان گڏجي وڙهيا. جڏهن جام فيروز جي نااهلي ۽ دربار ۾ باهرين جي اثر ڪري نواب درياءِ خان وزارت کان باهر نڪتو ته ارغونن ملڪ فتح ڪندا ئٽي پهتا. آخري وقت ۾ نواب دريا خان سنڌ لاءِ لڙندي شهيد ٿي ويو. ان کان پوءِ نواب جي فرزندن موٽڻ خان ۽ محمود خان راڻي رٽمل ۽ جوتا سنگهه سوين سهتن ۽ مخدوم صاحب جي مريدن ٽلٽي ۾ ٻيو دفعو جنگ ڪئي جنهن ۾ سيڪ شهيد ٿي ويا. ان ويڙهه ۾ 47 ڏاريجا سردار به شهيد ٿي ويا. شاهه بيگ ارغون سنڌ فتح ڪئي پوءِ شهر توڙي ڳوٺ ويران ڪندو اڳتي وڌيو. هن ڏس ۾ قاضي قاضن اهم ڪردار ادا ڪيو. مخدوم بلاول سان صلح جي ڳالهين لاءِ ڪيس ڪتب آندو ويو. ليڪن مخدوم صاحب ڪيس ڪتو جواب ڏنو ۽ پنهنجي اصول تي اٽل رهيو ۽ غاصب ارغونن سان ناهه لاءِ راضي نه ٿيو.

مخدوم بلاول ارغونن جي حملن ۽ انهن سان مزاحمتي جنگ وڙهڻ لاءِ ٽلٽيءَ کي خير آباد چئي اچي باغبان ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي. جتي پنهنجي مريدن ۽ معتقدين کي درس و تدريس کان علاوه دشمنن تي منظم نموني سان حملن جون تياريون ڪرڻ لڳو. روايت آهي ته جڏهن مخدوم بلاول باغبان ۾ رهائش اختيار ڪئي ته ارغون مخدوم صاحب کي شهيد ڪرڻ لاءِ بهانا ڳولڻ لڳا. ان عرصي دوران مخدوم صاحب جا ڪي مريد ٽلٽي مان پيادل ساڻس ملڻ لاءِ اچي رهيا هئا. جڏهن اهي پير ڳڻيه ڳوٺ وٽ پهتا ته پنيان ارغونن جا ڪارندا گهوڙن تي ڊوڙندا پير ڳڻيه وٽ پهتا. جتي مخدوم صاحب جي مريدن ۽ ارغونن جي ڪارندن وچ ۾ ويڙهه ٿي. مخدوم صاحب جا مريد وڏي دليريءَ ۽ بهادريءَ سان وڙهيا. ان لڙائيءَ ۾ مخدوم صاحب جا 7 مريد شهيد ٿي ويا. جن جون مزارون اڄ به پير ڳڻيه مقام ۾ واقع آهن.

شاهه بيگ ارغون 22 شعبان مطابق 26 ـ جون تي وفات ڪئي. شاهه بيگ جي وفات کان پوءِ سندس پٽ مرزا شاهه حسن جانشين ٿيو. شاهه حسن جي دل ۾ حضرت مخدوم بلاول جو خوف هو ان ڪري هن سازش تيار ڪئي جنهن ۾ قاضي قادن ۽ مهدوي تحريڪ جا ڪجهه سرڪرده رهنماء شامل ڪيا. مخدوم بلاول صاحب هڪ عالم زاهد متقي پرهيزگار ۽ اثر رسوخ وارو هو. ان ڪري ڪيس قتل ڪرڻ جي انوکي سازش تيار ڪئي وئي. هڪ موچي کي لالچون ڏئي ان کي تيار ڪيو ويو. موچي هڪ جتي تيار ڪئي ۽ ان جي تري ۾ قرآن پاڪ جا ورق وڄهي گهمندو رهيو ۽ مخدوم صاحب کان پڇيائين ته جيڪو قرآن جي بي حرمتي ڪري ته ان کي ڪهڙي سزا ڏجي. مخدوم صاحب فرمايو ته اهڙي بي دين شخص کي جيئري گهاٽي ۾ پيڙايو وڃي. بس ان وقت موچي اها ساري حقيقت قاضي قاضن کي بيان ڪئي. قاضي سزا لاءِ اڳ ئي تيار ويٺو هو. مخدوم صاحب ان سازش کان واقف ٿي ويو ۽ هو سمجهي ويو ته شاهه حسن ارغون هن کي قتل ڪرڻ چاهي ٿو. هي قاضي عدالت ۽ فريادي سيڪ سازش جون ڪڙيون آهن. هو تقدير الاهيءَ تي راضي ٿيو. اهڙي طرح هن باعمل عالم ۽ قوم پرست رهنما کي 71 سالن جي ڄمار ۾ 2 ـ جنوري مطابق 1 محرم الحرام گهاٽي ۾ پيڙائي شهيد ڪيو ويو. سندس چڪنا چور جسم کي مٽ ۾ وجهي باغبان شهر ۾ جتي هن وقت سندس مزار آهي، تي دفن ڪيو ويو. بظاهر بلاولي تحريڪ کي دٻايو ويو مگر ان جو تسلسل اڄ تائين ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ري آهي.

ميانوال تحريڪ:

بلاول تحريڪ کان پوءِ وري ڌارين خلاف ميانوال تحريڪ شروع ٿي. ميانوال تحريڪ جيڪا ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي شروع ڪئي هئي، ان کي ميان شاهل محمد ڪلهوڙي کان پوءِ ميان نصير محمد ڪلهوڙي زور وٺرايو. سمن جي صاحبي ختم ٿيڻ بعد ارغونن، ترخانن ۽ مغلن سنڌ جي امن پسند سون ورني ڌرتيءَ کي هڪ ٻئي ٻنيان پنهنجي ملڪ گيريءَ هوس جو نشانو بڻايو. سيئي غاصب حڪمران ساڳئي نسل ساڳي هولي ڀالهائيندڙ هڪ ئي علاقي سان واسطو رکندڙ هئا. سنڌي قوم تي سنڌن ظلم جا عيني شاهد بکر، سيوهڻ ۽ ٺٽي جا اهي عظيم الشان ڪوٽ ۽ قلعا آهن، جتي هنن بهادر ۽ سرويچ ماڻهن جون جيئري ڪلون لهرائي. سنڌن لاشن کي مهينن جا مهينا اونڌو ٽنگي ڇڏيندا هئا ۽ کين خوني برجن تان درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيندا هئا. قرلٽ ڪرڻ امن پسندن تي حملا ڪري سنڌن گهرن کي اوچتو باهيون ڏيڻ عورتن جون عزتون لٽڻ، هنين هارن ۽ پيدوار جي اهم ذريعن تي قبضا ڪرڻ ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي عبرتناڪ ظلمن جي داستانن سان تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ ان دور جون ٻيون تاريخون هنن درنده صفت چنگيزي اولاد جي ذڪر سان پريون پيون آهن.

انهي دور جو ذڪر ڪندي دانشور محمد ابراهيم جويو صاحب لکي ٿو ته: "تقريباً پورا 2 سؤ سال سنڌ جا ماڻهو ائين ارغونن، ترخانن ۽ دهليءَ جا مغل سلطنت جي هيڪيءَ رت پياڪ گورنرن جي تسلط هيٺ پيسبا رهيا. سنڌي ماڻهن جون ڌڻي ۽ جسماني صلاحيتون بند هيون ۽ هنن جي هر قومي ٻڌي ۽ اظهار تي سنڌن هٿيليون ۽ ٻي قياس سنگينون ايٽيون ٽي ويون. هنن پهريائين هيءَ ڀالهہ ڪئي جو سنڌ کي ورهائي ٽڪر ٽڪر ڪيائون".

ارغونن ولايت سنڌ کي 6 سرڪارين ۽ مغلن ان کي 4 ملڪن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. هيءَ سڄو وقت هي يا هو سرڪار هن يا هُن ملڪ سرڪار سان وڙهندي رهي. مغل شهنشاهہ جيڪي پاڻ کي ظل الاهي ۽ ظل سبحاني سڏائي ديوان عام ۾ ديوان خاص ۾ شاهي مسند تي جلوه افروز ٿيندا هئا، تہ مجبور مسڪين عوام پنهنجا ڪنڌ جُهڪائي ٻيهندا هئا، ۽ بادشاهن کي سجدو ڪندا هئا. ميان آدم شاهہ ڪلهوڙي بغاوت ڪري ميانوال تحريڪ شروع ڪئي. ميانوال تحريڪ کي زور ونڊو ڏسي، مغل ڪيس گرفتار ڪرائي ملتان ۾ قتل ڪرائي ڇڏيو. ڪجهہ وقت هيءَ تحريڪ ڏبجي وئي، پر پوءِ به قيادت سندس اولاد ميان شاهل محمد ۽ ميان الياس محمد جي هٿ هيٺ رهي. ميان الياس محمد جي وفات بعد هيءَ تحريڪ ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي هٿ آئي. جنهن آزاديءَ جي جدوجهد کي وڌيڪ وسيع ڪيو. ميان نصير محمد ڪلهوڙي پنهنجي تحريڪ کي وسيع ڪرڻ ان کي انقلابي قوتن سان ڳنڍيڻ ۽ ڪارڪنن کي قربانين لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ ڪيترائي طريقا اختيار ڪيا.

ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ سڄي سنڌ تي مغلن جي حڪمراني هئي. ان ڪري مغلن کي تڙي ڪيڻ لاءِ ميانوال تحريڪ کي زور وٺايو. ميان نصير محمد پنهنجي ساٿين جن ۾ گاجي شاهہ شاهہ پنجو سلطان، فوجو فقير، خيرو ولاڻو جنگو جمالي، شاهہ گودڙيو، حيدر خان، يارو رند، بهليل شاهہ، بکر شهيد، نندو کوسو، يارو ريڙيار، جادو شهيد، تاجو فقير اونوال، بختيار خان، فيروز ويراڙ، ڪمال خان مشوري، فريد پاڻگٽ، فقير ميران وال، لڏو فقير لُنڊ، ميرڻ سولنگي، قتو فقير، الهداد فقير لُنڊ، ڏنگر پخالي فقير (ننگر) مگسي، ٽيوو فقير لاشاري، بلاول خان زرداي، هوت خان رند، گل محمد خان لغاري، دريا خان برهماڻي، تاجو فقير، فتوحل خان ڇڇرو، شهداد خان کهاوڙ گاجي کهاوڙ ۽ ٻيا ساٿي شامل آهن. جيڪي ميان سان گڏ مغلن ۽ پٺاڻن سان وڙهيا. اهڙي طرح ميان دين محمد ۽ ميان يار محمد جي دور ۾ به هي

تحريڪ جاري رهي ۽ اها تحريڪ مسلسل جاري رهي، جيڪا آخرڪار ميان نور محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي ۽ ميان نور محمد ڪلهوڙو سنڌ جو مڪمل خودمختيار حڪمران ثابت ٿيو سندس ئي دور ۾ سنڌ خوشحال ٿي.

خلافت تحريڪ:

ترڪيءَ جو ملڪ دنيا جي اهم اسلامي ملڪن ۾ شمار ٿيندو آهي. ترڪي جي حڪمرانن کي خليفو سڏيو ويندو هو. سڄيءَ دنيا جا اسلامي ملڪ ترڪيءَ کي پنهنجو 'خليفة المسلمين' سمجهندا هئا. جڏهن سندس حڪومت ختم ڪرڻ جا سانباها ڪيا ويا تہ سڄي اسلامي دنيا ۾ غم و غصي جي لهر پکڙجي وئي. ان جو اثر سنڌ تي به پيو. هر هنڌ احتجاجي جلسا ڪيا ويا. سنڌ ۾ تُرڪي ٽوپي جو عام رواج پئجي ويو. ننڍا وڏا ترڪي ٽوپي پائڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳا ۽ ترڪي جي خليفي سان يڪجهتيءَ جو اظهار ڪرڻ لڳا.

سڄي سنڌ جيان دادو ۾ به خلافت تحريڪ زور شور سان جاري رهي. مسجدن ۽ عبادت گاهن ۾ علماءِ ڪرام خلافت کي بچائڻ لاءِ تقريرن ذريعي آگاهي ڏيندا رهيا. دادو ۾ جن خلافت تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتو انهن ۾ مرحوم وڏيرو الله بچايو ميمڻ مرحوم محمد هاشم سومرو مرحوم سيد جيوڻ شاهہ مرحوم محمد پيرل ميمڻ مرحوم سهراب خان مگسي، محمد حسن ميمڻ ڪامريڊ دوارڪا داس، محمد رمضان ميربحر ۽ ٻيون شخصيتون شامل آهن. سهراب مگسي تحريڪ جي سلسلي ۾ وڃي رهيو هو تہ ڪيس رڪ اسٽيشن تي گرفتار ڪري ڪراچي جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪيس آزاد ڪيو ويو. وري گرفتار ڪري ڪيس 12 مهينا سزا ڏني وئي. سهراب خان مگسي کي قيد ڪري صابر متي جيل (انڊيا) ۾ وڌو ويو. جيل ۾ سندس ملاقات مهاتما گانڌي، مولانا شوڪت علي ۽ ٻين چوٽي جي سياستدانن سان ٿي. هن سان گڏ دوارڪا پرشاد به جيل ۾ گڏ هو.

خاڪسار تحريڪ:

انگريزن سنڌ تي هڪ سؤ سالن تائين حڪومت ڪئي. ان عرصي دوران انگريزن مسلمانن کي سياسي سماجي، معاشي، اقتصادي ۽ مذهبي لحاظ کان تباهہ ڪيو. سنڌ جي غدار ميرن پيرن وڏيرن ۽ رئيسن کي خوب نوازيو ويو. انهن کي زمينون جاگيرون جي صورت ۾ عطا ڪيون ويون. غدار ميرن، پيرن، وڏيرن ۽ رئيسن کي خانبهادر، رئيس بهادر، راءِ بهادر، خان صاحب ۽ سر جا لقب ڏنا ويا پر سنڌ جا ماڻهو مصيبتن ۾ مبتلا ٿيندا ويا.

جڏهن برصغير جي مسلمانن خاڪسار تحريڪ شروع ڪئي تہ سنڌ جي مسلمانن ان تحريڪ ۾ به حصو ورتو. سنڌ جي عوام سان گڏ دادو ۾ به هيءَ تحريڪ پرپور نموني سان شروع ٿي ۽ انگريزن خلاف پرپور مهم شروع ڪئي. ان ڪري انگريزن خاڪسار تحريڪ جي ڪيترن ئي اڳواڻن کي گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو. دادو شهر ۾ به هيءَ تحريڪ زور شور سان چالو رهي. دادو شهر مان تاج صحرائيءَ کي به گرفتار ڪري انڊيا جي دهلي جيل ۾ بند ڪيو ويو ۽ ڪيترائي مهينا هو جيل ۾ زير حراست رهيو.

1960ع جي ڏهاڪي واريون قوم پرست تحريڪون:

انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ ۽ مسلمانن لاءِ آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ جي مسلمانن وڏيون قربانيون سرانجام ڏنيون. سنڌ اسيمبلي واحد اسيمبلي هئي جنهن سڀ کان پهريائين ٺهراءِ بحال ڪيو تہ برصغير ۾ مسلمانن لاءِ الڳ وطن قائم ڪيو وڃي.

دادو ۾ انگريزن کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ تحريڪون زور شور سان چالو هيون. دادو ۾ برصغير جا چوٽي جا سياستدان شريڪ ٿيندا هئا. هندن جو ڏرم شالو جيڪو پوءِ طالب المولي هاءِ اسڪول جي نالي سان مشهور ٿيون جي ميدان تي جواهر لال نهرو به آيو ۽ زوردار تقرير ڪري انگريزن کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ٺهراءُ بحال ڪرايو. اهڙي طرح دادو شهر سياست جو ڪڙهه بنجي ويو. اڳتي هلي 14 ـ آگسٽ 1947ع تي پاڪستان وجود ۾ آيو. پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل قائداعظم محمد علي جناح بيمار رهڻ لڳو. اهڙي طرح 11 ـ سيپٽمبر 1948ع تي قائداعظم محمد علي جناح رحلت ڪري ويو.

قائداعظم جي رحلت بعد لياقت علي خان پاڪستان جو پهريون وزيراعظم مقرر ٿيو. لياقت علي خان جي وزيراعظم مقرر ٿيڻ شرط سنڌين سان نئين سر عقوبتون شروع ٿي ويون. سنڌين کي جاهل ۽ اڻ سڌريل قوم سڏيو ويو. سنڌين جي تهذيب کي اُڻن ۽ ڏاڇين چاريندڙن جي تهذيب کوڙيو ويو. ان ڪري سنڌين ۾ غم ۽ غصي جي لهر ڊوڙي وئي ۽ سنڌين کي هر سطح تي پوئتي ڌڪيو ويو. 1955ع تي سڀ صوبا ختم ڪري ون يونٽ جو طوق سنڌين جي ڳچيءَ ۾ وڌو ويو. سنڌين لاءِ ترقيءَ جا دروازا بند ڪيا ويا. سنڌين مٿان زمين ۽ جائيداد خريد ڪرڻ تي بندش وڌي وئي. صوبن کي ختم ڪري هڪ صوبو اولهه پاڪستان قائم ڪيو ويو ۽ بين صوبن جا ماڻهو خصوصاً پنجاب جا ماڻهو وڌي پيماني تي سنڌ ۾ آباد ٿيڻ لڳا. سنڌ جون زمينون رٽائرڊ فوجي جنرلن، سول بيوروڪريٽس ۽ پنجابي آبادگارن کي مفت يا پڳڙن تي ڏنيون ويون. هندستان مان لڏي آيل پناهه گيرن کي خوب ورسايو ويو. هتان جون زمينون ۽ جائيدادون مفت ۾ ڪوڙن ڪليمن ذريعي هندستاني پناهگيرن کي ڏنيون ويون. انهن جي رهائش لاءِ ڪراچيءَ ۾ خاص ڪالونيون ناهيون ويون.

27 ـ آڪٽوبر 1957ع تي صدر ايوب اقتدار تي قبضو ڪري فيلڊ مارشل ٿي ويهي رهيو. صدر ايوب جو دور اوناهون دور چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. صدر ايوب جي دور ۾ پنجابي ۽ پٺاڻ وڌي پئماني تي آباد ٿيڻ لڳا. سندس دور ۾ سنڌ جون زرخيز زمينون رٽائرڊ فوجي جنرلن کي انعامن ۽ اڪرامن ۾ مفت فراهم ڪيون ويون. اهڙي صورتحال ڏسي سنڌ جي ماڻهن ۾ اضطراب جي صورتحال پيدا ٿي وئي ۽ هو احتجاج ڪرڻ لڳا. 1960ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ جي قوم پرست تحريڪن زور ورتو. ون يونٽ خلاف تحريڪون شروع ڪري ڏنيون. مظاهرا، جلسا ۽ جلوس نڪرندا رهيا. انهن تحريڪن ۾ دادو جي نوجوانن ۾ پرپور حصو ورتو. دادو شهر ۾ ون يونٽ خلاف ڪيترن ئي شاگردن بڪ هڙتالون ڪيون. جن ۾ مولا بخش لغاري، حميد راهي ميمڻ، روشن علي سولنگي، پير بخش پنهور، محمد ابراهيم پنهور، احمد خان ملڪاڻي، شوڪت سنڌي، فاروق سولنگي، عبدالحميد قريشي، اعجاز قريشي ۽ بين ڪيترن ئي شاگردن بڪ هڙتالن ۾ مظاهرن ۾ حصو ورتو.

ان کان علاوه سنڌ ۾ جيڪي ووٽر لسٽون تيار ٿي رهيون هيون. اهي لسٽون صرف اردو ۾ تيار ڪيون پئي ويون. دادو جي شاگردن انهن جي سخت مزاحمت ڪئي. احتجاج ڪيا ۽ بک هڙتالون ڪيون. انهن ۾ مولا بخش لغاري، حميد راهي، اعجاز قريشي ۽ ٻيا شاگرد شامل هئا. انهن شاگردن جي احتجاجي مظاهرن ۽ بک هڙتالن جي ڪري سرڪار مجبور ٿي سنڌيءَ ۾ به ووٽر لسٽون شايع ڪيون. ان سان گڏ شاگردن جي اهم مطالبي کي قبول ڪندي، ون يونٽ توڙي صوبا بحال ڪيا ويا ۽ سنڌ جي اڳوٽي حيثيت بحال ڪئي وئي.

سنڌ ۾ ريلوي اسٽيشن تي صرف اردو ۽ انگريزي ۾ نالا لکيا ويندا هئا. سنڌ جي شاگردن ان خلاف سخت

احتجاج، مظاهرا ۽ بک هڙتالون ڪيون. آخر سرڪار مجبور ٿي استيشنن جا نالا اردو انگريزي سان گڏ سنڌي ۾ لکڻ شروع ڪيا. اهڙي طرح دادو شهر جا قوم پرست شاگرد پاڻ ملهائي تاريخ جو حصو بنجي ويا آهن. دادو ۾ جن قوم پرست اڳواڻن حمايت ڪئي ۽ خود اڇي شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي انهن ۾ سنڌ جي نامياري قومپرست سياستدان شهيد عوام محمد فاضل راهو ۽ اختر بلوچ به دادو ۾ اچي خطاب ڪيو ۽ شاگردن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

1960ع جي ڏهاڪي دوران جيئي سنڌ طرفان سنڌين تي ٿيندڙ ظلم ۽ ڏاڍ خلاف احتجاج بلند ڪيو. دادو شهر ۾ مرحوم شوڪت سنڌي احتجاجي جسن جلوسن ۽ بک هڙتالن جي حمايت ڪئي. نئين چونڪ تي سندس مٽائيءَ جو دڪان سياسي ڪارڪنن جو ڳڙهه هو. هميشه سياسي ڪارڪنن ۽ قوم پرست تنظيمن جا اڳواڻ ۽ شاگرد سندس دوڪان تي موجود رهندا هئا. ۽ سنڌ تي ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندا هئا. ان ڪري حڪومت مٿس سخت ناراض ٿي ۽ ڪيس گرفتار ڪري حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ وڌو ويو. سائين جي.ايم.سيد جو ساٿاري رهيو سائين جي.ايم.سيد 1970ع ۾ جيئي سنڌ محاذ ناهي الیکشن لڙڻ جو اعلان ڪيو ته مرحوم شوڪت سنڌي محاذ ۾ شامل ٿيو ۽ الیکشن ۾ محاذ جي اڳواڻن جي ڀرپور حمايت ڪئي ۽ زور شور سان ورڪ ڪئي.

سال 1965ع ۾ پاڪ ـ پارت وچ ۾ جنگ لڳي جا 6 ـ سيپٽمبر کان 23 ـ سيپٽمبر 1965ع تائين جاري رهي. هن جنگ ۾ هندستان کي جاني ۽ مالي نقصان ٿيو. هندستان جا 105 هوائي جهاز ڪيرايا ويا. رڻ ڪڇ جي محاذ تي حر مجاهدن هندستان جي فوجن جا ڏند ڪٽا ڪري ڇڏيا آخر هندستان مجبور ٿي جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو. پاڪستان جي فوج ۽ حر مجاهدن هندستان جي 5000 ميلن جي وسيع ايراضيءَ تي قبضو ڪري ورتو. روس مداخلت ڪري ٻنهي ملڪن جي سربراهن کي دعوت ڏني ته هو هڪ ميز تي ويهي جنگ جو ازالو ڪن. روس ٻنهي سربراهن کي تاشقند ۾ ڳالهين جي ڪوٽ ڏني. جتي هندستان جي وزيراعظم لال بهادر شاستري ۽ پاڪستان مان صدر ايوب ۽ وزير خارجہ ذوالفقار علي ڀٽو شريڪ ٿيا. روس زور رکيو ته پارت جا جنگي قيدي ۽ 5000 ميل فتح ڪيل علاقو هندستان جي حوالي ڪيو. جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب سخت مخالفت ڪئي. پارت هارايل بازي کٽي ورتي ۽ اهڙي خوشيءَ ۾ رات جو لال شاستريءَ کي دورو پيو ۽ تاشقند ۾ ئي پرلوڪ پڌاري ويو.

جناب ذوالفقار علي ڀٽو واپس ڀٽو ۽ صدر ايوب خلاف تحريڪ شروع ڪري ڏني. ان ڪري ڪيس گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. ڪجهه مهينن بعد ڪيس آزاد ڪيو ويو. جيل کان آزاد ٿيڻ بعد هن پاڪستان پيپلز پارٽي ناهي باقاعده ايوب خان خلاف تحريڪ زور سان شروع ڪئي. سڄي ملڪ ۾ هنگاما شروع ٿيا. دادو شهر ۾ به هيءَ تحريڪ زور سان شروع ٿي. دادو شهر مان محمد سليمان سميجو جيڪو ضلعي ڀڏپڏپ جو صدر هو ان سان گڏ غلام اڪبر قريشي وڪيل امام بخش گهرياڻي وڪيل ۽ بين وڪيلن احتجاجي جلسا ڪيا ۽ ان ۾ مطالبا ڪيا ويا ته صدر ايوب استعيفيٰ ڏئي. آخرڪار صدر ايوب استعيفيٰ ڏئي حڪومت جون واڳون آغا محمد يحييٰ خان جي حوالي ڪيون. جيڪو مارشل لا هٽي چيف مارشل ائڊمنسٽريٽر ٿي ويهي رهيو. جنهن واعدو ڪيو ته الیکشن ڪرائي حڪومت عوامي نمائندن جي حوالي ڪئي ويندي ان سان گڏ هن عوام جي ڀرپور مطالبي تي ون يونٽ توڙي صوبا بحال ڪيا ۽ سنڌ کي ساڳئي حالت ۾ بحال ڪري سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ڪراچي مقرر ڪيو. صدر يحييٰ خان 7 ڊسمبر 1970ع تي عام چونڊون ڪرايون. جنهن ۾ اولهه پاڪستان ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي اڪثريت سان ڪامياب ٿي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ وڏي اڪثريت ماڻي ڪامياب حاصل ڪئي. ليڪن صدر يحييٰ خان حڪومت جون واڳون عوامي نمائندن جي حوالي نه ڪيون. جنهن ڪري اوڀر پاڪستان ۾ خون ريز هنگاما شروع ٿي ويا. ان ڪري

يحييٰ خان عوامي ليگ تي بندش وڌهي شيخ مجيب الرحمن کي گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. اوپر پاڪستان ۾ فوج ڪشي ڪري ماڻهن کي اجتماعي قبرن ۾ دفن ڪيو. 3 لکن عورتن جي بي حرمتي ڪئي وئي. اهڙي صورتحال ڏسي هندستان مداخلت ڪئي ۽ 1971ع ۾ جنگ لڳي. جنهن ۾ پاڪستاني فوج هار کاڌي ۽ تقريباً 95000 فوجين هٿيار ڦٽا ڪيا. جنرل نيازي پاڪستاني فوج جو سربراهه هو. ان جنرل اروڙا اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري جنگ بنديءَ جو اعلان ڪيو. صبح جو ريڊيو تي يحييٰ خان اعلان ڪيو ته (هر ڀڻ ڪر مقابلا ڪرينگي) ليڪن شام جو هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ حڪومت جون واڳون ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي حوالي ڪري پاڻ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي.

ايم. آر. ڊي (تحريڪ بحالي جمهوريت):

جڏهن ڀٽي صاحب اقتدار سنڀاليو ان وقت ملڪ ۾ اڌ ٽي چڪو هو. مشرقي پاڪستان الڳ ٿي بنگلاديش بنجي ويو هو. ملڪي معيشت تباهه ٿي چڪي هئي. مختلف ڪارخانا هٿا. اهي ۾ بنگلاديش جي قبضي ۾ اچي ويا هٿا. مغربي پاڪستان ۾ صنعتي بحران پيدا ٿي ويو. اسان وٽ ڪوبه ڪارخانو نه هو. صورتحال اها هئي جو اسان کي سڀ شيون ٻاهران گهرائڻيون پئجي رهيون هيون. ٻيو ته ڇهيو پر ماچس به اسان کي ٻاهران گهرائڻا پئجي ويا. ان ڪري ڀٽي صاحب آمريڪا، چين جرمني ۽ ٻين ملڪن سان رابطا ڪيا. اسلامي ملڪن جا طوفاني دورا ڪيا. هڪڙي ڏينهن ۾ ٽن ٽن ملڪن جا دورا ڪري پاڪستان کي مشڪلاتن کان آجو ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي. ان ڪري پاڪستان ۾ صنعتي انقلاب برپا ٿي ويو. ملڪ ۾ صنعتن جو ڄار وڇايو ويو. ڪراچيءَ ۾ اسٽيل مل قائم ڪئي وئي. پاري مشينري گهرائي صنعتون قائم ڪيون ويون. ڪنڊ گيهه سيمينٽ هٿيار دوائن ۽ ڪپڙي جا ڪارخانا ۽ ٻيا ڪيترائي ڪارخانه قائم ڪيا ويا. روڊ رستن جو ڄار وڇايو ويو. سنڌ جي ماڻهن مان احساس محروميءَ ختم ڪري انهن کي فوجي پي. آءِ. اي ريلوي، ڪوسٽ گارڊ ۽ ٻين ڪيترن ئي مرڪزي ڪاتن ۾ پرتي ڪيو ويو. سنڌ جا نوجوان جيڪي گهر مان ٻاهر نڪرڻ کان ڪيهائيندا هٿا. اهي لاهور، راولپنڊي، اسلام آباد، پشاور کان علاوه دنيا جي گوشي گوشي ۾ پهچي ويا.

ڀٽي صاحب پنهنجي دور اقتدار ۾ ڪيترائي انقلابي قدم کنيا. زرعي اصلاحات نافذ ڪيا. صنعتي ادارا قومي ملڪيت ۾ ورتا. سرڪاري ملازمن جون ترقيون ڪيون ويون. سنڌ جي عوام کي شعور ڏنو ۽ حقن جي حاصلات جا اهل ٿي ويا. مسلمان هڪ پاڪستان ۾ سيڙپڪاريءَ لاءِ پنهنجا وسيلا ڪتب آڻڻ لڳا. مسلمان ملڪن جو الڳ بلاڪ ناهي هڪ هنڌ گڏ ڪيو. ٽين دنيا جي ملڪن جو الڳ بلاڪ ناهيو. ملڪ کي ايٽمي طاقت بنائڻ لاءِ فرانس کان جوهري توانائي حاصل ڪئي. ان ڪري آمريڪا جي صدر جمي ڪارٽر سخت مخالفت ڪئي. ڀٽي صاحب کي باز رکڻ لاءِ ڌمڪيون ڏنيون. تڏهن به ڀٽي صاحب پنهنجي ارادي تي اٽل رهيو. جمي ڪارٽر انتقام وٺڻ لاءِ مختلف بهانا ڳولڻ لڳو. 1977ع ۾ عام چونڊون ٿيون جنهن ۾ پيپلز پارٽي وڏيءَ اڪثريت سان ڪاميابي ماڻي. ليڪن مخالف پارٽين جي اتحاد پي. اين. اي (پاڪستان نيشنل الائنس) ڌاندلين جا الزام هڻي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو ۽ ملڪ ۾ هنگاما شروع ڪرايا. آمريڪا تحريڪ کي زور وڌائڻ لاءِ مخالف پارٽين جي پشت پناهي ڪئي.

سرمائيدارن ۽ صنعت ڪارن تجوڙين جا منهن کولي ڇڏيا ۽ ان ڪري هڪ نام نهاد تحريڪ جيڙ پوڻ تيڙن وڌندي رهي. ان تحريڪ جو فائدو وٺندي جنرل ضياءالحق 5 ـ جولاءِ 1977ع تي ڀٽي صاحب جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري اقتدار تي قبضو ڪري ويهي رهيو ۽ ان ڏينهن شام جو ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي اعلان ڪيو ته ڀٽي صاحب ۽ ان جي ٻين وزيرن ۽ صلاحڪارن کي تحفظ ۾ وٺي سهالا ريسٽ هائوس ۾ رکيو ويو آهي. حڪومت 90 ڏينهن اندر منصفاڻا ۽ شفاف چونڊون ڪرائي. اقتدار عوامي نمائندن جي حوالي ڪندي جنرل ضياءالحق اهڙا بار بار واعدا ڪندو رهيو ۽

مختلف حيلن بهانن سان اقتدار کي طول ڏيندو رهيو ۽ جنرل ضياء هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ پٽي صاحب تي ڪيس هلائي ان کي قاسي جي سزا ڏني لاهور هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس مولوي مشتاق احمد جنهن پٽي صاحب کي قاسي جي سزا ٻڌائي اهو تعصب پرست هو. پٽي صاحب ان جج تي ڪيترائي الزام هنيا ۽ ڪيس جي پيروي جو بائيڪاٽ ڪيو. تاهم مذڪوره چيف جسٽس پٽي صاحب جي ڪجهه به نه ٻڌي ۽ ڪيس قاسي جي سزا ڏني. قاسي جي سزا خلاف پاڪستان جي عوام خصوصاً سنڌ جي عوام طرفان پرپور احتجاج ڪيا ويا.

قاسي جي سزا خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي وئي. سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس ايس انوارالحق پڻ تعصب پرست جج هو. جنهن ست رڪني ڪاميٽي تشڪيل ڏني ۽ 7 جج پٽي صاحب جي اپيل ٻڌندا هئا. انهن ججن ۾ 4 جج پنجاب مان ۽ باقي 3 جج سنڌ سرحد ۽ بلوچستان مان کنيا ويا. چيف جسٽس ڪيس هلائي پٽي صاحب کي ڏنل قاسي واري سزا بحال رکي. انهن ججن مان 3 ججن اختلافي فيصلو ڏنو جيڪو پٽي صاحب جي حمايت ۾ لکيو ويو. 3 ججن ۾ جسٽس دراب پٽيل جسٽس صفدر شاهه به شامل هئا. پٽي صاحب کي جڏهن سپريم ڪورٽ قاسي ڏني سياسي سماجي ۽ ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن وڪيلن ڊاڪٽرن ۽ هر مڪتبہ فڪر جي شخصيتن پٽي صاحب جي ڏنل سزا کي غير قانوني قرار ڏنو ۽ جنرل ضياء کي اپيل ڪئي ته قاسيءَ جي سزا کي معطل ڪيو ويو. دنيا جي سڀني سربراهن جن ۾ لبيا جي ڪرنل قذافي. شام جي حافظ اسد. چين. روس. برطانيہ. ايران. هندستان جي اڳوڻي وزيراعظم اندرا گانڌي. ياسر عرفات ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمي سربراهن اپيل ڪئي. ليڪن جنرل ضياء سڀ اپيلون ٽڏي ڇڏيون ۽ زور پريو ته پٽي طرفان يا سندس خاندان طرفان اپيل ڪئي وڃي. ليڪن پٽي صاحب سڀني کي منع ڪئي ته ڪوبہ منهنجو فرد هڪ ظالم ۽ آمر کي اپيل نه ڪندو. اهڙي طرح هڪ بهادر سنڌي سپوت موت کي ڪلندي ڳلي لڳايو ۽ 4-اپريل 1979ع تي رات جي تاريڪيءَ ۾ 4 بجي ڪيس ڦاهي ڏني وئي. سڄي دنيا جي اپيلن کي ٺڪرائي جنرل ضياء ظالم ۽ آمرن جي لسٽ ۾ پنهنجي نالي جو اضافو ڪيو. ٻئي طرف پٽي صاحب هڪ ظالم جابر جي اڳيان پنهنجو سر نه جهڪايو ۽ بهادرن ۽ سرفروشن جي لسٽ ۾ پنهنجو نالو داخل ڪرائي امر بنجي ويو.

پٽي صاحب جي قاسي تي پاڪستان جي عوام خصوصاً سنڌ جي عوام ۾ ڏک جي لهر ڊوڙي وئي. پٽي صاحب جي شهادت تي سنڌ جي ماڻهن ۾ روڄ راڙو پئجي ويو. گهرن ۾ چُلهه نه ٻري ماڻهن کي اوچنگارون ڏيندي ڏٺو ويو. ڪيترائي احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا. ڪيترن ئي ڪارڪنن پاڻ کي باهه ڏئي ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي. 4-اپريل 1979ع تي 11 بجي ريڊيو پاڪستان تان جڏهن سنڌي ۾ خبرون نشر ٿي رهيون هيون ته نيوز ڪاسٽر هڏڪيون ڏيندي خبرون پڙهي رهيو هو. اها صورتحال پوري ملڪ ۾ هئي. ڪيترن شهرن ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ پٽي صاحب جي غائبانہ جنازي نماز ادا ڪئي وئي. دادو شهر ۾ به لال هنڊي مقام واري عيد گاهه ۾ غائبانہ جنازي نماز ادا ڪئي وئي. جنهن ۾ دادو ۽ آس پاس جي هزارين سوڳوارن غائبانہ جنازي نماز ادا ڪئي. غائبانہ جنازي نماز مولوي عبدالرحمن پنهور پڙهائي. غائبانہ جنازي نماز پڙهڻ کان روڪڻ لاءِ پوليس رينجرس ۽ فوج جا جٿا بيهاريا ويا ۽ عيد گاهه جي چوڌاري رينجرس بيهاري وئي. ايتري سختيءَ ۾ تاريخي نماز ادا ڪئي وئي.

پٽي صاحب جي شهادت بعد مارشل لا جا ڪارا قانون نافذ ڪيا ويا. قاسي ڏنڪا ۽ ڳريون سزائون ڏنيون ويون سياسي ڪارڪنن کي سرعام ڏنڪا هنيا ويا ۽ انهن سزائن جي ميڊيا ذريعي تشهير ڪئي وئي. دهشتگريءَ جو ڇار وڇايو ويو. سياسي سرگرمين تي پابندي وڌي وئي. خصوصاً پيپلز پارٽي جي اڳواڻن کي ته عتاب جو نشانو بنايو ويو. بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ کي بار بار جيل جي حوالي ڪيو ويو. تاهم پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن

ضياء شاهي جي ظلمن جو جوانمردي سان مهاڏو اٽڪايو. ضياء شاهي جا ظلم ڏينهون ڏينهن وڌندا رهيا. ان ڪري سياستدانن گڏجي ايم.آر.ڊي (تحريڪ بحالي جمهوريت) جي نالي سان هڪ تحريڪ وجود ۾ آئي ۽ ان پليٽ فارم تان ضياء خلاف تحريڪ هلائڻ جو فيصلو ڪيو. 14 ـ آگسٽ 1983ع تي ايم.آر.ڊي تحريڪ شروع ٿي. سڄي ملڪ جيان دادو ۾ پڻ هي تحريڪ زور شور سان چالو ٿي 14 ـ آگسٽ تي جلوس جي شڪل ۾ دادو جي اڳواڻن گرفتاريون پيش ڪيون. جلوس ۾ پرجوش ڪارڪنن ٻڌڪن. آفيسن جا در دريون سائن بورڊ ٽوڙي رکارڊ تباهه ڪري چڏيو پوسٽ آفيس. سيشن ڪورٽ ۽ پين آفيسن جو گهيراءُ ڪيو. ايم.آر.ڊي تحريڪ 14 ـ آگسٽ کان شروع ٿي. جيڪا مسلسل وڌندي رهي. پرجوش مظاهرا شروع ٿيا. ايم.آر.ڊي تحريڪ ۾ دادو ضلعو تحريڪ جو ڳڙهه بنجي ويو. تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ حڪومت انڌا ڌنڌ گرفتاريون ڪيون ۽ دادو ۾ پوليس ۽ فرنٽيئر ڪنسٽيبلري درميان فائرنگ جي ڏي وٺ ڪئي. جنهن ۾ 2 سپاهي زخمي ٿي پيا. جن مان هڪ سپاهي موقعي تي فوت ٿي ويو. پوليس ۽ انتظاميه سان مهاڏو اٽڪائڻ ۾ جنرل ضياءالحق جي آمريت خلاف سخت مزاحمت ڪرڻ کان پوءِ ئي دادو تي "سنڌ جو ويٽنام" نالو پيو.

خيرپور ناٿن شاهه مورو بدين. ٽنڊو. لاڙڪاڻو. لاکاڻ ۽ پين شهرن ۾ فوج جي فائرنگ سان ڪيترائي ڪارڪن فوت ۽ زخمي ٿيا. دادو شهر ۾ ڪالو ملاح نالي شاگرد فوت ٿي ويو. مورو شهر ۾ پوليس ۽ ڪارڪن جي دوبدو فائرنگ ۾ 6 سپاهي مارجي ويا. سڪرنڊ پر سان ڀوڻ پنهل خان چانڊيي وٽ قومي شاراهه تي پڻ فوج جي هٿان 16 جوان شهيد ٿي ويا جيڪي جمهوريت جي بحالي لاءِ روڊ تي قرآن خواني ڪري رهيا هئا.

14 ـ آگسٽ 1983ع تي تحريڪ شروع ٿي ته جلوس جي شڪل ۾ اڳواڻن ڪارڪنن ۽ عام ماڻهن روزانه گرفتاريون پيش ڪيون. جن ۾ پير مظهرالحق شاهنواز سيد مٺل شاهه. پريل برماڻي. امام بخش گهرياڻي. گل محمد جويو. علي بخش سولنگي. دادن پنڌ. حبيب الله سولنگي. علي محمد سومرو. ڪامريڊ علي محمد برهماڻي. شوڪت پنڌ. غلام شبير ابڙو. غلام حسين سومرو. ٺارو خان چانڊيو. حاجي آدم سولنگي. رشيد چارڻ. عاشق حسين جتوئي. محمد علي سولنگي. حاجي خان سولنگي. مجيد پٽو. جمالي عبدالمجيد ميمڻ وڪيل. عبدالرحمن جمالي. قربان سولنگي. اڪ چارڻ. عاشق حسين جتوئي. جان محمد برهماڻي. حاجي ظفر لغاري. رئيس نبن خان لُنڊ. شمس الدين برهماڻي. وفا برهماڻي. بشير ٺهيم. عباس ڪابورو. علي نواز سولنگي. سيف الله پنهور. عبدالعزيز شيخ. بخشل پنهور. يوسف سولنگي. محمد خان لُنڊ. واحد بخش سرهيو. علي احمد پليپوٽو. بخشل گوريلو. امام بخش قنبراني. مجاهد. سومر سولنگي. راجا بشير ڀگهيو. قنبر علي لغاري. سردار لغاري. شفيع محمد ميمڻ وڪيل. ڪلثوم چانڊيو. رخسانه ميمڻ (سيوهڻ) رشيده پنهور. مختيار عباسي. شهاب عباسي. سيف الله پرڳڙي. عطا محمد راهوجو. رسول بخش بروهي. غلام رسول ٺهيم. محمد عرس لغاري. محمد عرس پير. غلام قادر شينهن رند. رمضان گوپانگ. ڪامورو رستماڻي. حاجي خان سمو ۽ پيا شامل هئا. ان سان گڏ هڪ پوليس جو جمعدار ممتاز ميمڻ سنڌين تي ٽيندڙ ظلم ڏسي استعيفيٰ ڏيئي. اسلحو ۽ وردي ٽاڻي ۾ جمع ڪرائي ۾ شامل ٿي ويو. (نوٽ ممتاز علي ميمڻ هن وقت تائين نوڪري ۾ هجي ها ته گهٽ ۾ گهٽ ڊي ايس پي جي عهدي تي هجي ها) پر افسوس جو 2 دفعا پيپلز پارٽي کي حڪومت ملي. پر هن مجاهد طرف ڪنهن به توجهه نه ڏنو. ممتاز علي ميمڻ هن وقت ڏهني طرح مفلوج ٿي چڪو آهي.

اهڙي طرح سنڌ جا جيل پيپلز پارٽي. عوامي تحريڪ. جمعيت العلماءِ اسلام جي ڪارڪنن عام ماڻهن سان پرجي ويا. اهڙي صورتحال کي پرکڻ لاءِ جنرل ضياء سنڌ جي وگوڙ وارن علاقن جو دورو ڪيو. جڏهن دادو جي دوري تي صبح جو اڇڻو هو ته راتو واهه ميچريل ڪارڪنن ۽ ڪتن تي آمر جا نالا لکي شهر ۾ چڏي ڏنا. ايجنسين جا ماڻهو

ڪتن ۾ گڏهن کي ڊوڙائيندا رهيا. صبح جو هيليڪاپٽر جڏهن نمودار ٿيو تہ سڄي شهر مان ٽوڪڻا هوا ۾ اڏاريا ويا. جنهن ڪري ضياء جو هيليڪاپٽر شهر تي لامارا ڏيندو رهيو. اهڙي ماحول ۾ ضياء جو هيليڪاپٽر پوليس هيڊ ڪوارٽر تي لٿو ۽ اتان ريسٽ هائوس طرف روانو ٿيو. روڊ جي ٻنهي طرفن کان هزارين مظاهرين ضياء جي گاڏي تي پٿر ٽڪر ڇيڙا ۽ آلي مٽي اڇلائي ڪيترائي ڪارڪن اگهاڙا ٿي پنهنجي نفرت جو اظهار ڪيو. مجريل ڪارڪنن جو جلسو وڏندو رهيو. مجريل ڪارڪنن جي هٿن ۾ ڏنڊا ۽ ڏنگهر هئا. اهو جلوس جڏهن ايس. پي چوڪ وٽ پهتو تہ پوليس انهن کي چڙوچڙ ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي ۽ طاقت جو مظاهرو ڪيو. پوليس ۽ مجريل ماڻهن جي چڪرين دوران ايس.پي خادم حسين پليجو ۽ ايس. ايڇ. او دادو کي دوروپيو جنهن ۾ ايس.ايڇ.او فوت ٿي ويو. جنرل ضياء چند منٽ تقرير ڪري وري به ساڳي رستي تان واپس ويو تہ ان وقت به سائٽس اها ساڳي صورتحال رهي. وري ايم. آر.ڊي جي اڳواڻن 1986ع ۾ ٻيهر[1] تحريڪ شروع ڪئي جنهن ۾ دادو جي دلير ڪارڪنن کي گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو ويو.

سڄي دادو ضلعي ۾ ايم. آر.ڊي تحريڪ جي وڏندڙ اثر ۽ عوامي مزاحمت سبب مارشل لا اٿارٽي جا اعليٰ اهلڪار سخت پريشاني واري عالم ۾ مچرجي پيا ۽ هٿين خالي عوام تي شيلنگ لائي چارج ۽ فائرنگ ڪرائڻ لڳا. شهرن ۾ خوف ۽ حراس پيدا ڪرڻ لاءِ بيگناهه ۽ غير متعلقہ ماڻهن کي زوريءَ گرفتار ڪري ٽائٽن ۽ جيلن حوالي ڪرڻ لڳا. ايستائين جو دادو شهر کان ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي واقع ننڊڙي ڳوٺ احمد خان برهماڻي تي پاڪستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو راڪيٽ لانچر فائر ڪيا ويا. جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي پرامن ڳوٺاڻا شهيد ۽ زخمي ٿيا. ساڳيءَ ريت خيرپور ناٿن شاهه ۾ پڻ پرامن شهرين جي هڪ وڏي جلوس تي فوجي آمريت ايل.ايم.جي جا سوين رائونڊ فائر ڪري نون (9) پرامن شهرين کي شهيد ۽ سوين مردن ۽ ڪيترين ئي عورتن کي زخمي ڪري ڇڏيو. نہ رڳو ايترو پر امن انصاف ۽ قانون جا سپ ليڪا لتاڙيندي ايف آءِ آر به انهن ئي پرامن شهرين حاجي ظفر علي لغاري، نور نبي راهوجو بخشل گوريلو حضور بخش جانوري ۽ ٻين تي ڪائي ويئي ۽ مٿن سمري ملٽري ڪورٽ دادو ۾ ڪيس هلائي. کين سخت پورهئي ۽ ڏنڊ جون سزائون ٻڌايون ويون.

17_ آگسٽ 1988ع تي ضياء پنهنجي ساٿين سميت جنهن ۾ فوج جا اهم آفيسر شامل هئا، جهاز جي هڪ حادثي ۾ بهاولپور پنجاب لڳ پرزا پرزا ٿي ويو ۽ حڪومت جون واڳون غلام اسحاق خان جي حوالي ڪيون ويون. جنهن 3 مهينن اندر اليڪشن ڪرائي اقتدار بينظير ڀٽو صاحبہ جي حوالي ڪيو. ليڪن ڏيڍ سال بعد حڪومت ختم ڪري اقتدار نواز شريف جي حوالي ڪيو ويو. نواز شريف سنڌ ۾ ظلم جي انتها ڪري ڇڏي سنڌ کي ملندڙ وفاقي رقم سنڌ ۾ خرچ ڪرڻ بجاءِ پنجاب تي خرچ ڪئي وئي. لاهور کان پشاور تائين موٽر وي جو ڪم ڪرايو ويو. جنهن تي 24 ڪلاڪ ڪم جاري رهيو. سنڌ ۾ ترقياتي ڪم اڌ ۾ روڪيا ويا. هن به ضياء جي وات تي هلندي اعلان ڪيو تہ جلد ڪالاباغ ڊيم جو ڪم شروع ڪرايو ويندو. نواز شريف جي ان اعلان تي سنڌ سراپا احتجاج بنجي وئي. سڄي سنڌ جيان دادو جي دلير عوام جلسن جلوسن، احتجاجي ميڙن ۽ بک هڙتالن جو سلسلو شروع ڪري ڏنو. ان ڪري نواز شريف کي اهو فيصلو واپس وٺڻو پيو. 1990ع ۾ جام صادق علي ڪي سنڌ جو وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو. جنهن 1991ع

---

[1] ضياء اسلام آباد پهچي، پنهنجي مشيرن کان پڇيو: "سنڌ ۾ مان سڀ کان فاضل ڪير آهي، هاري (حاري) تحريڪ ڪنهن جي جماعت آهي، انهن تہ اسان جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. جڏهن مان گيو هو تہ هاري تحريڪ جا ڪارڪن ڪراچي ۾ ڪنهن جي ڪوٺي تي ڪم ڪري رهيا هئا. ان وقت ڪراچي ۾ ايم.آر.ڊي جي ڪارڪن

۽ پاڻيءَ جو ناهه ڪيو. سنڌ جي عوام سخت مزاحمت ڪئي ۽ سخت احتجاج ڪيو. احتجاجي ميڙ، جلسن، جلوسن ۽ بک هڙتالن ذريعي ان ناهه جي سخت مخالفت ڪئي وئي. دادو ۾ به هڪ احتجاجي جلسو ميونسپل پارڪ (لطيف پارڪ) ۾ ٿيو. جنهن ۾ سياسي، سماجي ۽ ثقافتي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. اڳواڻن تقريرون ڪري مذمتي ٺهراءُ بحال ڪرايو. ان موقعي تي شاهه لطيف جي پارکو اديب، شاعر سگهڙ حافظ محمد بخش خاصخيلي هيٺيون شعر پڙهيو

ظالم توسان پاڻي ٿيندو ڏار حقو ۽ پاڻي ٿيندو

تو ۾ ايڏو ناهي پاڻي، تنهنجو سپ ڪچيو مون پاڻي
تنهنجي اک ۾ ناهي پاڻي، ڪيئن رک رکاڻي ٿيندو

گندا ڪيڏو گند ڪرين ٿو فتنو جوڙي ڦند ڪرين ٿو
منهنجو پاڻي بند ڪرين ٿو هي سپ ليکو هاڻي ٿيندو

صدين کان جو منهنجو پاڻي، سو تون بند ڪرين ٿو هاڻي
اهڙو ٻل ڪٽان ٿو آڻين، اهو ٻل نه توسان ٻاڻي ٿيندو

تو وٽ بڙچيون بم ۽ پالو هيڏي سمجهي حال اٻالو
هيڏي آهي رب جو نالو رب اسان سان ساڻي ٿيندو

دائم هي درياء اسان جو سنڌو ندي ۾ ساهه اسان جو
پاڻي منجهه پساهه اسان جو قائم قيامت تاڻي ٿيندو

اسان آهيون سنڌي ماڻهو اسان پنهنجو حق سڃاڻون
لک لکوٽي مور نه ڄاڻون، ليکو اڄ سپاڻي ٿيندو

سري وڇولي لاڙ کي ساڻين، سنڌ جا ساوا کيت اجاڑين
پوءِ ٿو واڳون ڳوڙها ڳاڙين، ظلم هي ڪيستاڻين ٿيندو

ظلم تنهنجي جي چوٽي آهي، نيت تنهنجي کوٽي آهي
مون وٽ سچ جي سوٽي آهي، جهيڙو ڪو جهون جهاڻي ٿيندو

1991ع کان پوءِ به سنڌين سان ظلم جاري ۽ ساري آهي. سجي سنڌ جيان دادو ۾ به مختلف قومي مسئلن تي احتجاج جاري آهن. پوءِ ڪالاباغ ڊيم جو مسئلو هجي. گريٽر ٿل ڪئنال جو مسئلو هجي. گئس فيلڊ ۾ بيروزگار نوجوانن سان زيادتيون هجن. روزگار جو مسئلو هجي يا ڪي ٻيا گنيئر مسئلا هجن. دادو جو عوام هميشه اڳيرو رهيو آهي ۽ اڳيرو رهندو.

خيرپور ناٿن شاهه جا ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ شهيد ٿيل جوان:

ضياء شاهيءَ جي خلاف خيرپور ناٿن شاهه شهر جي نوجوانن جي قرباني ۽ ڪردار نمايان ۽ نروار رهيو. ايم. آر. ڊي تحريڪ 14 آگسٽ 1983ع کان شروع ٿي جنهن ۾ هزارين ڪارڪن ۽ عام شهري جيل پريو تحريڪ ۾ شامل ٿيندا هئا ۽ روزانه مظاهرو ڪري جلوس جي شڪل ۾ گرفتاريون ڏيندا هئا. 12 سيپٽمبر 1983ع تي هزارين پُرامن مظاهرين تي خيرپور ناٿن شاهه ۾ قانون نافذڪرڻ وارن جي فائرنگ ۾ هيٺيان نوجوان شهيد ٿي ويا ۽ سوين زخمي ٿيا:

شهيد عبدالعزيز لاکير، نظام الدين نائچ، غلام نبي ڪوسو، الهورايو لانگاهه، شاهنواز ڪوسو، حبيب الله لغاري، ديدار علي ڪوکر، ضمير حسين جاگيراڻي، عبدالغني ابڙو، اعجاز علي ڪوهاڑ، منظور حسين چانڊيو، ارشاد علي شيخ.



ادبي تنظيمون

سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو:

دادو شهر ۾ سنڌي ادبي سنگت سال 1956ع ۾ قائم ڪئي وئي. سنگت قائم ڪرڻ ۾ شمشاد احمد جوڻيجو وڪيل، شوڪت سنڌي، سعيد سنڌي ۽ ٻيا اديب شامل هئا. سنڌي ادبي سنگت شاخ، دادوءَ جي طرفان ڪيترائي پروگرام، مباحثا، مذاڪرا ۽ مشاعرا ٿيندا رهيا آهن.

هن شاخ ون يونٽ خلاف هلچل ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. ضياء شاهي جي دور ۾ سنڌي قوم تي ٿيندڙ ظلم زيادتين خلاف ۽ پرپور مهم هلائي. ڪيترائي مشاعرا ۽ ليڪچر پروگرام ڪرايا. جن ۾ مختلف هرندڙ موضوعن تي ليڪچر ڪرايا ويا. انهن مشاعرن، مذاڪرن ۽ ليڪچرن ۾ نامور اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ سياستدانن ليڪچر ڏنا ۽ سنڌ تي ٿيندڙ ظلمن ۽ زيادتين جي نشاندهي ڪئي. هنن مذاڪرن ۽ ليڪچرن ۾ جيڪي اديب، شاعر، دانشور ۽ سياستدان شريڪ ٿيا ۽ ليڪچر ڏنا، انهن ۾ رسول بخش پليجو، جام ساقي، سوپو گيانچنداڻي، ڊاڪٽر قادر مگسي، درشهوار سيد، نورالهدي شاهه، تاج صحرائي، استاد بخاري، ڪمال الدين سولنگي، عبدالله مگسي، شفيع محمد سولنگي، رزاق مهر، راشد مورائي، عظيم سنڌي ۽ ٻيا شامل آهن.

نيو انجمن آفتاب ادب دادو:

انجمن آفتاب ادب جو بنياد سنڌ جي ڳهنه مشق اديب ۽ شاعر مرحوم حافظ محمد احسن چنه وقت مرحوم حافظ محمد احسن چنه، جمع خان غريب ۽ امام الدين ضامن ڪيترائي مشاعرا ڪرايا، جن ۾ سنڌ جا چوٽيءَ جا شاعر شريڪ ٿيندا هئا ۽ پنهنجو ڪلام پيش ڪندا هئا. مرحوم حافظ محمد حسن چنه جي وفات بعد هتان جي نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار رجب آزاد سولنگي نيو انجمن آفتاب ادب جي نالي سان ادبي تنظيم قائم ڪئي آهي. هن انجمن جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ڪيترائي مشاعرا ۽ ادبي پروگرام ڪري چڪو آهي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ خدا آباد:

سنڌي ادبي سنگت شاخ خدا آباد ڪافي عرصو اڳ قائم ڪئي ويئي آهي. هيءَ شاخ، ادبي ڪيترن ئي پاڙ ملهايو آهي. هن شاخ جون هفتيوار ادبي گڏجاڻيون ٿيندڙيون رهن ٿيون. ان کان علاوه سيمينار ۽ ادبي ليڪچر به ٿيندا رهن ٿا. هن شاخ جا ڪارڪن جن ۾ اعجاز علي پٽي، نذير احمد پنڊ، محمد ابراهيم پنهور، محمد ملوڪ پنهور، امر پنڊ ۽ ٻيا ڪيترائي ساٿي شامل آهن، اهي ادب جي خدمت ۾ مصروف آهن.

استاد بخاري ادبي فورم دادو:

استاد بخاري جي وفات بعد ڪيترين ئي ادبي تنظيمون ۽ فورم استاد بخاري جي نالي تي وجود ۾ آيا آهن. هي ادبي فورم به استاد جي نالي تي قائم ڪيو ويو آهي. هن تنظيم جو باني ۽ اڳواڻ سنڌ جو ڳهنه مشق شاعر ۽ اديب الهه نواز رکڻائي هو جيڪو ويجهڙ ۾ گذاري ويو آهي. تنظيم ڪيترائي ادبي پروگرام ڪرايا آهن. هر مهيني جي پهرين آچر تي ماهوار گڏجاڻي ٿيندي آهي. جنهن ۾ ڪيترائي شاعر حضرات پنهنجو تازو ڪلام پيش ڪندا آهن.

ان کان علاوه هن تنظيم ڪجهه ليڪچر به ڪرايا آهن ۽ اڪثر ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مختلف

سرن تي ليڪچر پڙهڪرايا آهن. شاهه جو پارکو اديب، شاعر ۽ سگهڙ حافظ محمد بخش خاصخيلي شريڪ ٿيندو آهي ۽ هنن ليڪچرن ذريعي نوجوان نسل کافي معلومات حاصل ڪري چڪو آهي.

استاد بخاري اڪيڈمي دادو:

سنڌ جي عوامي شاعر استاد بخاري کي پيٽا ڏيڻ لاءِ هيءَ اڪيڈمي قائم ڪئي وئي آهي. اڪيڈمي طرفان مشاعرا ۽ ادبي پروگرام ٿيندا رهن ٿا. ازانسواءِ ليڪچر به ٿيندا رهيا آهن. جن ۾ حافظ محمد بخش خاصخيلي ۽ الله نواز رکڻائي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي مختلف سرن تي ليڪچر ڏنا. اهڙي طرح اڪيڈمي ادبي ڪيٽر ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏيئي رهي آهي.

بزم شهيد آصف مصراڻي دادو:

شهيد آصف مصراڻي سنڌ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن ڏاڙيلن سان مهاڏو اٽڪائيندي پنهنجين ۾ نياڻين سميت شهيد ٿي ويو. ان کي پيٽا ڏيڻ لاءِ هيءَ بزم قائم ڪئي ويئي آهي. هن بزم جو اڳواڻ الله نواز رکڻائي هو ۽ جنرل سيڪريٽري بهزاد سنڌي آهي. هن بزم طرفان ڪجهه مشاعرا ڪرايا ويا هئا. هن وقت بزم جون مصروفيتون محدود آهن. هن بزم طرفان بشير سيتائي جي شعري مجموعي 'ذات نه ٿيندي مات' جي مهورت واري تقريب ڪرائي جا ادبي تاريخ ۾ يادگار تقريب آهي.

بزم غالب ملڪاڻي دادو:

غالب ملڪاڻي سنڌ جو ڳهڻ مشق شاعر اديب ۽ درگاهه ملڪاڻي شريف جو سجاد نشين آهي. هن ڪيترائي ڪتاب ترتيب ڏنا آهن جيڪي اڪثر ڪري قلمي نسخن جي صورت ۾ موجود آهن. پاڻ سنڌي اردو عربي ۽ فارسي تي دسترس رکي ٿو. هتان جي نوجوان شاعرن بزم غالب ملڪاڻي قائم ڪئي آهي. غالب ملڪاڻي ان جا سرپرست آهي. تابش بخاري، رجب آزاد سولنگي، دانش ملاح، عاشق دادوي ۽ ٻيا هن بزم جا ميمبر آهن. بزم طرفان ڪيترائي مشاعرا ٿيندا رهن ٿا.

بزم دلبر جمالي دادو:

بزم دلبر جمالي هتان جي اديب ۽ شاعر دلبر جمالي جي نالي ٻنيان قائم ڪئي وئي آهي. بزم دلبر جمالي جو سرپرست دلبر جمالي پاڻ آهي. هن بزم طرفان ڪجهه مشاعرا به ڪرايا ويا آهن. سال 1998ع ۾ بزم طرفان غريب آباد هاءِ اسڪول دادو ۾ في البديهه مشاعرو ڪرايو ويو هو جنهن ۾ دادو جي شاعرن حصو ورتو. بزم طالب المولىٰ پير بخش ميربحر سٽ واري ڏاهاڪي ۾ ڪُلي هن تنظيم کي نوازرکڻائي ۽ محمد سلطان جگر اوج تي رسايو سنڌ ليول جا مشاعرا ڪرايا ۽ وڏي ادبي خدمت ڪئي.

سرتاج سنگت دادو:

هتان جي استاد اديب ۽ شاعر مرحوم حسين شاهه لکياريءَ کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سرتاج سنگت جو بنياد وڌو ويو. هن تنظيم طرفان هر سال مشاعرو ڪرايو ويندو آهي. جنهن ۾ شاعر ۽ اديب ڪثير تعداد ۾ شريڪ ٿيندا آهن.

سرتاج سنگت جو سيڪريٽري اختر لکياري آهي ۽ سندس ڪوشش سان گذريل سال کان سنگت طرفان راڳ رنگ جي محفل به ٿيندي آهي. جنهن ۾ مقامي فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن.

پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي:

ڪتاب 'سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو' جو مصنف پروفيسر عبدالله مگسي 1 ـ اپريل 1993ع تي وفات ڪري ويو هو. سندس علمي ادبي ۽ تاريخي ڪارنامن کي زندهه رکڻ لاءِ پروفيسر عبدالله مگسي يادگار ڪاميٽي تشڪيل ڏني وئي. هن تنظيم جو سرپرست اعليٰ غلام نبي مگسي ايڊووڪيٽ آهي.

ميمبرن ۾ ڊاڪٽر لياقت مگسي، گلاب سومرو، نور محمد سومرو، اظهر سولنگي، خاڪي جويو، ملوڪ لُنڊ، اميد سنڌي ۽ ٻيا شامل آهن.

بزم الهه نواز رڪٽائي دادو:

سنڌ جي ڪُهنه مشق شاعر ۽ اديب الهه نواز رڪٽائي جي نالي پٽيان هيءَ تنظيم قائم ڪئي وئي آهي. علي نواز عباسي، تابش بخاري، محمد عرس "اظهر" سولنگي، الله رکيو ڀُورڙ، عاشق دادوي ۽ ٻيا بزم جا عهديدار ۽ ميمبر آهن. بزم جي پليٽ فارم تان ڪيترائي مشاعرا ٿي چڪا آهن. جنهن ۾ سنڌ جي نامياڻن اديبن ۽ شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪري خوب داد حاصل ڪيو آهي. ان کان علاوه بزم طرفان استاد بخاريءَ جي ورسي ونڊي پئماني تي ملهائي وئي.

شهيد مخدوم بلاول ادبي ثقافتي فورم دادو:

سنڌ جي عظيم بزرگ، عالم، متقي ۽ قوم پرست رهبر شهيد مخدوم بلاول جي نالي سان هيءَ تنظيم وجود ۾ آئي آهي. هن تنظيم ۾ اظهر سولنگي سرپرست اعليٰ ۽ سيڪريٽري آهي. جڏهن ته الله رکيو ڀُورڙ علي نواز عباسي، عاشق دادوي، نعيم ملڪ ۽ ٻيا اديب ۽ شاعر ان جا ميمبر آهن. هن فورم طرفان حافظ محمد حسن چنڊ ۽ پروفيسر عبدالله مگسي جي ورسي ملهائي وئي. جنهن ۾ ڪيترائي اديب، شاعر ۽ دانشور شريڪ ٿيا. پروفيسر عبدالله مگسي جي ورسي مئي 2000ع ۾ شايان شان طريقي سان ملهائي وئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، احمد خان مدهوش، عزيز ڪنگراڻي ۽ ٻيا شاعر ۽ اديب شريڪ ٿيا. اهڙي طرح فورم طرفان ٻيا به ڪافي مشاعرا ۽ ادبي ميڙاڪا ٿيندا رهن ٿا.

سنڌي ادبي سنگت شاخ پيارو ڀُوٽ:

سنڌي ادبي سنگت شاخ پيارو ڀُوٽ سال 2003ع تي وجود ۾ آئي. شاخ جو پهريون سيڪريٽري ظفرالله لهبر ٿيو. هن تنظيم جي طرفان ادبي گڏجاڻيون ٿيندڙ رهن ٿيون، جنهن ۾ ليڪچر پروگرام، دستوري گڏجاڻيون، ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا اجلاس، ريليون، مذاڪرا ۽ ٻيون ڪيتريون تقريبون پڻ ٿيندڙ رهن ٿيون. سنڌ جي هرندڙ مسئلن تي به هن شاخ طرفان احتجاج ڪيا ويا آهن. هن وقت به هيءَ تنظيم سرگرم آهي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف:

سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف 6 ـ نومبر 1998ع تي قائم ڪئي وئي. هن شاخ جو پهريون سيڪريٽري گلزار ڪلهوڙو پاٽائي مقرر ٿيو. وفا بهادر چانڊيو جوائنٽ سيڪريٽري، خليل ميمڻ خزانچي، مخدوم ضياءالحق صديقي آڊيٽر ۽ الهبچايو برهماڻي ڪائونسلر هئا. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان وقت بوقت مختلف موضوعن تي پروگرام ٿيندا رهيا آهن، جن ۾ ليڪچر پروگرام، دستوري گڏجاڻيون، تعزيتي ميڙاڪا، ورسيون، سالگراهون، آجيائي تقريبون، مهورتون، عيدملن پارٽيون، احتجاجي ريليون، مذاڪرا، سگهڙن جون ڪچهريون، شاعريءَ تي تنقيدي ويهڪ، سيمينار، مختلف اديبن سان رهاڻيون ۽ اوارڊ تقريبون پڻ شامل آهن. سنڌي ادبي سنگت

شاخ پاڻ شريف جي، مختلف پروگرامن ۾ جن نامياڻن شخصيتن شرڪت ڪئي انهن ۾ محسن ڪڪڙائي، ڊاڪٽر قربان جهتيال، احمد خان مدهوش، انور شاهه غوث جهتيال، معصوم بخاري، آزاد انور ڪانڊڙو، امتياز عادل سومرو، ديدار دانش، ڪوسو عبد مگسي، سليم چنه، راشد مورائي، افضل سولنگي، سڪندر جروار، بهار باغائي، آصف مٽياڻوي ۽ ٻيا اديب ۽ شاعر شامل آهن. هن وقت به هيءَ شاخ سرگرميءَ سان روان دوان آهي.

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪُلجي اسٽيشن:

سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪُلجي اسٽيشن گذريل ڏهن ڏهارهن سالن کان ڪم ڪري رهي آهي. هن تنظيم جو روح روان ڊاڪٽر قربان جهتيال هو جيڪو هن سال يعني 2012ع تي وفات ڪري ويو. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان ڪيترائي پروگرام ٿيندا رهن ٿا. انهن پروگرامن ۾ ليڪچر پروگرام، دستوري گڏجاڻيون، تعزيتي ميڙاڪا، ورسيون، سالگراهون، مهورتون، آجيائي تقريبون، عيد ملن پارٽيون، مذاڪرا، احتجاجي ريليون، مختلف اديبن سان رهاڻيون ۽ مشاعرا شامل آهن. هن وقت به هيءَ تنظيم سرگرم آهي.

بزم غريب سيتا وليج:

سيتاوليج، دادو تعلقي جو هڪ نهايت قديم ۽ تاريخي ڳوٺ آهي، جنهن جي علم ۽ ادب جو چرچو سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر رهيو. هن ڳوٺ ۾ هندن جي اڪثريت سبب ادبي ۽ ثقافتي حوالي سان تنظيم سازي قديم دور کان پئي رهي آهي. هن ڳوٺ ۾ ڏرمي جماعتون، ديوالا ۽ وڏوا آشرم هئا، جن کي ڳوٺ جون سماجي ۽ ڏرمي تنظيمون هلائيندڙ هيون. هندو اديبن شاعرن ۽ فنڪارن جو هيءُ ڳوٺ آماجگاهه رهيو. ڳوٺ ۾ ساهت منڊليون ۽ ناٽڪ منڊليون موجود هيون پر ان جو رڪارڊ ڪونه ٿو ملي. باقي ماضي قريب ۾ بزم غريب جو رڪارڊ موجود آهي.

هيءُ بزم سال 1966ع تي وجود ۾ آئي. مرحوم لونگ خان لائق سيتائي پنهنجي استاد مرحوم جمع خان غريب جي نالي تي قائم ڪئي. جنهن جو صدر محمد عالم شبنم ڏوگر، سيڪريٽري لونگ خان لائق جوائنٽ سيڪريٽري بشير سيتائي ۽ خزانچي امداد شاهه شبنم (جنهن بعد ۾ فاني تخلص رکرايو) ٻڌيا. هن بزم ننڍين وڏن مشاعرن مان ۽ مشاعرا سنڊيول تي ڪرايا. اهي مشاعرا 1966ع ۽ 1967ع ۾ ٿيا، جن ۾ ان دور جي ڳهڻ مشق شاعرن پڻ حصو ورتو. اڳتي هلي بزم ذاتي اختلافن جو شڪار ٻڌجي وئي.

بزم هم وطن سيتا وليج:

هيءَ بزم سال 1970ع ۾ ڳوٺ جي سماجي ۽ ادبي شخصيت حاجن شاهه هموطن سيتائيءَ جي نالي تي قائم ٿي. صدر سيد موزل شاهه، نائب صدر علي گوهر ٻٽ، جنرل سيڪريٽري بشير سيتائي، پريس سيڪريٽري انيس ميهڙائي ۽ لائبريري انچارج گل حسن سومرو ٻڌيا. مذڪوره بزم گڏجاڻيون ڪيون، مشاعرا ڪرايا ۽ ڳوٺ ۾ ڪجهه ڊراما اسٽيج ڪرايا، پر بزم غريب وارا وڏل ويچا ادبي حلقي ۾ ايجا موجود هئا، جن جو اثر بزم هموطن تي پڻ پوڻ لڳو. ان ڪري بزم هموطن پڻ ذاتي اختلافن جو شڪار ٿي وئي.

سنڌي ادبي ثقافتي سنگت سيتاوليج:

سنڌي ادبي ثقافتي سنگت جو بنياد هتان جي هڏوڪي استادن ۽ اديبن 25_ آڪٽوبر 1976ع تي وڌو. هن تنظيم جي باني دوستن ۾ غلام محمد سيتائي، بشير سيتائي، غلام عباس سومرو، رمضان سومرو، عبدالله شاهه آزاد رهيا. تنظيم جون هر سال چوندڙون ڪرائي نون پُرجوش ۽ پُرخلوص دوستن لاءِ تنظيم ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ راهون هموار ڪيون ويون.

هن تنظيم ڳوٺ ۾ ادبي ثقافتي ۽ سماجي حوالي سان نهايت سٺو ڪم ڪيو. 1981ع ۾ مهراڻ لائبريري قائم ڪئي. 1981ع ۾ ساهت سال جي سلسلي ۾ ساهت ادبي ميڙاڪو ۽ مشاعرو ڪرايو. هن تنظيم 1982ع ۾ لطيف جو ڏهاڙو ملهايو. ان موقعي تي علم، ادب، هنر ۽ ثقافت جي حوالي سان هڪ اسٽال لڳايو ويو. جن ۾ قديم ڪتاب قلمي نسخا، سڪا ۽ ٻيا نوادرات رکيا ويا. سنڌي هنرن جي پٽ نمائش ڪئي وئي. ان يادگار موقعي تي لطيف کي پيٽا ڏيڻ لاءِ سنڌ جي شهرن ڳوٺن مان ڪهي آيل اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي. هن تنظيم مقامي شاعرن ۽ فنڪارن سان پٽ رهاڻيون ملهايون. موجوده وقت جيتوڻيڪ ان جو ڪم سست پئجي ويو آهي. تاهم ماضيءَ ۾ ان جو ڪارڊ مجموعي طور شاندار رهيو آهي.

بزم طالب المولي ڳوٺ پير رکيل ريلائي دادو:

هيءُ بزم سنڌ جي مشهور شاعر، اديب، سياسي سماجي شخصيت ۽ روحاني پيشوا، حضرت مخدوم طالب المولي جي ياد ۾ بزم طالب المولي جي شاخ سال 1957ع تي ڳوٺ پير رکيل ريلائي ۾ قائم ڪئي ويئي. هن تنظيم جو روح روان باني ۽ سرپرست علي محمد "اظهر ريلائي هو.

هن تنظيم جي پليٽ فارم تان ماهوار مشاعرا ۽ ادبي رهاڻيون رچايون ويندڙ هيون جنهن ۾ سنڌ جا نامياراشاعر، اديب ۽ سگهڙ شريڪ ٿيندا هئا ۽ مشاعرن ۾ شاعر حضرات پنهنجو تازو ڪلام پيش ڪري خوب داد حاصل ڪندا هئا. مشاعرن کان علاوه ملاکڙا پڻ ڪرايا ويندا هئا. هن ملاکڙي ۾ سنڌ جا نالي وارا ملهه پهلوان حصو ونڊندا هئا ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري خوب داد حاصل ڪندا هئا. شاعرن، اديبن، فنڪارن ۽ ملهه پهلوانن جي خاطر تواضع ۽ رهائش جو بندوبست علي محمد "اظهر" جي ذمي هوندو هو.

بزم طالب المولي ڳوٺ پير بخش ميربحر دادو:

سنڌ جي ممتاز اديب، شاعر، سياسي ۽ سماجي شخصيت ۽ سروري جماعت جي روحاني پيشوا حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ جي نالي پٽيان بزم طالب المولي ڳوٺ پير بخش ميربحر تعلقي دادو ۾ سال 1956ع ۾ قائم ڪئي ويئي. هن بزم طرفان ماهوار مشاعرا ۽ ادبي پروگرام ٿيندا هئا. بزم جا روحاني ۽ روح روان سنڌ جا مشهور شاعر ۽ اديب الهنواز رکڻائي ۽ سلطان جگر هئا. ماهوار گڏجاڻين ۾ مشاعرا، ادبي بحث مباحثا پڻ ٿيندا هئا. ان کان علاوه راڳ رنگ جي محفل پڻ رچائي ويندي هئي. ان کان علاوه ملاکڙا، ڪوڏي ڪوڏي راند پڻ ڪرائي ويندي هئي. ملاکڙي ۾ سنڌ جا نالیوار ملهه پهلوان حصو ونڊندا هئا ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا.

بزم جي مشاعرن ۾ سنڌ جا مشهور ۽ نالي وارا شاعر حصو ونڊندا هئا، جنهن ۾ تاج صحرائي، استاد بخاري، غالب ملڪاڻي، علي حيدر حيدري ملڪاڻي، احمد خان مدهوش، نشترناڻن شاهي، ناظر منگي، وفا ناڻنشاهي، لونگ خان لاڻ سيتائي، بشير سيتائي، راشد مورائي، مرشد گيلاني، ظفر سيوهاڻي ۽ ٻيا شريڪ ٿيندا هئا. شاعرن ۽ اديبن جي خاطر تواضع الهنواز رکڻائي ۽ سلطان جگر ڪندا هئا.



لائبريريون

علامہ آءِ آءِ قاضي سنڌ گورنمينٽ لائبريري:

علامہ آءِ آءِ قاضي سنڌ گورنمينٽ لائبريريءَ جو بنياد 1965ع تي پيو. هن لائبريريءَ جو بنياد وجهندڙ مرحوم تاج محمد صحرائي ۽ احمد خان ملڪاڻي صاحب هئا. ڪجهہ عرصو هيءَ لائبريري ڊسٽرڪٽ ڪائونسل هال ۾ تبديل ڪئي وئي هن لائبريريءَ جو سنگِ بنياد اُن وقت جي ڪمشنر مسرور احسن وڏو ۽ افتتاح به ان صاحب ئي ڪيو.

ان کان پوءِ هن لائبريريءَ کي ثقافت کاتي 1989ع ۾ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي انتظاميہ کان وٺي پاڻ هلائڻ شروع ڪيو جيڪا اڄ ڏينهن تائين ثقافت کاتي ماتحت ڪم ڪري رهي آهي.

ثقافت کاتي طرفان 1989ع ۾ ان وقت جي وزيراعليٰ سنڌ سيد قائم علي شاهہ افتتاح ڪيو. وقت به وقت لائبريريءَ جي واڌ ۽ زرين آرائش سان لائبريريءَ ۾ ڪم ٿيندو رهيو آهي ۽ هن وقت لائبريريءَ جي لاءِ الڳ بلڊنگ نهي رهي آهي.

لائبريريءَ ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب رکيل آهن. جن جو تعداد 28 هزار ٿيندو جن ۾ سنڌي انگريزي ۽ اردو جا ڪتاب شامل آهن. لائبريريءَ ۾ ٽوٽل اخبارون ٻائيتاليهہ (42) اچن ٿيون ۽ رسالن جو تعداد پنجونجاهہ (55) آهي. جنهن ۾ اردو سنڌي انگريزي اخبارون ۽ رسالا اچن ٿا. هر مهيني ۾ ششماهي رسالا پڻ اچن ٿا.

لائبريريءَ ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد روزانو ڏيڍ سؤ کان ٻہ سؤ تائين آهي. لائبريريءَ جو ٽائيم صبح 8:00 کان شام جو 5:00 بجي تائين بنا ڪنهن وقفي جي آهي.

هيءَ لائبريري شهر جي وچ ۾ آهي. لائبريريءَ جي اُتر ۾ انبس هاءِ وي ڏکڻ ۾ سول هاسپيٽل اولهہ ۾ ڪمرشل ٽريننگ ڪاليج ۽ اوپر ۾ ايس پي هائوس آهي. لائبريرين صاحبان جي لسٽ هيٺئين ريت آهي جيڪي ثقافت کاتي ۾ آفيسر ٿي رهيا آهن ۽ هلندڙ آهن:

1_ بشير احمد ابڙو	20_5_1989 کان 14_8_1990
2_ نزاڪت علي فاضلاڻي	15_8_1989 کان 7_8_1991
3_ منظور علي ڪليري	5_8_1991 کان 18_12_1991
4_ عبدالوحيد قريشي	19_12_1991 کان 3_3_1993
5_ نزاڪت علي فاضلاڻي	4_3_1993 کان 16_4_1993
6_ مشتاق احمد گاد	17_4_1993 کان 30_10_1998
7_ عبدالوحيد قريشي	1_11_1998 کان 15_3_2002
8_ نزاڪت علي فاضلاڻي	16_3_2002 اڄ تائين

لائبريري ۾ ٽوٽل اسٽاف 14 آهي جنهن ۾ ٽيڪنيڪل ۽ نان ٽيڪنيڪل اسٽاف ڪم ڪري رهيو آهي.

علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريريءَ ۾ ڊجيٽل لائبريريءَ جو ڪم هلندڙ آهي. جيڪو عنقريب پورو ٿيڻ وارو آهي.

آخوند محمد صالح پٽي لائبريري دادو:

هن لائبريريءَ جو قيام سال 1974ع ۾ سنڌ جي برڪ عالم آخوند محمد صالح پٽي سيتائيءَ جي نالي سيتا ڳوٺ ۾ عمل ۾ آيو.

آخوند محمد صالح پٽي سيتائي پنهنجي وقت جو جيد عالم، بهترين معلم ۽ مدرس هو. هن سڄيءَ ڄمار ديني علم ۽ عربي ۽ فارسي زبان جي ڦهلاءَ ۾ گذاري ۽ سَوَن جي تعداد ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ شاگرد پيدا ڪيا. پاڻ 73 سالن جي ڄمار ۾ سال 1938ع ۾ وفات ڪري ويو.

آخوند محمد صالح پٽي سيتائي جي وفات بعد هن جو قائم ڪيل سمورو ڪتبخانو هزارين ڪتابن تي مشتمل هو. سندس ننڍي پاءُ آخوند محمد دائود پٽي سيتائيءَ جي ملڪيت بڻيو ۽ آخوند محمد دائود سمورا ڪتاب پنهنجي گهر جي زينت بڻايا ۽ انهن مان لاڀ حاصل ڪيو. پوءِ آخوند محمد دائود جي زندگيءَ ۾ ئي سندس گهر جو ڪافي الهه تلهه قيمتي سامان ۽ اناج ان سان گڏ ضخيم، نايابَ ڪتاب، ڪجهه قلمي نسخا نذر آتش ٿي ويا، جنهن جو ڪيس سڄي ڄمار ارمان رهيو. ان حادثي بعد ڪتابن جي بچيل ذخيري کي هن گهر مان ڪڍي پنهنجي مدرسي جي ڪُليل ڪٻٽ ۾ رکرايو. پڇاڙيءَ ۾ جڏهن ڏکڻي بيماريءَ ۾ رهيو تہ سندس همدرد دوست، شاگرد ۽ احباب انهن ڪُليل ڪٻٽن مان ڪتاب واپس ڏيڻ جي واعدي تي ڪنڊا رهيا. پر اهي واعدا واعدا ئي رهيا، ۽ ڪيل ذخيرو ائين ئي ختم ٿيندو رهيو. آخوند محمد دائود ان بيماريءَ مان جان آجي نہ ڪري سگهيو ۽ سال 1973ع ۾ وفات ڪري ويو. هن جي وفات کان پوءِ سندس خاندان جي فرد بشير سيتائي باقي رهيل ڪتاب جنهن جو تعداد ٻن ٽن سؤن تي مشتمل هو، پنهنجي تحويل ۾ ورتا ۽ 1974ع ۾ "آخوند محمد صالح پٽي سيتائي ميموريل لائبريري" جي نالي سان لائبريري قائم ڪري ڪتابن جي سهيڑ ۽ سنيال شروع ڪري ڏني ۽ پاڻ به ان ۾ مسلسل اضافو ڪندو رهيو آهي.

سال 1989ع ۾ بشير سيتائي سيتا ڳوٺ مان لڏي دادو شهر ۾ مڪمل رهائش اختيار ڪئي ڪتابن جو سمورو ذخيرو پنهنجي ڳوٺ مان شفٽ ڪري ساڻئي نالي سان دادوءَ ۾ لائبريري قائم ڪئي. بشير سيتائي پاڻ اعليٰ تعليم رکندڙ سنڌ جو نالي وارو شاعر ۽ اديب، مطالعي جو جنون رکندڙ ڪتابن جو دلداده ۽ باذوق ماڻهو آهي. هينئر تائين ان لائبريريءَ ۾ پنهنجي ذاتي خرچ سان ڏينهون ڏينهن اضافو ڪندو رهي ٿو.

هيءَ ذاتي قسم جي لائبريري آهي. هن لائبريريءَ ۾ عربي ڪتابن جو ذخيرو تمام گهڻ آهي. باقي فارسي زبان جيڪا بشير سيتائيءَ جي پسنديده زبان آهي ۽ پاڻ به ان ۾ دسترس رکي ٿو ان هوليءَ جا بهترين چونڊ ۽ ضخيم ڪتاب جن جو تعداد هزارين ٿورو مٿي ٿيندو موجود آهن. جن ۾ اعليٰ قسم جون لغات، فارسي کان فارسي، فارسي کان اردو، فارسي کان انگريزي ۽ فارسي کان سنڌيءَ ۾ ڪيترن ئي جلدن تي مشتمل آهن. ساڻئي وقت فارسي کان فارسي ۾ ٽن جلدن تي مشتمل هڪ انسائيڪلوپيڊيا به آهي. جا ايران ۾ ڇپي آهي. باقي ان زبان ۾ ڪتاب شعر و ادب، فلسفي اخلاقيات، مذهبيات ۽ ٻين ادارن طرفان ئي ڇپيل آهن ۽ انهن طرفان عنايت ٿيل آهن. ساڻيءَ ريت انگريزي زبان ۾ هڪ هزار کان مٿي ڪتاب موجود آهن. جن ۾ اعليٰ قسم جون ويهن کان پنجويهن جلدن تي مشتمل انسائيڪلوپيڊيا قابل ذڪر آهن.

ان کانسواءِ هڪ کان مٿي جلدن تي مشتمل ڏکشنريون به موجود آهن تہ ٻين انيڪ موضوعن تي نايابَ ۽ قيمتي ڪتاب موجود آهن. اردو زبان ۾ به نايابَ ۽ چونڊ ڪتاب، جن ۾ فلسفي، شعر ۽ ادب، سماجيات، سياسيات، شخصيات ۽ تذڪره جي موضوع تي آهن ۽ ڪافي تعداد ۾ آهن. ساڻيءَ ريت سنڌيءَ ۾ به هڪ هزار کان مٿي ڪتاب

آهن. جي نهايت دلچسپ ۽ چونڊ موضوعن تي آهن. سنڌي زبان ۾ قديم ڇپيل ڪتابن کان علاوه نوان ايڊيشن به آهن. ڪجهه اهڙا ڪتاب آهن. جيڪي هن وقت Out of Print آهن. هن يادگار لائبريريءَ ۾ جديد سائنس ۽ ادب تي ڪتاب گهٽي مقدار ۾ آهن. جيڪي ماڻهن جي ڇاڻ ۾ روڏو اضافو ڪن ٿا. انهن سيني ٻولين جي ڪتابن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو رهي ٿو.

هن لائبريريءَ جي خصوصيت اها آهي ته هن ۾ هر موضوع تي نهايت معياري ۽ چونڊ ڪتاب، مختلف زبانن ۾ موجود آهن جن جو ڪل تعداد پنج هزار کن آهي.

شهيد مخدوم بلاول لائبريري دادو:

سنڌ جي ممتاز عالم اديب، معلم، مدرس، فقيه ۽ قوم پرست رهنما شهيد مخدوم بلاول جي نالي سان شهيد مخدوم بلاول يادگار لائبريريءَ جو قيام 1984ع ۾ آندو ويو. هن لائبريريءَ جو مهتمم ۽ سرپرست محمد عمر "اظهر" سومرو (راقم) آهي. هيءَ لائبريري گهر جي هڪ ڪمري ۾ قائم ڪئي ويئي آهي. لائبريريءَ ۾ علمي، ادبي، تاريخي ۽ سائنس جي ڪتابن جو روڏو تعداد موجود آهي. ڪتاب سنڌي، اردو، انگريزي، عربي، فارسي ۽ سرائڪي زبانن ۾ آهن. لائبريريءَ مان ڪتاب کڻي وڃڻ جي اجازت نه آهي. تاهم ڪو ذميوار فرد ڪتاب جي گهُر ڪندو آهي ته ڪيس چند ڏينهن لاءِ ڏنو ويندو آهي.

پروفيسر عبدالله مگسي يادگار لائبريري دادو:

پروفيسر عبدالله مگسي پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪتابن جو روڏو ذخيرو گڏ ڪيو هو. سندس وفات بعد لائبريريءَ جو نالو "پروفيسر عبدالله مگسي يادگار لائبريري" رکيو ويو آهي. لائبريريءَ ۾ تقريباً ٻه هزار ڪتاب موجود آهن. ڪتاب تاريخ، جاگرافي، ادب، مذهب، سائنس ۽ ٻين موضوعن تي مشتمل آهن. هن لائبريريءَ ۾ ماهوار اضافو ٿيندو رهي ٿو.

لائبريريءَ جو مهتمم ۽ سرپرست ڊاڪٽر لياقت مگسي آهي. جيڪو پاڻ به اديب آهي. هن لائبريريءَ مان ڪتاب کڻي وڃڻ جي اجازت نه آهي تاهم ڪنهن ذميوار اديب، شاعر يا محقق کي ڪتابن جي ضرورت پوندي آهي ته ڪتاب چند ڏينهن لاءِ ان کي ڏنو ويندو آهي. ڪتاب سنڌي، سرائڪي، اردو، انگريزي، عربي، فارسي ۽ ٻين زبانن ۾ موجود آهن.

حافظ خليل طارق لائبريري دادو

حافظ خليل طارق پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري دادو شهر ۾ ذاتي لائبريريءَ جو قيام عمل ۾ آندو آهي. هن لائبريريءَ ۾ هڪ هزار جي لڳ ڀڳ ڪتاب موجود آهن. ڪتاب سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻوليءَ ۾ آهن.

ڪتاب تاريخ، ادب، مذهب، اسلاميات، فقه، تفسير ۽ ٻين موضوعن تي لائبريريءَ جي زينت بنايا ائٽس. ڪتاب لائبريريءَ مان کڻي وڃڻ تي بندش آهي، پر جيڪڏهن ڪو ذميوار دوست ڪتاب جي گهُر ڪندو آهي ته ان کي واپس ڏيڻ جي شرط تي ڏنو ويندو آهي.

بشارت لائبريري دادو:

دادو جي نامور استاد، تعليمي ماهر ۽ اديب الهرڪئي ڪورڙ پنهنجي والد جي نانءَ تي 'بشارت يادگار لائبريريءَ' جو بنياد وڌو. هن لائبريريءَ ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ ڪتاب موجود آهن. ڪتاب اردو، سنڌي ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ سهيڙي رکيا ائٽس.

هن لائبريريءَ ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب سينگاريل آهن. جن ۾ ادب، تاريخ، جاگرافي، سياست، ثقافت ۽

ٻين موضوعن تي مشتمل آهن. ڪتابن کان علاوه رسالا، جريده ۽ اخبارون پڻ هن لائبريريءَ ۾ موجود آهن. لائبريريءَ مان ڪتاب کڻي وڃڻ تي بندش آهي، البت ڏميوار دوستن کي ڪتاب مهيا ڪيا ويندا آهن.

ملڪ وحيد لائبريري دادو:

دادو شهر جي نوجوان شاعر ملڪ وحيد پنهنجي ذاتي لائبريري قائم ڪئي آهي. لائبريريءَ ۾ شاعريءَ جا ڪيترائي ڪتاب سهيڙيل اٿس. ان کان علاوه تاريخ ۽ ادب جا ڪتاب پڻ وٽس موجود آهن.

ملڪ وحيد نوجوانن جو نمائنده شاعر آهي. ادب ۽ شاعريءَ سان چاهه اٿس. انڪري لائبريريءَ جو قيام عمل ۾ آندو اٿس.

علي احمد قريشي وڪيل جي لائبريري دادو:

دادو شهر جي نامياري وڪيل علي احمد قريشي پنهنجي ذاتي لائبريري قائم ڪئي آهي. جنهن ۾ قانون جي ڪتابن جو وڏو تعداد سهيڙي رکيو اٿس. ان کان علاوه ادب، تاريخ، جاگرافي ۽ سائنس جي ڪتابن جو خاصو تعداد پڻ لائبريري ۾ موجود آهي. ڪتاب سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولي ۾ موجود آهن. علي احمد قريشي ادب سان چاهه رکي ٿو. سندس پ ڪتاب 'جمنا ڪناري' ٻيو يادگيري جو ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. ڪتاب 'جمنا ڪناري' سفرنامي تي مشتمل آهي. جنهن ۾ هن پارتي دوري دوران جيڪي ٻڌو ۽ ڏٺو آهي، اهو قلمبند ڪيو آهي.

علي احمد قريشي جو فرزند پروفيسر اعجاز قريشي پڻ اديب، محقق، تاريخدان ۽ قوم پرست اڳواڻ آهي. سنڌي ادب، تاريخ، سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ سندس ورتل ڪاوشون وساريڻ جوڳيون نه آهن.

غالب ملڪاڻي لائبريري دادو:

سنڌ جي مشهور درگاهه ملڪاڻي شريف جو گادي نشين، نامور استاد ۽ فقيه احمد مجتبيٰ غالب ملڪاڻي صاحب پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪافي ڪتابن جو ذخيرو گڏ ڪيو ۽ ڪيس ورثي ۾ ڪتابن جو ذخيرو پڻ دستياب ٿيو. هن لائبريريءَ ۾ لڳ ڀڳ ٻه هزار ڪتابن جو وڏو تعداد شامل آهي. ان کان علاوه تاريخ، جاگرافي، سائنس، فقه، طب ۽ ٻين موضوعن تي ڪتاب موجود آهن.

لائبريريءَ ۾ شامل ڪتاب سنڌي، اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي زبان ۾ شامل ڪيا ويا آهن. غالب ملڪاڻي سنڌي، اردو، فارسي زبان جو ماهر ۽ جاڻو هو. ڪيترائي ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي وٽس ايندا هئا. غالب ملڪاڻي لائبريريءَ مان فقه جا ڪتاب ڏسي شرعي مسئلا قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ فتاويٰ جاري ڪندو هو. علماء ڪرام ۽ ڪورٽ جا جج صاحبان ان فتويٰ جي روشنيءَ ۾ صحيح فيصلو ڪندا هئا. هيءَ لائبريري هن وقت به موجود آهي.

حافظ محمد احسن چنه لائبريري دادو:

حافظ محمد احسن چنه نه رڳو ڪُهنه مشق شاعر هو پر هو نامياريو اديب، معلم ۽ مدرس پڻ هو. هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب خريد ڪري پنهنجي ذاتي لائبريريءَ ۾ محفوظ ڪري ڇڏيا. ان لائبريريءَ ۾ ڪتابن جو تعداد ڏيڍ هزار کان مٿي هو. هن لائبريري ۾ ڪورس جي ڪتابن کان علاوه جاگرافي، تاريخ، فقه، علم، ادب، تهذيب، ثقافت ۽ شاعري تي ڪتاب موجود هوندا هئا، جيڪي سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي زبان ۾ هئا.

حافظ صاحب جي انتقال بعد ڪتابن جي سارسنڀال نه هئڻ سبب سندس فرزند منظور احمد چنه سنڌالاجيءَ حوالي ڪري ڇڏيا جيڪي هن وقت سنڌالاجيءَ ۾ محفوظ آهن.

نواز رکڻائي لائبريري دادو:

سنڌ جي ڪُهنہ مشق شاعر، اديب ۽ تاريخ نويس الهنواز رکڻائيءَ کي ڪتاب گڏ ڪرڻ جو بيحد شوق هو. پنهنجي ايامکاريءَ ۾ ڪتابن جو ڪافي ذخيرو گڏ ڪري پنهنجي لائبريري کي سجايو.هن لائبريريءَ ۾ شعر، شاعريءَ کان علاوه تاريخ، جاگرافي، علم ادب، سائنس، پاراٽي ادب کان علاوه ٻين موضوعن تي ڪتاب موجود آهن. ان کان سواءِ ڪيترائي رسالا، جريده ۽ اخبارون به هن لائبريريءَ ۾ موجود آهن. ڪتابن جو تعداد ٽن هزارن کان مٿي ٿيندو.

هن لائبريري ۾ سنڌي ادبي سنگت دادو جي سيڪريٽري، اديب، نامور شاعر سگا جي مرڪزي اڳواڻ شهيد عادل سخيراڻيءَ جا ذاتي ڪتاب به شامل ڪيا ويا آهن.

تاج صحرائي لائبريري دادو:

سنڌ جي نامور شاعر، اديب، محقق، تاريخدان، قديم آثارن جي ماهر تاج صحرائي پنهنجي ايامکاريءَ ۾ ذاتي لائبريري قائم ڪئي. هن لائبريريءَ ۾ تاريخ، جاگرافي، سائنس، مذهب، نصابي ڪتاب، رسالا، جريده ۽ اخبارون محفوظ ڪيل آهن. هن لائبريريءَ ۾ هر موضوع تي ڪتاب موجود آهن، جن جو تعداد ٽن هزارن کان مٿي ٿيندو. ڪتابن کي محفوظ رکڻ لاءِ اسپري پڻ ڪيو ويندو آهي. تاج صاحب جي وفات بعد ڪتابن جو ڪافي ذخيرو ضايع ٿي رهيو آهي. هن لائبريريءَ ۾ سنڌي، اردو، انگريزي، فارسي ۽ عربي زبان ۾ ڪتاب موجود آهن.

تاج صحرائي نه رڳو اديب، شاعر ۽ محقق هو پر قديم ماڳن، مڪانن ۽ آثارن جو ماهر پڻ هو. هن سنڌ جو چپو چپو گهميو ڏٺو. قديم ماڳن جو مشاهدو ڪيو ۽ اتان جيڪي قديم شيون ۽ نوادرات هٿ آيس، اهي پنهنجي گهر ۾ مخصوص ڪمري ۾ محفوظ رکي ڇڏيا. هن وقت پاڻ موجود نه آهي پر سندس اولاد تي فرض عائد ٿئي ٿو ته سندس ڇڏيل لائبريري کي محفوظ رکن ۽ قديم ماڳن جي گيلري کي پڻ يادگار رکي، سندس مشن کي پورو ڪيو وڃي.

سيف الملوڪ لائبريري دادو:

سيف الملوڪ لائبريري محلو شاهه آباد چاڻو دادو ۾ قائم ڪئي ويئي. هن لائبريريءَ جو سرپرست ۽ مهتمم ملوڪ لُنڊ آهي. هن لائبريريءَ ۾ 25 هزار ڪتاب موجود آهن ۽ انهن ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو. هن لائبريريءَ ۾ مختلف موضوعن تي ڪتاب موجود آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو: معاشرتي علوم، فلسفو، منطق، سائنس، اخلاقيات، سوانح عمري، زراعت، ادبيات، مذهب، تاريخ، جاگرافي، لسانيات، طبعيات، نباتات، خودنوشت، حيوانات، قانون، گرامر، ڪلاسيڪل ۽ جديد علم موسيقي، سفرنامو، خط تنقيد، تحقيق، نفسيات ۽ جنسيات وغيره اچي وڃن ٿا. ان کان علاوه مختلف موضوعن تي 5 هزار رسالا ۽ جريده به موجود آهن. ڪتاب وڏين خوبصورت المارين ۽ چوٽيهه رٽنڪن ۽ شيلفن ۾ انتهائي سليقي ۽ ترتيب سان سجايل آهن.

هوليءَ جي اعتبار کان انگريزي، سنڌي، اردو، فارسي ۽ عربي، بلوچي، سرائڪي، پنجابي، ڪشميري ۽ هندڪو زبانن تي ڪتاب موجود آهن. لائبريريءَ جي ضابطن ۽ اصولن ۾ اهو چيل آهي ته سيف الملوڪ لائبريري خالص ذاتي لائبريري آهي، کوڙ ڪتاب باهر ڪڍي وڃڻ جي اجازت نه آهي.

تحقيق ڪندڙن کي لائبريريءَ اندر ڪتابن جي سهوليت ڏيئي سگهجي ٿي. البته ڪنهن به ڪتاب فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ جي خواهش رکندو ته ان صورت ۾ لائبريري جو ڪو نمائندو ساٿس گڏجي ويندو ۽ فوٽو اسٽيٽ ڪرائي ڪتاب واپس ڪڍي ايندو. فوٽو اسٽيٽ جو خرچ خواهشمند پاڻ ڀريندو. لائبريري ڏسڻ يا تحقيق ڪرڻ وارن دوستن کي

لائبريري مالڪ کان اڳوات ٽائيم ونڊو پوندو ۽ اڳوات رابطو ڪري اچڻو پوندو. ٻي صورت ۾ مالڪ ملڻ لاءِ پابند نه هوندو. اهي ضابطا ۽ اصول مالڪ طرفان ڇپايل ڪتاب "سيف الملوڪ لائبريري اونداهي ۾ چراغ" صفحہ 14 تي ڏنل آهن.

هن لائبريريءَ ۾ پوسٽ گريجوئيشن کان وٺي ايم.فل ۽ پي ايڇ.ڊي تائين استفادو ڪري سگهجي ٿو. ڪتاب جدا سيڪشن ۾ ورهايل آهن. محمد ملوڪ لُنڊ جو هيءُ ڪارنامو علم دوستيءَ جو مظهر آهي. لائبريري جو مڪمل تعارف ۽ ڪتابي مواد جو تفصيلي ذڪر 80 صفحن تي ڇپيل لائبريري جي مٿي ڇاڙايل تعارفي ڪتاب ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

بي.اين.ٽي اسٽڊي سرڪل لائبريري دادو:

هيءَ لائبريري طالب المولىٰ هاءِ اسڪول روڊ تي بيروزگار نوجوان تحريڪ طرفان قائم ڪئي ويئي آهي. هن لائبريريءَ ۾ نوجوان توڙي عام ماڻهو ڪتاب پڙهندا آهن. هتي موضوعاتي بحث مباحثا پڻ ٿيندا آهن ۽ ڪيترن موضوعن تي ليڪچر پروگرام پڻ ڪرايا ويا آهن. نوجوانن ۾ سماجي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هيءَ لائبريري پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪري رهي آهي. منجهس هڪ هزار کن چونڊ ڪتاب موجود آهن ۽ وڌيڪ ڪتابن جو ڏينهون ڏينهن پڻ ان ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر قربان جهتيال لائبريري دادو:

ڊاڪٽر قربان علي جهتيال کي ننڍپڻ کان ئي لکڻ پڙهڻ ۽ مطالعي جو شوق هو ان ڪري هن علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي ڪتاب گڏ ڪرڻ شروع ڪيا، جن ۾ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ڪتاب گڏ ڪري لائبريريءَ جي زينت بنايا.

هن لائبريريءَ ۾ ڊاڪٽريءَ جا ڪتاب پڻ وڏي تعداد ۾ سجايا آهن. لائبريريءَ ۾ ڪتابن جو تعداد ٻن هزارن کان مٿي ٿيندو. ڊاڪٽر قربان علي جهتيال شاعريءَ سميت مضمون، مقالا ۽ ڪالم پڻ لکيا آهن. جن مان ڪجهہ شايع ٿيل آهن ۽ ڪافي مواد ڇپائي جي اوسيئڑي ۾ آهي.

ڏاتل خان چنا لائبريري ڳوٺ محمد عثمان چنا[1]:

ڏاتل خان چنا جيڪو اداسي قلجائي جي قلمي نالي سان مشهور آهي، ان جي ذاتي لائبريري ڳوٺ محمد عثمان چنا لڳ قلجي وليج ۾ واقع آهي. پاڻ ڪتابن جي مطالعي جو شوقي آهي. وٽس معلوماتي ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود آهي، جن جو تعداد لڳ ڀڳ ٽي هزار ٿيندو ڪتابن جي لاءِ معقول جاءِ نه هئڻ سبب ڪتاب اڏوهي جو شڪار ٿي رهيا آهن.

❑

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

سماج سڌارڪ

شهيد غزاله بتول صديقي[1]:

شهيد غزاله بتول صديقي سنڌ جي مردم خيز ۽ ماڻهو اُپائيندڙ تاريخي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ مارچ 1969ع ۾ قاضي قطب الدين صديقي جي گهر ۾ جنم ورتو. هيءَ بهادر سنڌي نياڻي ڪراچيءَ جي مزدور اڳواڻ عثمان بلوچ جي ياڌ هئي. ڪيس 22- مئي 2012ع تي ليارين ڪراچيءَ ۾ محبت سنڌ ريلي ۾ ملڪ جي دشمن ۽ ظالم قوتن هٿان قتل ڪيو ويو. هن کي فقط ان لاءِ شهيد ڪيو جو هوءَ امڙ ڌرتيءَ خاطر پنهنجي ائن مهينن جو ٻار به گهر ۾ ڇڏي آئي هئي. جڏهن سنڌ واسي 2010ع ۾ ٻوڏ کان متاثر ٿي ڪراچيءَ ۾ اچي رهيا هئا ته هيءَ ڌرتيءَ جي ڌيءَ انهن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي.

غزاله بتول صديقي پي. آءِ. اي ڪراچيءَ ۾ اشتهارن واري شعبي ۾ آفيسر هئي ۽ سنڌس ور مظهر علي زرداري به پي. آءِ. اي ۾ آفيسر آهي. ڪراچيءَ جا بلوچ ۽ سنڌي هن نياڻيءَ کي "بهادر سنڌياڻي" جي نالي سان سڏيندا هئا. هيءَ پهرين نياڻي هئي، جنهن 2010ع جي ٻوڏ دوران گهران پت جو ديڳڙو رڌائي مروت باغ پهچي هر عورت ۽ ٻار کي پنهنجي هٿن سان ورهائي ڏنو. هن گهر جو سمورو سامان ويندي چت جي پکن تائين، ٻوڏ جي متاثرن ۾ ورهايو. جنهن وقت غزاله کي گولي لڳي، ان وقت سندس هٿن ۾ گل هئا. هن اهي گل سنڌ جي ڀهراڙين مان آيل عورتن کي نڇاور ڪرڻ تي چاهيا. سياسي طرح هن نياڻيءَ جو تعلق سنڌياڻي تحريڪ سان هو.

شهيد غزاله شهادت کان ڪجهه لمحا اڳ کي ٽي. اين کي انٽرويو ڏيندي آخري سونهري لفظ اهي ورجايا ته: "سنڌ جي هر نياڻي پنهنجو سر قربان ڪندي پر سنڌ کي ورهائڻ نه ڏيندي" سنڌ جي هيءَ نياڻي تاريخ ۾ هميشه ياد رکي ويندي. پاڻ 22- مئي 2012ع ۾ شهيد ٿي ۽ ڪراچيءَ ۾ دفن ٿي.

محمد ابراهيم پنهور:

محمد ابراهيم پنهور ولد محمد اسحاق پنهور 6- جون 1934ع تي ڳوٺ ڏونڙا پنهور تعلقي دادوءَ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو ۽ انٽر گورنمينٽ ڊي جي سائنس ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي خانگي ڪاروبار سان لڳي ويو. هن وقت تاريخي شهر خدا آباد ۾ رهائش پذير آهي.

جڏهن سنڌي ادبي سنگت خدا آباد جي شاخ قائم ٿي ان وقت کان هو سنڌي ادبي سنگت سان وابسته آهي. هن ٻارن کي تعليم جهڙي زيور سان آراسته ڪرڻ لاءِ سال 1958ع ۾ خدا آباد ۾ مفت تعليم ڏيارڻ لاءِ مڊل اسڪول جو قيام عمل ۾ آندو ان کي آخر ۾ گورنمينٽ حوالي ڪري هاءِ اسڪول جو درجو ڏياريو. خدا آباد ۾ پنهنجي ذاتي جاءِ بنا ڪرائي گرلس پرائمري اسڪول جي حوالي ڪئي. سگا خدا آباد شاخ جي تعاون سان ڳوٺ ۾ (ماءُ ٻار صحت مرڪز)

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

جو قيام عمل ۾ آندو. تعليم مفت جي اسڪيم لاءِ بيش بها پلاٽ مفت ۾ ڏنا. ڳوٺ ۾ علاقي جي ترقي لاءِ ٽيليفون بجلي، لنڪ روڊ، مسافر خانو، پوسٽ آفيس، ايگريڪلچر فارم قائم ڪرڻ لاءِ انٿڪ ڪوشش ڪيائين ۽ ان ۾ سائٽس دوستن جو پورپور ساٿ رهيو. هوسگا خدا آباد شاخ لاءِ بطور ڊونر هر وقت تيار رهندو اچي ٿو.

احمد خان ملڪاڻي:

احمد خان ملڪاڻي ولد سرائي غلام دستگير ملڪاڻي تاريخ 11 ـ جون 1944ع تي ڳوٺ ملڪاڻي تعلقي دادو ۾ جائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري ماڊل مين اسڪول دادو مان سال 1962ع ۾ پاس ڪيائين. بي.اي ڊگري ڪاليج دادو مان. ايم. اي فلاسافي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل. ايل. بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين.

احمد خان ملڪاڻي جو ادب سان گهرو تعلق رهيو آهي. سندس اٽڪل ڏهه ڪهاڻيون، پندرنهن مضمون، مقالا ۽ ڪجهه نظم مختلف سنڌي رسالن ۽ ڪتابن ۽ اخبار ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. چار پمفليٽ ڇپيل اٿس. اٽڪل پنج ڪتاب لکيل اٿس. جيڪي ڇپائيءَ جا منتظر آهن.

احمد خان ملڪاڻي سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونندو اچي ٿو. پاڻ دادو شهر جي اٽڪل ستن سماجي تنظيمن جو سرپرست آهي. انهن ۾ سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا)، مخدوم بلاول فوٽ بال ڪلب دادو، پٽائي اسڪائوٽ ڪلب دادو، ڪراٽي ڪلب، پنيور اسڪائوٽ گروپ دادو، حيدر اسڪائوٽ ڪلب، فرينڊس ويلفيئر ۽ ڪلچرل ايسوسيئيشن ۽ صدر سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن دادو ۽ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو به رهيو آهي.

محمد نواز قريشي:

بهترين استاد، عالم، اسڪالر، ماهر تعليم محمد نواز قريشي 4 ـ جنوري 1940ع تي بوبڪ تعلقي سيوهڻ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو ۽ پوءِ سندس ڪٽنب دادو شهر ۾ مڪمل رهائش اختيار ڪئي. پاڻ پرائمري تعاي ڳوٺ بوبڪ ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ، بي. اي ۽ ايم. اي (مسلم هسٽري ۽ پوليٽيڪل سائنس ۾) سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. اهڙي ريت ايل. ايل. بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ڪئي.

قريشي صاحب مڪمل تعليم ۾ بحيثيت انگريزي استاد 1959ع کان پنهنجي زندگيءَ جو آغاز ڪيو ۽ ايجوڪيشن سپروائيزر بٽيو ۽ درس تدريس جي ميدان ۾ پنهنجا اعليٰ جوهر ڏيکاريا. تعليمي ميدان ۾ هڪ قابل ۽ محنتي استاد طور پاڻ کي مڃرايو. سال 1977ع کان ڪيس ڏپٽي رجسٽرار مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي مقرر ڪيو ويو. جتان ڪيس اعليٰ ڪارڪردگي ۽ بهترين صلاحيتن جي پيش نظر ڪيس سال 1985ع کان ڪنٽرولر امتحانات مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽي مقرر ڪيو ويو. سال 1995ع کان ڪيس رجسٽرار مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جي عهدي تي فائز ڪيو ويو. جتان هن 3 ـ جنوري 2000ع تي رٽائر ڪيو.

پاڻ سموري زندگي تعليم کي عام ڪرڻ، غريب شاگردن جي وس آهر مالي سهائتا ڪرڻ ۽ انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ گذاري آهي. پاڻ ڪيترن سڀمينارن ۽ تعليمي گڏجاڻين کي خطاب ڪري چڪو آهي. ڪيترائي ليڪچر ڏنا آهن. پاڻ 1989ع ۾ ڪٽمنڊو (نيپال) يونيورسٽي امتحانات جي سلسلي ۾ ٽريننگ لاءِ ويو.

هن جون بي لوث علمي خدمتون ياد رکڻ جوڳيون آهن. پاڻ موجوده وقت اسري يونيورسٽي ۾ رجسٽرار طور فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. سندس شاگرد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن ۽ اعليٰ عهدن تي ڪم ڪري رهيا

آهن. هن بنده (راقم الحروف) کي به اهڙي عظيم استاد جي شاگرديءَ جو شرف حاصل رهيو آهي.

محمد يوسف سُرهيو:

محمد يوسف ولد حاجي خان سُرهيو 11 ـ سيپٽمبر 1944ع تي دادو شهر ۾ ڄائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول دادو مين مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ جو امتحان پائلٽ هاءِ اسڪول دادوءَ مان سال 1961ع ۾ پاس ڪيائين. بي. اي سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان سال 1965ع ۾ پاس ڪري، وڌيڪ تعليم ايم. اي 1967ع ۾ بي. ايڊ 1970ع ۾ ڪيائين. هن کي شروع کان ئي درس و تدريس سان لڳاءُ هو. ان ڪري 1961ع ۾ استاد جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو ۽ 1974ع تائين هن پيشي سان منسلڪ رهيو. ان کان پوءِ سال 1974ع کان 1976ع تائين تي سال ڊپٽي ٽرئفڪ مئنيجر سنڌ روڊ ٽرانسپورٽ ڪارپوريشن ۾ رهيو.

محمد يوسف سُرهيو نندي هوندي کان سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو آيو آهي. غريب ۽ مسڪين ماروئڙن جي سهائتا لاءِ سنڌ گريجوئيٽس سگا ۾ شامل ٿيو. سگا ۾ وائيس پريزيڊنٽ ۽ پريزيڊنٽ به رهيو آهي. هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ روشن تارا اسڪول قائم ڪيو. ازانسواءِ جمع ڪلينڪ جو پايو وڌو ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان هلايو ۽ ميڊيڪل ڪئمپون به لڳايون. ازانسواءِ اکين ۽ چمڙيءَ جون مفت ڪئمپون به قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

محمد يوسف سُرهيو سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن سان وابسته رهيو جن ۾ سپر اسٽار ڪرڪيٽ ڪلب دادو اسپورٽس ايسوسيئيشن ۽ نوجوان تنظيم دادو وغيره شامل آهن.

عبدالمجيد جمالي ايڈووڪيٽ:

عبدالمجيد جمالي ولد فقير محمد جمالي 10 ـ آگسٽ 1950ع تي ڳوٺ فقير محمد جمالي تعلقي جوهيءَ ۾ ڄائو. پرائمري تعليم اسڪول ميان جي ڪنڊي تعلقي جوهيءَ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ ڊي. سي هاءِ اسڪول قلجي استيشن مان. انٽر 1970ع ۾ ڊگري ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد مان. بي. اي (آنرس) سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان ۽ ايل.ايل.بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين.

عبدالمجيد جمالي سماجي سرگرمين ۾ شاگردي واري دور کان وابسته رهيو آهي. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد يونين جو سوشل سيڪريٽري رهيو. جتي شاگردن جي فلاح و بهبود لاءِ پاڻ پتوڙيو. ازانسواءِ 1972ع ۾ ڪيس سنڌ يونيورسٽي سنڊي ڪلچرل سوسائٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. هن سوسائٽي جو سرپرست اعليٰ ڊاڪٽر غلام علي الانا هو.

هن سماجي سرگرمين جو آغاز 1974ع ۾ سگا شاخ ڪراچيءَ ۾ ميمبر جي حيثيت سان ڪيو. دادو شاخ کي فعال بنائڻ لاءِ مرحوم عبدالستار کيڙو، عطاءُ الرحمٰن ميمڻ، محمد صديق ڏاهري، محمد عرس 'اظهر' سولنگي، آخوند رحمت الله، عظمت الله قريشي، نازن کيڙو، الهداد ميراڻي، ڊاڪٽر چندر لعل جيڪو هن وقت پارٽ لڏي ويو آهي ۽ ٻين ساٿين سان گڏجي سگا شاخ دادو کي فعال بنايو. سال 1981ع ۾ سگا شاخ دادو جو جنرل سيڪريٽري به رهيو. سال 1984ع ۾ سگا تي بندش پئي تہ ڪيس صدر چونڊيو ويو.

سال 1989ع ۾ سنڌ اسيمبلي بل پاس ڪري سگا تان بندش لاٿي. جنهن ۾ ڪيس وائيس چيئرمين اول چونڊيو ويو. وري سال 1996ع ۾ هن سالن لاءِ وائيس چيئرمين حيدرآباد ڊويزن منتخب ڪيو ويو. سال 1998ع ۾ هن

سالن لاءِ شاخ جو صدر چونڊيو ويو. هن سال 1991ع ۾ سگا جي پليٽ فارم تان سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا ۾ سيمينار ۾ شرڪت ڪئي ۽ سگا جي نمائندگيءَ جو اعزاز حاصل ٿيس.

هن ڪانفرنس ۾ جسٽس دوراب پٽيل، نامياري وڪيل ۽ سياستدان عبدالحفيظ پيرزادو، ايم. ايڇ پنهور، پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه به ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ ڪيس تقرير ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. واشنگٽن، نيويارڪ، شڪاگو سينٽ لوئيز ۾ رهندڙ سنڌي سڃاڻ دوستن سان گڏجاڻيون ٿيس ۽ سنڌ جي سياسي سماجي مسئلن تي حصو ورتائين. سنڌ ۾ سگاجي سماجي خدمتن تي پڻ تفصيلي گفتگو ٿي. سگا جا جيڪي پروجيڪٽ هلي رهيا آهن، جن ۾ سگا ڪلينڪ، روشن تارا اسڪول، ايمبولينس سروس، ڪمپيوٽر سينٽر شامل آهن. انهن ۾ سگا جي سينيءَ ساٿين سان گڏ سندس ڪاوشون وساريڻ جهڙيون نه آهن.

هن وقت جمالي صاحب دادو ۾ رهي ٿو.

ڊاڪٽر سيد غوث علي شاهه:

ڊاڪٽر سيد غوث علي شاهه ولد سيد عمر شاهه ڳوٺ بهاول شاهه ڊوگر لڳ سيتا تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ 1953ع تي جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ هاءِ اسڪول دادو مان ۽ انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان حاصل ڪري، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ورتائين. 1980ع ۾ ايم.بي.بي.ايس پاس ڪري ساڳئي ڪاليج ۾ هائوس جاب ڪرڻ بعد ڪيس سيتا روڊ ۾ ڊاڪٽر مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ ڊاڪٽر جي حيثيت سان آراضي، پان سيدآباد، خيرپور ناٿن شاهه، اگهاماڻي ۾ پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهيو. 1997ع ۾ ڪيس پروموشن ڏئي، اي ڊي ايڇ. او ٿو مقرر ڪيو ويو. اتان وري ڪيس بدلي ڪري ايم. ايس تعلقہ اسپتال ميهڙ مقرر ڪيو ويو. ميهڙ کان پوءِ سندس بدلي سيتا روڊ اسپتال ۾ ٿي. مئي 2005ع کان دادو سول اسپتال ۾ سول سرجن جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر سيد غوث علي شاهه سماجي سرگرمين ۾ پرپور انداز سان حصو ونڊي رهيو آهي. غريب، مسڪين ۽ يتيم ٻارن کي ڪتاب ۽ ڊريسون ونڊي ڏيندو آهي. ان کان علاوه غريب، مسڪين ۽ بي پهچ مريضن کي دوائون فراهم ڪندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير:

ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير ولد شمس الدين لاکير تاريخ 1 ـ جنوري 1959ع تي ڳوٺ دائود ديرو تعلقي ميهڙ ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪيائين. مٽرڪ هاءِ اسڪول راڻڙ مان، انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين ۽ ايم. بي. بي. ايس. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪري ڊاڪٽريءَ جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو.

ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير سماجي سرگرمين ۾ بهرو ونڊندو پيو اچي. سگا شاخ دادو سان به وابسته آهي ۽ مکيہ عهدي تي به رهيو آهي. پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ضلع دادو آل سنڌ لاکير ويلفيئر جو باني آهي. دادو شهري اتحاد سان به لاڳاپيل آهي.

ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير سگا جي پليٽ فارم تان به دفعا صدر رهي ڪافي سماجي پروگرام ڪيا آهن. اکين جي ڪئمپن، چمڙي جي بيماري جي ڪئمپن ۽ ميڊيڪل ڪئمپن ۾ پرپور حصو ونڊندو پيو اچي. جمع ڪلينڪ

خدا آباد جمع ڪليڪٽر حافظ رجب پنهور پر به سرگرمي سان حصو وٺندو اچي ٿو. هن وقت به سگا جي طرفان جيڪي پروگرام ڪيا وڃن ٿا. انهن پر پرپور انداز سان رضاڪارانه طور تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. موجوده وقت پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ضلع دادو جو صدر آهي.

ڊاڪٽر خالد صديقي:

ڊاڪٽر خالد احمد صديقي ولد نذير احمد صديقي 15 ـ سيپٽمبر 1961ع تي شاهاڻي محلا پير ڪالونيءَ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پي.سي اسڪول مان پاس ڪيائين. مٽرڪ پرمانند هرداس مل سيڪنڊري اسڪول دادو مان ۽ انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو. جتان ايم.بي.بي ايس جي ڊگري حاصل ڪري ڊاڪٽريءَ جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿي ويو. هن وقت ميڊيڪل آفيسر آهي.

ڊاڪٽر خالد صديقي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي رهيو آهي. سگا شاخ دادو جو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي. سندس ايامڪاريءَ ۾ سگا شاخ دادو ڪافي ڪم ڪيا. حافظ رجب پنهور ۾ به هن سماجي ڪم سرانجام ڏنا. سماجي خدمتن جي ڪري شڪارپور ۾ ڪيس (سگا نشان) عطا ڪيو ويو.

ڊاڪٽر خادم حسين لاکير:

ڊاڪٽر خادم حسين لاکير ولد صابر حسين لاکير 10 ـ آگسٽ 1952ع تي ڳوٺ جمع لاکير تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. انٽر پاس ڪري ايل. ايم. سي ڄام شوري ۾ داخلا ورتائين. جتان ايم. بي. بي.ايس جو امتحان پاس ڪري ميڊيڪل آفيسر بڻيو. مختلف عهدن تي به رهيو. ايگزيڪيوٽو ڊسٽرڪٽ آفيسر (هيلٿ) دادو به رهيو آهي. هن وقت پروجيڪٽ ڊائريڪٽر اي پي. آءِ سنڌ آهي.

ڊاڪٽر خادم حسين لاکير ادبي ذوق رکندڙ ماڻهو آهي. ماهوار اڳتي قدم، ماهوار پيغام ۽ ڪارونجهر جو ايڊيٽر به رهيو. ادبي سرگرمين سان گڏ سماجي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو اچي ٿو. هن دادو ضلعي ۾ طبي ڪئمپون لڳائڻ ۽ سيوهڻ تعلقي ۾ پروگرام ترتيب ڏيڻ ۽ عورتن لاءِ 13 هنري اسڪول ۽ 20 پرائمري اسڪول قائم ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن وقت به سماجي سرگرمين ۾ مصروف آهي. سيوهڻ تعلقي جي ننڍين ڳوٺن ۾ جتي اڳ به اسڪول نه هئا، اُتي اسڪول قائم ڪيا.

دوست علي جيسر:

دوست علي جيسر ولد نور محمد جيسر 15 آگسٽ 1956ع تي دادو شهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم دادو ۾ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم به دادو مان حاصل ڪيائين. پاڻ هن وقت پوسٽ گريجوئيٽ آهي. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن دادو شاخ جو سرگرم ميمبر آهي. سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺندو اچي ٿو. سگا جا جيڪي به پروگرام ٿيندا آهن. انهن جي اخلاقي ۽ مالي مدد ڪندو رهي ٿو. سماجي سرگرمين کان علاوه سياسي سرگرمين ۾ به بهرو وٺندو اچي ٿو. پيپلز پارٽي سان سندس تعلق آهي. پيپلز پارٽي سنڌ دادو جو صدر به رهيو آهي.

علي احمد قريشي وڪيل:

علي احمد قريشي ولد رحمت الله قريشي تاريخ 1 ـ جنوري 1923ع آراضيءَ ۾ ڄائو. تعليم بي. اي. ايل. ايل. بي اٽس. بمبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ٽيل اٽس. سگا دادو شاخ جو پراڻو ميمبر آهي. سماجي ثقافتي ۽ ادبي

سرگرمين ۾ پرپور حصو ونندو اچي ٿو. سگا جي سماجي پروگرامن ۾ پرپور سهڪار ڪندو اچي ٿو. ادب سان به گهرو لڳاءُ اٿس. پاڻ هندستان جي دوري تي ويو اتي پنهنجون يادگيريون قلمبند ڪري 'جمنا ڪماري' جي نالي تي هڪ ڪتاب شايع ڪرايو آهي. جيڪو ادبي دنيا ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويو ٿو. علي احمد قريشيءَ جا سائين جي.ايم.سيد سان گهرا مراسم هئا. سندس فرزند پروفيسر اعجاز علي قريشي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو ونندو اچي ٿو.

قريشي صاحب جي رهائش دادوءَ ۾ آهي.

نظر محمد شاهاڻي:

نظر محمد شاهاڻي ولد محمد بخش خان شاهاڻي تاريخ 4 ـ جنوري 1949ع تي ڳوٺ هوت خان شاهاڻي تعلقي جوهيءَ ۾ ڄائو. هن وقت سندس رهائش شمس آباد محلي دادو شهر ۾ آهي. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ دادو مان حاصل ڪري روينيو کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. جتان ترقي ڪندو مختيارڪار جي عهدي تي پهتو آهي. هن مختيارڪار جي حيثيت سان مختلف جاين تي ملازمت ڪئي آهي. جنهن ۾ نواب شاهه ٽنڈو آدم، سانگهڙ، دادو، جوهي، ڪيٽي بندر، ڪارو ڇاڻ ۽ ڪراچي شامل آهن. هن وقت سيوهڻ ۾ مختيارڪاريءَ جا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

نظر محمد شاهاڻي سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونندو اچي ٿو. هر ماٺهو سان خنده پيشانيءَ سان پيش اچي ٿو. غريب، مسڪين ۽ يتيم شاگردن کي ڊريسون وٺي ڏئي ٿو ۽ سندن مالي معاونت پڻ ڪري ٿو. ادبي ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ به پرپور نموني سان حصو وٺي ٿو. ڳوٺ کان علاوه گاجي شاهه جي ميلي تي ادبي محفلون به ڪرائيندو آهي. هن وقت هو دادو ۾ رهي ٿو.

محمد خان ڇڇڙو:

محمد خان ڇڇڙو ولد مولا بخش ڇڇڙو تاريخ 1 ـ جنوري 1939ع تي ڳوٺ جهلو تعلقي دادو ۾ ڄائو. پرائمري تعليم سونهري فارم مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ لوڪل بورڊ هاءِ اسڪول نيو جتوئي ضلع نوشهروفيروز مان پاس ڪيائين. بي. اي ايم. اي ۽ بي. ايڊ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. شروع ۾ استاد مقرر ٿيو. تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهيو. 1990ع ۾ ڊپٽي ايڊيوڪيشن آفيسر ضلع دادو مقرر ٿيو ۽ 1994ع ۾ پائلٽ هاءِ اسڪول جو هيڊماستر مقرر ٿيو. جتان 12 ـ ڊسمبر 1998ع ۾ رٽائر ٿيو. سماجي سرگرمين ۾ به حصو ونندو اچي ٿو. 1970ع ۾ سگا جو ميمبر ٿيو. سماجي سرگرمين کان علاوه ادبي ميڙاڪن ۾ به شرڪت ڪندو رهي ٿو.

محمد خان ڇڇڙو 31 ـ مئي 2001ع تي يونين ڪائونسل سيال جو ناظم مقرر ٿيو ۽ ناظم جي حيثيت سان پنهنجي يونين ۾ ترقياتي ڪمن ۾ گهري دلچسپي ونندو رهيو.

حبيب الله ڪابورو:

حبيب الله ولد محمد صالح ڪابورو ڳوٺ وڏيو پنهور تعلقي دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪري مئٽرڪ دادو مان پاس ڪيائين. مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ انجنيئرنگ ۾ داخلا ورتائين. جتان انجنيئرنگ جي سند وٺي محڪمه آبپاشي ۾ ملازمت حاصل ڪئي. هن وقت ايگزيڪيوٽو انجنيئر سدرن دادو ڊويزن ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

حبيب الله ڪابورو سماجي سرگرمين ۾ به حصو ونندو اچي ٿو. ڪيترائي غريب، مسڪين ۽ عمر رسيده ماڻهو وٽس اچن ٿا. جن جي دل کولي مالي مدد ڪري ٿو. ڪيترائي مسڪين ۽ يتيم شاگرد وٽس اچن ٿا، انهن جي به هو مالي سهائتا ڪري ٿو.

محمد مريد بلوچ:

محمد مريد ولد حاجي محمد صديق لُنڊ بلوچ 6- مارچ 1952ع تي دادو شهر ۾ ڄائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مزدورآباد مان حاصل ڪيائين. ثانوي تعليم پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان، انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪري ايل. ايل. بي سنڌ لا ڪاليج مان ڪئي ۽ هن وقت انڪم ٽيڪس وڪيل آهي.

محمد مريد بلوچ سماجي سرگرمين ۾ پرپور انداز سان حصو ورتو آهي. سگا جو سرگرم ميمبر آهي. سگا طرفان اکين جون جيڪي مفت ڪئمپون قائم ڪيون ويون هيون، انهن ۾ پرپور نموني حصو ورتو. اکين جي مفت ڪئمپن ۾ بي لوث خدمت ڪئي. بيمار ۽ اکين کان معزور مريضن جي رهنمائيءَ سان گڏ ٻاهران آيل اسٽاف جي پرپور خدمت ڪئي ۽ انهن سان ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو. سال 2010ع ۾ گذاري ويو.

محمد ابراهيم ميمڻ:

محمد ابراهيم ميمڻ ولد محمد عرس ميمڻ تاريخ 1- آگسٽ 1940ع ۾ ڄائو. تعليم بي. اي اٽس. محڪمه بلديات ۾ ملازمت ڪندو. جولاءِ 2000ع ۾ ائڊمنسٽريٽر جي حيثيت سان رٽائر ڪري چڪو آهي. شروع کان ئي سماجي پروگرام (منعقد ڪرائڻ) ۾ خبر ۽ اڻ ڄاڻ ماڻهن جي جائز قانوني مدد ڪرڻ، عورتن ۽ نياڻين ۾ خاص تعليمي سرگرمين کي وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ، ادبي سرگرمين ۽ ميڙاکن ۾ حصو وٺڻ ۽ ان کي وڌائڻ ۾ خصوصي دلچسپي ونندو اچي ٿو.

ائڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ هن شهر جي صفائي، صاف پاڻي جي فراهمي ۽ گهٽين کي صاف ستروڪرائڻ ۾ پرپور ڪوششون ڪيون. اهڙيءَ طرح اجان تائين سماجي سرگرمين ۾ حصو ونندو اچي پيو. هن وقت دادوءَ ۾ رهائش پذير آهي.

عبدالستار ڪيڙو:

عبدالستار ڪيڙو هتان جي مشهور زميندار رئيس محمد بخش ڪيڙي جي گهر 1- سيپٽمبر 1946ع ۾ اک کولي. ابتدائي تعليم دادو ۾ حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم به دادو مان حاصل ڪئي. بي. اي، بي. ڪام سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي زميندارې پيشي سان منسلڪ ٿيو. سندس ترقي پسند زميندارن ۾ شمار ٿئي ٿو. طبعيت ناساز رهندي هئس. زميندارې پيشي کان علاوه سماجي سرگرمين ۾ به پرپور طريقي سان حصو ونندو آيو. سگا جو پراڻو ميمبر هو. سگا شاخ دادو جو صدر ۽ وائيس چيئرمين نمبر ٻه به رهيو.

هن سگا جي پليٽ فارم تان ڪيترائي فلاحي ۽ سماجي ڪارنامه سرانجام ڏنا. هن پنهنجي دور ۾ سول اسپتال دادو ۾ اکين جي ڪئمپ منعقد ڪرائي، جنهن ۾ مريضن کي روشنيءَ سان منور ڪيو ويو. پاڻ سال 1994ع ۾ وفات ڪري ويو.

مهتاب احمد شيخ:

مهتاب احمد ولد عبدالواحد شيخ سنه 1921ع ۾ اعظم ڳڙهه لکنئو پارت ۾ ڄائو. تعليم اعظم ڳڙهه ۾ حاصل

ڪيائين. 1941ع ۾ گڏيل هندستان جي وزارت خارجہ ۾ اسسٽنٽ جي حيثيت سان پرتي ٿيو. 1947ع ۾ هجرت ڪري دادو شهر ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ان کان پوءِ سندس ننڍو پاءُ به هجرت ڪري ڪراچيءَ ۾ آيو جتي تعليم ترتيب مڪمل ڪري پاڪستان ٽوبيڪو ڪمپني جيڪا اصل ۾ انگريزن جي ڪمپني هئي. ۾ جنرل مئنيجر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. پر سندس پاءُ مهتاب احمد شيخ ۽ سندس والد دادو ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني. ان وقت کان شهر ۾ سماجي سرگرمين ۾ پيش پيش رهيو.

سندس سماجي خدمتن جي عيوض 1962ع ۾ ڊويزنل ڪائونسل جو ميمبر منتخب ڪيو ويو. چيمبر آف ڪامرس جو 30 سال صدر رهيو. سماجي خدمتن جي مڃتا طور 1979ع ۾ ان حلقي مان الیکشن لڙڻ جو موقعو ملیس جتي صرف سندس هڪ گهر هو باقي ٻيا قبيلا مقيم هئا. پر سندس سچائي ۽ خلوص جي ڪري کيس وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪرايو ان بعد شهر دادو جيڪو 85 سيڪڙو سنڌي آبادي تي مشتمل آهي. صرف هن کي ئي چيئرمين منتخب ڪيو جنهن ۾ ڪابہ مصلحت يا ڪجهارت نہ هئي. پر اها سندس نيڪ نيتي. حسن ڪارڪردگي هئي. جنهن ڪري کيس چيئرمين جي اهم عهدي تي پهچايو.

هونءَ تہ مهتاب شيخ جي فئملي مان هن ڊويزن جو ڪمشنر نياز حسين. اڳوڻو وزير خزانہ ڊاڪٽر شعيب احمد. جنرل مرزا اسلم بيگ. رٽائر سيشن جج مرزا راشد بيگ به هڪڙي ئي خاندان جا عزيز قريب هئا. انهن سڀني جي انتهائي ڪوشش هئي تہ مهتاب احمد ڪراچي اچي ۽ وڃو واپار ڪري. پر هن پنهنجي دوستن کي نہ ڇڏڻ جو بنياد بنائي پنهنجي عزيزن کي جواب ڏنو تہ منهنجو جيئڻ ۽ مرڻ هتان جي ماڻهن سان آهي. سندس والد عبدالواحد شيخ جي آخري آرام گاهہ لال هندي مقام ۾ آهي.

مهتاب احمد هن شهر جو ٻہ دفعا منتخب چيئرمين رهيو ۽ پيپلز پارٽي جو مخلص ڪارڪن هو. پيپلز پارٽيءَ جي لاءِ قرباني ۽ جو مظاهرو ڪندي ايم. آر. ڊي تحريڪ دوران 5 ـ سيپٽمبر 1983ع تي پاڻ پنهنجي سڀني ڪائونسلر سميت استعيفيٰ ڏئي. جيل وڃڻ کي ترجيح ڏني. 11 ـ فيبروري 1984ع تي مهتاب احمد شيخ. حڪومت کيس باعزت بري ڪري ڇڏيو.

مهتاب احمد شيخ جو اولاد به هن ئي شهر ۾ پڙهيو ۽ نپنو آخر ۾ اولاد جون شاديون به هتي ڪرايائين. مائٽن جي بيحد اسرار تي 1994ع ۾ ڪراچي هليو ويو ۽ اتي سال 1995ع تي وفات ڪيائين. سندس موت جو ڪارڻ سندس ئي عزيز اقارب ٻڌائيندا آهن. تہ غمگين تي ويندو هو ۽ اهو صدمو برداشت نہ ڪري وفات ڪري ويو.

مهتاب احمد شيخ پنهنجي چيئرميني واري دور ۾ رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا. دادو شهر جا اڪثر روڊ ۽ پڪيون گهٽيون سندس ئي دور ۾ تعمير ٿيون.

گل محمد جويو:

گل محمد جويو ولد جمال الدين جويو ڳوٺ ٽڪا تعلقي دادو ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائين. سال 1958ع ۾ سندس والدين لڏي دادو شهر ۾ ويٺا. پاڻ هن وقت دادو شهر جي سوناره پاڙي ۾ رهائش پذير آهي. گل محمد جويو هڪ بهترين سماجي ڪارڪن آهي. هن گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد سنڌي کي موجوده هنڌ تي قائم ڪرڻ ۾ پرپور حصو ورتو. جنهن ڪري پاڙي جا ماڻهو کيس قدر جي نگاهہ سان ڏسندا آهن. 1979ع ۾ ڪائونسلر جي حيثيت سان ميونسپل ڪاميٽي دادو ۾ وڏي اڪثريت سان چونڊجي آيو. سندس تجويزن

جي ڪري اسپتال روڊ مشهور تعليمي ماهر علامہ آءِ آءِ قاضي جي نالي سان منسوب ڪيو ويو. ان سان گڏ چاندني چونڪ کان ورڪشاپ روڊ جو نالو استاد بخاري روڊ نالو رکيو ويو.

گل محمد جويو سماجي سرگرمين کان علاوه مزاحمتي تحريڪن ۾ به پرپور حصو ونڊندو اچي ٿو. سال 1983ع ۽ 1986ع جي تحريڪن ۾ هن پرپور نموني سان حصو ورتو. جنهن ڪري کيس گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. هن 1973ع ۽ 1976ع جي تباهه ڪن ٻوڏن ۾ برساتن ۾ به متاثرين جي ڪافي سماجي خدمت ڪئي. گل محمد جويو ابتدا کان ئي پيپلز پارٽيءَ سان وابسته رهيو آهي. هن پارٽيءَ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي. اهو ئي سبب هو جو اڳوڻو وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ٻٽو صاحب سندس عوامي خدمتن جي ڪري سائيڪل تحفو ڏنو. ازانسواءِ محترمہ بينظير ٻٽو صاحبہ آگسٽ 1979ع جي تحريڪ ۾ شاندار جدوجهد جي ڪري کيس سرٽيفڪيٽ عطا ڪيو. گل محمد هن وقت شهري اتحاد ۾ شامل آهي ۽ دادو جي شهري مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.

علي سرور پٽي:

علي سرور پٽي جعفر پٽي دادو شهر ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پي. سي اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. مٽرڪ به دادو مان پاس ڪيائين. هن وقت سندس تعليم ڊپلوما آهي ۽ ڪراچي ۾ سرڪاري دفتر ۾ ملازم آهي.

علي سرور پٽي کي شروعات کان ادبي ۽ سماجي ڪمن سان دلچسپي هئي. ان ڪري هن سنڌي ادبي غريب شاگرد سنگت جو بنياد وڌو هن انهي پليٽ فارم تان شاگردن ۾ ادبي چاهه پيدا ڪيو ۽ ڪيترائي شاگرد هن تنظيم جا عهديدار ٿيا. ازانسواءِ سنڌ آزاد ماروئڙا استوڊنٽ فيڊريشن جو عهديدار رهيو.

دادو جي سڀ کان وڏي سماجي تنظيم سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا) جو بنياد وڌو هيءُ اهو دور هو. جڏهن جنرل ضياء جي مارشل لا ۾ آزاديون سلب ڪيون ويون. سياسي ڪارڪن کي پابند سلاسل ڪيو ويو. ڪاهيون ڪڍا هئا. جيل سنڊي ماڻهن سان پريا ويا. سال 1978ع ۾ هن تنظيم جو بنياد وڌو ويو ۽ کيس تنظيم جو صدر مقرر ڪيو ويو. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان ڪيترائي سماجي ڪم سرانجام ڏنا.

سنڌ ۾ ماڻهن تي ٿيندڙ ظلم خلاف آواز اٺاريو. فوج طرفان جڏهن ڪوٽ احمد خان برهماڻي دادو شهر، خيرپور ناٿن شاهه ڪاٺ مورو گهانگهرا موري حيدرآباد ۾ جيڪي ظلم ٿيا، انهن کي تنظيم جي پليٽ فارم تان نندايو ويو. هن تنظيم کي اهو اعزاز حاصل آهي تہ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس تي عام موڪل ڪرڻ جو مطالبو سڀ کان پهريائين هن تنظيم ڪيو. جنهن تي ان وقت جي گورنر ايس.ايم عباسيءَ هڪ ليٽر ذريعي آگاهه ڪيو تہ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عام موڪل ڪئي ويندي. جنهن تي روزانہ عبرت اخبار پنهنجي اداريہ ۾ تنظيم جي واکاڻ ڪئي.

علي سرور پٽي صحافت سان به وابسته رهيو آهي. پاڻ سنڌ ٽائيمس جو ضلع رپورٽر به رهيو. ازانسواءِ منچر آرٽ سرڪل جو سرپرست اعليٰ رهي چڪو آهي. انهيءَ سرڪل ڪافي اسٽيج پروگرام ڪيا جيڪي بيحد پسند ڪيا ويا.

علي سرور پٽي سماجي، ثقافتي، علمي، ادبي ۽ صحافتي خدمتون سرانجام ڏنيدو پيو اچي. هن چائلڊ ويلفيئر ۽ سروس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ڪراچي ۾ ڏهہ روزمرہ ٽريننگ ڀرڻ ڪئي. دادو ۾ اکين جي ڪئمپ ۾ 300 ڪارڪنن جي سرپرستي مريضن جي خاطر تواضع ڪئي. اهڙي سماجي خدمت تي گورنر سنڌ ايس.ايم عباسي سوشل ويلفيئر

ڪانفرنس ميرپورخاص ۾ وزير سوشل ويلفيئر تزئين فريدي طرفا بهترين سماجي خدمتن تي اوارڊ سان نوازيو ويو. سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن جي پليٽفارم تان سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته لاکيٽي لطيف جي ميلي تي عام موڪل ڪئي وڃي. اهڙو يادداشت نامو گورنر سنڌ ڏانهن موڪليو ويو. گورنر سنڌ ليٽر ذريعي تنظيم جي عهديدارن کي لکيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي تي هر سال موڪل ڪئي ويندي جيڪا اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. اهڙي مطالبي منظور ٿيڻ تي روزانه "عبرت" حيدرآباد اداريو لکي تنظيم جي واکاڻ ڪئي.

هن تنظيم جي يونائيٽيڊ نيشن جي گڊ بوڪ ۾ واکاڻ ٿيل آهي. هن هفته وار روزانه اخبار "لاڙ" کيڏي ان جو سرپرست رهيو. هن سنڌي ادبي غريب شاگرد جو بنياد وڌو ۽ ان جو چيئرمن رهيو. سنڌ آزاد ماروئڙا اسٽوڊنٽ فيڊريشن ضلعي دادو جو آرگنائيزيشن به رهيو.

حاجي امام بخش منگي:

حاجي امام بخش منگي ولد حاجي رحمت الله منگي 16 ـ آڪٽوبر 1946ع تي ڳوٺ موندر تعلقي دادو ۾ جائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ پرمانند هرداس هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو. مئٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ استادي پيشو اختيار ڪيائين. ان عرصي دوران بي. اي. ايم. اي ۽ ايم. ايڊ جون ڊگريون به حاصل ڪري ورتائين. هن وقت ٽيڪنيڪل اداري ۾ اهم عهدي تي فائز آهي.

حاجي امام بخش منگي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو. ڳوٺ سڌار سنگت موندر جو جنرل سيڪريٽري به رهي چڪو آهي. يوٿ ڪلب موندر جو نائب صدر ۽ شهباز حيدر ڪالوني جو جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سگا جو خزانچي ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو ۽ سگا جي ساڻين سان گڏجي سماجي سرگرمين ۾ پرپور طريقي سان حصو ورتائين ۽ سال 2008ع ۾ گذاري ويو.

محمد نواز 'نازن' کيڙو:

محمد نواز 'نازن' کيڙو ولد غلام نبي کيڙو 1945ع ۾ جائو. ابتدائي تعليم دادو ۾ حاصل ڪيائين. مئٽرڪ به دادو مان حاصل ڪئي. بي. اي ۽ ايم. اي (رليجن) سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪري زمينداري پيشي سان منسلڪ ٿيو.

زمينداري پيشي کان علاوه سماجي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو اچي ٿو. سگا دادو شاخ جو پراٽو ميمبر به آهي. سگا شاخ جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو ميمبر به رهيو. سگا طرفان جيڪي سماجي ڪم ڪرايا ويندا آهن. انهن ۾ سرگرمين سان حصو وٺندو آيو آهي.

غلام سرور کيڙو:

غلام سرور کيڙو ولد نور محمد کيڙو 6 ـ مارچ 1946ع ۾ جائو. پرائمري ۽ ثانوي تعليم مڪمل ڪري اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتائين. بي. اي (آنرس) ايم. اي سياسيات (آنرس) ۽ ايل. ايل. بي مڪمل ڪري سرڪاري نوڪري ۾ گهڙيو. سيڪشن آفيسر مان ترقي ڪندو هن وقت سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان ڪراچي ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. نوڪريءَ سان گڏ سماجي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو اچي ٿو. سگا شاخ دادو جو پراٽو ميمبر آهي. دادو ۾ رهڻ دوران سگا جي پروگرامن ۾ پرپور نموني سان حصو وٺندو آيو.

حاجي غلام محي الدين ميمڻ:

غلام محي الدين ميمڻ ولد غلام مجتبيٰ ميمڻ تاريخ 16 ـ جنوري 1947ع تي پاٽ شريف ۾ جائو. ابتدائي

تعليم قاضي احمدي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ علامہ آءِ آءِ قاضي هاءِ اسڪول پاٽ مان پاس ڪري استاد مقرر ٿيو. بي. اي ۽ ايم. اي جا امتحان ڏنائين.

غلام محي الدين ميمڻ سماجي سرگرمين ۾ به حصو ونڊندو رهيو. پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو جو جنرل سيڪريٽري رهيو ۽ ان جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. ان کان علاوه سگا دادو شاخ ۾ به پنهنجون سرگرميون سرانجام ڏيندو رهيو.

حاجي غلام محي الدين ميمڻ 1 ـ نومبر 1994ع تي وفات ڪري ويو.

قدرت الله پنهور:

قدرت الله پنهور ولد غلام حيدر پنهور تاريخ 15 ـ نومبر 1962ع ۾ ڳوٺ سيال لڳ دادو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم سيال مئٽرڪ پرمانند هرداس سيڪنڊري اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. انٽر جو امتحان استاد بخاري ڊگري ڪاليج مان پاس ڪري بي. اي سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين.

قدرت الله سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي رهيو آهي. هيءُ سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن شاخ دادو ۾ 1998ع ۾ شامل ٿيو. سگا ۾ جيڪي به سماجي سرگرميون ٿين ٿيون. انهن ۾ هيءُ پرپور حصو ونڊندو اچي ٿو. ان کان علاوه پنهور ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو جو ميمبر رهيو. دادو ۾ به پنهنجون سماجي سرگرميون جاري رکندو اچي ٿو. سماجي سرگرمين کان علاوه اسٽيج ڊرامن ۾ به ڪم ڪندو رهي ٿو.

غلام نبي مگسي وڪيل:

غلام نبي مگسي 1950ع ۾ ڏٽي بخش مگسي جي گهر ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادو ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ هاءِ اسڪول دادو مان پاس ڪري اينيمل هسبنڊري ڪاني ۾ ملڪ انسپيڪٽر طور مقرر ٿيو.

پاڻ نئڊيڊ کان ئي سياسي سوچ ويچار رکندڙ هو. هاءِ اسڪول جي دور ۾ ون يونٽ ٽوڙ وارين هل هنگامن. هڙتالن ۽ بک هڙتالن ۾ حصو ونڊندو رهيو. ان کان علاوه ووٽر لسٽون سنڌي ۾ لکڻ وارين تحريڪن ۽ ٻين ڪيترن ئي سياسي جلسن ۽ جلوسن ۾ حصو ونڊندو رهندو هو. ملازمت دوران جام ساقي جي سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي باني ميمبرن ۾ شامل ٿي ويو. جام ساقي پمفليٽ ڪيس جو مشهور رڪن رهيو ۽ ان ۾ ڪيس سزا لڳس. اهو 1965ع وارو دور هو. سائٽس گڏ ظفر اچڻ ۽ ٻيا به ڪيترائي شاگرد گڏ هئا. غلام نبي مگسي اهو پمفليٽ پنهنجي آفيس مان ليٽو ڪرائي رهيو هو ته آفيس ۾ چاپو لڳو ۽ ليٽومشين پمفليٽ سميت ڪيس گرفتار ڪيو ويو ۽ جيل موڪليو ويو. اهو ڪيس هليو ڪيس جام ساقيءَ سان گڏ به سال سزا ڏني وئي. جيڪا سزا سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ پوري ڪئي. ان عرصي دوران ڪيس نوڪريءَ تان برطرف ڪيو ويو. جام ساقيءَ پنهنجي ڪتاب 'سنڌ جون شاگرد تحريڪون' ۾ پڻ غلام نبي مگسيءَ جو ذڪر وڏيءَ هامر سان دلبرانہ انداز ۾ ڪيو آهي. ان عرصي دوران غلام نبي مگسي بي. اي جو امتحان پاس ڪري نوڪريءَ جي تلاش ۾ رهيو پر ڪٿي به ڪيس نوڪري نہ ملي.

غلام نبي مگسي پنهنجي سڄي وابستگي نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن سان جاري رکي ۽ مڪمل طرح سياست ۾ اچڻ شروع ڪيائين. حيدرآباد ۾ رهندي ۽ سياست سان وابستہ رکندي سندس واقفيت مشهور اڳواڻ ڪامريڊ لعل محمد، رسول بخش پليجو سرڪي ۽ ٻين سان ٿيندي رهي ۽ پاڻ انهن سان گڏ رهيو.

نيشنل اسٽوڊنٽ فيڊريشن پاران پاڪستان سرڪار کان مطالبا مڃائڻ واسطي هڪ فيصلو ٿيو ته مرڪزي قيادت سان گڏجي تعلقي ۽ ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ جلسا، جلوس، هڙتالون ۽ بک هڙتالون ڪيون ويون. ان لاءِ غلام نبي مگسيءَ کي مورو ۽ نوان جتوئي کان جلوس جي قيادت ڪندي موري ۾ هنگاما ڪرايا، جيڪي موري جي تاريخ ۾ پهرين هڙتال هئي ۽ وڏيرن کي سرعام قومي تحريڪ کان پاسي رهڻ تي ننديو ويو. محمد مٺل ڪمالاڻي پنهنجي ڪتاب "مورو ناهي ٿورو" ۾ لکي ٿو ته دادو جو رهندڙ غلام نبي مگسي آهستي آهستي سياست ۾ وڌيڪ مضبوط ٿيندو ويو ۽ پاڻ حيدرآباد کي چڏي ڪراچي هليو ويو. جتان وڪالت جي ڊگري حاصل ڪري وڪالت پڻ ڪرڻ لڳو. ڪراچيءَ ۾ پاڻ پاڪستان نيشنل پارٽيءَ جي سنڌ صوبي جي وائس چيئرمين طور تي ڪم ڪندو رهيو. بلوچن ۽ پٺاڻن سان تمام گهراڻا ناتا ٿيندا ويس. جڏهن نعپ ٽٽي ته پاڻ شير باز مزاري جي پارٽي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو پاڪستان ليول تي اڳواڻ چونڊيو ويو ۽ لڳاتار ڪم ڪندو رهيو. جڏهن پاڪستان جي سياست ۾ مانڌار آئي ته پاڻ ديري غازي ۾ سرائڪي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ سرائڪي زبان ۾ تقرير ڪندي، شير باز خان مزاريءَ جي پارٽي تان استعيفيٰ ڏيئي قادر مگسي گروپ ۾ شامل ٿيو.

غلام نبي مگسي ڪراچيءَ ۾ وڪالت ۽ سياست سان گڏ ڪيترين ئي علمي ۽ ادبي ڪاوشن ۾ اڳيرو رهيو آهي. ڪيترائي مضمون سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ ڪتابن جا ترجما ۽ سندس هيو مواد سنڌ جي ڪيترن ئي رسالن ۾ شايع ٿيندو رهي ٿو.

سڪندر اعظم مگسي:

سياسي، سماجي، ثقافتي، علمي ادبي ۽ مذهبي لحاظ کان ڳوٺ گل محمد مگسي دادو کي نمايان حيثيت حاصل آهي. هن ڳوٺ ۾ جيڪي نامور شخصيتون پيدا ٿيون. انهن ۾ مولوي عبدالرحمان مگسي سهراب خان مگسي محمد سليمان مگسي ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شخصيتون شامل آهن. انهن ۾ سڪندراعظم مگسي جو نانءُ به شمار ڪري سگهجي ٿو.

سڪندراعظم مگسي استاد ڏٽي بخش مگسيءَ جي گهر ۾ 1 ـ آڪٽوبر 1964ع تي ڄائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ گل محمد مگسي مان حاصل ڪري، مٽرڪ هاءِ اسڪول دادو مان سٽن نمبرن ۾ پاس ڪيائين. پاڻ ننڍپڻ کان ئي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ذوق شوق سان لاڳاپيل رهيو. سياسي ميدان ۾ هن سائين جي.ايم.سيد واري تحريڪ جيئي سنڌ سان واسطو رکيائين. مٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ داخلا ورتائين. جتي هن جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۾ شموليت اختيار ڪئي. ڪيس تنظيم جو صدر چونڊيو ويو ۽ پنهنجي سياسي جدوجهد جو آغاز سنڌ جي ترقي، سنڌ جي قومي وسيلن تي سنڌي ماڻهن جي حقن، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ ٻين سنڌ جي قومي وسيلن تي حلف کنيو. ان وقت ضياءُ جو دور هو. هر طرف کان سنڌ تي خونخوار وار ٿي رهيا هئا. هر طرف قاهيون ڦٽڪا هئا. قسم کٽندي ئي هن سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلمن خلاف آواز بلند ڪيو. جلسن ۽ جلوسن جي قيادت ڪيائين.

سنڌ ۾ سرڪار جي ايجنسين، چاڙڻن ۽ سرڪاري ادارن هن جو پيڇو ڪيو. آخر ڪيس گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. جتي هن کي اذيتون ڏنيون ويون. انهن تڪليفن جو بيان سنڌ جي مشهور سياسي اڳواڻ گل محمد جڪراڻي پنهنجي ڪتاب 'تاريخ مون سان انصاف ڪندي' جيڪو هن جج صاحب جي اڳيان ڏنو هو. لکي ٿو ته:

"ساڳي سلسلي ۾ دادو ضلعي مان روشن پرڙو مصطفيٰ جانوري، بدر تنيو عابد لاکير، بشير اوڏو اختيار لغاري

مڙل شاهه ڳنبل شاهه ۽ عالم لاشاريءَ کي گرفتار ڪري انهن تي پڙ مٿين قسم جو تشدد ڪيو ويو. انهن معصوم شاگردن مان هڪ شاگرد سڪندر مگسي (دادو) تي هر طرح جي تشدد کان سواءِ انتهائي ڪريل حرڪت ڪندي سندس هينئين جسم تي 'جيئي سنڌو ديش' لکيو ويو. ڪيترن ئي ڏينهن جي مسلسل تشدد کان پوءِ ڪيس هڪ سال قيد جي سزا ڏني وئي. سزا ختم ٿيڻ بعد جڏهن هو آزاد ٿيو تہ اها خبر پوري علاقي ۾ پکڙجي وئي تہ فوجين هڪ معصوم شاگرد سان انتهائي وحشيانہ حرڪت ڪئي آهي. جنهن ڪري ماڻهن ۾ انهي وحشيانہ حرڪت جي پرچار ٿيندي رهي. انهيءَ وچ ۾ سرڪاري ايجنسيون سندس پٺيان نوس نوس ڪنديون رهيون. ڪجهه مهينن کان پوءِ هو اوچتو گم ٿي ويو. اڄ ڏينهن تائين ظاهر نہ ٿيو آهي. سندس مڻڀي امڙ اڄ تائين انهيءَ اوسيئڙي ۾ آهي تہ مهنجو لال وري اڃي جيان جيل مان آزاد ٿي ايندو."

ياد رکڻ گهرجي تہ دادو جي انهن شاگردن کي حيدرآباد تارچر سيل ۾ تشدد جو نشانو بنايو ويو. جيڪو چاندني سينيما جي سامهون هو. اهڙيءَ طرح سرڪاري ڪوڙي ڪيس مان آزاد ٿي هڪ دفعو پنهنجي ڳوٺ آيو ۽ سياسي هلچل کي پاڻ سان ٿيندڙ زيادتين ۽ ٻين سنڌي شاگردن سان ٿيندڙ ظلمن کي سياسي پليٽ فارم تان اڳتي قدم وڌائي رهيو هو تہ ڪيس وري گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪيس تارچر سيلن ۾ سخت تشدد ڪيو ويو. نيٺ سرڪاري ڪارندن هٿان ڳجهه ڳوهه ۾ ڪيس قتل ڪيو ويو. سندس لاش اڄ تائين مائٽن حوالي نہ ڪيو ويو آهي. جو سندس والد رت جا ڳوڙها ڳاري فوت ٿي ويو ۽ سندس امڙ ڳوڙها ڳاڙي دل جي بيماريءَ جي بستري تي آهي.

حاجن خان پنهور:

حاجن خان پنهور ولد محمد عرس پنهور 1957ع تي دادو شهر ۾ جائو. پرائمري تعليم دادو مان حاصل ڪئي اٽس. وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو آهي. 1981ع ۾ تعليم کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هن وقت استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي. سماجي خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو. گذريل ڏهن سالن کان آل سنڌ لوئر اسٽاف ايسوسيئيشن ضلعي دادو جو صدر آهي. ان عرصي دوران لوئر اسٽاف ايڊيوڪيشن جا جيڪي جائز مسئلا آهن. انهن کي حل ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوششون ڪيون اٿائين. ان ڪري بالا آفيسرن جي عتاب هيٺ ۾ رهيو آهي. ڪيس انتقام جو نشانو بنائي جيل روانو ڪيو ويو. پاڻ سکر جيل ۾ 8 ڏينهن ۽ حيدرآباد جيل ۾ 4 ڏينهن قيد جون صعوبتون ۽ برداشت ڪيائين.

حاجن خان پنهور دادو شهر جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ ٻين تنظيمن سان ملي هڙتالون ۽ احتجاجي مظاهرا ۽ ڪيا آهن. سال 1993ع ۾ سنڌ جي بهادر پوليس جي جوانن جي شهادت تي نئين چوڪ وٽ دادو شهر جي علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي اڳواڻن طرفان غائبانہ جنازي ادا ڪئي ويئي. ان ۾ شرڪت ڪئي ڏاڙيلن هٿان جيڪي جوان شهيد ٿيا، انهن ۾ انسپيڪٽر يعقوب سولنگي، سب انسپيڪٽر پلي ڏنو پنهور، قربان سپيو ۽ ٻيا اهلڪار شامل هئا.

ميان محمد پيرزادو:

ميان محمد ولد حافظ محمد يوسف پيرزادو 5 ـ مئي 1969ع ۾ ڳوٺ مڏ شريف تعلقي دادو ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ دادو جو رخ ڪيو ۽ هتي ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم حاصل ڪري استادي جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ ٿيو. سندس تعليم ايم. اي ۽ ايم. ايڊ آهي.

ميان محمد کي سماجي سرگرمين سان دلچسپي آهي. 1988ع کان 1992ع تائين نوجوان فلاحي تنظيم ناڑيوال لُنڊ جو سرپرست اعليٰ رهيو. ان عرصي دوران ڳوٺ ناڑيوال ۾ مفت طبي سهوليتون پهچائڻ لاءِ تنظيم طرفان هر جمع تي ڪئمپ قائم ڪئي وئي. 1990ع ۾ مدرسي جو بنياد وڌائين. 1993ع ۾ نوجوان فلاحي تنظيم مڏ شريف جو بنياد وڌو ۽ جمع ڪلينڪ جي نالي سان اسپتال کولي وئي جتي مريضن کي مفت علاج جي سهوليت فراهم ڪئي ويندي. ان ڪلينڪ ۾ هزارين مريضن کي فائدو پهتو. سندس ڪوششن سان ميان حبيب حضوريءَ جو عرس مبارڪ 1991ع کان مڏ شريف ۾ ملهايو وڃي ٿو. هر سال 27 رجب تي عرس مبارڪ ملهائڻ ۾ سندس ڪيترن دوستن جو ساٿ رهيو آهي، جن ۾ ممتاز پنهور، وزير علي محمد عرس ڪنبر، محمد عيسيٰ پنهور، حافظ غلام رسول پنهور، ڏاڏو موسيٰ پنهور، عبدالغفار پنهور ۽ ڊاڪٽر راجو خان لُنڊ وغيره شامل آهن.

ڪامريڊ علي محمد جمالي:

ڪامريڊ علي محمد جمالي ولد نبي بخش جمالي تاريخ 25- جنوري 1958ع تي ڳوٺ گنهور خان جمالي تعلقي جوهيءَ ۾ جائو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول قلجي وليج مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ هاءِ اسڪول ڪڙ مان انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان بي. اي بي. ايس. سي ريگيولر سنڌ يونيورسٽي مان ۽ ايم. اي پوليٽيڪل سائنس (پرائيويٽ) سنڌ يونيورسٽي مان حاصل ڪيائين.

ڪامريڊ علي محمد جمالي سياست جي شروعات 1978ع ۾ جيئي سنڌ جي پليٽ فارم تان ڪئي. 1979ع ۾ شهيد پٽي جي شهادت بعد پ. پ ۾ شموليت اختيار ڪئي. 1981ع ۾ سپاف ضلعي دادو جو صدر به رهيو. 82-1981ع ۾ جيل ۾ ويو. 1983ع ۾ ايم. آر. ڊي تحريڪ دوران گرفتار ٿيو ۽ ڪيس سينٽرل جيل حيدرآباد موڪليو ويو. سينٽر جيل ۾ سال ڪن رهيو. اتان ڪيس آزاد ڪيو ويو. 1986ع ۾ وري ايم. آر. ڊي تحريڪ شروع ٿي ته ڪيس ٻيهر گرفتار ڪري سينٽرل جيل موڪليو ويو. سينٽرل جيل ۾ 3 مهينا قيد ۾ رهيو. 1987ع ۾ وري گرفتار ڪري دسٽرڪٽ جيل دادو ۾ بند ڪيو ويو. 1990ع ۾ جام صادق عليءَ جي وڏ وزارت دوران گرفتار ڪيو ويو. 3 مهينا آرمي ڪئمپ ۾، 2 مهينا سي. آءِ. اي سينٽر حيدرآباد ۾ رهيو. اتان وري سينٽرل جيل موڪليو ويو. ۽ ساڳئي سال آزاد ڪيو ويو. جيل جي گيٽ وٽ پهتو ته ٻيهر گرفتار ٿيو. اتان سي. آءِ. اي سينٽر ۾ بند ڪيو ويو. اتان ڪوٽڙي جوهي ۽ مخدوم سعدي موسائي ٽاڻي تي رکيو ويو. جام صادق عليءَ جي فوت ٿيڻ بعد ڪيس آزاد ڪيو ويو.

ڪامريڊ علي محمد جمالي شهيد پٽو جو شيدائي آهي. محترمہ بينظير پٽو وزيراعظم جي حيثيت سان سعودي عرب وئي ته سندس وفد ۾ ڪامريڊ علي محمد جمالي به شامل هو. ڪامريڊ علي محمد جمالي سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ پرپور حصو ونڊندو رهي ٿو. سنڌ جي برندڙ مسئلن تي احتجاج، هڙتالون ۽ بک هڙتالن ذريعي پنهنجو احتجاج بلند ڪندو رهي ٿو.

هن وقت سندس تعلق پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد پٽو گروپ سان آهي.

سرائي حاجي غلام رسول خشڪ:

سرائي حاجي غلام رسول خشڪ ولد حاجي الله بخش خشڪ ڳوٺ سرائي غلام رسول خشڪ تعلقي دادو ۾ سال 1890ع ۾ جائو. سندس والد حاجي الله بخش خشڪ سيوهڻ ۾ آنرري مئجسٽريٽ هو. سرائي حاجي غلام رسول خشڪ باقاعده ڪٽان به تعليم حاصل نه ڪئي. پر سنڌي اردو انگريزي فارسي ۽ عربي ٻوليءَ تي عبور حاصل هئس. هو

سنڌي، سرائڪي، بلوچي، بروهڪي، اردو، پنجابي، پشتو ۽ عربي بولي تي دسترس رکندو هو ۽ رواني سان ڳالهائيندو هو. سندس مادري زبان سرائڪي هئي. سندس اوطاق هر وقت کليل رهندي هئي. ونس کو مهمان ايندو هو ته پهريائين ننگر جو پچندو هئس. سندس دسترخوان هميشه کشادو هوندو هو. مهمان ايندو هو ته ڏاڍو خوش ٿيندو هو. مهمان جيڪو ايندو هو ته ان سان سندس مادري بوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو. ونس ڪتب خانو هوندو هو. جنهن ۾ سنڌي، اردو، انگريزي ۽ فارسي ۽ عربيءَ ۾ ڪتاب موجود هوندا هئس ۽ روزانو ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. انهن ڪتابن ۾ طب، فقه، مذهبي ۽ ادبي مواد ڪثير تعداد ۾ موجود هوندو هو. ونس ايل.ايل.بي جا ڪتاب جيڪي سنڌيءَ ۾ هئا، اهي به موجود هوندا هئس. جيڪو سندس وڏو ڪارنامو هو. ادب نواز ونس ايندا رهندا هئا.

سرائي حاجي غلام رسول خشڪ موسيقيءَ جو ڄاڻو ۽ قدردان هو. ڪيترائي گائڪ ونس ايندا هئا ۽ انهن جو قدر ڪندو هو. فن موسيقيءَ سان لڳاءُ هئس. پاڻ سرتار جو ڄاڻو هو ڳائيندو به هو. حڪمت به ڄاڻيندو هو ۽ بنا پئسي مريضن جو علاج ڪندو هو. جرڳي قسم جا فيصلا ٿيندا هئا ته ڏرين کي ڪير ڪنڊ ڪري ڇڏيندو هو. اهڙا فيصلا ٿيندا هئا ته زميندار ڪيس گهرائي ڪائنس راءِ پچندا هئا.

سرائي حاجي غلام رسول خشڪ شاهه جو پارکو به هو. شاهه جي سيني سرن تي عبور حاصل هئس. وڏو ذهين ۽ سالڪ ماڻهو هو. شاهه جو رسالو برزبان ياد هئس. سندس دوستن جو حلقو وسيع هو جنهن ۾ سيد مولوي مير محمد شاهه، عبدالرحمٰن ميمڻ (پان) سائين جي. ايم. سيد، عبدالعزيز سولنگي ايس. اي رئيس علڻ خان لغاري، وڏيرو مينهون خان جنگواڻي ۽ وڏيرو حاجي ميرل باهوتو شامل هئا.

غلام نبي خان سولنگي:

غلام نبي خان سولنگي ولد لونگ خان 'لائق' سولنگي 1958ع تي ڳوٺ لائق آباد تعلقي دادو ۾ ڄائو. پرائمري تعليم سيتاوليج مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيتا رود ۽ انٽر گورنمينٽ ڪاليج سيوهڻ مان حاصل ڪيائين. غلام نبي سولنگي سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو ۽ خودار زندگي گذاري رهيو آهي. ان کري وقتي طور کي پريشانيون اچنس ٿيون. ته به انهن کي همت ۽ جوان مرديءَ سان منهن ڏيندو رهي ٿو.

خير محمد سولنگي هڪ بهترين سوشل اڳواڻ آهي. هو علم ادب وارن جي اعانت ڪندو رهي ٿو. سياسي طرح وفاقي وزير لياقت علي جتوئي ۽ سيد محمد شاهه جي هميشه حمايت ڪندو رهيو آهي. هن وقت غلام نبي سولنگي پنهنجي زميندارياڻ سان گڏ هاءِ وي سنڌ ۾ سجاد ڪنسٽريڪشن ڪمپني اٽس. جنهن جي نالي سان ٺيڪيداري ڪندو رهي ٿو. سندس رهائش غريب آباد محلي دادو ۾ آهي.

علي گوهر سومرو:

علي گوهر سومرو ولد غلام حسين سومرو 1 ـ جون 1952ع ۾ ڳوٺ شاڊ تعلقي جوهيءَ ۾ ڄائو. ڇهين ڪلاس تائين ڊي. سي. هاءِ اسڪول جوهيءَ ۾ پڙهيو. مٽرڪ جو امتحان سال 1969ع ۾ طالب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. 29 ـ مئي 1971ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. نومبر 1982ع ۾ ڪيس پروموشن ڏئي جي.ايس.ٽي ڪيو ويو. بي. ايڊ جي ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1988ع ۾ ترقي ڏئي ڪيس 16 گريڊ جو ايڇ. ايس. ٽي ڪيو ويو.

علي گوهر سومرو ادبي سرگرمين ۾ پرپور طريقي سان حصو ورتو آهي. هن غزل، گيت، وائي، ٽيڑو ۽ آزاد نظم تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جو سيڪريٽري به رهيو آهي.

علي گوهر سومرو سگا پر به پنهنجون سرگرميون جاري رکيون آهن. سندس رهائش دادو شهر پر آهي.

زاهد ملڪ:

محمد اسماعيل ملڪ ادبي نالو زاهد ملڪ 22_ سيپٽمبر 1961ع پر ڳوٺ فيض محمد ملڪ تعلقي دادو پر جائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. ايم. اي صحافت ڪري چڪو آهي.

زاهد ملڪ پنهنجي لکڻ جي شروعات 1973ع کان ٻارن جي آکاڻين سان ڪئي ۽ اهي آکاڻيون 'گلن جهڙا ٻارڙا' پر ڇپيون. سال 1978ع کان 1985ع تائين شاعري ڪيائين. سندس به سؤ جي لڳ ڀڳ شعر لکيل آهن. شاعريءَ پر سندس استاد الهه نواز رکڻائي هو ۽ شاعريءَ پر سندس همت افزائي استاد بخاري ڪئي.

ادبي سرگرمين کان علاوه ثقافتي سرگرمين پر به حصو ونڊندو پيو اچي. 1981ع پر سندس پهريون اسٽيج ڊراميو 'واعدو' هو جو سر تاج ڊرامٽڪ سوسائٽي پياري ڳوٺ پر ڪيو. هن ڊرامي جو ليکڪ ۽ هدايتڪار شاداب پنهور هو. اهو ڊراميو 3 ڏينهن لڳاتار اسٽيج ٿيو. ان کان پوءِ ميهڙ خيرپور ميرس، دادو حيدرآباد، سانگهڙ پر تقريباً درجن جي لڳ ڀڳ ڊراما ڪيا اٿس.

اسٽيج ڊرامن پر بهترين اداکار جي حيثيت پر سنڌي اسپيڪرس فورم پاران اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. سندس بهترين اسٽيج ڊرامن پر واعدو، پيار جي منزل، تري تي بهشت، بيگم هو جمالو، قرض مرض فرض ۽ بيا ڊراما شامل آهن. ريڊيو خيرپور تان 1986ع پر صداڪاري ۽ ڊراما نگاريءَ جي حيثيت سان شروعات ڪئي. ٻن درجن کان وڌيڪ ڊراما پيش ڪيا اٿس.

جن کي ٻڌندڙن بيحد پسند ڪيو. ليکڪ طور ٻارن لاءِ هفتيوار فيچر 'ماما مکڻ' تمام گهڻي مقبوليت ماڻي ۽ 6 مهينا ڪن هليو. زاهد ملڪ 1988ع کان ريڊيو حيدرآباد سان وابسته آهي. ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان ڪافي ڊراما رکارڊ ٿيا اٿس.

زاهد ملڪ صحافت سان به وابسته آهي. صحافت جي شروعات 1990ع کان روزانه "خادم وطن" پر سب ايڊيٽر طور ڪئي. هي روزانه "ڪاوش"، "سرواڻ"، "الڪ" ۽ "بختور" پر به ڪم ڪري چڪو آهي. صحافت جي ميدان پر بهترين صحافتي طور حيدرآباد جي سماجي تنظيم عوامي لوگ پاران اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. هن ٽيليويزن پر به ڪم ڪيو آهي. هڪ پيرو اوطاق پر سگهڙ طور، ٻيو پيرو ڊرامي عيد اسپيشل وگ پر اداکار طور ڪم ڪيو آهي. اخبارن پر سندس 6 سؤ کن مضمون، جائزا، تجزيا ۽ تبصرا شايع ٿي چڪا آهن. ڪاوش پر سندس هڪ روزانه ڪالم "سنڌ پر امن ڪٿهن ٿيندو"، ڏاڍو مقبول ويو. اهو ڪالم جام صادق علي جي دور پر لکيو هئائين، جنهن اعلان ڪيو هو ته 3 مهينن اندر سنڌ پر امن قائم ڪري نه سگهيس، ته استعيفيٰ ڏئي ڇڏيندس.

زاهد ملڪ چار ڪتاب لکيا آهن. (1) ايم. آر. پي جي هلچل پر دادو ضلعي جو ڪردار (406 صفحا) (2) سنڌي عام مروج پهاڪا (3) مختلف اخبارن پر شايع ٿيل مضمون (4) ريڊيو اسٽيج ڊرامه شامل آهن. هن وقت روزانه 'شام' حيدرآباد پر ڪم ڪري رهيو آهي.

حسين بخش پنهور:

حسين بخش پنهور ولد محمد پنهور 1920ع تي پاٽ شريف تعلقي دادو پر جنم ورتو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول پاٽ مان حاصل ڪيائين. فائينل جو امتحان 1933ع پر پاس ڪري 1934ع پر تپيدار ٿيو.

1941ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين.

1942ع ۾ تپيداريءَ تان استعيفيٰ ڏئي ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس ۾ ڪلارڪ ٿيو. جتان ترقي ڪري هيڊ منشي اسسٽنٽ مختيارڪار جي عهدي تي پهتو. صحت جي خرابيءَ سبب 1957ع ۾ استعيفيٰ ڏنائين ۽ ساڳئي سال پاڻ مان سڪونت ترڪ ڪري مزدور آباد محلي دادو شهر ۾ اچي رهائش اختيار ڪيائين ۽ سماجي سرگرمين ۾ بهرو ونڊ لڳو. هن پاڙي جي ڪيترن ئي شاگردن کي اسڪالر شپون وٺي ڏنيون.

حسين بخش 1959ع ۾ بي. ڊي جو ميمبر چونڊجي ويو. 1974ع ۾ مزدور آباد محلي مان اليڪشن ۾ بيٺو ۽ وڏي اڪثريت سان ڪائونسلر چونڊجي ويو ۽ پنهنجي وارڊ جو چيئرمين بہ ٿيو. ڪائونسلر جي حيثيت سان ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا. 1965ع واري جنگ ۾ شهري دفاع جو رضاڪار ۽ پوسٽ واردن ٿي رهيو.

حسين بخش پنهور پراڻو مسلم ليگي هو. 1968ع ۾ استعيفيٰ ڏئي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو. 1969ع ۾ مزدور آباد محلي ۾ پيپلز پارٽي جي آفيس قائم ڪيائين. جنهن جو افتتاح مير رسول بخش ٽالپر ڪيو. سال 1974ع ۾ حسين بخش پنهور انتقال ڪري ويو. ڪيس دادو شهر جي لال هندي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

سرائي علي گوهر ملڪاڻي:

سرائي علي گوهر ملڪاڻي ولد احمد خان ملڪاڻي ڳوٺ ملڪاڻي شريف، تعلقي دادوءَ ۾ سال 1901ع ۾ جنم ورتو. پنجن سالن جي ڄمار ۾ مولانا غلام محمد ملڪاڻيءَ جي مدرسي ۾ داخلا ورتائين. جتي قرآن شريف پڙهيائين. ان بعد مولانا سيد امير محمد شاهه اميناڻيءَ جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. ۽ ان مدرسي ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جي تعليم مڪمل ڪيائين. ديني تعليم مڪمل ڪرڻ بعد واپس اچي زميندارياڻ جو ڪم سنيالڻ لڳو. ۽ راڄن جا فيصلا ڪرڻ لڳو.

سرائي علي گوهر ملڪاڻي ڏوهارين جي سخت خلاف هو. ڪنهن ڏوهاريءَ تي ڏوهه ثابت ٿيندو هو. تہ ان تي گرو ڏنڊ وجهندو هو ۽ متاثر ڌر کي حق ونائي ڏيندو هو. فيصلن ڪرڻ جو ماهر هو.

سرائي علي گوهر پاڪستان تحريڪ ۾ حصو ورتو. انڪري پنهنجي ڳوٺ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي شاخ کولي، اُتي ان يونٽ جو صدر مقرر ٿيو. ڪيترن ئي جلسن ۽ جلوسن ۾ شرڪت ڪري مسلم ليگ کي فعال بنايائين.

سرائي علي گوهر ملڪاڻيءَ 1965ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس لال هندي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

محمد سليمان مگسي:

محمد سليمان مگسي ولد مولوي عبدالرحيم مگسي 1916ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ پريو خان مگسي تعلقي دادو ۾ ڄائو. محمد سليمان مگسي چار درجا اين. جي. وي اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪري، سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ داخلا ورتي. جتان مئٽرڪ پاس ڪري واپس ڳوٺ آيو ۽ ٽيڪيداري ڪرڻ لڳو. ڪجهه وقت کان پوءِ ٽيڪيداري ڇڏي سياست ۾ پير پاتائين. سڀ کان پهريائين ڪانگريس ۾ شامل ٿيو ۽ ڪانگريس جي صدر پنڊت اڌيہ يان کيس دادو ضلعي جو صدر مقرر ڪيو. هن سياسي اٿل پٿل ۽ پيچ ڏاهه سبب ڪانگريس کي ڇڏي آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو. محمد سليمان مگسي انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ تقريرون ڪرڻ جو ماهر هو. محمد سليمان مگسي خوش اخلاق بلند مزاج ماڻهو هو. سياست کي عبادت سمجهندو هو. غريبن جي مدد ڪرڻ ۽ سندن مسئلن جي حل ڪرائڻ لاءِ رات ڏينهن پاڻ پتوڙيندو هو. سندس دوستن جو حلقو وسيع هو.

محمد سليمان مگسي 1985ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس ڪراچيءَ ۾ دفن ڪيو ويو.

محمد پريل پنهور:

محمد پريل ولد عبداللطيف پنهور سال 1821ع تي ڳوٺ عبدالرحيم جو ڪوهه تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم مدرسي مان حاصل ڪيائين. محمد پريل پنهور، تالپرن جي دور ۾ مير منشي هو. 1843ع ۾ جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي تہ انگريز سرڪار هن کي گرفتار ڪري جيل روانو ڪيو. ڪجهه وقت بعد انگريزن جيل مان آزاد ڪري هن کي روينيو آفيسر مقرر ڪيو. 1871ع ۾ پاڻ روينيو ڪاتي مان رٽائر ڪيائين.

محمد پريل پنهور روينيو آفيسر جي حيثيت ۾ خيرپور ميرس هاءِ اسڪول جو دورو ڪيو ۽ ان موقعي تي هيڊماستر کان غريب شاگردن جي لسٽ ورتي. انهن کي اسڪالرشپ منظور ڪري ڏنائين. رٽائر ٿيڻ بعد واپس اچي زميندارِي سنڀالڻ لڳو ۽ زميندارِيءَ سان گڏ سماجي ڪمن ۾ پڻ حصو وٺڻ لڳو. محمد پريل پنهور 110 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪئي. ڪيس پنهنجي ڳوٺ جي اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

محمد سهراب مگسي:

محمد سهراب مگسي ولد ڏڻي بخش مگسي ڳوٺ پريو خان مگسي تعلقي دادو ۾ سال 1893ع تي جنم ورتو. جتان لڏي اچي ڳوٺ گل محمد مگسي تعلقي دادوءَ ۾ رهائش اختيار ڪيائين. پاڻ ناظره قرآن شريف، عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم سيالن جي ڳوٺ ۾ مولانا محمد ابراهيم عباسيءَ وٽان حاصل ڪئي. اتي پرائمري تعليم سان گڏ فارسيءَ ۾ گلستان ۽ بوستان جي تعليم پوري ڪيائين. ان کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ ڪراچي ويو ۽ سنڌ مدرسي ۾ داخلا وٺي باقاعده انگريزي پڙهڻ لڳو. سندس تعليم ۽ رهائش جو خرچ سيٺ عبدالله هارون برداشت ڪندو رهيو. پاڻ خلافت تحريڪ ۾ حصو وٺندو رهيو. ان کري خلافت تحريڪ ۾ شامل ٿيو ۽ انگريزن خلاف افغانستان ڏانهن هجرت ڪندڙن ۾ شامل هو.

امداد حسين ميمڻ:

امداد حسين ميمڻ ولد محمد رجب ميمڻ 25_اپريل 1976ع تي ميمڻ محله پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم علامہ آءِ آءِ قاضي گورنمينٽ پرائمري اسڪول پاٽ شريف مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول پاٽ شريف مان، ڊپلوما سول پولي ٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ دادو مان، بي. اي ڊگري ڪاليج دادو مان ۽ ايل. ايل. بي پير الاهي بخش لا ڪاليج دادوءَ مان حاصل ڪري چڪو آهي.

امداد حسين ميمڻ محڪمہ عدليہ ۾ ملازم آهي. امداد حسين ميمڻ يار ويس ۽ سوشل ورڪر ماڻهو آهي. سندس رهائش دادو شهر ۾ آهي.

جمشيد احمد چنہ:

جمشيد احمد چنہ ولد غلام حسين چنہ تاريخ 20_جولاءِ 1976ع تي پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون درجو ۽ مئٽرڪ پاٽ شريف مان حاصل ڪيائين. تعليم سان گڏ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو. سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪري رهيو آهي. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان غريب، مسڪين، ڏاڏيل، بيواهہ ۽ يتيم هارن جي فلاح و بهبود لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. هن تنظيم جو چيف آرگنائيزر خالد حسين نٹيار آهي. آرگنائيزر اعجاز علي ملڪاڻي، عبدالغفار ملاح ۽ بيا ساٿي شامل آهن. جمشيد چنہ سماجي سرگرمين کان علاوه فني

دنيا سان به واسطو رکي ٿو. هن 1992ع کان مووي ميڪر جي حيثيت سان فن جي شروعات ڪئي. هن وقت ڪئميرامين جي حيثيت سان سنڌ ٽي. وي تي ڪم ڪري رهيو آهي.

پورو خان شيخ:

پورو خان شيخ ولد لعل بخش شيخ ويڙل ڳوٺ ڏڙو تعلقي دادو ۾ سال 1892ع ۾ جائو. ڇهن سالن جي ڄمار ۾ سندس والد مولوي محمد ابراهيم ڪلهوڙي جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو. هيءُ مدرسو سيال ڳوٺ ۾ هو. ڪجهه عرصو عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪري واپس ڳوٺ آيو ۽ پنهنجي پيءُ سان زميندارئ ۾ هٿ وندائڻ لڳو. سندس والد وفات ڪئي تہ راج ڪيس چگي مڙس جي پڳ ٻڌائي. ان بعد راڄن جا فيصلا ڪندو هو. فيصلا حق تي ڪندو هو. ان ڪري دادو تعلقي ۾ ۽ شخص فيصلي لاءِ مشهور ٿيا. جن ۾ هڪ هو سرائي علي گوهر ملڪاڻي ۽ ٻيو هو پورو خان شيخ.

پورو خان شيخ زميندار هوندي به سماجي ڪمن ۾ پرپور طريقي سان حصو ونندو هو. هن دادو ڪي ضلعي جي حيثيت ڏيارڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي.

پوري خان شيخ 1962ع تي وفات ڪئي. ڪيس اباڻي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

عبداللطيف پنهور:

عبداللطيف پنهور ولد محمد پريل پنهور ڳوٺ عبدالرحيم جو ڪوهه تعلقي دادو ۾ سال 1911ع تي جنم ورتو. هن ابتدائي ۽ ثانوي تعليم خيرپور ميرس مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ محمد ايوب کهڙي جيڪو سندس پيٽيوو هو ڪيس دادو لوڪل بورڊ ۾ ڪلارڪي وٺي ڏني. ڪلارڪيءَ مان ترقي ڪندو چيف آفيسر جي عهدي تي پهتو ۽ ان عهدي تان رٽائر ٿيو. هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪيترائيءَ سماجي ڪم ڪرايا. عبداللطيف پنهور قانون ساز اسيمبلي جو 1950ع ۾ ميمبر ٿيو. 1959ع ۾ يونين ڪائونسل سيال جو چيئرمين به ٿيو. عبداللطيف پنهور 1968ع تي وفات ڪري ويو. ڪيس پنج پٽ نالي: خليل احمد، جميل احمد، محمد عمران، محمد سليم ۽ محمد پريل پنهور آهن.

الهداد ميراڻي:

الهداد ميراڻي ولد محمد حسين ميراڻي تاريخ 14 ـ آگسٽ 1942ع ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم دادو ۾ حاصل ڪئي. مئٽرڪ ۽ انٽر به دادو مان حاصل ڪري يو. بي. ايل ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. جتان 2003ع تي رٽائرڊ ٿيو آهي. يو.بي. ايل حيدرآباد ۾ اهم عهدي تي رهيو.

الهداد ميراڻي سگا جو ميمبر بڻيو. سماجي سرگرمين ۾ حصو ورتائين. سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن سواڪا جو ميمبر به رهي چڪو هو. ادب سان به گهري دلچسپي هئي. ادبي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو هو. 2007ع ۾ فوت ٿي ويو.

نثار مگسي:

نثار احمد ولد ڪريم بخش مگسي 25 آڪٽوبر 1965ع تي ڳوٺ ڊرايي تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس ڳوٺ ڏاؤد ديرو مان پاس ڪيو. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول راڻڙ مان ۽ ڊپلوما ايگريڪلچر ڪاليج سڪرنڊ مان پاس ڪيائين. بي.اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪئي اٿس. نثار مگسي سماجي تنظيمن سان به تعلق رکي ٿو. شهيد مخدوم بلاول ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جو

اطلاعات سيڪريٽري ۽ سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن جو جنرل سيڪريٽري ٻ رهيو آهي. ۽ انهن تنظيمن جي پليٽ فارم تان ڪيترائي فلاحي ڪم ٻ سرانجام ڏئي چڪو آهي.

محمد رمضان خشڪ وڪيل:

محمد رمضان خشڪ ولد سعيد خان خشڪ 1 ـ آڪٽوبر 1954ع تي ڳوٺ محمد خان خشڪ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس جيمس آباد ڪوٺ غلام محمد ضلع ٽرپارڪر مان پاس ڪيائين. مٽرڪ جو امتحان ڊي سي هاءِ اسڪول جيمس آباد مان 1971ع ۾ پاس ڪري شاهه عبداللطيف گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص مان انٽر پاس ڪيائين. بي. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سال 1976ع ۾ ايل. ايل. بي جو امتحان ايس. ايم لا ڪاليج ڪراچيءَ مان 1981ع ۾ پاس ڪري وڪالت شروع ڪيائين هن 4 ـ مارچ جي هيري مامي يوسف لغاريءَ سان گڏ ڪم ڪيو. 1982ع ۾ دادو آيو ۽ دادو ۾ وڪالت جو آغاز ڪيائين.

محمد رمضان خشڪ وڪيل 1984ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ دادو ۾ شموليت اختيار ڪئي سگا جو نائب صدر ٻ رهيو. سگا جي پليٽ فارم تان سماجي خدمتون سرانجام ڏيندو اچي ٿو. سال 1991ع ۾ ڳوٺ خدا آباد ۾ جمع ڪلينڪ شروع ڪئي. جتي وڏي تعداد ۾ مسڪين ماروئڙن کي علاج معالج جون مفت سهوليتون ميسر ڪري ڏنيون. سماجي خدمتن جي مجتا طور ڪيس شڪارپور ۾ سگا ڪنونشن ۾ اوارڊ عطا ڪيو ويو. 1991ع ۾ جڳ مشهور سماجي ورڪر عبدالستار ايدي طرفان ڪيس ايدي ويلفيئر سينٽر جو ٻ اعزازي انچارج مقرر ڪيو ويو آهي. انهن سينٽرن تي ٻ سماجي خدمتون سرانجام ڏيندو اچي ٿو.

محمد رمضان خشڪ وڪيل کي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس طرفان 1977ع ۾ سول ڊفينس جنرل انسٽرڪٽر ڪورس لاءِ نامزد ڪيو ان ڪورس ۾ هن پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. محمد رمضان خشڪ وڪيل جو ڪيترين ئي سماجي تنظيمن سان واسطو آهي. هن وقت ٽيڪنيڪل شاپ اونرس ايسوسيئيشن جو چيئرمين آهي. ينگ سٽيزن ويلفيئر ايسوسيئيشن جو سرپرست ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن دادو جو ٻ دفعا جنرل سيڪريٽري ٻ رهي چڪو آهي.

محمد رمضان ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ ٻ حصو وٺندو اچي ٿو. شاگردي واري دور ۾ هن جيمس آباد هاءِ اسڪول ۾ بزم ادب جي شاخ قائم ڪئي ۽ ان جو ڪيس نائب صدر منتخب ڪيو ويو. هن ڪيترن ئي تقريري مقابلن ۾ حصو ورتو ۽ انعام حاصل ڪيا. ان کان علاوه نعت خواني ۾ ٻ حصو وٺندو هو ۽ نعت خواني ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪيائين. پاڻ فينسي ڊريس شو ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ اسڪول ۾ ڊراما ۽ خاڪا ٻ پيش ڪندو هو. جيڪي بيحد پسند ڪيا ويندا هئا. محمد رمضان خشڪ هن وقت ٻ ادبي سماجي ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو. سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جو سرگرم رڪن آهي. هو وقت ڊسٽرڪٽ سوشل ويلفيئر ڪاميٽيءَ جو ٻ ميمبر آهي.

عبدالرسول عباسي وڪيل:

عبدالرسول ولد قطب الدين عباسي تاريخ 15 آگسٽ 1951ع تي ڳوٺ ڪوهه وارا ڪلهوڙا لڳ ڪڙ تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم ڳوٺ ڪوهه وارا ڪلهوڙا مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ هاءِ اسڪول سيوهڻ مان ۽ ايم. اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. ايل. ايل. بي پاس ڪرڻ کان پوءِ وڪالت پيشو اختيار ڪيائين. هن وقت دادو شهر جي معروف وڪيلن ۾ سندس شمار ٿئي ٿو.

عبدالرسول عباسي سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونڊندو آچي ٿو ڀوٽ سڏار سنگت کوهه وارا کلهوڙا جو سرپرست اعليٰ به رهيو. سگا ۾ شموليت اختيار ڪيائين ۽ ان جي ڪارواري ڪاميٽيءَ جو ميمبر به رهيو. سگا جي پليٽ فارم تان سماجي سرگرمين ۾ پرپور طريقي سان حصو ورتائين. سماجي سرگرمين جي ڪري لياقت علي جتوئيءَ کيس سرٽيفڪيٽ عنايت ڪيو. ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ضلعي دادو جو به صدر رهيو آهي.

محمد حسين روشن منگي:

محمد حسين منگي ولد محمد صديق منگي 1 ـ سيپٽمبر 1948ع تي ڀوٽ پيارو آرائين، تعلقي دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڀوٽ مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ داخل ٿيو. جتان مئٽرڪ پاس ڪري دادوءَ جي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ بي.اي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين.

محمد حسين روشن منگي شعر و شاعري به ڪندو رهي ٿو. هن گيت، غزل، آزاد شاعري تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ان کان علاوه سوانح عمري تي به ڪجهه لکيو اٿس. ان کان علاوه سماجي سرگرمين ۾ به حصو ونڊندو آچي ٿو. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن دادو جو نائب صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي. سگا جي پليٽ فارم تان ڪافي سماجي ڪم ڪرايا اٿس. ان کان سواءِ پاڪستان ويلفيئر ايسوسيئيشن ضلعي دادو جو صدر ۽ شهيد مخدوم بلاول نوٽ بال ڪلب جو صدر به رهي چڪو آهي.

غلام مصطفيٰ پنهور:

غلام مصطفيٰ ولد محمد يوسف پنهور ويٽل ڀوٽ نوازيو ڪنڊي تعلقي دادو ۾ اک کولي. سندس جنم 18 ـ آڪٽوبر 1955ع آهي. غلام مصطفيٰ پنهور پنجون ڪلاس ڀوٽ نوازيو ڪنڊي مان مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪلهوڙي اسٽيشن مان ۽ بي.اي. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي آهي. ڪجهه عرصو ڊپٽي ڪمشنر دادو جو پي.اي. به رهيو. اتان استعيفيٰ ڏيئي زرعي بئنڪ دادو ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هن وقت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي. سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊندو آچي ٿو. ڪجهه وقت سگا شاخ دادو جو صدر به ٿيو. ان کان علاوه سنڌ ڪلچرل ايسوسيئيشن دادو جو صدر ۽ زرعي بئنڪ دادو ريجن جو جنرل سيڪريٽري به آهي.

حڪيم محمد پريل منگي:

حڪيم محمد پريل ولد الهڏني منگي 1932ع ۾ دادو شهر ۾ جنم ورتو. دادو ۾ پڙهيو ۽ حڪمت جي ڪم کي لڳو ڪوالیفائيڊ حڪيم آهي. حڪمت ۾ ماهر بلڪ نبض شناس حڪيم آهي. دادو شهر ۾ الله والي مسجد جي پرسان سندس شفاخانو آهي. حڪيم محمد پريل منگي حڪمت کان علاوه سماجي ثقافتي ۽ ادبي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندو آهي. دادو شهر ۾ جيڪي ادبي سماجي ۽ ثقافتي پروگرام ٿيون ٿا. انهن ۾ پرپور طريقي سان حصو ونڊندو رهي ٿو. حڪيم صاحب، 2002ع ۾ گذاري ويو.

امام بخش پنهور:

امام بخش پنهور ولد حاجي خان پنهور 16 ـ آگسٽ 1968ع تي ڀوٽ غلام پنهور تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڀوٽ مان حاصل ڪيائين. پنجون درجو پاس ڪري هاءِ اسڪول ڪلهوڙي اسٽيشن ۾ داخلا ورتائين. اٺ درجا هاءِ اسڪول ڪلهوڙي اسٽيشن مان پڙهي گورنمينٽ ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ دادو ۾ داخلا ورتائين. جتان مئٽرڪ ٽيڪنيڪل مڪينيڪل ٽريڊ ۾ سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن ڪراچي سنڌ مان پوزيشن حاصل

ڪئي. ساڳئي بورڊ مان 18 ـ جنوري 1993ع ۾ ڊپلوما آف ايسوسيئيٽس انجنيئر (سول) جي ڊگري فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن حاصل ڪيائين. بعد ۾ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئر اينڊ ٽيڪنالاجي جام شورو سنڌ مان انڊسٽريل ٽيڪنالاجي جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي اٿس. ان کان علاوه سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس ڊگري پڻ حاصل ڪري چڪو آهي.

امام بخش پنهور تعليم کان علاوه سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊندو اچي ٿو. نياڻين جي تعليم کي فروغ ڏيڻ ۽ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. هن ڳوٺ جي سماجي ثقافتي ۽ فلاحي ڪمن لاءِ انٿڪ محنت ڪئي آهي. هن وقت سنڊس رهائش بخاري محلي دادو ۾ آهي. محلي جي فلاحي ڪمن ۾ به حصو ونڊندو اچي پيو.

امام بخش سگا شاخ قلجي استيشن جو ميمبر. ڳوٺ سڏار سنگت غلام پنهور جو باني ۽ هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان ڪور گروپ دادو جو ميمبر پڻ آهي.

مير مظهر ٻهر:

مظهر حسين عرف مير مظهر حسين ٻهر ولد حاجي گلاب خان ٻهر تاريخ 3 ـ سيپٽمبر 1959ع تي ڳوٺ ترڙي جادو شهيد تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري پنجون درجو اسڪول ترڙي جادو شهيد مان ڪيائين. مٽرڪ تائين هاءِ اسڪول ڪڪڙ ۾ پڙهيو. هوشياريءَ سبب هميشه ڪلاس جو مانيٽر رهيو. تعليم بي.اي بي.ايس سي ۽ ايم.اي ڪيل اٿس.

مير مظهر ٻهر سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونڊندو اچي ٿو ۽ ٻين ڪيترين ئي سماجي سرگرمين ۾ هن وڏي جاکوڙ ڪئي. ترڙي جادو شهيد ۾ مفت ڪوچنگ سينٽر قائم ڪيو ۽ استاد محمد صالح سومري جي نالي پبلڪ لائبريري قائم ڪئي. مير مظهر ٻهر سماجي سرگرمين جي شروعات سال 1985ع ۾ ڳوٺ سڏار سنگت جي پليٽ فارم تان ڪئي. سال 1985ع ۾ ڊپٽي ڪمشنر دادو حاجي محمد هارون ميمڻ کي ڳوٺ دعوت ڏيئي گهرايو ۽ ان دعوت ۾ ڊي سي اڪيان سماجي مسئلا پيش ڪيا ۽ حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. هن دوستن سان گڏجي 1989ع ۾ سنگت شو سال 1999ع ۾ ماحول ڊراما پيش ڪيو. ان کان علاوه هر سال عيد ميلادالنبي وڏي پئماني تي ملهائيو ويندو آهي. جنهن ۾ عالماء حضرات حضور جن جي شان ۾ واعظ فرمائيندا آهن.

مير مظهر ٻهر ڪيترين ئي سماجي تنظيمن سان وابسته آهي. جنهن ۾ پاڪستان يوٿ فيڊريشن جو ميمبر. پاڪستان ڪريسينٽ يوٿ آرگنائيزيشن ضلعي دادو جو چيئرمين. گورڪ ڊولپمينٽ ويلفيئر آرگنائيزيشن جو باني ۽ مدني ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو جو ميمبر ۽ ٻين ڪيترين ئي تنظيمن سان واڳيل آهي. ڪيترن ئي سئمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ شرڪت ڪئي اٿس. ان کان علاوه هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان جي پليٽ فارم تان لاڙڪاڻي ۽ لاهور ۾ عورتن جي حقن لاءِ ريلين ۾ شرڪت ڪئي.

عابد حسين گهلو:

عابد حسين گهلو ولد دائم الدين گهلو 9 ـ نومبر 1960ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم مين اسڪول دادو مان حاصل ڪيائين. ثانوي ۽ اعليٰ تعليم به دادو مان ئي حاصل ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي.اي جي ڊگري وٺي. زميندارې پيشي سان وابسته ٿي ويو.

عابد حسين گهلو 1977ع ۾ پيپلزپارٽيءَ ۾ شامل ٿي. سياست جي شروعات ڪئي. ايم.آر.ڊي تحريڪ ۾

حصو ورتائين ۽ جيل ويو. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن دادو جو ميمبر پڻ آهي. عابد گهلو سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونندو اچي ٿو. ٻوڙن ۽ برساتن ۾ متاثرين جي مدد ڪندو رهي ٿو.

مهاتما ڏيو ڏنارام:

مهاتما ڏيو ڏنارام ڀوٽ ڪانهري تعلقي دادو ۾ سال 1842ع تي جنم ورتو. ڪن روايتن ۾ آهي ته مهاتما ڏيو ڏنارام ڀوٽ تاجو جي تعلقي سيوهڙ ۾ جنم ورتو. مهاتما ڏيو ڏنارام جي والد مهاراج لعل ڏنا رام منگترام هو. مهاتما ڏيونارام درويش صفت انسان هو.

روايت آهي ته مهاتما ڏيوڏنا رام پنهنجو اباڻو ڀوٽ چڏي اچي دادو ۾ رهائش اختيار ڪئي. ڀوٽ جي ٻين ٻارن وانگر راند سان ورونهن نه هئس. پر هو اڪيلائي پسند هو. راندين سان ڪابه دلچسپي نه هئس. هو اڪثر وقت پنهنجي ڀوٽ جي ٻاهران بيٺل هڪ ڪوهه تي وڻ جي ٽڏي ڇانو ۾ وقت گذاريندو هو. مهاتما ڏيو ڏنا رام صبح جو سنان ڪري وڻ هيٺان پلتي هڻي اکيون بند ڪري ويهي رهندو هو. اهڙيءَ ريت ڪلاڪن جا ڪلاڪ گيان ۽ ڌيان ۾ گذاريندو هو.

مهاتما ڏيو ڏنا رام اڌ رات جو اٽڪل ٽين بجي ڌاري منڊي ننڍ ڦٽائي ڀڳوان جي شيوا ڪندو هو. ان وقت جاءِ جا سمورا دروازا بند ڪري شيوا ڪندو هو ۽ اهو عمل اٽڪل ڏيڍ بجي ٻن پهرن تائين جاري رهندو هو. مهاتما ڏيو ڏنا رام درويش صفت انسان هو انڪري دادو جا هندو معتقدين سندس سيوا ڪندا هئا.

سرڳواسي ڏيو ڏنا رام سڄي عمر شادي ڪانه ڪئي. سنت پڳترام کي پنهنجو پٽ سمجهي پيار ڪندو هو. ننڍي عمر وارن کي اولاد ڪري سمجهندو هو. سرڳواسي آخري وقت ۾ بيمار گذارڻ لڳو ۽ بيماريءَ جي حالت ۾ 1906ع ۾ ديهانت ڪري ويو.

ديوان آسنداس وڪيل:

ديوان آسنداس پٽ جئراءِ چاڻو شاهه آباد ۾ جنم ورتو هن پرائمري تعليم پنهنجي ڀوٽ مان مئٽرڪ بمبئي ۾ ايل.ايل.بي ڪراچيءَ مان ڪئي. هو اصل زميندار هو. سندس پيءُ کي ان وقت آنريري مئجسٽريٽ جا پاور هئا.

ديوان آسنداس وڪيل هڏ ڏوکي انسان هو. هن ڪيترن ئي شاگردن کي وظيفا ڏيئي پڙهايو. هن جي زمين ڊي.سي.او آفيس کان وٺي سول اسپتال روڊ تائين پلاٽي لاءِ ڏنل هئي. جنهن ۾ مختلف کاتن جون آفيسون. لائبريري ۽ سول اسپتال دادو نهيل آهي. سندس نالو سنڌ جي مشهور زميندار ۽ قانوندانن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس دادو واسين تي ٿورو صدين تائين زنده رهندو.

سال 1942ع ۾ ٻوڏ جو پاڻي جيڪو دادو شهر کي کنڊرات بڻائي چڏي ها. هن مرد مجاهد پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري آسپاس جا ماڻهو گڏ ڪري دادو شهر کي بند ٻڌايو جنهن جا نشان اڄ به سندس نالي پٽيان آسن بند سڏجن ٿا. ديوان آسنداس وڪيل جي آفيس ڪچهري روڊ تي ڊسٽرڪٽ جيل جي سامهون هئي. آفيس جي پٽيان بهترين پارڪ هو. سندس هار ٻچا، اهل عيال سڀ هندستان لڏي ويا هئا. پاڻ اڪيلي سر هتي رهندو هو. عمر رسيده هڻ ڪري پنجهتر سالن جي جمار ۾ پٽن سان ملڻ لاءِ 1971ع ۾ پارت ويو. اتي ڪيس دادو شهر جي سڪ ڏايو ستائيندي هئي. پوءِ ضعيفيءَ جي ڪري واپس نه اچي سگهيو ۽ سال 1976ع ۾ ديهانت ڪري ويو. پاڻ پٽيان هڪ لائبريري چڏي ويو جيڪا پنهنجي شاگرد امام بخش گهرياڻي وڪيل کي لکي ڏئي ويو. جيڪو اڄ به ان آفيس ۾ وڪالت ڪري رهيو آهي.

ديوان واڏومل لهاڻو شامناڻي:

واڏومل پٽ ڪيئل داس لهاڻو جيڪو دادو جو وڏو زميندار ۽ سماج سڌارڪ هو. سندس جايون ۽ پلاٽ اڄ ب دادو شهر ۾ محلي جڳت آباد ۾ آهن. سندن اولاد اڄ ب دادو شهر ۾ آباد آهي. واڏومل جو ٽيون نمبر پٽ سيٺ تاراچند جيڪو قيامِ پاڪستان بعد دادو شهر جو وڏو مڪي هو ۽ ٻيا مڪي سندس ماتحت هئا. سيٺ ڳنگارام ريڪراءِ سان مڪي چونڊجي آيو جو ديهانت تائين مڪي رهيو. ان خاندان جون زرعي زمينون ڪچي توڙي پڪي ۾ تقريباً ڏهن ديهن ۾ هيون جن مان ڪجهه زمين وڪرو ڪئي ويئي آهي.

ديوان واڏومل لهاڻو وڏو سماج سڌارڪ هو ۽ دادو شهر ۾ عوام جي پلي لاءِ ڪيترائي فلاحي ڪم ڪيا.

ڪوي رامچندر ٺهلرام موٽواڻي:

ڪوي رامچندر 'رام' موٽواڻي 1880ع ڌاري دادو شهر ۾ جائو. سنڌي فائينل تائين دادو ۾ پڙهيو. فائينل امتحان پاس ڪري استاد مقرر ٿيو. شاعري ب ڪرڻ لڳو. سندس شعر ڏرمي آهن. ڪجهه قومپرستيءَ تي ب شعر ٻڌل اٿس.

ڪوي رامچندر سنڌ کي ڏاڍو ياد ڪيو آهي. ان جي شان ۾ ب شعر چيو آهي. سندس شعرن جو هڪ مجموعو 'هندو هندستان' 1931ع ڌاري شايع ٿيو. جنهن ۾ 8 باب آهن ۽ مختلف ڏرمي موضوعن تي شعر چيل اٿس. سندس ديهانت جي ڪابه خبر نه پئجي سگهي آهي. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ هندستان ويو يا هت ديهانت ڪري ويو. بهرحال سندس شعر پڪو ۽ پختو آهي. سندس هڪ غزل، جنهن جو عنوان ئي سنڌ آهي، ان جون ڪجهه سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

سنڌ مان ٿيو هند هندستان نالو ديش جو
سنڌ جي روشن ستاهر فن گڙ واپار ۾
اي هري شل تون ڪرين سنڌ جو وري روشن گگن
گگن رام جئي پرڪاش ٿئي هر ڪار ۽ وهنوار ۾

ڳنگارام شامناڻي:

ڳنگارام اصل دوآبه ڳوٺ جو رهواسي هو جيڪو دادو شهر جي ڏکڻ ۾ پنجن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي، اتي جائو. سندس خاندان زميندار گهراڻي سان واسطو رکندڙ هو. پرائمري تعليم دوآبه ۾ ۽ سيڪنڊري تعليم دادو ۾ حاصل ڪيائين. گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين. ڪجهه سال پوليس کاتي ۾ شيٺ ڪلارڪ ب رهيو. پر ذميوارين جي ڪري وڌيڪ نوڪري ڪري نه سگهيو ۽ نوڪري کي ڇڏي ڏنائين ۽ زميندااري سنياليائين. ان سان گڏ سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊڻ لڳو. هر هڪ جي ڏک سک ۾ مدد ڪرڻ وارو هو. هر هڪ سان خوش اخلاقيءَ سان پيش ايندو هو.

ڳنگارام هڪ دفعي ڪائونسلر ۽ هندو پنچائت دادو شهر جو مڪي ب رهيو. هو اوطاقي مڙس هو. هر هڪ آيل جو آدر ياءِ ڪندو هو. هن ب پٽ جينومل ۽ سنتوش ڪمار ڇڏيا آهن. جيڪي ب سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊي رهيا آهن.

مڪي ٻڌرمل هري راماڻي:

مڪي ٻڌرمل ڳوٺ رڪن تعلقي دادو ۾ جائو. سندس ونڊا زميندار هئا. پرائمري رڪن ۾ حاصل ڪيائين. جواني

بہ اتي گذاريائين. سنڌ ۾ جڏهن انگريزن خلاف تحريڪ هلي تہ ان ۾ پرپور حصو ورتائين ۽ هڙئون وڙئون مدد ڪيائين. پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ لڏي دادو شهر ۾ آيو. ان وقت رهندڙ هندو پائرن پڳ ٻڌائي. هو هڪ سٺو شيواداري هو. هر هڪ سان خوش اخلاقيءَ سان پيش ايندو هو. هو ڪڇهريءَ جو مور هو. ٻڌرمل وارو ٽلهو ڏاڍو مشهور هو. پاڻ چوندو هو تہ جيسين آءٌ آهيان تہ هيءُ ٽلهو بہ متل رهندو نہ تہ پويان خير هوندو.

مُکي ٻڌرمل ڏاڍو مهمان نواز هو. هر آيل ديسي پرديسي جي خدمت ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو. هو گفتار جو ڏاهو ۽ دوراندیش ڪاکو هو.

ديوان هوتلداس نانڪاڻي:

ديوان هوتلداس اصل ڪات ڪولاچيءَ جو هو جيڪو پاڻ شهر جي پرسان آهي. سندس وڏا زميندارِي پيشي سان واسطو رکندڙ هئا. هن پرائمري تعليم ڪات ڪولاچي ۾ ورتي. جواني اتي گذاريائين. 1942ع ۾ وڏي ٻوڏ آئي جنهنڪري اتان لڏي دادو شهر جي شاهاڻي پاڙي ۾ اچي رهيو. انگريزيءَ جي خلاف تحريڪ ۾ حصو ورتائين. سنڌ مان چندو گڏ ڪري ڪانگريس کي موڪلیندو هو. ڏاڍو مهمان نواز ۽ اوطاقي مڙس هوندو هو.

ديوان هوتلداس سخي مرد هو. زميندارِيءَ سان گڏ حڪمت بہ ڪندو هو. ڪنهن بہ مريض کان پيسا وغيره نہ وٺندو هو. فيصلي ڪرڻ جي وڏي همت هئس. ڪنهن سان بہ رياءَ نہ ڪندو هو. غريبن جي مالي سهائتا ڪندو هو. ڪيترن ئي شاگردن جون فيون ادا ڪندو هو. سندس اولاد هن وقت شاهاڻي پاڙي ۾ رهي ٿو. انهن ۾ پڇواندس ڪشنچند نانڪاڻي، سڄنومل نانڪاڻي ۽ پڇت رام نانڪاڻي شامل آهن.

مينگهراج تلجارام:

ميگهراج اصل ڳوٺ ٻرگهه بالا تعلقي جوهيءَ جو رهواسي هو. پرائمري تعليم ڍگهه بالا مان حاصل ڪيائين. جتان لڏي مُکي گهٽي دادو شهر ۾ رهائش اختيار ڪيائين. پاڻ ۾ اتڪل پنجويهه ڪن گهر هئا. هو ميرن جي وقت کان ئي آسودا، زميندار، برڪ واپاري ۽ دادو شهر جا مُکي هئا. ڏيهه توڙي پرڏيهه سان سندس واپار هلندو هو. انڪري هن کي سنڌ ورکي بہ چوندا هئا. سندن پٽيان گهٽيءَ جو نالو مُکي گهٽي پيو.

پرمانند هرداس مل:

پرمانند هرداس مل دادو شهر جي پرسان سيالن جي ڳوٺ ۾ جائو. پرائمري تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم ڪراچيءَ مان ورتائين. سندس خاندان شاهوڪار هو ان ڪري ڪيس تعليم لاءِ بمبئي موڪليو ويو. اتي ڪليڪٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين ۽ ٽريننگ تي هو تہ ڳوٺ ۾ پئي آيو. رات جي وڳڙي ۾ سيالن واري بند تي ٽانگو گلتي ٿي پيو جنهنڪري سندس ٻئي ٽنگون ضايع ٿي ويون. ان وقت سندس عمر 28 سال مس هئي.

پرمانند هرداس مل ڪجهه عرصي کان پوءِ پائرن کان ملڪيت جو حصو ورتو ۽ ان مان ڪيس ٿي لک ٻاهٺ هزار رپيا مليا. ان رقم مان اسڪول لاءِ هڪ پلاٽ ورتو ۽ ان پلاٽ تي هاءِ اسڪول ٺهرايو. هاءِ اسڪول جو پلاٽ چاليهه هزار رپين ۾ آخوند نجم الدين کان مليو. باقي رقم بلڊنگ تي خرچ آئي. بلڊنگ ۾ نو ڪمرا، هڪ سينٽر هال، هڪ ڊرائنگ هال، سائنس هال ۽ وراندو شامل آهي. هيءَ عمارت سال 1938ع ۾ ٺهي راس ٿي. هن عمارت تي ٽوٽل لاڳت هڪ لک چاونجاهه هزار رپيا آئي. اسڪول جو نالو پرمانند هرداس مل هاءِ اسڪول رکيو ويو. پاڻ 1938ع ۾ پرلوڪ پڌاري ويو. 1947ع ۾ پاڪستان قائم ٿيو تہ انهيءَ اسڪول جو نالو تبديل ڪري 'گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو' رکيو ويو.

ان طرف ڪنهن به ڏيان نه ڏنو ته هن اسڪول جو نالو چو مٽايو ويو! جڏهن سيد عبدالله شاهه سنڌ جو وزير اعليٰ ٿيو ان هن اسڪول جو دورو ڪيو ۽ سينٽر هال ۾ معززين کي خطاب ڪندي چيو ته: 'آهي ڪو مرد مجاهد جيڪو اهڙو سينٽر هال ٺهرائي ڏئي!' پر هال ۾ ڪنهن به هامر نه هنئين. سيد عبدالله شاهه چيو ته: 'سخت افسوس آهي جو هن هال مان ڪنهن به همت نه ساري. پوءِ ڪهڙو ڏوهه ڪيو ان ماڻهوءَ جنهن لکين روپيا خرچ ڪري هيءَ بلڊنگ ڏني؟ مان اڄ اعلان ڪريان ٿو ته آئنده هن اسڪول جو اصلوڪو نالو پرمانند هرداس سيڪنڊري اسڪول دادو سڏيو ويندو ۽ آءٌ ڪراچي وڃي ان جو نوٽيفڪيشن ڪڍي اوهان تائين پهچائيندس. هن وقت اسڪول ساڳئي اصلوڪي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

منگهارام سڌاڻي:

منگهارام پٽ شام داس سڌاڻي اصل ميرپور ماٽيلي جو رهواسي هو. سندس هڏ ڪاٺ مضبوط رنگ جو سهڻو جو ان ۾ قدآور شخصيت هو. ڊي جي. ڪاليج ڪراچيءَ مان پڙهي آيو سندس تعليم بي.ايس سي تائين هئي. گورنمينٽ پرمانند هرداس پائلٽ اسڪول دادو ۾ سائنس جو استاد رهيو.

منگهارام سڌاڻي سنڌ جي نامور استادن ۾ سندس شمار ٿيندو هو. حسابن ۾ وڏي مهارت رکندو هو. ڪڏهن به ڪتاب کولي نه ڏسندو هو. سڄو ڪتاب برزبان ياد هوندو هئس. جڏهن به شاگردن کي پڙهائيندو هو ته ائين محسوس ٿيندو هو ته جڻ ڪا غيبي طاقت آهي. جيڪا سندس رهبري ۽ رهنمائي ڪري رهي آهي. سندس قول هو ته پڙهو ۽ پڙهايو. سڌواڻي صاحب پنجاهه سالن جي جمار ۾ رٽائر ٿيو. سندس ڪيترائي شاگرد سڄي ملڪ ۾ اعليٰ عهدن کي پهتا. سڌواڻي صاحب آخري پساهه دادو شهر ۾ ڇڏيا.

موهن لال هاشاڻي:

موهن لال پٽ مينگهراج هاشاڻي 20 ـ ڊسمبر 1952ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. پرائمريءَ کان انٽر تائين تعليم دادو مان پاس ڪيائين. ايم.اي ۽ ايل.ايل.بي جا به امتحان پاس ڪيا اٿس. شروع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو ان مان ترقي ڪندو تعليم کاتي ۾ سپروائيزر مقرر ٿيو.

موهن لال پڙهڻ ۽ پڙهائڻ کان علاوه سماجي ۽ ڏرمي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو. گذريل ٽيهن سالن کان مندر جي شيوا ڪندو اچي ٿو جتي هندو برادري پنهنجون ڏرمي رسومات احسن طريقي سان ادا ڪري رهي آهي.

فدا حسين ميمڻ:

فدا حسين ميمڻ ولد محمد رجب ميمڻ 15 ـ آگسٽ 1963ع تي ميمڻ محلا پاٽ شريف ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم علامه آءِ آءِ قاضي گورنمينٽ پرائمري اسڪول پاٽ مان ۽ مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول پاٽ مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ اعليٰ تعليم لاءِ سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوجام ۾ داخلا ورتائين. جتان بي.ايس سي ايگريڪلچر ۽ ايم.ايس سي ايگريڪلچر (آنرز) فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين. هن وقت ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ ۾ سينئير گزيٽيڊ آفيسر آهي.

فدا حسين ميمڻ شاگردي واري دور کان يار ويس، ڪلمڪ ۽ سماجي ڪارڪن رهيو آهي. هيءُ "پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن" پير بخش ڪالوني دادو جو باني ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي. ڪالوني جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ اٽڪ محنت ڪئي. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان دوستن سان گڏجي ڪالوني ۾ بجلي جا پول، گندي پاڻي جون نالیون، روڊ رستا ۽ گهٽيون پڪيون ڪرايون آهن. ان سان گڏ ڪالونيءَ ۾ پارڪ واري ڳئس به چالو ڪرائي آهي. فدا

حسين ميمڻ گذريل 20_25 سالن کان پير بخش ڪالوني ۾ رهائش پذير آهي.

سيد هدايت حسين شاهه:

سيد هدايت حسين شاهه ولد سيد بخشل شاهه تاريخ 12_ ڊسمبر 1965ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم گورنمينٽ ماڊل مين پرائمري اسڪول دادو مان ۽ مئٽرڪ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان. بي.اي ۽ ايم.اي سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان پاس ڪئي. تعليم مڪمل ڪري سوشل ويلفيئر کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. هن وقت ڊپٽي ڊسٽرڪٽ آفيسر سوشل ويلفيئر (ڪميونٽي ڊيولپمينٽ) ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

سيد هدايت حسين شاهه سماجي، ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين ۾ حصو وٺندو رهي ٿو. هن دادو ضلعي جي ڊاڪيومينٽري فلم ناهي سڄي ضلعي ۾ ڪيبل تي نشر ڪرائي. هن ملاکڙا، ڪوڏي ڪوڏي مشاعرا، راندين ۽ سيمينيار ڪرايا. ان سان گڏ ڳُهڻ مشق شاعر ۽ اديب الهنواز رکڻائي جي تاريخي ڪتاب "دادو سنڌ جي دل" ترتيب ڏيئي ڇپائي پڌرو ڪرايو. پاڻ مشهور درگاهه سيد جهنگل شاهه (اول) جو گادي نشين پڻ آهي. درگاهه تي مشاعرا ۽ ادبي پروگرام ڪندو رهي ٿو.

محمد نواز سولنگي:

محمد نواز ولد قائم الدين سولنگي 1900ع تي ڳوٺ عيسيٰ سولنگي تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪيائين. 1980ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول سيتا روڊ مان پاس ڪيائين. روزگار سانگي واپڊا ۾ ملازمت حاصل ڪئي. ملازمت دوران ميهڙ، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد ۽ دادو ۾ رهيو ۽ دادو مان رٽائر ڪيائين.

محمد نواز 1991ع کان پنهنجي دوست محمد عرص "اظهر" سولنگيءَ (راقم) جي صلاح سان سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺندو آيو آهي. 1991ع ۾ پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن جو ميمبر ٿيو ۽ ان تنظيم جو نائب صدر به رهيو. سماجي ۽ ادبي خدمتن سبب سگا ۽ سنڌي ادبي سنگت دادو طرفان سرٽيفڪيٽ عطا ڪيا ويا. ان کان علاوه مهراڻ ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو جو ميمبر پڻ رهيو. سگا طرفان اکين جي ڪئمپ ۾ هر سال مريضن جي سارسنيال ۽ تيمارداري ڪندو رهي ٿو. سندس جذبو اڃا به جوان آهي.

عبدالحيءَ 'ادل' مهيسر:

عبدالحيءَ 'ادل' مهيسر ولد حافظ محمد بخش مهيسر، 3_ مارچ 1993ع ۾ ڳوٺ لونگ مهيسر تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو. پنجون درجو پرائمري اسڪول لونگ مهيسر مان پاس ڪري مخدوم طالب المولیٰ هاءِ اسڪول دادو مان مئٽرڪ پاس ڪيائين. وڌيڪ تعليم استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان حاصل ڪيائين ۽ گورنمينٽ پولي ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ دادو مان، ڊپلوما اليڪٽريڪل ٽيڪنالاجي ۾ فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين ۽ سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان جيولاجي ڊپارٽمينٽ مان ماسٽرس ڪئي. سندس تعليم دوران سماجي خدمتون پڻ جاري رکندي شهري ويلفيئر ايڪشن ڪميٽي دادو جو ميمبر رهيو جنهن پليٽ فارم تان شهري مسئلن تي جدوجهد ڪئي. پارٽن جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ تنظيم C.R.C چائلڊ رائٽس ڪميٽيءَ جو پڻ ميمبر آهي. جتي پاڻ پارٽن جي حقن لاءِ خدمتون ڪري پيو.

عبدالحئي 'ادل' جو شاهه شعر و شاعريءَ سان پڻ گهڻو آهي ۽ نثر ڏانهن لاڙو اٿس. جي.ايم.سيد جي ڪتاب

"جيئن ڏنو آهي مون" ۽ "پيغامِ لطيف" ۽ عرس "اظهر" سولنگيءَ جو ڪتاب "دادو تعلقي جو ماضي حال مستقبل" ۽ مهتاب اڪبر راشدي جي ڪتاب "جرنيل هوش محمد شيدي". سندس پسنديده ڪتاب آهن. هو قومپرستي ۽ انسانيت جو تمام گهٽو قائل ۽ غريبن جو هڏوڪي نوجوان آهي.

ديوان ڪوڙڻ مل[1]:

دادوءَ جو نامور سماجي ورڪر ديوان ڪوڙڻ مل ولد لعل داس 1881ع ڌاري ڳوٺ چاٽي (شاهه آباد) ۾ جنم ورتو. سنڌيءَ جا چار درجا دادوءَ جي مين پرائمري اسڪول ۾ پڙهيو ۽ گُرمکيءَ جي تعليم وٺڻ کان ورتائين. پِتا جي وفات بعد ڪيس زميندايي سنڀالڻي پئي. سارين جي هر فصل تي رب پاڪ جي نالي تي خيرات ڪندو هو. جيڪا صبح کان ويندي شام تائين هلندي هئي. جنهن لاءِ اڳواٽ شهر ۾ پڙهو ڏيارييندو. ان خيرات ۾ اڪثر غريب غربا اچي شرڪت ڪندا هئا. پوءِ ديرن جي بڻڻي شروع ڪرائيندو هو. هندن توڙي مسلمانن جا فيصلا پاڻ ڪندو هو. مذهبي مسئلن وارن فيصلن ۾ سرائي جعفر خان مگسي ۽ خميسي خان سولنگيءَ کي مشير ضرور ويهاريندو هو. سندس نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل فيصلن کي ڏسي انگريز سرڪار کيس ٽرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا.

1930ع ۾ ٻوڏ دوران جڏهن درياء جي بچاءَ بند کي ڪنڊ لڳو ۽ دادوءَ جي شهر جو ڪجهه حصو ٻڏي ويو. تہ ان ڪنڊ کي بند ڪرائڻ لاءِ ديوان ڪوڙڻ مل پوري شيخ، سيد مصري شاهه ۽ ٻين جي مدد سان پنهنجي ذاتي خرچ تي بچاءَ بند کي گولائيءَ تي ٻڌرائي بند ڪرايو. جيڪو بند اڄا بہ موجود آهي. اهڙيءَ طرح ٻوڏ دوران دربدر ٽيل ماڻهن جي ڪائڻ پيئڻ رهائڻ ڪپڙي وغيره جو بندوبست پنهنجي خرچ تي ڪيائين.

ديوان ڪوڙڻ مل مندرن جي اڏاوت جو سمورو خرچ پريندو هو. مهراج ڏيو ڏنارام جي سماڌي نهرائڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. ديوان ڪوڙڻ مل ڪانگريس جو سڀني صدر هو ۽ ڪانگريس جي مالي مدد بہ ڪندو هو. ڪافي شيوامنڊليون پڻ قائم ڪيائين. لکي شاهه صدر جي ڏرمشالا لاءِ بہ وڏي رقم خرچ ڪيائين. هن 1931ع ڌاري پرلوڪ پڌرايو.

سندس آخري ڪريا ڪرم دادوءَ جي مساڻ ۾ ڪيو ويو.

منير احمد پنهور:

منير احمد پنهور ولد عبدالغني پنهور 15 ـ سيپٽمبر 1966ع تي ڳوٺ تاجو پنهور تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس ڳوٺ تاجو پنهور تعلقي دادو مان. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول قلجي اسٽيشن مان پاس ڪيائين. انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪئي. هن بي.اي. ايم.اي. بي.ايڊ ۽ ايم.ايڊ جا امتحان پاس ڪري استادي جهڙو معزز پيشو اختيار ڪيو آهي. هن پي.ٽي.سي ۽ سي.ٽي جا ڪورس بہ پاس ڪيا آهن. پاڻ پرائمري استادي مان ترقي ڪندو انچارج هيڊ ماستر جي عهدي تي پهتو آهي. هن وقت هاءِ اسڪول تاجو پنهور ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

منير احمد پنهور سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونندو اچي ٿو. ان ڪري سال 1994ع ۾ ڳوٺ سڌار سنگت جوبنياد وڌو. هن پنهنجي ڳوٺ ۾ مڊل اسڪول قائم ڪرڻ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. هاڻي اهو مڊل اسڪول سنڌ جي

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

سينئر صوبائي وزير ۽ وزير تعليم پير مظهر الحق شاهنواز جي ڪوشش ۽ مهرباني سان ڳوٺ تاجو پنهور ۾ هاءِ اسڪول قائم ٿي چڪو آهي. سندس ڪوشش سان ڳوٺ ۾ سوئي گئس، روڊ رستا، سيوريج، پڪيون نالیون تعمير ڪرڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اهي سڀ سماجي ڪم ڪار ونڊي چڪو آهي. ان سان گڏ علم ادب سان واسطو رکي ٿو. سندس ذاتي لائبريري ڳوٺ ۾ قائم آهي، جنهن ۾ 300 ڪتاب موجود آهن. هن لائبريريءَ مان ۽نوجوان شاگرد ۽ پڙهيل لکيل طبقو فيض حاصل ڪري رهيو آهي.

حاجي نواب سولنگي:

حاجي نواب ولد عبدالرحيم سولنگي 1 ـ اپريل 1974ع تي ڳوٺ موندر تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول گولو فقير تعلقي دادو مان حاصل ڪري، مٽرڪ گورنمينٽ ووڪيشنل اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. مٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ ڪاروبار سان لڳو. هن وقت سبزي منڊي ۾ سندس ڪاروبار آهي.

حاجي نواب سولنگي شروعات کان سماجي سرگرمين ۾ پرپور انداز سان حصو ونڊندو آيو آهي. هن غريب، مسڪين ۽ يتيم شاگردن کي ڪتاب، ڊريسون (يونيفارم) ونڊي ڏيندو آهي.

حاجي محمد رمضان قريشي:

حاجي محمد رمضان ولد حاجي عمده خان قريشي 1931ع تي ڳوٺ بادني ضلع روهتڪ انڊيا ۾ جنم ورتو. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد سڪونت ترڪ ڪري پاڪستان آيو ۽ رهائش دادو ۾ اختيار ڪيائين. دادو ۾ زميندارين سنيالڻ لڳو ۽ ان سان گڏ واپاري ڪاروبار پڻ شروع ڪيائين. 1962ع ۾ بي.ڊي ميمبر ٿيو. ميمبر جي حيثيت سان هن پنهنجي حلقي جي خدمت ڪئي. حلقي ۾ صفائيءَ جو خاص خيال رکيائين. هن پيا به ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا. غريب، مسڪين ۽ بيواهه عورتن جي مالي سهائتا ڪئي. يتيم ۽ غريب شاگردن کي فيون، ڪتاب ۽ ڊريسون مهيا ڪري ڏنيون. سندس فرزند عبدالمالڪ پڻ سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊندو اچي ٿو. هن گلزار مدينه مسجد غريب آباد قائم ڪرڻ ۾ حصو ورتو. مسجد شريف جو سنگ بنياد مولانا محمد قاسم مشوري صاحب رکيو. بزرگ مشوري صاحب سان گڏ مسجد جي بنياد جو پهريون لپو پاڻ هنيو. سندس فرزند عباسي برادريءَ جو نيڪ مرد آهي ۽ برادريءَ جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪوشان آهي. حاجي محمد رمضان قريشي کي 20 ـ جون 1988ع ۾ ڪيس شهيد ڪيو ويو.

محمد فقير:

محمد فقير ولد فقير امير بخش پنهور پاڻ تعلقي جوهي ضلعي دادو جي ڳوٺ ٻڌڙا ۾ 5 ـ مئي 1965ع تي جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي. انگريزي تعليم گورنمينٽ طالب المولیٰ هاءِ اسڪول ۽ استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو ۾ حاصل ڪيائين. هن وقت پرائمري استاد جي حيثيت سان فرائض انجام ڏئي رهيو آهي. هن وقت سندن رهائش درّو روڊ دادو ۾ آهي.

ادب جي حوالي سان پاڻ اولياء الله سان محبت ۽ ان جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ۾ رهي ٿو. هن وقت سندس لکيل ڪتاب "حضرت شهيد مخدوم بلال رحمت الله عليه" شايع ٿي چڪو آهي ۽ ٻيو ڪتاب "مولیٰ مشڪل ڪشا جا قول" ڇپائيءَ هيٺ آهي. تصوف يعني سيني جو روحي علم ۽ فيض رباني حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ مرشد قبلہ سائين صوفي مهتاب علي فقير جلالاڻي مدظلہ العالي درگاهہ شريف نصير محمد فقير جلالاڻي رحمت الله عليه جو طالب آهي.

خير محمد سولنگي:

خير محمد ولد سيٺ اميد علي سولنگي تاريخ 22_ جون 1951ع تي ڳوٺ خميسو سولنگي لڳ سيتا وليج تعلقي دادوءَ ۾ جنم ورتو. سنڌس تعليم بي.اي (سول) ۽ ايل.ايل.بي هئي. شاگرديءَ واري زماني ۾ اسٽوڊنٽس يونين جو جنرل سيڪريٽري رهيو. تعليم مڪمل ڪري محڪمہ هاءِ وزيز ۾ ملازمت اختيار ڪيائين. مختلف عهدن تي رهيو. آخر ۾ هاءِ ويز اٿارٽي پاڪستان ۾ ڊائريڪٽر ٿيو. سولنگي صاحب خوش مزاج همدرد ۽ هڏوڪي انسان هو. غريبن مفلس ۽ نادارن جي هڙان وڙان مدد ڪيائين. علم ۽ ادب سان بہ سنڌس چاهہ هو. پيرل پرديسي جو شعري مجموعو ۽ هن ڪتاب جي مصنف جو تحقيقي ڪتاب بہ پنهنجي پٽسن سان ڇپرايائين. هي فراخدل ۽ فياض ماڻهو سال 2009ع ۾ وفات ڪري ويو.

غلام سرور پنڊ[1]:

غلام سرور پنڊ ولد عبدالله خان پنڊ 26_ نومبر 1961ع تي ڳوٺ سلطان پنڊ دادوءَ ۾ جائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ مان مئٽرڪ سال 1978ع ۾ گورنمينٽ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول دادوءَ مان پاس ڪئي. انٽر سال 1980ع ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي جام مان پاس ڪئي. بي.ايس سي (آنرز) ايگريڪلچر (اڪانامڪس) 1985ع ۾ پاس ڪئي.

غلام سرور پنڊ ملازمت جي شروعات سال 1986ع ۾ جونيئر ڪمرشل اسسٽنٽ بڪنگ طور ڪئي. هو ڪراچي سٽي، ڪراچي ڪينٽ ۽ دادو اسٽيشن تي ڪم ڪري چڪو آهي. هن وقت دادو ريلوي اسٽيشن تي سينئر ڪمرشل اسسٽنٽ بڪنگ طور ڪم ڪري رهيو آهي. غلام سرور پنڊ سوشل ورڪر رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت شاخ دادوءَ سان ويجهڙائي رهي اٿس. هن سال 1974ع ۾ "نوجوان سنگت خدا آباد" جي نالي سان هڪ سماجي پلاٽيءَ واري تنظيم جو بنياد بہ رکيو جنهن جو هو 76_1974ع تائين صدر بہ رهيو.

غلام سرور پنڊ شاگرديءَ واري زماني ۾ شاگردن جي تنظيم_ سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي دادو جو آرگنائيزر ڪنوينر ۽ مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر بہ رهيو.

غلام سرور پنڊ هن وقت پنهنجي ڳوٺ سلطان پنڊ ۾ رهي ٿو.

ڊاڪٽر سڪندر علي پنهور:

ڊاڪٽر ڪيپٽن سڪندر علي پنهور ولد غلام علي پنهور 11_ جولاءِ 1955ع تي پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد دادوءَ مان پاس ڪيائين. مئٽرڪ پرمانند هرداس مل پائلٽ سيڪنڊري اسڪول دادو مان پاس ڪري ايم.بي.بي.ايس لياقت ميڊيڪل ڪاليج جام شورو مان ڊي.پي.ايڇ پنجاب يونيورسٽي ۽ ايل.ايل.بي ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين.

سڪندر علي پنهور تعليم مڪمل ڪري 1981ع ۾ پاڪ آرميءَ ۾ بحيثيت ڊاڪٽر ملازمت اختيار ڪئي. هن ڪيترن ئي عهدن تي ملازمت اختيار ڪئي آهي. ڊاڪٽر ڪيپٽن سڪندر علي پنهور ڊائريڪٽر هيلٿ ڪراچي ميونسپل ڪمشنر سائوٿ ڪراچي، ائڊمنسٽريٽو ميونسپل ڪارپوريشن لاڙڪاڻو ڊائريڪٽر جنرل مانيٽرنگ مڪاني حڪومت سنڌ، اسپيشل سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، اسپيشل سيڪريٽري هيلٿ، ڊائريڪٽر جنرل ڪلچرل

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.

ڊائريڪٽر جنرل پاپوليشن ۽ ڊائريڪٽر جنرل اربن پاليسي اينڊ اسٽيٽيڪل پلاننگ ۽ بين کاتن ۾ به رهيو آهي. هن وقت ڊائريڪٽر جنرل اربن پاليسي ۽ اسٽيٽڪ پلاننگ سنڌ جي حيثيت سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر ڪيپٽن سڪندر علي پنهور سرڪاري فرائض نيائڻ سان گڏ سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهيو آهي. ڪيترن ئي غريب، مسڪينن ۽ بيواهه عورتن جي سهائتا ڪندو رهي ٿو. غريب ۽ يتيم شاگردن کي فيون، ڊريسون ۽ ڪتاب فراهم ڪندو رهي ٿو ۽ ڪيترن ئي مريضن جي علاج معالج ۾ مدد فراهم ڪري رهيو آهي. ان سان گڏ ادبي سرگرمين ۾ حصو ونندو اچي ٿو ۽ مالي سهائتا پڻ ڪندو رهي ٿو.

محمد اسماعيل زنئور[1]:

محمد اسماعيل ولد وڏيرو بلاول خان زنئور دادو اسٽيشن جي ويجهو ڳوٺ ۾ رهندڙ هو. وڏو پڙهيل ته نه هو شايد معمولي سنڌي لکڻ پڙهڻ ڄاڻندو هو. ڏاڏو پوکي راهي هئس. قد وچولو بت هلکو، شهپر وڏا تلوار ڪٽ رعبدار شخصيت، مٿي تي ترڪي ٽوپي، ڪجهه عرصو پير علي محمد راشديءَ جو گارڊ به رهيو. شڪار جو وڏو شوقين هوندو هو. شينهن جي مُنهن ۾ به ويندي اصل ڪونه ڏجندو هو. شينهن سان مقابلي ڪرڻ جو وڏو شوق هئس. پير صاحب سان اڪثر پرڏيهه دورن ۾ هم رڪاب رهيو. ڪڏهن يو.پي، ڪڏهن سي.پي، ڪڏهن ٻهار ڪڏهن ميسور.

هڪ دفعي يو.پي جي جهنگن ۾ پير علي محمد راشديءَ سان ٽي ويو هڪ وڏي گاهه جي ڏڙيءَ ۾ شينهن لڪل هو. محمد اسماعيل کي هدايت ڪيل هئي ته 12 هين بور جي ڇرن جي بندوق شينهن تي نه هلائي. هي هاٿيءَ تي سوار هئا. هاٿي گاهه چيريندا اڳتي وڌندا ويا. اوچتو محمد اسماعيل زنئور جي نظر شينهن تي پئجي وئي. نه ڪيائين هم نه تم، ڇرن وارو ڪارتوس بندوق ۾ لوڊ ڪري شينهن تي ٽڪاءُ ڪيرايو. گاهه وڏو هو شينهن گُم ٿي ويو. محمد اسماعيل هاٿيءَ جي پٺيءَ تي اُپو ٻيهي نعرا هڻڻ لڳو. هاٿيءَ جي مهارت کي تجربو هو اُن پنهنجو هاٿي پوئتي هٽايو. محمد اسماعيل کاوڙ منجهان مهاوت جي پڳ لاهي ورتي ۽ ڪيس گاريون ڏيندو رهيو ته هاٿي پوئتي ڇوٽو موڪلائي. سندس هڪ هٿ ۾ بندوق ۽ ٻئي هٿ ۾ مهاوت جو پٽڪو.

نشي پتي خاص ڪري پنگ جو موالي هو. يو.پي ۾ پنگ عام هوندي آهي. محمد اسماعيل يو.پيءَ ۾ راهي پنگ جا جهنگ ڏسي مرڪندو هو. جڏهن سنڌ آيو ته پير صاحب جي آڏو پنگ جي گهُنڊين جي پري ڪڍي رکي. پير صاحب چيس ته منع ڪرڻ جي باوجود هيءَ ڪيئن آندئي؟ چيائين ته 15 دونالين بندوقون جيڪي گڏهيون، انهن جي نالين ۾ پري چڏي اهڙي طرح هيءَ پنگ هتي پهچي وئي.

پير علي محمد شاهه جي صحبت ۾ اچي مسلم ليگ جو همدرد ٿيو. 1950ع جي وچ ڌاري لاڙاڻو ڪري ويو.

ڊاڪٽر بازمحمد جوٽيجو[1]:

ڊاڪٽر بازمحمد جوٽيجو 1947ع ڌاري ڳوٺ "پاٽ" ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي ۽ ثانوي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪرڻ کان پوءِ 1970ع ۾ يونيورسٽي آف پنجاب مان بي.وي.ايس.سي ۽ بي.ايس سي (اي.ايچ) جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1975ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم.ايس سي ڪيائين. 1970ع کان 1973ع تائين وٽنري اسسٽنٽ سرجن جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو. 1977ع تائين ڪيوريٽر، زولاجيڪل گارڊن حيدرآباد جي عهدن تي فائز رهيو. ان

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

کان پوءِ 1983ع تائين اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ۽ 1989ع تائين ڊزيز انويسٽيگيشن آفيسر رهيو. 1993ع تائين سينٽرل وٽنري ڊائگنوسٽڪ سينٽر ٽنڊي جام ۾ ڊائريڪٽر ۽ ان بعد ڊائريڪٽر وٽنري سنڌ رهيو.

ان کان پوءِ هن سنڌ جي ائنيمل هسبينڊريءَ کي متعارف ڪرائڻ لاءِ سنڌ جي ڪيترن ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ پنهنجون قلمي ڪوششون جاري رکيون. سندس ڪاوشن سان ڊيري فارمر ۽ ان کي دلچسپي رکندڙ ماڻهن لاءِ "ڊيري گائيڊ" نالي هڪ ڪتاب چپجي چڪو آهي، جيڪو هن ڊاڪٽر عابد ٿهيم ۽ ڊاڪٽر سعيديه سان گڏجي تيار ڪيو.

مولوي حڪيم محمد صديق سيتائي[1]:

موصوف، سيتاوليج ۾ ڄائو هيءُ بزرگ معقول ۽ منقول جي علمن جو وڏو ماهر هو. ڪلام، گفتگو ۽ مناظرن ڪرڻ ۾ ڪيس مهارت حاصل هئي هيءُ اعليٰ پايي جو حڪيم هو. صبح کان شام تائين مريضن جو انبوهه وٽس موجود رهندو هو.

مولوي صاحب مختلف ديني علمن جي تحصيل مخدوم حاجي حسن الله پاڻائيءَ وٽان حاصل ڪرڻ بعد سيتا ۾ مدرسو قائم ڪيائين. حڪيم نورمحمد سيوهاڻي، مولوي عبدالعزيز ملڪاڻي، مولوي عبدالرزاق بوبڪائي، مولوي عبدالله سيتائي، مولوي رحمت الله سيتائي، مولوي عبدالقيوم بختيارپوري ۽ مولوي عبدالرؤف بخشاپوري انهيءَ مدرسي مان پڙهيا.

ڇٽو فقير ڪوريجو[1]:

ڇٽو فقير ڪوريجو ڪلهوڙن جي دور جو مشهور بهادر سپاهي هو ۽ سنڌ جي ڪاڇي واري علاقي جي ڳوٺ ڪوريجي جو ويڙل هو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي جي لشڪر جو سپهه سالار به رهيو. سندس قبر، ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي قبرستان ۾ آهي.

حاجي خان ڪوسو:

حاجي خان ڪوسو ولد فتح محمد ڪوسو 14 ـ اپريل 1941ع تي ڳوٺ بازمال ڪوسو تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پنج درجا بازمال ڪوسي مان پاس ڪري حاجي خان اسڪول ۾ داخل ٿيو. جتان پنج درجا انگريزي پڙهي دادو هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين ۽ سال 1958ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري، مئي 1960ع ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. سال 61ـ 1960ع ۾ به سال ايس.وي ٽريننگ ايميننٽري ڪاليج مان پاس ڪيائين. سال 1962ع ۾ جي.ايس.ٽي سيڪنڊري اسڪول ۾ ترقي ملي. سال 1963ع ۾ ڪيس ترقي ڏيئي سپروائيزر مقرر ڪيو ويو ۽ سال 1966ع تائين دادو ۽ جوهيءَ ۾ ساڳئي عهدي تي ڪم ڪيائين. سپروائيزري دوران هن پرائمري تعليم جي سڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيو. 1963ع ۾ بي.اي جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان حاصل ڪيائين. ايم.اي ڪراچي يونيورسٽي ۽ ايم.ايڊ ريگيولر سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان ڪيائين.

حاجي خان ڪوسو 1968ع ۾ ايم.اي (مذاهب عالم) ۽ 1973ع ۾ ايم.ايڊ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. سال 1976ع ۾ ايڇ.ايس.ٽي جي حيثيت سان ڪيس پروموشن ڏئي جوهي هاءِ اسڪول ۾ مقرر ڪيو ويو ۽ ان اسڪول ۾ هو 1981ع تائين ڊيوٽي سرانجام ڏيندو رهيو. سال 1981ع کان 1986ع تائين طالب المولیٰ هاءِ اسڪول دادو ۾ جنبي

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

سان تعليم جي خدمت ڪئي. سال 1986ع ۾ ڪيس 17 گريڊ ۾ ترقي ڏيئي هيڊ ماستر گورنمينٽ هاءِ اسڪول غريب آباد دادو ۾ مقرر ڪيو ويو ڪجھ عرصو ايس.ڊي.او خيرپور ناٿن شاھ ۾ ڊپٽي ايڊيوڪيشنل آفيسر دادو به رهيو. ڪيس ترقي ڏئي سال 1999ع ۾ تعليم کاتي جو ضلعي آفيسر بدين مقرر ڪيو ويو جتان 13-اپريل 2001ع تي رٽائر ٿيو.

حاجي خان کوسو ڳوٺ ۾ پسگردائيءَ ۾ جهالت ۽ مفلسي کي ختم ڪرڻ لاءِ انٿڪ محنت ڪئي. هن شعور پيدا ڪري ڪيترن ئي نوجوانن کي علم جي زيور سان مالامال ڪري اعليٰ عهدن تي پهچايو. هن علمي ۽ ادبي سرگرمين کان علاوه سماجي سرگرمين ۾ پرپور انداز سان پاڻ پتوڙيو سگا ۽ ڳوٺ سڌار سنگت ۾ پرپور نموني سان شرڪت ڪئي.

هيءُ محنتي جاکوڙي انسان شگر جي بيماري سبب 4-اپريل 2005ع مطابق 24-صفر 1426هـ تي شام جو 7:00 وڳي تي انتقال ڪري ويو. ڪيس سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

يار محمد کوسو:

يار محمد کوسو ولد پيارو خان کوسو سال 1930ع مطابق ماهه رجب 1349هـ ۾ ڳوٺ بازمال کوسي تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو عبدالڪريم هو جيڪو سندس مامي رکيو هو پر سندس مائٽن اهو نالو ڳرو سمجهي يار محمد رکيو. سندس جڏهن عمر نو سال ٿي تہ 1939ع ۾ مائٽن اسڪول ۾ داخل ڪرايو جتي هو پرائمري پڙهيو. هن ڪيترن ئي نامياڻن استادن وٽ پرائمري تعليم حاصل ڪئي. جن ۾ استاد مولاداد لغاري ڳوٺ راوت خان لغاري جو استاد محمد صادق خانپور وارو۽ استاد مراد علي لغاري ڳوٺ حاجي خان لغاري وارا شامل آهن. سندس امتحان اسڪول حاجي خان ۾ ٽيو جتي جوان پوڙها ۽ ننڍڙا ٻار شامل هئا. جن کان صاحب امتحان ورتو. وٽس ادب ۽ تاريخ جو وڏو ذخيرو موجود هو. هن پنهنجي ڳوٺ جي تاريخ کان علاوه علمي ادبي ۽ سماجي شخصيت جو تعارف تصويرن سان گڏ ڪري ڇڏيو هو جيڪو ادبي ۽ تاريخ سان سندس عشق جو مظهر آهي. ٻاڻ سال 2004ع ۾ وفات ڪري ويو.

حاجي ٻاجهي خان ٺهيم:

حاجي ٻاجهي خان ٺهيم ولد محمد خان ٺهيم سال 1905ع تي ڳوٺ واهي پانڌي تعلقي جوهي ۾ جنم ورتو. اٽن سالن جي عمر ۾ پرائمري اسڪول ۾ داخل ٿيو. جتان فائنل جو امتحان امتيازي حيثيت سان پاس ڪيائين. ان کانپوءِ والد صاحب جي حڪم موجب واپار ۽ زمينداري پيشو اختيار ڪيائين. هر قسم جو واپار جنهن ۾ اناج، پشم ۽ چمڙي جو واپار به شامل آهي. اهو شروع ڪيائين. واپاري دنيا ۾ ايمانداريءَ جي ڪري مشهور ٿيو. ڪاڇي کان علاوه سنڌ جا واپاري ڪيس اناج جون جنسون ڏيڻ ايندا هئا. حاجي ٻاجهي خان ڪراچي، لاهور، سيالڪوٽ، ملتان ۽ لائلپور (فيصل آباد) تائين واپار ڪندو رهيو.

حاجي ٻاجهي خان ٺهيم 1936ع ۾ واهي پانڌي شهر مان سڪونت ترڪ ڪري، جوهي شهر ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي واپار سان گڏ سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ لڳو. 1947ع ۾ پاڪستان وجود ۾ آيو تہ هندستان مان ايندڙ پناهه گيرن جي سار سنيال ڪرڻ لڳو ۽ مهمان نوازيءَ جي جذبي تحت انهن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست پڻ ڪرڻ لڳو.

حاجي ٻاجهي خان ٺهيم صدر ايوب جي دور ۾ چيئرمين چونڊجي ويو. ان عرصي دوران هن شهر جي فلاح و بهبود لاءِ ٻاڻ پتوڙيو. ٻوڏن دوران مقامي آفيسرن سان ملي متاثرن جي مدد ڪندو هو. ٻاڻ سچار ۽ ايماندار هو. ان ڪري

تعلقي جا سمورا آفيسر کائنس مشورا ونندا ۽ سندس عزت کندا هئا. هن کيترائي فيصلا کيا.

حاجي ٻاجهي خان ٿهيم نيڪ نمازي، صوم صلوات جو پابند هو. پاڙ مسجدن جي نهرائڻ ۽ مرمت ۾ ماڻهن جي مدد کندو هو. حاجي ٻاجهي خان بيواهن ۽ غريب ۽ مسڪين مريضن جي دل کولي مدد کندو هو. لاوارث مري ويلن جي ڪفن دفن جو بندوبست ٻه کندو هو. کيترن غريب، مسڪين ۽ يتيم شاگردن کي ڊريسون ۽ فيون ۽ ڏيندو هو. اونهاري جي موسم ۾ ڪاچي جي رستن تي پنهنجي خرچ تي پاڻي ۽ جو بندوبست کندو هو. عشر ۽ زڪوات جو ڪم ٻه احسن طريقي سان سرانجام ڏيندو رهيو. کيترين ئي بيواهه عورتن کي سلائي ۽ جون مشينون فراهم کيائين.

حاجي ٻاجهي خان ٿهيم مسلم ليگ ۾ ٻه رهيو. کيس مسلم ليگ سٽي جوهي جو چيئرمن مقرر کيو ويو جتي کيترائي سال مسلم ليگ جي چيئرمن طور خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. صدر ايوب جي دور ۾ وليج ايڊ کاتو قائم کيو ويو ته کيس جوهي ۽ جو وائيس چيئرمين مقرر کيو ويو. هن ان عهدي تي رهي احسن طريقي سان ذميواريون نيايون. پٽي صاحب جڏهن پيپلز پارٽي ناهي ته ان ۾ شامل ٿيو ۽ آخري وقت تائين پيپلز پارٽي ۾ رهيو. جڏهن پٽي صاحب کي آمر ضياء ڦاسي ڏيئي شهيد کيو ته هن جوهي ۽ ۾ غائبانه جنازي نماز پڙهائي. جنهن کري فوجين کيس گرفتار کيو. حاجي صاحب انهن کي چيو ته جيڪڏهن ڪنهن مسلمان جي غائبانه نماز پڙهڻ جائز نه آهي ته پوءِ مان حاضر آهيان. اهڙي منطقي سوال ڪرڻ تي فوجين کيس سلام کري چڏي ڏنو.

حاجي ٻاجهي خان ٿهيم 1984ع ۾ انتقال کري ويو. سندس آخري آرامگاهه مقامي قبرستان ۾ آهي.

نور محمد لاکير[1]:

نور محمد ولد محمد سجاول لاکير 16 ـ سيپٽمبر 1845ع تي ڳوٺ چکرو تعلقي ڏوکري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو. پاڻ قانوني ماهر، سماجي سڌارڪ ۽ حيدرآباد جي معروف تعليمي درسگاهه "نورمحمد هاءِ اسڪول" جو باني ۽ مالڪ هو.

نورمحمد جو والد پرائمري استاد هو جيڪو نوکري سانگي تعلقي ڪڙ (اڳوٽي) جي ڳوٺ "جمعو لاکير" ۾ لڏي ويٽو پينشن تي پهچڻ بعد زمين جو ٽڪرو وٺي باقي حياتي اتي ئي گذاري. نورمحمد ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتي، مٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچيءَ مان پاس کرڻ بعد علي ڳڙهه ويو جتان بي. اي ۽ ايل. ايل. بي جون ڊگريون حاصل کيائين. پاڻ کجهه وقت علي ڳڙهه ڪاليج ۾ استاد ٿي رهيو ۽ پوءِ خيرپور رياست ۾ جج مقرر ٿيو جتان ٻن سالن بعد استعيفيٰ ڏيئي اچي حيدرآباد (سنڌ) ۾ وڪالت کرڻ لڳو.

نورمحمد قومي خدمت جو جذبو رکندو هو ان سلسلي ۾ هن کيترائي خير جا ڪم کيا، ليکن تعليم جي حوالي سان هن تمام گهڻو پاڻ پتوڙيو. انهن ڏينهن ۾ حيدرآباد اندر مسلمان ٻارن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ کو خاص جدا درسگاهه کونه هو. نورمحمد صاحب ان کميءَ کي شدت سان محسوس کندي 1924ع ۾ سنڌ مسلم تعليمي کانفرنس سڏائي، جنهن ۾ سنڌي مسلمانن جي ٻارن لاءِ حيدرآباد ۾ مسلم "هاسٽل" قائم کرڻ جو فيصلو کيو ويو جيڪا 1925ع ۾ قائم ٿي. مسلمانن جي ٻارڙن جي مستقبل کي روشن بنائڻ لاءِ هن صاحب ان هاسٽل جي هيٺئين حصي ۾ اي-وي کلاس ٽن درجن تائين پڙهائڻ جو انتظام ٻه کيو جن ۾ ٻين استادن سان گڏ پاڻ ٻه پڙهائيندو هو. کجهه وقت کان پوءِ هن صاحب سر غلام حسين هدايت الله جيڪو اُن وقت بمبئي حڪومت ۾ وزير هو جي تعاون

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

سان حيدرآباد ۾ هڪ هاءِ اسڪول جو بنياد رکيو اهو اسڪول اڄ به سندس يادگار آهي ۽ سندس ئي نالي سان سڏجي ٿو. اهو اسڪول مسلم ايجوڪيشنل سوسائٽيءَ کي انهيءَ شرط تي مليو ته اسڪول جي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي ويندي. نورمحمد صاحب پاڻ ۽ پنهنجي دوستن جي مدد سان هن اسڪول جي بلڊنگ جوڙائي ۽ 13 ـ اپريل 1934ع کان هيءَ اسڪول باقاعده چالو ٿيو.

نورمحمد لاکير هن درسگاهه کي ترقي ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن کوشش ڪئي. ايتري قدر جو هڪ پيري پئسن جي کوٽ پوڻ سبب، هن پنهنجو بنگلو خانبهادر الهداد خان ميرپور خاص واري وٽ 13 هزار رپين ۾ گروي رکي اسڪول جو خرچ پورو ڪيو. اهو بنگلو سندس وفات تائين به نه ڇڏائجي سگهيو. اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ ٻهراڙيءَ جي شاگردن جي رهائشي جو هاسٽل ۾ مناسب انتظام رکيو ويو. هوشيار ۽ غريب شاگردن کي لوڪل بورڊ ڪان اسڪالرشپون ڏياريون ويون. پڑهائيءَ جو معيار بلند رکڻ لاءِ پري پري کان قابل استاد گهرايا ويا. ان زماني ۾ سڄي اسٽاف جو ماهوار پگهار به سؤ رپيا هو.

هيءَ جفاڪش، هڏ ڏوکي ۽ هر دلعزيز انسان 22 ـ آگسٽ 1937ع تي ڪراچيءَ ۾ بلڊپريشر وڌڻ جي تڪليف سبب لاڏاڻو ڪري ويو. سندس مزار مسلم هاسٽل حيدرآباد جي احاطي ۾ آهي.

شيرمحمد راهوجو[1]:

ضلعي دادو جو معروف عوام دوست ڪامورو مرحوم شيرمحمد راهوجو ولد غلام قادر راهوجو تعلقي خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺ راهوجا ۾ 1 ـ ڊسمبر 1912ع تي جائو. هن ابتدائي تعليم گوزي ۾ 1922ع تي پاس ڪئي. مئٽرڪ 1927ع ۾ تلوڪ چند چنگومل هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪئي. انٽر 1929ع تي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾، بي.اي (آنرز) 1931ع ۾ ساڳئي يونيورسٽيءَ مان ڪئي. بي . سي/ ايس. ٽي.سي جا 5 ساله ڪورس به ساڳئي يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيا.

شير محمد راهوجي ملازمت جي شروعات سنڌ مدرسه اسڪول ڪراچيءَ ۾ 27 ـ آگسٽ 1945ع تي اسسٽنٽ ماسٽر سان ٿي. جڳ مشهور دانشور ۽ ڏاهو سائين محمد ابراهيم جويو سندس ڪليگ ۽ روم پارٽنر ۽ نامور سياستدان رسول بخش پليجي جو استاد رهيو. 11 ـ فيبروري 1952ع تي هن جي بدلي لاڙڪاڻي ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ ڪئي وئي. جتي هو 5 سال ٽيچر رهيو. 1954ع ۾ هن کي ترقي ڏيئي ڊسٽرڪٽ انسپيڪٽر آف اسڪولس (D.I.S) مقرر ڪيو ويو. هن کي پهريان شڪارپور ۾ پوءِ نواب شاهه، لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ ترتيبوار مقرر ڪيو ويو.

شيرمحمد راهوجو انسان دوست، علم پرور ۽ غريب نواز هڪ سنڌي ڪامورو هو. هن D.I.S جي حيثيت ۾ ڪافي نوجوان استاد پرتي ڪيا. ان کان علاوه سنڌ جي پٺتي پيل شهرن خاص ڪري ٻهراڙيءَ وارن علاقن ۾ اسڪول ۽ ڪاليج کولرايا. غريب ماڻهن جي ٻارڙن جي تعليم لاءِ وظيفا مقرر ڪرايا ۽ گڏوگڏ انهن جي رهائش ، کاڌي پيتي جا انتظام ڪرايا. هن هڪ ٻيو اهم نيڪيءَ جو ڪم ڪيو جو هن دادو جي غريب آباد پاڙي ۾ پنهنجي ڪيسي مان خرچ ڪري هڪ پلاٽ ورتو جنهن تي هن هڪ خيراتي اسڪول کوليو جنهن ۾ غريب، بي ڇڄ ۽ لاوارث ٻارڙن کي تعليم ڏيڻ جو اهتمام ڪيائين. انهيءَ اسڪول جي عمارت جي نهرائڻ جو خرچ وغيره به هن پنهنجي گهران برداشت ڪيو. 1973ع کان پوءِ هِن اسڪول کي گورنمينٽ جي تحويل ۾ ورتو ويو. هينئر اهو اسڪول گورنمينٽ پرائمري مين

---

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

اسڪول غريب آباد دادو جي نالي سان اڄ به ڪم ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه دادو شهر ۾ گورنمينٽ گرلز ڪاليج کولرائڻ ۾ ان کي هلائڻ ليڈي ٽيچر پرتي ڪرائڻ ۾ شير محمد راهوجي جون اهم ڪوششون شامل هيون.

شيرمحمد راهوجي به شاديون ڪيون. پهرئين گهر مان هڪ فرزند- جميل احمد راهوجو حبيب بئنڪ ۾ وائيس پريزيڊنٽ هو جيڪو 2010ع ۾ وفات ڪري ويو. ٻيو فرزند- خليل احمد راهوجو S.R.T.C ۾ سپروائيزر هو ان کان پوءِ هو فيملي پلاننگ ۾ ڊسٽرڪٽ پلاننگ آفيسر ٿيو. بعد ۾ نوڪري ڇڏي زميندراري ڪرڻ لڳو. ٻئي گهر مان- خليق احمد راهوجو چيف انجنيئر سول ايوي ايشين اٿارٽي آهي. شيرمحمد جي پنجن نياڻين مان هڪ نياڻي صفيه راهوجو کهاڙيڪارا هئي. جنهن جو هڪ کهاڙين جو مجموعو به ڇپيل آهي.

شيرمحمد راهوجو 30- ڊسمبر 1982ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. کيس ڳوٺ حاجي لعل بخش راهوجي جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

محمد صالح راهوجو[1]:

انسان دوست ڪامورو محمد صالح ولد محمد پناهه راهو جو 1939ع تي ڳوٺ راهو جا تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم گوزي مان 1951ع ۾ حاصل ڪئي ۽ مٽرڪ گورنمينٽ ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان 1956ع ۾ پاس ڪئي. غربت سبب هو وڌيڪ تعليم حاصل نه ڪري سگهيو.

محمد صالح راهوجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1962ع تي تعليم کاتي ۾ ڪلارڪ کان ڪئي. سندس مقرري لاڙڪاڻي ۾ ٿي. هن 1973ع ۾ دوستن سان ڪلارڪ اسيوسيئيشن جو بنياد رکيو ۽ ان جو هو پهريون جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. هن کي 81_1980ع ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل ۾ آفيس سپرنٽينڈنٽ مقرر ڪيو ويو. ڪجهه وقت کان پوءِ سندس هوشياريءَ ۽ قابليت تي هن کي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو. سندس ئي ڏينهن ۾ مانيٽرنگ سيل قائم ٿيو. هو انتهائي قابل ذهين فرض شناس ۽ محنتي آفيسر ثابت ٿيو. سندس ڏينهن ۾ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ورلڊ بئنڪ طرفان جيڪي اجلاس وغيره ٿيندا هئا، هيءُ اتي بريفنگ ڏيندو هو ۽ اجلاس جا منٽس پڻ تيار ڪندو هو.

اُن وقت جي ايجوڪيشن پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل ڊائريڪٽر محمد انوار هوندو هو اهو اڪثر چوندو هو ته: "مون کان ڪو پڇي ته تو زندگيءَ ۾ سنو ڪم ڪڙو ڪيو ته مان هڪدم ۽ بيڌڙڪ اِهو چوندس، ته مون محمد صالح راهوجي جهڙي قابل ماڻهوءَ کي سندس ذهانت ۽ قابليت جي بنياد تي جائز جڳهه تي آندو. وري جيڪڏهن ڪو پڇي ته تو خراب ۾ خراب ڪم ڪڙو ڪيو ته مان وري به اهو ئي چوندس ته محمد صالح راهوجي کي مانيٽرنگ سيل جو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڪيم. چو ته هن ڪراچيءَ جي 60 سيڪڙو واري بجيٽ کي 33 سيڪڙو تي اچي بيهاريو. هن باقي بجيٽ سنڌ جي ڳوٺن ۾ اسڪول ٺهرائڻ تي خرچ ڪئي. هن 1987ع ۾ گلشن اقبال تائون ڪراچيءَ ۾ لياري نديءَ جي ڪناري تي خالص سنڌي ماڻهن جو ڳوٺ 'صالح آباد' جي نالي سان ٻڌو ۽ سنڌي ماڻهن کي مفت پلاٽ ڏنا. ان ڳوٺ ۾ گرلس ۽ بوائز سنڌي ميڊيم پرائمري اسڪول قائم ڪيا، جيڪي اڄا تائين هلن پيا. اهو ڳوٺ اڄا تائين سندس نالي سان آباد آهي.

راهوجي صاحب راهوجا قبيلي کي منظم ڪرڻ ۽ انهن کي هڪ پليٽفارم تي گڏ ڪرڻ ۽ تعليم جي ميدان ۾

---

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

اڳتي آڻڻ لاءِ 1977ع ۾ "راهوجا انجمن" نالي سان هڪ تنظيم ٻ ڪولي جنهن جو هو فائونڊر ۽ پهريون جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو. ان تنظيم جو پهريون ڪنونشن قنبر ۾ ٿيو. هن تنظيم پاران محمد صالح راهوجي پنهنجي قبيلي جي مستقبل جي معمارن جي تعليم طرف خاص توجهه ڏنو غريب ۽ پنتي پيل پارٽن جا وظيفا مقرر ڪرايا. انهن کي يونيفارم، ڪتاب ۽ في وغيره جو بندوبست پڻ ڪرايو. ڪيترن ئي لائق ۽ حقدار نوجوانن کي نوڪريون ونڊي ڏيڻ ۾ پڻ مدد ڪئي. جنهن جو هڪ اعليٰ مثال O.G.D.C جو چيف ڊرلنگ انجنيئر محمد صديق راهوجو ٻ آهي.

1979ع ۾ محمد صالح راهوجي تعلقي خيرپورناٽن شاهه مان لڏي اچي جام شورو ڪالنڪ (پريا وليج) تي رهائش اختيار ڪئي. جڏهن سنڌ ميوزيم حيدرآباد جو قيام عمل ۾ آيو تہ ظفر ڪاظمي هن کي تعليم ڪاتي مان ٽن سالن (1980ع ـ 1978ع) لاءِ ڊيپوٽيشن تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور مقرر ڪرايو جتي محمد صالح راهوجي ٽي سال لاڳيتو سنڌ ميوزيم کي فعال ڪرڻ ۾ پنهنجون پرپور صلاحيتون صرف ڪيون. سنڌ جي ثقافت سهيڙڻ لاءِ هن ٽر سميت ٻين ڏوراهن علاقن جي وڃ ڪري ڪافي نوادرات هٿ ڪري انهن کي سنڌ ميوزيم ۾ محفوظ ڪيو.

هو يار ويس، مهمان نواز ۽ اوطاقي مڙس هو. هن جو گهر اوطاق مثل رهندو هو. سڃيءَ سنڌ مان وٽس ڏهمان ايندا هئا. سندس دسترخوان هميشہ ڪشادو رهندو هو. هو مهمانن سان سڃي سڃي رات ڪچهريون ڪندي گذارينڊو هو. پنهنجي آفيس جو لوئر اسٽاف ٻ هن مان خوش هوندو هو. هو هڪ وڏي پوسٽ تي رهندي لوئر اسٽاف جي ڏکن سورن ۾ پائيوار ٿيندو هو ۽ ملازم، محمد صالح راهوجي کي پهريان پنهنجي گهر جو وڏو پوءِ پنهنجو آفيسر سمجهندا هئا. جام شوري ڪالنڪ تي ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪيسو ڪتجي ويندو هو تہ اُن ماڻهوءَ کي ڪرائي، پاڙي لاءِ محمد صالح جي در جو ڪڙو ڪڙڪائڻو پوندو هو ۽ هن کي محمد صالح ڪرائي پاڙي جا پئسا ٻ ڏيندو هو تہ ماني ٻ ڪارائيندو هو. هو 1983ع جي ايم. آر.ڊي واري تحريڪ ۾ گرفتاري ڏنل قيدي ڪارڪنن جي مالي مدد ٻ ڪندو هو. عوامي تحريڪ جي سينيئر محاذن جون گڏجاڻيون ٻ سندس جام شوري ڪالنڪ واريءَ جاءِ تي اڪثر ٿيندڙيون هيون. توڙي جو هو باضابطہ سنڊن ميمبر نہ رهيو. عوامي تحريڪ جي ميزبانيءَ هيٺ هڪ صلاح مصلحت ڪانفرنس سال 1988ع ۾ ڪلهوڙا ڪالوني حيدرآباد ۾ ٿي هئي. ان ڪانفرنس ۾ ريڪارڊ طور محمد صالح راهوجي کي ايجوڪيشن ڪميشن جو چيئرمين چونڊيو ويو. ان ڪانفرنس ۾ ٻين تعليم ماهرن ۽ استادن سميت نالياورو عوامي شاعر استاد بخاري، غلام سرور اعوان ۽ ٻيا تعليمي ماهر ۽ آفيسر ٻ شريڪ ٿيا هئا. استاد بخاريءَ جي محمد صالح راهوجي سان تمام گهري دوستي هئي. هو محمد صالح جي انسان دوستي ۽ سنڌ دوستيءَ واري خوبيءَ مان گهڻو متاثر هو. سندس سفارش تي محمد صالح دادو جي مختلف علاقن ۾ پرائمري ۽ مڊل اسڪول ۽ انهن جون عمارتون پڻ منظور ڪرايون. محمد صالح راهوجي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ اُن جي ڦهلاءَ لاءِ اسڪولن ۾ سنڌي لئنگئيج ٽيچر پرتي ڪرايا. تہ جيئن سنڌي نوجوان ڪراچيءَ ۾ رهي پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت ڪري سگهن. هن جي ڪوشش ۽ رات ڏينهن جي محنتن سان 1985ع ۾ محمد خان جوڻيجي جي "پنج ٽڪاتي" پروگرام هيٺ "محلا ايندڙ ماسڪ اسڪول جو پراجيڪٽ" جوڙيو ويو جنهن سان نہ رڳو سنڌ جي ڏورانهن ۽ پوئتي پيل علاقن ۾ هزارين اسڪول ڪليا بلڪ هزارين بي روزگارن کي نوڪريون ٻ مليون. هن جي تعليمي سرگرمين جو حدف گهڻو ڪري اهي علاقا هئا، جتي بک، بيروزگاري ۽ جهالت سبب "ڏوهن" جو تناسب وڌيڪ هو. سندس خيال هو تہ تعليم سان ئي قوم جي ترقي ۽ تعمير ڪري سگهجي ٿي. رڳو لٻاڙ سان ڪجهہ ٻ ٿو ڪري سگهجي.

محمد صالح راهوجو سال 1994ع ۾ رٽائر ٿيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ ورلڊ بئنڪ وارن هن کي ٻن سالن لاءِ ايجوڪيشن سيل ۾ ڪنسلٽنٽ ڪري رکيو جتي هن پنهنجي اعليٰ ڪارڪردگيءَ ڏهانت جو مظاهرو ڪندي وڏي نيڪ نامي ڪمائي. محمد صالح راهوجو قومي ۽ طبقاتي تحريڪ جي حوالي سان شهيد عوام محمد فاضل راهو ۽ ڪامريد حيدربخش جتوئيءَ جي شخصيتن ۽ عملي جدوجهدن کان گهڻو متاثر هو. هو اڪثر ڪچهرين ۾ انهن ٻنهي شخصيتن جي سياسي سماجي پهلوئن جو ذڪر ڪندو هو. اهو ئي سبب آهي جو سندس شخصيت ۾ اهي خوبيون سرائيت ڪري ويون هيون. اهڙين اعليٰ صفتن ۽ گڻن جو مالڪ محمد صالح راهوجو 15 ـ جنوري 1997ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه سنڌيونيورسٽي ڪالونيءَ جي قبرستان ۾ آهي. هن پنهنجي پويان اولاد ۾ 2 نياڻيون ۽ 5 فرزند وارث ڇڏيا. وڏو فرزند ـ نور نبي سياسي ۽ سماجي اڳواڻ آهي. ٻيون نمبر فرزند ـ وزيراحمد ايجوڪيشن ورڪس تعلقي ڪوٽڙي ۾ SDEO آهي. ٽيون نمبر فرزند ـ بشيراحمد. حيدرآباد ۾ ملٽري اڪائونٽس ۾ سينئر آڊيٽر آهي. چوٿون نمبر فرزند ـ ممتاز علي. شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ اسسٽنٽ ريجنل ڊائريڪٽر منارٽي آهي. پنجون نمبر فرزند ـ محمد شعيب. منيءَ ۾ اسسٽنٽ روٽس ٽرانسپورٽ اٿارٽي آهي.

محمد خان راهو جو[1]:

محمد خان راهو جو 1921ع ۾ ڳوٺ راهوجا تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ محمد يعقوب راهوجي جي گهر ۾ اڪيون ڪوليون. محمد خان راهوجو فقط پنج درجا پرائمري ڳوٺ لونگ راهوجا مان پڙهيو.

محمد خان، پنهنجي دور جو وڏو اوطاقي مڙس هو. سندس اوطاق تي اڪثر ننگر هلندو هو. مهمان ۽ مسافرن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي لاءِ سندس اوطاق جو دروازو هر وقت کليل رهندو هو. هر سال وڏي خيرات ڪندو هو ۽ 70ـ60 ديگيون ڏنڀرن سان تيار ڪرائيندو هو. مشهور مولوي ۽ نعت خوان فقير تي گهرائيندو هو پري پري کان ونس مهمان ايندا هئا. خيرات کائي انهيءَ تقريب مان حِظ ۽ ثواب حاصل ڪندا هئا. هو مخدوم بلاول باغبان ؒ جي درگاهه جو مريد هو. ماهه پهريون جمعو مخدوم بلاول رح جي درگاهه تي پڙهندو هو.

محمد خان راهو جي جو انسانن سان گڏ پکي پکڻن ۽ جانورن سان به گهڻو پيار هوندو هو. اوطاق ۾ ڪم دوران سندس پرسان پکي ۽ نوربڙا ويهندا هئا. جن کي هو مانيءَ جا پور ڪري کارائيندو هو. اعليٰ ۽ نيڪ خصلتن جو هيءَ مالڪ 2002ع تي وفات ڪري ويو. ڪيس پنهنجي اباڻي قبرستان شاهه عبدالله ۾ دفنايو ويو.

ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي[1]:

ڪرم علي رستماڻي ولد محمد حسن رستماڻي 10 ـ آڪٽوبر 1966ع تي آرائڙي تعلقي جوهيءَ ۾ جائو هن ابتدائي تعليم جا مهڙيان ۾ درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ سردار شير محمد رند تعلقي جوهي ۾ پڙهيو ان بعد پويان تي درجا گورنمينٽ پرائمري اسڪول گهنڊ تڙ ۾ پڙهيو. مٽرڪ گورنمينٽ ڊي سي هاءِ اسڪول نوابشاهه ۾ 1982ع ۾ پاس ڪئي. 1984ع ۾ گورنمينٽ سچل سرمست ڪاليج نوابشاهه مان انٽر سائنس پري ميڊيڪل ۾ پاس ڪري 1985ع ۾ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جام شورو ۾ داخلا ورتي ۽ 1992ع ۾ ايم.بي.بي.ايس جي ڊگري حاصل ڪري ڪجهه عرصو جام شورو قائم تي فلاحي اسپتال هلايائين.

---

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

هن عملي سياست جي شروعات سال 1976ع ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي پليٽفارم تان ڪئي. ان وقت هو نوابشاهه ۾ رهندو هو. سندس سياسي تربيت شهيد نذير عباسي، ڊاڪٽر گهنشام پرڪاش، ڪامريڊ جام ساقي، امداد چانڊئي، ڪامريڊ ڏوڙي رستماڻي، ڪامريڊ محمد حسن رستماڻي سميت ٻين ڪيترن ئي انقلابي ساٿين ڪئي. 1976ع کان 1979ع تائين هو طبقاتي سياست جي تربيت ۾ رهيو. هو 1981ع ۾ سنڌ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن کي ڇڏي پارٽن جي جماعت لطيف سنگت سنڌ ۾ شامل ٿيو. هن کي انهيءَ جماعت جو مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل چونڊيو ويو ۽ سائين جي.ايم.سيد ڪيس حلف کڻايو. 30- سيپٽمبر 1988ع تي جڏهن حيدرآباد ۾ قتل عام ٿيو تہ ان جو الزام ڊاڪٽر قادر مگسي ۽ سندس ساٿين تي لڳو هو ان ڪيس ۾ ڊاڪٽر ڪرم رستماڻي جي والد محمد حسن رستماڻيءَ کي نوابشاهه مان گرفتار ڪيو ويو.

ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي 1990ع ۽ 1993ع جي عام چونڊن ۾ نوابشاهه جي 20- پي.ايس شهري ۽ پهراڙي تان صوبائي ۽ قومي اسيمبليءَ جي سيٽن تان لڙيو ۽ 14 اميدوارن ۾ هو ٻنهي نمبر ووٽن ۾ آيو.

ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي سماجي حوالي سان بہ ڪافي سرگرم رهيو آهي. هن سنڌ ۾ ماحول، صحت، صفائي، تعليم جي بهتريءَ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. هن 1993ع ۾ سنڌ گرين ڊيولپمينٽ آرگنائيزيشن جي نالي سان هڪ تنظيم جو بنياد رکيو. جتان هو مٿين مقصدن جي حاصلات لاءِ جاکوڙي رهيو آهي. هن سنڌ ۾ ماحول جي آلودگيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سڄيءَ سنڌ ۾ 10 لکن ڪان مٽي وڻ ۽ ٻوٽا لڳرايا ۽ ان حوالي سان هن ڪئين مضمون ۽ ڪالم پڻ لکيا. هن ڪافي اوارڊ بہ حاصل ڪيا آهن. 1997ع ۾ صحت ۽ ماحول جو اوارڊ حاصل ڪيائين. 1999ع ۾ قائداعظم اوارڊ حاصل ڪيائين. ساڳئي سال آمريڪا بايوگرافيڪل انسٽيٽيوٽ سال ميلينيم 2000ع لاءِ Man of the Year جو انعام حاصل ڪيائين. 2000ع ۾ آمريڪن سول سوسائٽي گولڊ آف دي ييئر جو انعام حاصل ڪيائين. فاطميد فائونڊيشن عالمگير ويلفيئر ٽرسٽ ۽ بقائي فائونڊيشن ۾ مريضن جو چيڪ اپ ۽ علاج ڪيائين. انهن ادارن طرفان بہ هن کي اوارڊ مليا.

ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي سنڌ قلمڪار ۽ ڪالم نويس آهي. هن لکڻ جي ابتدا اسڪول زماني دوران نوابشاهه ۾ ڪئي. تڏهن هو سنڌي ادبي سنگت شاخ نوابشاهه جو ميمبر هو. شروع ۾ پنهنجن ساٿين سان گڏجي گورنمينٽ ڊي.سي هاءِ اسڪول نوابشاهه ۾ "شاگرد ادبي سنگت" جي نالي سان هڪ ادبي فورم جو بنياد رکيو. فورم لطيف سنگت سنڌ ناهڻ جو اسباب پيدا ڪيا.

ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي 2001ع کان پنهنجي فيملي سميت گرين هائوس گلشن اقبال ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

سونهن رستماڻي[1]:

سونهن رستماڻي ڏيءُ ڊاڪٽر ڪرم علي رستماڻي 30- آگسٽ 1992ع تي تعلقي جوهيءَ جي ڳوٺ غيبي خان رستماڻيءَ ۾ پيدا ٿي. هن 2002ع ۾ مهراڻ يونيورسٽي پبلڪ اسڪول جام شوري مان پرائمري، 2007ع ۾ مٽرڪ روشن تارا اسڪول سچل ڳوٺ ڪراچيءَ مان پاس ڪئي. 2009ع ۾ انٽر گلشن ڊگري ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پاس ڪري انبر گريجوئيٽ ايڪسچينج جي اسڪالرشپ تي پرڊيهه وڃي پينسيلوينيا جي ڪلرين يونيورسٽي

---

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

آمريڪا مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري چڪي آهي.

سونهن رستمانيءَ جي پرورش ۽ تربيت هڪ پڙهيل لکيل گهراڻي ۾ ٿي آهي. جنهن ڪري هن جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي حالتن تي گهري نظر آهي. هوءَ نہ رڳو عملي طرح سماجي سرگرمين ۾ ڀرپور آهي پر هوءَ مشاهداتي طور تي پڻ لاڳاپيل معاملن کي پروڙڻ جو پورو ادراڪ رکي ٿي ۽ ان جي حاصلات لاءِ پڻ قلم جو سهارو ونڊي ٿي. سونهن ذهين سماج سڌارڪ نياڻي هجڻ سميت هوءَ هڪ سٺي ليکڪا به آهي. هوءَ مختلف موضوعن تي اخبارن ۾ ڪالمن ۽ مضمون به لکي رهي آهي. هن ڪلرين يونيورسٽيءَ ۾ سنڌ سماج جي حوالي سان ڪافي ليڪچر به ڏنا آهن.

سونهن رستمانيءَ سنڌ ۾ هڪ اهڙي سماجي تنظيم ناهڻ جي خواهشمند آهي جيڪا پنڌتي پيل علاقن جي نياڻين جي تعليم تي ڪم ڪري.

محمد يوسف سولنگي:

محمد يوسف سولنگي ولد حاجي خدابخش سولنگي 16 ـ فيبروري 1965ع تي ڳوٺ خدابخش سولنگي تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميرڻ سولنگي مان. مئٽرڪ هاءِ اسڪول جوهي مان پاس ڪيائين. انٽر ۽ بي.اي ڊگري ڪاليج دادو مان ۽ ايم.اي سنڌ يونيورسٽي جام شوري مان پاس ڪيائين.

هن سياست جي شروعات مئٽرڪ بعد ڪئي. 4 ـ اپريل 1979ع ۾ ٻٽي صاحب جي شهادت بعد هن سرگرميءَ سان احتجاجي جلسن، جلوسن ۽ مظاهرن ۾ شرڪت ڪئي. ايم.آر.ڊي تحريڪ 1983ع ۾ شروع ٿي. ان ۾ به هن ڀرپور نموني سان حصو ورتو. محترمہ بينظير ٻٽو جي پهرين دور جي خاتمي بعد ڪيس گرفتار ڪري ٽارچر سيل ۾ بند ڪيو ويو. مٽس الذوالفقار جا الزام لڳائي ٽارچر ڪري ڪيس 19 مهينا جيل ۾ رهيو. سال 1993ع ۾ (شهيد ٻٽو) گروپ ۾ شامل ٿيو ۽ اڄ تائين پيپلز پارٽي (شهيد ٻٽو) سان وابسته آهي ۽ هن وقت ضلع دادو جو صدر آهي.

محمد يوسف سولنگي سماجي سرگرمين ۾ پڻ حصو ونڊي رهيو آهي. سگا جو سرگرم ميمبر، جوهي نوجوان تنظيم (جنت)، بهليل شاهہ آرٽ فورم ۽ بين سماجي تنظيمن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. سگا ۽ بين تنظيمن طرفان اکين جي علاج جون ڪئمپون لڳن ٿيون. ان ۾ سرگرميءَ سان حصو ونڊي رهيو آهي. هن ٿر ۾ ڏڪار سٽيل ماڻهن ۾ کاڌ خوراڪ جو سامان ڪپڑو لٽو گڏ ڪري متاثرن ۾ ورهايو.

ميان امير بخش ڪلهوڙو[1]:

"ميان نصير محمد ميان يار محمد تاريخي ثقافتي يادگار ڪميٽي سنڌ" جو چيئرمن ميان امير بخش ڪلهوڙو ولد ميان محمد نواز ڪلهوڙو 01 ـ مئي 1959ع تي خان پور تعلقي خيرپورناٿن شاهہ ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم ۽ مئٽرڪ جي تعليم خان پور ۾ 1967ع ۽ 1978ع ۾ حاصل ڪئي. انٽر 1981ع ۽ بي.اي ۽ 1985ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان پاس ڪئي.

ميان امير بخش ڪلهوڙي عملي زندگيءَ جي شروعات 1981ع ۾ دادو شگر مل ۾ سپروائيزر جي نوڪريءَ سان ڪئي. 2007ع ۾ دادو شگر مل جي بند ٿيڻ کان پوءِ ملازمن کي فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ضم ڪيو ويو. ان دوران هن کي فوڊ انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ هو هن وقت خيرپورناٿن شاهہ ۾ انهيءَ عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي.

---

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو

ميان امير بخش ڪلهوڙي جو آثار قديمه سان جنون جي حد تائين عشق آهي. هن جي خاص طور تي 'ڪلهوڙا دؤر' سان وڏي انسيت آهي. هن دادو ضلعي ۾ ڪلهوڙا گهراڻي سان تعلق رکندڙ حڪمران سميت سندن جنگي جرنيلن، رفيقن ۽ ساٿين جي مزارن، مقبرن ۽ ٻين تاريخي آثارن جي سار سنڀال لهڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ پنهنجي هم خيال دوستن- ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، ڊاڪٽر لياقت مگسي ۽ عزيز ڪنگراڻيءَ سان گڏجي "ميان نصير محمد- ميان يارمحمد ڪلهوڙو تاريخي ثقافتي يادگار ڪميٽي" جو بنياد رکيو. انهيءَ ثقافتي اداري جي پليٽفارم تان دوستن سان گڏجي هر سال تاريخي ڏهاڙا، ثقافتي ميلا، ادبي ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪرائڻ لاءِ جاکوڙيندو رهي ٿو. سندس ڪوششن سان 12 - نومبر 2006ع ۾ "ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي تاريخ ساز شخصيت" جي عنوان تي هڪ وڏو سيمينار ڳاڙهيءَ ۾ منعقد ڪرايو جنهن جي صدارت سنڌ جي نامور اسڪالر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي. ان سيمينار ۾ ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اين. ڪي بوزئي، ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ۽ ٻين مقامي محققن ۽ اديبن پنهنجا پيپر پڙهيا. پيپر پڙهندڙن ۾ ميان امير بخش ڪلهوڙو به شامل هو.

ميان امير بخش ڪلهوڙي جي جاکوڙ ۽ محنت سان انهيءَ ثقافتي اداري جي قيام کان اڳ 1978ع ۾ "ميان نصير محمد ڪلهوڙو- تاريخ ساز شخصيت ۽ ان جي جنگي حڪمت عملي" جي عنوان سان هڪ وڏو سيمينار ڪرايو هو جنهن جي صدارت نامور محقق تاج صحرائي ڪئي هئي. ان کان علاوه ڳاڙهي جي تاريخي قبرستان ۾ مدفون تاريخ ساز شخصيتن جي ابدي آرامگاهن جي مرمت لاءِ هو پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري رهيو آهي. سندس جاکوڙ سان ڪجهه سال اڳ انٽيڪئٽيز پاران هن قبرستان جي تاريخي مقبرن ۽ آثارن جي مرمت جو ڪم ڪرايو ويو.

ميان امير بخش ڪلهوڙو هن علاقي جو متحرڪ ماڻهو آهي. هو سنڌ جي هنن تاريخي آثارن کي بچائڻ لاءِ هر وقت جاکوڙي رهيو آهي. سندس ڪوششن سان هنن تاريخي ماڳن، مڪانن تائين پهچڻ لاءِ روڊن رستن جي سهوليت پڻ ميسر ٿي آهي ۽ گڏوگڏ پيئڻ جي صاف پاڻيءَ لاءِ واٽر سپلاءِ اسڪيم پڻ منظور ڪرائي آهي.

ميان امير بخش ڪلهوڙو گذريل ڪجهه عرصي کان حيدرآباد جي علاقي 'سحرش نگر' ۾ رهي ٿو.

غلام سرور بلوچ[1]:

حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جو سينيئر پروڊيوسر غلام سرور بلوچ ولد دين محمد چانڊيو 22- مارچ 1929ع تي سيتا روڊ لڳ ڳوٺ جهنڊو چانڊيو ۾ جائو. هن ابتدائي تعليم لاڙڪاڻي ۾ 1939ع ۾ حاصل ڪئي. سنڌي فائنل جي بنياد تي 1942ع ۾ لاڙڪاڻي جي دڙي محلي جي پرائمري اسڪول ۾ پرائمري ٽيچر مقرر ٿيو. جتان هو 1955ع ۾ حيدرآباد لڏي آيو ۽ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي 1955ع ۾ اناؤنسر ۽ اسٽاف آرٽسٽ مقرر ٿيو. ريڊيو سان سلهاڙجڻ کان پوءِ هن پرائمري ٽيچر جي نوڪريءَ تان استعيفا ڏني.

غلام سرور بلوچ، ڳائڻ ۽ فلمي اداڪاري ڪرڻ جي شوق ۾ لاهور ۽ ڪراچيءَ جا چڪر به هنيا. هن ريڊيو اسٽيشن تي مقامي خبرن پڙهڻ سميت ڏاڏي فتح محمد جي ڪچهري ۽ ٻين دستاويزي پروگرامن ۾ صداڪاري ۽

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

وائيس رڪارڊنگ ۾ ڪئي ۽ هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور پروگرام "پارڻ جي پاري" جو مصطفيٰ قريشي جي وڃڻ بعد ڪجھ عرصو ميزبان به رهيو. هو مستقل طور ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان وابسته رهيو. هن قومي ۽ ملڪي اشوز تي خبرون پڙهيون ۽ تبصرا پڻ ڪيا. هو پنهنجي محنت جي بنياد تي پروگرام منيجر ۽ سينيئر پروڊيوسر رهيو. سندس وڏو پٽ يعقوب چانڊيو تعليمي ماهر ۽ سنڌ پروفيسرس اينڊ ليڪچرر ايسوسيئيشن (سپلا) حيدرآباد ڊويزن جو صدر آهي. سندس ٻيو پٽ آصف سرور بلوچ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن تي پروڊيوسر جي عهدي تي مقرريءَ بعد پرڏيهه ۾ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي.

غلام سرور بلوچ 23_مارچ 1989ع ۾ ريڊيو اسٽيشن حيدرآباد تان سينيئر پروڊيوسر طور رٽائر ٿيو.

غلام سرور بلوچ 1_جنوري 1990ع ۾ دل جي دوري پوڻ ڪري وفات ڪري ويو. ڪيس اباڻي قبرستان سيتا روڊ لڳ ڪمال چانڊئي ۾ دفنايو ويو.



سماجي تنظيمون

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ دادو:

سماجي تنظيمون عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ ۽ سماجي، ثقافتي علمي ۽ ادبي ميدان ۾ شعور اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. سنڌ ۾ ڳوٺ، شهر ۽ تعلقي ليول تي ڪافي سماجي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. پر ملڪي ليول تي اهڙي ڪا به تنظيم ڪانه هئي جيڪا ملڪي سطح تي عوام جا فلاحي ڪم سرانجام ڏئي سگهي. ان ڪري سنڌ جي هڏ ڏوکي جاکوڙي انسان ڊاڪٽر سليمان شيخ پنهنجن دوستن سان گڏجي هڪ تنظيم 'سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن' (سگا) جو بنياد وڌو. هيءَ هڪ ڏکيو ۽ ڪٺن مرحلو هو جنهن ۾ هو ڪامياب ٿيو ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ 'سگا' جون آفيسون کلي ويون. دادو شهر جي هڏ ڏوکي ساڻين اهو محسوس ڪندي سگا جو بنياد وڌو هيءَ تنظيم دادو ۾ سال 1974ع ۾ قائم ٿي. سگا دادو شاخ ٻين سماجي ڪمن کان علاوه صحت ۽ تعليم تي خصوصي توجهه ڏنو ۽ ان لاءِ پاڻ پتوڙيو. سگا دادو شاخ طرفان صحت جي ميدان ۾ ڪيترين ئي هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪيون، جتي مريضن کي مفت دوائون فراهم ڪيون ويون.

ڳوٺ ڊين محمد شاهاڻي، ڊڪي سالار ڪاڪڙي، چاڻو شاهه آباد سيال ۽ ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ مفت هڪ روزه ميڊيڪل ڪئمپون قائم ڪيون ۽ ان سان گڏ جمع ڪلينڪون جيڪي خدا آباد ڳوٺ، سيال ڳوٺ، حافظ رجب پنهور ۽ ڳوٺ شير محمد سولنگي ۾ قائم ڪيون ويون. انهن ڪلينڪن ۾ به هر جمع تي سوين مريضن کي مفت دوائون فراهم ڪيون ويون. سگا شاخ دادو طرفان هر سال مفت اکين جي ڪئمپ قائم ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ اڄ تائين هزارين اکين جي بيمارين ۾ مبتلا مريضن جي مفت چڪاس ۽ آپريشن ڪيا ويندا آهن ۽ مفت کاڌو ڏنو ويندو آهي ۽ چشما فراهم ڪيا ويندا آهن. ان سان گڏ چمڙي جي بيمارين جون ڪئمپون هر سال لڳايون ويندين آهن. انهن ڪئمپن ۾ به مريضن جي چڪاس ڪري مفت دوائون فراهم ڪيون ويندين آهن. هن وقت به سگا شاخ دادو ڪافي پروجيڪٽ هلائي رهي آهن. انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

روشن تارا اسڪول جي بلڊنگ هائوسنگ سوسائٽي بلاڪ 'بي' دادو ۾ 8 ڪمرن ۽ ٻن هالن تي مشتمل آهي. هارن جي تفريح لاءِ هڪڙو پارڪ ٺهرايو ويو آهي. اسڪول ۾ ٽيچر ۽ 2 نان ٽيچنگ اسٽاف مقرر ٿيل آهن. هن اسڪول ۾ تقريباً پوٽا 2 سؤ شاگرد زير تعليم آهن. اسڪول ۾ ريوم والدين ملهايو ويندو آهي. ان تقريب ۾ پوزيشن ڪڍندڙ هوشيار شاگردن کي انعام ڏنا ويندا آهن. روشن تارا اسڪول جي شاگردن کي مختلف مقامات جو سير ڪرايو ويندو آهي. روشن تارا اسڪول جي هارن کي دنيا جي قديم تاريخي قلعو رني ڪوٽ، حضرت شاهه عبداللطيف جي مزار سنڌ ميوزيم ۽ راڻي باغ جوپڻ سير ڪرايو ويندو آهي.

ڪميونٽي سينٽر سگا طرفان هيءُ ادارو سال 1995ع ۾ ڏمالي چونڪ دادو وٽ کوليو ويو. جيڪو دادو جي تاريخ ۾ پهريون سينٽر آهي. اداري ۾ 2 ملازم ڪم ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ ڊپلوما ڪورس ڪرايو ويندو آهي. هن سينٽر مان 250 کان مٿي شاگرد ڪورس مڪمل ڪري وڃي روزگار سان لڳا آهن.

سگا ڪلينڪ ڳوٺ سيال ۾ ڪم ڪري رهي آهي. جيڪا ڪلينڪ مرحوم عبدالستار کيڙو جي نالي سان

منسوب آهي. هن ڪلينڪ ۾ وڏي تعداد ۾ مريضن کي دوائون فراهم ڪيون ويندیون آهن.

سگا شاخ دادو طرفان اکين جي موبائيل ڪئمپ ڳوٺ موندر ۾ ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير جي نگراني ۾ 20- فيبروري سال 2002ع تي ٿي. جنهن ۾ ڪل 397 مريضن کي چڪاسيو ويو ۽ انهن کي دوائون پڻ ڏنيون ويون. ان سان گڏ تنظيم طرفان 14- اپريل 2002ع تي سول اسپتال دادو ۾ چمڙيءَ جي بيمارين جي ڪئمپ قائم ڪئي وئي. هن ڪئمپ ۾ 2000 کان مٿي مريضن جي مفت چڪاس ڪئي وئي ۽ مفت دوائون به ڏنيون ويون.

شهيد عبدالغني ٽرسٽ:

شهيد عبدالغني ٽرسٽ اسپتال حيدرآباد جيڪا 1994ع ۾ قائم ڪئي وئي انهيءَ جي تحت پاٽ شريف ۾ تقريباً هر سال مفت آئي ڪيمپ ۽ عام علاج لاءِ ڪيمپون لڳرايون وڃن ٿيون. اهڙي نالي سان هڪ ڪيمپ اسپتال پڻ پاٽ شريف ۾ قائم ڪئي وئي آهي. ان جو روح روان ڊاڪٽر عبدالشڪور صديقي ۽ مخدوم سليم الله صديقي آهن.

وومين ڊولپمينٽ سينٽر:

هيءُ سينٽر 16000 هزار چورس فوٽن تي مشتمل آهي. سينٽر جي پلاٽ جي چوڌاري ديوار ڏيئي هڪ دروازو لڳايو ويو آهي. هيءُ سينٽر عورتن جي فلاح لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. فنڊن نہ ملڻ سبب هي سينٽر بي فيض ٻڌيل آهي جيڪڏهن مرڪز دادو شاخ کي مالي وسيلا فراهم ڪري تہ هيءُ سينٽر پاڻ تڪميل تي پهچي سگهي ٿو. اهڙي طرح سگا جا آئنده پروگرام به زير غور آهن. جن ۾ اکين ۽ چمڙي جي بيمارين جي ڪئمپ، ڪن ڪ ۽ گلي جي بيمارين جي ڪئمپ، دل جي بيمارين جي ڪئمپ، ٻارڻ جي بيمارين جي ڪئمپ، ڳوٺن ۾ سماجي ۽ تعليمي سرگرميون جاري رکڻ، دادو شهر جي سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ ۽ تعليمي معيار سڌارڻ لاءِ ڪوچنگ سينٽر قائم ڪرڻ به شامل آهي.

آل فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن سٽي دادو:

آل فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن 18- فيبروري 2000ع تي وجود ۾ آئي. هن تنظيم جي مقصدن ۾ آهي فنڪارن ان جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي حل ڪرڻ ۽ انهن جي فلاح بهبود لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۽ ثقافت کي اجاگر ڪرڻ شامل آهن. تنظيم هڪ ڊراموَ 19- فيبروري 2000ع تي پيش ڪيو جنهن ۾ حلف وفاداري پڻ ٿي. هن حلف وفاداري ۾ سياسي سماجي ۽ ادبي شخصيتن کان علاوه صحافين به وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. انهن ۾ احمد خان ملڪاڻي، اظهر سولنگي، صلاح الدين پنهور، عبدالسميع ميمڻ، محمد رمضان خشڪ وڪيل، عثمان ميمڻ، عبدالغفار ڪيڙو، وزير منگي ۽ ٻيا شامل هئا. حلف وفاداريءَ ۾ هيٺين عهديدارن قسم کنيو: چيئرمين منان عباسي، صدر حضور بخش گوپانگ، نائب صدر منور سومرو، سينئر نائب صدر فيروز ڪنبر، جنرل سيڪريٽري غلام دستگير پنهور، پريس سيڪريٽري راجا رفيق پنهور ۽ ٻيا عهديدار شامل آهن.

ڊسٽرڪٽ ٽي بي ايسوسيئيشن دادو:

ڊسٽرڪٽ ٽي بي ايسوسيئيشن ضلعي دادو جو بنياد ڪافي سال اڳ پيو هو. هن تنظيم جو صدر دوست علي جيسر ۽ جنرل سيڪريٽري عبدالحق بروهي آهي. هن تنظيم جي قائم ڪرڻ جو مقصد ٽي بي جهڙي موذي مرض جو خاتمو ڪرڻ ۽ ٽي بي جي مريضن جو مفت علاج ڪرڻ ۽ ان بيماري کي ختم ڪرڻ جا اپاءَ وٺڻ شامل آهن. هن تنظيم جي قائم ٿيڻ کان پوءِ ٽي بي جي مريض کي ڪافي سهوليتون ميسر ڪري ڏنيون ويون آهن. غريب مسڪين ۽ بي پهچ

مريض هن مان فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.

سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ڳوٺ ديين محمد شاهاڻي:

هي سماجي تنظيم ڳوٺ جي سطح تائين ڪم ڪري رهي آهي. هن تنظيم جو مقصد آهي ڳوٺاڻن ۾ شعور پيدا ڪرڻ، ڳوٺ جي سماجي ثقافتي سرگرمين کي اجاگر ڪرڻ، تعليم کي عام ڪرڻ وغيره. اڳواڻن کافي سماجي ڪم سرانجام ڏنا آهن. هن تنظيم جو سرپرست رئيس شعيب خان شاهاڻي آهي. جڏهن ته صدر شادي خان شاهاڻي ۽ جنرل سيڪريٽري عطا محمد شاهاڻي آهي.

گورڪ ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن دادو:

هن تنظيم جو بنياد 4-اپريل 1995ع ۾ رکيو ويو. تنظيم جو نالو ضلعي دادو جي اهم مقام گورڪ هل اسٽيشن جي نالي تي رکيو ويو. هيءَ تنظيم سجي ضلعي تي ڪم ڪري رهي آهي. تنظيم جا ڪل 46 ميمبر آهن. جن ۾ عورت ميمبرن جو تعداد 11 آهي. تنظيم جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي 15 ميمبرن تي مشتمل آهي. جن ۾ صدر مولا بخش لغاري، نائب صدر عرفان احمد شيخ، جنرل سيڪريٽري خليل الرحمن ڀٻر، جوائنٽ سيڪريٽري مس ارشاد سولنگي ۽ خزانچي فدا حسين پيرزادو شامل آهن. 10 ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جا ميمبر آهن. تنظيم هيٺين منصوبن تي جاکوڙي رهي آهي:

ضلعي ۾ تعليم عام ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ، جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ اپاءَ وٺڻ، ماحولي گدلاڻ جي خاتمي لاءِ اپاءَ وٺڻ، عورتن جي ترقيءَ فلاح بهبود لاءِ ڪم ڪرڻ شامل آهن.

تنظيم ماحولي گدلاڻ جي خاتمي لاءِ هن وقت تائين 20000 هزار ٻوٽا پوکرائي چڪي آهي. انهي سلسلي ۾ 5 اپريل 1995ع ۾ دادو شهر ۾ هڪ پروگرام منعقد ڪرايو. جنهن ۾ ماحولي شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ عورتن کي جاڻ ڏني وئي.

گورڪ هل اسٽيشن جي ترقي:

گورڪ هل اسٽيشن ضلعي دادو جو اهم تفريحي ۽ سياحتي مرڪز آهي. هيءَ پهاڙ قدرت جو ڏنل اهم انمول تحفو آهي. جنهن جي اوچائي سطح سمنڊ کان پنج هزار ڇهه سو اناسي فوٽ بلند آهي. گورڪ هل اسٽيشن جي ترقي سان علاقي جي ترقي يقيني آهي ۽ 70 سيڪڙو ڪاڇي جي ماڻهن کي روزگار ملندو. سياحن کي تفريح جو موقعو ملندو. اتي بجلي، ٽيليفون پاڻي، صحت جون سهوليتون ميسر ٿينديون. علاقي ۾ خوشحالي اچي ويندي. هيءَ تنظيم گورڪ هل اسٽيشن جي ترقيءَ لاءِ ڪوشان آهي.

گاج ڊئم جي اڏاوت:

هيءَ تنظيم گاج ڊئم جي اڏاوت لاءِ ڪوشان آهي. هر سال برساتن جي موسم ۾ نئن گاج جي وهڻ سان ڪاڇي ۾ هوڙ اچي ٿي ۽ نئن جو پاڻي وڃي منچر ۾ ڇوڙ ڪري ٿو ۽ پاڻي ضايع ٿئي ٿو. گاج ڊئم نهڻ سان پاڻي ضايع ٿيڻ کان بچي ويندو. ڊئم تي لکين ايڪڙ زمين آباد ٿيندي ۽ ڪاڇي جا آبادگار خوشحال ٿي ويندا.

سياحتي مرڪز جي ترقي:

هيءَ تنظيم سياحتي مرڪزن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ ڪوشان آهي. دادو ضلعي ۾ ڪيترائي سياحتي هنڌ آهن. جن ۾ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي ڊنڊ منچر، رني ڪوٽ جو قلعو ۽ بدو جبل شامل آهن. انهن کي ترقي ڏيارڻ لاءِ تنظيم

نوجوان سرگرميءَ سان حصو ونڊي رهيا آهن. جيئن هي سياحتي مرڪز ترقي ڪري سگهن ۽ علاقي جي ماڻهن کي فائدو پهچي سگهي.

گورڪ ڊولپمنٽ ويلفيئر آرگنائيزيشن ننڍين ٻارن سان گڏ وڏن جي تعليم طرف به خصوصي طور ڌيان ڏئي رهي آهي. گذريل ڪجهه سالن کان مختلف علاقن ۾ تعليم ڊيپارٽ لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. ڳوٺ اڪ سولنگيءَ ۾ تعليم بالغان سينٽر کوليو آهي. جتان ڳوٺاڻا پنج درجا پاس ڪري چڪا آهن. تنظيم جي ڪوشش سان هڪ سرڪاري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. هن تنظيم طرفان جيڪي بند پيل اسڪول آهن. اهي کولائڻ لاءِ تعليمي ڪامورن سان روبرو ۽ لکپڙهه ذريعي رابطو ڪيو ويو. هن تنظيم گورڪ ڪمپيوٽر انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو آهي. جتي ڪمپيوٽر جي تعليم ڏني وڃي ٿي. ڪمپيوٽر سينٽر ۾ 6 عدد ڪمپيوٽر رکيا ويا آهن ۽ روزانو 9 شفٽون هلي رهيون آهن.

تنظيم طرفان ڀهراڙيءَ جي ڳوڻن ۾ خاص طرح سان عورتن جي صحت ۽ ننڍين ٻارن جي پالنا متعلق ننڍيا ننڍيا ورڪشاپ ڪرايا ۽ ڪتابخا ڇپرائي ورهايا ويا آهن. جن ۾ ڳوٺ ملڪاڻي شريف، ڳوٺ لعل بخش شاهاڻي، ڳوٺ پير بخش شاهاڻي، ڳوٺ قاسم آباد ۽ ٻين ڳوڻن کي صحت متعلق ڄاڻ ڏني وئي. تنظيم طرفان مختلف ڳوڻن جي سروي ڪئي وئي آهي ۽ انهن ڳوڻن جي ضرورتن کي محسوس ڪندي هڪ ايم. سي. ايڇ سينٽر کولڻ جي ارادي سان هڪ پراجيڪٽ تيار ڪري ڏنو ويو. ان کان علاوه ٻيا پراجيڪٽ تيار ڪري مختلف ادارن کي موڪليا ويا.

عورتن جي فلاح و بهبود لاءِ تنظيم طرفان ڳوٺ وليد شيخ ۾ هنري سينٽر کوليو ويو جيڪو پنهنجي مدد پاڻ ڪريو جي اصول تحت هلائڻ لاءِ چيو ويو آهي. سينٽر مان ڪافي عورتون سکيا وٺي چڪيون آهن ۽ وقت پنهنجو روزگار پاڻ ڪري رهيون آهن.

هيءَ تنظيم، قدرتي ماحول کي بچائڻ لاءِ پڻ جاکوڙي رهي آهي. ان سلسلي ۾ ماڻهن کي جاڻ ڏيڻ لاءِ پڻ جاکوڙي پئي. جيئن گهرن گهٽين رستن ۽ پنهنجي زمين ۾ وڻ لڳائڻ سان ملڪ سرسبز ٿي ويندو ۽ ماحولي گدلاڻ جو به خاتمو اچي ويندو. دادو ضلعو نايابَ پکين سان مالامال آهي. انهن جي تحفظ ۽ بقاء لاءِ ڪوشان آهي. جيئن انهن جو تحفظ ٿي سگهي ۽ نايابَ پکين ۽ جانورن جي نسل کي بچائي سگهجي.

هن تنظيم جا ڪارڪن مختلف سڀينارن، ورڪشاپن ۽ گڏجاڻين ۾ شريڪ ٿيندا رهن ٿا. تنظيم جي طرفان قلندر لعل شهباز جي سالياني عرس ۾ ثقافتي اسٽال لڳايو ويندو آهي. جنهن ۾ ٽڪ تي نهيل رليون، چادرون، گهگهه، پرت پريل روا، اجرڪ، توپيون، رومال ڏيکيون ۽ ٻيو هنر رکيو ويندو آهي. جنهن کي مهمانن کان علاوه ميلي جا شوقين ڏاڍو سارا هيندا آهن. تنظيم طرفان هر سال رمضان المبارڪ مهيني ۾ لڳندڙ مينا بازار ۾ جمع بازار ۾ به اسٽال لڳايو ويندو آهي. ان اسٽال ۾ خاص ڪري گيهه، ڪنڊ، چانهه، صابڻ، سيون ۽ ڪچن ۾ استعمال ٿيندڙ سامان سستي اگهه تي وڪرو ڪيو ويندو آهي. ان ڪري غريب پورهيت ۽ وچين طبقي جا ماڻهو هن مان ڪافي فائدو حاصل ڪندا آهن. تنظيم طرفان بغير دونهين وارا چلها مختلف ڳوڻن ۾ لڳايا ويا آهن. جنهن مان ڳوٺاڻيون عورتون وڏو لاڀ حاصل ڪري رهيون آهن.

مدني ويلفيئر ايسوسيئيشن مهراڻ آباد محلو دادو:

مدني ويلفيئر ايسوسيئيشن جو بنياد 1990ع تي وڌو ويو. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان محلي جي سماجي

مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي وئي. تنظيم جي اڳواڻن ڪالونيءَ کي ڪافي سهوليتون ميسر ڪرائي ڏنيون آهن. تنظيم جا عهديدار ايجان بہ ڪوششون ڪري رهيا آهن. جيئن هيءَ ڪالوني ترقي ڪري سگهي ۽ محلي وارن جو معيار زندگي بلند ٿي سگهي.

مهراڻ جا موتي چلڊرين ويلفيئر آرگنائيزيشن دادو:

هيءَ تنظيم ڪافي سالن کان ڪم ڪري رهي آهي. پارٽن جي فلاح و بهبود ۽ انهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي ويئي آهي. تنظيم جو نوجوان اڳواڻ هارون برهماڻي پاڻ هن تنظيم جي اڳواڻي ڪري رهيو آهي. هن تنظيم جا نوجوان فلاحي ۽ سماجي ڪمن ۾ مصروف آهن.

پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو:

پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن پير بخش ڪالوني جو بنياد سال 1990ع ۾ وڌو ويو. ڪالوني جي سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ بابي چونڊي وئي هئي. جن ۾ صدر الله رکيو ڀورڻ نائب صدر محمد نواز سولنگي. جنرل سيڪريٽري سڪندر علي پنهور. خزانچي نبي بخش پنهور ۽ پريس سيڪريٽري محمد عرس "اظهر" سولنگي شامل هئا. هن تنظيم پنهنجي مدد پاڻ ڪريو جي اصول تحت ڪافي سماجي ڪم ڪرايا. دادو ميونسپل ڪاميٽيءَ جي ائڊمنسٽريٽر کي هڪ تقريب ۾ مدعو ڪيو ويو ۽ اتي ڪيس سماجي مسئلا پيش ڪيا ويا. حاجي بشير احمد چنہ هڪ مين روڊ منظور ڪري تيار ڪرائي ڏنو. صوبائي وزير پير مظهرالحق شاهنواز کي بہ مدعو ڪيو ويو. جنهن صاحب ڪالوني ۾ نالين جو جار و چائي ڏنو.

شهيد مخدوم بلاول ايسوسيئيشن:

شهيد مخدوم بلاول ايسوسيئيشن پنجن ڪالونين تي مشتمل آهي ۽ تنظيم قائم ٿيڻ کان پوءِ تنظيم جي عهديدارن جن ۾ عبدالقادر شاهاڻي (صدر)، ۽ نثار احمد مگسي (جنرل سيڪريٽري) پنهنجي ساڻين سان گڏجي ڪافي سماجي مسئلا حل ڪرايا آهن. سردار محمد بخش جمالي ميمبر قومي اسيمبلي کي هڪ تقريب ۾ مدعو ڪيو ويو. جنهن کي ڪالونين جا مسئلا پيش ڪيا ويا. سردار محمد بخش ڪالونين کي هڪ روڊ تعمير ڪرائي ڏنو ۽ بجلي جي سهوليت بہ ميسر ڪري ڏني. ان کان علاوه تنظيم جي عهديدارن وقت بوقت اعليٰ اختيارين سان ملي پنهنجا مسئلا حل ڪرايا آهن.

پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن سيتاوليج:

پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن سيتاوليج ڪافي وقت کان ڪم ڪري رهي آهي. ڳوٺ جي سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ هن تنظيم جا اڳواڻ وڏي سرگرميءَ سان جاکوڙي رهيا آهن. جن ۾ منور علي سومرو، مظهر علي سومرو، اظهر حسين سومرو، علي اصغر سولنگي، ممتاز علي ميمڻ، مشتاق حسين سومرو، نورالدين چنہ ۽ بيا شامل آهن.

هن تنظيم جا اڳواڻ غلام سرور سولنگي، مير نواز ملاح، نصير احمد ملاح، علي اڪبر ملاح، ڪامريڊ اڪبر سولنگي وغيره شامل آهن هي دوست، تنظيم جي پليٽ فارم تان پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن.

سنڌ چانديا ويلفيئر ايسوسيئيشن (سچوا) دادو:

سنڌ چانديا ويلفيئر ايسوسيئيشن (سچوا) دادو ڪان علاوه سڄيءَ سنڌ ۾ ڪم ڪري رهي آهي. ظاهر ۾ برادري

ليول جي تنظيم آهي. ليڪن سنڌ جي سياسي سماجي ۽ ٻين ٻرندڙ مسئلن تي احتجاج ڪيو آهي. سنڌ جي سياسي سماجي تنظيمن سان گڏجي هڙتالون بک هڙتالون ڏرڻا، جلسا جلوس ڪيڻ پنهنجو احتجاج رکارڊ ڪيو آهي.

دادو ۾ هيءَ تنظيم سرگرم عمل آهي. دادو جي سماجي، ثقافتي تنظيمن سان گڏجي ڪافي سماجي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. هن تنظيم جو باني ڪامريڊ غلام رسول چانڊيو آهي.

ٽانگا ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو:

ٽانگا ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو 1982ع ۾ قائم ڪئي وئي. رجسٽرد تنظيم آهي. هن جو بنياد وجهندڙ ۽ صدر خميسو خان شاهاڻي هو. هيءَ تنظيم پنهنجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ هميشہ ڪوشان رهي. ٽانگن وارا مسڪين طبقي سان واسطو رکن ٿا. اڪثر ڪري ڪين پوليس تنگ ڪندي رهي ٿي. ان ڪري تنظيم کي رجسٽر ڪرايو ويو. جنهن ڏينهن کان تنظيم رجسٽر ٿي آهي. ان وقت کان هن تنظيم منظم طريقي سان پنهنجو احتجاج بلند ڪيو آهي. رکشا اچڻ ڪري ٽانگن وارن جو زور گهٽجي ويو آهي. روين تي ٽانگا ناپيد آهن.

سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا) دادو:

سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا) جو بنياد 1979ع ۾ وڌو ويو. تنظيم جا بنيادي ميمبر علي سرور پٽي، حاجي ڏٽي بخش مگسي، محمد جمن مگسي ۽ "اظهر" سولنگي (مصنف) هئا. اهو وقت ضيائي دور هو مارشل لا جا قهري قانون هئا. هر طرف قاهيون ڏنڪا ۽ قهري قيد خانا هئا. سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي جيل جي ڪال ڪوٺڙين ۾ بند ڪري ڪين ٽارچر ڪيو ويندو هو. سياسي اڳواڻن ۽ ڪارڪن جي زبانن تي تالا بندي ڪئي ويندي هئي.

هن تنظيم جي سڃاڻ دوستن محسوس ڪيو تہ سنڌي قوم جي هن ڏکئي وقت ۾ هڪ سماجي تنظيم ناهي. ان جي پليٽ فارم تان احتجاج بلند ڪيو وڃي. ان اصول تحت هيءَ تنظيم وجود ۾ آئي. تنظيم سماجي ڪمن سان گڏ سنڌين تي ٽيندڙ ظلم ۽ تشدد تي اخباري بيانن ۽ مظاهرن ذريعي آواز بلند ڪيو. خيرپور ناٽن شاهہ جي صوبيدار يامين هڪ نوجوان ڪالو برهماڻيءَ کي تشدد ڪري قتل ڪيو. تنظيم ان جي پُر زور مذمت ڪئي ۽ اخباري بيان ڪيڻ بي ريا جاچ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. گهانگهرا موري حيدرآباد ۾ ڳوٺاڻن کي قانون نافذ ڪرڻ وارن ٻيڙي ۾ فائرنگ ڪري کين قتل ڪيو. تنظيم ان تي بہ احتجاج ڪيو. ان کان علاوه ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ جيڪي دادو خيرپور ناٽن شاهہ لاڪاڻ سکرنڊ، موري ۽ ٻين شهرن ۾ ظلم ٿيا، انهن جي مذمت ڪئي ۽ احتجاج نوٽ ڪرايو. ڳوٺ احمد خان برهماڻي تي قانون نافذ ڪرڻ وارن ادارن طرفان گهيراءَ ۽ فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ ٽي ماڻهو قتل ٿيا. تنظيم طرفان مذمت ڪئي وئي.

هن تنظيم ثقافتي، علمي ۽ ادبي سرگرمين ۾ پڻ خصوصي حصو ورتو. دادو شهر ۾ چيئرمين مهتاب احمد شيخ ۽ ٻين عوامي اڳواڻن جن ۾ گل محمد جويو ۽ مسعود احمد شامل هئا، انهن جي مان ۾ آجيائو ڏنو ويو ۽ مسئلا پيش ڪيا. دادو شهر جي مختلف محلن ۾ واٽر سپلاءِ جا نلڪا هٽايا ۽ ان سان گڏ دادو جي ٻين ڪجهہ ڳوٺن کي نلڪا وڌي ڏنا. ان ۾ محمد بخش پنهور چيئرمين تعلقي ڪميٽي دادو جو تعاون رهيو. ان سان گڏ غريب آباد اسڪول ۾ تعليم بالغان سينٽر قائم ڪيو ويو. ڳوٺ نبي بخش سولنگيءَ ۾ تعليم القرآن سينٽر قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ حافظ نور محمد کوکر پارٽن کي مفت ديني تعليم ڏيندو هو. هن سينٽر مان ڪيترائي هار قرآن شريف پڙهي نڪتا.

سال 1982ع ۾ سول اسپتال دادو ۾ مفت اکين جي ڪئمپ قائم ڪئي ويئي. ان ڪئمپ ۾ هن تنظيم جي سوين ڪارڪنن رضاڪارانه خدمتون سرانجام ڏنيون. ڪئمپ جو افتتاح ان وقت جي گورنر ايس. ايم عباسيءَ ڪيو. وزٽ دوران تنظيم جي واکاڻ ڪئي ۽ پنهنجي وزٽ نوٽ ۾ لکيو ته هن تنظيم جي ڪارڪنن رضاڪارانه خدمتون سرانجام ڏئي پاڻ ملهايو آهي. ان کان علاوه هن تنظيم مطالبو ڪيو ته حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي تي سڄيءَ سنڌ ۾ عام موڪل ڪئي وڃي. اهڙي مطالبي تي روزانه عبرت اخبار حيدرآباد هڪ اداريه لکي تنظيم جي واکاڻ ڪئي ته هيءَ واحد سماجي تنظيم آهي جنهن سڀ کان پهريائين هيءَ اهم مطالبو ڪيو آهي.

تنظيم طرفان گورنر سنڌ کي ياداشت نامو موڪليو ويو. گورنر ايس. ايم عباسيءَ هڪ ليٽر تنظيم کي لکيو ته هن سال حضرت شاهه عبداللطيف جي عرس تي حيدرآباد ڊويزن ۾ عام موڪل ڪئي ويندي ۽ آئنده سال کان سڄيءَ سنڌ ۾ عام موڪل هوندي. هن تنظيم دادو- مورو پل جو نالو شهيد مخدوم بلاول پل تجويز ڪيو ۽ نهراء بحال ڪري اعليٰ اختيارين جو ڌيان ڇڪايو ته هن پل جو نالو سنڌ جي سورهيه ۽ قوم پرست مذهبي رهنماء حضرت مخدوم بلاول سان منسوب ڪيو وڃي. تنظيم جي مطالبي کي مان ڏيندي هن پل جو نالو شهيد مخدوم بلاول رکيو ويو آهي. اهڙي طرح تنظيم ڪيترائي تاريخي ڪم ڪيا آهن. ازانسواءِ 'سواڪاجي' عهديدارن ڪيترن ئي سئمينارن، ورڪشاپن ۽ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. 15- جون 1982ع تي آل سنڌ سوشل ويلفيئر ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. جيڪا هوٽل هاليڊي ان ۾ ٿي. هن ڪانفرنس ۾ علي سرور پٽي، محمد جمن مگسي، محمد نواز ملڪاڻي ۽ اظهر سولنگي شرڪت ڪئي ۽ ان ۾ خاص مهمان سنڌ جو گورنر ايس. ايم عباسي هو. تنظيم طرفان دادو جا سماجي مسئلا پيش ڪيا ويا ۽ انهن کي حل ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي. هن تنظيم جي عهديدارن پي ڪل پاڪستان سماجي ڪارڪنان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. جيڪا 29 مارچ کان 31 مارچ 1983ع ۾ اسٽيل ٽائون شپ ڪراچيءَ ۾ ٿي.

هن ڪانفرنس ۾ پنج هزار مندو بين شريڪ ٿيا. ان کان علاوه آل سنڌ سوشل ويلفيئر ڪانفرنس ميرپورخاص ۾ ٿي جيڪا صد ساله جشن ٽرپارڪر جي سلسلي ۾ هئي. هن ڪانفرنس ۾ علي سرور پٽي "اظهر" سولنگي (مصنف) ۽ خميسو خان شاهاڻي شريڪ ٿيا. ڪانفرنس جي مهمان خاص بيگم تزئين فريدي وزير سوشل ويلفيئر سنڌ هئي. هن ڪانفرنس ۾ تنظيم جي اڳواڻن دادو جا سماجي ۽ ثقافتي مسئلا پيش ڪيا. ان کان علاوه هن تنظيم طرفان ڪيترائي سماجي مسئلا هٿ ۾ ڪنيا. هن تنظيم پارٽن جي عالمي سال سنڌي ساهت سال ۾ ملهايو. پارٽن جي عالمي سال جو افتتاح اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ چيئرمين سب ڊويزنل سوشل ويلفيئر ڪميٽي لياقت علي آرائين ڪيو. ان موقعي تي ڪوٽ نبي بخش سولنگي جي پارٽن ۾ انعام ۽ مناڻي ورهائي وئي. هيءَ تنظيم رجسٽرڊ آهي. هن وقت هن جون سرگرميون محدود آهن.

سورج آباد ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو:

دادو شهر ۾ ڪيترائي محلا، پاڙا، ڪالونيون ۽ ڪوٽ آباد آهن. جيڪي بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهن. انهن مان ڪٽيل آبادي وارو محلو سورج آباد ۾ آهي. هيءَ محلو بنيادي سهوليتن کان محروم آهي. ان ڪري هن محلي جي نوجوانن هڪ تنظيم سورج آباد ويلفيئر ايسوسيئيشن جي نالي سان قائم ڪئي آهي.

هن محلي جي تقريباً هزارن جي تعداد ۾ آدمشماري آهي ۽ سون جي تعداد ۾ گهر آباد آهن. اهڙي آباد هوندي ۾

هيءُ محلو ايجا تائين بنيادي سهوليتن کان محروم آهي ۽ هن محلي تي ڪو ڌيان نہ ڏنو ويو آهي. محلي جي سڌاري ۽ واڌاري ۽ ترقياتي ڪمن کي هٿي ڏيارڻ لاءِ هن تنظيم جو بنياد وڌو ويو آهي ۽ تنظيم جي نوجوانن اهو عزم ڪيو آهي تہ سرڪار سان لکپڙھ ڪري محلي کي بنيادي سهوليتون وٺي ڏيڻ لاءِ جاکوڙ جاري رکي. گھُرجون پوريون ڪرايون ويندیون.

ينگ سٽيزنس ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو:

نوجوانن کي گڏ ڪري هڪ تنظيم ينگ سٽيزنس ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو جو بنياد وڌو ويو. هن تنظيم شروع کان ئي شهر جي سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. هن تنظيم جي نوجوانن 1988ع ۾ عيدالاضحيٰ تي قربانيءَ جون کلون گڏ ڪري پنجاھ هزار رپيا ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ فساد سٽيلن ماروٽڻ جي سهائتا لاءِ ڏنا.

دادو شهر جي پرسان بليو لائين جي ٽيل زخمين کي رت جون بوتلون ۽ اٺ هزار رپين جون دوائون فراهم ڪيون. ڪاليج روڊ تي لائبريري قائم ڪئي وئي. نامياري راڳي محمد جمن کي هڪ هزار رپيا امداد طور ڏنا ويا. جيئن هو علاج ۽ دوائون خريد ڪري سگھي. غريب آباد محلي ۾ صفائيءَ جو ڏھاڙو ملهايو ويو. سال 1998ع ۾ سنڌ جي سورهيہ ۽ قوم پرست رهنماء شهيد مخدوم بلاول نالي مفت ٽيوشن سينٽر قائم ڪيو. جتي ہارڻن کي مفت تعليم ڏني ويندي هئي. تنظيم طرفان ڳوٺ هاشم ٻگھيو ۾ ڏاڙيلن هٿان اوٽيھ بيگناھ قتل ٿيڻ تي ڏک جو اظهار ڪيو ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد عبدالله شاھ سان ملي انصاف جي گھُر ڪئي.

تنظيم جي طرفان غريب شاگردن جي سهائتا لاءِ مخدوم بلاول بوڪ بائينڈنگ سينٽر قائم ڪيو ويو. هن تنظيم جي ساڻين 1990ع کي جدوجهد جو سال ڪري ملهايو. سول اسپتال دادو ۾ مريضن کان خيريت پڇي سندن مدد ڪئي. شهر جي اسڪولن ۾ پرائمري سطح تي تحريري ۽ سوالن جوابن جو مقابلو ڪرايو ۽ ڪامياب ٿيندڙ شاگردن کي انعامن سان نوازيو. علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريريءَ کي خودمختيار بنائڻ لاءِ تڏھوڪي سيڪريٽري ثقافت مهتاب اڪبر راشديءَ سان ملي، مسئلو حل ڪرايو. هن تنظيم طرفان طالب المولیٰ هاءِ اسڪول دادو جو سؤ کان مٿي غريب شاگردن ۾ ڪورس جا ڪتاب مفت ورهايا. حيدرآباد ۾ دهشتگردن جي شڪار ٿيل سنڌي خاندانن لاءِ ضروري سامان ڪاڏ خوراڪ ۽ ڪپڙن جون ٻہ ٽرڪون امداد موڪليون ويون. گرلس اسڪول اڳيان ٽيڪسي اسٽينڊ هٽرايو ويا. شهر ۾ منشيات جي وڏندڙ ڪاروباري اڏڻ تي پوليس جي مدد سان چاپا هڻايا ويا. نياڻين جي اسڪول آڏو لوفر پائي ڪندڙن کي گرفتار ڪرايو ويو. هن تنظيم جو هڪ وفد ايشين ويلفيئر ڪانفرنس ۾ پڻ شرڪت ڪئي.

هن تنظيم 1991ع ۾ تعليم القرآن ۽ مفت ٽيوشن سينٽر کوليو. ميونسپل پارڪ دادو ۾ جوا جو اڈو هلندڙ هو جنهن کي نوجوانن انتظاميہ سان ملي ختم ڪرايو. نوجوانن وٽن پوکڻ جي مهم هلائي جيئن شهر کي خوبصورت بنائي سگھجي. دادو شهر پرسان ڳوٺ ۾ باھ لڳڻ بعد متاثرن جي مدد ڪئي. ميونسپل انتظاميہ جي مدد سان روشنيءَ جو هفتو ملهايو ويو. غريب ۽ مستحق شاگردن ۾ ڪتاب ۽ دريسون ورهايون ويون.

يسوا طرفان هڪ روزہ مفت طبي ڪئمپ لڳائي وئي. ان ڪئمپ ۾ غريب ۽ نادار مريضن کي مفت دوائون فراهم ڪيون. حضرت شاھ عبداللطيف ٻٽائي جو ڏھاڙو ملهايو ويو. 1992ع جي شروعات هيپي نيوييئر پروگرام سان ڪرڻ بعد سال کي امن ۽ عورت جي عظمت جو سال قرار ڏنو ويو. ساڳئي سال سگا طرفان لڳايل مفت اکين جي ڪئمپ

ٻه سهڪار ڪيو ويو. تنظيم جي نوجوانن شهر ۾ مذهبي فساد ٿيڻ بعد ڇڪتاڻ ختم ڪرائي ۽ ٻن مذهبي جماعتن کي پاڻ ۾ ڪير ڪنڊ بنائي امن ڪاميٽي جوڙي وئي. ڪالرا ۽ ٻين موتمار بيمارين جي بچاءَ لاءِ هزار بارڻن کي ٽُڪا هڻايا ۽ گشتي ٽيمون جوڙي ڳوٺن ۽ شهر جي مختلف پاڙن ۾ روانيون ڪيون ويون.

تنظيم جي آفيس ۾ مفت ڊسپينسري قائم ڪئي وئي. جنهن ۾ ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير ۽ ڊاڪٽر خادم حسين لغاري رضاڪارانه خدمتون سرانجام ڏنيون. اهڙي طرح هن تنظيم ڪيترائي فلاحي، سماجي، علمي ۽ ادبي پروگرام ڪري نالو ڪمايو. هن تنظيم جي نوجوانن ۾ جاويد اختر گهلو، سعيد احمد لغاري، قائم علي سيال، طفيل قريشي، غلام مصطفيٰ سومرو ۽ ٻين جون ڪاوشون ساراهڻ جوڳيون آهن. هن وقت هيءَ تنظيم خاموش آهي.

المصطفي ويلفيئر ايسوسيئيشن وحدت ڪالوني دادو:

سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ دادو شهر ۾ ڪيترين ئي سماجي تنظيمون قائم ڪيون ويون آهن. وحدت ڪالونيءَ ۾ به هڪ تنظيم المصطفيٰ ويلفيئر ايسوسيئيشن قائم ڪئي وئي آهي. ان تنظيم جي پليٽ فارم تان ڪالونيءَ جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ پرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي. سماجي مسئلن ۾ بجلي، گئس، گندي پاڻي جي نيڪال، روڊ رستن جي تعمير ۽ ٻيا مسئلا شامل آهن. هن تنظيم جي طرفان ڪافي مسئلا اختيارين تائين پهچايا ويا آهن ۽ ايجاب جاکوڙ جاري آهي. تنظيم جا ڪارڪن رات ڏينهن ڪوشان آهن.

شهيد مخدوم بلال سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو:

هيءَ تنظيم سال 1993ع ۾ قائم ڪئي وئي جيڪا علاقي جي ڪجهه ڪالونين جي رهواسين تي مشتمل هئي. انهن ڪالونين ۾ شهباز ڪالوني، نواب ڪالوني، نبي بخش ڪالوني، غلام محمد ڪالوني، ڳوٺ عبدالله لاشاري ۽ ٻيون ڪالونيون شامل آهن. هن تنظيم جو باني نثار احمد مگسي هو. جڏهن ته ٻيا به بانيڪارن ۾ شامل هئا. جن ۾ عبدالقادر شاهاڻي، غلام مصطفيٰ پنهور، علي اڪبر لاشاري، حاجي درمحمد لاشاري جا نالا به شمار ڪري سگهجن ٿا.

هن تنظيم جي اڳواڻن ڪوشش ڪري ڪيترائي سماجي ڪم ڪرايا آهن. هن تنظيم جي اڳواڻن عزيزآباد ڪالوني ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو. موندر ناکي کان هڪ پڪو رستو قائم ڪرايو. جيڪو سي. آءِ. اي ٽاڻي تائين پڪو ڪرايو ويو. هن تنظيم طرفان هر ٻئي مهيني مفت طبي ڪئمپ قائم ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير ۽ ٻيا ڊاڪٽر مفت چڪاسيندا آهن. مختلف ڪالونين ۾ مالوند ماڻهن جي چوپائي مال کي بچاءَ جا ٽُڪا لڳايا ويندا آهن. هر موسم ۾ مفت علاج جون ڪئمپون لڳايون ويندیون آهن. ڪالونين جي رهيل ماڻهن جا شناختي ڪارڊ سون جي تعداد ۾ ٺهرائي ڏنا ويا. هن وقت ٻئي بادي وجود ۾ آئي آهي.

هن وقت نئين بادي هر ٻئي مهيني مفت طبعي ڪئمپ قائم ڪري رهي آهي، جنهن ۾ مفت چڪاس ۽ دوائون فراهم ڪيون ويندیون آهن. هن مفت ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر وزير علي ڀگهيو، ڊاڪٽر پرديپ ڪمار، ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. ان کان علاوه چوپائي مال جا ماهر ڊاڪٽر جن ۾ ڊاڪٽر رياض مگسي، ڊاڪٽر آفتاب پناڻ جانورن جي چڪاس ۽ انهن جو علاج ڪندا آهن. تنظيم طرفان پوليو خلاف سرڪاري مهم ۾ در در وڃي پنجن سالن تائين ٻارن کي ڦُڙا پيارڻ لاءِ ماڻهن ۾ سجاڳي آندي آهي. ٽن ڪالونين ۾ بجلي جا ٽنيا منظور ڪري لڳرايا ويا.

مدني سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن:

هيءَ تنظيم سال 1993ع ۾ قائم ڪئي وئي. تنظيم جو سرپرست اعليٰ محمد رمضان لانگاهه آهي. ٻين عهديدارن ۾ هيٺيان شامل آهن:

هن تنظيم جي اڳواڻن پنهنجي علاقي جي مسئلن کي حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي. تنظيم طرفان گرلس پرائمري اسڪول قائم ڪرايو. مختلف ڪالونين ۾ گئس ۽ اسٽريٽ لائيٽ ورتي. اڌ ڪلو ميٽر تائين پڪو روڊ به ورتو. ان کري ڪالوني جي رهواسين کي گئس بجلي ۽ روڊ جي سهوليت ميسر ٿي آهي. تنظيم جا اڳواڻ ڪوشش ۾ آهن ته جيئن مختلف ڪالونين ۾ ايجا به رهيل بنيادي سهوليتون ترت ملي وڃن.

متحده محلا شهري اتحاد دادو:

هن تنظيم جو بنياد 27- آگسٽ 2000ع تي پيو. هيءَ تنظيم سيد نورمحمد شاهه بخاري محلا لطيف شاهه بخاري محلا انصاري محلا باگڙي ڪالوني شاهه ڪنڊو محلا ۽ زنئور محلي جا رهواسي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري ۽ تنظيم جي توسيع ڪئي. هن تنظيم جو مقصد پنهنجو دفاع پاڻ ڪرڻ جي اصول تحت محلن ۾ چوڪيداري نظام قائم ڪرڻ مفت ڪتاب ورهائڻ مسجدن ۽ مدرسن ۾ ديني تعليم ڏيارڻ مفت ٽيوشن سينٽر قائم ڪرڻ لائبريري قائم ڪرڻ هوشيار شاگردن ۾ ڪوئيز پروگرام ڪرائڻ محلن ۾ اسٽريٽ لائيٽ جو بندوبست ڪرڻ ۽ ٻيا فلاحي ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ شامل آهن. هن تنظيم جا مکيه اڳواڻ امام بخش پنهور ڊاڪٽر لطف الله سومرو گل حسن سومرو حاجي ابوبڪر زنئور ۽ ٻيا شامل آهن.

سگا شاخ خدا آباد:

سگا شاخ خدا آباد سماجي پلاٽي جي سرگرمين ۾ ابتدا کان ئي حال سارو ڪم ڪري رهي آهي. ابتدا ۾ صحت جي ميدان ۾ بهترين ڪردار ادا ڪيو. هن وقت به تنظيم جا هيٺيان پروجيڪٽ آهن. جيڪي ڪاميابيءَ سان هلي رهيا آهن.

صحت:

1. عورتن جي ترقي واري وزارت حڪومت پاڪستان طرفان چوڏهه لک روپين جي لاڳت سان تنظيم جي گهر تي ماءُ ٻار صحت مرڪز قائم ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سراسري طور 117 مريضن جو ماهوار علاج ڪيو وڃي ٿو. هن مرڪز ۾ پوليو جا قُڙا ۽ ٻين خطرناڪ بيمارين جا ٽڪا پڻ لڳايا وڃن ٿا.

تعليم:

سگا شاخ خدا آباد طرفان علاقي جي پندرهن پرائمري ۽ ڇهن سيڪنڊري اسڪولن ۾ بهترين تعليمي ماحول پيدا ڪرڻ لاءِ سگا جا ساٿي ڪم ڪري رهيا آهن.

هيومن رسورس ڊولپمينٽ:

سگا طرفان انفارميشن ٽيڪنالاجي متعارف ڪرائي وئي آهي. جنهن تحت علاقي ۾ زرعي اُپت وڌائڻ ۽ زرعي مارڪيٽنگ قائم ڪرڻ لاءِ تنظيم طرفان ڪوششون جاري آهن. ان کان علاوه سگا طرفان اسڪول وين به چالو ڪئي وئي آهي.

سٽيزن ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪلجي اسٽيشن:

ڪلجي اسٽيشن جا سماجي ثقافتي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هن تنظيم جو بنياد وڌو ويو آهي. تنظيم سوشل ويلفيئر ڪاتي ۾ رجسٽر ٿيل آهي. هن تنظيم کي سال 2004ع ۾ رجسٽر ڪرايو ويو. تنظيم جي ساڻين گڏجي سماجي مسئلا اعليٰ اختيارين تائين پهچايا آهن. سماجي مسئلا جن ۾ تعليم صحت، صفائي ۽ ترقياتي ڪم شامل آهي. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ساڻين پرپور ڪوشش ڪئي آهي.

پاڻ ويلفيئر آرگنائيزيشن پاڻ:

پاڻ جيڪو تاريخي شهر آهي. علم ادب ۾ سڄي دنيا ۾ مڃتا ماڻي چڪو آهي. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان رهواسي ڪوشان رهيا آهن ۽ سماجي، ثقافتي علمي ۽ ادبي مسئلا اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ لاءِ پرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن. هيءَ تنظيم 9_ سيپٽمبر 2003ع تي رجسٽر ٿي آهي.

عوامي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪلجي اسٽيشن:

عوامي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ڪلجي اسٽيشن هڪ خالص سماجي تنظيم آهي. هن تنظيم جو بنياد سماجي ثقافتي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ وڌو ويو. تنظيم جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پنهنجي وت ۽ وس آهر جاکوڙي رهيا آهن. شهر جا بنيادي مسئلا جن ۾ صحت، صفائي روڊ رستا ۽ نالين شامل آهن. انهن کي حل ڪرائڻ لاءِ پرپور ڪوششن ۾ مصروف عمل آهن. تنظيم 27 آگسٽ 2003ع ۾ رجسٽر ٿي آهي. هن تنظيم جو صدر الهه بچايو پنهور نائب صدر لياقت علي جهتيال جنرل سيڪريٽري غلام نبي ڪوسو جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي ملڪ ۽ خزانچي غلام حيدر پنهور آهن.

ملڪ يوٿ ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو:

هيءَ تنظيم محلي سطح تائين ڪم ڪري رهي آهي. هن تنظيم کي 2003ع ۾ رجسٽر ڪرايو ويو. تنظيم جا نوجوان سماجي ثقافتي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ڪوشان آهن. هيءَ تنظيم محلي وزير آباد نوجوانن قائم ڪئي آهي.

سنڌ سماجي فلاح بهبود سنگت مرڪپور:

سنڌ سماجي فلاح بهبود سنگت مرڪپور سال 2003ع تي رجسٽر ٿي هن تنظيم جا اڳواڻ پنهنجي محلي جي سماجي ۽ فلاحي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪوشان آهن. ڪجهه سماجي مسئلا به حل ڪرايا اٿن.

ڳوٺ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن ڳوٺ ڏوتڑا پنهور:

هيءَ تنظيم ڳوٺ ڏوتڑا پنهور تپي خدا آباد ۾ قائم ڪئي وئي آهي. سوشل ويلفيئر ڪاتي طرفان 1996ع ۾ رجسٽر ٿي. هن ڳوٺ جي سڃاڻ شخصيتن تنظيم جي پليٽ فارم تان ڪافي مسئلا اعليٰ اختيارين تائين پهچايا آهن ۽ حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي.

ڳوٺ سڌار سنگت تنظيم ڳوٺ سچارو:

هيءَ تنظيم ڳوٺ سچاري تعلقي دادو ۾ قائم ڪئي وئي آهي ۽ سوشل ويلفيئر ڪاتي مان سال 1985ع ۾ رجسٽر ٿي. هيءَ تنظيم به فلاحي ڪمن لاءِ قائم ڪئي وئي آهي. تنظيم جا اڳواڻ ڳوٺ جا سماجي مسئلا جن ۾ تعليم صحت ۽ ترقياتي ڪم شامل آهن. ان کي حل ڪرائڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن.

نوجوان فلاح تنظيم ڳوٺ خير محمد پنهور:

هيءَ تنظيم نوجوانن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ جي فلاحي ڪمن لاءِ نوجوان پاڻ پتوڙي رهيا آهن. هيءَ تنظيم سال 1994ع ۾ رجسٽر ٿي آهي. رجسٽر ٿيڻ کان پوءِ تنظيم جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن تعليم، صحت ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ جاکوڙي رهيا آهن.

پئرنٽس ٽيچرس ايسوسيئيشن دادو:

پئرنٽس ٽيچرس ايسوسيئيشن دادو هڪ فلاحي ۽ سماجي تنظيم آهي. هن تنظيم کي سال 1983ع ۾ رجسٽر ڪرايو ويو آهي. تنظيم جا اڳواڻ محلي سطح تي سماجي ۽ ثقافتي سرگرميون جاري رکن ٿيا. هن تنظيم جا ڪارڪن سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ جاکوڙي رهيا آهن.

سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن پاٽ:

سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن پاٽ رجسٽر تنظيم آهي. هن تنظيم کي محڪمہ سوشل ويلفيئر مان سال 1983ع ۾ رجسٽر ڪرايو ويو آهي. پاٽ شهر جي سماجي ۽ ثقافتي مسئلن کي اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ لاءِ تنظيم جا اڳواڻ سرگرم عمل آهن.

سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن موندر:

سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن موندر 1989ع ۾ رجسٽر ٿي آهي. موندر جيڪو ڪنهن زماني ۾ درياءِ بندر هو. هتان جو واپار ڏيساور سان هلندو هو. پر ترقياتي ۽ فلاحي ڪم نہ هئڻ سبب پستي طرف گامزن ٿيندو ويو. هن ڳوٺ جي اڳواڻن ڳوٺ جي اهڙي حالت ڏسي سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن موندر جو بنياد وڌو. تنظيم جا اڳواڻ فلاحي ۽ سماجي مسئلا حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوششون ڪري رهيا آهن.

شهيد مخدوم بلاول ڪميونٽي ڊيولپمنٽ آرگنائيزيشن دادو:

شهيد مخدوم بلاول ڪميونٽي ڊيولپمنٽ آرگنائيزيشن دادو هڪ سماجي تنظيم آهي. دادو شهر جي سماجي ۽ ثقافتي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آئي آهي. هن تنظيم جا اڳواڻ ڪيترن ئي سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي. تازو هن تنظيم جي ساڻين هڪ احتجاجي ريلي ڪڍي سندن اهم مطالبو هو تہ تعليمي ادارن ۾ سياسي مداخلت بند ڪئي وڃي ۽ سياسي مداخلت نامنظور جهڙا مطالبا ٻڌرن تي لکيل هئا. توقع رکي سگهجي ٿي تہ هي نوجوان ايجا بہ پاڻ ملهائيندا ۽ سماجي مسئلا کڻي اعليٰ اختيارين کي پيش ڪندا. هن تنظيم جو چيئرمين ماجد حسين زنئور، صدر ڊاڪٽر محمد علي ٻگهيو، نائب صدر سيد آصف علي شاهہ، جنرل سيڪريٽري اظهر حسين پنهور، جوائنٽ سيڪريٽري عبدالرزاق کوسو، خزانچي علي شيخ، پريس سيڪريٽري عنايت الله ٻيرو، رابطا سيڪريٽري لال بخش صحبت علي منگي آهن.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ ڏلجي اسٽيشن:

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) شاخ ڏلجي اسٽيشن گذريل 20 سالن کان سماجي سرگرمين ۾ مصروف عمل آهي. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان علاقي جي سماجي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪرائڻ جي

پرپور ڪوشش ڪئي وئي. خاص طرح صحت ۽ تعليم طرف خصوصي توجه ڏنو ويو آهي. سگا شاخ قلجي اسٽيشن طرفان طبي ڪئمپون لڳايون ويندیون آهن. جن ۾ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر پنهنجون رضاڪارانه خدمتون سرانجام ڏيندا آهن. هن طبي ڪئمپن ۾ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر مريضن جي چڪاس ڪري مفت دوائون فراهم ڪندا آهن.

تنظيم سنڌ شهري اتحاد پاڻ شريف:

تنظيم سنڌ شهري اتحاد جو بنياد 1997ع ۾ پيو. هن تنظيم جا عهديدار ۽ ورڪر شهر جي سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ پرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. شهر جا خصوصي مسئلا جن ۾ گندي پاڻيءَ جو نيڪال، بجلي گئس، صحت، صفائي ۽ تعليم تي ڌيان ڏئي حل ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن.

ڳوٺ سڌار سنگت پاڻ:

شهر جي معززين ۽ نوجوانن گڏجي هڪ تنظيم ڳوٺ سڌار سنگت جي نالي سان قائم ڪئي آهي. هن تنظيم جي اڳواڻن شهر جي فلاح بهبود لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. شهر ۾ صحت، صفائي، بجلي ۽ روڊ رستن جي تعمير لاءِ ڪوششون ڪيون آهن.

دستڪ ڪوآرڊينيشن ضلع دادو:

هيءَ تنظيم، ضلعي ليول تي ڪم ڪري رهي آهي. هن تنظيم جو مقصد پنڌتي پيل علاقن جي ترقي ۽ تبديلي لاءِ جاکوڙ ڪرڻ، عورتن تي تشدد، ڪاروڪاري، ہارڙن تي ٿيندڙ ظلم ۽ جبري پورهئي خلاف جدوجهد ڪرڻ آهي. هن تنظيم ڪيترائي مذاڪرا، ورڪشاپ ۽ ڪانفرنسون ڪرايون آهن، جن ۾ اديبن، شاعرن، دانشورن، ذات ڏيئن، ليڪڪن ۽ صحافين جو وڏو تعداد شريڪ ٿيندو آهي. هن تنظيم جو دستڪ ڪوآرڊينيٽر مجتبيٰ ملڪ آهي.

ڳوٺ سڌار سنگت سيتا وليج:

ڳوٺ سڌار سنگت جو روح روان محبوب علي ميمڻ، عبدالله شاهه آزاد، عباس سومرو ۽ ٻيا نوجوان رهيا. بشير سيتائيءَ جون پڻ هن تنظيم ۾ خدمتون رهيون. هن تنظيم جي ساڻين تعليم، صفائي، صحت، علاج ۽ وٽڪاريءَ جي سلسلي ۾ ڪافي ڪوششون ورتيون آهن ۽ مقامي ماڻهن جي مسئلن لاءِ پاڻ ملهايو آهي.

ڳوٺ سڌار سنگت نئون رکڻ:

ڳوٺ سڌار سنگت نئون رکڻ جو بنياد ڪجهه سال اڳ وڌو ويو. هن تنظيم جو صدر جبار احمد راجپوت ۽ جنرل سيڪريٽري احمد بخش چانڊيو آهي. هي نوجوان، پنهنجن ساڻين سان گڏجي ڳوٺ جي فلاح و بهبود لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. هن تنظيم جي پليٽ فارم تان ڳوٺ ۾ نالين پڪيون ڪرائڻ، ڳوٺ ۾ بجلي پهچائڻ ۽ ڳوٺ ۾ چوڻڪي سسٽم بحال ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي. ان کان علاوه ڳوٺ ۾ نئين مسجد ٺهرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي. سندن ڪوشش سان نئين رکڻ جا ڪيترائي سماجي مسئلا حل ٿي چڪا آهن.

هنن تنظيمن کان علاوه ٻيون برادري ليول تي ٻه سماجي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. انهن ۾ پنهور ويلفيئر ايسوسيئيشن ميمڻ ويلفيئر ايسوسيئيشن سومرا ويلفيئر ايسوسيئيشن سولنگي ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن.

مددگار آرگنائيزيشن دادو:

هيءَ تنظيم ضلعي ليول تي ڪم ڪري رهي آهي. هن تنظيم کي وجود ۾ آڻڻ جو مقصد عورتن ۽ ٻارڙن جي فلاح و ٻهبود لاءِ پاڻ پتوڙڻ ۽ ڪارو ڪاري رسم کي ختم ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ شامل آهي. تنظيم جي ساڻين سنڌ کان علاوه ٻاهر ٻه سيمينارن ۽ ڪانفرنسن ۾ شرڪت ڪئي آهي ۽ هتان جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي آهي. هن تنظيم جا اڳواڻ جن ۾ غلام عباس جويو بنده علي لغاري ۽ ٻيا ساڻي شامل آهن. جي رات ڏينهن پاڻ پتوڙي رهيا آهن.

◈

پيشور تنظيمون

پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن دادو:

آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جو بنياد سال 1952ع ۾ پيو. ان جو باني جان محمد جمالي هو ۽ هو سنڌ جو صدر به هو. دادو پ.ت.الف ابتدا کان ئي استادن جي فلاح و بهبود لاءِ کوشان رهي آهي. دادو ۾ ڏٺي بخش ميمڻ، محمد يوسف ميمڻ، محمد عثمان جمالي، محمد يونس لاڙڪ، علي حيدر ميمڻ، محمد حسن باجاري، محمد سلطان کوريجو، قادربخش طالباڻي، محمد حسن سومرو پ.ت.الف جي پليٽ فارم تان استادن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. هن وقت غلام رسول چانڊيو، مجيب الرحمان وگهيو، عزيزالله لغاري، پير بخش کوکر، عبدالقيوم ميمڻ ۽ ٻيا اڳواڻ استادن جي مسئلن لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهن ٿا.

پ.ت.الف هڪ تنظيم آهي، استادن هميشه جدوجهد ڪئي آهي. سنڌ جي اڳوڻي گورنر رحمان گل جي دور ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ سنڌ جي هزارين استادن شرڪت ڪئي. دادو شهر جي استادن ۾ هن ريلي ۾ شرڪت ڪئي. ريلي ڪراچيءَ جي جن علائقن مان گذري اتان جي رهواسين استادن تي گُلن جي ورکا ڪئي. فليٽن، بنگلن ۽ جاين تان تاڙيون وڄائي ۽ گل نڇاور ڪري خوب داد ڏنو. هيءَ ريلي تاريخي حيثيت سان ياد ڪئي ويندي.

گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچرس ايسوسيئيشن (گسٽا) دادو:

سيڪنڊري استاد پنهنجن مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ هن تنظيم جو بنياد وڌو آهي. هيءَ تنظيم يونٽ تعلقي ضلعي ۽ سنڌ ليول تي ڪم ڪري رهي آهي. دادو تعلقي تي صدر الله بچايو پنهور ۽ جنرل سيڪريٽري جاويد اڪبر ميمڻ آهي. هيءَ تنظيم استادن جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ پرپور جدوجهد ڪري رهي آهي.

مسجد اسڪول ٽيچرس ايسوسيئيشن دادو:

مسجد اسڪول جنرل ضياءُالحق جي دور جي پيداوار آهن جن جو چار وچايو ويو. انهن ۾ جدا استاد مقرر ڪيا ويا. جيڪي مسجد اسڪول ٽيچر سڏائيندا هئا. مسجد اسڪول ٽيچرس جي الڳ سينارٽي ناهي وئي ۽ انهن تي آفيسر به الڳ مقرر ڪيا ويا. ضلعي جي آفسرن کي به ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيٽر چيو ويندو هو. استادن پنهنجي الڳ تنظيم مسجد اسڪول ٽيچرس ايسوسيئيشن (ماٽا) جي نالي ناهي ۽ پنهنجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪئي ۽ سرگرميءَ سان هڙتالون بک هڙتالون ڏرٽا ۽ احتجاجي مظاهرا ڪيا. هيءَ تنظيم ايجا تائين سرگرميءَ سان ڪم ڪري رهي آهي.

چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز دادو:

هيءَ تظيم دادو شهر جي واپارين طرفان قائم ڪئي وئي آهي. جيڪا واپارين جي فلاح و بهبود لاءِ پاڻ پتوڙي رهي آهي. هيءَ تنظيم 1990ع کان ڪم ڪري رهي آهي. هميشه واپارين جي حقن لاءِ کوشان رهي آهي.

چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز خالص واپارين جي مفاد ۽ انهن جي فلاح لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. هن تنظيم ۾ واپارين جو وڏو تعداد شامل آهي. غلام شاهه ملڪاڻي تنظيم جو صدر آهي. محمد عثمان ميمڻ ان جو جنرل

سيڪريٽري آهي. اهي ٻئي صاحب سماجي سرگرمين ۾ به حصو ونندا اچن ٿا.

ميونسپل ليبر ايمپلائيز يونين دادو:

هيءَ تنظيم تمام پراڻي آهي. ميونسپل ڪاميٽيءَ جا جيڪي به محنت ڪش آهن. انهن جي مسئلن کي اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ ۽ حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوششون ڪري رهيا آهن. هن تنظيم پنهنجي قيام کان اڄ تائين سرگرم آهي. مسئلن جي حل لاءِ ڪڏهن ڪڏهن هڙتالون ۽ احتجاجي مظاهرا به ڪيا ويندا آهن. هن تنظيم جو صدر عبدالرحيم عرف امير انصاري، جنرل سيڪريٽري حسن الدين سولنگي آهي.

ميونسپل ايمپلائيز يونين دادو:

ميونسپل ايمپلائيز يونين دادو ڪافي وقت کان ڪم ڪري رهي آهي. ميونسپل ڪاميٽيءَ جي ملازمن جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ هميشہ ڪوشان رهي آهي. تنظيم جا اڳواڻ: صدر بشير احمد سولنگي، جنرل سيڪريٽري عباس سهاڳ ۽ ٻيا عهديدار شامل آهن. هي عهديدار انتظاميہ سان ملي مسئلي حل ڪرائڻ لاءِ پرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن.

پيپلز ليبر يونين دادو:

پيپلز ليبر يونين 1974ع ڌاري قائم ڪئي وئي. هن تنظيم جو صدر دولت خان لغاري ۽ جنرل سيڪريٽري احمد علي سومرو هئا. تنظيم جي پليٽ فارم تان محنت ڪش طبقي جي نمائندگي ڪندا رهيا. هن وقت هن تنظيم پنهنجون سرگرميون محدود ڪري ڇڏيون آهن.

انقلاب ٽريڊ يونين دادو:

انقلاب ٽريڊ يونين نون تنظيمن تي ٻڌل آهي. محنت ڪش هميشہ مشڪلاتن ۾ رهيو آهي ۽ هو شڪاگو کان وٺي اڄ تائين جدوجهد جاري رکندو پيو اچي. انڪري دادو ۾ مزدورن الحاق ڪري هيءَ تنظيم وجود ۾ آندي آهي. مزدورن تي ٽيندڙ هر ظلم خلاف هن تنظيم آواز بلند ڪيو آهي. هر سال پهرين مئي تي وڏي پئماني تي مزدورن جو ڏاڙو ملهايو ويندو آهي، جنهن ۾ شڪاگو جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويندو آهي. انقلاب ٽريڊ يونين ۾ جيڪي تنظيمون شامل آهن. انهن ۾ ميونسپل ايمپلائيز يونين، ورڪشاپ يونين، ايڊيوڪيشن ورڪس بلڊنگس ايريگيشن، روڊس، پيڙي مزدور يونين، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل يونين ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن.

لوئر اسٽاف ايسوسيئيشن (ايڊيوڪيشن) دادو:

آل سنڌ ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ لوئر اسٽاف ايسوسيئيشن 1992ع ۾ قائم ڪئي ويئي آهي. ان جو صدر حاجن خان پنهور ۽ جنرل سيڪريٽري حاڪم علي لغاري هو. هن وقت به صدر حاجن خان پنهور آهي. جڏهن ته سيڪريٽري نبي بخش پنهور آهي. هن تنظيم جا مکيہ مقصد آهن. ملازمن جي اولاد جي في معاف ڪرائڻ، لياقت موجب ملازمن جي اولاد کي ملازمت ڏيارڻ، لوئر اسٽاف جي ملازمن کي ڪالونيون نهرائي ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، ناجائز ملازمن جون بدليون روڪرائڻ، ظلم ۽ زيادتين خلاف آواز بلند ڪرڻ شامل آهن.

هن تنظيم هر ظلم زيادتين خلاف آواز بلند ڪيو آهي. هر برندڙ مسئلي کي بين تنظيمن سان گڏجي حل ڪرائڻ جو پرپور ڪوشش ڪئي آهي. ان لاءِ هڙتالون، بک هڙتالون ۽ ڌرٽا به شامل آهن.

ٽيڪنيڪل شاپ اونرس ايسوسيئيشن دادو:

ٽيڪنيڪل شاپ اونرس ايسوسيئيشن جو بنياد ڪافي سال اڳ وڌو ويو هو. ٽيڪنيڪل دوڪاندارن پنهنجي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ هن تنظيم جو بنياد وڌو آهي. جڏهن به هنن کي ڪي مشڪلاتون ۽ مسئلا درپيش ايندا آهن تہ گڏجي مسئلا حل ڪرائيندا آهن. هن تنظيم جو سرپرست ۽ چيئرمن دادو جو نالیوارو وڪيل محمد رمضان خشڪ آهي.

ڪلاٿ مرچنٽس ايسوسيئيشن دادو:

دادو شهر ۾ هيءَ تنظيم ڪيترن ئي سالن کان ڪم ڪري رهي آهي. ڪپڙن جا جيڪي به واپاري آهن. انهن جي نمائندگي ڪري رهي آهي. دوڪاندارن سان جيڪي زيادتيون ٿيون. انهن خلاف آواز بلند ڪري زيادتين جو ازالو ڪيو ويندو آهي. هن وقت هي تنظيم چيمبر آف ڪامرس ۽ انڈسٽريز ۾ ضم ٿي چڪي آهي.

هٽ ريڙها ايسوسيئيشن دادو:

هيءَ تنظيم به ڪيترن ئي سالن کان ڪم ڪري رهي آهي. هٽ گاڏن تي ڪم ڪندڙ پورهيت جيڪي فروٽ، سائي پاڄي ۽ ٻيون شيون وڪرو ڪن ٿا. انهن کي اکثر پوليس ۽ ميونسپل ڪاميٽيءَ جا اهلڪار تنگ ڪندا رهن ٿا. هنن تنظيم ناهي صدر ميوي خان سولنگيءَ کي مقرر ڪيو ويو. جيڪي دليريءَ سان پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي. سرڪاري اهلڪارن سان منهن ماري به ڪندو رهي ٿو. وقتي طور جيل جون صعوبتون به برداشت ڪرڻيون پونس ٿيون.

پاڪستان پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن دادو:

پاڪستان پيرا ميڊيڪل ايسوسيئيشن يونٽ سول اسپتال دادو جو بنياد سال 1985ع ۾ وڌو ويو. هن تنظيم جو پهريون صدر نياز شيخ هو. سال 1990ع کان 2001ع تائين محمد آچر پنهور صدر هو. هن وقت سرور ملڪ صدر آهي. هن تنظيم جي اڳواڻ پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ جاکوڙ ڪئي آهي. وقتي طور تي عهديدارن جيل قيد و بند جون صعوبتون برداشت ڪيون آهن. جن ۾ منور گهلو جو نالو سرفهرست آهي. ڪجهه اڳواڻن کي دادو ضلعي کان ٻاهر بدلي ڪيو ويو. جن ۾ محمد آچر پنهور (تلهار) نثار لاشاري (ڏنو) شريف مستوئي (ڪوٽڙي) بدلي ڪيو ويو. ان ڪري سجي سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويو.

سنڌ جي وزير ڊاڪٽر ابراهيم جويي جي مداخلت بعد سندن بدلي دادو ڪئي وئي. بدليون بن ڪرائڻ لاءِ صوبائي صدر محمد صالح ڀاهي اهم ڪردار ادا ڪيو. دادو شهر ۾ ٻيون به هيلٿ پيشور تنظيمون آهن. جيڪي فلاحي سرگرمين ۾ مصروف آهن.

(1) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ايمپلائيز يونين (2) ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ورڪز يونين (3) ٻيڙي مزدور يونين (4) آٽو رڪشائون يونين (5) موٽر سائيڪل يونين (6) صرافہ يونين (7) گڏهه گاڏا ايسوسيئيشن (8) آل پاڪستان ڪلارڪس ايسوسيئيشن (آپڪا) (9) سنڌ پروفيسرس ليڪچرس ايسوسيئيشن (سپلا) ۽ ٻيون شامل آهن.

صحافت

صحافت معزز پيشو آهي، معاشري تي ٽيندڙ ڏاڍي ڏمر ظلم، جبر ۽ بيواجبين خلاف هتان جي صحافين مظلومن جو آواز اربابِ اقتدار تائين پئي پهچايو آهي. سچ لکڻ سبب سرڪاري مشينري صحافين تي ڏمرجي پوندي آهي. هتان جي صحافين پاڻ ملهايو آهي ۽ صحيح رپورٽنگ ڪري سرخرو ٿيا آهن. هن شهر جا ڪيترائي صحافي جن ۾ مرحوم غلام قادر ناريجو، محمد اسماعيل ناريجو، غلام رسول ناريجو، حافظ محمد احسن چنہ، علي حسن لغاري، قاضي نصير محمد، نورمحمد جيسر، دوست علي جيسر، سرائي علي گوهر ٻٽ، حسين شاهہ راشدي، پير علي محمد راشدي، قمرالدين جويو، انور شاهي، ذوالفقار شيخ، يوسف ڪابورو، ضياء قريشي ۽ ٻيا شامل آهن. دادو شهر ضلعي جو هيڊڪوارٽر آهي. هن شهر مان ڪيترين ئي هفتيوار اخبارون نڪرنديون آهن. انهن ۾ دادو گزيٽ، اظهار، روشن طب، آواز سنڌ، محافظ سنڌ، قلندر ۽ شهباز وغيره شامل آهن. انهن اخبارن مان ڪجهہ اخبارن بند ٿي ويون آهن. تڏهن ۽ هتان جا صحافي هن وقت صحافتي ذميوارين احسن طريقي سان نيائي رهيا آهن ۽ سنڌ جي ٻين اخبارن سان منسلڪ آهن. دادو جي صحافين جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

خالد ڪوڪر[1]:

نالیوارو صحافي خالد ڪوڪر ولد محمد عيسيٰ ڪوڪر 26_ جون 1965ع تي ڳوٺ باداڻي ڳوٺ تعلقي دادوءَ ۾ جائو. ابتدائي کان انٽر تائين تعليم دادوءَ مان ۽ گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي. خالد ڪوڪر 1982ع کان پوءِ روزانہ عبرت اخبار ۾ پروف ريڊر مقرر ٿيو. 1985ع ۾ ساڳئي اخبار ۾ سب ايڊيٽر ٿيو. 1986ع کان 1987ع تائين روزاني مهراڻ اخبار ۾ نيوز ايڊيٽر طور ڪم ڪيو ان بعد روزاني آفتاب جو ڪراچيءَ ۾ رپورٽر ۽ روزاني عبرت جو بيورو چيف ٿيو. 1994ع کان 1997ع تائين روزاني برسات جو ايسوسيئيٽ ايڊيٽر رهيو. 1998ع ۾ روزاني سچ حيدرآباد جو اعزازي ايڊيٽر مقرر ٿيو. پوءِ 1999ع کان هن سالن تائين ايڊيٽر ٻه ٿيو. سال 2000ع کان هن وقت تائين روزاني سنڌو اخبار جو ايڊيٽر آهي.

خالد ڪوڪر 7_2006ع دوران سنڌ ٽي.وي جو ڊائريڪٽر نيوز ۽ ڊائريڪٽر ڪرنٽ افيئرس ٻه رهيو جنهن دوران هن ڪيترن اهم سياستدانن جا انٽرويو ٻه ڪيا. خالد ڪوڪر سرگرم ۽ باصلاحيت صحافي هئڻ سبب پريس ڪلب حيدرآباد جي ڪيترن عهدن تي رهيو. جهڙوڪ: 1987ع کان اسسٽنٽ سيڪريٽري، وقتي سيڪريٽري، ثقافتي سيڪريٽري ۽ خزانچي رهيو. 2000ع ۾ پريس ڪلب جو نائب صدر رهيو. 2006ع ۾ خزانچي ٿيو ۽ 2007ع ۾ صدر ٿيو ساڳئي سال کان گورننگ باڊيءَ جو ميمبر رهندو پيو آهي.

خالد ڪوڪر ڪائونسل آف آل پاڪستان نيوز پيپرس سوسائٽيءَ جو 2002ع کان ميمبر ۽ سارڪ ملڪن جي صحافين واري تنظيم سائوٿ ايشيا فري ميڊيا ايسوسيئيشن (سيفما) جي سنڌ چيپٽر جو 2004ع کان ميمبر رهيو

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

آهي. هو جڏهن پريس ڪلب جي ثقافتي ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري هو تہ هن جي سهڪار سان سنڌي ادبي سنگت جي ان وقت جي مرڪزي عهديدارن: تاج جويي ۽ اياز گل پريس ڪلب ۾ شيخ اياز جي صدارت ۾ 'سنڌ جي اديب جو قومي ڪردار' عنوان تي ڪانفرنس ڪرائي.

خالد کوکر شهيد بينظير ٻٽو پاران جلاوطني ختم ڪرڻ وقت ڏٻئ گهرايل صحافين جي وفد ۾ به شامل هو ۽ هو شهيد محترمہ سان گڏ جهاز ۾ ڪراچيءَ پهتو. هو ورلڊ سنڌي ڪانگريس جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪرڻ سميت لنڊن، ٽائلينڊ، فرانس، سعودي عرب، دبئي، انڊيا ۽ ڪيترن ملڪن جا صحافتي دورا پڻ ڪري چڪو آهي.

خالد کوکر هن وقت حيدرآباد ۾ رهي ٿو.

دادن خان پنڌ:

دادن خان پنڌ ولد محمد حسن پنڌ جو اصل ڳوٺ غلام علي پنڌ تعلقو دادو آهي. 1940ع ۾ جنم ورتائين. هن صحافت جي شروعات 1972ع کان ڪئي. هفتيوار 'محافظ سنڌ' دادو جو ڪيترائي سال ايڊيٽر رهيو. هن اخبار جي ذريعي دادو جي گنيئر مسئلن تي ڪيترائي اداريہ ۽ ڪالم لکيا. ان کان علاوہ روزانہ اخبارن سان پڻ منسلڪ رهيو آهي. هن وقت پي. پي. آءِ سان واسطو آٿس.

قربان علي خشڪ:

قربان علي خشڪ ولد الله بخش خشڪ دادو ۾ جائو. تعليم بي. اي تائين ٿيل آٿس. هن صحافت جي شروعات 1998ع کان ڪئي. روزانہ هلال پاڪستان ۽ مهراڻ جو ضلع رپورٽر ب رهيو آهي. هن ڪافي ڪالم، فيچر ۽ مضمون لکيا آهن. جيڪي مختلف اخبارن جي زينت بڻيا آهن.

غلام فريد شيخ:

غلام فريد شيخ ولد الاهي بخش شيخ دادو شهر ۾ جائو. تعليم ب دادو مان حاصل ڪئي آٿس. سال 1990ع کان اخباري دنيا سان وابستہ آهي. هيءَ روزانہ مهراڻ تعمير سنڌ ۽ ڪوشش اخبارن جو ضلع رپورٽر ب رهيو آهي. هن وقت ب روزانہ تعمير سنڌ سان واڳيل آهي.

غلام فريد سنڌ جي برندڙ مسئلن کي اخبارن تائين پهچائڻ ۾ هميشہ اڳيرو رهيو آهي.

رياض قادر ناريجو:

رياض قادر ناريجو ولد غلام قادر ناريجو 1 ـ سيپٽمبر 1975ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم ب دادو مان حاصل ڪيائين. هن وقت سندس تعليم بي.ايس سي (ميٿس) آهي. سندس پيشو صحافت آهي. هن ڪيترائي ڪالم ۽ رپورٽون لکيون آهن. جيڪي سڀ جون سڀ اخبارن ۾ شايع ٿيون آٿس. رياض قادر ناريجو سماجي سرگرمين ۾ ب حصو ونندو اچي ٿو.

گلڙ خان پنڌ:

گلڙ خان پنڌ ولد رانجهو خان پنڌ 27 ـ آڪٽوبر 1964ع تي ڳوٺ مينهون خان پنڌ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. مٽرڪ تائين تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول پان مان حاصل ڪيائين. سندس تعليم گريجوئيشن آهي. هيءَ اصل ملُهہ آهي. سندس ونڊ ب خانداني ملهہ رهيا آهن. گلڙ پنڌ صحافت ب ڪري ٿو. عوامي تحريڪ ۾ ب سرگرم رهيو آهي.

صحافت جي حوالي سان گلڙ خان پنڌ مختلف اخبارن سان وابستہ رهيو آهي. هن صحافت جي شروعات

1996ع کان ڪئي. روزانہ پاڪ حيدرآباد جو ضلعي رپورٽر رهيو. هن وقت روزانہ برسات جو ضلعي رپورٽر آهي.

غلام محمد کهرو:

غلام محمد کهرو اصل ڏلجي اسٽيشن جو رهواسي آهي. هيءُ مختلف اخبارن جو تعلقي ۽ ضلعي رپورٽر به رهيو آهي. هن صحافت جي شروعات 1985ع کان ڪئي. موجوده وقت ۾ روزانہ امن ڪراچيءَ جو ضلعي رپورٽر آهي.

نياز علي چانڊيو:

نياز علي چانڊيو ولد بخشل خان چانڊيو ڳوٺ دانو خان چانڊيي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. روزانہ هلچل حيدرآباد جو ضلعي رپورٽر آهي.

محمد شفيع قريشي:

محمد شفيع قريشي ولد نظير احمد قريشي 19 ـ جولاءِ 1950ع تي دادو شهر ۾ اڪ ڪولي. پرائمري ۽ مٽرڪ دادو شهر مان حاصل ڪيائين. صحافت جي شروعات 1985ع کان ڪئي اٿس. اڄ تائين مختلف اخبارن سان وابستہ رهيو آهي. جن مان يو.پي.پي نيوز ايجنسي. جسارت. آفتاب. مهراڻ پاڪ ۽ پاڪستان اخبارون شامل آهن. يو.پي.پي نيوز ايجنسي جو هن وقت ضلعي رپورٽر آهي.

ولي محمد چانڊيو:

ولي محمد عرف ولي چانڊيو ولد بخشل خان چانڊيو ڳوٺ دانو خان چانڊيي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ دادو مان حاصل ڪئي اٿس. سنڌس تعليم ايم. اي ۽ بي. ايس سي آهي. صحافت 1990ع کان ڪئي اٿس.

ولي محمد ڪيترين ئي روزانہ اخبارن ۾ پنهنجون صحافتي ذميواريون نيايون آهن. انهن ۾ روزانہ الغوث. عوامي آواز. سوال. سفير. شام ۽ سچ وغيره شامل آهن. موجوده وقت ۾ روزانہ شام حيدرآباد جو ضلعي رپورٽر آهي. سنڌس ڪيترائي فيچر. رپورٽون ۽ ٻيو مواد شايع ٿيندو رهي ٿو.

محمد عظيم لغاري:

دادو شهر جو نوجوان صحافي محمد عظيم لغاري ولد شفيع محمد لغاري 4 ـ جنوري 1972ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. تعليم انٽر اٿس. محمد عظيم لغاري سنڌ جي ڪيترين ئي نامور روزانہ اخبارن ۾ صحافتي ذميواريون نيايون آهن. جن ۾ خلق. آفتاب. سرواڻ الڪ. ايڪسپريس. سچ. سوال. پاڪ نيوز. حريت. هلچل. مهراڻ پڪار وغيره شامل آهن. روزانہ سچ اخبار جو ضلعي رپورٽر به رهيو. شهيد ٿي ويو.

نويد الزمان قريشي:

نويد الزمان قريشي ولد حڪيم لطف الله قريشي 26 ـ آگسٽ 1975ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. سنڌس والد لطف الله قريشي نامور استاد ٿي گذريو آهي. والد صاحب جي تربيت ۽ رهنمائيءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين. بي. اي تائين تعليم اٿس. هن سال 1994ع کان صحافت جي شروعات ڪئي. روزانہ پڪار. بختون. خلق. جاڳو سنڌ ۽ ٻين اخبارن جو ضلعي رپورٽر رهيو آهي. هن وقت روزانہ پڪار جو ضلعي رپورٽر آهي.

راجا ڪوريجو:

راجا ڪوريجو اصل نالو محمد ياسين ڪوريجو تاريخ 14_ آڪٽوبر 1971ع ۾ حاجي نظير احمد ڪوريجي جي گھر ۾ اڪ ڪولي. تعليم دادو شھر مان حاصل ڪئي اٿس. ڪجھ عرصي کان صحافتي ذميواريون نيائي رھيو آھي. روزانہ ھلال پاڪستان ڪراچي. حريت. خبرين ۽ ٻين اخبارن سان وابستہ رھيو آھي. ھن وقت روزانہ خبرين ۽ جدت جو ضلعي رپورٽر آھي.

محمد اسلم ٻھر:

محمد اسلم ولد حافظ محمد عرس ٻھر ڳوٺ مريد ٻھر تعلقي جوھيءَ ۾ تاريخ 3_ مارچ 1971ع تي جائو. تعليم بي.اي اٿس. صحافت جي دنيا ۾ سال 1988ع ۾ پير پاتو. ھن وقت روزانہ امت ۽ اين. اين. آءِ جو ضلعي رپورٽر آھي.

عبدالفتاح شيخ:

عبدالفتاح شيخ ولد عبدالله شيخ تاريخ 19_ مئي 1975ع تي ڳوٺ دڙو وليد شيخ ۾ جنم ورتو. تعليم بي. اي تائين اٿس. ھن اخباري دنيا سان پنھنجو ناتو سال 1995ع ۾ جوڙيو. روزانہ سنڌ جاڳو ڪوشش. تعمير سنڌ جو ضلعي نمائندو ٻہ رھيو آھي. ھن وقت روزانہ ڪوشش سان منسلڪ آھي.

نظام شيخ:

نظام الدين شيخ ولد احمد علي شيخ. ڳوٺ دڙو وليد شيخ تعلقي دادو ۾ 15_ آڪٽوبر 1975ع تي جنم ورتو. پنجون درجو مين اسڪول دادو ۾ پڙھيو. مٽرڪ دادو مان ڪيائين. بي.اي پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي اٿس. صحافت جي شروعات 1985ع کان ڪيائين. روزانہ جاڳو خادم وطن ۽ ڪاوش جو ضلعي رپورٽر رھيو. ھن وقت ڪاوش حيدرآباد جو ضلعي رپورٽر آھي.

نظام شيخ جا ڪافي ڪالم. فيچر ۽ رپورٽون روزانہ ڪاوش ۾ شايع ٿيندڙ رھن ٿيون. سرڪاري عتاب ۾ ٻہ رھيو آھي. ان ڪري جيل جون صعوبتون ٻہ برداشت ڪرڻيون پيون اٿس. روزانہ ڪاوش کان علاوہ ڪي. ٽي. اين جو ضلعي رپورٽر ٻہ آھي.

شفيق احمد شيخ:

شفيق احمد شيخ ولد احمد علي شيخ. دادو شھر ۾ 10_ مارچ 1984ع ۾ جنم ورتو. پنجون درجو مين اسڪول دادو مان پاس ڪري. ھاءِ اسڪول دادو ۾ داخلا ورتائين. ھن وقت انٽر تائين تعليم حاصل ڪري چڪو آھي. صحافت 1996ع کان شروع ڪئي اٿس. ھلچل. ھلال پاڪستان ۽ شام ۾ ٻہ صحافتي ذميواريون ادا ڪيون اٿس. موجوده وقت ۾ روزانہ "ھلچل" جو ضلعي رپورٽر آھي.

جاويد قادر ناريجو:

جاويد قادر ناريجو ولد غلام قادر ناريجو دادو شھر ۾ 1965ع ۾ جائو. دادو شھر مان تعليم حاصل ڪيائين. بي. اي تائين تعليم ٽيل اٿس. صحافت سان 1986ع کان لاڳاپيل آھي. ھن وقت روزانہ جنگ ڪراچيءَ جو ضلعي رپورٽر آھي.

پرويز قادر ناريجو:

پرويز قادر ناريجو ولد غلام قادر ناريجو دادو شهر ۾ 17 ـ آگسٽ 1968ع تي جنم ورتو. تعليم بي. اي تائين اٽس. صحافت ورثي ۾ مليل اٽس. سندس والد غلام قادر ناريجو به دادو شهر جو نامياروصحافي هو.

پرويز قادر ناريجو روزانه عبرت اخبار جو ضلعي رپورٽر به رهيو آهي. صوبائي سينئر منسٽر پير مظهرالحق شاهنواز جو پي. آر. او به رهيو آهي. هن وقت روزگار سانگي ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

سرور جلال سولنگي:

سرور جلال ولد لعل بخش سولنگي تاريخ 10 ـ مارچ 1970ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. تعليم مئٽرڪ تائين حاصل ڪئي اٽس. صحافت 1994ع کان شروع ڪئي اٽس. هن وقت روزانه عوامي آواز ۽ ايڪسپريس ڪراچيءَ سان وابسته آهي.

ولي محمد لُنڊ:

ولي محمد لُنڊ ولد پائي خان لُنڊ تاريخ 25 مارچ 1958ع تي محلي مزدور آباد دادو شهر ۾ جنم ورتو. تعليم انٽر اٽس. 1995ع کان صحافت سان لاڳاپيل آهي. روزانه سروات خلق جو ضلعي رپورٽر به رهيو آهي. هن وقت روزانه سنڌو حيدرآباد روزانه جرئت ڪراچيءَ جو ضلعي رپورٽر آهي.

سعيد سنڌي:

سعيد سنڌيءَ جو دادو شهر جي سينيئر صحافين ۾ شمار ٿئي ٿو. هو دادو شهر جي ميمڻ محلي ۾ 1947ع ۾ ڄائو. صحافت جي ابتدا سال 1968ع کان ڪيائين. روزانه هلال پاڪستان ۾ به ضلعي رپورٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو اٽس. سندس ڪيترائي تجزيا ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا.

علي دمساز لاکير:

علي دمساز لاکير اصل ڳوٺ دائود ديرو تعلقي ميهڙ جو رهواسي آهي. تاريخ 10 ـ سيپٽمبر 1965ع تي غلام قادر لاکير جي گهر ۾ اک کولي. سندس تعليم ايم.اي (اڪانامڪس) آهي. صحافت ۾ سال 1988ع کان پير پاتائين. هن وقت عوامي آواز ڪراچيءَ جو بيورو چيف آهي.

عبدالعزيز رانجهاڻي:

عبدالعزيز رانجهاني 7 ـ سيپٽمبر 1968ع تي ڳوٺ چني تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول چني مان پاس ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادو مان. انٽر گورنمينٽ استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان. بي. اي پيٽروليم ۽ گئس انجنيئرنگ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄام شورو مان پاس ڪيائين. 1996ع ۾ آئل اينڊ گئس ڊويلپمينٽ ڪمپني او. جي. ڊي. سي. ايل ۾ بطور ٽيڪنيڪل انجنيئر مقرر ٿيو. اڄا تائين گئس ڊپارٽمينٽ ۾ ملازمت ڪري رهيو آهي. ملازمت دوران سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان صوبن ۾ تيل ۽ گئس فيلڊن ۾ گذاري آهي.

عزيز رانجهاڻيءَ جو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان واسطو آهي. انهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، سنڌي ادبي سنگت، شهري اتحاد پريس ڪلب دادو هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان ۽ ميمبر

لال شهباز ميلا ڪاميٽي ۾ ٻيون تنظيمون شامل آهن.

عزيز رانجهاڻي صحافت ۾ به سرگرميون جاري رکندو آيو آهي. هن جن اخبارن ۾ لکيو آهي انهن ۾ روزانه هلال پاڪستان جاڳو برسات، ڊيلي سنڌ ٽربيون، ڊيلي ڊي نيوز ڪراچي، پي. پي. آءِ ۽ ٻيون اخبارون شامل آهن. عزيز رانجهاڻيءَ کي ڪيترائي اوارڊ ملي چڪا آهن. 1993ع ۾ لال شهباز قلندر جي ميلي ۾ تاريخي ماڳن ۽ مڪانن جي فوٽوگرافي نمائش ۽ ميلي جي انتظامن تي اوارڊ مليس. سال 1998ع تي منچر ڍنڍ ۾ گدلاڻ بابت مسلسل لکڻ تي اقوام متحده جي عالمي اداري آءِ يو. سي. اين پاران "چا منچر سن 2000ع ۾ تباهه ٿي ويندي" تي لکيل مضمون ۽ سال 1998ع ۾ ماحولياتي مسئلن تي لکڻ تي ميجتا طور 10000 رپيا نقد ۽ اوارڊ ڏنو ويو. عزيز رانجهاڻي ماحولياتي مسئلن سميت ڪاچي جي ثقافت، سياحت، آثار قديمه تي ڪافي مضمون لکيا آهن. سندس ادبي ۽ تاريخي سفر جاري آهي.

عبدالعزيز رانجهاڻي سنڌ جي ڍنڍن تي به ڪم ڪيو آهي. "سنڌ جون ڍنڍيون" جي نالي سان سندس هڪ ڪتاب به ڇپيو آهي.

حاڪر چانڊيو[1]:

نامور صحافي ۽ اديب حاڪر "ايڇ. ايم" چانڊيو ولد مانجهي خان چانڊيو 1 ـ آگسٽ 1973ع تي خيرپور ناٽن شاهه تعلقي جي ڳوٺ ڪريمداد خان چانڊيو ۾ ڄائو. هن 1984ع ۾ ابتدائي تعليم جا 5 درجا پنهنجي ابائي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان پاس ڪيا. مئٽرڪ 1989ع ۾ حيدرآباد جي گورنمينٽ نور محمد هاءِ اسڪول مان ۽ انٽر 1992ع ۾ گورنمينٽ مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪئي. هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي مان 1995ع ۾ بي. اي (آنرز) ۽ ساڳئي شعبي مان 1996ع ۾ فرسٽ ڪلاس پوزيشن ۾ ماسٽرس ڪئي. هو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردیءَ واري دور ۾ "اسٽيگس" جو سرگرم ڪارڪن رهڻ سان گڏوگڏ يونيورسٽيءَ مان "لاٽ فورم" (Literature Art & Tallent Forum) جي ترجمان سلسليوار "لاٽ" مئگزين جو ايڊيٽر پڻ رهيو. جنهن جو سرپرست سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ نگران ايڊيٽر ڊاڪٽر سحر امداد هئي. هن اُن جا ڪيترائي شمارا ايڊٽ ڪري ڇپايا.

حاڪر چانڊئي لکڻ جي ابتدا 1991ع کان "ايڇ. ايم چانڊيو" جي نالي سان ڪئي. هن سيتا رود سان تعلق رکندڙ پنهنجي هڪ عزيز ۽ حيدرآباد ريڊيو اسٽيشن جي نامور پروڊيوسر غلام سرور بلوچ جو شخصي پروفائيل لکيو. اهو پروفائيل ان وقت جي مشهور اخبار "سنڌ نيوز" ۾ جنوري 1991ع تي شايع ٿيو. ان کان پوءِ هو سنڌي اخبارن ـ آفتاب، خادم وطن، سنڌو، هگوراڻا سنڌ، خلق، سرواڻ سويه، خبرون، عوامي آواز، هلال پاڪستان، عبرت مئگزين، سنڌ رنگ ڊائجسٽ ۾ شخصي خاڪا، کهاڻيون، عام معلومات، يادگيرين سميت مختلف موضوعن تي لکندو رهيو. ادب سان دلچسپي هجڻ ڪري سنڌ جي مشهور اخبار 'ڪاوش' 1991ع ۾ پروف ريڊر طور ڪم ڪيو جتي پي مشهور اخبار روزانو "سرواڻ" (جنهن جو ايڊيٽر ڪيپٽن غلام حسين سُڃاروي دادو جي ڳوٺ سُڃاري جو رهواسي) ۾ ڪمپيوٽر آپريٽر طور 25 سؤ رپيا ماهوار پگهار تي ڊيوٽي ڪئي. ان ئي اخبار جي ايڊيٽوريل پيج جو انچارج به ٿي رهيو. بعد ۾ هو سنڌو روزاني عبرت، پاڪ هلچل، تعمير سنڌ، سويه، خبرون وغيره ۾ سب ايڊيٽر طور رهيو. ان کان پوءِ روزاني "پرهه" اخبار جو نيوز ايڊيٽر ٿيو. جام شوري مان هفتيوار "جام شورو ٽائمز" 1999ع ۾ ڪڍيائين، جنهن جو هو پاڻ ايڊيٽر رهيو. ان کان اڳ هن 2002ع ۾ جام شورو مان هفتيوار "المنظر" ۽ 'سگهڙ سماچار' جام شورو جهڙيون اخبارون به ڪڍيون

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

جنهن جو هو ايڊيٽر رهيو. سچوا تنظيم جي ترجمان "آواز" اخبار ۾ رسالي جو 1994ع کان 2007ع تائين مئنيجنگ ايڊيٽر ۽ ايڊيٽر پڻ رهيو. ان عرصي دوران هو سچوا جو مرڪزي پريس ترجمان ۽ مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري به رهيو. حاڪر چانڊئي هڪ عزيز پوليس اهلڪار شهيد محمد خان چانڊيو (جنهن کي بدنام ٽاڙيل لاڻ چانڊئي پان سيدآباد ويجهو 1991ع ۾ 8 پوليس اهلڪارن سميت شهيد ڪيو هو) جي نالي سان 1995ع ۾ "شهيد اڪيڊمي" جو بنياد رکيو. جنهن جي پليٽفارم تان هن ڄام شوري ۾ سماجي ۽ ادبي پروگرام ڪرڻ سان گڏ ڪيترن ئي هارڻن کي اسکول ۾ داخل ڪرايو ۽ مفت ٽيوشن سينٽر ۽ هڪ اسکول کوليو جيڪو سماجي تنظيم جي سهڪار سان نياڻين کي مفت ۾ تعليم ڏئي رهيو آهي. اهو اسکول اٽڪل پنج سال سنڌس بن ڪمرن واري گهر ۾ هلندو رهيو.

حاڪر چانڊئي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي ادب ۾ ماسٽرس ڪرڻ کان پوءِ شاهه عبداللطيف پٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ۾ ٻه سال ڪلرڪ ڪم ٽائپسٽ طور ڪم ڪيو. جنهن دوران هن ڪراچيءَ جي ڪيترين ئي ادبي گڏجاڻين ۽ پروگرامن ۾ شرڪت ڪئي ۽ صحافت سان ويجهڙائي رکي. ان دوران هن حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ روزاني "بختور" اخبار جو ڪراچيءَ ۾ رپورٽر طور ڪم ڪيو. 1999ع ۾ حاڪر چانڊئي والده جي وفات کان پوءِ ڪراچيءَ کي ڇڏي اچي ڄام شوري کي وسايو. جتي هو روزاني اردو اخبار، روزاني رياست سنڌي اخبارن ۽ پوءِ روزاني "عبرت" جو رپورٽر مقرر ٿيو. جنهن بعد روزاني هلچل ۾ 2003ع کان سب ايڊيٽر، روزاني تعمير سنڌ ۾ سب ايڊيٽر، روزاني سوپ، روزاني خبرون ۽ پين اخبارن ۾ سب ايڊيٽر ۽ ان سان گڏوگڏ مختلف اخبارن ۾ ڄام شوري جو رپورٽر پڻ رهيو.

حاڪر چانڊيو سنڌي اخبارن سان گڏ "سنڌ ٽي وي نيوز" ڄام شوري جو پهريون رپورٽر مقرر ٿيو ۽ 2011ع تائين ان جي رپورٽنگ ڪندو رهيو. ان کان پوءِ اردو چئنل "آج" ٽي وي نيوز سان وابسته ٿيو. سنڌس محنت کي ڏسي 2010ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن نيوز نيٽ ورڪ جو ڄام شوري ۾ رپورٽر مقرر ڪيو ويو. هو هن وقت روزاني سوپ ۽ اردو جي چئنل "اب تک" جو ضلعي رپورٽر طور ڪم ڪري رهيو آهي. هو ادبي پورهئي کي به جاري رکندي ڀائريءَ تي مشتمل ڪتاب "اسي نوي، پورا سؤ"، پنهنجي قبيلي جي شجري تي مشتمل هڪ ڪتاب "گلدستو" ۽ انساني نالن تي مشتمل ڪتاب "نامياڪا" ترتيب ڏنا آهن. هن هڪ ناول "مهرالنساء ۽ بيوس بادشاهه" پڻ مرتب ڪيو آهي ۽ نالياوري تاريخدان مجاهد چانڊئي جي ڪتاب "ٽي تنين سين ڊيٽ" جو مقدمو پڻ لکيو. بحيثيت رپورٽر جي هو ڪيترن ئي ادارن ۽ شخصيتن جا پروفائيل، تحقيقي رپورٽون ۽ ٻيو مواد تيار ڪندو رهيو آهي. مختلف ڏاڻن جي فهرست تحت پنهنجون لکڻيون تيار ڪندو رهندو آهي.

حاڪر چانڊيو ننڍپڻ کان وٺي محنت ڪش رهيو آهي. پنهنجي پڙهائيءَ جو خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ حيدرآباد جي مختلف فيڪٽرين ۾ پڻ ڪم ڪيو. هو نور محمد هاءِ اسکول ۾ پڙهڻ دوران نورمحمد هاءِ اسکول جي مخدوم بلاول هاسٽل ۾ رهندي مختلف گهرن ۽ دڪان تي وڃي ڪنون ۽ ڪرسيون واڻيندو هو. سنڌس چوڻ آهي ته هن جي تاجي پيٽي جي واڻيل 100 ڪنون پاڻ ۾ هڪجهڙائي نه رکنديون. هو ڪنن تي سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ نالا ۽ تاريخون به لکندو آهي ۽ هو اهڙي ڪٽ واڻڻ جي خواهش رکي ٿو جيڪا دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي ڪٽ هجي ۽ اها ورلڊ بڪ آف گنيز ۾ شامل ڪئي وڃي. ان لاءِ هن سنڌالاجي جي اختيارين سان مدد ۽ گڏيل ڪم لاءِ ڳالهايو به هو پر انهن پنهنجي گهر جون ڪنون واڻي ڏيڻ لاءِ ته ڇيو پر اداري طرفان اهڙي مفت واري ڪم ۾ هٿ نه ونڊايو.

سماجي حوالي سان حاڪر چانڊئي جون تعليم ۽ صحت جي شعبي ۾ ڪيترين ئي خدمتون شامل آهن. هو جام شوري ۾ رهندي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي اسپتال ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ايندڙ غريب ماڻهن جي اخلاقي ۽ مالي مدد سان گڏوگڏ انهن کي اسپتال ۾ درپيش مسئلن جي حل ۾ پڻ ضروري مدد لاءِ هر وقت اڳيرو رهندو آ.ي. هن 2008ع ۾ نياڻين جي مفت تعليم لاءِ پنهنجي پن ڪمرن واري گهر اندر اسڪول ڪوليو جيڪو پنهنجي گهر واريءَ سان هن وقت تائين هلائي رهيو آهي جتي هن وقت 150 وڌيڪ ٻارڙا مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سماجي ڪم بهتر رپورٽنگ، فوٽو گرافي ڪرڻ ڪري ئي کيس شيلڊن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو آهي.

حاڪر چانڊئي شاعري به ڪئي آهي ۽ مضمون به لکيا آهن. شاعري مختلف ادبي رسالن ۾ پڻ ڇپي اٿس ۽ هن مرزا قليچ بيگ جي ڊرامن تي مشتمل "مرزا قليچ بيگ بحيثيت ڊرامہ نويس" جي موضوع تي ايم. اي فائنل ۾ مونوگراف لکيو. هو جام شورو پريس ڪلب جو بنياد وجهندڙن ۾ شمار ٿيڻ سان گڏوگڏ مختلف وقتن تي ان جو صدر ۽ جنرل سيڪريٽري به رهيو آهي. هو جام شوري شهري اتحاد جو صدر به رهيو آهي. هينئر سندس نگراني ۾ هڪ مڪمل ميڊيائي اداري طور "جام شورو ميڊيا مرڪز" قائم ڪيل آهي جتي اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي نمائندن جي ست سان مختلف اخبارن ۽ عالمي ۽ ملڪي ليول جي ٽي وي چينلز جا رپورٽرز ڪم ڪري رهيا آهن. هو هڪ سٺي رپورٽر سان گڏ سٺو فوٽو گرافر ۽ سٺي ڪئميرا مين هجڻ سان گڏ وڊيو ايڊيٽر جي مهارت پڻ رکي ٿو.

حاڪر چانڊئي 1997ع ۾ شادي ڪئي. کيس اولاد ۾ ٻہ فرزند ـ شعيب ۽ زوهيب ۽ 2 نياڻيون ـ بختاور ۽ فاطمہ آهن. پاڻ صحافي کان علاوہ قومي ڪارڪن طور سجاڳ رکي ٿو. سندس مستقل رهائش جام شوري ۾ آهي.

اشفاق احمد شيخ:

اشفاق احمد ولد احمد علي شيخ تاريخ 8 ـ مارچ 1980ع تي دادو شهر ۾ جائو. پنجون ڪلاس ماڊل مين اسڪول دادو مان پاس ڪيو. مئٽرڪ پائلٽ دادو هاءِ اسڪول مان ۽ انٽر استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. صحافت ۾ 1994ع کان آيو. هن روزانہ مهراڻ بختور، آفتاب، عبرت، ڪائنات ۽ روزانہ جنگ ڪراچيءَ ۾ رپورٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيو. هن وقت روزانہ ڪاوش جو فوٽوگرافر آهي.

محمد خان لاکو:

محمد خان لاکو ولد حبيب الله لاکو 23 ـ آگسٽ 1969ع تي ڳوٺ پيچوها تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. بي. اي تائين تعليم اٿس. 1994ع تي صحافت ۾ قدم رکيو. شروعات ۾ روزانہ عبرت حيدرآباد ۾ ضلعي رپورٽر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. هن وقت روزانہ خبرون حيدرآباد جو ضلعي رپورٽر طور ڪيو.

محمد خان لاکو لال شهباز فلندر ويلفيئر ايسوسيئيشن اينڊ ڊيولپمينٽ آرگنائيزيشن دادو جو جنرل سيڪريٽري به آهي.

مقصود احمد چانڊيو:

مقصود احمد چانڊيو ولد رئيس امام بخش چانڊيو 7 ـ نومبر 1973ع تي ڳوٺ رئيس مياندار چانڊيو تعلقي ميهڙ ضلعي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون درجو مين اسڪول ميهڙ مان پاس ڪري انو درجو هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪيو

جنهن کان پوءِ نائون ۽ ڏهون ڪلاس ووڪيشنل انسٽيٽيوٽ بوائز دادو مان پاس ڪيو (مٽرڪ) ووڪيشنل اسڪول مان پاس ڪرڻ بعد پوليٽيڪنيڪل ڪاليج دادو مان ڊپلوما سول ٽيڪنالاجي مان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين ۽ بي.اي سنڌ يونيورسٽي جو امتحان استاد بخاري ڊگري ڪاليج مان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪئي.

هن صحافت جي شروعات 2008ع ۾ عوامي معاذ سنڌي ۽ اسلام اردو اخبار مان ڪئي.

هينئر سندس مستقل رهائش دادو شهر ۾ آهي ۽ ايڊيٽر صحافت سان لاڳاپيل آهي.

توفيق احمد منگي[1]:

ليکڪ ۽ صحافي توفيق علي منگيءَ جو جنم 27_ مارچ 1971ع تي محمد ايوب منگيءَ جي گهر دادوءَ ۾ ٿيو. بي.ايس سي تائين تعليم. استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان حاصل ڪيائين. نڊيپڻ کان سماجي سرگرمين ۾ رُڌل رهيو. شهيد مخدوم بلاول اسڪائوٽس ضلعي دادوءَ جو اسڪائوٽس ليڊر رهيو. بزمِ غالب ۽ سنڌ گريجوئيشن ايسوسيئيشن. مخدوم بلاول (دادو) جو ميمبر به رهيو. 2007ع کان وٺي هڪ سماجي تنظيم "ڪلچرل هيريٽيج ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن" جو جنرل سيڪريٽري آهي.

توفيق علي منگي صحافت جي شروعات پارٽن جي ميگزين "لات" ۾ ڪم ڪرڻ کان ڪئي جنهن بعد روزاني بختور حيدرآباد طرفان ملير ڪراچيءَ جو ضلعي رپورٽر بڻيو. ان بعد روزاني "سوال" ۽ روزاني "خلق" لاءِ ڪم ڪيائين. ملير پريس ڪلب جو جوائنٽ سيڪريٽري به رهي چڪو آهي. اردو اخبار "امن" ڪراچيءَ ۾ نيوز ۽ بزنس ڪنسلٽنٽ، روزاني "پرچم" جو اسٽاف رپورٽر ۽ انگريزي اخبار "ريجنل ٽائيمز" ۾ به ڪنسلٽنٽ طور ذميواريون نيائي رهيو آهي.

توفيق علي هن وقت ثقافتي سياحتي ۽ ادبي مخزن ماهوار "ڪلچرل هيريٽيج" جو ايڊيٽر ۽ پبلشر آهي. اها مخزن مئي 2004ع کان باقاعدي شايع ٿي رهي آهي.

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

پوليس جا شهيد جوان

شهيد عبدالغني[1]:



شهيد ذوالفقار علي پٽو، محترمہ نصرت پٽو ۽ شهيد عبدالغني (پوليس وردي ۾)

شهيد عبدالغني 24_ ڊسمبر 1950ع ۾ سائين ميان علي گوهر صديقي جهڙي درويش صفت ۽ عالم باعمل جي گهر پات شريف ۾ پيدا ٿيو. 1974ع ۾ ڊي ايس. پي پوليس پرتي ٿيو ۽ شهيد پٽي جي سيڪيورٽي آفيسر طور خدمتون سر انجام ڏنائين. ضياءُ الحق جي مارشل لا لڳڻ کان پوءِ شهيد پٽي جي قريبي ساٿين کي پڻ عتاب ڏسڻو پيو. پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ بيگم نصرت پٽو شهيد عبدالغني کي 70 ڪلفٽن تي پارٽي جي معاملات کي سنياليڻ جون ذميواريون سونپيون. پاڻ وقفي وقفي سان مسلسل پنج سال جيل ۾ نظربند رهيو. ايم. آر. ڊي کي آرگنائيز ڪرڻ جون خدمتون سرانجام ڏيڻ جي عيوض کيس سنڌ پيپلز پارٽي جو جنرل سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. 1988ع ۾ جيئن ئي پيپلز پارٽيءَ اقتدار ۾ آئي تہ شهيد عبدالغني کي وزيراعظم پاڪستان جو مشير مقرر ڪيو ويو. انهيءَ دوران سندس 11 سالن جي سينيارٽي بحال ڪري کيس ايس. ايس. پي اينٽي ڪرپشن ڪراچي ۾ پڻ مقرر ڪيو ويو. 4_ جنوري 1993ع تي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج اوپر ڪراچي مسٽر بشير احمد جنهن تي رشوت وٺڻ جي الزام ۾ ڪنهن درخواست ڪئي هئي. هن جوان ڪورٽ تي وڃي ڇاپو هنيو. اهو ملڪ جي تاريخ جو پنهنجي نوعيت جو انوکو ۽ عظيم مثال هو. سندس موقف اهو هو تہ جج جيڪڏهن انصاف جي ڪرسيءَ تي ويهي ٿو تہ هو انصاف کان بالاتر نٿو ٿي وڃي.



غني اسپتال (ٽرسٽ)

[1] ايڊيٽر ياران اضافو.



1984: پير مظهر الحق، ظفر لغاري، منظور وساڻ ۽ ستار بچاڻي ۽ عبدالحفيظ لاکو مچ جيل ايم. آر. ڊي موومينٽ دوران نظربند ٿيل شهيد عبدالغني صديقي کي آزاد ٿيڻ وقت آڏرياءُ ڪندي ڪيڪ کارائي رهيا آهن.

ڪورٽن ۾ بائيڪاٽ ڪيو ويو ته پوليس ڪورٽ ۾ اندر ڪيئن داخل ٿي. صدر اسحاق ۽ وڏي وزير لاءِ هڪ نئون مسئلو کڙو ٿيو ڪيس ڪراچيءَ مان هٽائي ايس. ايس. پي نوشهرو رکيو ويو جتي ڏاڙيلن خلاف مهم سان سندس دشمني پڻ زور ورتو فوراً اتان بدلي ڪري ڪيس اي. ڊي. آءِ. جي سنڌ ريزرو پوليس ڪراچي بدلي ڪيو ويو. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ شهيد جو پارن سان ڪوئيٽا وڃڻ جو اتفاق ٿيو. 15 ڪلوميٽر قلات کان اورتي سندس گاڏيءَ جو آئل ٽينڪر سان ٽڪر ٿيو اها 22 جولاءِ 1994ع جي شام هئي. جنهن ۾ سندس گهر واري رفعت غني 2 نياڻيون شمائلا ۽ نوشين ۽ ٽي پٽ شهريار، بلال ۽ طلال شهيد ٿيا. ڪن ان حادثي کي اتفاقي نه سوچيل سمجهيل پلاند سمجهيو ستن ئي لاشن کي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي صحافي ڪالوني حيدرآباد جي احاطي ۾ دفنايو ويو جتي شهيد جي والده اهڙي ئي حادثي ۾ 1974ع ۾ شهيد ٿي ۽ اتي ئي دفنائي وئي هئي. 1994ع ۾ شهيدن جي وارثن A3 مسلم سوسائٽي جي اهم شاهراهه تي شهيد عبدالغني جي نالي پٽيان سندس ياد ۾ ٽرسٽ اسپتال قائم ڪئي. جنهن جو مقصد عوام جو پلو هو اها ٽرسٽ 22 اپريل 1997ع ۾ رجسٽرڊ ڪرائي وئي. ان جا اعزازي ۽ مستقل ميمبر هي آهن: (1) مولانا عبدالجبار صديقي (اعزازي صدر)، (2) عبدالستار صديقي (جنرل سيڪريٽري) (3) ڊاڪٽر عبدالشڪور (مستقل ميمبر) (4) سعيده صديقي (اعزازي ميمبر) (5) ڪليم الله صديقي (اعزازي ميمبر) (6) مخدوم سليم الله صديقي (مستقل ميمبر) (7) ڊاڪٽر شيراز (ميمبر) (8) علي صديقي (ميمبر).

شهيد انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگي:

سنڌ ۾ پوليس کي گهٽو ڪري صحيح نظرن سان نه ڏٺو ويندو آهي. پوليس جو ڪردار اڪثر مشڪوڪ ڪٽتيءَ جوڳو رهيو آهي. پوليس ۽ عوام ۾ هميشه وچوٽيون رهنديون آيون آهن. جيڪڏهن پوليس پنهنجا فرائض

ايمانداري سان نياڻي ته انهن کي عوام اکين ۾ جايون ڏئي سگهي ٿو. اهڙو مثال دادو جي بهادر جوان انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگيءَ جي شهادت اسان جي سامهون آهي. جيڪو پنهنجا فرائض بهاديءَ سان نياڻيندي ۽ ڏاڙيلن سان مقابلو ڪندي شهادت ماڻي سندس تعارف هيٺ ڏجي ٿو.

محمد يعقوب سولنگيءَ نارو شاهه ضلعي نوشهروفيروز ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم نارو شاهه مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ به نارو شاهه مان حاصل ڪري انٽر گورنمينٽ ڪاليج ڪاري موري حيدرآباد مان پاس ڪري سنڌ پوليس ۾ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر جي حيثيت سان پرتي ٿيو. اي ايس. آءِ مان ترقي ڪندو انسپيڪٽر جي عهدي تي پهتو. هو دادو پان جهلو مورچو جوهي ۽ ٽنڊي جام ۾ به مختلف عهدن تي رهيو. انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگي پنهنجي ايمانداري ۽ هميشه ڏوهارين خلاف ڪات کهاڙا ڪلي ڏوهارين کي جوڳي سيکٽ ڏيڻ لاءِ ڪوشان رهيو. هن تقريباً چاليهن ڏاڙيلن جو صفايو ڪيو ۽ ڪمانڊو جو لقب حاصل ڪيو. هن دادوءَ جي بدنام ڏاڙيلن حسن ڪاري کي دادو پر سان مقابلو ڪندي ماريو. دادو جي ٻئي ڏاڙيل نورو چانڊيي کي بهاديءَ سان مقابلو ڪري ختم ڪيو. ڏاڙيل رانجهو ڪرڪلي بچو رستماڻي لاڙڪاڻي اوڻي ۽ ابراهيم اوڻي کي بهاديءَ سان مقابلو ڪندي ماريو. اهي مقابلا صبح کان شروع ٿيا، ٻئي ڏينهن شام تائين جاري رهيا.

محمد يعقوب سولنگيءَ، ڏاڙيل علي ملاح، الهڏنو ماڇي (عمرڪوٽ جو) ۽ منظور عرف ڏماڪو پنهور ۽ منظور ڏاڙيل کي به مقابلي ۾ ماريو. هنن مقابلن ۾ انسپيڪٽر يعقوب سولنگي پنهنجي جان جي به پرواهه نه ڪئي ۽ ڏاڙيلن سان مقابلا جاري رکيا. ان واقعي کان پوءِ ڏاڙيل سندس خون جا پياسا ٿي پيا. هن کي هميشه ختم ڪرڻ جا سانباها ڪندا رهيا. انسپيڪٽر يعقوب سولنگيءَ جي حد ۾ ڏاڙيل ڏوهه ڪرڻ کان لنوائيندا هئا. 11 ـ جنوري 1992ع تي رات جو ڏاڙيل لاڙڪاڻي چانڊيي پنهنجي ڏيڍ سؤ ساٿين سان گڏ ڪوٽ لطف علي پنڊ تعلقي دادو تي ڪاهه ڪئي. ڳوٺاڻن ڏاڙيلن سان مقابلو ڪيو. ان وقت محمد يعقوب سولنگي سي. آءِ. اي پوليس دادو ۾ انسپيڪٽر هو. پنهنجا بهادر جوان وڻي ڏاڙيلن جي پٺيان ويو. ساٿس گڏ پان پوليس جو ايم. ايڇ. او پلي ڏنو پنهور به شامل هو. جڏهن پوليس جا جوان ٻيلي ۾ پيرا ڪٽي پهتا. ڏاڙيل اڳيئي ئي منصوبي تحت تيار بينا هئا ۽ پوليس جي پهچڻ شرط مقابلو شروع ٿي ويو. جو ڪيترائي ڪلاڪ ساندهه هليو. ڏاڙيلن چوڌاري گهيرو ڪري پوليس تي حملو ڪري ڏنو. محمد يعقوب سولنگي بهاديءَ سان مقابلو ڪندو رهيو آخر ڏاڙيلن جي گولين جو شڪار ٿي شهيد ٿي ويو. ساٿس گڏ سب انسپيڪٽر پلي ڏنو پنهور اي ايس آءِ ذوالفقار سولنگي اي ايس. آءِ قربان علي سِپيو ٽي سپاهي ۽ هڪ مجاهد فورس جو سپاهي شهيد ٿي ويا.

شهيد انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگيءَ جي شهادت تي دادو ضلعي جا ننڍا وڏا شهر سوڳ ۾ بند رهيا. جڏهن سندس لاش ڪي پان ٽاڻي تي آندو ويو ته هزارين جي تعداد ۾ ماڻهن سندس آخري ديدار ڪيو. پائن مان لاش سندس اباڻي شهر موڪليو ويو ته واٽ تي ڪيترن ئي هنڌن تي لاش مٿان گل نڇاور ڪيا ويا. دادو شهر جي سياسي سماجي ادبي ۽ ثقافتي تنظيمن طرفان سوڳ ملهائڻ لاءِ دادو شهر ۾ لائوڊ اسپيڪر ذريعي جنازي نماز ادا ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي وئي. اهڙي طرح دادو شهري ايڪشن ڪاميتي طرفان نئين چوڪ دادو ۾ غائبانه جنازي نماز ادا ڪئي وئي. هن غائبانه جنازي نماز پڙهڻ لاءِ جن تنظيمن اپيل ڪئي انهن ۾ سنڌي ادبي سنگت، سگا، سپلا، پ، ت، الف، تريڊ يونين، چئمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز دادو واپدا، سئي گئس ۽ صحافي شامل هئا. پوليس جي تاريخ ۾ پهريون موقعو هو. جو هڪ پوليس آفيسر جي شهادت تي ايڏي پئماني تي خراج عقيدت پيش ڪيو ٿي ويو جيڪو جوان ايمانداري، جرئت، همت ۽ فرض شناسي سان پنهنجا ڪارنامه سرانجام ڏيندو ان کي عوام دلين ۾ اهڙيءَ ريت جايون ڏئي امر بنائي ڇڏي ٿو.

واضح رهي تہ شهيد انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگي جي جنازي ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي هڪ اندازي مطابق شهيد تي پنجن هزارن کان مٿي اجرڪ ڀيا. شهيد انسپيڪٽر تي هڪ وڊيو فلم بہ تيار ڪئي وئي آهي بيحد پسند ڪئي وئي. پوليس ٽريننگ ڪاليج ۾ جڏهن جوانن کي ٽريننگ ڏني ويندي آهي ۽ انهن کي پنهنجا استا ليڪچر ڏيندا آهن تہ شهيد انسپيڪٽر محمد يعوقب سولنگيءَ جي ڪارنامن تي روشني وڌي ويندي آهي تہ: "جيڪ جوان پنهنجا فرائض ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان نڀائي ٿو. اهو هميشہ لاءِ امر بنجي ويندو آهي. اوهان بہ شهيد جي نقش قدم تي هلندي پنهنجا فرائض ايمانداريءَ سان ادا ڪيو.

سب انسپيڪٽر پلي ڏنو پنهور:

پلي ڏنو ولد لعل بخش پنهور ڪلجي اسٽيشن تعلقي دادو ۾ جائو. سال 1966ع ۾ پوليس ۾ پرتي ٿيو. سپاهي مار ترقي ڪندو سب انسپيڪٽر ٿيو. دادو ضلعي جي مختلف تاڻن تي رهيو جن ۾ جهلو مورچو موندن پان ۽ ٻڌاپور شامل آهن. ان کان علاوہ حيدرآباد ٽنڊو جام ۽ سانگهڙ ضلعي جي مختلف تاڻن تي رهيو. هن سونا ٻندي ۾ 22 بدنام ڏاڙيل ماري رڪارڊ قائم ڪيو. موندر تاڻي جي حد ۾ ٻن بدنام ڏاڙيلن: آدم خشڪ ۽ حبيب الله خشڪ کي بہ ماريو. 11. جنوري 1992ع ۾ جڏهن هو. ايس.ايڇ.او پان هو تہ لائق چانديي جي تولي ڳوٺ لطف علي ينڊ تي حملو ڪيو هو انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگي سان گڏ ڏاڙيلن جو پيڇو ڪري خيرو ديرو پوليس جي حد ۾ ڏاڙيلن سان مقابلو ڪيو ڏاڙيلن جو تعداد ڏيڍ سؤ کان مٿي هو ۽ بهادريءَ سان مقابلو ڪري شهيد ٿي ويو. هن مقابلي ۾ سي. آءِ. اي انسپيڪٽ محمد يعقوب سولنگي. صوبيدار قربان علي سپيو صوبيدار ذوالفقار سولنگي 3 سپاهي ۽ هڪ مجاهد فورس جو جوان ش شهيد ٿيو.

اي.ايس. آءِ قربان علي سپيو:

صوبيدار قربان علي سپيو اصل ٽنڊي جام ۾ پڙهيو. اتان تعليم حاصل ڪري پوليس ۾ پرتي ٿيو. ترقي ڪندا اي ايس. آءِ ٿيو. بهادر ۽ دلير هو ان ڪري انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگيءَ سان گڏ رهندو هو. ڪيترن ئي مقابلن ۾ حصو ورتو. 11 ـ جنوري 1992ع ۾ لائق چانديي جي تولي جڏهن ڳوٺ لطف علي ينڊ تي حملو ڪيو تہ هو ا انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگيءَ سان گڏ مقابلي ۾ حصو ورتو ۽ بهادري سان مقابلو ڪري شهيد ٿي ويو ۽ سندس غائبانہ جنازي نمازون ادا ڪيون ويون ۽ هنن بهادر جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

شهيد اي.ايس. آءِ ذوالفقار علي سولنگي:

شهيد انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگي سان گڏ جن پوليس اهلڪارن پنهنجا فرائض ايمانداري ۽ بهادري سان سرانجام ڏئي قربان ٿي ويا. انهن ۾ اي ايس. آءِ ذوالفقار علي سولنگي بہ شامل هو.

شهيد ذوالفقار علي سولنگي 1967ع ۾ محمد آچر سولنگي جي گهر ڳوٺ ٽرڙي جادو شهيد تعلقي جوهي ا اڪ ڪولي. پرائمري تعليم ٽرڙي جادو اسڪول مان پاس ڪيائين. انٽر پاس ڪري پوليس ۾ پرتي ٿيو. ترقي ڪند اي ايس. آءِ ٿيو. انسپيڪٽر محمد يعقوب سولنگي سان گڏ ڪيترائي ڏاڙيل ماريا جن ۾ نورو چانڊيو رانجهو لغاري ۽ پ ڪيترائي ڏاڙيل شامل هئا. ڏاڙيلن لائق چانڊيي جي تولي سان بهادريءَ سان مقابلو ڪندي شهيد ٿي ويو. هن مقابلي جو خبرون بي. بي. سي تان پڻ نشر ٿيون. ڪين پيٽا ڏيڻ لاءِ غائبانہ نمازون ادا ڪيون ويون ۽ دادو جا ڪيترائي شهر سوڳ بند رهيا. سندس جاءِ تي سندس پاءُ محمد صادق سولنگي کي اي ايس. آءِ پرتي ڪيو ويو.

سال 1993ع ڪان پوءِ شهيد ٿيل پوليس جا بهادر جوان:

1. عبدالحڪيم ولد ننگر خان	(اي ايس آءِ)
2. گل محمد ولد محمد بچل	(سپاهي)
3. ممتاز علي ولد محمد بچل	(سپاهي)
4. غلام حيدر ولد بادل خان	(جمعدار)
5. راجا ممتاز احمد	(انسپيڪٽر)
6. غلام شبير ولد محمد عثمان	(سپاهي)
7. محمد علي ولد ماجد علي	(سب اسنپيڪ)
8. محمد جمن ولد عبدالله	(اي ايس آءِ)
9. صالح شاهه ولد بچل شاهه	(جمعدار)
10. رئوف خان ولد شير علي	(جمعدار)
11. قادر بخش ولد شير محمد	(سپاهي)
12. مظهر ٽعلي ولد بخش علي	(سپاهي)
13. قربان علي ولد بخش علي	(سپاهي)
14. غلام نبي ولد بهادر خان ساهڙ	(جمعدار)
15. محمد عثمان ولد محمد قاسم	(سپاهي)
16. مهر خان ولد محمد حسن	(جمعدار)
17. محمد عثمان ولد محمد عاقل	(سپاهي)
18. محمد عيسيٰ ولد رستم خان	(سپاهي)
19. احمد بخش ولد الله بخش پٽي	(اي ايس آءِ)
20. منظور احمد	(انسپيڪٽر)
21. محمد يعقوب ولد محمد بخش	(سپاهي)
22. خان محمد ولد محمد علي	(سپاهي)
23. محمد شريف ولد محمد ابراهيم	(سپاهي)
24. پيارو خان شاهاڻي	(جمعدار)
25. محمد شريف پنهور	(جمعدار)
26. بخشل خان برهماڻي	(جمعدار)
27. رسول بخش سولنگي	(جمعدار)
28. محمد صالح ولد ڏڻي بخش ڀگهيو	(سپاهي)
29. محمد حنيف ولد غلام نبي لُنڊ	(سپاهي)
30. ممتاز علي سولنگي	(سپاهي)

31. غلام شبير ڏاوچ	(سپاهي)
32. موج علي ولد علي محمد سمون	(سپاهي)
33. عبدالستار چانڊيو	(سپاهي)
34. محمد اسماعيل ابڙو	(سپاهي)
35. سهيل احمد قريشي	(سپاهي)
36. اصغر علي ولد خميسو خان سولنگي	(سپاهي)
37. سڪندر علي پتافي	(سپاهي)
38. وزير علي ولد محمد آچر پنڙ	(سپاهي)
39. محمد يعقوب جسڪاڻي	(سپاهي)
40. محمد سومر برهماڻي	(سپاهي)
41. غلام حسين ولد جمع خان ڏاهري	(سپاهي)
42. محمد جمن ولد نبي بخش لُنڊ	(سپاهي)
43. احمد خان لغاري	(سب انسپيڪٽر)
44. ذوالفقار علي سولنگي	(اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر
45. محمد آچر جوٽيجو	(اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر
46. امين علي ساريو	(جمعدار)
47. عبدالرزاق ولد محمد مٹل جوٽيجو	(جمعدار)
48. گلزار علي ولد ولي محمد چانڊيو	(جمعدار)
49. قربان علي ناريجو	(سپاهي)
50. محڪم الدين ولد غلام حسين پرڳڙي	(سپاهي)
51. رحيم خان جوٽيجو	(سپاهي)
52. علي شير جتوئي	(سپاهي)
53. لعل بخش ڪنير	(سپاهي)
54. وزير علي ولد احمد خان سولنگي	(سپاهي)
55. محمد علي ولد نياز علي مزاري	(سپاهي)
56. رسول بخش ولد هاشم ڪوسو	(سپاهي)
57. محمد سليم ولد غلام نبي سومرو	(سپاهي)
58. مظهر علي ولد امام الدين چانڊيو	(سپاهي)
59. علي بخش ڏهر	(سپاهي)
60. مشتاق احمد ولد الهه بچايو پنهور	(سب انسپيڪٽر)
61. محمد بخش ولد محمد علي هالو	(سپاهي)

62. محمد موسيٰ ولد محمد طالب عمراڻي (سپاهي)
63. محمد عيسيٰ ولد رسم علي لاشاري (سپاهي)
64. محمد خان ولد سرائي گل شير (سپاهي)
65. سڪندر علي ولد الهه بچايو ملاح (سپاهي)
66. اشرف علي ولد علي محمد ملاح (سپاهي)
67. الله جڙيو ولد قيصر خان گاڏهي (سپاهي)
68. عبدالرحيم ولد غلام قادر بگهيو (سپاهي)
69. احتشام الحق قادري (ڊي ايس پي)
70. محمد يعقوب سولنگي (انسپيڪٽر)
71. محمد حسين ولد محمد شريف هوت (سب انسپيڪٽر)
72. قربان علي سپيو (اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر)
73. محمد قاسم ولد سعيد خان شر (سپاهي)
74. الله رکيو ولد سعيد خان لاکو (سپاهي)
75. غلام مرتضيٰ ميمڻ (انسپيڪٽر)
76. پلي ڏنو پنهور (سب انسپيڪٽر)

ليفٽيننٽ غلام عمر عباسي شهيد:

ليفٽيننٽ غلام عمر عباسي ولد احمد بخش عباسي 1936ع ۾ جوهي تعلقي جي ڳوٺ شاهه حسڻ ۾ ڄائو. هن بتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان پنهنجي والد وٽان حاصل ڪئي. مئٽرڪ 1955ع ڌاري گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. 1958ع ۾ پي اي ۾ داخلا ٽيس. پر هن ايئر فورس ۾ I.Q ٽيسٽ پاس ڪري هوائي فوج ۾ ويڙهاڪ پائيلٽ جي پر سندس والد راضي نه هو. آخر هن جي والد کي ڪنهن سمجهايو ته نينگر کي پنهنجي مرضيءَ مطابق داخلا وٺڻ ڏيو. والد جي رضامنديءَ کان پوءِ غلام عمر بي. اي جي داخلا چڏي ايئر فورس ۾ پر تي ٿيو.

غلام عمر عباسي پڙهائيءَ ۾ ڏاڍو ذهين هو. ڪلاس ۾ استادن جي ليڪچر دوران بحث هيٺ ايندڙ موضوعن جي هڪدم تهه تائين پهچي ويندو هو. هن پاسنگ آئوٽ تقريب ۾ رائيڊنگ سوئمنگ ايئر وار فائٽنگ دوران سيني ۾ ٽاپ آيو. انهيءَ تقريب ۾ شهنشاهه ايران آيل هو جنهن هن جي ايڏي بهترين ڪارڪردگي ڏٺي ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪاليج انتظاميه کي چيائين ته رات جي مانيءَ ۾ هيءُ نوجوان به اسان سان گڏ هجي. غلام عمر عباسيءَ هڪ خط ۾ پنهنجي والد صاحب سان به اهو ذڪر ڪيو هو. هن پنهنجي والد کي خط لکيو هو ته اهو منهنجي لاءِ وڏو اعزاز هو ته هڪ وڏي ملڪ جو سربراهه مون کي سڏي پاڻ سان گڏ ماني کارائي. انهيءَ تقريب کان پوءِ پاڪستان جي سيڪريٽري دفاع طرفان هن کي بيسٽ آف پرفارمنس جي سند پڻ ڏني ويئي. گورنر محمد عظيم داؤد پوٽو ۽ ايئر وائيس مارشل فاروق عمر هن جا گهرا دوست هئا.

1960ع ۾ آمريڪا جي هڪ ميڪ ڊيوس ڪمپني 'استارفائٽر' نالي جهاز ٺاهيو. پاڪستان جو انهيءَ ڪمپنيءَ سان انهن جديد جنگي جهازن جي خريداريءَ جو ناهه ٿيو ۽ اهڙن جهازن کي پنهنجي ملڪ آڻڻ لاءِ تربيت

يافته ماهر جنگي پائلٽن جي گهرج هئي. اهڙي اهم اسڪائوڊرن (12 رڪني پائلٽن جي هڪ ٽيم) ۾ غلام عمر ه
ڪمانڊر طرفان چونڊيو ويو. اهڙن جديد جهازن کي بهتر نموني ۽ تيز رفتاريءَ سان هلائڻ جي اعتراف ۾ پاڪست
ايئر فورس ۽ ميڪ ڊيوس ڪمپني طرفان هن کي فرسٽ پرائيز اوارڊ سان نوازيو ويو. اُتي غلام عمر جي اهڙي ڏاهپ
هوشياريءَ کي ڏسي آمريڪي ڊنگ رهجي ويا ۽ پاڪستاني دفاع واري سيڪريٽريءَ کي چيائون ته ههڙا ماهر پائلٽ
اوهان وٽ آهن ته پوءِ اسان جي اوهان کي ڪا به ضرورت نه آهي.

ليفٽيننٽ غلام عمر عباسي کي 1964ع ۾ پروموشن ڏيئي فلائنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو. 1965ع واري پاڪ
پارت جنگ ۾ ايئر مارشل اصغر خان سان گڏ ايئر فائٽنگ ۾ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪيو. ان جنگ کان پ
هن کي ڪيترن ئي اوارڊن ۽ ميڊلن سان نوازيو ويو. هن کي هڪ اوارڊ شهنشاهه ايران پنهنجن هٿن سان ڏنو هو. ان وق
هو سرڪاري دوري تي پاڪستان آيل هو. ائير مارشل اصغر خان سندس ڪارڪردگيءَ کان متاثر ٿي چيو هو ته مون ک
غلام عمر عباسي مستقبل جو هڪ بهترين پاڪستاني جنگي پائلٽ نظر اچي رهيو آهي. اصغر خان جي پيش گوئ
بلڪل صحيح ثابت ٿي. سال 1968ع ۾ جارڊن (اُردن) ۽ اسرائيل جنگ ۾ والنٽيئر طور پاڪستان طرفان 4 هوشي
پائلٽ اردن ويا، جن ۾ ليفٽيننٽ غلام عمر عباسي به شامل هو. جنگ دوران ليفٽيننٽ غلام عمر عباسيءَ اسرائيل
ڪافي تيل جا ذخيرا، فوجي ٺڪاڻا ۽ ڪافي تعداد ۾ فوجي ٽئنڪون تباهه ڪري دشمن کي ڪاپاري ڏک رسا
اسرائيل اهڙن حملن کان بوکلائجي ويو. انهيءَ جنگ ۾ وڙهندي غلام عمر عباسي کي جهاز پٽرول واري ٽئنڪ ۾ دشم
جي گولي لڳي، جنهن سبب سندس جهاز کي باهه لڳي ويئي ۽ غلام عرم عباسي شهيد ٿي ويو. سندس شهادت 9 ـ محر
الحرام تي ٿي. عيسوي سال 1968ع هو. ڪيس 10 ـ محرم الحرام تي وڏي اعزاز ۽ سلاميءَ سان سندس اباڻي ڳوٺ ج
قبرستان، شاهه حسن ۾ دفنايو ويو. سندس پٽيان اولاد ۾ 3 فرزند: نثار احمد، مشتاق احمد ۽ طارق مسعود آهن.

O

ڳائڻا

چيو وڃي ٿو ته موسيقي روح جي غذا آهي. سنڌ ۾ اوتارا ۽ اوطاقون راڳ جون درسگاهون هونديون هيون جتي راڳ جون محفلون ٿينديون هيون. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي راڳ جو وڏو ماهر هو سنڌ ۾ صوفيانه راڳ ڳاتو ۽ ٻڌو ويندو هو. هن وقت به حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي درگاهه تي راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون آهن. ان کان علاوه سيد مصري شاهه سچل سرمست، رکيل شاهه، بيدل فقير، بيدل ۽ بيڪس، خوش خير محمد هيسباڻي ۽ بين درگاهن تي صوفيانه راڳ جون محفلون ٿينديون آهن. جتي ڳائڻا صوفيانه ڪلام ڳائي سامعين تي وجد طاري ڪري ڇڏيندا آهن. ماضي قريب ۾ ڪيترائي نالي وارا راڳي ٿي گذريا آهن. جن عارفانه ڪلام ڳائي پنهنجو نانءُ روشن ڪيو آهي. انهن نامور ڳائڻن ۾ زرينه بلوچ، نوربانو عابده پروين، ديول فقير، محمد ابراهيم، استاد منظور علي خان، محمد جمن، ابراهيم پنهور، محمد يوسف، فقير عبدالغفور، فقير امير بخش ۽ ٻيا ڪوڙ سارا راڳي ٿي گذريا آهن. هن وقت به ڪيترائي راڳي فن سان وابسته آهن. آءٌ صرف دادو تعلقي جي راڳين جو ذڪر ڪندس جيڪي راڳ جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. سندن مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

استاد صالح ساند:

استاد محمد صالح ولد جمع خان ساند سال 1921ع تي دادو ۾ ڄائو. ڇهين درجي تائين تعليم حاصل ڪيائين. استاد صالح ساند روزگار جي خيال کان پوليس ۾ پر تي ٿيو جڏهن ڪيس دادو کان ڪوٽڙي بدلي ڪيو ويو ته اتي سندس ملاقات استاد ٻيبي خان سان ٿي. سندس صحبت ۾ رهندي راڳ جي سکيا ونڊ لڳو ۽ استاد ٻيبي خان جي صحبت ۽ شاگرديءَ ۾ راڳ جي مڪمل سکيا ونڊي ڳائڻ شروع ڪيو. هن کي ڳائڻ تي ناز هو. ڪلاسيڪي ۽ نيم ڪلاسيڪي راڳ ۾ نالو ڪيائين. سنگيت جو ڪتاب ونس سدائين گڏ هوندو هو. خاص ڪري پيروي ڪوهياري ۽ راڻي راڳ جو ماهر هو. سندس ڪيترائي شاگرد اڄ به راڳ جي خدمت ۾ مصروف آهن ۽ استاد جي نقشِ قدم تي هلندي سنگيت جي خدمت ۾ مصروف آهن. سندس پيارن شاگردن ۾ خادم حسين سخيراڻي به آهي جيڪي استاد جي نقشِ قدم تي هلندي دادو ۾ آرٽ ڪلب قائم ڪئي آهي جتي سنگيت جي سکيا ڏني ويندي آهي. استاد صالح ساند 1985ع ۾ وفات ڪري ويو.

سيد عالم شاهه:

سيد عالم شاهه ولد فتح محمد شاهه سيد گهراڻي ۾ 15 ـ جنوري 1909ع ۾ سيتا ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد فتح محمد شاهه پنهنجي خطي جو زميندار هو. عالم شاهه جي ننڍپڻ کان ئي صحبت ڪلاسيڪي ڳائڻ وارن سان ٿي ۽ راڳ رنگ جو دلداده ٻڌجي ويو. گوين جي صحبت ۽ اثر هيٺ ننڍپڻ کان ڪلاسيڪي ڳائڻ سکيو. سنڌ ۽ پنجاب جي مشهور گوين سان گهرو تعلق رکيائين. پنهنجي همعصر گويي تاراچند سان گڏ به ڳائيندو هو. سنڌي ۽ گرمکي لکي پڙهي ڄاڻندو هو. هندو سازيندڙ هن سان سنگيت ڪندا هئا. ڦوهه جوانيءَ ۾ 31 ـ جولاءِ 1942ع ۾ گذاري ويو.

تارا چند:

تارا چند پٽ چوهڑمل 1909ع ۾ سيتا ڳوٺ ۾ جنم ورتو. عالم شاهه جو همعصر به هو ته گهاٽو يار ۾ پنهنجي وقت جو مشهور معروف گويو به هو. هندو خاص ڏڻن ۾ خوشيءَ جي موقعن تي کانئس ڳارائيندا هئا. ماٺهو اڪثر ڪيس تارو گويو ڪري سڏيندا هئا. هو سارنگي ۽ هارمونيم جو عالم شاهه وانگر ماهر هو.

هي ٻئي پاڙ ۾ گهاٽا يار هوندي به ڪن موقعن تي جدا جدا ڳائي هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ ٻئي هندن ۽ مسلمانن ۾ يڪسان پسند ڪيا ويندا هئا. عالم شاهه جي اوچتي وچوڙي تاراچند کي گهائي وڌو. هندن جي لڏپلاڻ وقت هو سرحد پار لڏي ويو ۽ هتان جي ماٺهن وٽ پنهنجون منڙيون منڙيون يادون هميشه لاءِ ڇڏي ويو.

ورندمل:

ورندمل پٽ جيسومل 1908ع ۾ سيتا ڳوٺ ۾ جائو. واپار ڇڏي يڪتارو سنيالياٿين. ڳوٺ ۾ راڳ جون محفلون مچائيندو هو. سير سياحت جو ڏاڍو شوقين هو. سفر ۾ جتي رات پئي اتي رنگ رچائي ڇڏيندو هو. هو گيت، پڃن ۽ راسوالا پنهنجي سريلي ۽ رسيلي انداز ۾ ڳائيندو هو. 1947ع ۾ سرحد جي هن پار هليو ويو ۽ پاڙ سان ست سنگ وارا رس به کٽي ويو.

استاد اسماعيل کوکر:

استاد اسماعيل کوکر ڳوٺ پراڻي ديري تعلقي دادوءَ ۾ 13 ـ آڪٽوبر 1912ع ۾ جنم ورتو. راڳ جي سکيا هندو گوين ۽ گائڪن کان سکيو. ڪيس ڪلاسيڪل راڳ ۽ ڪافي رنگ تي مڪمل دسترس هئي. راڳ ۾ ڪيس استاد جو درجو مليل هو. هارمونيم جو شاهه ڪاريگر هيو. هڪ ئي وقت سنو گائڪ ۽ سنو سازندو هو. ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيائين. 23 ـ مئي 1980ع تي گذاري ويو.

خادم حسين سخيراڻي:

خادم حسين سخيراڻي ولد محرم علي سخيراڻي ڳوٺ ڪا تعلقي دادو ۾ جائو. پرائمري تعليم ڪا اسکول مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ پرمانند هرداس پائلٽ سيڪنڊري اسکول دادو مان حاصل ڪري، ڊپلوما ڪمرشل انسٽيٽيوٽ دادو مان سال 1981ع ۾ ڪيائين. ان کان علاوه ايم. اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ۽ ايل.ايل.بي لا ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪري چڪو آهي.

خادم حسين سخيراڻي دادو شهر جو نالي وارو راڳي آهي. راڳ جي سکيا ڪيس گهر ۾ ملي. چاچاڻ ته سندس ڏاڏو استاد محمد رجب راڳ جو ماهر ۽ جاڻو هو. اتي هن تربيت ورتي. ان کان پوءِ مشهور گويه استاد صالح ساند ۽ نظر محمد چنه کان به راڳ جي سکيا ورتي.

خادم حسين سخيراڻي 1986ع کان راڳ جي سکيا لاءِ دادو آرٽس ڪلب جي نالي سان هڪ ادارو قائم ڪيو آهي، جتي راڳ جي سکيا کان علاوه هارمونيم، بانسري ۽ ڊولڪ جي تربيت ڏني ويندي آهي. هن وٽ علم موسيقيءَ جا معتبر ڪتاب به موجود آهن جن ۾ راڳ ساگر شامل آهن. ان مطابق راڳ ۽ راڳڻين جي تعليم ڏني ويندي آهي. ان ڪتاب مان ڪلاسيڪي، نيم ڪلاسيڪي ۽ لوڪ موسيقيءَ جي به سکيا ڏني ويندي آهي.

خادم حسين سخيراڻي حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل سرمست، شيخ اياز کان متاثر آهي. خادم حسين سخيراڻي سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن کي ڳاتو آهي، جن ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، حضرت

سچل سرمست، مصري شاهه، رکيل شاهه، طالب المولي، شيخ ايازءِ دور حاضر جا ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن.

خادم حسين سخيراڻي راڳ جي سکيا ڏيندو رهي ٿو. سندس ڪيترائي شاگرد تربيت حاصل ڪري فن جو مظاهرو ڪندا رهن ٿا، انهن ۾ اسلم راهي، آصف سخيراڻي، قادر بخش ڪوکر (قادر سنڌي)، محرم خان لُنڊ، غلام شبير عمراڻي (بانسري نواز)، هاشم سولنگي، غلام حيدر جمالي، عبدالستار جمالي، قربان علي ميمڻ، سڪندر علي جويو ۽ ٻيا ڪوڙ سارا شاگرد آهن. هن وقت به نئين ٿهيءَ جا ڪافي شاگرد راڳ جي تربيت حاصل ڪري رهيا آٿس. انهن ۾ مهراڻ سخيراڻي، نثار مگسي ۽ ظهور احمد پليپوتو وغيره شامل آهن.

خادم حسين سخيراڻي سال 1989ع کان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه ڪراچي ٽيليويزن سينٽر تان ڪافي پروگرامن ۾ شامل ٿيو آهي. سندس راڳ جون ڪيسٽون بازار ۾ آيون آهن. خادم حسين سخيراڻي ڪي. ٽي. اين ٽي به پروگرام ڪندو رهي ٿو.

منظور سخيراڻي:

منظور سخيراڻي سپروائيزنگ ٽيپدار بهارالدين جي گهر ۾ تاريخ 14 ـ اپريل 1959ع تي پيدا ٿيو. سندس رهائش دادو شهر جي قديم پاڙي شاهه آباد چاڻي ۾ آهي. ابتدائي تعليم شاهه آباد چاڻي اسڪول مان حاصل ڪيائين. سندس والد جو خيال هو ته سندس فرزند منظور تعليم حاصل ڪري انجنيئر ٿئي، پر هيءُ انجنيئر نه ٿي سگهيو. چاڪاڻ ته سندس ابتدا کان ئي راڳ ڏانهن لاڙو هو. ان ڪري هُن نندپڻ کان ئي راڳ ڳائڻ شروع ڪيو. مٽرڪ بعد 15 سالن جي ڄمار ۾ بهترين گيت ڳائڻ لڳو. سندس پهريون راڳ جو استاد قدرت الله خان هو جنهن کان راڳ جي سکيا ورتي. ان کان مڪمل ڪلاسيڪل جي سکيا ونی نه سگهيو، پر ان جي اجازت سان راڳ جي شروعات ڪئي.

منظور سخيراڻي گذريل 20 سالن کان موسيقيءَ سان وابسته آهي. سندس اڄ تائين ايائي سو ڪن ڪيسٽون بازار ۾ اچي چڪيون آهن.

منظور سخيراڻي 1976ع ڌاري پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام نئين ٿهيءَ ۾ استاد بخاريءَ جو گيت "مون ڏي نيڻ نه ڪر دنيا ڏاڍي ساڙولي آ. ڏيندئي ڪاڻ ڏسڻ مون ڏي نيڻ نه ڪر". پيش ڪري شهرت ماڻي. منظور سخيراڻي استاد بخاري، عبدالغفار تبسم، انور قنبراڻي ۽ علي گل سانگيءَ جا اڪثر گيت چوندو آهي ۽ سندس آواز ۾ اڪثر انهن شاعرن جا ئي گيت رڪارڊ ٿيندا رهن ٿا.

منظور سخيراڻي اسٽيج، ريڊيو، ٽيليويزن تي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. ازانسواءِ ملڪ کان باهر به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو آهي.

هالڪ سنڌي:

هالڪ سنڌي بخشل شاهاڻيءَ جي گهر ۾ اڪ ڪولي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ واري اسڪول شاهه آباد چاڻو مان حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم دادوءَ مان حاصل ڪيائين. ننڍپڻ هوندي کيس ڳائڻ جو شوق ٿيو. چاڪاڻ جو سندس والد استاد بخشل به راڳ جو پارکو آهي. هن کي موروثي راڳ جي سکيا ملي. دادو شهر ۾ آس پاس کان علاوه ڪيترن ئي پروگرامن ۾ ڳائي داد حاصل ڪندو رهي ٿو. هن جون ڪيترين ئي ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ آيون آهن. هالڪ سنڌي ڪي. ٽي. اين ۾ سنڌ. ٽي. وي ٽي به فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو.

قادر سنڌي:

قادر بخش عرف قادر سنڌي ولد محرم الدين کوکر تاريخ 24-اپريل 1967ع تي درگاھ نانگو شاھ لڳ ڳوٺ سيال تعلقي دادوءَ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم ڳوٺ سيال مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ 1983ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول طالب المولیٰ مان انٽر 1985ع ۾ ڊگري ڪاليج دادو مان ۽ بي. اي 1992ع ۾ پاس ڪيائين. 8-جون 1988ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد جي حيثيت سان پرتي ٿيو. هن فن جي شروعات استاد خادم حسين سخيراڻي جي زير نگراني ڪئي ۽ دادو آرٽ ڪلب مان تربيت ونندو رهي ٿو. ريڊيو پاڪستان تي احمد خان مدهوش جي ڪوشش سان پهتو. سندس 3 عدد ڪيسٽون بازار ۾ آيل آهن. هيءَ امام بخش زرداري ۽ منظور سخيراڻي کان بيحد متاثر آهي. سندس پسند جا فنڪار نصرت فتح علي خان، عابده پروين، محمد جمن ۽ محمد يوسف آهن. هن حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سائين، شيخ ايان، انور قنبراڻي، وحيد هڪڙو ۽ پين جا گيت ۽ غزل ڳائي داد حاصل ڪيو آهي.

اسلم راهي:

اسلم راهي عرف اسلم شيخ 13-نومبر 1971ع ۾ ڳوٺ وليد شيخ ڏڙو تعلقي دادوءَ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. هن وقت سندس تعليم ايم.اي آهي. تعليم سان گڏ فن موسيقيءَ سان به وابسته آهي. موسيقيءَ ۾ سندس استاد خادم حسين سخيراڻي ۽ منظور سخيراڻي آهن. اسلم راهي تقريباً 6 سؤ محفلن ۾ ڳائي چڪو آهي. سنڌ جي مختلف شهرن کان علاوه لاهور ۽ ميان چنون ۾ به پنهنجي فن جو مظاهر ڪيو آٿس. هن ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي به ڳاتو آهي. زاهد ملڪ جي معرفت ڪوئٽر ۾ ڏڙو جي ڪوشش سان ريڊيو تي پهتو ۽ ٽيليويزن تي اطهر منگيءَ جي تعاون سان اعجاز عليم عقيليءَ جي پروگرام 'پرک' ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. سندس گائڪي جون تقريباً 6 ڪيسٽون رليز ٿي چڪيون آهن.

سڪندر علي سومرو:

سڪندر علي سومرو ولد حاجي محمد اسماعيل سومرو 10-نومبر 1965ع تي ڳوٺ پيارو خان آرائين تعلقي دادوءَ ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ 1981ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول الله آباد مان انٽر 1986ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو مان بي. اي 1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نائين جون 1988ع ۾ استادي پيشي سان منسلڪ ٿي ويو.

سڪندر علي سومري کي ننڍي هوندي کان ئي ڳائڻ جو شوق هو. هڪ دفعي ريل گاڏيءَ ۾ سفر دوران سندس ملاقات سنڌ جي پلوڙ شاعر ناظم منگيءَ سان ٿي. جتي هن ناظم منگي کي گيت ٻڌايو. ناظم منگي کي سندس ڳائڻ بيحد پسند آيو. پٽي ڏيڻهن ناظم منگيءَ کيس ممتاز علي لاشاريءَ وٽ چڏيو. جنهن کيس باقاعده راڳ جي تربيت ڏني ۽ اڄ تائين ان کان فن جي تربيت ونندو اچي ٿو. فني سفر ۾ الهداد زرداري به کيس گهٽو ساٿ ڏنو. پر تمام گهٽي همت افزائي عوامي مقبوليت جي عروج تي پهتل فنڪار مرحوم جلال چانڊيي ڪئي.

هن ڳائڻ جي باقاعده شروعات 1988ع کان ڪئي. 1992ع ۾ ريڊيو تي پروڊيوسر ڪوئٽر ۾ ڏڙي آندو ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پروگرام رنگ نو ۾ ڳارايو. سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ گيت، غزل ۽ ڪلام ڪافيون ڳائي داد حاصل ڪيو آهي. ان کان علاوه بلوچستان جي شهر جهٽ پٽ جيڪو هن وقت ڊيره الهيار جي نالي سان سڏجي ٿو اتي به فن جو مظاهرو ڪيو آهي. سندس پنج ڪيسٽون رڪارڊ ٿيل آهن. هن حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي(ؒ)

سچل سرمست، شيخ ايان ناظم منگي، احمد خان مدهوش ميهر فقير، انور قنبراڻي، ممتاز چانديو، سرور نواز بگهيو، اختر لکياري، سرڪش سنڌي، ڊاڪٽر الطاف آسي ۽ ڪامل امداد جتوئي ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام ڳائي چڪو آهي. سندس فني سفر جاري آهي.

اڪبر بروهي:

آغا اڪبر جان بروهي ولد خان بروهي 1961ع ۾ بلوچستان جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ جنم ورتو. سندس والدين اتان لڏي دادو شهر ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. هن ڳائڻ جي شروعات 1976ع کان ڪئي.

اڪبر بروهي راڳ جي سکيا مشهور استاد صالح ساند کان ورتي. ان کان علاوه استاد غلام عباس کان به راڳ جي تربيت حاصل ڪئي. جيڪو بڙي غلام علي خان جي اولاد مان هو. هن سنڌي، سرائڪي، بلوچي، بروهڪي، فارسي ۽ اردوءَ ۾ ڳايو آهي.

اڪبر بروهي شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، چندر، حمل فقير، دادن فقير، الياس ڪوڪر، احمد خان مدهوش ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جو ڪلام ڳاتو آهي. سندس ڪيترائي شاگرد آهن. انهن کي موسيقيءَ جي تربيت ڏني آهي. جن ۾ محمد موريل پنهور، نثار مگسي، آصف چاڻڪ، سرور شيخ ۽ محمد قاسم مگٽهار شامل آهن. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. هن ريڊيو خضدار ۽ ريڊيو پاڪستان ڪوئٽا تان به ڳايو آهي. ان کان علاوه دبئي ۽ سعودي عرب ۾ راڳ رنگ جون محفلون پيش ڪري داد حاصل ڪيو آهي.

حسين بخش سخيراڻي:

حسين بخش ولد ڪانڊيرو خان منصور سخيراڻي جي نالي سان مشهور 25 اپريل 1963ع ۾ محلي شاهه آباد چاڻو دادو شهر ۾ ڄائو. پنجون درجو پرائمري اسڪول شاهه آباد چاڻي مان پاس ڪري پائلٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ داخل ٿيو. مئٽرڪ پاس ڪري سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۾ داخلا ورتائين. اتان بي.ڪام پاس ڪري پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۾ ملازمت اختيار ڪيائين.

حسين بخش سخيراڻي راڳ جي سکيا پنهنجي والد ڪانديري خان کان حاصل ڪئي. جيڪو راڳ جو ماهر آهي. هن سنڌ جي مشهور شاعرن: شيخ ايان، عبدالغفار تبسم، علي گل سانگي، انور قنبراڻي، درد سولنگي، ڊاڪٽر رخسانه پريت چنڙ جا گيت ڳايا آهن. ان کان علاوه حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ بيدل ۽ ٻين شاعرن جا ڪلام به ڳايا آهن هن گيت ۽ غزل کان علاوه نيم ڪلاسيڪي موسيقي ۾ به ڳايو آهي. ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان به پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. سنڌي ادبي سنگت دادو جو ميمبر به آهي ۽ سنڌي ادبي سنگت جي پروگرامن ۾ حصو وٺندو اچي ٿو.

محمد خان لغاري عرف محمد مسخرو:

محمد خان لغاري عرف محمد مسخرو ڳوٺ واريا‌سي تعلقي جوهيءَ ۾ سال 1927ع ڏاري ڄائو. سندس والد جو نالو صحبت خان لغاري هو. ڪيس ۾ ويڳا پائر هٿا جيڪي قنبر ۾ رهندا هئا. پاڻ ڳوٺ واريا‌سي کي خيرآباد چئي مزدورآباد محلي دادو شهر ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي. محمد فقير مزاح جو بادشاهه ليکيو وڃي ٿو. ميلن، ملاکڙن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري ماڻهن کي ڪلائي ڪيرو ڪري ڇڏيندو هو.

محمد فقير کي سال 1953ع ڌاري هڪ جلسي دوران گورنر ڪيس گهرائي چيو ته توکي ڇا گهرجي. جنهن تي محمد فقير چيس ته پوليس وارا تنگ ٿا ڪن. مون کي اهڙو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي جو ڪير تنگ نه ڪري. وري گورنر ڪيس چيو ته توکي صوبيدار ڪريان. وراڻي ۾ محمد فقير چيو ته منسٽر بناءِ چاڪاڻ جو آءٌ پاڻ اڻ پڙهيل آهيان ۽ منسٽر گهٽا اڻ پڙهيل آهن. ان تي گورنر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڪيس 16 ايڪڙ زمين ڏني.

محمد فقير 16 سالن جي ڄمار ۾ هيءَ فن سکيو. هن شادي جي پروگرامن کان فن جي شروعات ڪئي. جڏهن به پروگرام پيش ڪندو هو ته پهريائين سندس تڪيو ڪلام هوندو هو ته اول ۾ الله پلو لکي ۾ لال پلو سيوهڙ ۾ شهباز پلو پلي ۾ پلاءُ پلو جنڊ ۾ ڪير پلو داتا دستگير پلو ڄج ۾ گهوٽ پلو پڪو لولو سوڪ پلو نماز جو وقت پلو بادشاهه جو تخت پلو. ٻيو تڪيو ڪلام هوندو هئس ته ڪٽڪ ڪري ڏٽڪ ڪري. جوئر ڪري ڪاٽي ڪري. زال ڪري گهر نه ڪري. ڏاند ڪري وراڻي نه چري. گهوڙو ڪري گهه ڪري. بادشاهه ڪري ظلم ڪري. پر جي وڏيرو ڪري ته الله حياتي ڏئيس. جيئن وٽيس تيئن ڪري.

محمد فقير جو ٻيو اهم تڪيو ڪلام هوندو هو ته هٿ نه وجهجي سر ۾. نانگ نه وجهجي ور ۾. ڏاريو نه ويهارجي گهر ۾. محمد فقير کي ڪيترائي سرٽيفڪيٽ. اوارڊ ۽ انعام ڏنا ويا. تن ۾ ملڪ امير محمد خان گورنر اولهه پاڪستان. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو محمد ياسين وٽو وزيراعليٰ پنجاب. جام صادق علي وزيراعليٰ سنڌ. عبدالوحيد ڪٽپر. پير علي محمد راشدي. عبدالستار پيرزادو. احمد خان بارڪزئي. پير الاهي بخش. ايوب کهڙو ۽ ٻين سوين نالي وارن سياستدانن جا سرٽيفڪيٽ ۽ اوارڊ شامل آهن.

محمد فقير راڳ جو به پارکو هو. راڳ بابت ڪافي ڄاڻ هئس. پاڻ ڪلاسيڪي نيم ڪلاسيڪي راڳ ڪان ڇڪي‌ءَ طرح واقف هو ۽ ڳائيندو به هو. هو 27- فيبروري 1985ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس آخري آرام گاهه لعل هندي مقام ۾ آهي.

غلام شبير عمراڻي:

غلام شبير عرف خان صاحب چولي وارو الهرکيو عمراڻيءَ جي گهر سال 1972ع ۾ اڪ ڪولي. تعليم صرف پنجين درجي تائين حاصل ڪئي اٿس. مٽي تعليم حاصل نه ڪري سگهيو. هن وقت محنت مزدوري ڪندو آهي. صبح جو چولا ڪپائيندو آهي ۽ هوڪو ڏيندو آهي ته آيو خانصاحب چولي وارو شام جو گلن جا هار ڪپائيندو آهي. بانسري هر وقت هٿ ۾ هوندي اٿس ۽ مختلف ڏنون وڄائيندو رهي ٿو. هن بانسريءَ جي سکيا استاد خادم حسين سخيراڻيءَ کان حاصل ڪئي آهي. ان کان علاوه استاد غوث بخش بروهيءَ کان به سکيا ونندو رهي ٿو. ڀولڪ جي سکيا استاد محمد ابراهيم ڀانن واري کان ونڊي رهيو آهي.

غلام شبير عمراڻي ڪراچي ۽ ڪوئيٽا ٽيليويزن تان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. هن لاهور ۾ ٽيندڙينگ فيسٽيول ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪيس اوارڊ ڏنو ويو. هن فيسٽيول ۾ استاد شير محمد سومرو. استاد خادم حسين سخيراڻي. اشرف سخيراڻي به شرڪت ڪئي.

حاجي مصري لُنڊ:

حاجي مصري لُنڊ ويٽل گهر پنهنجا لڳ نونر تعلقي دادوءَ ۾ سال 1890ع ڌاري جائو. ننڍپڻ کان نڙ سکيو نڙ تي لالي ۽ لالئي جي ڳالهه ڪندو هو. جڏهن نڙ وڄائڻ سان گڏ لالي ۽ لالئي جي ڳالهه ڪندو هو ته ڪچهري تي وجد طاري ٿي

ويندو هو. لالي ۽ لالئي جي ڳالهه ست راتيون هلندي هئي ۽ اوطاق تي روزانو ڳالهه ٻڌڻ لاءِ شائقين جا ميلا متل هوندا هئا.
حاجي مصري لُنڊ سال 1964ع ڌاري فوت ٿي ويو.

غلام نبي ڪنير:

غلام نبي ولد غلام قادر ڪنير تاريخ 31- آڪٽوبر 1952ع تي ڳوٺ مرڪپور تعلقي دادوءَ ۾ جائو. پنجون ڪلاس پرائمري اسڪول بچل سولنگي مان ۽ مئٽرڪ پرمانند هرداس پائلٽ سيڪنڊري اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. 1973ع محڪمہ خوراڪ ۾ ڪلارڪ پرتي ٿيو. غلام نبي ڪنير ڳائڻ جي شروعات شاگرديءَ جي دور ۾ هاءِ اسڪول ڪان ڪئي. هاءِ اسڪول جي هڪ پروگرام ۾ استاد محمد جمن جي هڪ مشهور ڪافي انت بحر دي ڪل نہ ڪائي رنگي رنگ بنايا، ڳائي خوب داد حاصل ڪيو. ان وقت جي هيڊماستر ڪمال الدين سولنگي ڪيس گڏ سرٽيفڪيٽ ڏنو.

هن باقاعده راڳ جي سکيا مرحوم استاد قمر سومري ڪان حاصل ڪئي. ان کان علاوه استاد صالح ساند کان بہ راڳ جي سکيا ورتي. هيءَ راڳ پيروي، درباري، سندڙا تلنگ، ڪماليت سان ڳائي ويندو آهي ۽ اهي راڳ سندس پسند جا راڳ آهن.

سچل فقير جتوئي:

سچل فقير جتوئي ولد صوبدار خان جتوئي ڳوٺ احمد خان جتوئي تعلقي دادو ۾ سال 1912ع ۾ جائو. صوفياڻو ڪلام ڳائيندو هو. شاهہ جا سپ سر ڳائيندو هو. حضرت قلندر لعل شهباز جي ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيس گهرائيندا هئا. جتي عارفاڻو ڪلام پيش ڪندو هو ۽ سامعين کي وجد طاري ٿي ويندو هو. شادي جي موقعن تي بہ ڳائيندو هو. سائين جي.ايم.سيد ۽ پير علي محمد راشدي بہ ڪيس گهرائيندا هئا ۽ صوفياڻو ڪلام ٻڌي محظوظ ٿيندا هئا. تاجپور جا نواب بہ ڪيس گهرائيندا هئا. شاهہ عنايت جهوڪ شريف جا سجاده نشين بہ ڪيس گهرائيندا هئا ۽ هي مهينن جا مهينا انهن وٽ رهندو هو ۽ روزانو صوفياڻو ڪلام ڳائيندو هو.

هڪ دفعي جيمخانہ ڪلب دادو ۾ محفل ٿي. جنهن ۾ تاج صحرائي ڪيس خصوصي دعوت ڏئي هن کي گهرايو. هن محفل ۾ جسٽس خميساڻي، سيشن جج دادو ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ ٻيا آفيسر ۽ شهر جا معززين شامل ٿيا. ان ۾ سچل فقير هيٺيون ڪلام پيش ڪيو. جنهن جا بول هئا:

اُتي ڙي دل ساجهر سنبر دنيا جو دفتر ويو ڪچي
ڪئين لکي لکپال هئا ڪيترا تنين جا خيال هئا
بيشڪ اهي بر حال هئا تنين جا نغرا ويا لڳي.

اُتي ٻين سان گڏ جسٽس خميساڻي بہ وجد ۾ اچي ويو رقص ڪرڻ لڳو ۽ اُتي ڪيس ساڳيو ڪلام ٻيهر ڳائڻ لاءِ فرمائش ڪيائون. هڪ دفعي منچر ۾ محفل موسيقي مچائي وئي. جنهن ۾ گورنر جنرل غلام محمد ۽ وڏي وزير پيرزادو عبدالستار شرڪت ڪئي. اتي سچل فقير عارفاڻو ڪلام ڳايو جنهن ۾ گورنر جنرل غلام محمد ڪيس بابا بُلي شاهہ جي ڪلام جي فرمائش ڪئي. جڏهن سچل فقير بابا بلي شاهہ جو ڪلام ڳاتو تہ گورنر جنرل وجد ۾ اچي روئڻ لڳو ۽ رقص ڪرڻ لڳو.

سچل فقير 1980ع ۾ وفات ڪري ويو.

سيد احمد شاهہ:

سيد احمد شاهہ اصل ڳوٺ جوٽالو ضلع نوشهري فيروز جو رهواسي هو جوانيءَ ۾ اتان سکونت ترڪ ڪري دادو جي بٽ پاڙي ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. راڳ رنگ جو جاڻو هو. صوفياڻو ڀ عارفاڻو ڪلام ڳائيندو هو. شادي مرادي ۽ کان علاوه پيرن فقيرن جي درگاهن تي به ڳائيندو هو. شاهہ ڀ سچل جا ڪلام شوق سان ڳائيندو هو. شاهہ سائين جي سُرن تي عبور حاصل هئس. ڪيترين ئي محفلن ۾ ڳائيندو هو ۽ سامعين کان داد حاصل ڪندو هو. سيد احمد شاهہ 1978ع ۾ وفات ڪري ويو. ان وقت سندس عمر 82 سال هئي.

گل محمد عرف گلو پنهور:

گل محمد عرف گلو پنهور ڳوٺ طالباڻي پنهور ديهہ باداڻي تعلقي دادو جو رهواسي هو. سندس جنم 1934ع ۾ ڳوٺ طالباڻي پنهور تعلقي دادو ۾ ٿيو. تعليم صرف پرائمري تائين هئس. راڳ جو شوق ننڍپڻ کان هئس. شاهہ سائين جي ڪيترن ئي سُرن تي عبور حاصل هئس. سُرن کي ڳائڻ ۾ مزو ايندو هئس. پوئين دور ۾ ايڪو سائونڊ نہ هوندا هئا، پر جڏهن گلو پنهور سُر راڳو ڳائيندو هو تہ سندس آواز ڏيڍ ڪلوميٽر تائين صاف ڀ چٽو ٻڌڻ ۾ ايندو هو. گل محمد عرف گلو پنهور 1986ع ۾ وفات ڪري ويو. کيس ميان يار محمد ڪلهوڙي جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

فتح خان پتافي:

فتح محمد پتافي ڍولڪ نواز هو. پراڻي ديري جو رهواسي هو. جيڪو ڳائيندو به هو ۽ وڻن موسيقي جي گهراڻن جي استادن سان ڍولڪ تي سنگت به ڪندو هو.

مرحوم علي بخش پتافي:

مرحوم علي بخش پتافي ڳوٺ پراڻي ديري تعلقي دادو جو رهواسي هو. صوفي ڀ عارفاڻو ڪلام ڳائيندو هو سريلو راڳي هو.

سرائي دين محمد پتافي:

سرائي دين محمد پتافي به ڳوٺ پراڻي ديري تعلقي دادو جو رهواسي هو. سنو گائڪ هو. جهمريون هٽي ڳائيندو هو.

سرائي محمد حسين پتافي:

سرائي محمد حسين پتافي راڳ جو جاڻو ۽ پارکو هو. راڳ جي مختلف سُرن کان واقف هو. پاڻ جهمريون هٽي ڳائيندو هو تہ راڳ جي شوقينن کي دلي سکون اچي ويندو هو. ان کان علاوه پراڻي ديري جا ٻيا به راڳي آهن. جن مان محمد خان ڪوکر، محمد هاشم ڪوکر، استاد اسماعيل ڪوکر ۽ ٻيا پڳٽ ڳائيندا هئا. ان کان علاوه حبيب الله ڊکڻ، علي نواز ڊکڻ ۽ پيرل ڊکڻ به راڳ جا پارکو ۽ ڳائيندا هئا.

نظر محمد چنو:

نظر محمد چنو ولد مرحوم حاجي آحمد خان چنو سال 1940ع تي ڳوٺ پاٽ شريف تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. مئٽرڪ پاٽ مان حاصل ڪيائين. انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان بي.اي سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. ايل.ايل.بي حيدرآباد مان ڪئي ۽ پنهنجي سڄي زندگي وڪالت جي پيشي کي ارپيائين. ان کان علاوه محفل موسيقي سان به وابستہ رهيو.

نظر محمد پنهنجي زندگي جو طويل عرصو سنڌ جي مشهور موسيقار ۽ گائڪ استاد محمد صالح ساند جي سرپرستيءَ ۾ رهيو ۽ راڳ جي سکيا حاصل ڪئي ۽ سنڌ جي جڳ مشهور راڳي جهڙوڪ: خادم حسين سخيراڻي ۽ بانسري نواز غلام شبير عمراڻي ۽ بين ڪيترن وڻائتن موسيقيءَ جو فن سکيو. هن پنهنجي پويان هڪ ٻيوه چار پٽ ۽ چار نياڻيون سوڳوار ڇڏيون. سندس سڀ پٽ پڙهن جيان قانون جي پيشي سان منسلڪ آهي. جنهن ۾ وڏو فرزند شڪيل احمد چنو پاڪ آرمي ۾ ۽ سندس ٻيا پٽ پوليس ۾ ملازم آهن. جن ۾ عقيل احمد، اختر علي ۽ اڪبر علي شامل آهن.

غلام محمد عرف غلامو ميراثي:

غلام محمد عرف غلامو ميراثي اصل ڳوٺ ڪا تعلقي دادو جو رهواسي هو. اتان لڏي ڇاٽو شاهه آباد دادو ۾ رهيو. ننڍپڻ کان راڳ جي سکيا ورتائين. موقعي جي مناسبت سان ڳالهه ڪٽي ڪلام ڳائيندو هو. ڪيترن سُرن تي دسترس هئس. ڪوهياري، راڻو تلنگ، ڪلياڻ ۽ ٻيا سر ڳائي داد حاصل ڪندو هو. غلامو ميراثي 1988ع ڌاري وفات ڪري ويو.

استاد خير محمد عرف خيرل فقير پٽي:

خير محمد پٽ موندر پٽي 25_مئي 1913ع ۾ سيتا ۾ جائو. طبلو ۽ ڊولڪ يڪسان مهارت سان وڄائيندو هو. پهرين سيد عالم شاهه گويي ۽ تارا چند گويي سان طبلي سان سنگت ڪيائين ۽ انهن جي وفات کان پوءِ سيد حاجن شاهه 'هموطن' سيتائيءَ سان سنگت ۾ رهيو. جيڪو غزل جو بهترين شاعر ۽ گائڪ هو. استاد خيرل ڪيترين ئي ڳائڻن ۽ ڳائڻين سان ساٿ ۾ رهيو ۽ طبلي نوازيءَ ۾ نظير نه رکندو هو. الهڏنو نوناري، هولا رام، صالح ساند، اسماعيل ڪوکر، شمشاد بيگم، حوا پٽ، ڪوڙي ۽ الهوسائي سان به ڪيترائي سال ساٿ ۾ رهيو. شيعه مسلڪ اختيار ڪيائين. 12_ ڊسمبر 1981ع ۾ ڪجهه شاگرد ڇڏي گذاري ويو.

استاد خيرل پٽيءَ جا به پٽ: آچر پٽي هارميونيم جو سٺو ڪاريگر ۽ محمد چٽل سٺو راڳي هو. هو ٻئي سال 2004ع ۾ هڪ ٻئي پويان گذاري ويا.

ڪوڙو فقير چنو:

ڪوڙل فقير چنو ولد صاحب ڏنو چنو 1910ع ۾ سيتا ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو. ڳوٺ جي مشهور گوين عالم شاهه ۽ تارا چند جي خدمت ڪاري ڪندي گائڪيءَ جو فن پرائي ورتائين ۽ ڪافيون ۽ ڪلام ڪلاسيڪل انداز ۾ ڳايائين. آخر ۾ دم جو مريض ٿي پيو ۽ هيءُ پرسوز گائڪ، پوگائي ۽ چرچائي طبعيت جو ماڻهو مريض هئڻ جو احساس نه ڏياري سال 1978ع ۾ گذاري ويو.

ٽريو ملنگ خاصخيلي:

ٽريو ملنگ پريو خاصخيلي سيتا ڳوٺ ۾ 1927ع ۾ جائو. پنهنجي پياري شريڪ حيات جي موت کان پوءِ فقيري اختيار ڪيائين. سيد حاجن شاهه 'هموطن' سيتائيءَ جي صحبت ۾ رهيو. شيعه مسلڪ اختيار ڪيائين ۽ سڄي جمار لوها ڪنگڻ ۽ پيرن ۾ ڪڙيون پائي ڪارو لباس تن تي اوڍي، سيد هموطن صاحب جي اوطاق ۾ جمار گذاريائين.

سيد جي اوطاق تي جيڪي راڳ رنگ جون محفلون ٿينديون تن ۾ حصو وٺندو هو. ڪافيون ڪلام سوز سان ڳائيندو هو. گهڙي وڄائڻ ۾ تمام مهارت حاصل ڪيائين. ان فن ۾ هن سان ويجهي تر ۾ ڪوبه فنڪار ساڻس مقابلو نه

ڪري سگهندو هو. پنهنجي مخصوص زندگي گذاريندڙهيءَ ملنگ ماڻهو 1973ع ۾ گذاري ويو.

سيد موزل شاهه:

سيد حاجن شاهه هموطن سيتائيءَ جو وڏو فرزند هو. سيتا ۾ 1932ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ موسيقي جي تعليم پنهنجي والد کان پرايائين. ڪلام، قصيدا ۽ نوحا پرسوز انداز ۾ ڳائيندو هو. سندس ڳائڻ ۾ تمام تاثير هو. ڳائڻ سان دليون ڳاري وجهندو هو. پاڻ خوش شڪل انسان هو. انڪري سيد حاجن شاهه جي تيار ڪيل ڊرامن ۾ هميشه هيرو جو ڪردار ادا ڪندو رهيو.

ڊرامن ۾ پس پرده گيت ڳائڻ ۽ هارمونيم وڄائڻ ۾ پڻ وڏي مهارت رکندو هو. سيتا ۾ ڪيترين ئي سنگيت ۽ ثقافت جون سرگرميون سندس در قدم سان زنده رهيون. محرم ايندي ئي ڪارو لباس اوڍيندو هو ۽ سڀ سرگرميون ترڪ ڪري ڇڏيندو هو. جلوسن ۾ درد پريا نوحا ۽ قصيدا ڳائي ماڻهن کي زارو قطار روڻاري ڇڏيندو هو. فقه جعفريه تي عمل ڪندڙ هو. ڳائڻ وڄائڻ جي فن ۾ پنهنجا شاگرد پيدا ڪيائين. جهڙوڪ: آچر پٽي هارمونيم نواز ڇٽل پٽي ڳائڻ ۽ ڊرامن جو آرٽسٽ، سيد نجيب الله شاهه راڄي وسايو مڱٿار ديولڪ نواز سرور مڱٿار ديولڪ نواز. چيزل جوڳي کافي ۽ غزل جو گائڪ، روشن سولنگي ۽ بيا شامل آهن. پاڻ جواني ۾ 1973ع ۾ گذاري ويو.

آصف سخيراڻي:

قربان علي ولد خميسو خان سخيراڻي 2- اپريل 1952ع تي جنم ورتو. ننڍپڻ کان ئي سُر ۽ سنگيت جي دنيا ۾ پير پاتائين. سندس تعليم پنج درجا سنڌي آهي. منظور سخيراڻي ۽ خادم سخيراڻي کي پنهنجو استاد مڃي ٿو.

آصف ڪيترن سالن کان پنهنجي آواز جو جادو جاڳائيندو پيو اچي. پاڻ ڪيسيٽ، ٽي. وي، ريڊيو جو فنڪار ۽ نس ڪيترين تنظيمن جا اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنل آهن.

اختيار علي خشڪ(1):

راڄي اختيار علي ولد ولي محمد خشڪ ڳوٺ حمزو خشڪ لڳ خدا آباد ضلعي دادوءَ ۾ 1974ع تي جائو. پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ورتائين. راڳ جي لگار ننڍي هوندي کان ئي لڳل هئس. پهريان حاجي خان خشڪ کان راڳ سکيو. پوءِ جيئن شوق وڌندو ويس تہ مختلف استادن کان سکيا ۾ ورتائين. حافظ محمد اسحاق ٽلٹيءَ وارو راڳداريءَ جو وڏو جاڻو هو. جنهن وٽ پڻ راڳ سکيو. موري واري امانت علي کان ڳانو ٻڌرائين. آخر ۾ استاد گلزار علي خان وٽ رسيو. 2003ع ۾ ريڊيو تي نصير مرزا متعارف ڪرايس. ساڳئي سال ٽي. وي تي ڪچهري پروگرام ۾ سيد صالح محمد شاهه جي معرفت ڳايائين. سڏو گيت، غزل ۽ يڪتاري تي کافي ڪلام سنو ٿو ڳائي. سندس شاگردن جو انگ به کافي آهي. جن ۾ عبدالغفور جسڪاڻي، محمد قاسم فاروقي، عبدالسعيد خشڪ وغيره اچي وڃن ٿا. جلال ڪٽي اوارڊ ۽ خدا آباد سگا اوارڊ ماڻيا اٿس.

عابده پروين، محمد يوسف، محمد شفيع، ٽر وارو ۽ فتح علي خان فنڪارن ۾ پسند اٿس. استاد بخاريءَ کي گهٽو ڳاتو اٿس. 'اڙا نه ڪي بهار' سندس پسند جي راڳڻي آهي.

○

فن جي دنيا- ڪلب ۽ اداڪار

ورهاڱي کان اڳ دادو ۾ ڪافي ناٽڪ منڊليون هونديون هيون. انهيءَ اسٽيج تان هندو فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. ورهاڱي کان پوءِ ناٽڪ منڊلين جو زور ٽٽي ويو. انڪري ڪيترن ئي سالن تائين جمود طاري رهيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ جمود کي توڙڻ ڪجهه تنظيمون وجود ۾ آيون ۽ انهن پروگرام شروع ڪيا. سڀ کان پهريائين سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا) دادو وجود ۾ آئي. جنهن سماجي سرگرمين کان علاوه ثقافتي پروگرام به ڪرايا. سنڌ جي مشهور گويه استاد محمد صالح ساند سان شام ملهائي وئي. هن تنظيم منچر آرٽ سرڪل جي پليٽ فارم تان هڪ ناٽڪ پيش ڪيو جنهن کي شهر ۽ ملڪ جي ڪيترن ئي شائقين ڏٺو ۽ بيحد پسند ڪيو. ان کان علاوه ڪتراڳ ۽ عاشقن سان ڏاندلي به ڊراما پيش ڪيا ويا.

ان کان پوءِ ڪافي آرٽ ڪلبون وجود ۾ اچي ويون. جن مان پٽائي آرٽ ۽ سماجي ڪلب، شاهين الشهباز آرٽ ڪلب، جهولي لال آرٽ ڪلب، فنڪار ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن، مير آرٽ ڪلب، پريمي آرٽ ڪلب، پارس آرٽ اڪيڊمي، سيد آرٽ ڪلب، پاڪ آرٽ اڪيڊمي، هيرا آرٽ سرڪل، جوڪر آرٽ سرڪل، سنڌو آرٽ ۽ سماجي ڪلب، مهراڻ آرٽ ۽ سماجي ڪلب، سيد نجف شاهه لڪياري آرٽ ڪلب، ميسيج آرٽ ۽ سماجي ڪلب، علي مولي آرٽ ڪلب، شهنشاهه آرٽ ڪلب ۽ ٻيون آرٽ ڪلبون شامل آهن.

حضور بخش گوپانگ:

حضور بخش ولد حاجي ميرل گوپانگ 29- نومبر 1961ع تي ڳوٺ مريد خان گوپانگ تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم اسڪول بچل سولنگي ۽ مٽرڪ طالب المولي هاءِ اسڪول دادو مان ڪيائين. تعليم مڪمل ڪري ميونسپل ڪاميٽي دادو ۾ ملازمت اختيار ڪئي اٽس. ملازمت سان گڏ مزاحيه شاعري 1982ع کان شروع ڪيائين ۽ ڪيترن ئي مشاعرن ۾ پنهنجي مزاحيه شاعري پيش ڪري خوب داد حاصل ڪندو رهي ٿو. مزاحيه شاعري ۾ سندس استاد سومرو سودائي هو. ان کان علاوه غلام الدين چانڊيو، وحيد قريشي ۽ سندس شاعريءَ ۾ استاد آهن. حضور بخش گوپانگ بزم طالب المولي شاخ پير بخش مير بحر ۽ بزم نواز رڪنائيءَ جو ميمبر پڻ رهي چڪو آهي. ادبي سرگرمين کان علاوه فني سرگرمين ۾ پڻ حصو ونندو اچي ٿو. حضور بخش گوپانگ پٽائي آرٽ ڪائونسل دادو سندر آرٽ ڪائونسل، بسنت آرٽ ڪائونسل، سواڪا آرٽ ڪائونسل ۽ آرزو آرٽ ڪلب دادو سان لاڳاپيل آهي. سندس فني فيلڊ جا استاد ذوالفقار هيسباڻي، غلام حسين لغاري، منظور مگسي، محمد بخش بلوچ ۽ نورالاسلام آهن. حضور بخش گوپانگ ڪجهه فلمن ۾ به ڪم ڪيو آهي، جن ۾ قل ماچي، رک مولي، تي حيدر خان، نادر گوهر، فيصلو ضمير جو زميندار وغيره شامل آهن.

حضور بخش گوپانگ تي وي ڊرامن ۾ به ڪم ڪيو آهي. انهن ۾ رس چس، عيد مبارڪ اسپيشل، جار ڏيڻ ماروي، برگر فيملي، جال، سوال شامل آهن. ان کان علاوه تقريباً 80 اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪيو اٽس. سندس مشهور ڊرامه بيگم هو جمالو زال ڪري ٿي تال، بيگم 87، دادلي ڪنوار، بيگم ٽري نات ٽري، اباڻي عيد آئي، تماشو چرڪ مرڪ، عاشقن سان ڏاندلي، جت جي شادي جج سان تعدي ڏئي جان ڇڏاءِ، پئسي جو ڪمال، اڳيان ڏوڪڙ پويان جوڪر، مسٽر

ناڪي منشي، محبت سان مذاق، بيروزگار عاشق، ٽريڪ جام، مسٽر جيم، چورا چڇورا، عاشق زهر پياڪ، واندو ناهيار، انتظار ڪر، جيڪو نياڻي جو نصيب، هڙ ته چٽي، بانو بنا بريڪ، مسٽر موالي ۽ ٻيا اسٽيج ڊراما اچي وڃن ٿا.

حضور بخش گوپانگ کي، ٽي. اين ۽ سنڌ ٽي. وي ٽي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو.

رشيد چارڻ:

سنڌ جو مشهور ورسٽائيل فنڪار رشيد چارڻ 1953ع تي چارڻ گهٽي دادو شهر ۾ شفيع محمد چارڻ جي گهر اک کولي. پرائمري، ثانوي ۽ اعليٰ ثانوي تعليم دادو مان حاصل ڪيائين. رشيد چارڻ پنهنجي فني سفر جو آغاز 1971ع ۾ ڪيو. استاد بخاري، غلام علي سومرو ۽ سنڌ جي مشهور مزاحيه شاعر سومري سودائي سان گڏجي هڪ اسٽيج ڊراما 'ظلم جو انجام' ڪيو. ان ۾ هن مين رول ادا ڪيو. رشيد چارڻ سؤ کان مٿي ڊراما ڪيا آهن. سنڌ جي مختلف شهرن ڏهرڪي، راڻيپور، ڪنڊيارو، سڪرنڊ، ڏگهڙي، لاڙڪاڻو، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهن، سيوهڻ، حيدرآباد، ڄام ۽ ٽنڊي الهيار کان علاوه سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. رشيد چارڻ ڪراچي ۽ ڪوئٽه ٽيليويزن سينٽر تان به پروگرام پيش ڪيا آهن، جن ۾ ايڪ دو تين، بچون کي گيلري ۽ ڪراچي سينٽر تان پرڪ گهڙيال ۽ سنڌ رنگ شامل آهن. رشيد چارڻ ٻين دوستن سان گڏجي ضلعي ۽ سنڌ سطح تي فنڪارن جون تنظيمون جوڙيون. انهن ۾ سنڌ لوڪ ثقافتي تنظيم، بسنت آرٽ سرڪل، سنڌ فنڪار تنظيم، سنڌ فنڪار ٽرسٽ ۽ ٻيون تنظيمون شامل آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڄ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هزارين ڊراميٽڪ سوسائٽيون ۽ ڪلبون آهن.

رشيد چارڻ سينيئر اداڪارن: انور شاد، غني سولنگي، ذوالفقار هيسباڻي، غلام حسين ڏيپر، جاني بلوچ ۽ ٻين سان گڏجي پروگرام ڪيا آهن. ڊراموَ 'لڙڪن مٿان لڙڪ' جيڪو 1980ع ۾ ريان سيد آباد ۾ پيش ڪيو ويو. اهو ڊراموَ 2 ڏينهن هليو. ان ۾ هن 5 مختلف رول ادا ڪيا. هن ڊرامي جي ڪامياب اداڪارن کي اوارڊ ڏنا ويا. انهن ۾ رشيد چارڻ به سرفهرست آهي. رشيد چارڻ کي فني ميجتا طور سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نون کان وڌيڪ ساٺس رهاڻيون رچايون ويون. هي ۽ سنڌي بولي جو پهريون فنڪار آهي، جنهن مزاح ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا، جنهن ۾ ون مين شو ڊراما سيريز 'چاچو چڪر' ۾ خاموش رول ادا ڪيو. جيڪو ايشيا ۾ پهريون دفعو هڪ سنڌي فنڪار کي اعزاز مليو. هن وقت پاڻ کي ٽي. اين ٽي رائيٽر، ڊائريڪٽر، ڪمپيئر کان علاوه مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. سندس سيڃاڻپ کي ٽي. اين جي سنڌ ڊائريڪٽر طور ٿئي ٿي. 30 کان وڌيڪ اداڪارون گلوڪارن کي پاڻ دنيا ليول تي متعارف ڪرايو آهي. کي ٽي. ايڪان علاوه ڪشش چئنل تي پڻ مختلف شعبن ۾ ذميواريون ادا ڪري رهيو آهي.

رشيد چارڻ جو نالو سنڌ جي موست سينيئر فنڪارن ۾ شمار ٿئي ٿو. سندس فني سفر جوش ۽ خروش سان جاري آهي. فني سفر کي 34 سال اڑيها اٺس. فني خدمت جي ميجتا طور ثقافت کاتي طرفان 5 سالن کان وظيفو ملي رهيو آهي. هن وقت تائين سنڌ جي ثقافتي، ادبي ۽ سماجي تنظيمن پاران 18 کان وڌيڪ اوارڊ ملي چڪا آهن. ڊراما فيسٽيول ڪراچي آرٽ ڪائونسل ۾ ٿي گذريل اتي ڪيس وزير امتياز شيخ اوارڊ ڏنو. ان کان علاوه ٻين جن اهم شخصيتن هٿان ڪيس اوارڊ ڏنا ويا، انهن ۾ تاج صحرائي، پير مظهرالحق، شاهنواز ڪوثر، برڙو ناز سهتو، اطهر منگي، ميان غوث محمد، گوهر نياز همايوني، اشفاق احمد ميمڻ ۽ ٻيا شامل آهن. رشيد چارڻ جو فني سفر جاري آهي.

نعيم ملڪ:

غلام مصطفيٰ ملڪ ولد مير محمد ملڪ تخلص نعيم ملڪ تاريخ 15 ـ مئي 1964ع تي ڳوٺ فيض محمد

ملڪ تعلقي دادو ۾ اڪ کولي. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏلجي اسٽيشن مان ۽ انٽر ڊگري ڪالیج دادو مان پاس ڪيائين ۽ بي. اي سنڌ يونيورسٽي مان پاس ڪيائين. تعليم دوران استادي پيشو اختيار ڪيو ۽ ترقي ڪندو سپروائيزر جي عهدي تي پهتو آهي.

استادي پيشي سان گڏ ادبي سرگرمين ۾ به حصو ونندو اچي ٿو. سنڌي ادبي شاخ دادو جو خزانچي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري به رهيو. هن ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم اخبارن ۾ لکيا آهن. جن ۾ روزانه ڪاوش خادم وطن سرواڻ بختور سنڌ سجاڳ، هلال پاڪستان ۽ عوامي آواز شامل آهن. نعيم ملڪ ادبي سرگرمين سان گڏ سماجي سرگرمين ۾ بهرو وٹي رهيو آهي. سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن سواڪا جو ميمبر ۽ مختلف عهدن تي به رهيو آهي. ان سان گڏ نعيم ملڪ پنهنجي فني سفر جو آغاز اسٽيج ڊرامن کان ڪيو. تقريباً 30 ڊرامن ۾ پرڻ ڪم ڪري چڪو آهي. جن ۾ ڪتراڳ، عاشقن سان ڏاڏلي شامل آهن. ان کان علاوه ڪي. ٽي. اين ٽي سندس ڪجھ ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿيا آهن. هن وقت روزانه عوامي آواز ڪراچي سان وابسته آهي.

دلدار عباسي:

دلدار علي ولد محمد ابراهيم عباسي تاريخ 15 ـ جنوري 1966ع تي ڳوٺ پولا ڪلهوڙا تعلقي قنبر [موجوده ضلعي قنبر ـ شهدادڪوٽ] ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم غوث پور محلي لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين. اٺين ڪلاس تائين تعليم ميونسپل هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان حاصل ڪري، لاڙڪاڻي کي هميشه الوداع چئي طالب المولیٰ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. مئٽرڪ 1981ع ۾ پاس ڪيائين. انٽر ڊگري ڪالیج دادو مان ۽ وڌيڪ تعليم پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت سان پڙهي، گريجوئيشن ڪري چڪو آهي.

دلدار عباسيءَ سياست جي ابتدا ايم. آر. ڊي تحريڪ ۾ سپاف جي پليٽ فارم تان ڪئي ۽ 1984ع ۾ حيدرآباد ۽ ڪراچي سينٽرل جيل ۾ سپاهيءَ جي حيثيت سان ملازمت ڪيائين. سال 1987ع ۾ جيل سپرنٽينڈنٽ سان اختلاف ٿيس ۽ استعيفيٰ ڏنائين. ڇاڪاڻ ته سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ان وقت ڊاڪٽر قادر مگسي، بشير خان قريشي، نياز ڪالاٽي ۽ شهنشاهه جهانگارا گرفتار ٿي جيل پهتا ۽ انهن کي بند وارڊ ڪيو ويو ۽ ڪيس حڪم ٿيو ته هنن تي ٽارچر ڪيو وڃي. مگر حڪم عدولي سبب نوڪريءَ تان مستعفي ٿيو.

سال 1986ع ۾ جڏهن سائين جي.ايم.سيد جهنڊي ڪيس ۾ گرفتار ٿي ڪراچي سينٽرل جيل پهتو. جي.ايم.سيد سان ملاقات ٿيس ۽ جي.ايم.سيد کانئس وچن ورتو ته هو سنڌ تي ٿيندڙ وار تي خاموش نه ويهندو. ان موقعي تي جي.ايم.سيد کيس سچي سپاهيءَ جو خطاب ڏنو.

دلدار عباسي اخباري دنيا سان به وابسته رهيو. هن ڪيترائي ڪالم ۽ مضمون لکيا، جيڪي اخبارن ۾ شايع ٿيا. سال 1991ع ۾ پوليس کاتي ۾ بطور سپاهي پرتي ٿيو ۽ 1999ع ۾ هن کي ڪمانڊو ڪورس لاءِ اينٽي ٽيررسٽ ٽريننگ ڪالیج رزاق آباد ڪراچي موڪليو ويو. ڪراچي ۾ 1 ـ جنوري 1998ع کان 21 ـ آڪٽوبر 1998ع تائين ڪمانڊو ٽريننگ ڪئي. ٽريننگ جي اختتام تي پاسنگ آئوٽ ۾ سچيءَ سنڌ مان ٽي پوزيشن حاصل ڪئي. هن وقت دادو ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندو اچي ٿو.

دلدار عباسي پنهنجو فني سفر 1981ع کان شروع ڪيو. 1981ع کان ميهڙ مان آيل اداڪار ذوالفقار هيسباڻي دادو ۾ اسٽيج شو پيش ڪيو. جنهن ۾ مشهور اڳي منظور سخيراڻي هيروئن جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو.

مرحوم فلم استار ابو بلال به اهم ڪردار ادا ڪري رهيو هو. ان ۾ دلدار عباسي هڪ ايڪسٽراءِ ڪردار سان فني زندگي جو آغاز ڪيو. اڄ تائين هو 50 کن اسٽيج ڊراما ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه دلدار عباسي ڪي.ٽي.اين ۽ سنڌ ٽي.وي ٽي به پروگرام ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ سندس ڪيترائي ڪردار يادگار سمجهيا وڃن ٿا. دلدار عباسي جو فني سفر جاري آهي.

شوڪت پريمي:

شوڪت پريمي ولد محمد اسماعيل سولنگي 1 ـ جون 1976ع تي دادو شهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم اسڪول غريب آباد دادو مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم به دادو ۾ حاصل ڪئي. اٽس هن 1990ع ۾ نياز ديواني جي اسٽيج پلي 'جت جي شادي ڇج سان تعدي' سان پنهنجو فني سفر شروع ڪيو.

هن اڄ تائين ڪيترائي يادگار اسٽيج ڊراما ڪيا آهن. جن ۾ اڳيان ڏوڪڙ پويان جوکر، ڏئي جان ڇڏاءِ دا، زور آ، انٽرنيشنل سپاهي، پسند بابي جي، مس هپي، عشق ۾ اڏواڏ ۽ هڪ وڊيو فلم 'سنڌ جا گوريلا' شامل آهي. ان کان علاوه ڪي.ٽي.اين ۽ سنڌ ٽي.وي ٽي به ڪم ڪندو رهي ٿو.

منان عباسي:

طنز و مزاح جو مشهور اداڪار عبدالمنان عباسي دادو ۾ سال 1966ع ۾ پيدا ٿيو. پرائمري کان انٽر تائين دادو شهر مان ئي تعليم حاصل ڪئي. هِن پنهنجو فني سفر 1976ع کان شروع ڪيو. هن کي اسٽيج ڊرامن ۾ انور شه متعارف ڪرايو. فلم ۾ سندس استاد اسد شاهه آهي.

منان عباسي بطور اداڪار هڪ سؤ کان مٿي اسٽيج ڊراما ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه فلم نادر گوهه حيدر خان ۽ جيئي لطيف ۾ به ڪم ڪري چڪو آهي. منان عباسي ڪيترائي ڊراما ڊائريڪٽ ڪيا آهن. سندس پهرين ڪهاڻي 'اباڻي عيد آئي' بيحد ڪامياب ٿي ۽ سندس اها ڪهاڻي سڄيءَ سنڌ ۾ مختلف ناالن سان سؤ کان مٿ اسٽيج ٿي چڪي آهي.

هن وڊيو فلمون زميندار ۽ انسپيڪٽر يعقوب سولنگي ڊائريڪٽ ڪيون. ان کان علاوه زير تڪميل فل اڳيان ڏوڪڙ پويان جوکر شامل آهي. هن جون مزاحيه آڊيو ڪيسٽون به اچي چڪيون آهن. ان کان علاوه گامون سچا خيرو خفتي، موچڑن ۾ مزو آ، مڪڙ ۽ ڊولڙ لونگ وسائي ۽ ٻيون آڊيو وڊيو ڪيسٽون شامل آهن. ان کان علا ڪي.ٽي.اين ٽي 'ماما لالو' سيريل ڪري چڪو آهي. هن وقت به ڪي.ٽي.اين ٽي ڪم ڪري رهيو آهي.

سيد منور شاهه:

سيد منور شاهه ولد سچل شاهه المعروف سيد سوڙل شاهه 1 ـ مارچ 1984ع تي ميهڙ ۾ جنم ورتو. ان کان پ والدين دادو شهر ۾ آباد ٿيو. هن ابتدائي تعليم غريب آباد اسڪول مان مئٽرڪ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان انٽر ڊگر ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين.

سيد منور شاهه فني دنيا ۾ 1998ع ۾ پير پاتو. هن ڪافي اسٽيج ڊراما ڪيا آهن. هن وقت به ڪي.ٽي.اين ٽ مختلف ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

بشير آڪاش:

بشير احمد پنهور ولد حاجي علي خان پنهور 15 ـ مارچ 1974ع تي ڳوٺ يوسف پنهور تعلقي دادو ۾ جن

ورتو. مٹرڪ تائين تعليم ڪُلجي اسٽيشن ۾ حاصل ڪيائين. هن پنهنجي فني زندگيءَ جي شروعات بشير آڪاش جي نالي سان سال 1990ع کان ڪئي. هن پهرين ڊراموَ 'ضديرو' استاد بخاري آرٽ سرڪل ڪُلجي اسٽيشن تان ڪيو. ان ۾ هيرو جو ڪردار ڪيائين. ۽ ڊراموَ پروڊيوس به پاڻ ڪيائين. سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا اٿس.

بشير آڪاش به سؤجي لڳ ڀڳ ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي. هن کي ڪيترائي اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مليا آهن. پي.ٽي.وي تي به ڊراما ڪيا اٿس. ان کان علاوه کي.ٽي.اين.ٽي به سيريل 'آڙاهه' ۽ 'زهر' ۾ ڪردار ادا ڪيا آهن. به فلمون رليز ٿيون آهن. جن ۾ تاريخي فلم 'لاکو ڏُلاڻي' به شامل آهي. ان ۾ ڪردار نيايا آهن. بشير آڪاش جو فني سفر جاري آهي.

نواز انصاري:

محمد نواز ولد محمد يوسف انصاري 1 ـ مئي 1965ع ۾ ٽلٽي تعلقي سيوهڻ ۾ ڄائو. سال 1972ع ۾ لڏي اچي دادو شهر تي رهائش اختيار ڪيائين. تعليم مٹرڪ تائين ڪئي اٿس.

نواز انصاري پنهنجو فني سفر اسٽيج ڊرامن کان ڪيو. هن سال 1979ع کان اڄ تائين 70 کان وڌيڪ ڊراما ڪري چڪو آهي. ڪيس ڪافي اوارڊ ملي چڪا آهن. سندس ڪافي آڊيو ڪيسٽون مارڪيٽ ۾ اچي چڪيون آهن. جنهن ۾ مسٽر وتايو مکڻ ۽ ولڻ شامل آهن. نواز انصاري کي.ٽي.اين ۽ سنڌ ٽي.وي تي مختلف ڪردار ادا ڪري چڪو آهي ۽ سندس فني سفر جاري آهي.

عبدالله ملاح:

عبدالله ملاح ولد عبدالمجيد ملاح 6 ـ آگسٽ 1968ع ۾ محلي سورج آباد دادو شهر ۾ اک کولي. تعليم انٽر تائين حاصل ڪئي اٿس. فني دنيا ۾ 1964ع ۾ پير پاتو. اڄ تائين لڳ ڀڳ سؤ ڊراما ڪري چڪو آهي. هن سنڌ جي تقريباً سيني شهرن ۾ ڊراما ڪيا آهن. هن کي ڪافي اوارڊ ملي چڪا آهن. جن ۾ استاد صالح ساند اوارڊ، سائين جي.ايم.سيد اوارڊ، سومرو سودائي اوارڊ ۽ استاد بخاري اوارڊ شامل آهن. منان عباسي سان گڏ آڊيو ۽ وڊيو فلمون بازار ۾ آيون آهن.

عبدالله ملاح 1987ع ۾ فرينڊس ويلفيئر اينڊ ڪلچرل ايسوسيئيشن جو بنياد وڌو ته هي، ان جو چيئرمن مقرر ٿيو. سندس فني دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ وارو رجب آزاد سولنگي آهي. جيڪو سندس فني دنيا جو استاد به آهي.

عبدالله ملاح کي.ٽي.اين ۽ سنڌ ٽي.وي تي مختلف ڪردار ادا ڪري ميجتا ماڻي چڪو آهي. هن وقت سنڌ ٽي.وي تي ڊائريڪٽر جي حيثيت سان ڊيوٽي سرانجام ڏئي رهيو آهي.

حسن کوکر:

حسن علي کوکر 1 ـ جنور 1953ع تي غلام حيدر کوکر جي گهر ۾ اک کولي. هن پرائمري تعليم پراڻي ديري اسکول مان، مٹرڪ طالب المولي هاءِ اسکول مان پاس ڪئي.

هو 1985ع کان فني دنيا سان واڳيل آهي. هن کل ويهن کان مٿي ڊراما ڪيا آهن. هن ڪيترن ئي فنڪارن سان ڪم ڪيو آهي. انهن ۾ ستار جمالي، منور سومرو مشتاق پرڳڙي، زاهد صديقي، غني قنبراڻي، حضور بخش گوپانگ، عبدالله ملاح ۽ بيا شامل آهن. هن فيلڊ ۾ ڪيس وٺي اچڻ وارا منان عباسي ۽ منور سومرو آهن.

لالا فيروز ڪنير:

لالا فيروز ڪنير 31- ڊسمبر 1979ع تي محمد اسماعيل ڪنير جي گھر ۾ اڪ ڪولي سنڌس جنم جواھ هنڊ خيرپورناٿن شاھ آھي. پرائمري سيڪنڊري ۾ انٽر دادو مان حاصل ڪيائين. ھن وقت تائين 30 ڊراما ڪ چڪو آھي. ڪيس مجتا طور اوارڊ مليا آھن.

لالا فيروزڪيترن ئي اسٽيج ڊرامن ۾ حصو ورتو. انھن شھرن ۾ دريا خان مري، نوشھروفيروز ڳُلجي اسٽيش ٽرڙي جادو شھيد ۾ ٻيا شھر شامل آھن. سنڌس رھائش دادو ۾ آھي.

وفا وزير پنھور:

وفا وزير پنھور جو اصل نالو وزير احمد پنھور آھي. سنڌس پيءُ جو نالو خان محمد پنھور آھي. هيءُ 16- ڊسم 1969ع تي ڳوٺ سيال تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. اسٽيج جي دنيا ۾ سال 1996ع ۾ پير پاتو. جملي 30 ڪن ڊراما ڪ چڪو آھي.

وفا وزير 20 ڪھاڻيون لکيون آھن ۽ 15 ڊرامن جون ھدايتون ڏئي چڪو آھي. ھن کي ڪافي اوارڊ ۽ م چڪا آھن.

سيد مشتاق شاھ:

سيد مشتاق شاھ ولد سيد نواز علي شاھ 1974ع ۾ دادو شھر ۾ ڄائو. تعليم مڊل تائين حاصل ڪئي اٺ سال 1997ع کان ڊرامن ۾ ڪردار ادا ڪندو اچي ٿو. ھن تقريباً 20 ڊراما ڪيا آھن. سڀ کان پھريائين 'عاشق ز پياڪ' ۾ ھن فني زندگيءَ جي ابتدا ڪئي.

مشتاق شاھ دادو کان علاوه جوھي، سيوھڻ، قاسم آباد، نيو جتوئيءَ ۾ پروگرام ڪيا آھن. جتي ڪيس بيحد مليو آھي.

علي اڪبر سولنگي:

علي اڪبر سولنگي ولد محمد عرس سولنگي 31- جولاءِ 1966ع تي ڳوٺ جنگو جمالي تعلقي جوھي جنم ورتو. پنجون درجو پرائمري اسڪول مزدورآباد مان پاس ڪيائين. مئٽرڪ ووڪيشل انسٽيٽيوٽ دادو مان، انٽ بي اي دادو مان پرائيويٽ شاگرد جي حيثيت سان پاس ڪيائين. علي اڪبر سولنگي 8- جون 1988ع تي استا پيشي سان منسلڪ ٿيو.

ھن پنھنجو فني سفر 1982ع کان ڊرامي لڙڪن متان لڙڪ سان ڪيو. ان کان پوءِ جذبات، حقيقت، مة عاشقن سان ڏاڍلي عشق تي ڪرنيو ڪٽراڳ ۾ ھين درامن ۾ ڪم ڪيو. سال 1991ع ۾ نئين سال جي ڇھرين ڏ پائلٽ ھاءِ اسڪول ۾ ملھائي وڻي. ان ۾ ڪم ڪيو. اظھر منگي ۽ رشيد چارڻ سان شامون ملھايون ويون. ان ۾ به ڪ ادا ڪيائين. لياقت ميڊيڪل ڪاليج جام شوري ۾ تلاش ڊرامو پيش ڪيو ويو. ان ۾ به ڪردار ادا ڪري خوب حاصل ڪيائين. 1984ع ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچي تان مزاحيه پروگرام ڪيائين. ان کان علاوه پروڊيوسر مه اقبال جعفري جو پروگرام جھان معلومات ۾ به حصو ورتو.

علي اڪبر سولنگي سماجي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو اچي ٿو. 1988ع ۾ سنڌ ويلفيئر ۽ ڪلچ آرگنائيزيشن جو ميمبر ٿيو ۽ 1993ع ۾ ھن تنظيم جو پريس سيڪريٽري به رھيو. اڄا تائين پنھنجون فني ۽ سما سرگرميون جاري رکندو پيو اچي.

سعيد صديقي:

سعيد صديقي ولد جان محمد صديقي 14 ـ ڊسمبر 1966ع تي ڳوٺ دوآهو تعلقي دادو ۾ جائو. ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول دوآهو مان حاصل ڪيائين. سيڪنڊري تعليم دادو شهر مان حاصل ڪئي اٿس.

سعيد صديقي جا ڪيترائي اسٽيج ڊراما ٽيل آهن. جن ۾ مون ۾ آهين تون مڙس مسواڙ جو. ياد رکندي دنيا. چڪر باز. انتقام. وڇوڙو واندو ناهيان انتظار ڪر. توکان ٽيندي ڏار ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن. هن ڪيترائي اوارڊ حاصل ڪيا آهن. جن ۾ ايشين اوارڊ ۽ پاڪستان رائيٽر. فلاحي ڪائونسل طرفان سرٽيفڪيٽ به شامل آهن.

ذوالفقار "ڪُل" سولنگي:

ذوالفقار سولنگي ولد ڪُل خان سولنگي 13 ـ آگسٽ 1978ع تي دادو شهر ۾ جائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد دادو مان پڙهي. گورنمينٽ هاءِ اسڪول غريب آباد دادو مان مٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين.

ذوالفقار سولنگي پنهنجي ننڍي زندگيءَ جو آغاز اسٽيج ڊرامن کان ڪيو هن جو پهريون ڊرامو ڏئي جان ڇڏاءِ هو. ان کان پوءِ اڳيان ڏوکر پويان جوکر. پئسي جو ڪمال. دادو زور آ. انٽرنيشنل سپاهي. چڪر باز ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن.

دادو کان علاوه جوهي. خيرپورناٿن شاهه ۽ چنبڙ موري تي به پروگرام ڪري چڪو آهي. سندس ڪنسي سفر جاري آهي.

زاهد صديقي:

زاهد صديقي ولد جان محمد صديقي 20 ـ جولاءِ 1969ع تي ڳوٺ دوآهو تعلقي دادو ۾ جائو. پرائمري تعليم دوآهو اسڪول مان حاصل ڪيائين. مٽرڪ ۽ انٽر تعليم حاصل ڪري تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو.

هن ڪيترائي ڊراما ڪيا آهن. جن ۾ مڙس مسواڙ جو. ياد رکندي دنيا. واندو ناهيان انتظار ڪر ۽ ٻيا ڊراما شامل آهن.

زاهد صديقي کي ڪيترائي اوارڊ پڻ ملي چڪا آهن.

عبدالغني قنبراڻي:

عبدالغني قنبراڻي ولد ڏٻي بخش قنبراڻي 12 ـ آگسٽ 1975ع تي ڳوٺ فاروق آباد تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم انٽر تائين حاصل ڪئي اٿس.

غني قنبراڻي تعليم سان گڏ ثقافتي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو آيو آهي. هن جا يادگار اسٽيج ڊراما وڏيرو. حساب. پلاند. يزيد. قيدياڻي. انتقام. سنگدل. انقلاب. ماحول. قهر. ظالم. ڏهڪاءُ. توکان ٽيندي ڏار ۽ سچ وڏو ڏوهاري آهي شامل آهن. کيس ڪيترائي اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا آهن. هن ڪي. ٽي. اين تي به ڪيترائي ڪردار ادا ڪيا آهن.

عبدالستار جمالي:

عبدالستار جمالي ولد محمد لاٽ جمالي ننڍي نالو ستار جمالي 17 ـ آڪٽوبر 1964ع تي ڳوٺ پير ڪٽيو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پير ڪٽيو اسڪول مان حاصل ڪري پائلٽ هاءِ اسڪول مان مٽرڪ پاس ڪيائين. انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان پاس ڪري استادي پيشو اختيار ڪيائين.

ستار جمالي شاگردي واري دور کان ئي پنهنجي فن جي شروعات ڪئي. سندس پهريون اسٽيج ڊراموِ 1984 ۾ نصير آباد ۾ ٿيو جتي کيس ڪافي داد مليو. هن لڳ ڀڳ 30 اسٽيج ڊراما ڪيا آهن. اڪثر مزاحيه ڪردار ادا ڪن آهي.

ستار جمالي ڊراما نويس پڻ آهي ۽ ڪجهه ڊرامن جي ڊائريڪشن پڻ ڏني آهي ڪجهه ڊراما ڪي. ٽي. اين تا به ڪيا اٿس. سندس فني سفر جاري آهي.

تسليم "دارا":

تسليم حسين "دارا" ولد محمد پريل ذات ميمڻ نومبر 1965ع تي ڳوٺ دين محمد شاهاڻي تعلقي دادو ۾ جن ورتو. ابتدائي تعليم اسڪول غريب آباد دادو ۾ پڙهيو. ثانوي تعليم به دادو مان حاصل ڪئي. اٿس. ننڍي هوندي ک ثقافتي سرگرمين ۾ حصو ونندو پيو اچي. هن ڪيترن ئي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي. جن ۾ ظلم جو انجام. غيرت غريب جو شان ۽ شريف گنهگار به شامل آهن.

تسليم "دارا" ٻين سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن سان به وابسته رهيو آهي. جن ۾ سنڌ لوڪ ثقافت تنظيم دا ٻنائي آرٽس ڪائونسل دادو. بسنت ڪائونسل دادو شامل آهن. هن ٽيليويزن تي مزاحيه پروگرام غلطي معاف ۾ به ڪ ڪيو آهي. هن وقت ڪي. ٽي. اين تي مزاحيه پروگرام پيش ڪري رهيو آهي. سندس فن جو سفر ايڏا جاري آهي.

بخشل چارڻ:

بخشل ولد محمد حسن چارڻ 25_ جنوري 1954ع تي غريب آباد محلي دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعل گورنمينٽ پرائمري اسڪول غريب آباد دادو ۾ مٽرڪ پائلٽ سيڪنڊري اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. بي.ا ايم.اي ۽ بي.ايڊ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪيائين ۽ ايم.ايڊ زرعي يونيورسٽي ٽنڈوجام مان حاصل ڪيائين.

بخشل چارڻ 1972ع ۾ پرائمري استاد جي حيثيت ۾ مقرر ٿيو ۽ ڪيس آگسٽ 1988ع ۾ پروموشن ڏئي ه اسڪول ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. ايجان تائين استادي جهڙي معزز پيشي سان لاڳاپيل آهي. درس و تدريس کان علا سماجي. ثقافتي سرگرمين ۾ به بهرو ونندو پيو اچي. سنڌ ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن سواڪا ۾ مختلف عهد تي به رهيو آهي. ڪيس شاگردي جي دور کان ڳائڻ وڄائڻ ۽ اسٽيج ڊراما ڪرڻ جو شوق هو. ڪيس اسٽيج ڊرامن ۾ تقر 20 سالن جو تجربو آهي. سواڪا طرفان ڊراموِ عاشق سان ڏاڏلي ۽ ابو بلال آرٽ ڪلب طرفان عشق تي ڪرفيو پيش ڪيو ويو. ان ۾ به بهرو ورتائين. هن جمعدار. آفيسر. منشي. ڪاميڊي. نوڪر. ڏاڙيل. مظلوم هاري. پورهيت ۽ رئيس وغ جا ڪردار سهڻي نموني نيايا آهن. ازانسواءِ اسڪائوٽ يونٽ ليبر جي حيثيت ۾ گهوڙا گلي ۾ قلندر شهباز جي شان قوالي ۽ رقص پيش ڪيو ۽ سامعين بيحد سراهيو.

محمد بخش سميجو:

نامور پروڊيوسر ۽ ليکڪ محمد بخش سميجو ڳوٺ پٽيجي تعلقي ميهڙ ۾ ڄائو. اتان سڪونت ترڪ ڪ دادو شهر جي مشهور ۽ سفيد پوش محلي "جڳت آباد" ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. تعليم دادو ۾ حاصل ڪيائي گريجوئيشن سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪري پاڪستان ٽيليويزن ڪراچي سان منسلڪ ٿي ويو. هن ٽيليويزن پروڊيوسر جي حيثيت سان ڪيترائي اردو سنڌي ڊراما لکيا آهن. جيڪي يادگار سمجهيا وڃن ٿا. انهن ۾ ڏهن. راڻي ڪهاڻي. جنگل. غلام. چوٽي سي دنيا. انگاري. سوال ۽ بيا ڪوڙسارا ڊراما شامل آهن.

محمد بخش سميجي پروڊيوسر جي حيثيت سان ڪيترائي نوان چهرا ٽيليويزن تي متعارف ڪرايا. جيڪي اڄ فني دنيا ۾ پنهنجو نانءُ پيدا ڪري چڪا آهن.

محمد بخش سميجو سال 2003ع ۾ وفات ڪري ويو آهي.

محمد عظيم ڪوڪر:

محمد عظيم ڪوڪر ولد محمد عرس ڪوڪر 1942ع ڏاري ڳوٺ پراڻو ديرو تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي حاصل ڪيائين. هن پنهنجو فني سفر اسٽيج ڊرامن کان شروع ڪيو. ڪيترائي ڪامياب ڊراما ڪيائين. سندس جي مختلف شهرن ۾ ڊراما ڪري داد حاصل ڪيو. عظيم ڪوڪر پراڻي ديري کان علاوه قلجي، پيارو ڳوٺ، سيتا، پاٽ، سيوهڻ، خيرپور ناٿن شاهه، ميهڙ، راتڙا، ٽيشن، نانگو شاهه، دادو ۽ بين ڪيترن ئي شهرن ۾ ڊراما ڪيا. ڊرامن کان علاوه هڪ سندس فلم "نادر گوهر" ۾ به ڪم ڪيو.

محمد عظيم ڪوڪر سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو آيو آهي. سندس ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا) جو ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو چيئرمين، شعبه ڪلچر جو چيئرمين به رهيو. سواڪا جي پليٽ فارم تان به ڪافي ڊراما پيش ڪيا ويا. سر تاج سنگت ڊراميٽڪ سوسائٽي پراڻو ديرو طرفان به ڪافي اسٽيج ڊراما پيش ڪيائين. سائين گڏ استاد بخاري سيد حسين شاهه لکياري، سيد حاڪم علي شاهه بخاري، الله نواز رکڻائي، قاسم شاداب، نعيم ملڪ، زاهد ملڪ، ڊاڪٽر نياز چنو الهندو ابڙو، دادن پنهور، مولا بخش پنهور، محمد صفر ڪوريجو، محمد ادريس ڪوريجو، غلام مرتضيٰ سومرو، حميد راهي، ميمڻ سڪندر سومرو، لياقت ميمڻ، علي نواز چنو، علي نواز کهڙو، مرحوم بخش علي پنهور، شبير احمد مشوري، رشيد چارڻ، خان محمد دستي، فتح علي پنهور، نظير احمد انصاري، حيدر شاهه، قادر بخش قلندر ميمڻ، محمد بچل پتافي، سيد منظور حسين شاهه، صلاح الدين پنهور، رئيس بنو خان پنهور ۽ ٻيا شامل هوندا هئا.

ڪوڪر صاحب جو صحافت سان به تعلق رهيو. هن مساوات، سندو مشرق، هلال پاڪستان، عبرت ۾ صحافيءَ جي حيثيت سان ڪم ڪيو. ان کان علاوه ٽيليويزن تان ڊراما به ڪيا اٿس. جن ۾ پاڇي جي تلاش، گنهگار اکيون، آرسيون، جانچ ۽ ٻيا شامل آهن. پاڻ 2007ع ۾ گذاري ويو.

قاسم شاداب/ حڪيم محمد قاسم پنهور:

حڪيم محمد قاسم پنهور ولد عبدالحڪيم پنهور 1- جنوري 1950ع ۾ جنم ورتو. پنجون ڪلاس پرائمري اسڪول مانجهند ۽ مئٽرڪ قلجي اسٽيشن مان پاس ڪيائين. تعليم بي. اي تائين اٿس. حڪمت جي پيشي سان وابسته آهي. مهراڻ طبيه ڪاليج مورو ضلع نوشهرو فيروز مان طب جي سند ورتي. باقاعده حڪمت جي ڊڊي سان وابسته ٿي ويو آهي. سندس شفاخانه قلجي اسٽيشن ۾ آهي.

حڪيم محمد قاسم پنهور پنهنجو فني سفر اسٽيج ڊرامن کان ڪيو. هن 1977ع کان 1992ع تائين ڪل 18 ڊراما ڪيا آهن. جن ۾ هيرو ۽ ولن جا ڪردار ڪري چڪو آهي. هن ڪجهه ڊراما پروڊيوز به ڪيا آهن ۽ ڪجهه لکيا به آهن. حڪيم محمد قاسم پنهور ڏرتي آڪاش، محبت ۽ مذهب، اسماعيل بن واصف جي فلم ۾ به ڪردار ادا ڪيو پر رليز نه ٿي سگهي. ان کان علاوه ٽي وي ڊراما پاڇولا ۾ به ڪردار ادا ڪيو آهي.

حڪيم محمد قاسم سماجي سرگرمين ۾ به ڀرپور حصو وٺندو اچي ٿو. سندس ويلفيئر اينڊ ڪلچرل

آرگنائيزيشن سواڪا شعبہ ڪلچر جو چيئمپين بہ رهيو سگا ڏلجي اسٽيشن ۾ سنڌي ادبي سنگت ۾ بہ ميمبر رهيو آهي.

حڪيم محمد قاسم پنهور سماجي ثقافتي سرگرمين کان علاوه سياسي سرگرمين ۾ بہ حصو ونڊندو اچي ٿو. سال 1978ع تي ڏلجي اسٽيشن جي اتر ۾ 1 ڪلوميٽر فاصلي تي بولان ميل کي حادثو پيش آيو جنهن ۾ ڪافي مسافر زخمي ۽ فوت ٿيا. پ پ سان وابستگي سبب ڪيترا ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا، جنهن ۾ محمد قاسم پنهور کان علاوه رئيس بنو خان پنهور، رئيس ڏاتل خان پنهور، غلام نبي پنهور، ولي محمد دريشاڻي، قاضي علي حيدر، خير محمد پنهور ۽ رئيس نبن خان چانڊيو بہ شامل هئا. محمد قاسم کي ٽي. اين ٽي بہ ڪردار ادا ڪندو رهي ٿو.

احمد ميمڻ:

احمد ميمڻ دادو شهر جي سيٺ الله بچايو ميمڻ گهٽي ۾ اک کولي. ابتدائي تعليم مين اسڪول دادو مان حاصل ڪري، مٽرڪ بہ دادو مان پاس ڪيائين. انٽر بہ دادو مان ڪيائين. ان کان پوءِ منهنجو فني سفر ٽيليويزن تان سنڌي ڊرامي کان ڪيو. پاڻ ڪيترائي يادگار سنڌي ڊراما پيش ڪري چڪو آهي جيڪي بيحد پسند ڪيا ويا آهن.

احمد ميمڻ سنڌي ڊرامن کان علاوه ڪيترن ئي اردو ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي جيڪي بہ شهرت ماڻي چڪا آهن. احمد ميمڻ جو فني سفر جاري آهي ۽ اميد ڪري سگهجي ٿي. تہ هي نوجوان فن جي بلندين تي پهچي ويندو.

احمد الله (ٽوني):

احمد الله عرف ٽوني 23 ـ نومبر 1970ع تي دادو جي نامياري وڪيل غلام اڪبر قريشيءَ جي گهر اک کولي. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مين دادو مان پاس ڪيائين. ثانوي تعليم پرمانند هرداس سيڪنڊري اسڪول دادو مان ۽ بي. اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ حاصل ڪيائين.

احمد الله ٽوني فن جي شروعات پرائمري تعليم دوران ڪئي. هي جڏهن ڇهين ڪلاس ۾ پڙهندو تہ اسڪائوٽ ٽيم جتي سندس رهبري استاد هدايت الله مگسي ڪئي. ان عرصي دوران مزاحيہ قوالين ۽ مشاعرا بہ ڪرڻ لڳو. مزاحيہ شاعريءَ ۾ سندس استاد مرحوم سومرو سودائي هو. هن دادو شهر ۽ ان کان ٻاهر بہ اسٽيج ڊراما ڪيا آهن. انهن شهرن ۾ ڏلجي، سيتا، پان، سيوهڻ، جوهي، پاڻ شريف، جهول، ميهڙ، ڪراچي ۽ بين شهرن ۾ اسٽيج ڊراما ڪيا اٿس.

احمد الله ٽوني ڪي ٽيليويزن تان متعارف ڪرائڻ وارو محمد بخش سميجو آهي. هن ڪي ٽيليويزن تي ڊراما سيريل روپ هزار ۾ ٻناڪي جو ڪردار ڏنو ويو. جتي شرط اهو رکيو ويو تہ نوڙهہ ڪرائي. هن فن لاءِ قرباني ڏئي متو ڪوڙائي ٽڪٽ ڪرائي. ان کان پوءِ ڪيس ڪيترائي ڊراما ملندا رهيا، جن ۾ روپ هزار، چهچٽو روشن تارا، گهر پاتي وساريل واٽون، نئين ٿهي، پتلي تماشا، ڪاش مين ايڪ چڙيا هوتي، ٿهڪ تائم، پرچن شال پنهوار، ڏول ۾ ڦول ۽ پرڪ شامل آهن. سندس پسند جا پروڊيوسر محمد بخش سميجو، منظور قريشي، فدا حسين بلوچ، سميع بلوچ، فيض ٻگهيو، بادل جمالي، منظور مگسي، هارون رند ۽ بيدل مسرور آهن. هن کي زيب سنڌي علي بابا، شمشيرالحيدري، امر جليل، حفيظ ڪنير، حق نواز 'سيماب' سمو ڪيهر شوڪت جا ڊراما وڻندا آهن.

ٽوني کي استاد محمد جمن، استاد منظور علي خان، فقير عبدالغفور، محمد ابراهيم، ماسٽر چندر مائي پاڪي، عابده پروين، محمد يوسف ۽ بيا فنڪار وڻندا آهن. هن اسٽيج تي بہ سؤ ڊراما ۽ ٽيليويزن تي 20 ڊراما ڪيا آهن. ڪي. ٽي. اين ۽ سنڌ ٽي. وي تي بہ پنهنجي فن جي ڪري رهيو آهي.

سرفراز احمد پنهور:

سرفراز احمد پنهور ولد محمد هاشم پنهور دادو شهر ۾ جائو. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري مين اسڪول دادو مان حاصل ڪري پائلٽ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. مئٽرڪ پاس ڪري انٽر به دادو ميان ڪيائين. سندس تعليم ايم. اي فائن آرٽس فرسٽ ڪلاس ٿرڊ پوزيشن آهي.

سرفراز پنهور پنهنجي فن جي شروعات 1984ع ۾ اسڪول جي ننڍڙن اسٽيج ناٽڪن سان ڪئي 1987ع ۾ منان عباسيءَ جي لکيل ڊرامي 'اباڙي عيد آئي' ۾ ڪردار ادا ڪيو. هيءُ ڊراموآراضيءَ ۾ پيش ڪيو ويو هو.

اڄ تائين 50 کان وڌيڪ ڊراما ڪري چڪو آهي. انهن ۾ جائو آهين يا پيڄي آيو آهين، هل ته پيڄي هلون واڙي ليلي واندو مجنون شامل آهن. سرفراز پنهور دادو جوهي، خيرپور ناٽن شاهه ميهڙ، نصير آباد، لاڙڪاڻو ڳڙهي خيرو راڻيپور، سوپو ديرو حيدرآباد، سيوهڻ، ڀان، بوبڪ ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

رفيق 'آزاد' ملاح:

رفيق احمد ملاح ولد فتح محمد ملاح ادبي نالو رفيق 'آزاد' ملاح تاريخ 31_ جولاءِ 1970ع تي دادو شهر ۾ جائو. ابتدائي تعليم غريب آباد اسڪول مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ پائلٽ اسڪول دادو مان ۽ انٽر استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان ڪيائين.

هن پنهنجي فن جي شروعات 1989ع ۾ اسٽيج ڊرامي کان ڪئي. هن وقت تائين سٽ کان وڌيڪ ڊراما ڪري چڪو آهي، جن ۾ دادو زور آ، سپ خير آ، ڏنو پٽ چٽي جو جائو آهين يا پيڄي آيو آهين، واڙي ليلي واندو مجنون، اڳيان ڏوکڙ پويان جوکر ۽ ٻيا ڪيترائي ڪامياب ڊراما آهن. هن وقت تائين دادو حيدرآباد، ڪراچي، ڪوٽڙي، نصرپور، سيوهڻ، ڀان قلجي اسٽيشن، ٽلٽي، قل، جهانگارا ۽ ٻين ڪيترن ئي شهرن ۾ ڪردار ادا ڪري چڪو آهي. کيس ڪجهه اوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ به ملي چڪا آهن.

منور علي سومرو:

منور علي سومرو ولد محمد سليمان سومرو تاريخ 9_ مئي 1968ع تي ڳوٺ پاڳو ديرو تعلقي ڪنڊياري ۾ جائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ دادو مان حاصل ڪري انٽر، بي. اي ۽ ايم. اي جون ڊگريون حاصل ڪري چڪو آهي.

هن فن جي شروعات 1983ع ۾ ڪئي. منور سومري اڄ تائين 30 کن ڊراما سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪري چڪو آهي. جن ۾ دوا اندر دم ٻاهر، ڇڙها ڇگاهون، شادي بابي جي، محبت زندهه آباد، ڏنو پٽ چٽي جو ۽ ماسات شامل آهن. منور سومري جون 4 کن آڊيو ڪيسٽون بازار ۾ اچي چڪيون آهن. کيس فني مڃتا طور آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ اوارڊ عطا ڪيو ويو. ان کان سواءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو طرفان به سرٽيفڪيٽ عطا ڪيو ويو آهي.

منور سومري جو ڪيترين ئي سماجي ۽ ثقافتي تنظيمن سان واسطو آهي. جن ۾ سنڌو ويلفيئر اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن سواڪا، آل فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ ٻين تنظيمن جو عهديدار ۽ ميمبر رهيو آهي. هن ڪي. ٽي. اين. ٽي به مختلف ڪردار ادا ڪيا آهن.

صدرالدين پنهور:

صدرالدين ولد شير محمد پنهور فني نالو صدر جان پنهور 1979ع ۾ ڳوٺ رب رکيو پنهور تعلقي دادو ۾ ڄا پنجون درجو پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪري طالب المولي هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين. مٽرڪ پاس ڪري اس بخاري ڊگري ڪاليج دادو ۾ داخلا ورتائين. تعليمي سفر جاري آٿس.

صدرالدين پنهور پنهنجي فن جي شروعات واندو ناهيان انتظار ڪر سان ڪئي. ان کان علاوه سندس ٻ ڊراما عشق عبادت آ، سزا پيار جي، بغاوت، پاپي دنيا، ياد رکندي دنيا، جيڪو نصيب نياڻي جو ڏرتي دل وارن جي، زهر ج جي زندگي شامل آهن.

غلام دستگير پنهور:

غلام دستگير ولد حاجي نبي بخش پنهور ڳوٺ ٻڏڙا تعلقي جوهيءَ ۾ جنم ورتو. پنجون درجو ڳوٺ ٻڏڙا تعلق جوهيءَ مان پڙهي. طالب المولي هاءِ اسڪول دادو ۾ داخل ٿيو. اتان مٽرڪ پاس ڪيائين. انٽر ڊگري ڪاليج مان پا ڪري استاد مقرر ٿيو. سندس فائنل تعليم بي. اي آهي.

دستگير پنهور پنهنجي فني سفر جو آغاز اسٽيج ڊرامن کان ڪيو. 1985ع کان اڄ تائين ڪيترن ئي ڊرامن ڪم ڪري چڪو آهي. هن دادو جوهي، يان سيوهڻ، خيرپور ناٿن شاهه، لاڙڪاڻي، مورو، نيو جتوئي، نوشهروفير ڪراچي، ڪوئيٽا ۽ اسلام آباد ۾ پنهنجي فن جو مظاهر ڪري چڪو آهي. ان کان علاوه 12 ڊراما پروڊيوز ڪيا آٿ هن نوڪر، منشي، وڏيري، واڻئي ۽ موالي جا ڪيريڪٽر ادا ڪيا آهن. دستگير پنهور پٽائي آرٽ ۽ سماجي ڪلب د جو صدر، آل فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن دادو جو جنرل سيڪريٽري به رهي چڪو آهي. سندس فني سفر جاري آهه ان سان گڏ ڪي. ٽي. اين ٽي ۾ ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. مستقل رهائش دادو ۾ آٿس.

اسد ڪورائي:

اسد ڪورائي جو نالو رسول بخش ڪورائي آهي. سندس والد جو نالو خدا بخش آهي. اسد ڪورائي جنو 1975ع ۾ ڪانياواڙي پاڙي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون درجو گورنمينٽ پرائمري مين اسڪول دادو مان پاس ڪيائي پنجون درجو پاس ڪري هاءِ اسڪول ۾ داخلا ورتائين جتان مٽرڪ پاس ڪري الڪٽريشن مان ڊپلوما ڪيائين. ه وقت واپڊا دادو ۾ ملازم آهي.

اسد ڪورائي پنهنجو فني سفر 1991ع ۾ اسٽيج ڊرامي کان ڪيو. سندس پهريون ڊراموعشق تي ڪرفيو جنهن جو رائيٽر عبدالمنان عباسي هو. اڄ تائين ڪيترائي اسٽيج ڊراما ڪري چڪو آهي. اسد ڪورائي 1991ع ڪ اڄ تائين جيڪي ڊراما ڪيا آهن. انهن ۾ جت جي شادي ڄڃ سان تعدي، ڏٽي جان ڇڏاءِ، پٽسي جو ڪمال آ، اڳ ڏوڪڙ پويان جوڪر، بيروزگار عاشق، پيار وڇڙي ويو، مجبور ماڻهو جاهل انسان، زندگي، روپ هزار، چورا چڇورا، شه نياڻي، عشق آتوميٽڪ، عاشق زهر پياڪ، نازڪ ناتا نينهن جا، دغا باز ظالم، سنگدل، واندو ناهيان انتظار ڪر، هر چتي نواب خان ڏهاڪي، ظلم جي ننگري، قيديانڻي، ماستر ڏجي ۾ مستر موالي، مستر ناڪي منشي، جيڪو نياڻي نصيب، سزا پيار جي، طلاق، زهر جن جي زندگي، داداگير، طوفان، توکان ٽيندي ڌار ۽ پيا ڪوڙ سارا ڊراما ڪيا آهن. ان ڪ علاوه ٻن وڊيو فلمن گلدستو غيرت جو ڪئپسول ۽ ٻين ڪيترن ئي جونيئر هدايتڪارن فنڪارن ۽ ليکڪن س ڪم ڪيو آهي. سندس استاد سنڌ جو مشهور ڪاميڊين عبدالله ملاح آهي. جهولي لال آرٽ سرڪل دادو طرفان ا

ڪورائي سان رهاڻ رچائي وئي. جنهن ۾ سنڌس فني عيوض 30 اجرڪن جا تحفا ۽ ٻيون سوڪڙيون پيش ڪيون ويون. هن رهاڻ ۾ دادو ميهڙ کان علاوه جوهي، سيوهڻ، ڄام قلجي اسٽيشن، موروڻ ٻين شهرن جي فنڪارن شرڪت ڪئي.

راجا رفيق پنهور:

راجا رفيق پنهور ولد محمد صديق پنهور 30 ـ مارچ 1972ع تي ڳوٺ آدم پنهور تعلقي دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم دادو مان حاصل ڪئي. هن پنهنجي فني سفر جو آغاز 1992ع کان ڪيو. سنڌس پهريون اسٽيج ڊرامو ڇٽ جي شادي ڇڇ سان تعدي هو جيڪو فواڪا دادو طرفان ڊسٽرڪٽ ڪائونسل دادو پارڪ ۾ پيش ڪيو ويو.

راجا رفيق پنهور 1992ع کان اڄ تائين 35 ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي. جن ۾ ڇٽ جي شادي ڇڇ سان تعدي، بيروزگار عاشق، مجبور ماڻهو، جاهل انسان، شهيد، نواب خان، ظلم جي نگري، انتقام، پٽسي جو ڪمال، مسٽر موالي، يارن سان هڙا ليکا، توکان ٽيندي ڌار، قيديائي، ظالم، پيار تان قربان، انڊو ٽو ڪيڊي اڪ ٻوٽ، محل جي راڻي، جهوپڙي، نياڻي سزا، بيمار جي عشق عبادت آ، انصاف ڪٽي آ، وغيره شامل آهن. راجا پنهور هن وقت تائين دادو کان علاوه جوهي، اميناڻي شريف، ٽرٽي جادو شهيد، ڄام سيد آباد ۽ سيوهڻ ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

راجا رفيق پنهور سان قلمي ۽ فني خدمتن جي عيوض 1997ع ۾ شاهين الشهباز آرٽ ڪلب دادو طرفان ڊسٽرڪٽ ڪائونسل پارڪ دادو ۾ هڪ رنگا رنگي شام ملهائي وئي. راجا رفيق پنهور کي هن فيلڊ ۾ ميڙ قدرت الله پنهور متعارف ڪرايو. هن فيلڊ ۾ سنڌس استاد عبدالله ملاح آهي. راجا رفيق پنهور ثقافتي ۽ فني دنيا کان علاوه صحافت سان به وابسته آهي. 1995ع ۾ حيدرآباد مان نڪرندڙ سنڌي شوبز اخبار مهڪ ۽ پي اخبار فنڪار لوگ سان به منسلڪ رهيو ۽ ان اداري بهترين ڪارڪردگيءَ سبب ڪيس حسن ڪارڪردگيءَ جو تمغو عنايت ڪيو. هن روزانه عوامي آواز ڪراچي ۽ روزانه شام حيدرآباد ۾ به ڪالم لکيا آهن.

راجا رفيق پنهور جو فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن ڳوٺ آدم پنهور سنڌي ادبي سنگت دادو سان به تعلق آهي. اهڙي طرح راجا رفيق پنهور پنهنجون ثقافتي ۽ ادبي خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو. راجا رفيق پنهور کي ٽي. اين تي به ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

محمد خان ٻهر:

محمد خان ٻهر ولد اسماعيل ٻهر تاريخ 2 ـ نومبر 1967ع تي ڳوٺ حاجي گل ٻهر تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون درجو گورنمينٽ پرائمري اسڪول لطف علي ٻهر مان حاصل ڪري، طالب المولي هاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. اتان مئٽرڪ پاس ڪري ڊگري ڪاليج مان انٽر ڪيائين.

هن فني سفر اسٽيج ڊرامي کان ڪيو. جيڪو 12 ـ سيپٽمبر 1996ع ۾ پيش ڪيو ويو. هن وقت تائين ڪيترائي ڪامياب ڊراما پيش ڪري چڪو آهي. جن ۾ مجبور ماڻهو، شهيد، نازڪ ناتا نينهن جا، دغا باز بغاوت، پاپي دنيا، نواب خان، مسٽر موالي، انڊو ٽو ڪڊي اڪ ٻوٽ، عشق عبادت آ، ڏرتي دل وارن جي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ڊراما آهن. جن ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاري چڪو آهي.

زيب اي بلوچ:

ذوالفقار علي ولد راوت تخلص زيب اي بلوچ تاريخ 28 ـ فيبروري 1979ع تي ڳوٺ احمد خان جتوئي تعلقي

دادو ۾ ڄائو. شروعاتي تعليم پوليس هيڈڪوارٽر اسڪول دادو مان. مئٽرڪ پائلٽ اسڪول دادو مان. انٽر ڪمرشيل ڪاليج دادو مان. بي. ڪام سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري مان حاصل ڪيائين.

هن فن جي شروعات 1998ع ۾ ڊرامي ڏهڪاءَ کان ڪئي. هن وقت تائين تقريباً 25 ڊراما ڪري چڪو آهي. انهن ۾ ڏهڪاءُ، زخم زندگي جا، دلين جا فيصلا، ڪوڙيءَ کي گهُمري سچ وڏو ڏوهاري آ، ڏرتي دل وارن جي، پيار ناهي پاپ نياڻي، پيلهه تي پابندي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا ڊراما آهن. دادو جوهي، سيوهڻ، ڪلجي اسٽيشن، پاٽ، ڳڙهي خيرو نصير آباد، مخدوم بلاول ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. زبداي بلوچ ڀٽائي آرٽ ۽ سماجي ڪلب جو سرگرم ميمبر آهي.

شرف الدين چهوڻ:

شرف الدين چهوڻ ولد علي گوهر چهوڻ تاريخ 3- مارچ 1983ع تي پير الاهي بخش ڪالوني دادو ۾ جنم ورتو. مزدور آباد اسڪول دادو مان پنجون درجو پاس ڪري، پائلٽ هاءِ اسڪول دادو ۾ داخلا ورتائين. اتان مئٽرڪ پاس ڪري استاد بخاري ڊگري ڪاليج ۾ داخلا ورتائين ۽ اتان انٽر جو امتحان پاس ڪيائين.

شرف الدين چهوڻ پنهنجي فن جي شروعات اسٽيج ڊرامي مظلوم کان ڪئي. اڄ تائين 15 ڊراما ڪري چڪو آهي. هن دادو ڪلجي اسٽيشن، پراڻو ديرو امياڻي ۽ ٻين شهرن ۾ ڪردار ادا ڪيا آهن.

محرم لغاري:

محرم لغاري 15- اپريل 1979ع تي آفندي پيٽروليم سروس پرسان دادو شهر ۾ ڄائو. پرائمري تعليم مڪمل ڪري انگريزي ۾ داخلا ورتائين ۽ مئٽرڪ پاس ڪرڻ کان پوءِ فني سفر شروع ڪيائين. هن جو پهريون مڪمل ڊراما واندو ناهيان انتظار ڪر. جيڪو سليم صديقيءَ جو لکيل هو ان ۾ ڪم ڪيو. فني فيلڊ ۾ سندس استاد خير محمد سومرو آهي.

محرم لغاري هن وقت تائين تقريباً 30 ڊراما ڪري چڪو آهي جن ۾ نواب خان، هوٻ ته چتي، ويچوڙو سزا پيا جي، ڏرتي دل وارن جي شامل آهن.

خادم حسين ڪوڪر:

هن پنهنجو فني سفر 1996ع ۾ اسٽيج ڊرامي کان ڪيو. اڄ تائين 17 ڊرامن ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. جن ۾ سپ خير آ، ڏنوپٽ چتي جو ۽ ٻيا شامل آهن.

هن آڊيو ڪيسٽن ۾ ساڻي فنڪارن جي حيثيت سان ڪم ڪيو آهي. جن ۾ خادم حسين ٺهيم ملي لٽر جو ڪچهري ۽ لونگ وسائي گلان شامل آهن. خادم حسين ولد محمد خان ٺهيم تاريخ 4- جنوري 1979ع ۾ دادو شهر ۾ ڄائو. تعليم انٽر تائين حاصل ڪئي. سندس مجتا طور فواڪا آرٽ ڪلب دادو طرفان سرٽيفڪيٽ عطا ڪيو ويو آهي.

خادم ٺهيم ڪجهه شاعري به ڪئي آهي. سندس شاعري جو استاد ذوالفقار ذوق ساند آهي.

راجا منير سولنگي:

راجا منير احمد ولد دين محمد سولنگي 13- جولاءِ 1972ع ۾ سورج آباد محلي دادو ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري مين اسڪول دادو مان حاصل ڪئي. مئٽرڪ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان. بي. اي سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين.

هن فن جي شروعات 1994ع ۾ ڊرامي پسند بابي جي سان ڪئي. اڄ تائين تقريباً 23 ڊرامن ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. جن ۾ توڪان ٽيندي ڏار، مستر چينو ياد رکندي دنيا، نياڻي سر فهرست آهن. دادو کان علاوه جوهي، سيوهڻ، ڏلجي ۽ نوان جتوئي ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي.

شفيع محمد قريشي:

شفيع محمد قريشي دادو ۾ ڄائو سندس والد جو نالو محمد افضل قريشي آهي. پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مزدور آباد مان ڪئي. مئٽرڪ جو امتحان 1982ع ۾ پائلٽ هاءِ اسڪول دادو مان پاس ڪيائين. آرٽ جو امتحان حيدرآباد مان پاس ڪيائين. آرٽ جو پيو امتحان بيورو آف ڪريڪيولم حيدرآباد مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. هن وقت سورهين اسڪيل ۾ ڊرائنگ ماستر جي حيثيت سان ايمينٽري اسڪول دادو ۾ پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. مصوريءَ سان خاص دلچسپي رکي ٿو. آئل پينٽ پورٽريٽ ۽ لئنڊ اسڪيپ ۾ مهارت رکي ٿو.

شفيع محمد قريشي ثقافتي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺندو رهيو آهي. هن تقريباً 15 کن اسٽيج ڊرامن ۾ ڪم ڪيو آهي. هڪ ڊرامو ڏکڙي شهر ۾ پنجابي زبان ۾ ب ڪيو. سندس مشهور ڪردار جان محمد 007 جيڪو يادگار ليکيو ويندو.

محمد عيسيٰ کوکر:

محمد عيسيٰ کوکر ولد حاجي خان کوکر 22- آگسٽ 1936ع تي ڳوٺ باداڻي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. پنجون درجون باداڻي اسڪول مان مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪري، تاريخ 4- اپريل 1958ع ۾ مڊل اسڪول جهانگارا ۾ استاد مقرر ٿيو. نوڪريءَ دوران هن تعليم جاري رکي ۽ ايم. اي پوليٽيڪل سائنس ۾ پاس ڪيائين. ان سان گڏ ڊپلوما ٽيڪنيڪل ۾ الیکٽريڪل ڪيائين.

محمد عيسيٰ کوکر شاگردي ۽ جي دور کان ئي اسٽيج ڊرامن ۾ حصو ورتو. هن ترڙي جادو شهيد، مورو ميهڙ، ڪانهري ۽ جوهي ۾ ب ڪامياب اسٽيج ڊراما ڪيا. اسٽيج ڊرامن کان علاوه راڳ رنگ سان ب شوق اٿس. ڪيس درباري ۽ يمن ڪليان راڳ ۾ عبور حاصل آهي.

محمد عيسيٰ کوکر کي پنج پٽ هر هڪ: خالد کوکر جيڪو روزانه سنڌو جو ايڊيٽر آهي، پيو طارق عيسيٰ کوکر جيڪو فيصل بئنڪ حيدرآباد ۾ پرنسپل بينڪنگ آفيسر آهي، ٽيون راشد عيسيٰ کوکر يونين ڪائونسل يار محمد ڪلهوڙي جو ڪائونسلر آهي، ساجد عيسيٰ کوکر حيدرآباد ۾ پيٽرول پمپ تي ڪاروبار ڪري رهيو آهي. سندس ننڍو پٽ زاهد عيسيٰ کوکر روزانه هلال پاڪستان ڪراچيءَ جو اسلام آباد ۾ چيف رپورٽر آهي.

سجاد سهاڳ:

سجاد سهاڳ جو اصل نالو سجاد احمد خان آهي. سندس والد جو نالو محمد باغ علي سهاڳ آهي. سجاد سهاڳ دادو شهر جي غريب آباد محلي ۾ ڄائو. پرائمري تعليم غريب آباد اسڪول مان مئٽرڪ هاءِ اسڪول دادو مان حاصل ڪيائين. انٽر ڊگري ڪاليج دادو مان ۽ گريجوئيشن يونيورسٽي مان ڪيائين. هن پنهنجو فني سفر شروع ڪيو آهي ڪيترائي رول ادا ڪيا اٿس.

اداڪاريءَ کان علاوه سجاد سهاڳ ڪمپيئر جا فرائض ب ادا ڪري رهي ٿو. جيڪي ميگاشو ٽين ٽا، انهن ۾ ڪمپيئر جا فرائض خوبصورتيءَ سان نياڻي رهيو آهي. سندس فني سفر جاري آهي. هن وقت ڪي. ٽي. اين سان وابسطا آهي.

خادم کوکر[1]:

سنڌ جو مشهور مزاحيا اداکار خادم حسين ولد حاجي علي اڪبر کوکر 19 ـ اپريل 1981ع تي ڳوٺ ڏڻي خيرمحمد کوکر لڳ ڏلجي اسٽيشن ۾ جنم ورتو. خادم کوکر پرائمري کان مئٽرڪ تائين تعليم دادوءَ مان حاصل ڪئي.

هن فن جي دنيا ۾ 1996ع کان شروعات ڪئي. هن جو پهريون اسٽيج ڊرامو "شهيد" هو جيڪو دادوءَ ۾ اسٽيج ڪيو ويو. 2005ع ۾ ڪي ٽي. اين جي مزاحيه پروگرام "ماما لالو" ۾ مزاحيه اداري ڪري مشهوري ماڻي. ان کان پوءِ "مڪڙ موجن ۾" اداکاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هن کي جيڪا مشهوري کي ٽي. اين جي ڊرامي "پٽر دنيا" ۾ بچائي جي ڪردار جي ڪري ملي. هن کي خاص ڪري "اسان آهيون خوني ماڻهو"، "ڪتر ڪتر نه ڪري چڏيانءِ" واري ڊئلاگ ماڻهن ۾ تمام گهڻو مقبول ٿيايو.

خادم کوکر جي اداکاريءَ جو نرالو انداز آهي. هن 'آواز' ٽي.وي چئنل جي ڊرامي "لوئي ۽ لڄ" ۽ سنڌ ٽي.وي جي ڊرامي "ٽر ٽوهر، گهر جهوپڙا" ۾ پڻ ڪم ڪيو آهي. خادم کوکر فلمن ۾ به ڪم ڪيو آهي. جن ۾ "لالو باگڙياني پجائي ويو"، "نصيب"، ککر دنيا"، "اڇو بادشاهه"، "درياءِ يار"، "نندوروڏچي ۾" ۽ ٻيون فلمون شامل آهن.

خادم کوکر هن وقت دادوءَ ۾ سڪونت پذير آهي.

❑

[1] ايڊيٽر طرفان واڌارو.

ملهه پهلوان

سنڌ قديم دور کان تهذيب ۽ ثقافت جو گهوارو رهيو آهي. تهذيب ۽ ثقافت کي پروان چاڙهڻ لاءِ سنڌ جي گهڻ گهرن هميشه پاڻ پتوڙيو آهي. اخلاقي تهذيبي ۽ مالي مدد ڪري ثقافت کي زندهه رکيو آهي. سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب ۾ ساز آواز لباس ۽ راند کي خصوصي اهميت آهي. سنڌ جا مشهور ساز چنگ، چڑا، چڑيون، بوڙيندا، نفيلون، دهل، ڊولڪ، شرنايون، ٽليون، بينيون، بانسريون، ڪڙتال، سارنگيون، سرندا وغيره شامل آهن. جڏهن ته راندين ۾ پلهاڙو، ونجهه، وٽي ڪوڏي ڪوڏي ڏڪي ڏڪ، ملهه ۽ ٻيون راندين تمام گهڻيون مشهور آهن.

ملهه راند جيڪا سنڌ جي قديم ۽ قومي راند آهي. ان جي قدامت ۽ اهميت تي نظر ڊوڙائيندا سين ته هيءَ راند روايت موجب 2000 سال قبل مسيح ۾ کيڏي ويندي هئي. ان وقت کان اڄ تائين هن راند ۾ ڪافي سڌارا آيا آهن. سنڌ جي حڪمرانن، سومرن، سمن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ هن راند کي تقويت ملي. هن کي عروج تالپر جي دور ۾ مليو. تالپر حڪمران ملهه ۽ ملاکڙي جا وڏا شوقين هئا. انگريزن جي دور ۾ ملهه جا وڏا وڏا مقابلا ٿيندا هئا. جتي ملهه پهلوان پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪندا هئا. انگريز حڪمران پڻ هن راند ۾ دلچسپي رکندا هئا ۽ ملهن کي وڏا انعام اڪرام ڏيندا هئا. ملهه راند، سنڌ کان علاوه ٿوري تبديليءَ سان پنجاب، بلوچستان، افغانستان، روس ۽ پارت ۾ به کيڏي ويندي آهي.

جتي ملهه کيڏي ويندي آهي ان کي پڙ يا آکاڙو چوندا آهن. پڙ يا آکاڙي ۾ ڪيترائي ملهه پهلوان موجود هوندا آهن. پڙ جي چوڌاري گول دائرو ناهي عام ماڻهو ويهي يا بيهي ملهه ڏسندا آهن. امير ماڻهو ڪرسين تي ويهي راند مان لطف اندوز ٿيندا آهن. کي ماڻهو گهوڙن ۽ اُٺن تي چڙهي ايندا آهن ۽ اُٺن ۽ گهوڙن تي ويهي مقابلو ڏسندا آهن. ڪجهه ماڻهو وٽن ۽ پتين تي چڙهي به ملهه جو مزو ڏسندا آهن. ملهه پهلوان جڏهن پڙ ۾ داخل ٿيندا آهن ته نوڙي زمين تان مٽي کٽي نڪ ۽ ڪنن کي ملينداآهن ۽ عاجزي ۽ نيازي ڪري ميدان ۾ بيهر پائيندا آهن ۽ ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو ته پنهنجي طاقت تي غرور ۽ تڪبر کان ڪناره ڪشي ڪري ملهه پهلوانن لاءِ ضروري هوندو آهي. ملاکڙي جي پڙ ۾ سڻا نامور ۽ مڱٿهار مخصوص انداز ۾ واجو ڪندا آهن. شرناءِ جي دهل تي ملاکڙي جي مخصوص ڏن وڄائي ملهه پهلوانن ۽ شائقين کي وجد ۾ وجهي چڏيندا آهن ۽ ڏسندڙن تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ٿي ويندي آهي.

سنڌ جي قديم رسم ۽ رواج موجب جڏهن ڪو ملهه پهلوان پنهنجي مد مقابل کي ملهه دسي فتح حاصل ڪندو آهي ته مخصوص انداز ۾ ٻانس ڪري شائقين کان داد حاصل ڪندو آهي ۽ گول دائري ۾ چڪر ڏيندو آهي. سڀ کان پهريائين درگاهه جي سجاده نشين کان انعام ونندو آهي ۽ پوءِ دائري ۾ موجود شائقين کان انعام حاصل ڪندو آهي. شائقين پهلوان جو قدر ڪندي نوٽن جي ورکا ڪندا آهن ۽ پهلوان جون مٺيون نوٽن سان ڀرجي ويندیون آهن. هر طرف واهه واهه ٿي ويندي آهي.

ملاکڙو گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن هلندو آهي. آخري ڏمال تي ڪٽندڙ پهلوان کي چاندي يا سون جا ٻلا ڏنا ويندا آهن. ملهه راند عيد جي ڏاڙي کان علاوه اڪثر پيرن فقيرن جي مزارن تي يا ماهه پهرين جمع يا سومر تي ميلا لڳندا آهن. جتي ملاکڙي جو پڻ انتظام ڪيو ويندو آهي.

سنڌ ۾ ٻڌائي گهوٽ، قلندر لال شهباز سمن سرڪار، ساجن سوائي، پير پٺو راڄپور، شاهه گودڙيو امير پير، ناٿر شاهه ملان رحماني، حاڪم شاهه حاجي شاهه اسماعيل، بهليل شاهه الهداد فقير، جمال شاهه مهر شاهه نٿو شاهه بخاري صدر الدين شاهه جا ملاکڙا ڪافي مشهور آهن. جتي ملهه پهلوان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. ملهه پهلوانن لا ٿي خوراڪ تمام ضروري آهي. سندن خوراڪ کير، مکڻ، گيهه آهي. کير 2 ڪلو کان 4 ڪلو استعمال ڪندا آهن. مکڻ يا گيهه بسري جي صورت ۾ واپرائيندا آهن. ملهه اڪثر ڪري زميندار نه آهن. انهن کي ملهن جا شوقين پاليندا آهن. انهن جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست به ڪندا آهن. پاڪستان کان اڳ هندو زميندار ملهن کي پاليندا هئا ۽ کا خوراڪ جو بندوبست بهترين طريقي سان ڪندا هئا. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ مسلمان نوابن ۽ زميندارن ملهن جي سنڌ پرورش ڪئي. انهن کي پاڻ وٽ رهائي، کاڌ خوراڪ جو بندوبست ڪري، ملهه لاءِ تيار ڪري، بين ملهن سان ويڙهائڻ مقابلا ڏسندا آهن.

سنڌ ۾ ڪيترائي ملهن جا شوقين ٿي گذريا آهن، جن پرپور طريقي سان ملهن جي پرورش ڪئي. انهن ۾ ميا عبدالله خان ٽالپر، ميا علي ڏنو خان ٽالپر، ميا غلام حسين ٽالپر، علي بخش شاهه عرف علڙ سائين، سيوهڙ جو سيد گل محمد شاهه متيارن جو پير الهيار شاهه، قنبر جو خانصاحب دوست محمد خان هڪڙو ٽنڊي محمد خان جو ميا محمد خان ٽالپر، ملڪ سهراب خان، مديجي جو مرحوم رسول بخش لوهر، پانن جو مرحوم غلام محمد ڪچل، دادو جي سيد ڪامل شاهه جا نالا قابل ذڪر آهن.

ملڪ ۾ جيڪي راندين کيڏيون وڃن ٿيون انهن جا طور طريقا ٽين ٽا. اهڙي طرح ملهه راند جا به انگ ونگ ڌار پيچ به الڳ ٽين ٽا. انهن ۾ جاننو وارو اندرين، منڙي، کس، ونگ، ڦڙتي، ڦيرائڻ، اٽ ڏانوڻ وغيره داع پيچ شامل آهن. ملهه گهٽ ڪري بوسڪي جو پٽڪو جيڪو ساڌا 7 وال هوندو آهي، پڌندا آهن. 8 وال شلوار ۽ 4 وال قميص پائيندا آهن. جڏهن ملاکڙي ۾ پهچندا آهن ته ڏاڌا ناهوڪا لڳندا آهن. ملهن ۾ بردباري ۽ جيورت ڏاڍي هوندي آهي. جيڪڏهن ڪو سندن مدمقابل ڏڪ ڏيندو آهي ۽ ملهه پهلوان بيهوش ٿي ويندو آهي ۽ هوش ۾ اچڻ بعد به هو ٿهڪ ڏئي ويهي رهندو آهي. ڪڏهن به انتقام نه ونندو. جڏهن ته دنيا جون جيڪي به راندیون، جن ۾ ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ ريسلنگ شامل آهن، انهن ۾ راندين ڪرسيون ڪٽي، پنهنجي مدمقابل کي زخمي ڪري چڏيندا آهن. سنڌ ۾ ڪيترائي نالي وارا پهلوان ٿي گذريا آهن. انهن شير ميا بحر، بخشل ڊکڻ، انب شيدي، شير شيدي، غوث بخش پٺاڻ، مولا بخش مبيجو، قاضي بروهي، در محمد عالماڻي، نورالدين ببر، يڪو خاصخيلي، رحيم جهتيال، سيد سمن شاهه الهڄڙيو، سمو غلام قادر لغاري، بکر شيدي، حاجي خشڪ شير گوپانگ، گلشير راهو سائينداد ٽريو الله بخش لاشاري، دوسو زرداري، نبن جمالي، صيفل برهماڻي، علي نواز ڊکڻ، قلم علي جتوئي، دائود سولنگي، ڇهوڻ سولنگي، سرور جتوئي ۽ ٻيا ملهه پهلوان شامل آهن.

سنڌ جي پهلوان شير ميا بحر کي اهو اعزاز حاصل آهي. جو ڪيهي توڙي پرڏيهي پهلوانن کي دسي سرسو حاصل ڪئي. انهن ۾ جاپان جي پهلوان انوڪي، انگريز پهلوان ۽ هندستان جي پهلوانن کي دسي سنڌ جو نالو روشن ڪيو. هڪ پيري هالن ۾ ملاکڙي جو اهتمام ڪيو ويو هو ان ۾ جاپان جي پهلوان کي سندرو ٻڌي، مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪيائين ته انوڪي پهلوان کان اکين مان ڳوڙها نڪري آيا ۽ ملهه وڙهڻ کان نابري واري ٻيهي رهيو.

مان دادو تعلقي جي ملهه پهلوان جو مختصر ذڪر ڪندس، جيڪي ملهه ۾ زور آزمائي ڪري دادو جو نالو روشن ڪري رهيا آهن. انهن جو تعارف هيٺ ڏيان ٿو.

حاجي خان ڪنير:

حاجي خان ولد گل محمد عرف گلو ڪنير ويڙل ڳوٺ مرادآباد تعلقي دادو ۾ 1950ع ۾ جنم ورتو. سنڌس پيءُ گل محمد عرف گلو ملهه پهلوان هو. 12 سالن جي عمر کان ئي ملهه وڙهڻ شروع ڪيائين.

هيءُ پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان موري متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان مونڙ، واهڙ ٽلتي، الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي بارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي. ملاکڙن ۾ ڪيس ڪيترائي انعام مليا هئس.

احسان ڪنير:

احسان ولد خير محمد ڪنير 1975ع ڏاري ڳوٺ مرادآباد ۾ ڄائو. ننڍپڻ کان ملهه سکيو. سنڌ جي مختلف ميلن ۽ ملاکڙن ۾ زور آزمائي ڪئي. هيءُ پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان موري متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان مونڙ، واهڙ ٽلتي، الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي بارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

حاجي منظور چنڙ:

حاجي منظور چنڙ ڳوٺ مرادآباد تعلقي دادو ۾ 1977ع ۾ ڄائو. سنڌ جي مختلف ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهيو آهي.

هيءُ پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان موري متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان مونڙ، واهڙ ٽلتي، الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي بارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

صديق ڀٻر:

پهلوان صديق ڀٻر اصل جوهي تعلقي جو رهواسي آهي. هن وقت دادو شهر ۾ رهي ٿو. ننڍپڻ کان ملهه سکيو. هيءُ پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، موري متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان مونڙ، واهڙ ٽلتي، الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي بارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

ابراهيم ڇڇڑو:

ابراهيم ڇڇڑو ڳوٺ جهلي تعلقي دادو جو رهواسي آهي. ننڍپڻ ۾ ملهه وڙهڻ سکيو. ڪيترن ئي نامياڻن ملهه پهلوانن سان زور آزمائي ڪري چڪو آهي. دادو ضلعي جي ميلن ملاکڙن کان علاوه سنڌ جي ڪيترن ئي ٻين ميلن ملاکڙن ۾ ملهون وڙهي انعام حاصل ڪندو رهيو آهي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، موري متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان مونڙ، واهڙ ٽلتي، الهداد فقير، نانگو شاهه ۽ ٻين ميلن ملاکڙن تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

محمد پنهور:

محمد پنهور تمام سنو ملهه پهلوان آهي. هيءُ ڳوٺ عبدالرحيم جي کوهه جو رهواسي آهي. امير پير جي ميلي تي ملهه وڙهي فتح حاصل ڪري اتان ئي پنهنجي فن جي شروعات ڪيائين. سندجي ڪيترن ئي ميلن ملاکڙن ۾ زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

مريد لُنڊ:

مريد لُنڊ ڳوٺ نونر تعلقي دادو جو رهواسي هو. ننڍي هوندي ملهه سکيو. هيءُ پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٺ، واهڙ، تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي. مريد لُنڊ 1980ع ڌاري وفات ڪري ويو.

ياروبڪرار:

ياروبڪرار دادو شهر جي پرسان اولهه ڏکڻ ڪنڊ تي 7 ڪلوميٽر پنڌ تي پرڳڙي ڳوٺ ۾ جائو. ننڍپڻ کان ملهه سکيو. وقت جو سنو پهلوان هو. هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٺ، واهڙ، تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي. هيءُ پهلوان 1978ع ڌاري وفات ڪري ويو.

جمع ملاح:

دادو شهر جي اوپر ۾ 1 ـ ڪلوميٽر پنڌ تي ڏٽي بخش ملاح جو ڳوٺ آهي. جمعو ملاح ان ڳوٺ ۾ جائو. هن ننڍپڻ کان ملهه سکي ۽ ڪيترائي انعام حاصل ڪيا. هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٺ، واهڙ، تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

مولا بخش ٻوڪ:

مولا بخش ٻوڪ دادو شهر جي ڏکڻ ۾ انڊس هاءِ وي سان گڏ بچل خان ٻوڪ جو ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ ۾ مولا بخش ٻوڪ جنم ورتو. هي ٻئي جوڙ جو پهلوان آهي. سندّ جي مختلف ميلن ملاکڙن ۾ ملهه وڙهيو آهي ۽ ڪيترائي انعام حاصل ڪيا اٿس.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٺ، واهڙ، تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي. ايڇا تائين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو.

رستم جمالي:

رستم جمالي دادو شهر جي بلڪل قريب ڳوٺ دوداڻي جمالي ۾ جائو. ننڍپڻ کان ئي ملهه جو شوق هئس. پنهنجي ڇهي جي نوجوانن سان ملهه وڙهندو هو. جوان ٿيڻ تي مختلف ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو رهيو آهي. هيءُ پهرين جوڙ جو ملهه پهلوان هو. هن وقت ملهه کان ڪناره ڪشي ڪري چڪو آهي.

هيءُ پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو، مٽياري، آراضي سبيل بويڪ، ميان موٽن، واهڻ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي. رستم جمالي کيترائي انعام حاصل کيا هئا.

چهواڻ سولنگي:

چهواڻ سولنگي اصل ڳوٺ حاجي خان تعلقي جوهي جو رهواسي هو. جو پوءِ دادو شهر ۾ اچي رهائش اختيار ڪئي. پهرين جوڙ جو ملهه پهلوان هو. سال 1959ع ۾ جوهي شهر ۾ ڳوٺ سڏار ڪاتي طرفان نمائش لڳائي وئي. ان ۾ ملاکڙي جو خصوصي انتظام ڪيو ويو هو. ان ملاکڙي ۾ چهواڻ سولنگي 3 ملهن کي دسي سوپ حاصل ڪئي ۽ ڪيس انعام ۽ شيلڊ ڏني وئي.

هيءُ پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو، مٽياري، آراضي، سبيل بويڪ، ميان موٽن، واهڻ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي.

شهداد جمالي:

شهداد جمالي ولد الهڏنو جمالي ڳوٺ دوداڻي جمالي تعلقي دادو ۾ جائو. ننڍي عمر ۾ ملهه سکيو. سندس استاد رستم جمالي آهي. هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو، مٽياري، آراضي، سبيل بويڪ، ميان موٽن، واهڻ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

رحيم جمالي:

رحيم جمالي ولد الهڏنو جمالي دادو شهر جي پرسان دوداڻي جمالي جو رهواسي آهي. ملهه ۾ سندس استاد رستم جمالي آهي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو، مٽياري، آراضي، سبيل بويڪ، ميان موٽن، واهڻ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

اڪبر جمالي:

اڪبر جمالي دادو جي پرسان ڳوٺ دوداڻي جمالي جو رهواسي آهي. رستم جمالي سندس استاد آهي. سندس جي ڪيترن ئي ميلن ملاکڙن ۾ روڙهي چڪو آهي ۽ انهن ملاکڙن ۾ داد حاصل ڪري چڪو آهي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو، مٽياري، آراضي، سبيل بويڪ، ميان موٽن، واهڻ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

گلاڻ لُنڊ:

گلاڻ لُنڊ ڳوٺ ناڙيوال تعلقي دادو جو رهواسي آهي. هن سندس جي هر ميلي ملاکڙي ۾ شرڪت ڪري پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪندو رهيو.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي سبيل بويڪ، ميان مونڙ، واهڙ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

حسين جمالي:

حسين جمالي دادو شهر جي اتر اوپر ڪنڊ تي ڳوٺ دوداڻي جمالي ۾ جائو. رستم جمالي جي شاگرديءَ ۾ ملهه شروع ڪئي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي سبيل بويڪ، ميان مونڙ، واهڙ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

اسحاق مگٽيجو:

اسحاق مگٽيجو ڳوٺ مگٽيجا لڳ خدا آباد تعلقي دادو ۾ جائو. ملهه جو شوق ننڍپڻ کان هئس. جوان ٿيڻ بعد باقاعده ملاکڙن ۾ ملهه وڙهڻ لڳو. هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي سبيل بويڪ، ميان مونڙ، واهڙ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

محمد فضل وگهيو:

محمد فضل ولد حاجي خان وگهيو ڳوٺ ڪاڪڙي تعلقي دادو ۾ سال 1940ع ڌاري جائو. ننڍپڻ ۾ جڏهن پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو ويندو هو تہ استاد هارن ۾ ملهه جي چٽاپيٽي ڪرائيندا هئا. اسڪول جي زماني کان ملهه سکيو. جڏهن جوان ٿيو تہ پهريون دفعو امير پير جي ميلي ۾ ملهه وڙهيو ۽ داد حاصل ڪيائين ۽ انعام به حاصل ڪيائين.

هيءُ پهلوان سنڌ ۽ پنجاب جي ڪيترن ئي نامياري ملهن سان وڙهيو. هن سمن سرڪار، پٽائي گهوٽ، قلندر لال شهباز امير پير، غوث جي ٻارهي کان علاوه ڪيترن ئي ميلن ملاکڙن ۾ شرڪت ڪئي. اتي ڪيترن ئي پهلوانن سان زور آزمائي ڪئي. هن وقت ملهه ڇڏي ويو آهي.

الله بخش عرف ريشمي ملاح:

الله بخش عرف ريشمي ذات ملاح ڳوٺ دوست محمد ابڙو تعلقي دادو ۾ جائو. شروع ۾ مزدوري ڪندو هو. ملهه ڏسي شوق جاڳيس.

هن ملهه جي ابتدا هڪ جيڏن سان وڙهندي ڪئي. ڪافي انعام حاصل ڪيا اٿس. هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي سبيل بويڪ، ميان مونڙ، واهڙ، ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي. سندس استاد جمع ملاح آهي.

محمد اسماعيل مستوئي:

محمد اسماعيل مستوئي ڳوٺ محمد علي مستوئي تعلقي دادو ۾ جائو. پنهنجي هڪ عزيز ميهر خان مستوئي کي ملهه وڙهندو ڏسي کيس ملهه جو شوق جاڳيو. ننڍپڻ کان ملهه وڙهڻ لڳو. هيءُ پهلوان سنڌ جي ڪيترن ئي نامياري

پهلوانن سان زور آزمائي ڪري چڪو آهي. جن ۾ صالح چانڊاڻي، قاضي بروهي ۽ ٻيا پهلوان شامل آهن.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو مٽياري، آراضي، سبيل بويڪ، ميان موٽڙ، واهڙ، ٽلٽي، الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي. هن وقت ملهه جو شوق چڏي ويو آهي.

غلام نبي ڏکڙ:

غلام نبي ڏکڙ ڳوٺ ڪاکڙي جو رهواسي آهي. اسڪول جي زماني ۾ هڪ جيڏن سان ملهه وڙهندو هو. جڏهن جوان ٿيو تہ باقاعده ملهه وڙهڻ لڳو. امير پير جي درگاهه جيڪا سندس ڳوٺ کان سڏ پنڌ تي آهي. اتي هر سال ميلو لڳندو آهي. اتي ملهه وڙهي سوپ حاصل ڪئي. پوءِ وڌيڪ شوق جاڳيس. هيءُ احمد خان گاهيءَ سان به وڙهيو. جيڪو پهلوان حاجي خان خشڪ جو شاگرد هو. ان کي ٻئي ملهون ماري انعام حاصل ڪيائين. هر جمعي تي پير محمد مراد تي ملاکڙو لڳندو هو اتي به پنهنجي طاقت جو مظاهرو ڪندو هو. ان سان گڏ نانگي شاهه جي ميلي تي به ڪيترائي ڀڙا ملهه وڙهيو ۽ سوپارو ٿيو. ان ميلي ۾ پهلوان پيرل لغاري سان به وڙهيو جيڪو اصل خيرپور ناٿن شاهه جو رهواسي هو. ان کي دسي هڪ سؤ جوبل حاصل ڪيائين. ان کان علاوه الهداد فقير جي ميلي ۾ پهلوان حاجي بخش علي رودناڻي سان وڙهيو. هن پهلوان سان ڪير به مقابلي جي جرئت ڪري نہ سگهيو. 3 ڏينهن پهلوان غلام نبي ڏکڙ سائس مقابلو ڪيو ۽ ٻئي ملهون ماري سندس طرفان رکيل ٻن سون جو بل کٽي ورتو. ان سان گڏ ملاکڙي جي شوقينن بل ۽ نقد رقم نڇاور ڪئي.

هيءُ پهلوان ٻين ڪيترن ئي پهلوانن سان وڙهي داد حاصل ڪيو جن ۾ پيرو جوڳي، خدا بخش مگسي، صديق هر سان به وڙهيو ۽ انهن کي دسي فتح حاصل ڪيائين. هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو مٽياري، آراضي، سبيل بويڪ، ميان موٽڙ، واهڙ، ٽلٽي، الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي. هن وقت ملهه راند کان ڪناره ڪشي ڪئي آٿس. ملهه ۾ سندس استاد پهلوان جمعو ملاح آهي.

محمد الياس عرف بحر سولنگي:

محمد الياس عرف بحر سولنگي ولد عبدالواحد سولنگي 1935ع تي ڳوٺ سيتا ننڍي تعلقي دادو ۾ جنم ورتو. صرف پنجين درجي تائين تعليم حاصل ڪئي. وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. ملهه جو شوق ننڍپڻ کان هئس. سندس ڳوٺ جي پرسان سيد حاجن شاهه هم وطن سيتائي جي درگاهه آهي. اتي ملهه ايندا هئا ۽ پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪندا هئا. درگاهه تي ملهه وڙهندو ڏسي کيس ملهه جو شوق ٿيو. 18 سالن جي عمر ملهه وڙهڻ لڳو. هن ڪيترن ئي ملاکڙن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. جن ۾ سعدي موساڻي، شاهه پنجو، رحماني ننگر، خيرپور ناٿن شاهه، ميرپير، دادن فقير قريشي، پٽائي گهوٽ، قلندر لال شهباز بابا صلاح الدين، پير مشائخ ۽ ٻين ملاکڙن ۾ حصو ورتو.

هن پهلوان سنڌ جي مشهور ملهن سان زور آزمائي ڪئي. جن ۾ علي نواز ڏکڙ، قربان زرداري، لياقت ساکاڻي، گلڙ گوپانگ، قاضي بروهي ۽ علي حسن شيخ پهلوان شامل آهن. ملهه ۾ سندس استاد احمد سولنگي هو. پوءِ پهلوان پيرو لغاري ڳوٺ لولجا وارو استاد هئس. جنهن کيس گر ۽ پيچ سيکاريا.

نور محمد دستي:

نور محمد دستي پراڻي ديري جو رهواسي هو. ملهه راند ننڍپڻ کان سکيو. پراڻي ديري کان علاوه دادو ضلعي مختلف ميلن ملاکڙن ۾ ملهه وڙهيو. هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس جهانڊ باجارا، شاهپور جهانيان مورو مٽياري، آراضي سبيل بوبڪ، ميان موڙن، واهڙ تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماڻ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

مير محمد دستي:

پهلوان مير محمد دستي جيڪو نور محمد دستي پهلوان جو پاءُ هو. پاءُ سان گڏ ميلن ملاکڙن ۾ وڙهندو ڪافي انعام حاصل ڪيائين. ڪافي وقت اڳ وفات ڪري ويو آهي. مير محمد دستي پهرين جوڙ جو ملهه پهلوان هو.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانڊ مورو مٽياري، آراضي سبيل بوبڪ، ميان موڙن، واهڙ تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماڻي ۽ غوث جي ٻارهي تي آزمائي ڪئي.

محمد عثمان دستي:

مرحوم محمد عثمان دستي پراڻي ديري جو رهواسي هو. ننڍپڻ کان ئي ملهه جو شوق هئس. پاڻ جيڏن سان وڙهيو ۽ اتان شوق جاڳيس. اهڙي طرح سندو ملهه ئي گذريو.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانڊ مورو مٽياري، آراضي سبيل بوبڪ، ميان موڙن، واهڙ تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماڻي ۽ غوث جي ٻارهي تي آزمائي ڪئي.

محمد عالم دستي:

محمد عالم دستي ولد محمد يعقوب دستي ڳوٺ پراڻي ديري جو رهواسي آهي. حال حيات آهي. پراڻي د جي ملاکڙي ۾ سڻن ملهن سان وڙهي ملهه جي شروعات ڪيائين.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانڊ مورو مٽياري، آراضي سبيل بوبڪ، ميان موڙن، واهڙ تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماڻي ۽ غوث جي ٻارهي تي آزمائي ڪري چڪو آهي.

بهادر سرولي:

بهادر سرولي پراڻي ديري جو رهواسي هو. ننڍي هوندي کان ملهه سکيو. هن ڪيترن ئي ميلن ملاکڙن ۾ ازمائي ڪئي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانڊ مورو مٽياري، آراضي سبيل بوبڪ، ميان موڙن، واهڙ تلتي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماڻي ۽ غوث جي ٻارهي تي آزمائي ڪئي.

خان محمد چانڊيو:

خان محمد چانڊيو ڳوٺ پير ترهي تعلقي دادو جو رهندڙ هو. سندس جي ڪيترن ئي ميلن ملاکڙن ۾ وڙهيو.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، ٻورو متياري، آراضي، سبيل ٻوبڪ، ميان موٹر، واهڙ ٽلٹي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

ملان احمد شاهاڻي:

ملان احمد شاهاڻي ڳوٺ دين محمد شاهاڻي جو رهواسي هو. پراڻي ديري کان علاوه ٻين ڪيترن ئي ملاکڙن ۾ زور آزمائي ڪئي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، ٻورو متياري، آراضي، سبيل ٻوبڪ، ميان موٹر، واهڙ ٽلٹي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي.

محمد حسن شاهاڻي:

محمد حسن شاهاڻي ڳوٺ دين محمد شاهاڻي جو ويڙل هو. پراڻي ديري کان علاوه ٻين ڪيترن ئي ملاکڙن ۾ زور آزمائي ڪئي.

هن پهلوان قلندر لعل شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپورميرس، جهانگارا باجارا ۽ ٻين هنڌن تي زور آزمائي ڪئي.

ماهي خان ڪوکر:

پهلوان ماهي خان ڪوکر ولد محمد خان ڪوکر پنهنجي وقت جو بهترين ملهه پهلوان ٿي گذريو آهي. سندس رهائش پراڻي ديري ۾ هئي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، ٻورو متياري، آراضي، سبيل ٻوبڪ، ميان موٹر، واهڙ ٽلٹي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي. ڪافي وقت اڳ فوت ٿي چڪو آهي.

پيارو خان پتافي:

پهلوان پيارو خان پتافي ڳوٺ پراڻي ديري تعلقي دادو جو رهواسي هو. پراڻي ديري ۾ ملهه وڙهي پهلواني جي شروعات ڪئي.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، ٻورو متياري، آراضي، سبيل ٻوبڪ، ميان موٹر، واهڙ ٽلٹي الهداد فقير، نانگو شاهه، ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي ۽ ڪيترائي انعام حاصل ڪيا.

لهڏنو پٽي:

مرحوم الهڏنو پٽي وقت جو بهترين ملهه ٿي گذريو آهي. پراڻي ديري جو رهواسي هو. ملهه جي شروعات پراڻي ديري مان ڪيائين.

هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيا
مورو مٽياري آراضي سبيل بويڪ ميان موٽڻ واهڻ ٽلٽي الهداد فقير نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي
آزمائي ڪئي. 1981ع ۾ وفات ڪري ويو.

مرحوم عبدالڪريم پٽي:

مرحوم عبدالڪريم پٽي پراٽي ديري جو رهواسي هو. پراٽي ديري ۾ ملهه وڙهي سوپ حاصل ڪيائين.

هن پراٽي ديري کان علاوه قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس جهانگارا باجا
شاهپور جهانيان مورو مٽياري آراضي سبيل بويڪ ميان موٽڻ واهڻ ٽلٽي الهداد فقير نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غو
جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي.

علي خان دستي:

علي خان دستي پراٽي ديري جو رهواسي هو. هن ملهه جي شروعات پراٽي ديري واري ملاکڙي کان ڪئي. پرا
ديري کان علاوه هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس جهانگارا باجارا، شاهپ
جهانيان مورو مٽياري آراضي سبيل بويڪ ميان موٽڻ واهڻ ٽلٽي الهداد فقير نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث
ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي ۽ انعام حاصل ڪيا.

محمد ابراهيم جهتيال:

مرحوم محمد ابراهيم جهتيال پنهنجي وقت جو بهترين ملهه پهلوان هو. اصل پراٽي ديري جو رهواسي
پراٽي ديري کان علاوه هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس جهانگارا باجا
شاهپور جهانيان مورو مٽياري آراضي سبيل بويڪ ميان موٽڻ واهڻ ٽلٽي الهداد فقير نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غو
جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي.

علي بخش پتافي:

مرحوم علي بخش پتافي پراٽي ديري جو رهواسي هو. بچپن کان ملهه وڙهڻ سکيو. پراٽي ديري کان علاوه
پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان مورو مٽيا
آراضي سبيل بويڪ ميان موٽڻ واهڻ ٽلٽي الهداد فقير نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزما
ڪئي.

قادر بخش پتافي:

مرحوم قادر بخش پتافي کي بچپن کان ملهه جو شوق هو. سندس ڳوٺ پراٽي ديرو آهي. پراٽي ديري کان عا
هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان مو
مٽياري آراضي سبيل بويڪ ميان موٽڻ واهڻ ٽلٽي الهداد فقير نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي
آزمائي ڪئي.

پهلوان ڏوڏو خان دستي:

پهلوان ڏوڏو خان دستي پراٽي ديري تعلقي دادو جو رهواسي هو. وقت جو بهترين ملهه پهلوان ٿي گذريو آه

ملهه جي شروعات پراٹي ديري کان ڪيائين. پراٹي ديري کان علاوه هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٹو، واهڻ ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي.

مرحوم سهراب خان دستي:

مرحوم سهراب خان دستي پنهنجي وقت جو بهترين ملهه پهلوان ٿي گذريو آهي. پراٹي ديري جو رهواسي هو. پراٹي ديري کان علاوه هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٹو، واهڻ ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي. ڪافي عرصو اڳ انتقال ڪري ويو آهي.

سيد رضا محمد شاهه:

سيد رضا محمد شاهه ولد سيد ڇٽل شاهه پراٹي ديري جو رهواسي هو. ملهه جي شروعات پراٹي ديري کان ڪيائين. پراٹي ديري کان علاوه هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٹو، واهڻ ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي. 1994ع ۾ 70 سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

محمد عرس کوکر:

محمد عرس کوکر ولد حاجي فتح محمد کوکر ڳوٹ غلام چانڊيي تعلقي دادو جو رهواسي هو. ملهه جي شروعات پراٹي ديري کان ڪئي. پراٹي ديري کان علاوه هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٹو، واهڻ ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪري چڪو آهي.

سانوٹ چانڊيو:


سانوٹ چانڊيو ولد فريد چانڊيو ڳوٹ غلام چانڊيي تعلقي دادو جو رهواسي هو. بهترين پهلوان ملهه ٿي گذريو آهي. ملهه جي شروعات پراٹي ديري جي ملاکڙي ۾ وڙهي سوپ حاصل ڪئي. پراٹي ديري کان علاوه هن پهلوان قلندر لال شهباز لطيف سرڪار سمن سرڪار خيرپور ميرس، جهانگارا باجارا، شاهپور جهانيان، مورو متياري، آراضي، سبيل بوبڪ، ميان موٹو، واهڻ ٽلٽي الهداد فقير، نانگو شاهه ملا رحماني ۽ غوث جي ٻارهي تي زور آزمائي ڪئي ۽ انعام حاصل ڪيا.

متفرق شخصيتون

ملا محمد اسماعيل (دادو)، سيد عبدالرحمان شاهه (دادو)، محمد مصطفيٰ (دادو)، پير فقير محمد وهڙائي (دادو)، پير محمد اشرف وهڙائي (دادو)، مولانا علامه علي بخش چانڊيو (دادو)، عبدالرحيم پنهور (دادو)، محمد اشرف دائودپوٹو وحيدالزمان قريشي (دادو)، ڏٹي بخش چانڊيو (دادو)، بخشو لڏاڻوي (لڏاڻ شهر)، سليم پٹو لطيفي، پروفيسر محمد اڪرم انصاري (پورڙي)، احمد خان جتوئي (فوجي هو. 1939ع ۾ پهين عالمگير جنگ ۾ وڙهيو. بيت ۽ ڪافي جو شاعر هو. مولوي

محمد سليمان صدائي (عربيءَ ۾ غزلن جو ديوان لکيائين)، ظفر جوٽيجو (خيرپورناٿن شاهه علمي ادبي ۽ سماجي اڳواڻ آهي، ڪيترن ئي اين جي اوز ۽ فلاحي تنظيمن جو باني ۽ ڪيترين ڏيهي ۽ پرڏيهي اين جي اوز ۽ بين تنظيمن جو ميمبر ۽ عهديدار آهي)، صديق نماڻو مهيسر (ٿرڙي محبت)، انور جوڪيو (مشهور ڪهاڻيڪار)، اختر سهول (ميهڙ)، اسير امتياز امير پريمي، گلزار تبسم، معصوم مختيار (واهي پاندي)، آصف جمالي، بشير برهماڻي، يعقوب رستماڻي، حسين بخش رستماڻي، امان برهماڻي، حسن بروهي، رزاق لاشاري، احمد برهماڻي، گلبهار رستماڻي، قادر لاشاري، غلام شبير لاشاري، گل حسن برهماڻي، علي گوهر برهماڻي، غلام حسين لغاري، عبدالمجيد لغاري، سوجهرو رستماڻي، ماروي رستماڻي، عرس پير، عرس رستماڻي، محمد جمن لغاري، اصغر رستماڻي، علي حسن برهماڻي، دودو لغاري، محمد عرس لغاري، دودو چانڊيو، امداد سومرو، قربان رودناڻي (جوهي)، هيرو خان لغاري، وليداد لغاري، ولي محمد وفا، عبدالغفور فنائي (جوهي)، حاجي لعل بخش راهوجو (ڪي اين شاهه)، مولوي الاهي بخش راهوجو (ڪي اين شاهه)، عباس ابوجهو لُنڊ، جمن پٽي، حسين سپاهي برهماڻي، علي نواز انجم لغاري، طالب تنبراڻي، ناشاد جمالي، آصف جمالي، ماڻڪ ڪنگراڻي، محمد بخش آزاد پنهور، سانول ٿهيم، محمد هاشم 'ممتاز' سومرو، منظور ٿهيم 'گنگهر گهاريم ڏينهڙا' (ڪهاڻين جو مجموعو) سانوڻ فقير چانڊيو، محمد بچل "بيوس" گوپانگ، حامد لاشاري، واحد نواز جسڪاڻي، سليمان چارڻ، صدرالدين چارڻ، پير الاهي بخش انصاري، محبوب الاهي، مرحوم رجب سرويچ سومرو، محمد ابراهيم مخلص جتوئي (ميهڙ)، محمد صديق مخمور جوٽيجو، الهڏنو خاڪي جوٽيجو، محمد صالح شان جوٽيجو، صوفي چنيسر جهتيال، وحيد ڪلهوڙو، افضل ايري، شبانه صرير، ناهيد خاصخيلي، طاهر محزون پٽي، فهميده لاکير، حڪيم سيماب، عاشق ڪلهوڙو، الطاف لاکير، وفا پٽي، غلام شبير جهتيال، خادم ٽيپو، اڪبر عباسي، اصغر امر ڪانڊڙو، همسفر کوسو، خانڻ پتوجو، نجم راز عباسي، اختر دانش، آزاد منگي، شاد ڪولاچي، ممتاز سومرو، گلزار ڏيپر، الهورايو مسرور، غلام سرور مهمان مهيسر، اي بي لطيفي، ذاڪي حسين ايري، رئيس رضا محمد مهيسر، سليم اسلم شاهه، شيخ اسحاق دانش، شهيد عابد سومرو، انور ضياء عباسي (ميهڙ)، راجا محمد حسن رستماڻي، محمد بخش ڏاهري، روشن جوٽيجو، روشن جويو (خانپور)، مجيب الرحمان چانڊيو (خانپور)، محمد صديق جويو، عبداللطيف چانڊيو، محمد پريل چنا، امداد پير، غلام مصطفيٰ جانوري، استاد ممتاز راجپوت، الهڏنو دايو، قاضي بدرالدين، فياض بلوچ (پورڙي)، حبيب الله چنڙ ("ريلا ريلارت جا" شعري مجموعو 1992ع)، شهزاد سيتائي، منصور سيتائي، وڏيرو تاج محمد راهوجو سيتائي، حاجي محمد بچل راهوجو سيتائي، مولوي نبي بخش زرداري، رئيس محمد مريد جوٽيجو (خانپور)، دين محمد اڪرم پورڙائي، دودو لغاري، غلام حسين لغاري، علي گوهر برهماڻي، علي حسن برهماڻي، محمد اسماعيل رستماڻي، محمد نواز رستماڻي، سوجهرو رستماڻي، فهد عرس لغاري، شاهه محمد برهماڻي، عرس پير، ڏوڏو لغاري، سيٺ ڪيئل داس نين داس، سيٺ ٽانورداس، حاڪم هالپوٽو، سيٺ چڱومل، وڏيرو محمد اسماعيل مهيسر، وڏيرو شير محمد ٽيپو، عبدالباقي ٽيپو، وڏيرو شير محمد گاڏهي، سيٺ جيتومل نانومل (ميهڙ)، ظفر ڪوريجو، عمرالدين زرداري مرحوم (نوڙهي قائڪ جو اسير)، محمد حيات ڪلهوڙو (المتوفي ـ 1997ع ـ وڏو مهمان نواز ۽ اوطاقي)، جمع خان شيخ (محسن ڪڙائي سان گڏجي هڪ وڏي لائبريري قائم ڪيائين)، علي حسن گاڏهي، علي نواز پٺ، خالد محمود سومرو، غلام نبي سومرو، محمد صادق سومرو، ذوالفقار علي چانڊيو (دادو)، اختر علي چانڊيو (ميهڙ)، بيرو

متفرقہ




سيد بخشل شاھ




ليفٽيننٽ غلام عمر شهيد




نور محمد لاکير



ڪوڙل شاھ




حاجي محمد يعقوب ميمڻ



رئيس علڻ خان لغاري




محمد حسن رستماڻي




محمد خان راهوجو



محمد عثمان سولنگي



محمد صالح راهوجو



سڪندر آھ



محمد ابراهيم ميمڻ




نذير نياز جويو




ڊاڪٽر خادم حسين لاکير




ڪرم رستماڻي



نور احمد چانڊيو



ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير




علي سرور ڀٽي




محمد حسين روشن منگي



عبدالحئي ادل مهيسر



حافظ خليل احمد طارق




امام بخش منگي



پير مجيب الحق




منظور سخيراڻي




حاجي محمد نواز سولنگي




الهداد ميراڻي




آصف سخيراڻي




محمد جمن سولنگي




محمد فقير پنهور



حاجي نواب سولنگي



وفا ڪوڙل چنا




علي دمساز لاکير




نذر محمد چنا



جاويد لاڳاھ



رشيد چارڻ



حضور بخش گوپانگ




راز شاهاڻي



ولي محمد چانڊيو



آزاد سولنگي



ارشاد پنهور



مصنف، محمد جمن مگسي، علي سرور پٽي،
مير محمد نواز ملڪاڻي



مصنف ڪتب سان گڏ



حاجي محمد نواز شيخ مصنف



جان محمد سولنگي، مصنف، در محمد ڪمال، خميسو خان سولنگي
۽ حاجي محمد نواز سولنگي



وزير فرهاد سولنگي، راشد مورائي ۽ مصنف



مصنف ڪتنب سان گڏ




بشير سيتائي ۽ مصنف دادو موروپل تي



آصف منياٽوي ۽ مصنف



دين محمد كلهوڙو، محمد عرس "اظهر" سولنگي، الهڏتو وگهيو ۽ بشير سيتائي



مصنف ۽ ڊاڪٽر بشير احمد شاد



قدآور شخصيت حاجي عالم چنو ۽ مصنف



مصنف ۽ سردار اشرف خان سولنگي



احمد خان ملڪاڻي ۽ مصنف

جانوري(سيتا جو رهواسي وڏو مهمان نواز هو)، عنايت شاهه (ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو فقير)، نواب لغاري وڏيرو جان محمد ڪوريجو نذير اشرف لغاري، ڊاڪٽر عبدالمجيد چانڊيو(پي ايڇ.ڊي ڊاڪٽر)، منظور ميراڻي رفيق چانڊيو زيداي چنه وڪيل علي بخش چنه (ڊي سي)، سيف الدين چنه (پاٽ)، نورمحمد سيال (ميهڙ)، دلمراد خشڪ، بخشل شاهاڻي، اسماعيل چانڊيو (ٽي وي اداڪار)، ميان غلام محمد عباسي (خان پور)، اعجاز جتوئي، صداقت جتوئي، قاسم شاداب، پير علي محمد راشدي، غلام رسول ٿهيم، شينهن رند المعروف غلام قادر خورشيد عباسي، محمد حسن پرياڻي (وڪيل)، حاجي عبدالڪريم لاشاري، عبدالله خان رستماڻي مرحوم، خالد حسين عباسي، ڊاڪٽر طارق مسعود عباسي، ڊاڪٽر غلام رسول رستماڻي، سيد پريل شاهه (ميهڙ)، ڊاڪٽر حسين بخش ڪولاچي، زهره الفاطمه، شمع شيخ، نورمحمد بجير، سڪندر عباسي (هورڙي)، عابد علي عباسي (خان پور)، رفيق احمد مهيسر، منور ٻٽ، منور جهتيال، سيد محمد شاهه علم الدين بلو، رفيق مصطفيٰ عباسي، ماهه جبين ڪلهوڙو، ديدار عباسي ۽ بيا.

◈

آبپاشي نظام

سکر بئراج جي تعمير کان اڳ، سنڌ ۾ واهن جو ڪو به مناسب بندوبست نه هو. سموري پوکيءَ ۽ آبادي جو دارومدار سنڌو درياءَ ۽ ان جي ڦاٽن ۽ پاڻيءَ جي وهڪرن جي ۽ لاهه چاڑهن تي هوندو هو. درياءَ جي چاڑهه سبب ماڻهو نار چاڑهي آبادي ڪندا هئا. نتيجي ۾ فصلن جي پوکڻ ۽ لڻن وارو عمل غير يقيني هو. ڪلهوڙن جي دور ۾ زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ هٿراڏو واهه کوٽايا ويا. جن تي آبادي ڪئي ويندي هئي. اهي واهه به اونهاري جي موسم ۾ درياءَ جي اٿل سبب وهندا هئا. انهن واهن تي به محدود آبادي ٿيندي هئي. سکر بئراج تعمير نه ٿئي ها ته سنڌ جو زرخير ۽ سرسبز علاقو آهستي آهستي ويران، غير آباد ريگستان ۽ پڙ پانگ ٿي وڃي ها. سکر بئراج جي تعمير ٿيڻ سنڌ جي زراعت کي مستقل ۽ يقيني بنايو آهي. انگريزن جي حڪومت قائم ٿيڻ کان پوءِ هڪ طرف مواصلات جي نظام کي درست ۽ سهل بنائڻ لاءِ سنڌ ۾ ريلوي جو جار وڇايو ويو ته ٻئي طرف سنڌ کي زرعي ميدان ۾ پاڻ پرو بيهارڻ لاءِ آبپاشي نظام کي سڌاريو ويو ۽ سکر بئراج جي رٿا هٿ ۾ کنئي وئي. سکر بئراج جي رٿا سال 1923ع ۾ منظور ڪئي ويئي ۽ بئراج جي تعمير ساڳي سال کان شروع ٿي ۽ سکر بئراج 1931ع ۾ وهڻ شروع ڪيو. سکر بئراج جو ڪم سرڪار لڻن هيرسين جي سپرد ڪيو ويو. جنهن 1 ـ جولاءِ 1923ع کان وٺي فيبروري 1933ع تائين ڪم ڪيو ۽ سنڌس هيڊ ڪوارٽر ڪراچيءَ ۾ مقرر ڪيو ويو.

سکر بئراج جي تعمير تي هيڊ ريگيوليٽرن سميت 44 ڪروڙ رپيا خرچ ٿيا. سکر بئراج جي رٿا هيٺ ڪل 1989 پليون ۽ ريگيوليٽر تعمير ٿيا. سکر بئراج ۽ ڪئنال اسڪيم بابت مسٽر ايم. ايڇ گزدر اي اي سي لکي ٿو ته:

Sukkur Barrage and Cannals
by M.H Gazdar A. A. C.

One of the greatest boon that the British Government have conferred on Sindh is that of completion of the lioyd Barrage and Canals Scheme. On account of the gradully increasing withdrawls of water from the Indus and its Punjab Tributaries, the irregation facilities in Sindh would have decreased to such and extent that it would have have been impossible to grow even on kharif crop in Sindh was in a very preacarious condition before the construction of the Barrage, it depended wholly on the vagaries of inundation in the River Indus and by rise and fall surface water level. No cultivator could ever be certain as to wheather he would get water in proper time to grow his seddilings of wether the water would maintain its level sufficientely hight the end of the inundation season to permit him to nature his crops. Delayed rise on the beginning and earlier fall at the end spelt ruin completion of many schemes in the Punjab were making the condition of irrigation in Sindh very precarious and the economic condition of Zamindars in Sindh would have grown from bad to worse. But fort his Scheme the whole of the Sindh Indus valley instead of being a fertile country as it used to be in the good old days. Due to a abundance of water coming from the punjab, would be a desolated and depulated country. The construction of the scheme has not only secured irrigation facilities all the year round to cultivators and holders of lands in the barrage Zone but it promises to convert the whole country in to a Garden of Eden.

HIGHEST BARRAGE IN INDIA

The Loyed Barrage (1923-1932) built for irrigation purposes across the Indus at Sukkur, in the province of Sindh. Is nearly a mile long. Its seven main canals total 400 miles in length and it will irrigation area larger by 500000 Acres than the whole arable area of Egypt at the time of its completion it was be for the most impressive structure of its kind outside North America.

At bhatgar, 32 miles from poona, in the Deccan, as lioyed Dam, Not to be confused with the Barrage. Completed in 1928 after 15 years of Labour, it makes possible the raising of about 40 Lac worth of crops every year, the highest barrage in india is at Bhakra in the punjab. Its creisst will then completed rise 500 feet, from the foundations.

The highest barrage in Europ is the Dnieprostio, on the Dnieper riverL 2500 feet long and 200 feet high, it forms a lake 10 miles wide. Its primary objection it's the production of electric power.

[حوالو: سکر بئراج اسڪيم مقالو تاج صحرائي صفحہ 8،9 ماهوار 'نئين زندگي' جون- جولاءِ 2002ع].

سکر بئراج جي اولهه طرف کان 3 ميل واهه کيرٿر ڪئنال، رائيس ڪئنال ۽ دادو ڪئنال تعمير ڪيا ويا. رائيس ڪئنال جيڪو سانوٽي جي موسم ۾ وهندو آهي. ان تي سارين جي پوڪ ٿيندي آهي. کيرٿر ڪئنال ۽ دادو ڪئنال دائمي واهه آهن ۽ سڄو سال وهندا آهن. دادو ڪئنال سکر مان نڪري سيوهڙ تعلقي ۾ روجي ختر ٿئي ٿو.

هيءَ ڪئنال لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعي جي زمينن کي آباد ڪري ٿو. دادو ۾ جيڪي واهه ۽ شاخون دادو ڪئنال مان نڪري زمين کي آباد ڪن ٿيون، انهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

پياروڪوٽ ڊسٽري:

هيءَ شاخ، دادو ڪئنال مان نڪري ٿي جيڪا دادو خيرپور ناٿن شاهه جي زمين کي آباد ڪري ٿي. هن شاخ تي ڪڪ، ساريون، ڪمند، تيلي، بج، چڻا، مٽر ۽ بي پيدائش ٿئي ٿي.

راهوجا مائنر:

راهوجا مائنر به دادو ڪئنال مان نڪري دادو ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي زرخيز زمين کي آباد ڪري ٿي. هن مائنر تي ڪڪ، ساريون، ڪمند، تيلي، بج ۽ ٻيون زرعي جنسون پوکيون وڃن ٿيون. هن مائنر تي 41 واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن ۽ ڏهه هزار ڇهه سؤ پنجيتاليهه ايڪڙ زمين پوکي هيٺ آيل آهي.

ربيع لاکير مائنر:

هيءَ شاخ، دادو ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي زرعي زمينن کي آباد ڪري ٿي. هن شاخ تي چار هزار ٽي سؤ چوهتر ايڪڙ زمين آباد ٿيندڙ آهي. هن شاخ تي ربيع جي موسم ۾ فصل پوکيو ويندو آهي. هن مائنر تي 9 واٽر ڪورس آهن. پاڻيءَ جو اخراج 19.50 آهي.

سيتا مائنر:

سيتا مائنر تي پندرهن واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن. پاڻيءَ جو اخراج 33.50 آهي. دادو ۽ خيرپور ناٿن شاهه جي به هزار به سؤ اناويهه ايڪڙ زرعي زمين هن مائنر تان آباد ٿيندڙ آهي.

ڊورو مائنر:

هيءَ مائنر، دادو ڪئنال مان نڪري ٿي. دادو ۽ خيرپور ناٿن شاهه تعلقن جي زرخيز زمين آباد ڪري ٿي. هن

مائنر تي ڇهه واٽر ڪورس آهن. هڪ هزار ست سؤ ٽيهه ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. پاڻيءَ جو اخراج 12.30 آهي.

ڊوگر مائنر:

ڊوگر مائنر، دادو ڪئنال مان نڪري ٿي. دادو ۽ خيرپورناٿن شاهه جي به هزار نو سؤ ٽياسي ايڪڙن کي ڪري ٿي. هن مائنر تي ٻارنهن واٽر ڪورس آهن. جڏهن ته پاڻيءَ جو اخراج 25.20 آهي.

رُکڙ مائنر:

رُکڙ مائنر تي ٽوٽل آبادي هزار به سؤ ايڪڙن تي ٽيندي آهي. هيءَ مائنر، دادو ڪئنال مان نڪري ٿي. مائنر تي ٻارنهن واٽر ڪورس آهن ۽ پاڻي جي ڊسچارج 25.20 آهي. ڪڪ، ڪمند، ساريون ۽ ٻيون زرعي جنس هن مائنر تي ٽيندڙيون آهن.

پاٽ مائنر:

پاٽ مائنر دادو ڪئنال مان نڪري دادو ۽ خيرپورناٿن شاهه جي زمين کي آباد ڪري ٿي. هن مائنر تي ڪورس قائم ڪيا ويا آهن. پاڻيءَ جو اخراج 15.10 آهي.

پير ڀٽيو ڊسٽري:

پير ڀٽيو ڊسٽري، دادو ڪئنال مان نڪري ٿي. دادو تعلقي جي ڏهه هزار ست سؤ ٻاونجاهه ايڪڙ زمين سيراب ڪري ٿي. هن شاخ مان ايڪيتاليهه واٽر ڪورس ڪڍيا ويا آهن. پاڻيءَ جو خراج 153.0 آهي هن شاخ ڪڪ، ساريون، ڪپهه، تيلي ٻج، ڪمند ۽ گاهه جي پيدائش کئي وڃي ٿي.

ڪارڙو مائنر:

ڪارڙو مائنر، دادو ۽ جوهي تعلقن جي وسيع ايراضي کي سيراب ڪري ٿي. شاخ تي 33 واٽر ڪورس ٺ ڪيا ويا آهن. انهن واٽر ڪورسن ذريعي يارنهن هزار چار سؤ ايڪونجاهه ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. هن مائنر تان پا جو گنر 65.0 آهي.

باغبان مائنر:

دادو تعلقي جي هڪ هزار ٽي سؤ پنجويهه ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. هن مائنر تي ڇهه واٽر ڪورس آهن ۽ پ جي گنجائش 5.12 آهي. هن شاخ تي ڪڪ، ڪمند، ساريون، وونڙ ۽ تيلي ٻج پوکيا وڃن ٿا.

اپر نور واهه:

هن واهه تان دادو تعلقي جي زمين آباد ٿيندي آهي. اپر نور واهه تي ٻارهن واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن. واهه تي پاڻيءَ جو اخراج 18.61 آهي ۽ انهن واٽر ڪورسن تي ٽي هزار پنج سؤ ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. هن واهه ڪڪ، ساريون، وونڙ، تيلي ٻج ۽ ٻيون زرعي جنسون پوکيون وڃن ٿيون.

لوئر نور واهه:

هن واهه تي اٺ هزار ٻاهتر ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. لوئر نور واهه تي ٽيويهه واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن. پاڻيءَ جي گنجائش 31.28 آهي. هن واهه تي ڪڪ، ساريون، ڪپهه، چڻا، مٽر، پوکيا وڃن ٿا.

جاگير مائنر:

جاگير مائنر تي تيرهن واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن. هن تي ٻه هزار چار سؤ ارڙهن ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. ه ن مائنر تان پاڻيءَ جو اخراج 57.30 آهي.

لانڊي مائنر:

هن شاخ تي تيرنهن هزار اٺتيهه ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. شاخ مان اٺ واٽر ڪورس زمين کي سيراب ڪري رهيا آهن. شاخ تان پاڻيءَ جو اخراج 57.30 آهي.

ڦڪا ڏسٽري:

ڦڪا ڏسٽري تي پنجاهه واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن. هن شاخ تان چوڏنهن هزار پنج سؤ ايڪهٺ ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. هن شاخ تان پاڻيءَ جو خراج 108.50 آهي.

خدا آباد مائنر:

هن شاخ تي يارهن هزار اٺ سؤ ست ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي جيڪا ٻتيهه واٽر ڪورس ذريعي آباد ٿئي ٿي. هن شاخ تان پاڻيءَ جو گذر 41.03 آهي. ڪڪ ڪپهه ساريون ۽ ڪجهه ڪمند جي ٻه پوک ٿئي ٿي.

پيري مائنر:

پيري مائنر تي چار هزار هڪ سؤ نوانوي ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ جي گنجائش آهي. شاخ تي ٻارنهن واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن ۽ پاڻي جي گنجائش 15.90 آهي. هن شاخ تي ڪڪ، ساريون، ڪپهه، سائي ياڄي ۽ تيلي بج پوکيا وڃن ٿا.

بکراڻي مائنر:

بکراڻي مائنر تي چوويهه واٽر ڪورس آهن. انهن واٽر ڪورسن ذريعي ڇهه هزار چار سؤ چاليهه ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. هن شاخ تان پاڻيءَ جو اخراج 35.20 آهي.

اپر فارم مائنر:

هيءَ مائنر دادو ڪئنال مان نڪري ٿي. هن مائنر تي اٺ سؤ ايڪيهه ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. هن مائنر تي صرف تي واٽر ڪورس قائم ڪيا ويا آهن ۽ پاڻي 3.09 گذري ٿو.

ڏهي مائنر:

ڏهي مائنر دادو ڪئنال مان نڪري ٿي هن تي نو واٽر ڪورس آهن. هن مائنر تان تي هزار تي سؤ چوهٺ ايڪڙ زمين آباد ٿئي ٿي. هن شاخ تان پاڻيءَ جو اخراج 10.30 آهي. ڏهي مائنر تي ڪڪ، ڪپهه، تيلي بج، سائي ياڄي ۽ ٻيون زرعي جنسون آباد ڪيون وڃن ٿيون.

لوئر فارم واهه:

لوئر نور واهه تي تي هزار تي سؤ اڻونجاهه ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ جي گنجائش آهي. هن واهه تي اٺ واٽر ڪورس آهن ۽ پاڻي جي گنجائش 16.11 آهي. لوئر فارم واهه تي ڪڪ، ڪپهه جي پوک ٿئي ٿي. اڳ ڪمند جي پوک جامر ٿيندي هئي. پيارو ڳوٺ شگر مل بند ٿيڻ سبب ڪمند جي پوک بند ڪئي وئي آهي.

دائمر برانچ:

دائمر برانچ جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن جي اوٽيهه هزار ٻه سؤ ٻائيتاليهه ايڪڙ زمين آباد ٿيڻ جي گنجائش آهي. هن برانچ تي پنجهٺ واٽر ڪورس آهن ۽ پاڻي ۽ جي گنجائش 242.40 آهي. هن برانچ تي ڪٽڪ ساريون ڪيهه تيلي بج ۽ سائي پاڄي آباد ٿئي ٿي هن برانچ تي ڪمند جي پوک بہ ٿيندي هئي. پيارو ڳوٺ شگرمل بند ٿيڻ سبب هاڻي ڪمند جي پوکي بند آهي.

واڌو واهہ (چنبڙ):

هي ۽ واهہ دادو شهر جي پرسان دادو ڪئنال مان نڪري ٿو ۽ پرپاسي جي زمين کي آباد ڪري ٿو. هن واهہ تان ڪٽڪ ڪمند ڪيهه جي آبادي ٿئي ٿي.

نوٽ: گذريل اڻ ڏهن سالن کان پاڻي جي شديد اٽاٽ سبب هاڻي آبادي گهٽ ايراضي تي پوکي وڃي ٿي.

زرعي پيدائش

ربيع وارا فصل:

ڪٽڪ: ربيع جو هي ۽ فصل دادو جي وسيع و عريض علاقي تي پوکيو وڃي ٿو. ڪٽڪ جي آبادي واهن شاخن ۽ واٽر ڪورسن کان علاوه درياڻي هوڏن ۽ مشينن ذريعي پڻ ڪئي وڃي ٿي. ڪٽڪ جي پوکائي نومبر جي پهرين تاريخ کان ڊسمبر جي سڄي مهيني تائين ٿئي ٿي. دادو تعلقي جي ٻاونجاهہ هزار ايڪڙن کان مٿي ايراضي تي آبادي ڪئي وڃي ٿي.

چڻا:

چڻا تقريباً هر تعلقي ۾ پوکيا وڃن ٿا. چڻن جي پوکي نومبر کان شروع ڪئي ويندي آهي. جيڪا پورو مهينو چالو رهندي آهي.

مٽر:

مٽرن جو فصل گهٽو ڪري ڪچي ۾ پوکيو وڃي ٿو تقريباً هر تعلقي ۾ هي ۽ فصل پوکي ۽ هيٺ آيل آهي.

تيلي بج:

تيلي بج جنهن ۾ سرنهن جانيو ۽ توريو فصل شامل آهن. اهي گهٽو ڪري سيپٽمبر کان پوکڻ شروع ڪندا آهن. ۽ ڊسمبر جي آخري هفتي تائين پوکيا ويندا آهن. هن مان ڪاجرو تيل ۽ گيهہ بہ تيار ٿيندو آهي ۽ ان جي ڪڍ مال کي ڏنو ويندو آهي. تہ مال سگهوتي ويندو آهي هي ۽ ناڻي وارو فصل آهي.

جَوَ:

جَوَن جو فصل نومبر جي پهرين هفتي کان ڊسمبر جي آخر تائين پوکيو ويندو آهي.

ڪلڪا بَصر:

بصر سال ۾ بہ دفعا پوکيا وڃن ٿا. ڪلڪا بصر آگسٽ ۾ پوکيا وڃن ٿا. بصرن جو فصل دادو ضلعي ۾ پوکيو

يندو آهي. هيءَ ناڻي وارو فصل آهي.

سايون پاڄيون:

سايون پاڄيون جيڪي ربيع ۾ پوکيون وڃن ٿيون. انهن ۾ واڳڻ، گوگڙو، بصر، گوبي، گجرون، موريون، پيز، ٽماٽا، بالڪ ۽ ٽوم شامل آهي. هيءَ فصل هڪ سؤ سٺ ايڪڙن تي پوکيو وڃي ٿو.

برسيم:

برسيم نومبر ۾ پوکيو ويندو آهي. هيءَ گاهه جو قسم آهي ۽ چوپايو مال کائيندو آهي. برسيم جو فصل به وسيع پيماني تي پوکيو ويندو آهي. برسيم سان گڏ جاتالو ۽ ڪڇ لوسڻ به پوکيو وڃي ٿو.

خريف وارا فصل

وونڙ:

وونڙ جو فصل اپريل کان پوکي هيٺ ايندو آهي. جيڪو مئي جي پندرهين تائين جاري رهندو آهي. هيءَ ناڻي وارو فصل آهي. هن مان ڪپڙو نهندو آهي ۽ کاڄر و تيل کان علاوه ڪڙ به دستياب ٿيندو آهي.

ساريون:

هيءَ فصل، جون مهيني کان شروع ٿيندو آهي ۽ سيپٽمبر تائين جاري رهندو آهي. ساريون چئني تعلقن ۾ پوکيون وڃن ٿيون.

بصر:

هيءَ فصل، تقريباً هر تعلقي ۾ پوکيو ويندو آهي.

برچ:

مرچن جو فصل مٽيئن ايراضيءَ ۾ پوکيو وڃي ٿو.

جوئر:

جوئر جو فصل ستر جي ڏهاڪي تائين وڏي ايراضيءَ تي پوکيو ويندو هو. هن وقت جوئر گهٽي ياڳي مال جي چاري لاءِ استعمال ٿيندي آهي. اڳ اناج طور استعمال ٿيندي هئي.

مکئي:

مکئي خريف ۾ پوکي وڃي ٿي. جيڪا کائڻ لاءِ ڪم ايندي آهي. ان جو گاهه مال لاءِ چاري طور استعمال ڪيو وڃي ٿو. هيءَ فصل صرف اناويهه ايڪڙن تي پوکيندا آهن.

پاڄيون:

سايون پاڄيون جن ۾ پيندڙيون، توريون، ڪريلا، ميها، لوٽڪ ۽ ٻيون سايون پاڄيون شامل آهن. اهي پاڄيون ونهاري ۾ پوکيون وڃن ٿيون. ساين پاڄين جي ڏيڊ سؤ ايڪڙن کان مٿي ايراضيءَ تي آبادي ڪئي ويندي آهي.

ڪمند:

ڪمند جو فصل بہ سڀني ايريا ۾ پوکيو وڃي ٿو. ڪمند بہ اهم فصلن ۾ شمار ٿئي ٿو.

گاهہ:

مال جي چاري لاءِ خريف ۾ بہ مختلف گاهہ پوکيا وڃن ٿا، جن ۾ لوسڻ جوئر، مکئي ۽ باجهري بہ شامل هي۽ فصل ست سؤ پنجاهہ ايڪڙن تي پوکيو وڃي ٿو.

هنر (دستڪاريون)

صدين کان سندڙ ۾ هٿ جي پور هئي (دستڪاري) کي وڏي اهميت حاصل آهي. هر نندي وڏي ڳوٺ وستي واهڻن ۾ هٿ جو هنر جام ۽ وڏي پئماني تي ٿيندو هو. ڪيتي ٻاڙيءَ ۾ هر ڪي خصوصي اهميت آهي. دادو ضلعي جي نندي وڏي ڳوٺ ۾ ڊڪڻن جا بہ چار گهر ضرور هوندا هئا، جيڪي هارپي جا مختلف اوزار ٺاهيندا هئا. ان ۾ هر پاڙيري گاڏيون ٺاهيندا هئا. اڳ ڪاٺ جي هرن کي زمين کيڙڻ ۽ پوکي راهيءَ ۾ ڪم آڻيندا هئا. پاڙيرون بہ هرن ۾ ٻيندڙيون هيون. ڏاندن کي ڳچيءَ ۾ پاڙيرون وڌهي هر ڪي ان پاڙيريءَ ۾ بند ڪري زمين کي هر ڏيندا هئا. هر ۽ پاڙ کان علاوه ڪاٺ جي تختن مان ڪيٽيون بہ ڊڪڻ ٺاهيندا هئا. هاري ڪيٽين ذريعي زمين کي هموار ۽ سڌو ڪري زمين ۾ آبادي ڪندا هئا.

دادو ضلعي جي ڳوٺن ۾ ڪنيرن جا بہ چار گهر بہ هوندا هئا ۽ ڪنير چيڪي متي مان ڌلا، مٽ، گهگهيون بہ ٺاهيندا هئا، ان سان گڏ ڪونار لوٽا، لوٽيون بہ ٺاهيندا هئا. لوٽا ۽ لوٽيون نار ۾ ٻڌي پاڻي اڻن ذريعي زمين ۾ پهچائڻ هئا ۽ پوءِ آبادي ڪئي ويندي هئي. نار ۽ هُرلو آبپاشيءَ جو قديم ذريعو رهيو آهي. نار ۾ جيڪي اوزار ڪتب ايندا آ انهن جا مختلف نالا آهن. جن ۾ نندي چڪر، وڏي چڪر، گاڏي ٺهڪ، مڪڙو ارو نيسر، پاڙچو ڪاچڙ اينگ ڪافي اوزار جيڪي اڪثر ڪري ڊڪڻ ڪاٺ مان جوڙيندا آهن. ان سان گڏ گهوڙن جا هَنا بہ ٺاهيندا هئا. ان کان ٻ اسان جي ڳوٺن ۾ موچين جا بہ ڪجهہ گهر آباد هوندا هئا. موچي زنانيون ۽ مردانيون جتيون ٺاهيندا هئا ۽ هن وقت ج جو رواج نڪري ويو آهي. ان جي جڳهہ تي بوٽ، سينڈل، چپڪ ۽ ٻيو سامان چمڙي مان تيار ڪندا آهن. اسان جي ۾ عورتون دستڪارين ٺاهڻ ۾ ڀڙ آهن. گهگها، گج، گنجيون، رليون، چادرون، ٽوپيون، وهاڻن جون چٽون، ڏيڪيون، چپيون ۽ ٻيا هنر سليقي سان ٺاهيندڙيون آهن. پرت جو ڪم نفيس ۽ اعليٰ قسم جو ٺاهيو ويندو آهي. گهگهن گ چولن، وهاڻي جي شيون تي گلڪاري ڏاڍي سليقي سان ڪئي ويندي آهي. هن وقت جديد قسم جون مشينون اچي آهن ۽ مشين ذريعي پرت جو ڪم ڪيو وڃي ٿو. بهرحال پوءِ بہ اسان جا هي قديم هنر ايجا تائين پنهنجي انفراديت ۽ دائمر رکندا پيا اچن.

دادو ضلعي ۾ پيش ٿي ٺهندڙ سامان ايجا بہ تيار ٿي رهيو آهي. پيش مان واڻ تڏا، مصلا، چپا، چپيون ۽ ٻيو س بہ ٺهندو آهي. ڪجهہ ماڻهو چمپلن جي جڳهہ تي پيش مان ٺهيل شاهل چمپل بہ ٺاهيندا آهن ۽ ماڻهو شوق سان پا آهن. اڪثر ڪري ڪرين ۽ رڻ جا ڏنار شاهل پائيندا آهن.

دادو ضلعي جي اڪثر ننڍين وڏن ڳوڻن ۾ شهرن ۾ لوهرن جا گهر به هوندا هئا. جيڪي اڄا تائين قائم آهن. لوهر ڪيترائي اوزار لوهه مان تيار ڪندا هئا، جن ۾ گهوٻا، ڦٽڻيون، ڪڙا، ڳنڊيا، ڏاتا، ڏاڻيون، ڪل، ڪوڙون، ڪهاڙيون، رنبا، رنبيون، تيشيون ۽ ٻيو سامان ٺاهيندا هئا ۽ انهن اوزارن مان مختلف ڪم وٺندا هئا. هي هنر اڄا تائين جاري آهي.

سر ۽ ڪانهن دادو تعلقي جي ٻهراڙين ۾ وڏي پئماني تي ٿيندو آهي. سر جڏهن ڏيڏي تي پهچندو آهي. ته ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ان ڏيڏي کي پيڇي گڏ ڪندا آهن. پوءِ انهن کي سڪائيندا آهن. سڪي وڃڻ کان پوءِ ڪجهه وقت ڏين کي پاڻي ۾ پسائي ان کي مهري سان ڪٽي پوءِ ان مان واڻ ٺاهيندا آهن. ڪانهن جي صرف پنن کي ڏڪ هٽي ڪٽي ان مان به واڻ ٺاهيندا آهن. ڪانهن جي صرف پنن کي ڏڪ هٽي ڪٽي. ان مان به واڻ ٺاهيندا آهن. سرن جي ڏيڏي مان جيڪو واڻ ٺهندو آهي اهو ڏاڍو نفيس هوندو آهي. اڪثر ڪري سچي سر جو واڻ ڏاڍو سنو ۽ پائدار هوندو آهي.

جنڊي جو سامان:

جنڊيءَ جو سامان ضلعي جي شهرن ۽ ڳوڻن ۾ وڏي پئماني تي ٿيندو هو اهو هنر به اڄا تائين جاري آهي. انهن شهرن ڳوڻن ۾ دادو، پات، خدا آباد، جوهي، ميهڙ، خانپور، ڪٽ خيرپورناٿن شاهه، ڪاڪڙي ۽ عبدالرحيم جوڪره مشهور آهن. جنڊي مان ڪٽڻ جا پاوا، هندورا، پينگها، منجيون ۽ ٻيو سامان ٺاهيو وڃي ٿو. ان کان علاوه چوٽڙا، پاٽيون ۽ ٽوپا ٺاهيا ويندا هئا. جيڪي ان جي ماپ ۾ ڪتب ايندا هئا. هن وقت انهن ماپن جو رواج نڪري ويو آهي. تڏهن به ڪيترائي تاريخ جا ڄاڻو پنهنجي ڪمرن کي سينگارڻ ۽ يادگار طور رکڻ لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيا آهن.

برساتون ۽ ٻوڏون

دادو شهر ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌل آهي. ڦريائين ڪچي ۾ هو. درياء جي ٻوڏن سبب 2 دفعا پائجي ويو. هيءَ ٽيون دفعو آباد ٿيو آهي. ڇيو وڃي ٿو ته ڪنهن وقت ۾ درياء جو وهڪرو موجوده دادوشهر مان به هو. جنهن جا نشان ٻٽ محلي وٽ واريءَ جا ڏڙا آهن. لعل هنديءَ جي اوپر وارو حصو وارياسو آهي. اهو پٽو درياء کان هلي ٿو ۽ دادو جي ڏاکڻي پاسي کان ٽولڪي طرف وڃي ٿو. اڳ درياء کي بند وغيره نه هوندا هئا. تنهن ڪري درياء جو پاڻي چاڙهه وقت پکڙجي ويندو هو انهي ڪري ماڻهو پنهنجا گهر مٽاهين هنڌ تي ٺاهيندا هئا. بند اڇڻ کان پوءِ ٻوڏ کان بچاءُ آهي. سال 1924ع ۾ درياء ۾ چاڙهه آيو. درياء پنهنجي موج ۾ هو. اوچتو ڪنهن وقت رات جو سيالن کان بند پڄي ڀيو. پاڻيءَ کي اڳيان بند ڪونه هو جنهن ڪري سڌو اچي دادو شهر تي ڪڙڪيو. ماڻهن ۾ ڦڙڦوٽ پئجي ويئي. بازارين ۽ گهٽين جا مٿهن متيءَ سان بند ڪيا ويا. متيءَ لاءِ کڏا کنيا ويا. ڪنيار پاڙي اڳيان سجو مارڪيٽ روڊ وارو علائقو پاڻي هيٺ اچي ويو. سيٺ محمد يعقوب ميمڻ جي ڪارخاني ۾ ڪوئلا رکيل هئا سي به لڙهي ويا. پرائمري سنڊي مين اسڪول ۾ درين تائين پاڻي هو. اندر ڪلاسن ۾ فرنيچر تري رهيو هو. اسڪول جي عمارت جڙ پاڻيءَ جي جهاز جو ڏيڪ ڏيئي رهي هئي. شهر جي آفيسرن ۽ ماڻهن همٽ ڪري سيالن جي ڳوٽ وٽ پڳل بند کي منگلي ڏيئي گهارو بند ڪري ورتو.

سال 1924ع ۾ وري درياء کي چاڙهه آيو. شديد برساتن سبب درياء خطرناڪ صورتحال اختيار ڪئي. ڪشمور کان بند ٽُٽي پيو. جنهنڪري ٻوڏ جي پاڻيءَ اتر طرفان کان ڏکڻ ڏانهن رخ ڪيو ۽ ڳوٽن جا ڳوٽ پوڙي ڇڏيا.

واهن جا بند بہ ٽوڙي ڇڏيا. پاڻيءَ جي وهڪري ملڪ لاءِ وڏي شامت پيدا ڪئي. آخر پوڙاڇي دادو جو پاسو ورتو. دادو ج بچاءَ لاءِ مرڪپور وٽان چاڻي ڳوٺ جي اتر کان هڪ بند ٺاهيو ويو. پاڻي جو رخ ريلوي جي اولهه کان هو. تنهنڪري طرف بند جي سخت ضرورت هئي. ان بند جي واسطي چاڻي جي زميندار آسند اس جو وڪيل بہ هو ان ڏاڍي مدد ڪئ سندس ڪوشش جي ڪري ان بند جو نالو آسند اس بند رکيو ويو. دادو شهر کي اتر ۽ نورواهہ ۽ ٻيا ڪڙيا هئا ۽ اوپر ک دادو ڪنال ۽ ڏکڻ کان جاگير شاخ جو بند، بچاءَ ۾ هئا. پاڻيءَ جو رخ اولهه طرف کان هو. تنهن ڪري آسن بند تي ته گهٽي سوڙهہ هئي. هن پوڙ جي ڪري ريلوي بند کي بہ ڪافي نقصان پهتو. جنهن وقت دادو سان پاڻي اچي ٽڪريو وقت ڪلجي اسٽيشن کان ريلوي بند ٽُٽي پيو. اتر کان ريلوي آمدورفت بند ٿي ويئي. ڪوٽڙيءَ کان آيل گاڏين ک لاڙڪاڻي طرف وڃڻ بجاءِ واپس ڪوٽڙيءَ طرف روانو ڪيو ويو. ان کان علاوه بوبڪ اسٽيشن ۽ سان ريلوي جو بند ٽٽي پيو. جنهن سبب گاڏيون ڪوٽڙيءَ کان سيوهڻ تائين ايندين هيون. مسافر ٻيڙين ذريعي دادو ايندا هئا. اهڙي طر 1942ع واري پوڙ تباهي مچائي ڇڏي.

هن پوڙ دوران سکر بيگاري بند کي چڪ وٺ ڪنڊ لڳو جنهن جو پاڻي علاقا ٻوڙيندو شهدادڪو پهتو ۽ شهدادڪوٽ کي ٻوڙي ڇنبر، وارهہ وارو رستو ڏئي ڏامراهہ ڪينال کي لڳو ۽ ڏامراهہ ڪينال کي ٽوڙڻ ک پوءِ ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهہ کي ٻوڙيندو هيٺ منجهہ تائين پهتو هو. هن سڄي صورتحال ۾ دادو سخت متاثر ٿ انهيءَ زماني ۾ لاڙڪاڻو ڇنبر، وارهہ تعلقن جو سب ڊويزنل مئجسٽريٽ هڪ انگريز Roger Pears هو. تنه ڪان پوءِ هو جيڪب آباد جو ڊپٽي ڪمشنر بہ مقرر ٿيو. روگر صاحب رٽائرمينٽ ڪان پوءِ سنڌ جي حالتن ٻ هڪ ڪتاب بہ لکيو جنهن جو نالو 'Once a happy valley' رکيو.

سنہ 1956ع ۾ وري شديد برساتون پيون ۽ 2 مهينا مسلسل برساتون وسنديون رهيون. ان ڪري وري پوڙ ر ڪيا. ڪيترائي ڳوٺ ٻڏي ويا، ماڻهن جون جايون ۽ فصل برباد ٿي ويا. سندن چوپايو مال لُڙهي ويو ڪجهہ سالن کان. وري 1973ع ۾ شديد برساتون پيون، ۽ درياءَ اٽل ڪاڏي ۽ بند ٽوڙي فصل تباهہ ڪري ڇڏيا. ڪيترائي ڳوٺ زير آب اچ ويا. ماڻهن اباڻا گهر ڇڏي محفوظ هنڌن تي وڃي پناهہ ورتي.

سال 1976ع ۾ وري شديد طوفاني برسات پيئي. جيڪا 5 سيپٽمبر کان شروع ٿي. 11 ـ سيپٽمبر 976. تائين مسلسل وسندي رهي. هن برسات زندگي مفلوج ڪري ڇڏي. هر طرف پاڻي ئي پاڻي هو. دادو شهر جون (سيڪڙو ڪچيون پڪيون جايون ڍهي پٽ پٽجي ويون. ماڻهو پنهنجو سامان ڦٽو ڪري محفوظ جاين ۾ پناهہ گزين ٿ دادو شهر جا سڀ تعليمي ادارا بند ڪري اتي ماتر ماڻهن کي رهايو ويو. دادو شهر جون سموريون آفيسون بند ڪيون ويو ماڻهو دروازا ٽوڙي پناهہ ورتي. ماڻهن کي ٻيڙين ۽ هيلي ڪاپٽرن ذريعي محفوظ جاين تائين پهچايو ويو. دادو شهر ۾ چ جيڏو پاڻي ٻيٺو هو. روڊن تي ٻيڙيون گهُمندي ڏٺيون ويون.

سال 1973ع ۽ 1976ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم هو. 1976ع جي صورتحال کي ڏسڻ لاءِ ش ڀٽو بذات خود دادو تشريف فرماء ٿيو ۽ شهر جو دورو ڪيو. مزدور آباد محلي ۾ گاڏيءَ تان لهي گوڏي جيڏي پاڻيءَ ۾ پنڌ پنڌ سڄي شهر جو دورو ڪري سينيما ۾ پرسان مختصر خطاب ڪيو ۽ هر ممڪن امداد جو يقين ڏياريو ۽ هدايتون جا ڪيون تہ متاثرين کي هيلي ڪاپٽرن ذريعي بہ امداد پهچائي وڃي. ان حڪم تحت فوري طور تي عمل درآمد ڪ سڄي ضلعي ۾ جتي جتي متاثر هئا، انهن کي هيلي ڪاپٽرن ذريعي کاڌو چانور، ڪنڊ، چانهہ ۽ دوائون پهچايون ويون.

کان علاوه هائوس بلڊنگ فنانس کارپوريشن کي پڻي صاحب حڪم ڪيو ته هو. متاثرين کي قرض مهيا ڪن. ان ڪري ماڻهن قرض حاصل ڪري پنهنجا اجها ڪاهي وري گهر آباد ڪيا.

22 ـ 21 ـ جولاءِ 1995ع ۾ وري شديد برسات پيئي. نئين گاج مستيءَ ۾ اچي ڳوٺ ويران ڪندي بند ٽوڙيندي دادوءَ جو رخ ڪيو. جوهي بند کي ٽوڙي وري چنبڙ تي زور رکيو ۽ چنبڙ کي به ڪيترن هنڌن تان گهارا پيا، ان ڪري دادو شهر تي زور گهٽجي ويو. هن ڀوڏ ۾ تقريباً ايائي سؤ ماڻهو لڙهي ويا، ۽ ڪيترائي لاش پاڻيءَ ۾ ترندي ڏٺا ويا جيڪي ڳڙي ويا.

سال 2010ع واري درياهي ٻوڏ دوران ٽوڙي بند کي کنڊ لڳڻ ڪري سنڌ جي اُترين پاسي جيڪا بربادي ٿي سا وسارڻ جهڙي ناهي. هن Black Cobra ٻوڏ ۾ دادو سخت متاثر ٿيو. دادو ضلعي جو تعلقو خيرپور ناٿن شاهه خالي ڪرايو ويو. ميهڙ کي ٻوڙڻ کي بچائڻ لاءِ خيرپورناٿن شاهه کي قربان ڪيو ويو. سال 2011ع ۾ سنڌ جي ڏاکڻي حصي ۾ برسات وڏي تباهي آندي ۽ 2012ع ۾ به اُترين سنڌ ۾ مينهن جو زبردست وسڪارو ٿيو.

پتڻ

پتڻ ان کي چئبو آهي جو درياء تي مخصوص هنڌن تان بيڙين يا غورابن ذريعي مال هڪ پاسي کان ٻئي پاسي اماڻجي يا بيڙين ذريعي مال لهي چڙهي. سنڌ ۾ قديم دور کان بيڙين ذريعي واپار هلندو هو ۽ بيڙيون هميشه پتڻ جي موجود هوندیون هيون. دادو ضلعي ۾ به ڪيترائي پتڻ آهن. جتان مال لاٽو ۽ چاڙهيو ويندو آهي. دادو ۾ هيٺيان مشهور پتڻ آهن. جن جو مختصر تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

سيتا پتڻ:

سيتا، قديم پتڻ آهي. جيڪو درياءَ جي ڪپ تي واقع هو. درياء پائڻ سبب اهو بندر اجڙي، ويران ٿي ويو آهي. هن وقت به سيتا جي نالي تي ٻڌا شهر هڪٻئي جي بلڪل قريب آهن. سيتا بندر تان ماڻهو درياه جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين بيڙين ذريعي سفر ڪندا هئا. پنهنجو چوپايو مال اناج هن بندر ذريعي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي بيڙين ذريعي روانو ڪندا هئا. ان ڪري درياء جي ٻنهي پاسن جي ماڻهن کي آمد و رفت ۾ سهوليت ٿيندي هئي هيءَ قديم بندر آهي. جيڪو ايڏا تائين ماڻهن جي آمد و رفت جو ذريعو آهي.

ناصراڻي پتڻ:

ناصراڻي پتڻ به قديم بندرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هيءَ پتڻ، ڳوٺ ناصراڻين جي پرسان آهي. هن پتڻ تان ماڻهو بيڙين ذريعي سفر ڪندا آهن. ان کان علاوه چوپايو مال اناج ۽ ٻيون زرعي جنسون هن پتڻ تان روانيون ڪيون ويندیون هيون. هيءَ بندر اڄ وڄ لاءِ اهم ذريعو هو. جيڪو سيتا ناصراڻي ۽ پرپاسي جي ماڻهن کي آمد و رفت جو مڪيه ذريعو هو.

رکڻ پتڻ:

رکڻ هڪ قديم شهر آهي. رکڻ نالي سان به شهر، نئين رکڻ ۽ پراڻي رکڻ سڏجن ٿا. رکڻ درياهي بندر هو هن بندر تان درياء جي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي تائين ماڻهو بيڙين ذريعي آمدورفت ڪندا هئا.

هيءَ قديم ترين بندر آهي. هن بندر ذريعي علاقي جو مال بيڙين ۽ غورابن ذريعي ڏيساور ويندو هو ۽ اتان وري

بيڙا پرجي ايندا هئا. ۽ هن بندر تي لنگرانداز ٿيندا هئا. اهو مال هن علاقي جي وڏن شهرن تائين پهچندو هو. ۽ اتان واپاري مال خريد ڪري نندڙن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڪرو ڪري خوشحال زندگي گذريندا هئا. هن بندر تان جيڪو مال باهر ويندو هو ان ۾ ڪڪ، چانور، تيلي بج، چوپايو مال، گهوڙا، اُٺ ۽ ٻيو مال شامل هو. ان کان علاوه نير، تلوارون، جنبي جو سامان، صندوقون به شامل هيون. اهي به باهر روانو ڪيون ويندیون هيون.

پراٹو ديرو پٽڻ:

پراٹو ديرو هڪ قديم شهر آهي جيڪو درياء جي ساڄي پاسي اڄ به قائم دائم آهي. هيءُ شهر درياءِ بندر هو. هن بندر تان ٻيڙين ذريعي درياء پار ڪندا هئا. مال مويشي اناج، بج، درياء جي هڪ پر کان ٻئي پر تائين پهچائيندا هئا. هيءُ واپار بندر هو. هن بندر تي هميشہ وڏا ٻيڙا ۽ غوراب بينل هوندا هئا. مال لهندو ۽ چڙهندو هو. هن بندر تان اناج، تيلي بج، لونگ، ڪارا مرچ، آبنوس، ڪافور، ناريل، گهوڙن جون زينون، چمڙو ۽ تلوارون جهازن رستي عدن تائين ويندیون هيون. ان وقت سنڌي واپاري غرناطا تائين پهتا. ۽ مشرق ۾ سلون، سنگاپور ۽ چين تائين پهتا. ٻين بندرن کان علاوه پراٹي ديري بندر تان به واپاري غورابن ذريعي هن بندر تي پهچندو هو. جتان مقامي واپاري سامان خريد ڪري مختلف علاقن ۾ وڪرو ڪندا هئا. سنڌ جا اڪثر شهر درياءِ جي ڪنارن تي سان قائم هئا. ان جي نشاندهي مشهور عرب سياح، ابن بطوطا ڪئي آهي. ان جي چوڻ موجب سنڌ جي شهرن ۾ ڪير ۽ مچي جام هئي. سندس ڏينهن ۾ سنڌوندي تي جهاز راني چالو هئي. ان مان ثابت ٿيو ته هن جا بندر واپار جا مرڪز هئا. انهن ۾ پراٹو ديرو بندر به شمار ڪري سگهجي ٿو.

هيءُ بندر انگريزن جي دور ۾ ته وڏي ترقي ڪئي ۽ دنيا جي مختلف ملڪن سان واپار جي مٿا ستا ٿيندي هئي. انگريزن سهوليت خاطر ڪُلجي اسٽيشن کان هڪ ريل جي پٽڙي پراٹي ديري تائين وڇائي ۽ ريل رستي مال ڏيساور موڪلڻ لاءِ هيءُ پٽڙي استعمال ڪئي ويندي هئي ۽ ڏيساور کان جيڪو مال پراٹو ديرو بندر تي پهچندو هو. اهو مال علاقي جي مختلف شهر ڏانهن روانو ڪيو ويندو هو. اهڙي طرح هن بندر علاقي جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ملڪ پٽڻ:

ملڪ بندر يا پٽڻ جو قديم بندرن ۾ شمار ٿئي ٿو. هن شهر کي ملڪ قبيلي جي ماڻهن آباد ڪيو هو. انهن جي نالي پٺيان هيءُ ڳوٺ ۽ بندر سڏجي ٿو. هن بندر ذريعي دادو ۽ موري جا ماڻهو ٻيڙين ذريعي درياء پار ڪندا هئا. چوپايو مال اناج ۽ ٻيون سامان ٻيڙين ذريعي درياء جي ٻئي پاسي پهچائيندا هئا. هيءُ شهر واپاري مرڪز به هو. ڇاڪاڻ ته درياء جي ٻنهي پاسي وڏا شهر، دادو ۽ مورو آباد هئا. انڪري پهريائين ڪچو مال، اناج ۽ سامان هن ڳوٺ ۾ پهچندو هو. پوءِ اُتان ذريعي ٻين شهرن تائين پهچندو هو.

لليا پٽڻ:

دادو ۽ مورو جي پرسان قديم ڳوٺ لليا واقع آهي. هيءُ ماڳ، ٻنهي شهرن کي ملائڻ لاءِ ريڙهه جي حيثيت رکندو هو. لليا قديم بندر آهي. هن بندر تان ٻنهي شهرن ۽ پرپاسي جي ماڻهن کي درياء پار ڪرڻ جي سهوليت ميسر هئي. هن بندر تان ماڻهن کان علاوه چوپايو مال، اَناج، تيلي بج ۽ ٻيو سامان ٻيڙين ذريعي هڪ پاسي کان ٻئي پاسي پهچايو ويندو هو. هن بندر جي ڪري دادو نوابشاهہ ضلعي کان علاوه لاڙڪاڻي ۽ سانگهڙ ضلعي جي ماڻهن کي به سهوليت مليل هئي ۽ آرام سان پنهنجو چوپايو مال اناج ۽ ٻيون شيون انهن شهرن تائين آساني ۽ سان پهچي ويندیون هيون. مرڪزي سرڪاري سال 1966ع ۾ هن بندر تي ٻيڙين جي پل تيار ڪرائي پل جو افتتاح ان وقت جي وزير مواصلات محمد خان

جوڙيجي ڪيو. هيءَ پل، سياري ۾ آمدورفت جو ذريعو هئي. هن وقت دادو مورو پل شهيد مخدوم بلاول پل قائم ڪئي ويئي آهي. پل جو ڪم 1974ع ۾ پرٽي صاحب جي دور ۾ شروع ٿيو ۽ پل 1984ع ۾ نهي راس ٿي. پل جو افتتاح جنرل ضياءَ ڪيو. پل تي خرچ جو تخمينو 32 ڪروڙ روپيا هو. مگر ان تي ڪل خرچ 22 ڪروڙ روپيا آيو.

جَهلو بندر:

هيءَ بندر، جهلو ڳوٺ وٽ درياء تي قائم ڪيو ويو. هن بندر تان ماڻهو هڪ پاسي ڪان ٻئي پاسي ايندا ويندا آهن. ان کان علاوه چوپايو مال، اناج ۽ ٻيو سامان به ٻيڙين ذريعي درياء پار ڪيو ويندو آهي. هن وقت دادو مورو پل شهيد مخدوم بلاول پل قائم ٿيڻ کان پوءِ آمدورفت گهٽو ڪري پل ذريعي ٿيندي آهي.

دادو- مورو پل / شهيد مخدوم بلاول پل:

سکر کان حيدرآباد تائين سنڌو درياء تي ڪابه پل نه هئڻ ڪري عوام سخت تڪليفن سان دوچار هو. ۽ گهٽي وقت کان مورو کان دادو تائين رسائي لاءِ هڪ پل جي اشد ضرورت محسوس ڪئي پئي وئي. خاص طور تي للیا پٽڻ وٽ جيڪو مورو کان 6 ميلن جي مفاصلي تي واقع هو. عوام جي ديرينه خواهش کي ڏسندي ان دور جي عوامي حڪومت (شهيد پٽو دور) ان ڳالهه کي ترجيح ڏني ته عوام جو اهو خواب پورو ٿئي ۽ حقيقت ۾ بدلجي وڃي.

سکر کان ڪوٽڙي تائين 2 سؤ ميلن جو مفاصلو آهي ۽ وچ ۾ ڪنهن به ٽڪڙي آمدورفت جيڪا درياء جي ٻنهي پاسن کان آباد شهرن کي ملائي سا نه هئي. خاص طور تي اوپر کان نواب شاهه ۽ سانگهڙ جي عوام ۽ اولهه کان لاڙڪاڻي ۽ دادو جي عوام جي ميل ميلاپ جو ڪوبه ٽڪڙو حل ڪونه هو. ساڻئي وقت آمدورفت، وٽج واپار، شين جي مٽاسٽا، واپار ۽ ٻئي مال جي ٽڪڙي رسد جو ڪوبه خاطر خواهه ذريعو نه هو.

درياء تي فقط ٻيڙين وسيلي مال ۽ ماڻهن جي اڇ وڇ هئي. جيڪا نه رڳو تاخير ڪندڙ هئي. بلڪ ڪنهن حد تائين جوکائتي به هئي. ساڻئي وقت ملڪي دفاع ۽ فوج جي نقل حرڪت لاءِ پڻ مورو کان درياء تي ڪراسنگ انتهائي ضروري امر شمار ڪئي وئي.

ان خيال کي مدنظر رکندي للیا پٽڻ تي درياء تان ڪراسنگ لاءِ هڪ جديد پل جي ضرورت محسوس ٿي. ان ساڻئي هنڌ تي 1966ع کان ٻيڙين جي پل تعمير ڪرائي وئي. جنهن جو افتتاح ان وقت جي وزير مواصلات (مغربي پاڪستان) محمد خان جوڻيجي ڪيو. بعد ۾ 2 اسٽيمر جهاز نيري سروس لاءِ پڻ ٻيهاريا ويا. پر جيئن ته پل جي تعمير ناگزير ٻڌجي وئي.

هڪ جديد پل جي رٿا کي مدنظر رکي پٽو دور جي عوامي حڪومت ۾ 1974ع کان دادو- مورو پل جو ڪم شروع ڪيو ويو جيڪا 14 سيپٽمبر 1982ع تي مڪمل ٿي ۽ ان وقت جي صدر جنرل ضياء ان جو افتتاح ڪيو. هيءَ ملڪ جي واحد پل آهي. جيڪا جديد ٽيڪنالاجي ۽ بهترين طرز تعمير سان تيار ڪئي وئي آهي. هيءَ پل ايشيا جي سڀ کان وڏي ڪشادي ۽ جديد طرز تعمير آهي.

هن پل مان پاڻيءَ جي نيڪال جي گنجائش 13 لک ڪيوسڪس آهي. درياءَ بندن درميان مفاصلو سادا 8 ميل آهي. پل جي ڊيگهه 3950 فوٽ آهي. پل جا 13 دروازا آهن. هر هڪ دروازي جي اندرون اندر مفاصلو 316 فوٽ ۽ 8 انچ آهي. هن آخري دروازن جو مفاصلو 233 فوٽ 4 انچ آهي. پل جي 36 فوٽ 8 انچ ويڪر آهي. ان تي روڊ جي ويڪر 28 فوٽ آهي. ٻنهي پاسن کان فوٽ پاٽ آهي. هر هڪ جي ويڪر سادا 3 فوٽ آهي. پٽين جو بنياد 151 فوٽ آهي. پل

جو مددي بند 5600 فوٽن جو آهي. جڏهن ته وهڪري کي يڪجاءِ ڪري گذارينڊ حاشائي بند سڄي پاسي ک 2970 فوٽ آهي ۽ ڪپي پاسي کان 11600 فوٽ آهي.

هن پل ۾ جيڪو مٽيريل استعمال ٿيو آهي. ان جو تفصيل هن ريت آهي. مٽيءَ جو ڪم 11 ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽ، پٿر 2,74 ڪروڙ ڪيوبڪ فوٽ، ڪنڪريٽ 11 لک ڪيوبڪ فوٽ، سيمنٽ 12 هزار ٽن ۽ لوهه 1920 ٽن پل ڪتب آيو آهي. دادو- مورو برج پراجيڪٽ گورنمينٽ سنڌ جي اريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ جي نگراني ۾ هلي مٽي ذڪر ڪيل آهي ته پل جو ڪم 1974ع ۾ پيپلز پارٽي صاحب جي دور حڪومت ۾ شروع ٿيو هو. هن پراجيڪٽ ج تخمينو 32 ڪروڙ رپيا منظور ڪيو ويو. جڏهن ته ان تي 22 ڪروڙ 28 لک رپيا خرچ ٿيو. هن پل جو افتتاح جن ضياءالحق 14- سيپٽمبر 1982ع بمطابق 25 ذي القعد 1402هـ تي ڪيو. پل جو ڪم هيٺين آپاشيءَ جي عملدا جي ايامڪاري ۽ نگرانيءَ ۾ هليو: عبدالوهاب شيخ ايڊيشنل چيف سيڪريٽري حڪومت سنڌ، ايڇ.ايم.ڊ سيڪريٽري آپاشي حڪومت سنڌ، اي ايڇ ميمڻ چيف انجنيئر سکر بئراج، اي آر ميمڻ چيف انجنيئر سکر بئرا محسن شيخ سپرنٽينڊنگ انجنيئر، عبدالقادر ابڙو ايگزيڪيوٽو انجنيئر، شجاع احمد جوٽيجو ايگزيڪيوٽو انجنيئ قابل ذڪر آهن. هن پراجيڪٽ جا ڪنسلٽنٽ پاڪستان انجنيئرنگ ايسوسيئيٽس لميٽڊ، برج انسٽرڪچر فائونڊيشن انجنيئرنگ لميٽڊ ٽريننگ ورڪنگ رحمان خان ختڪ ۽ شيخ منظور احمد اينڊ ڪمپني شمار ٿين ٿا.

ڊنڊيون ۽ ڊورا

ڊنڊيون:

سنڌو درياءَ ڪي پورالو درياءَ ۾ چوندا آهن. ان ڪري ته سنڌو پنهنجو رخ هميشه ٿي بدلايو آهي. رخ جڏهن تبديل ڪيو آهي. تہ اتي پنهنجا يادگار ڊنڊين ۽ ڊورن جي صورت ۾ ڇڏيا آهن. سنڌ ۾ جتان جتان درياءَ پير پاتو آهي ا ڊنڊون ۽ ڊورا قائم ٿيا. دادو ۾ به ڪيترائي ڊورا ۽ ڊنڊيون اڄ به اسان ڏسي سگهون ٿا.

جاکپاري جي ڊنڊي:

هيءَ ڊنڊي، جاکپاري ڳوٺ جي پرسان آهي. هن ڊنڊي ۾ مڇي وڏي تعداد ۾ هوندي هئي. جنهن ۾ موراکو ڪر ٽيلهي، جَرکو سِينگاري، گوج، ڏاهي ۽ ٻين قسمن جون مڇيون شامل آهن. ازانسواءِ سياري جي مند ۾ سائبريا م ڪيترن ئي قسمن جا مهمان پکي اچي هن ڊنڊي ۾ ڊيرو ڇمائيندا هئا. ازانسواءِ ٻهه لوڙهه قمر ڪوٽيون، وڏي تعداد ۾ ٽيا هئا. ان کان علاوه پن ۽ ڏيرگاهه به هن ڊنڊي ۾ جام هوندو هو. انهن مان تڏا، تنوريون، مصلا نهندا هئا. هن وقت هيءَ ڊنڊي پا نه هڻڻ سبب سڪي وئي آهي. ان مان هن وقت وڏي تعداد ۾ لوڻ دستياب ٿيو آهي. جتان ترکن ڏريمي لوڻ پا موڪليو وڃي ٿو.

سچاري جي ڊنڊي:

هيءَ ڊنڊي، سچاري ڳوٺ جي پرسان آهي. هن ڊنڊي مان مڇي جام ملندي هئي. جنهن ۾ ڪرڙو جرکو ٽيلهو موراکو شاکر، سنگاري، ڏاهي ۽ ٻين قسمن جي مڇي ملندي هئي. ان کان علاوه پن، ڏير به وڏي انداز ۾ هوندي هئي. ه مان تڏا، تونريون ۽ مصلا به نهندا هئا. ان ڊنڊي ۾ پکين جا ڪيترائي قسم سياري جي موسم ۾ سائبريا مان ايندا هئا ۽ ان جو شڪار به ٿيندو هو.

ڪجھ سالن کان هيءَ ڏنڊ به پاڻيءَ جي ڪوٽ سبب خشڪ ٿي وئي آهي.

چڪر جي ڏنڊ:

هي ڏنڊ دادو تعلقي ۾ آهي. هن ڏنڊ ۾ مڇي وڏي مقدار مان حاصل ٿيندي آهي. جنهن ۾ ڪروڙ موراکو ٽيلهي، شاڪر، سينگاري، ڏاهي ۽ ٻيون مختلف قسمن جون مڇيون ملنديون آهن. ان کان علاوه پن ڏير، ڪل ۽ ٻيو گاهه به ٿيندو آهي. هن وقت هيءَ ڏنڊ به سُڪي ختم ٿي وئي آهي.

پير ڪٽيو ڏنڊ[1]:

پير ڪٽيو ڪوٽ پرسان هيءَ ڏنڊ 'پير ڪٽيو ڏنڊ' جي نالي سان سڏجي ٿي. خشڪ سالي سبب گذريل 25,30 سالن کان ڏنڊ سڪي ٽوٽ ٿي وئي آهي. ڪنهن دور ۾ هيءَ ڏنڊ، پڪين جي شڪار کان مشهور هئي.

هيءَ ڏنڊ، هن وقت پنهنجي ماضيءَ کي ياد ڪري هنجون هاري رهي آهي. هن ڏنڊ مان ڪنهن دور ۾ وڏي تعداد ۾ مڇي به ماري ويندي هئي. جنهن ۾ موراکو ڪرڙو ٽيلهي، ڏنيرو، پوپري، شاڪر، ڏاهي ۽ سينگاري شامل آهي.

حاجي اسماعيل جو ڏورو:

هن ڏوري مان مڇي ماري مارڪيٽ ۾ پهچائي ويندي آهي. هيءَ ڏورو سرڪاري طرح نيلام ٿيندو آهي. ڏوري مان ڪرڙي، ٽيلهي، جرڪو موراکي، پوپري، ڏاهي، سينگاري ۽ ٻين قسمن جون مڇيون ماري مختلف علاقن ڏانهن موڪليون ويندڙيون آهن.

پراڻي ديري واري ڏنڊ:

هيءَ ڏنڊ، پراڻي ديري ڪوٽ[2] وٽ هئي. جيڪا به پاڻيءَ جي شديد اٽاٽ سبب سڪي ٽوٽ ٿي وئي آهي. هن ڏنڊ مان وڏي تعداد ۾ مڇي اعليٰ قسم جي حاصل ٿيندي هئي. جنهن ۾ ڪروڙ موراکو گندڙ جرڪو سينگاري، شاڪر، پوپري، ڏاهي ۽ ٻين ڪيترن ئي قسمن جون مڇيون شامل هيون. هن وقت هن ڏنڊ ۾ ڪڪ جي پوک ڪئي وڃي ٿي.

سونياريءَ جي ڏنڊ:

سونياريءَ جي ڏنڊ به هن وقت سُڪي وئي آهي. اڳ ۾ هن ڏنڊ مان ڪرڙو موراکو ٽيلهي، رڙو، شاڪر، جرڪو، ڏاهي ۽ ٻين قسمن جون مڇيون دستياب ٿيندڙيون هيون. پاڻي نه هڻڻ سبب مڇيءَ جو نسل ختم ٿي ويو آهي. صرف ڏنڊ جا آثار ڏسي سگهجن ٿا. هيءَ ڏنڊ ڪوٽ ڏٽي جي ميانيءَ پرسان آهي.

ناصراڻي ڏنڊ:

ناصراڻي ڏنڊ، ناصراڻي ڪوٽ جي پرسان هئي. درياء جي اٽل هڻڻ سبب هيءَ ڏنڊ به پنهنجو اوج وڃائي وئي آهي. هن ڏنڊ مان به مڇي ملندي هئي. جنهن ۾ اعليٰ قسم جي مڇي شامل آهي.

---

[1] هيءَ ڏنڊ سونياري واري پراڻ جو حصو هئي. سونياري واري درياءَ ڏانهن وهڪرو شهيد مخدوم بلاول جي زماني ۾ باغبان کان اُتر ۾ هو پر اهو نئون وهڪرو هو سونياري وارو پراڻ باغبان ۽ موجوده بهاولپور جي وچان لنگهه پير ڪٽيي شهر کان ٽپندو هو. هيءَ ڏنڊ ان درياء جو پراڻ آهي. (ايڊيٽر)

[2] پراڻو ديرو ڪنهن دور ۾ درياءَ بندر رهيو آهي. انگريزن جي ڏينهن ۾ هن بندر کي وڏو اوج حاصل هو. هن بندر تان لهندڙ مال ريل رستي ڏاجي اسٽيشن تي پهچايو ويندو هو. جتان سنڌ جي ٻين شهرن ڏانهن پهچايو ويندو هو. (ايڊيٽر)

ونڀرن واري ڍنڍ:

هيءَ ڍنڍ، دادو شهر جي اوپر ۾ هئي. درياءَ جي ڇڏي وڃڻ سبب ڍنڍ سُڪي وئي آهي. هاڻي ان ۾ ڪڇ جي آبادي ڪئي وڃي ٿي. اڳ ڍنڍ مان مڇي ماري ويندي هئي. مڇي کان علاوه بهه قمر، لوڙهه، ڪوٽيون ۽ پن پڻ ملندي هئي.

امير پير جي ڍنڍ:

هيءَ ڍنڍ، امير پير جي پرسان هئي. اها به هن وقت اجڙي وئي آهي. پاڻي نه هئڻ سبب سنڊس اوج ختم ٿي ويو آهي. هن ڍنڍ مان به ماڻهو مڇي مارينداهئا.

ڪري ڍنڍ:

ڪري ڍنڍ، سيتاوليج پرسان آهي. اها ڍنڍ ديهه پکو سيتا، تپو پاٽ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءَ ڍنڍ به درياءَ جي آهي. درياءَ جي اٿل سبب ڪري ڍنڍ پرجي ويندي هئي ۽ ان ۾ مڇي وڏي تعداد ۾ مرندي هئي. پاڻي نه هئڻ سبب سُڪي وئي آهي.

موندر جي ڍنڍ:

موندر جي ڍنڍ، ڳوٺ موندر تعلقي دادو ۾ واقع آهي. هيءَ ڍنڍ به درياءَ جي آهي. درياءَ جي اٿل سبب ڍنڍ پرجي ويندي آهي. هن ڍنڍ ۾ مڇي وڏي تعداد ۾ مرندي آهي.

لاکن جي ڍنڍ:

لاکن جي ڍنڍ، ديهه پکو سيتا، تپو پاٽ ۾ آهي. درياءَ جي اٿل سبب هيءَ ڍنڍ، پاڻيءَ سان پرجي ويندي آهي. پاڻيءَ جي ڪري هن ڍنڍ ۾ مڇي وڏي تعداد ۾ مرندي هئي ۽ ڪيترائي ملاح ۽ ٻين قبيلن جا ماڻهو مڇيءَ جو شڪار ڪندا هئا. مڇي ۾ ڪرڙو موراکو شاکر، گندڻ سينگاري، جرکو ڏاهي ۽ ٻين قسمن جون مڇيون دستياب ٿيندڙيون هيون.

هن وقت هيءَ ڍنڍ سڪي ٽوٽ ٿي وئي آهي. ڍنڍ سيتاوليج جي پرسان واقع آهي.

ڇُڻي جي ڍنڍ:

ڇُڻي جي ڍنڍ سيتاوليج جي پرسان آهي. جيڪا ديهه پکو سيتا، تپي پاٽ ۾ آهي. هيءَ ڍنڍ، درياءَ جي ڇڏي وڃڻ سبب وجود ۾ آئي آهي. هن ڍنڍ ۾ ڪيترن ئي قسمن جون مڇيون هونديون هيون. جن ۾ موراکو ڪرڙو گندڻ جرکو ڏاهي شاکر ۽ ٻين قسمن جون مڇيون شامل هيون. ان کان علاوه سياري جي موسم ۾ پکي وڏي تعداد ۾ اچي ديرو ڇمائيندا هئا. هن وقت هيءَ ڍنڍ به سڪي ٽوٽ ٿي وئي آهي.

ڊورو ڏمريو:

ڊورو ڏمريو ديهه ڊورو ڏمريو تپو پاٽ ۾ آهي. هيءَ درياءَ ڊورو آهي. درياءَ جي ڇڏي وڃڻ بعد هيءَ ڊورو وجود ۾ آيو. ڪنهن دور ۾ هيءَ ڊورو پاڻيءَ سان ڀرپور هوندو هو ۽ ان ۾ مڇي ۽ پکي جام ٿيندا هئا. ان کان سواءِ بهه، پيڙ، ڪوٽيون لوڙهه ڏير ۽ پن به جام ٿيندي هئي. گذريل ڏهن چاليهن سالن کان هيءَ ڊورو سُڪي ٽوٽ ٿي ويو آهي. آبادگار ڊوري کي هموار ڪري آباد ڪري رهيا آهن.

ڪڙن وارو ڏورو:

ڪڙن وارو ڏورو به درياء جي ڇڏي وڃڻ سبب وجود ۾ آيو هيءُ ڏورو ڳوٺ ميوي لُنڊ جي اوپر ۾ 1 ڪلوميٽر پنڌ ۾ آهي. ڏورو ڏيهه بني تپوياڻي يونين ڪائونسل مرادآباد ۾ آهي. گذريل اڌ صديءَ کان سڪل آهي. ان کان اڳ هيءُ ورو پاڻيءَ سان ڀريل هوندو هو. هن ڏوري ۾ مڇيءَ جو شڪار ٿيندو هو. آبادگار ڏوري کي هموار ڪري آبادي ڪري رهيا هن.

ٽيهڙو ڏورو:

هيءُ ڏورو سيتاوليج جي پرسان آهي. درياء جي ڇڏي وڃڻ بعد وجود ۾ آيو. ڪنهن دور ۾ هن ڏنڊ ۾ مڇي کان علاوه پکي جام هوندا هئا. ڀهه پيڙ لوڙهه ڪر ڪيرولين دستياب ٿيندين هيون. گذريل ٽيهن چاليهن سالن کان هيءُ ورو سڪي ويو آهي. زمين کي ٽريڪٽرن ذريعي هموار ڪري، آبادگار زرعي پيدائش حاصل ڪري رهيا آهن.

ڪل وارو ڏورو:

هيءُ ڏورو ڏيهه پکو سيتا، تپو پات ۾ آهي. درياءِ ڏورو آهي. گذريل 25 سالن کان هيءُ ڏورو سُڪي ٺوٺ ٿي ويو آهي. ان کان اڳ هن ڏوري ۾ مڇي کان علاوه پکي جام هوندا هئا. شڪار جا شوقين مڇي ۽ پکي جو شڪار ڪندا هئا.

ڀير ترهي وارو ڏورو:

ڀير ترهي وارو ڏورو ڏيهه ڀير ترهو ۾ آهي. هيءُ ڏورو درياء ڇڏي وڃڻ سبب وجود ۾ آيو. هن وقت آبادگار ڏوري کي هموار ڪري آبادي ڪري رهيا آهن.

ڏڙن وارو ڏورو:

ڀنڀن وارو ڏورو يا ڏنڊ، ڏيهه ڏنڊ تپو خدا آباد ۾ آهي. ۽ ڳوٺ غلام علي ڏنڊ جي اوپر ۾ واقع آهي. هيءُ به درياءِ ورو آهي. صديون اڳ جڏهن درياء هتان وهندو هو تہ هيءُ ڏورو وجود ۾ آيو. درياء ڇڏي وڃڻ کان پوءِ هيءُ ڏورو پوءِ به پاڻيءَ مان ڏمڙ رهندو هو. هن ڏوري ۾ مڇيون جام مرندين هيون. ان کان علاوه پن به ٽيندي هئي. سياري جي موسم ۾ سائبريا مان پکي ڪجهي اچي ڏيرو ڇمائيندا هئا.

هن ڏنڊ ۾ ڀهه ڀيڙ لوڙهه ڪيرولين ۽ ڪوٽيون به جام ٽيندين هيون. هن وقت هيءُ ڏنڊ سُڪي ٺوٺ ٿي وئي هي. آبادگار زمين هموار ڪري آبادي ڪري رهيا آهن.

تاريخي ورثو

وهر جو ڏڙو:

لوهر جو ڏڙو دادو تعلقي ۾ پيارو ڳوٺ اسٽيشن جي اتر ۾ ريلوي لائين کان اتڪل هڪ فرلانگ اوپر ۾ واقع هي. هي ڏڙو دادو شگر مل پيارو ڳوٺ جي وجود ۾ اچڻ کان اڳ صحيح سلامت هو. مل جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ آهستي آهستي شرف آباد ڳوٺ ۾ بدلجي ويو. ڏڙي جي بربادي ۾ مل انتظاميہ ريلوي جي عملي ۽ تر جي جاهل ۽ نادان خوشامدي

وڌيرن، پنجابي آبادگارن ۽ پورهيتن جو وڏو هٿ ۽ دخل هو. بروقت انتظاميه قدم کڻي ها تہ هي دڙو ائين تباهہ برباد نہ ٿي وڃي ها. ڪن سڃاڻ شخصيتن آواز بلند ڪيو پر افسوس جو ان طرف ڪنهن به توجہ نہ ڏنو. تاج صحرائي آثار قديمہ جي عملدارن حيدرآباد جي ڪمنشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ ان وقت جي ڊپٽي ڪليڪٽر لياقت آرائين کي خطن تارن رستي آگاهہ ڪيو. ڊپٽي ڪليڪٽر لياقت علي آرائين تاريخ 6۔ جنوري 1979ع کان 18۔ آگسٹ 1980ع تائين انڪوائري ٻہ ڪئي. پر ڪوبہ ڪڙ تيل نہ نڪتو.

محقق تاج صحرائي پنهنجي هڪ مقالي ۾ جيڪو ماهہ سيپٽمبر 1996ع ۾ ماهوار "نئين زندگي" ۾ شايع ٿيو. لکي ٿو تہ راقم اهي دڙا آمريڪي ماهر ڈاڪٽر لوئيس فليم کي 22۔ ڊسمبر 1986ع ۾ گهُمايا. جرمن اسڪالر ڈاڪٽر هنس نيسان مادام مارگريٽ نيسان ۽ مسٽر محمد صديق سان گڏ 26۔ فيبروري 1983ع تي گهمايا. ان وقت دڙي تي غير قانوني اڏاوتون زور شور سان شروع هيون.

ميان محمد صديق قديم آثارن جي ڪاتي ۾ نوڪريءَ ۾ هو ۽ سندس مقرري هڙاپا ۾ هئي. اسان دڙن کي عبرت سان ڏسي رهيا هئاسين ۽ جرمني ماهر اسان کي سوالي نظرن سان تڪي رهيو هو.

دڙي جي هڪ ٻيهڪ تي قديم آثارن جي ماهر اين جي مجمدر تفصيلي رپورٽ پيش ڪئي آهي. هن اهي دڙا نومبر 1930ع ۾ گهميا هئا. تحقيق ٻہ ڪئي هئي ۽ ڪوٽائي ٻہ ڪئي هئي. هن مُهر جو جي لکڻ موجب دڙا اوپر کان اولهہ طرف ست سؤ فوٽ ڊگها ۽ اتر کان ڏکڻ ڇهہ سؤ فوٽ موڪز هئا. دڙا ان وقت آس پاس جي زمين کان 23 فوٽ مٿي اوچا هئا. هن کوجنا ڪار جي ڪوٽائيءَ کان اڳ ڪنهن هن دڙي سان هٿ چراند ڪئي هئي. ان هٿ چراند ڪرڻ وارن کي قديم شين سان دلچسپي نہ هئي. ڪوٽائي جي سائنسي ۽ فني ڄاڻ نہ هجڻ سبب فائدي جي مقابلي ۾ گهٽو نقصان ڪيو ويو. تنهن کان سواءِ انهن ڪوٽائي مان ڪين ڇا مليو؟ ان بابت ڪنهن کي ڪا خبر نہ آهي. باقي مسٽر ڊڪشٽ کي دڙن مٽان گهُمندي ٽامي جون ٻہ چار ننڍيون تسرايون چقمق، پٿر مان گهڙيل ڪرييون، سپين جا ذرڙا ۽ ٻيو نڪرائو مليو. جنهن جو موهن جي دڙي واري تهذيب سان تعلق ۽ هڪجهڙائي هئي. ان ساڳئي قسم جون شيون اين جي مجمدار کي ٻہ گهمندي ڦرندي حاصل ٿيون هيون.

مسٽر اين جي مجمدار هن دڙي کي موهن تهذيب وارن ماڳن سان ٻيٽيو آهي. هو صاحب لکي ٿو تہ لوهو جي دڙن مان جيڪي باقيات حاصل ٿيون آهن. سي ساخت، ٻيهڪ ۽ چٽسالي جي خيال کان موهن جي دڙي کان پوءِ جهڪ جي باقيات سان مشابهت رکن ٿيون. مسٽر لئمبرڪ ٻہ پنهنجي ڪتاب 'سنڌ جو جائزو' ۾ ٻہ ساڳي ڳالهہ لکي آهي ماهرن موجب هيءَ دڙو بن تهذيبن تي مشتمل معلوم ٿئي ٿو. مجمدار کي ڪوٽائيءَ دوران هينئين تهہ ۾ نڪراٽو ٻہ گهٽ ڏسڻ ۾ آيو هو. شايد ٽوري آبادي سبب گهٽ استعمال ۾ هوندو. هن جي لکڻ موجب: جيئن ڪوٽائي هيٺ اونهائي ٿيندي ويئي. تيئن نڪراٽو گهٽ ٿيندو ويو. پر ائين نہ چئي سگهبو تہ نڪراٽو بلڪل نہ هو. اين جي مجمدار جي خيال موجب هينيان تهہ اڃان وڌيڪ هيٺ هجن. جتي پاڻي جي نڪري اچڻ سبب ڪوٽائي ممڪن نہ ٿي سگهي. جهڙي طرح موهن ۽ جهڪر جي دڙن ۾ ٿيو هو.

اين جي مجمدار لکي ٿو تہ وڌيڪ پراڻن ۽ هينئين تهہ مان وسنديءَ جي پهرين دور ۾ پٽين جي بنيادن مان جيڪو نڪراٽو مليو آهي. سو هوبهو سنڌو نڪراٽي جهڙو آهي. ٽلهو جنهن مان ڪاري واري رنگ واري چٽسالي ٽيل آهي جڏهن تہ ٽانون جو استر ڳوڙهي ڳاڙهي رنگ ۾ رڳيل آهي. اهو نڪراٽو ڇهن فوٽن جي تهہ ۾ مليو ٻہ فوٽ زمين ۾ اندر ر

چار فوٽ زمين مٿان. انهن ڏڻ مان ٽڪرائو تمام سهڻي نموني جوپڪو هو. ان جي مٿي ۾ چڱي طرح ڳوهيل هئي. مٿي ۾ واري ۽ ابرق جا جزا چڱي انداز ۾ مليل هئا. جنهن مان ثابت ٿي ٿيو ته سنڌو درياء جو وهڪرو ان دور يعني ٽامي ۽ ڪنجهي جي دور ۾ لوهر شهر جي پرسان وهندو هوندو. ان ڳالهه جي تصديق مسٽر لئمبرڪ به ڪئي آهي.

ٻئي قسم وارو ٽڪرائو يعني وسندي جي ۽ پوئين دور وارو ٽڪرائو سڌو ۽ چڱي طرح پڪل به نه هو. ان جي مٿي چڱي طرح ڳوهي لسي ۽ ملائم به گهٽ ڪيل هئي. نتيجي ۾ ٽانون جي ساخت سٽي ۽ ونڊڙ نه رهي هئي. تنهن کان سواءِ ٽانون مٿان استر ۽ چٽسالي ۽ جي رنگن ۾ به فرق ٿي نظر آيو. ان سبب آمر جي واڌ ۽ مال جي تمام گهٽي ضرورت ۽ کپت ٺهرائي سگهجن ٿا. جنهن ڪري پوين ڪنيرن جي ڪاريگري پنهنجي وڻن جهڙي نه رهي هئي. لوهر جي دڙن مان جيڪي ٽانو ۽ ٽڪرائو مليو آهي. انهن جي بناوٽ ۽ رنگت کان سواءِ چٽسالي ۽ ۾ به فرق آهي. پهرين دور جي ٽڪرائي ۽ ٽانون تي ٽمڪن وارا گل اڌامندڙ پکي. ليڪن وارا ٻوٽا. ٻيل جاپن. ڦٽي جي شڪل جهڙيون ٽاريون. نمايان نظر اچن ٿيون. پوئين دور واري ٽڪرائي تي جيڪي چٽ ۽ جاميٽري جا خاڪا چٽيل آهن. سي پهرين دور واري ٽڪرائي تي بنهه نظر نٿا اچن. پوئين دور واري ٽڪرائي تي اڪين جي شڪل جهڙا خاڪا ۽ هر هڪ خاڪي ۾ هڪ وڏو ٽبڪو يا گول چٽيل آهي. ان کان سواءِ قطارن ۾ صليب جي شڪل ۾ اڪين وانگر به ڪي چٽ چٽيل آهن.

لوهر جي دڙي مان هيٺيون شيون دستياب ٿيون آهن. انهن جو ذڪر اين جي مجمدار هيٺئين طرح ڪيو آهي: ابرق مان ٺهيل ٽالهيءَ جي شڪل جهڙا گول مٽيا ان گهٽي تعداد ۾ حاصل ٿيا آهن. ٽڦٽين مان گهڙيل سنها. ٽلها ۽ ننڍا وڏا مٽيا. ان قسم جا مٽيا به جهجهي تعداد ۾ مليا آهن جيڪي مٽي مان ٺهيل ۽ پڪل آهن. ڳاڙهي رنگ واري پٿر مان گهڙيل نيزي جو مٿو. هڪ خنجر. هڪ پاڪي. چاکو. ابرق مان ٺهيل گول مڻي سان يا بٽڻ جي شڪل ۾. هڪ مهر تي هڪ درجن ڪن تصويري خاڪا. هڪ قطار ۾ اڪريل آهن. ان کان سواءِ هڪ سڳي گينڊي ڪي به ڏيکاريو ويو آهي. هن دڙي مان پڪل مٽي مان هڪ ڪيڪ نما ٽانو به مليو آهي. مٽي جا پڪل اٽڪل ڏهن ڏڳن جا مجسما به مليا آهن ۽ گاڏين جا ننڍڙا ٽيٽا به مليا آهن.

لوهر جي دڙو تي نالو ڪيئن پيو ۽ برباد ڪيئن ٿيو. ان بابت مختلف رايا آهن. سنڌ جي مهان ڏاهي مؤرخ ۽ آثار قديم جي ماهر تاج صحرائي پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي. جيڪو ماهوار نئين زندگي حيدرآباد ۾ ماه سيپٽمبر 1996ع ۾ شايع ٿيو آهي. هو لکي ٿو ته سنڌي ٻولي جي اکرن جو عام جام استعمال جهڙوڪ وهڻ. واهڻ سيوهڻ. ٻلهڻ. گرڪڻ. راڌڻ. شادڻ. رکڻ. چندڻ. ٻيلوپٽڻ. کاروچاڻ. ٻهگاڻ. ميارڻ. پراڻ. ڦگڻ. پوکڻ. رامڻ. وغيره ڪن شهرن ۽ ماڳن جا نالا سڪڻ. نيئن ڪڏڻ. چڪڻ. ڏنڊن جا نالا. جيوڻ. ميرڻ. ڏيرڻ. ميررکڻ. لالڻ. ساوڻ. گلڻ. ڦلڻ. جهلڻ. مکڻ. پيرڻ. مهراڻ. ٽوپڻ. وغيره ماٺهن جا نالا آهن. جڏهن ته رامڻ. راڌڻ. شادڻ. رکڻ ۽ ڪڏڻ وري هن خطي جي ڪن ماڳن ۽ ڏنڊن ڏورن جا نالا آهن. لوهڻ. نالي سان سندن وڌيڪ صحيح ۽ موزون ٽيندو هي شهر ڪيئن برباد ٿيو. ان لاءِ ڪي روايتون آهن ته سنڌو درياء کي پورالو درياء سڏيو وڃي ٿو. درياء جي اٿل سبب هي شهر برباد ٿيو هوندو. ان روايت تي هتان جا ڪيترائي ڏاها متفق آهن. ته درياء جي پائڻ يا رخ تبديل ڪرڻ سبب هيءَ شهر ويران ٿيو هوندو.

پاٽ جو ڏڙو:

دادو شهر کان اتر اوپر ڪنڊ تي تقريباً 30 ڪلوميٽر پنڌ تي هيءُ ڏڙو موجود آهي[1]. هن ڏڙي بابت صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي. ته ڪڏهن وجود ۾ آيو. ڪنهن آباد ڪيو ۽ ڪهڙيءَ طرح اجڙي ويو. ان بابت صرف روايت تي ئي انحصار ڪري سگهجي ٿو.

خيال آهي ته هيءُ ڏڙو عربن جي دور کان به اڳ جو ٻڌايل آهي. عام خيال مطابق هن جو اصل نالو پاتر آهه جيڪو ڪنهن راجا جي نالي پٺيان رکيو ويو جو اول راجا پاتر. اهو شهر تعمير ڪرايو. چون ٿانه عروج وقت هن جو نا پوتر يعني پاڪ هو جيڪو زماني گذرڻ سان ان جو نالو پاٽ پئجي ويو. ابتدائي دور ۾ هن شهر ۾ جت، ڪوري لوها مهاڻا يا ميد ۽ ٻيون سنڌ جون قديم قومون آباد هيون. هن ڏڙي بابت صحيح طور تي خبر نه پئجي سگهي آهي. ته ڪيئ برباد ٿيو. تاهم روايت ۾ آهي ته هن شهر کي ٻاهرين حملي آورن لٽي ڦري ٻاهيون ڏيئي تباهه ڪري ڇڏيو هوند جيڪڏهن ڏڙي کي درياء پائي ها ته اڄ تائين صحيح سلامت نه هجي ها. پر هن کي حملي آورن باهه ڏئي اجاڙي ڇڏيو پاٽ جي ڏڙي جي ايراضي 8 ايڪڙن کان مٿي ٿيندي ڪٿي ڏڙي جي اوچائي 4 فوٽ ته ڪٿي وري 40 فوٽن کان مٿ ٿيندي ڏڙي تي نڪر جي ٽانوَن جا ٽڪرا دستياب ٿيندا رهن ٿا. گهرن جا جيڪا آثار مليا آهن. اهي تمام سوڙها ۽ ڳنڍ هوندا هئا. ڏڙي تي پير اسماعيل جو مقبرو آهي. هن اولياء جي مزار تي ڪيترائي ماڻهو حاضري ڀرندا آهن. پاٽ جي ڏڙ تي مقامي ماڻهن قبرستان قائم ڪري ڇڏيو آهي.

هن ڏڙي تي مخدوم حسن پاٽائي جي مسجد جا آثار موجود آهن. جنهن جو بنياد مسيح الاولياء عيسيٰ جندا رکيو هو ان ڏڙي سان گڏ قاسماڻي تاريخي قبرستان پڻ موجود آهي. جيڪو شيخ قاسم پاٽائي جي نالي پٺيان قاسماڻ مشهور ٿيو.

ميان يار محمد ڪلهوڙي جو مقبرو:

سنڌ جي اڳوڻي بادشاهه ميان يار محمد ڪلهوڙي جو مقبرو دادو شهر کان اٽڪل 9 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ ريلو لائين ۽ انڊس هاءِ وي جي اولهه ۾ 2 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مزار تي هڪ شاندار مقبر اڏيل آهي. هيءُ مقبرو زمين جي سطح کان ڏهه ٻارهن فوٽ اوچائيءَ تي اڏيل آهي. مقبري کي چوڌاري وڏو ڪوٽ ڏ آهي. اوپر ۾ هڪ وڏو مکيه دروازو آهي. مٿي چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻيون ٺهيل آهن. دروازي وٽ گنبذ ٺهيل آهي. گنبذ وٽ پٽ تي چنسالي ٽيل آهي. چنساليءَ ۾ ميوات ۽ ڪجهه ٻيون تصويرون به ٺهيل آهن. دروازي کان اندر وڃبو ته سامهون مي يار محمد ڪلهوڙي جو وڏو مقبرو ڏسڻ ۾ ايندو. مقبري اندر ميان يار محمد ڪلهوڙي جي پيراندي ۾ سندس پوٽي مي شفيع محمد جي قبر آهي. جنهن تي قرآني آيتن سان گڏ سندس نالو سن وفات ۽ ناهيندڙ ڪاريگر جو نالو وغيره پٿر ت

---

[1] موجوده ٻيهڪ جي لحاظ کان پاٽ جو ڳوٺ/شهر سنڌوندي کان هڪ ڪلوميٽر اولهه طرف 28_20 اُتر ڊگهائي ۽ 68_48 ا ويڪرائي ۾ تي دادو شگرمل پياري ڳوٺ کان 6 ڪلوميٽر اوپر طرف واقع آهي پراڻي پاٽ جو ڏڙو اتان کان 1 ڪلوميٽر اوپر طرف هه ڏڙي جي شڪل ۾ اڄ به واقع آهي. موجوده دور ۾ 'پاٽ' جي سرزمين ڪيترائي عالم، فاضل، اديب، محقق پيدا ڪيا آهن. جن دنيا ۾ پنهنجو نا روشن ڪيو. انهن ۾ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جو شمار ٿئي ٿو. جيڪو سنڌ جو نه بلڪ دنيا جو وڏو مفڪر، عالم ۽ فلسفي هو. جسٽس زيد اي چ پروفيسر امينه خميساڻي، مشهور تعليمدان ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، مخدوم عبدالغفار صديقي ۽ مخدوم سليم الله صديقيءَ جو تعلق پاٽ سان آهي (ايڊيٽر).

تمام سهڻو ۽ باريڪ بيني سان اکريل آهي.

ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري ۾ تمام باريڪ سرون استعمال ٿيل آهن. سرن جي ٿولهه ڏيڍ انچ ويڪر 8 انچ ۽ ڊيگهه 1 فوٽ کن ٿيندي. مقبري تي گلڪاري، چنسالي ۽ ڪاشي جو ڪم بهترين نموني سان ٿيل اهي. مقبري اندر هڪ ڏنڀو ڪپڙي ۾ ويڙهيل آهي. روايت آهي ته اهو ڏنڀو ميان صاحب جي هٿ ۾ هو ۽ ڏنڀي ذريعي حڪومت جون واڳون هٿ ڪيون. ان ڪري اڪثر حاجت مند ڏنڀو نظرانه طور پيش ڪندا آهن. ڏنڀي کي نظرانه طور ٻاڪٽر لياقت مگسي بند ڪرايو آهي. جيڪو ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ بند ٿيل آهي. مٿان کان شيشو لڳل اٿس. جنهن ڪري ڏنڀو نمايان نظر اچي ٿو.

ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري ٻاهران ڪوٽ اندر اتر ۾ سندس پوٽي ميان مراد ياب ڪلهوڙي جو ننڍڙو مقبرو آهي. مقبري جي اوپر ۾ سندس ٻن گهروارين جون قبرون آهن. جن تي پڻ ننڍڙو تجرو اڏيل آهي. ان کان علاوه ميان غلام حسين ۽ ٻين خاص وفادار ساٿين ۽ سندس خاندان وارن جا پڻ ننڍا ننڍا مقبرا اڏيل آهن. اوپر ۽ ڏکڻ ۾ پڻ قبرون آهن. جن ۾ گاجي کهاوڙ جي پڻ هڪ قبر آهي. جنهن جو تڪيو وري ڳوٺ گاجي کهاوڙ ضلعي قنبر ـ شهدادڪوٽ ۾ آهي. ان کان علاوه ٻين ڪيترن ئي سپهه سالارن ۽ فقيرن جون قبرون ۽ مقبرا آهن. جنهن ۾ جلباٽي فقير، قتو لاشاريءَ جون قبرون شامل آهن. مقبري جي مرڪزي دروازي جي لڳ هڪ جامع مسجد پڻ آهي. جيڪا به سنهين سرن سان جڙيل آهي. اها مسجد پڻ خسته حالت ۾ آهي.

جامع مسجد خدا آباد:

خدا آباد شهر جو بنياد سال 1701ع ۾ ميان يار محمد ڪلهوڙي وڏو. ميان يار محمد ڪلهوڙي سامتاڻي پرڳڻو قيصر خان پنهور کان حاصل ڪري، ان جي پرسان هيءَ نئون شهر 'خدا آباد' جي نالي سان ٻڌي، ان کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ بنايو. جيڪو تقريباً 56 سال سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ رهيو. هيءَ شهر دارالخلافه هئڻ ڪري سڄيءَ دنيا سان ڳنڍيل رهيو. ٻيڙين ذريعي، هتان جو ڪچو مال ڏيساور ويندو هو.

هن شهر ۾ ميان يار محمد سهڻيون عمارتون ڪوٽ ۽ قلعا باغ باغيچا، پاڻيءَ جا تلاءَ ۽ واهه وهندا هئا. هن شهر تي يار محمد ڪلهوڙي 18 سال حڪومت ڪئي. جنهن کان پوءِ سندس پٽ ميان نور محمد ڪلهوڙو تخت جو ڌڻي ٿيو جنهن پڻ 34 سال حڪومت ڪئي. جنهن کان پوءِ سندس پٽ مراد ياب پڻ 4 سال حڪومت ڪئي.

ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ سندس پٽن ۾ ڪافي اٿبٽ پيدا ٿي. ان ڪري سيني پائرن پنهنجي حڪومت ۽ ان جا تخت گاهه الڳ بنايا جنهن ڪري مراد آباد، محمود آباد، الله آباد ۽ حيدر آباد تخت گاهه وجود ۾ آيا. ميان غلام شاهه سيني پائرن کان طاقتور حڪمران ٿي اپريو. هن حيدر آباد کي پنهنجو تخت گاهه بنايو ۽ اتي ڪيترائي ڪوٽ ۽ قلعا جوڙايائين. جنهن ڪري خدا آباد جا ڪيترائي عالم 'مزدور' وايا ۽ ٻين ڏڏن سان لاڳاپيل ماڻهو حيدر آباد ۾ رهائش اختيار ڪئي ۽ اتي وڃي پنهنجا محلا ۽ پاڙا ٺاهي ويهي رهيا. اڄ به حيدر آباد ۾ ڪورين جو پڙ ۽ واڻين جو پڙ سندن يادگار موجود آهن. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي ڇڪتاڻ تيز ٿي وڃڻ کان پوءِ جڏهن ڪلهوڙن کان اقتدار ٽالپرن جي حوالي ٿيو ته هنن خدا آباد کي چئني طرفن کان باهه ڏئي هن عاليشان ۽ گاديءَ واري شهر کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو پوءِ وري هيءُ شاعر سائو نه ٿي سگهيو. هن وقت صرف ڪجهه عمارتون آهن. جيڪي هن شهر جي قدامت جي نشاندهي ڪري رهيون آهن. انهن مان جامع مسجد خدا آباد نمايان نظر اچي ٿي.

خدا آباد جي جامع مسجد دادو شهر کان ڏکڻ ۾ اٽڪل 8 ڪلوميٽر پنڌ تي انڊس هاءِ وي جي اوپر ۾ لڳولڳ واقع آهي. هيءَ مسجد ميان يار محمد ڪلهوڙي جوڙائي هئي. هن مسجد جو ڪم 1701ع کان شروع ٿيو ۽ 1704ع ۾ مڪمل ٿيو. هيءَ مسجد ڪلهوڙا دور جي فن تعمير جو اعليٰ نمونو رکي ٿي. هن مسجد ۾ ڪاشي استعمال ڪئي وئي آهي جنهن هن مسجد جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو ڪيو آهي. ڪاشيءَ جون سرون ملتان مان ٻيڙين ذريعي گهرايون ويون هيون ۽ هتان جي مقامي ڪاريگرن سرن جي جڙائي مسجد اندر گلڪاري ۽ چٽسالي جو ڪم وڏي مهارت سان ڪيو. ان ڪري مسجد جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ اضافو اچي ويو. مسجد مٿي ٽلهي تي ٺهيل آهي. جيڪا زمين کان تقريباً 8 فوٽ مٿي ٽيندي. مسجد گنبدن تي ٻڌل آهي. مسجد شريف جو وراندو چانيل هو جيڪو باهر لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو. هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته بروهين جي حملي وقت هن مسجد شريف جي ڇت کي نقصان پهچايو ويو هو.

مسجد جي مٿان وڃڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي. مٿي چڙهي وراندي جي اتر واري پٽ کان ڇت تي پهچبو آهي. مسجد شريف جي ٻاهران اتر ۾ هاٿين جي بيهڻ لاءِ جايون موجود هيون. انهن جي وري اوپر ۾ هڪ ٽلهي پٽ اڄ ب نمايان نظر اچي ٿي. ان جي ويڪر 6 فوٽ ۽ اوچائي 20 فوٽ هوندي هئي. هن مسجد شريف جي اتر اوپر ڪنڊ تي گل مير شاهه جي مزار آهي. هيءَ ننڍڙو قبرستان ان دور جو آهي. جڏهن خدا آباد ڪٽي چڪو هو. ڪي هن کي گل شاهه ته ڪي وري گل مير شاهه سڏين ٿا. هيءَ ميان يار محمد جي خاص معتقدن مان هو.

حاجن شاهه جو ڏڙو:

حاجن شاهه جو ڏڙو ڳوٺ مشتاق جمالي ۽ شاهه شڪر گنج جي پرسان آهي. هيءَ ڏڙو تقريباً 12 ايڪڙن تي مشتمل ٽيندو. هيءَ ڏڙو ڪيئن وجود ۾ آيو ۽ ڏڙي جو اصل نالو ڪهڙو آهي. ان بابت ڪابه معلومات نه ملي سگهي آهي. تاريخي ڪتاب به خاموش آهن. ڏڙي جي اوچائي ڪئي 10 فوٽ ته ڪٿي وري تقريباً 30 فوٽ ٽيندي. ڏڙي جي مٿاڇري تي ڪريون ڳڙيون پکڙيون پيون آهن. ڪرين تي ڪاشي ٽيل آهي ۽ ڪن ڪرين تي ٻوٽا ۽ ٽاريون اڪريل آهن. ڏڙي مان نيلون به دستياب ٿيون آهن. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ڪنهن مسلمان حڪمران هن ڏڙي تي رهائش اختيار ڪئي هوندي ۽ ڏڙي تي مسجد به تعمير ڪرائي هوندائين. جيڪي زماني جي گردش سبب هي وسندڙ وستي برباد ٿي وئي آهي. ڏڙي جي کوٽائي ڪندي ڪجهه سکا دريافت ٿيا آهن. جيڪي فيروز شاهه تغلق جي دور جا معلوم ٿين ٿا. ڪجهه ڪرڪ جا جنڊ به دستياب ٿيا آهن. جيڪي سارين چڙهڻ جي ڪم ايندا هئا. ان کان علاوه ڪجهه ٽانو ڪهڪهيون ڪوئرا ۽ ٻين ٽانون جا ڪرڪ به مليا آهن. انهن تي ابرق سان چٽسالي ڪئي وئي آهي. مڪاني ماڻهن جي عدم دلچسپي سبب هيءَ ڏڙو اوڃ وڃائي وينو آهي. قديم آثارن جي ماهرن هن ڏڙي تي ڪابه تحقيق نه ڪئي آهي. هن وقت ماڻهو ڏڙي تي گهر ناهي ويهي رهيا آهن ۽ اسان جو قومي ورثو قديم آثار وارن جي بي توجهي سبب صفحه هستي تان ميسارجي ويو آهي.

ماٽڪٽاري جو ڏڙو:

سنڌ ۾ ڪيترائي ماڳ مڪان، جبل، ڏنڊون، ڏورا، ڪوٽ، قلعا، ڪوٽڙيون، ڀڙا، ڏڙا، پراڻا شهر موجود هئا. جيڪي اڄ ڪٽل ۽ تباهه ٿي پنهنجي شان و شوڪت وڃائي چڪا آهن ۽ هو پنهنجي حال تي ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن. سنڌ ۾ جيڪي قديم ماڳ آهن. انهن ۾ موهن (موهين) جو ڏڙو ڪوٽڏجي، آمري، برهمڻ آباد، پنيور ۽ ٻيا ماڳ نظر ايندا. اهي نهايت ترقي يافته ۽ وسندڙ هئا. مگر زماني جي ستم ظريفي سبب ميسارجي ويا آهن. انهن ۾ ماٽڪٽاري جو ڏڙو به شامل

ڪري سگهجي ٿو. هي ڏڙو دادو شهر کان اتڪل 12 ڪلوميٽر اتر طرف ۽ ڏلجي اسٽيشن جي اوپر ۽ 1 ڪلوميٽر پنڌ تي ٽيندو. ماٽڪتاري جي دڙن بابت تاريخ خاموش آهي. هن ڏڙي جي پکيڙ تقريباً 22 ايڪڙن تي مشتمل ٽيندي. پرپاسي جي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته هي ڏڙو موجوده پکيڙ کان گهڻبو رهي ٿو. ڏڙي جي اوچائي ڪٿي 5 فوٽ ڪٿي وري 40 فوٽ به ٽيندي. موجوده ڏڙو درياء جي اولهه ۾ واقع آهي. هن ڏڙي جي پرسان ٻيا به ڪيترائي ماڳ مڪان آهن. جن ۾ فتح پور، پراٹو ديرو ۽ موندر شامل آهن. هي ماڳ، دريائي بندر هئا ۽ انهن بندرن ذريعي مال جو واپار هلندو هو ۽ هتان خام مال ڪپڙو گيهه، چمڙو، تيلي بج، نيل، چانور ۽ ٻيو سامان برآمد ڪيو ويندو هو ۽ باهران وري لوهه، دوائون ۽ ٻيون شيون درآمد ڪيون ويندیون هيون. فتح پور بابت خيال ڪيو وڃي ٿو ته اهو پڌ به ماٽڪتاري دور جو لڳي ٿو. ماٽڪتاري ڏڙي جي ڪجهه حصي تي مقامي رهواسين قبرستان طور استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. هن ڏڙي جي ڪجهه ڪوٽائي ڪئي وئي آهي. ڏڙوبن تهن تي مشتمل معلوم ٿئي ٿو. ڪوٽائي ڪندي هڪ قبر دريافت ٿي آهي. ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگي جي رهواسين جو چوڻ آهي. قبر مان جيڪو لاش دستياب ٿيو آهي، اهو صحيح سلامت هو لاش جي پورجڻ جو نمونو مسلمانن وارو هو ۽ لاش ويجهي دور جو هو.

قديم آثارن جي ماهر تاج صحرائي جو چوڻ آهي ته ڏڙوبن تهن تي مشتمل آهي. هيٺيون تهه مسلمانن جي دور کان اڳ جو آهي. مٿيون تهه مسلمانن جي دور جو معلوم ٿئي ٿو. هيٺئين تهه مان مسڙ جا نشان مليا آهن. جنهن مان انومان ڪيڏي سگهجي ٿو ته هن ماڳ جي پهرين دور ۾ هندو رهندا هئا ۽ جڏهن مسلمان طاقت ۾ آيا ته هتي مسلمان آباد ٿيڻ شروع ٿيا. اهڙي طرح هن شهر مختلف دور ڏٺا. هن ڏڙي مان ڪيترين ئي شيون دستياب ٿيون آهن. انهن مان ٺڪر جا پڳل ٽڪرا، سارين ڏڙڻ لاءِ ٺڪر جو جنبل، ٺڪرن جي صورت ۾ ۽ ٺڪر جو گلدستو مليو آهي. جيڪو به پڳل صورت ۾ آهي. ٺڪر جا ڪڙا جيڪي پڻ ٺڪرن ۾ پڳل دستياب ٿيا آهن. ان کان علاوه مٽي جا غليلا ۽ ٺڪر جون سرون جيڪي پڻ موجوده سرن کان مختلف ۽ باريڪ آهن. اهي لڏيون ويون آهن. ماٽڪتارو ڪڏهن وجود ۾ آيو ڪيئن برباد ٿيو ان بابت اسان جي تاريخي خاموش آهي. ان ڏس ۾ ڪن ٿورن تاريخي ڪتابن ڪجهه معلومات فراهم ڪئي آهي. ان مان ڪجهه انومان ڪيڏي ڏڙي جي قدامت بابت معلومات حاصل ڪري سگهون ٿا. تحفة الڪرام جي صفحي نمبر 81 ۾ لکيل آهي: سلطان آرام شاهه جي وقت ۾ بادشاهت چئن حصن ۾ ورهائجي وئي. هن مان ملتان اڇ ۽ ساري سنڌ تي ناصرالدين قباچه جو حڪم جاري ٿيڻ لڳو. ان وقت سنڌ جي سر زمين تي ست راڻا ملتان جا ڌڻ پرينڊ حڪمران هئا.

2. راڻو سهتو (پؤنر) راٹوڙ
3. سنرو ولد ڏماڇ
4. جيسر ولد ججو ماچي سولنگي رهندڙ مانڪتارو

تحفة الڪرام جي فارسي ڇاپي ۾ صفحي نمبر 62 تي مان ڪتاده لکيل آهي. ڪجهه تاريخ نويسن ماٽڪتاري بابت معلومات فراهم ڪئي آهي. مولائي شيدائي پنهنجي ڪتاب، 'جنت السنڌ' ۾ لکي ٿو ته ناصرالدين قباچه جي وقت ۾ ست رياستون قائم هيون. جن مان ٽين رياست ماٽڪتارو تي جيسر ولد ججه ماچي سولنگي حڪومت ڪندو هو. 'سمات' ڪتاب جي ليکڪ تاريخ خاصخيلي جي حوالي سان صفحي نمبر 40 تي لکي ٿو ته سولنگي گهراٹو به حڪمران هو. جنهن مالوهه سوراسٽ، گجرات، ۽ ڪوڪن تي صدين تائين حڪومت ڪئي. سنڌ ۾ ماٽڪ

سندس رياست هئي.

ماٽڪتارو رياست بابت اڪثر تاريخي ڪتاب خاموش آهن. روپاهر بونگر پاڻگنازي هم ڪوٽ ۾ درين بابت ڪافي مواد ملي ٿو. پر ماٽڪتارو بابت تاريخي ڪتابن ۾ ذڪر نه هڻڻ جي برابر آهي. ايستائين جو 'لب تاريخ جي مصنف کي آخر هن شهر بابت اهو چوڻو پيو ته ان بابت ڪابه خبر نه آهي. ته هن رياست جو وجود ڪٿي آهي 'تاريخ فرشته' جو مصنف لکي ٿو ته سلطان قطب الدين ايبڪ جي وفات بعد ناصرالدين قباچه سنڌ جي ڪيترن ٻ قلعن ۾ شهرن تي قبضو ڪيو ۽ سومرا خاندان کي ايترو ته تباهه و برباد ڪيو. جو انهن وٽ نٽي ۾ جهنگلي علاقن ک سواءِ پيو ڪجهه به نه بچيو.

'تاريخ معصومي' ۾ مير معصوم بکري لکي ٿو ته شاهه بيگ ارغون باغبان جي حدن اندر پهتو ۽ هن اوڙي پاڙ جي اميرن کي حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو. هتان جي ماڇين سولنگين سرڪشي ڪري اطاعت ۽ فرمانبرداري کان منهن موڙيو تن سيني کي قتل ڪيائين. عورتن، ٻارن تي به رحم نه آيس. هنن جا مال، زيور، ڍور، ڍڳا، ڦري، لٽي گهر، ٽپڙ قلعا زمين برابر ڪري ڇڏيائين.

روايت آهي ته شاهه بيگ ارغون مقامي قبيلي جي ماڻهن سان گڏجي باغبان تي حملو ڪيو ۽ باغبان شهر رهندڙ ماڇين کي سيکٽ ڏيڻ لاءِ اتان جي رهواسين جو قتل عام ڪيو. انهن جي ملڪيت لٽي وڃي. مردن جو ته قتل ع ڪيو پر عورتن، ٻڌن ۽ ٻارن کي به نه بخشيو ۽ انهن جو به قتل عام ڪيو. بعد ۾ ڦرلٽ ڪري سڄي شهر کي باهه ڏني وئ جيڪا سايه ٿي ڏينهن جاري رهي.

تاريخن ۾ ماڇين جي حب الوطني ۽ قوم پرستيءَ جو ذڪر جابجا ملي ٿو. ايستائين جو 'تاريخ معصومي' اسان کي سندن قلعن جو تذڪرو پڻ ملي ٿو. انهن کي شاهه بيگ ارغون زمين برابر ڪرائي ڇڏيو. ماڇين جي اها رياس ماٽڪتارو هئي. جيڪا باغبان کان 4 ڪلوميٽر اوپر اتر طرف هئي. جنهن ۾ شاهه بيگ ارغون سرڪش ماڇين ک ختم ڪرڻ لاءِ اچي ديرو ڇمايو هو. 'تاريخ فرشته' ۽ 'تاريخ معصومي' جي حوالن سان چئي سگهجي ٿو. ته هيءَ رياس سلطان جلال الدين سنه 22، 1221 جي دور ۾ يا شاهه بيگ ارغون جي دور ۾ برباد ٿي هوندي.

ناصرالدين قباچه 1210ع ڌاري ملتان ۽ سنڌ تي قبضو ڪيو ۽ اهو قبضو سندس ٻڌي مرڻ تائين 22 س جاري رهيو. ماٽڪتاري جي رياست ناصرالدين قباچه جي سنڌ تي قبضي ۾ اچڻ کان گهڻو وقت اڳ آباد هئي جنهن ج جيسريا جوڏوپٽ جج سولنگي راج ڪندو هو. ماٽڪتاري ڏڻي جي لڳ ڪيترائي ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگ ڳوٺ شير محمد سولنگي شامل آهن. ماڇي يا سولنگي سنڌ جي قديم ذات آهي. هن قبيلي جو ذڪر سنڌ جي تاريخ جابجا ملي ٿو.

شاهه سچل سامي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته 352ق. م ۾ جڏهن سڪندراعظم سنڌ تي حملو ڪري مايڪان ماڇي قبيلي جي شڪست کاڌل راڻي کي سندس ئي راج ڏاني الور جي چوڻڪ ۾ بين برهمڻن سان گڏ قاسي تي چاڙهه ويو. بمبئي جنرل 1930ع موجب سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن ۽ ماروارڙ جي باشندن جو ويجهو تعلق هو. جن جا وار سنڌ جا جٽ ۽ ماڇي وغيره هئا.

ماٽڪتاري تي نالو ڪيئن پيو ان بابت مختلف روايتون ملن ٿيون. غلام حيدر چنه پنهنجي هڪ مقالي ماٽڪ تارو رياست ڪري لکيو آهي. سندس اهو مقالو ماهوار نئين زندگي مئي 1994ع ۾ شايع ٿيو آهي. هو لکي ٿو

ماٹڪ تارو رياست مڙني ڏن پرو رياستن کان سڪي ستابي هئي. جنهن تي جوڏوپٽ جج سولنگي حڪومت ڪندو هو. ڪ جي ماٹڪي کي تارو چوندا هئا. هڪ بي روايت آهي ته اڳ واپار دريائي بندرن ۽ خشڪي ذريعي ٿيندو هو. فتح پور ۽ پراٹو ديرو دريائي بندر هئا. انهن بندرن ذريعي مال باهر برآمد ڪيو ويندو هو ۽ اتان جيڪو مال هنن بندرن تي پهچندو هو ته اهو اُڻن ذريعي ڏوراهن علاقن تي پهچايو ويندو هو. فتح پور ۽ پراٹو ديرو بندرن تي رهائش ڪانه هوندي هئي. ان ڪري واپارين کي رهڻ لاءِ هميشه ڪنهن مناسب جڳهه جي تلاش هوندي هئي.

ماٹڪ تارو اهڙي جڳهه هئي. جتي رهڻ کان علاوه خوراڪ ۽ اُڻن جي چاري لاءِ جڳهه سازگار هئي. واپاري بندرن تان پچا ڪندا هئا. ته رهائش جي مناسب جڳهه ڪٽي آهي ته انهن واپارين کي بڏايو ويندو هو ته هيءُ چارو (ڍڳ رستو) آهي. جيڪو ماٹڪ چارو ڳوٹ وڃي ٿو. ان ڪري هن وسندي کي ماٹڪ چارو نالو پئجي ويو. بهرحال هيءُ وسندي ڪيئن اوج ۾ آئي ڪيئن برباد ٿي ان لاءِ تحقيق جي ضرورت آهي ۽ اسان جا محقق کوجنا ڪري صحيح تاريخي چاڻ مهيا ڪري سگهن ٿا.

دائود فقير ڪنيرجو مقبرو:

دائود فقير ڪنير به ميان يار محمد ڪلهوڙي جي معتقدن مان هو. هن جت مٿان به مقبرو اڏيل آهي. جنهن جي چت ڏهي پيئي آهي. پتيون ايجان صحيح سلامت آهن. هن مقبري تي پڻ بهترين گلڪاري ۽ چڻسالي ٿيل آهي.

سائي ستي جتيءَ جو مقبرو:

هيءُ مقبرو ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري کان هڪ ميل پنڌ تي اُتر ـ اوپر ڪنڊ تي موجود آهي. جنهن جي به چت ڪِري چڪي آهي. پتيون ايجان تائين صحيح سلامت آهن. هن مقبري ۾ به گلڪاري ۽ چڻسالي بهترين ٿيل آهي ۽ ان وقت جي ڪاريگرن جي فني مهارت جو نادر نمونو آهن. مقبري جي باهران ڪجهه قبرن جا آثار به جتيءَ طرح ڏسي سگهجن ٿا. وقت جي ستم ظريفيءَ سبب هي قديم آثار مٽجي زمين دوز ٿي رهيا آهن. ليڪن قديم آثار وارا هنن آثارن کي بچائڻ لاءِ ڪي به قدم نه کنيا آهن.

شهداد فقير لانگاهه جو مقبرو:

ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري جي ڏکڻ ۾ شهداد فقير لانگاهه جو چبوتري نما مقبرو اڏيل آهي جيڪو پٿرن سان ٺهيل آهي. پٿر ڳرو استعمال ٿيل آهن. پٿرن تي قرآني آيتون تمام بهترين خوشخطيءَ سان اڪريل آهن. ان کان علاوه نالو ذات ۽ سندس وفات تحرير ٿيل آهي. هن مقبري جي اُڪر ۽ خوشخطيءَ جو نمونو ڏسي ان وقت جي ڪاريگرن کي داد ڏيڻ کان رهي نٿو سگهجي. هيءُ مقبرو پٿر جي بهترين اڪر جو بهترين مثال پيش ڪري ٿو.

منگو فقير جتوئيءَ جو مقبرو:

منگو جتوئيءَ جو مقبرو ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مقبري کان اولهه ـ ڏکڻ ڪنڊ تي 5 سؤ گز پنڌ تي آهي. هيءُ مقبرو تمام وڏو ڪشادو ۽ سٺو ٺهيل آهي. جنهن مقبري ۾ سنهيون سرون استعمال ٿيل آهن. سرن جي ٿولهه 2 انچ ۽ ڪر 8 انچ ۽ ڊيگهه 12 انچ ٿيندي مقبري ۾ ٽي دروازا اُتر ـ ڏکڻ ۽ اوپر ۾ هئا. جيڪي بند ڪري صرف اوپر وارو دروازو کليل ڇڏيو ويو آهي. سار سنڀال نه هڻڻ سبب هيءُ مقبرو خسته حاليءَ ۾ پهچي چڪو آهي. جيڪڏهن جلد هن جي مرامت نه ڪئي وئي ته آخر هيءُ تاريخي ورثو ختم ٿي ويندو.

ٽيٽئي فقير جو مقبرو:

هيءُ مقبرو به ميان صاحب جي مقبري جي اولهه ۾ واقع آهي. هيءُ مقبرو به سنهين سرن سان اڌيل آهي. مگر به بي ڏياڻيءَ سبب ڏهي پٽ پٽجي چڪو آهي. ٽيٽئو فقير به ميان يار محمد کلهوڙو جي فقيرن ۾ سڀ کان سالارن مان هن مقبري جي پرسان ڏهئي فقير جو مقبرو پٽ پٽجي ويو آهي. هن ئي مقام ۾ سهاڳ فقير جو مقبرو بهآهي.

فتح پور جو ڏڙو:

ڏلجي اسٽيشن کان 5 ڪلوميٽر اوپر طرف بند سان گڏ ڪچي ۾ هيءُ قديم ڳوٺ جيڪو هن وقت ڏڙي جي صورت ۾ واقع آهي. اهو ڪنهن وقت اوج تي هو. روايت آهي ته هيءُ ڳوٺ اصل ڪنهن هندو راجا جو هٿايل هو. جيڪو پوءِ ميرن اچي آباد ڪيو ۽ ميرفتح خان جي نالي پٺيان فتح پور سڏجڻ ۾ آيو. هيءُ ڏڙو اٽڪل 12 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڏڙو زمين کان 5 فوٽ تائين ڪٽي وري 8 فوٽ کن اوچو ٿيندو.

هن ڳوٺ جون جايون سنهين سرن سان ٽهيل هيون. هڪ وڏي ماڙي جا نشان به ملڻ آهن. امڪان آهي ته ماڙي ڪنهن هندو راجا جي هئي. جنهن ۾ پوءِ ميرفتح خان تالپر مرامت ڪرائي اچي رهائش اختيار ڪئي. سڄي جي مٽاچري تي ٽڪرن جا ٽڪر ملڻ آهن. ڪجهه ٽانو به لڌا ويا آهن. برسات ۾ چاندي جا سڪا به دستياب ٿيندا آهن. چون ٿا ته هن ڏڙي ۾ چاندي ۽ سون جون ديڳيون به پوريل آهن. هيءُ ڳوٺ درياءَ جي اٽل سبب قديم شهر اجڙيو ويو هو. هن ڳوٺ ۾ هڪ قديم مسجد ٽهيل آهي. جيڪا شهيد ٿي وئي آهي. هن ڳوٺ جي پرسان ميان نعمت الله قريشيءَ جو مقبرو ٽهيل هو. جيڪو شهيد ٿي ويو آهي. ان سان گڏ ميان محمد آچر قريشيءَ جو مقبرو صحيح حالت ۾ آهي. ڳوٺ، ديهه پير ترهو تپي پراٽي ديري يونين ڪائونسل الهه آباد ۾ آهي.

پير ڪٽيي جو مقبرو[1]:

هيءُ مقبرو مخدوم بلاول جي مقبري جي ڏکڻ اوپر ۾ واقع آهي. هر سال هن بزرگ تي ٽن ڏينهن جو ميلو لڳندو آهي. هيءُ بزرگ بلاولي تحريڪ جي سرگرم اڳواڻن مان هڪ هو ۽ مخدوم بلاول جي ساٿين: سيد حيدر سنائي، مخدوم ساند بلاولي ۽ پين سرگرم اڳواڻن وانگر اهم شخصيت هو. ٽلٽيءَ جي جنگ دوران پير ڪٽيي جيڪي جوڌا موڪليا سي ان جنگ ۾ شهيد ٿيا. اهي سيئي هن قبرستان ۾ مدفون آهن. انهن جوڌن کي ارغونن جي فوج، ڳجهي اطلاع ملڻ ڏوهه ۾ پير ڪٽيي ڳوٺ ۾ اچي شهيد ڪيو هو. هن درگاهه تي هر سال ميلو لڳندو آهي.

دارا شاهه جي مزار[1]:

هيءُ مزار سيتا وليچ جي پرسان واقع آهي. مزار مٽان چاپرو اڌيل آهي. هي ارغون دور جو بزرگ شهيد ٿيل آهي. هتي ڇڪو خاصو قبرستان به موجود آهي. هن قبرستان ۾ وڏا عالم ۽ فاضل دفن آهن. جن ۾ آخوند محمد صالح ۽ آخوند عبدالرحمان پٽي. آخوند الله بخش پٽي. فقير نياز علي چنو. سيد دوست محمد شاهه. مولوي عبدالغفور ميمڻ ۽ محمود شاهه ۽ بياشامل آهن.

پير ترهو[1]:

پير ترهي جو مقبرو ۽ قبرستان دادو تعلقي جي پير ترهي نالي ڳوٺ ۾ دادو ڪٽنال سان لڳو لڳ خاصا ڇا

---

[1] ايڊيٽر طرفان اضافو.

ريگيوليٽر وٽ نور واهه جي اولهندي ڪناري تي 22°49.07 ڊگريون اُتر ڊگهائي ڦاڪ ۽ 67°49.13 ڊگريون اوپر ويڪرائي ڦاڪ تي موجود آهي.

پير ترهي جو قبرستان ان ڪري به اهم آهي جو لوڪ شاعريءَ جي سر موڙ شاعر جلال ڪٽيءَ جي قبر هتي آهي. هتي هڪ ڏورو به موجود آهي جنهن کي پير ترهي جو ڏورو به چوندا آهن. جنهن اڳتي هلي ڏنڊ جي صورت اختيار ڪئي. جنهن ڏنڊ تي چون ٿا ته جلال ڪٽي ڪپڙا ڏوئڻ جو ڪم ڪندو هو.

جلال ڪٽي لاکيٽي لطيف جو همعصر ۽ سينگار جو وڏو شاعر هو. چون ٿا ته پير ترهو مخدوم بلاول باغبان جي تحريڪ جو اهم رڪن هو. سندس مقبري تي هر سال ميلو لڳندو آهي.

ڳاڙهي جو قبرستان:

ڪلهوڙا دور سان تعلق رکندڙ هيءُ تاريخي قبرستان تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ تاريخي تختگاهه ڳاڙهي ۾ واقع آهي. هيءُ قبرستان سنڌ جي بادشاهه ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي نالي سان سڃاڻپ رکي ٿو. سنڌ ۾ ڪلي واري تاريخي قبرستان کان پوءِ هن قبرستان کي حيثيت حاصل آهي. هن قبرستان ۾ ننڍيا وڏا لاتعداد مقبرا ۽ قبرون آهن. مقبرن اندران خوبصورت چتسالي ٽيل آهي. انهن پينٽنگس ۾ پکي، جانور، گل ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه چٽيل آهن. هيءُ قبرستان ڪلي قبرستان کان پوءِ آرڪيٽيڪچر واري فن جو نادر شاهڪار آهي. نامور محقق بدر ابڙي "منچر گورک گاج دنيا" تصنيف ۾ هن مقام بابت لکيو آهي ته:

"هن قبرستان جي خاص ڳالهه اها آهي ته هيءُ قبرستان هڪ "اسڪول" آهي. جنهن ۾ ٽي شيون (1) تاريخ جي هڪ دور جي شروعات، يعني ڪلهوڙن جي تاريخ جو هڪ دور هتان شروع ٿئي ٿو. هيءُ ڪلهوڙن (سنڌ) جو پهريون تختگاهه آهي. ڪلهوڙن جي پهرين (جوڙايل) مسجد به هتي آهي ۽ هن ئي هنڌان هنن عبوري حڪومت جو اعلان ڪيو ميان وال تحريڪ جنهن جا ماڻهو ايجا تائين هتي ڪاڇي ۾ رهن ٿا، انهن جو هن جاءِ تي بنياد آهي. (2) هتي زبردست آرڪيٽيڪچر آهي. مختلف مقبرا آهن، جن جون جدا شڪليون آهن. آرڪيٽيڪچر جي لحاظ کان اڏ صديءَ جو اڀياس هتي ٽي سگهي ٿو ۽ (3) هتي هر قسم جون پينٽنگس هر مقبري جي اندر آهن. جن تي جيڪڏهن ڪو ويهي ڪم ڪري ته ان وقت يا ان دور ۾ هڪ سنڌي اسڪول جو اڀياس ٽي سگهي ٿو. انڪري چئي سگهجي ٿو ته ڪلي کان سواءِ سڄيءَ سنڌ ۾ ايڏو وڏو قبرستان نه آهي. ڪليءَ کي پنهنجي حيثيت آهي پر هن قبرستان جي برابر ٻيو ڪوبه قبرستان نه آهي. هن وقت به هن ۾ 60 کان وڌيڪ مقبرا، قبرن جو تعداد ته هزارن ۾ آهي."

هن قبرستان ۾ جيڪي دفن ٽيل شخصيتون آهن، انهن ۾ اهم نالا هي آهن: ميان نصير محمد ڪلهوڙو، ميان دين محمد ڪلهوڙو، فوجو فقير سومرو، مير صوبدار خان پٽ مير سلطان خان عرف ڪوکو خان، باگو (باغو) چانڊيو، يارو رند، نندو ڪوسو، تاجو فقير اوٺوال، باجو خان، فتح پخالي يا قتو فقير، سلطان فقير ساند، گلاب فقير لغاري، سردار گل محمد لغاري، دريا خان برهماڻي، تاجو ليکي (اول)، اعوان فقير، گاجي کهاوڙ (هن جي نالي سان قنبر شهدادڪوٽ جي تعلقي وارهه ۾ ڳوٺ آهي، جتي سندس تکيو آهي).

ڊرگھ بالا جا مقبرا[1]:

جوهيءَ کان 30 ڪلوميٽر اُتر ـ اولھ طرف نئن گاج جي ڪنڊيءَ تي ڳوٺ ڊرگھ بالا واقع آهي هي مقبرا، اُ جي پرسان 50 ،67° اوپر ـ اولھ ڏڪھائي ڦاڪ ۾ 50 ،25° اُتر ـ ڏکڻ ويڪرائي ڦاڪ تي موجود آهن. تالپر جي دور جي ھ قبرن بابت تاريخ ۾ ڪي خاص تفصيل موجود نہ آهن. ڪجھ مقبرا، جن ۾ خاص ڪري وڏو مقبرو ڪلھوڙن جي دور ٺهيل لڳي ٿو ۾ قدوقامت ۾ صورت ۾ به ميان يار محمد ڪلھوڙي جي مقبري جھڙو لڳي ٿو هنن مقبرن جي خاص ڳالھ انهن اندر ٽيل چتسالي آهي جيڪا هاڻي خود مقبرن وانگر زبون حال ۾ پوين پساهن ۾ آهي.

ڊرگھ بالا جو ڪوٽ[1]:

ڊرگھ بالا جي اولھ پاسي ۾ ميرن جو ٺهرايل ڪوٽ آهي. روايت آهي تہ هيءَ ڪوٽ ميرالھيار خان (وفا 1729ع) پنهنجي رهائش لاءِ ٺهرايو هو. ڪجي مٽيءَ جو جوڙيل هيءَ ڪوٽ، ڪافي وقت تائين تالپر اميرن ۾ سپ سالارن جي رهائش لاءِ ڪتب ايندو رهيو. تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ تالپرن پنهنجي دور ۾ ڪوٽن ۾ قلعہ جوڙائڻ جو ڪوبہ ڪم نہ ڪيو. هن قسم جا دفاعي ڪوٽ ۾ قلعا ڪلھوڙن جي دور ۾ ٺهيا. ۾ هيءَ بہ ڪوٽ ضرور اُن د دور ۾ ٺهيو آهي، جيئن تالپر اُن وقت ڪلھوڙا لشڪر جا منهدار هئا ۾ هيءَ ڪم بہ سندن نگرانيءَ ۾ ٿيو هوندو.

ڊرگھ بالا:

هيءَ تاريخي ماڳ، اسلامي دؤر جو يادگار آهي. هتي کوھ ۾ هڪ عيدگاھ بہ واقع آهي، جن کي ميرن جي دؤر وڏي اهميت ۾ سرپرستي حاصل هئي. هيءَ ماڳ تعلقي جوهي ۾ ڊرگھ بالا ڳوٺ وٽ آهي، جتي هڪ قديم قلعي جا آث پڻ موجود آهن. جنهن جي ٻاهران هڪ ويڪرو ۾ سھڻو کوھ آهي. عيدگاھ لڳ هڪ وسيع ميدان آهي، جنهن ک چؤديواري ڏنل آهي.

هن نالي سان هڪ قديم ڳوٺ بہ آهي. ان جا بہ حصا پراڻي ڊرگھ ۾ نئين ڊرگھ سڏجن ٿا. محققن جي خي مطابق ڊرگھ اصل ۾ ڊرنگ لفظ جو بگاڙ آهي، جنهن جي معني آهي ـ ڊب يا ننڍڙو واريءَ جو ڍڳو. انهن مان "هيٺئين ڊرگھ ۾ ڊرگھ بالا (مٿئين) ڪري ڪوٺين ٿا. جوهيءَ سان تعلق رکندڙ محقق عزيز ڪنگراڻيءَ جي تحقيق مطابق: "تالپرن ج ديري خان ڪان چوٽي بالا مان هجرت بعد ڊرگھ سندن پهريون سڪونت وارو هنڌ هو."

قديم زماني ۾ هيءَ شهر، وڻج واپار جو بہ مرڪز رهيو آهي. هتي هڪ ڪوٽ بہ تعمير ٿيل آهي.

متفرق تاريخي ماڳ مڪان:

ڪوٽيرو ڍڙو (جوهي)، رومين جا مقام، زرتشتي آثار (جوهي)، جنگو جو مقام، بکر شهيد، ميرالھيار جا قبا، پ سليمان، پير گاجي شاھ، سخي نورنبي لاشاري، گاجي ڪنب، سندوڌھ چاڪر ڳٽ، يارو پير ريڊار، بدو چشمو، پيراڻ ڪوٽ نئ نلي، ٻڌا قبا، نئ سولھ پير ترھو جاڙي جي ڪلات ـ جڙيل شاھ جيلاني جو مقبرو، عنايت شاھ جو مقبر جڳ شينھن پير جو مقبرو، جنگو جمالي جو مقبرو، ميان گاجي شاھ جو مقبرو وغيره.

---


[1] ايڊيٽر ياران اضافو.


تاريخي ماڳ ۽ مڪان



جامع مسجد مخدوم بلاول باغبان رحہ









حضرت مخدوم بلاول باغبان رحہ جو مقبرو



مسجد خدا آباد



جامع مسجد ڳاڑهي



ميان نصير محمد ڪلهوڙي جو مقبرو




گورنمينٽ پرمانند هرداس هاءِ اسڪول



هندن جي مڙهي




ريلوي استيشن دادو




هليلي مقبرو



ماٹکناري جو دڙو



يتيو مندر جوهي



گورک جو منظر



چنيءَ ۾ هڪ نامعلوم چتي



جوهيءَ لڳ هڪ ڏنل جا آثار

واهڙ ۽ وسنديون

ات شريف[1]:

پاٽ جو ڳوٺ سنڌو نديءَ کان هڪ ڪلوميٽر اولهه طرف تقريباً 28_20 اُتر ڏڳهائي ڦاڪ ۾ 68_48 اوپر بکرائي ڦاڪ تي موجود آهي. تعلقي ۽ ضلعي دادو ۾ موجود دادو شگرمل پيارو ڳوٺ کان 6 ڪلوميٽر اوپر طرف دادو ڪئنال جي کاٻي ڪپ تي واقع آهي.

پاٽ شريف دادو ضلعي جو اهو مردم خيز ڳوٺ آهي. جتي تاريخ ساز شخصيتون هر دور ۾ جنم ونڌنديون هيون آهن. پاٽ جي تاريخ ۽ نالي متعلق مختلف روايتون موجود آهن. ڪن ان لاءِ پوتر مان پاتر ۽ پاتر مان پاٽ ڄاڻايو آهي. ڪجهه روايتون اهي به آهن ته پاتر سنڌي لفظ "پاٽ" جي فارسي صورتخطي آهي. چاڪاڻ جو فارسي زبان ۾ "ٽ" نه اڪر يا اُچار ڪونهي. تنهنڪري ان جي نعم البدل طور "تر" جو اُچار استعمال ٿيندو آهي. جيئن پلي پوٽن کي پلي پوتره اُچارين. موجوده پاٽ ۽ ان جي پرپاسي ۾ قديم قومون درياهه پائڻ ڪري اڳتي پوئتي مٿانهينءَ وارين جڳهين تي ويان نوان پاڙا آباد ڪنديون رهيون. پاٽ جي موجوده تاريخ تڏهن شروع ٿئي ٿي جڏهن هندو لهاٽن ۽ اسماعيلي خوجن جي تبليغ ڪرڻ لاءِ "خانواده صديقيه سهروردي" جي هڪ مبلغ کي سما حڪمران طرفان پاٽ ۾ اهو علاقو جاگير طور ڏئي مقرر ڪيو ويو جنهن کان پوءِ اهو ڳوٺ پاٽ شريف ۽ قُبة الاسلام جي اضافي لقبن سان پڻ تاريخ ۾ ياد ڪيو ويو. اهو بزرگ جنهن کي هيءُ علاقو جاگير ۾ ڏنو ويو ان جو نالو شيخ شهاب الدين سهروردي (802_894ع) هو جيڪو شيخ الشيوخ عمر بن محمد شهاب الدين سهرورديءَ صاحب عوارف المعارف (536_632هـ) جو ائين پيڙهيءَ ۾ فرزند هو.

هن بزرگ جي اچڻ کان پوءِ هن علاقي ۾ علم ادب، تصوف ۽ دين حق جي اها لات ٻري جنهن نه رڳي هتان جي ماڻهن کي متاثر ڪيو پر ان جي اثرات هندستان جي به ڪيترن علاقن کي پنهنجي اثر هيٺ آندو اهي هتان جا ئي ولي عالم باعمل ۽ صوفي هٿا جن هندستان جي شهر برهانپور ۾ وڃي "سنڌي پوره" ٻڌرايو جنهن کي نه رڳو برهانپور پر پوري مڌيه پرديش جي صوبي ۾ علم ادب ۽ تصوف جي لحاظ کان اهو مقام حاصل آهي. جيڪو وري دادو ضلعي ۾ پاٽ شريف کي آهي.

جيڪي دستاويزي ثبوت مليا آهن. انهن جي بنياد تي ڇڻي سگهجي ٿو ته پاٽ جي علاقي ۾ انساني آبادي ڳائي وقت کان موجود هئي. جيڪا مختلف دورن ۾ لاهن چاڑهن جو شڪار رهي. ويجهڙ جي تاريخ يعني ناڻين صدي هجريءَ ۾ پاٽ جي شهر ٻڌائڻ ۽ آباد ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو جنهن کان پوءِ ان علاقي جي علمي، ادبي ۽ مذهبي تاريخ سواءِ ڪن ٿورن وقفن جي تسلسل جو روپ ورتو. حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنداللہ پاڻائي ثم برهانپوري جي باء اجداد جي ٻڌايل پاٽ جو ذڪر جيڪو هند_ سنڌ ۾ مشهور آهي. اهو محض غير آباد ٿيندڙ علاقي جو نئين سر ڄائڻ طرف اشارو آهي. اها شخصيت شيخ شهاب الدين سهروردي پاڻائيءَ جي آهي. جنهن جو تعلق سما دور سان هو. هن ئي بزرگ هيءُ شهر ٻڌرايو. کانئس پوءِ سندس هڪ فرزند شيخ معروف پاٽ ۾ تبليغي خدمتون سرانجام ڏنيون. سندس ٻئي فرزند مخدوم و قاضي برهان الدين بن شهاب الدين ثاني (صديقي) جو ڏس پتو پاٽ کان اتڪل 25

---

[1] ايڊيٽر پاران اضافو.

ڪلوميٽر اُتر اولهه طرف ڪڪڙ ۾ خيرپورناٿن شاهه طرف ملي ٿو. بياض واحدي (حصو 2) ۾ درج ڪيل فتوائن ڪجهه قاضي برهان الدين بن شهاب الدين صديقي ڏانهن منسوب آهن. هن بزرگ جي مزار ڪڪڙ ۾ خيرپورناٿن ۽ جي وچ ۾ خانپور ۾ ڪلي جي ڳوٺن جي واٽ جي وچ تي اڄ به موجود آهي. ڪيس جام نظام الدين سمي جي حڪو طرفان "ڪڪڙ" جي علاقي جي قضا ۾ فتويٰ سونپي وئي هئي.

مقامي روايتن موجب: هيءُ بزرگ سمن جي دور ۾ ٿي گذريو آهي ۽ سندس مقبرو دولهه دريا خان ٺهرايو. سندا تعارف ڪجهه ڏهاڪا اڳ وڏي بورڊ تي روڊ جي پر ۾ لڳل هو جنهن کي هٽايو ويو آهي ۽ هاڻي مختلف قسم ج روايتون منسلڪ ڪري حنفي فقيه عالم مان قيرائي ڪيس سنڌ جي ٻين ڪيترين درگاهن وانگر ٻيو رنگ ڏنو ويو آهي

شيخ شهاب الدين پاڻائي کي هڪ ٻيو فرزند شيخ معروف (844_907ھ) ٿيو. سندس نالي تي پاڻ پراڻو معروفاڻي ڏينڌ مشهور آهي. شيخ معروف کي شيخ رڪن الدين پٽ ٿيو جنهن بلاولي تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪ هيءُ مخدوم بلاول جو ساٿي هو سندس مزار مڪلي تي آهي. هن جو فرزند شيخ يوسف سنڌي هفت اقليم جو سيا هو ۽ هن پيادل 20 حج ڪيا هئا. پاڻ ناگور ۾ پڙهڻ جهه عرصو سهروردي خانقاهه ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. جتي ع ابوالفضل ۽ ملا فيضي جو والد شيخ مبارڪ ۽ ڏاڏو شيخ خضر سندس مريديءَ ۾ داخل ٿيا. انهيءَ دور ۾ پاڻ سهروردي خانقاهه جا شيوخ علامه شيخ عيسيٰ بن رڪن الدين ۽ سندس ٻن فرزندن: شيخ معروف ۽ عثمان سي پنجاب ۾ وڃي خانقاهه قائم ڪئي.

همايون جمادي الاول 948ھ اڳاري 23 آگسٽ 1541ع تي پاڻ ۾ حميده بيگم سان شادي ڪئي. سندا همشيره گلبدن بيگم "همايون نامه" ۾ ڄاڻايو آهي ته چاليهن ڏينهن کان پوءِ "پاڻ" ۾ بادشاهه سلامت مير ابوالبقاء گهرائي نڪاح پڙهڻ لاءِ چيو. نڪاح کان پوءِ ٽي ڏينهن اتي رهي بکر ڏانهن اُسهيو.

ارغونن جي دور حڪومت سنه 977ھ_ 963ھ بمطابق 1520ع_1555ع تائين پاڻ ۽ ان جي آسپ ڪنهن به جنگ، قُرلُٽ يا ڏُڪار جو ذڪر تاريخ جي ڪنهن ڪتاب ۾ نه ٿو ملي. پر ان جي برعڪس ترخان حڪومت (1555ع_1592ع) افراتفري ۽ چڪتاڻ پيدا ڪئي. همعصر مؤرخ ادراڪي بيگلاري 1017ھ مطابق 1608ع ۾ "بيگلارنامو" مڪمل ڪيو. هو لکي ٿو ته مرزا شاهه حسن (المتوفي_ 1555ع) کان پوءِ سيني ارغون سردا يڪراءِ ٿي سنڌ جا به حصا ڪيا. ڏاکڻيون حصو پاڻ ۽ درپيلي کان وٺي سنڌ جي ڏاکڻي سرحد تائين مرزا عيسيٰ ترخ کي ڏنائون. جنهن جي گاديءَ جوهنڌ ٺٽو هو. اهڙيءَ طرح پاڻ ۽ درپيلي کان وٺي سنڌ جي اُترئين چيڑي تائين مير سل محمود بن مير فاضل ڪوڪلتاش کي ڏنائون. جنهن جي گاديءَ جوهنڌ بکر هو.

اهڙيءَ طرح سال 1555ع کان پوءِ ترخان ۽ ڪوڪلتاش حڪومتن جي وچ ۾ سرحدي شهر ۽ درياهي ب بڻجي ويو. جنهن جي نتيجي ۾ بدامني قُرلُٽ ۽ غارتگري منهن ڪيبو. نتيجي طور هن علاقي جون علمي، ادبي صوفياڻه محفلون متاثر ٿيون. پاڻ جو اهو حال ٿيو جيڪو ضياءالحق جي دور ۾ ڏاڙيلن ۽ ظالمن جي زور وٺڻ ڪري هتان جا پڙهيل ڳڙهيل خاندان ماحول کان بيزار ٿي ٻين شهرن ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳا. جيئن انهيءَ دور ۾ انهي ظالمن چوٽ ڏني وئي، تيئن هن دور ۾ به کين نه ڏسڻ ۾ ايندڙ هٿن جي سرپرستي رهي آهي. ضياء جي دور ختم ٿيڻ کان پو تائين بعد ۾ ايندڙ حڪومتن به ان جو ڪو تدارڪ نه ڪيو. نتيجي طور جتي حياء، شرم، اخلاق، محبت ۽ وڏ ننڍي ادب ۽ علم سان جاهه هو اتي ڪجهه ڏهاڪن کان ظلم، زبردستي، بي حيائي ۽ جهالت منهن ڪيبو آهي. اهي باادب

خاندان جيڪي هتان جا زميندار به هئا، ۽ ڳوٺ جي نوانوي سيڪڙو آبادي تي مشتمل هئا. انهن جا اڪثر گهر لڏڻ تي مجبور ٿيا. چوندا آهن ته پڙهيل ماڻهو ڏڇڻو هوندو آهي. پڪو ڪِرندو آهي ته ڪڙو چنڊي مٿي تي رکندي هيڏي هوڏي هاريندو آهي.

انهن چئن خاندانن مان جوٽيجا تقريباً لڏي ويا. انصارين به پنهنجا گهر هارين حوالي ڪيا. جنهن به سواءِ ڪنهن ڪ اڏ جي وڃي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ رهيا. باقي صديقي جيڪي تاريخي طور مذهبي قيادت، درگاهه جي وارثي ۽ ضا جي عهدن تي پشت در پشت رهڻ سبب قاضي ۽ مخدوم سڏبا آهن، تن جا ڪي ٿورا گهر وڃي بچيا آهن. ڪجهه ته ڦفي سان سڪ لڳڻ سبب ايندا آهن. تازو اميد جي هڪ لات نظر آئي، جڏهن کان مخدوم سليم الله صديقي ۽ ڊاڪٽر عبدالشڪور صديقي صاحب "غني ٽرسٽ اسپتال" جي تحت اتي فري ڪيمپون وغيره لڳارايون آهن تڏهن کان سوين ضرورتمندن کي روشنيءَ جو ڪرڻو نظر آيو آهي. ان کان علاوه مخدوم سليم الله صديقي پنهنجي وڏڙن جي مسجد ۽ ڪُهرن کي نئين سر آباد ڪرايو آهي. ساڳي طرح مخدوم فضل الله جي درگاهه سان گڏ مخدوم ممتاز احمد صديقيءَ جي وطاق سنڌس فرزند ارجمند مخدوم سڪندر احمد اڇي وسائي آهي. ڊاڪٽر حبيب الله صديقي پڻ علمي سرگرمي کي زندهه ڪندي پنهنجي گهر کي اسڪول ۾ تبديل ڪيو آهي ۽ سائين عبدالغفار صديقي هن تاريخي ڳوٺ جي خدمت ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي.

دعا آهي ته هيءُ تاريخي ۽ علمي ادبي ڳوٺ شل ٻيهر پنهنجو تاريخي ورثو ماڻي. آمين.

گل محمد مگسي:

ڳوٺ گل محمد مگسي ديهه دادو، تپو دادو يونين ڪائونسل پيري ۾ آهي. ڳوٺ، پوليس ٽاڻو دادو جي حد ۾ آهي. ڳوٺ کي دادو پوسٽ آفيس ذريعي ٽپال موصول ٿيندي آهي. ڳوٺ 4 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. آدمشماري 400 کن افراد تي مشتمل آهي. هتان جا ماڻهو زميندارين ۽ هارپو ڪندا آهن ۽ سرڪاري نوڪريون پڻ ڪري رهيا آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري، بوائز ۽ گرلس اسڪول آهن. هتان جا 99 سيڪڙو رهواسي پڙهيل لکيل آهن. ڳوٺ کي بجليءَ جي سهوليت موجود آهي. روڊ ڪچهه پڪو آٿس. ڳوٺ ۾ پروفيسر عبدالله مگسي يادگار لائبريري قائم ڪئي وئي آهي. هن ڳوٺ جي پرسان دادو اڏ ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. ڳوٺ ۾ اڪثر مگسي ذات جا ماڻهو رهائش پذير آهن. ان کان علاوه باگڙي ذات جا ماڻهو به رهن ٿا.

ڳوٺ گل محمد مگسيءَ ۾ ڪيترين ئي مذهبي، سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتون پيدا ٿيون آهن. جن ۾ مولوي عبدالرحيم مگسي، مرحوم سليمان مگسي، مرحوم ابوبڪر مگسي، ڏٻي بخش مگسي، پروفيسر زاهد علي مگسي شامل آهن. ان کان سواءِ ڊاڪٽر، انجينئر، ايس. پي، جج ۽ نامياراستاد پيدا ٿيا آهن. انهن ۾ ڊاڪٽر لياقت مگسي، غلام نبي مگسي وغيره شامل آهن. هيءُ ڳوٺ، مگسي قبيلي جي نيڪ مرد رئيس گل محمد مگسي سال 1931ع ڌاري ٻڌايو هو. هيءُ ڳوٺ، اصل ڪچي ۾ آباد هو. درياء جي پاڻ ڪري ماڻهن اتان لڏي هتي اچي رهائش اختيار ڪئي. جيڪو اڄ ڳائين قائم آهي.

محمد خان چانڊيو:

ڳوٺ محمد خان چانڊيو ديهه دادو تپو دادو ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙ کن ٿيندي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول خانگي جڳهه ۾ هلي رهيو آهي. هيءُ ڳوٺ، روڊ جهڙي سهوليت کان محروم آهي. ڳوٺاڻا پيادل

سائيڪلن ۾ ٻين ذاتي سوارين ذريعي دادو شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن.

ڳوٺ محمد خان چانڊيو جي پرسان سيد نبن شاهه جي مزار آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. هن ڳوٺ صرف چانڊيا قبيلي جا ماڻهو آباد آهن. هتان جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو هارپو آهي. هيءُ ڳوٺ، 60 سالن کان اڳ نيڪ مرحوم محمد خان چانڊيي ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مراد درياء خان چانڊيو آهي. هن ڳوٺ جي آبادي 4 ماڻهن تي مشتمل آهي ۽ تعليم جو تناسب 5 سيڪڙو آهي.

جيئند لاشاري:

ڳوٺ جيئند لاشاري ديهه دادو تپو دادو يونين ڪائونسل سيال تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 8 ايڪ تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 50 گهر آهن ۽ آدمشماري 8 سؤ جي قريب ٿيندي. هن ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات لاش آهي. ڪجهه گهر ملاحن جا به آهن. چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ الڳ اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. جتي باقاعدا ابتد تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جي آدمشماري 20 سيڪڙو ٿيندي. ڳوٺ ۾ ڪجهه ماڻهو زميندارن ملازمت ۽ مزدوريءَ سان به وابسته آهن. هن ڳوٺ جي پرسان شهيدن جو مقام آهي. 14 شهي جون مزارون آهن ۽ انهن جي مٿان چاپرو ٺهيل آهي. 14 شهيدن جي باري ۾ مستند معلومات نه ملي سگهي آهي. ج مان اندازو ڪري سگهجي ٿو هيءُ درويش ڪيئن شهيد ٿيا. روايت آهي ته 14 شهيدن کي شاهه بيگ ارغون جي سپاه شهيد ڪيو هو. جيڪي مخدوم بلاول رح جا مريد ۽ معتقد هئا. اُهي سائٽس ملڻ لاءِ باغبان ويجي رهيا هئا. 14 شهيدن هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلي ۾ ملاکڙو به لڳندو آهي. جتي ملهه پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. ان کان علاوه ر رنگ جي محفل پڻ ٿيندي آهي. جنهن ۾ فنڪار صوفيانو راڳ پيش ڪري داد حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي روڊ سهوليت آهي. ماڻهو بسن ۽ ڀاڙن ذريعي دادو شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن.

هن ڳوٺ ۾ ڊولڪ ۽ باجي وڄائڻ جو ماهر استاد مٺل لاشاري رهي ٿو جيڪو راڳ جي محفلن ۾ پنهنجي جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو. هن ڳوٺ ۾ استاد الهه وسايو لاشاري ۽ بخش لاشاري بهترين تعليمي ماهر تي گذريا آهن. ڳوٺ، جيئند خان لاشاريءَ ميرن جي آخري ڏينهن ۾ ٻڌايو هو.

مينهون پنڌ:

ڳوٺ مينهون پنڌ، ديهه دادو تپو دادو يونين ڪائونسل پيريءَ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 15 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳ ۾ آباد گهر 40 کن ٿيندا ۽ آدمشماري 600 جي قريب ٿيندي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽائي جي حد ۾ آهي. ڳوٺاڻا پنهن لکپڙهه دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ مينهون پنڌ پڪي تي موجود آهي. هن ڳوٺ ۾ برادري جا ماڻهو رهه آهن. سندن پيشو زميندارن هارپو، واپار ۽ ملازمت آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز اسڪول آهي. جنهن ۾ چوڪ چوڪريون پنجين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 30 سيڪڙو آهي. ڳ ڪي روڊ فون ۽ بجليءَ جي سهوليت ميسر آهي. هيءُ ڳوٺ، لنڪ روڊ ذريعي انبس هاءِ وي سان ڳنڍيل آهي. ماڻهو ب ويگنن ۽ ڀاڙن ذريعي سواري ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان پير شرفو ۽ پير مگريو جون درگاهون موجود آهن. ڳوٺ کان دادو شهر 3 ڪلوميٽر پري آهي. هيءُ ڳوٺ، مينهون خان پنڌ جي نالي تي مشهور آهي. ڳوٺ، ميرن جي دو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ جو نيڪ مرد محبوب علي پنڌ آهي.

پير محمد مراد:

ڳوٺ پير مراد ديهه دادو يونين ڪائونسل پيريءَ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو شهر جي اوپر ۾ هڪ فرلانگ پنڌ تي واقع آهي. ڳوٺ کي بجليءَ جي سهوليت ملیل آهي. ڳوٺ، روڊ رستي، گئس ۽ اسڪول کان محروم آهي. ڳوٺ ۾ 35 گهر آباد آهن. جڏهن ته آدمشماري 800 کن ٽيندي هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. سندن ڏنڏو مزدوري آهي. درگاهه ۾ پير محمد مراد جي رجبي تي سجوڌينهن ننگر ورهايو ويندو آهي. هيءُ ڳوٺ، هتان جي بزرگ اولياءَ حضرت پير محمد مراد جي نالي پٽيان سڏجي ٿو. هن درگاهه جو مجاور پير گُلُ آهي.

محمد علي مستوئي:

ڳوٺ محمد علي مستوئي ديهه دادو تپو دادو يونين ڪائونسل پيري ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 15 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ 90 گهر آباد آهن. ۽ آدمشماري ڏيڍ هزار کن ٽيندي. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن. مڊل اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه ڳوٺ کي بجلي، روڊ، اسپتال ۽ ٽيليفون جي سهوليت ملیل آهي. ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڏنڏا زمينداري، هارپو واپار ۽ ملازمت آهي.

ڳوٺ محمد علي مستوئي دادو کان 3 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ آهي. ماڻهو پنڌ، سائيڪلن، موٽر سائيڪلن، ڪارن ۽ بين ذاتي سوارين ذريعي سفر ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور ۾ سرائي محمد علي مستوئيءَ ٻڌايو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي شاهنواز مستوئي آهي. سندس ڪوشش سان ڳوٺ کي بنيادي سهوليتون ميسر ٿيون آهن. هن ڳوٺ جي پرسان اوپر ۾ 14 شهيدن جون مزارون آهن.

سيال:

ڳوٺ سيال، ديهه سيال، تپو دادو يونين ڪائونسل سيال ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ ڪچي ۾ آباد آهي. ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. سيال ڳوٺ اٽڪل 35 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هن ڳوٺ ۾ 200 گهر آباد آهن. جڏهن ته آدمشماري تقريباً 5 هزار ماڻهن تي مشتمل آهي. هتان جي رهواسين جا مکيه ڏنڏا زمينداري، هارپو ملازمت ۽ واپار آهي. هن ڳوٺ ۾ رهندڙ اڪثريت واري ذات سيال آهي. ان کان علاوه عباسي، چانڊيا، کوکر، ماچي، ڪنيئر، ڪوريجا، ميراڻي، دايا، قنبراڻي، ملاح، پنهور ۽ سهاڳ به رهندا آهن. ڏاڙيلن جي ڊپ کان ڪافي گهراٽا لڏي دادو شهر ۾ آباد ٿي ويا آهن. سيال ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ الڳ اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. ان کان سواءِ گرلس مڊل اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي. ۽ هتان جون نياڻيون مڊل تائين تعليم حاصل ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ دادو شهر جو رخ ڪنديون آهن. هن ڳوٺ کي روڊ رستي جي سهوليت ملیل آهي. ماڻهو تانگن ۽ رڪشائن ذريعي دادو شهر تائين ايندا ويندا آهن. ڳوٺ، دادو شهر 2 ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. سيال ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ملیل آهي. سيال ڳوٺ جي پرسان مشهور اولياءَ نانگو شاهه جي مزار آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. ان کان سواءِ مخدوم قاضي محمد هاشم عباسي، قاضي سائين ڏتل فقير چانڊيو سيد بچل شاهه ۽ فقير مولوي محمد حسن جون مزارون به عام زيارت لاءِ ڪليل آهن.

سيال ڳوٺ ۾ ڪافي نيڪ مرد ٿي گذريا آهن جن ۾ سرائي ڏٽي بخش سيال، محمد حسن سيال، سرائي الهه ڏنو سيال، حاجي محمد قاسم سيال، سرائي خدا بخش سيال ۽ سرائي لعل محمد سيال وغيره شامل آهن.

روايت مطابق سيال ڳوٺ، سومرن جي دؤر ۾ سيال قبيلي جي ماڻهن ٻڌايو هو.

دانو خان چانڊيو:

ڳوٺ دانو خان چانڊيو ديهه سيال، تپو دادو يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 6 ايڪڙن تي ٻڌيل آهي ڳوٺ ۾ 60 گهر آباد آهن. ۽ آدمشماري سايا 6 سؤ ٽيندي. ڳوٺ ۾ فقط چانڊيا قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو هو. جيڪو بند پيو آهي. هتان جا ڳوناڻا 15 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. روڊ نه هئڻ سبب ڳوناڻا پنڌ دادو شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن. ڳوٺ کي بجليءَ کان به وانجهيو رکيو ويو آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪچي ۾ واقع آهي. ڳوٺ داني خان چانڊيي سؤ سال اڳ ٻڌايو هو. مرحوم قتو خان چانڊيو هڪ ڳوٺ جونيڪ مرد ٿي گذريو آهي. جيڪو برادريءَ جا فيصلا ضرب المثال ڪندو هو.

صوف لُنڊ:

ڳوٺ صوف لُنڊ جيڪو اصل ٽِمون لُنڊ جي نالي سان قائم ڪيو ويو هو. اهو ڳوٺ، ديهه سيال تپو دادو ميونسپ ڪاميٽي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 8 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ هڪ سؤ گهر ۽ آدمشماري 12 سؤ ڪن ٽيندي هن ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول سال 1988ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. اسڪول ۾ خانگي ڪمرن تي مشتمل وٽن هينان هلي رهيو آهي. گرمي سردي ۾ اس ۾ بارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. هن ڳوٺ، شهر ۾ هوندي به اسڪول جي عمارت کان محروم آهي. هن ڳوٺ جي پرسان سؤ فوٽن تي گئس جي لائين آهي، ڳوٺ گئس جي سهوليت کان محروم آهي. هيءُ ڳوٺ، نيڪ مرد ٽمون خان لُنڊ 70 سال ڪن اڳ ٻڌايو هو جيڪو هن وقت صوف لُنڊ جي نالي سان سڏجي ٿو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي ملهه پهلوان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪا آهن جن ۾ حاجي نور محمد لُنڊ ۽ حاجي موريل لُنڊ شامل آهن. ڳوٺ جي پرسان خالد شاهه بخاريءَ جو مقبرو آهي. جتي هر مهيني جي 14 تاريخ راڳي اچي حاضري پريندا آهن. ۽ ڪلام پيش ڪندا آهن. ان موقعي تي خيرات تقسيم ڪئي ويندي آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪبڊي جو نالي وارو رانديگر عبدالله شوشر به رهندڙ آهي.

حاجي پانڙي سيال:

ڳوٺ حاجي پانڙي سيال، ديهه سيال، تپو دادو يونين ڪائونسل سيال، تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اڀ ڪچي ۾ هو. هن وقت ڳوناڻا لڏي پڪي تي ڳوٺ ٻڌي ويهي رهيا آهن. هيءُ ڳوٺ، 5 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 0 گهر ۽ آدمشماري 4 سؤ ڪن ٽيندي. ڳوٺ ۾ سيال قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول قائم ڪيو ويو آهي جيڪو في الحال ڪچي لانڊي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هتان جا ڳوناڻا صرف 2 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي بجليءَ جي سهوليت ميسر آهي. جڏهن ته روڊ جي سهوليت کان هيءُ ڳوٺ محروم آهي. ڳوناڻا پيادل سائيڪلن اسڪوٽرن ذريعي دادو شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن.

ڳوٺ، پانڙي خان سيال ٻڌايو هو. هتان ڪيترائي نوجوان سماجي سرگرمين ۾ مصروف آهن. جن ۾ خدا بخش سيال، نظير احمد سيال ۽ بيا نوجوان شامل آهن.

دوداڻي جمالي:

ڳوٺ دوداڻص جمالي ديهه سيال، تپو سيال، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي آهي. ڳوٺ دوداڻي جمالي دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جا رهواسي پنهنجي خط و ڪتاب دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪن

آهن. هيءُ ڳوٺ 20 ايڪڙن تي ڦٽل آهي. ڳوٺ 400 سؤ گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺ جي آدمشماري اٽڪل 4 هزار کن ٿيندي هتان جي ڳوٺاڻن جا مکيه ڌنڌا زميندارِي، هارپو ملازمت ۽ واپار آهي. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي. ان ۾ مارڙا تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺاڻن جي تعليم جو تناسب 15 سيڪڙو آهي. هن ڳوٺ ۾ جمالي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان ميهر شاهه جي مزار آهي. ان کان علاوه ڪجهه فاصلي تي نانگي شاهه جي مزار آهي. ان تي قبوا ڏيل آهي ۽ هر سال هن درگاهه تي ميلو لڳندو آهي.

هن ڳوٺ جو نيڪ مرد محمد عيسيٰ جمالي هو جيڪو فوت ٿي ويو آهي. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ مولوي محمد عثمان جمالي، مولوي محمد جعفر جمالي ۽ مير محمد جمالي شامل آهن. ڳوٺ ۾ ملهه پهلوان به ٿي گذريا آهن. انهن ۾ ڏوڏو جمالي ۽ شيرل جمالي نالييور به ملهه ٿي گذريا آهن. ڪجهه سماجي ورڪر به هن ڳوٺ ۾ رضاڪارانه سماجي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. انهن ۾ غلام مصطفيٰ جمالي ۽ مولوي حاجي احمد جمالي به شامل آهن. هيءُ ڳوٺ، انگريزن جي دور جو ٻڌايل آهي.

غلام حيدر برڙو:

ڳوٺ غلام حيدر برڙو ديهه سيال، تپو دادو يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 4 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آباد آهن. هتان جي ماڻهن جو مکيه پيشو هارپو آهي. ان کان علاوه زميندارِي، ملازمت ۽ واپار سان به منسلڪ آهي. ڪجهه ڳوٺاڻا مزدوري به ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي جيڪو خانگي جڳهه ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. هتان جا ڳوٺاڻا 20 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺاڻا پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن.

ڳوٺ غلام حيدربرڙي جي پرسان پير شاڪر ۽ گلڙ شاهه جون مزارون آهن. ان کان علاوه ڳوٺ کان چار فرلانگ پري نانگي شاهه جي مزار آهي. مزار مٿان مقبرو ڏيل آهي. نانگي شاهه جي درگاهه تي هر سال ميلو لڳندو آهي. جتي سرگس موت جو کوهه قرٽيون ۽ چوڙول ايندا آهن. ملاکڙو به لڳندو آهي. هن ڳوٺ ۾ برڙا ذات جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ غلام حيدر برڙي جي نالي پٽيان سڏجي ٿو. هيءُ ڳوٺ، انگريز دور جو ٻڌل آهي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد ساڻي خان برڙو هو. جيڪو فوت ٿي ويو آهي.

گلاب شيخ:

ڳوٺ گلاب شيخ، ديهه سيال، تپو دادو يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. ڳوٺ گلاب شيخ 20 ايڪڙن تي ڦٽل آهي. ڳوٺ ۾ اٽڪل ڏيڍ سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ اڪثر شيخ برادريءَ جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري سڪول موجود آهي، جنهن ۾ چوڪريون ۽ چوڪرا گڏ تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ بنيادي سهوليتن کان وانجهيل آهي. هيءُ ڳوٺ به سؤسال اڳ گلاب خان شيخ ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو چڪو مڙس بهادر خان شيخ آهي. هن ڳوٺ ڪيترائي نامياريا استاد پيدا ڪيا آهن. جن ۾ احمد خان شيخ ۽ غلام اڪبر جويو ۽ بيا شامل آهن.

دوست محمد ابڙو:

ڳوٺ دوست محمد ابڙو ديهه سيال، تپو دادو يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪچي ۾ بچاءَ بند جي اوپر ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ تقريباً 8 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ مسجد اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. ليڪن هيءُ اسڪول بلڊنگ کان محروم آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. روڊ جي

سهوليت کان هيءُ ڳوٺ محروم آهي.

ڳوٺ دوست محمد ابڙي ۾ ابڙا، سولنگي ۽ ملاح قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن. هيءُ ڳوٺ، ميرن جي آخري د ڳوٺ جي نيڪ مرد دوست محمد ابڙي ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد علي اڪبر ابڙو آهي.

پائي خان لاشاري:

ڳوٺ پائي خان لاشاري ديهه سيال، تپو سيال، يونين ڪائونسل دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي ۾ آهي. ڳوٺ خان لاشاري اٽڪل 16 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ صرف لاشاري ذات جا ماڻهو رهندا آ هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي، جتي پارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي بجلي مليل آهي. گ رود جي سهوليت کان محروم آهي.

ماڻهن جو پيشو زمينداري، هاريو ۽ واپار آهي. ڳوٺ جي پرسان پير ميهر شاهه جي درگاهه آهي، جيڪا زيارت گاهه آهي ۽ 9 تاريخ تي عرس ملهايو ويندو آهي. ان موقعي تي راڳ رنگ ٿيندو آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل ڏيڍ سال اڳ، پائي خان لاشاري ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جا نيڪ مرد سرائي الهه ورايو لاشاري ۽ عبدالرحمن لاشاري آ جيڪي پنهنجي برادري جا فيصلا وغيره ڪندا آهن.

پيري:

ڳوٺ پيري ديهه پيري، تپو بکراڻي، يونين ڪائونسل پيريءَ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 50 ايڪڙن تي ٻڌل آ هن ڳوٺ ۾ ارائي سؤ گهر ۽ آدمشماري 8 هزار جي لڳ ڀڳ ٿيندي.

هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جا رهواسي پنهنجي لکپڙهه دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪ آهن. هيءُ ڳوٺ، پڪي ايراضي ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ الڳ پرائمري اسڪول قائم آ ڳوٺ کي تقريباً سيئي بنيادي سهوليتون ميسر آهن. جن ۾ مڊل اسڪول، اسپتال، ٽيليفون، هيلٿ سينٽر، سئي گ واٽر سپلاءِ گندي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ پڪيون نالیون، پڪيون گهٽيون، يونين ڪائونسل آفيس، ايگريڪلچر آف آهي. هن ڳوٺ جي پرسان ميران شاهه ۽ پير گاريي جون مزارون آهن، جتي روزانو ماڻهو حاضري پريندا۽ دعائون گهه آهن.

هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي آخري دور جو ٻڌل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ اپر نور واهه جي ڪپ تي ٻڌل آهي. هن ڳ ۾ سيد، لاکا، ڪابورا، چنا، لُنڊ، پنهور، کوسا، ماچي، ڪنير، چانديا ۽ جمالي رهندڙ آهن. هن ڳوٺ ۾ سيد مراد شاهه ۽ علي اڪبر شاهه بهترين استاد ٿي گذريا آهن. ڳوٺ پيريءَ جو نيڪ مرد سيد ڪوڙل شاهه هو جيڪو 1964ع ۾ ٿي ويو. هن وقت سيد مٺل شاهه ڳوٺ جو معزز ۽ ترقي پسند زميندار آهي.

پيچوها:

ڳوٺ پيچوها ديهه پيري يونين ڪائونسل پيريءَ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ماڻهن جي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. ڳوٺ پيچوها اٽڪل ويهن ايڪڙن تي مشتمل آهي ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڌنڌا نوڪريون ڪرڻ ۽ ڪجهه واپار آهي. پيچوها ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪ آهن. ڳوٺ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تناسب 60 سيڪڙو ٿيندو. پيچوها ڳوٺ جا ماڻهو بسن، ڀانسنن ويگنن ذر ملڪ جي مختلف حصن ڏانهن ايندا ويندا آهن. ڳوٺ انڊس هاءِ وي تي آهي. هن ڳوٺ کي علاج معالج لاءِ دسپينس

جي سهوليت مليل آهي. ازانسواءِ ڳوٺ کي فون جي سهوليت پڻ آهي. ڳوٺ پيڇوها ذات جي ماڻهن ٻڌايو هو. اٽڪل سؤ سال کان اڳ جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ ۾ سيد محبت شاهه جي مزار آهي. جتي حاجتمند دعائون گهري پنهنجي من جون مرادون پوريون ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ چيڙي يڪتاري جو ڳائڻو مرحوم علي مراد ٿي گذريو آهي. جيڪو عارفاڻو ڪلام ڳائي جهومائي ڇڏيندو هو.

سياڳو پنهور:

ڳوٺ سياڳو پنهور ديهه پيري، يونين ڪائونسل مراد آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي واقع آهي. ڳوٺ سياڳو پنهور دادو پوليس اسٽيشن جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي ٻارهن ايڪڙ ڪن ٽيندي. ڳوٺ ۾ 65 گهر آباد آهن. هڪ مسجد اسڪول هن ڳوٺ ۾ قائم آهي. ۽ ٻيو الڳ پرائمري اسڪول به آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ماڻهو ڀاتسنن ذريعي دادو شهر ڏانهن اينداوييندا آهن. ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. سندن مادري زبان سنڌي آهي. هيءُ ڳوٺ سياڳي خان پنهور، ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد حافظ نبي بخش پنهور ٿي گذريو آهي. هن وقت حافظ فيض محمد پنهور ديني تعليم ڏيڻ ۾ مشغول آهي.

فتح خان زنئور:

ڳوٺ فتح خان زنئور ديهه پيري، تپو دادو يونين ڪائونسل پيري ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناڻا پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ فتح خان زنئور جي ايراضي لڳ ڀڳ 20 ايڪڙن تي مشتمل ٽيندي. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ زنئور قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. هن ڳوٺ کي روڊ، بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت مليل آهي. باقي ڳوٺ ۾ ڪچيون گهٽيون آهن.

هن ڳوٺ جو نيڪ مرد بخشل خان زنئور آهي. جيڪو سماجي سرگرمين ۾ بهرو ونڊندو پيواچي. ڳوٺ ۾ نامياريا استاد به ٿي گذريا آهن. جن ۾ الله بخش زنئور، محمد عيسيٰ زنئور، محمد موسيٰ زنئور شامل آهن. هيءُ ڳوٺ فتح خان زنئور ٻڌايو هو. جيڪو ڏيڍ سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. هيءُ ڳوٺ دادو شهر کان صرف ٻه ڪلوميٽر پري آهي.

بچل ٻوڪ:

ڳوٺ بچل ٻوڪ ديهه پيري، تپو بکراڻي، يونين ڪائونسل پيري ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل پندرهن ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ ٽي سؤ گهر آهن. آدم شماري ٿي هزار ٽيندي. ڳوٺ ۾ اڪثريت ٻوڪ قبيلي وارن جي آهي. ازانسواءِ جمالي ۽ خاصخيلي ذات وارن جا ڪجهه گهر موجود آهن.

ڳوٺ بچل ٻوڪ ۾ پرائمري بوائز ۽ مسجد اسڪول به سرڪار طرفان قائم ڪيا ويا آهن. ۽ انهن اسڪولن ۾ پنجين ڪلاس تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. ڳوٺ، انبس هاءِ وي جي ٻنهي طرفن تي ٽهليل آهي. ڳوناڻا، آمد و رفت بسن، ويگنن ۽ ڀاتسنن ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ انبس هاءِ وي ذريعي ملڪ جي مختلف شهرن سان ڳنڍيل آهي. هن ڳوٺ کان دادو شهر صرف پنج ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي. ڳوٺ، سرائي بچل خان ٻوڪ انگريزن جي دور ۾ ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي دودو خان ٻوڪ آهي.

هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. انهن مان مرحوم فتح محمد ٻوڪ، مرحوم غلام علي ٻوڪ ۽ ڪريم بخش ٻوڪ شامل آهن. ڳوٺ ٻوڪ ۾ نالي وارا ملهه پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيا آهن. جن ۾ پهرين جوڙ جو ملهه مولابخش ٻوڪ شامل آهي. ان کان علاوه سماجي ڪارڪن به هن ڳوٺ جي مسئلن کي حل ڪرائڻ جي

ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهن ۾ استاد محمد بخش ٻوڪ، نياز علي ٻوڪ، محمد علي بچل ٻوڪ، غلام قادر ٻوڪ، عطا الله ٻوڪ، الهه بچايو ٻوڪ ۽ ٻيا شامل آهن.

گولو فقير:

ڳوٺ گولو فقير جنهن کي ٻيڙ فقير جي نالي سان به سڏيو وڃي ٿو.

گولي فقير ۽ ٻيڙ فقير، ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ڪيو هو. هيءُ ڳوٺ ديهه ڏاوچ، تپو موندر، يونين ڪائونسل الهه آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڪچي ۾ آهي، ۽ موندر پوليس ٽاڪي جي حد ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ ستن ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 150 گهر ۽ آدم شماري 1500 جي لڳ ڀڳ ٽيندي هن ڳوٺ جي ماڻهن جو ذريعه معاش زراعت ۽ واپار آهي ۽ ڪجهه ماڻهو سرڪاري نوڪرين ۾ پڻ آهن. گولي فقير ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه برانچ مڊل اسڪول پڻ هن ڳوٺ ۾ قائم ڪيو ويو آهي. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب ويهه سيڪڙو آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ پرسان گل حسن شاهه گولي فقير ۽ ٻيڙ فقير جون مزارون آهن. ڳوٺ ۾ ڪلهوڙا دور جي مسجد شريف هئي، جيڪا شهيد ٿي چڪي آهي. ڳوٺ ۾ اڪثريت ذات سومرن جي آهي. ان کان علاوه پرت، سولنگي، ڏاوچ، ڳهيڙ رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جي پرسان ڪنهن زماني ۾ گل حسن شاهه گولي فقير ۽ ٻيڙ جي مزارن تي ملاکڙو لڳندو هو، پر هاڻي بدامنيءَ سبب ملاکڙو بند ٿي ويو آهي.

دلاور ديرو:

ڳوٺ دلاور ديرو ديهه ڏاوچ، تپو موندر، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ چئن ايڪڙن ۾ پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ اسي گهر آباد آهن ۽ ڳوٺ جي آدم شماري اٺ سؤ ماڻهن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات ڏاوچ آهي. ان سان گڏ ڪوري ذات جا ماڻهو به رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. جيڪو خانگي جڳهه ۾ هلي رهيو آهي. هن ڳوٺ کان ٻه ڪلوميٽر پري روڊ آهي. ڳوٺ وارن کي اڃ وڃ جي سخت تڪليف آهي.

هن ڳوٺ جون اهم شخصيتون لعل بخش ڏاوچ، مرحوم محمد مريد ڏاوچ رٽائر مختيارڪار هيون. هن وقت ڊاڪٽر جاويد ڏاوچ، نياز ڏاوچ ۽ طارق ڏاوچ سماجي سرگرمين ۾ حصو ونندا اچن ٿا. هيءُ ڳوٺ درياء جي پر ۾ آهي، ۽ ٽي دفعا هن ڳوٺ کي درياء پائي ويو آهي. هي ڳوٺ سنجر خان ڏاوچ ٻڌايو هو. ڳوٺ اٽڪل سؤ سال اڳ جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو.

ڏارو خان ڏاوچ:

ڳوٺ ڏارو خان ڏاوچ، ديهه ڏاوچ، تپو موندر، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. طبعي لحاظ کان هيءُ ڳوٺ ڪچي ۾ آهي. ڳوٺ تقريباً اٽن ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هن ڳوٺ ۾ اٽڪل سٽ گهر آهن. ڳوٺاڻن جو مکيه ڌنڌو زمينداري زراعت، واپار ۽ ملازمت آهي. ڳوٺ ۾ هڪ مسجد اسڪول آهي، انهيءَ اسڪول ۾ پارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوناڻا ڀاتسنن، اسڪوٽرن ۽ سائيڪلن ذريعي پڪن شهرن ڏانهن ويندا آهن. هن ڳوٺ کان 4 ڪلوميٽر پري ڪُلجي اسٽيشن آهي، جتان ڳوناڻا ريل ذريعي ملڪ جي مختلف حصن ڏانهن اينداويندا آهن. هيءُ ڳوٺ، موندر پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات ڏاوچ آهي. ان کان علاوه پرت، پنهور ۽ ملاح به رهندا آهن. ڳوٺ جي پرسان هڪ تاريخي باغ نورمحمد خان ڏاوچ جو هوندو هو. جيڪو هاڻي موجود نه رهيو آهي. هيءُ ڳوٺ ڏاري خان ڏاوچ ڏيڍ سؤ سال اڳ آباد ڪيو هو. هن کان اڳ ڏاوچن جا ڳوٺ ٻنيو ديري،

هوندا هئا. تي دفعا ڳوٺ ٻنيي ديري کي درياء پائي ويو. چوٽون پيرو درياء جي ڪپ تي ڳوٺ ٻڌي ويٺا. هن ڳوٺ ۾ علي حسن ڏاوچ، ضمير حسين ڏاوچ سڀا استاد تي گذريا آهن. ان سان گڏ علي حسن ڏاوچ ۽ جمعدار عبدالڪريم ڏاوچ سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو ونڊندا پيا اچن.

احمد خان ڏاوچ:

ڳوٺ احمد خان ڏاوچ، ديهه ڏاوچ، تپو موندر، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. ڳوٺ ڪچي واري ايراضي ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي انڪل چار ايڪڙ ڪن ٽيندي. ڳوٺ ۾ آباد چالیهه گهر ٽيندا. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات ڏاوچ آهي. ڳوٺاڻن جو پيشو زميندارڻ هارپو ملازمت ۽ واپار آهي. ڳوٺ ۾ هڪ مسجد اسڪول آهي. پڙهيل لکيل آدم شماري 30 سيڪڙو ٽيندي هن ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت نه آهي. ڳوٺاڻا 2 ڪلوميٽر پنڌ ڪري روڊ تي پهچندا آهن. جتان وري ٻاتسنن ذريعي قلجي استيشن ڏانهن ويندا آهن. هي ڳوٺ به ٻنيي ديري ۾ شامل هو. درياء جي پائڻ ڪري ڳوناڻا هيءُ الڳ ڳوٺ ٻڌي ويٺا. ڳوٺ سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد رئيس احمد خان ڏاوچ آهي. نامياڻن استادن ۾ محمد يوسف ڏاوچ، عبدالستار سومرو شامل آهن. ڳوٺ ۾ پير بخش ڏاوچ سوشل ورڪر آهي. جيڪو فلاحي سرگرمين ۾ حصو ونڊندو اچي ٿو.

شير محمد ڏاوچ:

ڳوٺ شير محمد ڏاوچ، ديهه ڏاوچ، يونين ڪائونسل موندر تپو موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، درياء جي پر ۾ ڪچي ايراضي ۾ آهي. ڳوٺ، موندر ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ شير محمد ڏاوچ انڪل 10 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ ڪن گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات ڏاوچ آهي. ان کان علاوه ملاح، منگي ڪنبر، پنهور، ڏکڻ سومرا به رهندڙ آهن. ڳوناڻن جو مکيه ڏنڊو زميندارڻ هارپو ملازمت ۽ واپار آهي. ڳوٺ ۾ 2 پرائمري اسڪول آهن. انهن ۾ چوڪريون ۽ چوڪرا جدا جدا تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت نه آهي. ڳوٺ کان 2 ڪلوميٽر پري روڊ آهي. ڳوناڻا پيادل ويندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان ميهر شاهه ۽ ڪرم شاهه جون مزارون آهن. انهن مٿان مقبرا ٺهيل آهن. هي درگاهون عام زيارت گاهون آهن. سيد ڪرم شاهه تي هر مهيني جي 14 تاريخ تي واعظ ٽيندو آهي. هيءُ ڳوٺ، انڪل 1 سؤ سال اڳ اصل ٻنيي خان ٻڌايو هو. جيڪو ٻنيي ديري جي نالي تي سڏيو هو. درياء پائڻ ڪري 3 دفعا ڳوٺ ٻڌايو ويو. هن وقت اهو ڳوٺ شير محمد ڏاوچ جي نالي تي آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪافي نامياڻا استاد تي گذريا آهن. هن ئي ڳوٺ ۾ غلام محمد خان ڏاوچ ايڊوڪيٽ ڊپٽي ڪمشنر، ڊاڪٽر گل محمد ڏاوچ نيڪ مرد سرائي غلام حسن ڏاوچ، ڊاڪٽر محمد ياسين ڏاوچ پيدا ٿيا. ڳوٺ جو نيڪ مرد غلام حسين ڏاوچ آهي.

لطف علي پنڊ:

ڳوٺ لطف علي پنڊ، ديهه پنڊ، تپو خدا آباد، يونين ڪائونسل ڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، انڪل 12 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 60 گهر آباد آهن ۽ آدمشماري 2 هزارن جي قريب ٽيندي. ڳوٺ ۾ 2 پرائمري اسڪول آهن. جتي چوڪريون ۽ چوڪرا الڳ الڳ تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پنڊ برادريءَ جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن ان کان علاوه ڪنبر ۽ منگي قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جا 30 سيڪڙو رهواسي پڙهيل آهن. ڳوٺ لطف علي پنڊ جي قريب سيد محمد شاهه ۽ ابوطالب شاهه جون مزارون آهن. ابوطالب شاهه تي هر سال ميلو لڳندو آهي. شام جو ملاکڙو ٽيندو آهي ۽ ميلي جي موقعي تي راڳ رنگ جون محفلون به ٽيندڙيون آهن. هيءُ ڳوٺ، ميان يار محمد کلهوڙي جي دور

۾ سرائي لطف پنڌ ٻڌايو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي محمد علي پنڌ هو جيڪو ڪجھ سال اڳ فوت ٿي ويو. سندس وڏو فرزند غلام رسول پنڌ سينٽ پيٽرڪ اسڪول ڪراچيءَ ۾ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ آهي. ٽازو تعليم ڪاتي ۾ اعل عهدي تي فائز ٿيو آهي. ٻيو فرزند لياقت عيل پنڌ استاد آهي. ٽيون فرزند شوڪت علي پنڌ پي. آءِ. ايءِ ۾ ملازم آهي. ه ڳوٺ کي بجلي ءِ روڊ جي سهوليت ميسر آهي. ڳوٺ جي اولهه ۾ هڪ فرلانگ پنڌ تي انبس هاءِ وي آهي. ڳوناٽا هن ر ذريعي وڏن شهرن ڏانهن ويندا آهن.

غلام علي پنڌ:

ڳوٺ غلام علي پنڌ، ديهه پنڌ، تپو خدا آباد يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 12 ايڪڙن ۾ (گهرن تي آباد آهن. ڳوٺ جي آبادي 600 سؤ جي لڳ ڀڳ ٽيندي، هيءُ ڳوٺ، پکي ۾ آهي. هتان جا ڳوناٽا خط ڪتابت يان پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ پنڌ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوناٽن جي اڪثريت ريل ڪاتي ۾ آهي. ان کان علاوه هاريو به ڪندا آهن. ڪجھ زمينداري پيشي سان به آهن. ڳوٺ کي سرن جو روڊ مليل آهه جيڪو انبس هاءِ وي سان ڳنڍيل آهي. ڳوٺ جي پرسان ستابو شاهه ءِ ميرڻ شاهه جون مزارون آهن، جيڪي عام زيارت گاهه آهن. هن ڳوٺ جي پرسان قديم شهر جا نشان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هتي رتي ڏوبي جون ماريون هيون. اهو ميان يار محم ڪلهوڙي جو ڏوبي هو ءِ شاهي خاندان جا ڪپڙا ڏوئيندو هو. ان ماڻڪي جا نشان اڄ به ڏسي سگهجن ٿا. اُتي ٽڪرن ٽڪرا وڏي تعداد ۾ موجود آهن. ڳوٺ غلام علي پنڌ، ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل آهي. ڪلهوڙن سان گڏ جيڪي قبا آيا هئا. انهن ۾ پنڌ قبيلو به شامل هو سندن وڏو سرائي غلام علي پنڌ هيءُ ڳوٺ ٻڌايو. هن ڳوٺ جي پرسان ڪڙيو غا علي به وهندو هو. اهو ڪڙيو ڪٽي تي نار چاڙهي وهايو ويندو هو. ان جا نشان اڄ به ظاهر آهن. جيڪي ڏسي سگهجن ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي غلام علي پنڌ هو. هن وقت دادن خان پنڌ آهي. موصوف جو صحافت سان به تعلق آهه ڪڏهن ڪڏهن ڪيس جيل جون صعوبتون به برداشت ڪرڻيون پونديون آهن.

ڳهيلا:

ڳوٺ ڳهيلا، ديهه پنڌ، تپو خدا آباد يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ 15 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 50 گ آباد آهن ءِ ڳوٺ جي آدمشماري 11 سؤ ٽيندي ڳوناٽن جا مکيه ڏنڊا زميندارين هارين ملازمت ءِ واپار آهي. ڳوٺ ۾ پنڌ ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي. ڳوناٽا 40 سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ءِ ر جي سهوليت ميسر آهي. هن ڳوٺ جي پرسان عالي شاهه ابو شاهه جي مزار آهي. مزار جي مٿان مقبرو ڏيل آهي. هتي سال ميلو لڳندو آهي. ميلي جا ٽئي ڏينهن ملاکڙو پڙ لڳندو آهي. جتي ملهه پهلوان پنهنجي طاقت ءِ فن جو مظاهر ڪندا آهن. ان کان علاوه راڳ جي محفل به ٽيندي آهي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد وڏير و محرم ءِ وڏير و حسن پنهور هئا. ا وقت وڏير و الله بچايو ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي. برادري ءِ تر جا فيصلا ڪندو آهي. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد تي گذريا آهه جن ۾ محمد علي پنهور ءِ الهه بچايو پنهور شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ محمد علي پنهور وڪيل تي گذريو آهي. جيڪو ڳو جي مسئلن لاءِ پاڙ پتوڙيندو هو. هن وقت الله بچايو پنهور ءِ محمد هاشم پنهور سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندا پيا اڇ هيءُ ڳوٺ سؤ سال اڳ جوڙيل آهي.

پير رکيل:

ڳوٺ پير رکيل، ديهه جيبرجي، تپو جبير جي، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. ڳوٺ رکڻ ٽاڻي جي حا

آهي. ڳوٺ ۾ پيپلز پارٽي سنڌ ترقي پسند پارٽي ۽ پيپلز پارٽي ش.پ ڪم ڪري رهيون آهن. ڳوٺ ۾ شوڪت اعوان ۽ ذوالفقار ابڙو ملهه پهلوان ٽي گذريا آهن. جيڪي سنڌ جي مختلف ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪري چڪا آهن. ڳوٺ ۾ سائين ڏنو ابڙو مشهور ڳائڻو ٽي گذريو آهي. ازانسواءِ حاجي محمد ابڙو ۽ الهڏنو برهماڻي غزلي ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهن ٿا. هن ڳوٺ ۾ پرائمري پوائز ۽ گرلس اسڪول ۽ آهن. ڳوٺ جي پرسان سچاري جي ڊنڊ مشهور آهي. هن ڊنڊ مان مچي، پکي جام ملندا آهن. هن ٽي ڳوٺ جي پرسان ٽونڪ ۽ ڏڙيورا مشهور آهن. ڳوٺ ۾ ابڙا، چانڊيا، سولنگي، ملاح، برهماڻي، پير، سما، بگهيا ۽ پنهور رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 30 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 360 گهر آباد آهن ۽ آدمشماري تقريباً 4000 آهي. هيءُ ڳوٺ، پير رکيل ريلائي ٻڌرايو هو جيڪو 1805ع ۾ موري مان لڏي هتي اچي آباد ٿيو. سندس مزار هن ٽي ڳوٺ ۾ آهي، جتي هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي.

چُٽو ابڙو:

ڳوٺ چُٽو ابڙو ديهه سچارو تپو جبير جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ چُٽو ابڙو اٽڪل 70 گهرن تي مشتمل آهي ۽ آبادي 12 سؤ ڪن ٽيندي هن ڳوٺ ۾ ابڙا ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. ڪجه گهر پنهورن جا به آباد آهن. ڳوٺ ۾ هڪ بوائز پرائمري اسڪول قائم آهي. هتان جا ڳوناڻا 30 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ واٽر سپلاءِ جي سهوليت مليل آهي. روڊ اڃ پورو نهيل آهي. رهواسي پيادل ۽ ذاتي سوارين ذريعي شهرن ڏانهن ويندا آهن. ڳوٺ جي پرسان رکيل پير ريلائيءَ جو ميلو لڳندو آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد ولي ڏنو پنهور هو. هن وقت محمد خان پنهور نيڪ مرد آهي. هن ڳوٺ مان ڪيترائي نوجوان پڙهي اعليٰ عهدن تي پهچي چڪا آهن. جن ۾ ڊاڪٽر زاهد حسين، محمد خان پنهور، لياقت علي ابڙو وڪيل ۽ منظور حسين ابڙو شامل آهن. هيءُ ڳوٺ 1910ع ڌاري چُٽي خان ابڙي ٻڌايو هو.

بشير اعوان:

ڳوٺ بشير اعوان ديهه سچارو تپو جبير جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ 16 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ اعوان ۽ آرائين برادريءَ جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي. هتان جا ڳوناڻا 20 سيڪڙو پڙهيل آهن. هيءُ ڳوٺ، بشير خان اعوان 1950ع ڌاري ٻڌايو هو. ڳوناڻن جو مکيه پيشو هاريو آهي. ڳوٺ رکڻ پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. ماڻهو پنڊ ۽ ذاتي سوارين ذريعي شهرن ڏانهن ويندا آهن.

عبدالرحيم ابڙو:

ڳوٺ عبدالرحيم ابڙو ديهه جبيرجي، تپو جبير جي، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. هتان جي ڳوناڻن جي خط و ڪتابت پيارو ڳوٺ پوسٽ آفيس ذريعي ٽيندي آهي. هيءُ ڳوٺ، تقريباً سؤ ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ اٽڪل 200 سؤ گهر آهن ۽ آدمشماري تقريباً 5 هزار ٽيندي هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز اسڪول آهي. ازانسواءِ هن ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول به آهي. ڳوٺ 40 سيڪڙو رهواسي تعليم يافته آهن. ڳوناڻن جي روزگار جو ذريعو زراعت، ملازمت ۽ واپار آهي. ڳوٺ جا ڪجهه ماڻهو زميندار، پيشي سان وابسته آهن. ڳوٺ کي بجلي، فون، اسپتال ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ عبدالرحيم ابڙي جي پرسان رکيل پير جي درگاهه آهي. هيءُ ڳوٺ، ابڙا ذات وارن انگريزن جي دور ۾ ٻڌرايو هو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياريا استاد ٽي گذريا آهن. جن ۾ مرحوم ميان نصير محمد ابڙو، محمد خان ابڙو ۽ علي شير ابڙو شامل آهن.

رسول پور:

ڳوٺ رسول پور، تپو جبير جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي ايراضي ۾ آهي. ڳوٺ رسول پور اٽڪل 10 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 50 گهر آباد آهن ۽ آدمشماري اٽڪل 7 سؤ جي لڳ ڀڳ ٿيندي ڳوٺاڻن جو مڪيه ڏنڏو هارپو آهي. ڳوٺ ۾ آرائين ذات جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي ۽ هار اردو ۾ تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ رسول پور کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ، 50 سالن کان آباد آهي. هيءُ ڳوٺ رڪڙ پوليس حد ۾ آهي. هتان جا ڳوٺاڻا پنهنجي خط و ڪتابت پوسٽ پيارو اسٽيشن ذريعي ڪندا آهن.

سچارو (شهداد برهماڻي):

ڳوٺ سچارو جنهن کي جت شهداد به چيو ويندو آهي. اهو ديهه جبير جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هي ڳوٺ، 22 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ سؤ گهر ڪن ٿيندا. ڳوٺ ۾ برهماڻي ذات وارا رهائش پذير آهن. هن ڳوٺ ۾ بوائز پرائمري اسڪول به آهي. جتان هاڻي تعليم حاصل ڪري هاءِ اسڪولن ڏانهن رخ ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تناسب 7 سيڪڙو ٿيندو. هن ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت نه آهي. ڪجهه فاصلي تي پڪو روڊ تعمير ٿيل آهي ڳوٺاڻا بسن ۾ ڀانسڻن ذريعي سفر ڪندا آهن. ڳوٺ کي اسپتال ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺاڻن جو مڪيه ڏنڏ زراعت، واپار ۽ ملازمت آهي. هيءُ ڳوٺ رڪڙ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا ماڻهو خط و ڪتابت برانچ پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ ڪنهن آباد ڪيو ۽ ڪڏهن آباد ٿيو ان بابت صحيح جاڻ معلوم ٿي نه سگهي آهي. تاهم خيال آهي ته هيءُ ڳوٺ برهماڻي قبيلي جي ماڻهن ٻڌايو هوندو. جيڪو ميرن جي دور جو معلوم ٿئي ٿو. هر ڳوٺ جو نيڪ مرد مريد خان برهماڻي آهي. ڳوٺ سچاري ۾ ڪيترائي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن مان محمد حسن برهماڻي، الله ڏنو جيڪو غزلن جو بهترين شاعر آهي ۽ حاجي خان برهماڻي شامل آهن. علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيت رٽائرڊ ڪئپٽن غلام حسين "مشتاق" سچاروي به هن ڳوٺ جو رهواسي آهي. جيڪو سگا ۾ به اهم عهدي تي پنهنجون ذميواريون ادا ڪري چڪو آهي. هو سرواڻ اخبار ۾ ايڊيٽر جي حيثيت سان ڪم ڪري چڪو آهي. ه سنڌي ٻوليءَ جو سٺو شاعر آهي. تماهي "مهراڻ" ۾ سندس شعر ڇپجندو اٿس. سندس مضمون، ڪالم ۽ تجزيا شايع ٿيندا رهن ٿا.

فيض محمد ملڪ:

ڳوٺ فيض محمد ملڪ ديهه پير ترهو تپو پراڻو ديرو يونين ڪائونسل ڏلجي اسٽيشن ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 3 ايڪڙن تي مشتمل آهي. اصل ۾ هيءُ ڳوٺ 50 گهرن تي پکڙيل هو ليڪن بدامني سبب ڪافي گهراڻا لڏي پڪ شهرن ڏانهن هليا ويا. هن وقت ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوٺاڻن جو مڪيه پيشو هارپو آهي. ڪجهه سرڪاري ملازم آهن ۽ ڪجهه خاندان زميندار پيشي سان به واڳيل آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. ڳوٺ جا ماڻهو 0 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ ۾ ملڪ ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪيئن آباد ٿيو ڪڏهن آباد ٿيو ان بابت مختلف رايا آهن. چون ٿا ته ڪنيارو بند هو جيڪو به ايائي سؤ سال اڳ جو ٻڌايل هو درياء پائڻ سبب ڳوٺ جي اڌ کا وڌيڪ آبادي سنڌو درياء جي اوير ۾ ڳوٺ ملڪ تعلقي مورو آباد ڪيو. جنهن ۾ ڪيڙا، ملڪ، ملاح ۽ ٻيون ذاتيون آب آهن. ۽ موجوده حصو ڪنيارو جيڪو 2 سؤ سال اڳ هن جو نالو تبديل ڪري روينيو رڪارڊ ۾ فيض محمد ملڪ رک

ويو. چون ٿا تہ ڪجھ عرصو حضرت مخدوم بلاول رحہ پنھنجن خاص مريدن سان گڏ آري ۽ پرڪ وٽ رھيو. آري جو اولاد ڪوٽڙي ۾ رھندڙ آھي ۽ پرڪ جو اولاد سنڌ جا ملڪ آھن. ھن ڳوٺ ۾ سليمان ۽ ستابو فقير سگھڑ ٿي گذريا آھن.

پير ترھو:

ڳوٺ پير ترھو ديھہ پير ترھو پراٹو ديرو يونين ڪائونسل موندر تعلقي دادو ۾ آھي. ھيءُ ڳوٺ پڪي ني آھي. پير ترھو رڪ پوليس ٽاٹي جي حد ۾ آھي. ھتان جا ماڻھو خط و ڪتابت ڏلجي اسٽيشن پوسٹ ذريعي ڪندا آھن. ڳوٺ جي ماڻھن جو پيشو زراعت آھي. ڪجھ سرڪاري نوڪرين ۾ بہ آھن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول بہ قائم ڪيو ويو آھي ۽ ان اسڪول ۾ ٻارڙا پرائمري تعليم حاصل ڪندا آھن. پڑھيل ماڻھن جو انگ 35 سيڪڑو آھي. ھن ڳوٺ کي روڊ بجلي يا اسپتال جي سھوليت مليل نہ آھي. ان ڪري ھتان جا ماڻھو بنيادي سھوليتن کان محروم آھن. ھن ڳوٺ ۾ پير ترھو ملو سائين ۽ غلام حسين پيرزادي جون مزارون آھن ۽ عام زيارت گاھون آھن. ڳوٺ کان 4 ڪلوميٽر پري ڏلجي اسٽيشن جو شھر آھي. ھن ڳوٺ ۾ ھر سال سنڌ جي مشھور و معروف سگھڑ جلال ڪٽيءَ جي ورسي ملھائي ويندي آھي. جلال ڪٽي جي باري ۾ روايت آھي تہ ھن ڪٽي جي شاھي مسجد شريف جو قبلو درست ڪيو. ڳوٺ ۾ اڪثر چانڊيا ذات جا ماڻھو رھندا آھن. ان کان علاوہ پنھور ذات جا ڪجھ گھر بہ آباد آھن. ھيءُ ڳوٺ، ڪلھوڙن جي دور سان واسطو رکي ٿو.

غلام خان چانڊيو:

ڳوٺ غلام خان چانڊيو ديھہ پير ترھو تپو پراٹو ديرو يونين ڪائونسل ڏلجي اسٽيشن ۾ آھي. ھيءُ ڳوٺ، بچاءَ بند جي اولھ ۾ پڪي تي واقع آھي. ڳوٺ غلام خان چانڊيو رڪ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ آھي. ھتان جا رھواسي پنھنجي لکپڑھ ڏلجي پوسٹ آفيس ذريعي ڪندا آھن. ڳوٺ جي ايراضي ورھاڳي کان اڳ 70 ايڪڑن تي مشتمل ھئي. ھن وقت 40 ايڪڑن تي پکريل آھي. ھن ڳوٺ ۾ سال 1995ع جي انگن اکرن موجب ڏيڍ سؤ گھر ھئا. ھن وقت ھڪ سؤ کان مٿي گھر آباد آھن. ڳوٺ ۾ چانڊيا ذات جا ماڻھو اڪثريت ۾ رھن ٿا. ان کان علاوہ سيد، ڪوکر، دايا، حجم، سونارا ۽ خاصخيلي ذات جا ماڻھو بہ رھندا آھن. ڳوناڻن جو مکيہ پيشو پوک ڪرڻ آھي. ان کان علاوہ زمينداري ملازمت ۽ واپار سان بہ منسلڪ آھن. ڳوٺ ۾ ھڪ پرائمري اسڪول بہ آھي. ھتان جا ڳوناڻا اٽڪل 40 سيڪڑو پڑھيل آھن. ھن ڳوٺ جي اولھ ۾ ڏلجي اسٽيشن واقع آھي. ڏلجي تائين پڪو روڊ آھي. ٻيو رستو دادو طرف وڃي ٿو. 4 ڪلوميٽر ڪن پڪو آھي. پوءِ 7 ڪلوميٽر ڪچو روڊ آھي. ھن ڳوٺ جي ماڻھن کي آمد و رفت جي ڪا بہ سھوليت نہ آھي. ان ڪري پيادل يا پنھنجي ذاتي سواري ذريعي شھرن ڏانھن ويندا آھن. ڳوٺ کي بجلي جي سھوليت مھيا ڪري ڏني وئي آھي. ڊسپينسري سالن کان موجود آھي. پر ڪوبہ ڊاڪٽر موجود نہ ھوندو آھي. ان ڪري ڳوناڻا سخت تڪليفون برداشت ڪري رھيا آھن. ھن ڳوٺ ۾ ھڪ مسجد آھي. ورھاڳي کان اڳ 3 مسجدون ھيون. ھن ڳوٺ جي اولھ ۾ 5 ڪلوميٽر پنڌ تي ڏلجي اسٽيسن جو شھر آھي. ڏلجي اسٽيشن ھڪ قديم شھر آھي. جنھن کي مختلف ھنڌن تي جدا جدا نالن سان سڏيو وڃي ٿو.

ھيءُ ڳوٺ، غلام خان چانڊيو ٻڌايو ھو. ھن ڳوٺ ۾ ڪيترين ئي اھم شخصيتون ٿي گذريون آھن. جن ۾ رئيس الله بخش خان چانڊيو (اول) رئيس نبي بخش خان چانڊيو سيد احمد شاھ بخاري "استاد بخاري" شامل آھن. ھن وقت رئيس بچل خان چانڊيو ۽ رئيس ممتاز خان چانڊيو ڳوٺ جا نيڪ مرد آھن. ڳوٺ ۾ ڪيترائي نالي وارا استاد ٿي

گذريا آهن. جن ۾ مرحوم خدا بخش سومرو رئيس شير محمد خان، ميان الله داد خان چانديو، حافظ عبدالرحيم خان، محمد ايوب کوکر، سيد رسول بخش شاهه، سيد احمد شاهه "استاد بخاري"، حاجي محمد سليمان، محمد سبحان شجاع ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي سرڪاري ملازم اعليٰ عهدن تي پهتا جن ۾ استاد بخاري ۽ سيد حاڪم علي شاهه بخاري شامل آهن.

شادي خان کيڙو:

ڳوٺ شادي خان کيڙو ديهه پير ترهو تپو پراٹو ديرو يونين ڪائونسل الهه آباد ۾ آهي. ڳوٺ پڪي تي آهي. ڳوٺ شادي خان کيڙو اٽڪل 8 ايڪڙن تي پکڙيل اهي. ڳوٺ ۾ 20 گهر آباد آهن. ۽ آدمشماري 8 سَوَن جي قريب ٿيندي. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ علحده قائم ڪيا ويا آهن. ڳوناٽا 40 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان سيد علي شير بخاري جي مزار آهي. هن بزرگ جي مزار مٿان عاليشان مقبرو ٺهيل آهي. جتي هر سال ٻارهو لڳندو آهي. رات جو راڳ رنگ جي محفل ٿيندي آهي. هن ڳوٺ ۾ کيڙا ذات جا ماڻهو رهندا آهن. ڪجهه ماچي قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ نيڪ مرد سرائي شادي خان کيڙي ڏيڍ سو سال اڳ ٻڌايو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم سرائي غلام حسين هو هن وقت سرائي عبدالستار کيڙو ڳوٺ جو وڏو آهي.

قاضي پير محمد سولنگي:

ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگي ديهه پير ترهو تپو پراٹو ديرو يونين ڪائونسل الهه آباد ۾ آهي. هن ڳوٺ کي رکڻ ٽاٽو قريب آهي ۽ پوسٽ آفيس ڪلجي اسٽيشن اٽس. ڳوٺ 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ هڪ سؤ ڪچي مٽي گهر آهن ۽ آبادي 12 سؤ کن جي لڳ ڀڳ ٿيندي. ڳوٺ جي ماڻهن جو پيشو نوڪريون ڪرڻ ۽ هاريو آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول موجود آهن. هڪ گرلس مڊل اسڪول به ڪم ڪري رهيو آهي. ڳوٺ جي پڙهيل طبقي جو تناسب 30 سيڪڙو آهي. ڳوٺ جي پرسان آراڻڙ پير جي مزار آهي. ۽ درگاهه جي پرسان ماڻڪتاري جو ڏڙو به موجود آهي. جيڪو سولنگي قبيلي جو تخت گاهه هو. ڳوٺ قاضي پير محمد سولنگي جي پرسان ڪلجي اسٽيشن جو شهر آهي. هن ڳوٺ ۾ سولنگي برادريءَ جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ جو هن وقت نيڪ مرد پير بخش سولنگي آهي. هن ڳوٺ ۾ محمد قاسم سولنگي ۽ محمد جمن سولنگي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. هيءُ ڳوٺ، ميرن جي دور جو ٻڌايل آهي. هن ئي ڳوٺ جو نوجوان اديب ۽ شاعر علي محمد سولنگي ادبي سرگرمين ۾ مصروف آهي.

پيارو آرائين:

ڳوٺ پيارو آرائين ديهه پير ترهو تپو پراٹو ديرو يونين ڪائونسل الهه آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، انگريزن جي دور جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ پوليس اسٽيشن رکڻ جي حد ۾ آهي ۽ هن ڳوٺ جي خط و ڪتابت ڪلجي اسٽيشن پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. ڳوٺ اٽڪل 25 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 300 گهر ٿيندا. ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڌنڌا زراعت، واپار ۽ نوڪريون ڪرڻ آهي. هن ڳوٺ ۾ پرائمري گرلس بوائز ۽ مڊل اسڪول آهن. ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 30 سيڪڙو آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ماڻهو ڀانسنن ذريعي مسافري ڪندا آهن. هر ڳوٺ ۾ اڪثريت آرائين ذات جي ماڻهن جي آهي. ان کان علاوه ملاح، ڌوٻي، ڪنبر ۽ سومرا به رهندڙ آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد عبدالمجيد آرائين هو جيڪو ڪافي سال اڳ فوت ٿي ويو آهي. ان کان پوءِ سرائي عبداللطيف آرائين ڳوٺ

هو نيڪ مرد هو اهو به تازو فوت ٿي ويو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياراا استاد ٿي گذريا آهن جن مان محمد سليمان هوٺ، غلام قادر سومرو ڏٻي بخش، سومرو ۽ محمد اسماعيل ڏهوٺ شامل آهن. هن وقت نهال شريف آرائين ڪنهن ڪاليج ۾ پرنسپال جي آهي.

پراٹو ديرو:

ڳوٺ پراٹو ديرو ديهه پراٹو ديرو يونين ڪائونسل ڏلجي اسٽيشن ۾ آهي. پراٹي ديري تي نالو ڪيئن پيو. ان بابت ڪيترين ئي روايتون آهن. هڪ روايت ۾ آهي ته موجوده پراٹو ديرو شهر جتي قائم آهي. اڳ اتي ڪڪ، مٽر، سرنهن ۽ جانپي جو لابارو ڪري رکندا هئا. هن ڳوٺ جا اصل رهواسي اندر ڪچي ۾ درياء جي ڪپ تي رهندا هئا، نهنجو فصل درياء کان بچاءَ لاءِ ان جڳهه تي رکندا هئا، جڏهن درياء ڳوٺ کي پائي ويو ته ماٹهو لڏي موجوده هنڌ تي اچي ويٺا، جڏهن ٻاهريان ماٹهو ايندا هئا، ته اصلوڪي پاڻ تان پچا ڪندا هئا ته هي ماٹهو ڪاڏي لڏي ويا، ته انهن کي جواب هو ڏنو ويندو هو ته اهي ماٹهو پراٹي ديري وٽ ويٺا آهن. اهڙي طرح ڳوٺ تي پراٹو ديرو نالو پئجي ويو جيڪو اڄ تائين قائم آهي. پراٹو ديرو قديم شهر آهي. هيءُ درياء تي بندر هو ۽ واپاري مرڪز هو هن ۾ هندو واپاري وڏين ڪوٹين جا مالڪ هئا. هن بندر تان چانور، ڪڪ، گيهه، چمڙو سوٽي ڪپڙو، زيور گهوڙا ۽ ٻن ٿوهن وارا اُٺ ٻيڙا پراٹي ديري وٽ بندر ڪندا هئا. جتان سامان لاٹو ۽ چاڙهيو ويندو هو ڏلجي اسٽيشن کان ريل جي پٽڙي پراٹو ديرو تائين ويندي هئي. ڪاڏي مان سامان ۽ مسافر لاٹا ۽ چاڙهيا ويندا هئا. ان جا نشان ڪجهه سالن تائين نمايان نظر ايندا هئا. جيڪي هن وقت بيسارجي ويا آهن. پراٹي ديري ۾ زمين پتافين جي هوندي هئي. ڳوٺ جي نيڪ مرد زمين بغير معاوضي جي ڏني ۽ شهر ڏو ويو. ڳوٺ جي پڳ پتافين تي هوندي هئي. هن وقت نيڪ مرد سرائي دين محمد آهي. هيءُ ڳوٺ 3 سؤ گهرن تي مشتمل آهي.

هن ڳوٺ ۾ سنا ڳائڻا ۽ لوڪ فنڪار ٿي گذريا آهن. جن ۾ پڳتي ڳائڻا محمد خان ڪوڪر، محمد هاشم ڪوڪر، محمد اسماعيل ڪوڪر شامل هئا. يڪتاري تي ڳائڻ وارو فتح محمد پتافي سنو فنڪار هو. جهمريون هٹي ڳائڻ وارا علي بخش پتافي، خدا بخش سومرو علي نواز سومرو ميرل سومرو ۽ محمد صفر سنا ڳائڻا هئا. پراٹي ديري ۾ ڪافي ملهه پهلوان ٿي گذريا آهن. انهن ۾ سهراب دستي، محراب دستي، نور محمد دستي، مير محمد دستي، محمد عثمان دستي، پيارو خان پتافي، عبدالڪريم پتي الله ڏنو سيد حاجي رضا محمد شاهه ۽ ماهي ڪوڪر شامل آهن.

هن ڳوٺ ۾ جوڪيا، سومرا، پتافي، دستي، ڪوڪر، پٹي، سيد، ملاح، چاڪي، لوهر، جهتيال، سرولي ذاتين جا ماٹهو رهن ٿا. 1947ع کان اڳ هندو به رهندا هئا.

پراٹو ديري جي پرسان وارث علي شاهه بخاريءَ جو مقبرو آهي. اُتي هر سال ميلو لڳندو آهي. هن ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ ڪمال خان جهتيال، پيارو خان آرائين، فتح پور، ڪيٹي جتوئي اچي وڃن ٿا. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل لکيل ۽ جوانن جو وڏو تعداد رهي ٿو. ان ۾ ڊاڪٽر روشن علي پٹي ۽ محمد موسيٰ دستي جنرل مئنيجر دادو شگر مل پيارو ڳوٺ ۾ ٻيا اچي وڃن ٿا. ان کان علاوه تعليم، پوليس، روينيو ۽ ٻين کاتن ۾ وڏي تعداد ۾ ملازمت ڪري رهيا آهن.

پراٹو ديري شهر ۾ شاعر ۽ اديب به مقيم آهن. جن ۾ نوجوان شاعر عبدالستار آزاد ڪوڪر، سيد چٹل شاهه سيد علي اڪبر شاهه شامل آهن. ڳوٺ ۾ سرتاج سنگت پراٹو ديرو سنڌ ويلفيئر ايند ڪلچرل آرگنائيزيشن (سواڪا) ۽ ٻيون تنظيمون اچي وڃن ٿيون. ڳوٺ ۾ فلم، اسٽيج جا فنڪار پڻ موجود آهن. جن ۾ محمد عظيم ڪوڪر، سيد حسين

شاهه خان محمد دستي، محمد بچل پتافي، منظور علي پتافي، سيد علي اڪبر شاهه، مير محمد دستي شامل آهن.

هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن، جن ۾ مرحوم علي حسن ملاح، ڪريم بخش دستي، غلام علي دست محمد عرس پٽي، مهر علي دستي، پيا اچي وڃن ٿا. هيءُ ڳوٺ رڪ پوليس جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ ڏڪ آهي، پرسان شهر ڏلجي اسٽيشن اٽس.

پکي لانڊي:

ڳوٺ پکي لانڊي، ديهه پراڻو ديرو، تپو پراڻو ديرو، يونين ڪائونسل ڏلجي اسٽيشن ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪ 20 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 60 گهر ۽ آدمشماري 8 سؤ ٽيندي هيءُ ڳوٺ رڪ پوسٽ ٽاٽي جي حد ۾ آهي. هن جا ڳوٺاٽا پراڻو ديرو پوسٽ آفيس ذريعي خط و ڪتابت ڪندا آهن.

ڳوٺ ۾ آرائين ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. چانڊيا، سومرا ۽ سولنگي قبيلي جا ماڻهو به رهندا آه هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هارڙا پرائمري تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ 20 سيڪ پڙهيل آهن. ڳوٺ کي ڪچو رستو مليل آهي. جيڪو پراٽي ديري وٽ پکي رستي سان ملي ٿو.

ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت ميسر آهي. ان ڳوٺ جي پرسان وڏو شهر پراڻو ديرو آهي. جيڪو قد شهر ۽ بندرگاهه به رهيو آهي. هيءُ ڳوٺ، درياءَ جي پرسان ڪچي ۾ آباد آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد رئيس غلام مجتبيٰ خ جتوئي آهي. ڳوٺ هڪ سؤ سال اڳ انگريزن جي ڏينهن ۾ ٻڌايل آهي. انگريزن رئيس غلام رسول خان جتوئيءَ جاگير به ڏني. جيڪا اڄ ڪلهه کي. ٽي جتوئيءَ جي نالي سان سڏجي ٿي.

ڪمال خان جهتيال:

ڳوٺ ڪمال خان جهتيال ديهه پراڻو ديرو، تپو پراڻو ديرو، يونين ڪائونسل ڏلجي اسٽيشن ۾ آهي. هيءُ ڳو اٽڪل 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ آباد 40 گهر ۽ آدمشمار 8 سؤ ڪن آهي. هن ڳوٺ ۾ جهتيال قبيلي جا ما رهن ٿا. ڳوناٽن جو مکيه پيشو هاربو آهي. ليڪن ڪجهه زميندار، ملازمت ۽ واپاري پيشي سان به منسلڪ آهن. ڳ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. روڊ نه هئڻ سبب ڳوناٽا ذاتي سوارين ذريعي شهر ڏانهن ويندا آهن. هن ڳوٺ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ هارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ پڪي ۾ آهي. ڳو پنهنجي لکپڙهه ڏلجي پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، رڪ پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي ڪمال خان جهتيال هو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي اديب، شاعر ۽ سماجي ڪارڪن ادبي ۽ سماجي خدمت سرانجام ڏيئي رهيا آهن. ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل آهي.

ڏلجي اسٽيشن:

ڏلجي اسٽيشن، ديهه پراڻو ديرو، تپو پراڻو ديرو، دادو ۾ آهي. ڏلجي ٽائون ڪميٽي آهي. ڏلجي اسٽيشن رڪ ٽاٽي جي حد ۾ آهي ۽ هن شهر ۾ پوليس پوسٽ آفيس پڻ قائم آهي. جتي ننڍو صوبيدار سپاهين ۽ پوليس جمعدار ۽ ڏڪ رهندو آهي. هيءُ شهر، هڪ چورس ڪلوميٽر تي ڦهليل آهي. شهر ۾ اٽڪل 5 هزار گهر آهن. ۽ آبادي اٽڪل هزار ٽيندي، شهر جي ماڻهن جو مکيه پيشو واپار ۽ نوڪريون ڪرڻ آهي. هن شهر ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪو هاءِ اسڪول آهن. ازانسواءِ هنري اسڪول به موجود آهي. شهر جا ماڻهو 80 سيڪڙو پڙهيل آهن. شهر کي روڊ ۽ ريل سهوليت آهي. ازانسواءِ بجلي، فون، گئس ۽ لائبريري جي به سهوليت موجود آهي.

ڏلجي اسٽيشن جي پرسان سيد صدرالدين شاهه ۽ پير آري بکر جون مزارون آهن. هن شهر جي پرسان اوپر ۾ ماڻڪتاري جا ڪنڊرات موجود آهن. ان کان علاوه ماڻڪتاري جي پرسان آراڻڙ پير جو مقبرو آهي. جيڪو عام زيارت گاهه آهي. هن شهر ۾ پنهور ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾رهن ٿا. ان کان سواءِ چانڊيا، ڪوسا، منگي سيد، کهڙا، سولنگي، آرائين، سومرا، ملاح، ميڻا، هندو ۽ ٻيون ذاتيون رهندڙ آهن. هن شهر جو نيڪ مرد قاضي علي حيدر آهي. هيءُ ڳوٺ، برطانيه دور جوٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. هتان ريل جو رستو پراڻو ديري بندر تائين ويندو هو ۽ اتان سامان ڪٽي ريل گاڏي واپس ايندي هئي.

ڪنڊي نوازيو پنهور:

ڪنڊي نوازيو ديهه ڪنڊي، تپو باغبان، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي واقع آهي. ڳوٺ ڪنڊي نوازيو رڪ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ آهي. ۽ هن ڳوٺ جي خط و ڪتابت ڪنڊي پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. هيءُ ڳوٺ، 6 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 70 گهر آهن. ڳوٺ جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو زراعت آهي. ان کان سواءِ ڪجهه نوڪرين سان به منسلڪ آهن. ڳوٺ ڪنڊي نوازيو ۾ هڪ پرائمري بوائز اسڪول ڪم ڪري رهيو آهي. هن ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت ميسر نه آهي. ان ڪري ماڻهن کي اڇ وڇ ۾ سخت تڪليفون پيش اچي رهيون آهن. ڳوٺ ڪنڊي نوازيو ۾ پنهور ذات جا ماڻهو آباد آهن. ڳوٺ مستقل آباد آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم وڏيرو غلام محمد پنهور هو. هن وقت نيڪ مرد وڏيرو محمد ابراهيم آهي. ڳوٺ جي پرسان بزرگ محمد صالح قريشي جي مزار آهي. ۽ عام زيارت گاهه آهي. هيءُ ڳوٺ، انگريزن جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو.

بهادر پنهور:

ڳوٺ بهادر پنهور، ديهه ڪنڊي پتو باغبان يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي ٻڌل آهي. ڳوٺ بهادر پنهور اٽڪل 15 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آباد آهن ۽ آدمشماري تقريباً 1400 ٿيندي ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول ۽ مسجد الڳ الڳ قائم ڪيا ويا آهن. ڳوٺ جي پڙهيل لکيل ماڻهن جي آدمشماري 30 سيڪڙو ٿيندي. هتان جا ماڻهو زميندار، هاريو، ملازمت ۽ تجارت سان وابسته آهن. هن ڳوٺ کي پڪي رستي جي سهوليت ملڻ نه آهي. ڳوٺ کان چار فرلانگ پري روڊ آهي. ماڻهو پيادل سائيڪلن ۽ اسڪوٽرن ذريعي شهر ڏانهن ويندا آهن. هن ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ملڻ آهي. باقي ٻين سهوليتن کان محروم آهي. ڳوٺ جي پرسان محمد عيسيٰ شاهه جي مزار آهي. مزار مٿان مقبرو تيار ڪيو ويو جيڪو جلد مڪمل ٿي ويندو. هن ڳوٺ ۾ پنهور رهندا آهن. هيءُ ڳوٺ، بهادر پنهور آباد ڪيو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي امام بخش پنهور هو. جيڪو فوت ٿي ويو آهي. هن وقت نيڪ مرد محمد خان پنهور آهي. ڳوٺ بهادر پنهور ميرن جي دور جو ٻڌايل آهي.

فضل پور:

ڳوٺ فضل پور ديهه ڪنڊي، تپو باغبان، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوٺ اٽڪل پنجن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. چوڪريون ۽ چوڪرا گڏ تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت ملڻ آهي. روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. ماڻهو پيادل ۽ ذاتي سوارين ذريعي سفر ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان سيد طالب شاهه ۽ گل شاهه جون مزارون آهن ۽ عام زيارت گاهون آهن. ڳوٺ، فضل خان نيڪ مرد ٻڌايو هو. ڳوٺ اٽڪل سؤ سال اڳ جو ٻڌايل

آهي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي محمد موسيٰ سميجو آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪافي نامياراا استاد ٿي گذريا آهن. جن حاجي محمد صالح سميجو ۽ نظير احمد سميجو شامل آهن. ڳوٺ ۾ سميجا ۽ ملاح برادريءَ جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 30 سيڪڙو ٿيندو. ڳوٺاڻن جو مکيه پيشو زراعت ۽ ملازمت آهي.

تاجو پنهور:

ڳوٺ تاجو پنهور ديهه ڪنڊي تپو باغبان يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڙ پوليس جي حد آهي. ڳوٺ 40 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ گهر ادائي سؤ ۽ آبادي تقريباً 2 هزار ٿيندي. ڳوٺ جا ماڻهو هار زمينداري، واپار ۽ ملازمت ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پنهور رهندا آهن. چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ 2 الڳ اسڪول قائم ڪيا آهن. ان کان علاوه برانچ هاءِ اسڪول به آهي. ڳوٺ تاجو پنهور کي روڊ بجلي ۽ فون جي سهوليت ميسر آهي. ڳوٺ جي پرسان سيد محمد عيسيٰ شاهه جي مزار آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد وڏيرو حاجي سائين ڏنو آهي. ڳوٺ ڪيترائي نامياراا استاد ٿي گذريا آهن. انهن مان استاد منير احمد پنهور به شمار ڪري سگهجي ٿو. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙ جي دور ۾ آباد ڪيو ويو.

اسماعيل اڇڙا:

ڳوٺ اسماعيل اڇڙا، ديهه ڪنڊي تپو ڪنڊي، يونين ڪائونسل باغبان تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪ ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ سؤ گهر آهن. هتان جي ماڻهن جا مکيه ڏندا زمينداري هارپو ملازمت ۽ وا آهي. ڳوٺ ۾ پارٽن لاءِ هڪ پرائمري اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي، جتي ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا گڏ تعليم حاص ڪندا آهن. ڳوٺ کي روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هن روڊ تان بسون ۽ ويگنون ۽ ڊاٽسنون ايندیون ويندیون آه ڳوٺاڻا مختلف سوارين ذريعي شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن. هن ڳوٺ کي فون بجلي ۽ گئس جي به سهوليت مليل آه هن ڳوٺ جي پرسان وڏو شهر قلجي اسٽيشن آهي. هتان جا ماڻهو ريل ذريعي ملڪ جي مختلف شهرن ڏانهن ايندا وي آهن. هن ڳوٺ ۾ پنهور قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهن ٿا. ان کان سواءِ سومرن ۽ ڪنرن جا ڪجهه ڪٽنب به رهائ پذير آهن. هن ڳوٺ ۾ حاجي رسول بخش پنهور سوشل ورڪر آهي. سندس ڪوشش سان گئس ۽ ٽيليفون لڳي آه سندس ٻانهن ٻيلي محمد عمر پنهور سماجي سرگرمين ۾ پيرپور حصو وٺندو اچي ٿو. ڳوٺ اسماعيل اڇڙا انگريزن جي جو پٽايل معلوم ٿئي ٿو.

باغبان:

ڳوٺ باغبان، ديهه مخدوم صاحب، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. ڳوٺ باغبان اٽڪ 90 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آباد آهن. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي آباد ٽيل آهي. ۽ دادو پوليس جي حا واقع آهي. باغبان ۾ سيد، مگٽهار، ڪابورا، قنبراڻي، ٻهر، پيرزادا، پنهور، ملڪ، ۽ جمالي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ کي روڊ، بجلي ۽ اسپتال جي سهوليت ميسر آهي. پر ٽيليفون جي سهوليت کان محروم آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري بو ۽ گرلس اسڪول الڳ الڳ آهن. هڪ گرلس مڊل اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه هڪ هاءِ اسڪول ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن ۾ هارڙا سيڪنڊري تعليم حاصل ڪندا آهن. هتان جا ڳوٺاڻا 60 سيڪڙو پڙهيل آه ڳوٺ ۾ شهيد مخدوم بلاول ۽ مخدوم دانيال جون مزارون آهن. جيڪي عام زيارت گاهون آهن. هر ماهه پهرين جمع رات جو وڏو جلسو ٿيندو آهي. جتي عالم سڳورا واعظ ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، درڙي تي بڌل آهي. باغبان ڳوٺ سومرن

دور کان ٻاڳ جوہڙايل آهي. ڳوٺ باغبان تي نالو ڪيئن پيو ان بابت روايت آهي. تہ هن ڳوٺ جي پرسان ڪيترائي باغ هوندا هئا. ۽ کوهن تي نار چاڑهي ماڻهو باغن کي پاڻي پهچائيندا هئا ۽ آبادي ٻہ ڪندا هئا. ان ڪري باغن وارو شهر ڦري باغبان ٿي ويو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نالي وارا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ مرحوم بهادر خان سيراڻي مرحوم دائم علي پيرزادو ۽ غلام محمد سيراڻ شامل آهن. هن وقت محمد علي سيراڻي غلام سرور سيراڻي اصغر علي سيراڻي غلام محمد پيرزادو منير احمد شاهہ ۽ بيگم ممتاز قنبراڻي شامل آهن. هتي سماجي تنظيم ٻہ قائم ڪئي وئي آهي. جيڪا شهيد مخدوم بلاول ويلفيئر ايسوسيئيشن جي نالي سان قائم ڪئي وئي آهي. هن تنظيم جو صدر حبيب الله ڪابورو ۽ نائب صدر سيد عباس علي شاهہ آهي. هي اڳواڻ ڳوٺ جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪوشان آهن.

احمد خان برهماڻي:

ڳوٺ احمد خان برهماڻي ديهہ مخدوم صاحب، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 25 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 3 سؤ گهر ٿيندا. هيءُ ڳوٺ، رڪ پوليس جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا ماڻهو خط و ڪتابت پوسٽ آفيس مخدوم صاحب ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺاڻن جا مکيہ ڌنڌا هاريو ۽ زمينداري آهي. ان کان علاوہ ڪجهہ ڳوٺاڻا ملازمت ۽ تجارت سان ٻہ وابستہ آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ الڳ اسڪول آهن. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جي تناسب 30 سيڪڙو ٿيندو. ڳوٺ ڪي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ، انڊس هاءِ وي کان ٻہ فرلانگ پري آهي. ڳوٺاڻا بسن، ويگنن ۽ ڀاتسنن ذريعي شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان باغبان شهر آهي. باغبان ۾ شهيد مخدوم بلاول جي مزار آهي. جتي هر مهيني جي پهرين جمع جي رات ديني جلسو ٿيندو آهي. جتي ڪنڊ ڪڇ مان علاءِ ڪرام اچي حاضري ڀريندا آهن. واعظ ڪري مسلمانن جون دليون منور ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات برهماڻي آهي. ڪجهہ گهر سومرن جا ٻہ آهن. هيءُ ڳوٺ، احمد خان برهماڻي، ڪلهوڙا دور ۾ ٻڌايو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد رئيس الاهي بخش برهماڻي هو جيڪو نوت ٿي ويو آهي. هن وقت ڳوٺ جي پگ رئيس احمد خان برهماڻي تي آهي. جيڪو زرعي ترقياتي بينڪ ۾ اهم عهدي تي فائز آهي. احمد خان برهماڻي سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ مخدوم بلاول جو صدر آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪافي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ استاد رسم خان برهماڻي ۽ حاجي الهڏتو برهماڻي شامل آهن. هن ڳوٺ تي قانون نافذ ڪرڻ وارن ادارن سال 1986ع تي فوج ڪشي ڪئي سجو ڏينهن فائرنگ هلندي رهي. جنهن ۾ هڪ 80 سالن جو پوڙهو هڪ عورت ۽ هڪ ابهہ ٻارڙو قتل ٿي ويا. ۽ ڳوٺ کي باهہ ڏئي رک ڪيو ويو.

شير محمد دوداڻي:

ڳوٺ شير محمد دوداڻي ديهہ مخدوم صاحب، تپو باغبان، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ شامل آهي. ڳوٺ جي ايراضي 7 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 40 گهر ٿيندا. ڳوٺ جا رهواسي اڪثر هاريو ڪندا آهن. ان کان علاوہ ملازمت، تجارت ۽ زراعت سان سنڌن تعلق آهي. هن ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ الڳ پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. جتي پرائمري تعليم ڏني وڃي ٿي. ڳوٺ کي روڊ رستي ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ پنهور رهن ٿا. اهم شخصيت حاجي شير محمد دوداڻي ٿي گذريو آهي. هن وقت نيڪ مرد دوست محمد پنهور آهي. هيءُ ڳوٺ، انگريزن جي دور جو ٻڌل آهي. هن ڳوٺ ۾ عبدالفتاح پنهور اسسٽنٽ مختيارڪار ۽ ڊاڪٽر سڪندر علي پنهور هن ڳوٺ جا رهواسي آهن.

الهجڙيو پنهيار:

ڳوٺ الهجڙيو پنهيار ديهه مخدوم صاحب، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. ڳوٺ ج ايراضي 10 ايڪڙ ٽيندي، ڳوٺ ۾ 40 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ پنهيار رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ هڪ مسجد اسڪول آه جتان ٻارڙا پرائمري تعليم مڪمل ڪري وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول جو رخ ڪندا آهن. ڳوٺ ج بجلي جي سهوليت مليل آهي. انبس هاءِ وي ڳوٺ کان صرف اڌ فرلانگ پري آهي. ماٹهو بسن ويگنن ۾ ٻاتسنن ڏي مسافر ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاٹي جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناٹا پنهنجي لکپڙهه مخدوم صاحب پوس آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ کان دادو شهر 8 ڪلوميٽر پري آهي. ڳوٺ جا ماٹهو هارپو ڪندا آهن. ڪ مزدوري ۾ ڪندا آهن. هي ڳوٺ انگريزن جي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم الهه جڙيو پنهيار، هن وقت سندس پٽ محمد صالح پنهيار ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي.

ماکو پنهور:

ڳوٺ ماکو پنهور، ديهه پير ڳڙيو، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراض 15 ايڪڙن تي مشتمل ٽيندي. ڳوٺ ۾ 40 گهر آباد آهن. هتان جا ڳوناٹا پنهنجي لکپڙهه مخدوم بلاول پوسٽ آفي ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماٹهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ڪجهه گهر ملاحن جا به رهندڙ آهن. ڳوٺ پرائمري گرلس ۽ بوائز اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. جتان ٻارڙا تعليم حاصل ڪري هاءِ اسڪول ڏانهن رخ ڪندا آه ڳوٺ جا ماٹهو 30 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي.

هيءُ ڳوٺ، سؤ سال اڳ انگريزن جي دور ۾ ماکو پنهور آباد ڪيو. ڳوٺ جو نيڪ مرد علي گل پنهور آهي.

راوت خان لغاري:

ڳوٺ راوت خان لغاري، ديهه مخدوم صاحب، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هن ڳوٺ ج ايراضي 15 ايڪڙن تي مشتمل ٽيندي. هيءُ ڳوٺ 40 گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ لغاري برادريءَ جا ماٹهو رهن آهن. ڳوٺ ۾ مسجد اسڪول آهي. ڳوناٹن جو مکيه پيشو هارپو آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳو روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. ڳوناٹا پنڌ ۽ ذاتي سوارين ذريعي سفر ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ راوت خان لغاريءَ ٻڌرايل هو. جيڪو پنهنجي قبيلي جو نيڪ مرد هو هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد محمد خان لغاري آهي.

فاروق آباد

فاروق آباد ديهه مخدوم صاحب، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ا عبدالرحمان عاربي جيڪو ڊپٽي ڪليڪٽر هو ٻڌايو هو هن وقت زمين فاروق احمد برڙي وارن خريد ڪري فاروق آ رکيو آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 8 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 40 گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ قنبراڻي ۽ سولنگي قبي جا ماٹهو رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاٹي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا ماٹهو مخدوم صاحب پوسٽ ذريعي خ ڪتابت آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي.

پير ڳڙيو:

ڳوٺ پير ڳڙيو ديهه پير ڳڙيو، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، تقريباً ا ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 3 سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ بوائز پرائمري اسڪول، هڪ گرلس پرائمري اسڪو

گرلس مڊل اسڪول آهي. ڳوٺ پڪي تي آهي. هيءُ ڳوٺ دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ جمالي، ملاح، شيخ، سومرا، ٻهر ۽ جويا رهندڙ آهن. ڳوٺ کي روڊ بجلي ۽ فون جي سهوليت دستياب آهي. هن ڳوٺ ۾ پير ڳڙيو ۽ شاهه ڳڙيو جون مزارون آهن. هنن اوليائن بابت ڪابه معلومات نه ملي آهي. هنن اوليائن کان سواءِ 7 ٻيون قبرون آهن، جن بابت روايت آهي ته جڏهن هو شهيد مخدوم بلاول ٽلٽي جي زيارت کرڻ لاءِ باغبان اچي رهيا هئا، ته ارغونن جا جاسوس سندس پيڇو ڪندا، اچي ان مقام وٽ پهتا. مخدوم بلاول جي مريدن ۽ ارغونن جي ڪارندن درميان خوني ويڙهه ٿي جنهن ۾ مخدوم بلاول جا مريد بهادريءَ سان وڙهندي شهيد ٿي ويا. انهن 7 شهيدن جون مزارون ان مقام ۾ دفن ٿيل آهن. هيءُ ڳوٺ، ست اٺ صديون اڳ جو ٻڌرايل معلوم ٿئي ٿو. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد پورو خان شيخ هو. هن وقت جمالي قبيلي جو نيڪ مرد عبدالغفور جمالي، شيخ قبيلي مان محمد علي شيخ ۽ ملاح قبيلي مان پير بخش ملاح نيڪ مرد آهن.

عيسيٰ ٻهر:

ڳوٺ عيسيٰ ٻهر ديهه پير ڳڙيو تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. ڳوٺ اٽڪل 15 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ تقريباً 40 گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ ٻهر، لاشاري، جويا، سولنگي ذات جا ماڻهو رهن ٿا. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ پڪي تي ٻڌايل آهي. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي. جتان هارڙا تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ مرحوم غلام نبي جويو بهترين استاد ٿي گذريو آهي. سندس پاڻ منظور جويو به وقت جو نامياروا استاد هو. جنهن کي ڏاڙهلن حملو ڪري شهيد ڪري ڇڏيو. ڳوٺ عيسو ٻهر هتان جي نيڪ مرد محمد عيسيٰ ٻهر آباد ڪيو هو. جيڪو تقريباً ڏيڍ سؤ سال اڳ جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ ۾ ڪيترائي نوجوان سماجي سرگرمين ۾ مصروف آهن.

درويشاڻي پنهور:

ڳوٺ درويشاڻي پنهور ديهه ڪينجهر، تپو جبير جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي ۽ هتان جا رهواسي پنهنجي لکپڙهه قلجي استيشن پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ درويشاڻي پنهور، اٽڪل 40 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ کي پرائمري اسڪول جي سهوليت ميسر آهي. ان کري هارڙا هن اسڪول مان پنهنجي ابتدائي تعليم مڪمل کري هاءِ اسڪولن جو رخ ڪندا آهن. ڳوٺاڻا 40 سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ڪجهه گهر هگورن جا به آباد آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور جو آباد ٿيل آهي. ڪجهه وقت اڳ ڳوٺ جا نيڪ مرد محمد مراد پنهور ۽ ولي محمد پنهور هئا.

گاجي پنهور:

ڳوٺ گاجي پنهور، ديهه ڪينجهر، جبير جي، اي، يونين ڪائونسل باغبان ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي آهي. ڳوٺ گاجي پنهور، رکڻ پوليس جي حد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ تقريباً 8 ايڪڙن تي مشتمل ٽيندو. ڳوٺ ۾ 60 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺاڻن جو مکيه ڌنڌو هارپو آهي. ان کان علاوه زميندارين، تجارت ۽ ملازمت جي پيشي سان به منسلڪ آهن. ڳوٺ ۾ به پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ چوڪريون ۽ چوڪرا الڳ تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 35 سيڪڙو ٽيندو. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي.

هن ڳوٺ ۾ ڪافي حافظ قرآن ٿي گذريا آهن. جن ۾ مرحوم حافظ محمد حسن پنهور، مرحوم الاهي بخ
پنهور، مرحوم حافظ محمد طالب پنهور شامل آهن. هن وقت حافظ ولي محمد پنهور، حافظ حسين پنهور، حافظ عبدالله پن
۽ حافظ غلام نبي پنهور به شمار ڪري سگهجن ٿا.

ڪنهن وقت اڳ، هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم وڏيرو حاجي علي نواز پنهور هوو. هن وقت حاجي غلام س
پنهور نيڪ مرد آهي. ڳوٺ ۾ جان محمد پنهور ۽ علي احمد پنهور ناميارا استاد ٿي گذريا آهن. سماجي سرگرمير
انجنيئر غلام محمد پنهور به بهروونڊي رهيو آهي.

ڳوٺ گاجي پنهور ۾ مرحوم يائي خان پنهور ۽ مرحوم محبت پنهور سنا ملهه پهلوان ٿي گذريا آهن. هن ئي گ
۾ ريڊيو ۽ ٽيليوزن جا به مشهور فنڪار نظير احمد پنهور ۽ امام بخش پنهور پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا اچن
ازانسواءِ نبي بخش پنهور ۽ محمد پنهور اسلامي جلسن ۾ غزل ۽ مولود شريف پڙهندا آهن.

هن ڳوٺ ۾ رليون، سنڌي ٽوپيون، گج، گهگهرا، وهاٽا، ڪٽن جون چادرون بهترين نموني ٺاهيون ويندیون آهن.
کان علاوه ڪڪ جي تيلين مان بهترين ڏيڪيون ٺهنديون آهن. جيڪي ٻاهر جي ملڪن ۽ سعودي عرب تا
ويندیون آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙا دور جو ٻڌايل آهي.

غلام حيدر هڱورو:

ڳوٺ غلام حيدر هڱورو ديهه ڪينجهر، تپو باغبان، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراض
اٽڪل 16 ايڪڙ ڪن ٽيندي ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ب
ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن ڳوٺ غلام حيدر هڱوري ۾ اڪثر هڱورا قبيلي جا ماڻهو آباد آهن. هيءُ ڳوٺ، رڊ
پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ميسر آهي. جڏهن ته روڊ ڪان هيءُ ڳوٺ محروم آهي. ما
پيادل سائيڪلن ۽ پين ذاتي سوارين ذريعي سفر ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان وڏو شهر ڏلجي اسٽيشن آهي ۽ ا
ڳوناٽا خريد و فروخت ڪندا آهن. ڳوٺ اڄ ڪان سؤ سال اڳ نيڪ مرد غلام حيدر هڱوري ٻڌايو هو.

ڏتي جي ميائي:

ڳوٺ ڏتي جي ميائي ديهه باغبان، تپو باغبان، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 22 ايڪ
تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ جملي 80 گهر آهن. ڏاڙيلن جي خوف ڪان ڪافي ڳوناٽا پنهنجا اباڻا ڪڪ ڇڏي دادو شهه
رهائش اختيار ڪئي آهي. هن ڳوٺ ۾ ملاح قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ به
پرائمري اسڪول آهن. ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڏنڊا زميندارن هارپو آهي. ڪجهه ڳوناٽا واپار سان به منسلڪ آ
ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. اڃ ويڃ لاءِ روڊ جي سهوليت نه هئڻ سبب اڪثر ماڻهو پريشان رهه
آهن. ڳوٺ ڪان هڪ ميل پري انڊس هاءِ وي گذري ٿو اتان ڳوٺ وارا بسن، ويگنن ذريعي وڏن شهرن ڏانهن سفر ڪ
آهن. هن ڳوٺ ۾ قاضي جمال الدين قريشي جو مقبرو ٺهيل آهي. جيڪو تقريباً 20 سال اڳ فوت ٿي ويو آهي.
درويش ۽ اهل الله هو هر مهيني 17 تاريخ تي اسلامي اجتماع ٿيندو آهي. جتي سڄي رات قرآن خواني ٿيندي آهه
هتي مداحي غزل ۽ مداحون پيش ڪندا آهن. ڳوٺ جي اهم شخصيت مرحوم حاجي محمد ملاح هو. هن وقت مه
يوسف ملاح ۽ حاجي محمد ايوب ملاح اهم شخصيتن ۾ شامل آهن. محمد ايوب ملاح هميشه ميمبر ٿيندو آيو آهه
ڳوٺ جي مسئلن کي حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آيو آهي. ڳوٺ جي پرسان قديم واهه نارو وهندو هو جيڪو د

جي پاڻيءَ تي آبادي ڪرائيندو هو. ڳوٺ جي پرسان اوسهه ۾ تلي ڏورا آهن. انهن ڏورن ۾ بهه پيڙ ٿيندي هئي ۽ انهن ڏورن ۾ مڇي به جام ٿيندي هئي. هيءُ ڳوٺ، تقريباً 300 سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي.

غلام پنهور:

هيءُ ڳوٺ، ديهه باغبان، تپو باغبان، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ 32 ايڪڙن تي آباد ٿيل آهي. ڳوٺ ۾ سؤ ڪان مٿي گهر آهن. هن ڳوٺ ۾ پارڙن لاءِ به اسڪول، مسجد اسڪول ۽ هڪ گرلس اسڪول آهن. تعليم جي شرح 40 سيڪڙو آهي. هن ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ماڻهن جو مکيه پيشو زراعت آهي. ان کان علاوه زمينداريءَ ۽ ملازمت پيشي سان به منسلڪ آهن. ڳوٺ غلام پنهور سان گڏ ٻيا ننڍڙا ڳوٺ به آهن. انهن ۾ ڳوٺ عبدالله پنهور، ڳوٺ عيسيٰ پنهور، جهلاڻي پنهور، ڳوٺ سائين ڏنو پنهور ۽ ڳوٺ علي خان پنهور شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڪجهه گهر سيدن جا به آهن.

ڳوٺ غلام پنهور ۾ هڪ جامع مسجد ۽ ديني مدرسي سميت ڪل 5 مسجدون آهن. جتي مولانا دين محمد پنهور پارڙن کي ديني تعليم ڏئي رهيو آهي. هن ڳوٺ جي اولهه ۾ سنڌ جي مشهور بزرگ هستي، عالم دين ۽ سمن جي دور جو قوم پرست سپهه سالار شهيد مخدوم بلاول جو مقبرو ۽ جامع مسجد آهي. اتر ۾ قلجي اسٽيشن شهر، اولهه ۾ قلجي ٻليو اوپر ۾ پير ڳڻيو شاخ ۽ دادو لاڙڪاڻو ريلوي لائين آهي.

ڳوٺ غلام پنهور ۾ ڪيترائي نيڪ مردِ معزز شخصيتون ٿي گذريون آهن. انهن ۾ مرحوم محمد حسن پنهور، مرحوم محمد قاسم پنهور، مرحوم اميد علي پنهور، مرحوم خير محمد پنهور، مرحوم حاجي ڪريم ڏنو پنهور، مرحوم حاجي حمزه علي پنهور ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڳوٺ کي بجلي، روڊ ۽ فون جي سهوليت ميسر آهي. هن ڳوٺ جا نوجوان ۽ معززين پنهنجي ڳوٺ کي ترقي ونرائڻ ۾ بهترين صلاحيتون وقف ڪري رهيا آهن. انهن ۾ حڪيم محمد قاسم پنهور ۽ امام بخش پنهور جون ڪاوشون قابلِ قدر آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو.

حافظ مير محمد ڪلهوڙو:

ڳوٺ حافظ مير محمد ڪلهوڙو ديهه ڪا، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، حافظ مير محمد ڪلهوڙي ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ ٻڌايو هو. ڳوٺ دادو ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ 25 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. اٽڪل 240 گهر آهن. هن ڳوٺ جي ماڻهن جو ڏنڊو هار پو ۽ زمينداري آهي. ان کان علاوه ڪي نوڪريون ڪندا آهن. ڪجهه ڳوٺ جا رهواسي واپار پڻ ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. هن ڳوٺ جي پڙهيل لکيل آدمشماري جو تناسب 40 سيڪڙو آهي. ڳوٺ، پڪي ايراضي ۾ واقع آهي. هن جي پرسان قديم شهر ڪا واقع آهي. ڳوٺ کي روڊ، بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان حافظ شجاع شاهه ۽ حافظ مير محمد ڪلهوڙي جا مقبرا آهن. جتي ماڻهو زيارت ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ڪلهوڙا ذات جا ماڻهو رهائش پذير آهن. ان کان علاوه هڪ گهر ڪنيرن جو به آهي. ڳوٺ ۾ قربان علي ڪلهوڙو ۽ عبدالله ڪلهوڙو نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. هن ڳوٺ مان ڪيترائي شاگرد پڙهي اعليٰ عهدن تي پهچي چڪا آهن. جن ۾ محمد اسحاق ڪلهوڙو وائيس پريزيڊنٽ نيشنل بئنڪ آف پاڪستان، ڊاڪٽر قطب الدين ڪلهوڙو ۽ ڊاڪٽر نياز محمد ڪلهوڙو شامل آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙا دور جو ٻڌايل آهي.

طالباڻي پنهور:

ڳوٺ طالباڻي پنهور ديهه ڪڪا، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڪڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 15 ايڪڙن تي ٻڌل آهي ڳوٺ ۾ 50 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو خانگي جڳهه ۾ هلي رهيو آهي ڳوٺ طالباڻي پنهور کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ جا ماڻهو 5 سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ جا نيڪ مرد مرحوم محمد هاشم پنهور ۽ حاجي نور محمد پنهور هئا. حاجي نور محمد 1985ع ۾ هڪ سؤ ويهه ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. هيءُ ڳوٺ، پنهور برادريءَ جي ماڻهن، ڪلهوڙا دور ۾ ٻڌايو هو.

خدا آباد[1]:

خدا آباد ديهه خدا آباد، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڪڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 6 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 60 گهر ٽيندا. ڳوٺ ۾ بوائز ۽ گرلس اسڪول الڳ الڳ قائم آهن. ان کان علاوه چوڪرين لاءِ 2 هاءِ اسڪول به موجود آهن. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جي شرح 50 سيڪڙو ٽيندي. ڳوٺ کي روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هتان بسون، ويگنون، ڊانسنون ۽ ٻيون سواريون رات ڏينهن گڏرندیون آهن. ان کان علاوه ڳوٺ کي بجلي ۽ فون جي سهوليت به مليل آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺاڻا پنهنجي خط و ڪتابت خدا آباد پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن.

---

[1] هن شهر جو بنياد سنڌ جي حاڪم ميان يارمحمد ڪلهوڙي (1718_1700ع) پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ رکيو. هن شهر جي بنياد پوڻ جو پس منظر ڪجهه هن طرح آهي: مغلن، جڏهن پنهورن جي مدد سان ميان دين محمد ڪلهوڙي کي قتل ڪرائي، سامتاڻي پرڳڻو پنهورن جي سردار کي انعام ۾ ڏنو تڏهن ميان يارمحمد ڪلهوڙو قلات ۾ هو ۽ اُتان هو سخت غصي ۾ اچي بلوچن جي فوج گڏ ڪري، منچر جي ڪُور کان ٽيندو شاهه حسڙ جي ڳوٺ کان لنگهي، سامتاڻين جي ڳوٺ، جتي پنهورن جو سردار رهندو هو اچي ڪڙڪيو ۽ هن پنهورن جي سردار کي چوائي موڪليو ته: جيڪڏهن جنگ ڪرڻ چاهين ٿو ته هيءُ تلوار وٺ ۽ اچي مقابلو ڪر پر جي نه ته هيءُ ملڪ ڇڏي هليو وڃ. پنهورن جو سردار ڏڃي راتو رات درياء اُڪري نوشهروفيرو هليو ويو. انهيءُ دوران سامتاڻي پرڳڻو ميان صاحب جي وفادار سپاهه سالار ميان اوداڻي ڏونگر مگسي، گاجي شاهه شاهه گودڙئي فقير فتح محمد لاشاري فقير گلزار علي لُنڊ، فقير ڏتل کهاوڙ فقير چاڪر خان شاهاڻي منگي جتوئي، فقير جان محمد ڏاهري ۽ ٻين فقيرن جي قبضي ۾ آيو. ميان يارمحمد هڪدم پوءِ سامتاڻين، مڱڻيجن جي ڳوٺ ۽ شڪارپور پنهواري (ڪڪا) جي وچ ۾ خيما کوڙيا ۽ اُتي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪيو. ان جو نالو 'خدا آباد' رکيو ويو.

هيءُ شهر، ڪلهوڙن جي بادشاهي ختم ٿيڻ کان پوءِ به ساڻئي نالي سان اڄ سوڌو قائم آهي. خدا آباد کي گاديءَ جو هنڌ مقرر ڪرڻ جو سبب اتان جي جاگرافيائي صورتحال هئي، جو ته خدا آباد کي هڪ طرف کان سنڌو درياء هو ٻئي طرف اولهه کان ڪيرٿر جبلن جي قطار ۽ منچر ڍنڍ ڏکڻ کان پڇي ٽوڙهي وارو لنگهه ۽ جبل. اُتر کان ميداني علاقو هو. انکري ميان يارمحمد ڪلهوڙي گاديءَ جو هنڌ "ڀاڙهي" مان متائو "خدا آباد" ڪيو. خدا آباد جو شهر 10 کان 12 ميلن تائين پکڙيل هو. هن شهر جون حدون اُتر کان ڏکڻ طرف يعني سامتاڻين جي ڳوٺ ڪوٺ لاشاري (ٽلٽيءَ پرسان) تائين ۽ اولهه کان اوپر طرف ميان يارمحمد جي قڪن ۾ موجود مقبري کان هڪ ميل پوئتي کان ويندي "نورجا پتڻ" ڳوٺ تائين هيون. ميان يارمحمد ۽ سندس فرزند ميان نورمحمد جي دور ۾ بادشاهي مسجد کان ونڊي ميان يارمحمد جي مقبري تائين 50 ايڪڙن تي ميان صاحب جون محلاتون، دربار، باغ باغيچا، مسجد وغيره موجود هيون. هن شهر جي وچ مان نور واهه جو هڪ نڙيو وهڪرو ۽ گذرندو هو، جتي ميان صاحب جي تفريح لاءِ ٻيڙيون بيهل هوندیون هيون. هن شهر جي اوپر ۾ هڪ ٻڌ جاءِ بند جا نشان اڄ به موجود آهن. جيڪ ٻوڏن جي ٻچاءِ لاءِ ميان يارمحمد ٻڌايو هو. شهر جي اولهه ۾ ڪافي ميلن کان نورواهه جا ڪنڊ نشان اڄ به موجود آهن. اهو واهه ميان نورمحمد کوٽايو هو. اهو ناري مان نڪري منچر ۾ ڇوڙ ڪندو هو. خدا آباد، ڪلهوڙن جي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ 1783ع ۾ تالپرن جڏهن طرفر کان باهيون ڏيئي ساڙائي ڇڏيو (ايڊيٽر)

آهن. ڳوٺ ۾ ڪلهوڙا، قريشي، پنهور، پنڌ، لغاري، چانڊيا، سومرا، ڪوري، موچي، چنا، ڪنير ۽ ملاڻا ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ ۾ گل شاهه ۽ طالب شاهه جي مزار آهي. خداآباد ريلوي اسٽيشن به آهي ۽ ريل ذريعي ملڪ سان ڳنڍيل آهي.

خداآباد جو شهر ميان يار محمد ڪلهوڙي 1701ع ۾ ٻڌايو هو خداآباد سنڌ جي گاديءَ جو شهر به رهيو آهي. ميان يار محمد ڪلهوڙي هڪ جامع مسجد خداآباد ۾ تيار ڪرائي. جيڪا اڄ تائين موجود آهي. هن مسجد جو 1701ع ۾ بنياد پيو. مسجد 1704ع ۾ نهي راس ٿي.

مگٽيجا:

ڳوٺ مگٽيجا ديهه خداآباد، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي ۾ آباد ٽيل آهي. هيءُ ڳوٺ، پوليس اسٽيشن دادو ۾ آهي. هن ڳوٺ کي پوسٽ آفيس ڦڪا مان ٽپال ملندي آهي. ڳوٺ مگٽيجا تقريباً 15 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ سؤ گهر. ڳوٺ جي ماڻهن جو خاص ڌنڌو زراعت آهي. ڪافي نوجوان سرڪاري نوڪرين ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول موجود آهي. جتي چوڪريون ۽ چوڪرا پرائمري تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. ڳوٺ مگٽيجا کي روڊ جي سهوليت مليل آهي ۽ ماڻهو ڀانسنن، تانگن ۽ رڪشائن ذريعي سواريون ڪن ٿا. ڳوٺ ۾ ڪجهه گهٽيون پڪ سريون ٻڌل آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ميسر آهي.

ڳوٺ جي پرسان مهدي شاهه جي مزار آهي. هن جي پرسان سنڌ جو قديم شهر خداآباد آهي. ان سان گڏ اولهه طرف هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي سنڌ جي حڪمران ميان يار محمد ڪلهوڙي جو مقبرو آهي. جتي هر سال 9 ذوالحج ميلو لڳندو آهي. ميلي ۾ ملهه پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ مگٽيجا ذات جا ماڻهو رهندا آهن. ان کان سواءِ قريشي ۽ رانجهاڻي ذات جا ماڻهو پڻ رهندا آهن. ڳوٺ جي اهم شخصيت مرحوم غلام حسين رانجهاڻي هئي. مگٽيجا ڳوٺ ۾ محمد ڇٽل قريشي ۽ شهابالدين قريشي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن.

ڏوتڑا پنهور:

ڳوٺ ڏوتڑا پنهور ديهه خداآباد، تپو خداآباد، يونين ڪائونسل ڦڪا تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آهن. سڄي ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ به الڳ الڳ اسڪول آهن. هن اسڪول ۾ پنجين درجي تائين تعليم ڏني وڃي ٿي. هتان جا ڳوناڻا 30 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ فون جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ لنڪ روڊ ذريعي انڊس هاءِ وي سان مليل آهي ۽ ڳوٺ جا رهواسي بسن ويگنن ذريعي ملڪ جي مختلف حصن ڏانهن سفر ڪندا آهن. ڳوٺ جي پرسان رکيل پير جي مزار آهي. انهيءَ مزار جي ڳوناڻا زيارت ڪندا آهن ۽ زيارت ڪري دلي سڪون حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم غلام حسين پنهور هو هن وقت محمد خان پنهور آهي. هيءُ ڳوٺ، ميرن جي دور جو ٻڌايل آهي.

محمد ابراهيم چانڊيو:

ڳوٺ محمد ابراهيم چانڊيو ديهه خداآباد، تپو خداآباد، يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي آباد ٽيل آهي. ڳوٺ جي ايراضي تقريباً 16 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 50 گهر موجود آهن. ڳوناڻن جو مکيه پيشو

هارپو آهي. ڪجهه ڳوٺاڻا زميندار ۽ ملازمت پيشي سان به منسلڪ آهن. ڳوٺ ۾ چانديا برادري ۽ جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت ملیل آهي. ڳوٺ دادو ٽاڊي جي حد ۾ آهي. هتان ڳوٺاڻا پنهنجي لکپڙهه ۽ خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، هتان جي نيڪ مرد انڪل ڏ سؤ سال اڳ ٻڌايو هو.

غلام رسول خشڪ:

ڳوٺ غلام رسول خشڪ اصل حاجي الله بخش خشڪ جي نالي سان سڏبو هو اهو ديهه باداڻي تپو باداڻ يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 15 ايڪڙ ٽيندي ڳوٺ ۾ 30 گهر آهن. ڳوٺاڻن جو مکيه ڏنڏو هار آهي. ڪجهه خاندان زميندار پيشي سان واڳيل آهن. ۽ ڪجهه فرد سرڪاري نوڪرين ۾ به. پنهنجا فرائض سرانج ڏيندا اچن ٿا. ڳوٺ ۾ خشڪ قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا.

هن ڳوٺ کي روڊ ۽ اسڪول جي سهوليت ملیل آهي. هيءُ ڳوٺ، بجلي جهڙي نعمت کان محروم آهي. ڳو جي پرسان صرف هڪ فرلانگ پنڌ تي ڳوٺ محبت جلباڻيءَ کي بجلي مهيا آهي. ڳوٺ جي پرسان علي درويش پير ج مزار ۽ مقام آهي. درويش علي پير لاءِ ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته وڏي ڪرامت جو مالڪ هو. هن درگاهه تي اڳ راڳ رنڱ جون محفلون ٽيندیون هيون. جيڪي هن وقت بند ٿي ويون آهن. هيءُ ڳوٺ، سرائي الله بخش خان خشڪ ٻڌايو. ه ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي غلام رسول خشڪ هو. سرائي غلام رسول خشڪ وڏو داناءُ ۽ ڏاهو ماڻهو هو. ادب سان گهه تعلق هئس. سندس ڪتب خاني ۾ هزارين ڪتاب موجود هئا. جنهن ۾ مذهب، فلسفي، طب، تاريخ، شعر و شاعر صرف و نحو ۽ ٻين ڪيترن ئي موضوعن جا ڪتاب شامل آهن. سرائي حاجي غلام رسول خشڪ سامتاڻين ج مدرسي ۾ پڙهيو.

موريو پٽي:

ڳوٺ موريو پٽي، ديهه باداڻي، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 4 ايڪڙن مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ پٽي رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول به قائم ڪيو آهي. جتي چوڪريون ۽ چوڪرا گڏ تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ جا ماڻهو 40 سيڪڙو تعليم يافته آهن. ڳوٺ ک روڊ رستي جي سهوليت ملیل آهي. ماڻهو شهرن ڏانهن ٽانسنن ذريعي آمدورفت ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽا جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوٺاڻا خط و ڪتابت ڦڪا پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ پڪي ۾ واقع آهي. ڳو کي بجلي ۽ فون جي به سهوليت ملیل آهي. هن جي پرسان سنڌ جي حڪمران ميان يار محمد ڪلهوڙي جو مقبرو آه جتي هر سال 9 ذوالحج تي ميلو لڳندو آهي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد موريو پٽي هو. جيڪو فوت ٿي ويو آهي. هن وق محمد بچل پٽي ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي. هيءُ ڳوٺ، ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دور جو ٻڌايل آهي.

هن ڳوٺ ۾ نڙ ٻيت جو شاعر ۽ سگهڙ مرحوم حسن فقير پٽي ٿي گذريو آهي. هن وقت اعجاز علي پٽي علم ادبي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو ونڊي رهيو آهي. پاڙ سنڌي ادبي سنگت شاخ خدا آباد ۽ سگا خدا آباد جو سرگ عهديدار ۽ ميمبر رهيو آهي.

ڪانهري:

ڳوٺ ڪانهري ديهه باداڻي، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي ۾ آهي. هتان جا ڳو

پنهنجي لکڻ پان پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ ڪانهري اٽڪل 20 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ 90 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جتان ڀارڙا تعليم حاصل ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ پان هاءِ اسڪول ۾ داخلا وٺندا آهن. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات پٺا آهي. ان کان علاوه سيد، ڪنبر، خاصخيلي ۽ جويا قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن. ڳوٺاڻن جو مکيه ڌنڌو هارپو واپار ۽ ملازمت آهي. ڪجهه زميندارې پيشي سان به واڳيل آهي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي.

هن ڳوٺ جي پرسان مست علي شاهه جي مزار آهي. مزار کي چوڌاري ڪٺهڙو ڏنل آهي. ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. هن ڳوٺ ۾ سماجي ڪارڪن پنهنجون رضاڪارانه خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. جن ۾ پروفيسر محمد صالح پٽ ۽ ڊربان علي جويو شامل آهن.

ڦڪا:

ڳوٺ ڦڪا، ديهه ڦڪا، تپو باداڻي يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڏڙي تي آباد آهي. ڳوٺ اولهه کان اوپر طرف ڦهليل آهي. ڳوٺ جو اولهه وارو پاسو اٽڪل 60 فوٽ اوچو ٽيندو ۽ آخري چيڙو اٽڪل 15 فوٽ اوچو ٽيندو. هيءُ ڳوٺ، ڦڪا پوليس پوسٽ جي حد ۾ آهي. ڦڪا ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس به آهي. جتان ماڻهو خط و ڪتابت ڪندا آهن. ڦڪا ڳوٺ اٽڪل هڪ چورس ڪلوميٽر ۾ ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ 150 گهر آباد. ڦڪا ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم آهي. ان جي بلڊنگ 1931ع ۾ قائم ڪئي وئي هئي. هيءُ بلڊنگ هن وقت خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري چڪي آهي. ڦڪا ڳوٺ ۾ گرلس مڊل اسڪول ۽ بوائز هاءِ اسڪول به قائم ڪيا ويا آهن. هڪ صحت مرڪز به هن ڳوٺ ۾ قائم ڪيو ويو آهي.

ڦڪا ڳوٺ کي روڊ رستي، بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت ڏني وئي آهي. هن ڳوٺ ۾ سيد، سومرا، سرهيا، مگريا، ميمڻ، لوهار، ڪچي، سائي، قريشي، ناريجا، پٺاڻ، موچي ۽ چنا رهندا آهن. هن وقت ڪجهه قبيلا لڏي ويا آهن. سيد ڇُٽل شاهه ڳوٺ جي معززين ۾ شمار ٿئي ٿو. ڦڪا ڳوٺ ۾ هندو اڪثريت ۾ رهندا هئا. هندو واپاري طبقي سان تعلق رکندا هئا. اتي هو پنهنجو واپار ڪندا هئا. ڦڪا سومرن جي دور جو معلوم ٿئي ٿو. روايت آهي ته ڦڪا جنهن کي عام ماڻهو پويا پڪا سڏيندا هئا، جيڪو ڦري ڦڪا ٿي ويو.

خچر:

ڳوٺ خچر ديهه ڏهي، تپو نور جا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 8 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ 30 گهر آهن. ڳوٺ جي آدمشماري لڳ ڀڳ 600 سؤ کن ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي به سهوليت ميسر آهي. هتان جا ڳوٺاڻا بسن ۽ ڏاسٽنن جي ذريعي دادو ڏانهن ايندا ويندا آهن.

خچر ڳوٺ جي پرسان ملڪاڻي ۽ فاروقي درگاهون آهن. ڳوٺ جي پرسان وقت جو وڏو جيد عالم ۽ بزرگ ٿي گذريو جنهن جا لکين مريد سنڌ، پنجاب ۽ بلوچستان ۾ رهندا آهن. هر سال درگاهه ملڪاڻي شريف تي ديني جلسو ٿيندو آهي. هن ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهندا آهن. ان کان علاوه قاضي، ٿهيم ۽ سولنگي به رهندا آهن. هن ڳوٺ جي ماڻهن جو مکيه پيشو هارپو ڪرڻ آهي. ڪجهه نندين سرڪاري نوڪرين ۾ به ڪم ڪري رهيا آهن.

هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪلهوڙن جي فوجي چانوٽي هئي. هتي اڪثر خچر پاليا ويندا هئا. خچرن ذريعي فوجي سامان پهچايو ويندو هو. ان ڪري هن ڳوٺ تي خچر نالو پئجي ويو.

نَوَلڪو:

ڳوٺ نَوَلڪو ديهه نَوَلڪو تپو نور جا يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي آهي. ڳوٺ انڪل 5 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ سؤ جي قريب گهر آهن. هتان جي ماڻهن جا مکيه ڌندا زراعت، ملازمت ۽ مزدوري آهي. ڪجهه زميندار پيشي سان به وابسته آهن. ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهن ٿا. ان سان گڏ سيد، لُڏايا، سومرا، حجم، منگي ۽ چنا به رهندڙ آهن. هتان جا ڳوٺاڻا 35 سيڪڙو پڙهيل آهن. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي.

هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ جي پرسان قديم ماڳ آهي جيڪو ڊڄي جي صورت ۾ موجود آهي. خيال ڪيو ٿيو وڃي ته هيءُ ڳوٺ ڪنهن راجا جو ٻڌايل آهي. جيڪو عربن جي آمد کان به اڳ جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم الله بچايو پنهور هو. هن وقت سندس فرزند وڏيرو امام الدين پنهور آهي.

هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ماهي خان پنهور ۽ محمد عثمان پنهور تي گذريا آهن. ازانسواءِ مولوي علي محمد ۽ حافظ اختر حسين پنهور به ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان لاکي پير جي مزار آهي. هي درگاهه عام زيارت گاهه آهي.

ڪاڪڙي:

ڳوٺ ڪاڪڙي جنهن کي ڳوٺ ڪرم علي وگهيو به چوندا آهن. اهو ديهه نَوَلڪو تپو نور جا يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي آباد آهي. ڳوٺ ڪاڪڙي 10 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 35 گهر آباد آهن.

هن ڳوٺ ۾ وگهيا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي ۽ ڳوناڻا پنهنجي ڪتابت امياڻي پوسٽ ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. ان اسڪول چوڪريون ۽ چوڪرا پرائمري تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي.

هن ڳوٺ کان روڊ به ڪلوميٽر پري آهي. ماڻهو سائيڪلن ۽ موٽر سائيڪلن ذريعي شهرن ڏانهن ويندا آهن. هيءُ ڳوٺ، ڊڄي تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ٻني باري ۾ صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي ته ڪيئن آباد ٿيو ۽ ڪڏهن آباد ٿيو پر ڪن روايتن ۾ آهي ته هيءُ ڳوٺ، ڪاڪڙ قبيلي جي ماڻهن ٻڌايو هو. جيڪي نادر شاهه ۽ مدد علي خان پٺاڻ جي حملن ۾ هتي اچي ڳوٺ ٻڌي ويهي رهيا. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم ڪرم علي وگهيو هو. هن وقت محمد صالح وگهيو آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ محمد اسماعيل وگهيو ۽ محمد هاشم وگهيو شامل آهن. هن ئي ڳوٺ ۾ غلام نبي وگهيو، نواز علي وگهيو ۽ محمد صادق وگهيو ٻئي جوڙ جا بهترين ملهه پهلوان ٿي گذريا آهن. سندن جي ڪيترن ئي ملاکڙن ۾ ملهه جا جوهر ڏيکاري چڪا آهن.

عبدالرحيم جو ڪوهه:

ڳوٺ عبدالرحيم جو ڪوهه ديهه نور جا تپو نور جا يونين ڪائونسل خدا آباد تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪل ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 50 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جتان هارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوناڻا 40 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. ماڻهو به ذريعي دادو شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن. ڳوٺ ۾ سومرا، وگهيا، پنهور ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسار

ڪلوميٽر جي پنڌ تي ميان حبيب حضوري جي مزار آهي، جنهن جي مٿان مقبرو اڏيل آهي. هن ڳوٺ ۾ جنڊي جو ڪم بهترين نموني ٿيندو آهي. ڪٽون، هندورا، ڪرسيون ۽ ٻيو گهريلو فرنيچر ٺهندو آهي، جيڪو سڄي سنڌ ۾ وڪرو ڪيو ويندو آهي. ان کان علاوه چوٽڙا، پاٽيون، ٽوڻا، منجيون به ٺهنديون آهن.

ناڑيوال لُنڊ:

ڳوٺ ناڑيوال لُنڊ، ديهه نَوَ لکو تپو نور جا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي ۾ آهي ۽ ٽاٽي دادو جي حد ۾ واقع آهي. ڳوٺ 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 160 گهر آهن. ڳوٺ ۾ به پرائمري اسڪول آهن، جتي ٻارڙا تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ اڪثريت لُنڊ قبيلي جي آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ مٺو فقير ناڑيوال سٺو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس دوهيڙا، ڪافيون مشهور آهن. عام محفلن ۾ ڳايون ويندیون آهن. مٺي فقير جو سڄو ڪلام سرائڪي ٻولي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙا دور جو ٻڌايل آهي.

دوآبو:

هيءُ قديم ڳوٺ آهي. دوآبو جي معنيٰ ـ دو معنيٰ به آب معنيٰ پاڻي. دوآبو جي معنيٰ آهي، ٻنهي طرفن کان پاڻي. يعني ڳوٺ کي ٻن طرفن کان پاڻي هوندو هو ڏکڻ ۾ ڏنڊ هوندي هئي ۽ اتر ۾ به ٻريل ڪڍ هوندي هئي. وڏن جو چوڻ آهي ته انهيءَ سبب ڪري ڳوٺ جو نالو دوآبو رکيو ويو. هيءُ ڳوٺ، ديهه دوآبو تپو دادو ۽ يونين ڪائونسل پيپري ۾ آهي. ڳوٺ ۾ نيڪ مرد مرحوم عبدالستار ميمڻ ۽ محمد قاسم ميمڻ آهن. ڳوٺ ۾ ميمڻ جماعت قائم آهي. هن ڳوٺ ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول، گرلس پرائمري اسڪول، گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول، گرلس برانچ هاءِ اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. جن مان عبدالرحيم ميمڻ ڊپٽي ڊائريڪٽر سنڌ سيڊ ڪارپوريشن، محمد اسماعيل ميمڻ ڊپٽي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر، ڊاڪٽر عبدالحي ميمڻ، پروفيسر رشيد احمد ميمڻ شامل آهن. دوآبو ڳوٺ ۾ نامياراستاد ٿي گذريا آهن. انهن ۾ عبدالغفور ميمڻ، عبدالسميع ميمڻ، محمد صادق ميمڻ، بشير احمد ميمڻ ۽ نبي بخش ميمڻ شامل آهن. هيءُ ڳوٺ دادو ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ 200 سؤ گهرن تي مشتمل آهي. دوآبو ڳوٺ کي بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت مليل آهي.

منڊو ماچي:

ڳوٺ منڊو ماچي، ديهه دوآبو تپو دادو يونين ڪائونسل پيپري ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي ۽ ڳوٺاٽا پنهنجي لکپڙهه دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ 95 گهر آباد آهن. ڳوٺ وارن جو مکيه ڌنڊو زراعت آهي ان کان سواءِ ڪجهه ملازمت ۽ تجارت سان وابسته آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ به الڳ الڳ اسڪول آهن. ڳوٺ جي پڙهيل لکيل آبادي 35 سيڪڙو ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ لُنڊ قوم جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ جي پرسان ڪجهه گهر پنهور برادري جا پڻ آهن. هيءُ ڳوٺ، نيڪ مرد چاڪر خان لُنڊ سوا سؤ سال اڳ ٻڌايو هو هن وقت رئيس علي حسن خان لُنڊ نيڪ مرد آهي.

احمد خان جتوئي:

هيءُ ڳوٺ، ديهه بکراڻي تپو بکراڻي يونين ڪائونسل مراد آباد ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 16 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ تقريباً ڏيڍ سؤ گهرن تي مشتمل آهي. ماڻهن جو مکيه پيشو هاريو آهي. ان کان سواءِ ملازمت ۽ واپار جي پيشي سان به منسلڪ آهن. هن ڳوٺ ۾ به پرائمري اسڪول آهن. انهن اسڪولن مان چوڪرين ۽ چوڪرا تعليم حاصل ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ انگريزي اسڪولن ۾ داخلا وٺندا آهن.

هن ڳوٺ مان ڪيترائي شاگرد تعليم پرائي اعليٰ عهدن تي پهچي چڪا آهن. جن ۾ بشير احمد جتوئي يا محمد جتوئي "پلاننگ آفيسر" ۽ بيا شامل آهن. هن ڳوٺ جا 70 سيڪڙو ڳوٺاڻا تعليم يافته آهن. ڳوٺ احمد خار جتوئي کي روڊ، بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت ميسر آهي. هن ڳوٺ ۾ جتوئي قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ڪجهه گهر رستماڻي ۽ اوڏ قبيلي جا به آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياراستاد ٿي گذريا آهن. انهن ۾ حاجي محمد جتوئي، عبدالرحيم جتوئي، عبدالغفور جتوئي، پيروز خان جتوئي ۽ الاهي بخش جتوئي شامل آهن. هن ڳوٺ ڪيترائي راڄي پيدا ڪيا آهن. انهن ۾ سچل فقير، چٽل فقير، اميد علي فقير ماڻڪ فقير شامل آهن. منگو فقير جتوئي جيڪ ميان يار محمد ڪلهوڙي جي دربار جو فقير هو سرائي احمد خان جتوئي ان جي اولاد مان هو. جنهن اهو ڳوٺ ايائي سا سال اڳ ٻڌايو هو. ڳوٺ جي پرسان الله رکيو فقير ۽ عارب فقير درويش صفت انسان ابدي آرامي آهن. سندس ڪيترائي گفتا هينئين سان هندائڻ جهڙا آهن.

پرڳڙي:

ڳوٺ پرڳڙي ديهه بکراڻي، تپو بکراڻي، يونين ڪائونسل مراد آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اصل پرڳڙي ذات وار ٻڌايو هو جيڪي ميرن جي دور ۾ رهندا هئا. هن وقت پرڳڙي ذات جا ماڻهو آباد نه آهن. جيڪي لڏي مختلف ڳوٺن وڃي آباد ٿيا آهن. پرڳڙي ذات جي ماڻهن جي لڏپلاڻ بعد پنهور ذات جا ماڻهو هن ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. هيءُ ڳوٺ پڪي تي واقع آهي. ڳوٺ پرڳڙي دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جي ماڻهن جي خط و ڪتابت دادو پوسٽ جي ذريعي ٿيندي آهي. هيءُ ڳوٺ، 8 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 50 گهر آباد آهن. هتان جي ماڻهن جو ڏنڏو زميندار ۽ هارپو آهي. ڪجهه سرڪاري نوڪرين سان به لڳي ويا آهن. ڳوٺ جي ماڻهن جي عام بولي سنڌي آهي. ڳوٺ ۾ هڪ مسجد اسڪول قائم ٿيل آهي. ڳوٺ ڪي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هتان جا ماڻهو بسن ۽ ڀاتسنن ذريعي آمدورفت ڪندا آهن.

هن ڳوٺ ۾ سخي سليمان شاهه جي مزار آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. ڳوٺ جي ڏکڻ اولهه جي ڪن تي قبو آهي. اهو قبو ميرن جي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. روايت آهي ته ڪوسا قبيلي جي هڪ عورت پنهنجي پيءُ جي نوت ٿيڻ بعد اهو قبو اڏايو هو. جيڪو هن وقت زبون حالت ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ اڪثريت پنهور ذات جي ماڻهن جي آهي. ٻيون ذاتيون جن ۾ سولنگي، سومرا، خاصخيلي ۽ سيال به رهندڙ آهن.

هيءُ ڳوٺ، مستقل آباد آهي. پرڳڙي ڳوٺ جو نيڪ مرد وڏيرو گل محمد پنهور هو جيڪو سخي مرد ۽ مهمان نواز هو. پلن گهوڙن جو شوقين هو. هن وقت سندس پٽ محمد رمضان پنهور ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي. جيڪو تازو فوت ٿي ويو آهي. ڳوٺ وارن سندن فرزند شفقت حسين پنهور کي پڳ ٻڌائي آهي. ڳوٺ وارن سندن فرزند شفقت حسين پنهور کي پڳ ٻڌائي آهي. هن ڳوٺ مان ڪيترائي نامياراستاد ٿي گذريا آهن. جن مان حافظ محمد عثمان سيال، حافظ عبدالقيوم سيال ۽ نياز احمد پنهور شامل آهن. ڳوٺ مان گل محمد پنهور ۽ بخشل خان پنهور پوليس ڪاتي ۾ اعليٰ عهدن تي آهن. ملهه پهلوانن ۾ ياروبڪرار، منظور چنو ۽ ياسين چنو به مشهور پهلوان ٿي گذريا آهن.

چنگلاڻي:

ڳوٺ چنگلاڻي، ديهه بکراڻي، يونين ڪائونسل مراد آباد ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 16 ايڪڙ ٽيندي جڏهن ته ڳوٺ ۾ 50 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ اڪثريت ڪوسا قبيلي جي آهي. ان کان علاوه پنهور، چنا، حجم، سونارا، جو

ٻه رهندڙ آهن. ڳوٺ جا ماڻهو اڪثر هاريو ڪندا آهن. ڪجهه ملازمت، واپار ۽ زمينداري پيشي سان وابسته آهن. ڳوٺ ۾ صرف هڪ پرائمري اسڪول آهي. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت ميسر ڪري ڏني وئي آهي. هن ڳوٺ جي پرسان سيد جيئندل شاهه جي مزار آهي جتي ملاکڙو ٻه ڀڳندو آهي. هن ڳوٺ جي اوپر ۾ علي بخش ڪوسي جو مقبرو آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوناٽا پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ تمام قديم ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ ۾ هندو ٻه رهندا هئا ۽ واپار ڪندا هئا. هيءُ ڳوٺ چنگل هندو جو ٻڌايل آهي.

حمزو خان خشڪ:

ڳوٺ حمزو خان خشڪ ديهه ٻٽ مالهو تپو خدا آباد يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي واقع آهي. ڳوٺ اٽڪل 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هتان جا ڳوناٽا اڪثر هاريو ڪندا آهن. ازانسواءِ ڪجهه ماڻهو زميندار ملازمت ۽ واپار سان پڻ وابسته آهن. ڳوٺ ۾ خشڪ برادريءَ جا ماڻهو رهندا آهن.

ڳوٺ حمزوي خان خشڪ ۾ نياڻين ۽ ڇوڪرن لاءِ الڳ پرائمري اسڪول آهن. ازانسواءِ ووڪيشنل گرلس اسڪول ٻه قائم ڪيو ويو آهي. هن اسڪول ۾ نياڻين کي هنر سيکاريا ويندا آهن. هتان جي ڳوناڻن جي پڙهيل آدمشماري 50 سيڪڙو ٽيندي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد محمد صديق خشڪ هو جيڪو ڪجهه سال اڳ فوت ٿي ويو آهي. هن وقت ڳوٺ جو چگو مڙس حمزو خان خشڪ آهي. ڳوٺ ڪيئن آباد ٿيو ۽ ڪنهن آباد ڪيو ان بابت صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي. تاهم ڳوٺ جي وڏڙن جو چوڻ آهي ته هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 300 سؤ سال اڳ ڪلهوڙن جي دور ۾ ٻڌايل آهي. هن ڳوٺ جا نوجوان پڙهي اعليٰ عهدن تي پهچي چڪا آهن. جن مان غلام رسول خشڪ، اقبال خشڪ شامل آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد ۽ سماجي ورڪر حمزو خان خشڪ ٻه آرمي ۾ ميجر جي عهدي تي رٽائر ڪري چڪو آهي. جيڪو هن وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ زمينداري سنيالي رهيو آهي.

مراد علي خشڪ:

ڳوٺ مراد علي خشڪ، ديهه ٻٽ مالهو تپو خدا آباد يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، تقريباً 5 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 200 سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ خشڪ برادريءَ جا ماڻهو رهندا آهن ۽ ڳوناڻن جا مڪيه ڏنڏا زميندار، هاريو ۽ ملازمت آهي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ملي آهي. روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. ڳوٺ کان ميل کن پري انڊس هاءِ وي گذري ٿو ماڻهو اسڪوٽرن سائيڪلن ۽ پنڌ شهر ڏانهن ويندا آهن. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد محمد خان خشڪ هو جيڪو فوت ٿي چڪو آهي. هيءُ ڳوٺ، ميرن جي دور ۾ سرائي مراد علي خشڪ ٻڌايو هو.

سامتاڻي:

ڳوٺ سامتاڻي ديهه ڪلهوڙا، تپو خدا آباد يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي پٽل آهي. ڳوٺ، دادو پوليس اسٽيشن جي حد ۾ آهي. سامتاڻي ڳوٺ هڪ چورس ڪلوميٽر تي ڦهليل آهي. هيءُ ڳوٺ، 500 سؤ گهرن تي مشتمل آهي. هتان جي ماڻهن جو مڪيه ڏنڏو زراعت آهي. ازانسواءِ ڪجهه ملازم ٻه آهن. ازانسواءِ تجارت ۽ درزڪي پيشي سان ٻه منسلڪ آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول ٻه آهي ۽ ازانسواءِ برانچ مڊل اسڪول ٻه قائم ڪيو ويو آهي. انهيءَ اسڪول ۾ پريپاسي جا شاگرد اٽين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. سامتاڻي ڳوٺ ۾ پڙهيل

ماڻهن جو تناسب 15 سيڪڙو ٿيندو هن ڳوٺ جي پرسان پاڻ جوهي روڊ واقع آهي ۽ ماڻهن جي اڇ وڇ عام طرح بسن ذريعي ٿيندي آهي.

سامتائي ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت موجود آهي. هيءُ ڳوٺ پنهورن جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو هن ڳوٺ ۾ هڪ قديم مسجد آهي جيڪا پنهورن جي ٺهرايل آهي. ڪن روايتن موجب هيءَ مسجد ڪلهوڙن جي ٺهرايل آهي. هن ڳوٺ ۾ اڪثريت برهماڻي ذات وارن جي آهي. ان کان علاوه لاکا، شاهاڻي ۽ لانگاهه ذات وارا رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جي اهم شخصيت مرحوم مولوي غلام مصطفيٰ برهماڻي هو هن وقت نيڪ مرد سرائي جام خان برهماڻي آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. انهن ۾ علي محمد برهماڻي، محمد حسن، پيرل خان، ڏٽي بخش ۽ غلام قادر شامل آهن.

حاجي عباس پيرزادو:

ڳوٺ حاجي عباس پيرزادو ديهه ڪلهوڙا، تپو خدا آباد، يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پان پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ 20 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوناڻن جو مڪيه ڏنڏو هاريو آهي. ڳوٺ ۾ اڪثر پيرزادا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي ۽ ڳوٺ جي پرسان مخدوم سرفراز ۽ جادي پير جون مزارون آهن ۽ عام زيارت گاهون آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي محمد عباس پيرزادو هو هن وقت رحيم بخش پيرزادو ۽ نثار احمد پيرزادو نيڪ مرد آهن برادريءَ جي پڳ نثار احمد پيرزادي کي ٻڌائي وئي آهي. هيءُ ڳوٺ، 1960ع ڌاري ٻڌايو ويو. ڳوٺ جا ڪيترائي نوجوان سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي رهيا آهن. انهن ۾ رفيق احمد پيرزادو، محمد عظيم پيرزادو، غلام محمد پيرزادو، توفيق احمد پيرزادو، عبدالعزيز پيرزادو، محمد عيسيٰ، محمد عرس، علي اڪبر، حاجي شهمير ۽ الهه وسايو پنهور شامل آهن.

خيرو پنهور:

ڳوٺ خيرو پنهور ديرو ڪلهوڙا، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 16 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 60 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. هتان جا ماڻهو 60 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ خيرو پنهور جي ماڻهن جو مڪيه پيشو هاريو آهي ڪجهه گهراٽا زميندارين ۽ ملازمت جي پيشي سان لاڳاپيل آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي هيءُ ڳوٺ، انڊس هاءِ وي کان صرف هڪ فرلانگ اولهه ۾ آهي. هن ڳوٺ نيڪ مرد لونگ خان پنهور آهي. ڳوٺ، ميرن جي اوائل ۾ خير محمد عرف خيرو پنهور ٻڌايو هو.

باداڻي:

ڳوٺ باداڻي ديهه باداڻي، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڦڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هي ڳوٺ تقريباً 11 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوناڻن جو مڪيه پيشو زراعت آهي. ازانسواءِ ڪجهه ملازمن ۽ واپاري به آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول موجود آهي، جتان هارڙا تعليم حاصل ڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شهرن جو رخ ڪندا آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجليءَ جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ جي پرسان سيد امام علي شاهه ۽ سيد حيدر شاهه جون مزارون آهن. ڳوٺ ۾ ڪوڪر قبيلو اڪثريت ۾ رهي ٿو. ڪيرن ۽ لاکن جا به گهر آهن.

ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم مير محمد ڪوڪر هو. هن وقت سندس فرزند ممتاز علي ڪوڪر آهي. هن ڳوٺ ۾ نامياري

ستاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ استاد محمد عيسيٰ کوکر جو نانءُ نمايان اچي ٿو ان کان علاوه غلام قادر کوکر ۽ محمد رکيل کيرو به وقت جا سڀا استاد ٿي گذريا آهن. صحافت ۾ خالد کوکر ۽ نثار کوکر به پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندا اچن .باداڻي ڳوٺ بابت روايت آهي ته هندو عورت هئي جنهن جو نالو باداڻي هو ان نالي پٽيان 'باداڻي' نالو پئجي ويو باداڻي وٺ ۾ هندو اڪثريت ۾ رهندا هئا. هندو واپاري طبقي جا ماڻهو هئا. ٻي روايت آهي ته بادو يا بادل ڪنهن مسلمان خص جو نالو هو جنهن ڳوٺ ٻڌايو ۽ ان جي نالي پٽيان 'باداڻي' جو نالو پئجي ويو هيءُ ڳوٺ اٽڪل 500 سؤ سال اڳ وٻڌايل آهي.

حبت جلباڻي:

ڳوٺ محبت جلباڻي ديهه باداڻي، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي د ۾ آهي. هتان جا ڳوناڻا پنهنجي لکپڙهه پان پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ جي اٽڪل ايراضي 30 ايڪڙن ي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 300 سؤ گهر آباد آهن. ڳوناڻن جو مکيه ڏنڏو هارپو ۽ سرن مان ٿوٽا ٺاهڻ آهي. ڳوٺ ۾ جلباڻي ت جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ کي اسڪول، روڊ ۽ بجلي جي سهوليت ميسر آهي. ڳوٺ، اٽڪل ڏيڍ سؤ سال اڳ جو ايل آهي ۽ ڳوٺ محبت جلباڻي پڌايو هو جيڪو جلباڻي قبيلي جي ماڻهن جو نيڪ مرد هو.

ختيار نگر:

ڳوٺ مختيار نگر ديهه باداڻي، تپو باداڻي، يونين ڪائونسل ڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي آهي. ڳوٺ جي راضي اٽڪل 20 ايڪڙن تي ٿيندي. ڳوٺ ٽوٽل 80 گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ پنجابي قبيلي جا ماڻهو رهندا هئا. ن وقت هيءُ ڳوٺ ڪچي ويو آهي. ڳوناڻن جا مکيه ڏنڏا زميندارين ۽ ملازمت آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول ي. ڳوناڻا 50 سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ کي روڊ، بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت ميسر آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽي جي حد ۾ آهي ۽ هن ئي ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ جو ڪ مرد ڊاڪٽر مختيار احمد هو جنهن هيءُ ڳوٺ ٻڌايو هو هيءُ ڳوٺ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ ستت ئي وجود ۾ ٻو.

ير محمد لڌاڻي:

ڳوٺ شير محمد لڌاڻي، ديهه کارڙو تپو پراڻو ديرو يونين ڪائونسل الله آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 5 ايڪڙن تي شتمل آهي. ڳوٺ ۾ 40 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جتي ڳوٺ جا نونهال ابتدائي ليم حاصل ڪري رهيا آهن. ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جا ماڻهو 30 سيڪڙو پڙهيل آهن. وٺ کي صرف بجلي جي سهوليت ميسر آهي. روڊ ۽ فون جهڙي سهوليت کان محروم آهي. هن جي پرسان وڏو شهر جي اسٽيشن آهي.

ڳوٺ شير محمد لڌاڻي انگريزن جي دور جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم محمد مريد پنهور هو ۽ هن نت وڏيرو نور احمد پنهور نيڪ مرد آهي. برادريءَ جا مسئلا ۽ فيصلا ڪندو رهي ٿو هن ڳوٺ جو محمد عيسيٰ پنهور ماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو جيڪو اسٽيل مل ڪراچيءَ ۾ اهم عهدي تي فائز آهي.

ڏ آباد (ڪاڻي):

ڳوٺ الله آباد، ديهه کارڙو تپو پراڻو ديرو يونين ڪائونسل الله آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي واقع آهي. ڳوٺ،

رکڻ ٽاڻي جي حد ۾ آهي هيءُ ڳوٺ، 16 ايڪڙن تي ٻڌل آهي هن ڳوٺ ۾ گهر 245 آهن. ڳوناڻن جو مکيه ڌنڌو زراع آهي. ڪجهه ڳوناڻا واپار به ڪندا آهن ۽ ڪجهه نوڪرين سان به منسلڪ آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرل اسڪول به قائم ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه هن ڳوٺ ۾ هاءِ اسڪول به موجود آهي. جتان شاگرد مٽرڪ پاس ڪري مختلف ڪاليجن ۾ وڃي داخلا وٺندا آهن. ڳوٺ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تناسب 40 سيڪڙو آهي ڳوٺ کي روڊ رستي سهوليت مليل آهي ۽ ڳوناڻا بسن، ويگنن ۽ ٻين سوارين ذريعي مختلف شهرن ڏانهن ويندا آهن. هن ڳوٺ کي به ۽ فون جي سهوليت دستياب آهي. ڳوٺ الله آباد جي پرسان سيد علي محمد شاهه بخاري جي مزار آهي جتي هر سال ميلڙ لڳندو آهي. هن ڳوٺ ۾ ڇنا ۽ پنهور اڪثريت ۾ رهندا آهن. ازانسواءِ منگي، ملاح، سولنگي، کوسا، برهماڻي، سومرا، کهڙا ذات جا ماڻهو به رهندا آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد شمس الدين پنهور آهي. هن ڳوٺ جو اصل نالو ڪاڻي هو. ڪاڻي هڪ سخي، مهمان نواز ۽ پرهيزگار عورت هئي. ماڻهو درياه پار ڪري جڏهن هن ڳوٺ وٽان لانگهائو ٿيندا هئا مانجهاندو هن مائيءَ وٽ ڪندا هئا ۽ مسافر چوندا هئا ته مائي ڪاڻي وٽ هلي ڏوڏو کائيندا سون ۽ ڏينهن ڏاريندا. پراڻي ڳوٺ جا کنڊر اڄ به موجود آهن. موجوده نالو وڏيري مولوي حبيب الله پنهور اڄ کان پنجاهه سال اڳ رکيو.

حاجي شير خان ڪلهوڙو:

ڳوٺ حاجي شير خان ڪلهوڙو ديهه پکو ڪارڙو تپو پراڻو ديرو يونين ڪائونسل الهه آباد تعلقي دادو ۾ آهي هيءُ ڳوٺ، 25 ايڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ آباد 50 آهن. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان رهواسي پنهنجي خط و ڪتابت ڏلجي پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن.

ڳوناڻن جا مکيه ڌنڌا زمينداري، هاريو ۽ واپار آهي. ڪجهه ڳوناڻا ملازمت پيشي سان وابسته آهن. ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول پڪي بلڊنگ ۾ قائم ڪيو ويو آهي. هن اسڪول ۾ چوڪريون ۽ چوڪرا پنجين ڪلاس تائين گڏ تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ جي پڙهي لکيل رهواسين جو تناسب 30 سيڪڙو ٿيندو. هن ڳوٺ ۾ ڪلهوڙا ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. روڊ رستي جي نه هئڻ سبب ڳوناڻا اسڪوٽر، سائيڪلن ۽ پيادل شهر ڏانهن ويندا آهن. ڪجهه سالن کان هتان جا ڳوناڻا لڏي مختلف شهرن ۾ وڃي آباد ٿيا آهن. چاڪاڻ جو اڪبر ڪوسو ڏاڙيل مختلف وقتن تي هن ڳوٺ تي حملن ڳوناڻن کي ڪافي نقصان ڏنو. ڳوٺ جي پرڀر ڪرڙي پير جي مزار آهي. جتي هر سال ملاکڙو لڳندو آهي. هن ڳوٺ جو بنياد ڏيڍ سؤسال اڳ جوپيل آهي. هيءُ ڳوٺ نيڪ مرد حاجي شير خان ڪلهوڙي ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد ساڳئي نالي سان شير خان ڪلهوڙو آهي. کان علاوه سماجي ورڪر به ڳوٺ جي فلاح و بهبود لاءِ ڪوشان آهي. جن ۾ غلام حيدر ڪلهوڙو به پنهنجون سما خدمتون سرانجام ڏيندو اچي ٿو.

ابراهيم ڪچي:

ڳوٺ ابراهيم ڪچي ڪي ابراهيم پنهور به سڏجي ٿو. اهو ڳوٺ ديهه پکو ڪارڙو تپو پراڻو ديرو يونين ڪائونسل الهه آباد ۾ آهي. ڳوٺ رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي اٽڪل 15 ايڪڙ کن ٿيندي. ڳوٺ ۾ 70 گهر آهن. هتان جا ماڻهو اڪثر زراعت پيشي سان وابسته آهن. ڪجهه سرڪاري ملازمت ۾ آهن ته ڪي واپار سان به منسلڪ آهن. ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 40 سيڪڙو ٿيندو. ڳوٺ کي اسپتال بجلي ۽ روڊ رستي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان ايول شاهه جي مزار آهي ڳوٺ جي پرسان کير ڏهي جو ڏڙو هوندو هو جيڪو تقريبن

ايڪڙن تي مشتمل هو هن ڏڪي مان ٽڪر جا ٽانڊ راندیکا ۾ سڪا ملندا هئا. هن ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهندڙ ن ان کان علاوه ماڇي ۾ قنبراڻي ذات جا ماڻهو به رهندڙ آهن.

ڳوٺ جا نيڪ مرد وڏيرو محمد نواز پنهور، حاجي الهورايو پنهور، حڪيم محمد صالح پنهور، سلطان احمد هور شامل آهن. هيءُ ڳوٺ، ابراهيم پنهور جو ٻڌايل آهي. جنهن ميرن جي دور ۾ اچي هن ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي. ٽ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ رجب علي پنهور ۾ عطا محمد پنهور ۾ ٻيا شامل آهن.

و پنهور:

ڳوٺ ٻيو پنهور، ديهه ڪارڙو تپو رپ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 10 ايڪڙن تي مشتمل ي. ڳوٺ ۾ 50 گهر آهن. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات پنهور آهي. ڳوٺ ۾ ڇوڪرين ۾ ڇوڪرن لاءِ الڳ الڳ پرائمري ڪول آهن. جتان ٻارڙا پنهنجي ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوناڻن جا مکيه ڌندا، زراعت، واپار ۾ نوڪريون ڪرڻ آهي. هيءُ ڳوٺ روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. ان ڪري ڳوناڻا پنڌ، سائيڪلن ۾ اسڪوٽرن ذريعي شهرن هن ويندا آهن ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ٻيو پنهور رڪ پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. هيءُ ٽ، ٻڊي خان پنهور جو ٻڌايل آهي.

افظ عرض محمد کوسو:

ڳوٺ حافظ عرض محمد کوسو ديهه رپ، تپو رپ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 26 ڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ ايائي سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ ملاح، کوسا، چانڊيا، چنا، سيد، سولنگي ۾ مڱٿهار قبيلي ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ ۾ ڇوڪرين ۾ ڇوڪرن لاءِ به الڳ اسڪول آهن. ڳوٺ جا 50 سيڪڙو ماڻهو پڙهيل آهن. هتان ڳوناڻا پنهنجي لکپڙهه پياروا سٽيشن پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن.

ڳوٺ عرض محمد کوسي جي پرسان سيد حيات شاهه جي مزار آهي. جنهن مٿان چاپرو اڏيل آهي. ان کان ڏوه هن ئي ڳوٺ ۾ موريل شاهه جي مزار آهي. مزار جي مٿان مقبري جو ڪم چالو آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نيڪ مرد ، گذريا آهن. جن ۾ مرحوم علي بخش کوسو عيدڙو خان ملاح، حاجي امام بخش چانڊيو سليمان خان چنو ۾ سيد ريل شاهه شامل آهن. هيءُ ڳوٺ، حافظ عرض محمد 1922ع ڌاري ٻڌايو هو.

ں بيگ پنهور:

ڳوٺ گل بيگ پنهور ديهه رپ يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 15 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ٽ ۾ 70 گهر ٽيندا. ڳوٺ ۾ اڪثر هارپو ڪندڙ آهن. ازانسواءِ زميندار، ملازمت ۾ تجارت جي پيشي سان به منسلڪ ن. ڳوٺ ۾ اڪثريت پنهور برادريءَ جي آهي. ان کان علاوه پير ۾ ڪوسا به آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ بوائز ۾ گرلس اسڪول ڳ قائم آهن. جتان ٻارڙا تعليم حاصل ڪري هاءِ اسڪولن جو رخ ڪندا آهن. ڳوٺ جي پڙهيل لکيل ماڻهن جو اسب 20 سيڪڙو ٽيندو. ڳوٺ گل بيگ پنهور کي روڊ رستي جي سهوليت کان محروم رکيو ويو آهي. مين روڊ ڳوٺ ن ڏيڍ ڪلوميٽر پري آهي. هتان جا رهواسي سائيڪلن ۾ اسڪوٽرن ذريعي شهرن ڏانهن ايندا ويندا آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ ۾ مرحوم جوڻ پنهور سنو ڀگاڙو ٿي گذريو آهي ۾ هن وقت علي بخش هور سنو ڀگاڙو آهي.

علي بخش مهرائي:

ڳوٺ علي بخش مهرائي ديهه ڪچو رپ، تپو رپ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪ ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ آباد 40 گهر آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول موجود آهي. جتان پارڙا بنيادي حاصل ڪري هاءِ اسڪول جو رخ ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ملاح ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهائش پذير آهن. ب برادريءَ جا ماڻهو به رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جي پرسان سيد معصوم شاهه جي مزار به آهي. جيڪا عام زيارت گاهه ڳوٺ جو نيڪ مرد علي بخش مهرائي هو جنهن سؤسال اڳ هيءُ ڳوٺ آباد ڪيو هو هيءُ ڳوٺ، آپر نور واهه جي ڪ تي ٻڌل آهي. نور واهه ڳوٺ جي وچان لنگهي ٿو نور واهه جا آثار اڄ به ڏسي سگهجن ٿا. نور واهه سنڌ جي حڪمران نور محمد ڪلهوڙي جي نالي سان منسوب آهي[1].

پير بخش ميربحر:

ڳوٺ پير بخش ميربحر ديهه ڪچو رپ تپو رپ يونين ڪائونسل پاٽ تعلقي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ا ڪچي ۾ هوندو هو ۽ پراٽي رکڙ جو هڪ محلو هوندو هو. درياء جي پائڻ ڪري اتان جا ماڻهو لڏي ڳوٺ حافظ محمد ڪوسو جي ڏکڻ ۾ ڳوٺ ٻڌي ويٺا. هيءُ ڳوٺ پڪي ايراضي تي آباد آهي. ڳوٺ رکڻ پوليس جي حد ۾ آهي ڳوٺ 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آهن. ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڏنڊا زراعت، نوڪري ۽ آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. جتي پارڙا تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي پڙهيل جو تناسب 40 سيڪڙو ٿيندو. ڳوٺ کي پڪي روڊ جي ۽ بجلي جي سهوليت به مليل آهي. هن ڳوٺ جي پرسار حيات شاهه جيلاني ۽ سيد موريل شاهه گيلاني جون درگاهون آهن. حيات شاهه جيلاني تي هر سال ميلو لڳندو آ سيد موريل شاهه گيلاني جو هر ماهه پهريون سومر ملهايو ويندو آهي.

ڳوٺ پير بخش ميربحر پراٽي ماڳ تي ٺهيل آهي. هن ڳوٺ ۾ محمد عرس ملاح، لونگ خان ملاح، محمد ملاح ۽ محمد صديق مڱٿهار وقت جا سٺا ڳائڻا ٿي گذريا آهن. جيڪي صوفي راڳ ڳائڻ جا ماهر ليکيا ويندا آهن.

هن ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات ملاح آهي. ان کان علاوه چانديا، کوسا، چنا، سيد، ۽ سولنگي قبيلي جا م رهندا آهن. ڳوٺ جون اهم شخصيتون مرحوم سيد حيات شاهه ۽ سيد موريل شاهه هيون. هن وقت حاجي نبن شاه بخش شاهه محمد چٽل چانديو ۽ حاجي علي بخش چانديو آهن. هن ڳوٺ ۾ نامياراستاد به ٿي گذريا آهن جن ۾ خان سميجو، حافظ عرض محمد ڪوسو نواز رکڻائي، قادر بخش رکڻائي، مولا بخش رکڻائي شامل آهن. ان کان اهم عهدن تي حمزو خان مختيارڪار، غلام حسين ملاح، حاجي خان سميجو ۽ ٻيا شامل آهن.

ڪوٽ نيباهو:

ڳوٺ ڪوٽ نيباهو پنهور ديهه رپ، تپو رپ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 10 ايڪڙن تي آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺاڻن جا مکيه ڏنڊا، زمينداري، م مزدوري آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ نياڻيون ۽ ڇوڪرا گڏ پرائمري

---

[1] نور واهه اُتر سنڌ ۾ لاڙڪاڻي شهر مان گهاڙ واهه مان نڪري ٿو ۽ ضلعي ڏنبر شهدادڪوٽ جي ايريا کي پاڻي پهچائي ٿو هيءُ واهه به ميان نو ڪلهوڙي پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڪڍايو. (ايڊيٽر)

حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ ڏڪي تي بڏل آهي ۽ ڳوٺ ۾ قلعي جا نشان اڄ به نمايان طور ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ان ڪري خيال ڪري سگهجي ٿو ته هيءُ قديم ڳوٺ آهي ۽ ڪلهوڙن جي دور کان به اڳ جو بڏايل آهي. ڪن جهونن ماڻهن خيال آهي ته ڪلهوڙن جي حملن ۾ هيءُ ڳوٺ برباد ٿي ويو ڪن جو چوڻ آهي. ته هن ڳوٺ ۾ پاڻ راجا رهندو هو ۽ حڪومت ڪندو هو هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم محمد ادريس پنهور هو هن وقت شفيع محمد پنهور نيڪ مرد آهي. هن ڳوٺ ۾ نامياراا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ محمد ادريس پنهور. عبدالحڪيم پنهور. شفيع محمد پنهور شامل آهن. ان کان علاوه محمد صالح پنهور ۽ اميد علي پنهور به سرڪاري ملازم آهن. جيڪي ڳوٺ جي فلاحي بهبود لاءِ ڪوشان آهن.

ڪوٽ لالو ماچي:

ڳوٺ ڪوٽ لالو ماچي ديهه رپ. تپو رپ. يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ. پڪي تي آهي. هيءُ ڳوٺ. اٽڪل 15 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ اڳ 50 گهر آباد هئا. هن وقت 15 گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ ماچي ۽ خاصخيلي قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن. هيءُ ڳوٺ. رڪ ٽاٽي جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناٽا لک پڙهه ۽ خط و ڪتابت پوسٽ آفيس قلجي اسٽيشن ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ماڻهو بسن. ڊانسنن ۽ ويگنن ذريعي ملڪ جي مختلف حصن ڏانهن ويندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان پيارو ڳوٺ اسٽيشن ۽ قلجي اسٽيشن به وڏا شهر آهن. جتان ڳوناٽا خريد و فروخت ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ ڪڏهن آباد ٿيو ڪيئن آباد ٿيو ان بابت صحيح معلومات نه ملي سگهي آهي. بهرحال چئي سگهي ٿو ته هيءُ ڳوٺ به ڪنهن سمي سڌريل رهيو آهي ۽ ڳوٺ ڏڪي تي بڏل آهي.

پيارو اسٽيشن:

پيارو اسٽيشن ديهه رپ. تپو رپ. يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ. رڪ پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس به قائم ڪئي وئي آهي. جتان ڳوناٽا پنهنجي خط و ڪتابت ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ. اٽڪل 3 چورس ڪلوميٽر تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ شگرمل قائم ڪئي وئي آهي. جيڪا شهيد پٽو طرفان دادو وارن لاءِ تحفو هئي. مگر افسوس جو شگرمل گذريل ڪيترن سالن کان بند پيئي آهي. شگرمل کي تباهه ڪرڻ ۾ آفيسر ۽ يونين جا عهديدار برابر جا شريڪ آهن. ڪيترائي مزدور صدمي سبب فوت ٿي چڪا آهن پر اڃا تائين سرڪار بي خبر آهي.

هن ڳوٺ ۾ شگرمل قائم ٿيڻ کان پوءِ دوڪان. گئريجون. هوٽل قائم ڪيا ويا آهن. بئنڪون. پٽرول پمپ. پوسٽ آفيس. ٽاڪو ٽيليفون. سئي گئس. اسپتال. واٽر سپلاءِ چڙهائي پيسائي جون مشينون چيرائي جون مشيون. بجلي. روڊ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسول. هاءِ اسڪول به آهي. ريلوي اسٽيشن به آهي. ڳوٺ جا رهواسي 70 سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ ۾ مسافر پير جي درگاهه آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. هن ڳوٺ جي پرسان لوهر جو قديم ڏڙو به آهي. ان ڏڙي کي هموار ڪري پنجابي برادري جا ماڻهو قبضو ڪري گهر ٺاهي ويهي رهيا آهن ۽ اهڙي طرح هيءُ تاريخي ورثو اسان جي بي حسيءَ سبب تباهه ٿي ويو آهي.

هن ڳوٺ تي ڏاڙيلن حملو ڪري ريل گاڏي مان ماڻهو اغوا ڪري ويا. پيو حملو به ڏاڙيلن ڪيو هو جنهن ۾ وڏيرو غلام دستگير ميمڻ اغوا ٿي ويو ۽ ان کي بعد ۾ ڏاڙيلن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو. هن ڳوٺ ۾ پنهور. ملاح. ڪوسا. چانديا. سولنگي. ڪوڪر. سيد. منگي. چنا. سومرا. ڪنير. چاڪي. سما. ابڙا. برهماڻي. لهير. خاصخيلي. ميمڻ. پنجابي.

مهاجر ۽ ٻيون ذاتيون آباد آهن. هن ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ پيارو ڳوٺ موجود آهي، جيڪو پياري خان پنهور ٻڌايو هو. پيارو پنهور الله لوڪ فقير ۽ نيڪ مرد هو. انگريزن جڏهن ريلوي لائين وڇائي پئي تہ هن ڳوٺ جي اتر ۾ موجود ڳوٺ ٻڌ ريلوي اسٽيشن قائم ڪئي، پياري ڳوٺ جي اولهه ۾ پياري خان پنهور ۽ سندس عزيزن جون مزارون آهن.

پيارو ڳوٺ:

پيارو ڳوٺ، ديهه رپ، تپو رپ، يونين ڪائونسل الله آباد ۾ آهي. پياري ڳوٺ جي ايراضي اٽڪل 50 ايڪڙن مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 1100 گهر آباد آهن. هيءُ ڳوٺ، رکڻ ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات پ آهي. ان کان علاوه سومرا، سيد، ماچي، کوسا، موچي، چنا، چانديا ۽ ملاح قبيلي جا ماڻهو به رهندا آهن. پياري ڳوٺ پرائمري اسڪول آهن. انهن اسڪولن ۾ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرا الڳ الڳ تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي. ڳوناڻن جي پڙهيل لکيل آدمشماري 60 سيڪڙو جي قريب ٿيندي. ڳوٺ کي روڊ سهوليت مليل آهي. هن روڊ تان بسون، ويگنون، ڊاٽسنون ايندڙون ويندڙون آهن. ان کان علاوه ڳوٺ کي اسپتال، بجل فون جي سهوليت مليل آهي. پيارو ڳوٺ جي پرسان سيد عنايت شاهه جي مزار آهي. هن ڳوٺ ۾ حامد خان پنهور اورڊ ڪاليج به قائم ڪيو ويو آهي. جتي استادن کي عالم فاضل جا امتحان پاس ڪرايا وڃندا آهن. عنايت شاهه جي مزار هر سال ميلو لڳندو آهي. ڳوٺ جي اهم شخصيت مرحوم پيارو خان پنهور هئي. ڳوٺ بابت روايت آهي تہ هيءُ گ ڪلهوڙا دور جو ٻڌايل آهي.

پيارو ڳوٺ ۾ نامور استاد ٿي گذريا آهن. انهن مان محمد ادريس پنهور، محمد يعقوب پنهور، هيمن داس، ٽهل ايسر داس، سيد عالم شاهه، سيد عبدالرحمان شاهه، شمس الدين پنهور، شفيع محمد منگي، احمد خان منگي الٰ منگي، عبدالقادر پنهور ۽ عبدالله پنهور شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ ملهه پهلوان به ٿي گذريا آهن. انهن ۾ مانجهي پنهور ۽ خان پنهور اڃي وڃن ٿا.

نور پور / گهلپور:

ڳوٺ نور پور جنهن کي گهلپور به سڏيو ويندو آهي، اهو ديهه رپ، تپو رپ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. ڳوٺ، پڪي تي آهي. ڳوٺ اٽڪل 10 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 40 گهر آباد آهن ۽ آدمشماري 500 سؤ مٿي آهي. ڳوٺ جا ماڻهو اڪثر هارپو ڪندا آهن ۽ ڪجهه ڳوناڻا مزدوري پڻ ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ ڪوسا، اڪثريت رهندڙ آهن. ان کان علاوه منگي، سومرا به رهائش پذير آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. هتان جا ڳوناڻا 25 سيڪڙو تعليم يافته آهن. ڳوٺ کي بجليءَ جي سهوليت ه آهي. روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. ڳوٺ جا رهواسي ذاتي سوارين رستي آمدورفت ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، (سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. نيڪ مرد مرحوم نور محمد کوسو هو. هن وقت پيروز خان کوسو نيڪ مرد آهي. هتار ڳوناڻا پنهنجي خط و ڪتابت پاٽ پوسف آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي.

پلها:

ڳوٺ پلها، ديهه پلها، تپو پاٽ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. ڳوٺ جي ايراضي هڪ ڪلوميٽر چورس ٽي ڳوٺ ۾ 300 سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ اڪثر پلهه ذات وارا رهندڙ آهن. ان کان علاوه سولنگي، آرائين، ڪوکر ۽ برادريءَ جا ماڻهو به رهندا آهن. ڳوٺ ۾ بوائز پرائمري اسڪول ۽ هڪ زنانو هنري اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي. ڳو

پڙهيل آدمشماري 30 سيڪڙو ٿيندي. ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت مليل آهي. ماڻهو بسن ويگنن ۾ اسٽيشن آهي. هن اسٽيشن تان ماڻهو ملڪ جي مختلف حصن ڏانهن ايندا ويندا آهن. هن ڳوٺ کي بجلي، ڊسپينسري ۽ فون جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ پلها جي پرسان پير رکڻ جي درگاهه آهي.

هن درگاهه تي آسوند زيارت ڪري دعائون گهرندا آهن. ان کان علاوه هڪ ڏرم شالو ۽ هتي مندر ٻڌل ۽ زبون حالت ۾ آهي. جتي هندو پنهنجي مذهبي رسمون ادا ڪندا هئا. هن ڳوٺ ۾ هندن جي هڪ ماڙي آهي. جنهن کي هندو ڀاوَن جي ماڙي چوندا آهن. هندن جا ڪافي دوڪان هوندا هئا ۽ ڳوٺ پڪو پختو ٺهيل هو. هندن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ ماڻهو انهن جاين کي ڀاهي پنهنجا گهر ٺاهي وٺنا آهن. ڳوٺ جي پرسان چڪڻ جي ڏنڊ موجود آهي. جيڪا ڳوٺ جي لڳو لڳ اوپر ۾ آهي. هيءَ ڳوٺ، قديم دور ۾ هندن آباد ڪيو هو ۽ پوءِ پلهه قوم هيءَ ڳوٺ وسايو. هن ڳوٺ جا نيڪ مرد مرحوم قمرالدين پلهه ۽ انور شاهه هئا.

نئين ڳلي:

ڳوٺ نئين ڪلي، ديهه پلها، تپو رپ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءَ ڳوٺ پڪي تي واقع آهي. ڳوٺ ٽاٽي رکڻ جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جي پرسان پيارو اسٽيشن آهي. نئين ڪلي ڳوٺ 50 گهرن تي مشتمل آهي. هتان جي رهواسين جا مکيه ڏنڊا نوڪري ڪرڻ آهي. ازانسواءِ زراعت ۽ واپار به ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو انگ 50 سيڪڙو آهي. هن ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ۾ گهڻيون پڪيون آهن. بجلي جي سهوليت به موجود اٿس. هن ڳوٺ جي پرسان سيد پنهل شاهه جي درگاهه آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلي ۾ اتر ۽ لاڙ جا پهلوان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ چنا، سيد ۽ سولنگي ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ ۾ حافظ مير محمد چنا، مولوي محمد عالم چنا، حافظ عبدالرحيم چنا ۽ حافظ محبوب چنا موجود آهن. جيڪي ديني خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هيءَ ڳوٺ، پهريائين درياءِ جي پرسان آباد هوندو هو. درياءِ جي پائٽ ڪري رهواسي لڏپلاڻ ڪري هن ڳوٺ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي آهي. هيءَ ڳوٺ، 1843ع ڪان اڳ جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد سيد ڏنل شاهه آهي.

ٽڪا:

ڳوٺ ٽڪا، ديهه ٽڪا، تپو پاٽ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءَ ڳوٺ، پڪي تي آهي. ڳوٺ جي ايراضي 40 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ آباد 200 سؤ گهر آهن. هتان جي ماڻهن جو خاص ڏنڊو زراعت ۽ واپار آهي. ڪجهه ماڻهو نوڪرين ۾ به آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول موجود آهن. هتان جا ماڻهو 80 سيڪڙو تعليم يافته آهن. ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت مليل آهي. روڊ تان بسون ويگنون ۽ ٻيون نندڙيون وڏيون سواريون گذرنديون آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ فون جي سهوليت آهي. هن ڳوٺ ۾ پير نانگو ۽ ملان شاهه جون مزارون آهن. ملان شاهه تي هر سال ميلو لڳندو آهي.

ڳوٺ ٽڪا ۾ اڪثريت ملاح قبيلي جي آهي. ان کان علاوه سما، ٻاليشاهي ذات جا ماڻهو به رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ رئيس احمد بخش ٽڪو ۽ شفيع محمد عرف سر شفيع اهم شخصيتون ٿي گذريون آهن. هن وقت رئيس خان محمد ٽڪو جو نيڪ مرد آهي. هيءَ ڳوٺ، ٽڪا ذات جي ماڻهن ٻڌايو هو. ڪنهن دور ۾ ڳوٺ واپاري مرڪز هو. هن ڳوٺ ۾ هندو واپاري رهندا هئا. جن جو واپار ڏورانهين علاقن تائين ٿيندو هو. ڳوٺ ٽڪا جا ڪيترائي ملهه پهلوان ٿي گذريا آهن. انهن مان اميد علي گلهڙ ڪرار ۽ هاشم ڪلهوڙو شامل آهن.

مني:

ڳوٺ مني، ديهه ٽڳا، تپو پاٽ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ٽڳا پوليس جي حد ۾ آهي. صدر ٽا رکڻ اٽس هن ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي لک پڙهه پياريو ڳوٺ استيشن ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ تقريباً 200 سؤ گ آهن. ڳوٺ جا ماڻهو هاريءِ جي ڏنڊي سان منسلڪ آهن. هن ڳوٺ ۾ ملاح برادريءَ جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ ۾ پارٽن ا پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. مني ڳوٺ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو سراسري تناسب فقط 10 سيڪڙو ٿيند ڳوٺ کي روڊ جي ڪابه سهوليت مليل نه آهي. ان ڪري ڳوٺ جا رهواسي 2 ڪلوميٽر پنڌ ڪري روڊ تي پهچندا آهن اتان مختلف سوارين ذريعي شهرن ڏانهن ويندا آهن. هن ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ مني ج پرسان مخدوم مصراٽي جو مقبرو آهي. جو عام زيارت گاهه آهي. هن ڳوٺ جا مشهور ۽ نامياريا استاد حاڪم علي سمو ۽ محمد عيسيٰ ڪلهوڙو ٿي گذريا آهن. جيڪي پنهنجي وقت جا نالي وارا استاد ليکيا ويندا هئا.

دهي:

ڳوٺ دهي، ديهه ڏورو ڏمريو تپو پاٽ، يونين ڪائونسل پاٽ، تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 50 گهرن تي مشتم آهي ۽ ڳوٺ جي آدمشماري 500 سؤکان مٿي ٿيندي. ڳوٺ جي ايراضي 12 ايڪڙ کن ٿيندي. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪو قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هارڙا تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ميسر آهي. ڳوٺ ۾ سولنگ چانڊيا، سيد، جانوريءِ ملاح ذات جا ماڻهو رهن ٿا. هن ڳوٺ جا سماجي ڪارڪن جن ۾ عبدالرحيم سولنگي، غلام نب سولنگي، علي حسن سولنگي ۽ محمود سولنگي سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهيا آهن. هن ڳوٺ جي پرسا سيد موريل شاهه جي مزار آهي. جيڪا عام زيارت گاهه آهي. هن ڳوٺ جي پرسان ڏورو آهي. جيڪو ڏورو ڏمريو جي نال سان سڏجي ٿو.

چڪ بچل چانڊيو:

ڳوٺ چڪ بچل چانڊيو ديهه ڏورو ڏمريو تپو اي پاٽ، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليه ٽاٽي جي حد ۾ واقع آهي. ڳوٺ 16 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 35 گهر آهن. هتان جي ماڻهن جو مکيه پيشو هار آهي. ازانسواءِ ڪجهه پوليس ۽ فوج ۾ به آهن.

ڳوٺ ۾ چانڊيا برادريءَ جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ٿيل آهي. جتي ڇوڪريون ڇوڪرا تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت کان محروم رکيو ويو آهي. ان ڪري ڳوٺاڻا پيار شهرن ڏانهن ايندا ويندا آهن. ڳوٺ بچل چانڊيو جي پرسان شير پير جي مزار آهي ۽ عام زيارت گاهه آهي. هن درگاهه ت پهرين جمع تي ديني محفل ٿيندي آهي. جي تلاوت ڪلام پاڪ جو ورد ٿيندو آهي ۽ غزلي حضرات محمد ثنا ۽ مولا پيس ڪندا آهن. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد رئيس علي نواز خان هو. جيڪو فوت ٿي ويو آهي.

هيءُ ڳوٺ، رئيس بچل خان چانڊيي انگريزن جي دور ۾ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ ۾ مرحوم خدا بخش چانڊيو نال وارو ملهه پهلوان ٿي گذريو آهي. ازانسواءِ محمد علي چانڊيو ۽ بچل چانڊيو به پنهنجي وقت جا نالي وارا ملهه پهلوان ه جيڪي ميلن ۽ ملاکڙن ۾ پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪندا هئا.

هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي راڳ جا لوڪ فنڪار ٿي گذريا آهن. جن ۾ مرحوم صوفي علي مراد چانڊيو، عبدا چانڊيو ۽ محمد هاشم چانڊيو شامل آهن. هن وقت ڪيست جو فنڪار نذير احمد چانڊيو فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿ

ميراڻي چانڊيو:

ڳوٺ ميراڻي چانڊيو ديهه کات، تپو پات، يونين کائونسل پات ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پکي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 10 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 25 گهر آهن. هتان جا ماڻهو هارپو ڪندا آهن. ڪجهه خاندانن کي زمين جا ٽڪرا به آهن ۽ پنهنجي زمين خود آباد ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ چانڊيا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. ان اسڪول ۾ هارڙا پرائمري تعليم حاصل ڪندا آهن. هتان جا ڳوناڻا 20 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. جڏهن ته ڳوٺ روڊ رستي جي سهوليت کان محروم آهي. هن ڳوٺ جو چڪو مڙس مير خان چانڊيو هو جنهن هڪ سؤ سال اڳ هيءُ ڳوٺ ٻڌايو هو. ڳوٺ ميراڻي چانڊيو رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي.

سعيد خان چانڊيو:

ڳوٺ سعيد خان چانڊيو ديهه کات، تپو پات، يونين کائونسل پات ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪچي ۾ رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ اٽڪل 20 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 50 گهر آباد آهن. ڳوناڻن جو مکيه ڌنڌو هارپو آهي. ڪجهه ڳوناڻا زميندار، واپار ۽ ملازمت سان به واڳيل آهن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي.

هن ڳوٺ جي پرسان پات شريف جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي. ڳوناڻا پنهنجي خط و ڪتابت پات شريف پوسٽ ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ چانڊيا قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ان کان علاوه ملاح قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن. ڳوٺ جا نيڪ مرد سعيد خان چانڊيو ۽ محمد پريل ملاح هئا. هيءُ ڳوٺ، سعيد خان چانڊيي سؤ سال کن اڳ ٻڌايو هو.

ڪمال پنهور:

ڳوٺ ڪمال پنهور ديهه ماروي، تپو پراڻو ديرو، يونين کائونسل الهه آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، تقريباً 14 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 40 گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوناڻن جا مکيه ڌنڌا هارپو، واپار ۽ ملازمت آهي. ڪجهه گهراڻن کي پنهنجون زمينون به آهن. جيڪي زميندار پيشي سان وابسته آهن. هن ڳوٺ ۾ مڊل ۽ پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. جتان هارڙا سنڌي ۽ انگريزي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوناڻا 40 سيڪڙو تعليم يافته آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت ميسر آهي.

هن ڳوٺ جي پرسان وڏو شهر قلجي اسٽيشن آهي. جيڪو ڳوٺ کان تقريباً 6 ڪلوميٽر پري آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا نامياراا استاد تعليمي سرگرمين ۾ مصروف آهن. جن ۾ شفيع محمد پنهور ۽ پروفيسر عبدالرحيم پنهور شامل آهن. شفيع محمد پنهور تعليم کاتي ۾ مختلف عهدن تي رهيو آهي. ڳوٺ ڪمال پنهور هتان جي نيڪ مرد وڏيري ڪمال پنهور 18 صديءَ جي اوائلي دور ۾ ٻڌايو هو.

پيري:

ڳوٺ پيري، ديهه ماروي، تپو باغبان، يونين کائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پکي تي آهي. ڳوناڻا پنهنجي لکپڙهه پيري سب پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ پيري، 20 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 90 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرين ۽ چوڪرن لاءِ به الڳ الڳ اسڪول قائم آهن. ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت ميسر ٿيل آهي. لنڪ روڊ ذريعي مين روڊ سان مليل آهي.

ڳوٺ پيريءَ ۾ سيد ڇُتل شاهه جي مزار آهي جتي ملاکڙو لڳندو آهي. هن ڳوٺ ۾ پنهور ۽ هڱورا ذات جا ماڻهو رهن ٿا. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد پير فتح محمد هو.

جبير جي:

ڳوٺ جبير جي، ديهه جبير جي، تپو جبير جي، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. ڳوٺ جبير جي رکڙ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 20 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوٺائڻ جو مکيه ڌنڌو هاريو آهي. ڪجهه ڳوٺاڻا زميندار، ملازمت ۽ تجارت جي پيشي سان به منسلڪ آهن.

ڳوٺ ۾ سما اڪثريت سان رهندا آهن. ڪجهه گهر ڪنبرن ۽ ٻُڌهين جا به آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪ اسڪول قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ بارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. 30 سيڪڙو ڳوٺاڻا پڙهيل آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت ميسر آهي.

ڳوٺ جا نيڪ مرد محمد رجب ٻڌهيو ۽ خير محمد سمو آهن. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياريا استاد ٿي گذر آهن، جن ۾ الله بخش جوٽيجو، خير محمد سمو، غلام مصطفيٰ جوٽيجو، پير علي محمد اظهر ريلائي شامل آهن. هي ڳوٺ، 300 سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. هن ڳوٺ ۾ هندو اڪثريت سان رهندا هئا ۽ واپاري هئا. هندن جا ڪيترائي دڪان هئا. ڪيترائي هندو تعليم يافته هئا ۽ هندو بهترين استاد ٿي گذريا آهن. انهن ناميارن استادن جو ذڪر سند ڪيترن ئي شاگردن ڪيو آهي. هن ڳوٺ تي ڏاڙيلن حملو ڪيو هو جنهن ۾ ڳوٺ جي نيڪ مرد محمد رجب ٻڌهيو ۽ نوجوان پٽ استاد محمد صديق ٻڌهيو بهادريءَ سان مزاحمت ڪندي شهيد ٿي ويو ۽ سندس پاءُ ميوو خان ٻڌهيو برسي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو ۽ ان حملي ۾ هڪ ڏاڙيل پڻ مارجي ويو هو.

نهال چارڻ:

ڳوٺ نهال چارڻ ديهه جبير جي، تپو جبير جي، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڙ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي ۽ خط وڪتابت ڪڙ پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. هن ڳوٺ ۾ 20 گهر آباد آهن. ڳوٺ 8 ايڪڙ تي مشتمل آهي. هتان جا ماڻهو زراعت سان منسلڪ آهن. ڪجهه نوڪرين ۾ پڻ آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 30 سيڪڙو ٿيندو. ڳوٺ کي پڪي روڊ جي سهوليت مليل نه آهي. ماڻهو پنڌ ۽ سائيڪلن تي مسافري ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ۾ بيبر چتل جي درگاهه آهي. ڳوٺ ۾ چارڻ ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هيءُ ڳوٺ نهال چارڻ ٻڌايو هو. ميرن جي دور ۾ چارڻ خيرپور ميرس مان يا ڪاڻي هن ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيا.

سردار پنجابي:

ڳوٺ سردار پنجابي، ديهه جبير جي، تپو جبير جي، يونين ڪائونسل پاٽ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڙ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. جڏهن ته ڳوٺاڻا پنهنجي خط وڪتابت پيارو ڳوٺ پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي ايراضي 20 ايڪڙ ٿيندي. ڳوٺ ۾ 70 گهر ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم آهي.

ڳوٺ روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. ان کي پيادل يا پنهنجي ذاتي سوارين ذريعي شهر ڏانهن ويندا آهن. ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت ميسر آهي. هيءُ ڳوٺ، 50 سال اڳ سردار پنجابي ٻڌرايو هو. جيڪو ڳوٺ جو نيڪ مرد هو. هن وقت مختيار پنجابي ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي.

بچل خان چانڊيو:

ڳوٺ بچل خان چانڊيو ديهه جبير جي تپو جبير جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، رڪ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناٽا سچارو پوسٽ آفيس ذريعي پنهنجي خط و ڪتابت ڪندا آهن. ڳوٺ 10 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 70 گهر ٿيندا. ڳوٺ ۾ چانڊيا قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ان کان علاوه به تي گهر ڪنيرن جا به هن ڳوٺ ۾ رهندا آهن. ڳوٺ جي ماڻهن جو خاص پيشو هاريو ۽ مزدوري آهي. ڳوٺ ۾ هڪ مسجد اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. انهيءَ اسڪول مان پارڙا پرائمري تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي روڊ، بجلي ۽ فون جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان پير چٽل سائين ۽ گلاب شاهه جون مزارون آهن. انهن مزارن مٿان چاپرا ٺهيل آهن. هيءُ ڳوٺ، تقريباً هڪ صدي اڳ جوڙايل آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن مان بچل خان چانڊيو مشهور استاد ٿي گذريو آهي. ڳوٺ ۾ ڪيترائي سماجي ڪارڪن ڪم ڪري رهيا آهن. جن مان علي مراد چانڊيو، ولي محمد چانڊيو ۽ غازي خان چانڊيو به شامل آهن.

ٻلي پير / مراد جوٽيجو:

ڳوٺ ٻلي پير جنهن کي مراد جوٽيجو به چون ٿا، اهو ديهه جبير جي يونين ڪائونسل باغبان، تعلقي دادو ۾ آهي. ڳوٺ ٻلي پير رڪ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ آهي. ڳوناٽن جي خط و ڪتابت سچارو پوسٽ ذريعي ٿيندي آهي. هيءُ ڳوٺ، هڪ ڪلوميٽر ايراضي ۾ پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 162 گهر آهن. ڳوٺ جا ماڻهو زراعت، تجارت، دستڪاري، نوڪرين ۽ ٻين ڪاروباري ڌنڌن سان منسلڪ آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪ ديني مدرسو پڻ آهي. ازانسواءِ چوڪرين ۽ چوڪرن لاءِ الڳ الڳ اسڪول قائم ڪيا ويا آهن.

ڳوٺ ٻلي پير جا پڙهيل ماڻهو 35 سيڪڙو ٿيندا. هي ڳوٺ لنڪ روڊ ذريعي ڪڙ ۽ پيارو ڳوٺ سان ڳنڍيل آهي. ڳوٺ کي بجلي جي به سهوليت ميسر آهي. هيءُ ڳوٺ، 1875ع ڌاري آباد ٿيو هو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياريا استاد شامل آهن. جن ۾ الله بخش جوٽيجو، غلام قادر جوٽيجو، محمد عيسيٰ جوٽيجو ۽ ٻيا شامل آهن. ازانسواءِ انجنيئر غلام مجتبيٰ جوٽيجو گڏو ٽرمل پاور اسٽيشن تي پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي.

واصل نوناري:

ڳوٺ واصل نوناري، ديهه سچارو تپو جبير جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 5 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 80 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ نوناري ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. ملاح، قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن. هن ڳوٺ کي بنيادي سهوليت مليل نه آهي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري بوائز اسڪول ڪم ڪري رهيو آهي.

ڳوٺ واصل نوناريءَ جي پرسان سيد آمن شاهه جي مزار آهي. جنهن تي مقبرو اڏيل آهي. هن اولياء تي هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلي جي موقعي تي ملهه، پهلوان پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، واصل نوناريءَ 1960ع ڌاري آباد ڪيو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد رجب علي نوناري آهي.

الهورايو پنهور:

ڳوٺ الهورايو پنهور، ديهه سونهيون، تپو دادو يونين ڪائونسل مرادآباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي آهي. هن ڳوٺ ۾ 90 گهر آباد آهن. ڳوٺ 20 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهائش پذير آهن. ڳوٺ ۾ پارڙن لاءِ هڪ پرائمري اسڪول آهي. جنهن ۾ پارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، روڊ جي سهوليت کان

محروم آهي. ڳوٺ کي صرف بجليءَ جي سهوليت ڏني ويئي آهي. هن ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي لکپڙهه دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور ۾ وڏيري الله ورايي پنهور ٻڌايو هو.

نوڙڪو پوئو:

ڳوٺ نوڙڪو پوئو ديهه تپو دادو يونين ڪائونسل مرادآباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پندرهن ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ چاليهه گهر آباد آهن ۽ آدمشماري هڪ هزار جي لڳ پڳ ٿيندي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي آباد آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي ۽ ٽي مسجدون به آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. جڏهن ته هيءُ ڳوٺ روڊ رستي جي سهوليت کان محروم آهي. ڳوناڻن جا مکيه ڌنڌا هاريو ملازمت ۽ تجارت آهي. هن ڳوٺ جي پرسان بخاري پير جي درگاهه آهي. ان جي مٿان مقبرو اڏيل آهي. هر مهيني جي چوڏهين تاريخ اسلامي جلسو ٿيندو آهي. علماء ڪرام واعظ ڪندا آهن ۽ سڄي رات حضور جن جي شان ۾ مولود شريف ۽ غزل پڙهيا ويندا آهن. هن ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن.

هيءُ ڳوٺ، پنهور ذات جي ماڻهن ميرن جي اوائلي دور ۾ ٻڌايو هو. ڳوٺ جا نيڪ مرد مرحوم حافظ نورمحمد ۽ ٻڊو خان پنهور هئا. هن وقت محمد شريف پنهور ۽ حاجن فقير پنهور سماجي ورڪر آهن ۽ سماجي خدمتون سرانجام ڏينندا پيا اچن. هن ئي ڳوٺ جو مٽل پنهور ملهه پهلوان آهي. جيڪو ميلن ملاکڙن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندو پيو اچي.

والي جي ميائي:

ڳوٺ واليءَ جي ميائي ديهه سونهيون تپو دادو يونين ڪائونسل مرادآباد تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽائي جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناڻا پنهنجي لکپڙهه ۽ خط وڪتابت دادوپوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ والي جي ميائي اٽڪل ڏهن ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ آباد گهر هڪ سؤ جي قريب ٿيندا ۽ آدمشماري اٽڪل هزار کن لڳ پڳ ٿيندي. ڳوٺ ۾ ملاح ذات جا ماڻهو آباد آهن. ماڻهن جو مکيه ڌنڌو هاريو آهي. ان کان علاوه ڪجهه ماڻهو واپار سان به منسلڪ آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽رود جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ مستقل آباد آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد وڏيرو نورمحمد ملاح هو. جيڪو فوت ٿي ويو آهي. هن وقت وڏيرو خميسو خان ملاح نيڪ مرد آهي. هي ڳوٺ قديم واهه ناري جي ڪپ تي آهي. هتان جا ماڻهو مڇي ماري ٻيڙين رستي ٻين علائقن ڏانهن موڪليندا هئا. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 150 سال اڳ جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو.

فتح محمد ڪابورو:

ڳوٺ فتح محمد ڪابورو ديهه پير ڳڙيو تپو مخدوم بلاول يونين ڪائونسل موندر تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽائي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا ماڻهو خط وڪتابت مخدوم صاحب پوسٽ ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر آهن ۽ آدمشماري ٽن هزارن جي لڳ پڳ ٿيندي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل ويهه ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ به پرائمري اسڪول ڪم ڪري رهيا آهن. جتي هاڻوڪا پرائمري تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. مگر ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت ميسر نه آهي. انڪري ڳوناڻا سائيڪلن، اسڪوٽرن ۽ پيادل سفر ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ڪابورا ۽ پنهور ذات جا ماڻهو رهندا آهن ۽ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن.

هن ڳوٺ جي پرسان شهيد بلاول رح جي درگاهه آهي. جتي هر مهيني ماهه پهرين جمع تي ديني اجتماع ٿيندو

مي عالم دين تقريرون ڪندا آهن. ان کان علاوه پير ڳٺيو جي به درگاهه آهي هيءُ ڳوٺ فتح محمد ڪابوري ڏيڍ سؤ سال اڳ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم محمد ابراهيم ڪابوري ۽ مرحوم سائين رکيو ڪابورا هئا. هن وقت فتح محمد ڪابورو نيڪ مرد آهي. ڳوٺ فتح محمد ڪابوري جا ڪيترائي نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ مرحوم رسول بخش ڪابورو ۽ گل حسن ڪابورو شامل آهن.

ب رکيو پنهور:

ڳوٺ رب رکيو پنهور ديهه پير ڳٺيو تپو مخدوم صاحب يونين ڪائونسل موندر تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڪل 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 80 گهر آباد آهن ۽ آدمشماري پندرنهن سؤ کن ٿيندي. ڳوٺ پڪي تي مي. هن ڳوٺ ۾ پنهور برادريءَ جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺاڻن جا مکيه ڌنڌا تجارت، زراعت، ملازمت ۽ زميندارياي آهي ۽ هن وٽ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيل آهي. ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد رحوم الهڏنو پنهور هو. هن وقت محمد خان پنهور آهي. هن وقت يونين ڪائونسل مخدوم صاحب جو ناظم آهي. هيءُ وٽ ڏيڍ سؤسال اڳ رب رکيو پنهور ٻڌايو هو.

ـونـدر:

ڳوٺ موندر ديهه موندر، تپو موندر يونين ڪائونسل موندر تعلقي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڪلهوڙن جي دور ۾ وندر خان نظاماڻي ٻڌايو هو. هيءُ ڳوٺ ڪچي جي ايراضيءَ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ موندر پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ڪلوميٽر هم چورس ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ اڌائي سؤ گهر آهن ۽ آبادي پنج هزار جي قريب ٿيندي.

هن ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڌنڌا زراعت، مال چارڻ، واپار ۽ نوڪريون ڪرڻ آهي. ڳوٺ موندر ۾ پرائمري رلس ۽ بوائز اسڪول ۽ هاءِ اسڪول آهن. پڙهيل ماڻهن جو تعداد 35 سيڪڙو ٿيندو. ڳوٺ کي اسپتال، پڪو روڊ، جلي جي سهوليت موجود آهي. بسون ويگنون ۽ باتسنون هن روڊ تي هلنديون آهن. موندر کان 12 ڪلوميٽر پري ڏُلجي ٽيشن جو شهر آهي. موندر جي پرسان شهيد گابر ۽ نور علي شاهه جون مزارون آهن.

ڳوٺ ۾ اڪثريت واريون ذاتيون نظاماڻي ۽ شاهاڻي آهن. انهن کان علاوه سيد، وڳڙ منگي ڪُنبر به هن ڳوٺ ۾ باد آهن. هي ڳوٺ درياڻي بندر هو هتان غوراب پرجي ڏورانهن ملڪن ڏانهن ويندا هئا. ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا هن. جن ۾ محمد حسن وڳڙ، عبدالرحمان لاشاري، بشير احمد سيال ۽ پروفيسر نورمحمد شاهاڻي شامل آهن.

هن ڳوٺ بابت روايت آهي ته سال 1951ع ۾ رات جو ڳوٺ کي اوچتو باهه لڳي. جنهنڪري ڳوٺ مڪمل ور تي تباهه ٿي ويو. هن ڳوٺ کي لڳل باهه جو نظارو 12 ڪلوميٽر پري دادو شهر جي ماڻهن به ڏٺو. موندر ڳوٺ ۾ سماجي نظيم سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن قائم ڪئي وئي آهي. هن تنظيم جو صدر علي حيدر نظاماڻي هو. تنظيم طرفان ڪيترائي سماجي ڪم ڪرايا ويا. تنظيم جي اڳواڻن ڪل پاڪستان سماجي ڪارڪنان ڪانفرنس ڪراچي ۾ رڪت ڪئي ۽ علاقي جا مسئلا پيش ڪيا.

مل بخش شاهاڻي:

ڳوٺ لعل بخش شاهاڻي، ديهه موندر، تپو موندر، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، شاهاڻي ذات جو بڪ مرد لعل بخش شاهاڻي سوا سؤسال اڳ ٻڌايو هو. هيءُ ڳوٺ، پڪي تي واقع آهي. ڳوٺ لعل بخش شاهاڻي پوليس ٽيشن موندر ۾ واقع آهي. ڳوٺاڻن جي خط و ڪتابت موندر پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. ڳوٺ پنجن ايڪڙن تي

مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 90 گهر آهن. ڳوٺ جي پيداوار جا وسيلا هاريو آهي ۽ ڪجهه ماڻهو نوڪريون به ڪري ر
آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. ان اسڪول ۾ چوڪرا ۽ چوڪريون گڏ تعليم حاصل ڪري رهيا آه
ڳوٺ لعل بخش شاهاڻي ۾ 30 سيڪڙو پڙهيل طبقو رهي ٿو. ڳوٺ کي پڪي رستي جي سهوليت نه آهي. هڪ ميل پ
روڊ اٽس. جتان بسون. ڊاٽسنون ۽ سوزڪيون ايندیون ويندیون آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت موجود آهي. هن ڳو
پرسان قديم تاريخي شهر موندر آهي. ڳوٺ لعل بخش شاهاڻي ۾ شاهاڻي ذات جا ماڻهو رهن ٿا. هڪ گهر ميراثين ج
رهي ٿو.

دين محمد شاهاڻي:

ڳوٺ دين محمد شاهاڻي. ديهه موندر. تپو موندر. يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ. موندر پوليس ٿا
جي حد ۾ آهي. ڳوٺ اٽڪل ويهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ گهر ايائي سؤ کن ٿيندا. هن ڳوٺ ۾ چوڪر
چوڪرين لاءِ الڳ الڳ اسڪول آهن. جتان پارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت ملي
آهي. ماڻهو دادو شهر ڏانهن ڪچي رستي ذريعي سفر ڪندا آهن. هن ڪچي رستي تي بسون ۽ ڊاٽسنون هلنديون آه
ڳوٺ کي فون جي سهوليت ملي هئي ليڪن پي.سي.او بند هئڻ سبب هاڻي ڳوناڻا ان سهوليت کان محروم آهن.
ڳوٺ، ۾ سؤ سال اڳ جوڌايل آهي. اڳ ۾ هيءُ ڪچي ۾هو. درياء پائڻ سبب ڳوناڻا پنهنجا اجها ڇڏي هتي اچي آباد
رئيس دين محمد شاهاڻي پنهنجي زمين ڳوٺ لاءِ وقف ڪري پنهنجي نالي تي ڳوٺ آباد ڪرايو. هن ڳوٺ جا نيڪ
مرحوم رئيس دين محمد شاهاڻي ۽ مرحوم صحبت خان شاهاڻي هئا. هن وقت ڳوٺ جي پگ رئيس شعيب خ
شاهاڻيءَ تي آهي. جيڪو برادريءَ جا فيصلا ڪندو رهي ٿو. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد تي گذريا آهن. انهن ۾ مرح
محمد خان ميمڻ. مرحوم عزيزالله شاهاڻي. مرحوم حاجي اميد علي شاهاڻي ۽ عبدالحڪيم ميمڻ شامل آهن. ازانس
محمد عارف ميمڻ ۽ سيد عباس علي شاهه سڀا استاد تي گذريا آهن. جيڪي رٽائرڊ ٿي چڪا آهن. هن ڳوٺ ۾ پروفي
سليم سولنگي. ڊاڪٽر ڪرم علي شاهه. ڊاڪٽر علي گوهر شاهاڻي. ڊاڪٽر شادي خان شاهاڻي. ڊاڪٽر عبدالحڪ
سولنگي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سولنگي ايس.ڊي.ايم پڙهي وڃي تي سٽن عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن.

گل محمد ڪوريجو:

ڳوٺ گل محمد ڪوريجو ديهه سڏ واهه تپو اي دادو يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ. اٽڪل پار
ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ اٽڪل ٽيهه گهر آباد آهن. ڏاڙيلن جي خوف کان هيءُ ڳوٺ اُجڙي ويو آهي. ڳوناڻا ل
دادو شهر ۾ آباد ٿي ويا آهن. هن ڳوٺ ۾ ڪوريجا ذات جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول نئين بلڊن
۾ هلي رهيو آهي. ڳوٺ گل محمد ڪوريجو جهلو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جي ماڻهن جي مکيه ڏنڊو هاريو آه
هن ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت ملي آهي. روڊ رستي تي سهوليت کان محروم آهي. ڳوناڻا
ڪلوميٽر پنڌ ڪري دادو شهر ڏانهن ويندا آهن. هيءُ ڳوٺ هڪ سؤ سال اڳ جوڌايل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد مر
گل محمد ڪوريجو هو. هن وقت نجم الدين ڪوريجو ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي.

ڪيڙو:

ڳوٺ ڪيڙو ديهه ڪيڙو تپو جيبر جي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ. 25 ايڪڙن تي مشتمل آه
ڳوٺ ۾ ڇهه سؤ گهر آهن. ڳوٺ جي ماڻهن جو مکيه ڏنڊو هاريو آهي. ماڻهو نوڪريون. واپار ۽ زميندار پيشي سا

سلڪ آهن هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول به آهن. ڪيڙو ڳوٺ جي پڙهيل ماڻهن جو تناسب 40 سيڪڙو
ي هيءُ ڳوٺ رُڪ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جي ماڻهن جي خط و ڪتابت ڪڙ پوسٽ آفيس ذريعي
ندي آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي ۾ آهي. ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي ماڻهن جي آمد و رفت بسن ۽
نگن ذريعي ٿيندي آهي. ڪيڙو ڳوٺ کي بجلي ۽ اسپتال جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ سيد احمد شاهه مست
ڪاري ۽ محمود شاهه جون مزارون آهن. سيد احمد شاهه مست جو ميلو هر سال 7 شعبان کان 10 شعبان المعظم تائين
ڪندو آهي.

هن ڳوٺ ۾ اڪثريت ابڙا ذات وارن جي آهي. ان کان علاوه ملاح، ڪل، سيد ۽ چنا ذات وارا به رهندڙ آهن. ڳوٺ
نيڪ مرد مرحوم نورمحمد ابڙو هو جيڪو يونين ڪائونسل باغبان جو چيئرمن به رهي چڪو آهي. هن وقت خان
حمد ابڙو ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي. هيءُ ڳوٺ ابڙا ذات جي ماڻهن ميرن جي دور ۾ آباد ڪيو ڪيڙو خان ابڙو سندن وڏو هو.
وٺ ۾ محمد هاشم ابڙو مولاداد ابڙو علي انور ابڙو نورمحمد منگي ۽ مختيار منگي نامياڑا استاد ٿي گذريا آهن. هن
وٺ ۾ محمد ابڙو حاڪم ابڙو ۽ انور ابڙو نالياڑا ملهه پهلوان ٿي گذريا آهن. جيڪي سنڌ جي مختلف ملاکڙن ۾
هنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪري نانءُ پيدا ڪيو. هن ڳوٺ ۾ غلام حسين ملاح بهترين ڳائڻو ٿي گذريو آهي.

رياسو:

ڳوٺ واريا سو ديهه واريا سو تپو بکراڻي يونين ڪائونسل مرادآباد ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙ
ندي ۽ ڳوٺ ۾ پنجاهه گهر ٿيندا. هن ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي.
وٺ روڊ رستي کان محروم آهي. ڳوٺ جي پرسان پير تماچي جي مزار آهي. هن درگاهه تي ماڻهو حاضري پرينداآهن ۽
سوند دعائون گهري من جون مرادون پوريون ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، دادو ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوناڻا لکپڙهه ڦِڪا پوسٽ
يس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي لونگ خان هو جيڪو فوت ٿي ويو آهي. هن وقت حاجي ليمون
هور سماجي سرگرمين ۾ مصروف آهي ۽ ڳوٺ جي نيڪ مردن ۾ شمار ٿئي ٿو ڳوٺ واريا سو ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد
ل معلوم ٿئي ٿو روايت آهي ته هتي زمين واريا سي هئي. ماڻهن جڏهن هيءُ ڳوٺ آباد ڪيو ته هيءُ ڳوٺ واريا سو
ڏجڻ ۾ آيو.

لکاڻي:

ڳوٺ ملکاڻي ديهه ملکاڻي، تپو نورجا، يونين ڪائونسل سيال ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ درياءَ جي پرسان
ڪچي ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ کي پوليس ٽاڻو جهلو لڳي ٿو. هن ڳوٺ جي ماڻهن جي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس
يعي ٿيندي آهي. ڳوٺ ڇهن ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ اتڪل پنجاهه گهرن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ جا ماڻهو
ڪريون ڪرڻ ۽ زراعت جي پيشي سان منسلڪ آهن. ازانسواءِ زميندار ي به هتي جي ماڻهن جو پيشو آهي. ملکاڻي
وٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. پڙهيل نوجوانن جو تعداد پنجاهه سيڪڙو آهي.

هن ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت موجود آهي. ملکاڻي شريف ۾ بزرگ شخصيت مولانا مخدوم حاجي غلام
حمد ملکاڻي جو مقبرو آهي. جتي هر سال 14 رجب المرجب تي ديني جلسو ٿيندو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان مان
نيدتمند هارهي ۾ شريڪ ٿيندا آهن. علماء ڪرام تقريرون ڪندا آهن. هن وقت ڳوٺ ۾ ملکاڻي ذات جا ماڻهو
ندڙ آهن. سنڌ جو مشهور شاعر اديب ۽ نامياڑو استاد حافظ محمد احسن چنه جو هيءُ اباڻو ڳوٺ آهي. غلام محمد
ڪاڻي ڊي آءِ جي پوليس پٽ هن ڳوٺ سان تعلق رکي ٿو.

جاکپاري:

ڳوٺ جاکپاري ديهه جاکپاري تپو جيبرجي يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي هيءُ ڳوٺ پڪي تي آهي ۽ جاکپاري اڏڪل ويهه ايڪڙن تي ٻڌل آهي ڳوٺ ۾ اڏڪل هڪ سؤ گهر آهن جاکپاري رُڪ پوليس حد ۾ آهي ڳوٺ ۾ ملاح ذات جا ماڻهو رهن ٿا ڳوٺ ۾ بوائز پرائمري اسڪول موجود آهي ان ۾ ٻارڙا تعليم حاصل ڪري رهيا آ ڳوٺ ۾ پڙهيل آدمشماري جو تناسب 20 سيڪڙو ٿيندو هن ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي جڏه روڊ فون ۽ ٻين بنياد سهوليتن کان محروم آهي ڳوٺ جي پرسان جاکپاري جي ڏنڊ آهي جنهن ۾ مڇي ۽ پکي جو شڪ ٿيندو آهي هن وقت اها ڏنڊ لوٽياڻي پاڻي سبب خراب ٿي وئي آهي هن ڏنڊ مان لوڻ دستياب ٿي رهيو آهي ماڻهو ڪڍي استعمال ڪندا آهن هيءُ ڳوٺ تمام قديم آهي جڏهن کان ڏنڊ وجود ۾ آئي تڏهن کان هيءُ ڳوٺ وجود ۾ آهي ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم احمد خان ملاح هو هاڻي محمد خان ملاح نيڪ مرد آهي

حاصل چانڊيو:

ڳوٺ حاصل چانڊيو ديهه پڪو سيتا تپو اي پات يونين ڪائونسل پات ۾ آهي ڳوٺ تقريباً 20 ايڪڙ پڪڙيل آهي ڳوٺ ۾ نوي گهر آباد آهن هن ڳوٺ ۾ اڪثريت چانڊيا قبيلي وارن جي آهي ۽ ڪجهه ٻين ذاتين جا ماڻ رهن ٿا هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم ڪيا ويا آهن جتان ٻارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪري انگ پڙهڻ لاءِ هاءِ اسڪول جو رُخ ڪندا آهن ڳوٺ حاصل چانڊيي کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي هيءُ ڳ نيڪ مرد حاصل چانڊيي ڪلهوڙن جي دور ۾ ڏرايو هو هيءُ ڳوٺ رُڪ پوليس جي حد ۾ آهي

ميڻا قاضي علي حيدر:

ڳوٺ قاضي علي حيدر ديهه جنگ تپو باغبان يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي هن کي ميڻا ڳوٺ ب سڏيو ويندو آهي هيءُ ڳوٺ رُڪ پوليس جي حد ۾ آهي ڳوٺ جي خط و ڪتابت ڪُلجي استيشن ذريعي ٿيندي ڳوٺ اڏڪل 10 ايڪڙن تي ٻڌل آهي ڳوٺ ٽيهن گهرن تي مشتمل آهي هتان جا ماڻهو اڪثر زراعت ۽ واپار وابسته آهن ڪجهه نوڪريون ب ڪندا آهن ڳوٺ ۾ پرائمري ۽ گرلس اسڪول جون عمارتون موجود آهن ڳوٺ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 50 سيڪڙو آهي ڳوٺ کي بجلي روڊ ۽ اسپتال جي سهوليت مليل آهي اڪثريت ميڻا ق جي ماڻهن جي آهي ان کانسواءِ قاضي قريشي قنبراڻي ذات جا ماڻهو ب رهائش پذير آهن ڳوٺ جو نيڪ مرد قاضي حيدر آهي هيءُ ڳوٺ ميڻا ذات جي ماڻهن ميرن جي دور ۾ آباد ڪيو هو هتي هندو ب رهندا هئا جيڪي واپاري سان وابسته هئا ورهاڱي بعد هندو يارت لڏي هليا ويا هن وقت ڪو ب هندو ڳوٺ ۾ آباد نه آهي

گهلو:

ڳوٺ گهلو ديهه پنبي تپو پات يونين ڪائونسل پات تعلقي دادو ۾ آهي هيءُ ڳوٺ درياءِ جي پرسان ڪ آهي هن ڳوٺ ۾ اصل گهر پنجٽيهه ڪن هئا لڏپلاڻ جي ڪري هن وقت صرف پندرهن گهر آباد آهن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي ان ۾ ٻارڙا تعليم حاصل ڪندا آهن ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 20 سيڪڙو ڪن ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي باقي روڊ رستي جهڙي سهوليت کان محروم آهي هن ڳوٺ جي پرسان وڏو سيتاولييج آهي گهلو ڳوٺ ۾ چانڊيا قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن جڏهن ته ناريجا ملاح ۽ گهلو قبيل ماڻهو ب رهندڙ آهن ڳوٺ جو نيڪ مرد محمد عالم گهلو هو هن وقت حسن الدين گهلو نيڪ مرد آهي گهلو دريا

هو ۽ هن بندر ذريعي ڏيساور سان واپار هلندو هو. هيءُ ڳوٺ پنج سؤ سال پراڻو آهي.

چرٹاٹ:

ڳوٺ چرٹاٹ، ديهه چرٹاٹ، تپو نورجا يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ درياءَ جي پرسان ڪچي ۾ آباد آهي. ڳوٺ چرٹاٹ جي ايراضي تي ايڪڙ ڪن ٽيندي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ فاروقي ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. جيڪي سنڌ جي صوفي بزرگ ۽ شاعر حضرت سچل سرمست جو اولاد سڏائين ٿا. سندس حسب نسب حضرت عمر فاروق سان لڳي ٿو. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ بارڙا ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. جڏهن ته روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. هيءُ ڳوٺ دادو شهر کان اٺڪل اٺ ڪلوميٹر پري آهي ۽ ڪچل ڌرتي تي ٻڌل آهي. هن ڳوٺ بابت معلوم ٿيو آهي. ته ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ٿيو هو.

آدم پنهور:

ڳوٺ آدم پنهور، ديهه چرٹاٹ تپو نورجا، سرڪل باداڻي، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. ڳوٺ آدم پنهور ڏيڍ سؤ سال اڳ نيڪ مرد آدم خان پنهور ٻڌرايو هو. هن وقت ڳوٺ جا نيڪ مرد وڏيرو حاجي محمد ايوب پنهور، حاجي محمد عيسيٰ پنهور آهن. هن ڳوٺ ۾ پڙهيل نوجوانن جو وڏو تعداد رهي ٿو. مختلف ڪاتن ۾ نوڪريون ڪري رهيا آهن. جن ۾ محمد آچر پنهور، وزير خان پنهور، رفيق احمد پنهور، رحيم بخش پنهور، سب انسپيڪٹر خدابخش پنهور، سب انجنيئر ذوالفقار علي شامل آهن. پرائمري استادن جو هن ڳوٺ ۾ وڏو تعداد رهي ٿو جن ۾ دائم پنهور، علي حيدر پنهور، علي اصغر پنهور، محمد شريف پنهور، محمد عمر پنهور، غلام محمد پنهور، خير محمد پنهور، وزير مري ۽ نظير اچي وڃن ٿا. سينيئر استاد مرحوم عطا محمد پنهور آهي.

هيءُ ڳوٺ حافظن جو سڏجي ته بيجا نه ٿيندو. چاڪاڻ ته هن ڳوٺ ۾ ڪافي حافظ سڳورا قرآن شريف حفظ ڪري چڪا آهن. انهن ۾ حافظ امام بخش پنهور، حافظ غلام حسين پنهور، حافظ محمد الهورايو پنهور، حافظ رسول بخش پنهور، حافظ دائود پنهور، حافظ نصر الله، حافظ ياسين، حافظ زاهد، حافظ غلام مصطفيٰ سولنگي، مولوي محمد حسن پنهور، مولوي محمد الياس پنهور، حافظ رجب پنهور ۽ عربي ٽيچر ڏٹي بخش پنهور شامل آهن. هن ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ دونگهه، ڳوٺ مالو صالح پنهور، بمبيا، برادي پنهور، صالح آدمائي، غازي جمالي، علي بحرواهه سولنگي وغيره اچي وڃن ٿا. هنن ڳوٺن ۾ پنهور، ڪوڪر، سولنگي، جمالي، ملاح ۽ مري ذاتيون آباد آهن. ڳوٺ آدم پنهور جي پرسان اولياء سنگهار پير جي مزار آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي. ان کان علاوه اولياء اسماعيل پير ۽ ڪنبو پير درگاهون مشهور آهن. ڳوٺ آدم پنهور جلهو پوليس جي حد ۾ آهي. وڏو ڳوٺ جهلو اٽس. جيڪو به فرلانگ پري اٽس. ڳوٺ ۾ گهر 230 آهن. ڳوٺ کي بجلي مليل آهي. روڊ رستي جي سهوليت کان اٽس.

بمبيا:

ڳوٺ بمبيا ديهه چرٹاٹ، تپو نورجا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ تقريباً سورهن ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ پنجهٹ گهر آباد آهن. ڳوٺاڻن جو ڏندو هارپو آهي. ان کان علاوه تجارت، ملازمت، ۽ زميندار پيشي سان به منسلڪ آهن. ڳوٺ بمبيا پنهور ۾ هڪ مسجد اسڪول به ڪم ڪري رهيو آهي. ڳوٺ کي صرف بجلي مهيا ڪئي وئي آهي. روڊ جهڙي سهوليت کان هيءُ ڳوٺ، محروم آهي.

ڳوٺ بمبيا جي پرسان سيد جڙيل شاهه جي مزار آهي. اُتي هر سال ٻارهو ٽيندو آهي. اڳ واعظ ٽيندو هو پر

هاڻي ڪجهه سالن کان راڳ رنگ جي محفل ٿيندي آهي. سال 1983ع ۾ ايم. آر. ڊي جي تحريڪ دوران دادو جيل توڙ قيدي پڄي ويا. انهن قيدين ۾ ڏاڙيل علي گوهر چانڊيو ۽ ستار ميربحر شامل هئا. ڏاڙيلن حملو ڪري درگاهه تي محفل موسيقي ۾ شامل ماڻهن کي يرغمال بنايو ۽ ڦرلٽ ڪئي پر جڏهن انهن کي خبر پئي ته درگاهه تي فنڪار پنهنجي فن ج مظاهرو ڪري رهيا آهن ته ڏاڙيلن ڦريل سامان واپس ڪري، پاڻ لاڏو اسپيڪر تي معافي ورتي. ڳوٺ بمبيا ڪچي واقع آهي ۽ جهلو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ سيد، پنهور ۽ سولنگي رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ، انگريزن جي آخر دور جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ ۾ سيد ڇٽل شاهه ۽ عبداللطيف پنهور نيڪ مرد آهن.

جهلو:

ڳوٺ جهلو ديهه چرٽاٽ، تپو نور جا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪچي ۾ واقع آهي. ڳوٺ جهل اٽڪل 16 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. جهلو ڳوٺ ۾ آباد 145 گهر آهن. ڳوٺ جا مڪيه ڌنڌا زمينداري، ملازمت، زراعت واپار آهي. هن ڳوٺ ۾ اڪثريت ڇڇڙا ذات وارن جي آهي. ان کان علاوه ڪوڪر، سولنگي، سومرا ۽ ملاح ذات جا به ڪج گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ صرف پرائمري اسڪول موجود آهي. هن ڳوٺ کي رستي جي سهوليت نه آهي. ان ڪري دادو شه اچڻ وڃڻ ۾ ڪين سخت تڪليف ٿئي ٿي. صرف هڪ بس ايندي آهي ۽ ان ذريعي ڳوناٽا اچ وڃ ڪندا آهن.

ڳوٺ جهلي ۾ اسپتال تياريءَ جي آخري مرحلي ۾ آهي. بلڊنگ تيار ٿيڻ کان پوءِ ڳوناٽن کي علاج معالج جو سهوليتون ملي سگهنديون. ڳوٺ ۾ صرف بجلي جي سهوليت ميسر آهي. دادو کان ڳوٺ جهلو تائين روڊ جو ڪر چا آهي. هتان سامان درياءَ جي ذريعي مختلف حصن ڏانهن ويندو هو. هيءُ ڳوٺ، ٽالپرن جي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. ه ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ مرحوم محمد حسين ڇڇڙو، محمد خان ڇڇڙو شامل آهن. ڳوٺ جهلي نامياريا ملهه پهلوان ٿي گذريا آهن. انهن ملهه پهلوانن ۾ مرحوم محمد ابراهيم ڇڇڙو ۽ محمد حسن ڇڇڙو مشهور پهلوا ٿي گذريا آهن. هن ڳوٺ ۾ مولوي نجم الدين ڇڇڙو پنهنجي وقت جو عالم ٿي گذريو آهي. سندس تحريرون مشهور آهن

مرڪپور:

ڳوٺ مرڪپور، ديهه مرڪپور، تپواي مخدوم صاحب، ميونسپل ڪاميٽي دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٿاڻ جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناٽا دادو پوسٽ آفيس ذريعي پنهنجي لکپڙهه خط و ڪتابت ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ 5 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 1500 سؤ گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ پنهور، سيد، سولنگي، سومرا، لوهر، ٻير، ڪنير، لُڏ ملاح، زنئور ۽ ڪوسا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ به الڳ الڳ اسڪول قائم ڪيا و آهن. هتان جا هاڻا ابتدائي تعليم حاصل ڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول ۾ داخلا ونڊندا آهن. ڳوٺ مرڪپور کي روڊ، بجلي، ٽيليفون جي سهوليت ميسر آهي. هيءُ ڳوٺ، انڊس هاءِ وي کان صرف هڪ فرلانگ ڏکڻ ۾ آهه هيءُ ڳوٺ، قديم آهي. ڳوٺ بابت معلوم ٿيو آهي ته هيءُ سنڌ ۾ اسلام پکڙجڻ کان اڳ آباد هو. هيءُ ڳوٺ، راجا مارک ج ٻڌايل آهي.

ڏڙو:

ڳوٺ ڏڙو ديهه مرڪپور، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، پڪي ايراضي ۾ آهه هن ڳوٺ جون حدون دادو پوليس ٿاڻي جي حد ۾ اچي وڃن ٿيون. هن ڳوٺ جي ماڻهن جي خط و ڪتابت ملڪ ج مختلف حصن سان دادو پوسٽ آفيسر ذريعي ٿيندي آهي. هيءُ ڳوٺ، 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ اٽڪل 00

سؤ گھر ٿيندا. ڳوٺ جي ماڻھن جو خاص پيشو زراعت آھي. ان کان علاوه نوڪريون ۽ ڪندا آھن ۽ ڪجھ ماڻھو واپار ڪندا آھن. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول موجود آھن. ان کان سواءِ مڊل اسڪول ۽ ڳڙيل ڏھن سالن کان قائم آھي. ڳوٺ جي پڙھيل ماڻھن جو تناسب 80 سيڪڙو آھي. ھن ڳوٺ کي بجلي فون ۽ روڊ جي سھوليت مليل آھي. روڊ جي ڪري ڊانسنون ۽ ويگنون ڳوٺن ۾ ايندیون ويندیون آھن. ان ڪري ڳوٺ جي ماڻھن کي آمدورفت جي سھوليت آھي. هيءُ ڳوٺ، دادو شھر کان 4 ڪلوميٽر پري آھي. ھن ڳوٺ ۾ شيخ هارڙ جي مزار آھي. جتي ڪنھن زماني ۾ ميلو لڳندو ھو. ھن ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات شيخ آھي. ان کان علاوه سولنگي، مھيس، سومرا ۽ ڪوري به ھن ڳوٺ ۾ رھندا آھن. شيخ ڏڙو جي اھم شخصيت حبيب الرحمان شيخ آھي. جيڪو ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو چيئرمين به رھي چڪو آھي. سندس ايامڪاري ۾ دادو ضلعي ۾ رڳي پئماني تي ترقياتي ڪم ٿيا. جنھن جي پاڻ نگراني ڪندو ھو.

چاڻو شاھ آباد:

ڳوٺ چاڻو شاھ آباد، ديھ مرڪپور ۽ ميونسپل ڪاميٽي دادوءَ ۾ آھي. هيءُ ڳوٺ، ھڪ سؤ ايڪڙن تي پکڙيل آھي. ڳوٺ ۾ آباد گھر 900 سؤ آھن. ڳوناٽن جو مکيه پيشو ملازمت زراعت ۽ واپار آھي. ڪجھ ڳوناٽا مزدوري به ڪندا آھن. ڳوٺ ۾ بوائز ۽ گرلس اسڪول الڳ الڳ آھن ۽ ھڪ هاءِ اسڪول به قائم ڪيو ويو آھي. 50 سيڪڙو ڳوناٽا پڙھيل آھن. ڳوٺ کي بجلي، روڊ، سئي گئس ۽ واٽر سپلائي جي سھوليت ميسر آھي. ھن ڳوٺ جي پرسان سيد محسن شاھ جي مزار آھي. ھر مھيني جي 14 تاريخ درگاھ تي راڳ رنگ جي محفل ٿيندي آھي. جتي راڳي پنھنجي فن جو مظاھرو ڪندا آھن. ھن درگاھ تي ملاکڙو به لڳندو آھي. جتي ملھ پھلوان، پنھنجا جوھر ڏيکاريندا آھن. ڳوٺ ۾ لُنڊ قبيلي جا ماڻھو اڪثريت ۾ رھندا آھن. ان کان علاوه ٻيا، سيد، سومرا، پٺي، سولنگي، سخيراڻي، پنھور، شيخ، دايا، چنا، کوسا، برھماڻي، دائودپوتا ۽ ٻين ذاتين جا ماڻھو رھندا آھن. ڳوٺ ۾ مرحوم جمن خان لُنڊ ۽ مرحوم محمد الياس برھماڻي نيڪ مرد ٿي گذريا آھن. ھن وقت جيوڻ خان لُنڊ پنھنجي قبيلي جو نيڪ مرد آھي. ڳوٺ جو نامور مصور ورين سومرو ڪيترائي سال فن جي خدمت ۾ پيش رھيو. سندس ٺھيل مجسما مختلف نمائشن ۾ رکيا ويندا ھئا. ڪيس ڪيترائي اوارڊ مليا. شير محمد سومرو، محمد خان سومرو ۽ محمد هارون لُنڊ بھترين استاد ٿي گذريا آھن. ھن وقت جيوڻ خان لُنڊ، ڪرم علي لُنڊ، شھمير لُنڊ، انجنيئر ٽيليفون، ڊاڪٽر غلام حسين لُنڊ دل جو ماھر اھم عھدن تي ڪم ڪري رھيا آھن. لُنڊ برادريءَ مان سڀ کان پھريان ڊاڪٽر شير محمد لُنڊ جيڪو ميڊيڪل آفيسر ۽ آر. ايم. او به رھيو آھي. جيڪو 16 ـ جنوري 1980ع تي گذاري ويو. پنھنجي بھترين سيواءِ سبب ايان تائين ھتان جي ماڻھن جي دلين تان نه وسريو آھي. ھن ڳوٺ ۾ ڪافي اديب ۽ سوشل ورڪر آھن. ڳوٺ ۾ ڪيترائي نامياراڳي پنھنجي فن جو مظاھرو ڪندا رھن ٿا. انھن ۾ منظور سخيراڻي، خادم حسين سخيراڻي، حسين بخش سخيراڻي، آصف سخيراڻي، سرور سخيراڻي، غلام شبير شاھاڻي، بخشل شاھاڻي، بالڪ سنڌي شامل آھن. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 300 سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آھي.

سون ميااڻي:

ڳوٺ سون ميااڻي، ديھ مرڪپور، تپو اي مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آھي. هيءُ ڳوٺ، پڪي ۾ آھي. ھن ڳوٺ جي ايراضي 15 ايڪڙ ٿيندي. ڳوٺ ۾ 40 گھر آباد آھن. ھن ڳوٺ ۾ ملاح برادري جا ماڻھو اڪثريت سان رھن ٿا. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آھي. ڳوٺ وارن جو مکيه ڏنڊو ھارپو آھي. ڪجھ ڳوناٽا مزدوري به ڪندا آھن. ڪجھ گھراٽا زميندارن پيشي سان به لاڳاپيل آھن. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سھوليت ميسر آھي. ڳوٺ جو نيڪ مرد

الحاج محمد هاشم اميرالبحر هو. جيڪو فوت ٿي ويو آهي. هن وقت سندس فرزند تي برادريءَ جي پڳ آهي. هن ڳوٺ بابت معلومات ٿيو آهي ته 500 سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي.

بلاول خان زنئور:

ڳوٺ بلاول خان زنئور ديهه مرڪپور، تپو دادو يونين ڪائونسل دادو ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي اٽڪل 8 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ آباد گهر 300 سؤ ٽيندا. هيءَ ڳوٺ، پوليس دادو ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا ماڻهو خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ اڪثريت زنئور قبيلي وارن جي آهي. ان کان علاوه چنا ۽ لاشاري ذات جا ماڻهو به رهندا آهن. ڳوناڻن جو مکيه ڌنڌو زميناري، هارپو ملازمت ۽ تجارت آهي. وڏي آبادي هوندي به هيءَ ڳوٺ اسڪول ۽ روڊ کان محروم آهي. هن ڳوٺ کي صرف بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت ملیل آهي. ڳوٺ جي پرسان سيد بچل شاهه جي مزار آهي. جيڪا عام زيارت گاهه آهي. ڳوٺ جون اهم شخصيتون مرحوم سرائي بلاول خان، سرائي احمد علي زنئور هيون. هن وقت نيڪ مرد رسول بخش زنئور آهي. هيءَ ڳوٺ، انگريزن جي دور جو ٻڌايل آهي ۽ سرائي بلاول خان زنئور هي ڳوٺ آباد ڪيو هو.

نبي بخش سولنگي:

ڳوٺ نبي بخش سولنگي ديهه چوئي، تپو دادو يونين ڪائونسل پيپري، تعلقي دادو ۾ آهي. ڳوٺ، ڪچي جي ايراضي ۾ آهي. ڳوٺ جي ايراضي اٽڪل 10 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 200 سؤ گهر آهن. ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڌنڌا زراعت ۽ ملازمت آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول موجود آهي. جتان بارڙا تعليم حاصل ڪري، انگريزي پڙهڻ لاءِ دادو شهر جو رخ ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي پڙهيل ماڻهن جو تناسب 25 سيڪڙو آهي. ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت ملیل آهي. هن ڳوٺ کان دادو شهر 2 ڪلوميٽر پري آهي. ڳوٺ ۾ سولنگي ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. هيءَ ڳوٺ تقريباً ڏيڍ سو سال اڳ نبي بخش سولنگي آباد ڪيو هو.

جمع خان ڇهواڻ:

ڳوٺ جمع خان ڇهواڻ ديهه چوئي، تپو دادو يونين ڪائونسل پيپري ۾ آهي. هيءَ ڳوٺ، اصل ڪچي ۾ آباد هو پر بدامني ۽ ڏاڙيلن جي حملي کان پوءِ ڳوناڻا اباڻا ڪک ڇڏي ساڻئي نالي نئون ڳوٺ آباد ڪري ويهي رهيا. هيءَ ڳوٺ، دادو شهر کان صرف هڪ ڪلوميٽر پري آهي. دادو شهر جي پرسان هئڻ ڪري بجلي ۽ اسڪول جي سهوليت ملیل اٿس. روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. هيءَ ڳوٺ اٽڪل 18 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 80 گهر آباد آهن. ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناڻا خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ماڻهو هارپو ۽ مزدوري ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ڇهواڻ قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ان کان علاوه ملاح، ماچي ۽ لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد جمع خان ڇهواڻ هو جيڪو ڪجهه سال اڳ فوت ٿي ويو آهي.

نبي بخش مگسي:

ڳوٺ نبي بخش مگسي ديهه چوئي، تپو دادو يونين ڪائونسل پيپري ۾ آهي. هيءَ ڳوٺ، ڪچي ۾ آهي. ڳوٺ اٽڪل 12 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 60 گهر آباد آهن. هيءَ ڳوٺ، جهلي ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ مگسي قبيلي جا ماڻهو آباد آهن. ڳوناڻن جو مکيه پيشو هارپو ۽ مزدوري آهي. ڳوٺ ۾ اسڪول نه آهي. ان ڪري ٻار پر واري اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندا آهن. هتان جا ڳوناڻا 30 سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ ۾ روڊ ۽ بجلي جي سهوليت موجود

ي. هن ڳوٺ کان ادو شهر صرف چار فرلانگ پري آهي. هيءُ ڳوٺ، اصل ڪچي ۾ هو. درياء جي پائڻ ڪري ڳوناڻا ي 'نئون ڳوٺ' ساڳئي نالي سان ٻڌي ويهي رهيا. هيءُ ڳوٺ، 1961ع ۾ قائم ڪيو ويو.هن ڳوٺ جا شاعر درگاهي گسي ۽ استاد محمد فضل ٿي گذريا آهن. ڳوٺ ۾ ڪيترائي پهلوان ٿي گذريا آهن. جن ۾ علي حسين مگسي 10 ميڙ بار ٿي انعام حاصل ڪندو هو. مقابلي ۾ ايوب مگسي، علي احمد مگسي به انعام يافته پهلوان ٿي گذريا آهن.

ر جا:

ڳوٺ نورجا ديهه نورجا، يونين ڪائونسل نورجا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڪچي ايراضي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پوليس ٽي امينائي ايٽ نورجا جي حد ۾ آهي. ڳوناڻا خط پٽ ادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي ڪل ايراضي ۾ ايڪڙ آهي. نورجا ڳوٺ ۾ ستر گهر ٿيندا. هن ڳوٺ جا رهواسي زميندار، هاريو ملازمت ۽ واپار جي ڏنڊي سان نسلڪ آهن. ڳوٺ ۾ ڪوريجا ذات جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ کي روڊ رستي جي سهوليت نه آهي. صرف بجلي جي هوليت موجود آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. ڳوٺ ڦِٽل ڏڻي تي ٻڌل آهي. برسات جي موسم ۾ يا وٽائيءَ جي دوران نڪر جا ٽائءَ ۽ جنڊ به مليا آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪ تاريخي مسجد شريف جا به آثار ملڻا آهن. خيال ڪيو پيو وڃي ته هيءُ ڳوٺ، عربن جي دؤر کان به اڳ جو ٻڌايل آهي. هن ڳوٺ ۾ هندو رهندا هئا. جيڪي واپاري طبقي ان واسطو رکندا هئا. انهن هندن واپارين جا دڪان هئا، ۽ سندن ٻڪيون جايون به هيون. جن جا نشان اڄ به نمايان طور سي سگهجن ٿا. هن ڳوٺ ۾ هڪ لوڪ فنڪار پريو ماڇي هو. جيڪو عارفاڻو ڪلام ڳائيندو هو. ڳوٺ جو نيڪ مراد ماڇي جيئندو خان ڪوريجو آهي.

وطالب شاهه:

ڳوٺ ابوطالب شاهه ديهه نورجا، تپو نورجا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڇهن ايڪڙن تي مشتمل هي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آهن. ڳوناڻن جو مکيه پيشو هاريو زميندار ۽ واپار آهي. ڳوٺ ۾ صرف هڪ پرائمري اسڪول وجود آهي. باقي ڪابه سهوليت نه آهي. هن وقت درياء جا آثار واهڙ جي صورت ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ۽ ڳوٺ جا رهواسي هنجي خط و ڪتابت امينائي پوسٽ ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ سيد ماڇي، حجم منگي، رهندڙ آهن. ڳوٺ سيد وطالب شاهه ٻڌايو هو جو ٽالپور دور جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد سيد ڪوڙل شاهه آهي.

لي بخش ڳهيو:

ڳوٺ علي بخش ڳهيو ديهه نورجا، تپو نورجا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، نيڪ مرد علي بخش ڳهيو جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ علي بخش ڪچي ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، امينائي پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ علي خش جي ماڻهن جي خط و ڪتابت ادو پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. ڳوٺ ويهه ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ سي گهر ۽ آدمشماري هزار ٿيندي ماڻهو جو خاص ڏنڊو هاريو آهي. ڪجهه ماڻهو تجارت ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ سڪول ڪونهي. صرف هڪ ديني مدرسو آهي. جنهن ۾ ڳوٺ جا ٻار ديني تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي ڪابه سهوليت نه آهي. ڪچو رستو ٿهيل آهي. سرڪاري ڪابه عمارت هن ڳوٺ ۾ موجود نه آهي. هن ڳوٺ ۾ ڳهيا ادري جا ماڻهو آباد آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد علي بخش ڳهيو هو.

ينائي:

ڳوٺ امينائي، ديهه امينائي، تپو نورجا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڪچي ۾ واقع آهي. امينائي

50 ايڪڙن تي ڦهليل آهي، هن ڳوٺ ۾ ٽي سؤ ست گهر آهن. هيءُ ڳوٺ، پوليس ٽاڪي امينائي ايٽ نورجا جي حد ۾ آ
ي ڳوٺ جا رهواسي پنهنجي خط و ڪتابت امينائي دوست آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوناڻن جا مکيه ڏنڊا زميندا
ملازمت، هارپو ۽ تجارت آهي. ڳوٺ ۾ رهندڙ اڪثريت واري ذات ملاح آهي. ان کان علاوه سيد، جسڪاٽي ڪُنبي،
وڪا، ميمڻ ۽ رهائش پذير آهن. ڳوٺ امينائي ۾ امير پير، جنهن کي امير پير راجل وير ۽ چوندا آهن، ان جو مقبرو آ
امير پير لاءِ روايت آهي ته هو ذات جو پنهور، وڏو پرهيزگار متقي ۽ درويش هو ان تي هر سال وڏو ميلو لڳندو آهي،
ميلو پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ وڏي ڏام ڏومر سان لڳندو هو. امينائي جي سيدن جي اٽڪل سبب هيءُ ميلو ڦٽي ويو آهي
ان علاوه سيد امير محمد شاهه جو هر سال عرس مبارڪ ملهايو ويندو آهي. جتي عالم سڳورا واعظ ۽ تقريرون ڪ
آهن، ان کان علاوه مولود شريف به پيش ڪندا آهن. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد سيد علي گوهر شاهه، سيد امير حمزو شاه
سيد بشير احمد شاهه هٿا. مرحوم سيد بشير احمد شاهه جي ڪوشش سان اسڪول، اسپتال، واٽر سپلائي فيز
پلاننگ آفيس بجلي ۽ روڊ جي سهوليت ملي سگهي آهي ۽ ڳوناڻن کي بنيادي ضرورتون پوريون ٿي مليون آهن.
ڳوٺ تي امينائي نالو ڪيئن پيو ۽ ڪڏهن آباد ٿيو ان بابت معلومات نه ملي آهي. روايت مطابق هيءُ ڳوٺ عربن جي
۾ آباد ٿيو. هيءُ شهر ديني ۽ مذهبي حيثيت سان جاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. مرحوم سيد امير محمد شاهه هڪ وڏو د
عالم ٿي گذريو آهي. سندس مدرسي مان هزارين عالم، حافظ، مولوي، ديني تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. جن مختل
مدرسن ۾ درس و تدريس جو عمل جاري ۽ ساري رکيو آهي.

ڪريمداد لُنڊ:

ڳوٺ ڪريمداد لُنڊ، ديهه ڏُبي، تپو نورجا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي ۾ واقع آهي. ڳ
ارڙهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرين ۽ چوڪرن لاءِ الڳ الڳ اسڪول ا
ڪيا ويا آهن. هن ڳوٺ ۾ لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ان کان علاوه چانڊيا، گرماٽي ۽ ڪوڪر ذات جا ماڻهو به ره
آهن. هيءُ ڳوٺ نيڪ مرد ڪريم داد خان لُنڊ، ڪلهوڙن جي دور ۾ ٻڌايو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد رئيس نبن خان لُنڊ آ
جيڪو صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر رهي چڪو آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان سيد نبن ش
جو مقبرو آهي، ۽ ان درگاهه تي هر سال ميلو لڳندو آهي. ميلي ۾ ملهه پهلوان پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪندا آ
ان کان علاوه راڳ رنگ جي محفل به ٿيندي آهي، جنهن ۾ فنڪار عارفانه ڪلام ڳائي داد حاصل ڪندا آهن. هن ڳو
ڊاڪٽر غلام الله لُنڊ ۽ سائين بخش لُنڊ سماجي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. رئيس احمد خان لُنڊ پڻ سياس
حصو وٺي رهيو آهي.

مڏ شريف:

ڳوٺ مڏ شريف، ديهه دُبي، تپواي نورجا، يونين ڪائونسل سيال ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي تي آهي ۽ دادو پوا
ٽاڪي جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ماڻهو جي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. هن ڳوٺ ۾ 53
آهن. هيءُ ڳوٺ ڏهن ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ جا ماڻهو ڪجهه سرڪاري نوڪريون ڪري رهيا آهن ۽ ه
هارپو به ڪري رهيا آهن. هڪ پرائمري اسڪول ۽ هڪ مدرسو به هن ڳوٺ ۾ موجود آهي. ڳوٺ کي آمد و رفت
سهوليت موجود آهي. هن ڳوٺ ۾ پير حبيب حضوريءَ جي مزار آهي ۽ ڪلهوڙا دور جي هڪ قديم مسجد ايان تا
صحيح سلامت بيٺل آهي. ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ عبدالرحيم جي ڪوهه مشهور آهي، هتي جنبيءَ جو ڪم بهت

نموني جو ٿيندو آهي ۽ هتان جون ڪتون ۽ هندورا سڄي ۽ سنڌ ۾ مشهور آهن.

هن ڳوٺ تي نالو مڏ ڇو پيو ان لاءِ هڪ روايت آهي ته مشهور بزرگ حضرت ميان حبيب حضوري ڪلهوڙا دور ۾ ڪاڻين جا ذخيرا گڏ ڪندو هو ان ڪري 'مڏ' نالو پيو. هن ڳوٺ ۾ اڪثر پنهور رهندا آهن. ان کان علاوه پيرزادا، ڪُنبر، منگي به رهن ٿا. هن ڳوٺ ۾ محمد عرس ڪُنبر، ميان محمد پيرزادو ۽ ممتاز پنهور نامياراا استاد پيدا ٿيا آهن.

سرائي محمد اسماعيل ٻهر:

ڳوٺ سرائي محمد اسماعيل ٻهر، جنهن جو اصل نالو ڳوٺ حاجي گل آهي. ديهه خاصا چانڊيا، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ طبعي لحاظ کان پڪي ۾ آهي. ڳوٺ اٽڪل ويهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 30 گهر آهن. ڳوٺاڻن جو مکيه ڌندو هارپو آهي. ڪجهه زميندار ۽ ڪجهه ملازمت پيشه سان به وابسته آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. جتان هارڙا پرائمري تعليم حاصل ڪن ٿا. هن ڳوٺ جا ماڻهو پنجاهه سيڪڙو تعليم يافته آهن. ڳوٺ جي اولهه ۾ پير عيسيٰ شاهه جي مزار آهي. جيڪا عام زيارتگاهه آهي. ڳوٺ کي روڊ جي سهوليت ميسر نه آهي. ڳوٺ کان اولهه ۾ به ڪلوميٽرن جي پنڌ تي انڊس هاءِ وي آهي. 6 ـ نومبر 1985ع ۾ هن ڳوٺ تي ڏاڙيلن حملو ڪيو جنهن ۾ ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي محمد اسماعيل ٻهر شهيد ٿي ويو. هن ڳوٺ ۾ ٻهر ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هيءُ ڳوٺ سرائي حاجي گل ٻهر ٽالپورن جي دور ۾ آباد ڪرايو. مرحوم سرائي محمد خان ٻهر ۽ سرائي محمد اسماعيل ٻهر هن ڳوٺ جا نيڪ مرد هئا. سرائي محمد اسماعيل جي شهيد ٿي وڃڻ کان پوءِ هيءُ ڳوٺ سرائي محمد اسماعيل ٻهر جي نالي سان سڏجي ٿو. هن وقت غلام قادر ٻهر، ۽ علي حيدر ٻهر، نيڪ مرد ۽ سوشل ورڪر آهن ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندا اچن ٿا.

محمد علي بڙدي:

ڳوٺ محمد علي بڙدي ديهه خاصا چانڊيا تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پڪي ايراضي ۾ آهي. هن ڳوٺ جي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس جي ذريعي ٿيندي آهي ۽ هيءُ ڳوٺ دادو پوليس جي حد ۾ آهي. ڳوٺ اٽڪل ڏهن ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 45 گهر آهن. ڳوٺ محمد علي بڙدي جي رهواسين جا مکيه ڌندا، زراعت ۽ ملازمت آهي. ازانسواءِ ڪجهه واپار سان به وابسته آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز اسڪول به موجود آهي. هتان جي پڙهيل ماڻهن جو تناسب 60 سيڪڙو آهي. هيءُ ڳوٺ، انڊس هاءِ وي جي اوپر ۾ بلڪل هڪ فرلانگ تي واقع آهي. ڳوٺاڻن جي آمد و رفت بسن، ڀاتسنن ۽ ويگنن ذريعي ٿيندي آهي. ڳوٺ جي رهواسين کي بجليءَ جي سهوليت موجود آهي. ڳوٺ محمد علي بڙديءَ کان ٽي ڪلوميٽر پري دادو شهر واقع آهي. ان ڪري ڳوٺاڻا دادو شهر مان خريد و فروخت ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ جتوئي ۽ بڙدي ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هيءُ ڳوٺ بڙدي ذات جي ماڻهن انگريزن جي دور ۾ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ جو نوجوان نياز علي جتوئي آهي. جيڪو تعليم کاتي ۾ اهم عهدي تي فائز آهي.

محب علي چانڊيو:

ڳوٺ محب علي چانڊيو ديهه خاصا چانڊيا تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ موندر پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجي لکپڙهه دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ 15 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ تقريباً سوا سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ چانڊيا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن ۽ ڪجهه گهر ڪُنبرن جا به آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. هن ڳوٺ جي پرسان سيد ابراهيم شاهه

بخاري ۾ عرس فقير چانديي جون مزارون عام زيارتگاهه آهن. هتي اڳ ميلو لڳندو هو جيڪو ڪجهه سال اڳ بند ڪيو ويو آهي. محب علي چانديي انگريزن جي اوائلي دور ۾ هيءُ ڳوٺ ٻڌايو.

هن ڳوٺ ۾ ميرل ڪُنبر ۾ نورل ڪُنبر پنهنجي وقت جا ڀڳتي ڀائٽا ٿي گذريا آهن. اڪثر ڪري هندن جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪندا هئا. ميرل ۾ نورل فقير روپ ۾ پسند جي ڀالهه ڪٽندا هئا، جنهن کي هندو توڙي مسلمان بيحد پسند ڪندا هئا.

هيتم جتوئي:

ڳوٺ هيتم جتوئي ديهه خاصا چانديا، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل مونڊر ۾ آهي. ڳوٺ، پڪي ۾ واقع آهي. ڳوٺ دادو پوليس جي حد ۾ آهي ۽ ڳوناٽا پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ اٽڪل ٻه سؤ گهر آباد آهن. هن ڳوٺ جا ماڻهو زراعت سان وابسته آهن. ازانسواءِ ملازمت ۽ واپاري پيشي سان به وابسته آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ علحده اسڪول قائم آهن. هيتم جتوئي ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 80 سيڪڙو ٿيندو. هيءُ ڳوٺ، انبس هاءِ وي سان لڳ آهي. انڪري ماڻهو بسن، ڀانسن ۽ ويگنن ذريعي شهر تائين پهچندا آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ فون جي به سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان دادو شهر ٽن ڪلوميٽر جي پنڌ تي آهي. هيتم جتوئي ڳوٺ ۾ جتوئي ۽ پنهور ذات جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ جو نيڪ مرد حاجي رمضان جتوئي ٿي گذريو آهي. جيڪو يونين ڪائونسل مونڊر جو چيئرمن به رهيو آهي. هن وقت ڳوٺ جو معزز حاجي علي اڪبر جتوئي آهي. ڳوٺ هيتم خان جتوئي انگريزن جي دور ۾ ٻڌايو هو.

الهرڪيو سُهاڳ:

ڳوٺ الهه رکيو سُهاڳ، ديهه خاصا چانديا، تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل مونڊر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ الهرڪيو سُهاڳ ٻڌرايو هو. ڳوٺ پڪي ايراضي ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ماڻهن جي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. ڳوٺ دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ پنجن ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 40 گهر ٿيندا. هن ڳوٺ ۾ اڪثريت سُهاڳ ذات وارن جي آهي. ڪجهه گهر سومرن جا به رهن ٿا. ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڌنڌا زراعت ۽ واپار آهن ۽ ڪجهه ماڻهو سرڪاري نوڪريون به ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. هن ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ کي روڊ رستي جي سهوليت نه آهي. ماڻهو آمد و رفت سائيڪلن ۽ اسڪوٽرن ذريعي ڪندا آهن. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم رئيس بخشل خان سُهاڳ هو. هن وقت رئيس علي احمد سُهاڳ آهي. هن ڳوٺ ۾ نِم جو هڪ قديم وڻ آهي. جنهن جي گولائي چوڌاري فوٽ ٿيندي. ڳوٺ وارن جو چوڻ آهي ته ڪيترائي مريض جن ۾ اڌ مٽي جو سور ٻيڙُ ۽ ٽِيڙُ جا مريض انهيءَ نِم جو چوڌو ٻڌندا آهن. ته شفا پائيندا آهن.

شير محمد سولنگي:

ڳوٺ شير محمد سولنگي ديهه چانديا تپو مخدوم صاحب، يونين ڪائونسل مونڊر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، شير محمد سولنگيءَ جو ٻڌايل آهي. سولنگي صدين کان هن علاقي ۾ رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جي پرسان ماڻڪتاريءَ جو ڏڙو سولنگي قبيلي جو تخت گاهه هو. شاهه بيگ ارغون سان هن قبيلي مهاڏو اٽڪايو. باغبان ۾ شاهه بيگ ارغون فوج ڪشي ڪري سولنگي قبيلي جي ڳوٺن کي باهه ڏئي اجاڙي ڇڏيو. روايت آهي ته اها باهه ڪيترائي ڏينهن ڳوٺن کي جلائيندي رهي. سولنگي قبيلي جي نوجوانن، ٻڌڙن، ٻارڙن ۽ عورتن جو قتل عام ڪرايو. ڳوٺ ۾ هڪ سماجي تنظيم

ولنگي يوٿ ونگ ڪري رهي آهي. هن ڳوٺ ۾ پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو گروپ)، جئي سنڌ قومي محاذ جا ڪارڪن سياسي ۽ سماجي خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. انهن ڪارڪنن ۾ ممتاز علي سولنگي، غلام شبير ولنگي، قربان علي سولنگي، محمد عرس سولنگي ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد، وڪيل، تپيدار ۽ پوليس تي ۾ وڏي تعداد ۾ ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن. انهن ۾ حسين بخش سولنگي وڪيل (صوبائي صلاحڪار) خادم سين سولنگي وڪيل، سوداگر علي سولنگي جج شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول ۽ مڊل ڪول قائم ڪيا ويا آهن. نامياڻن استادن ۾ محمد اسماعيل سولنگي، رجب الدين سولنگي، عبدالغفور سولنگي، حمد عارف سولنگي، علي حيدر سولنگي ۽ ٻيا شامل آهن. هن ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ غلام حيدر لغاري واقع آهي. هن ٽ ۾ پڻ پرائمري بوائز اسڪول آهي. هن ڳوٺ مان خان محمد لغاري، حمزو خان لغاري سڻا استاد ٿي گذريا آهن. ڳوٺ ير محمد سولنگيءَ ۾ سائين غوث محمد شاهه جي مزار آهي. هن درگاهه تي هر سال 12 ذوالحج کان 3 ڏينهن ميلو ندو آهي. ڳوٺ جي پرسان مراد شاهه جي مزار آهي. ڳوٺ 25 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 300 سؤ گهر آهن. هن ٽ ۾ سولنگي، سيد مڱٿار منگي، ڊڪ ۽ لغاري قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ ۾ علي نواز عرف نيازڙ سولنگي برادري ن علاوه ٻين راجن جا به فيصلا ڪندو آهي.

اصا چانڊيا:

خاصا چانڊيا، ديهه خاصا چانڊيا، ڪائونسل مونڊر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو ٽاڪي جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ جي اضي 20 ايڪڙ ڪن ٽيندي، ڳوٺ ۾ 130 گهر آهن. ڳوٺ روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. ڳوٺ جا ماڻهو بسن ۽ نسنن ذريعي سواري ڪندا آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت آهي. پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول هن ڳوٺ ۾ موجود ن. ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تعداد 10 سيڪڙو آهي. ڳوٺ جي پرسان سيد چراغ علي شاهه بخاريءَ جي مزار آهي. ني حاجتمند دعائون گهرندا آهن. خاصا چانڊيا ۾ ڳوٺ ۾ چانڊيا ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهائش پذير آهن. ان کان لاوه سيد ۽ ڪابورا به رهندا آهن.

خاصا چانڊيا، ڳوٺ، مغلن جي دؤر جو پڌايل معلوم ٿئي ٿو. بلند خان چانڊيو، هيءُ ڳوٺ ٻڌايو هو. جيڪو وچستان مان لڏي هتي ڳوٺ ٻڌو. خاصا خان چانڊيو مالدار ماڻهو هو ۽ مال چارڻ جي سانگي هت ڳوٺ ٻڌي ويهي رهيو. يڪو ڳوٺ اڄ تائين قائم آهي.

ڳوٺ ۾ فقير نوحه چانڊيو، غازي خان چانڊيو، ٻدل خان چانڊيو، عثمان چانڊيو، غلام محمد چانڊيو ۽ رشيد خان انڊيو ملهه پهلوان ٿي گذريا آهن. هن ٽي ڳوٺ ۾ ريڪتاري ۽ چپڙي ٽي صوفي راڳ ڳائيندڙ ٻدل چانڊيو ۽ غلام حسين انڊيو، غلام علي چانڊيو عارفاڻو ڪلام ڳائي محفل کي گرمائي ڇڏيندا هئا.

ٽاڪي چانڊيو:

ڳوٺ ڏاتاڪي چانڊيو ديهه پات، تپو پات، يونين ڪائونسل پات ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 5 ايڪڙن تي مشتمل ندو. ڳوٺ ۾ ايائي سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ کي بجلي مليل آهي. جڏهن ته هن ڳوٺ کان 2 فرلانگ پري پڪو روڊ آهي. ني ڳوٺ تائين روڊ ڪچو آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هاڻڙا پرائمري تعليم اصل ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ چانڊيا، پٽي ۽ لانگاهه قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. اڪثريت چانڊيا قبيلي جي آهي. هيءُ ڳوٺ، وڪٽنال جي اولهه ۾ پڪي واري ايراضي ۾ واقع آهي. ڳوٺ رڪ پوليس جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناٽا پنهنجي خط

وکتابت پاڻ پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ ڏاتاڻي قبيلي جي ماڻهن ڪلهوڙن جي دور ۾ ٻڌو هو.

بهرام خان چانڊيو:

ڳوٺ بهرام خان چانڊيو ديهه پاڻ، تپو پاڻ، يونين ڪائونسل پاڻ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 10 ايڪڙ مشتمل ٽيندو. هن ڳوٺ ۾ 200 سؤ گهر آهن. هن ڳوٺ کي پرائمري اسڪول ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. روڊ ر جي سهوليت کان محروم آهي. پڪو روڊ ڏيڍ فرلانگ ڳوٺ کان پري آهي. هتان جا رهواسي سائيڪلن، موٽر سائيڪ ۽ گڏهه گاڏن ذريعي اڇ وڇ ڪندا آهن. هتان کان 8 ڪلوميٽر پري پيارو ڳوٺ اسٽيشن آهي. جتان ماڻهو ريل ر مسافري ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪڙو پرائمري اسڪول آهي. جنهن ۾ چوڪريون ۽ چوڪرا گڏ تعليم حاصل ڪ آهن. هن ڳوٺ جا ماڻهو زمينداري، ملازمت ۽ هاربي سان وابسته آهن. هيءُ ڳوٺ، بهرام خان چانڊيي انگريزن جي د ٻڌايو هو.

مني واهڻ:

ڳوٺ مِني واهڻ، ديهه پاڻ، تپو پاڻ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 10 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 300 آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ 2 پرائمري اسڪول قائم آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. روڊ جي سهوليت محروم آهي. ماڻهو بسن، رڪشائن ۽ موٽر سائيڪلن ذريعي سفر ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي ماڻهن جو خاص پيشو آهي، ڪجهه ڳوناڻا زميندارياڻ سان به وابسته آهن. ڳوٺ ۾ چانڊيا، سومرا ۽ ڪنير قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. هن ڳوٺ مِني واهڻ نالو ڪيئن پيو. ان بابت صحيح طور معلومات نه ملي سگهي آهي. تاهم هڪ روايت آهي. ته مِني نالي ه سخي ۽ پرهيزگار عورت هئي. سندس سخا پري پري تائين پکڙيل هئي. ڪوبه سوالي وٽس ايندو هو ته هٿين خالي و نه ورندو هو. ان ڪري سندس نالو ڏيهان ڏيهه مشهور ٿي ويو جيڪو نالو اڄ تائين قائم ۽ دائم آهي.

مشتاق جماليي:

ڳوٺ مشتاق جماليي ديهه ڪور پور، يونين ڪائونسل ميان يار محمد ڪلهوڙي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، تقريبا ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 200 سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ پرائمري اسڪول جي سهوليت مليل آ جڏهن ته روڊ رستي ۽ فون جي سهوليت کان محروم آهي. ڳوٺ ۾ جماليي قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. ڪجهه گهر لغارين آهن. هيءُ ڳوٺ، مشتاق جماليي ڏيڍ سؤ سال اڳ ٻڌايو هو. ڳوٺ جي ماڻهن جو مکيه پيشو هاريو آهي. ڪجهه زمينا پيشي سان به وابسته آهن. ڪجهه نوجوان سرڪاري نوڪرين ۾ به ڪم ڪري رهيا آهن. انهن ۾ ڊاڪٽر حبيب جماليي سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهيو آهي. هن ڳوٺ جي پرسان شاهه شڪر گنج جي مزار آهي. پهرين ماهه سومر تي ملاکڙو لڳندو آهي ۽ ملاکڙي ۾ ملهه پهلوان پنهنجي طاقت ۽ فن جو مظاهرو ڪندا آهن.

آندل چانڊيو:

ڳوٺ آندل چانڊيو ديهه ڏورو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 20 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 80 گهر آباد آ ڳوٺ آندل خان چانڊيي ٻڌايو هو. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳو چانڊيا قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهن ٿا.

سيتا ڳوٺ:

سيتا ڳوٺ، ديهه پکو سيتا، تپو پاڻ ۾ آهي. سيتا ڳوٺ سنڊو درياء جي ساڄي ڪپ تي دادو تعلقي جي يو

ڪائونسل پاڻ جي حد ۾ آباد آهي. هيءُ ڳوٺ، ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. ٻنهي حصن ۾ ٻن ٽن بلاڪن جي وچوٽي آهي. ن ڪري مقامي ماڻهو سيتا وڏي ۽ سيتا نندي جي نالي سان سڏين ٿا. ماضي بعيد ۾ هيءُ هڪ ئي ڳوٺ هو. انگريزن جي ور ۾ سرڪاري رڪارڊ ۾ هڪ ئي ڳوٺ سيتاولیج جي نالي سان هلندو پيو اچي.

هن ڳوٺ تي سيتا نالو ڪيئن پيو ان لاءِ عام طور تي لوڪ روايت آهي ته هڪ راجائي ڪنيا، جنهن جو نالو ديوڪي' هو، 'ساكرو' هڪ برهمڻ نوجوان، سان چوري ڇپي پريم رچايو هو. اهو پريم اڳتي هلي پڌرو ٿي پيو. راجا جنهن جو نالو ڏرمپال هو ان لاءِ وڏو مسئلو ٿي پيو. راجا پنهنجي ڌيءُ ديوڪي ۽ ان جي پريمي ساكرو ڪي مارائڻ جو فيصلو ڪيو. پر هڪ ودوان مها منتري وڏي وزير، ڪيس صلاح ڏني ته جيو هتيا مها پاپ آهي. پريم ڪرڻ کو پاپ ناهي، ان ڪري، ٻنهي جي شادي ڪرائي ڇڏيو.

راجا ڪيئي ڏينهن سوچيندو رهيو ۽ آخر ۾ اهو فيصلو ڪيو ته آءُ ٻنهي جي شادي ڪرائيندس پر ان کان اڳ ديوڪي، باهه (اگني) مان پار ٿي پنهنجو ست ثابت ڪري ڏيکاري ته هو پوٽر آهي. جڏهن مون تان اهو ڪلنڪ لهندو ته نهي جي شادي ڪرائيندس. نيٺ هڪ ڏينهن مقرر ڪيو ويو، هر عام خاص کي ڪوٽ ڏني وئي. راجا ئي دربار لڳي، يوڪي اگني پار ڪري پنهنجو ست ثابت ڪري ڏيکاريو. ان کان پوءِ ان جي شادي ڪئي وئي. ان ڏينهن کان پوءِ يوڪي سيتا (ست واري) سڏجڻ لڳي. صدين گذرڻ کان پوءِ اها بادشاهي سڪڙجي سوڙهي ٿي ڳوٺ تائين محدود ٿي ئي ۽ ان ڳوٺ جو نالو 'سيتا' جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو.

ڪي ماڻهو چون ٿا، ته سيتا ۽ ناري ٻه پينرون هيون. جيڪي تمام ودوان سونهن سوڀيا، سخا ۽ دیا ۾ مشهور هيون. انهن پنهنجن نالن سان ڳوٺ ٻڌرايا، اهي ٻئي ڳوٺ، سنڌو درياء جي ساڃي ڪپ تي آهن. ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي ته سري رام چندر ۽ سيتا جي ڏرمي ۽ رومانوي قصي مان سيتا جي بهترين ڪردار سبب سيتا کان متاثر ٿي ڪيئي صديون اڳ ان ڳوٺ تي نالو 'سيتا' رکيو ويو.

انهن مٿين روايتن کي نظر ۾ رکندي، هن ڳوٺ جي قدامت ۽ شاندار ماضي کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. هن ڳوٺ راجائي دور ڏٺا، درياء جا لاها چاڑها ڏٺا، ڪيئي پيرا آبادیون ۽ بربادیون ٻ ڏٺيون. مغلن ۽ مدد خان جون تباهيون ۽ ربادیون ٻ ڏٺيون. شاهه حسن جي دور ۾ لشڪري چانوٽي ۽ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور ۾ شڪار گاهه طور استعمال ٿيو. نگريزن هتي منزل گاهه ٺهرائي، پراڻي دور ۾ سماجي ۽ ڏرمي حوالي سان هيءُ ڳوٺ، اڄ جي ڪنهن ضلعي هيڊ ڪوارٽر کان گهٽ ڪونه هو. هندن جا ڪوڙ سارا مندر ۽ ودیالا هوندا هئا. هندن جي دور ۾ مهراج ڪرشن آنند، پنڊت ڦتن داس، ائو لڇمڻ داس، مکي طوطل داس ۽ ايسرمل، بهترين استاد آچاريه جو تومل جنهن جي هن ڳوٺ جا سيد ٻه عزت ڪندا هئا. تعليمي ميدان ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو ۽ پويان ڪيئي عظيم استاد پيدا ڪيا. هن ڳوٺ جو شاعر ليلا رام شاعر سيتائي جنهن جو تخلص ٻه شاعر هو. پنهنجي دور جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي ۽ سنڌ سطح تي جيڪي ادبي ڪانفرنسون ۽ مشاعرا ٿيندا هئا، ان ۾ شريڪ ٿيندو هو. مصور بولچند، گويه تارا چند ۽ ڳائڻو هولا رام ٻه مشهور هئا. هن ڳوٺ ۾ مذهبي تعليم ڏيڻ ۽ اسلامي معاشرو قائم ڪرڻ ۾ آخوند محمد صالح پٽي سيتائي ۽ مولانا محمد صديق سيتائي جهڙا بزرگ عالم ۽ فقيهه پيدا ٿيا.

آخوند محمد صالح پٽي جو هٿ اکر سان قرآن پاڪ جو قلمي نسخو هڪ يادگار آهي. جيڪو هن جي ونئن سنڌالاجي ۾ رکرايو آهي. هن جا ڪيئي طالب علم سنڌ ۾ موجود آهن. جن ۾ مولوي الهرکيو معرفاڻي وڏو جيد

عالم ٿيو. اهڙي طرح مولوي محمد صديق سيتائي جيڪو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ۽ علام دائوديپوٽي جو ابتا استاد رهيو. سيتا وليج جا زميندار ۽ سماجي شخصيتون جهڙوڪ: حاجي اشرف شاهه سيد فتح محمد شاهه سيد مراد شاهه سيد محمد حسن شاهه سيد محمد راضي شاهه هئا. هن وقت سيد نور محمد شاهه سيد محمد شاهه اڳوٽو پي. اي مشهور آهن جيڪي سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺندا اچن ٿا.

هن ڳوٺ جو علمي ۽ ادبي قافلو وڏو آهي. جن ۾ جمع خان غريب، محمد رمضان ثاقب جو پڻ هن ڳوٺ واسطو رهيو آهي. حاجن شاهه هم وطن سيتائي جيڪو شيعه مسلڪ رکندو هو. سنو شاعر ۽ ڊرامه نويس ٿي گذريو مولوي عبدالغفور سيتائي پڻ ماضي جو اديب ۽ صحافي هو. موجود وقت ۾ نامور شاعر بشير سيتائي هن ڳوٺ سان وا آهي. هتان جي ڪن عالمن ۽ ادبي شخصيتن جو تفصيلي ذڪر هن ڪتاب ۾ جداگانه پڻ ڏنل آهي.

سيتاوليج ۾ سيد راضي شاهه پنهنجي وقت جو مشهور معروف زميندار ٿي گذريو آهي. جنهن وٽ اڳوٽو ايوب خان شڪار ڪرڻ لاءِ خصوصي دعوت تي سيتا آيو. هن ڳوٺ ۾ بزم غريب، بزم هم وطن، سنڌي ادبي ثقا سنگت، پٽائي ويلفيئر ايسوسيئيشن ۽ ڳوٺ سڌار سنگت ذريعي سماجي سرگرميون جاري آهن. سيتاوليج ۾ سومرا، ميمڻ، پٽي، سولنگي، چنا ۽ خاصخيلي ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن.

ڪاٺ ڪولاچي:

ڳوٺ ڪاٺ ڪولاچي ديهه پڪو سيتا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ 80 گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ اڪثر ڪو ذات جا ماڻهو رهن ٿا. ان کان علاوه چنا ۽ ڪلهوڙا به رهن ٿا. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ڪولاچي ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جتي هاڙا پنجين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪندا هيءُ ڳوٺ قديم آهي ۽ ڪولاچي ذات وارن ٻڌايو هو ڳوٺ جي ماڻهن جا مکيه ڌنڌا، زميندار، هاريءَ مزدوري ۽ آهي.

نندي سيتا:

سيتا نندي، ديهه پڪو سيتا، تپو پات، يونين ڪائونسل پات ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، راڄو ديرو پوليس ٿاڻي جي ۾ آهي. ڳوٺ جي ايراضي 1 ڪلوميٽر ٽيندي، ڳوٺ ۾ 600 گهر آباد آهن. هتان جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو ڪيتي وا نوڪريون ڪرڻ آهي. هن ڳوٺ ۾ پرائمري ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. ان کان علاوه هن ڳوٺ ۾ فيلڊ اسسٽنٽ آفي آهي. سيتا نندي ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 50 سيڪڙو آهي. بجلي جي سهوليت به اٿس. ازانسواءِ روڊ رستي سهوليت پڻ آهي. هن روڊ تان بسون، ڊانسنون، ٽانگا ايندا ويندا آهن. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ما محمد سولنگي، محمد پنهل ملاح ۽ محمد ڇٽل سولنگي شامل آهن.

سيتا نندي ۾ ڪجهه شخصيتون ادبي دنيا سان وابسته آهن. انهن ۾ سيد دوست محمد شاهه درويش سي محمد پنهل ملاح، سيد علي محمد شاهه، سهراب سولنگي ۽ ٻيا اديب ۽ شاعر حضرات اچي وڃن ٿا. هن ڳوٺ ۾ دارا ۽ جاڙا پير جون مزارون آهن. ڳوٺ جي پرسان لاکا ڏنڊ ۽ ڪري ڏنڊ مشهور آهن. ڳوٺ جي ويجهو پٽيهڙو ۽ ڪل ۽ ڊورا موجود آهن. سيتا نندي جي پرسان مسوجي ميائي جعفر چانڊيو، ڳوٺ جان محمد ڪوڪر، ڳوٺ اميدو چانڊيو، ڪولاچي، راڄو ديرو ۽ ڳوٺ اچي وڃن ٿا. هن ڳوٺ ۾ سماجي تنظيمون به ڪم ڪري رهيون آهن. جن ۾ پٽائي ويل ايسوسيئيشن، شاهه لطيف ادبي تنظيمون شامل آهن. ڳوٺ ۾ پٽاڻ سولنگي، لونگ خان ملاح سڀا ملهه ٿي گذريا

سيتا نندي ۾ لوڪ ڳائڪا محمد روشن سولنگي ۽ ممتاز علي ملاح ٿي گذريا آهن.

هن ڳوٺ کي وڌيڪ شرف مولوي محمد صديق سيتائي جي ڪري حاصل آهي. جيڪو ماضي جي هڪ تاريخي شخصيت هو.

مسوجي ميائٽي:

ڳوٺ مسوجي ميائٽي ديهه پکو سيتا، تپو پاٽ، تعلقي دادو ۾ آهي. ڳوٺ 60 گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ کي اسڪول ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. جڏهن ته روڊ رستي کان مرحوم آهي. هن ڳوٺ ۾ ملاح ۽ ماڇي قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. هيءُ ڳوٺ، سعيد پور پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. هتان جا رهواسي سائيڪلن، موٽر سائيڪلن ۽ پيادل وڃن شهرن ڏانهن سفر ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، انگريزن جي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو.

تاجپور:

ڳوٺ تاجپور، ديهه سونهيون، تپو بکراڻي ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ 200 سؤ گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول ڪم ڪري رهيو آهي. ڳوٺ ۾ بي.ايڇ.پي ڪمپني طرفان هڪ اسپتال به قائم ڪئي وئي آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ 50 سال اڳ قاضي تاج محمد ٻڌايو هو. هن وقت نيڪ مرد خير محمد پنهور آهي.

عارف سمو:

ڳوٺ عارف سمو، ديهه جبيرجي ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ 35 گهر آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول موجود آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان جلال شاهه جي مزار آهي. جنهن تي ماڻهو پڙ وجهي باسون باسيندا آهن. هيءُ ڳوٺ عارف سمو ٻڌايو هو هن ڳوٺ جا نيڪ مرد ماستر محمد صفر سمو ۽ محمد صالح سمو ۽ واحد بخش سمو به آهن. هن ڳوٺ جا ڪيترائي نوجوان هوائي فوج ۾ ملڪ قوم جي خدمت ڪري رهيا آهن. جن ۾ شرف الدين سولنگي ۽ عبدالغفار سولنگي هوائي فوج ۾ ڊيوٽيون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هن ڳوٺ جو هڪ جوان الهه جڙيو سولنگي پاڪ آرمي ۾ پرتي ٿيو ملڪ کان باهر پاڪ فوج جي دستي ۾ شامل ٿي سرالين ويو ۽ اتي امن امان قائم ڪرڻ ۾ عسڪري خدمتون سرانجام ڏنائين. هن وقت آرمي مان رٽائر ڪري چڪو آهي.

صاحب خان لهبر:

ڳوٺ صاحب خان لهبر، ديهه ٽڪا، تپو اي رپ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 5 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ 70 گهر آهن. هن ڳوٺ ۾ صرف لهبر قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ميسر آهي، روڊ رستي جي سهوليت کان محروم آهي. هيءُ ڳوٺ، صاحب خان لهبر 70 سال اڳ ٻڌرايو هو. هن ڳوٺ جي پرسان سيد قائم شاهه جي مزار آهي. جيڪا عام زيارت گاهه آهي. هن ڳوٺ ۾ سگهڙ الهورايو ۽ سگهڙ مظهر حسين لوڪ ادب ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن. لوڪ ڪچهرين کان علاوه ريڊيو ۽ ٽي. وي تي به پروگرام پيش ڪندا رهن ٿا.

جکراجا پنهور:

ڳوٺ جکراجا پنهور، ديهه ڏيپ، تپو نور جا ۾ آهي. ڳوٺ اٽڪل 40 گهرن تي مشتمل ٽيندو ڳوٺ اٽڪل 5 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ جي ماڻهن جو مکيه پيشو هاريو آهي. ڪجهه آبادي

ملازمت ۽ زمينداري پيشي سان ٻه منسلڪ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو شهر جي ڏکڻ ۾ اٽڪل 10 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي. دادو کان 8 ڪلوميٽر پڪو روڊ آهي. باقي 2 ڪلوميٽر ڪچو رستو آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد وڏيرو محمد اسماعيل پنهور آهي. ڳوٺ جي پرسان سيد ابراهيم شاهه جي مزار آهي. هيءُ قديم ڳوٺ آهي. روايت آهي. ته هيءُ ڳوٺ جڪڙ ذات جي ماڻهن ٻڌايو هو جيڪي جنڊ ناهيندا هئا. انهن جي نالي پٽيان 'جڪراجا' نالو پئجي ويو.

جڪڙ ذات جا ماڻهو جنڊ ٻه آهوڙيندا هئا. جن کي جنڊاهڙا يعني جنڊ آهوڙيندڙ چوندا هئا.

برماٽي:

ڳوٺ برماٽي، ديهه خدا آباد، تپو خدا آباد، يونين ڪائونسل خدا آباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. برماٽي ڳوٺ اٽڪل 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 500 سؤ گهر آباد آهن. هن ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ پرائمري اسڪول آهن. ان کان علاوه گرلس مڊل اسڪول ٻه قائم ڪيو ويو آهي. برماٽي ڳوٺ ۾ برماٽي، ٻهر ۽ شاهاٽي ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ کي روڊ، بجلي ۽ ٽيليفون جي سهوليت مليل آهي. هيءُ قديم ڳوٺ، اٽڪل 300 سؤ سال اڳ جو ٻڌل آهي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد علي مراد برماٽي هو جيڪو گذاري ويو آهي. هن وقت نيڪ مرد محمد پريل برماٽي آهي. هن وقت غلام حيدر برماٽي علمي سرگرميون جاري رکندو پيو اچي. ڳوٺ ۾ ڪيترائي سماجي ڪارڪن سماجي خدمتون سرانجام ڏيندا پيا اچن. انهن ۾ صحافي محمد بخش برماٽي، سب رجسٽرار عبدالعزيز برماٽي، امجد برماٽي ۽ سڪندر علي برماٽي شامل آهي.

نونر:

ڳوٺ نونر، ديهه ٻني، تپو باداٽي، يونين ڪائونسل مرادآباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، تمام قديم آهي ۽ ڏڻي تي ٻڌل آهي. ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ هارڙا پنهنجي ابتدائي تعليم مڪمل ڪندا آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ هڪ ڪچو رستو موجود آهي. ۽ ان کري ڪچي رستي تان ماڻهو شهرن ڏانهن ويندا آهن پڪو روڊ وغيره نه آهي. ڳوٺ ۾ اڪثر لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڪجهه گهر چنا قبيلي جي ماڻهن جا ٻه رهن ٿا. ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي علي محمد لُنڊ هو. هن وقت سرائي راوت خان نيڪ مرد آهي. ۽ ڳوٺ وارن جي طرفان ڪيس نيڪ مرديءَ جي پگهه ٻڌائي وئي آهي. هن ڳوٺ ۾ مريد لُنڊ ملهه پهلوان ٽي گذريو آهي.

حاجي حسين لُنڊ:

ڳوٺ حاجي حسين لُنڊ، ديهه ٻني، تپو باداٽي، يونين ڪائونسل ڪا ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، حاجي حسين لُنڊ ٻڌايو هو. ڳوٺ پڪي ايراضي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس جي حد ۾ واقع آهي ۽ ڳوٺ جي ماڻهن جي خط و ڪتابت ڪا پوسٽ آفيس ذريعي ٽيندي آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 10 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ 110 گهر آباد آهن. ڳوٺ ۾ لُنڊ قبيلو جا ماڻهو آباد آهن. ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ پرائمري اسڪول قائم آهن. ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت آهي. ڳوٺ کان 2 ڪلوميٽر مفاصلي تي روڊ آهي. ڳوٺ جي پرسان ڪا شهر آهي. ڪن جي پرسان يا محمد ڪلهوڙي جو مقبرو آهي. جتي هر سال 9 ذوالحج تي زبردست ميلو لڳندو آهي.

ميوو لُنڊ:

ڳوٺ ميوو لُنڊ، ديهه ٻني، تپو باداٽي، يونين ڪائونسل مرادآباد ۾ آهي. هيءُ تمام قديم ڳوٺ آهي. جيڪ

ڪلهوڙن جي دور جو ٻڌايل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي جيڪو نئين عمارت ۾ هلي رهيو آهي. ڳوٺ اٽڪل 6 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي باقي روڊ جهڙي سهوليت کان محروم آهي. ڳوٺ کان 1 ڪلوميٽر پري گئس ۽ پيٽرول ڪميٽي طرفان روڊ ٺهرايو ويو آهي. ڳوٺ جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو هاريو آهي. ڳوٺ ۾ لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهي. ڳوٺ جا نيڪ مرد سرائي غلام حيدر لُنڊ ۽ سرائي رکيل خان لُنڊ هئا. ڳوٺ ۾ ملان قادر بخش لُنڊ ۽ حاجي غلام قادر لُنڊ به مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا. هن وقت شير خان لُنڊ ۽ غلام نبي لُنڊ سماجي مسئلن کي حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوشش ڪري رهيا آهن.

ٻُڌي:

ڳوٺ ٻُڌي ديهه ٻُڌي تپو باداڻي يونين ڪائونسل مرادآباد ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ٻُڌي اٽڪل 6 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ 30 گهرن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. ڪجهه گهر مڱٿهارن جا به آهن. ڳوٺ پڪي ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم آهي. جنهن ۾ بارڙا تعليم حاصل ڪندا آهن. هيءُ قديم ڳوٺ آهي. ڳوٺ ڪيئن قائم ٿيو ڪڏهن قائم ٿيو ان تي نالو ڪيئن پيو ان بابت ڪا به مستند تاريخ نه ملي سگهي آهي پر امڪان آهي ته هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور کان اڳ جو ٻڌايل آهي.

محمد خان خشڪ:

ڳوٺ محمد خان خشڪ ديهه خشڪ تپو موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 20 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 150 گهر آهن. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس جي حد ۾ آهي. جڏهن ته هن ڳوٺ جي ماڻهن جي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. هن ڳوٺ جي رهواسين جو مکيه ڌنڌو هاريو آهي. ڪجهه واپار ۽ نوڪرين سان پڻ وابسته آهن. هن ڳوٺ ۾ خشڪ ذات جي اڪثريت رهندڙ آهي. ڪجهه گهر پنهورن ۽ شاهاڻين جا به موجود آهن. هن ڳوٺ ۾ چوڪرن ۽ چوڪرين لاءِ الڳ الڳ پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. ڳوٺ محمد خان خشڪ ۾ پڙهيل رهواسين جو تناسب 50 سيڪڙو ٿيندو. هيءُ ڳوٺ، بنيادي سهوليت کان محروم آهي. صرف بجلي جي سهوليت موجود اٿس. روڊ رستي جي هن ڳوٺ کي سهوليت موجود نه آهي. هن ڳوٺ کي صحت جون بنيادي سهوليتون ميسر نه آهن. هن ڳوٺ کان 5 ڪلوميٽر پري دادو شهر آهي جتان ڳوٺاڻا پنهنجو علاج معالج ڪرائيندا آهن. ۽ ضروريات زندگيءَ جون سپ شيون خريد ڪندا آهن. هنن ڳوٺاڻن جي آمدورفت سائيڪلن ذريعي ٿيندي آهي. هيءُ ڳوٺ، نيڪ مرد سرائي محمد خان خشڪ انگريزن جي دور ۾ ٻڌايو هو.

جان محمد خشڪ:

ڳوٺ جان محمد خشڪ، ديهه خشڪ، تپو موندر، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، موندر ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جي ايراضي اٽڪل 10 ايڪڙن تي مشتمل ٿيندي. ڳوٺ ۾ تقريباً 100 سؤ گهر آهن. ڳوٺاڻن جو پيشو زراعت ۽ تجارت آهي. ڳوٺ ۾ پڙهيل ماڻهن جو تناسب 5 سيڪڙو ٿيندو. ڳوٺاڻن کي آمدورفت جي ڪابه سهوليت موجود نه آهي. روڊ رستي جي ڪابه سهوليت موجود نه آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي هن ڳوٺ ۾ خشڪ برداريءَ جا ماڻهو رهندا آهن. ڳوٺ ڪچي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ انگريز دور ۾ جان محمد خشڪ ٻڌايو هو. ڳوٺ جي پرسان مسو فقير جي مزار آهي.

فريد خشڪ:

ڳوٺ فريد خشڪ ديهه خشڪ، تپو موندر ۾ آهي. ڳوٺ فريد خشڪ، موندر پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جي پکيڙ اٽڪل 15 ايڪڙن تي مشتمل هوندي ڳوٺ ۾ ڏيڍ سؤ گهر موجود آهن. هن ڳوٺ ۾ خشڪ برداريءَ ماڻهو رهندڙ آهن. ماڻهن جو مکيه ڌنڌو زراعت آهي. ڪجهه ڳوٺاڻا واپار پڻ ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪ آهي. حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن جو تناسب 20 سيڪڙو ٿيندو. هن ڳوٺ کي روڊ رستي جي ڪ سهوليت نه آهي. ان ڪري ماڻهو جي شهرن ڏانهن آمدورفت پنڌ ۽ سائيڪلن ذريعي ٿيندي آهي. هن ڳوٺ کي بج جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان مسو فقير جي مزار آهي. جيڪا عام زيارت گاهه آهي. هن ڳوٺ ۾ خشڪ ذا وارا رهندا آهن. جڏهن ته ڳوٺ جي پرسان سيال ۽ خاڪي ذات وارا به رهائش پذير آهن. هيءُ ڳوٺ، فريد خان خشه انگريزن جي دور ۾ ٻڌايو.

پورو خان خشڪ:

ڳوٺ پورو خان خشڪ، ديهه بٽ مالهي يونين ڪائونسل خدا آباد ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ 30 گهر آباد آهن. ڳو جي ايراضي 10 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. خشڪ ذات جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهي. هتان شاگرد پنجون درجو پاس ڪري وڌيڪ تعليم هاءِ اسڪول خدا آباد مان حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ کي بجلي سهوليت مليل آهي. روڊ جهڙي سهوليت کان محروم آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي.

ڏڙهه:

ڳوٺ ڏڙهه، ديهه جنگ، تپو باغبان، يونين ڪائونسل باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 12 ايڪڙن تي ٻڌ آهي. ڳوٺ ۾ 60 گهر آباد آهن. هيءُ ڳوٺ، پڪي ۾ ڳوٺ رکڻ ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ڏڙهه ۾ هڱورا قبيلي جا ما اڪثريت ۾ رهندا آهن. ان کان علاوه سومرن جا به ڪجهه گهر آباد آهن. ڳوٺاڻن جو مکيه ڌنڌو هاريو آهي. ازانه ملازمت ۽ زميندارين پيشي سان به منسلڪ آهي. ڳوٺ ۾ چوڪرين ۽ چوڪرن لاءِ الڳ الڳ اسڪول آهن. ڳوٺ بجلي ۽ روڊ جي سهوليت موجود آهي.

هن ڳوٺ جي پرسان پير پريل قريشي جي مزار آهي، جتي هر سال ملاکڙو لڳايو ويندو آهي. جتي ملهه پهڙ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ناميارا استاد تي گذريا آهن جن ۾ ميهر خان هڱورو، جان محمد هڱ مرحوم محمدعمر هڱورو ۽ غلام علي هڱورو به شامل آهن. ڏڙهه تي نالو ڪيئن پيو ان بابت صحيح معلومات ملي سگهي آهي. تاهم هيءُ ڳوٺ تمام پراڻو آهي ۽ ميرن جي اوائلي دور جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو.

حسن جمعدار پنهور:

ڳوٺ حسن جمعدار پنهور، ديهه جنگ، يونين ڪائونسل قلجي اسٽيشن، تپو اي باغبان، تعلقي دادو ۾ آ هيءُ ڳوٺ، تقريباً 18 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. ڳوٺ ۾ سوا سؤ ڪن گهر آباد آهن. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آ جڏهن ته هيءُ ڳوٺ، اسڪول کان محروم آهي. هتي پنهور قبيلي جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ ۾ ماڻهن جو خاص پ هاريو آهي. نوڪريون ۽ واپار پڻ ڪندا آهن. ڪجهه گهراڻا زميندارين پيشي سان به منسلڪ آهن. هيءُ ڳوٺ، ح جمعدار 70 سال اڳ ٻڌايو هو.

ڏڙي سالار:

ڳوٺ ڏڙي سالار ديهه جنگ تپواي باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ تقريباً 25 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 200 سؤ گھر آباد آهن. هيءُ ڳوٺ ڏڙي تي ٻڌل آهي. جيڪو سالار نالي هڪ نيڪ مرد ٻڌايو هو. هن ڳوٺ ۾ ڪوڪر ذات جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ جي پرسان ڪجھ گھر بوزدار قبيلي جا ماڻهو به آباد آهن. هيءُ ڳوٺ اٽڪل هڪ سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. ڳوناڻن جو مکيه ڏنڏو هارپو آهي. ڪجھ ڳوناڻا زميندار پيشي سان به وابسته آهن. ڪجھ نوجوان سرڪاري ملازمتون به ڪري رهيا آهن.

ڏڙي خير محمد:

ڳوٺ ڏڙي خير محمد ديهه جنگ تپواي باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 15 ايڪڙن تي ٻڌل آهي. هن ڳوٺ ۾ اٽڪل ڏيڍ سؤ ڳوٺ کي روڊ بجلي ۽ اسڪول جي سهوليت ملیل آهي. ڳوٺ ۾ ڪوڪر برادريءَ جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهن ٿا. هتان جا ڳوناڻا هارپو زميندار ۽ نوڪريون ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان پير صدر جي درگاھ آهي. هر مهيني جي چوڏهين جي رات رنگ جي محفل ٿيندي آهي. ان کان علاوه عالم سڳورا واعظ ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، خير محمد ڪوکر هڪ سؤ سال اڳ هڪ ڏڙي تي ٻڌايو هو.

احمد خان ٻهر:

ڳوٺ احمد خان ٻهر ديهه جنگ يونين ڪائونسل قلجي اسٽيشن تپواي باغبان ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ تقريباً سؤ گھر ٿيندا. ڳوٺ جي ايراضي اٽڪل 15 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ هڪڙو پرائمري اسڪول آهي. جنهن ۾ چوڪرا ۽ چوڪريون گڏ تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ ٻهر قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت ملیل آهي. هتان جا رهواسي اسڪوٽرن ۽ سائيڪلن ذريعي سفر ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ رڪ پوليس جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناڻا قلجي پوسٽ آفيس ذريعي خط و ڪتابت ڪندا آهن.

شير شاهه:

ڳوٺ شير شاهه ديهه جنگ تپواي باغبان دادو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 25 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ هڪ سؤ کان وڌيڪ گھر آهن. هن ڳوٺ ۾ سولنگي ۽ سيد ذات جا ماڻهو رهن ٿا. هن ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت ملیل آهي. اسڪول جي نعمت کان محروم آهي. هتان جا ڳوناڻا هارپو ڪندا آهن. ڪجھ ڳوناڻا زميندار پيشي سان منسلڪ آهن ۽ ڪجھ نوجوان سرڪاري نوڪرين ۾ به منسلڪ آهن. ڳوٺ اٽڪل 80 سال اڳ جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو.

ڏٽي پرتو پنهور:

ڳوٺ ڏٽي پرتو پنهور ديهه پير ڳڙيو ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل 10 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ 80 گھر آباد آهن. ڳوٺ ڏٽي پرتو ۾ پنهور ذات جا ماڻهو رهندا آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ اسڪول جي سهوليت ملیل آهي. باقي روڊ رستي جي سهوليت کان محروم آهي. هتان جا رهواسي هارپي سان منسلڪ آهن. ڪجھ ڳوناڻا زميندار پيشي سان به وابسته آهن. هتان جي رهواسين جي لکپڙھ مخدوم بلاول پوسٽ آفيس ذريعي ٿيندي آهي. دادو شهر هن ڳوٺ کان 12 ڪلوميٽر پري آهي. هيءُ ڳوٺ، نيڪ مرد ڏٽي پرتي پنهور ٻڌايو هو.

طيب لُنڊ:

ڳوٺ طيب لُنڊ، ديهه دوآبو ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ 60 گهر آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ، اسڪول کان محروم آهي. هن ڳوٺ جا معصوم ٻارڙا تعليم حاصل کندا آهن. ڳوٺ ۾ لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. هيءُ ڳوٺ، لُنڊ قبيلي جي ماڻهن اٽڪل 60 سال اڳ ٻڌايو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد طيب خان هو جنهن جي نالي پٽيان هيءُ ڳوٺ سڏجي ٿو.

مراد آباد:

ڳوٺ مراد آباد، يونين ڪائونسل مراد آباد ۾ آهي. ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙن تي مشتمل ٿيندي. هن ڳوٺ، اٽڪل 40 گهر ٿيندا. آدمشماري 1000 ٿيندي هي ڳوٺ دادو کان اولهه ۾ 5 ڪلوميٽر پري آهي.

هيءُ ڳوٺ، دادو ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول، هاءِ اسڪول، جانورن جي اسپتال موجود آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد حڪيم محمد مراد هو جنهن هن ڳوٺ جو بنياد وڌو هو. هن وقت نيڪ مرد حاجي منير احمد چنا آهي. جيڪو مشهور سياسي ۽ سماجي شخصيت آهي. سندس ڪوشش سان مراد آباد ۾ يونين ڪائونسل وجود ۾ آئي آهي.

علي شير زنئور:

ڳوٺ علي شير دادو شهر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو پوليس ٽاٽي جي حد ۾ آهي. ڳوناٽا پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ 30 گهر آهن. ۽ ايراضي 3 ايڪڙ آهي. ڳوٺ ۾ زنئور قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. ڳوٺ جو نيڪ مرد محمد منڊ آهي. هتان جي ماڻهن جو مکيه ڌنڌو واپار ۽ نوڪريون ڪرڻ آهي. ڪجهه ڳوناٽا مزدوري به ڪندا آهن. هن ڳوٺ جا رهواسي 25 سيڪڙو پڙهيل آهن.

مراد خان زنئور:

ڳوٺ مراد جا زنئور ديهه پيپري يونين ڪائونسل پيپري ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 6 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 80 گهر آباد آهن ۽ آبادي 1000 هزار ٿيندي هيءُ ڳوٺ، دادو شهر کان 1 ڪلوميٽر پري آهي. دادو پوليس ٽاٽي جي حد آهي. هتان جا ڳوناٽا پنهنجي خط و ڪتابت دادو پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. ڳوناٽا سرڪاري طرح هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. ڳوٺ ۾ زنئور قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا. دادو شهر جي پر ۾ هوندي به هيءُ ڳوٺ بجلي جهڙي سهوليت کان محروم آهي. تازو هن ڳوٺ ۾ بجلي پهتي آهي. ڳوٺ کي روڊ رستو ڏنو ويو آهي. جڏهن ته سئو گئس کان هيءُ ڳوٺ وانجهيل آهي. هيءُ ڳوٺ، ڏيڍ سو سال اڳ نيڪ مرد سرائي مراد خان زنئور ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد غلام قادر ۽ دوست علي زنئور آهن. ڳوٺ جي پرسان سيد بچل شاهه جي مزار آهي. مزار تي صوفيانو راڳ ٿيندو آهي. جتي ڳائڻا صوفيانو ۽ عارفانو ڪلام ڳائيندا آهن. ان سان گڏ مشاعرو به ٿيندو آهي. جنهن ۾ شعراءِ حضرات پنهنجو تازو ڪلام پيش ڪندا آهن. ڳوٺ جا رهواسي 30 سيڪڙو پڙهيل آهن.

محمد پريل زنئور:

ڳوٺ محمد پريل زنئور دادو شهر ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ 10 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ ڏيڍ سو گهر آهن. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. هن ڳوٺ ۾ زنئور قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا.

هيءُ ڳوٺ، ڏيڍ سؤ سال اڳ سرائي محمد پريل زنئور ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد محمد صديق زنئ

آهي. هتان جا رهواسي ملازمت سان گڏ مزدوريءَ واپار به ڪندا آهن. ڳوٺ جا رهواسي 30 سيڪڙو پڙهيل آهن.

پُورو خان لُنڊ:

ڳوٺ پورو خان لُنڊ ديهه خاصا چانديا، يونين ڪائونسل موندر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، دادو شهر جي اتر ۾ اٽڪل 3 ڪلوميٽر پري آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 7 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ آباد گهر تقريباً 70 کن ٿيندا. ڳوٺ کي صرف بجلي جي سهوليت مليل آهي. اسڪول ۽ روڊ رستي کان محروم آهي. هتان جا ڳوناٽا محنت ۽ مزدوري ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو گذران ڪندا آهن ۽ ڪجهه ڳوناٽا هاربي جو ڏندي سان منسلڪ آهن.

هيءُ ڳوٺ، پوري خان لُنڊ اڄ کان 40 سال اڳ ٻڌايو هو جيڪو لُنڊ قبيلي جو نيڪ مرد هو. هن ڳوٺ ۾ صرف لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهن ٿا.

سوڊو ماچي:

ڳوٺ سوڊو ماچي ديهه جنگ، تپواي باغبان ۾ آهي. ڳوٺ ۾ 300 سؤ گهر آهن. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 30 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول قائم آهي. ڳوٺ کي بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ روڊ جي سهوليت کان محروم آهي.

هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. ڳوٺ جا رهواسي پنهنجي خط و ڪتابت ڏلجي پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 70 سال اڳ سوڊل خان ماچيءَ آباد ڪيو.

پير الهه بچايو:

ڳوٺ پير الهه بچايو ديهه جنگ، تپواي باغبان ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽڪل 9 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 30 گهر آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ان کان علاوه هڪ پرائمري اسڪول به آهي.

ڳوٺ ۾ پير قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هتان جي رهواسين جو مکيه پيشو زراعت آهي. ڪجهه ڳوناٽا وايار ملازمت ۽ زميندارين پيشي سان به وابسته آهن.

ملنگ ماچي:

ڳوٺ ملنگ ماچي، ديهه جنگ، تپواي باغبان ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ سؤ گهر ٿيندا. ڳوٺ 20 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هيءُ ڳوٺ، رکڻ پوليس ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. جڏهن ته ڳوٺ کي پرائمري اسڪول کان محروم رکيو ويو آهي. ان ڪري معصوم ٻچڙن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي. هتان جا رهواسي پيادل ۽ ٻين سوارين ذريعي شهرن ڏانهن ويندا آهن.

هيءُ ڳوٺ 80 سال اڳ ملنگ ماچي ٻڌايو. هن ڳوٺ ۾ سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن.

سيتا روڊ:

سنڌ ۾ ڪجهه اهڙا ڳوٺ ۽ شهر به آهن جيڪي روڊ جي نالي سان مشهور آهن. جهڙوڪ: لاکا روڊ، پريا روڊ، باقراڻي روڊ وغيره. اهڙي طرح سيتا روڊ به تعلقي خيرپور ناٿن شاهه جو مشهور ۽ معروف شهر آهي. سيتا ڳوٺ جيڪو جاگرافيائي حدن مطابق تعلقه دادو ۾ اچي ٿو. ان ڳوٺ کي انگريز سرڪار هڪ ريلوي اسٽيشن ڏني، جنهن کي 'سيتا روڊ' نالو ڏنو ويو. سيتا ڳوٺ هڪ تاريخي ۽ قديم ڳوٺ آهي. اتي انگريزن جي منزل گاهه (Camping ground) هئي ۽ هڪ وڏو اناج جو ڊپو پڻ هو. "سيتا ڳوٺ" جنهن کي انگريزن پنهنجي دور ۾ "سيتا وليج" جو نالو ڏنو اهو سنڌو درياءَ جي

ساڃي ڪپ تي واقع آهي. اتي انگريز سنڌو درياءَ جي سروي ڪندا هئا. درياءَ ۾ آگبوٽ (Steamers) هلائيندا هئا.

سنڌوءَ جي ساڃي ڪپ تي عمارتي ۽ جلائو ڪاٺ وڏائيندا هئا. اتان جو اناج ۽ ٻيو سامان سنڌ ۽ هند جي ٻين شهرن ڏانهن موڪليندا هئا. ان ڪري انهن اهو ضروري ڄاتو ته سيتا وليج کي ساڳئي نالي تي هڪ ريلوي اسٽيشن ڏجي. ان ڪري هنن اناج سامان، ڪاٺ ۽ ٻين شين جي نقل و حرڪت، روانگي ۽ آمدني واسطي هڪ ريلوي اسٽيشن منظور ڪري ان کي "سيتا روڊ" جو نالو ڏنو. اتي سمورو مال گڏ ڪري ٻين شهرن ڏانهن موڪليندا هئا. ان ڪري اتان جي مقامي ماڻهو سيتا روڊ کي "انگريزن جي گودي" ۾ ڪري سڏيندا هئا. ان اسٽيشن جي وجود ۾ اچڻ ڪري پرپاسي جي ڪيترن ننڍن وڏن ڳوٺن مان ڪيترائي خاندان ۽ قبيلا لڏي اتي اچي آباد ٿيا ۽ اهڙي ريت "سيتا روڊ" هڪ شهر جي صورت اختيار ڪري ويو.

سيتا روڊ جاگرافيائي حوالي سان تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ اچي ٿو جيڪو سيتا وليج جي اولهه ۾ پنجن ميلن جي فاصلي تي آهي. سيتا روڊ جو وجود 1885ع ۾ ٻيو جڏهن انگريزن ريلوي جاري ڪري ۽ هتي ريلوي اسٽيشن قائم ڪئي. اڄ هيءُ شهر هڪ سٺو واپاري مرڪز آهي.

رُکڙ:

رکڙ تعلقي دادوءَ جو هڪ قديم ڳوٺ آهي. هيءُ ڳوٺ هڪ هندو عورت "رکڙ ٻائيءَ" جي نالي تي قديم زماني ۾ ٻڌو ويو. جيڪو درياءَ پٽڻ طور ڪم اچڻ لڳو. هن ڳوٺ جو ڪيترن ليکڪن پڻ ذڪر ڪيو آهي. سنڌو درياءَ جي پراڻي بندرگاهه سبب هن جي جاءِ وقوع پڻ تبديل ٿيندي ٻڌي رهي آهي ۽ ڪتابن ۾ ڪيس مختلف نالن سان ياد ڪيو ٻڌي ويو آهي. ارغونن جي دور ۾ هن ڳوٺ کي پڻ قريو ۽ لٽيو ويو. ڇو ته هيءُ هڪ شاهڪار ۽ مشهور بندرگاهه هو. موجوده رکڙ پيارو ڳوٺ اسٽيشن کان 5 ڪلوميٽر اوپر طرف ۽ دادو شهر کان تقريباً 30 ميل مفاصلي تي آهي. هتي ميرِ بحر، ماچي سولنگي، چانڊيا مقيم آهن. ماڻهن جو ڏڏو زراعت آهي ۽ ڪي ملازمت ۾ ڪن ٿا. سنڌ جو مشهور معروف شاعر الهنواز المعروف "نواز" رکڙائي جو هيءُ اباڻو ڳوٺ آهي. جنهن هتي ادبي محفلون ڪرايون ۽ پوءِ لڏي دادوءَ شهر ۾ پنهنجي رهائشگاهه ڪئي.

کوهه وارا کلهوڙا:

خيرپور ناٿن شاهه شهر جي ڏکڻ ۾ ڳوٺ کوهه وارا کلهوڙا تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ديهه در محمد تپو ڪ ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ اندس هاءِ وي جي اولهه ۾ خيرپور ناٿن شاهه کان 15 ڪلوميٽر پنڌ تي ٿيندو. هن ڳوٺ ۾ هڪ سو گهر 800 آدمشماري ۽ ڳوٺ جي ايراضي پندرهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي.

هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول آهي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ عباسي کلهوڙا ذات جا ماڻهو رهائش پذير آهن. هيءُ ڳوٺ، کلهوڙا قبيلي جي ماڻهن اتڪل ۾ سؤ سال اڳ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم ميان محمد حسن کلهوڙو هو. هن وقت ڳوٺ جا نيڪ مرد عبدالرسول عباسي ايڊووڪيٽ، انجنيئر منير احمد عباسي، انجنيئر نور الدين عباسي، انجنيئر بدر الدين عباسي، انجنيئر سعيد احمد عباسي، انجنيئر عبدالحفيظ عباسي، ڊاڪٽر عبدالحليم عباسي، انجنيئر فياض احمد عباسي، انجنيئر عبدالفتاح عباسي، انجنيئر عبدالڪريم عباسي، استاد ڪريم بخش عباسي، استاد عبدالحميد عباسي، استاد علي محمد عباسي، استاد عبدالستار عباسي (هيڊ ماسٽر) کان علاوه غلام مصطفيٰ عباسي بئنڪ آفيسر، ضياءُ الدين عباسي، عبدالرحيم عباسي، سلطان احمد، محمد حسن عرف منو عباسي، عبدالرشيد عباسي، محمد قاسم عباسي ۽ ٻيا سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندا اچن ٿا.

هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي بزرگ، معلم ۽ مدرس ٿي گذريا آهن. انهن ۾ حافظ محمد بچل ڪلهوڙو، حافظ محمد صديق ڪلهوڙو ۽ ٻيا بزرگ شامل آهن.

ڳوٺ در محمد ابڙو:

ڳوٺ در محمد ابڙو تپو ڪڙ تعلقي ڪڙ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ خيرپور ناٿن شاهه جي ڏکڻ ۾ 15 ڪلوميٽر ونڊ تي انڊس هاءِ وي تي اوپر لڳ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ ڏيڍ سو ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ ٿي سؤ گهر ۽ آدمشماري سڀاڙيا تي هزار ٿيندي.

هيءُ ڳوٺ اڌائي سؤ سال اڳ نيڪ مرد در محمد ابڙي ٻڌايو هو.

هن ڳوٺ ۾ ابڙا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڪجهه گهر ٻين قبيلن جا پڻ رهندڙ آهن. ٻارن لاءِ پرائمري سکول پڻ آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت ملیل آهي.

چنجاڻي:

ڳوٺ چنجاڻي ديهه جوهي يونين ڪائونسل ڪمال خان تعلقي جوهي ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ ڏهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ سؤ گهر ۽ آدمشماري ٻارهن سؤ ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ ٻه پرائمري اسکول ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ الڳ قائم آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت ملیل آهي. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات کوسا آهي.

هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مينهون کوسو هو. هيءُ ڳوٺ به سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. هيءُ ڳوٺ جوهي شهر جي ڏکڻ طرف 4 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي.

خدا بخش سولنگي:

ڳوٺ خدا بخش سولنگي ديهه درڙا ماڇي يونين ڪائونسل ڪمال خان تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ 10 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 70 گهر ۽ آدمشماري 900 ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ ٻه پرائمري اسکول ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت ملیل آهي. هن ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات سولنگي آهي. هن ڳوٺ نيڪ مرد خدا بخش سولنگي هو. هن وقت نيڪ مرد ڊاڪٽر جان محمد سولنگي، محمد يوسف سولنگي آهي.

هيءُ ڳوٺ سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. هيءُ ڳوٺ جوهي شهر جي ڏکڻ طرف 5 ڪلوميٽر تي واقع آهي.

سڪيو چنو:

ڳوٺ سڪيو چنو ديهه چنا تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ 30 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ سؤ گهر ۽ آدمشماري ٻارهن سؤ ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ ٻه پرائمري اسکول ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ آهن. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت ملیل آهي. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات چنا آهن. ان کان سواءِ سولنگي قبيلي جا ماڻهو پڻ رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد سڪيو چنو هو جنهن هيءُ ڳوٺ آباد ڪيو.

هيءُ ڳوٺ به سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ جوهي شهر جي ڏکڻ طرف ڇهه ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي.

مبارڪ گوپانگ:

ڳوٺ مبارڪ گوپانگ ديهه سرنجهڙي تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ڏهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 60 گهر ۽ آدمشماري ست سؤ ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسکول ڇوڪرن لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت پڻ ملیل آهي. ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات گوپانگ آهي.

ڳوٺ جونيڪ مرد مبارڪ گوپانگ هو. هيءُ ڳوٺ 60 سال اڳ جوبڌايل آهي. هيءُ ڳوٺ جوهي شهر جي اوپر طرف ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي.

ڪڙ:

ڪڙ شهر ديهه ڪڙ تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ خيرپور ناٿن شاهه شهر کان ڏهه ڪلوميٽر ڏکڻ ط انبس هاءِ وي تي آهي. ڪڙ پراڻو ۽ قديم شهر آهي. هن شهر بابت تاريخي ڪتاب خاموش آهن پر ڊاڪٽر ن بخش بلوچ جي چرٻي موجب هن شهر جو اصل نالو "ڪاکاراج" هو جيڪو ڦري ڪڙ ٿي ويو. هن شهر ۾ اسڪول پرائمري بوائز گرلس اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ هن شهر ۾ هاءِ اسڪول، پرائمري بوائز ۽ گر اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ هن شهر کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هن شهر جي آبادي 5 هزار مٿي آهي. اڳ ۾ هيءُ شهر، تعلقہ هيڈ ڪوارٽر هو. سال 1955ع ۾ ڪڙ تعلقي کي ختر ڪري خيرپور ناٿن شاهه تعلقي جو درجو ڏنو ويو. هيءُ شهر، ڏڙي تي ٻڌل آهي. ڪيترائي دفعا هيءُ شهر ٻڏيو ۽ اجڙيو. هيءُ شهر ڪُهنہ مشق ش محسن ڪڙائي جو مسڪن ٻڌيو آهي.

ماڏو:

ڳوٺ ماڏو ديهه ۽ تپو مهاڏو تعلقي خيرپور ناٿن ۾ آهي. هي ڳوٺ خيرپور ناٿن شاهه کان 8 ڪلوميٽر اولهه ۾ آهي. هن ڳوٺ جي آدمشماري 5 هزارن کان مٿي ٽيندي ماڏو شهر قديم ۽ تاريخي آهي. ماڏي تي نالو "مڏ" تان پيو آ جنهن جي معنيٰ آهي- پاڻي تي ٽهيل گهر جيڪي ٻيڙين تي يا ٽوٽيون ڏيئي تعمير ڪيل هجن. ماڏي شهر ۾ اسڪول، پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت ٻڌيل اٿس.

چوڙ قنبر[1]:

ڳوٺ چوڙ قنبر ديهه گوزو تپو تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، 8 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳو 200 گهر ۽ آدم شماري ٽي هزار کن ٽيندي هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن.

هن ڳوٺ جا ماڻهو زمينداري پيشي کان علاوه هارپو، مزدوري ۽ ملازمت سان وابستہ پڻ آهن. هن ڳوٺ کي بج جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ۾ ڪوهارا قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. ڳوٺ چوڙ قنبر جو نيڪ مرد نور

---

[1] چوڙ قنبر- درياء جو هڪ وهڪرو هو جيڪو قديم دور کان موجوده لاڙڪاڻي لڳ ماهوٽن وٽان گذرندو موجوده علي خان ۽ قنبر شهر لڳو لڳ اوپر مان ٽيندو ڏکڻ طرف وڃي، نصير آباد، ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهه جي اولهه مان ٽپي موجوده بڇاڻ بند، سيتا کان گذرندو درياء ۾ چوڙ ڪندو هو. جتي درياء ۾ وڃي چوڙ ڪندو هو انهيءَ ڪُرڇ- اڄتي هلي هڪ ڳوٺ کي جنم ڏنو جنهن کي چوڙ قنبر چون ٿا. موجوده قنبر (قنبر- شهدادڪوٽ جي ضلعي هيڈڪوارٽر) جي اوپر ۾ جتان هيءُ وهڪرو گذرندو هو اُهو اُن وهڪري جو پيٽ هو. هن وقت اُن پيٽ ۾ ڏنڊ آهي جا ڪجهه وقت اڳ هڪ وڏي ايريا تي ڦهليل هئي. قنبر ۽ اُن جي پسگردائيءَ سان تعلق رکندڙ نيڪ مرد پنهنجن وڏڙن کان مليل ، ٻ سينہ روايتون ٻڌائين ٿا تہ اُها اصل ۾ هڪ ندي هئي، جا قنبر جي نالي سان سڏبي هئي. اُها ندي، موجوده لاڙڪاڻي وٽان سنڊو درياء مان واهہ نڪرڻ کان گهڻو اڳ وهندي هئي. ڪلهوڙن جي سربراهہ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جڏهن گهاڙ واهہ کي درياء مان ٽئين سر ت ڪرائي، زمينون آباد ڪرايون، تن ڏينهن ۾ هن ندي جا آثار موجوده قنبر لڳ اوپر ۾ هڪ وڏي ايريا تي موجود هئا. اندازو آهي تہ موجوده شهر تي نالو ٻ اُن ئي ندي جو تان پيو آهي. جو تہ جيڪڏهن اها ندي قنبر جي نالي سان نہ هجي ها، تہ يقيناً هيءُ چوڙ ٻ قنبر جي نالي سا سڏجي ها. تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ قنبر ريتي ۽ قنبر جاگير جي نالي سان ٻ ڏيهون ٻ آهن. تنهنڪري قوي گمان آهي تہ وڏڙن کان مليل روايت معتبر آهي. هن ندي جي آثارن ڏانهن ڦولڻ ۾ قنبر جي آرڪيالاجسٽ ۽ جيالاجسٽ عبدالستار هڪڙي ٻ ڪجهه ڪم ڪيو هو. پنهنجي ڪتاب- "قنبر- شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾) (2011ع) ۾ قنبر ندي جي بابت ڪجهه تذڪرو ڪيو آهي (ايڊيٽر).

خان کوهارو آهي، جيڪو سماجي ڪمن ۾ حصو وٺندو اچي ٿو. هتان جو نامياروا استاد نورنبي کوهارو هو. جنهن ڪافي شاگرد پئدا ڪيا.

ڳوٺ ڇوڙ قنبر خيرپور ناٿن شاهه جي اولهه ۾ ٻارهن ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي.

احمد خان لغاري:

ڳوٺ احمد خان لغاري ديهه ڪنڀي چڪي تپو ڪنڀي چڪي تعلقه خيرپورناٿن شاهه ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، خيرپور ناٿن مٹان جي اولهه ۾ 8 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ 8 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ ۾ 350 گهر ۽ آدم شماري 3600 جي لڳ ڀڳ ٽيندي هن ڳوٺ ۾ لغاري قبيلي جا ماڻهو رهائش پذير آهن. هيءُ ڳوٺ، 150 سؤ سال اڳ جو ٻڌايل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ احمد خان لغاري ٻڌايو هو. ڳوٺ ۾ ٻه پرائمري اسڪول موجود آهن. هن ئي ڳوٺ کي بجلي، روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ بزرگ مفتي غلام محمد لغاري مدفون آهي. سندس مزار مٹان مقبرو اڏيل آهي جيڪا عام زيارت گاهه آهي. ڳوٺ جون ٻيون اهم شخصيتون مرحوم شاعر عبدالحليم لغاري ۽ عبدالقادر لغاري هئا.

ڪلجي وليج:

هيءُ قديم ڳوٺ آهي. ڪلجي جو اصل نالو ڪل جي هٹي آهي جو پهريائين ننڍو ڳوٺ هو ۽ ڪل نالي هڪ هندو واپاري هڪ ننڍڙو هٽ قائم ڪيو هو جيڪو آسپاس ۾ مشهور ٿي ويو ۽ ننڍڙي هٹي مان وڏو واپاري مرڪز ٿي ويو.

هيءُ ڳوٺ، سمن جي دور ۾ آباد ٿيو. هن ڳوٺ کي آباد ڪرڻ لاءِ هندو آريا، لوهاڻا ناڪر ۽ راجپوت ذاتيون ڪوشان رهيون ۽ پوءِ اڪثر هلي سولنگي/ ماچي، پنهور ۽ سمات قبيلا به آباد ٿيا. جيئن ته ماچي هن شهر جو بااثر قبيلو هو. جن جون ارغونن سان جهڙپون ٿيون. ان ڪري ارغونن هيءَ علاقو ماچين کان ڦري پنهورن کي ڏنو ۽ پنهور هن علاقي جو بااثر قبيلو بنجي ويو. ڪلجي ڳوٺ جي ڪري انگريزن 1888ع ڌاري ڪلجي اسٽيشن قائم ڪئي جتي وري به پنهورن سان گڏ حاجي قبيلو با اثر ليکيو ويو. ڪلجي وليج جوهيءَ شهر کان اتر ۾ ويهه ڪلوميٽر پنڌ تي آهي جڏهن ته ڪلجي ۽ وليج کان ڪلجي اسٽيشن 19 ڪلوميٽر پري اوپر ۾ آهي. ڪلجي وليج هڪ ديهه جو نالو آهي. هيءَ ديهه جوهي تعلقي ۾ آهي.

خان پور[1]:

خان پور شهر، خيرپور ناٿن شاهه جي ڏکڻ ۾ 8 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي انڊس هاءِ وي جي اوپر ۾ واقع آهي. خان پور شهر ڪنهن ٻڌايو، ان بابت روايت آهي ته هيءُ شهر خان آف قلات ٻڌرايو هو ان ڪري هن تي 'خان پور' نالو پئجي ويو.

---

[1] 'خان پور' شهر ميان لشڪر خان ولد ميان طالب حسين ولد ميان شاهل محمد ڪلهوڙي سنه 1678ع ۾ جوڙايو. شهر قلعي تي ٺهيل آهي، جنهن جا آثار ۽ ڏڙا اڄ به موجود آهن. اُتي ڪلهوڙن جي حويليءَ سان گڏ هڪ تاريخي جامع مسجد، هوبهو ڳاڙهيءَ جي جامع مسجد وانگر ٽن ڀٽن سان، اڄ به پنهنجي جاهه و جلال سان وچ شهر ۾ ڪڙ ڪنيو بيٺي آهي. ميان لشڪر خان جي فوج جيڪا خان پور شهر کان تقريباً سوا ميل جي مفاصلي تي رهندي هئي، ان جي قلعي جي چؤطرف کان پوڻ لڳل هئا. جيئن دشمن فوج مٹن حملو نه ڪري سگهي. ان ڳوٺ کي روينيو رڪارڊ موجب "ڪاٽ لشڪر خان" سڏيو وڃي ٿو اُهو ٻيءَ جو وڏو ڏڙو اڄ به موجود آهي. جتي هڳورا ۽ سيد رهن ٿا. اهڙي طرح ميان لشڪر خان، خان پور جوڙائي ۽ ڪاٽ لشڪر خان جي فوجي چانوڻي هئي، جنهن جا آثار ۽ نشان اڄ به موجود آهن. روينيو رڪارڊ موجب: خان پور ديهه ۽ ڪاٽ لشڪر ديهه چڪ ۾ موجود آهن. سرڪاري دفتر پڙ خان پور نالي تي موجود آهي. ميان نصير محمد ڪلهوڙي هتي هزارين ايڪڙ زمين به هندن کان آباد ڪرائي. ڪلهوڙا اقتدار ختم ٿيڻ کان پوءِ تالپر حڪومت ۾ هندو اهي زمينون هتان جي پرپاسي ۾ رهندڙ مختلف قبيلن جي ماڻهن کان آباد ڪرائيندا هئا. 1947ع ۾ سنڌ- هند جي ورهاڱي کان پوءِ هندن جو ڪي ڏاڍ مل هو جنهن کان هتان جي پرپاسي وارن قبيلن اهي زمينون ورتيون. پر گهٽي ملڪيت هند مان لڏي آيل پناهه گيرن کي هٿ آئي. جن کان پوءِ وري مقامي قبيلن مان جوڙيجن، لغارين، سومرن ۽ ٻين ورتيون (ايڊيٽر).

هن شهر جي ممتاز سياسي شخصيت حاجي امير بخش جوڻيجو هو جيڪو پٽي صاحب جي دور ۾ صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيوان کان بعد ۾ به هو ڪئين ڀيرا هو صوبائي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. حاجي امير بخش جوڻيجو سخي، مهمان نواز ۽ ممتاز سياسي ۽ سماجي شخصيت ٿي گذريو آهي. سندس اوطاق تي ڪيترائي سوالي ايندا هئا. انهن جي هو دل کولي مدد ڪندو هو ۽ مهمانن جي وڏي خاطر تواضع ڪندو هو. سندس درتان سوالي خالي هٿين نه موٽندو هو. آڪٽوبر 2011ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. هن وقت سندس فرزند عبدالعزيز جوڻيجو سياسي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو.

بهاول خان لغاري:

ڳوٺ بهاول خان لغاري ديهه ڪنڊي ڇڪي يونين ڪائونسل ڪنڊي چڪي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي پنجويهه ايڪڙ آهي. ڳوٺ ۾ ٽي سو گهر ۽ آدم شماري 3500 ٽيندي ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز گرلس اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ ڳوٺ کي بجلي، روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ مرحوم حاجي عبدالرحمن لغاري، مولوي محمد انور لغاري، حاجي محمد هاشم لغاري بزرگ ۽ متقي ٿي گذريا آهن. هن وقت مفتي محمد يوسف لغاري ۽ حاجي عبدالحليم لغاري پرهيزگار ۽ متقي شخصيتون رهائش پذير آهن.

هيءُ ڳوٺ نيڪ مرد بهاول خان لغاري ۾ سو سال اڳ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ جون نامياريو استاد غلام مصطفيٰ لغاري آهي. مرحوم غلام اڪبر خان لغاري تعليمي سرگرمين جاري رکندو آيو. هن ڳوٺ ۾ لغاري قبيلي جا ماڻهو رهائش پذير آهن. هيءُ ڳوٺ، خيرپور ناٿن شاهه جي اولهه ۾ 4 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي.

مراد خان چانڊيو:

ڳوٺ مراد خان چانڊيو ديهه ٽلهو يونين ڪائونسل ٽلهو تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ خيرپور ناٿن شاهه شهر کان هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي اولهه طرف کان مين روڊ سان گڏ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، 30 ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ 200 گهر ۽ آدم شماري 3000 تي هزار کن ٽيندي. هن ڳوٺ کي بجلي، روڊ، پرائمري گرلس ۽ بوائز اسڪولن جي سهوليت مليل آهن.

هن ڳوٺ ۾ چانڊيه قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. ان سان گڏ ٻهر، سومرا، مشوري ۽ جتوئي قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ خير پورناٿن شاهه جي اولهه طرف هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. هيءُ ڳوٺ، 200 سال اڳ نيڪ مرد مراد خان چانڊئي ٻڌايو هو.

ڏٽي بخش ڀگهيو:

ڳوٺ ڏٽي بخش ڀگهيو ديهه ڪوڙو تعلقه خيرپور ناٿن ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ خيرپور ناٿن جي اوپر ۾ ڪلوميٽر پنڌ تي سيتا ويندڙ رستي جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 60 ايڪڙن تي پکريل آهي. ڳوٺ ۾ سؤ گهر ۽ آدم شماري 5 هزار ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ ڀگهيه قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. ان کان علاوه سيد، ميراڻي ۽ ٻين قبيلن جا ماڻهو به رهندڙ آهن. هي ڳوٺ 2 سؤ سال اڳ نيڪ مرد ڏٽي بخش ٻڌايو هو.

مريد لاکير:

ڳوٺ مريد خان لاکير ديهه مريد لاکير تپو نادي تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 60 ايڪڙ 200 سؤ گهر ۽ آدم شماري 5 هزار ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ لاکير، پيرزادا ۽ سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ

ڪ قديم ماڳ جاج جو ڏڙو واقع آهي.

ڳوٺ مريد لاکير جي پير ۾ ڳوٺ بچو واهڙ آهي اهو ڳوٺ، ممتاز صحافي، عالم مولوي عبدالغفور سيتائي جو سڪن آهي. هيءُ ڳوٺ ٻه سؤ سال اڳ مريد لاکير ٻڌرايو هو. هيءُ ڳوٺ، سيتا اسٽيشن جي اوپر ۾ ست ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. هيءُ ڳوٺ جمع خان غريب، محمد رمضان ثاقب ۽ رسول بخش دوست جهڙن نامياڻن ادبين ۽ شاعرن جو ٻه سڪن هيو آهي. هيءُ ڳوٺ انبن جي باغن کان ٻه مشهور آهي. ڪٽڪ ۽ ساريون هِتان جي زرعي پيداوار آهن.

عيسيٰ خان سولنگي:

ڳوٺ عيسيٰ سولنگي ديهه ٽيبا تپو ٻڏڙا تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، خيرپور ناٿن شاهه جي اوپر ۾ ڇهه ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. ڳوٺ عيسيٰ خان سولنگي ۾ سٺ گهر ۽ آدم شماري پندرهن هزار رکن ٽيندي هن ڳوٺ ۾ سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهائش پذير آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. هن ڳوٺ جون معزز شخصيتون رب ڪيو سولنگي، جمال الدين سولنگي ۽ قائم الدين سولنگي هيون. ڳوٺ ۾ هن وقت معزز شخصيت احمد خان سولنگي آهي. جيڪو سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺندو اچي ٿو. ڳوٺ ۾ نامياڻا استاد ٿي گذريا آهن. انهن ۾ غلام حسين سولنگي ۽ رسول بخش سولنگي هئا.

پريا:

ڳوٺ پريا ديهه پريا يونين ڪائونسل پريا تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ خيرپور ناٿن شاهه شهر جي اوپر ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 50 ايڪڙ گهر 500 سؤ ۽ آدم شماري 6 هزار ٽيندي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ۾ 2 پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. هتان جا رهواسي 40 سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ کي واٽر سپلاءِ جي پڻ سهوليت پڻ مليل آهي. ڳوٺ ۾ سولنگي، پريا ۽ ٻکيرا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ، پريا قبيلي جي ماڻهن ٻه سو سال اڳ ٻڌايو هو.

پانڊي ڏيپر:

پانڊي ڏيپر ديهه ڪنڊي چڪي تپو ڪنڊي چڪي تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، خيرپور ناٿن شاهه جي اولهه ۾ اٺ ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. هي ڳوٺ ڇهن ايڪڙن تي مشتمل آهي. ڳوٺ ۾ هڪ سو گهر ۽ آدمشماري ارهن سؤ ٽيندي هن ڳوٺ ۾ گرلس ۽ پرائمري بوائز اسڪول موجود آهن. ان کان علاوه ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ جي ممتاز شخصيت ۽ بزرگ هستي مفتي غلام رسول ڏيپر هن ئي ڳوٺ جو رهواسي هو. سندس مزار مٿان مقبرو ٺڌيل آهي. سندس مزار تي علما ۽ ڪرم واعظ ڪندا آهن ۽ ڪيس خراج عقيدت پيش ڪندا آهن. ڳوٺ جون ممتاز شخصيتون نور محمد ڏيپر ۽ حاجي روشن علي ڏيپر ٽي گذريون آهن. ان کان علاوه هن وقت عبدالحميد ڏيپر ڳوٺ جي ممتاز شخصيت آهي.

وڙا لاکير:

ڳوٺ ٻوڙا لاکير خيرپور ناٿن شاهه کان اتر ۾ ٻه ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ 120 گهر آدم شماري 1100 کان مٿي ٽيندي. ڳوٺ چاليهه ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ بوائز ۽ گرلس اسڪول آهن. ان سان گڏ ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ بزرگ ميان محمود لاکير مدفون آهي. سندس مزار مٿان مقبرو ٺڌيل آهي. سندس آخري آرام گاهه تي اسلامي جلسو پڻ ٽيندو آهي. جتي مشعور علماء ڪرام ۽ نعت خوان سڄي رات

عقيدت جاگل نشاور ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، خيرپور ناٿن شاهه شهر کان ٻه ميل اتر طرف آهي.

خميسو سولنگي:

ڳوٺ خميسو سولنگي ديهه مريد لاکيو تپو ناري تعلقي خيرپور ناٿن شاهه ۾ آهي. هي ڳوٺ سيتا رود شهر اوپر ۾ ڇهه ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ ٻه سو گهر ۽ آدم شماري تي هزار کن ٽيندي. ڳوٺ جي ايراضي ايڪڙ ٽيندي.

هن ڳوٺ ۾ سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد خان صاحب خير محمد سولنگي جيڪو 2008ع ۾ وفات ڪري ويو آهي. هن وقت نيڪ مرد محمد علي سولنگي آهي جيڪو چيئرمين ٻه رهيو آهي.

واهي پانڌي:

ڳوٺ واهي پانڌي ديهه واهي پانڌي تعلقي جوهي ۾ آهي. واهي پانڌي ڳوٺ، جوهي شهر کان اولهه طرف ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. واهي پانڌي تعلقي جوهيءَ جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي. واهي جو مطلب ـ شاخ آهي. ڳوٺ پرسان نئيون وهن ٿيون. ان ڪري مٽس واهي نالو پيو هن جو پراڻو نالو واهي جياسي ٻڌايو وڃي ٿو. جياسي سولنگي قبيلي جي هڪ شاخ آهي جيڪا هتي قديم دور ۾ رهندي هئي. ان لاءِ روايتون آهن. ته هن قبيلي جا ماڻهو حڪومت کي ٽيڪس ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو ته بختيار بيگ هن ڳوٺ تي ڪاهه ڪري ڦرلٽ ۽ قتل وغارت ڪ شهر پنهورن حوالي ڪيو. ڪلهوڙا دور کان هيءُ ڳوٺ، واهي پانڌيءَ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو جو پانڌي خان لغ هتي رهائش اختيار ڪئي.

ڳاهاڻ:

ڳوٺ ڳاهاڻ ديهه ڳاهاڻ يونين ڪائونسل ڪمال خان تعلقه جوهيءَ ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، جوهي شهر جي اوپر ڪنڊ تي جوهي ـ يان سيد آباد روڊ جي ڏکڻ ۾ 7 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي.

ڳوٺ ڳاهاڻ قديم ۽ تاريخي ڳوٺ آهي جنهن کي تاريخ ۾ ڪاهان يا ڳاهان لکيو ويو آهي. سما دور ۾ هيءُ ڳ ۽ پروار ا علاقا دريا خان جي هميشه هيٺ هئا. جڏهن دريا خان ۽ جام ڦيروز وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا ته درياء خان ڏنو ڇ هن شهر ۾ اچي رهيو ڳاهاڻ ڳوٺ ماضيءَ ۾ علم جو مرڪز ٻه رهيو آهي. هن ماڳ ۾ مولانا اسيرالدين ابهري، مولانا محمد ابهري، مولانا عبدالعزيز ابهري هرات سان اچي هن ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي. هتي هنن علم ۽ فضل جي ج جلائي هيءُ ڳوٺ سيد بهار شاهه جو مسڪن آهي.

چني:

چني، تمام قديم ۽ تاريخي ڳوٺ آهي. هيءُ ڳوٺ، جوهي شهر جي ڏکڻ ـ اولهه ڪنڊ تي اٽڪل ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. هيءُ ڳوٺ ديهه چني تعلقه جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ مغل دور ۾ وجود ۾ آيو. هن تي چني نالو پيو. ان بابت روايت آهي ته هن ڳوٺ جي پرسان ڇهه برساتي نيون وهي منجر ڏنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٽيو. ڇهن نئين جي ڪ هن تي چني نالو پئجي ويو. چني اصل ۾ 'ڇهه نئ' لفظ آهي. انهن ڇهن نئين ۾ ڪڙاني، انگئي، ڪنڊاني، گاج، هليل سوري شامل آهن.

چني ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت سميت 2 پرائمري اسڪول آهن.

ٽ ڪانهري:

ڪانهري جي نالي تي ٻہ ڳوٺ قائم ڪيا ويا آهن. هڪ ڳوٺ دادو تعلقي ۾ قائم آهي. هيءُ ڳوٺ تاريخي لحاظ سان منفرد حيثيت رکي ٿو. هن ڳوٺ ۾ متنازعہ شخصيت سيٺ نائون مل جنم ورتو. سيٺ نائون مل کي ڪن تاريخي ڪتابن غدار ڪري لکيو آهي. ڪن مؤرخن سندس عمل کي جائز ۽ حق بجانب ڪري لکيو آهي. ٻيو ڳوٺ پٽ ڪانهري جوهي تعلقہ ۾ آهي ۽ جوهي جي ڏکڻ ۾ سورهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ جمالي ۽ بروهي ٻيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن.

ڳوٺ پٽ ڪانهري ڪلهوڙا دور جي آخري ايامن ۾ وجود ۾ آيل معلوم ٿئي ٿو.

ٽ گل محمد:

ڳوٺ پٽ گل محمد ويهہ پٽ گل محمد تعلقہ جوهي ۾ واقع آهي. هيءُ قديم ۽ تاريخي ڳوٺ آهي. هيءُ ڳوٺ ل محمد لغاريءَ 300 سؤ سال اڳ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ جي ايراضي اٺ ايڪڙ ٽيندي ڳوٺ ۾ 320 گهر ۽ آدمشماري ٽي زار ٽيندي هن ڳوٺ کي بجلي روڊ رستي کان علاوه اسڪول بہ قائم ڪيا ويا آهن. هن ڳوٺ ۾ اولياءُ الله ۽ بزرگ مدفون هن. انهن ۾ سيد محمد شاهہ سيد علي شاهہ ۽ قالو شاهہ شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ لغاري قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهن ا. ان کان علاوه سومرا، قنبراڻي سيد، پٽ، گشڪوري، شيخ ۽ ڏکڻ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جا نيڪ مرد ئيس درياءِ خان ۽ رئيس پريل خان هئا. هن وقت رئيس منو خان ۽ رئيس نصرت خان آهن جيڪي ڳوٺ جي فلاح و ٻهبود لاءِ پاڻ پتوڙي رهيا آهن. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. انهن ۾ مرحوم عبدالقادر شيخ، علي نواز خان غاري، محمد عالم خان لغاري، ايوب خان لغاري، بخشل خان سومرو، عبدالرحمن شيخ، حضور بخش شامل آهن. هن وقت اعجاز علي لغاري ممتاز خان لغاري ۽ عنايت شيخ شامل آهن. هيءُ ڳوٺ جوهيءَ کان 25 ڪلوميٽر اولهہ ۾ آهي.

ساوڙو:

ڳوٺ ساوڙو ديهہ ۽ يونين ڪائونسل ساوڙو تعلقہ جوهي ۾ آهي. هي ڳوٺ جوهي شهر کان 15 ڪلوميٽر پنڌ ي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ بہ سوسال اڳ جو ٻڌايل آهي. ڳوٺ ساوڙو جو وجود سمن جي دور ۾ پيل آهي. ساوڙو ڳوٺ نئن ي پرسان واقع آهي. ساوڙو واهہ دريا خان سمن جي دور ۾ ڪوٽايو. هن ڳوٺ ۾ رود ناٽي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڪجهہ گهر ٻين قبيلن جا بہ رهن ٿا. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول آهن. هن ڳوٺ ۾ مشهور شاعر ۽ ناظم ميرالهيار ودناٽي رهائش پذير آهي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي.

راڙو:

ڳوٺ آراڙو جوهي شهر جي اولهہ بند 10 ڪلوميٽرن جي پنڌ تي ديهہ آراڙو ٽپو حاجي خان ۾ واقع آهي. هيءُ وٺ، ڪاڇي جو قديم ۽ تاريخي ڳوٺ آهي.

ڳوٺ آراڙو جو وجود مغل دور کان اڳ جو آهي. پهريائين هيءُ ڳوٺ سولنگي قبيلي جو هو جن جو سپہ سالار يرڻ سولنگي هو. ارغونن آڻ نہ ميڙ سبب، سولنگي قبيلي کان علاقو ڦري پنهورن حوالي ڪيو. ميان نصير محمد نهورن کان کسي لنڊ قبيلي حوالي ڪيو.

هتي آراڙو قبرستان پڻ آهي. جتي قديم زماني جا قبا بہ آهن. آراڙو ديهہ بہ آهي. هتي قديم قبا بہ آهن. هن برستان ۾ سخي عالم خان جو مقبرو ۽ گهنور خان لنڊ جو مقبرو سخي عالم خان جي مزار موجود آهي جيڪا ڪٽ نما

آهي. جا سنڌ ۾ عام مزارن کان مختلف نظر اچي ٿي. هن ڳوٺ ۾ لنڊ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن.

ٽنڊو رحيم خان:

ڳوٺ ٽنڊو رحيم خان ديهه ٽنڊو رحيم خان تپو ٽنڊو رحيم خان يونين ڪائونسل ٽنڊو رحيم خان ۾ واقع آ هن ڳوٺ ۾ جمالي قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن ۽ ان سان گڏ ٻين ذاتين جا ماڻهو به رهن ٿا. ٽنڊو رحيم جوهي شهر کان 30 ڪلوميٽر اولهه ڏکڻ ڪنڊ تي واقع آهي.

هيءُ ڳوٺ رحيم خان پٽ جنگو جمالي آباد ڪيو ان ڪري ان جي نالي سان ٿي ٽنڊو رحيم خان ڪري س وڃي ٿو.

جنگو جمالي کي ٻه پٽ هئا، هڪ شهداد خان ۽ ٻيو رحيم خان. شهداد خان وڃي هليلي ۾ رهيو رحيم خان ڳوٺ کي آباد ڪيو.

هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ وجود ۾ آيل آهي.

الهياراٹي:

ڳوٺ الهياراٹي ديهه سرنجهڙي يونين ڪائونسل بهاولپور تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ جوهي شهر اوپر ـ اُتر ڪنڊ تي 8 ڪوميٽرن جي پنڌ تي آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 8 ايڪڙ ٿيندي، گهر 45 ۽ آدمشماري 2 جي لڳ ڀڳ ٿيندي ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول الڳ آهن. هن ڳوٺ ۾ مڊل اسڪول به قائم ڪيو ويو آ ڳوٺ کي روڊ ۽ بجلي جي سهوليت پڻ حاصل آهي. هتان جا ماڻهو پيئڻ لاءِ پاڻي نلڪن ذريعي حاصل ڪندا آه زرعي آبادي، بورنگ ۽ ٽيوب ويلن ذريعي ڪندا آهن.

هن ڳوٺ ۾ لغاري قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. ٻه ٽي گهر پنهورن جا به رهندڙ آهن. هن ڳوٺ پرسان پير جهانيان جو آستان آهي. پيرجهانيان بابت روايت آهي ته هو وڏو درويش ۽ الهه لوڪ انسان هو. هن آسن وٽ اچي ڪائيون کوڙيون جيڪي قدرت سان ڦٽي سايون ٿي ويون ۽ اُهي اڄ تائين وڻ جي صورت ۾ ڏسي سگهو ٿيون. هن ڳوٺ جي پرسان سرنجهڙي ڍنڍ آهي جيڪا هن وقت سڪي ويئي آهي.

هيءُ ڳوٺ، نيڪ مرد الهيار خان لغاري 2 سؤ سال اڳ ٻڌايو هو. هن ڳوٺ ۾ محمد قاسم لغاري نالي وارو ا رهيو آهي. هن وقت رٽائر آهي.

وارياسي:

ڳوٺ وارياسي، جوهي شهر جي اوپر ـ اتر ڪنڊ تي ديهه ڊرگهه هينئين يونين ڪائونسل بهاولپور تعلقي ج ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي ڏهه ايڪڙ آهي. ڳوٺ ۾ ستر گهر آباد آهن ۽ آدم شماري 9 سؤ ٿيندي. هن ڳوٺ کي ب ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ۾ لغاري ذات جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. ڪجهه گهر پنهورن جا به آهن. ڄَرَ ڀاڙو آهي ان ڪري سرڪار ڳوٺ ۾ واٽر سپلاءِ جو بندوبست ڪري ڳوناڻن کي مني پاڻي جي سهوليت ميسر ڏني آهي. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد دولت خان لغاري هو. جيڪو ڪجهه سال اڳ فوت ٿي ويو آهي.

حاجي پريو جمالي:

ڳوٺ حاجي پريو جمالي جوهي جي اولهه ۾ پندرهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي. هي ڳوٺ چٽن ايڪ تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 130 گهر ۽ آدم شماري 1500 کن ٿيندي.

ڳوٺ حاجي پريو جمالي ديهه ڪوهه ماڙو تپوشاد مان سرڪل حاجي خان. يونين ڪائونسل ٽنڈو رحيم خان تعلقي جوهي ۾ آهي. ڳوٺ ۾ بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. ڳوٺ کي بجلي، روڊ ۽ واٽر سپلاءِ جي سهوليت مليل آهي.

هيءُ ڳوٺ، ڪاچي ۾ آهي. ان ڪري آبادي برسات جي پاڻي تي ٽيندي آهي. زرعي آبادي ۾ جوئر، ڪڪ، سبزي، تر، مڱ، سوٽ، گوار، گدرا، هنداڻا ۽ سائو گاهه جام پوکيو ويندو آهي. آبادي ٽيوب ويلن ذريعي پڻ ٽيندي آهي. هيءُ ڳوٺ 150 سال اڳ ڳوٺ جي نيڪ مرد حاجي پريو جمالي ٻڌايو هو.

فيض محمد لغاري:

ڳوٺ فيض محمد لغاري ديهه ۽ تپوقبو قلندر سرڪل جوهي يونين ڪائونسل جوهي تعلقه جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، جوهي شهر کان اتر ۾ ٻار هن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، اٽن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ ستر گهر آباد آهن ۽ آدمشماري 1000 جي لڳ ڀڳ ٽيندي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هتان جا ماڻهو جَرَ جو پاڻي حاصل ڪندا آهن ۽ آبپاشيءَ لاءِ پٽوڙو شاخ استعمال ڪندا آهن. هن شاخ تي ڪڪ، ساريون، تيلي ٻج ۽ سائو گاهه پوکيندا آهن.

هيءُ ڳوٺ، زوار فيض محمد لغاري ستر سال اڳ ٻڌايو هو. هن وقت ڳوٺ جو نيڪ مرد روشن علي لغاري آهي. ڳوٺ جي ڏکڻ-اولهه ڪنڊ ۾، ميان وال تحريڪ جي سرواڻ الهداد فقير جو مقبرو آهي. جتي هر سال ميلو لڳندو آهي.

چاڪر خان شاهاڻي:

ڳوٺ چاڪر خان شاهاڻي ديهه ڪور ڪلان. تپو چني يونين ڪائونسل چني تعلقي جوهيءَ ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، جوهيءَ کان 20 ڪلوميٽر اولهه ڏکڻ ڪنڊ تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، ٻن بلاڪن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 500 گهر ۽ آدمشماري 2500 ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ شاهاڻي قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهن ٿا. ان کان علاوه جويا، سيد ۽ پنهور قبيلن جا ماڻهو آباد آهن. هن ڳوٺ کي بجلي، رورل هيلٿ سينٽر، پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول جي سهوليت مليل آهي. ان سان گڏوگڏ واٽر سپلاءِ ۽ روڊ رستي جي سهوليت پڻ حاصل آهي.

هن ڳوٺ جي پرسان بائد پير جي درگاهه آهي. اتي هر سال ميلو لڳندو آهي. هيءُ درويش، ڪلهوڙا دور ۾ آيل معلوم ٿئي ٿو. هن ڳوٺ جي اولهه ۾ احدي جو مقبرو به آهي. مقبري ۾ پٿر استعمال ٿيل آهي. روايت آهي ته هن مقبري ۾ چن ۽ ڏاچيءَ جو ڪير استعمال ٿيل آهي. هن وقت هي مقبرو تباهه ٿي رهيو آهي. هيءُ ڳوٺ، به سو سال اڳ چاڪر خان شاهاڻي ٻڌايو هو. ڪيس انگريزن خانبهادر جو لقب ڏنو. هن وقت سندس پوٽو چاڪر خان شاهاڻي قومي سردار آهي. هتان جا ماڻهو نئن گاج ۽ منچر جي پاڻي تي پوکي ڪندا آهن. هتي ڪڪ، جوئر، تر، گوار، مڱ، ڏاڻا، هنداڻا، گدرا ۽ ٻي آبادي ٽيندي آهي.

ميرڻ سولنگي:

ڳوٺ ميرڻ سولنگي شهر جي ڏکڻ ۾ 7 ڪلوميٽر پنڌ تي ديهه ڏڙا يونين ڪائونسل ڪمال خان تعلقي جوهي ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، 30 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ 50 گهر ۽ آدمشماري يارهن سو ٽيندي.

هيءُ ڳوٺ ميان وال تحريڪ جي سپهه سالار ميرڻ خان سولنگي ٻڌرايو هو. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي الهڏتو سولنگي هو. ان کانپوءِ سندس فرزند رئيس غلام الله سولنگي ۽ رئيس غلام حسين سولنگي به ڳوٺ جا نيڪ مرد

هئا. هن وقت رئيس انور علي سولنگي به قبيلي جو نيڪ مرد آهي. جيڪو نامور استاد ۽ ماهر تعليم پڻ آهي. هيءُ ڳوٺ جوهي شهر کان 7 ڪلوميٽر ڏکڻ طرف آهي. ڳوٺ کي اسڪول، بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي.

بچل خان رند:

ڳوٺ بچل خان رند، جوهي شهر جي اوپر ۽ هڪ فرلانگ پنڌ تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ ديهه جوهي تپو جوهه تعلقي جوهي ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ ايائي سؤ گهر ۽ آدمشماري ٽي هزار ٽيندي. ڳوٺ پنجاهه ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ه ڳوٺ ۾ رند قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندڙ آهن. ان سان گڏ چانديا، خاصخيلي ۽ لُنڊ قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهه هن ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي علي خان رند هو. هن ڳوٺ جو نامياروا استاد اديب ۽ شاعر استاد چنڻ رند رهائش پذير ه ان سان گڏ مولوي محمد هاشم خاصخيلي به رهندڙ هو.

هن ڳوٺ کي بجلي، روڊ ۽ پرائمري اسڪول جي سهوليت مليل آهي.

نوشهرو:

ڳوٺ نوشهرو جوهي شهر کان اولهه طرف 7 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ ديهه نوشهر تپو حاجي خ تعلقه جوهي ۾ آباد آهي. هن ڳوٺ کي نوشهر معني نَوَ(9) ڳوٺ، هن جي پرسان نوَ ڳوٺ هئا جنهن ڪري مٿس نوشهه نالو پئجي ويو. هن ڳوٺ ۾ ڪيترائي اديب شاعر، سگهڑ ۽ سخي ٿي گذريا آهن. ميان وال تحريڪ جو سپهه سالار گنهه خان لنڊ(گنهوراٽي) سگهڑ ۽ سخي عالم خان لنڊ شاعر، ميهو فقير ۽ امير بخش اداسي هن ئي ڳوٺ جا رهواسي هئا. ه ڳوٺ، ڪلهوڙا دور ۾ وجود آيل معلوم ٿئي ٿو.

حاجي خان لغاري:

ڳوٺ حاجي خان، جوهي شهر جي اولهه ۾ پندرهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آباد آهي. هيءُ ڳوٺ، ديهه حاج خان تپو حاجي خان تعلقي جوهي ۾ واقع آهي. ڳوٺ، ميان نصير محمد ڪلهوڙي جي دور ۾ وجود ۾ آيو. هيءُ ڳو ڪاچي ۾ آهي. ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول کان علاوه هڪ هاءِ اسڪول پڻ قائم آهي. هن ڳوٺ ۾ لغار سولنگي ۽ پنهور قبيلي جاماڻهو رهندڙ آهن.

شاهه حسڻ:

ڳوٺ شاهه حسن جوهي شهر جي اولهه اوپر ڪنڊ تي 30 ڪوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ منچر ڍنڍ سه ڏ آهي. هي تاريخي ڳوٺ آهي. ڪن مؤرخن جو چوڻ آهي ته هيءُ ماڳ شاهه حسن ارغون ٻڌرايو هو. پر مقامي روايه مطابق، شاهه حسڻ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جي فرزند ميان شاهه حسن آباد ڪيو هو. هيءُ ڳوٺ، ديهه شاهه حه تعلقي جوهي ۾ آهي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ٻارن جي تعليم لاءِ اسڪول به قائم آهن.

راڄو ديرو:

ڳوٺ راڄو ديرو، جوهي شهر کان 30 ڪلوميٽر پنڌ تي اتر ـ اولهه جي ڪنڊ تي واقع آهي. ميان نصير مح ڪلهوڙي، پنهنجي معتمد جرنيل راڄو ليکي کي هيءُ علاقو تحفي ۾ جاگير ڪري ڏنو. هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪ قائم ڪيا ويا آهن.

ترڻي محبت:

ترڻي محبت، ميهڙ ۽ راڌڻ شهر وچ تي ميهڙ کان ڇهه ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. ترڻي جي معني آهي- ڳوٺ، جيءُ ڳوٺ ديهه. ترڻي محبت تپو ترڻي محبت تعلقي ميهڙ ۾ آهي. هيءُ شهر 200 ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هن شهر ۾ 4 هزار گهر آبادي انڪل 15 هزار کن ٿيندي. هن شهر ۾ صدر ٽاڻو ۽ پوسٽ آفيس پڻ قائم آهي. هن شهر ۾ پرائمري گرلس ۽ پرائمري بوائز اسڪولن کان علاوه 2 هاءِ اسڪول پڻ موجود آهن. هن شهر ۾ ناريجا، منگي، عباسي، سولنگي، ڳورڙ سيد، هرڙا ۽ ٻيا قبيلا رهندڙ آهن.

ترڻي محبت، شهر ڪنهن نهرايو. ان بابت روايت آهي ته ناريجا قبيلي جي نيڪ مرد محبت خان نهرايو هو. ڪي ٻي روايت آهي ته هيءُ شهر سولنگي قبيلي جي نيڪ مرد محبت خان ٻڌرايو. کن ٻين جي واتان ٻڌجي پيو ته هيءُ ڳوٺ، محبت خان لاکير ٻڌايو هو. هيءُ تمام قديم شهر آهي. انگريزن جي دور ۾ ترڻي محبت تعلقي جو هيڊڪوارٽر پڻ رهيو آهي. جنهن جو مختيارڪار شمس العلماء مرزا قليچ بيگ پڻ هو. ان ڳالهه جو ذڪر مرزا قليچ بيگ خود پنهنجي ڪيل آتم ڪٿا ۾ ڪيو آهي. هن شهر ۾ ڪيتريون ئي ممتاز شخصيتون پيدا ٿيون آهن. جن ۾ قادر بخش ناريجو، سڪندر علي ناريجو، مولانا محمد سليمان نوناري، شاعر ناظر منگي ۽ ٻيا شامل آهن.

فريد آباد:

فريد آباد شهر دادو ضلعي جو قديم ۽ تاريخي شهر آهي. هيءُ شهر ميان وال تحريڪ جي سپهه سالار فريد خان پاڻ جو ٻڌايل آهي. ميان وال تحريڪ جي سربراهه ميان نصير محمد ڪلهوڙي هن کي ان علاقي جي بقاء ۽ سلامتيءَ لاءِ مقرر ڪيو هو. جيئن ٻاهرين حملي آورن کان هن علاقي کي بچائي سگهجي.

هيءُ شهر ديهه فريد آباد تعلقي ميهڙ اولهه ۾ واقع آهي. هن شهر کي هاءِ اسڪول، پرائمري اسڪول، بجلي روڊ رستي جي سهوليت حاصل آهي. هتي هڪ مدرسو به آهي. جتي نامياروشاعر ۽ ليکڪ مولانا عبدالقيوم "جوهر" بروهي مدرس ۽ مهتمم آهي.

راڌڻ:

راڌڻ ڳوٺ، راڌڻ ذات جي ماڻهن ايائي سؤ سال اڳ ٻڌرايو هو. انگريزن جڏهن ريلوي لائين وڇائي ته راڌڻ ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي راڌڻ ريلوي اسٽيشن قائم ڪئي. راڌڻ اسٽيشن، ميهڙ شهر کان اوپر طرف ڏهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي.

هن شهر ۾ به هاءِ اسڪول (بوائز ۽ گرلس) سميت پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول پڻ قائم آهن.

بالي شاهه:

ميهڙ جو قديم ۽ تاريخي شهر بالي شاهه، ميهڙ شهر کان ڏهه ڪلوميٽر اوپر ۾ واقع آهي. هيءُ شهر، ديهه بالي شاهه يونين ڪائونسل بالي شاهه تعلقي ميهڙ ۾ آهي. هن ڳوٺ جا اراضي ٽيهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. ڳوٺ ۾ گهر ڏائي سؤ ۽ آدمشماري ٽن هزارن کان مٿي ٿيندي. هن شهر ۾ اسپتال، هاءِ اسڪول، پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول به آهن.

هيءُ شهر، ڪلهوڙا دور جو ٻڌايل آهي. هن شهر ۾ ڪلهوڙا، چانديا، سولنگي، پير ۽ راشدي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن شهر جو نيڪ مرد خان بهادر محمد پريل ڪلهوڙو هو جيڪو دادو ضلعي جو پهريون پريذيڊنٽ به هو. ان

سان گڏ شمس الدين ڪلهوڙو نيڪ مرد ۽ وڏو حڪيم هو.

بچو واهڻ:

ڳوٺ بچو واهڻ ديهه مريد لاکير تپوناري تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي هيءُ ڳوٺ، ميهڙ کان پندرهن ڪلوميٽر اوپر آهي. هن ڳوٺ کي بجلي روڊ رستي کان علاوه ٻن پرائمري اسڪولن جي سهوليت ميسر آهي. هن ڳوٺ ۾ سولنگ قبيلي جاماڻهو رهن ٿا. هيءُ ڳوٺ، سنڌ جي نامور صحافي ۽ عالم مولوي عبدالغفور سيتائيءَ جو مسڪن آهي. هن ڳوٺ ٻيون نامور شخصيتون ٿي گذريون آهن انهن ۾ ماسٽر محمد صالح سولنگي ۽ نور نبي سولنگي، احمد خان سولنگ شامل آهن. ان کان علاوه هيءُ ڳوٺ، اڄ کان ٻه سو سال اڳ نيڪ مرد بچو خان سولنگي ٻڌايو هو.

هوٿي خان ناريجو:

ڳوٺ هوٿي خان ناريجو ديهه مريد خان لاکير تپوناري يونين ڪائونسل باليشاهه تعلقه ميهڙ ۾ واقع آهي. هي ڳوٺ، ميهڙ کان 20 ميل اوپر ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي آخري ۾ ڳوٺ جي نيڪ مرد هوٿي خان ناريجي ٻڌرايو ه هن ڳوٺ ۾ ناريجا ۽ سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم محمد عمر ناريجو هو ۽ هن وق الهداد خان ناريجو ڳوٺ جو معزز ۽ سماجي اڳواڻ آهي. هن ڳوٺ جي تاريخي ساز شخصيت عالم استاد ۽ خود د طبيعت جو مالڪ محمد ايوب ناريجو ٿي گذريو آهي، جنهن جا شاگرد سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن ۽ ڪ اعليٰ عهدن تي فائز پڻ رهيا آهن. ان کان علاوه قادربخش ڪنير ۽ غلام ناريجو به هتان جا رهاڪو آهن. هيءُ ڳو ايائي سؤ گهرن تي مشتمل آهي. ڳوٺ جي آدمشماري ڪل پنج هزار ٽيندي

چچڙا:

ڳوٺ چچڙا، ديهه شاهه پنجو يونين ڪائونسل شاهه پنجو تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي (ايڪڙ گهر به سؤ ۽ آبادي 2500 ٽيندي هن ڳوٺ ۾ چچڙا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن هن ڳوٺ ۾ 2 پرائمري اسڪ قائم آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت پڻ مليل آهي. هن ڳوٺ جون معزز شخصيتون- مرحوم وڏي محمد سومر چچڙو ۽ مرحوم غلام نبي چچڙو ٿي گذريون آهن. جيڪي برادري جي فلاح و بهبود لاءِ ڪوشان رهيا. ه ڳوٺ ميهڙ شهر جي اوپر ۾ ارڙهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي.

سوپو خان مگسي:

ڳوٺ سوپو خان مگسي ميهڙ شهر جي اوپر ۾ پندرهن ڪلوميٽر پنڌ تي ديهه مگسي تپو مگسي يون ڪائونسل نئون ڳوٺ تعلقي ميهڙ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، چالیهه ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 300 گهر ۽ آدمشما چئن هزارن جي لڳ ڀڳ ٽيندي هن ڳوٺ ۾ به پرائمري اسڪول هڪ مڊل اسڪول موجود آهن. هن ڳوٺ ۾ مگس لاکير سومرا ۽ چنا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ، نيڪ مرد سوپي خان مگسي اٽڪل ڏيڍ سؤ سال اڳ ٻڌرايو ه هن ڳوٺ جا نامياريا استاد عبدالستار "عبد" مگسي، مرحوم عبدالله لاکير، محمد ابراهيم سومرو، محمد ابراهيم چنو گذريا آهن.

مسو ساهڙ:

ڳوٺ مسو ساهڙ، ديهه شاهه پنجو تپو شاهه پنجو تعلقي ميهڙ ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي پنجاهه ايڪ ٽيندي ڳوٺ ۾ پنج سؤ گهر ۽ ايراضي پنجن هزارن جي لڳ ڀڳ ٽيندي هيءُ ڳوٺ، ميهڙ جي اوپر ۾ سترهن ڪلوميٽ

جي پنڊ تي واقع آهي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. ان کان علاوه ۽ پرائمري اسڪول پڻ قائم ڪيا ويا آهن. هن ئي ڳوٺ ۾ سيد ۽ ساهڙ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن مسو ساهڙ قبيلي جو هڪ نيڪ مرد آهي.

پنڊ ماڙي:

ڳوٺ پنڊ ماڙي قديم ڳوٺ آهي. جيڪو ميهڙ شهر جي اوپر ۾ 35 ڪلوميٽرن جي پنڊ تي ڏيهه پنڊ ماڙي تپوبالي شاهه تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ ۽ سؤ گهر آدمشماري ايائي هزار ۽ ايراضي ويهه ايڪڙ ڪن ٽيندي. هن ڳوٺ جي پرسان سيد محمد شاهه جي مزار آهي. هن درگاه تي هر سال ميلو لڳندو آهي. ڳوٺ کي بجلي. روڊ رستو ۽ 2 پرائمري اسڪول آهن. هن ڳوٺ ۾ سيد ۽ لاکيو رهائش پذير آهن. ڳوٺ جون معزز شخصيتيون مرحوم وڏيرو خان محمد لاکير ۽ غلام محمد لاکير هئا. هيءَ ڳوٺ، جان محمد لاکير اڄ کان ڏيڍ سؤ سال اڳ ٻڌايو هو.

نئون ڳوٺ:

نئون ڳوٺ، ڏيهه ۽ يونين ڪائونسل نئون ڳوٺ تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي. هيءَ ڳوٺ، ميهڙ کان 20 ڪلوميٽر اوپر ۾ آباد آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي ڇهه سو ايڪڙ گهر يارنهن سو ۽ آدمشماري ٻارهن هزارن کان مٿي ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول سميت هاءِ اسڪول به آهن. هن ڳوٺ کي روڊ رستي ۽ بجلي جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ ۾ لاکير. قريشي. سولنگي. پيرزادا ۽ ملاح قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڳوٺ جي اهم شخصيت ۾ مرحوم غلام محمد لاکير هو. هن ڳوٺ جي پرسان مشهور اولياء سعدي موساڻي جي درگاهه آهي. جتي روزانه سوين زائرين ايندا آهن ۽ مزار تي دعائون گهري من جون مرادون پوريون ڪري واپس ورندا آهن.

بخش لاکير:

ڳوٺ بخش لاکير ڏيهه پيروز شاهه تپوناري يونين ڪائونسل شاهه پنجو تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ چارسو گهر. آدمشماري 3500 ٽيندي. هيءَ ڳوٺ، چالين ايڪڙن تي مشتمل آهي. هيءَ ڳوٺ، ميهڙ شهر کان ٻارهن ڪلوميٽر پنڊ تي اوپر ۾ آباد آهي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول آهن. جتي چوڪريون ۽ چوڪرا تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ بزرگ عبدالقادر چاڪي جي مزار آهي. مزار مٿان مقبرو ٺاهيل آهي ۽ هن درگاهه تي هر سال ٻارهو ميلا ويندو آهي. هن ڳوٺ ۾ ناريجا ۽ لاکير قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن ڳوٺ ۾ معزز شخصيتن ۾ غلام قادر لاکير شاعر شمس الدين شمسي ۽ عبديعقوب ناريجو ٿي گذريون آهن. هن وقت آصف لاکير ۽ غلام قادر ناريجو سماجي سرگرمين ۾ پرپور حصو وٺي رهيا آهن. هيءَ ڳوٺ، نامياريا استادن جي ڪري به مشهور آهي. انهن ۾ مرحوم محمد صالح ناريجو. مرحوم اميرالدين ناريجو شامل آهن. هيءَ ڳوٺ، به سؤ سال اڳ نيڪ مرد بخش لاکير ٻڌرايو هو.

اگهاماڻي:

ميهڙ جو هيءَ قديم ڳوٺ اگهاماڻي. ڏيهه پيروز شاهه تپو ناري يونين ڪائونسل شاهه پنجو تعلقي ميهڙ جو آهي. هيءَ ڳوٺ ميهڙ شهر کان سورهن ڪلوميٽر اوپر طرف آهي. هيءَ ڳوٺ 60 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ هزار گهر ۽ آدمشماري پنج هزار ٽيندي. هن ڳوٺ جي پرسان بالي فقير جو مقبرو آهي. جيڪو عام زيارت گاهه آهي. هن مزار تي هر سال عرس ملهايو ويندو آهي. هن ڳوٺ ۾ لاکيو - ٺا. سومرا. ڪلهوڙا. چانڊيا سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهائش پذير آهن. هن ڳوٺ جا نيڪ مرد مرحوم محمد موسيٰ ڪلهوڙو وڏيرو شمس الدين لاکير ۽ محمد رمضان لاکير هئا. جن

هن ڳوٺ جي رهواسين جا مسئلا حل ڪرائڻ جي پرپور ڪوشش ڪئي. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد به ٿي گذريا آهن. جن ۾ محمد سليمان لاکير ۽ سعيد خان لاکير شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ اعليٰ عهدي تي رهندڙ ڊاڪٽر ذوالفقار لاکير پنهنجون سماجي خدمتون سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

دائود ديرو:

ميهڙ جو هڪ تاريخي ڳوٺ، ميهڙ شهر جي اوپر ۾ هارهن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي واقع آهي. هن ڳوٺ جي پڪيڙ ٽيهه ايڪڙ ٽيندي گهر ٿي سوءِ آدمشماري 3500 ٽيندي هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول آهن. ان کان علاوه ڳوٺ کي بجلي روڊ رستي جي سهوليت مليل اٿس. هيءُ ڳوٺ، به سؤ سال اڳ نيڪ مرد دائود خان لاکير ٻڌرايو هو. هن ڳوٺ ۾ جلال شاهه ۽ ڪمال شاهه جي مزار آهي. مزار مٿان مقبرو اڏيل آهي. هن درويشن تي هر سال ٻارهو ملهايو ويندو آهي. هن ڳوٺ ۾ سيال، لاکير، وٽنس، سولنگي، ڪنيرِ، ساهڙ ۽ ٻيون ذاتيون سالن کان رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جي معززن ۾ ـ وڏيرو شادي خان لاکير ۽ شمس الدين لاکير هئا. هن وقت ڊاڪٽر صلاح الدين لاکير سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ پرپور حصو وٺندو رهي ٿو. هيءُ ڳوٺ، دائود خان لاکير به سؤ سال اڳ ٻڌايو هو.

پيروز شاهه:

ڳوٺ پيروز شاهه ديهه پيروز شاهه تپوناري يونين ڪائونسل شاهه پنجو تعلقي ميهڙ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ، ميهڙ شهر جي اوپر ۾ ٻارهن ڪلو ميٽر پنڌ تي واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، چاليهه ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ ٽي سؤ گهر ۽ آدمشماري 3600 ٽيندي هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. ان سان گڏ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. جتي ٻارڙا تعليم حاصل ڪندا رهن ٿا. هن ڳوٺ ۾ چنه لاکير، سهتا، سولنگي ۽ سومرا رهائش پذير آهن. ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن جن ۾ محبت چنه، محمد حسين چنه ۽ بخش علي سومرو ۽ پيا شامل آهن. ڳوٺ جي اهم معزز شخصيتن ۾ شاعر مولانا دين محمد اديب پيروز شاهي، مولانا محمد حسين چنه ۽ عبدالقادر چنه اچي وڃن ٿا.

پوراچو:

ڳوٺ پوراجو ديهه پوراچو تعلقي ميهڙ ۾ واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 60 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ سؤ گهر ۽ آدمشماري ٻارهن سوکن ٽيندي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. ان سان گڏ پرائمري گرلس ۽ بوائز اسڪول به قائم آهن.

هيءُ ڳوٺ، ميهڙ کان 6 ڪلوميٽر پنڌ تي اتر ۾ واقع آهي. هيءُ ڳوٺ، ڪٽل راج واهه سان گڏ ٻڌل آهي. هن ڳوٺ ۾ ڪوسا، جتوئي ۽ ڪجهه بين ذاتين جا ماڻهو رهائش پذير آهن.

ناري:

ڳوٺ ناري ديهه ناري يونين ڪائونسل اگهاماڻي تعلقي ميهڙ ۾ آهي. ڳوٺ جي ايراضي 50 ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ به سو گهو ۽ آدمشماري به هزار کن ٽيندي. هن ڳوٺ روڊ ۽ بجلي، گرلس ۽ بوائز اسڪول جي به سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ سيد، سولنگي ۽ چانڊيا ذات جا ماڻهو رهائش پذير آهن. هن ڳوٺ جي پرسان هڪ واهي، جنهن کي ناري ڪري سڏيندا هئا، اها درياء مان وهي هيٺ آبادي ڪندي هئي. ان ڪري هن ڳوٺ تي ناري نالو پئجي ويو. هيءُ ڳوٺ ميهڙ کان ٻارهن ڪلوميٽر پنڌ تي اوپر ۾ واقع آهي.

گاهي مهيسر:

ڳوٺ گاهي مهيسر تعلقي ميهڙ ۾ اولهه طرف 4 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 40 ايڪڙ گهر ۽ سوءِ آدمشماري ايائي هزار ٽيندي ڳوٺ جا رهواسي زميندارين پيشي کان علاوه سرڪاري نوڪرين مزدوريءَ هار جي سان وابسته آهن. هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم آهن. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت پڻ حاصل آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم عبدالله خان مهيسر هو. هن وقت طلعت مهيسر سياست ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺندو پيو اچي. غزل ۽ نعت جو مشهور شاعر حاجي غلام نبي مهيسر به هن ڳوٺ جو رهواسي هو. هيءُ ڳوٺ گاهي مهيسر ۽ سؤسال اڳ ٻڌايو هو.

گوزو:

گوزو پير درويش ٿي گذريو آهي. ان جي نالي تي گوزو ڳوٺ سڏجي ٿو. هيءُ ڳوٺ ديهه گوزو يونين ڪائونسل گوزو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ آهي. ڳوٺ جي ايراضي 50 ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ هزار گهر ۽ آدمشماري ڏهه هزار ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ سيال، برڙا، لانگاهه، منگي، سومرا، سيد، چنا، گاڏهي، ڪچل، چانديا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن.

هن ڳوٺ ۾ پرائمري بوائز ۽ گرلس اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. ان سان گڏ بوائز ۽ گرلس هاءِ اسڪول به قائم آهن. هن ڳوٺ ۾ پوليس پوسٽ، پوسٽ آفيس، ٽيليفون ايڪسچينج، بيسڪ هيلٿ سينٽر، لائبريري موجود آهي. هن ڳوٺ ۾ نيڪ مرد حاجي جان محمد ڪوريجو هو جيڪو صدر ايوب جي زماني ۾ چيئرمن به رهيو. هن نيڪ مرد اسڪولن لاءِ پنهنجي ذاتي زمين وقف ڪري ڏني. حاجي جان محمد ڪوريجي جي سرپرستي حاجي لعل بخش راهوجو ڪندو هو.

الله بخش رودناٽي:

ڳوٺ الله بخش رودناٽي ديهه پير ڏتاري تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ 10 ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ 80 گهر ۽ آدم شماري 900 سؤ ٽيندي. هن ڳوٺ ۾ 2 پرائمري اسڪول ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ الڳ قائم ڪيا ويا آهن. هن ئي ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ رستي جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ اڪثريت واري ذات رودناٽي آهي. ڳوٺ جو نيڪ مرد الله بخش رودناٽي هو. هيءُ ڳوٺ 150 سؤ سال اڳ جو ٻڌايل آهي. هيءُ ڳوٺ جوهي شهر جي ڏکڻ اولهه طرف 15 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي.

پنهور ٻٽڙا[1]:

هيءُ ڳوٺ، دادو شهر کان 7 ڪلوميٽر اولهه طرف تعلقي جوهيءَ ۾ آهي. هن ڳوٺ کي ٽي وڏيون ديهون ڏڳهه هينئين، سرنجڙي ۽ ٻٽي لڳن ٽيون. ديهه ڏڳهه هينئين سنڌ جي اڳوڻي وزير اعليٰ مير بنده علي خان ٽالپر جي جاگير هئي جيڪا ڀٽي دور ۾ مقامي هارين ۾ ورهائي وئي هن ڳوٺ ۾ رڙتي جي ميائٽي مشهور هئي جيڪا هن وقت وڏي ويندڙ آهي. جنهن جي مڇي اڄ به دادو شهر پُڄندي آهي. هن ڳوٺ ۾ پنهور، چارڻ، ميربحر، ماڇي ۽ جتوئي آباد آهن. هيءُ ڳوٺ هوميوپيٿي جي مشهور ڊاڪٽر نظير احمد چارڻ جي جنم پومي آهي.

---

[1]: ايڊيٽر پاران اضافو.

جلب ديرو[1]:

هيءُ قديم ڳوٺ چاڪر ڪوٽ، تپي درگھ بالا، تعلقي جوهيءَ ۾ واقع آهي. جلب ديرو ڪاڇي جو مشهور ڳوٺ آهي. هن ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ هڪ اوائلي قبرستان آهي. قبرستان ۾ به رانڪون اهڙيون آهن، جن جي مٿان گنبد ڏنل آهن. گنبد انڪنڊي ڳچ (Neck) جي مٿان ناهيا ويا آهن. انهن ٻنهي رانڪن جي ٻيڙ ٻنن (Parapet) تي برجيون ٺهيل آهن. انهن ٻنهي مان اوپر واري رانڪ ۾ارهن دري نموني تي ٺهيل آهي. هن مقبرن جو نمونو ساڳيو آهي. هنن تي تحقيق ٿيڻ گهرجي ته هي قبرون ڪهڙي دور سان تعلق رکن ٿيون.

بکر جمالي:

ڳوٺ بکر جمالي ديهه هاليجو تپو درگھ بالا يونين ڪائونسل درگھ بالا تعلقي جوهي ۾ آهي. هن ڳوٺ ۾ به سؤ گهر ۽ آدمشماري پندرهن سو ٽيندي هي ڳوٺ ويهن ايڪڙن تي ڦهليل آهي. ڳوٺ بکر جمالي درگھ بالا پوليس ٽاڪي جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ جا رهواسي پنهنجي خط و ڪتابت واهي پانڊي پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ به پرائمري اسڪول قائم ڪيا ويا آهن، جتي ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا الڳ الڳ تعليم حاصل ڪندا آهن. هتان جا ڳوٺاٽا ٽيهه سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ کي بجلي پاڻي صحت جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. بکر جمالي ڳوٺ کان روڊ پنج ڪلوميٽر پري آهي. ڳوٺاٽا پنڊ ڪري روڊ تي پهچندا آهن جتان بسن ۽ ٻين سوارين ذريعي شهرن تائين پهچندا آهن. هن ڳوٺ جي پرسان جوهي شهر آهي. جيڪو ڳوٺ کان ويهه ڪلوميٽر اوپر طرف آهي.

ڳوٺ بکر جمالي ۾ جمالي قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. زرداري نائچ. اتيرا قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن هن ڳوٺ جي پرسان ياروپير جو مقبرو آهي جيڪو عام زيارتگاهه آهي. ڳوٺ بکر جمالي جي پرسان ساڪر جبل جي پاڙ ۾ قديم قبرون آهن، جيڪي اولهه کان اوپر دفن ٽيل آهن. هيءُ ڳوٺ ڪاڇي ۾ آهي. آبادي برسات جي پاڻي ۽ نئين ذريعي ٽيندي آهي. ڳوٺاٽا کوهن ذريعي پاڻي حاصل ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ، تي سؤ سال اڳ نيڪ مرد بکر خان جمالي ٻڌايو هو ڳوٺ جو نيڪ مرد نوجوان اسدالله جمالي آهي. هن ڳوٺ جا ڪيترائي نامور استاد تي گذريا آهن، جن ۾ حاجي مير محمد جمالي (رياضيدان)، مولانا قاري حاجي محمد خان جمالي ۽ حاجي احمد خان ۽ ٻيا شامل آهن.

بازمال کوسو:

ڳوٺ بازومال کوسو ديهه نوشهرو تپو ۽ سرڪل حاجي خان يونين ڪائونسل درگھ بالا تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٺڪل ڏهن ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ ستر گهر آباد آهن. ڳوٺ جي آدمشماري ٽن هزارن کان وڌيڪ ٽيندي. هن ڳوٺ جا ماڻهو هاريءَ سان منسلڪ آهن، جڏهن ته ڪجهه رهواسي سرڪاري نوڪرين سان به وابسته آهن. هن ڳوٺ ۾ ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن لاءِ به الڳ الڳ اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. جتان پارڙا پنجون درجو پاس ڪري هاءِ اسڪولن ۾ داخلا وٺندا آهن. هتان جا ڳوٺاٽا ست سيڪڙو پڙهيل آهن. هيءُ ڳوٺ درگھ بالا پوليس جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوٺاٽا جوهي ۽ حاجي خان پوسٽ آفيس ذريعي خط و ڪتابت ڪندا آهن.

ڳوٺ بازمال کوسي کي آمد و رفت جي سهوليت مليل آهي. ڳوٺ جي پرسان هڪ فرلانگ پنڊ تي روڊ گذري

---

[1] ايڊيٽر ياران اضافو

ي ڳوناٽا، بسن، ڊانسن جيين ۾ رڪشائن ذريعي مسافري ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي اوپر ۾ وڏو شهر جوهي آهي جيڪو ٽ ڪلوميٽر پنڌ تي آهي. هتان جا ڳوناٽا ڪوهن مان پاڻي حاصل ڪندا هئا. هن وقت ڪوهن جو پاڻي ٻاڙو/ڪارو ٿي ويو هي. انڪري تلاءِ مان پاڻي حاصل ڪندا آهن. ڪجهه سالن کان نلڪا لڳايا ويا آهن.

ڳوٺ بازمال کوسو تي سؤ سال اڳ ڪلهوڙن جي دور جو آباد ٿيل معلوم ٿئي ٿو. ڳوٺ چاڪر علي خان ۾ ڪاجي خان کوسي ٻڌايو هو. ڳوٺ ۾ کوسا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هن ڳوٺ ۾ نامياراا استاد تي گذريا آهن. انهن ۾ ڪاجي خان کوسو محمد مريد کوسو رحم علي کوسو غلام سرور کوسو علي بخش کوسو جيئندو خان کوسو الهه رکيو کوسو چاڪر علي کوسو ۾ ٻيا شامل آهن. هن ڳوٺ ۾ مشهور عالم دين مولوي جعفر حسين نجفي، مولوي حافظ ثابت علي نجفي، وغيره تي گذريا آهن. هن ڳوٺ جو سُرندي نواز جوڳي فقير مشهوري ماڻي چڪو آهي. هو ڪيترائي سال ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ سان واڄيل رهيو. ڳوٺ بازمال کوسو ڪاچي ۾ آهي. هتان جا ماڻهو نئن جي پاڻيءَ تي آبادي ڪندا آهن.

ڪمال خان لُنڊ:

ڳوٺ ڪمال خان لُنڊ ديهه درّا ماچي تپو يونين ڪائونسل ڪمال خان سرڪل- تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ انڪل ويهن ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ ايائي سؤ گهر ۽ آدمشماري تي هزار ٽيندي. ڳوٺ ڪمال خان لُنڊ جوهي پوليس جي حد ۾ آهي. هتان جا ڳوناٽا پنهنجي خط و ڪتابت جوهي پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ چوڪرين ۽ چوڪرن لاءِ به الڳ الڳ پرائمري اسڪول آهن. ان کان علاوه هڪ هاءِ اسڪول پڻ قائم ڪيو ويو آهي. هتان جا رهواسي چالیهه سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ کي بجلي، روڊ ۽ اسپتال جي سهوليت ملیل آهي.

ڳوٺ ڪمال خان لُنڊ جي پرسان سيد جلال شاهه جي مزار آهي. مزار جي مٿان مقبرو اڏيل آهي. هن مزار تي ڪيترائي ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن ۽ دعائون گهري آهن. هيءُ ڳوٺ ڏڙي تي ٻڌل آهي. هن ڳوٺ ۾ لُنڊ قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هيءُ ڳوٺ، ڪلهوڙن جي دور ۾ ڪمال خان لُنڊ ٻڌايو هو. ڳوٺ جو نيڪ مرد سرائي نبن خان لُنڊ هو. جيڪو اٽهو ۽ سگهڙ ماڻهو هو. سرائي نبن خان لُنڊ اسي سالن جي ڄمار ۾ سال 1957ع ۾ انتقال ڪري ويو. سندس فرزند رئيس خدا بخش خان کي پگ ٻڌائي وئي. رئيس خدا بخش خان ڪجهه سال اڳ وفات ڪري ويو آهي. هن وقت رئيس خدا بخش خان جي فرزند نبن خان لُنڊ کي چڱ مڙسي جي پگ ٻڌائي وئي آهي.

مريد ٻير:

ڳوٺ مريد ٻير ديهه ڪورفوجو تپو ٽرڙي جادو شهيد يونين ڪائونسل پٽ گل محمد تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ هڪ سو ويهه ايڪڙن تي ڦهليل آهي. هن ڳوٺ ۾ هڪ سؤ ستر گهر آباد آهن. ڳوٺ جي آدمشماري پندرهن هزار ٽيندي. هن ڳوٺ جي ماڻهن جو مکيه پيشو زميندارياري، هاريو ملازمت ۽ مزدوري ڪرڻ آهي. هن ڳوٺ ۾ بوائز ۽ گرلس سڪول قائم ڪيا ويا آهن. انهن اسڪولن ۾ چوڪريون ۽ چوڪرا الڳ الڳ تعليم حاصل ڪندا آهن. هن ڳوٺ کي روڊ رستي جي سهوليت ملیل آهي. جتان ڳوناٽا بسن، ويگنن، رڪشائن ۽ ذاتي سوارين ذريعي وڏن شهرن ڏانهن آمد و رفت ڪندا آهن. ان کان علاوه ڳوٺ کي بجلي ۽ فون جي سهوليت ملیل آهي.

هيءُ ڳوٺ تعليم يافته آهي. ڳوٺ جا ماڻهو نوي سيڪڙو پڙهيل آهن. هن ڳوٺ ۾ نامياراا استاد تي گذريا آهن. انهن ۾ سوپو خان ٻير ۽ عبدالحڪيم ٻير به شامل آهن. هن ڳوٺ جي پرسان گل فقير جي مزار آهي. جتي ڪيترائي

ماڻهو زيارت لاءِ ايندا ۽ باسون باسيندا آهن. هن ڳوٺ جي اوپر ۾ ٽرڻي جادو شهيد جو شهر آهي. هن ئي ڳوٺ جي ڏ ٽيهه ڪلوميٽر پنڌ تي جوهي شهر آهي. جيڪو تعلقي جو صدر مقام آهي. هتان جا ڳوناٽا جوهي برانچ مان پاڻي ح ڪندا آهن هن ڳوٺ جو ڪجهه عرصو اڳ نيڪ مرد پنهون خان ببر هو. پر هن وقت خدا بخش ببر ۽ ڪرم علي ڳوٺ جا نيڪ مرد آهن. ڳوٺ مان ڊاڪٽر محمد ببر مشهور شخصيت آهي. ڳوٺ مريد ببر ۾ نوجوان ملهه پهلوان ا ببر آهي. جيڪو سنڌ جي هن مشهور ثقافت کي زندهه رکندو پيو اچي.

هن ڳوٺ بابت روايت آهي ته ڪلهوڙا دور جو آباد ٽيل آهي. هن ڳوٺ ۾ ببر قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ ٿا. ان کان علاوه ڪجهه گهر برهماڻي قبيلي جا به رهندا آهن. هڪ گهر ڊڪ سومري جو آهي.

غلام حسين گاڏهي:

ڳوٺ غلام حسين گاڏهي ديهه وڳيجي تپو چام پور پنهورکي يونين ڪائونسل بهاولپور تعلقي جوهي ۾ هيءُ ڳوٺ پنجويهه ايڪڙن تي پکڙيل آهي. هن ڳوٺ ۾ ٽي سؤ گهر آهن. ۽ ڳوٺ جي آدمشماري سايا ٽي هزار کن ٽي هن ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول به قائم ڪيو ويو آهي. ان مان تيل ڪمپني بي. ايڇ. بي طرفان نياڻين لاءِ هڪ اسڪول ڪيو ويو آهي. هتان جا ڳوناٽا ٽيهه سيڪڙو پڙهيل آهن. هيءُ ڳوٺ جوهي پوليس جي حد ۾ آهي. هن ڳوٺ جا رهر پنهنجي خط و ڪتابت جوهي پوسٽ آفيس ذريعي ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ دادو جوهي روڊ جي ڏکڻ ۾ جوهيءَ کان ڪلوميٽر اوپر ۾ آهي.

هن ڳوٺ ۾ صرف گاڏهي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. هتان جا رهواسي واٽر ڪورس ذريعي پاڻي ح ڪندا آهن. هن ڳوٺ جو نيڪ مرد مرحوم بهرام خان گاڏهي هو هن وقت عيدن خان ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي. هيءُ ميرن جي آخري دور جو پڌايل آهي. هن ڳوٺ مربخشل خان لُنڊ ناميارو استاد ٽي گذريو آهي.

ڪيٽي سجاول:

ڳوٺ ڪيٽي سجاول ديهه تپو سرڪل يونين ڪائونسل ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ ٽن ايڪڙن تي مشتمل آهي. ۾ ويهه گهر آباد آهن ۽ آدمشماري اڍائي سؤ کن ٽيندي. ڳوٺ ۾ هڪ پرائمري اسڪول قائم ڪيو ويو آهي. جتان ابتدائي تعليم حاصل ڪندا آهن. ڳوناٽا هاريي سان منسلڪ آهن. هيءُ ڳوٺ ڪاچي ۾ آهي. آبادي برسات جي تي ٽيندي آهي. هن ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ جوهيءَ جي اولهه ۾ ٽيهه ڪلوميٽر پ آهي. هن ڳوٺ ۾ لغاري قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ رهندا آهن. سومرا قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن.

ڳوٺ ڪيٽي سجاول جا ماڻهو کوهن مان پاڻي حاصل ڪندا آهن. هيءُ ڳوٺ انگريزن جي پچاڙڪي ڏ سجاول خان لغاري پڌايو هو. جيڪو ڳوٺ جو نيڪ مرد هو هن وقت محمد حسين لغاري ڳوٺ جو نيڪ مرد آهي.

شادڙ:

ڳوٺ شادڙ ديهه تپو هيرو خان يونين ڪائونسل پٽ گل محمد تعلقي جوهي ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اٽڪل پنا ايڪڙن تي مشتمل آهي. هن ڳوٺ ۾ اسي گهر ۽ آدمشماري اڍائي هزارن جي لڳ ڀڳ ٽيندي. هيءُ ڳوٺ هيرو خان پ ٽاڻي جي حد ۾ آهي. هتان جا رهواسي جوهي پوسٽ آفيس ذريعي خط و ڪتابت ڪندا آهن. هن ڳوٺ ۾ چوڪ چوڪرن لاءِ به الڳ اسڪول قائم ڪيا ويا آهن. هتان جا رهواسي چاليهه سيڪڙو پڙهيل آهن. ڳوٺ کي بجلي ج سهوليت مليل آهي. هيءُ ڳوٺ روڊ جي سهوليت کان محروم آهي. هتان جا رهواسي اٽ ڪلوميٽر پنڌ ڪ

تائين پهچندا آهن.جتان بسن ۾ ٻين سوارين ذريعي جوهي شهر ڏانهن ايندا ويندا آهن.

شاهه ڳوٺ جي پرسان سيد علي شاهه جي مزار آهي. مزار مٿان مقبرو اڏيل آهي. هيءَ ڳوٺ ڪاڇي ۾ آهي. هتي آبادي برسات ۾ نئن ذريعي ٽيندي آهي. هتان جا رهواسي کوهه ذريعي پاڻي حاصل ڪندا آهن. کوهه سازڏا طرفان تيار ڪرايو ويو آهي. ويهه سال اڳ هن ڳوٺ ۾ هڪ کوهه هو زهريلي گئس پکڙجڻ سبب هڪٻئي پٽيان ٽي ماڻهو فوت ٽي ويا. هن ڳوٺ ۾ ٻير قبيلي جا ماڻهو اڪثريت ۾ آهن. سومرا، وگهيا، برهماڻي، سرهيا قبيلي جا ماڻهو به رهندا آهن.

هيءَ ڳوٺ به سؤسال اڳ جمالي قبيلي جي ماڻهن ٻڌايو هو. بعد ۾ جمالي قبيلو لڏي وڃڻ سبب سومرا قبيلي جا ماڻهو اچي رهيا ۾ هتن ڳوٺ کي ٻيهر آباد ڪيو هن ڳوٺ جو نيڪ مرد راضي خان سومرو هو. جيڪو 1963ع ۾ وفات ڪري ويو هن وقت نيڪ مرد غلام حسين سومرو۽ محمد رمضان ٻير آهن. هن ڳوٺ ۾ نامياريا استاد ٿي گذريا آهن. جن ۾ مرحوم گل حسن سرهيو علي خان سومرو جان محمد سومرو شامل آهن. ڳوٺ ۾ مرحوم غلام حيدر سومرو ملهه پهلوان ٿي گذريو آهي. مرحوم ٻڌو فقير وگهيو ڳائڻو به هن ڳوٺ ج ويڙل هو هيءَ ڳوٺ جوهيءَ کان 30 ڪلوميٽر اُتر-اولهه آهي.

ننگر داريو:

ڳوٺ ننگر داريو ديهه نوشهرو تپو ۾ سرڪل حاجي خان يونين ڪائونسل ڊرگهه بالا تعلقو جوهي ۾ آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي ڏهه ايڪڙ ٽيندي. ڳوٺ ۾ پنجاهه گهر ٽيندا آدمشماري هڪ هزار ٽيندي هن ڳوٺ کي صرف بجلي مليل آهي. هتان جا ڳوٺاٽا کوهن. تلائن مان پاڻي حاصل ڪندا آهن. هن وقت ڳوٺ ۾ نلڪا پڻ لڳايا ويا آهن.

هيءَ ڳوٺ ڪاڇي ۾ آهي. هتان جا آبادگار برسات جي پاڻي آبادي ڪندا آهن. هن ڳوٺ جي اوپر ۾ ست ڪلوميٽر پنڌ تي جوهي شهر آهي. هن ڳوٺ جا رهواسي پنڌ ۾ پنهنجين سوارين ذريعي مسافري ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ ڪوسا قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. ڪجهه برهماڻي قبيلي جا گهر آهن. هيءَ ڳوٺ ڪلهوڙا دور ۾ آباد ٿيو. هن ڳوٺ جو پايو وجهندڙ ننگر خان ڪوسو هو.

گلزار ٽيبو:

ڳوٺ گلزار ٽيبو خيرپور ناٿن شاهه جي اوپر ۾ 7 ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هن ڳوٺ ۾ 30 گهر. آدمشماري ڇهه سؤ کن ٽيندي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي.

ڳوٺ ۾ پرائمري اسڪول پڻ قائم آهي. هن ڳوٺ ۾ ٽيبا ۽ سولنگي قبيلي جا ماڻهو رهندڙ آهن. دادو ضلعي جي مشهور سياسي شخصيت سورٺ ٽيبو پڻ هن ڳوٺ جي رهواسي آهي. سندس ور گلزار احمد ٽيبو ترقي پسند زميندار پڻ هن ڳوٺ رهندڙ آهي.

جمع لاکير:

ڳوٺ جمع لاکير ديهه ٽلهو تپو ٽلهو تعلقي خيرپورناٿن شاهه ۾ واقع آهي. هي ڳوٺ خيرپورناٿن شاهه جي اوپر ۾ ست ڪلوميٽر پنڌ تي واقع آهي. هن ڳوٺ جي ايراضي 10 ايڪڙ ۽ 30 گهر ۽ آدم شماري 500 سؤ ٽيندي. ڳوٺ کي بجلي ۽ روڊ جي سهوليت مليل آهي. هن ڳوٺ ۾ لاکير اڪثريت ۾ آهن. ڪجهه ڪلهوڙا قبيلي جا ماڻهو به رهندڙ آهن. هن ڳوٺ جون اهم شخصيتون مرحوم نورمحمد لاکير ۽ استاد الهه بخش لاکير. ڪريم داد لاکير هڻا ۽ موجوده وقت ڊاڪٽر خادم حسين لاکير. عابد حسين لاکير. صادق حسين لاکير ۽ منظور حسين لاکير اهم عهدن تي فائز آهن.

رُکڻ:

رکڻ تعلقي دادوءَ جو هڪ قديم ڳوٺ آهي. هيءُ ڳوٺ، هڪ هندو عورت "رُکڻ" جي نالي تي قديم زماني ۾ ٻڌو ويو. جيڪو درياءِ پٽڻ طور ڪم اچڻ لڳو. هن ڳوٺ جو ڪيترن ليکڪن پڻ ذڪر ڪيو آهي. سنڌو درياءِ جي پراڻي بندرگاهه سبب هن جي جاءِ وقوع پڻ تبديل ٿيندي پئي رهي آهي ۽ ڪتابن ۾ ڪيس مختلف نالن سان ياد ڪيو پئي ويو آهي. ارغونن جي دور ۾ هن ڳوٺ کي پڻ قريو ۽ لُٽيو ويو. چوته هيءُ هڪ شاهوڪار ۽ مشهور بندرگاهه هو. موجوده رُکڻ پيارو ڳوٺ اسٽيشن کان 5 ڪلوميٽر اوپر طرف آهي. جڏهن ته دادو شهر کان قريباً 30 ميل مفاصلي تي آهي. هتي ميربحر، ماچي، سولنگي، چانديا، مقيم آهن. ماڻهن جو ڏنڏو زراعت آهي ۽ ڪي ملازمت به ڪن ٿا. سنڌ جو مشهور معروف شاعر الهنواز "نواز" رکڻائي جو هيءُ آباڻو ڳوٺ رهيو آهي. جنهن هتي ادبي محفلون ڪرايون ۽ پوءِ لڏي دادوَ شهر ۾ پنهنجي رهائشگاهه ڪئي.

***

دادو جا ڳوٺ، وستيون، واهڻ ۽ شهر اُن جي سڃاڻ آهن. جڏهن ڳوڻن جو ذڪر آيو آهي ته سڄي ضلعي جي شهرن جو ذڪر نه ڪرڻ ناانصافي ٿيندي سنڌ جي پلوڙ شاعر، اديب، سگهڙ ۽ شاهه جي پارکو حافظ محمد بخش خاصخيلي دادو ضلعي جو ذڪر شعر ۾ سڀني نموني ۾ پيش ڪيو آهي. اهو شعر نموني طور هيٺ پيش ڪجي ٿو.

ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا
جنهن دانءَ نشانبر نلا

اي سچي ماڻهو ڪاون سادا،
ڪير، مکڻ، بهه چانول چلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

جتان وسي مخدوم بلاول،
جنهن دا شوق شهادت صلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

ڪڪ ميهڙ راڌڻ سيتا،
جوهي، جوت جلاون جلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

ماڻڪتاري، ڏلجي، پياري
گاجي، نئيگ تي نور تجلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

ٻيلي ڀهکن شينهن ببرنس
ٻيلا مور نہ پيلي ٻلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

اوڏي هنڌ ٻمپر ٻالي
ايڏي ڪات ڪهاڙي ڪلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

ٽلٽي ٻوبک ٻان بلاول
جهانگي جهورن جوٽا جهنگلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

جهولي سيوهڻ لال دا جهنبا
لکي شاه صدر دا چلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

اڙينگ ماڻهو آمري والي
ڏيکي ڏيڏ ٽہ ٽيوي ڏلا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

جيوي جوڳي سن دا سائين
قائم رني ڪوٽ دا قلعا
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

مانجهند مانجهي ٻوڙي هکلن
الها ٻلها ٽيهر ٽلها
ڏيک اسان ڏا دادو ضلعا

چار شوري دي اهل چاماٽي،
ڏيون پٽڪي پيچ اولا
ڏيڪ اسان ڏا دادو ضلعا

ڪوپي ڪونڊر ڪوڙي والي
جرڪن جيوين چاندي طلا
ڏيڪ اسان ڏا دادو ضلعا

بولا خان تي شاهه اويسي،
سنڌو ڪاچي، ڪوهه ڪڙولا
ڏيڪ اسان ڏا دادو ضلعا

جنهن دا نانءَ نشانبر نلا
ڏيڪ اسان ڏا دادو ضلعا

*

مددي ڪتاب

تحفة الڪرام ..... ميرعلي شير قانع ٹٹوي
تذڪره مقالات الشعراء ..... ميرعلي شير قانع ٹٹوي
تاريخ باب الاسلام سنڌ ..... ڊاڪٽر حبيب الله صديقي پاڻائي
الرحيم "مشاهير سنڌ" نمبر ..... مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي
سنڌ جي ليکڪن جي ڊائريڪٽري ..... ڊاڪٽر غلام علي الانا
سگهڙن جي ڊائريڪٽري ..... عبدالله ورياهه
سنڌي غزل جي اوسر (پاڳو 1، 2) ..... ايار قادري
تذڪره مشاهير سنڌ (جلد 1، 2، 3) ..... مولانا دين محمد وفائي
سنڌي سينگار شاعري ..... ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
سنڌ سجاڻ سگهڙ ڊائريڪٽري ..... آغا نور محمد پٹاڻ
اُهي ڏينهن اُهي شينهن (پاڳو ٻيو) ..... پير علي محمد راشدي
سنڌ جا سورما ..... جي. ايم. سيد
وياسي وينجهار ..... غلام محمد گرامي
ماروجي مليرجا ..... خادم حسين چانڊيو
سهماهي "مهراڻ" ..... سوانح نمبر
سهماهي "مهراڻ" ..... شاعر نمبر
سيتا جا سدا بهار ماڻهو ..... بلوچ صحبت علي
ڏاها ڏات ڏٽي ..... بشير سيتائي
يادِ رفتگان ..... مخدوم طالب المولىٰ
جوگيٽرا جهان ۾ ..... محمد امين مگسي
جنب گذاريم جن سين ..... جي. ايم. سيد
جهڙا گل گلاب جا (حصو پهريون) ..... غلام رباني آگرو
گهڙيون گهاريم جن سين ..... ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
اسان جا اديب اسان جا شاعر ..... غلام رسول ميمڻ
سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ..... عبدالجبار جوٹيجو
سنڌ جي اقتصادي تاريخ ..... ڊاڪٽر ايس. بي. چهلاڻي
سنڌي ٻولي جي تاريخ ..... پيرومل مهرچند آڏواڻي
قديم سنڌ ..... پيرومل مهرچند آڏواڻي
جنت السنڌ ..... مولائي شيدائي
آفتاب ادب ..... حڪيم فتح محمد سيوهاڻي
آئينه قديم سنڌ ..... شمس الدين قريشي
جوتون جواهرن جون ..... ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
منصور کهاڻي نمبر ..... محمد دائود بلوچ


34. سنڌي رسالن جي تاريخ ..... الهر ڪيوپٽ
35. ادبي سوغات ..... محمد رمضان ثاقب منگي
36. گل نوبهار ..... جمع خان غريب
37. لبِ تاريخ سنڌ ..... خداداد خان
38. سنڌ جي فتح (پاڳو 1,2) ..... وليم نيپئير
39. تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور (جلد 1,2) ..... غلام رسول مهر
40. هوڏوٽي هوڏينهن ..... پير حسام الدين راشدي
41. ماڪ ڦڙا ..... غالب پبليڪيشن
42. وڻ وڻ ٽاري ..... علي انور جوڪيو
43. جديد شعراء سنڌي ..... مسرور ڪيفي
44. سنڌ جي ادبي تاريخ ..... محمد صديق ميمڻ
45. جاگرافي تعلقو دادو ..... حافظ محمد احسن چنڙ
46. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو ..... ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيؒ
47. سنڌ جي هندن جي تاريخ (جلد 1,2) ..... پيرومل مهرچند آڏواڻي
48. پاتريا پات (حصو پهريون) ..... عبدالغني انصاري
49. سنڌ جا جهونا شهر ..... عبدالرحمان علي محمد سومرو
50. تاريخ تمدن سنڌ ..... رحيمداد خان مولائي شيدائي
51. قديم سنڌ ان جا مشهور شهر ۽ ماڻهو ..... مرزا قليچ بيگ
52. تاريخ تذڪره بزرگان سنڌ ..... مخدوم شفيع محمد
53. سنڌ جا اسلامي درسگاهه ..... ڊاڪٽر جمن ناڻپر
54. قنبر ـ شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾) ..... دين محمد ڪلهوڙو
55. ڪير ٿر جو سفر (پاڳو پهريون) ..... بدر ابڙو
56. منچر گورڪ گاج دنيا ..... بدر ابڙو
57. انسانيت جو خدمتگار (الحاج امير بخش خان جوڻيجو) ..... پاويل جوڻيجو/نجم جوڻيجو
58. ماڻهو مٽياادار ..... زوار نقوي/دين محمد ڪلهوڙو
59. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جا مختلف جلد ..... ڊاڪٽر فهميده حسين
60. جيون سفر سڪ جو (يادگيريون) ..... الهر ڪيو ڳورڙ
61. مهراڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص نمبر ..... دين محمد ڪلهوڙو
62. سهماهي "مهراڻ" جا مختلف پرچا .....
63. ماهوار "نئين زندگي" جا مختلف پرچا .....
64. "اديب سنڌ" لاڙڪاڻي جا مختلف پرچا .....
65. "الرحيم حيدرآباد" جا مختلف پرچا .....
66. ماهنامه "طالب المولي سيتا" جا مختلف پرچا .....
67. روزاڻه "الوحيد" جا مختلف پرچا ۽ ايڊيشن .....
68. روزاڻه "نواءِ سنڌ" جا مختلف پرچا ۽ ايڊيشن .....
69. روزاڻه "مهراڻ" جا مختلف پرچا ۽ ايڊيشن .....

7. روزانہ "عبرت" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "آفتاب" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "ڪاوش" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "جاڳو" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "عوامي آواز" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "هلال پاڪستان" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "سنڌ" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "شام" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "خادم وطن" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
7. روزانہ "بختور" جا مختلف پرچا ۽ ايڈيشن .....
8. روزانہ "الڪ" جا مختلف ايڈيشن .....
8. هفتيوار "اظهار" دادو جا مختلف پرچا .....
8. هفتيوار "دادو گزيٽ" جا مختلف پرچا .....
8. هفتيوار "محافظ سنڌ" دادو جا مختلف پرچا .....
8. هفتيوار "آواز سنڌ" دادو جا مختلف پرچا .....
8. هفتيوار "روشن طب" دادو جا مختلف پرچا .....
8. هفتيوار "قلندر" دادو جا مختلف پرچا .....
8. هفتيوار "شهباز" دادو جا مختلف پرچا .....
8. مختلف ادارن جي سربراهن کان ورتل تفصيل .....
8. نيم سرڪاري خانگي ادارن ۽ تنظيمن جا ورتل تفصيل .....
9. ذاتي ملاقاتون ۽ انٽرويوز مان ورتل تفصيل .....
9. بزرگن جي پوئنڀرن کان ورتل تعارف ۽ تفصيل .....
9. پنهنجي همعصرن، علمي ۽ ادبي دوستن سان ڪيل ڪچهرين ۽ رس رهاٽين .....
9. پنهنجي ياداشتن جي آڌار تي آندل تفصيل .....
9. مختلف ڳوٺن، وستين ۽ واهڻن جا ذاتي مشاهدا ۽ اتان جي بزرگن کان ورتل تاريخي تفصيل .....
9. همعصرن، دوستن ۽ بزرگن جا خط ٿوٿو ۽ تحريرون .....

96. Role of Sindh in creation of Pakistan by Muhammed Ali Shaikh
97. Biographical Encyclopadia of Pakistan, by Balkh Sher Mazari.
98. Sindh Gazetteer ..... H.T Sorley
99. Gazetteer of the Province of Sindh E.H. Aitken
100. Gazetteer of the Province of Sindh Larkana District..... J.W. Smyth
101. Sindh Under the Mughuls M. Saleem Akhtar
102. Sindh Revisied ..... Richard F.Burton
103. Sindh A General Introduction H.T. Lambrick
104. Persian Poets of Sindh, Dr. H.I. Sadarangani
105. Lake Manchhar....Taj Muhammad Sehrai

❋

محقق جي سچاڻپ



تحقيق جو ڪم ڪڏهن بہ حرف آخر نہ هوندو آهي. هن موضوع تي ڪيڏو بہ جامع نموني سان ڪم ڪيو وڃي، تہ بہ اُهو ڪٽان نہ ڪٽان اٽپورو ۽ ڪُٽل نظر ايندو. تنهنڪري محمد عرس "اظهر" سولنگيءَ جي هن تحقيق کي بہ انهيءَ تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي.

تاريخ يا تذڪري لاءِ مواد گڏ ڪرڻ جا عام طور تي بہ وسيلا ڪتب آندا ويندا آهن: (1) مادي وسيلا، جن ۾ تاريخي آثار ۽ نوادرات وغيره شامل آهن ۽ (2) غير مادي وسيلا، جن ۾ تاريخي ڪتاب، تذڪرا ۽ مقامي ماڻهن کان ورتل روايتون ۽ حال احوال شامل هوندا آهن.

مٿين بنهي وسيلن مان "اظهر" سولنگيءَ استفادو ڪيو آهي. سندس تحقيق جو انداز ۽ اسلوب پنهنجو آهي. هن جو دادو ضلعي تي وڏو احسان آهي. هن مختصر عرصي ۾ دادو ضلعي جي علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي تذڪري سميت ضلعي جي جاگرافي ۽ ثقافتي طرح بهتر ڄاڻ فراهم ڪرڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي آهي. هن صاحب جنهن دلجمعي ۽ تندهيءَ سان هيڏو وڏو آٿ ڪاڻيو ڪم ڪري ڏيکاريو آهي، اها وڏي ڳالهہ آهي. سندس ڪم کي نہ ساراهڻ وڏي بددياني ليکبي، ڇو تہ هن جيڪو بہ ڪم ڪيو آهي، ان جو محور سندس پنهنجي ضلعي سان عشق آهي.

دين محمد ڪلهوڙو

سيڪريٽري

قنبر ـ شهدادڪوٽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.